# ابن حيات پنهور

## زندگي، جدوجهد ۽ لکڻيون



سهيڙيندڙ

**لطيف اياز پنهور**

نئون نياپو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.



# ابن حيات پنهور

## زندگي، جدوجهد ۽ لکڻيون

سهيڙيندڙ: لطيف اياز پنهور

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ابن حيات پنهور

## زندگي، جدوجهد ۽ لکڻيون

سهيڙيندڙ: لطيف اياز پنهور
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2016
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

اسان جي زماني جي سورمي:

**مائي جندو جي نان ۽!**

موکِي چوکي نہ ٿيئي، اصل اُوچي ذات،
ڏيئي وَڙِيون وھ وات، موکي متارا ماريا!

۽

**پنهنجي پيارين ڌيئرن وينگس حيات، وينس حيات، ونادنس حيات،**
**۽ تمام پياري پٽ ولهار حيات (عرف اونُو)**
**ڏانهن**

# سنڌاءُ


- **پبلشر جو نوٽ: سنڌي انعام / 9**
- **مهاڳ: ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو/ 11**
- **سهيڙيندڙ جو نوٽ: لطيف اياز پنهور/ 15**

1. تصويرون / 43
2. اڳياڙي/ 53
3. ٽي ابتدائي شعر/ 55
4. تقرير: ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي پهرين ورسي/ 66
5. اشاعتي خط: هيمون 1968ع/ 72
6. خط: ع.ق شيخ/ 81
7. رومانوي خط/ 85
8. قربان هزارين:/ 90
9. خط: رسول بخش پليجو/ 93
10. خط: علامہ آءِ آءِ قاضي تي وفات تي/ 97
11. خبرنامو: شمشير الحيدري/ 104
12. صدارتي تقرير: ادب ۽ ان جو ڪارج/ 107
13. تبصراتي خط: نصرالله مگسي/ 113
14. سنڌي ادن ۽ اسان جا اديب/ 115
15. چٺي: مولوي محمد ابراهيم ٺٽي واري جي/ 137
16. چٺي: ٺٽي جي مولوي محمد ابراهيم ڏانهن/ 137
17. خط: ماستر مير حسن / 137
18. آجياڻو: سندري ۽ اُتم چنداڻي جي مان ۾/ 142
19. نياز همايوني، برقي ۾ عورت ۽ هڪ بار / 145
20. صدارتي تقرير: يوسف حسن ناصر / 148
21. سنڌي ادبي بورڊ پاران مڙهيل بندش جو جواب / 151
22. خط: نورالدين سرڪي / 154
23. صدارتي تقرير: روح رهاڻ ۽ سجاڳي / 158
24. سمپوزيم: قوم ۽ زبان / 164
25. خط: تنوير عباسي / 171

26.خط: محمد عثمان ڏيپلائي / 172ج
27.خط: پير حسام الدين راشديءَ ڏانهن / 172
28.خط: شيخ علي محمد ڏانهن / 174
29.سنڌ متحده محاذ واري دور ۾ ڪيل گذارشون / 177
30.خط: قاضي فيض محمد ڏانهن / 181
31.خط: غلام محمد گراميءَ ڏانهن / 184
32.خط: احسان بدوي / 186
33.خط: جيوت چاولا / 187
34.آخري خط: محمد ابراهيم جويو ڏانهن / 188
35.اشاعتي خط: ايءَ نہ مارن ريت / 190
36.فرقي پرستي ۽ اديب / 193
37.شخصي حڪومت ڇا آهي؟ / 199
38.پينر آئون پلياس! / 214
39.خط: عبدالله / 218
40.هاري تحريڪ: هڪ جائزو / 220
41.خط: شمشير الحيدري / 224
42.ڪوهستان جا مسئلا/ 225
43.سنڌي علائقو ۽ ريلوي ڊپارٽمنٽ/ 231
44.سنڌ جو بدنام گوبلز: پير علي محمد راشدي/ 245
45.محترم پٽو ۽ سندس مستقبل/ 259
46.اياز بابت/ 267
47.خط: رشيد ڀٽي/ 271
48.سيان جو سوال؟/ 274
49.احسان زنده آهي/ 279
50.توکي ساري ساھ/ 285
51.مهاڳ: ون يونٽ ۽ سنڌ متحده محاذ/ 292
52.مهاڳ: انڊا اونڊا ويج/ 294
53.مهاڳ: قومي گيت/ 297
54.مهاڳ: سوري جنين سيج/ 299
55.مهاڳ: آمريڪي شاعر ڊان ويسٽ / 302
56.مهاڳ: اکڙيون اڃاريون/ 304
57.ادارتي نوٽ: سچ جو سڏ/ 307

58.ادارتي نوٽ: سچ ڊائجسٽ/ 309
59.ادارتي نوٽ: ساٿيهه نمبر 5/ 312
60.ادارتي نوٽ: هيمون/ 313
61.ڪتاب تي تبصرو: جنب گذاريم جن سين/ 315
62.ڪتاب تي تبصرو: رهاڻ/ 317
63.ڪتاب تي تبصرو: ڪشمير جو مسئلو/ 320
64.ڪتاب تي تبصرو: پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي/ 322
65.ڪتاب تي تبصرو: اهي ڏينهن اهي شينهن/ 326
66.ڪتاب تي تبصرو: اسان جو قليچ/ 343
67.ڪتاب تي تبصرو: سائو پن ڪارو پن/ 351
68.ڪتاب تي تبصرو: لوڪ ڪهاڻيون (جلد ستون) / 355
69.ڪتاب تي تبصرو: لوڪ گيت (حصو پهريون) / 359
70.ڪتاب تي تنصرو: تاريخ سنڌ: ڪلهوڙا دور/ 361
71.تاريخ ڪلهوڙا مان ٽڪرو / 346

## 72.ڪتاب:/369
قوم ۽ قوميت
اسٽالن

## 73.ڪتاب: / 427
خاموش ڇو آن!؟
(شاعري)

سِنڌُ، روڪيندا ڇا زر جا غلام، محتسب، منهنجي پگهر مان پيدا، ساڳيا اهي،
امداد آمريڪا، نوجوان، نوجوان!، ماٺ ۾ مرد نہ مرٽو آ، اڄ اگر نامهربان،
اَللہَ جو آ ايءُ محيط، قهر جا ڪيڏا ڪانَ تا ڪڙڪن، مون تولئہ پورهيت ڇانہ ڏنو
جاچي ڏٺيسين چال و چلن، دنيا جا هٿا جيڪي صنم، سر ڏيئي سوپون ڪَٽڻ وارا، اياز ڏانهن،
سِنڌُ جي ڪويءُ ڏانهن، هن جي وساريو تون نہ وسار، آوازُ سِنڌُ،
اڃا ڪجهہ رات باقي آ، ڪنٽرول جي ياد، زلزلا ايندا زمين ڪي، ون يونٽ،
يونٽ نظام، غزل، عورت، گيت، توڙ ڪيئي دام دلبر، آءُ پرين پيارا، جيئڻ بٽيو آ جاڙ
سِنڌُڙيءَ جي هيءُ ڌرتي ساري، توريءَ دل جا درد، اسان جي آزادي، آزادي،
توہِ آهي آس وطن جي، سُک تي نہ شل سُمهين، سِنڌُ جاڳي اُٿي، سِنڌُ جاڳي اُٿي،
خاموش ڇو آن؟، اڳتي وڌ يا رستو ڏي، لِکندس، وقت پُڪاري پيو، هتي رهيا آهن،
آڱر نہ کڻ،

## 74.ڪتاب: 507

### پيئي جڻ پروڙ

(ڪهاڻيون، افسانا، فنٽسي، خاڪا ۽ تاثر)

پيئي جن پرُوڙ لُومڙ، آئون ڪانه ٿي رُئان، واهه وڏيرا!، وڏيري گهر، زن طلاق، رئيس سان رهاڻ، اوڏڻ، خصي، شاعر جي پرک، پراسرار وڻ، محاذ تان، لُڙڪ ۽ مُرڪ، هڪ تاثر، شفق جي لالاڻ ويجهي آهي، دوست، سرمد، سرمائيداراڻي سياست، ماءُ، ڪبير، لبيڪ، هوشو سرويچ، لبيڪ، گُل، ڪاهوءَ جو دڙو مولانا، مولوي ذهنيت، انسان،

## 75.ڪتاب:589

### اچا آڳاهوڻ

(اڻپورو ناول)

## 76.ڪتاب: 603

### ڪروڙ پتي

(عالمي ادب مان چونڊ ڪهاڻيون)

ڪجهه پنهنجي قلم مان، ڪروڙپتي، پيءُ، چاچو پويون ڏينهن

## 77.ڪتاب: 649

### چاردانگ

(ناول) خواجه احمد عباس

## 78.ڪتاب: 701

### هيڊروجن بم ڪانپوءِ

(ناٽڪ) ڪرشن چندر

## 79.ڪتاب: 731

### ٻارڻ لاءِ

(درسي سبق، مثالي شخصيتون، ننڍڙا ناٽڪ)

شخصيتون: جارج برنادشا، ابن خلدون،

ڪهاڻيون: داڻو پٽر، الحمراءَ جو خزانو سونهري دريا جو راجا،

درسي سبق: مزدور ۽ سيٺ، روس جا هاري، ڏکڻ، ڏنار هاري،

نوجوان هاري، جاڳڻ،

ننڍڙو درسي ناٽڪ: استاد

۽ ابن حيات پنهور جو سدررو پٽ لطيف اياز پنهور پنهنجي ابي جا ڪاغذ پٽ سنيالي سنيالي جڏهن هاڻ ٿڪجڻ وارو ٿي هئو جو نئون نياپو ڀٽڪندو ڀٽڪندو سندس چائنٽ تي پير ڏريو...

۽ ايئن هي وساريل گيتن جهڙو داستان هڪ وار وري پنهنجي اوج ڏانهن موٽي آيو...

اهو زمانو جڏهن ماڻهو سنڌ جي نانءَ تي مري وڃڻ کي پنهنجو ڀاڳ ڀانئن... سنڌ لاءِ اٿي کڙا ٿين ته پوءِ ڪين ويهارڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ئي نه رهي...

ون يونٽ جو ڳورو ڳٽ سنڌ جي ان سچار قربدار ۽ لاجواب ٿهيءَ ڪک پن ڪري ڏيڪاريو جيڪو به انهن چاهيو ڪري ڇڏيو...

ابن حيات پنهور جي بک هڙتال جنهن سندس نوڪري ئي کسرائي ۽ ٻار ٻچا ٻوهي ۾ وجهرايا پر پوءِ به هن سچار ڪنڌ اوچو ڪيو ته ان کي جهڪڻ نه ڏنو...

۽ اهي ناٽڪي اتڪلباز جن جا ٻچا ويالت پڙهيا ۽ نت نانگرن ۾ پليا ۽ اڄ اهي استاد، عظيم ڏاها ۽ اڪابر ليکجن ٿا پر هاڻي اهي ڏينهن کٿو پري ناهن رهيا جڏهن پردا چڪي سرڪايا ويندا ۽ لطيف چواڻي: *اڇي پڳ مَ ريس، اندر متروئي اگريون*

اڃا ڪارا پڏرا ٿي پوندا ۽ حساب ڪتاب جو زمانو سوا نيزي تي اچي ويندو... اڄ ان جي شروعات به ته ٿي چڪي آهي... هڪ نوڳي روڳي پيءُ پنهنجي مويي پاڻ جهڙي ترڪتال پٽ کي تخت تان لاهي پنهنجي قيام اجري ڪرڻ جا جتن ڪرڻ ۾ لڳي ويو آهي پر ڪير ڪيس ٻڌائي ته، ڏوهيءَ کي فيصلا ڪرڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟

فيصلا ته وقت ڪندو ۽ فيصلن جو وقت به اچي سهڙيو آهي.

۽ هي ڪتاب "ابن حيات پنهور: زندگي، جدوجهد ۽ لکڻيون" پنهنجي زماني جو ڪيس آهي جنهن جي هاڻي ٻڌڻي ٿيڻي آهي اوهان جي ۽ اسان جي گڏيل سڀا ۾...

هي لکڻيون ۽ ڪتاب جن کي وڏن آڙيڪاپ پبلشرن رڳو ان ڪارڻ پڌرو نه پئي ڪيو جو هي سندن اوگهڙ جو اولڙو هئو...

۽ ڪيرا پوءِ پل اهو منهن ڪاروئي ڇو نه هجي، پر پنهنجي اوگهڙ ڪيئن قبوليندو...

نئون نياپو هڪ آدرشي انسان جي اڻمٽيئن لکڻين کي سهيڙي ڏيڻ تي لطيف اياز پنهور جو ٿورائتو رهندو...

۽ اوهان مان آس اها ئي رکندو جا ازلئون نئون نياپو رکندو ئي آيو آهي ته متان ڪا ست، زير يا زبر يا ڪو پيش اوهان جي ستل شينهن جهڙي ڏاهپ کي ڇهڪ ڏئي جاڳائي وجهي ۽ سنڌ سنوارڻ واري ڪارج ۾ ڪا اڳيرائي ٿي پوي...

اهائي نئون نياپو جي گهر آهي ۽ ان سان ئي اسان جي سڦلتا واڳيل آهي.

جيئي سنڌ

اوهان جو

**سنڌي انعام**

# مهاڳ

**هڪ** پراڻي يوناني فلاسفر جو چوڻ آهي تہ ’ڪوبہ ماڻهو ساڳئي دريا مان ٻہ دفعا وهنجي نٿو سگهي.‘ ايئن زندگي بہ وهندڙ دريا وانگر روان دوان ۽ هر پل تبديل ٿيندڙ آهي. هڪڙو پل ٻئي پل سان جُڙيل بہ آهي تہ جدا بہ آهي. فطرت جو عام اصول آهي _ ۽ لوڪ چوڻيون آهن تہ وقت هڪ هنڌ نہ بيهندو!

منهنجي شعوري زندگيءَ جي اڏاوت ۾ منهنجي ماءُ پيءُ ۽ استادن کانسواءِ سنڌ سان عشق ڪندڙ عالمن، اديبن ۽ سائين جي. ايم. سيد جهڙن عظيم مفڪرن جي فڪر جو وڏو هٿ آهي. جن جي ڏنل شعوري سوجهري سان زندگيءَ جون گهڙيون گهاريونسين. گوڏا ڀڃي علم ۽ شعور جون سُرڪيون پيتيونسين يا ڪتابن ۾ بند عالمن ۽ ڏاهن سان اکرن جي ميدانن ۾ روح رچنديون ڪيونسين.

اج جڏهن پوئتي مُڙي نهاريان ٿو ۽ گذريل زندگيءَ جي جوڙ ڪٽ ڪيان ٿو تہ مون کي سِنڌ جو نالو وٺندڙ لکين نہ بہ تہ هزارين مليا هوندا. سِنڌ سان لڳاءَ رکندڙ ۽ جدوجهد ڪندڙ برابر سوين هئا پر مون کي زندگيءَ جي صحرا نوردگيءَ ۾ سِنڌ سان عشق ڪندڙ رڳو ٻہ ٽي ماڻهو مليا جن مان هڪ سِنڌ جي عاشق ۽ صادق جو نالو سائين ابن حيات پنهور آهي.

ايوب جو ڪهري زمانو _ ون يونٽ جا ڪوٽ ۽ ڪَڙول _ حڪمرانن جا حڪمناما تہ: ’خبردار سِنڌ جو نالو ڪير نہ وٺي!‘ ان وقت سِنڌي لکڻ، ڳالهائڻ بہ عام ماڻهوءَ کي ڏکيو لڳندو هو. لکپڙهہ لاءِ موڪليل مواد جيڪڏهن ڪنهن ائڊريس ۾ ”سِنڌ“ لفظ لکيو تہ اهو لفافو يا تہ منزل تي نہ پهچندو هو يا جي پوسٽ وارن پهچايو تہ وڏو ڏنڊ وصول ڪندا هئا _ پوءِ پيل تہ ان تي مناسب ٽڪليون چو نہ لڳل هجن. سِنڌ جي نالي وٺڻ، ان لاءِ سياست ڪرڻ تي سخت بندش هئي ۽ بغاوت جي ذمري ۾ ٿي آئي.

سِنڌي اديبن ۽ دانشورن ان جو توڙ هيءُ هٿ ڪيو تہ "جشن لطيف" جي نالي ۾ ميڙ ڪوٺائي، ان ۾ لطيف جي وطن ۽ سِنڌ دوستيءَ جي معنائن ۽ مفهومن سان لطيف جي فڪر کي پيش ڪيو وڃي. پر هن جسماني ريت ڏٻري پر روحاني طور انتهائي قدآور ۽ مضبوط سائين ابن حيات پنهور اسٽيبلشمنٽ جي هر رڪاوٽ ۽ بندش کي مڃڻ کان انڪار ڪيو.

سائين ابن حيات پنهور پيشي جي لحاظ کان پرائمري استاد هو. ننڍڙا ٻار _ گهر جو سڄو دارومدار انهيءَ مختصر پگهار تي هو پر منهنجي زندگيءَ جون جيڪي گهڙيون سائين ابن حيات پنهور سان گذريون، مون کين سِنڌ عشق ۾ رچيلُ ڏٺو. هن جو قلم بہ باغي هو تہ هن جو روح بہ باغي هو _ هن جي زبان بہ باغي هئي تہ هن جو ذهن بہ باغي هو. هن سماج جي ناانصافين خلاف ۽ سِنڌ امڙ جي غلاميءَ خلاف هر جاءِ تي حق جو آواز بلند رکيو. جيڪڏهن ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهو ڪو لفظ وطن خلاف ڳالهايو تي تہ هن ان جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ تي ڪئي پوءِ ڪير بہ هجي پر هو ساڻس ملاڪڙي جي ميدان ۾ سَندرو ٻڌي لهي پوندو هو:

'اڙي فلاڻا جهل وات کي _ تون تو ڏرتي ماءُ جي خلاف ڳالهائين يا سِنڌين خلاف ڳالهائين!'

اهڙي ئي هڪ واقعي جو آئون اکين ڏٺو شاهد آهيان جڏهن سِنڌ سان عشق جي سرمستيءَ ۾ سائين ابن حيات پنهور رسول بخش پليجي صاحب سان وڙهي پيو.

سردار پرنٽنگ پريس اڳيان ڪرسين تي ويٺا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ ايوب خان جي خلاف سڄي ملڪ ۾ تحرڪ هو. سائين جي. ايم. سيد جي سِنڌ متحده محاذ ۾ سائين ابن حيات پنهور ون يونٽ خلاف اڳين صفن ۾ ڪم ڪري رهيو هو. سائين جي. ايم. سيد سائين ابن حيات پنهور جي سِنڌ سان عشق کان بخوبي آگاهہ هو ان ڪيس محاذ جو سيڪريٽري بڻايو. ايوب جا آخري ڏينهن هئا ۽ ايئن پئي سمجهہ ۾ آيو تہ ايوب سان گڏ ون يونٽ جو بہ خاتمو ايندو ڇاڪاڻ تہ پنجابي اسٽيبلشمنٽ ايوب خان جي معرفت ون يونٽ کي اسلام ۽ پاڪستان جي وجود لاءِ لازمي هئڻ جو پرپور ڏيک ڏيئي رهي هئي. ان وقت اهو سوال گردش ڪرڻ لڳو تہ

ڪراچي جيڪا مرڪز کي سِنڌ جي ٽين نمبر غدار پير الاهي بخش پليٽ ۾ رکي ڏني هئي، ان جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ ان وقت عام راءِ هيءَ هئي تہ ڪراچي سِنڌ جو اڻٽ انگ آهي. ان کي لياقت عليءَ جي حڪومت زوري ڪَسيو آهي. ان ڪري ان کي واپس سِنڌ سان ڳنڍيو وڃي.

آئون ۽ سائين ابن حيات پنهور سردار پرنٽنگ پريس جي آفيس اڳيان ويٺا هئاسين. ڪراچيءَ جي موضوع تي ڳالھ ٻولھ پئي هلي. پليجي صاحب جو چوڻ هو تہ 'ڪراچيءَ کي مهاجر ڪاٽي ويا آهن. ان کي واپس پاڻ سان ڳنڍڻ ايئن آهي جيئن ٻڪريءَ کي چٺجي تہ تنهنجو ڇيلو بگهڙ ڪاٽي ويو آهي انهيءَ ڪري ان سان ملڻ جي لاءِ توکي بہ بگهڙ جي پيٽ ۾ وڃڻو پوندو.' چي: 'ڪراچي ڪِني آڱر آهي اها وڍي ڇڏي آهي.' ان ڏينهن مون سائين ابن حيات پنهور جي سِنڌ سان عشق جو لقا ڏٺو چيائين:

"پليجا (صاحب). سنڌ منهنجي امڙ آهي۔ اڙي تون ٿو ان جي ڳچي وڍڻ جو حڪم جاري ڪرين " هيءَ سرد ۽ گرم بحث ڏگهي دير تائين هليو. پليجي صاحب پنهنجي راءِ تي اَڙيلُ هو ۽ سائين ابن حيات پنهور پنهنجي وطن سان عشق تي!

اڃا پيئي جيئين، سڄڻ ساريو ڇو نہ مرين،
وٺيوُن وه گاڏڙيون، ڇرري ڇو نہ پيئين،
لڳئي ڪونہ هيئين، ڪو ڳڻ ٻاروچن جو.

جيسين سِنڌ غلاميءَ جي زنجيرن مان آجي نٿي ٿيئي تيسين سِنڌ سان عشق جي ڪابہ ٻُجاٽي ناهي!

عدد ناھ عشق، پڄاٽي پاڻ لهي.

سائين ابن حيات جو دين ڌرم اول ۽ آخر سِنڌ وطن سان محبت هئي. ان جو اهو لقاء مون کي ان وقت ڏسڻ ۾ آيو جڏهن پليجي صاحب ون يونٽ ٽُٽڻ جي حالت ۾ ڪراچيءَ کي واپس ڳنڍڻ جي سخت مخالفت ڪئي. سائين ابن حيات پنهور پليجي صاحب کي ڪراچيءَ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي ۽ معاشي حيثيت جي بنيادن تي شاندار دليل ڏيئي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪراچي ڪانءِ سواءِ سِنڌ اڌوري اڌوري ئي نہ بلڪ مڪمل طرح سان پڙيانگ آهي..

اها خبر جڏهن سائين جي ايم سيد کي پهتي تہ سائين وڏي (جي ايم سيد) سائين ابن حيات پنهور جي شاندار ۽ جاندار دليلن کان ڏاڍو خوش ٿي کين فرمايو تہ فوري طور تي اهڙو پمفليٽ، ’ڪراچي سنڌ جي دل آهي‘، بابت لکجي. سائين ابن حيات اها پمفليٽ لکيو. سائين جي ايم سيد فوري طور تي اهو پمفليٽ سڄي سنڌ ۾ ورهايو. اڄ بہ اهو پمفليٽ سائين جي ايم سيد جي لئبريري کان سواءِ سنڌ جي پراڻين لئبريرين ۾ موجود هوندو۔ ٿي سگهي ٿو تہ زماني جي ستم ظريفين ۽ ناانصافين جي لڳندڙ لُڪن ۽ جهولن کان اهو پمفليٽ سندن خاندان وٽ ئي بچو هجي.

اڄ ان جي ضرورت آهي تہ ان پمفليٽ کي ڳولي هٿ ڪري وري ڇپائجي ڇاڪاڻ تہ وري نئين سر مفاد پرست ڌيل آواز ۾ سرٻاهتون پيا ڪن تہ ڪراچيءَ مان هٿ ڪڍو! اسان سنڌ جا ڪروڙها ماڻهو سمجهون ٿا تہ ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ دل کان سواءِ جسم اڻاسو آهي.

پليجي صاحب طرفان جوڙيل ”ڪلچرل اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن“ جي چيئرمين مسعود نوراني شاگردن هٿان انجنيئرنگ ڪاليج، ايل ايم سي ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان علحيده ڪرڻ واري تحريڪ ان ڪري پنهنجي موت مري ويئي جو جذباتي نوجوان زبان کان وڏي وڃي هٿن جي ڪاروائيءَ کي پهتا.

جيتوڻيڪ پليجي صاحب وارو نقطہ نظر عوامي حمايت حاصل ڪري نہ سگهيو پر پوءِ بہ هن ان بابت ڪيترائي ليک لِکيا ۽ اهي اڄ بہ سندس ڪتابن ۾ محفوظ آهن.

ستونِ دار پہ رکھتے چلو، سروں کے چراغ
جہاں تلک ظلم کی یہ سیاہ رات چلے!

## ڪامريڊ حسين بخش ٿيبو

# سهيڙيندڙ جو نوٽ

**اها** 13 جنوري 2003ع جي هڪ سَهه سرد صبح هئي. ڪامريڊ ڪجهه ڏينهن کان ڇاتيءَ جي تڪليف سان مهاڏو اٽڪايو بيٺو هو.

هڪ پيار پريو پورهيو يعني ڪامريڊ جي ناشتي ۽ دوا جي سار سنڀال روزاني جو معمول هو. امڙ جي وڇوڙي بعد، اها سموري سار سنڀار منهنجي ۽ سَنيءَ (ياٽج، صنوبر سيال) جي ٻلي هئي ـ ۽ هونئن به ايئن ئي گذريو هو جو اسان پيءُ پُٽ وچ ۾ رواجي رشتي بجاءِ آدرش ۽ پيار گاڏئين آسيس جو هڪ منفرد سبنڌ هو.

پنهنجي ان پرائمري اسڪول جي تعليم واري زماني ۾ جيتوڻيڪ سمجهه جي سطح اها ڪانه هئي ـ پر انقلاب اسان جو ڪو نهايت ويجهو عزيز ۽ مقدم ساٿي هو. جنهن جي اچڻ جي آس ۾ ڪامريڊ پنهنجي ۽ پنهنجي سموري خاندان جي زندگيءَ ۾ ايندڙ هر صليب کي ساءُ سان سينگاريو هو ـ ۽ گڏوگڏ ان محبوب پيءُ جون سارُون سدا ساهه سان رهنديون، جيڪو ڪاڏي مهل گوشت جي ٻوٽين کي آنگر جي هڪ آڻ لکي ڇُهاءَ سان، اولاد ڏانهن ٽيڙي ڇڏيندو هو.

ٽي وي چينل تان پارٽي پروڊيوسر گلزار شعر چئي رهيو آهي. گلزار ننڍي ڪنڌ ۾ آرٽ ۽ ان جي ترقي پسند پهلوءَ جو مهاديو آهي:

'روز نڪل جاتا هون
يار فراز سي ملني
دل کي آنکهون ڪِي ڪوئِي سرحد نهين هوتِي.
اور 'فيض' هي ڪه آنکون ۾ بسا بيٺا هي ـ
چُپڪي سي ديکهه ليتا هون مين لاهور ڪِي گليان
ڪوئِي سرحد نهين هوتِي ـ
سوچ ڪي سفر ڪِي.
هر روز نڪل جاتا هون مهدي حسن سي ملني.'

جهڙي طرح هڪ آدرشي فنڪار آڏو زميني سرحدون، ڪا وقعت نٿيون رکن، تيئن ورهاڱي وقت جتي مڪاني رجعت پرست ڌريون سرگرم رهيون، تتي عوام دوست ڌرين جا چند جهڙا ملوڪ ماڻهو به هئا، جن انساني زندگيءَ جي اعليٰ مقصد خاطر زميني سرحدن کي تِڇ سڄاتو هو.

هڪ مولانا، مٿي تي اَڇي چاريءَ واري ٽوپي، پلاسٽڪ جو پُراڻو ٿِيلهو هٿ ۾- جنهن ۾ ياد ٿو اچيم ته سندس ذاتي استعمال جون شيون جهڙوڪ: پائڻ جا ڪپڙا، چپل، ڪتاب ۽ دوائون- جن مٿان هڪ ميرڙو بوچڻ جيئن ڪپڙو رکيل هوندو هو. اج به تصور ڪندي، ائين جوائين اکين اڳيان ڦِريو وڃي. اڪثر مهيني ماه اسان جي گهر ايندو هو- جهڙو گهر ڀاتي ! اسان جي گهر ۾ سندس تعارف ”چاچا مولانا“ جي نالي سان هو.

بابا کٽ تي، ۽ ’چاچا مولانا‘ ڪُرسي بابا جي سيرانديءَ ڀَر ۾ ڪيو وينو هو: ’ڪامريڊ، گهٽو پنڌ- ۽ فاسفورس جو استعمال... بلڪل ڪامريڊ- اوليت ڏيهي پورهيت چيني انقلاب ‘ وغيره وغيره.

بابا: ’روسي انقلاب ڪَري ۽ ڪوٺي وچ ۾ هڪ واضع سَنڌو ڪڍيو چيني انقلاب جِي قومي ثقافتي ساهميءَ جي ٻنهي پلڙن ۾ نئون ۽ پراڻو وَڪَرُ گڏ رکيو آهي، ڪامريڊ!‘

اسان جي گهر جي واحد ڪمري ۾، اسان ٻارنهن ڀاتين سميت، دنيا جهان جي انقلابين مارڪس، اينگلس، مائو هوچي منهه، لينن، اسٽالن، هيمون ڪالاڻي، حيدربخش جتوئي، جي. ايم. سيد، نوجوان اشتراڪي ڪامريڊ لقمان لغاري، ۽ ڪي ٻيون فريم ٿيل تصويرون ڪمري جي چئني ڀتين تي ٽنگيل هونديون هيون.

گهر کان ٻاهر جي دنيا ٻنهي ٻي هئي. چوطرفان ٻوليءَ به ٻِي ڳَنين پوندي هئي، جيڪا اڙدو ته نه پر اڪثر ”رانگڙي“ ڪوٺبي هئي- اوپرا آواز ڪنن تي پوندي ڄڻ ڳِن ڳسا ڪري وجهندا هئا. ’اڙدوءَ جا سرجڻهار ابوالفضل ۽ فيضي، ٻئي سيوهڻ جاوا سِنڌي هئا، جن هيءَ ”ٻولي“ ٺاهي هئي‘. سِنڌ جي هڪ محقق، چپن تي جونءِ جهڙي مُرڪ آڻيندي، اثبات ۾ ڪنڌ لوڏيو. مون ڏٺو اها مرڪ ايتري ته خفيف ۽ پراسرار هئي جو مُرڪندي چپن تان ڇُونو به نه لَهي!

اياز جي انتقال بعد، "قليچ سنگت" پاران سندس جنم ڏينهن، سِنڌُ ايجوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد جي هوائن ۾ ملهائجي رهيو هو. مائيڪ تان اياز جي شعرن جا پڙلاءُ پئجي رهيا هئا:

هِن منهنجي رت جي ريلي ۾،
ڪي ڪول هُئا، سَنٿال هئا،
ڪي آريا هئا، اڻ آريا هئا،
جن روز پَلايا پالَ هُئا!

اسان جو معاملو ٺيءَ پيو. بنهه برعڪس. گهر کان ٻاهر هڪ بنهه مختلف دنيا پلئه پوندي هئي: سوڙهي، گهُٽيل پُوساٽيل، پاروٽي ورجاءُ پري جڏهن ته گهر مونڻ سان هڪ وسيع، تازي ۽ سدا ملوڪ دنيا هئي، جا اسان سامهون هئي. روءِ زمين جي مظلوم ماڻهن جي مسئلن بابت بحث مباحثا ۽ اسان بي سرو سامانين باوجود، پنهنجي ان دنيا جا بيتاج بادشاهه هئاسين. رڳ رڳ ۾ انقلابي اُٿلون ۽ هڪ حسين، انساني پورهئي ۽ پيار جي وقار سان سرشار ملوڪ دنيا هئي. جا اسانجين دلين ۽ دماغن ۾ ترتيب ماٽيندي هئي. ان ويساهه سان ته:

نيٺ ته ڍهندي، ڪيسين رهندي، دوکي جي ديوار،
سَهَندو ڪير ميار، اويار!

"بابا، چاچا 'مولانا' جو نالو ڇا آهي؟"

'چاچا مولانا' جي وڃڻ بعد اهو سوال، اڪثر اسان ٻارن ۾ اُپرندو هو. ۽ ان ڏينهن مون پنهنجي سيني ۽ کان نندي هجڻ جو فائدو وٺندي، پُڇڻ جي ڪوشش ڪئي پر جواب سدائين جيان ندارد ٿي رهيو هو:

"اِهو سيني مُلن جو آبو اٿئي، ابا!" ۽ بابا سدائين جيان پنهنجي مخصوص مُرڪ مُرڪندي، اصل جوابُ لَنوائي ويو هو.

گهڻو گهڻو پوءِ، جڏهن فيبروري 1986 ڌاري "چاچا مولانا" جو مرتيو ٿيو تڏهن وڃي ان راز تان پڙدو هٽيو هو. هُو اُتر پرديش کان آيل ڪامريڊ عزيزالسلام بخاري هو. مٿس گرفتاريءَ جا وارنٽ هئا. هُو سِنڌُ اندر فرضي نالن سان هارين ۾ ڪم ڪندو رهيو هو. اسان وٽ آخر تائين "مولانا" جي فرضي نالي سان سڃاپبو رهيو هو!

ڪامريڊ ۽ سندس نوجوان ساٿي محمد دائود بلوچ، محمد اشرف سيال، نثار حسيني، پٽر سنڌي، ڪڏهن ڪڏهن نورالدين سرڪي، محمد

ابراهيم جويو ۽ ڪي ٻيا جي مون پنهنجي سانباهي ڪين ڏٺا هئا، ڪچهريون ۽ بحث مباحثا جاري رهندا هئا.

حيدرآباد جي ڦُليلي ڪناري ميرن جو باغ- چوپاسان موتئي جي هُبڪار- شام جو رات جي ڪاراڻ لَٿي، اونده گاڏڙ روشنيءَ ۾ موتئي جي جهڳٽن ۽ ڦليليءَ جي پاٽين تان تِرِي ايندڙ هوا جا تازا جهُوٽا ۽ ٽانڊاڻن جي ٽمڪار- رستي ڪناري ڏيڏرن جي 'ٽان ٽان'، هَلندي اهو احساس ڏياريندي، تہ متان مٿن لت نہ اچي وڃي، بابا جي چيچ جهليو بابا ۽ اشرف (محمد اشرف سيال) جي وچ ۾ پسارِيندي، وَجهہ ملندي، ٽانڊاڻا ڪيسي ۾ پريندو هلندو هئس.

اڳتي هلي، ڪي نالا ائين ياد ٿي ويا جيئن ڪومن ڪي ڇُهندڙ گيت ياد رهجي وڃي: 'مارڪسزم'، 'لينن ازم'، 'مائو ازم'، 'اسٽالن ازم'، 'ڏيهي پورهيت'، 'پرڏيهي پورهيت' وغيره وغيره. جڏهن تہ آئون موتئي جي هُبڪارن ۾ مدهوش، ٽانڊاڻن جي ٽِمڪار جي پران نيري گهَري آسمان ۾ محو هوندو هئس جيڪو موتئي جي ٻارين پريان، ڪيلن جي گهاٽي باغ مٿان چانڊوڪيءَ جي هڪ آبشار جيان ٻاسبو هو.

ٻِگُوئِي ٽان پيرُ، جان سِين رَتو راس ٿئي!

ڪامريڊ جو ون يونٽ خلاف قومي تحريڪ ۾ ڪردار بنيادي طور طبقاتي جدوجهد آڌار هو. خود لطيف وٽ بہ قوميت جو تصور "مارُو" ۽ "ملير" جو آهي. ابتدائي اشتراڪي سماج ۽ ان جا محنت ڪش سندس سايان آهن- ۽ سندس انسپائريشن آهي: سِنڌُ ۾ پيري مريدي ۽ جاگيرداري نظام خلاف شاه عنايت شهيد جي تحريڪ "جو کيڙي سو کائي!" جنهن جي تاريخي پسمنظر ۾ طبقاتي نظام خلاف گوتم جي 'آريا ستيہ' (هاري حقدار) تحريڪ ملي ٿي.

انهيءَ تاريخي پسمنظر جي فڪري تسلسل جي مدنظر، ڪامريڊ جو ڪردار اوليتي بنيادن تي طبقاتي جدوجهد رهيو. هن ون يونٽ خلاف پنهنجي ٻولي، عوام ۽ ديس جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. ان تحرڪ جا محرڪ بنياد قومي طبقاتي جدوجهد ۾ هئا. صدين کان سِنڌي عوام ميري، پيري، مريدي ۽ جاگيرداريءَ جي دائمي چڪيءَ ۾ پيڙهبو اچي:

پُوربَ مارياسَ، ڪنهن دَرَ ڏيان دانهَڙِيا!

اهوئي اهو تاريخي پس منظر هو جنهن شاه عنايت کان ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ ڪامريڊ ابن حيات پنهور تائين، سِنڌُ ۾ عوام دشمن ميري،

پيري، مُريدي ۽ وڏيرا شاهيءَ جي وڪوڙ باوجود، قومي طبقاتي تحريڪ جا بنياد رکيا. انهيءَ تاريخي پس منظر کي، ڀٽائي پنهنجي لازوال فن ۽ فڪر آڏار سِنڌ جي ابتدائي اشتراڪي سماج جي فني، فڪري ۽ تحريڪي ماخذ طور سِنڌي ٻولي، تاريخ، ادب ۽ ثقافت کي ارپيو.

ٽين ڏينهن (ٽيجهي) تي، ڪامريڊ جي ياد ۾ ڪوٺايل ميڙاڪي جي ٻيءَ صف ۾ ڪجهه فاصلي تي ويٺل هڪ نهايت سباجهي اشتراڪي دوست مون ڏانهن هڪ چِٽ موڪلي ته،

*'هاڻي سانگ پوندو!'*

چيم، 'ٺيڪ، پر ڪن بنيادي سچاين سان گڏوگڏ' ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو هو. هر تقرير مان اهي ئي پڙلاءَ گُنين پوندا رهيا:

" آئون ڪيس 'يارُ محمد' ۽ هُو مون کي 'محمد ابراهيم' سڏيندو هو هُو عشق جو آواز هو سُرندي جي وِچينءَ تار هو. هُو هڪ سچو راسخ العقيده بالشويڪ هو هُو نِجو سون هو. منجهس ذري جي به ڦيٺ ڪانه هئي انهن خاصيتن وارا به چار ماڻهو ٻيا هجن ها ته اڄ سِنڌ جون حالتون مختلف هجن ها... هاڻ مٿس شاعري ڪري ٿي سگهجي... اسان نوڪريون ڏنيون، ٻچا ڏٺاسين پر ابن حيات اجتماعي مقصد آڏو ٻيو ڪجهه ڪين ڏٺو- وغيره وغيره جا آواز 'سِنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ' حيدرآباد تي، ان سُرمئي شام جي ڪاراڻ لَٿي، هوائن ۾ گهُلندي، پُرندا رهيا هئا.

*

پاڪستان ۾ ڪاٻي ڌر جي جدوجهد جو دائريڪار مضبوط ۽ وسيع ٿيندي ڏسي، ان ساري وڌندڙ تهذيبي ۽ انقلابي تحرڪ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش جو پُورائو بنگال کي ڌِڪي ڌارَ ڪري، قومي ۽ طبقاتي تحرڪ کي گهُٽتا ڏيئي ماري، ان جي لاش کي "وڏيرڪي قومپرست" ۽ بعد ۾ "نسلي سياست" جو چوغو پهرائڻ ذريعي ٿيو. قومي ۽ طبقاتي بنيادن تي قائم ٿيل ڪاٻي ڌر جي تحريڪ جي عوام ۾ اثر ۽ نفاذ کي ختم ڪري، ان جي مهار جاگيردار اشرافيا، فوج ۽ ان جي نوڪر شاهيءَ (اسٽيبلشمينٽ) جي هٿن ۾ سوگهي ڪري ڏني ويئي.

ان ۾ ڪا ٻيءَ راءِ ناهي ته، ڪاٻي ڌُر جي انهن ئي ڪارڪنن سِنڌ ۾ قومي جدوجهد کي تهذيبي سگهه ڏئي، ان جي قومي ۽ عوامي صورت تشڪيل ڏني؛ بعد ۾ رياست پاران ڪاٻي ڌر جي ان ڪردار کي تهس نهس ڪرڻ لاءِ، ان

کي ڦيرائي ”جاگيرداري سياست“ جي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڳر ڏانهن موڙايو ويو.

ذوالفقار علي ڀُٽي پاڪستان ۾ پنهنجي طبقي خلاف عوامي سياست جي تاريخ ته مرتب ڪئي- پر ٻئي طرف ڪانئس حقيقي نظرياتي تنظيم جا ليڪا ئي لهي ويا:

وڏيرن جو وريو وارو خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو!
وري مارُن مٿان مارو خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو!

ان دوران ڀُٽي صاحب جو ”اسلامي سوشلزم“ وارو خيال به (جيڪو درحقيقت جناح جو هو) نعري جي سطح کان مٿي چڙهِي نه سگهيو. سندس سحرناڪ طوفاني شخصيت آئي ۽ سڀ ٻُهاري(swipe) ويئي. نظريا ٻظريا سڀ ڏُوڙ ٿي ويا- صدين کان مردار جاگيرداريءَ جي اسير عوام کي ڪن پل لاءِ تازو ساه ته مليو پر تنظيم ۽ نظرئي بجاءِ بي مهار ڇڙواڳي ۽ اڏنگيون ڪاروائيون به انيڪ عطا ٿيون. ان عوامي وهڪري مان سگهارو ٿيڻ، ان کي حقيقي عوامي ڪارج ۾ آڻڻ بجاءِ، ڀُٽي جي ڪن رڳائن جي مدنظر سُڄاڻ ڏرين پاران پڻ يڪسر نظرانداز ۽ شديد تنقيد جو نشانو بنايو ويو- پر ڀُٽو ڦاهي بعد به جيئرو رهيو- ”عوام“ ڀُٽو چنڊ ۾ ڏٺو- جيڪا عوام پاران ڀُٽي ڏانهن هڪ آفاقي ۽ اجهل عوامي موٽ هئي!

سائين سراج الحق ميمڻ صاحب لکي ٿو ته، ”سِنڌي ماڻهو ٻه مُنهائين تلوار هٿ ۾ جهلي هئي: ڌرم ۽ سِنڌيت. ڀُٽي کي سِنڌوسيتاءَ جي ”منظم مذهبُ“ واري تهذيبي رڳاءَ جي تناظر ۾ ضرور ڏسڻ گهرجي- تڏهن ئي سندس اصل قد ڪاٺ جو تخمينو درست ريت ٿي سگهندو.

اينٽي ون يونٽ تحريڪ بعد ڪامريڊ پاران اُٿاريل ڏيهي ۽ پرڏيهي پورهيت (قومي طبقاتي جدوجهد) جو سوال، جيڪو سندس اشاعتي خط ۽ پمفليٽ ”ايءُ نه مارُن ريت“ ذريعي اُڀريو ان خط ۾ ڪردارن جي ڦير گهير بابت بقول محترم رسول بخش پليجي صاحب جي ته ’ڪامريڊ جي اها سامين جهڙي خصلت هئي، هُو پاڻ کي پاسيرو ٿي ڪم ڪندو هو هن علم ۽ عمل ۾ ڪا غير هم آهنگي قبول نه ڪئي. اشاعتي خط ۾ ڪامريڊ پاڻ کان قومي، ۽ ٻئي دوست کان طبقاتي موقف تي بحث آياريندي، طبقاتي جدوجهد جو پرچار ڪري ٿو. سِنڌُ جي قومي طبقاتي جدوجهد جي سوال تي ڪامريڊ جو اهو اشاعتي خط نهايت اهميت جو حامل آهي. جنهن مان اڳتي هلي سنڌي

عوامي تحريڪ نمودار ٿي. اهو "اشاعتي خط:اِيءُ نہ مارُن ريت" انهيءَ تاريخي اهميت جي مدنظر ڪتابُ جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي.

ڪامريڊ جي ٽيجهي تي محترم رسول بخش پليجي مرحوم نثار حسينيءَ پاران ان اشاعتي خط جي 'محض' پڙهي وڃڻ بعد. ڪيس مخاطب ٿيندي چيو:

'نثارا اهو ابن حيات "پاڻ" هُنئي، هُو ڪم انهيءَ ريت ڪندو هو۔ منجهس اها سامين جهڙي خصلت هئي '

ڪامريڊ پنهنجي طبع جي انهيءَ انوکي رخ تي هڪ تاثر "سرمد" ۾ لکي ٿو:

" جيسيتائين 'پاڻ' هو تيسين گهٽوئي عذاب هو۔ پر پوءِ جڏهن پُٺ تي نظر ڪئيسون تہ سراپا حيرت، هئي!"

هِتان ڪَٽِي هُتَ، جن رَکيو سي رَسنديُون،
ساجَنِ، سُونهَن، سُرتَ، وِڪان ٿي ويجهو گهٽو.

ڳَچِي ڪاچوئِي، نانگن ٻـڌِي نينهَن جِي،
جهڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا ويا موٽي،
تِنيـن جِي چوٽِي، پُورب ٿِينـدِي پَڌرِي!

اوپر کي ورثي ۾ سدائين حاڪم طبقن جي تاريخ ملي آهي۔ سِنڌُ اڄ بہ روحاني طور، وقت جي هر شاهہ عنايت لئہ پيري مريدي، جاگيرداري ۽ مغل شهنشاهيت جي جيل جيان مضبوط آهي. (تازو قومي سياست جو پيري مريديءَ جي آسيس مان ايمان افروز ٿيڻ انهيءَ رجحان جو پڌرو ثبوت آهي) ۽ اسان ايامن کان قلعن، ڪوٽن ۽ بادشاهن جي تاريخ تي فخر ڪندا اچون.

"وڏيرڪي سياست" سِنڌي عوام سان جيڪي راڳنا ڪيا آهن، ڪامريڊ جهڙن وطن ۽ عوام دوست، طبقاتي ۽ تهذيبي ڪارڪنن کي اڪيلو ڪري الڳ ڪرڻ جي 'اهائي اها وڏيرڪي فيڪٽري هئي جنهن 'رات وچ ۾ اياز کان قومي شاعر جو لقب کَسي، ان لقب ماڻڻ جو پروانو نياز همايونيءَ کي ڏنو ۽ هن پاڻ کي ان جو حقدار تسليم ڪرائڻ جي لاءِ ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي. اياز شاهہ کي اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ نياز مقابلي لاءِ وري ان کي ڄڻڪي "وات مني ڪياماڙي گو" ٽائيپ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. "صاحبن" فتوا ڏني تہ

اياز جو ترجمو بيڪار، نياز جو ترجمو عاليشان. اياز جا وڏا فوٽا ڇپيا هئا. ان جي مقابلي ۾ نياز جا اجا بہ وڏا فوٽا ڇپيا ويا.' اِهيئي سطحي ناماچاريءَ جا لاڙا هئا جن اڳتي هلي سِنڌ جي قومي، سياسي ۽ ادبي تحريڪ مان سنجيده آدرشي ڳڙُ ختم ڪري، ان کي يڪتاري جي ڪدوءَ جيان خودنماءَ ۾ کوکلو بنائي ڇڏيو.

ڪامريڊ کي لوڪ ادب تي ٽيندڙ ڪم جي طريقي ڪار کان سدائين اختلاف رهيو. جيڪو سائنسي نقطءِ نگاهہ کان ڪڏهن بہ سَهيڙجڻ جي سطح کان مٿي چڙهي نہ سگهيو تہ 'فلاڻي ڪهاڻي ڦِري ملي هِتان، ڦِري ملي هُتان.'

ڪم جي انهيءَ سطح ۽ معيار برعڪس، ڪامريڊ جو نڪتي نظر هيءُ هو تہ هر ڪهاڻيءَ سان، ان دور جي پيداواري حالتن، ڪردارن ۽ لقائن بابت فوٽ نوٽ ڏيڻ گهرجي: جنّ، ديّو پرّي، راڪاسّ، ڏائڻ يا اُڏندّ ڪَتولي جي استعارن جي سمجهاڻيءَ کي انساني خواهش، ان جي اظهار ۽ عمل جي درجيبنديءَ سان لاڳاپي عوام آڏو اجاگر ڪرڻ گهرجي. سچ پچ تہ اسان جي لوڪ ادب تي سواءِ ان کي سهيڙڻ جي، زرعي سماج جي قديم ڏاهپ (folk wisdom) ۽ جديد ڏاهپ (modren wisdom) جي آهنگ، اوجر ۽ نظرئي آڌار ڪم ٿيوئي ناهي. اهوئي سبب آهي جو اسان پورب واسي زمانن کان قلعن ۽ ڪوٽن جي تعميراتن تي فخر ڪندي، مدي خارج بادشاهتن جا ڳُڻ ڳائيندي، پيڙهي در پيڙهي بيگاريون ڏيندي، اجوري ۾ محظ هڪ ويلي رب جي ٿالهي ملي پوڻ تي اڪتفا ڪندا آيا آهيون.

سماجي اڻنگاين، سياسي موقعي پرستين ۽ چوڌاري پاڻ پڌاءُ جي لاڙن طرفان، هڪ استاد ۽ اديب، تهذيبي ۽ انقلابي ڪارڪن جي حيثيت ۾، عوام دوست ڏرين خلاف جبر ۽ ان جي ڪوڙاڻ، جيڪا ڪامريڊ سدائين پنهنجي ارد گرد محسوس ڪئي۔ تنهن بابت 29 اپريل 1970 ڌاري ”خاص نڪتو“ جي سري هيٺ لِکي ٿو:

”انساني تاريخ جو ديانتداريءَ سان تجزيو ڪندي، ان جي ترقي ۽ واڌاري جا اسباب ڳولبا تہ فقط هڪ ئي نڪتو نظر ايندو جنهن جي ارد گرد مختلف منزلون طئي ڪري، هن اجوڪي دور تي پهتي آهي. اهو خاص نڪتو هيءَ آهي، 'اهلُ دل جي معصوم خون ۾ اهلُ دماغ جا رنگيل هٿ !“ ون يونٽ دوران نوڪري پيشا سِنڌي ڪامورڪي لڏي جي سِنڌُ بدريءَ جو سوال هجي،

سِنڌي ماڻهن جي ريلوي ڪاتي ۾ پرتيءَ جو سوال هجي، يا ڪوهستاني ماڻهن جي ڪسمپرسيءَ جي حالت. ڪامريڊ قوم ۽ عوام دوستيءَ جي صحافتي محاذ تان پڻ آڳ ڪان آڳرو نظر ايندو. سِنڌ جي هن دور جي تاريخ ۾ سندس جهڙي گهڻ پاسائتي انقلابي ڪردار جو مٽ ملڻ مشڪل آهي.

ڪامريڊ پاران ون يونٽ خلاف پهرين بُک هڙتال دوران، سنڌي عوام پل تہ ”جيئي ڀُٽو“ جا نعرا هڻندي، بُک هڙتالي ڪئمپ وٽان محظ لنگهي وڃي، مگر ڪامريڊ جو ويساهہ ڪارونجهر کان اڏول هو:

سچ سُوليءَ کي سونهن ڏي ٿو،
سُولي سچ جو زيب.
هرڪو عيسيٰ ڪٽي ڪلهن تي،
پنهنجي پاڻ صليب!

هئي جي پورهئي تي ’پاڻ موکڻ‘ جو ڪو بہ چالو رويو ڪامريڊ جهڙي سنجيدي قومي ۽ عوامي، تهذيبي ۽ انقلابي ڪارڪن جي سرشت ۾ داخل ڪين هو. ان ۾ ڪوبہ وڏاءُ ناهي تہ سندن رڳن ۾ رت جو ڪو هڪ ڦڙو بہ اهڙو نہ ڊوڙيو هو جيڪو ڪنهن ٻئي جي محنت، رت ۽ ست مان جڙيو هجي.

ذاتي ملڪيت يا ٻئي جي پورهئي تي تڳڻ جي انهيءَ ”تهذيبي جارحيت“ خلاف پڌرائي ڪندي، ڪامريڊ لکي ٿو:

”انسان جي اها خواهش، تہ هُو ٻئي جي پورهئي ۽ محنت مان فائدو حاصل ڪري، انسانيت جو بنيادي گناهہ آهي- ٻيا سمورا گناهہ، ان واحد گناهہ منجهان ئي پيدا ٿين ٿا. هيءُ اهو گناهہ آهي، جنهن دنيا ۾ نفاق ۽ فساد کي ڦهلايو ۽ انساني تاريخ کي رت جو هڪ سرخ داستان بنائي ڇڏيو.“

1970 بعد، سِنڌ جي ان سطح جي قومي ۽ عوامي، تهذيبي ۽ انقلابي تحريڪي ڪردار کي، ڪمزور مفاهمتن ۽ بورزوا مصلحتساز روين خلاف جدوجهد جي ردعمل ۾ همعصر ماحول هٽان ويگاڻو ڪيو ويو. نتيجي ۾ تهذيبي ۽ انقلابي ڪارڪن ۽ اڳواڻ بجاءِ ”رهبرانِ منزل“، ”وقت جا وياڪاڻ“ ۽ ”استاد الزمان“ تہ پئدا ٿيا- پر تحريڪ، قيادت ۽ ڪارڪن سڀ اڻ لڀ ٿي ويا جنهن جي ضرورت اڄ ”مِڙيا مَڃَ هزار، ياڳا ٿيندي سُهَڻِي“ جي صورتحال سان دوچار آهيون.

سِنڌ ۾ نئين جاڳرتا (Renaissance) جي ترقي پسند ادبي تحريڪ جي ابتدا، ڪامريڊ جي قائم ڪيل ”پرهہ ڦُٽي“ پبليڪيشن کان

ٿيئي ٿي. هيءَ اهو دور هو جڏهن محترم محمد عثمان ڏيپلائي صاحب اسلامي ناولن ۾ ڪهاڻين جي طمطراق سان مذهبي روشن خياليءَ جا ٻج ڇٽيندي نظر اچي ٿو.

"سِنڌي ادبي انجمن" کان "سِنڌي ادبي سنگت" تائين، سِنڌ ۾ نئين جاڳرتا (Renaissance) جي تاريخي طور پهرين ترقي پسند ادبي تحريڪ، جنهن ون يونٽ جو ديوُ ليٽايو ان ترقي پسند ادبي ۽ سياسي تحريڪ جا بنياد پڻ ڪامريڊ ابن حيات پنهور جي "پرهه ڦُٽي- پبليڪيشن" کان شروع ٿيندي ڏسجن ٿا. جنهن بابت محترم شمشير الحيدري، محترم محمد ابراهيم جوئي ۽ ڪامريڊ رشيد ڀٽيءَ جا رايا ڪتاب ۾ شامل آهن. دراصل سجاڳيءَ جي اهائي ترقي پسند ادبي ۽ سياسي ڌارا "اينٽي ون يونٽ محاذ" جي ترقي پسند ادبي، سياسي، قومي ۽ ثقافتي تحريڪ جي روپ ۾ پلٽي هئي. محترم محمد ابراهيم جوئي پاران ڇپايل خطن جي مجموعي "پيارُ نبارُ ۽ آٿاهه" مان ان سلسلي ۾ ڪجهه خطن جو ذڪر هتي ڏجي ٿو:

*عزيزم يار محمد*

اوهان جي ڪم جي رفتار ۽ جنهن جذبي سان اهو ڪم ڪري رهيا آهيو تنهن کي ڏسي آئون پاڻ کي سواءِ ملامت ڪرڻ جي ٻيءَ ڪنهن به چيز جو لائق نٿو سمجهان. "پرهه ڦُٽيءَ" جون ٻه ڪاپيون هيلتائين آئون پنهنجي اڪئين ڏسي چڪو آهيان. هڪڙي رسول بخش وٽ ۽ ٻيءَ هڪ ٻئي دوست وٽ. اجا مون کي اوهان جي موڪليل ڪاپي ڪانه پهتي آهي. پنهنجي هٿن ۾ "پرهه ڦُٽي" کي کڻي ان کي پڙهڻ جو نهايت گهڻو اشتياق اٿم. وري جو اوهان لکيو آهي ته "ڊان ويسٽ" ۽ "چار ڏاٽا" جو پهريون حصو به اوهان مون ڏانهن موڪلي رهيا آهيو ته ويتر اهو اشتياق وڌيو آهي

"پرهه ڦُٽي" رسالو جو مون پيهر هڪ ساهيءَ پڙهيو ته منهنجي دل تي نهايت گهرو اثر پيدا ٿيو. آئون اها دعوا ڪري سگهان ٿو ته اسان جي هن پهرينءَ پيشڪش جو معيار ادبي توڙي معنوي لحاظ کان ايترو بلند آهي، جيترو ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾، خصوصن اڙدو ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ ترقي پسند رسالن جو ان ڳالهه تي اسان جا دوست جيترو به فخر ڪن اوترو بجا آهي سِنڌُ جي ذهني بيداري جيڪا آخر ٿيڻي آهي، ان مهم ۾ هيءَ (پرهه ڦُٽي) اسان

جو قدم مجموعي طور پهريون اثراتو قدم آهي، ۽ ان جي اهميت هاڻي نه ته اڳتي هلي هر ڪنهن تي ضرور روشن ٿيندي .

اوهان جو

**محمد ابراهيم جويو**

17 مئي 1952ع جي جوئي صاحب جي خط موجب ته "پرهه ڦُٽيءَ" جون به ڪاپيون پاڻ (جويو صاحب) پنهنجي اڪئين ڏسي چڪا آهن. هڪڙي پليجي صاحب وٽ ۽ ٻيءَ هڪ ٻئي دوست وٽ. جڏهن ته پليجو صاحب پاران سندس هڪ 1986_87 ڌاري جي انٽرويو ۾ سِنڌ ۾ سجاڳيءَ جي تحريڪ جو بنياد وجهڻ بابت سوال جي جواب ۾، ان تحريڪ جي مُک ڪردار ڪامريڊ ابن حيات جو نالو لنوائيندي، هن ريت اظهارجي ٿو:

**نوراني:** ترقي پسنديءَ جو بنياد ڪنهن وڌو؟

**ر. ب. پليجو:** گهڻائي ماڻهو هئا. تنوير عباسي هو، شمشيرالحيدري هو ٻيا به گهڻائي هئا.

(ڪتاب: "وِهڻ مون نه وڙاءُ" —رسول بخش پليجو صه: 177)

ڪجهه عرصو اڳ، ڪامريڊ جي ترجمو ٽيل بورس پوليواءَ جي ڪهاڻي "پويون ڏينهن"، تحريڪ جي ترجمان "ڪاپڙيءَ" ۾ پليجي صاحب جي نالي سان اڪين گذري. سوچيم، شايد اجا وڌيڪ بهتر ۽ منفرد نڪتي نگاه کان اهو ترجمو هوندو جو ساڳي ڪهاڻيءَ تي ٻيهر ترجمي جي محنت ڪئي ويئي آهي. سو پڙهيم- پر دراصل اهو اُهو ساڳيو ترجمو هو، جيڪو 1950ع واري ڏهاڪي دوران "پرهه ڦُٽي پبليڪيشن" پاران ڪامريڊ ابن حيات جي نالي سان شايع ٿيو هو. 1950ع بعد ۾ پليجي صاحب جي 1986_87ع جي هڪ انٽرويو تحت ته 'اها ڪهاڻي پاڻ ترجمو ڪئي هيائون. جا ٻئي ڪنهن دوست پنهنجي نالي تي شايع ڪرائي ڇڏي'. جيتوڻيڪ اهو ان پيڙهيءَ جو دستور ئي نه هو- قوم ۽ عوام جي راهه ۾ ڪم ٿيو پوءِ ڪنهن به ڪيو- ان ڳالهه جو شمار ڪرڻ ذڪر لائق نه هو جو هيءَ پيڙهي نرالي هئي!

ڪامريڊ پاران ترجمو (شايع) ٽيل بورس پولواءِ جي ڪهاڻي "پويون ڏينهن" ۽ ان جي inspiration ۾ لکيل سندن طبعزاد تاثر: "محاذ تان" جنهن جي پس منظر ۾ سِنڌ جي 'حُر تحريڪ' آهي. "پويون ڏينهن" ۽ "محاذ تان"

ٻئي ”پرھہ ڦُٽي“ واري دور (1951_52ع کان 1955ع) ڌاري روسي ڪھاڻين جي مجموعي ۾، مئڪسم گورڪيءَ جي ڪھاڻي ”ڪروڙپتي“ جي سري تحت ترجمي، ۽ ان جي Inspiration ۾ ڪامريڊ پاران لکيل سندن طبعزاد تاثر: ”رئيس سان رھاڻ“ پڻ پليجي صاحب جي ان دعوا جي جوابُ ۾ تہ، ’اھا ڪھاڻي (”پويون ڏينھن“) ٻئي دوست پنھنجي نالي تي شايع ڪرائي‘، پرپور ۽ مخلصاڻي قومي خدمت طور جنھن ۾ پورھيت جي ساھن جي گرمي ۽ پگھر جي سڳنڌ محسوس ٿيئي، نماڻائيءَ سان عرض رکجي ٿو تہ سائين منھنجا، سدا حيات پورھيا ڪڏھن وانءُ وکر نہ ٿيندا آھن۔ تاريخ جي ھر گمنامي ۽ ناشناسائيءَ منجھان اُڙُون ڏيئي اُڀري ايندا آھن.

پليجو صاحب ان ڪھاڻي بابت (1986_87ع ڌاري) ھڪ انٽرويو ۾ ڄاڻائي ٿو:

”مون شايد سِنڌ جي تواريخ ۾ پھريون ڀيرو روسي ڪھاڻيون ترجمون ڪيون. ھڪڙي ”متيءَ جي مٺ“ اھا شايع ڪا نہ ٿي ٻي ”پويون ڏينھن“ بورس پوليواءَ جي ڪھاڻين جي مجموعي مان ڪنيم. ان ساڳئي مصنف جي ناول جي ترجمي جو نالو آھي، ”چراغ جلتا رھا“. پھرين ڪھاڻي جيئن ٻڌايم تہ شايع ڪا نہ ٿي پر ”پويون ڏينھن“، وري ھڪ ماڻھوءَ پنھنجي نالي تي شايع ڪرائي “

” اھو ترجمو ھڪڙي مجموعي ۾ ڇپيو ھو. (ڪمال انداز بيان اختيار ڪيل آھي ھتي، يعني پليجي صاحب کي ڪا خبر ئي نہ ھئي تہ اھو سلسلو ڪير ٿو ھلائي، ۽ سنڌ جي نئين سجاڳيءَ ۾ سندس ڪھڙو ھٿ آھي. ان معاملي يا بياني ڦيراٽيءَ بابت متي جوئي صاحب جي خط ۾ واضع لکيل آھي تہ ان جي ھڪ ڪاپي پاڻ پليجو صاحب وٽ ڏنائون.) اھو سِنڌي ادب جو پھريون مجموعو ھو بلڪل نئون. محمد قاسم (محمد قاسم ”شاذ“) نالي ھڪڙو ماڻھو ھو تنھن ”پرھہ ڦُٽيءَ“ جي نالي سان شايع ڪيو ھو. ٻيو ھڪڙو دوست ھو تنھن پنھنجي نالي ۾ منھنجو اھو ترجمو ڇپائي ڇڏيو نالو ڪو نہ ڏنائون. (مھرباني پليجا صاحب، قاسم شاذ ڪير ھو اوھان يلي يت ڄاڻو ٿا جيڪو ڪامريڊ جو شاگرد ۽ ھڪ غريب رولر ماسٽر ڪامريڊ ھو پر ايترو بہ آھي تہ اوھان سندس اولاد کي بہ سُڃاڻو جو اھو ھينئر اھم انتظامي پوسٽن تي آھن.) دوست ماڻھو ھو. بھرحال، اھي ترجما ڪيم “

(”وھڻ مون نہ وڙاءَ“ رسول بخش پليجو_ صہ: 181)

اهي تہ ٽيا پليجي صاحب جا پنهنجي حق ۾ لکيل لفظ، پر هيڏانهن محترم رسول بخش درس کي پڙهو:

محترم رسول بخش درس پنهنجي پروفائيلس جي ڪتاب ”سِنڌُ هيرن کاڻ- حصو ٽيون“ جي صفحي 94 تي جيجي زرينہ بلوچ بابت پروفائيل ۾ لِکي ٿو: ”...قومي گيت تہ جيجي زرينہ بلوچ جي وڏي سڃاڻپ آهن. شيخ اياز جا ڪيترا قومي گيت زرينہ بلوچ وڏن وڏن جلسن ۾ ڳايا. (سِنڌُ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان، مٽي ماٿي لايان) (سِنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو سهندو ڪير ميار) ٻيا ڪوڙ گيت، سائين ابن حيات پنهور جو مشهور انقلابي گيت (”جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين ٻيا ڪاهيندا اچون“) مطلب تہ قومي گيتن جي زرينہ بلوچ تمام وڏي گائڪا هئي.“

ساڳئي ڪتاب جي مهاڳ جي سري ”هن جي اک سان سِنڌُ ڏسو“ ۾ محترم حفيظ ڪنير لکي ٿو:

”آخري ڳالهہ: رسول بخش درس جي هن ڪتاب ۾ اوهان کي ڪٿي اهي بہ حقيقتون ظاهر ٿيندي ملنديون جيڪي عرصي کان اسان جي اکين کان اوجهل رهيون. مثال طور: آئون ڪتاب جو مسودو پڙهندي هڪ پيراگراف تي اچي غير يقينيءَ جو شڪار ٿي پيس ۽ هن کان ٻيهر تصديق ڪرائڻ لاءِ کيس فون ڪيم. `يار! هي ڇا لکيو اٿئي؟“ پڇيائين تہ وري ڇا؟‘. ’اهوئي تہ مشهور شعر ’جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين ٻيا ڪاهيندا اچون‘ ابن حيات پنهور جو لکيل آهي ڇا؟‘ ڪينجهر ڪنڌيءَ تان اطمينان سان جواب ڏنائين- ’ها! اها ڳالهہ ايئن اٿئي.‘ مون فون بند ڪري ڇڏيو ۽ سوچڻ لڳس- ’هي يار تہ سِنڌي ادبي تاريخ کي بہ درست ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي- رسول بخش! تنهنجي مهرباني.“

مٿين ذڪر جي مدنظر ڪامريڊ، بنگالي عوام جي پاڪستاني ”غازين“ پاران قتلام بابت سارُوٽين ۾ هڪ اهم ڳالهہ ڄاڻائي ٿو تہ بنگالي عوام جي قتلام جو اکيين ڏٺو احوال کين هڪ مائٽ نالي غلام مصطفيٰ پنهور کان مليو جيڪو اُتي ٿيندڙ ڪارروايون ڏسي، توبهہ تائب ٿي، فوجي ڊيوٽيءَ کان ڀڄي آيو هو هنن ”غازين“ جي ”ڪاروائين“ ڪري، جيڪي بنگال سان ٿيو سو سارو احوال ڪامريڊ ادبي پيرائي ۾ قلمبند ڪيو پر لکي ٿو تہ، ’اهو سارو مواد ڪنهن دوست جي مهربانين ڪري ”گُم“ ٿي ويو.‘ ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ ڪامريڊ وچ ۾ ويجهڙائپ کي سمجهڻ سان پڻ اهو مُنڌل سُٽ واضح

تي سگهندو. مدنظر رهي تہ ڊاڪٽر نجم عباسي ڪامريڊ ابن حيات جي نهايت ويجهڙ جي دوست هئڻ سان گڏوگڏ سندن معالج پڻ هو. ڪتاب "جيڪي بنگال سان ٿيو" جي اصل مصنف وارو اختلافي معاملو پڻ ان ذڪر جي مدنظر ئي ڪا سقلتا ماڻي سگهي ٿو.

پليجي صاحب توڙي محمد ابراهيم جويو صاحب ڪامريڊ بابت جذباتي نوعيت جي ڪتا جوڙيندي نظر ايندا آهن. بلڪل درست، پر ڇا اوهان جي اها "مصلحتساز" عظمت سنڌي ماڻهن جي ڪنهن هڪ بہ دردجو درمان ٿي سگهي آهي؟

دراصل ان ڪي جذباتيت جو محض سطحي معيار ڏيڻ دراصل ان بہ ٽوڪ موقف ڪي رد ڪرڻ مترادف آهي جنهن موجب وطن ۽ قومي معاملي تي ابہ ٻہ ڄاپڙائي برداشت نہ ڪبي. ڪامريڊ ڪنهن بہ قومي اجتماعي معاملي ۾ ڪنهن بہ جي حضوري يا ڳالهيون تين وال ڪرڻ جي حق ۾ نہ رهيو. ليپي پوتيءَ کان ڪم وٺڻ يا ڳالهيون تين وال ڪري ان ڪي "سياسي اڪابري "سمجهڻ اڄ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن ڪي کهڙي دڳ تي اچي رسايو آهي سو سامهون آهي.

ڪامريڊ ون يونٽ جي "في الوقت" ٽُٽڻ تي اطمينان نٿو ڪري، جو هُو ڄاڻي ٿو تہ ان پويان 500 سئو سال پُراڻو مسلم شهنشاهيت جو تصور موجود هو. جنهن جو مقصد النظر پاڪستان ۾ قومن جي اصل فطري قالبن کي ريتي، ڪين هڪ نئين "مسلم امت" جي ڏارا ۾ پلٽڻ هو. سيوهڻ ڄاين ابوالفضل ۽ فيضيءَ جي ٻولي، پاڪستان ۾ فطري قوميتن کان گهڻو ڪجهہ تياڳڻ جي متقاضي رهي آهي، ۽ رهندي ايندي.

ڪامريڊ ون يونٽ جي نام نهاد ٽٽڻ بابت لکي ٿو:

"ون يونٽ اڄا ٽُٽو ناهي. جيڪي ايئن سمجهن ٿا سي يا تہ اڻڄاڻ آهن يا ڄاڻي واڻي عوام کي ڪنهن نئين ٻوهي ۾ ڦاسائڻ جي دشمنن سان سازباز ڪري رهيا آهن."

ون يونٽ جي ٽُٽڻ بعد "قومي سورما" شهرت حاصل ڪرڻ جي ابن الوقت روين کي پاسيندي، ڪامريڊ لکي ٿو:

"جن اديبن اشتهاربازيءَ ذريعي پريس ۾ بار بار پنهنجو نالو ڇپرائي سستي شهرت حاصل ڪئي آهي، تن کي عوام جي سامهون اچڻ گهرجي،

ڇاڪاڻ جو عوام ئي هڪ اصل آرسي آهي، جنهن ۾ اهڙن اديبن ڪي اڄ يا سُڀاڻ پنهنجي سچائي يا ڪوتاهيءَ جي سموري سُڌ پئجي ويندي“

ڪامريڊ جي مختصر ناول ”اڃا آڳاهون“ جي هڪ اقتباس مان صورتحال جي انهيءَ رخ ڪي ويتر پلي پت پروڙي سگهجي ٿو:

”ڄاڻ امرت رس به آهي ته زهر به. انساني سماج ۾ ڄاڻ ڪي اڄ تائين زهر جي ئي روپ ۾ استعمال ٿيندي ڏٺو ويو آهي. جڏهن به ڪنهن شخص جي واتان ”آئون“ يعني پنهنجي قابليت ۽ ڄاڻ جو اظهار ٿيندي ٻڌين ته اُن ماڻهو کان ائين ڀڄ، جيئن نانگ ۽ بلا کان! هيءُ اُهوئي ساڳيو ذهن آهي، جنهن تاريخ جي هر دور ۾، انسانذات کي خود سوچڻ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهڻ بجاءِ هڪ نه ٻي نئين غلاميءَ ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ذهن تلوار کان به وڌيڪ انسانيت کي ڇيهو رسايو آهي! سچ پڇين ته هيءُ انهيءَ ذهن جو مالڪ انهيءَ برهمڻ جو پاءُ آهي، جنهن ڪتريءَ جي تلوار کان به وڌيڪ ڀڳوان جي تلوار کي حرڪت ۾ آندو. ڪتريءَ جي تلوار ته انساني تاريخ ۾ بار بار ڀڄندي ۽ ٽوٽا ٽڪر ٿيندي رهي، پر هيءَ منحوس اڄ به اڳي کان اڳري، بيگناهن جي ڳلي تي اُڙهڻ لاءِ مختلف روپ وٺندي تي رهي.“

هنن سارُوٽين ۾ ڪامريڊ پنهنجي ڪاٻي ڌُر جي سياسي جدوجهد ۽ ڪامريڊ سجاد ظهير جي خطن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي ”پنڊي سازش ڪيس“ دوران شهيد حسن ناصر جي شهادت جي واقعي بعد. ڪامريڊ ابن حيات، سائين محمد ابراهيم جوئي صاحب جي حوالي ڪيا ته جيئن ’سنڌن پاران ڪين ”خاطري“ رهي‘. لکي ٿو: ’حسن ناصر جي شهادت بعد، جلدئي ”يوم حسن ناصر“ فتح ٽيڪسٽائل ملز يونين پاران ملهايو ويو جنهن جي صدارت جوئي صاحب کي ڪرڻي هئي، پر حسن ناصر جي شهادت بعد حالتون ناسازگار ڏسي پاڻ نه آيو. نيٺ ان جي مون صدارت ڪئي‘ جڏهن ته ان قت سنڌس پويان 9 ٻار رلين ۾ هئا. جن جي پيٽ قوت جو واحد وسيلو سنڌس واحد سرڪاري نوڪريءَ تي هو‘ پر ڪامريڊ پرواه ڪانه ڪئي. لکي ٿو ’...مون اڳ به لکيو آهي ته ماڻهوءَ جي ڪردار جو تعين موقعي ۽ محل جي بنياد تي ئي درست ريت ڪري سگهجي ٿو.‘ ان قسم جو اظهار خود سائين محمد ابراهيم جويو نهايت ننهنائي ۽ سادگيءَ سان ڪامريڊ ۽ پنهنجي خطن جي ڪتاب ”پيار نبار ۽ اُتاه“ ۾ پنهنجن ٻن اکرن ۾ پڻ ڪري چڪو آهي ته. ”ممڪن آهي ته ڪي خط هيٺ مٿي تي به ويا هجن“

اڳتي هلي، ان قسم جي روين جي مدنظر هڪ نهايت المناڪ حقيقت بابت 1970ع ڌاري لکي ٿو:

"اسان مظلوم سان محبت خاطر، پنهنجو پاڻ کي ڄاڻي ٻُجهي، نفرت ۽ دشمنيءَ جي آڙاهه ۾ اُڇلي وڌو- عجب ته اهو آهي ته ان آڙاهَه کي تيز ڪرڻ ۾ اُهي هٿ اڳرا هئا، جن سان سالهاسال هڪ ئي ٿانوَ ۾ گڏجي ڪاڌو هوسين!"

غور سان ڏسڻ سان لڳي ايئن ٿو ته 'نياز همايونيءَ وارو معاملو' بقول ڪامريڊ ته ڪو ايڏو نه هو- جڏهن ته ان جي برعڪس ماضيءَ ۾ ڪيئي "پلوڙَ ڪارناما" به زودُ هضم رهيا آهن. سو بقول ڪامريڊ ته 'دوست کي پُڇ پڏڻ لاءِ مواد ملي ويو.' دراصل اصل معاملو هو ڪاپي ڏر جي ان سموري قومي ۽ طبقاتي، تهذيبي ۽ انقلابي تحريڪ کان پير ڏاهڻ، جنهن کي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي لاڏاڻي بعد ڪامريڊ ابن حيات قومي ۽ عوامي حقن جي حاصلات جي مقصد لاءِ تهذيبي ۽ انقلابي بنيادن تي سرگرم رکڻ تي گهريو. افسوس جو خطن جي ان مجموعي (پيار نبار ۽ اٿاهه) ۾ انهن خطن مان ڪو هڪ به خط نه ڏنو ويو آهي، جنهن جي نشاندهي جويو صاحب خود ڪتاب 'پيار نبار ۽ اٿاه' جي مهاڳ ۾ پڻ ڪري چڪي ٿو ته.

"عين ممڪن آهي ته ٿورا ڪي خط هيٺ مٿي تي به ويا هجن."

وطن ۾ عوام دوستيءَ جي صادق تصور، حقيقي نظرياتي لائين ۽ باڪردار عمل کي رَنڊڻ لاءِ، ڪامريڊ کي ان سموري تحرڪ کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ساپ تي- ۽ ڪامريڊ ان سموري سياسي ڌارا کان "اعلانيل علحيدگي" اختيار ڪندي، بقول لطيف ته "سُجي ويڙهه" کي قبوليو:

وَرُ سا سُجي ويڙهُ، جنهن ۾ سَڄڻِ هيڪڙو
سو ماڳُ ئِي قيرِ، جِتي کُوڙ کُماڙُهيئن.

" دفتر رسالو 'پرهه ڦُٽي' حيدرآباد سِنڌُ.

6 فيبروري 1956ع.

قبلا!

سِنڌين جي علم ۽ ادب سان دلچسپي اوهان کان ڳُجهي نه هوندي، هت ته اُلٽي گنگا پئي وهي. پڙهڻ پرجهڻ ته پيو ڊونڊ ۾، مرگو ان مسئلي سان دلچسپي رکندڙ کي بيڪار ڪونيو وڃي ٿو. اهڙي ماحول ۾ اشاري ڪنائي

ڪان ڪم ونڻ ۽ اميد رکڻ ته، اسان جو عوام ان ڪان ڪي پرائيندو ۽ شعور حاصل ڪندو ”ٻيرن ڪان ٻير گهُرٽا آهن.“

اهڙي ماحول ۾ اسان جو ”اشاري ادب“ پاڻ کي ”عوامي“ ڪوئائڻ جو مستحق نه آهي پر خير ڳاڻ ڳٽين ۾ مقبوليت حاصل ڪري ۽ ڪچهريءَ ۾ مدح سرائي ڪرائي، جنهن جي نڪي ايتري ضرورت آهي نڪي ان مان ”افاديت“ جي اميد رکڻ جڳائي. اوهان جيڪي فرمايو آهي ان فن ڪان انڪاري نه آهيان پر اهو ڪٿي آهي؟ سِنڌُ جهڙي ملڪ ۾ جتي ڏڳي ۽ ماڻهوءَ ۾ رڳو جسماني فرق آهي. سِنڌُ کي گهٽوئي ڏيٽو آهي. دنيا جي ليکڪن جا مثال ونو. سِنڌي اديبن ته اج تائين پنهنجي تخليق جي پاداش ۾ نڪي ڏٺو آهي نڪي سَنو. چڏيو ته ڪي سَهَڻ سِکن ۽ اڳيرا ٿين. باقي اشارن مان نڪي قاڙها قاسندا نڪي مرندا

**اوهان جو نيازمند ابن حيات پنهور**

اسان قومي ۽ اجتماعي معاملن بابت، پنهنجي ڪَل بچائي، پنهنجي ذميواري ٻئي جي مٿان مڙهڻ جي ابن الوقت ۽ موقعي پرست لاڙن تي تنقيد محض رمزن ۽ اشارن ۾ نتا ڪري سگهون. نڪي ان متعلق ڳالهائڻ مهل ڪا پارلياماني وِتي لهي سگهون ٿا. ساري تاريخ ۾، خاص ڪر اج اسان جي پيرن هيٺيان جي زمين کِسڪي رهي آهي. ضرورت آهي ته، سِنڌي اديب، صحافي، دانشور ۽ سياستدان ڪي جوکا کٽي، قوم ۽ عوام سامهون صداقت سان پيش اچي. دنيا ۾ جڏهن ۽ جتي به انقلابن لاءِ سجاڳيءَ جا ميدان هموار ٿيا آهن، تڏهن ۽ تتي اديبن ۽ فنڪارن ان عظيم حاصلات لاءِ سنگين جوکا کَنيا۔ ڪنڌ ڪلهن ڪان ڌار ٿيا۔ چوٽين تان اُجلايا ويا۔ ڳنين شيها ۽ سيني يالا ٽُنبايا ويا۔ هٿن ۾ هٿڪڙيون، ڳچين ۾ زنجير پارايا ويا۔ جيئري باهيون ڏئي ساڙايا ويا۔ سَنڌ سَنڌن ڪان چيريا ويا۔ وطن بدريون سَنائون۔ مَري ڪُسي ويا پر صداقت ڪان هڪ وِک به پوئتي نه هٽيا، ۽ سُوريون سورانگهڻ ۾ ڪين ڪابه اَٽانگائي يا پس و پيش ڪانه ٿي. سنڌي اديبن ته ان راهه ۾ ڪي ڏٺو ئي ڪينهي۔ ايامن ڪان اهي انسانذات جي شهيدن جي قربانين، سنڌن نالن ۽ هزارها سالا پُراڻي ۽ مدي خارج روين جي ور چڙهيل تصوف جي لفظي تيرا ڪين تي تيا ڳبا اچن.

شيخ اياز جي وائيس چانسيلريءَ دوران سندس شاعريءَ ۾ تعطل، نظرياتي خلا ۽ ابهام پرستيءَ خلاف ڪامريڊ پاران ”اياز ڏانهن“ جي عنوان

سان لکيلُ هڪ غزلُ مان قومي طبقاتي عوامي ادب بابت سندن نقطي نظر پڌرو ٿيئي ٿو:

چارَڻ ٿنهنجي چَنگ جون لاتِيُون،
پيار جون وائِيُون، سُرت جا نغما،
پوڙا ڪيئن پُجهن،
حيرت جن جو حالُ وِچايو.
ڪر ڪا تن تي ڪهل.
اُٿ او مَنگڻا! تنهنجي اُتڻ جي،
آهي هيءَ مهل.

1970 بعد، سِنڌُ جي ان سطح جو قومي ۽ عوامي، تهذيبي ۽ انقلابي ڪردار ڪمزور مفاهمتن ۽ موقعي پرست روين خلاف جدوجهد جي ردعمل ۾ همعصر ماحول هٿان ويڳاڻجي، 33 سالن جي سماجي اڪيلاين بعد مٿي ماءُ حوالي ٿيو:

لوري جِت لڳوم، اُت اُيوئي آهيان!

سَرَ سُڪي سال ٿيا هَنج هِريوئي پيَر،
سو ڪانيرو ڪير؟ جو رَسي انهيءَ رمز کي!

ڪڏهن ڪانَ سُئي، ڪا سَگهي گَڏِي سَڄڻين،
هُونئَن ئي هُوند مُئي، پر ٻُڌيءَ جا ٻِيڻا ٿيا.

جَهڙا ڪَرَج ڪَڪَرا، تَهڙا جاوَن ڦُل،
تن سامين جي سَڌ مران، جن جي گودڙين ۾ گُل،
اندر مُلهه اَمُلهه، ٻاهر ڪوجها ڪاپڙي.

دادوءَ جي هڪ ننڍڙي واهڻ ”پُراڻي ڪارڙي“ ۾ جنم ماڻيلُ هيءَ سِنڌُ جو مٿير مڙس، سِنڌُ جيئڻ سرجندي ئي سُورن سان سلهاڙيو. حقي پيءُ ٻِي شاديءَ بعد ڪيس هڪ دوست حوالي ڪيو نپائي پيءُ جي مرتئي بعد، ڳيرو جواني ڏاري هُوان نپاين کان موٽي مائٽن آيو تہ ملڪيت جي لالچ سبب پائرن بي اتفاقي ڪئي. نتيجتن دل برداشتا ٿي ڳوٺ، ملڪيت ۽ مائٽ سڀ ڇڏي، حيدرآباد هليو آيو. (ان دوران دادو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ سان گڏ هاري ڪاميٽيءَ ۾ ڪم جو ڪي قدر بياني احوال ٻين کان مليو ٿو.) ان بعد بيهر موٽي ڪڏهن واپس

(ڳوٺ) ڪين ويو ۽ 33 سال زندگيءَ جا اڪيلاين ۽ سماجي ناشناساين ۾ گذاري، آخر ڌرتي ماءُ جي هنج پيڙهو ٿيو.

نپائيندڙن وٽ سندس پالنا مذهبي ماحول ۾ ٿي. اهو مذهبي ماحول عقيدائي هو نڪي مُلائيت تي منحصر. ان مذهبي ماحول جو اهو اثر اڳتي هلي، 1933ع ڌاري، ابتدائي شاعريءَ جي لحاظ کان هڪ يگانو صوفياڻو تاثر جوڙي ٿو جيڪو سنڌي سماج جي فن ۽ فڪر جي هڪ تاريخي يڪتا جي حاصلات آهي:

تون ئِي ڪاملَ قدرت آهين،
تون ئِي والِي وارث وو،
ذري ذري ۾ تُنهنجي ظاهر،
جانبَ جوتَ جَلالِي وو.
"پاڙَ" جا پَڙدا جڏهن پَري ٿيا،
آئِي صورت صاف نظر،
ساعت ساعت تنهنجِي سَيَ تي،
ناميا نِرت نِرالِي وو.
علم عقل جون ڳالهيون اوري،
پيار جي منزل ڏاڍِي ڏُور،
گهيڙ انهيءَ ۾ جيڪي گهِڙيا،
تن پاندَ پلئہ سپ خالي وو.

پورهيت عوام جي زندگيءَ جي تبديليءَ سان سرشار روح ۽ جسم، پنهنجي ڏيهہ ۽ ڏيهہ واسين جي دردن جو درمانُ ٿيندي، جڏهن علم ۽ عمل جي آهنگ جي آفاقي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو تڏهن ڪامريڊ اظهاري ٿو:

دنيا جا هُئا جيڪي صنم،
پُوڄي وري پُوڄي ڏٺم،
حاصل ڪنهن مان ڪين ٿيم،
مجبور ٿِي پوءِ مُنهَن مَٽيم.
ڪِٿ پلا پوءِ بئي اڳيان ٿِي ڪنڌ نوائي زندگِي
لاچار ٿِي انسان جِي، لازم ڪئي مون بندگِي.
انسان سان لَئون ءَ لائي ڏٺم،
پُر پيچ هيءَ پائي ڏٺم،

لَنئونءَ لَنئونءَ اندر لائي ڏنمر،
سنـــــر ســـــــاهہ آڙائي ڏنمر،
جـنـهـن ڏيـنـهـن کان هـيءَ لَـنـئـون لـڳـمر،
مـسـجـد مَـڙهـيـوُن سـاريـون ڇـڏيـمر.

فڪر جي انهيءَ اعليٰ تهذيبي سطح تي ڪڏهن بہ ڪنهن ٿُلهي ٿُوتان ڏانهن سندن لَئوٽو ڪونہ لڳو لڪي ٿو:

آه پـهـريـان نـارسـا هُـئِـي،
اڄ ڪِـتـي رُڪـجـي نـتِـي،
ڪـنـهـن ٿُـلـهـي ٿُـوتـانَ وٽ،
مـنـهـنـجِـي جـبـيـن جـهُـڪـجي نـتِـي!

ترقي پسند پرولتاري نقطءِ نظر جو اهوئي حق شناس ڪرشماتي فڪر هو جنهن کين عوام دوست صفن ۾ سدائين اڳيرو رکيو.

15 سالن جي عمر ۾ نپائيندڙ ماءُ جي حق تلفيءَ خلاف ڪيس ڪرڻ ۽ ان عمل جي پاداش ۾ ساڻس دربدريون سَهڻ، سندس حق لاءِ وڙهي، حق ڏيارڻ، سندن طبع جي اُوچي ۽ اعليٰ انساني وصف جي علامت آهي جا اڳتي وڌي ويجهي، سماج جي هر اَڻنگائي ۽ ظلم خلاف هر وِک بغاوت عام سماجي روش جي بلڪل برعڪس بنهہ ائين جيئڻ پٽائي ڇيو:

اَڪَ اُلـتِـي ڏارَ ونءُ اُلـتـو عـام سِـيـن،
جـي لـوڪ وَهـي لـهـوارو تـون اُوچـو وَهُ اوپـار،
مـنـجهـان نـوچ نـهـارَ پـر پُـنـيـرو پـريـنءَ ڏي.

ڪامريڊ جي اعلانيل عليحدگيءَ جا 33 سال گذ گذريا. اڙدو يا سِنڌي ڳالهائيندڙ عوام هجي، يا پنجابي، بلوچ يا پختون عوام ساڻن هر ڪنهن جو رويو نهايت ماٺُ ۽ خلوص وارو رهيو ۽ اهو سوچي، سوچجي ٿو تہ عوام ناشناس ناهي ناشناس اهي آهن جن عوام کي يولا پائني، سياست تي مدي خارج جاگيري ۽ سرمائيداراڻي تغلب ماتحت ڪمزور مفاهمتن ۽ بورزوا رجحانن آڏار عوام جو سندن سياسي ڏانوَ مان ويساهہ ماري، کين پنهنجي ئي ويڙهہ جي هٿيار (سياست) کان بدظن ڪيو آهي. جو اڄ نہ قومي تحريڪ رهي آهي نہ طبقاتي. نتيجي ۾ اڄ سنگين قومي ۽ سماجي سوال درپيش ٿي چڪو آهي.

اهو منهنجي ابتدائي اسڪول جو زمانو هو. بابا مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ وٺي هليو. رستي تي ”جي. بي“ چاڪليٽن جو پيڪٽ ورتائين. جنهن تي منهنجي ’خاص‘ نظر هئي. پرائمري استاد محمد خان قابورو نهايت ادب وچان بابا سان مليو. بابا مون سميت سيني ٻارڙن ۾ اهي چاڪليٽ ورهايا.

”موڪل مهل اسڪول مان سيني هم ڪلاسين سان گڏ نڪر جانءِ، پريشان نہ ٿِجُ_ اسڪول کان سڌو گهر اچجانءِ!“

مون هائوڪار تہ ڪئي، پر اسڪول جون ڳاڙهي پيلي ٻاردرن واريون ٽاٽن نما پٽيون ۾ مٿي مان تيلُ ٽِمائيندڙ، ”اُٺ ڇاپ“ زرد ڊريس پهريل هم ڪلاسي_ رَتيل ورجاءُ. پڙهائي دوران ضياءَ جي نافذ ڪيل: ’آسان اڙدو‘، ’آسان عربي‘ ۾ مُلو !

قوم ۽ عوام جي تعميرُ نو جو اُڏمو منجهن ’بيڪاريءَ کي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي ‘ مشداق سئو سيڪڙو عشق جي اُهڙيئي آفاق تي رسيلُ هو. جنهن آفاق تي لطيف جو ”عاشق“ ۽ مارڪس جي طبقاتي جدوجهد جو هڪ ”بالشويڪ“ نظر ايندو_ ان کان الڳ ڪين ڪڏهن بہ نہ ڏٺوسون. ”دور جمهور_ زنده باد، دور عوام_ زنده باد!“ هُو پنهنجي هر وِک مان، وطن ۽ عوام سان ازلئون عشق جو اظهار هو_ وٽن بي ڪابہ ورنهن ڏسڻ ۾ ئي نہ آئي:

رُجــن ۾ رڙ ٿِــي، جــڙ ســارنـگــيءَ ســـاز،
اِيءُ عـشــق جــو آواز مـاٺـهـو رکـن منـڌ تـي!

ها، انقلاب ڪامريڊ جو ڪو نهايت ويجهو عزيز ساٿي هو_ جيڪو ’ جوڳيءَ تي جڙاءُ، نِسوروئي نِينهن جو ‘ مثل سندن سرشت ۾ داخل هو ۽ سندن عمل جي نشانن مان ان جي آبياري ٿيندي رهي آهي_ ۽ رهندي ايندي.

شيخ اياز پُٽي جي جيل دوران پوڳنائن جي پيٽ دولهہ دريا خان سان ڪئي آهي_ جيڪو بيروني توڙي اندروني، ٻنهي جنگين سان دوچار هو. هتي بجاءِ ڪنهن اهڙي پيٽ جي وثوق سان چئجي ٿو تہ ڪامريڊ ابن حيات پنهور قوم ۽ عوام جي تعميرُ نو جي راهہ ۾، ٻنهي اندروني ۽ بيروني محاذن تي هر وِک اٽل بنيادن تي سُوليءَ سان دوچار رهيو. سندن پوڳنائن ۽ چوڌاري موجود ماحول جي ڪي قدر عڪاسي سندن 1970 ڌاري جي لکيل هڪ تاثر ”سرمد“ مان پيش ڪجي ٿي:

”سرمد!
اڄ تہ اورنگزيب کي خاڪ ٿئي،

صديون گُذري چُڪيون آهن."
هُن ڪِلِي ڏِنو ۽ وَراڻيائين:
"بيوقوف،
ڪلهه جي اورنگزيب تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان
پنهنجي ڪِينو پُورو ٿي ڪيو.
پر،
اڄ جا اورنگزيب،
مُڏي ڪاتيءَ سان،
سُنڌي سُنڌي وَڍيندي بہ
پنهنجي اندر جِي آڳ اُجهائي نٿا سگهن "
عُمر سڀ عِشقَ سين، پُنهون جي پُڇن،
رِيس ريڌالَيوُن تن سِين، ڪُجهاڙي ڪي ڪن؟
مارڳ جي مَرن، وڏو طالع تن جو.

ڪامريڊ، ادب ۾ سياست ۽ فن جي مقصديت بابت مارچ 1967 ڌاري لکي ٿو: "ادب ۾ سياست ۽ فن جو پاڻ ۾ ميلاپ هجڻ گهرجي، پر جيڪو سياست جي نالي ڪان ڇرڪي ٿو. ان کي پهرين پنهنجي ذاتي عمل کي نگاهہ ۾ رَکي، پنهنجي ئي دل ۾ ليئو پائڻ گهرجي- پڪ آهي تہ وري ساڳي راءِ قائم ڪندي، سندس پنهنجو ضمير ضرور جاڳي پوندو."

ڳالهہ ٿي ڪئيسين هند ۽ پاڪ جي ورهاڱي بعد جون سرحدون، جتي هڪ فنڪار آڏو تِڇ آهن:

روز نڪل جاتا هون يار فراز سي مِلني

تنتي اها عملي سرگرمي، ڪابي ڏُر جي عوام دوست ڪارڪنن پاران ان وقت ئي شروع ٿي چڪي هئي جنهن کي بعد ۾ "پناهگير مارڪسيت" جي اصطلاح ور چاڙهي، نہ رڳي سِنڌُ پر پاڪستان مان شهري مزدور ۽ زرعي پورهيت جي اتحاد جو رهيو کَهيو امڪان بہ ختم ڪيو ويو. جنهن ذريعي ڪراچيءَ جي سِنڌُ کان علحيدگي لاءِ، اڳتي هلي ويتر ميدان تيار ٿيو.

ڪابي ڏُر جي ملڪ گير قيادت ڪامريڊ سجاد ظهير، شهيد حسن ناصر، فيض احمد 'فيض'، ميجر اسحاق، جنرل اڪبر خان جنجوعا، "پنڊي سازش ڪيس" جي ڪامريڊ قيدين جي حيدرآباد سينٽرل جيل منتقل ٿيڻ دوران ڪامريڊ جو سينٽرل جيل ۾ سِنڌي استاد جي حيثيت ۾ بدلي ڪرائي،

انهن قيدي ڪامريڊن سان رابطو ۽ سندن پرگهور لهڻ، ڪامريڊ سجاد ظهير کي سِنڌيءَ سيڪارڻ، "هاري ڪميٽي"، "عوامي نيشنل پارٽي"، "بزم صوفياءِ سِنڌ"، "سِنڌ متحده محاذ"، "سِنڌي ادبي انجمن" مان "سِنڌي ادبي سنگت" جو قيام، ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ ڪامريڊ پاران آياريل قومي ۽ طبقاتي بحث جي مدنظر، "سِنڌي عوامي تحريڪ" ذريعي قومي طبقاتي نقطهءِ نظر کي عام ماڻهن تائين رَسائڻ. ان سموري ادبي ۽ سياسي ڪٿ ۾ ڪامريڊ جو ڪردار ڪرنگهي جي هڏيءَ مثل بنيادي، ڪَرو ۽ همہ گير رهيو آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪاهي ڏُر جي مائوسٽ رجحان رکندڙ پارٽي لٽريچر جي سلسلي جي پهرين ڪڙي "يَئو مِڙوئي پيلَ" جي 'ارپ٘نا' ۾ ڪامريڊ عزيزالسلام بخاري، ڪامريڊ ابن حيات جي قومي ۽ طبقاتي، علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتن، سندن تهذيبي ۽ انقلابي ڪردار کي هن ريت پيتا ڏي ٿو:

"قابل احترام سائين ابن حيات پنهور جي نانءُ، جيڪو سڄي ڄمار مظلوم ۽ محڪوم طبقن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم وسيلي نت نوان حوصلا ۽ راهون ڏيکاريندو رهيو آهي."

ڪامريڊ جي ترقي پسند ادبي، سياسي ۽ نظرياتي تحريڪي ڪردار سان گڏوگڏ، هڪ استاد جي حيثيت ۾ پڻ سندن تهذيبي ۽ تعليمي خدمتون ڪڏهن وسارڻ جوڳيون ناهن.

ڪامريڊ جتي بہ رهيو هڪ استاد، صحافي، تهذيبي ۽ انقلابي ڪارڪن جي حيثيت ۾، سِنڌ ۾ نئين جاڳرتا (Renaissance)، قومي ۽ طبقاتي تحريڪ جي اولين جدوجهد سان گڏوگڏ، تعليمي سرگرميون پيدا ڪري، انهن کي وڌائڻ، تيز ڪرڻ، مفت نائيٽ اسڪول کولڻ، اسڪول نہ هئڻ جي صورت ۾ مڪاني ماڻهوءَ جي راءِ کي يڪجا ڪندي، کين تعليم طرف مائل ڪرڻ، مڪاني عوام کان شراڪتي بنيادن تي چندا ڪري، عوام ۽ اختيارين وچ ۾ تعلق ذريعي اسڪول قائم ڪرڻ. سياسي، سماجي ۽ ادبي جاڳرتا لاءِ لئبررين ۽ تنظيمون قائم ڪرڻ، سياسي بيداريءَ لاءِ اخبار پڙهڻ جو رجحان پيدا ڪرڻ، اهڙين سرگرمين لاءِ مڪاني نوجوانن کي اُتساهڻ، جهڙوڪ بزم صوفياءِ سنڌ، سنڌ متحدا محاذ، سنڌي عوامي تحريڪ، "لطيف لٽرري سوسائٽي"، "قليچ سنگت" جو قيام ۽ پراڻي حيدرآباد جي قليلي پريٽ آباد جي علائقي جي پهرين سماجي تنظيم قائم ڪرڻ جهڙيون مُک ۽ تاريخي ذميواريون، سندن تهذيبي ۽ انقلابي جدوجهد جا سدا روشن پهلو آهن.

خاص طور ٽنڊي ننگر ۾ استاد جي پيشي دوران ڪامريڊ ۽ سندن شريڪ حيات (جا پڻ سنڌي استاد هئي، مٽس اينٽي ون يونٽ تحريڪ هلندي، پڙهائڻ دوران ٻار ڪي ٽيچ پيارڻ تي بہ بندش وڌي ويئي) سندن تعليمي، سياسي، سماجي، صحافتي ۽ ادبي سرگرمين جي مطالعي مان سندن ڪردار جو تعين سنڌ جي سجاڳيءَ جي تاريخ ۾ هڪ نهايت اهم، منفرد ۽ تاريخساز حيثيت جو حامل آهي.

ٽنڊي ننگر جي ڪينجهر ڪناري نخلستان ۾ وسندڙ رسول بخش درس ۽ عبداللطيف ڀرڳڙي، ڪينجهر ڪنڌيءَ اها جاءِ ڏيکاري، جنهن ۾ ڪامريڊ جون جهمپير جي دور دوران علمي، ادبي، سياسي ۽ ثقافتي رهاڻيون رهنديون هيون.

'1970ع بعد اسان جي تحريڪ جا در ايجنسين جي داخلا لاءِ کوليا ويا. 70ع کان اڳ اسان جو اتساهہ ۽ ويساهہ ايڏو اتاهون هو جو اڪثر ڪامريڊ ايئن چئبي ٻڌبا هئا تہ، 'ڪامريڊ ڳڙو لاهيو انقلاب دستڪ ڏيئي رهيو آهي.' رسول بخش درس هڪ زمانو ساريندي ٻڌايو.

'اسان ٻار موڪل واري ڏينهن بہ سائينءَ سان ڪچهري اتي (گهر) وڃي ڪندا هئاسين، جو ڪائنن موڪل واري ڏينهن بہ الڳ رهڻ پسند نہ ڪندا هئاسين. ان اسڪول کان موڪل واري ڏينهن (آچر) جي رهاڻ، اسان (شاگردن) ۾ ڪوٺبي ٿي "سائينءَ جي ڪچهري" هئي':

جهمپير جي عبداللطيف ڀرڳڙي ٻڌايو.

انهيءَ مان هڪ استاد، هڪ صحافي، هڪ تهذيبي ۽ انقلابي ڪارڪن جي حيثيت ۾ سندن شخصيت جي اعليٰ تر آدرش سان سرشار پهلوءَ بابت پروڙ پوي ٿي، جيڪو نوجوان شاگردن، هارين ۽ مزدورن جي محبت ۽ تربيت جو محور ۽ مرڪز بنجي ويو هو.

هتي هڪ ڳالهہ مدنظر رکندو هلان، گهڻو عرصو اڳ ڪنهن صحافي دوست ڪائنن مرڪندي پڇڻ گهريو تہ، 'سيني پنهنجون قيمتون ڪٽيون ويون، ڇا ڪڏهن اوهان جي زندگيءَ ۾ بہ ڪو اهڙو مرحلو آيو؟' جواب ۾ ڪامريڊ سختيءَ سان پنهنجي نرالي انداز ۾ آڱر کڻندي ان صحافيءَ کي جواب ڏنو هو تہ، "ڪين اهڙيءَ مجال ئي نہ ٿي!"

پارٽيءَ ڪمزور، لاچار ۽ بيوس "قانوني انقلابيت" واري نڪتي نظر جو ڪهڙو ذڪر ڪجي_ ان لاءِ هڪ مناسب تر اظهار محترم 'آسي' زميني ءَ جي هڪ شعر وسيلي نهايت پارلياماني ڍنگ ۾ اظهاري سگهجي ٿو:

چيٽا ٿيپي پِٽَ تي، پوڙهِي پورهيتَ نــارُ
پُونبڍي سان گڏ گارُ ڏنِي هِن سماج کي!

4 فيبروي 1969 ڌاري سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ڪامريڊ کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"قدت بہ برويءِ ازان پري مہ نهال ميـگيـرد
دريــن چـمــن همہ ازخـــون نهال ميگيردز

(تنهنجو وڏجڻ ڏسي، منهنجا پاليل چون ٿا، هن سڄي باغ مان تنهنجي خون جي خوشبو ٿي اچي)

وارو زمانو اچا پري پيو آهي. شايد اهو مرحلو بہ جلد اچي. قومن جي تاريخ ۾ امتحانن جو گهڙيون، اهڙن ئي مرحلن تي اچن ٿيون. ڏسجي تہ ڪيتري قدر ان لاءِ پاڻ کي تيار رکي سگهون ٿا"

جڏهن تہ ڪامريڊ، 9 جولائي 1956 ڌاري (پاڪستان جي ٺهڻ جي 8 سالن بعد) جوئي صاحب کي صورتحال جي ان سنگيني، قومي لحاظ کان لاحق سازشن ۽ انهن جي تدارڪ برعڪس مبهم روين بابت "هڪ تاثر" ۾ اڳوات ئي چتائي ٿو:

" ڏس، تہ پاڻ ڪيڏيءَ غلطي پيا ڪريون
"هو ڪي بي زبان،
"جٺ ۽ اناڙي ڪينهن
"ڳالهيون پنهنجائپ جون پيا ڪن
"۽ ڪَڏُون اندران پيا ڪوتين
"پانيان ٿو تہ ٻنيهن نسن جو زور ڏيان
"تہ جيئن سياڻي وڙهي بہ سگهون
"۽ ڪَٽون بہ ضرور !"

اهو اهو ڪين حالتن جو گهڻو اڳوات چتاءَ آهي.

ڪامريڊ ان ڏس ۾ لکي ٿو تہ:

"قدرت جو قانون ڪجهہ اهڙو آهي جو موت جو ڏپ ۽ حقيقت کان لاعلمي، انسان جي صلاحيتن ۽ اهليت کي رد ڪيو ڇڏي، پوءِ پل تہ اهو انسان

روشن اکين، تيز ڪنن ۽ ڪئنچيءَ جهڙي زبان جو مالڪ هجي، پر پوءِ بہ انهن مڙني صلاحيتن باوجود اندو ٻوڙو ۽ گونگو ٿي وڃي ٿو.“

هن وقت سِنڌُ، دنيا جهان سميت تبديلي پيئي گهُري_ پر ڪردار جون اهي خاصيتون (جنسون) اڄ اسان وٽ ناپيد آهن_ جيتوڻيڪ ان باوجود بہ اهڙا وسيلا، اهڙيون هستيون فطرت جي قانون پٽاندر قدرت جي ڪک منجهان نڪريو نروار ٿين!

”سِنڌُ ۾ اسان بہ سنت هئاسين: آئون ۽ ابن حيات “ ڪامريڊ جي ڪردار تي ڳالهائيندي، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي چيو.

لاڙڪاڻي جي ان سج سَوا نيزي جي گرميءَ ۾، فياض لطيف، ڪامريڊ سوڀي جي اوطاق جي اي سي فل ڪندي، مُڙي ڏٺو. ڪامريڊ لطيف لغاري نرڙ تان پگهر اُگهندي، لفظ ”سنت“ مان سندن مراد پڇي:”سِنڌُ ۾ اسان بہ سنت هئاسين: آئون ۽ ابن حيات “ ڪامريڊ جي ڪردار تي ڳالهائيندي، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي چيو. لاڙڪاڻي جي ان سج سَوا نيزي جي گرميءَ ۾، فياض لطيف، ڪامريڊ سوڀي جي اوطاق جي اي سي فل ڪندي، مُڙي ڏٺو. ڪامريڊ لطيف لغاري نرڙ تان پگهر اُگهندي، لفظ ”سنت“ مان سندن مراد پڇي:

”جنهن اجتماعي معاملن ۾ ڪو بہ گناهہ ڪا بہ غداري نہ ڪئي هجي.“

هن ڪتاب کي سهيڙڻ ۽ ڪمپوزيشن ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ پنهنجي پياري ڏيءُ وينگس حيات پنهور جو شڪرگذار آهيان. ۽ گڏوگڏ نهايت ٿورائتو آهيان پياري ياءَ سنڌي انعام ايڊيٽر ”نئون نياپو“ جو جنهن هن ڪتاب جي اشاعت ۾ پنهنجي آدرشي رويي تحت نهايت شديد آدرشي رويي سان هٿ ونڊايو. سندس اهو قرب مون لاءِ زندگيءَ جو املهہ سرمايو رهندو.

نڪا هِت نہ هُت، ڪا ڳوري سندي ڳالهہ،
ڪين پهتي مال، حال پهتي هوت کي.

## لطيف اياز پنهور

13 جنوري 2013
ابن حيات فائونڊيشن حيدرآباد سِنڌُ.

# ابن حيات پنهور

**زندگي، جدوجهد ۽ لکڻيون**

اسان جي وڏن جي دوستي جهمپير ۾ ٻارچن آڻن ۽ ماڇين سان هئي. پر ياءَ رسول بخش پليجي جهمپير جي ڀهراڻين سان نئين دوستي رکي هئي. اهو پڙهيل ڳڙهيل پوليس آفيسرن جو خاندان آهي جن مان غلام نبي ڀهراڻي ۽ غلام مصطفيٰ ڀهراڻيءَ معرفت هڪ سِنڌي استاد سان واقفيت ٿي. اهو استاد سِنڌُ جو مشهور انقلابي، اديب ۽ شاعر ابن حيات پنهور هو. ابن حيات سِنڌي نثر ۽ نظم جو شهسوار هو. بيحد اصول پرست هو. هن لاءِ سِنڌُ جي ڪنهن به قومي رهنما کي غداريءَ جو ڏوهه بخشڻ ناممڪن هو. 'سِنڌُ جا سوداگر...' جي تخليق به اڳتي هلي ون يونٽ مڙهجڻ کان پوءِ ٿي

## عبدالرحمان پليجو

(رسول بخش پليجو جو ڀاءُ)




ڪامريڊ يارمحمد 'ابن حيات' پنهور (جوانيءَ ۾)



(ساڄي کان) ڪامريڊ ابن حيات پنهور، مراد علي مرزا، ع. ق. شيخ، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر شهزادو ملڪاڻي (ناني)، (پوئتي ويٺل): ڪامريڊ محمد اشرف سيال (ناني). سجاد ظهير جي وهاڻ جي موقعي تي.



ڪامريڊ ابن حيات پنهور (جشن قليچ جي موقعي تي)



ڪامريڊ پنهنجي شريڪ حيات سڪينہ حيات سان



(کاٻي کان) ڪامريڊ ابن حيات پنهور، شيخ عبدالمجيد سنڌي،
سائين جي. ايم. سيد ۽ محمدُ ايوب کهڙو
(سنڌ متحده محاذ جي آفيس جي افتتاح موقعي تي)



ڪامريڊ لقمان لغاري



كامريڊ ابن حيات پنهور
(لقمان لغاريءَ جي ورسي: آگسٽ 1965 ڳوٺ سڪندر لغاري)



ڪامريڊ ابن حيات پنهور
نانءَ سِنڌي ساهت جي مانيٽي ڪارڪن محمد دائود سان



ڪامريڊ محمد اشرف سيال (ناٿي)



هن ڪتاب جو سهيڙيندڙ: لطيف اياز پنهور

## اڳياڙي

***شايد*** 1921ع جو زمانو هجي. آئون ٻارائي ڪلاس ۾ پراڻي "گهلپور" ۾ پڙهندو هئس. گهلپور منهنجي ڳوٺ, نانا قاضي غلام عليءَ جي ڳوٺ کان ٻه ميل پري هئي. منهنجو پهريون استاد ماستر ڦڳڻداس هو ۽ هيڊ ماستر منهنجو چاچو محمد ادريس پنهور هو. سال 1924ع ۾ گهلپور جو ڳوٺ درياهه جي ٻوڏ هيٺ اچي ويو ۽ پوءِ "نئين گهلپور" جو ڳوٺ آباد ٿيو, جتي منهنجو استاد محترم محمد رمضان هو. ان زماني ۾ انگريز حڪومت هندستانين تي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ ۽ ڪين هيسائڻ لاءِ پنهنجون فوجون ڳوٺن ۾ موڪليندي هئي. مون پهريون ڀيرو اها فوج ڏٺي. انگريزن کي سلامي ڏيڻ لاءِ منهنجي استاد محترم محمد رمضان اسڪول مان ٻئنچون ڪڍائي, آڻي, رستي تي رکيون ۽ شاگردن کي اُتي ويهاريو. جڏهن فوج آئي ته انهن وٽ خچرن تي فوجي سامان ۽ گهوڙن تي انگريز آفيسر هئا. مون اُنهن ڏينهن ۾ سائيڪل ڏٺي, موٽر وغيره نه هئا. اسڪول ۾ هڪ فوجي آفيسر وزيٽرس بُڪ تي ريمارڪ لکيا, ان کان پوءِ اسان کي موڪل ملي. رستي تي "نولکي" واهه نالي سان هو. مون سان منهنجو دوست محمد يوسف ميٺو ولد الهڏنو ميٺو پڙهندو هو. اسان ٻئي جڏهن واهه جي تري ۾ آياسين ته هڪ فوجي گهوڙيسوار گهوڙي کي ٽپ ڏياريندو اسان ڏانهن پئي آيو. ٻاهر نڪتاسين. انهيءَ آفيسر هٿ جي اشاري سان پاڻي پيئڻ جو خيال ڏيکاريو. انهن انگريز فوجن جي رهڻ ۽ منزل ڪرڻ جا ٽي هنڌ ياد اٿم: هڪ سکر (جتي وڏو فساد ٿيو هو), ٻيو سيتان وليج, ۽ ٽيون غلام چانڊيو اهو ڳوٺ, منهنجي ڳوٺ کان چار پنج ميل پري هو. اُتي اڄ به انگريزن جي ڇانوڻين جا يادگار آهن.

آئون ٻن مهينن جو هئس جو منهنجي ماءُ لاڏاڻو ڪري ويئي. منهنجي پيءُ جو نالو محمد حيات هو. اُن جو دوست فتح محمد ڪهرو هو اُن کي پٽ جو اولاد ڪو نہ هو مون کي نياڻل جي لاءِ پاڻ وٽ ڪٽي آيو. منهنجي ماءُ مائي سياڻي، نانا قاضي غلام عليءَ جي ڌيءَ هئي، جنهن مون کي نپايو. اُن زماني ۾ نانا، حيدرآباد جي هڪ ديوان هوتچند جي زمين تي عام مختيار هو. اُهي زمينون ٻچيري اسٽيشن جي اوپر طرف ديهہ 17، دادو واهہ تي هيون.

منهنجي ناني جي زال ۽ ٻہ ڌيئر پڙهيل هيون. آئون ننڍپڻ کان مذهب جي ريتن رسمن کان واقف هئس. گهر ۾ مذهبي ڪتاب تمام گهڻا هئا. نانا شاعر هو. "فيض" تخلص سان شاعري ڪندو هو. گهر ۾ منهنجي ناني ۽ ٻہ ماسيون قرآن پڙهنديون ۽ نماز روزا رکنديون هيون. منهنجو حقي والد محمد حيات ۽ نپائيندڙ فتح محمد، ٻئي پڙهيل هئا. سياري جي منڊ ۾ باهہ جي مچ تي حضرت يوسف ۽ بيبي زليخا جي محبت جو قصو پڙهيو ويندو هو. ٻڌي عورتون زاروقطار رئنديون هيون.

منهنجي انهيءَ ڳوٺ جي پرسان "ڪاٽي" نالي ڳوٺ ۾ ميلو لڳندو هو. اُن کي "رجبي" سڏيندا هئا. ٻيو ميلو پياري ڳوٺ ۾ عنايت فقير پنهور جي قبر تي لڳندو هو جيڪا ريلوي ڦاٽڪ وٽ هئي. اُن تي منهنجو استاد محمد رمضان ڏيئو ٻاريندو هو. اُهو عنايت فقير اسان جو ڏاڏو سڏبو هو. "ڪاٽي" جنهن کي هاڻي اَللهُ آباد سڏين ٿا. انهيءَ ميلي تان آئون فقط ڪتاب وٺندو هئس.

"گل بڪاولي"، "الف ليليٰ"، "عمر مارئي"، "سسئي پنهون"، "مومل راڻو" ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب پڙهيم. آئون 18_ 19 سالن جي عمر کان شاعري ڪندو هئس، مثلن: ڪافيون، مداحون، خطبا ڪٽي تخلص "مسافر" تہ ڪٽي "پنهور" هوندو هو. منهنجي اُن زماني جي شاعريءَ جا ٻہ بياض_ هڪ بياض، منهنجي دوست حبيب اَللهُ ولد پانڌي خان، وينل سانول ڪرتيو ۽ ٻيو بياض دادوءَ جي هڪ بيبي صاحبا وٽ رهجي ويو:

## ٿي ابتدائي شعر:

### تون ئي ڪامل
### قدرت آهين

تون ئي ڪامل قدرت آهين،
تون ئي وارث والي وو.
ذري ذري ۾ تنهنجي ظاهر،
جانب جوتَ جَلالي وو.
"پاڻ" جا پَڙدا جڏهن پري ٿيا،
آئي صورت صاف نظر،
ساعت، ساعت، تنهنجي سڀ تي،
نامِيا نرت نرالي وو.
علم عقل جون ڳالهيون اوري،
پيار جي منزل ڏاڍي ڏُورَ
گهيڙَ انهيءَ ۾ جيڪي گهِڙيا،
تن پاند پَلئه سڀ خالي وو.

(33_34 19ع ڳوٺ دريا خان کهڙو)

## مُئي کان پوءِ نشاني

مُئي کان پوءِ نشاني، منا مون وٽ نظر ٿيندو
قبر ۾ خاڪ جا ذرڙا، سڄڻ منهنجو جسم ٿيندو
قبر ۾ ملڪ مون ايندا، پُڇا جي واسطي سهڻا،
اگر ايندين نہ تون مون وٽ، ٻنهي پارين ظلم ٿيندو
پُڪاريان 'يار محمد' لاءِ، 'پنهور' جنهن ري نہ چارو آ،
اهو مهمان مون وٽ، ڪڏهن سهڻو صنم ٿيندو.

(1937_38ع، پيارو ڳوٺ، دادو)

## درد دنيا ۾ گهڻا

درد دنيا ۾ گهڻا پر درد دلبر جو ڏکيو
جنهن لَڳِي هيءَ تار تن ۾ نہ گُذاريو تنهن سُکيو.
عاشقن کان جڏهن ادا، دلبر وڃي تو دُور تي،
هاءِ تن جي دل اندر ۾ جڻ رهي دُونهون ڏکيو.
مُحب پنهنجي کي ڏسي هر حال ۾ خوش ٿا رهن،
جڻ تنين آ سدائين، آب جنت جو چکيو.
اي "پنهور" تون حال پنهنجي کي ڏسي ڪو غم نہ ڪر،
ڏينهن ڏُکيا ٽئي بہ ٿي، جيئن آهي الم نشرح ۾ لکيو.

(1938_37ع، پيارو ڳوٺ، دادو)

اُن ميلي تان ڪيترائي ٻاراڻا ڪتاب، جيڪي هندن جا ڇپايل هئا، سي خريد ڪري گهر کڻي ايندو هئس ۽ نانيءَ ۽ ماسين کي اُهي پڙهي ٻڌائيندو هئس.

اُنهن ڏينهن ۾ شڪارپور سيني شهرن کان وڏيڪ مشهور هو. حيدرآباد، ڪراچي، نوابشاهه، لاڙڪاڻو ۽ دادوءَ جا نالا ياد زياده آهن.

منهنجو نپايو پيءَ حاجي فتح محمد اڪثر شڪارپور ويندو هو. شڪارپور مان منهنجي لاءِ گرم ڪوٽ ۽ ٽڪن سان پريل ٽوپيون آڻيندو هو. مرحوم حاجي فتح محمد زميندار بہ هو. تن ڏينهين منهنجي زندگي تمام سني نموني گذرندي هئي. اُن جي مرڻ بعد مون زندگيءَ جا ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا.

15سالن جي عمر ۾ چاچو جمعو (کهرو) اسان کان ناراض ٿيو ڇو تہ مون پنهنجي نپائيندڙ ماءُ جي زمين جي حق جي بچاءَ لاءِ درخواست ڪئي هئي. اُن جو سبب هو ڇاڪاڻ تہ چاچي ابڙان جي شهر مان پنهنجي هڪ ماستر ابراهيم قريشي وٽان شادي ڪئي هئي، ۽ اُن تي سکر ۾ پياري صوبيدار هٿان هڪڙو ڪيس ڪرايو هيائين. اُن ڪيس مان ڪيس ڪو بہ فائدو نہ ٿيو تہ وري پيهر دادو ۾ اهڙو ڪيس ڪيائين. انهن افعالن ڪري زمين جو ڪافي حصو وڪرو ڪيو هيائين. انهيءَ تي مون درخواست ڪئي هئي. ۽ نتيجي ۾ اسان ماءَ پٽ انهيءَ گهر مان ٽپڙ کڻي، اچي ٻئي گهر ۾ رهياسين.

غربت سبب انگريزي نہ پڙهي سگهيس. حقي پيءُ، ٻي شاديءَ بعد بجاءِ مدد جي، انگريزي پڙهڻ تان گهٽ وڌ ڳالهايو. ڪيس منهنجي ڪالر واري قميص پائڻ تي بہ اعتراض هو جو اهو لباس جو طريقو فرنگين جو هو!

چاچي جمعي جو منگڻو بعد ۾ محمد عثمان کهري جي ڀيڻ ساران سان، ناني غلام علي قاضي ڪرايو هو جا ڳالهہ عثمان ڪي ڪين وڻي. بعد ۾ هُن پياري صوبيدار کان سندس ڀائيٽي پناهان جو سنگ وٺڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ جو سنگ پياري صوبيدار کي ڏيڻو ڪيو ۽ پوليس جو ليٽر کڻي پنهنجي ڀيڻ کي وٺي، رکڻ ۾ پياري صوبيدار سان اُن جي شادي ڪرايائين.

1932ع ۾ آئون ساماري تعلقي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ بيلدار هئس. ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ سيد غلام نبي شاهہ هو ۽ تعلقي پريزيڊنٽ هڪ هندو مخير هو. ياد اٿم تہ ساماري شهر کان اسٽيشن ڏانهن ويندڙ رستي تي پٿر جا سفري ڪتبا (سنگ ميل) لڳل هئا، جن تي ”عمر ڪوٽ“ بجاءِ ”امر ڪوٽ“ لکيل هو.

اُن بعد آئون باليشاهہ جي قمرالدين ڪلهوڙي وٽ، جنهن راڌڻ اسٽيشن جي ڀرسان بيلي ڪاتي جي ٻي زمين جو مقاطعو ڪنيو هو، مئنيجر هئس. ٻن ٽئن مهينن کان پوءِ هُن، نئين ڳوٺ جي ڀرسان بيلي ڪاتي جي زمين آبادي لاءِ مقاطعي تي ڪنئي. اُتي پاڻي درياهہ جي ڪپ کان ڏنو ويندو هو.

ڪجهہ عرصي بعد، اُتان استعيفا ڏيئي، پوليس ڪاتي ۾ ڀرتي ٿيس. ان وقت ميهڙ ۾ سب انسپيڪٽر محمد سليمان رانگڙ هو. ميهڙ لڳ

ڪوسن جي ڳوٺ مان ڏاڙيل ۽ عورتون ڪٺي ويا هئا. اُنهن عورتن جي ڳولا دوران محمد رمضان اڳاريو، سب انسپيڪٽر، ٽاٽو ڀهارا، تعلقو ميرپور ساڪرو، هڪ اشتهاري بيان ذريعي اطلاع ڏنو ته ميهڙ تعلقي جون ۽ بلوچ عورتون لسٻيلي جيل ۾ جوابدارن سميت گرفتار آهن. آئون ۽ مولائي دين محمد، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر، محمد رمضان، سب انسپيڪٽر کان وڌيڪ معلومات لاءِ وٽس وياسين. ساڻس صلاح مشوري بعد، ڪنيار پارٽي ڪراچيءَ مان هڪ جيپ پاڙي تي وٺي، حب ندي ٽپي، جام غلام قادر خان، والي رياست جي ٻيلي جي سرحد ۾ داخل ٿياسين. اُهو زمانو ٻي عالمگير لڙائيءَ جو هو. لاهوت لامڪان کان ۽ ٽي ميل اورتي انگريز فوج جو هڪ دستو بيٺل هو. سڄي رات اُن فوج سان گڏ گذاريسين. هڪ حسين ماٿريءَ جي پير ۾ ”اٿل“ جو شهر هو. شهر ٻاهران ٽاٽو هو. اُتي وڃڻ بعد اڪيين ڏنوسين ته هڪ جوابدار جي ٽنگ ڪاٺ ۾ جڪڙيل هئي، ۽ هُو اُتي ٻه نه ٿي سگهيو.

اُن بعد ٻيلي ڏانهن روانا ٿياسين. 40_50 ميلن کان پوءِ جوڳر جي آبادي نظر آئي. جلدئي لس جي شهر جي رياست ۾ پهتاسين. هن بيان ڪندي هڪ ڳالهه وسري ويئي، انگريزي فوج کان ڪلاڪ اڳ جام غلام قادر، والي رياست لسٻيلو وڃي رهيو هو. ويجهو اچڻ تي ڪيس سلامي ڏنيسين ۽ ڪيس انسپيڪٽر جنرل پوليس جا جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ ڪاغذ ڏيکارياسين. پاڻ ڪاغذن تي صحيحون ڪري ڪراچي روانو ٿيو. اسان جڏهن ٻيلي وياسين ته اسان کي پوليٽيڪل اسسٽنٽ ڪمشنر جي بنگلي تي ترسايو ويو. رات جو اسان جي چڱي خاطرداري ٿي. شهر ۾ شراب جو وڪرو جام هو. اُهو هڪ خاص قسم جو شراب هو ۽ ذائقي ۾ مٺو هو. بنگلي جو چوڪيدار رات جو هڪ چوئنري شراب جي ڪٺي آيو. شراب پيئڻ ۾ ڏاڍو مزيدار هو. اسان ٻنهي چڙهن دل کولي پيتو. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ، جنهن ڪمري ۾ اسان ترسيل هئاسين، اُن جو غاليچو اسان ٻنهين جي اُلٽين سبان خراب ٿي ويو.

ٻن چئن مهينن بعد بدلي ٿي ڪونڙي ٽاٽي تي آيس. اتي پيءُ جي بيماريءَ جي خبر پيئي، سو ڳوٺ موٽي ويس. هفتي کن بعد منهنجو والد

حاجي محمد حيات وفات ڪري ويو. منهنجا ٻہ ڀائر نصيرالدين ۽ قمرالدين عرف منل ننڍا هئا.

20_30 ايڪڙ زمين آباد هئي. ننڍن ڀائرن جي سهيڙڻ کان ٻاهر هئي. استيعفا ڏيئي ڳوٺ آيس ۽ اُتي پنهنجي زمين آباد ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي ويس. پنجن ڇهن مهينن بعد ڀائرن ۾ مون سان بي اتفاقي ٿي. منهنجي والد پنهنجي ننڍي ڀاءُ نبي بخش جي ڌي دفعا پنهنجي هڙان خرچ ڪري شادي ڪرائي هئي. چاچي نبي بخش کان مون پنهنجي ننڍي ڀاءُ نصيرالدين جي لاءِ سنگ گهريو. انهيءَ تي اسان ۾ بي اتفاقي پيدا ٿي پيئي. ٻنهي ڀائرن ۾ منهنجي لاءِ سخت بدظني پيدا ڪئي ويئي. مجبور ٿي ڀوڪ جو ڏنڊو ڇڏي، حيدرآباد ۾ جمعي سومري جي مسلم اسڪول ۾ ماستر ٿيس.

شايد 1935ع ڌاري نصير آباد ۾ هڪ مولوي عنايت اللهُ جي مسلم اسڪول ۾ هڪ ماستر نالي علي بخش کوسو ۽ مان گڏجي ڪوٺ غلام اللهُ وياسين. اُهو ڳوٺ قمبر علي خان کان گهٽو اڳتي هو. اُتي اسان وتائي فقير جي قبر ڏٺي، جيڪا هڪ ڪڏ ۾ هئي.

1936ع جو زمانو هو جو آئون وارهہ تعلقي جي هڪ ڳوٺ، ڪڙيو صبڙ خان ۾ ماستر هئس. هڪ ڏينهن اُن ڳوٺ جي هڪ لاشاري بلوچ (افسوس سندس نالو وسريم ٿو) ڳالهہ ڪئي تہ "منهنجو مرشد ڪٽل ڪاتي جو صاحب آهي، ميهڙ ۾ منزل ڪئي اٿس، آئون سياڻي سندس زيارت تي ويندس. اوهان جيڪڏهن ميهڙ گهمڻ هلو تہ ڍڳي گاڏيءَ ۾ ونيو هلانو." ساڻس هائوڪار ڪيم ۽ هُن جي وڃڻ کان پوءِ دل ۾ سوچڻ لڳس تہ هُن مسڪين انگ اگهاڙي سان ڪامورو مرشد ڪهڙي دعا سلام ڪندو؟

اُهو لاشاري بلوچ پنهنجي ڳوٺ ۾ نهايت ايماندار، نيڪ بخت ۽ هرهڪ سان وس پڄندي ڀلائيءَ جو ڀير ڀريندي ويرم ئي ڪين ڪندو هو. هُن جو مون سان قرب هوندو هو. آئون بہ هُن جي پيءُ بجا عزت ڪندو هئس. هُو پنهنجي سو سَوا گهرن واري ڳوٺڙي ۾ سينيءَ کان وڏيڪ مسڪين هو. ساڻس منهنجي محبت جو ڪارڻ دراصل ساڻس ٿيل هڪ وڏي ظلم جو واقعو هو اُها دردناڪ ماجرا هُن پاڻ بہ ٻڌائي هئي ۽ ٻين ڳوٺ وارن بہ. اُهو واقعو هيئن هو تہ تر جي هڪ وڏي زميندار، ڪنهن ماڻهو جو خون ڪرائي مقتول جو لاش، اُن ٻروچ جي ٻنيءَ جي منڍ وٽ، سرن جي ڪهڙن ۾ باهہ ڏيارائي،

ساڙائي ڇڏيو. پوليس پئسا ونئي، ڪوڙا شاهد بيهاري، غريب کي ناحق ۾ اڙائي ڇڏيو. هُن کي ويهہ سال سزا ڀوڳڻي پيئي ۽ پنهنجي ڳوٺ آئي ڪيس ۾ ڏيڍ سال ٿيا هئا.

وڏو اسر هو تہ هُن مون کي ننڊ مان اٿاري، ڊگهي گاڏيءَ تي آڻي ويهاريو_ پوءِ تہ ڪچو رستو ٽڪل ڊگها ۽ "سَچِي ڪَچِي" جي هُونگار ڀڏندي، خيرن سان اچي ميهڙ پهتاسين. ڪامورو مرشد انهيءَ رات منزل پٽي، روانو ٿي چڪو هو. غريب کي ڏاڍو ڏک ٿيو خبر ناهي تہ ٻروچ کي ڏن اڳاڙو مرشد بجاءِ غريبن تان جان قربان ڪندڙ مرشد سان ٻيهر ملاقات جو موقعو مليو الائي نہ!

وقت گذرندو رهيو 14 سالن جي عرصي کان پوءِ، 1949ع ۾ آئون ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهڻ آيس. تن ڏينهن ۾ زماني پاسو بدلايو هند ۽ پاڪ جي ورهاڱي لکها ماڻهن کي خوش آئند خوابن جي سهاري، لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو. نيون شڪليون، مڪاني ماڻهن لاءِ ڪيتروئي عرصو حيرت ۽ چيميگوئين جو مرڪز بنيون رهيون. هُنن جي واتان ساڻن ٿيل ظلمن جا داستان ٻڌي، شايد ئي ڪا دل روئڻ کان واندي رهي هجي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي معاشري ۾ هندن جي هڪ خاص گروهہ اقليت جو فائدو ونئي، انگريزن جو نورنظر بنجي، پاڻ کي تعليم، دولت ۽ ٻئي هر نموني سان ڏاهڻ ۾ ڪا بہ جائز ناجائز ڪوشش ڪانہ ڇڏي. تاريخ جو هيءَ هڪ وڏو سانحو آهي تہ اقليت هميشہ ناجائز فائدا وٺندي، وقت جي حڪومتن جي دلالي ڪندي، اڪثريت کي دٻائيندي، بهتان مڙهيندي ۽ هزارين لقب لائيندي آهي. انهيءَ طبقي پنهنجي قوم جي غريب هندن ۽ مسلمانن کي هر طرح سان پيڙڻ جي ڪوشش ڪئي_ نتيجو اهو نڪتو تہ وچولي طبقي سجاڳيءَ آڻڻ لاءِ وڏن وڏن شهرن ۾ عوامي انجمنون ۽ علمي ادبي ادارا کولڻ شروع ڪيا پر پوءِ هندن جي لڏ پلاڻ بعد اهي سموريون سرگرميون گهٽي ياڳي ٿڏيون تي ويون.

1949ع ۾ حيدرآباد ۾ ادبي انجمن جو بنياد رکيو ويو. تن ڏينهين ڪامورو مرشد (ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي) عوام جي خادم جي روپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اُنهن ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندي ڏسبو هو. ايئن گجندو هو جيئن ڪوشينهن ٻيلي ۾ گجگوڙون ڪري. انهيءَ سال مون کي

ڪاليج منجهان خارج ڪيو ويو هو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي جڏهن اها خبر پيئي ته چيائين:

'پرواهه نه ڪر، اڄ ئي هلي "هاري حقدار" اخبار ۾ ڪم ڪر.'

پر جيئن ته گورنمينٽ کان ورتل اسڪالر شپ واپس ڪرڻ جي مون ۾ طاقت نه هئي، تنهنڪري اُن سعادت کان محروم رهيس، ست ستاءَ ڪري پيهر ڪاليج ۾ داخلا جي اجازت ورتم.

ڪاليج مان نڪرڻ بعد آئون حيدرآباد جي پرسان، دوآبي ۾ ماستر مقرر ٿيس ۽ اُتي جڏهن ادبي ڪچهرين جو سلسلو شروع ڪيم ته ڪڏهن ڪڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پڻ پنهنجا پال پلائي اچي شريڪ ٿيندو هو.

1951ع ۾، جڏهن "اداره انسانيت" ۾ ماهوار رسالي "پرهه ڦُٽيءَ" جا فرض سنڀاليم، تڏهن شهر ۾ رهڻ سببان ڪامريڊ سان وڌيڪ ڪچهرين جو موقعو مليو. تن ڏينهن ۾ هاري پارٽي وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪري رهي هئي. هاري پارٽي جيئن جيئن پنهنجو اثر وڌائڻ لڳي، تيئن تيئن ڦرلٽ ڪندڙ طبقي جا ڳيجهو ڦرلٽ ٿيندڙ طبقي جي همدرديءَ جي آڙ ۾، پارٽيءَ کي پڻ پويان ڇري هڻڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن شام جو آئون ۽ ڪامريڊ جتوئي هاري آفيس اڳيان ويٺا هئاسين ته اوڏيءَ مهل هڪ مولوي صاحب اچي نڪتو. ڪامريڊ سان نهايت ادب ۽ احترام سان هٿ ڏيئي، اچا ڪٽ تي مس ئي ويٺو ته ڪامريڊ گجگوڙ ڪئي:

"بي ايمان مولوي، شرم نه ٿو اچيئي، اسان جي منهن تي هارين جو همدرد بڻجي ڳالهيون ڪرين ۽ اسان کان وڃيو اَللهُ ۽ اسلام جي آڙ ۾ زهر اوڳاري، مظلومن جي اتحاد کي ڇيهو پيو رسائين!"

مولويءَ جو منهن نڪر بڻجي ويو. ٻه منٽ ويهي چپ چاپ اٿي ڪڙو ٿيو.

هُن جي وڃڻ کان پوءِ مون ڪامريڊ کان پڇيو ته چيائين:

"اُهو مولوي فلاڻي مير کان پئسا وٺي اسان جي خلاف ڪم پيو ڪري"

ساڳئي مولويءَ جي انهيءَ مذموم ڪردار جي وڌيڪ ثابتي ٿئي ۾ ڏسڻ ۾ آئي ـ آئون ۽ پيو هڪ انگريزي جو استاد بازار مان پئي وياسين ته اوچتو مرحوم علاوالدين سمي جي نظر وڃي مولوي تي پيئي ـ شينهن جهڙي

مڙس گار ڏيئي، جلهه ڪري، مولوي کي ڪٽي ڳچيءَ کان جهليو. منهنجا ۽ ماستر جا پوتين پلاند. پر سمون صاحب ڪٽي تو مڙي، چي:

”ڇڏيو آئون هن بدمعاش کي ماريندس_ هيءَ حرامزادو چورن سان چور ۽ ساڌن سان ساڌ بنيو هلندو وتي.“

ڳچ ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڪامريڊ (حيدر بخش جتوئي) سان مليس ۽ ساڻس سمي صاحب ۽ مولوي واري معرڪي جو قصو بيان ڪيم. تڏهن هڪدم ڪلي ڏنائين ۽ روسي انقلاب جي تاريخ جو هڪ وڏو واقعو بيان ڪندي، چيائين:

”روس ۾ جڏهن زار شاهيءَ خلاف عوامي هلچل زور وٺڻ لڳي، تڏهن پارٽيءَ ۾ اهڙا ماڻهو گهڙي آيا. جن زار شاهيءَ جا ٽورا گهڻا معمولي راز ڀڏائي، ڀروسو حاصل ڪري، پارٽيءَ جي ڪيترن ايماندار ۽ عوام دوست ساٿين کي وڏيءَ سازش سان مارايو ۽ پارٽيءَ کي ناڪامياب بنائڻ جون ڪوششون ڪيون. پوءِ جڏهن عوامي انقلاب سوڀ حاصل ڪئي ۽ اُها سازش ظاهر ٿي، تڏهن ڪامريڊ لينن اُنهن کي مارائڻ جو حڪم ڪيو. دشمن جي ايجنٽن کي پتو پئجي ويو_ ڪيترا ڀڄي ويا ۽ جيڪي هٿ آيا تن کي گوليءَ سان اڏايو ويو.“

هڪ ڏينهن ڪانئس پڇيم:

”ڪامريڊ اوهان جي ذهن ۽ فڪر ۾ هيءَ تبديلي ڪيئن آئي؟“

وراڻيائين:

”يورپ جي دانشور طبقي جڏهن صنعتي دور ۾ پير پاتو تڏهن هُن کي ڄڻڪ هڪ سرچ لائيٽ ملي ويئي، جنهن جي وسيلي ماضيءَ جي هر چيز کي تپاسيندو اُن جي ڪرائي ڪوتائيءَ کي پرکيندو، قلمبند ڪندو ويو. پوءِ جڏهن اُهي تخليقون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتيون ته حساس دلين کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيون. اوهان کي عجب لڳندو ته هندن جي تعليم يافتا طبقي ۾ ڪيترا اهڙا اهل دل ۽ اهل دماغ موجود هئا. جن جو هن سرزمين ته ڪو قدر نه ڪيو پر اهي ساڳيا يورپ ۾ هجن ها ته سندن مدفن مساڻن، قبرن ۽ درگاهن بجاءِ انساني دلين ۾ هجن ها.“

هڪ ڏينهن ڳالهين هلندي هيءَ بحث ڇڙيو ته هاري طبقو پنهنجن حقن وٺڻ لاءِ ڇو نه ٿو پاڻ ۾ ٻڌي پيدا ڪري؟ ڪيترا ساٿي ويٺل

هئا، هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو رايو پيش ڪيو. هڪڙن جو چوڻ هو تہ هاري طبقي ۾ تعليم ڪانهي، جڏهن ڪين تعليم حاصل ٿيندي تہ هُو پنهنجن حقن لاءِ گڏجي اُٿي کڙا ٿيندا. ٻين جو چوڻ هو تہ هاري پنهنجو پاڻ ۾ وڙهيل آهن. جيسين منجهائن ٻي اتفاقي نہ ويندي، تيسين ڪجهہ بہ ڪري ڪين سگهندا. ڪيترن جو وري هيءَ خيال هو تہ وڏيرا هٿ وٺي هارين کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهن ۽ ڪين پنهنجن بنيادي مسئلن کان هٽائي ٿا ڇڏين. آخر جڏهن سيني ڳالهائي بس ڪئي ۽ ڪامريڊ جو وارو آيو، تڏهن چيائين تہ:

"بدقسمتيءَ سان هارين ۾ ڪم ڪندڙ ورڪر توڙي ليڊر ايئن ٿا محسوس ڪن ۽ سمجهن تہ جلسن جلوسن ۾ جذباتي تقريرن ڪرڻ سان انقلاب اچي ويندو ۽ هُو ان خوشفهميءَ ۾ پاڻ کي ٻي ميار سمجهيو جلسا تاڙيندا وتن تہ ڪٿي ڪو تقرير جو موقعو ملي ۽ هاري تاڙيون وڄائين. هنن هٿ وٺي هارين جي دلين ۾ اها غلط ڳالهہ ويهاري ڇڏي آهي تہ انقلاب ليڊر آڻيندا ۽ پوءِ اسين پنهنجي پورهئي جا ٻئي مٿا ٻهاري، گهر ڪٺي اچي رکنداسين. اهڙيءَ ريت جڏهن بہ ڪنهن هاري سان ڪو زميندار بيواجبي ڪري ٿو تہ هاري ورڪر، اُن هاريءَ ئي کي انصاف لاءِ مهينن جا مهينا ڪورٽن جا دروازا ڏيکاريندا ٿا رهن. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ هاري خرچن ۽ گهل سببان مايوس ٿيو وڃن ۽ پيهر جڏهن ساڻن ساڳيو زميندار بيواجبي ڪري ٿو تہ هُو چپ چاپ اها زيادتي سهي ٿو وڃي يا زميندار جي رضامندي پٽاندر ناهہ ڪري ٿو ڇڏي. پر جيڪڏهن هاري ورڪر اُن مظلوم کي اها ڳالهہ سمجهائي تہ منهنجي مدد تو کي ڪو بہ فائدو ڪانہ پهچائيندي، پر تون پاڻ پنهنجن ٻين پاڙن سان دل جو درد ونڊي، ڪين پاڻ سان گڏ وٺي انهيءَ ظالم جي ڪنڌ تي وڃي ڪڙڪو يا سيئي گڏجي وڃي حڪومتن جا دروازا ڌوڏيو تہ انصاف پلئہ پوڻ ۾ ذرو بہ دير ڪانہ لڳي. پيو تہ هارين ۾ اجا اها نگاهہ ئي پيدا ڪانہ ٿي آهي، اڄڪلهہ هرهڪ ليڊر هارين جي ڏک سور جون دانهون ٿو ڪري، تہ اهو واقعي هڏ ڏوکي بہ آهي يا همدرديءَ جي آڙ ۾ ليڊري چمڪايو پنهنجو گهر پيو ڀري، يا ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ مانگر مڇ جيان ڏيکاءَ جا ڳوڙها پيو ڳاڙي، ۽ وڏي حيرت جي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ جنهن بہ جلسي ۾ ڏسو تہ

پورهيت طبقو ڪنهن بہ ليبر جي تقرير ڪي ڌيان سان ٻڌڻ ۽ سوال ڪرڻ بجاءِ مورڳو گونگن جيان چپ چاپ ٻڌيو. اوپاسيون ويٺو ڏيندو. پورهيت جي انهي اٽجاڻائيءَ سببان هرهڪ ليبر تقرير ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي ايئن ئو اچي، ڄڻ ڪنهن تفريح واري هنڌ تي آيو هجي. هُن ڪي اهو ڏپ ۽ پوئي ڪين ٿو ٿئي تہ هينئر جيڪي ڳالهايان پيو تنهن تي جيڪڏهن سياڻي ثابت قدم نہ بيٺس تہ پورهيت طبقي جا پٽي هٿ گلي ۾ هوندا. مطلب تہ جيسيتائين پورهيت طبقو انقلاب جي راهہ ۾ پاڻ ڪي اوليت ۽ ليبر ڪي ثانوي حيثيت سان نہ ڏسندو تيسين منجهس نڪي پنهنجي بيپناهہ طاقت جو ڀروسو پيدا ٿيندو ۽ نڪي انقلاب آڻي سگهندو.“

هڪ دفعي ڳالهين ڪندي جڏهن خدا جي تصور جو سوال اٿيو تڏهن چيائين:

”مُلي جو خدا بابت ٻڌايل تصور تہ ڪِل جوڳو آهي. باقي مذهب جيڪو تصور ڏنو آهي، اُن جو اظهار بہ تہ ڪفر ۾ شامل آهي، وڃجي تہ ڪاڏي وڃجي! مُلي ڪي مچ تہ بہ ملامت، جي مذهب ڪي مچ تہ بہ ملامت!“

پوئين دور ۾ جڏهن ظالم ۽ مظلوم قومن جي نظرياتي ڇڪتاڻ شروع ٿي، تڏهن ڪامريڊ جو هيءَ چوڻ هو تہ:

”اصل مسئلو مظلوم ڪي ظلم مان ڪيڏڻ آهي، جيڪڏهن انهي مقصد اڳيان ڪوبہ فڪر، ڪوبہ نظريو رڪاوٽ ثابت ٿيو تہ اسين انهيءَ ڪي وڏي بيپرواهي سان لتاڙي ڇڏينداسين.“

ڪامريڊ (ڪامورو مرشد) پنهنجي سموري حياتي هڪ اهل دل انسان جي حيثيت سان گذاري، هُو انهيءَ قبيلي جو هڪ جانباز سپاهي هو جنهن هر دور ۾ تاريخ جي جامد ڦيٿي ڪي پنهنجي سيني جي زور سان پٺي ڌڪيو آهي. ايوب جي مارشلا جي دور ۾ جڏهن سِنڌُ جي مٿان وڏيڪ ڀلن جي مصيبت مڙهي ويئي، تڏهن هُن شينهن مڙس، ڪنهن بہ آڳي پيڇي جانچڻ ڪان سواءِ ٻرندڙ مچ ۾ ٽپ ڏنو ۽ آخر سوڀ سندس ٿي.

سياست جي سنگلاخ ميدان تي مٿس ڪيئي حملا ٿيا. طريقي ڪار تي جلهون ٿيون، ذاتي وار ڪيا ويا. پر هيءَ دريا دل انسان هماليا جبل جيان اڏول رهيو_ اهو ڪين ڏنائين تہ حملو ڪير ٿو ڪري ۽ ڪير ڪڪ ڪهڄر اڇلي رهيا آهن. هُن آدرشي انسان جو مرڻ جيئڻ پنهنجن اصولن

تي هو. هُو سڄي ڄمار سچ کي وڌيڪ سونهن بخشڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو.

زندگيءَ جي دستور پٽاندر تہ جتوئي مري چڪو آهي، پر حقيقت ۾ موت پاڻ مئو ۽ ڪامريڊ هن ڌرتيءَ تي زنده جاودان بڻجي ويو.

❊❊❊

# تقرير

## ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي پهرين ورسي

**پورهيت** يائرو!

حيدر جا شيدائيو!

آئون اوهان کي واسطو ڏيو وجهان، اوهانجن پنهنجن معصوم ٻچن جو، پيٽ ٻڪين ۾ انگ اُگهاڙن جو_ فقط هن ڳالهه لاءِ ته اوهان هر ڳالهه دل جي ڪنن سان ٻڌو. سوا ٻه سئو سال اڳ 'لطيف' اهائي صدا ڪئي هئي:

ڪن تيءَ، ڪيچين ڪُچيو ڪُڇ ۾َ تان ڪُڇن،
اِشارتون ان جون، سڪوتا سُڃن،
وتان وٻهي تن، سُڻ تہ سُور پرايئين.

اها صدا، اها سڏ، اڄ بہ فضائن ۾ گونجي پئي. اڄ بہ سِنڌُ جي ڳوٺ ڳوٺ، ڳلي ڳلي ۾ اسان سينيءَ کي اهائي ساڳي اپيل پئي ڪري. لطيف اسان جي نفسيات کي ڄاڻتو هو. هُن اسان کي چڱي طرح سڃاتو هو.

پورهيت ياءَ! سِنڌُ جي سياست اڪثر دڪاندار واري رهي آهي_ 1857ع کان وٺي اڄ تائين ان جا الائي ڪيترا دڪان کلي چڪا آهن. انگريزن سان آزاديءَ واري جنگ کان وٺي اڄ تائين اٽڪل سوا سئو سالن جي قومي جنگ جنهن جو فقط تون ئي اڻموٽ ۽ سرويچ سپاهي آهين. تون پنهنجي ديس جي وڏي طاقت آهين_ ڪنهن بہ قوم جي ايڏي وڏي تعداد کي آزاديءَ جي جنگ لڙڻ جو ڏانءُ هجي، ڍنگ هجي، مثلن: ڪهڙي طرف؟ ڪهڙا هٿيار؟ ڪيئن استعمال ڪري؟ تہ پوءِ يقينن اهڙيءَ جنگ جو نتيجو ڪڏهن بہ اميدن خلاف نڪري نٿو سگهي!

هيءَ دور عجيب دور آهي_ سِنڌُ جي سياسي اسٽيج تي هن وقت فقط ڊراما ئي ڊراما آهن_ جيڏانهن بہ اک کڻي نهاربو تہ هرهنڌ شطرنج جون ڳوٽون پکڙيون پيون آهن. هڪڙا مهرا مرن پيا ۽ ٻيا مهرا اهائي ساڳي جاءِ والارين پيا. باقي پيادو سو تہ اڄ بہ اهوئي پيادو آهي!

منهنجا ياءَ! تون پنهنجي اميدن جي دنيا ۾ رهه. ۽ چاڻ تہ اڄ نہ تہ سيان کنهن نہ کنهن اوچتي جادوءَ جي لٽ ڦرڻ سان، تنهنجي ٻيڙي وچ سير مان لڏي، لمي وڃي کنهن کنڌيءَ ڪناري لڳندي. اسان جن ويچارن وڏڙن جون بہ اهي ئي اميدون هيون ۽ اهوئي دستور هو_ ڪٿي آهن سندن قبرون ۽ ڪٿي آهن سندن نام و نشان_ نہ اُهي پٽ نہ اُهي ماڳ مڪان! هٿن مان ئي هليا ويا. اسان جي ڏسندي ڏسندي_ پلا اکين تي جو پٽي ٻڌل هُوندي تہ ڏسبو بہ ڇا؟ دوست ۽ دشمن جي تہ پرک ئي ڪانہ رهندي!

ڪو زمانو هو جو تنهنجي مظلوميت جو اظهار ڪرڻ جرم هو ۽ اهڙي مجرم تي ناشناس قاضيءَ جي ڊگهي ڇپ، وقت جي حاڪم جي ڪهڙي بہ تهمت مڙهيندي ۽ ڪيڏو بہ قهر ڪندي، ڪسر ڪانہ ڇڏي_ پر اڄ تنهنجن ڏکن ۽ سورن جا سوين ساٿي نظر اچي رهيا آهن_ ڪهڙي اک آهي جيڪا تنهنجي مظلوميت تي ڳوڙها نہ ٿي ڳاڙي ۽ تنهنجي دل جي زخمن جي علاج لاءِ مرهم جي ڳولائو نہ آهي!

پورهيت! وقت تو سان پال پيو پلائي! اڄ ڪو بہ غير ڪونهي ۽ نڪي وري پڙدي پنيان ڪنهن چالاڪ لومڙ يا بگهڙ جو تصور ئي ڪري ٿو سگهجي. اُٿ پورهيت! وقت کي سلام ڪر! زمانو تنهنجو آيو آهي!

ڇا تون اڄا بہ خوشنصيب نہ آهين، جڏهن چوويهہ ئي ڪلاڪ تنهنجون اهي ڪچهريون هجن تہ اڄهو هاڻي هينئن ٿو ٿئي ۽ هاڻي اسان کي هيءَ ٿو. ”ملي“ ـــ ”ملڻ“ ۽ ”ونڻ“ انهن ٻن لفظن ۾ موت ۽ حياتيءَ جو راز سمايل آهي، هنن ٻن لفظن ۾ ايڏو ويڇو آهي، جيڏو ڌرتيءَ ۽ آسمان ۾ يا اوير يا اولهہ ۾!_ ويٽنام، ڪمبوڊيا، ڪوريا، ڪيوبا، لائوس ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي آزادي پسند قومن، ”ملڻ“ کي حرام ڄاتو آهي. هُنن ”ورتو“ نہ آهي، ”کسيو“ آهي_ شينهن جيان گجگوڙ ڪري ۽ چيتي جيان ڇال ڏيئي. ۽ اسين آهيون اُهي جن جو تہ ازل کان ئي ملڻ مقدر آهي_ ابي ڏاڏي کان رضا تي راضي_ جيڪي بہ پلئہ پيو!

اوهان پنهنجي قيمت سڃاڻو ٿا_ واقعي سمجهدار آهيو. اوهان جي سمجهه تي اوهان جي مخلص خادمن کي پاڻ ناس ڪرڻ جڳائي، جن پنهنجون سموريون حياتيون اوهان جي ڳوٺن، ٻنين ۽ ٻارن، رستن ۽ پيچرن تي ڏڪا کائي، اڃيون ڏاڙهيون ڪيون آهن. سِنڌُ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري عرصي ۾، جڏهن به ڪنهن آزمائش ۽ امتحان جو وقت آيو آهي، هر دفعي پنهنجي پلائي سوچي اٿو پنهنجن پيٽ بکايل ۽ انگ اگهاڙن معصوم ٻچن جو خيال رکيو اٿو. اوهان جي سمجهه، اتحاد ۽ عمل تي اوهان جي خادمن جا ڳاٽ اوچا آهن، سندن منهن سرخرو آهن_ پورهيت ڀاءَ، تو کي مبارڪ آهي! اهوئي رستو ونيو هل! سڀ سٺايون تي ويندي‌يون. اوهان تاڙيون وڄايو ۽ زور سان وڄايو_ جيئن اوهان جو ووٽ هڪ نااهل کي، اهل بنايو خود اوهان جي ئي قسمت جو مالڪ بنايو ڇڏي، تيئن اوهان جون تاڙيون ٻي جي حق ۾ رائفل جو ڪم ڏين ٿيون. ووٽ وانگر تاڙيون به قيمتي آهن_ آئون ته ايئن چوندس ته اڄ اوهان جي پيرن جي مٽيءَ به قيمتي آهي. پلائي ڪري تاڙين کي سستي ملهه نه وڪڻو_ ڪجهه تحمل ڪريو. اڄ نه ته سڀاڻ انهن تاڙين جو ملهه چوٽ چڙهي ويندو!

هن ديس جو هر سفيد پوش ۽ سٽيو مهاندو صدين کان تنهنجو قرضي آهي. هيءَ دور ته تو کي "مور" سان گڏ "وياج" به ونرائي ڏيڻ جو اعلان پيو ڪري_ افسوس جي تون ٻوڙو، دل جي ڪنن سان ٻڌين ۽ هينئين سان هنڊائين ته جيڪر ڪنهن ٻئي ڏانهن اجائي آس ڪرڻ بجاءِ، پنهنجي قسمت پاڻ ئي ٺاهي وجهين!

سِنڌُ صدين کان انسان دوستن ۽ محب وطن ماڻهن جي سرزمين آهي، پر افسوس اڄ هتي ليڊرن جي پرمار ايئن آهي، جيئن وارياسن پٽن تي، مينهن جي ڪٽين پوندي مينهن وسائڻا نڪريو نروار ٿين_ سيني کي تنهنجو درد ۽ سيني ۾ سور، پر ديڳڙي هر ڪنهن جي الڳ الڳ آهي: سوچيو اٿئي ته ايئن ڇو؟ انهيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي؟ جڏهن تو اها پرولي پڇي وڌي ته پوءِ پڪ جاڻ ته اهڙن ليڊرن ۾ ڏڪار پئجي ويندو. مجال آهي، جو وري انهن مان ڪو تنهنجو دماغ چٽي ۽ تو کي استعمال ڪري.

جيڪي ٻين لاءِ جيئندا آهن، سي مرندا نه آهن: مرندا اُهي آهن، جي پاڻ لاءِ جيئندا آهن. هن ڌرتي ڪيئي ڪروڙين کائي ڪپائي، پنهنجي

اونداهي ٻيءِ ۾ هڪ ٺي ڳيت سان ڳيهي چڙيا. پر ڪي اهل دل، ڪي مرد خدا ڌرتيءَ جي هضم ڪرڻ کان وڌا هوندا آهن. هو زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگهي، ڌرتيءَ تي لانگ ورائيندا آهن. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ اُنهيءَ قبيلي جو اُنهيءَ ڪڙم جو ۽ اسان جي هن نئين دور جو نئين روشنيءَ جو هڪ شهسوار آهي، هڪ آزاد منش آهي، جنهن جي آواز کي، ڪابہ فرعوني طاقت، ڪوبہ مڪر ۽ فريب، ڪوبہ خوف ۽ خطرو روڪي ڪين سگهيو. اڄ اسان ڪنهن ٻئي جي ڪوٽ تي ڪو نہ آيا آهيون، اسين ڪامريڊ حيدر بخش خان جتوئيءَ جي ڪوٽ تي آيا آهيون؛ ۽ اها ڪوٽ، جيسين هن ڌرتيءَ تي انڌير ۽ انياءَ جو راڄ آهي، تيسين ڪنهن بہ مظلوم کي، ڪنهن بہ انسان دوست کي ڪو چئين ٺي ڪرڻ ڪا نہ ڏيندي.

آخر ۾ اوهان کي هڪ ٽوٽڪو ٻڌايان ٿو: 'هڪ هندو پنهنجي پٽ کي ساڻ ڪري، ٽڪاٽي ۾ برهمڻ جي وياکاڻ ٻڌڻ ويو. برهمڻ گئوءَ جي ٿهل ۽ ديا جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هو. هُن ٻڌايو تي تہ "پاڻ نہ ڪائي بہ گئو ماتا کي ڪارائجي تہ پرماتما راضي ٿيندو." چوڪر جڏهن گهر موٽي آيو تہ جيڪي بہ آن ڪٺا نظر آيس، ڪٺنديئي وڃي ڳئونءَ جي سامهون رکيائين. رات جو جڏهن پٽس کي خبر پئي تہ ٽپي باهہ تي ويو. پٽ کي چيائين تہ "چورا، برهمڻ جيئن چوندو آهي، تيئن ٿوروئي ڪبو آهي. اُتڙ مهل انگوچو چنبڙي اُٿبو آهي." تنهن وانگر اوهان بہ سڄي چمار مجبور آهيو پر هن دفعي ڪي ڪٺا ڳنڍي ۾ ٻڌو تا، يا اڳئين وانگر، اِتيئي اجرڪون چنبڙي، خالي پلاند ڪٺي روانا ٿيو تا. حياتي آهي تہ وري ملنداسين.

جيئي سِنڌُ! جيئي جتوئي! جيئي پورهيت عوام!

(20 مئي، 1972ع،

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي.)

سلام آهي جتوئيءَ جي مٽي کي، ۽ مبارڪ آهي اُنهن کي، جن کي انسانيت جي هن پرستار ۽ مظلوم طبقي جي هڏڏوکي خادم سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو.

هاري پارٽيءَ جو هڪ سيڪريٽري، جنهن جو نالو هينئر وسري ٿو، جيڪو هالا جو رهندڙ هو. سندس سي. آءِ. ڊي سان واسطو هو. ڪيترن دوستن جتوئي صاحب کي عرض ڪيو ته هن کي سيڪريٽري شپ تان هٽايو وڃي. جتوئي صاحب وفات کان ٻه ڏينهن اڳ سِنڌ جي سمورن هاري ورڪرن کي مدعو ڪيو. جتوئي صاحب پاڻ تقرير به ڪري رهيو هو ۽ روئي به رهيو هو. سندس تقرير ختم ٿيڻ بعد سيني هاري ورڪرن کيس عرض ڪيو ته 'اوهان اسان کان موڪلائي رهيا آهيو. اوهان پنهنجي وفات بعد ڪنهن کي پنهنجو جانشين ٿا مقرر ڪريو.'

پاڻ اعلان ڪيائين ته: "شيخ اياز ۽ 'ابن حيات' اهو فرض سنڀاليندا."

ڪامريڊ حيدر بخش جي وفات کان پوءِ، اُها پريس جوئي صاحب ۽ منهنجي حوالي ٿي، تڏهن به ٿي پيرا ڪامريڊ سوڀو پنهنجي ڪنهن ڪم ڪار سان حيدرآباد آيو ۽ اسان جي ملاقات جتوئي مرحوم جي پريس تي ٿي، مختلف موضوعن تي پاڻ روشني وجهندو رهيو هو.

هڪ دفعي محترم جي. ايم. سيد صاحب سن ۾ سِنڌ جي برک ۽ لاڳاپي وارن ماڻهن کي مدعو ڪيو ۽ ادبي سيمينار ڪرايو. شام جو ڪاروائي ٿيڻي هئي. محمد ايوب کهڙي کي مائيڪ جي پرسان ڪوچ تي ويهاريو ويو. آئون ۽ سوڀو مائيڪ جي سامهون وينا هئاسين. اياز مائيڪ تي اچڻ مهل مون کي سڏ ڪيو. مون ڪن ٿار ڪئي، مطلب سمجهي ويس. ڪامريڊ سوڀي مون کي چيو:

'اياز تو کي سڏي ٿو.'

مون وراڻيومانس:

'ڪامريڊ! ون يونٽ ٺاهڻ ۾ صرف محمد ايوب جوابدار آهي ۽ باقي نوانوي سيڪڙو صوبائي ميمبر مري ويا هئا. پنهنجي عزت ۽ غيرت وڪڻي ڇڏي هيائون، ڪين سِنڌ جي سالميت لاءِ ضمير ملامت نه ٿي ڪئي! هن وقت مون کي منهنجو ضمير اجازت نه ٿو ڏئي. ڇاڪاڻ جو هينئر کهڙو صاحب زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ آهي، ان ڪري سندس دل رنجائڻ منهنجي لاءِ شرم جوڳي ڳالهه آهي. مون "سِنڌ جا سوداگر، تو تي لعنت لک هزار..." وقت ۽ حالات جي تقاضائن کي ڏسندي چيو هو ۽ اهو

شعر چوڻ سِنڌُ جي اهم قومي مقصد جي مدنظر هو.' چاڪاڻ ته تڏهن اهوئي واحد مڙس هو جنهن ۾ همٿ ۽ بهادريءَ جا جوهر به هئا.' ايئن چئي، مون رباڻيءَ کي چيو ته:

”منهنجي طبيعت خراب آهي.“ اوڏي مهل هو ڪار ڪٽي حيدرآباد گهر ڇڏي آيو.

ڪجهه عرصو اڳ، جڏهن آئون سِنڌُ متحده محاذ ۾ بحيثيت آفيس سيڪريٽري هئس. مون سان ڪار ۾ آغا غلام نبي خان گڏ هو. ون يونٽ کان پوءِ ڪنهن وزارت تي فائز هو ۽ حيدرآباد ۾ مستقل طور رهندو هو. تڏهن اسان ٻئي، هڪ نه ٻي رات حيدرآباد کان سيد صاحب وٽ سن ويندا هئاسين. آغا صاحب مون کي ٻڌايو ته جنهن رات جنرل ايوب پاڪستان ۾ مارشلا لاڳو ڪيو اُن رات وزير اعليٰ محمد ايوب کهڙو بيگاهه وقت ڪار ۾ چڙهي، عبدالستار پيرزادي وٽ ويو هو ۽ کيس چيو هيائين:

'تون تعاون ڪر ته آئون جنرل ايوب کي گرفتار ڪريان.' هن ڪو به ساٿ ڪو نه ڏنو!

عبدالستار جو پٽ مجيب پيرزادو مون وٽ الخليل بلڊنگ ۾ ايندو هو. هڪ دفعي آغا غلام نبي خان مون کي چيو.

'مجيب کان پڇ ته تنهنجي پيءُ ان رات کهڙي سان ڪهڙو تعاون ڪيو هو؟'

***

## اشاعتي خط :

**’هيمون‘**

اپريل: 1968ع

(لاٽ پبليڪيشن، سجاول.)

***پياءَ تنوير،***

اوهان جو خط پهتو مهرباني.

اوهان ”ٻاراڻي نوعيت“ جي ڪنهن افساني يا شعر موڪلڻ لاءِ فرمائش ڪئي آهي. حڪم جي بجا آوريءَ کان اڳ، هن ڳالهه البت منجهائي وڌو آهي ته ٻاراڻي ادب مان اوهان جي ڪهڙيءَ مراد آهي؟ مون کي ته ايئن پيو وسهڻ ۾ اچي ته اسان جي قوم جي وڏيءَ اڪثريت اڄ ڏاڍيءَ هوندي به ٻار آهي ٻار هجڻ لاءِ هر ويرو ننڍيءَ عمر جو شرط ڪونهي!

ٻئي پاسي دنيا جي حقيقت شناس اديبن ۽ شاعرن جي هر دور ۾ ادب متعلق اهائي راءِ پئي رهي آهي، ته ’ادب پنهنجي وقت جي حالتن جي صحيح ترجماني ڪندڙ مظلوم انسانيت کي هر قسم جي ظلم ۽ زيادتيءَ خلاف همت بخشيندڙ ۽ زندگيءَ جي روشن راهه ڏيکاريندڙ آهي.‘ انهيءَ حقيقت کي سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي قبول ڪندي، جڏهن اسين پنهنجي آسپاس ۽ سماجي حالتن جو جائزو وٺون ٿا ته اهڙيءَ ڪابه اڳرائي ۽ ارهه زورائي نه ڏسبي، جيڪا ڪُلمڪلا، ريل ڇيل ۽ اوچي ڳاٽ نه ٿيندي هجي. هڪ معصوم ٻار کي به پنهنجي گهر، هٽ دڪان ۽ رستي ڳلي، هر گهڙيءَ اهي ڳالهيون ٻڌڻيون ٿيون پون، ته ’اٽي ۾ ملاوٽ آهي، کير بجاءِ پاڻيءَ ۾ پائوڊر گڏيل آهي، ڪليل گيهه ۾ چربي آهي يا فلاڻي شهر ۾ گريس لڳل گيهه کائڻ سببان هيترا ماڻهو مري ويا، مرچن ۾ ڪٽيل سرون پيل آهن. يا پينل ڊاڪٽن ۾ لِڏ جي ملاوٽ آهي، وغيره وغيره.‘ يا جڏهن پنهنجي ئي گهر يا اوڙي پاڙي ۾ هڪ طرف پورهيت عوام کي سارو ڏينهن رت ست ڏيڻ کان پوءِ به ڇني ڇهماهي بدن تي ڪا سڳهي اڳڙي پيل نه ڏسي، ۽ ٻئي پاسي ڪن ڳاڻ ڳڻين شخصن کي بنا پورهئي هر روز ڪيترا دفعا قيمتي

لباس پهريندي، عطر عنبير مکيندي، موٽرن ۾ گهمندي ۽ بنگلن ۾ رهندو ڏسي، تڏهن اهڙو ذاتي مشاهدو ۽ تجربو جيڪو ننڍپڻ کان ئي ٻار جي ذهن ۾ غلط لاڙا پيدا ڪري، ۽ جيڪو خود کيس غلط راهه اختيار ڪرڻ ۽ ٻين جي پگهر ۽ پورهئي تي پلجڻ جي تربيت ڏي ٿو ان معصوم کي ڪچيءَ عمر ۾ ئي انهن بي انصافين جا بنيادي ڪارڻ سمجهائڻ گهرجن، يا نه؟ يا ايئن ڇڏي ڏجي ته پل اهي وڏا ٿي جيڪا راهه وٺين سا اختيار ڪن؟ اهو مناسب ٿيندو ته کين گمراهيءَ ۾ رهڻ ڏجي ته انهن هاڃيڪار حرڪتن جو وجود روز الست کان هلندو اچي ۽ سندن خاتمي لاءِ ڪوشش ڪرڻ بيسود آهي يا گناهه آهي. مطلب ته انهن بنيادي حقيقتن بيان ڪرڻ کان پاسو ڪري، فقط سندن فرشتا سيرت بنجڻ لاءِ ادب يا ٻين ذريعن کي استعمال ڪرڻ ايئن آهي، جيئن هڪ مڇيءَ کي پاڻيءَ کان پرانهون رکي، اهو يقين ڪجي ته هو هر حالت ۾ به زنده رهندي، يا ڪنهن آزاد پکيءَ کي جهلي، پڃري ۾ بند ڪري، اهو پروسو ڪجي ته هو پنهنجي آزاد ۽ زنده رهڻ واري حق تان دستبردار ٿي، غلاميءَ جي هر جبر ۽ ڏاڍائيءَ کي رضا خوشيءَ سان قبول ڪندو.

هزارها سالن کان انسانذات جي عظيم محسنن، پنهنجي پنهنجي معاشري جي سيني زور طبقي کي انسان بنجڻ لاءِ نصيحت ۽ تبليغ جي ذريعن ڪم آڻڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي ڪانه ڪئي آهي، ۽ پوءِ به نتيجو اسان سيني جي اکين اڳيان آهي. اهڙي ريت هر دور ۾ صاحب دولت ۽ صاحب اختيار طبقي، اڻڄاڻ عوام جي پيڙڻ لاءِ هزارين ذهني حرفتون ۽ اٽڪلون ڪم آنديون آهن.

اجا هڪ ٻيو به عرض ڪرڻو اٿم ته پڙهندڙن لاءِ ڪنهن حد بنديءَ مقرر ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي گهر ۾، اوڙي پاڙي ۾ پيش ٿيندڙ اڙدو ادب جو پڻ غور سان مطالعو ڪرڻ گهرجي. ڏسڻ کپي ته اڙدوءَ جا باهوش اديب، پنهنجي نئين نسل جي ذهني ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪهڙو ادب پيش ڪري رهيا آهن؟ ايئن ته نه آهي ته هو معاشري جي هر بُرائي ۽ انساني گهٽ وڌاين جي بنيادي سببن بيان ڪندي، اجوڪي عالمي شعور، قومن جي سجاڳي، طبقاتي اختلافن، سائنسي ايجادن ۽ علم ۽ فڪر جي نت نئين ٿيندڙ تحقيقات بيان ڪرڻ ۾ مصروف هجن، ۽ اسين اڄ به سوها

ورهيہ ماضيءَ جي اڻ منداتتي ناصحانہ ۽ تبليغي موشگافين ۾ الجهي، هٿ وٺي پنهنجي نئين نسل جا ڦرها ڪيندا هجون_ يعني اڄ بہ ڏرتيءَ کي ڏڳي جي سڱ تي بيٺل ڇاٽائيندڙ انسان کي بيوس ۽ مجبور تصور ڪرائيندڙ مريض کي ڊاڪٽر بجاءِ ڪنهن پيشا آور پير يا مُلي ڏانهن دعا ۽ تعويذ وٺڻ لاءِ همٿائيندڙ ڪنهن رئيس، وڏيري يا نواب تي اَللهُ جي خاص نوازش بيان ڪندڙ ۽ هر ظلم ۽ بي انصافي کي خدا جي مرضي تصور ڪرائيندڙ هجون.

هاڻي ڏسڻو آهي تہ هڪ ئي گهر ۾ ٻن نمونن جو پيش ٿيندڙ ادب (جن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي)، پنهنجن پڙهندڙن جي ڪهڙيءَ ڏر کي ذهني فائدو يا ڇيهو رسائيندو.

اسان کي پنهنجي نسل لاءِ ادبي حدبندي قائم ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي گهر ۽ آسپاس ۽ ٻيءَ دنيا کي ضرور نظر ۾ رکڻو پوندو. ادب جي انهيءَ اعليٰ ۽ روشن مقصد کان جڏهن بہ ڪنهن ڄاڻي ٻجهي انڪار ڪيو آهي، تڏهن ان شخص جي بدديانتيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ ڄاتو ويو آهي. اسان کي پنهنجي ٻاراڻي ادب ۾ بہ زندگيءَ جي ڳوڙهي مسئلي کي نهايت سادي ۽ عام فهم انداز ۾ پيش ڪرڻ جو پنهنجو پاڻ سان فيصلو ڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن اسين نئين نسل جو اهو حق ادا نٿا ڪريون، تہ پوءِ اسان جي ٻي هر ڪا ڪوشش يقينن گمراهيءَ ڦهلائڻ جو سبب بڻبي.

هيءَ چند جملا پنهنجي ذاتي نقطي نظر پيش ڪرڻ خاطر عرض رکيا اٿم. جيڪڏهن شايع ٿيڻ لائق ڄاڻي اشاعت هيٺ آندو تہ اوهان جي وڏي مهرباني ٿيندي اميد تہ خيريت سان هوندا.

اوهان جو ابن حيات
اپريل: 1968ع

**ڪينٽري** عرصي کان پوءِ آئون ڪنهن ڪم سانگي لاڙڪاڻي ويس ۽ اُتي خيال آيم تہ 'موهن جو دڙو' ڏسان. بس ۾ چڙهي ڏوڪريءَ تي لٿس. اُتان موهن جي دڙي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس. ڪلاڪ بہ دڙي ڏسڻ ۾ گذري ويا. اُتي خيال آيم تہ ڪامريڊ سوڀي جو ڳوٺ، دڙي جي پير ۾ "گڏ پراڻيءَ" ۾ رهندڙ آهي. سچ لهي چڪو هو. هلندي هلندي، هڪ ڳوٺ جي پير ۾ اچي

پهتس. ڳوٺ ٻاهران اوطاق هئي. اندر ويس تہ ٻہ چار نوجوان ويٺا هئا. ساڻن ڪامريڊ سوڀي سان ملڻ جي خواهش ڏيکاريم. هُو خوش ٿيا. چيائون تہ، 'ماني کائو پوءِ هلون ٿا.'

ڳوٺ جو نالو پڇيم. چيائون تہ، 'هن ڳوٺ جو نالو "ٻگي" آهي.' نالي ٻڌندي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. اُنهي ڳوٺ ۾ منهنجي سوٽ محمد عثمان کي زهر ڏنو ويو هو. هُو اُتي ماستر هو.

ڪلاڪ بعد ٻہ ڄڻا گڏجي ڪامريڊ سوڀي جي گهر ڏانهن وٺي هليا. ڪامريڊ سوڀو گهر هو. کيس اطلاع ڏنائون تہ حيدرآباد کان هڪ شخص اوهان سان ملڻ چاهي ٿو.

اها خبر ٻڌندي هُو ٻاهر نڪري آيو. مون سان مليو. خبرون چارون ورتئين ۽ پوءِ مانائي کڻي آيو.

ڪڙيي صبڙ خان مان جلد ئي بدلي ٿي ۽ آئون ڳوٺ سانول ڪر ٿيئي جي مسلم اسڪول ۾ ماستر هئس. جتي مولوي عرض محمد هيڊ معلم هو. جلد ئي بدلي ٿي جمعي سومري ۾ ماستر مقرر ٿيس.

اهو سال 1951 جو زمانو هو. نورالدين سرڪي ان وقت ڪراچي ۾ پڙهندو هو. متس گرفتاريءَ جا وارنٽ هئا. جوئي صاحب کيس مون ڏانهن موڪليو. مولوي محمد عمر مهيري بہ ڪاليج ۾ پڙهندو هو. هُو مون وٽ جمعي سومري ۾ ايندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو مون کان نورالدين جي باري ۾ پڇندا هئا تہ 'اهو نوجوان اوهان جو ڇا ٿئي؟' مون کين ٻڌايو تہ 'منهنجو سوٽ آهي.'

اسڪول کي وئڪيشن ملي، سرڪيءَ کي پاڻ سان وٺي وڃڻ مناسب نہ ڄاتم. اُن ڪري مولوي کي سموري حقيقت ٻڌايم. مولوي صاحب سرڪيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. وئڪيشن پوري ٿيڻ بعد اسڪول موٽي آيس. هفتي کن بعد نورالدين سان ملڻ لاءِ مولويءَ جي ڳوٺ کورواه ويس. مولويءَ صاحب جي ڳوٺ جي زمين ڪلراٺي هئي. اُتي ڪا بہ آبادي ڏسڻ ۾ نہ آئي.

رات جو ڏاچيءَ جو کير ۽ ماني کڻي آئي. ڳوٺ جي ٻاهران ڪيترائي اٺ هئا. مولوي صاحب جي ڳوٺ ۾ ڏاس جون فراسيون ٿلهيون هيون، جيڪي غاليچي جيان مضبوط هونديون هيون. مولوي عثمان

نورنگزادي جو ڳوٺ، مولوي صاحب جي ڳوٺ جي پر ۾ هو. اُهو بزرگ ڪراچي ۾ رهندو هو. هن بزرگ قرآن شريف جو سِنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو هو. اُن جو نالو "تفسير القرآن في تنويم الايمان" هو. اُهو تفسير نانا قاضي غلام علي وٽ آيو هو. اُن جو مطالعو مون 15_16 ورهين جي عمر ۾ ڪيو هو. مولوي نورنگزادي جا تفسير سان گڏ ٻيا ٽي ڪتاب بہ شايع ٿيا هئا، جن مان "اڪثير العحمر في اسرار الاجعفر" ان جا پهريان ٻہ جلد مون ڪڙيي صبڙ خان، تعلقي وارهہ ۾ صابن ساڪاٽيءَ وٽ ڏٺا هئا. هُو وڏو ڳائٽو هو ۽ تعويذ بہ لکندو هو. اُن ڪتاب ۾ لکيل هو تہ 'جيڪڏهن ڪا سنگتياڻي رُسي وڃي تہ هيءَ تعويذ ڪٽ جي سيراندي يا پيراندي يا پائي سان ٻڌي ڇڏجي. اُنهيءَ رات سنگتياڻي حاضر نہ ٿئي تہ مون تي ملامت ڪجئو.' ٻيون ڪيتريون ئي اهڙيون اخلاق ڪان ڪريل ڳالهيون مولوي سڳوري پنهنجي ڪتاب ۾ لکيون هيون. اُن ڪتاب جا پهريان ٻہ جلد مون وٽ هئا، جي مون ماستر محمد حسن ڪاچيلي، ڳوٺ حاجي خان تعلقي جوهيءَ واري کي ڏنا هئا.

جمعي سومري مان پنجن ڇهن مهينن بعد منهنجي بدلي هالا تعلقي ۾ پاهڙ جمالي ۾ ڪئي ويئي. هالا ڪان اڳيرو هڪ اسٽيشن تي پهتس. جمالين جي ڳوٺ جي پڇا ڪيم. ويجهي اچڻ تي، پاهڙ جماليءَ جو نالو ڪنهن بہ ڪونہ ٿي ڏسيو. ايترو معلوم ٿيو تہ سامهين ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول آهي پر ان کي "ننڍي ڪنڊياري" چوندا آهن. گهرن جي پرسان جوئر جو ڪانگڙ لتاڙي اڳيرو ٿيس تہ ڪيترائي ڇوڪرا مليا. اُنهن ڪان هيڊ معلم مراد علي جي نالي ۽ اسڪول جي خبر پيئي. اسڪول ۾ آيس تہ ڪيترائي بلوچ، نئين ماستر کي ڏسڻ لاءِ آيا. پاڻ ۾ جيڪا ٻولي ٿي ڳالهايائون سا ذرو بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي_ نہ بلوچڪي ٻولي هئي نہ فارسي_ بگڙيل ٻولي هئي. جنهن ۾ ڪجهہ فارسيءَ جا لفظ هئا، باقي "گشتو بشتو" هئي.

رات جو عشاء جي نماز بعد، ٻيا جماعتي گهر هليا ويندا هئا، باقي ٻہ شخص جان محمد ۽ محمد هاشم ٻئي سمجهدار هئا. اُنهن سان ڪافي ڪچهري ٿيندي هئي. پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ بکر جماليءَ جي هڪ بزرگ حافظ ڪريم داد جي اسڪول ۾ بدلي ٿي. هيءَ سائين سنواريو

گهڻين خوبين جو مالڪ هو. امتحان ويجهي اچڻ تي پاڻ هٿ سان ڪٽي ماني کارائيندو هو_ امتحان گذرڻ بعد سينڊ ئي ڪو نہ ڏيندو هو. قرآن جو حافظ هو پر قرآن جي ڪا عزت ڪا نہ ڪندو هو. هڪ ڀيري ڪانئس موڪل وٺي ڳوٺ آيس. پٽيان هن بزرگ، (سندس منشا موجب) اَللهُ جنت نصيب ڪريس، منهنجي خلاف درخواست ڪئي تہ ماستر بنا موڪل جي هليو ويو آهي. هُن جي سهڻي اخلاق ۽ نيڪ نيتيءَ جي ڪيترن کان ساراهہ ٻڌي هيم. ڳوٺ واپس ايندي جڏهن ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي آفيس آيس تہ هڪ ڪلارڪ، هن ياڳن پرٽي حافظ جي لکيل درخواست ڏيکاري. اُهي ڪلارڪ هن جي نسب، سٺي اخلاق ۽ مهمان نوازيءَ کان واقف هئا. ڳوٺ جا ماڻهو بہ سندس اهڙي ئي عزت ڪندا هئا. نماز جي ٽائيم بعد هُو گهڻو وقت زال جي هنج ۾ گذاريندو هو. هُو پنهنجي راڄ جا سيئي اکر وکر سڃاڻڻ ۾ پنتي نہ هو. اها درخواست ڪلارڪ کان وٺي گهر کڻي آيس. صبح جو نماز بعد پنج ست جماعتي ۽ پاڻ قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا. 10_15 منٽ رکي ٻين پنجن ستن جماعتين روبرو کيس چيم:

”حافظ صاحب، مون کي معلوم ٿيو آهي تہ اوهان منهنجي خلاف آفيس ۾ درخواست موڪلي آهي!“

اهي لفظ ٻڌندي هن ڀلاري بزرگ قرآن تي هٿ رکي چيو:

”اوهان کي ڪنهن برغلايو آهي. هيءَ سامهون قرآن آهي، اوهين ان تي ويساهہ ڪريو.“

ڳوٺ ۾ هڪ علي حسن جمالي ۽ ٻيو هڪ سيد، اُنهن سان ساري حقيقت ڪيم ۽ ڪين حافظ جي اُها درخواست پڻ ڏيکاريم. هُنن ٻنهي واعدو ڪيو تہ ”سڀاڻي صبح جو اسان ٻئي ۽ ٻيا بہ ٽي جماعتي نماز تي ايندا سين. اوهان ساڳي ڳالهہ ڪجو.“ ٻئي ڏينهن صبح جو هيءَ خدا جو نيڪ ٻانهون قرآن رحل تي رکي پڙهڻ لڳو تہ چيومانس:

”حافظ صاحب، مون کي ڪالهہ ڏاهري پٽيوالو علي مراد جمالي جي اسڪول ۾ مليو_ چيائين تہ ”اوهان جي پنجن ڏينهن جي پگهار ڪٽيل آهي. تعلقي ماستر انجم ’هالائي‘ چيو آهي تہ حافظ کان پڇبو اهو جيئن چوندو تيئن ڪندو.“

هُن بزرگ ٻيهر وڏي نرڄائيءَ سان ٻئي هٿ وري بہ قرآن تي رکيا. مون عرض ڪيو:

"حافظا! بہ پيرا قرآن تي هٿ رکيو اٿئي. هيءَ اکر ڏس تنهنجا يا ڪنهن ٻئي جا؟"

خط ڪيڏي سيني جماعتين جي سامهون ڏيکاريم. ڪو جواب ڪونہ ڏنائين. قرآن ٻيپي، جاري ۾ رکي ايئن روانو ٿيو جڻ ڏنو ئي ڪين. ٽن چئن ڏينهن بعد اهڙي جٽ ٿيس جا ڪنهن اشراف سان نہ ٿئي.

جلد ئي بدلي ڪرائي ٽنڊي محمد خان ۾ ميرن جي پاڙي ۾ آخوند لطف اللهُ جي مدرسي ۾ آيس. پنجن ڇهن مهينن ڪان پوءِ ماتليءَ جي پرسان ڳوٺ ڳهڻو خان لغاري ۾ بلوچن جي مدرسي ۾ آيس. هِتي هڪ اهڙي بزرگ بلوچ سان ملاقات ٿي، جا منهنجي خواب خيال ۾ بہ ڪا نہ هئي. مون زندگيءَ جو ڪافي عرصو سِنڌُ جي ٻن ٽن ضلعن ۾ دين اسلام جي بزرگن ۽ عالمن سان گذاريو هو. هيءَ دور پاڪ ڀارت وچ ۾ ڪشمير جي جهيڙي جو هو. پاڪستان حڪومت طرفان چندي ڏيڻ جي اپيل ڪئي ويئي. مون ان ۾ 5 رپيا ماهوار بينڪ ذريعي ڏيڻ شروع ڪيا. اُن جي صلي ۾ مون کي 15 ڊسمبر 1948ع تي آفرين نامون مليو.

اُنهيءَ اسڪول ۾ ٿوري عرصي بعد مون کي تار پهتي تہ 'اوهان جي گهرواري بيمار آهي.' آئون ڳوٺ پهتس. گهرواري وفات ڪري ويئي. واپسيءَ تي مون کي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ماستريءَ جي سکيا وٺڻ جو آرڊر مليو. آئون ڪاليج ۾ داخل ٿيس. نولراءِ مارڪيٽ ۾ هاسٽل نمبر_3 ۾ رهائش ٿي. اُتان جو هائوس ماسٽر مسٽر قادر بخش خاصخيلي هو ۽ ساڳئي وقت وائس پرنسپال بہ هو. اُنهي سان رات جو ڪچهري ٿيندي هئي. وٽس سليمان نالي بدين جو وڪيل گڏ رهندو هو. ڪاليج جو پرنسپال مسٽر غلام حسين سومرو هو. هو صاحب ڏاڍو نيڪ نيت ۽ خوش خصلت انسان هو.

اهو 1949ع جو زمانو هو. ٽريننگ ڪاليج ۾ ڪجھ مهينن گذرڻ بعد سِنڌي ادب ۽ سِنڌي زبان پڙهائڻ لاءِ ڪو نئون استاد، شام جي شفٽ ۾ پڙهائڻ لاءِ ڪٿان بدلي ٿي آيو. سنهڙي جسم ۽ ڳهي قد سان معصوم صورت نظر آيو. ڪلاس ۾ ايندي شرط چيائين:

"اوهان ۾ ڪهڙو شاگرد هوشيار آهي؟" سيني شاگردن مون ڏانهن اشارو ڪيو. مون کي چيائين، "تنهنجي خيال ۾ جيڪو چڱو مضمون هجي اُهو پڙهہ!"

مون وڏي فخر سان نوٽ بڪ مان دل کي وڻندڙ مضمون پڙهيو.

مضمون پڙهڻ مهل ڏانهس نهاريم تہ سندس چهري تي عجيب و غريب ڪيفيتون نظر آيم. مون ڄاتو تہ کيس منهنجو مضمون پسند نہ آيو. آئون دل ئي دل ۾ سندس اٽڃاٽائپ ۾ محو هئس. مضمون پوري ڪرڻ کان پوءِ منهنجي نوٽ بڪ تي ڪيترن هنڌن تي سواليا ۽ عجائبيءَ جا گلابي نشان ڏنائين.

ڪلاس مان نڪرڻ کان اڳ منهنجو نوٽ بڪ وٺي اُن تي لکيائين تہ،

"هاسٽل نمبر_4 تي مون سان سپاٽي رات مل."

· ڪاليج اچڻ کان اڳ مذهبي ڪتابن، لوڪ ادب ۽ ٻين چاليهہ پنجاهہ کن ڪتابن جو مطالعو ڪيو هئم. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ موضوع تي لکڻ يا ڳالهائڻ جي ٿوري گهڻي صلاحيت هئي. اهو ئي سبب هو جو محمد ابراهيم جوئي جي نگاهہ ڇهہ سو شاگردن مان مون تي پيئي. هڪ ئي ملاقات ۾ ڳالهين دوران هم خيال بنجي وياسين.

ٻي رات آئون جوئي صاحب وٽ ويس. سڄي رات اُتي رهيس. پاڻ پنهنجي ننڍپڻ جا حالات ٻڌايائين، مون بہ کيس پنهنجون گُذريل حالتون ٻڌايون. آئون ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ آئون جنهن گهر ۾ نِپنس اهو گهر پڙهيل لکيل هو. ننڍپڻ کان ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. ابتدائي دور ۾ آئون جن بہ هنڌن تي نوڪري ڪاڻ رهيس (دادو ضلعو لاڙڪاڻو ضلعو)، اُتي نماز پڙهندو هئس. اها تعليم مون کي ننڍپڻ کان نصيب ٿي. آخري دور ۾ مون خدا کان نہ اولاد لاءِ_ نہ دولت لاءِ_ نہ بهشت يا ٻيءَ ڪنهن دنياوي خواهش لاءِ عرض ڪيو. خدا کان سجدي وقت اهائي اپيل ڪندو هئس تہ "اي قادر مطلق! منهنجي اندر ۾ پنهنجي روشني پيدا ڪر." خدا متعلق منهنجو تصور اهو هو تہ اَللهُ انساني سمجهہ کان پاڪ. ڪنهن بہ ادراڪ، فهم فڪر، تشبيهہ، تصور، تجسس، مشابهت ۽ ٻين انساني سمجهہ جي

ذريعن کان بينياز آهي. صنعت، صانع کي نٿي سمجهي سگهي. جوئي صاحب سان ملڻ بعد، خدا متعلق منهنجا تصور جڏهن ڪيس ٻڌايم تڏهن حيران ٿي ويو. پوءِ هم خيال بنجڻ ۾ مون کي ڪا به ذهني دقت محسوس ڪا نه ٿي. جڏهن ڪميونزم جا ڪتاب پڙهيم، تڏهن وڌيڪ ذهني پختگي حاصل ٿي. اُنهن ڏينهن ۾ مون کي ڪيترن ئي ڪامريڊن سان ملڻ جا موقعا مليا. ڪاليج ۾ ڪيترن دوستن کي هم خيال بنائڻ جون ڪوششون ڪندو رهيس.

هڪ دفعي علامه دائود پوٽو ٽريننگ ڪاليج ۾ آيو. ڊمانسٽريشن هال ۾ تقريب هئي. شاگردن به تقريرون ڪيون. جڏهن مون "پاڻ جيئو ۽ ٻين کي جيئڻ ڏيو!" جي عنوان تحت تقرير ڪئي، تڏهن علامه دائود پوٽي صاحب چيو ته:

"مُلا پٺر هٽندئي!"

اُن تقرير ۾ مون خدا جي ذات بابت ڪا به گستاخي ڪا نه ڪئي هئي. فقط ايترو چيو هئم ته،

'ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ۾ عام طور اها چوڻي آهي ته هيءَ چوڏهون سن آهي. هن صديءَ کان مِرُن به پناه گهري آهي." ان بعد تقرير ۾ چيم ته "ماضيءَ ۾ جڏهن ظالم جا ڪارناما پنهنجن انتهائن کي پهچندا رهيا آهن ته قدرت طرفان ڪو نه ڪو رهبر يا هادي نازل ٿيو آهي، اڄ جڏهن لکين پورهيت ظلم ۽ ڏاڍ هٿان سرنهَن جيان پيڙبو ٿو رهي ۽ سندن ڪو به داد فرياد ناهي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڇا سمجهڻ گهرجي؟'

ڪاليج جي پنجن ئي هاسٽلن ۾ منهنجي خلاف نفرت وڌندي وئي. استادن مان مسٽر قادر بخش خاصخيلي (ٽنڊو باگو)، محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ، اَللهُ بخش ٽالپر، ابوبڪر منگسي ۽ ع. ق. شيخ سان منهنجا شاگرديءَ وارا نه بلڪ دوستاڻا تعلقات قائم ٿي ويا. ع. ق. شيخ جڏهن لنڊن تعليمي سکيا لاءِ ويو ته سندس نالي ڇپجندڙ ڪتاب "شاهه جون سورميون" بابت پبلشر کي لکيائين:

٥

## خط: ع. ق. شيخ
برسٽل، لنڊن

**مسٽر رفيق،**

اسلام عليڪم:

سب سي پهلي تو معافِي ڪا خواستگار هون. ڪُيونڪِ اس سي پهلي آپ ڪو ڪُڇ نهين لِک سڪا. حقيقت تو يہ هي ڪہ مين طبعن سست هون، اور پهر يهان ڪِي مصروفيت ايسِي هي ڪہ الاايمان پنهور صاحب (ابن حيات) عرصي سي مجهي لکهہ رهي هين، ان ڪو جواب دينا ٿا، جو آپ ڪي ڌيان مين لانا ضروري هي.

بات يہ هي ڪہ محنت ڪتاب (**شاهہ جون سورميون**) پر پنهور صاحب ني ڪِي اور ڪتاب پر ميرا نام هو. ڪِتنِي بي انصافِي هي، ڪيا يہ ڪافِي نهين ڪ ايڪ اَڇي ڪتاب آپ ڪي ليئي لِڪِي گئِي. مين صرف يہ بات ڪرنا چاهتا هون ڪہ آپ يقين ڪرين اگر مين يہ ڪتاب خود لکتا تو ڀِي اِتنِي اَڇي نهين هوتِي. يهان آني سي پيشتر مين اس ڪتاب ڪا مسوده ديک چڪا هون.

پنهور صاحب ميري دوست هين، آپ سي يہ هي اميد هي. ليڪن آپ ڪو شايد معلوم نهين ڪ پنهور صاحب سِنڌ ڪي اڇي اديبون مين سي هين. لهذا ڪتاب اگر ان ڪي نام پر ڇَپِي تو ڪيا وه مقبول نهين هوگِي؟ اس ليئي اس فيصلي پر نظر ڪرين.

ايڪ دوسرِي ڪتاب ميري اور پنهور صاحب ڪِي مشترڪہ لِڪِي هُوئِي هي۔ ”جغرافيہ سوال و جواب براءِ ميٽرڪ“ پنهور صاحب ني آپ ڪودِي ٿِي. اس ڪا فيصلہ پنهور صاحب سي ڪر لين.

اڇا اب خدا حافظ

**ع. ق. شيخ، لنڊن**
10، ڊسمبر: 1960ع.

***آئون*** ڪاليج ۾ رات جو جوئي صاحب وٽ هاسٽل۔ 4 ۾ رهندو هُئس. ڪاليج جي عرصي دوران جوئي صاحب هڪ پمفليٽ ۾ ٻيو روسي

جو ”ايملي“ بهترين اختصار سان ڇپايو هو. ان قسم جي ڳجهين سرگرمين ۾ ملوث هئڻ سببان پرنسپال سومري صاحب ۽ وائيس پرنسپال قادر بخش مون کي رسٽيڪيٽ ڪيو هو.

ابراهيم جويو پهريان سِنڌُ مدرسي ڪراچي ۾ ملازمت ۾ هو. اُتان کيس ٺٽي هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. جتان بدلي ڪري کيس ٽريننگ ڪاليج موڪليو ويو هو.

شاگرديءَ جي زماني ۾ مون جوئي صاحب ۽ اياز جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ هارين سان ڪافي ڏيٺ ويٺ ڪرائي هئي. جويو صاحب ۽ اياز ٻئي سي. آئي. ڊي وارن جي نظرن ۾ هئا. ٽريننگ ڪاليج ۾ جوئي صاحب جي چرپر تي نظر رکي ويندي هئي. حيدرآباد جو هڪ مهاجر ڪمشنر، جيڪو پاڻ چڱن خيالن جو هو تنهن کيس اڳ ئي چتاءُ ڏئي ڇڏيو هو. آغا غلام نبي خان پٺاڻ ان وقت تعليمي وزير هو ان سان ٻـ سندس چڱا تعلقات هئا. جوئي صاحب ۽ اياز جا ترقي پسند هندو شاعرن ۽ اديبن سان گهاٽا تعلقات هئا.

ڪاليج مان نڪرڻ بعد جمعي سومري ۾ آئون نماز نـ پڙهندو هئس. نماز ترڪ ڪرڻ ۽ حيدرآباد جي مشهور سياسي توڙي ادبي شخصيتن سان لاڳاپن سببان ڳوٺ جو ماحول مون کان بدظن ٿي ويو.

هڪ ڏينهن هڪ سومرو جيڪو سومرن جو ڏاڍو مڙس سڏيو ويندو هو ان جو ڇوڪرو منهنجي نائب وٽ پڙهندو هو. ان ماستر شاگرد کي مار ڏني الائي نـ. پر ان جهيڙي واري ڏينهن اُهو ماستر اسڪول ۾ ڪونـ آيو_ ٻارهين بجي جو ٽائيم هو. آئون بورڊ تي ڇهين ڪلاس جي شاگردن کي حساب سيکاري رهيو هئس_ اوچتو هڪ ماڻهو ڪهاڙي هٿ ۾ ڪٽي اسڪول ۾ لنگهي آيو. اچڻ شرط وڏي ڪڙڪي ۽ دٻاءَ سان مخاطب ٿيو:

”ڇوڪري کي ڇو ماريو اٿئي؟“

منهنجي لوڻءَ لوڻءَ ۾ باهـ پڙڪي وئي ۽ هڪدم سندس گلي ۾ هٿ وجهي، چيومانس:

”نڪر ٻاهر، بدمعاش!“

هُن کي همت ڪا نـ ٿي. اسڪول جي ڪمپائونڊ مان کيس ڌڪاري، ٻاهر ڏنم تـ ٻـ ٽي ٻيا ماڻهو بـ ڪهاڙين سميت بيٺا هئا. هنن ٻيهر

حملي جي ڪوشش پئي ڪئي، پر پريان هڪ ماڻهو سوٽ پهريل ۽ هٿ ۾ دفتر سان ايندو ڏسي، هيءَ ڀڄي ويا. اُهو ڪامريڊ عبدالخالق، ايڊيٽر "آواز سِنڌُ" مون وٽ آيو هو. ڪجهه پاڻ اکيين ڏٺئين ۽ وڌيڪ احوال ڊپٽي ڊيپلائي صاحب سان ڪيوسين. رات جو ڳوٺ جا ٻه ٽي ماڻهو مون وٽ آيا، جن چيو ته:

"آئنده حيدرآباد وڃو ته خيال سان وڃجو."

اُن ماڻهوءَ جو گهر رستي سان لڳ هو ۽ پاسي ۾ ٻيو ڪو به گهر نه هو. گهر جي پرسان نار هو جتان وڃڻو پوندو هو. آئون به ٽي پيرا سج لٿي کان پوءِ هن جي نار ۽ گهر وٽان ويندو هئس. هيءَ ڏسندو هو پر ڪُڇندو ڪين هو. اُن دوران ڊيپلائي صاحب محمد اسماعيل عرساڻي، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سان احوال ڪري مون کي ڳوٺ گل محمد هاليپوٽي ۾ بدلي ڪرايو. آئون اجا اسڪول ويس ڪونه ته اُتان جو هيڊ معلم منهنجي اچڻ جو ٻڌي، انسپيڪٽر آف اسڪولس وٽ ويو ۽ چيو:

"اهو ڪافر ماستر اسان کي نه گهرجي."

هُن جو ڪو عزيز ڊائريڪٽر هو. جڏهن اسڪول پهتس، ڏٺم ته پيل شاگرد هئا، جن لاءِ اسڪول ۾ پاڻيءَ جو ڪو به بندوبست ڪو نه هو. اها حالت ڏسي، ٻئي ڏينهن مون اُنهن شاگردن جي پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو. ڊائريڪٽر جو پيءُ موسو وڏيرو اسڪول ۾ ڪٽ وجهي، اچي سمهندو هو. مون کيس منع ڪئي. بعد ۾ سندس پٽ (اسڪول جي صاحب) کي ڪافي شرمسار ڪيو ويو.

جڏهن جمعي سومري ۾ ڪاليج کان خارج ٿي آيو هئس، تڏهن جوٻي صاحب کي به ڪاليج مان بدلي ڪيو ويو. مٿس شاگردن ۾ ڪميونزم ڦهلائڻ جي الزام ۾ نوڪريءَ مان دربدر ڪرڻ جون ڪوششون هلي رهيون هيون. اُنهن ڏينهن ۾ آغا غلام نبي خان پٺاڻ کيس بدلي ڪرائي ادبي بورڊ آندو.

اهو راولپنڊي سازش ڪيس وارو دور هو جنهن ۾ لياقت علي خان کي راولپنڊيءَ ۾ تقرير ڪندي گولي هڻي ماريو ويو هو. اُن سازش واري قتل ڪيس ۾ ڪامريڊ سجاد ظهير ('ماڻهن کي دنيا ۾ مرشد ڳوليو نٿا ملن، مون کي جيل ۾ مرشد (ڪامريڊ سجاد ظهير مليو.')، جنرل اڪبر خان، فيض

احمد 'فيض'، پوشني، عطا درمحمد، محمد خان جنجوئا، ميجر اسحاق ۽ ٻيا شامل هئا. تن کي گرفتار ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد ڪيو ويو. مٿن جيل ۾ ڪيس هلندو هو. بنگال جو مشهور جسٽس سهروردي بنگال کان حيدرآباد پهچندو هو. انهيءَ دوران مکي ڊنڊ جو بي تاج بادشاهه رحيم هنگورو مشهور ڌاڙيل جيل ۾ هو جنهن کي سندس زال جيل جي ديوارين ٻاهران اُٿ تي ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. هُن کي خبر ئي نه هئي ته جيل جي ديوارن تي برقي تارون وڇايل آهن. هيءَ جيئن ئي مٿي چڙهيو برقي تارن سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري، مري ويو ۽ سندس زال وڏي هوشياريءَ سان گرفتار ٿيڻ کان پاڻ بچائي، اُٺ تي رواني ٿي هلي وئي.

پنڊي سازش ڪيس وقت منهنجي بدلي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ٿي. سينٽرل جيل ۾ نوڪري دوران محترم محمد عثمان ڏيپلائي صاحب مون تي وڏا احسان ڪيا_ رهڻ لاءِ مفت جاءِ ڏنائين. اُتي وڏي لائبريري هئي، وڏيڪ مطالعي جو موقعو مليو. ٻي عنايت اها ڪيائين، جو مون کي "اداره انسانيت" قائم ڪري ڏنائين. جنهن ۾ مون ڪافي ڪتاب ڇپرايا. ماهوار رسالو "پرهه ڦُٽي" ۽ ٻيا ڪتاب ان اداري مان شايع ٿيندا هئا. اُهي ڪتاب جيل جي هڪ محترم سپريڊينٽ نواب هادي بخش جي خاص مهرباني ۽ انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس جي مهربانيءَ سان بنا ڪنهن تلاشيءَ جي راولپنڊي سازش ڪيس وارن بزرگن کي پهچندا هئا.

هڪ ڏينهن جيل کان اچي رهيو هئس اوچتو منهنجي نظر انهيءَ ڌاڙيل تي پئي. هُو سامهون اچي رهيو هو ويجهي ايندي شرط ٽانگي وارن کي چيائين: "ٽانگو جهل!"

هُن لهندي شرط پٽڪو لاهي منهنجن پيرن تي رکيو ۽ ٻانهون ٻڌي چيائين: "منهنجي دعوت کائو!"

مون کي وٺي هڪ هوٽل ۾ آيو. ڪافي خدمت ڪيائين. اُن وقت آئون حاجي خان جي ٻن نياڻين حڪيما ۽ سڪينا کي مير محمد حسن ٽالپر نوابشاهه واري جي چوڻ تي پڙهائيندو هئس. اُتي سڪينا سان منهنجي محبت ٿي. ٻئي ڀينرون ڪاليج مان فارغ ٿي ٽنڊي جام آيون. آئون ۽ سڪينا خطن ذريعي رابطو ڪندا هئاسين. اُهي خط پڙهڻ لائق آهن:

# رومانوي خط

***جان عزيز!***

آخر منهنجو قصور ئي ڪهڙو؟ مون تہ پريندي ئي اِهي پهہ تي پچايا تہ جيئن تنهنجي ۽ منهنجي محبت جي رشتي جي ڪنهن بني بشر کي ڪل نہ پوي. شايد ايئن چوين ته ' پوءِ پلا خط ڇو لکيئہ؟' هائو انهيءَ ڪري جو تو پاڻ تاڪيد ڪيو هو. ان هوندي بہ لکڻ وقت منهنجي دل ۾ ڪيترا خيال آيا_ خط پڪڙجي نہ پوي. ڪير ڏسي نہ وٺي. خواري خرابي ٿيندي. جهان کِلندو. پوءِ پل اسان جي دل ۾ ڪي بہ نہ هجي، پر دنيا جي تظرن ۾ وڏو حادثو ليکبو. “ وغيره. وغيره. انهي هوندي بہ لکي وينس ۽ اهائي اُڻ تُڻ تہ آچر ڏينهن بارهين بجي جي اندر جيڪڏهن خط جو جواب نہ مليو تہ پوءِ خط پڪڙيل ئي سمجهبو.

انتظار ڪندي ڪندي آچر بہ اچي نڪتو. ليٽر باڪس ۾ نهاريم. ٽپاليءَ لاءِ ويهي واجهہ وڌم پر ڪي بہ ڪين ٿيو. هارئي جواريءَ وانگر پنهنجو پاڻ پرپايان ۽ دل کي ڏڍ ڏيان تہ لکي نہ سگهي هوندي. لفافو نہ مليو هوندس. دپي ۾ خط وجهڻ وارو ماڻهو نہ مليو هوندس. سومر تي ضرور احوال ايندو. وغيره وغيره.

پلڪن مان پهر ۽ ڏينهن پنيان راتيون. ايئن حياتيون ختم ٿيو وڃن. سو سومر ايندي ڪهڙي اوير؟ وقت ڪان اڳيئي ٽپاليءَ جو انتظار بہ ڪيم. اوسيئڙو ڪندي هو بہ اچي پر گهٽ ٿيو. بہ چار پيا خط تہ مليا. پر اڪيون جنهن لاءِ آتيون هيون، سو نهاريندي نظر نہ آيو. بس هاڻ پڪ ٿي تہ دنيا کي وڏو راز هٿ اچي ويو ڪي ئي قياس هلي رهيا هوندا. لعنت ۽ ملامت جي ٺٺڪار هوندي. ڪي چلولا تہ خط پڙهي شوڪارا پريندا هوندا. ڪي حاجيءَ جي حال تي ڳوڙها ڳاڙيندا هوندا. ڪي اچوڪيءَ تعليم تي ٺٺڪار وجهندا هوندا_ مطلب جيترا ماڻهو اوتريون بدگمانيون. جيترا وات

اوتريون جنيون. هو بہ حق تي آهن. هنن جو ڏوهہ ئي ڪھڙو. جيڪي ڪُنيءَ ۾ هوندو سو ئي تہ پاٽ ۾ پوندو. پنهنجين اکين اڳيان ڇا نہ ٿو وهي واپري! اکين سان ڏسندي ڪيئن انڪاري ٿجي؟ ڪنن سان ٻڌي ڪيئن ماٺ ڪجي_ جڏهن پاءَ پيڻ ۾ بدگماني، ماءَ پُٽ ۾ شڪ شبهو تہ پوءِ ڪنهن تي ڏوهہ ڏجي. تون آئون تہ ڪيڏو نہ پرانهان آهيون. نہ ذات نہ نيات، نہ جنڊو نہ پاڙو نہ ڳوٺ نہ گام. اجا بہ دنيا بدگمان نہ ٿئي تہ ڇا ڪري. تنهنجي ۽ منهنجي ڪا مٽي مائٽي بہ تہ ڪانهي. جڏهن پُٽ کي ماءَ تي اعتبار ڪينهي، پاءَ کي پيڻ تي ڀروسو نہ آهي تہ پوءِ اسان ٻنهيءَ ۾ شرافت جي اميد ڪيئن رکن؟

جيترو لڪڻ جي ڪئيسين، اوتروئي ظاهر ٿياسين. دنيا جون بہ ڳجهہ وانگر ڪيڏيون نہ تيز نگاهون آهن. جو بُرائيءَ بجاءِ ٻئي طرف ڏسن ئي ڪين_ پوءِ پل آسمان تي ئي ڇو نہ هجي. عام چوڻي آهي تہ 'محبت لڪندي نہ آهي' پلا لڪي بہ ڪيئن؟ لڪائيندي ماڻهن کي ٿورئي مزو اچي! مزو تہ انهيءَ ۾ آهي جو پڌري پٽ چئي ڏجي، پوءِ پل ماءَ پيڻ جي کهاٽي هجي يا ڌيءَ پيڻ جو قصو. وڏي وات چئجي، ڳچيءَ ۾ دهل پائي ڊنڊورو گهمائجي_ مان مظلوم آهيان. مون سان هيءَ قهر ٿيو آهي. دنيا ڪيڏي نہ داناءَ آهي، جو ڌيءَ ماءُ تان ڪک لاهيندي بہ ويرم ئي نہ ٿي ڪري. آخر ڍڪجي بہ ڇو؟ اُگهاڙي ڪرڻ ۾ ئي مزو آهي. پاڻ بہ ڏسجي ۽ دنيا کي بہ سڏي ڏيکارجي.

منهنجي پشيمانيءَ جو تون اندازو لڳائي نہ سگهندينءَ. روبرو هجين ها تہ جيڪر تو کي ٻڌايان ها تہ مون سان ڇا وهيو ڇا واپريو. تنهن بجي جو ٽائيم هو تہ اوچتو پاڳيا اچي سهڙيا. ڪير هجي جو ڪُڇي. اکين مان باهہ جا شعلا ۽ زبانن مان تيرن جا وسڪارا. "ڀٽو پارا سَهَہ جِندڙي" سَهَڻ لاءِ ئي تہ ڪيو هئم. سو ضرور سهڻو پيو. هڪڙي پنهل ڪاڻ ٻانهي ڪل ٻروچ جي. هٿ وڏئي جو ويچ نہ طبيب. ڏوهہ منهنجو هو ۽ گنهگار بہ آئون ئي هئس. سمجهي تہ اڳيئي ويس تہ اُپ ڦاٽو آهي. هاڻ اسان ٻنهي جي ڳنڍڻ جي جاءِ ناهي. جي اُپ اُکڙي پوي بہ ڪٽي، تڏهن بہ ماڻهن جا وات تہ بند ڪين ٿيندا. هيءَ ڪا بي بنياد حقيقت تہ ڪا نہ هئي. ثابتي هٿن ۾ هئي ۽ چور سڀ سوڌو قابو. 'دشمن هٿ اچي ۽ ڇڏي ڏجي، اها ڪٿان جي

شرافت آهي. ڏندين ماس نہ ٿتجيس ۽ ڏُڪين رت نہ پيئجيس تہ جيئن اڳتي اهڙو ڪڏو ڪم نہ ڪري. هيڪر تہ ماءَ جي ٿج ياد اچيس ۽ جيتر جيئي تہ ڳائي.“

”مڪار آهين، فريب ٿو ڪرين، انسانيت جو راڳ آلاپي ظلم ٿو ڪرين. خط ڇو لکيو اٿئي؟ تو کي ڪهڙو حق هو؟ ڇوڪريءَ کي ڀرغلائي مون کان باغي بنائين ٿو.“ وغيره، وغيره.

’هائو دغاباز آهيان ۽ فريبي بہ‘ ڇو تہ ڀهرئين ڏينهن ئي ٻڌايو اٿم ۽ اڄ وري بہ ٻڌايان ٿو تہ ”غريب آهيان، نہ لولي جو لوڻ نہ مانيءَ جو اٽو. سُچائِي جهڙو ٻيو عيب ڪونهي. ڏوهي بہ انهيءَ ڪري آهيان جو هٿ خالي اٿم. دولت ۽ ثروت هجيم تہ دغاباز ۽ فريبي ڪيئن ڪوٺجان؟ تنهنجو چوڻ بلڪل صحيح آهي. تو کي منهنجي وجود سان نفرت ڪينهي، اعتراض آهي تہ اهو ۽ جي ڪاوڙ آهي تہ هيءَ، تہ ”ڀَڄُ تہ ڄَٽيَئُون، ڀَنگَڙ ڀِينگَ آنڌارِي رات.“ جتي سڄي ڄمار خون پسيني هڪ ڪرڻ کان پوءِ بہ هٿ خالي هجن، انسانيت ۽ شرافت سان هلڻ کان پوءِ بہ ڪي هڙ حاصل نہ ٿئي، اُتي ضرور مڪار بہ ٿيڻو پوندو ۽ دغابازي بہ جائز ٿي ڄاتي ويندي.

دنيا ننگي اُگهاڙي هوندي بہ شرم کي پٺي پرچائي ۽ عزت کي اڳڙيون وجهي. هيءَ جو هر ڳالهہ سان بغاوت پيئي ڏسجي، سا بہ انهيءَ ڪري. توهان ۽ اسان جو مسئلو جو هاڻ اچي ان ڪڙي تي رسيو آهي، سو جي بنياد کان ئي سوچڻ گهرجي ها تہ نہ ڪي ڳالهہ ايتري پنڌ وڃي ها ۽ نڪي ڏرين کي ڪو رنج ئي رسي ها. ڏوهاري ٻئي آهيون، ڇڱو مڙس ڪو بہ ڪونهي. افسوس اهو آهي تہ پريندي نڪي اوهان ويچاريو ۽ نہ ڪي مون ئي ڪا سوچ ڪئي. پر جي ڪٿي ڇئجي تہ اسان سوچيو بہ، تہ پوءِ بہ اها سوچ ڪهڙي جا پيچاڙي پرانهون نيئي ۽ خلق ڪلائي. مون کي لوڪ ميار جي ڪا بہ ڳڻتي نہ آهي. هيءَ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي، جنهن کي ڏسي ٻڌي، آڱر کڻندا ۽ اشارا ڪندا. اهڙا هزارين مثال ڪين پنهنجي ڪکين ۽ اوڙي پاڙي نظر ايندا_ جي منجهن ڪا ذري ماتر بہ ڇڱائي ۽ ايمانداري هوندي اِها ئي دولت ۽ اِهي ئي چانديءَ جا سڪا آهن، جن وچ ۾ اچي ڪيئي دليون ڇني جدا ڪري ڇڏيون. اسان جون مٿيون مائٽيون، ڏي وٺ ۽ ناتا رشتا ڪنهن اخلاق، ايمانداري، محبت يا ياڻپيءَ جي رشتي تي ٻڌل

ڪينهن _ هر ڪو وڃيو اُتي ڪنڊ آڙائي ۽ ڳچي ڳاراهي ڏئي، جتي نوٽن جي جهرمر ۽ چانديءَ جي چٽڪار آهي _ پاءَ. اڻ سڌريل جي مراد هيءَ ورتي وڃي ٿي ته هو هٿين خالي آهي _ بئي پاسي نهاري ٿي ڪين. دولت هجي، پوءِ ڪنهن اخلاق يا شرافت جو ڪو سوال ئي نٿو اٿي _ پوءِ پل ڪيترو رهزن ۽ ڪمينو هجي، بدمعاش ۽ ڪدڙو ئي هجي، اَسي ورهين جو پوڙهو هجي يا پنجن سالن جو معصوم ٻار. آخر نياڻيءَ کي ٻه ته دولت سان ئي لائون لهڻيون آهن!

هاڻ هيءَ فيصلو توتي ڇڏيان ٿو ته پل تون ئي انصاف ڪر. زندگيءَ جو نباهه تو سان آهي نه ڪنهن ٻئي سان _ چڱو موڪلاڻي.

_ تنهنجو

**ابن حيات**

اُهي خط مون کي اسلاميا پريس گاڏي کاتي، ۽ بعد ۾ حيدر چوڪ جي ائڊريس تي ايندا هئا. اتفاق سان هڪ خط ڏيپلائي صاحب پڙهيو. ٻئي ڏينهن منهنجي رهائش واري ڪمري وٽان ويندي، هڪ لفافو مون ڏانهن اڇليندي چيائين:

”هيءُ سنيالي ڪٽو!“

خط کوليم، اُن ۾ ست سئو (700) رپيا ۽ سڪينا جو خط شامل هو. منهنجي حيرت جي حد نه رهي. هفتي بعد مون ٻي شادي ڪئي.

❊❊❊

***اُنهن*** ڏينهن ۾ حيدرآباد جا ٻه دوست حسن علي احمد زئي ۽ محمد قاسم ’شاذ‘ رند ۽ محترم ع. ق. شيخ جون مون وٽ رهاڻيون هونديون هيون. هيءَ دوست اڪثر مون سان ڏيپلائي واري پريس يا جاءِ تي روزانو ملندا هئا. شاديءَ واري ڏينهن محمد ابراهيم جويو ڪراچي کان حيدرآباد جي اسٽيشن جي پليٽفارم تي بيٺو هو. ڪيس اڳوات اطلاع ڏيئي ٿنڌي چام وڃڻ جي تاريخ ۽ وقت ڄاڻايو هئم. ع. ق. شيخ، حسن علي

احمد زئي، قاسم شاهہ ۽ آئون پليٽفارم پهتاسين تہ جويو صاحب مليو ۽ تندبو چام هلڻ کان ڪنهن سبب معذرت جو اظهار ڪيائين.

سينٽرل جيل ۾ هڪ ڏينهن اسسٽنٽ سپريڊنٽ مون کي گهرائي چيو:

"سياڻي 11 بجي راولپنڊي سازش ڪيس وارا اسڪول ۾ ايندا، اوهان قيدين کي هوشيار ڪري ڇڏجئو تہ ان ڏينهن صفائي جو خاص ڌيان ڏين."

مقرر تاريخ 11 بجي، جنرل اڪبر خان، سجاد ظهير، جنجوعا ۽ پوشني اندر آيا. ساڻن اسسٽنٽ سپريڊنٽ گڏ هو. ايندي شرط محمد خان جنجوعا ٺهڪ ڏيئي، منهنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو:

"يہ لال ٽوپي ڪيون هي؟"

مون گهور وجهي چيومانس:

"لال رنگ خطرناڪ هوتا هي!"

مون ڏانهن نهاري کليو. قيدين جي پاسي کان چڪر ڏيئي مون وٽ آيا تہ هڪ شخص معصوم صورت، طبع ۾ نِهَٺو مون سان آهستي مخاطب ٿيو:

"جوبو کو جانتي هو؟"

مون جواب ڏنو "جوبو نهين، صحيح لفظ جويو هي."

مون ڏانهن آڏيءَ اک سان ڏسي هليو ويو.

پڻ ڏينهن بعد جيل سپريڊنٽ مون کي گهرائي چيو:

"سجاد ظهير سِنڌي پڙهڻ ٿو گهري، ڪيس شاگردن منجهان ڪو پڙهيل ماستر مقرر ڪري ڏيو."

مون وٽ هڪ انسپيڪٽر قيدي هو. اُهو قيدين جي مٿان مقدم هو. مون اُن کي مقرر ڪري موڪليو. هو روزانو مون وٽ ايندو هو. سجاد ظهير کي ٻاهران ڪي شيون تحفي طور ملنديون هيون تہ مون ڏانهن ڏياري موڪليندو هو. ڪامريڊ محمد حسن ٽالپر ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري ٻن سالن جي سزا هيٺ هئا. اُنهن ڪامريڊن جي اُن سزا خلاف "قربان هزارين!" جي عنوان سان "سچ پبليڪيشن" جي ادارتي نوٽ ۾ لکيم:

ايئن چوڻ غلط هو تہ پاڪستان جي ڪنهن بہ قوم جي فرد کي، ہي قوم جي فرد جي سُٺي سَڀي جيتري حق ڦباڻڻ جي بہ جرعت نہ هئڻ گهرجي؟ ڇا اهو جرم آهي تہ ڪو سجاڳ فرد پنهنجي قوم کي انهيءَ حقيقت کان واقف ڪري تہ جيڪڏهن ڪي ٺڳ ۽ دغاباز اَللهُ ۽ اسلام جي آڙ ۾ اوهان جا حق ناس ڪن، اوهان جا ڏنڊا، اوهان جون نوڪريون ۽ اوهان جون زمينون ڦبائين تہ اُنهن دغابازن جي خلاف آواز اٿاريو ۽ مخالفت ڪريو؟ ڇا ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جو اهو جرم هو تہ هُن سنڌي شاگردن لاءِ، سندن پنهنجي مادري زبان ۾ اعليٰ تعليم جو حق (جيڪو دنيا جي مڃيل تعليمي ماهرن طرفان تسليم ڪيل ۽ جائز حق نہ رايل آهي.) گهريو ٿي.

ڇا پاڪستان جي حاصلات لاءِ هزارها قربانين ۽ لکها انسانن جي دربدر ۽ خاڪ بسر ٿيڻ جو اهو مقصد هو تہ ملڪي ورهاڱي کان پوءِ چند سرمائيدار، وڏا زميندار ۽ اعليٰ اختيار جا مالڪ، ڪروڙين پورهيت عوام جي زندگي زهر بنائي ڇڏين.

اسين نٿا چاهيون تہ پاڪستان جو ڪو بہ باضمير ۽ انسان دوست، مٿيئن حقيقت تي نظر وجهندي، ايئن وسهندو تہ ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جا مٿيان مطالبا حق ۽ انصاف جي خلاف آهن، ملڪي امن امان جي خلاف آهن يا پاڪستان جي سالميت جي خلاف آهن!

جيڪڏهن ڪامريڊ غلام محمد کي انهن مطالبن (جيڪي هُن پنهنجي لاءِ نہ بلڪ ڪروڙها مظلوم عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيا آهن) جي بنياد تي ڏوهي ٺهرائي جيل ۾ وڌو ويو آهي تہ اهڙو قدم نهايت ئي افسوسناڪ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ حق ۽ انصاف جي تقاضا انسان جو فطري حق آهي، جنهن کان دنيا جي ڪابہ طاقت روڪي نٿي سگهي، ۽ اهو حق تاريخ جو اٽل فيصلو آهي تہ جبر ۽ ڏنڊي کي استعمال ڪرڻ سان هڪ غلام محمد ۽ هزارين حيدر بار بار جنم وٺندا، حق ۽ انصاف جي راهہ ۾ لڙندا، پنهنجو پاڻ قربان ڪندا ۽ ٻين کي جنم ڏيندا رهندا.

_جيئي سِنڌُ."

**جنهن** پاسي هيءَ ٻئي سِنڌي ڪامريڊ رهندا هئا. اُتان هڪ قيدي راولپنڊي سازش ڪيس وارن بزرگن جي ڪمرن سامهون رکيل ڪونڊين کي پاڻي ڏيندو هو. اُن قيدي جي هٿان مون کي نياپو پهتو ته 'منجهه جا ٻلا ۾ آنيون ڪاراءِ!' ٻه تي پيرا اها سعادت نصيب ٿي.

مون پنهنجي پاران ڇپايل ڪتاب ڪين ملاقات جي ٻن ڏينهن بعد پهچايا هئا. جيل ڊپارٽمينٽ پاران ڪين هر مهيني هڪ سئو رپين جا ڪتاب خريد ڪري ڏيڻ منهنجي فرض ۾ شامل هو.

اُنهن ڏينهن ۾ رسالا روڊ حيدرآباد ۾ هڪ خوش طبع نوجوان احمد شيخ جو "آزاد بڪ ڊپو" قائم هو اُن وٽان سنڌن پسند جو خيال رکندي، ڪتاب خريد ڪري ڪين پهچائيندو هئس. گهڻن سالن بعد اهو ڪتاب گهر پائرن جي نااتفاقي سبب بند ٿي ويو.

ٻن ڇئن مهينن گذرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن صبح جو جيل جي اسڪول ويس ته انهي قيدي سب انسپيڪٽر وٽان سجاد ظهير جو خط مليو. پاڻ بلوچستان جي مچ جيل ڏانهن 4 سالن جي سزا سان موڪليو ويو هو.

جيل ۾ نوڪري دوران هڪ ٻه اهڙا قيدي پيدا ٿيا جيڪي ذهني طور هر روايت ۽ جهالت کان ڪناره ڪش ٿي چڪا هئا. اُنهن ۾ جان محمد دل نالي هڪ ڏاڙيل، ويٺل ڳوٺ لڳ ڪامارو اسٽيشن، وڏيءَ سمجهه وارو هو. هُو بار بار چوندو هو:

"سائين! آزاد ٿيڻ تي اوهان کي هڪ پريس خريد ڪرائي ڏيندس!"

هفتي گذرڻ بعد صبح جو جيل اسڪول ويس ته جان محمد ڪو نه هو. پڇا تي معلوم ٿيو ته رات آزاد ٿي ويو. شام جو جڏهن ٽنڊي چام آيس ته معلوم ٿيو ته جان محمد دل نالي هڪ قيدي منجهند جو ديو گيهه جو ۽ هڪ سئو (100) رپيا ڏئي ويو آهي ۽ چئي ويو آهي ته

'سائين ايندڙ آچر تي تيار ٿي ويهي ته آئون ڪين ڳوٺ وٺي وڃڻ لاءِ ايندس'

مقرر تاريخ تي مون وٽ آيو ۽ مون کي ڳوٺ وٺي ويو. ڏاڍي خدمت ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ آئون حيدرآباد مان بدلي ڪرائي ٽنڊي ويس. مهيني پڻ بعد جڏهن ٽنڊو ڄام آيس ته معلوم ٿيو ته ڪيس سنڌس سُهَري بندوق هڻي ماري ڇڏيو.

آئون ٽنڊي پرسان ميل پنڌ تي راوت منگسيءَ ۾ ماستر مقرر ٿيس. هڪ ڏينهن شام جو ٽنڊي شهر ۾ ويس ته هڪ ماستر، جيڪو مون سان ڪاليج ۾ گڏ پڙهندو هو اُهو مليو. آئون اچرج ۾ پئجي ويس ۽ خوش به ڏاڍو ٿيس. هُن ٻڌايو ته منهنجو اسڪول اوهان جي اسڪول کان ميل اڌ جي پنڌ تي آهي. مون کي رات ٽنڊي ۾ رهايائين. ۽ هڪ اهڙيءَ جاءِ تي وٺي هليو جتي اندر وڃڻ سان منهنجي نگاهه وڃي ٽيبل تي رکيل "اداره انسانيت" پاران ڇپايل پنهنجن ڪتابن تي پيئي. پُڇا ڪرڻ تي ورائيائين، "هيءَ ڪتاب ٽنڊي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جا آهن." ڪلاڪ اڌ بعد ٻه شاگرد اندر آيا، تن مان هڪ جو نالو غلام مصطفيٰ ۽ ٻئي جو نالو عبدالله هو. هيءَ ٻئي شاگرد جهمپير جا رهاڪو هئا. مزيد معلومات ڪرڻ تي خبر پئي ته هُنن ٻنهي شاگردن جي چاچي اُهي ڪتاب خريد ڪيا هئا ۽ پنهنجن ٻنهي ڀائٽن کي همٿائيندو ۽ هر وقت نوان ڪتاب مهيا ڪندو رهندو هو.

هتي پهچڻ بعد معلوم ٿيو ته رسول بخش پليجو وڪيل هتي رهي ٿو. منهنجا ساڻس ڪراچيءَ ۾ هڪ اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت سان تعلقات قائم هئا. هُو منهنجا ڪجهه شعر پنهنجي اخبار ۾ شايع ڪري چڪو هو.

پليجي سان ڀائپي هئي، گهريلو ناتا هئا. سنڌس ڀيڻ حورالنسا اسان وٽ پڙهندي ۽ رهندي هئي. پاڻ مون سان "سچائي منزل" ميرپورخاص مان خط ڪتابت ڪندو هو:

## خط :

سچائي منزل، سِنڌڙي روڊ، ميرپورخاص.
16.10.1955ع

***پيارا!*** تنهنجو ڪلهوڪو پيار ۽ سوز پريو خط مليم. دل جي جليل جذبن سان پڙهيم. هڪ طرف تنهنجي تڪليفن جي هڪڙي وڏيڪ پهلوءَ

ڪان واقف ٿيڻ تي صدمو پهتم تہ ٻئي طرف تنهنجي قرب ڀرئي دلاسي ۽ همت افزائي دماغ کي مونجهاري کان نجات ڏني.

سڀ کان اول آئون هڪڙي ڳالهہ بلڪل صاف ڪرڻ لاءِ منتظر آهيان. اها هيءَ آهي تہ مون کي بيحد صدمو ٿيندو جيڪڏهن هڪڙي لحظي لاءِ بہ منهنجي ڪنهن بہ خط يا ڳالهہ مان اهو انومان پيدا ٿئي تہ مبادا آئون تنهنجي تڪليفن بابت واقفيت حاصل ڪرڻ کان ڪيٻايان ٿو يا خفا ٿيان ٿو. درحقيقت منهنجي لاءِ اها ڳالهہ برداشت ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهي تہ مون کي تنهنجي حالتن کان ذري جيترو بہ اڻواقف رکيو وڃي. تو کي خبر ناهي تہ آئون تنهنجي احوال جو ڪيڏي شدت سان انتظار ڪندو آهيان. آئون هر وقت اهو محسوس ڪندو آهيان تہ منهنجي وجود جو هڪ حصو جهمپير ۾ آهي ۽ ٻيو ميرپورخاص ۾.

مناسب ٿيندو تہ تنهنجي ڪالهہ پهتل خط تي بہ سرسري تبصرو ڪجي. اول تہ تنهنجي خط جي ڀرپور طنز ۽ تنقيد مون کي هڪيرو وري تنهنجي بي پناهہ ادبي چابڪدستيءَ جو اقرار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ٻيو تہ جيڪڏهن منهنجي اڳئين خط مان هي اثر ورتو آهي تہ آئون ڪو "صبر ۽ شڪر" جي فرسوده اڏوهي کاڌل طبقاتي نظريي کي ترقي پسنديءَ جي لباس ۾ پيش ڪرڻ جي حماقت ڪري رهيو آهيان تہ پوءِ چئبو تہ آئون پنهنجي مقصد کي سمجهائڻ ۾ بُري طرح ناڪام ٿيو آهيان.

اول اها ڳالهہ قابل غور آهي تہ "صبر"، "قناعت"، "همت"، "بهادري"، "چڱائي"، "برائي"، "خوش اخلاقي" ۽ "بداخلاقي" ڪي اٽل، ساڪن، جامد ۽ دائمي قدر نہ آهن. اهي قدر نسبتي آهن يعني حالتن، ماحول ۽ وقت جا پابند آهن. جا ڳالهہ هڪ وقت "چڱي" آهي سا ٻئي وقت "بري" تي سگهي ٿي. جيڪا هلت هڪڙي حالت ۾ "صبر" سان تعبير ٿئي ٿي سا ٻي حالت ۾ "بزدلي" ۽ "ڪاهلي" سان تعبير ٿي سگهي ٿي. جيڪا هلت سياڻي "بهادري" سڏي سگهبي سا ممڪن آهي اڄ "بيوقوفي" هجي. هر ضابطو وقت ۽ نظام جي تبديلين سان ڦرندو رهي ٿو. ڪي خاص وقت جا طريقا ڪنهن خاص دور ۾ وقت جي ضرورتن موجب گهڻي قدر رائج هئڻ ڪري ان دور ڏانهن منسوب ٿي وڃن ٿا. مثلن "صبر ۽ شڪر" جو "قدر" ڪنهن زماني ۾ حڪمران ٽولي جو خاص مرغوب قدر هو جنهن کي

هُو پنهنجي طبقاتي مفادن لاءِ عوام تي مسلط ڪرڻ چاهيندا هئا. انهيءَ ڪري نهايت قدرتي ڳالهه آهي ته اسين انهي مڪر يا طبقاتي چالاڪيءَ کي نِنديون ۽ سندن انهي تلقين جي اصل کي کولي ظاهر ڪريون.

مگر انهيءَ جي اها معنيٰ ڪڍڻ هڪ ڀاري غلطي ٿيندي، چاڪاڻ ته هڪ خاص هلت ۽ هڪ خاص قدر کي اڳئين دور ۾ طبقاتي مفادن خاطر مقبول بنايو ويو ٿي، تنهنڪري اسين اڄ انهي قدر کي سراسر نظرانداز ڪريون ۽ انهيءَ کي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ ڪم نه آڻيون. دشمن جي ترار سان نفرت رکندي به اهو لازمي ڪونهي ته اسين ”ترار“ جي هٿيار جي استعمال ڪرڻ جي حق کان پاڻ کي محروم ڪري ڇڏيون.

مخالف اسان کان ڪو ڪم سندن مفاد لاءِ ڪنهن خاص نموني ڪرائڻ چاهيو ٿي ۽ اسين ائين نه ٿا ڪريون ۽ جڏهن اسان جي مفادن جي تقاضا اسان کي اڳتي هلي اهو ڪم ائين ڪرڻ تي آماده ڪري ته اسين انڪار ڪريون!

هر ڪا شئي جا پراڻي آهي تنهن کي نظرانداز ڪرڻ انتهائي خطرناڪ رجعت پسندي ٿيندي، هر شئي جا غلط نموني استعمال ٿي آهي ان جي استعمال کي ممنوع قرار ڏيڻ حقيقت پسنديءَ کان انحراف آهي.

”صبر ۽ قناعت“ اڄ به پنهنجي خاص افاديت رکن ٿا. فرق رڳو هيءَ آهي ته اهي ڪنهن جي مفاد لاءِ استعمال ٿين ٿا. اسين ڪنهن بهتر موقعي جي انتظار ۾ ڪا تڪليف برداشت ڪريون ته اهو صبر عين ترقي پسندي ۽ حقيقت پسندي آهي.

حقيقت ۾ هيءَ عظيم انقلاب صبر ۽ استقلال جا اهڃاڻ، مثال ۽ مظهر آهن. جيڪڏهن انقلاب جا امام سختين جو تاب نه جهلي ڪڪ ٿي ڪو قبل از وقت قدم کڻن ها ۽ دانشمندي ۽ ڪمال هوشياريءَ جو ساٿ ڇڏين ها ته جيڪر دنيا جي ڪهاڻي اڄ ڪا ٻي هجي ها.

في الحال انهن ٻن ٽن لفظن تي اڪتفا ڪريان ٿو. موقعو مليو ته روبرو تبادلہ خيال ڪبو.

منڙا، ڪن حالتن ۾ ”ڪجهه ڪرڻ“ کان ”ڪجهه نه ڪرڻ“ ۾ وڏيڪ جانبازيءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. اڳي مرڻ ڏکيو هو حياتي قربان

ڪرڻ عظيم ترين قرباني ليکي ويندي هئي، اج جيئڻ ڏکيو آهي، وڏي ۾ وڏي قرباني آهي "زنده رهڻ".

پنهنجي اهليه کي استيعفا ڏيارڻ جي ضرورت بابت جيڪي لکيو اٿئي سو واقعي نهايت اذيتناڪ آهي. اميد ته آئون هفتي اندر ايڏانهن ايندس ۽ وڌيڪ تبادله خيال ڪبو ۽ ڪو فيصلو ڪبو.

آئون اجا ٺيڪ نه آهيان ۽ سفر جهڙو نه آهيان. تنهنڪري لکڻ موجب حيدرآباد نه وڃي سگهيس. سياڻي تي سگهيو ته ويندس. شيخ وٽان اجا ڪو احوال ڪونه آيل آهي ته آئي. اي ايس حيدرآباد آهي يا نه. بهرحال تون خاطري رک ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

**مون اوهان جي مشڪلاتن دور ڪرڻ ۽ حالتن کي معمول تي آڻڻ بابت تفصيل سان سوچيو آهي، يقين رک ته آئون جيڪي ڪري يا چئي رهيو آهيان سو سڀني ڳالهين کي خيال ۾ رکي پوءِ.**

صحت تي هاڻ ڪجهه توجهه ڏيئي سگهيو آهيان. اٽڪل 50 رپيا کن خرچي فوٽو ۽ خون ٽپاسرايو اٿم. چون ٿا ته ٺيڪ آهين، ڦڦڙن تي اثر ڪونهي. رڳو آرام ۽ ڪاڌي جو خيال رک. دوائون ورتيون اٿم. مون لاءِ ته وري مليريا، زڪام، گلو وغيره به وڏيون مصيبتون آهن جي ڪم ڪار کان خارج ڪريو ڇڏين.

جاءِ جي ڳولا ۾ رات ڏينهن سرگردان آهيان. ڏوڪڙ باقي ڪي 100 کن وڃي رهيا اٿم. ڏسجي ته ياڳ ڪهڙو ٿو پاسو ڏئي. هيستائين ته ٿلها آسرا پيا ملن. آفيس نه هئڻ ڪري هزار بدران 100 رپيا به نٿا ملن. سڄي ڳالهه سمجهين ٿو.

غلام مصطفيٰ کي سلام. حورالنسا ۽ زرينا کي پيار.

والسلام
تنهنجو هميشه
رسول بخش پليجو

رسول بخش پليجو هڪ خط ۾ لکيو:

"... تون دنياداريءَ مان ڪو نه ڄاڻين. تون دنياداريءَ مان ڄاڻين ها ته اسين توسان محبت ئي نه ڪريون ها. توسان اسان جي والهاڻي محبت انهيءَ ڪري آهي جو تون دنياداريءَ مان ڪونه ڄاڻين..."

پليجو روز مون وٽ راوت منگسي سائيڪل تي ايندو هو. اسڪول بند ڪري ٻئي ڄڻا نتي ويندا هئاسين.

جوڻي صاحب سان ڪراچي خط و ڪتابت محمد احسان صابوگر، ڊرائينگ ماستر معرفت ٿيندي هئي. هو صاحب منهنجي استاد محترم ع. ق. شيخ جو دوست هو ۽ جوڻي صاحب جي هيڊ ماستريءَ واري دور ۾ وٽس ماتحت هو.

صابوگر منهنجو خاص خيال رکندو هو. علامہ آءِ. آءِ. قاضي جو مرتيو ڪافي شروع کان بحث هيٺ رهيو آهي. سندن مرتئي تي جوڻي صاحب کي هڪ خط لکيو هئم، جنهن ۾ علامہ جي مرتيي بابت هڪ نئين نڪتي نگاه کان بحث ٿيل آهي:

خط :

## علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي وفات تي

تنڊو مير محمود، حيدرآباد.

مئي: 1968ع.

***محترم سائين،***

اوهان منهنجي خط جي ڪن خاص فقرن، جيئين تہ "... متيءَ جي لوڙهہ تي ڪنهن چار گل وڌا... موڪلائيندڙ کي ڇا پلئہ پيو؟ سان اتفاق نہ ڪندي، ڄاڻايو آهي تہ "موڪلائي ويندڙ کي، موڪلائي وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ پلئہ بہ پوڻ گهرجي ۽ پلئہ پئي سگهي ٿو سو ڇا ٿو ٿي سگهي، يا تنهنجي خيال ۾ ڇا ٿيڻ گهرجي؟"

سائين، دراصل منهنجا مذڪوره جملا، جن کي اوهان سامهون رکندي اهي سوال پڇيا آهن، سي موڪلائي ويندڙ کي ڪنهن انعام يا معاوضي ڏيارڻ جي تقاضا نٿا ڪن. اهي سوال انهيءَ انداز ۾ احتجاج طور، پنهنجي معاشري کان ٿي پڇيل آهن، جيڪو پنهنجي بي انصافيءَ واري هلت سان، هڪ انسان جو خاتمو آڻي، پوءِ ساڻس همدردي ڪري ٿو ۽ موڪلائي ويندڙ جي عظمت جتائي ٿو. موڪلائيندڙ سان منهنجي نقطي نظر جو ڪوبہ اهڙو تعلق نہ آهي، گڏوگڏ انهيءَ طرف سوچڻ، هڪ اونداهو

رخ آهي، جنهن مان ڪابہ چڱائي پلئہ پوڻ ناممڪن آهي۔ انساني ذهن ڪن مسئلن ۽ معاملات تي سوچيندي يا تہ محو حيرت تي ويندو آهي، يا وري انهن کي جهٽڪو هڻي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيندو آهي۔ انسان جو پنهنجو پاڻ خاتمو آڻڻ وارو عمل بہ اهڙوئي آهي، جنهن کي ذهن طرفان جهٽڪو ئي لڳڻ گهرجي. پر علامہ جو مسئلو هڪ نرالي صورت جو آهي. ان جو ثبوت اهوئي آهي تہ هن پنهنجي دور جي اڪثر ذهنن کي حيرت سان گڏ سوچ جي تضاد ۾ وڌو آهي۔ اهو تضاد ئي هن جي امرپڻي جو دليل آهي. جيڪڏهن هو طبعي طور تي وفات ڪري ها، تہ جيئن سندس جهڙا بيا علامہ ۽ مفڪر، چند گهڙين جي افسوس بعد، مٽيءَ جي تهن هيٺ گمناميءَ ۾ هليا ويا، تيئن سائس بہ ايئن ئي ٿئي ها. مون کي ياد آهي تہ انهيءَ خط ۾ مون اهي لفظ بہ لکيا آهن، تہ "شل اسان جي معاشري کي ڪو واسينگ نانگ وات وجهي." اهي لفظ ئي خود منهنجي پيش ڪيل نقطي نظر جي دلالت ڪن ٿا.

سائين، اسان جي معاشري ۾ شل ڪا ساڃهہ اچي، جيڪو سواءِ ڪنهن ننگ نياءَ ۽ سوچ ويچار جي، ٻئي متعلق پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪندي ويرم ئي ڪانہ ٿو ڪري. اسان جو معاشرو پوتي لٽو بنجي چڪو آهي. هن پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي اندر مان، انساني قياس ۽ نياءَ جا مڙيئي اعليٰ اوصاف، هٿ سان ميڙي ٻهاري، هڪ گند جي ڍير تي اڇلي ڇڏيا آهن۔ انساني من جي اها ويراني ۽ اها يتڙيانگ، پنهنجي خاليپڻي جي احساس سان وانجهبي وڃي! هر جُزِ ٻئي کان ٽٽي، حاملہ عورت وانگر، ويم جي سور ۽ پيڙا ۾ ورتل آهي۔ خبر نہ آهي ڪيڏيءَ مهل، ڪهڙي جنس جنم وٺي.

مشرق صدين کان آفيم جو هيراڪ آهي. سندس انهيءَ علت جو ثبوت ڳچ عرصي کان اسلامي دنيا ۾ پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهيو آهي. مذهب اسلام، جيڪو سيني کان آخري ۽ عالمي هجڻ جو دعويدار آهي، ۽ جنهن کي هر مدعي، رٻڙ جاٽي، پنهنجي بساط آهر ڇڪ ڏيئي، زمان ۽ مڪان جو تعبير ڪري ٿو تنهن چوطرف شطرنج جون ساريون پکيڙي ڇڏيون آهن.

علامہ جو انتقال بہ انهيءَ شطرنج جي پڪڙيل سارين جي بنياد تي عجيب ٿيڪاٽپٽيءَ جو مرڪز بنجي چڪو آهي. هر شخص جي راءِ، ڪنهن سوچ ۽ فڪر جي دعوت بجاءِ، حتمي ۽ آخري آهي.

علامہ جنهن نموني زندگيءَ جي خاتمي لاءِ سهي سنيري روانو ٿيو آهي، انساني ذهن ۽ دماغ جو اهو شعوري ۽ اختياري عمل آهي، ۽ اها منزل ۽ اهو مقام ڪو رواجي تہ ڪينهي! جيڪڏهن ڪو مٿس زندگيءَ کان شڪست يا هوش تي جوش جي غالب اچڻ جي راءِ مڙهي ٿو تہ اها ساڻس وڏي زيادتي ٿيندي.

علامہ جو هن نموني انتقال، پنهنجو پاڻ کي جاودان بنائڻ جو اختياري عمل آهي. اهو انسان جيڪو سڄي ڄمار پنهنجي اصول مطابق زندگي گهاريندو رهيو هجي، ۽ جنهن پاڻ کي وس پڄندي دنيا جي گپ چڪ ۽ ڌپڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رکيو هجي، معمولي تہ ڪينهي! فقط انهيءَ حد تائين سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ، بذات خود ڪيترو نہ ڪٺن آهي؟ ازانسواءِ اهڙي علحيدگي ۽ اهڙي اڪيلائي، انساني فڪر جي سدا سرسبز گلشن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا هوندا؟ ذهن ۽ فڪر جي جاري وهڪري اڳيان، حالتن جي پيدا ڪيل روڪ، زهر قاتل کان وڌيڪ ضررناڪ نہ آهي؟ اهو زهر ڪنهن پيدا ڪيو؟ اهو اسان جو بي رحم معاشرو ئي تہ آهي. اها شڪايت بہ تہ انهيءَ سان ئي تہ آهي!

ٻي ڳالهہ، جنهن سان اختلاف ڪندي ۽ منهنجو ڌيان ڇڪائيندي، اوهان لکيو آهي تہ "ڇا اهي سڀ ماضيءَ کي وسارڻ جا پار آهن، ڇا هيل تائين "ماضيءَ جي هر حسن، خوبيءَ ۽ نزاڪت کي حال اونهي کڏ ۾ دفنائي" ڇڏيو آهي جو اڳتي هلي دفنائي ڇڏيندو؟"

سائين، ايئن نہ آهي؟ ڌرتيءَ جي هڪ حصي تي، جتي ڪنفيوشس، زردتشت، ٽالسٽاءِ، شيڪسپيئر، ٽئگور، گورڪي، ۽ نہ معلوم ٻين ڪهڙن انسان دوست ۽ حقيقت جي ڳولائن جي فڪر ۽ نظر کي ضررناڪ ڄاڻي، جلائي رک ڪيو پيو وڃي، سيان اها نئين اڏاوت، ماضيءَ جي ڪهڙي تعمير سان مشابهت رکندي؟ ان جي ڍانچي ۾ ماضيءَ جو ڪهڙو مواد ڪم آڻڻ لائق ڄاتو پيو وڃي جو اها توقع ڪجي تہ اجوڪي تعمير، في الحال ڪنهن جي ذهن ۽ دماغ ۾ پيل نہ آئڙي، پر سيان يقين آهي

ته ان جو ماضيءَ سان ئي رشتو هوندو؟ (آئون ماضيءَ جي ڪتجي وڃڻ تي ماتم ڪونه ٿو ڪريان، پر ان ڪي حيرت جي نگاهن سان ضرور ڏسان ٿو.)

ٻئي طرف جڏهن ڏسجي ٿو ته انساني تاريخ ڪيترن انسان دوستن کي پنهنجي ياد سان نوازيو آهي، تڏهن به حيرت آهي. ڇا، ڪائنات جي سرجڻ کان وٺي اڄ تائين، جن به ان جي واڌاري ۽ بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، سي فقط اهي ئي آهن؟ جن جون اڄ ورسيون ملهايون پيون وڃن؟ اهي فقط ايترا ئي آهن، جن جا نالا جيڪر هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڳڻتي وڃي مٿي چڙهجي؟

تاريخ جي ٻنهي رخن جي اظهار مان منهنجي مراد اڄ جو انسان آهي، جيڪو نڪي ته ڪلهه جو ارمان ٿو ڪري ۽ نڪي سڀاڻ جي ڳڻتي. هن کي جيڪڏهن ڪو افسوس آهي ته فقط اڄ جو. اڄ جي انسان جو جيڪو زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي، جيڪو تن تنها آهي ۽ جنهن کي حال هڪ نئين سانچي ۾ پلٽي وڌو آهي.

تين ڳالهه، جنهن جي پيشڪش جو انداز اوهان کي "ڏڪارو" نظر آيو آهي، دراصل اهو انداز منهنجي دل جي رت گاڏئن ڳوڙهن جو آهي: جيڪا انهيءَ پورهئي جي ڳولا ۾ آهي، جيڪو سيان جي عظيم ۽ اقبال مند انسان جي مسرت واري دنيا جي اڏڻ ۽ ناهڻ ۾ اڄ کان درڪار آهي_ ڪاش! جي ان کي ڪو اهڙو موقعو ملي!

سائين، وقت اسان جا سوين عيب ڳولي ظاهر ڪرڻ سان گڏ، دنيا جهان جون برايون ميڙي چونڊي جهوليءَ ۾ وڌيون آهن_ هڪ تماشائيءَ جي حيثيت سان ڪا به شڪايت نه آهي_ پنهنجي مرهم پٽي پاڻ ئي ڪرڻي آهي.

شال خوش هجو!

_ابن حيات

**هڪ** ٻئي جو بيو بزرگ جنهن سان جويي صاحب جي شناسائي سبب تعلقات قائم ٿيا هئا. سندس نالو غلام محمد رضوي هو. انهي صاحب سان به ٿي ملاقاتن بعد مون ڪيس علامه نياز فتحپوريءَ جي

تصنيف "من و يزادن" وڏي فخر سان پيش ڪيو هئم. پتو تڏهن پيو جڏهن هفتي کن بعد ساڻس ملاقات ٿي ته بنا ڪنهن ڳالهه ٻولهه جي ڪتاب واپس ڏنائين. ان ڪتاب جو انتساب هن طرح هو:

اُن بيشمار لوگون ڪي ياد مين جو مذهب ڪي نام پہ قتل ڪيئي گئي!"

ڪتاب وٺي آئون ڏاڍو شرمسار ٿيس. ان ڪان پوءِ ڏانهس وڃڻ تي منهنجو ذهن مون کي ملامت ڪندو هو.

ٺٽي شهر جي بازار ۾ مون هڪ دڪان جي مٿان هڪ ڪمرو آٺ رپيا ماهوار مسواڙ تي ورتو ۽ اُتي لائبريري قائم ڪئي. جنهن ۾ سئو سَوا ڪتاب هئا. اڪثر رات جو اُتي رهندو هئس. جلدئي گهرواريءَ کي ٽنڊو ڄام مان بدلي ڪرائي، ٺٽي گرلس اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس مقرر ڪرايم.

اُنهن ڏينهن ۾ آئون هڪ اهڙيءَ جاءِ ۾ رهندو هئس جيڪا ٺٽي جي مشهور سيٺ سومار وزن ڪش جي هئي. نائب مسٽريس نالي ڪزبانو مڪرانڻ سان منهنجي گهرواريءَ جو تڪرار ٿيو. سپروائيزر حيدرآباد جي هڪ شيدي عورت هئي. منهنجو سهرو ڏيءَ جي بدلي ٿيڻ تي ناراض هو. هن ان شيدي عورت معرفت فساد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪزبانو ان سازش ۾ شامل ٿي منهنجي گهرواريءَ سان سخت بدڪلامي ڪئي. هڪ طرف جاءِ مالڪ سيٺ سومار وزن ڪش جو تڪرار ته جاءِ خالي ڪر، ته ٻئي طرف گهرواريءَ جي انڪوائري!

انهن ٻنهي معاملن ۾ غلام محمد چڳو پارٽ ادا ڪيو هو. سيٺ سومار سان 'معاملو طئي' ڪرڻ لاءِ سندس گهر ويس. مون سان شايد ناصر گڏ هو. سيٺ کي ڏاڍو ذليل ڪيم. باقي رهيو غلام محمد صاحب، تنهن سڳوري شهر جي وچ بازار ۾ مون کي ڌمڪي ڏني ته هو سِنڌُ اسيمبلي وجي وزير اعليٰ کهڙي طرفان مون کي نقصان پهچائيندو. اُن ڏينهن مون سان ناصر ۽ غلام مصطفيٰ ڀراڻي، اسڪول جو شاگرد، گڏ هئا. کيس اهڙي خاطري ڀريو جواب ڏنم جو خوش ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري بازار مان هليو ويو. اها ڳالهه شيخ خورشيد صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر جي زال مائي عائشه انسپيڪٽريس آف سِنڌُ کي ناگوار گذري. انڪوائريءَ ۾ نائب مسٽريس

نوڪري منجهان خارج ٿي. اها مائي فقط ٻه درجا پڙهيل هئي. ٺٽي ضلعي ۾ تعليم نه هئڻ سبب اڪثر ڪري حيدرآباد جا ماڻهو مقرر هوندا هئا.

ٺٽي هاءِ اسڪول ۾ صابوگر صاحب، غلام مصطفيٰ ۽ عبدالله کان سواءِ بروهي ذات جي نوجوان جنيد (ناصر بروهي) سان ڏيٺ ٿي. هيءَ نوجوان هاءِ اسڪول ۾ ماستر هو. انهيءَ کان سواءِ غلام مصطفيٰ نالي هڪ پنهور مولوي، جنهن کي مولوي چوڻ حماقت ٿيندي، سان پڻ ملاقات ٿي، سندس ڪردار جو ذڪر حيدر بخش جتوئيءَ وارين يادگيرين ۾ ڪري چڪو آهيان.

ٺٽي ۾ ان انڪوائريءَ کان پوءِ جلد ئي "نونٽي صاحبه" (انسپيڪٽريس) منهنجي گهرواريءَ جي بدلي جهمپير ۾ ڪئي ۽ آئون ٺٽي ۾ رهيس. (هن عورت جي ٻانهن نونٽ وٺان ڪپيل هئي، ان ڪري ان نالي سان مشهور هئي.) صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر جي زال هئڻ ڪري هيءَ ڪنهن به چڱي مٺي کي ليکيندي ئي ڪا نه هئي. ٺٽي ۾ منهنجي ترقي پسند خيالن هئڻ سبب منهنجي خلاف سخت نفرت هئي. ڳوٺ راوت منگسيءَ ۾ مقرري دوران ان ڳوٺ جو پريو مڱس، جو اڻ پڙهيل هو هڪ حج به ڪري آيو هو. اهڙو نيڪ نيت ۽ بيباڪ ماڻهو هو جو سچ چوندي ڪا به گهٻراهٽ محسوس نه ڪندو هو. ٺٽي جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سان جڏهن هيءَ پريو مڱس، جنهن جو نالو وسري ٿو (شايد فقير محمد، ذات جو منگسي هو) ملڻ ويو. هيءَ ڪرسيءَ تي اچان وينوئي مس ته انسپيڪٽر صاحب کانئس معذرت گهرندي چيو:

"حاجي صاحب، معاف ڪجو. اسان اوهان کي غلط قسم جو ماڻهو موڪليو آهي، جيڪو قرآن پڙهائڻ جي خلاف ۽ خدا جو منڪر آهي."

ان ملاقات کان مهينو کن اڳ هيڊ ڪلارڪ هڪ رٽائرڊ ماستر نائب طور مون وٽ بدلي ڪري موڪليو. اهو رٽائرڊ ماستر اسڪول ۾ اچڻ کان پوءِ سانده به ڪلاڪ ڪلاس ۾ قرآن پڙهائيندو هو. هن کي موڪليو ئي انهيءَ لاءِ ويو هو ته اُتي پهچي منهنجي خلاف اسلام دشمنيءَ جي رپورٽ ڪري ۽ مون کي ڪافر ڪوٺڻ جي وٺائنس گهربل ڏرين کي سند ملي.

پوڙهو ماستر پس پڙدي نہ چاڻ منهنجي خلاف کهڙيون تهمتون ۽ بهتان مڙهيندو موڪليندو رهيو هو.

جڏهن حاجي صاحب سان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر منهنجي خلاف ڪفر ۽ لامذهبيت جي ڳالهہ ڪئي، تڏهن هن پلاري بزرگ ان ڪلارڪ جي منهن تي ڪيس وراڻيو:

"ڪهڙو ڪميڻو تو چوي تہ هيءَ ماستر ڪافر آهي!" صاحب خاموش ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن اسڪول ۾ ويس تہ حاجي صاحب اهو سمورو احوال ٻڌايو.

منهنجي گهرواريءَ جي بدلي ۽ جهمپير ڏانهن رواني ٿيڻ وقت، ان بزرگ پنهنجو ڪڪو نالي اسماعيل منهنجي حوالي ڪيو ۽ چيائين:

"جيسين اوهان جي بدلي ٿئي، تيسين هيءَ اوهان جي ٻچن وٽ اڪيلائي سبب رهي."

اهڙوئي هڪ ٻيو واقعو ڳوٺ پاهڙ خان جماليءَ جي احوال وقت لکڻ وسري ويم. اُتي ماستري دوران تار آئي تہ منهنجو پٽ دودو (اڳينءَ زال مان) بيمار آهي سو جلد ڳوٺ پهچان. ڳوٺ پهتس تہ دودو گذاري چڪو هو. ڪفن دفن بعد نوڪري تي آيس. ڏاڍو غمگين هئس. ان اسڪول ۾ مون وٽ هڪ جمالي شاگرد دودي نالي سان پڙهندو هو. سندس پيءُ شير محمد جمالي نهايت نيڪ فطرت انسان هو. تنهن جڏهن مون کي اداس ڏٺو تہ خبرچار ورتائين. پٽ جي موت جو ٻڌايومانس تہ پنهنجي پٽ دودي جي ٻانهن مون کي هٿ ۾ ڏيئي، چوڻ لڳو:

"ماستر صاحب، مٿان پانئين تہ اوهان جو دودو مري ويو آهي. اڄ کان هيءَ اوهان جو دودو آهي."

منهنجو جهمپير ۾ اچڻ ڪيترن ماڻهن کي ناگوار گذريو. پر اُتي اڳ ئي منهنجا ٻہ ٻهراڻي هم خيال شاگرد. جيڪي ٺٽي ۾ مون وٽ پڙهندا هئا ۽ ساڻن منهنجي والهاڻي محبت هئي. انهن مقامي ماڻهن جي مخالفت جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪئي. منهنجي پرپٺ انهن جا ڇوڪرا اسماعيل (منگسي) سان هر ڳالهہ ۾ ٻانهن ٻيلي هئا. جنهن جاءِ ۾ منهنجا ٻار رهندا هئا، اها انهن ٻهراڻين جي هئي.

جهمپير اسڪول جو هيڊ ماستر محمد سليمان پالاري جاهل المطلق هو. اهو دور ون يونٽ خلاف بغاوت ۽ قومي بيداريءَ جو هو. سنڌ ۾ هر هنڌ اديب، شاعر، دانشور ۽ سنڌ جو اڪثر سجاڳ ذهن بيدار ٿي چڪو هو. مون جهمپير ۾ اچڻ بعد ون يونٽ خلاف پنهنجون ڪوششون شروع ڪيون. شهر ۾ هڪ به سنڌي اخبار ڪا نه ايندي هئي. مون ڪوشش ڪري 6_7 ماڻهو روزاني اخبار "نئين سنڌ" جا ساليانه خريدار پيدا ڪيا. ان وقت اهي سرگرميون اتان جي چيئرمين محمد رمضان گوپانگ ڪي نه آئڙيون ۽ هن صاحب دين اسلام جو سچو شيدائي بنجي منهنجي مخالفت لاءِ سندرو ٻڌو. ساڻس گڏ هڪ ڪانياواڙي سيٺ قاسم يائي پٽيل سندس همنوا ٿيو.

مون "سنڌ جا سوداگر، تو تي لعنت لک هزارا" شعر ان وقت ڪامريڊ عبدالخاق جي روزاني اخبار "آواز سنڌ" ۾ شايع ڪرايو. "سنڌ جا سوداگر...!" شعر کي سڄي سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ٿي. ذوالفقار علي ڀٽي ان شعر کي خانبهادر ايوب کهڙي خلاف ڪافي استعمال ڪيو. هن شعر ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو. جنهن سنڌ جي سوداگر خلاف مون هيءُ شعر لکيو هو، اهو هنن کي سينڌ ئي ڪا نه ڏيندو هو پر پاڻ کي وٺائڻ ۽ عام راءِ کي پنهنجي طرف آڻڻ جي هنن ڏاڍي ڪوشش ڪئي.

جهمپير ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران سنگت جهمپير طرفان ادبي ڪچهري منعقد ڪيم. ڪچهري ۾ شمشيرالحيدري، سنڌي ادبي سنگت جهمپير جو "خبرنامو" پڙهيو:

## خبرنامو

**('ساس' جهمپير): شمشيرالحيدري**

(سنڌي ادبي سنگت شاخ جهمپير)

**جهمپير:** ضلعي ٺٽي جي هن جابلو ماٿريءَ ۾ ادب ۽ عمل جو سرچشمون جاري ٿيڻ سچ پچ ته سنڌي ادبي سنگت جي پيغام ۽ پروگرام جي اثر ۽ مقبوليت جو دليل ۽ ان جي باعمل ۽ زنده دل نوجوانن جي محنتن ۽ صلاحيتن جو ثبوت آهي. جهمپير جي ادبي سنگت، مرڪزي تنظيم جي

وجود ۾ اچڻ کان وٺي ”سنڌ سنگت“ سان ملحق رهي آهي، ۽ ان جي سرگرم شاخن ۾ شمار جي ٿي. هتي جو سيڪريٽري، محترم يار محمد ابن حيات پنهور (جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت اختيار ڪرڻ سبب چند ٿي ڏينهن کان اچي حيدرآباد ۾ رهيو آهي). سنڌي ادبي سنگت جي ان وقت وارن شروعاتي شخصن مان آهي، جڏهن، 1947ع واري ورهاڱي جي وراڪي ۾ اچي ڪراچي جي سنگت منتشر ٿي چڪي هئي ۽ حيدرآباد جي سنگت، 1950ع ۾ اچا ”سنڌي ادبي انجمن“ جي نالي سان ڪم ڪري رهي هئي. اتي جون سموريون سرگرميون انهيءَ اڻ ورچ انسان جي مسلسل محنتن جو نتيجو آهن. جيڪو اڪيلي سر پٿر کي پاڻي بنائي سنڌي ٻولي، ادب جي حفاظت لاءِ نوجوانن جو مرڪز بنجي ويو. عملي پروگرامن جي سلسلي ۾، هتي جي سنگت گذريل هڪ سال اندر ڪافي ڪم ڪيو آهي. هن وقت جهمپير ۾ سنگت جي قائم ڪيل لائبريريون، شهر جي پڙهندڙ طبقي جي وڏي ضرورت پوري ڪري رهيون آهن. موجوده مڊل اسڪول، سنڌي ادبي سنگت جي لڳاتار مطالبن ۽ عملي ڪاوشن سان قائم ٿيو آهي. جهمپير ۾ اڳي انگريزي اسڪول ڪونہ هو، ان ڪري فقط پئسي وارا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي ٻاهر تعليم ڏيارڻ لاءِ موڪليندا هئا. غريبن لاءِ انگريزيءَ جو ڪوبہ بندوبست ڪين هو. ادبي سنگت انهيءَ اهم ضرورت کي محسوس ڪيو ۽ زوردار تحريڪ هلائي شهرين ۽ آفيسرن کي متوجه ۽ متفق بنايو. گذريل سال جي شروع کان جهمپير ۾ مڊل اسڪول قائم آهي. سنگت انهيءَ عرصي ۾ هڪ نائيٽ اسڪول پڻ کوليو جنهن ۾ شاگردن کي مفت ڪتاب ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو. پر جابلو علائقي جا ٻارانيءَ تي بسر ڪندڙ سانگي، پنهنجي سانگ سان سڌاري ويا ۽ هن وقت بہ سنگت جي هفتيوار ڪچهرين جو سلسلو جاري آهي ۽ نوجوانن جو هڪ سٺو حلقو اتي موجود آهي.“

جهمپير ۾ انگريزي اسڪول ڪونہ هو. غلام مصطفيٰ ڀراڻي مئٽرڪ پاس ڪري، جهمپير ۾ سنڌي ماستر مقرر ٿيو. آئون اخبار ذريعي جهمپير جي آس پاس جي عوامي حالتن ۽ انگن اکرن جا تفصيل ”نئين سنڌ“ اخبار کي موڪليندو رهندو هئس. اها هڪ واحد اخبار جي. ايم. سيد صاحب طرفان شايع ٿيندي هئي جيڪا ون يونٽ خلاف بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ

جي ۽ وڏي جرعت سان سنڌ جي قومي ۽ لساني مسئلن بابت پنهنجا رايا ۽ نهراءُ پيش ڪندي ٿي رهي. مهيني ٻن بعد جهمپير ۾ انگريزي اسڪول قائم ٿيو ۽ غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ کي ان ۾ ماستر مقرر ڪرايو ويو.

سنڌي ادبي سنگت طرفان سنڌ جي سياسي، ثقافتي ۽ لساني مسئلن کي سامهون رکندي، هيءُ پروگرام هو ته "نائيٽ اسڪول" کوليا وڃن. غريب شاگردن کي وس وارن جي مالي تعاون سان ڪتاب مهيا ڪيا وڃن ۽ ڪوشش ڪري هر هنڌ لائبريريون قائم ڪيون وڃن. مون انهي دوران ڪيترن هنڌن (ٽنڊي محمد خان، ٻنوري، ٺٽي، جهمپير ۽ ٻين ڪن هنڌن) تي سنڌي ادبي سنگت جون شاخون قائم ڪيون ۽ پنهنجي ذاتي لائبريري مان جهمپير، ٺٽي، ٽنڊي محمد خان ۽ ٻنوري ۾ ڪافي ڪتاب مهيا ڪيا. جهمپير ۾ چندو گڏ ڪري شاگردن لاءِ مفت ڪتاب ۽ لئبرز لاءِ ڪتاب ڪٺا ڪيم. جهمپير ۾ قومي لائبريري قائم ڪيم، جنهن جو سيڪريٽري غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي مقرر ٿيو.

❊❊❊

ٽنڊي محمد خان ادبي سنگت شاخ پاران ادب ۽ ان جي
ڪارج جي موضوع تي ادبي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن
جي صدارتي تقرير "ادب ۽ ان جو ڪارج" جي عنوان سان
ڪيم:

## صدارتي تقرير:

# ادب ۽ ان جو ڪارج

(28 مئي، 1965ع، سنڌي ادبي سنگت، ٽنڊو محمد خان.)

***نوجوان*** دوستو ۽ ساٿيو!

نهايت ئي خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ ٽنڊي محمد خان جي ادبي سنگت، جيڪا اڄ کان 10 سال اڳ، سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي شاخن مان ۽ سرگرم برانچ هئي، تنهن ۾ وري جان پيدا ڪئي ويئي آهي.

دوستو!

انساني جدوجهد جي تاريخ ۾ اڄ تائين، جيڪا بہ اوسر ٿي آهي ۽ ان جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي، سا ڪڏهن بہ هڪ ساريڪي نہ ٿي آهي_ ڪڏهن تہ انساني فڪر ۽ شعور جون ڏارائون، نهايت تيزيءَ سان اُڙهيون آهن، تہ ڪڏهن سانيتڪيءَ ۽ مانيٽي رفتار سان هليون آهن. تہ ڪڏهن وري وقت ۽ حالات جي ستم ظريفين سببان، نهايت نماڻائي ۽ بيوسيءَ جي عالم ۾ اڳتي وڌڻ بجاءِ مورڳو پاڻ سنيالڻ ۽ لوڏن لمن کان بچڻ جي فڪر ۾ رهيون آهن! انهيءَ چوڻ مان، منهنجي مراد هي آهي تہ، اسان جي باهمت ۽ باحوصلي نوجوان اديبن جي، هيءَ برانچ، ڪنهن وقت سِنڌُ جي راڄڌاني، ڪراچيءَ ۾، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ، هتان جي پرزور نمائندگي ڪري رهي هئي، تہ ڪنهن وقت نوابشاهہ سنگت جي ڪوٺايل ساليانيءَ اجلاس ۾ پنهنجي عظيم مقصدن خاطر لڙي رهي هئي_ اسان جي دوستن جي انهيءَ

ذڪر ڪيل نمايان ڪوشش ۽ جدوجهد کان پوءِ، وري هڪ اهڙو دور آيو جو نہ فقط هتان جي مقامي سنگت، پر سنڌ جون بيون بہ ڪيتريون برانچون فقط براءِ نام رهجي ويئون. اهو دور جيڪو عملي طور ادبي ڪارج کان لاتعلق نظر اچي پيو سو دراصل اسان سينيءَ لاءِ پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي، وسيع نگاهہ سان ڏسڻ ۽ صحيح بنيادن تي تخليقي ڪارنامن سرانجام ڏيڻ جو هڪ خود تربيتي دور شمار ڪجي تہ اُن ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ٿيندي. هونئن بہ زندگيءَ جي بنهہ معمولي کان معمولي عمل جي ڪَري ڪوتي هئڻ متعلق ڪا نہ ڪا آخري راءِ قائم ڪرڻي پوي ٿي. پنهنجي عمل جو خود پاڻ جائزو وٺڻ، ماڻهو جي پنهنجي وسيع ذهن اعليٰ حوصلي جو ٿي ثبوت آهي۔ هڪ اديب ۽ شاعر، جيڪو اڳيئي وسيع ذهن ۽ بلند حوصلي جو مالڪ آهي، ان تي تہ پاڻ انهيءَ خود تنقيدي اصول جو پاڻ مٿان عائد ٿيڻ وڌيڪ لازمي ۽ ضروري ٿيو پوي.

اسان جو اهو دور، جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، سو بہ انهيءَ ساڳي خصوصيت جو حامل آهي. بدقسمتي چئجي تہ اسان جڏهن هڪ نئين حوصلي ۽ ولولي سان سِنڌي زبان ۽ ادب جي دائري ۾ پنهنجون تخليقون پيش ڪرڻ شروع ٿي مس ڪيون تہ عين موقعي تي اسان جي ئي هم زبان ۽ هم قوم فردن مان ڪن اديب تہ ڪن وري ادب جي معنيٰ ۽ مفهوم کان نا آشنائن، پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي ڪابہ شناس نہ رکنديءَ هڪدم مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني۔ پنهنجي هٿان، پنهنجي ادب خلاف اها هاءِ گهوڙا! ۽ واويلا! ڪيتري حد تائين خاموشيءَ سان برداشت ڪرڻ جي لائق آهي؟ تنهن تي اسان سينيءَ کي وڌيڪ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ ويچارڻ گهرجي.

ڪا بہ ٻولي توڙي ادب، تيسيتائين صحيح بنيادن تي تيز رفتاريءَ سان ترقيءَ جون منزلون طئي نہ ٿو ڪري سگهي، جيسيتائين اُن کي پنهنجن جو ان ٻولي ۽ ادب جي وارثن جو پيار پريو ٻاجهائتو هٿ ۽ سرپرستي حاصل نہ آهي; سرپرستيءَ مان مراد هيءَ آهي تہ اُنهن کي پنهنجي قسمتن جي بنائڻ ۽ ناهڻ جو ڪلي اختيار هجي. هو پنهنجي ٻولي، ادب ۽ قومي بهبودي ۽ بهتريءَ لاءِ سيئي ممڪن ذريعا ۽ وسيلا استعمال ڪرڻ جو حق رکندا هجن. پر جيڪڏهن ڪنهن ٻولي ۽ ادب جا

وارث، پنهنجي انهيءَ بنيادي حق کان محروم، بنهه ڪمزور ۽ ويچارا آهن، تہ مخالف هوائن جي هر جهوٽي سان سندن قدم لڏي ٿا وڃن ۽ هُو پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ ڪنهن جرائتمنداڻہ قدم کڻڻ بجاءِ مورڳو دل شڪستا ٿي، مايوس نگاهن سان آسمان ڏانهن نهارين ٿا. تہ اُن قوم جي انهيءَ سادگي، انهيءَ بي همتيءَ جو ٻيو ڪهڙو علاج ڪري ٿو سگهجي؟ دنيا جي تاريخ شاهد آهي تہ ادب ئي هڪ اهڙو ڪارآمد ذريعو آهي، ۽ اهڙو آزمايل هٿيار آهي، جنهن سان اگهور ننڊ ۾ پيل قومن جون تقديرون جاڳنديون آهن، سندن اجڙيل گلشن ۾ سدا حيات بهارون ايندڀون آهن ۽ هُو پاڻ ۾ گڏجي، ڪلهوڪلهي سان ملائي، زندگيءَ جا گيت ڳائينديون آهن ۽ پنهنجي وجود جو وڏي سُرت سان دنيا کي احساس ڏياريندڀون آهن.

سِنڌي ادب ۽ اديبن جي هيءَ اجوڪي مخالفت دنيا جي تاريخ ۾ ڪو پهريون مثال ڪينهي. ڪائنات جو ذرو ذرو انهيءَ حقيقت جو گواهہ آهي تہ سچ کي ڪڏهن بہ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو آسانيءَ سان موقعو ئي نہ ڏنو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪوڙ سچ جي تصور کان، ايئن ٿو ڇرڪي، جيئن ڪانءَ ڪمان کان. اجوڪي ادب جي مخالفت بہ انهيءَ ڪري آهي؛ ڇاڪاڻ تہ نئين دور جو قلمڪار اها ڳالهہ ڪڏهن بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ ڪوڙ کي سچ تي غلبي جي جرئت پيدا ٿئي ۽ اٽڄاڻائي هٿان ڏاڍائيءَ کي ڇچربو ۽ ماربو ڏسجي. اڄ جو قلمڪار چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ اٽڄاڻائي پورهيت جي ڳلي ۾ ڦاهو ٻڌجي پيئي آهي؛ ان ڪري جيسين ڦاهي کي اُن جي ڳلي مان ڇني ٽڪر ٽڪر نہ ڪيو ويو آهي، تيسين هر چالاڪ ۽ مڪار ڪڏهن خدا جي نالي ۾، ڪڏهن مذهب جي نالي ۾ تہ ڪڏهن دولت ۽ طاقت جي انڌ ۾، صحيح ڄاڻ ۽ شعور کي عوام تائين پهچڻ جا سمورا رستا ۽ راهون بند ڪرڻ لاءِ ڪيئي حرفتون ۽ اٽڪلون ڪم آڻيندو رهندو.

اجوڪي ادب جي مخالفت اسان کي پنهنجي پورهئي جو صحيح ۽ پنهنجي تخليق جو تهان ڦلدائڪ هئڻ جو وڏيڪ احساس ڏياريو آهي. اسان اديبن جو چند سالن ۾ ادب جي سرزمين ۾ پوکيل نازڪ ۽ نحيف سلو اڄ پنهنجون پاڙون پاتار ۾ هڻي رهيو آهي، ۽ اهو اڄ، وڌي ويجهي انهيءَ منزل تي پهتو آهي، جو ان جي ٿڏي ڇانو جي هيٺ هر ڏُکن

جي ڏڌل کي، هر آسائتي ۽ اُڄاڙ کي، ڪا نہ ڪا ڇاڻ، ڪا نہ ڪا آس پوري ٿيڻ جي تسلي ضرور ملي ٿي. هُن جي اها تسلي، اها آس، ڪنهن بئي هنڌان پوري ٿيڻ جي مزيد غلطيءَ جو شڪار نہ ٿي رهي. پر هُو پاڻ کي ئي، پنهنجي دل جي آرزوئن ۽ تمنائن کي تڪميل تي پهچائڻ جو ذريعو قرار ڏئي ٿو.

اڄوڪي ادب جي زندگيءَ کي سچاٽندڙ هيءَ نئين نگاهہ ۽ اسان جي صلاحيتن ۾ تخليقي عمل جي اهميت جو اسان کان وڌيڪ، اسان جي حريفن کي احساس ڏياريو آهي_ اسان جي هر نقطي، هر لفظ گويا هڪ تيز پالي جو روپ ورتو آهي. دراصل اهو ئي اسان جي سچائي، محنت ۽ ادبي ديانتداريءَ جو ثبوت آهي. اسان کي انهيءَ وسهڻ جو پورو پورو حق آهي تہ اسان جو قلم، هڪ سورمي جي تلوار کان وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ گهائيندڙ آهي.

اڄوڪي ادب جي فيصلي ڪن رخ کان ڇرڪي، اسان تي جيڪي بہ الزام لڳايا تا وڃن، تن جي اهميت اڄ کان ڪيئي صديون اڳ پاريل، هڪ ڏيئي مثل آهي، جيڪو تيل کي ختم ڪري وٽ کي اڄي لڳو آهي ۽ يقين آهي تہ هُواڄ نہ تہ سيان اڄهامڻ جي آخري ڦڙڪ ڏيئي، هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندو. وقت جي تقاضائن جي مخالفت، مخالفن جو پنهنجو موت آهي. خودڪشي ڪندڙن کي بئي جي زندگي ڪئان سُهائيندڙ لڳندي؟

اڄ سِنڌي اديبن جي سامهون، جيڪڏهن ڪو اعليٰ کان اعليٰ فرض آهي تہ اهو هيءَ آهي تہ پنهنجي معاشري جي ڏکي دلين جي مرهم پٽي ڪن. اسين پنهنجي منصب جي ادائگيءَ ۾ تيسيتائين خاموش نہ رهنداسين، جيسيتائين معاشري جي اڪثريت جو ذهن بُک، بيوسي ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڙيل آهي. اسين صدين جي ستايل عوام جي دلين مان سيان جي موهوم سهاري تي جيئڻ جون اميدون ختم ڪري، ڪين هن ڌرتيءَ تي، هن زمين تي اصلي جنت سان روشناس ڪرڻ جا خواهان آهيون. اسين منجهن اهو حوصلو پيدا ڪنداسين تہ هوءَ پاڻ ئي هن ڌرتيءَ جا اصلي خالق ۽ مالڪ آهن: ڪائنات جو سمورو حسن ۽ سموري سونهن، سندن ئي رت ۽ پگهر جي پيدائش آهي.

قلمڪار جي اها دعوا اڄ ڪان نہ آهي. هن جو قلم هر دور ۾، هر معاشري ۾ ڏکي دلين جي مرهم پٽي ڪندو، هر وک اڳتي وڌائيندو ۽ نئين راهہ ڏيکاريندو رهيو آهي. ڪڏهن لوڪ گيتن ۽ ڪهاڻين ۾ ڪڏهن داستانن ۽ ناولن ۾ ڪڏهن ڊرامن ۽ افسانن ۾ـ قلمڪار جي من جي لوچ ۽ آنڌ مانڌ هر وقت نظر ايندي. زمانن جي اٿل پٿل ۽ من جي بيقراري، ڪيس زندگيءَ جي هر منزل تي پنهنجي تخليق ڪي نئين سر تپاسڻ ۽ ان جي افاديت جي اندازي لڳائڻ تي مجبور پئي ڪيو آهي. جيئن جيئن نون مادي وسيلن ۽ ذريعن جي حاصلات سان انسانذات جي محنت ۽ بوجهہ ۾ گهٽتائي پئي ٿي آهي، تيئن هُن بہ پنهنجي تخليقن ۾ قيرڦار ۽ نواڻ پئي آندي آهيـ قبيلائي دور کان وٺي اڄوڪي سائنسي دور تائين، نظم توڙي نثر جي دنيا ۾ جيڪو بہ واڌارو آيو آهي، جيڪا بہ جدت ٿي آهي، اُها فطرت تي، انسان جي جيئن پوءِ وڌيڪ قبضي ۽ پنهنجو پاڻ کي مادي توڙي ذهني وسائل سان زياده مالا مال ڪرڻ جي هڪ حوصلي افزا تاريخ آهي.

آخر ۾ آئون، هن ادبي مجلس ۾ شريڪ ٿيل سيني اديبن ۽ ادب دوست حضرات جو شڪريو ادا ڪريان ٿو. جن هتان جي ادبي سنگت کي وڌيڪ ڪامياب بنائڻ ۾ هر قسم جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي آهي.“

ميرپور بٺوري ۾ قائم ادبي سنگت پاران مشاعرو ڪوٺايم. مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ سنڌ جي دور دراز شهرن ۽ ڳوٺن مان اديب ۽ شاعر حضرات وقت ۽ حالتن جي تقاضائن کي سامهون رکندي، پنهنجي زبان، ادب ۽ قومي بهبوديءَ جي راهہ ۾ پاڻ مٿان عائد فرضن ۽ جوابدارين نباهڻ لاءِ ڪهي اچي گڏ ٿيا هئا. مشاعري ۾ اڃا ڪلاڪ ٻن جي دير هئي؛ انڪري في الحال مختلف مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي رهي هئي. عين وقت تي سجاول جي هڪ نوجوان شاعر، پاڻ سان گڏ آيل ڇهن نوجوانن جو تعارف ڪرائيندي چيو:

”هيءَ دوست اوهان کان ڪي سوال پڇڻ گهرن ٿا.“

انهن لفظن ٻڌندي، منهنجي ذهن ۾ سال ڏيڍ اڳ، اهڙن سوالن جي پڇڻ جي سلسلي ۾ ڪَڙي ڪيل هڪ سازش ذهن تي تري آئي؛ ٿيو هيئن هو جو ڪن ناسمجهن، هڪ محب وطن شخصيت وٽ پهچي ڊرامائي

اندازسان اظهار ڪندي، پنهنجي مراد ۽ مقصد مطابق ٻه چار سوال پڇي، واپس موٽي، غلط رنگ ڏيئي، سنڌ جي عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ، هڪ اخبار ۾ ذاتي حملا ۽ غلط پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني هئي. آيل چار ئي نوجوان خوش پوشاڪ، تعليم يافتا ۽ شهري ماحول جا پاسجي رهيا هئا.

آيل نوجوانن ڪرسين تي ويهندي، مون کان پهريون سوال هيءُ پڇيو ته:

"اڄڪلهه سنڌي اديبن متعلق چيو وڃي ٿو ته هُو پاڪستان جا دشمن آهن، اوهان جي ان باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟"

مون سردست جواب ڏيڻ بدران کانئن پڇيو:

"اچا ڪي ٻيا سوال پڇڻا آهن يا فقط اهوئي سوال آهي؟"

۽ ٻيو سوال هيءُ هو ته:

"اوهين هتي ڪميونزم پکيڙڻ گهرو ٿا؟"

مٿيان ٻئي سوال اهي هئا، جن متعلق سِنڌ جي ڪيترين اخبارن ۽ رسالن ۾ سالها سال ڪافي ڪجهه لکجي چڪو هو ۽ گڏوگڏ انهن سوالن ۽ جوابن جي سمجهاڻيءَ جي سلسلي ۾ ڪيترائي پمفليٽ شايع ٿي چڪا هئا. مثلن "مشرقي شاعريءَ ۽ ان جا فني قدر"_غلام محمد گراميءَ جو "بقول اياز"_محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو "ادب ڪي نام پر"(اڙدو زبان ۾) _ ابوبڪر منگسيءَ جو "انڊا ونڊا ويڄ"_رسول بخش پليجي جو "مادريءَ زبان ۾ ذريعي تعليم"، ڇپائيندڙ: لڪاڏنو بلوچ: "اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو" انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ سليم احمد جي نالي ۾، "سامراجي سازشن کان هوشيار رهو"_مولائي الهه جڙئي جو "سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب"_يار محمد 'ابن حيات' پنهور:

## تبصراتي خط :

## نصراللهُ مگسي

4_ڪيمرج ڪريسين، لنڊن_ ڊبليو II
17.08.1965

**ڪلهه** شام اوهان جو موڪليل ڪتاب "سِنڌي ادب ۽ اسان جا اديب" مليو. ابن حيات صاحب جي طرز بيان نهايت پسند آئي. هن

ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس ڪاوڙ گهٽي آهي. پر هو سِنڌ جي نوجوان ترقي پسندن مان هڪ آهي، جيڪي محسوس ٿا ڪن تہ، سِنڌي عوام صرف وڏيرن، جاگيردارن، پيرن، سيدن تي مشتمل ڪونہ آهي. پر سيني سِنڌين جو مجموعو ئي آهي. پوري دنيا هن ڳالهہ ڪان انڪار ڪري نہ ٿي سگهي تہ دنيا ۾ جيترا بہ انقلاب آيا آهن، اهي اڪثر اديبن جي قربانين جو صلو آهي، يا معاشري ۾ جيڪا بہ پيچ_گهڙ ٿيندي رهي آهي، سا بہ اديبن جي قلم هيٺ.

مان پانيان ٿو تہ شيخ اياز سان مخالفت نہ ڪئي وڃي ها تہ شايد "پونئر پري آڪاس" ڪي ايترا ماڻهو پڙهن ئي نہ ها، جيترن هاڻي پڙهيو آهي. سِنڌ جو نوجوان حلقو سمجهي ٿو تہ سِنڌ ڪي شيخ اياز جهڙن شاعرن جي ضرورت آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ اڳيان صوفين جي شاعري ڪنهن ڪم جي نہ آهي.

ابن حيات ڏانهن بہ خط اچ ئي لڪندس.

ٿيون ڏينهن اي، ڪي. بروهيءَ سان ملڻ جو اتفاق ٿيو. هتي مظهر قاضيءَ جو پاءَ بار ايٽ لا ڪرڻ آيو آهي. مان ۽ هيو هڪ سِنڌي اهو پهريون موقعو هو جو اهڙي فرصت ۾ بروهي صاحب سان ملڻ جو وجه مليو. بروهي صاحب ڪنهن ڪم سان آيو آهي، لندن هملٽن هوٽل ۾ رهيل آهي. واقعي وڏو قابل شخص ۽ فلاسافر آهي.

پاڪستان جي سياست ۽ مذهب بابت ڪانئس پڇيو ويو ۽ ان سان گڏ ڪيس عرض ڪيو ويو تہ اسان سِنڌي ادبي سوسائٽي بنائي رهيا آهيون. ان جي صدارت قبول ڪري، ان لاءِ جواب ڏنائين تہ اوهان جا قاعدن ۽ ميمبرشپ جي مقاصد جي ڪاپي مون ڏانهن موڪليو تہ آئون ان ڏس ۾ اوهان جي رهبري ڪندس. پيو ڪو.

خاص احوال ڪونہ آهي. وڌيڪ ڇا لکان.

اوهان جو

**نصر اللهُ منگسي**

***مٿيان*** ذڪر ڪيل ڪتابچا. مٿين پڇيل سوالن جي پس منظر ڪي سامهون رکي ڪافي دليلن ۽ انگن اکرن سان اثرائتي انداز ۾ لکيا ويا

هئا. جن کي هڪ دفعو مطالعو ڪرڻ بعد سنڌي اديبن متعلق مختلف غلط پروپئگنڊائن جي سلسلي ۾ ڪافي معلومات ٿي سگهي ٿي. ”سِنڌي ادب ۽ اسان جا اديب“ جڏهن فردوس پرنٽنگ پريس ۾ ڇپجي رهيو هو. ته ناشر 16 پيج ڇپجڻ بعد انڪار ڪيو. ان بعد باقي مواد اسلاميا پريس مان ڇپايو ويو. ان ڏس ۾ ناشر مون کي خط وسيلي آگاهه ڪيو:

## خط :

فردوس پريس، 25.03.1960ع.

***ادا!*** عرض ته مٽئر (مواد) 25 کان 30 تائين جو ڪجهه به لکيو ويو آهي. اهو ڪيترن دوستن کي ناگوار گذرندو. هن مان صاف ظاهر آهي ته اوهان جو لکيو سردار علي شاهه ۽ ان جي اخبار ”مهراڻ“ خلاف آهي. جيئن ته شاهه صاحب سان منهنجا سٺا تعلقات آهن. ان ڪري آئون هن ميٽر جي پرنٽ ٿيڻ کان معافي ٿو گهران.

راهه ڪرم هي ميٽر (مواد) ٻئي ڪنهن هنڌان ڇپايو. مون کي معاف ڪندا. **جيتوڻيڪ** آئون اوهان جي صاف گوئي ۽ نيڪ نيتي سمجهان ٿو (!) پر افسوس جو مقام آهي جو مجبور آهيان.

اوهان جو

**عبدالرسول**

## سِنڌي ادب ۽ اسان جا اديب

**ڪافي** عرصي کان اجوڪي سِنڌي ادب ۽ اڄ جي نوجوان اديبن ۽ شاعرن خلاف هڪ نئون پرچار ۽ هاءِ گهوڙا ڪئي پيئي وڃي_ هاءِ گهوڙا ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ اجوڪا اديب ۽ شاعر سِنڌي سماج جي روايتن سان بغاوت ڪري، لامذهبيت ۽ ڪفر ۽ عريانيت جو پرچار ڪري رهيا آهن، ۽ اسان جي ادب ۾ هي بغاوت اڳتي هلي سِنڌي قوم لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي.

ادب ۽ قوم جي هنن گهٽگهرن تي واجب تہ ائين ئي هو تہ عام پڙهندڙن جي ڀلائي خاطر هن مسئلي کي علمي ۽ ادبي حيثيت سان ۽ سنجيده زبان ۾ پيش ڪن ها_ يعني تہ سِنڌي سماج جون ڪهڙيون روايتون آهن، جن مان ڪهڙين روايتن سان بغاوت نہ ڪرڻ گهرجي (۽ ڪهڙين سان ڪرڻ گهرجي)، لامذهبيت، ڪفر ۽ عريانيت جو پرچار هو ڇا کي ٿا چون ۽ ان سلسلي ۾ اجوڪو ادب اڳوڻي ادب کان ڇا ۾ نرالو آهي (۽ ڇا ۾ ان جي مشابهہ آهي)، ۽ اجوڪو ادب ڪهڙي مقصديت رکي ٿو (يا نٿو رکي)، ۽ اها ان جي مقصديت اڳتي هلي ڪيئن هاڃيڪار ثابت ٿيندي، وغيره وغيره. ڪين ان ڳالهہ جي بہ خبر ونڊ گهرجي تہ اڄ جي سڄاڳ دنيا جي ٻين زبانن ۾ ڪهڙو ادب پيش ٿي رهيو آهي، ۽ آيا اجوڪو سِنڌي ادب، جنهن کي هو ايترو ننديندا، سو ان سان همدوش آهي، يا اهو ادب جنهن کي هو پاڻ پسند ڪن ٿا سو ان عالمي ادب سان گڏ ٻيهي سگهي ٿو. ڪين هيءَ بہ ڏيکارڻ گهربو هو تہ سندن پنهنجي پسند وارو ادب ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيتري قدر فائديمند ثابت ٿي رهيو آهي يا اڳتي هلي ثابت ٿيندو، ۽ هي ڪين سوچڻ ۽ سمجهائڻ کپندو هو تہ اهو سندن پنهنجي پسند وارو ادب اڄ ڇو ايترو گهٽ ٿو پيدا ٿئي ۽ هر جڳهہ گهٽ ٿو پسند پوي، پلا جي ان هوندي بہ ڪين اهو ادب ئي پسند آهي تہ ان جون ڪهڙيون خوبيون ڪين پسند آهن، وغيره. انهن ۽ ٻين اهڙن بنيادي سوالن جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ

سان ئي سِنڌي قوم جي خير خواهيءَ جي سندن دعوي بہ ڪنهن حد تائين ثابت ٿي پوي ها، ۽ اسان جو ادب بہ مطابق ڪفر، الحاد ۽ عريانيت مان آزاد ٿي پوي ها. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هنن اڄ تائين جيڪي ڪجھہ لکيو آهي، ان ۾ ادب ۽ قوم جي ڀلائي تہ ڀلائيءَ جي ماڳ، اٽلو جن اديبن ۽ شاعرن ٿورو ڪي گھڻو پنهنجي ادب ۽ قوم جي خدمت ٿي ڪئي، تن تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون ۽ ذاتي حملا ڪري، هڪ طرف انهن کي وڏيڪ ادب پيدا ڪرڻ کان دلشڪستو ۽ مايوس ڪرڻ ۽ ٻئي طرف عام پڙهندڙن کي پنهنجي اديبن ۽ شاعرن کان نفرت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پنهنجي قوم ۽ ادب سان هيءَ سوچيل سمجهيل سازش اڄ جيڪڏهن ڪنهن جي سمجھہ ۾ نٿي اچي تہ نہ اچي، پر سياڻي يقين آهي تہ اسان جو نئون نسل جيڪو هن ادبي زيان کي چڱي طرح سمجهي سگهندو سو ضرور صحيح فيصلي تي پهچندو تہ ادب ۽ قوم جي ڀلائي هنن اديب جي ميدانن مان نڪتل مدي خارج اديبن ڪئي تي يا نئين زماني جي نوجوان اديبن، جن کي هنن ايترو ننديو تي، تن ڪرڻ گهري ٿي.

قوم جي درد جو ٺيڪيدار ٿيڻ جو ڳڻتو ڪري وڏن ماڻهن ۽ موسمي ليڊرن ۾ ڀڏبو آهي، پر اڄڪلهہ انهي موذي مرض سان گڏ ادب جو ٺيڪيدار بہ عام جام ٿي پيو آهي. هيءَ بہ طرفو مرض جنهن بہ ”آئون ۾ ٻيريل“ عقلمند کي وچڙي ٿو ان کي پنهنجي ملڪ ۽ قوم ۾ عريانيت، ڪفر ۽ الحاد ۽ روايت سان بغاوت کان سواءِ ٻي ڪابہ گهٽ وڌائي، ۽ ٻي ڪابہ برائي نظر ڪانہ ٿي اچي. ادب بابت اهڙن ماڻهن جي سمجھہ وڏي وڏي هيتري تائين ئي رسي سگهي ٿي تہ ادب هميشہ درگاهن ۽ مڪتبن جي چوديوارين ۾ باندي رهڻ جي چيز آهي. ان کي جيڪڏهن اتفاق سان ڪا ضرورت درپيش اچي تہ بہ هو فقط ڪنهن محل يا دربار تائين ئي پهچڻ گهرجي، ۽ اتان وري ساڳين پيرن تي سواءِ ڪنهن لوٽي هٽڻ جي ساڳئي هنڌ گوڏا پيچي، ۽ هٿ ٻڌي، عمر گذاري ڇڏي_ ايستائين جيسين موت اچي ان جي زندگيءَ تي خاموشي جي مهر هڻي! ڪانئن جيڪڏهن پڇجي ٿو تہ بغاوت مان سندن ڪهڙي مراد آهي؟ تڏهن تڏو شوڪارو ڀري اڪثر حالتن ۾ شايد هيءَ ئي جواب ڏين تہ اڄوڪي ادب اميرن ۽ وڏن ماڻهن جي قصيدن ڳائڻ بدران عام ماڻهن يعني گندن ۽ ميرن ماڻهن جي زندگيءَ جي ترجماني شروع

ڪري ڏني آهي. جيڪو ادب عامي آهي ۽ اهو اجاين ماڻهن جي همت ۽ حوصلو پيو وڌائي ۽ انهن کي آياري آياري آسمان تي پيو چاڙهي. اڄوڪو ادب قسمت ۽ نصيب جي ابدي گرفت کي به نٿو مڃي، بلڪ چوي ٿو ته جبر ۽ ڏاڍائيءَ جي هٿان، جو ماڻهو شڪست ٿو کائي، تنهنجا ئي اهي نشان آهن، ۽ انهن وسيلي غريب انسان، ذهني طرح غلام بڻجي، ڦرجي ۽ مارجي ٿو. اڄوڪو ادب پيري مرشديءَ جو به قائل نه آهي، ۽ ان لاءِ چوي ٿو ته اهي بنا پورهئي پيٽ پالڻ جا ذريعا آهن. هيءَ ته اڄوڪي ادب جي سنئين سڌي مذهب سان بغاوت آهي! اسان جي پنهنجي صالح ادب بدران هيءَ ته لامذهبيت جو کليو پرچار آهي. اسين انهيءَ کي ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟ ٻئي ڪنڌي، اسان جي سماج ۾، اسان جي قوم ۾ اول ته ڪي به برايون نه آهن، پر جيڪڏهن فرض ڪجي ته آهن، ته پوءِ انهن کي ادب وسيلي ظاهر ڪرڻ ۽ اهڙي طرح سماج کي بدنام ۽ خوار خراب ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ جائز نه آهي. ادب ته دل جي وندرونهن لاءِ ۽ روح جي راحت لاءِ آهي! ادب جو انهن عيب ڳُولڻ سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ڪير ٿو چوي ته هي سماجي گهٽ وڌائي، پورهئي جو نامناسب اجورو يا ڏاڍي جو هيٺي جي نڙيءَ تي ننهن اڄ ڪان آهي؟ هي ته ڪن زمانن کان وٺي قدرت جي منشا مطابق هلندو اچي، روز ازل کان وٺي اهو ئي سرشتو رائج آهي. انهيءَ کي ته ڪير به روڪي نٿو سگهي. هي ته هميشه ائين ئي هلندو رهندو. جئين اڄ ڏسي رهيا آهيون، وغيره وغيره.

ادب ۽ قوم جي هنن گهٽگهرن جي سڄي هاءِ گهوڙا ڪرڻ جو بنيادي مقصد فقط اهو ئي آهي، جنهن جو مٿي ذڪر تي چڪو. سندن ادب ۽ قوم متعلق خير خواهي جي دعوا ڪيتري قدر صحيح آهي يا غلط، اها پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي، ۽ پڻ سندن روزمره جي زندگيءَ کي جاچي معلوم ڪري سگهجي ٿي. هاڻي اچو ته ڏسون ته جن اديبن ۽ شاعرن کي هو ڪافر ۽ ملحد ڪوٺين ٿا ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي لقب لائين ٿا، ۽ جن متعلق سندن چوڻ آهي ته هو ادب ۽ قوم جا دشمن آهن، اهي ڇا ٿا چون؟ ۽ انهن جي ادب قوم متعلق ڪهڙي راءِ آهي؟

اڄ جي نوجوان اديبن ۽ شاعرن جو چوڻ آهي ته ادب هميشه زندگيءَ جي ترجماني ڪئي آهي. دنيا جي ڪنهن به زبان جي ادب کي ڏسو ته سارو

وقت، يا سمورو درگاهي ۽ درٻاري نہ رهيو آهي. اونداهي کان اونداهي دور ۾ بہ ادب جي سدا حيات مشعل، ڪيترن حملن ۽ طوفانن جي باوجود، پاڻ کي بچائيندي، انسانذات کي زندگيءَ جي راهہ ڏيکاريندي رهي آهي. اُن هر دور ۾ مايوس دلين کي اميد جو ڪرڻو ڏيکاريو آهي، ان سدائين انسان جي جهڪيل گردن کي مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان اڻچاڻائي ۽ اڀوجهائي کي هميشہ حوصلو ڏنو آهي ۽ ڪمزور دلين کي همت بخشي آهي. ماضي جو ڪي قدر درٻاري ادب بہ اديبن جي انهن ساڳئي قبيلي جي پيداوار آهي، جيڪو اڄ بہ ادب کي اُن جي صحيح ڪارج کان روڪڻ جي لاءِ عجيب حرڪتون ۽ سازشون ڪري ٿو. وقت جي بادشاهہ کي ظل اَللهُ ڪوٺڻ وارا بہ اُنهن جا ئي پائر آهن. انسانيت جي بهتري چاهيندڙن تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون بہ اُنهن جي ئي هٿان ڏياريون ويون. بادشاهہ کي ستن ولين جي ڪرامت جو ڏٽي سڏڻ وارا بہ اِهيئي بزرگ هئا، پر سندن قسمت جي شومي چئجي جو بادشاهن کي ستن ولين جي ڪرامتن جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ ۽ ظل اَللهُ ڪوٺڻ کان پوءِ بہ هُو بچائي ڪونہ سگهيا. اڄ دنيا ۾ نہ رڳو بادشاهہ پر خود بادشاهت جي وجود کي هڪ اهڙي اُونهي کڏ ۾ پوريو ويو آهي، جتان انهن جو نڪرڻ ناممڪن آهي هن وقت سڄي دنيا ۾ ڪي نالي ماتر بہ ٿي بادشاهہ آهن، ۽ انهن جي بہ حالت اها آهي جو سواءِ نالي جي، ۽ سواءِ پنهنجو پاڻ تي بادشاهي ڪرڻ جي، ٻيو وٽن ڪي بہ ڪونہ بچيو آهي.

اديب ۽ شاعر جي سمجهہ ۽ زندگيءَ جي قدرن کي پرکيندڙ نگاهہ عام ماڻهن کان گهڻو مٿاهين هوندي آهي. اهڙي سمجهدار ۽ شعور جي مالڪ کي اٿين سمجهڻ تہ هو هڪ محفلي ۽ مجلسي جو پارٽ ادا ڪري، ماڻهن کي وندرائي ۽ خوش ڪري، اديب ۽ شاعر جي اعليٰ مقصد سان وڏي مذاق آهي! شاعر ۽ محفلي جو فرق ڪنهن کي ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان ۾ ٻئي جو ڏوهہ نہ آهي، هي تہ ماڻهوءَ جي پنهنجي ذوق ۽ شناس جو معاملو آهي. گهر جي پاسي ۾ پيل ڪهجر کي هر ڪو ڪهجر چوندو بدبوءِ کان انڪار فقط اُهو ڪري سگهي ٿو جيڪو ساتياڻي جي ڳالهہ وانگر اُن تي ٻنهہ هري مري ويو هجي، يا جنهن کي قدرت سنگهڻ جي حواس کان بلڪل ئي محروم ڪيو هجي. جنهن معاشري ۾ ماڻهن جي پورهئي ۽ محنت بجاءِ

فقط موڙيءِ مهانڊي کي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ اوليت حاصل هجي، اتي اکين وارا هڪ ٻئي کين ضرور سڃاڻندا، هُو اُنهن مهانڊن جي ميڪ اپ ۽ اُنهن جي زرق برق لباس کي ضرور جاچيندا، هُو اهو به ڏسندا ته اُنهي مهانڊي ۾ ڪا ٻي خوبي، ڪا ٻي شناس به آهي يا رڳو "اندر رَلا رَليُون ٻاهر پٽولا" وارو حال لڳو پيو آهي. پوءِ جڏهن انهيءَ جستجو ۾ ڪا اٽوٽندڙ ڪا نفرت ڏياريندڙ چيز نظر اچي اُن ڪهجر کي ڪهجر چوڻ ۽ اُن مان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ته انسانذات جو ايمان آهي. نيڪي ۽ بديءَ جا سمورا چشما به ته اتان ئي ڦٽا نڪرن، ۽ انسان جي پنهنجي شرافت ۽ عظمت جي به ته اها ئي ڪسوٽي شمار ڪئي ويئي آهي. شاعر ۽ اديب کي هڪ پاسي محض محفلي ثابت ڪرڻ ۽ ٻئي پاسي هن کي ڪافر ۽ ملحد چئي سندس تخليقي شهپارن کان ۽ خود سندس پنهنجي وجود کان عام پڙهندڙن کي نفرت ڏيارڻ گويا پاڻ سان ۽ پنهنجي معصوم ۽ ويساهه وسوڙيل قوم سان هڪ وڏو دوکو ڪرڻو آهي. جيتوڻيڪ انساني تاريخ جو ورق ورق اهڙن هزارن دوکن سان سياهه آهي، پر تنهن هوندي به حقيقت ڪڏهين به لڪي نه سگهي آهي. اسان جي پنهنجي ئي مختصر زندگيءَ ۾ تاريخ پنهنجا ڪيئي روپ بدلايا آهن. طاقت وري چالاڪ انسانن ڪمزور ۽ ابوجهه انسانن کي ڪيئي دوکا ڏنا آهن. پر هيءَ دوکيبازي، هيءَ ٻهروپي، هڪ انسان کي ٻئي انسان خلاف نفرت ڏيارڻ جي هيءَ شرمناڪ سازش ڪيترن اونداهن پڙدن ۾ ڍڪيل هجڻ جي باوجود هڪ ڏينهن ضرور ننگي ۽ اُگهاڙي ٿيندي رهي آهي.
اکين وارن لاءِ پنهنجي ئي زندگيءَ جا مشاهدا ۽ تجربا آئيندي لاءِ وڏي اهميت هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن تجربن ۽ مشاهدن جي ئي بنياد تي انسان ذات جو قافلو مختلف منزلون طئي ڪندو اڳتي وڌندو هن دور تي پهتو آهي. جيڪڏهن انسان انهن تجربن مان سبق نه سکي ها، ۽ انهن کي پنهنجي راهه جي مشعل نه بنائيْ ها، ته اڄ به اهو ئي ظالم برهمڻ، ڀڳوان جي نالي تي شودر جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وجهائيندو، اُن جا چتڙ وڍائيندو ۽ سسيون لهرائيندو رهي ها. پر اهڙن تجربن تجربن ئي ڪيس برهمڻ کي سڃاڻڻ جي نگاهه بخشي، ۽ اڄ اهو ساڳيو برهمڻ ڪنهن شودر جي سسيءَ کي به ٽڪر ڪرائي، ڪنهن ديويءَ يا ديوتا تي اُڇلائي، ٿهڪ ڏيئي نٿو سگهي. ڌرم جي نالي ۾ برهمڻ جي انسانيت سوز حرڪتن، شودر کي اڄ اهڙو حوصلو ۽ همت

بخشي آهي، جو خود هُو برهمڻ تي ڪِلي ٿو هُن کي نفرت سان ڏسي ٿو ۽ هُن جي ڪارنامن کي ڏسي ملامت ڪري ٿو. اڄ دنيا جي ڪنهن بہ قوم ۽ ڪنهن بہ مذهب ۾ نہ هندو ڌرم نہ ٻڌ ڌرم ۾، نہ مسيحيت ۾ نہ اسلام ۾ برهمڻ جو وجود نہ قابل قبول آهي ۽ نہ قابل برداشت_ پوءِ اهو برهمڻ ڪيتريقدر بہ نئين رنگ ۽ نئين ڍنگ ۾ پاڻ کي لڪائڻ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هزار پنهنجا نالا بدلائي ڪٽي ٻيا رکي، يا اصلوڪا پنهنجا ويس وڳا بدلائي نيون پوشاڪون پهري.

سِنڌي ادب ۽ اديبن جي هنگاما آرائيءَ کي في الحال پاسي تي رکي، اچو تہ ڪنهن ٻيءَ زبان جي اديب کي ڏسون تہ هُو ادب متعلق ڪهڙي راءِ جو اظهار ٿو ڪري، ۽ سندس نگاهہ ۾ هڪ اديب جو پنهنجي ادب ۽ قوم سان ڪهڙو تعلق آهي؟ هُو ادب کي فقط وندرائڻ ۽ خوش ڪرڻ جو عمل ٿو ڪوٺي يا اديب کي پنهنجي قوم جو مفڪر ۽ معمار ٿو سڏي. انهيءَ لاءِ بنگالي زبان جي عظيم شاعر ۽ اديب رابندر ناٿ ٽئگور جي راءِ پنهنجن لائق پڙهندڙن جي سامهون رکان ٿو يا اميد تہ هن مسئلي کي صاف ڏسڻ لاءِ زياده مناسب ۽ وزنائتي ٿيندي:

”اڄ اسان جو ملڪ هڪ ويران رڻ پٽ وانگر آهي، جنهن ۾ شادابي ۽ زندگيءَ جو ڪو نالو نشان ئي نہ رهيو آهي. ملڪ جو ذرو ذرو ڏک جي تصوير بڻيل آهي. اسان کي هن غم ۽ اندوه کي مٽائي، زندگيءَ جي چمن جي نئين سر آبياري ڪرڻي آهي. اديب جو فرض هئڻ گهرجي تہ هُو ملڪ ۽ قوم ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦُوڪي. سچائيءَ جا جوشيلا گيت ڳائي، هر انسان کي اميد ۽ مسرت جو پيغام ٻڌائي ۽ ڪنهن کي بہ نا اميد ۽ ويچارو ٿيڻ نہ ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ کي ذاتي مفاد تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر ننڍي ۽ وڏي ۾ پيدا ڪرڻ اديب جوئي پهريون فرض هئڻ گهرجي: قوم، سماج ۽ ادب جي بهبوديءَ جو قسم جيستائين هر انسان نہ کڻندو تيسين دنيا جو مستقبل روشن نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن اوهين ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيو تہ اول اوهان کي پنهنجي املهہ دولت ٻنهي هٿن سان لٽائڻي پوندي، ۽ پوءِ ئي اوهين انهن لائق ٿيندا جو دنيا کان عيوض ۾ ڪجهہ گهري سگهو. پر مون کي خوف آهي تہ پهريائين پاڻ کي مٽائڻ ۾ جيڪو لطف آهي، انهن کان اوهين ڪٿي محروم نہ رهجي وڃو.

ياد رکو تخليقي ادب وڏي جوکي جو جو ڪم آهي. سچائيءَ جي ڳولا ڪرڻي آهي ته انا يعني "آئون" جي بدصورت لباس کي لاهي ڇڏيو. مکڙي وانگر سخت ڏانديءَ مان ٻاهر نڪرڻ جي منزل طئي ڪريو. ۽ پوءِ ڏسو ته هوا ڪيتري صاف آهي، روشني ڪيتري وڻندڙ آهي ۽ پاڻي ڪيترو لطيف آهي."

("نيا ادب"، جنوري فيبروري، 1941 تان ورتل)

**ٽئگور** جي نظر ۾ تخليقي ادب پيدا ڪرڻ وڏي جوکي جو ڪم آهي. اديب پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو معمار آهي، هن کي پنهنجي قوم کي اڏڻ ۽ ناهڻ ۾ وڏي قرباني ڏيڻي آهي، هن کي پنهنجي قوم جي ٻچي ٻچي کي اها ساڳي نگاهه ۽ اهو ساڳيو حوصلو ڏيڻو آهي، جنهن سان هو پاڻ پنهنجي معاشري جي هر پيچيدگيءَ کي ڏسي ۽ سمجهي ٿو.

بدقسمتيءَ سان اسان جا اهي چند اديب جي "آئون" جي آپدا ۾ ورتل آهن ۽ نلهي فتوابازي جاڻن، انهن جو نڪي ادب سان واسطو آهي، نڪا انهن کي ڪا پرواهه آهي، هو پنهنجي قوم کي ناهڻ ۽ سڌارڻ بدران مورڳو انهيءَ ڳولا ۾ آهن ته ڪٿي ڪو سائو سلو نظر اچي ته ان کي پاڙان پٽن. زندگيءَ جو روح ڦوڪڻ ۽ سجاڳيءَ جا جوشيلا گيت ڳائڻ هنن جي نظر ۾ هڪ وڏو گناهه آهن، قوم سماج ۽ ادب جي بهبوديءَ جو قسم کڻڻ وٽن صريحن ڪفر آهي. اڄ هنن تنگ نظر ۽ ادب جي اعليٰ ڪارج کان صريحاً اڻڄاڻ ماڻهن جي بيگهي مچي ويئي آهي، شل نه ڪو اديب ۽ شاعر پنهنجي سماج جي حقيقت بيان ڪري يا سچ جي حمايت ۾ ٻه اکر ڳالهائي_ اوڏي مهل ڪفر ۽ الحاد جو ٽيپ رڪارڊ آٽي لائوڊ جي اڳيان رکندا، ۽ پوءِ ملڪ سڄو ڪفر ۽ ڪافر، ادب سمورو لامذهب ۽ دهريت.

ٻي ڌر جي خلاف نفرت پکيڙڻ جو هيءَ افسوسناڪ عمل، انساني تاريخ ۾ هميشه رهيو آهي. مڪار ماڻهن جي اٻوجهن جي ذهنن سان هيءَ دکدائڪ ڪيڏبازي، پنهنجي اصلي روپ ۾ دير دير سان پڌري ٿيندي آهي. اڻڄاڻائي ۽ اٻوجهائيءَ جي اونداهن پڙدن ۾ گهيريل انساني ذهن ۾ هڪدم اهڙو حوصلو ڪڏهن به نه آيو آهي، جو هو اهڙي ڪنهن ڪيڏباز کان اهو سوال

ڪري تہ ”ميان صاحب، تون جو مذهب ۽ تقدسيت جو پتلو بنيو گھمندو پيو وتين ۽ هيترو جو ٿو پاڻ کي پٽين کوهين ۽ هاءِ گھوڙا ڪرين، سو نيٺ تہ کولي ٻڌائي، ڪا ڳالھہ تہ ڪر، ڇا ٿو ڪرڻ گھرين؟ تنھنجي سيني ۾ جيڪو ناسور ٿي پيو آهي، ان جو ڪو علاج، ڪا سُتي ڦڪي بہ نظر اچئي ٿي يا نہ؟ اسين تہ اٽڪاڻ آهيون. اسان تہ ابي ڏاڏي کان اهو ئي ڏسندا اچون تہ مُلان غريب مسيت ۾ آهي، ۽ صبح شام اهو ڪنگر هٿ ۾ اٿس. هن اشراف تو وانگر ڪڏهن بہ اهڙي ڳالھہ نہ ڪئي آهي تہ ڪا بہ ڪفر جي گھل چڙهي آهي يا ڪو مذهب جو وڏو خطرو آهي! تو کي جيڪڏهن ڪو پنهنجو مفاد آهي يا ڪنهن ٻئي جي دلالي ڪرڻي آهي تہ هُو گوءِ، هُو ميدان! اسان جون اکيون ٺڏيون. البتہ هن ڳالھہ جو ڪجھہ خيال ڪر تہ هڪ انسان کي ٻئي انسانذات کان خوامخواه نفرت نہ سيکار! مذهب جي نالي ۾ نفرت جي باھہ دنيا ۾ گھڻو ٻري آهي، ۽ جڏهن بہ اها ڏُکي ڀنيٺ ٿي آهي تہ ان وقت تون پڄي پري ٿيو آهين ۽ جھڳا بہ وري اسان غريبن جا سڙيا آهن!“

اسان جي اڄوڪي نوجوان اديب ۽ شاعر جو جيڪڏهن ڪو ڏوھہ آهي تہ فقط هيءَ آهي تہ هو جڏهن ڪنهن ڏاڍي جو ڪنهن حيواني طاقت جو هيٺي تي حملو ڏسي ٿو تہ ڏهن خاموش نٿو رهي، پر هڪدم پاڻ کان پڇي ٿو: ”شاعر، تون ڪنهن جي حمايت ڪندين، ڏاڍي جي يا هيٺي جي؟“. ۽ جڏهن هڪ نوجوان عورت کي پيٽ جي آگ اُجھائڻ جي لئہ شيطاني نگاهن جي ڄار ۾ ڦاٿل ڏسي ٿو تہ ڏهن هو ماٺ ڪري مني مالڪ جي قدرت ڪونہ ٿو ڀيهي ڏسي، پر هڪدم اهڙي انبور جي ڳولا ۾ لڳي ٿو جنهن سان اهي شيطاني نگاھہ ڪنڌڙا اکيون ڪڍي، انهن کي هميشہ لئہ انڌو بنائي ڇڏي. ۽ جڏهن هڪ ٻيڙي کي، هڪ معصوم ٻار کي، هڪ پنگلي عليل کي هٿ ڊگھيريندو ۽ پئسي لئہ ليلائيندو ڏسي ٿو تہ هو اوڏي مهل وڏي وات چئي ٿو ڏي: ”جتي بہ ۽ جنهن وٽ بہ وڌ پئسو پيو آهي، اهو ڪيسو هن ليلائيندڙ خالي هٿ تي آڻي رکو!“ ۽ جڏهن هڪ پيٽ بکئي جي هٿان بہ رپيا ڏن يا نذراني جا ڪنهن پير يا مرشد کي وڻندي، يا ڪنهن قبر تي پڙ چاڙهيندي ڏسي ٿو تہ ڏهن پاڻ کان پڇي ٿو: ”شاعر، تون بہ جيڪر هن نموني هھڙي بک جي تصوير کان بہ رپيا ٺڳائي پڄين؟“ تڏهن هن جو

ضمير ڪيس ملامت ٿو ڪري. پوءِ شاعر ويچارو ڇا ڪري، جيڪڏهن اهو ساڳيو ضمير ڪنهن ٻئي جي اندر ۾ سجاڳ نہ ٿئي، اهو ڪيس ورندو ڪافر سڏي، ملحد ڪوٺي ۽ هن جي زبان ڪپي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪري! اهڙو ڪو اديب ۽ شاعر بہ عين انهيڪري ڪافر ڪوٺيو وڃي ٿو جو هو پنهنجي معاشري جي سمورن عيبن اوڻاين کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪنهن جو بہ رک رکاءُ يا لحاظ نٿو ڪري_ هو چور کي چور چوڻ کان اڳ ان جي انهي فعل کي سمجهڻ جي ايمانداراڻي ڪوشش ضرور ڪري ٿو. هو ويچاري ٿو تہ اِهو عمل هن ڪان ڪنهن ٻئي، جنهن جي اڳيان هو مجبور آهي. تنهن تہ نہ ڪرايو آهي؟ ۽ پوءِ جيڪڏهن هن اهو عمل پاڻ ئي سوچي سمجهي ڪيو آهي، تہ ڇو؟ پلا انهيءَ مجبوريءَ جو ڪو ٻيو علاج ڪونہ آهي؟ انهيءَ تهہ تائين پهچڻ کان پوءِ هو پنهنجي معاشري، پنهنجي انساني سماج، ۽ انسان جي پنهنجي ناهيل نيڪي ۽ بديءَ جي سمورن قدرن کي وڏي ايمانداريءَ سان پرکڻ ۽ پرجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي ريت هو سماج جي هر برائيءَ کي، هر انساني گهٽ وڌائيءَ کي جاچيندو پرکيندو، جڏهن ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچي ٿو تڏهن اهو ننڍڙو ضعيف ۽ پست پيل چور آهستي آهستي سندس نگاهن کان اوجهل ٿيندو ٿو وڃي، ۽ ان جي جاءِ تي هڪ ٻيو چور، ٻيو ڌاڙيل پنهنجي سموريءَ وحشيت ۽ حيوانيت سان، عزت، طاقت ۽ دولت جي پردي پٺيان، وڏن وڏن فلسفن جي اوٽ ۾ لڪل نظر اچي ٿو. ۽ پوءِ ان ڌاڙيل کي سڃاڻيندي هو انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ جيسين انهيءَ ڏن جي انبار ۾ ڊڪيل ۽ رتبي جي اُتانهينءَ چوٽيءَ تي لڪي ويٺل ڌاڙيل کي ڪو ڌاڙيل چوڻ وارو نہ آهي: ڪو نڙيءَ کان جهلڻ وارو نہ آهي، تيسين تون، آئون، اسين سڀ چور آهيون_ هڪڙا اڄ تہ ٻيا سڀاڻي، ڇاڪاڻ تہ زندگي هر ڪنهن کي پياري آهي ۽ هر ڪو جيئڻ ٿو چاهي.

چور ۽ ساڌ جي هن لڙائيءَ ۾ دنيا جو سمجهدار اديب ۽ شاعر تماشبين جي حيثيت سان نہ رهيو آهي. انساني تاريخ جي هر دور ۾ هن کي پنهنجي سجاڳ ذهن ۽ تيز نگاهن ۾ جيڪو بہ اصل ڏوهاري ڏسڻ ۾ آيو آهي، ان کي ڪن کان جهلي، آڻي پنهنجي معاشري جي جي اڳيان بيهاريو اٿس. هن موقعي پرستي ۽ ابن الوقتيءَ کي انسانذات سان وڏي بي ايماني ڄاتي آهي. ۽ انهيءَ ڪري هن کي جڏهن بہ ڪي تڪليفون ۽ عذاب رسيا آهن، تن

ڪي، هن وڏي حوصلي ۽ جرئت سان منهن ڏنو آهي. هن پنهنجي مٿان ڪفر ۽ الحاد جي فتوائن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي آهي. هن هميشہ چاتو آهي:

يــہ مـرتبـہ بُلند هي، جسڪـو مِلا، مِـل گـيـا،
مـر مُدعي ڪـي واسطـي دارو رَسـن ڪـهـان!

هن ڪي اسلامي تاريخ ۾ اهڙا سوين هزارين ملحد ڪافر ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن تي مفاد پرستن سندن زندگيءَ ۾ تہ هزارين لعنتون ۽ ملامتون ڪيون، پر سندن مرڻ کان پوءِ انهن ساڳين جي پوڄا عمل ۾ آئي_ انهن ساڳين مفاد پرستن هٿان توڙي ٻين هٿان. مفاد پرست هميشہ انڌو رهيو آهي: هو حقيقت کي ڏسڻ ۾ جهڙو شروع ۾ انڌو آهي، تهڙو آخر ۾. هن جي نگاهہ فقط پنهنجي مفاد تائين رهي ٿي. هن وٽ انسانذات جي ڪنهن بہ ڀلي چاهيندڙ لاءِ احترام نہ آهي. هو زبان سان تہ حق ۽ خير جو احترام ڪري ٿو پر جيڪڏهن سندس عمل کي ايمانداريءَ سان جاچيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ هو انهن جي هڪ پائي بہ عزت ڪانہ ٿو ڪري، هن جو ضمير پنهنجي ذاتي مفاد پٺيان ايترو مست آهي، جو جيڪڏهن اڄ ڪيس انسانذات جي مڙني ڀلي چاهيندڙ جي عظمت کان انڪار ڪرڻ ۾ فائدو نظر اچي تہ هو جيڪر سواءِ ڪنهن ٽال مٽول جي، ظاهر ظهور ۾ ميدان تي بيهي، انهن کان هڪ ڀيرو نہ پر هزار ڀيرا انڪار ڪري ڇڏي، پر ڇاڪاڻ تہ حق ۽ خير توڙي انهن جي علمبردارن جي منافقاڻي تسليميءَ ۾ سندس سموري مفاد جي پرده پوشي ٿيل آهي، تنهنڪري في الحال پڪو منهن ڪيو هو اها روش اختيار ڪيو ويٺو آهي.

مفاد پرست هميشہ بزدل رهيو آهي، هن انساني تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪا سنئين سڌي لڙائي نہ ڪئي آهي. هن هميشہ پنهنجي مفاد کي پڙدي پٺيان لڪائي، عجيب عجيب نعرن ۽ حرڪتن سان اٻوجهہ عوام کي منجهائي ۽ پاڻ ۾ لڙائي، فائدو پئي حاصل ڪيو آهي.

هن جي ڳجهہ واري ذهنيت ۽ ڪانءَ واري ڏاهپ، کي پنهنجن حريفن_ سجاڳ ذهن ۽ تيز نگاهن وارن حق شناس ۽ حق پرست ماڻهن کان هميشہ ڊيڄاريو ۽ خبردار پئي ڪيو آهي. هو انهن کي چڱي طرح سڃاڻي ٿو: اها ڄاڻ هن کي پنهنجو مفاد ٿي محسوس ڪرائي ٿو ڇاڪاڻ

تہ هو ڏسي ٿو تہ منهنجون سموريون حرڪتون، منهنجي سموري جادوگري ۽ دوکيبازي انهن کان لڪي نٿي سگهي. انهي ڪري هن جي پهرين ڪوشش اهائي ٿي رهي تہ جيئن انهن سجاڳ ذهنن مان ڪن تي مٽي ڌاري هٿ گهمائي، انهن کي ڪجهہ ورسائي ۽ خريد ڪري سگهجي.

جڳ ۾ بين کان وڌيڪ سٽيي گرنهہ ڪائڻ جي حرص ۾ ڪي ماڻهو هر دور ۾ ورتل ملن ٿا. ۽ جڏهن ڪنهن سٽيي گرنهہ جي ڳولائوءَ کي ڪي موقعو ملي ٿو وڃي، تہ پوءِ ان کي پنهنجي پاءَ، پنهنجي پاڙي، قوم ۽ انسانيت جي ڪابہ شناس نٿي رهي. اهڙو ذهن ۽ اهڙو ضمير هر دور ۾ گرنهہ تي وڪبو دسترخوان تي هٿ ڏٺاريندو ۽ جتيون چٽبيندو ڏسڻ ۾ آيو آهي. پوءِ ان جي زندگيءَ جو اعلي کان اعلي مقصد اهو ئي هوندو آهي تہ هو هر طريقي سان، سواءِ ڪنهن انساني ننگ ۽ شناس جي، پنهنجي آقا جي نمڪ حلالي جو نت نئون ثبوت پيش ڪندو رهي: رات کي ڏينهن، نيڪي کي بدي، ۽ سچ کي ڪوڙ چوڻ ۽ چورائڻ هن جي نمڪ حلالي جا بنهہ معمولي فرض هوندا آهن. انهيءَ فرض ادائيءَ جي دوران هو اهڙو چالاڪ ۽ چوبند هوندو آهي، جو شل نہ ڪتان ڪنهن بدنصيب جي واتان سندس پنهنجي نسوري ڪوڙيا سندس تنهان ئي وڌيڪ ڪوڙي آقا جي شان ۾ ڪا ٻڙڪ ٻاهر نڪري! پوءِ تہ اوڏي مهل سندس اسلحہ خاني مان جنهن ۾ هو اڳيئي مختلف الزامن جا قسمين قسمين هٿيار سانڍيو ۽ سنيااليو ويٺو هوندو آهي، موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ کان هڪڙو نہ ٻيو هٿيار نڪري نروار ٿيندو آهي. پوءِ هڪ طرف هوندو آهي ڪو بدنصيب ڪمزور ۽ ضعيف "شاعر" ۽ "اديب" جهڙويا اهڙو ٻيو ڪو انسان دوست مجاهد، تہ ٻئي طرف هوندو اهو تيسمار خان پهلوان پاڻ ۽سندس بنهہ بي سمجهہ ٻولڙين جي لوڏ.

ڪفر ۽ الحاد جي انڌي تلوار انسانيت جي ايترن محسنن کي زخميو ۽ ڪُنو آهي، جنهنجو ڪو شمار ئي ڪري نٿو سگهجي! هن ساري اندوهناڪ تاريخ کي سامهون رکندي، علامہ نياز فتح پوري پنهنجي ڪتاب "من ويزدان" جو انتساب هن طرح پيش ڪري ٿو:

"ان بيشمار لاکهون انسانون ڪِي ياد ۾، جو مذهب ڪي نام پہ ذبح ڪيئي گئي."

مطلب تہ ائين حقيقت کي لڪائي، دين ۽ ڌرم جي نالي تي تلوار تہ ڦرندي رهي، پر جڏهن بہ حقيقت کي جهل جي چوديوارين مان نڪرڻ ۽ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻڻ جو وجهہ مليو آهي، تڏهن اها ساڳي تلوار ڪجهہ عرصي بعد موٽي تلوار استعمال ڪندڙن جي خود پنهنجي نڙيءَ تي اُڙهي آهي. دنيا جي ٻين ملڪن کي ڇڏي، اسين جيڪڏهن اسلامي دنيا جو تاريخي جائزو وٺنداسين تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ هر حڪمران مذهب جي ئي نالي تي هڪ ٻئي جو تختو اونڌو ڪيو آهي. مثال طور عباسين اموي حڪمرانن جي خلاف عام مسلمانن کي ڀڙڪايو تہ اوهين اسان سان ساٿ ڏيو تہ اسان اسلامي حڪومت قائم ڪريون. آخر جڏهن انهيءَ طريقي سان اموين جو خاتمو ٿيو تڏهن عباسين اهو ئي ساڳيو نظام قائم رکيو. اتر آفريڪا جي بربر قبيلن کي فاطمين بہ اهائي ساڳي مذهب جي نالي ۾ ڳنُ ڦُوڪَ ڏني. ۽ جڏهن عباسين جو فاطمين هٿان تختو اونڌو ٿيو، تڏهن انهن بہ اهو طريقو عمل ۾ آندو جيڪو عباسين جي اڳ ۾ ئي رائج ڪيل هو. اهڙي طرح ڏسبو تہ تاريخ ۾ مذهب جي هٿيار جو ڏاڍو غلط استعمال پئي ٿيو آهي، نلڪہ اجا بہ ٿي پيو ۽ شايد اجا ڪجهہ عرصو ٿيندو رهندو.

مذهب جي ڪلهي تي بندوق رکي ٻئي کي نشانو بنائي تاريخ جو هڪ اهو روپ آهي، جو ڪنهن کان لڪل ڪينهي. آئون برهڻ تون شوڊر، آئون مومن تون ڪافر، آئون اعليٰ تون عدنيٰ جي دعوا اڄ کان نہ آهي. جڏهن بہ ڪنهن انسان ذات جي ڀلي چاهيندڙ ڪا نئين ڳالهہ ڪئي، ۽ فطرت جي ڪا نئين تحقيق ۽ تلاش ڪئي، تہ ان کي مرحبا ڪرڻ بجاءِ مورڳو ان کي ڪافر ۽ ملحد ڪوٺي، ان جي وجود کي ئي ناس ڪرڻ جي ڪوشش عملو ۾ آئي. تاريخ ۾ اهڙا هزارين انسانذات جا محسن وڏي بيدرديءَ سان ستائبا ۽ ماربا رهيا آهن. اڄ کان اٽڪل چار سو ورهيہ اڳ ائين چوڻ تہ ڌرتي گول آهي، اها پنهنجي ۽ سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ ٻيون بہ ڪي ڌرتيون آهن__ وڏو ڪفر جو ڪلمو هو. اهڙي ساڳئي ڏوهہ ۾ برونو نالي هڪ شخص کي گرفتار ڪري، جيل ۾ وڌو ويو. پادري چون تہ هيءَ ڪافر عام ماڻهن کي اهڙيو ڳالهيون ٿو ٻڌائي، جيڪي خدا جي پاڪ ڪتاب انجيل ۾ لکيل ئي نہ آهن: هيءَ سنئين سڌي مذهب سان بغاوت آهي. ڀريا ست سال هُو غريب جيل جي تڪليفن ۾ ڳهندو نت نوان عذاب

ڏسندو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترين همدرد انساني دليون هن جي مظلوميت تي ڳوڙها ڳاڙيندين رهيون، چون ڏسو ته سهي غريب کي ناحق ڪٽي ٻوهي ۾ ڏنو اٿن! ڪي چون ته پاڳل آهي، پنهنجي نفعي نقصان جي بي خبر ڪانه ٿي پوي‌س. مطلب ته جيترا وات اوترين ڳالهيون. هوڏانهن پادري انهيءَ اميد ۾ هن کي حياتي جي مهلت ڏيندا رهيا ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن تڪليفن سببان ڪيس ضرور ائين چوڻو پوندو ته آئون غلط آهيان ۽ خدا جو ڪتاب سچو آهي. آخر ڪن ماڻهن هٿان برونو کي چوايو ويو ته "چو اڃي دماغ خراب ٿيو اٿي، اجايو پنهنجي حياتي تباهه نه ڪر: اڄ به اقرار ڪر ته ڌرتي گول نه آهي، ته اسين تنهنجا هينئرئي ٿا بند خلاص ڪرايون" برونو ڪنڌ هيٺ ڪيو چپ چاپ سڀ ڳالهيون ٻڌندو رهيو. جڏهن هو چپ ٿيا، تڏهن وراڻيائين:

"آئون بيوقف، آئون پاڳل۔ سڀ صحيح: پر ٻيلي، هيءَ حياتي ڏينهن گهڻا؟ سياڻي جو انسان جڏهن چنڊ ۽ سيارن کي پنهنجي مضبوط گرفت ۾ آڻڻ لاءِ ڪمند اُڇليندو تڏهن ته تاريخ ڪوبه رک رکاءَ ڪانه ڪندي، هو ته صاف چئي ڏيندي، ته اڄ کان گهڻو عرصو اڳ اوهان جي هڪ ڏاڍي بزدل ٿي، حقيقت کان انڪار ڪيو هو! پوءِ ته آئون هميشه لاءِ مري ويندس. اوهين ئي ٻڌايو ته آئون ڪهڙي حياتي کي ترجيح ڏيان۔ هيءَ ٻن ڏينهن جي جياتي، يا هُو دائمي حياتي؟" پادرين جا ڪپاٽ کلي ويا. پوءِ ته انهيءَ مهل خدا جي مقدس ڪتاب کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ، برونو کي زنجير ۾ وجهي، گهلي آڻي قتلگاهه تي بيهاريائون، ۽ ڪانين جي وڏي ڍڳ تي ويهاري ڪٽي تيلي ڏناءونس هيءَ واقعو عيسوي سن 1610ع جو آهي. ان کان گهڻو اڳي چوٿين صدي هجري ۾ منصور کي ايران ۾ پڻ اهڙي ئي آزاد راءِ جي اظهار جي ڏوهه ۾ ڪافر ڄاڻائي، ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو هو.

انجيل خدا جو ڪتاب سچو ٿيو يا نه تنهنجي ته پادرين کي ڪل، پر اڄ اسين ڏسون پيا ته سائنسدان اهيئي اعلان پيا ڪن ته ٻيون به ڌرتيون آهن، ۽ انهن تي به ڪي ساهوارا آهن ته عجب نه آهي. "ڌرتي گول آهي" وارو ڪلمو جيڪو ڪالهه ڪفر جو ڪلمو هو ۽ جنهن جي پاداش ۾ برونو کي ڪافر ڪوٺي، جلائي خاڪ ڪيو ويو سو اڄ ساڳيو ڪفر جو ڪلمو سچي

دنيا جي معصوم ٻارڙن کي چوٿين ڪلاس ۾ ضروري ڄاڻي سيڪاريو ۽ پڙهايو ٿو وڃي. اهڙا ڪيئي دردناڪ واقعا تاريخ پنهنجي اڪئين هر هنڌ ڏنا آهن.

سترهين صديءَ جي شروعات ۾، گليلو نالي هڪ ٻئي مجاهد کي بہ انهيءَ ساڳئي ڪفر ۽ الحاد جي آهني زنجيرن ۾ ڏاڍا عذاب ڏنا ويا. هن جو ڏوهہ اهو هو، جو هن هڪ اهڙي دوربين ٺاهي هئي، جنهن جي وسيلي هر ڪا شي ائين خالي ڏسڻ کان ٻتيهوڻي وڌيڪ ويجهي ڏسڻ ۾ ٿي آئي. هن انهيءَ دوربين جي وسيلي مٿي گرهن ۽ سيارن جي وڌيڪ تحقيق ۽ تپاس ڪئي. هن کي صاف ڏسڻ ۾ آيو تہ ڌرتي وانگر ٻيون بہ ڪيتريون دنيائون آهن، جن کي بہ پنهنجا پنهنجا چنڊ آهن، جي خود پنهنجي ڌرتين جي چوگرد ڦرن پيا. هن معلوميت کان پوءِ هن جو چوڻ هو تہ "اسان جو چنڊ بہ ساڳي ريت پنهنجي ڌرتيءَ جي چوگرد ڦري ٿو ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڌرتي پڻ سج جي چوڌاري ڦري ٿي!" اهي ڳالهيون انجيل مقدس ۾ ائين لکيل ڪونہ هيون. غريب کي ڪفر ۽ الهاد جو ڏوهاري ٺهرائي سخت سزائون ڏنيون ويون ۽ جيل ۾ وڌو ويو. آخر هو غريب جيل ۾ 70 سالن جي عمر ۾ اندو ٿي پيو. پر، ان پنهنجي جيل واري عرصي ۾ پڻ، جنهن کي هو پنهنجي عمر جو سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ زمانو سڏي ٿو. هن هڪ ڪتاب "چرپر جا قاعدا" لکيو جنهن لاءِ پڻ سندس ئي چوڻ هو تہ "پنهنجن سڀني ڪتابين کان آئون هن ڪتاب کي وڌيڪ اهميت ڏيان ٿو." اهو ڪتاب ڪيس جيل مان لڪائي، چوري چوري ٻاهر موڪلڻو پيو ۽ گليلو جي ديس اٽليءَ کان ٻاهر ٻئي ملڪ هائليند ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن کي دليليو رڳو پوءِ هٿ لائي ڇهي سگهي پر اکين سان ڏسي بہ نہ سگهيو ڇاڪاڻ جو ان کان اڳي هو جيل ۾ پنهنجين اکين جو نور وڃائي چڪو هو. گليلو تہ نيٺ هن دنيا مان موڪلائي ويو پر سندس صدها ايجادن منجهان رڳو هڪڙي دوربين کي ئي هن وقت سڏاري انهيءَ منزل تي آندو ويو آهي، جو اڄ ان وسيلي ڌرتيءَ کان لکين ڪروڙين ميل پري بيشمار گرهن ۽ سيارن جي تحقيق ۽ تپاس ڪئي پئي وڃي.

اڄ کان سوا صدي کن اڳ، ۽ ان کان وٺي اڄ تائين، جڏهن وقت جي ضرورتن پٽاندر هن ملڪ ۾ رستا، ريلوايون، پريس، اخبار، نئين

ڪاريگري ۽ نئين صنعت، نئين تعليم ۽ نئون ادب ۽ ٻيون اهڙيون چيزون وجود ۾ آيون، تڏهن اسان جي معاشري ۾ هڪ قسم جي نئين چرپر ۽ زندگيءَ جو گويا نئين سر ۽ وڏيڪ جاندار احساس پيدا ٿيو ۽ زور وٺڻ لڳو. فطرت جي اٽل قانون آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن معاشري ۾ ڪا اهم تبديلي ايندي آهي، تڏهن ان معاشري جي پراڻي ۽ نئين ذهن جو پاڻ ۾ ضرور ٽڪر ٿيندو آهي. پراڻي ذهن جا جيڪي بہ تجربا ۽ ذهني صلاحيتون هونديون آهن، انهن تي نئون ابرندڙ ذهن پنهنجو بنياد رکي، اڳتي وڌڻ ۽ معاشري جي نين تقاضائن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن جي هيءَ واڌ ۽ ترقيءَ لاءِ لوچ ڪن پراڻن ذهنن کي، جن ۾ وقت ۽ حالات کي سمجهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي صلاحيت ۽ حوصلو نہ هوندو آهي. ماضيءَ کان ۽ پڻ پنهنجي وجود کان انڪار ۽ روايت کان بغاوت معلوم ٿيندي آهي؛ ۽ اهي خوف ۾ ونجي ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي، ابرندڙ ذهن تي عجيب عريب نموني جون فتوائون ۽ حملا شروع ڪري ڏيندا آهن. اسان جو آپيشاهيءَ وارو جاگيرداراڻو نظام، جيڪو ڪن ايامن چند نوابن، چند جاگيردارن، چند ميرن ۽ چند پيرن جي رحم ۽ ڪرم تي هلندو پئي رهيو آهي، ۽ جنهن ۾ پئي ڪنهن بہ اختلافي انساني شعور ۽ عمل جي داخل ٿيڻ جا دروازا بند رهندا پئي آيا آهن، تنهن نظام ۾ جڏهن ڪنهن ڏوڏي اچڻ جا امڪان پيدا ٿيا ۽ سماج جي تازن ذهنن ۾ ان جي زبون حالي ۽ هڪ نئين ۽ بهتر نظام جي اٽل آمد جو يقين پيدا ٿيو تڏهن اسان جي ڪن پراڻي ٽڪل ذهن وارن بزرگن کي، هن تبديلي جي هر امڪان ۽ هر آثار ۾ دين ۽ ڌرم سان هڪ وڏي بغاوت ڏسڻ ۾ آئي— ايتري قدر جو شروع شروع ۾ تہ رڳو انگريزي وار رکائڻ، مٿي اگهاڙو گهمڻ، ڪالر سان قميص پائڻ، ڪوٽ پتلون پهرڻ ۽ وڏي ڳالهہ تہ انگريزي پڙهڻ کي بہ صريحن ڪفر سڏيو ويو. ۽ ائين چيو ويو تہ اهي "نصارن جي پر ڪندڙ" قيامت جي ڏينهن مشرڪن جي ٽولي ۾ شمار ٿيندا ۽ جهنم ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ جاءِ ڪانہ ملندين، وغيره وغيره.

نئين ۽ بهتر زندگيءَ جا متوالا، بهرحال، ڪفر ۽ الحاد جو سموريون ملامتون پنهنجي پنن تي وسائي، اڳتي وڌندا رهيا. هو زندگيءَ جي هر نئين ۽ بهتر پيعام کي، انسان جي عالمي شعور جو هڪڙو وڏيڪ اڳتي قدم سمجهي، وڏي شوق سان خوش آمديد چوندا ۽ وڏي حب سان جيءَ ۾ جايون ڏيندا رهيا.

هن پراڻي ۽ نئين جي تصادن ۾ ڪفر ۽ الحاد جي الظامن ڪان مولانا عبيداَللهُ سنڌي رحہ جهڙو عالم ۽ مفڪر بہ بچي ڪين سگهيو. فتوائون ڏنيون ويئون ۽ ڪتاب لکيا ويا تہ مولانا ڪافر آهي، بي دين آهي، وغيره وغيره. مولانا مرحوم اهڙين پست ذهنيتن کان اڳيئي خبردار هئا. ۽ هنن پلي پت چاتو ٿي تہ هيءَ قوم کي گمراهہ ڪرڻ جي وڏي سازش ڪيڏي ٿي وڃي. پاڻ ملڪ جي ويساه وسوڙل قوم سان ههڙي قسم جي فريبڪاريءَ کي ٽيندي ڏسي، ايتري تائين بہ فرمايائون تہ:

شاه ولي اَللهُ جي حڪمت کي سمجهڻ کان پوءِ مون تي هيءَ اثر ٿيو آهي تہ جيڪڏهن مان ڪنهن ٻئي مذهب جي ماڻهوءَ کي، يا ان شخص کي جيڪو ڪنهن بہ مذهب کي منڊ کان ئي نٿو مڃي، انساني فلاح ۽ بهبوديءَ جو ڪم ڪندي ڏسان ٿو تہ منهنجي دل ۾ ان لاءِ عزت ۽ محبت پيدا ٿئي ٿي: ڇاڪاڻ تہ شاه صاحب جي حڪمت مان مون هيءَ سمجهيو آهي تہ نبين جي تعليم جو اعليٰ مقصد، يعني انسانيت جي ترقي، هر ڳالهہ کان مقدم آهي. هاڻ جيڪڏهن ڪو شخص انسانيت جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪندڙ آهي، تہ مان ان کي ڪيئن نبين جي تعليم جو مخالف سمجهان ۽ ان کان نفرت ڪريان.

"پروفيسر محمد سرور جي ڪتاب
"مولانا عبيداَللهُ سِنڌي" تان ورتل)

**هنن** مٿين حقيقتن مان اهوئي واضع ٿئي ٿو تہ نئين ۽ پراڻي ذهن ۾ هميشہ ٽڪر ٿيندو رهيو آهي. اڄ جي سِنڌي ادب ۾ نوجوان اديبن جي مخالفت جو بہ اهوئي بنيادي ڪارڻ آهي. اسان جي هنن پراڻن ذهنن کي اڄوڪي ادب ۾ ڪابہ خوبي نظر نٿي اچي. ادبي بورڊ جو سہ ماهي رسالو "مهراڻ"، مرڪزي حڪومت جو رسالو "نئين زندگي"، ۽ ٻيا سڀ سِنڌي رسالا، ملڪ جون سموريون سِنڌي اخبارون، سواءِ سنڌن پنهنجي هڪ گند مٿيندڙ اخبار جي، ملڪ جا سڀ اديب، ويندي محترم جناب قاضي علي احمد صاحب، محترم جناب پير حسام الدين راشدي صاحب، محترم جناب مولانا گرامي صاحب، محترم جناب مولوي عبدالواحد سِنڌي صاحب، محترم جناب عبدالڪريم "گدائي" صاحب وغيره تائين،

۽ سواءِ رڳو انهن ٻن ڇيئن جي، جيڪي ادب لکڻ ڇڏي، رڳو يافتي هٽڻ کي لڳي ويا آهن، سڀ جا سڀ سندن نظرن ۾ ڪفر ۽ الحاد کي پيا پکيڙين!

گذريل سال شيخ اياز جي ڪتاب ”ڀونئر ڀري آڪاس“ تي حڪومت بندش عائد ڪئي ته هيءَ ادب جا ’خيرخواه‘ ايتري حد تائين به ويا جو هنن وڏيون وڏيون خوشيون ملهايون، حڪومت کي مبارڪباديءَ جون تارون موڪليون. هڪ طرف اسان جا هيءَ ’اديب‘ خوشين ۾ مصروف هئا، ته ٻئي طرف پاڪستان جي سيني زبانن جي ناميارن اديبن ۽ علمي ادبي ادارن حڪومت جي هن قدم تي سخت افسوس جو اظهار ڪيو. سون جي تعداد ۾ تارون موڪليون ويون، ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، ۽ اپيلون ڪيون ويون ته ڪنهن به ادبي ڪتاب تي بندش کان اڳ ان زبان جي ناميارن اديبن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، ۽ ان جي راءِ کان پوءِ ئي ڪو قانوني قدم کنيو وڃي. خود پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي جنرل سيڪريٽري، مسٽر جميل الدين عاليءَ، حڪومت کي اپيل ڪئي ته اهو ڪتاب اديبن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهن جي راءِ کان پوءِ ئي ڪو قانوني قدم کنيو وڃي. اجا تازو هاڻي، پاڪستان رائٽرس گلڊ جي ساليانې اجلاس ۾ گلڊ جي جنرل سيڪريٽري، پنهنجي تقرير ۾ شيخ اياز جي انهيءَ ڪتاب تي پيل بندش بابت، اوير پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيد محبوب مرشد جي صدارت هيٺ چيو ته ”گلڊ جي علائقائي تنظيمن (لاهور، ڪراچي ۽ ڍاڪا) مون تي زور آندو آهي ته آئون گذريل سال جي اٽوٽنڊڙ واقعي جو ذڪر اوهان جي اڳيان دهرايان ته سنڌي زبان جي هڪ شاعر جي تصنيف کي بنا ڪنهن اڳواٽ وضاحت طلبيءَ جي يا ڪنهن عدالتي اختياري جي ضبط ڪيو ويو آهي، جنهن کي هڪ قابل قدر تصنيف سمجهندي، گلڊ پاران انعام ڏنو ويو هو...“

انهن سيني ڳالهين کان پوءِ به، ڪيڏو نه افسوس جو مقام آهي، ته هيڏانهن هيءَ اسان جي ”مقدس روايتن جا محافظ“ سنڌي ادب جا خودساخته ٺنيا، مذهب ۽ قوم جا نام نهاد راڪا ۽ راڙا، هونئن ته نئين سنڌي ادب جي خلاف، شيخ اياز جي خلاف، ٻين نوجوان شاعرن ۽ اديبن جي خلاف ۽ ضبط ٿيل ڪتاب ”ڀونئر ڀري آڪاس“ جي خلاف، پنهنجي واحد بدنام ۽ بد ڪلام اخبار ۾ شيطان جي آنڊن جيڏيون قسطن پنيان قسطون نثر توڙي نظم ۾، جن جو تعداد وڌندي وڌندي، سون کان مٿي چڙهي هزارن کي وڃي رسيو

هوندو لاڳيتو مهينن جا مهينا لکندا ۽ پنهنجي قلب جي ڪثافت ڪيندا ۽ ڪالم ڪارا ڪندا رهيا. ۽ اجا تائين اها ڪارنهن هو ائين مليندا رهن ٿا. پر منجهانئن ڪنهن به ڪڏهن ائين نه لکيو ته سنڌ جي نوجوان اديبن، ملڪ جي ناميارن اديبن ۽ عالمن ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو اختياريءَ وارن جي اها گهر صحيح آهي ته هي ڪتاب ڪن اعتبار جوڳن سنڌي اديبن کي ڏيکاريو وڃي ته پڌائين ته واقعي اهو ضبط ٿيڻ جهڙو آهي به يا نه. هيءَ آهي اسان جي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي هنن خيرخواهن روش، ۽ هيءَ آهي سندن اخلاص، جنهن مان سندن اصلي نيت ۽ اصلي مقصد بنهه ظاهر آهي.

پر ان کان به وڌيڪ افسوس جي ڳالهه آهي، اها هاڻي اسان پنهنجن لائق پڙهندڙن اڳيان پيش ڪنداسون: معلوم هجي ته شيخ اياز جو هيءَ ڪتاب "ڀونئر ڀري آڪاس" دراصل شايع ئي پاڪستان رائٽرس گلڊ ڪيو هو جنهن کي صوبائي توڙي قومي ٻنهي سرڪارين وٽان گرانٽ ملن ٿا. جنهن جو پايو وجهندڙ ۽ سيڪريٽري جنرل توڙي ٻيا اهم عهديدار اعليٰ سرڪاري عملدار آهن. ۽ جنهن تي خود ڪن ادبي حلقن ۾ اهو الزام هنيو ٿو وڃي ته اهو هڪ سرڪاري ادارو آهي. هن ڪتاب کي سال 1962 جي بهترين سنڌي ڪتاب طور رائيٽرس گلڊ جو انعام حاصل ٿيو. هن ڪتاب ۾ جيڪو به شعر جمع ٿيل آهي، اهو گذريل ويهن پنجويهن سالن کان مختلف سنڌي رسالن ۾ وقت به وقت ڇپبو پئي آيو آهي. شايع ٿيڻ کان پوءِ پورا به سال هيءَ ڪتاب آزاد رهيو ۽ ان تي گهٽ ۾ گهٽ سمورين سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ تعريف ۽ تحسين جا تبصرا ڇپيا. گهٽو ڪري سيني سنڌي اديبن ۽ عالمن ان کي پسند ڪيو ۽ واکاڻيو. انهن سيني ڳالهين هوندي به سڄن سارن ٻن سالن جي ڪتابي اشاعت کان پوءِ، جو هن ڪتاب تي بندش پيئي، سو ائين آخر ڇو ٿيو! حقيقت هيءَ آهي ته سنڌي اديبن جي مٿئين ٽولي جي هڪ شخص، جيڪو هميشه پاڻ کي مظلوم ۽ محتاج سنڌي اديب ڄاڻائي، هر وقت ۽ هر هنڌ پئسن لاءِ سٽن هڻندو وتندو آهي، ۽ هميشه احسان فراموش بنجي پنهنجن محسنن جي خلاف ڪوڙيون درخواستون موڪليندو رهندو آهي، ۽ ائين چغلخوري ۽ مخبريءَ جي شريف ڌنڌي جي هر وقت مشق ڪندو رهندو آهي، ۽ سندس

رزق جي تلاش جو هميشه اهو ئي دستور رهيو آهي، تنهن محض شخصي بغض ۽ حسد جي باهه کي ٺڏي ڪرڻ لاءِ، شيخ اياز جي هن ڪتاب جا ڪافي ڪجهه صفحا پنهنجي مراد ۽ مطلب موجب اردو ۾ ترجمو ڪري، وڏيڪ پنهنجي طرفان لکيل هڪ ڊگهي عريضيءَ سان گڏ، سرڪار کي موڪلي ڏنا ته هھڙي تهڙي هن ڪتاب کي ضبط ڪيو وڃي. چناچه سرڪار طرفان ڪتاب ضبط ٿيو ـــ پر وري به ائين نه ته ڪو ڪتاب جو سمورو مواد قابل گرفت سمجهيو ويو پر ان جي 253 صفحن مان فقط 26 صفحن کي مخصوص ڪيو ويو جن لاءِ چيو ويو ته اهي قابل گرفت آهن. وڏيڪ مزي جي ڳالهه هيءَ آهي ته ان ساڳئي شخص اها به پنهنجي قبوليت سنڌي ادب جي آئينده تاريخ لاءِ تحريري طور محفوظ ڪرائي ڇڏي آهي ته هو پاڻ شيخ اياز جي شاعريءَ جو اسلامي تصوف وغيره جي روشني ۾ پورو پورو تاويل ڪري سگهي ٿو جنهن مان ثابت ٿي وڃي ته ان ۾ ڪا به قابلُ گرفت ڳالهه موڙگو آهيئي ڪانه ـــ بشرطيڪ پهريائين سندس رزق جو ڪو مزيد بندوبست ڪيو وڃي! هيءَ آهن اچوڪي سنڌي ادب جا مخالف، ۽ هيءَ آهي سندن سنڌي ادب دوستي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خير خواهيءَ جي دعوائن ۽ لافزنين جو حال!

حقيقيت هيءَ آهي ته سنڌي ادب جي دنيا ۾ ڪافي عرصي کان، اهڙن ڪن شخصن جو هڪڙو ٽولو موجود ٿيو آهي، جيڪي پاڻ کي اديب سمجهن ٿا، پر ادب کان وڌيڪ ادبي هنگاما پيدا ڪري ڄاڻن ۽ ان ڪم ۾ وڏو تجربو ۽ مهارت حاصل ڪري چڪا آهن ـــ بلڪ اها سندن مخصوص عادت بڻجي چڪي آهي. پنهنجي هن دلپسند مشغلي جي پورائي جو وٽن بار بار آزمايل گُر پڻ موجود آهن. مثلن (1) شروعات ۾ گمنام ۽ فرضي نالن ۾ لکيل مضمونن ۽ مراسلن سان ٿيندي؛ (2) اهي مضمون ۽ مراسلا هر پيري هڪ ساڳي اخبار ۾ ڇپبا، جو ته اها اخبار نه رڳو ان ٽولي ۾ شامل آهي پر پاڻ کي سندن اڳواڻيءَ جو ذميدار سمجهي ٿي؛ (3) انهن مضمونن ۽ مراسلن ۾ جعفر چوڪري وانگر پير ڪوڙي ۽ گلو ڦاڙي "گهوڙا ڙي گهوڙا! ڪفر ڙي ڪفر!" جون رڙيون ڪبيون، مخالفن کي گاريو ڏبيون ۽ مٿن ڪوڙا الزام مڙهبا، ڪجهه چغلخوري ۽ ڪجهه مخبري ڪبي ته مخالف هيسجن، لکڻ بند ڪن يا موڙگو ڦاهي چڙهن؛ (4) انهن لکچوريءَ ۾ لکيل

مضمونن ۽ مراسلن کي ڏسي، ڪي نہ ڪي نالي گهوريا ۽ ادب جي ميدان جا سيڪٽرات ڪي سادا دل ۽ ڪي حاسد ۽ ڪي حرفتباز پنهنجو پنهنجو فتوائون ۽ پنهنجا پنهنجا فيصلا مضمونن، مراسلن ۽ ڪوڙن سچن ٺهرائن جي صورت ۾، جن کي ادب ۽ علم جي چٽر ئي چئي سگهجي، ان ساڳي اخبار کي موڪليندا يا اهي مضمون ۽ مراسلا خود ان اخبار جي آفيس ۾ ئي گهڙيا، ۽ پوءِ پوري شدمد سان صفحي اڌ صفحي جي سرخين سميت، اهي اتي ڇپبا، (5) تنهن وچ ۾ ان سموري هنگامي جي پشتيءَ ۾ هڪ بہ ايڊوٽوريل پڻ ان اخبار ۾ ضرور ايندا، جن ۾ پنهنجي هن خودساختہ اڳواٽيءَ جو پورو پورو حق ادا ڪندي، مخالفن جي بنهہ گردن زني ۽ مڪمل مليا ميٽيءَ جو مطالبو موجود هوندو. (6) هن منزل تي ادب ۽ علم جي هن چنڊجي ويل ٽولي جا هڪ اڌ يفونگ بہ اڪيون پٽيندا ۽ ”هنن زور پئجي ويل ڪالهوڪن شاعرن ۽ ڪالهوڪن اديبن“ تي پهنجي سر پاڻ اُٿي، وار مٿان وار ڪندا، پر ڳالهہ هٿن مان نڪتل ڏسي، سچو ڏوهہ وقت نامراد کي ڏيندي، شوڪارا پري نيٺ خاموش ٿي ويندا. چي، ”ڇا ڪجي، سماج ٿو قِتي تہ شاعر ٿا قِتن! سماج سڌري ويو شاعر سڌري ويا! . . . پر اسان ڪونہ سڌرياسين. . . پر دراصل هنن ڇوڪرن جي ترقي تنزل آهي، ۽ اسان بزرگن جو جمود ئي سچي پچي ترقي آهي_ ترقي زنده باد! اسان جمودين جي ترقي زنده باد!“ (7). يفونگن جي هيءَ آخري عين علمي فتوا ٻڌي، ٽوليءَ جا سڀ ٽڪجي پيل محنت باز بيهي رهندا ۽ بيهي ساهہ پٽيندا، ۽ مخالفن جو قافلو اڳتي وڌندو رهندو ۽ هو ان قافلي کي پري کان بيهي يشيون ۽ ڇهڙون ڏيندا رهندا _ ۽ واقعي کين ڦهنديون پڇاڙيءَ ۾ وري فقط اهي يشيون ۽ اهي ڇهڙون_ ويچارا قِتل سماج جا قِتل شاعر! ڪيڏي نہ دکدائڪ آهي سندن هيءَ حالت! ڪيڏي نہ قياس جوڳي آهي هيءَ سندن ڪيفيت!

بهرحال، آخر ۾ هنن سِنڌي ادب دشمن سورمن، جن وٽ اڄ ڪي ڪينهي ۽ جيڪي بنهہ خالي دامن آهن، ۽ پڻ پنهنجن نوجوان اديبن ۽ نئين سِنڌي ادب جي ڪيف ۽ سرور ۾ رچي لعل ٿيل متوالن کي وري بہ اسان، پاڪستان رائٽرس جي گلڊ جي سيڪريٽري جنرل محترم جميل الدين عالي جي لفظن ۾ هيئن ئي چونداسين تہ کين هر وقت ۽ هر حالت ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ:

”پل تہ هر ڪوشخص ائين سمجهندو هجي تہ ڪابہ هڪڙي تصنيف ياسموريون لکيتون ڪنهن ”خدائي فوجدار“ جي فتوا ڏيڻ سان ضبط ٿي سگهن ٿيون، پر لکڻ وارن جي روح کي ڪنهن بہ طرح سان گرفتارڪري نٿو سگهجي. دنيا ۾ ڪتي بہ ڪو اهڙو قانون يا هٿيار اڄ ڏينهن تائين ايجاد نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ذريعي ائين ڪري سگهجي.

سِنڌي ادب زنده باد! سِنڌي ٻولي زنده باد!

سِنڌُ زنده باد!

پاڪستان زنده باد!

***نوجوانن*** کي سندن پڇيل سوالن متعلق انهن ڪتابن جا حوالا ڏيئي، ڏانهن نهاريم، هو اڃا بہ مون ڏانهن مضحڪي خيز نگاهن سان نهاري رهيا هئا. آئون وڌي حيرت ۾ پئجي ويس تہ جيڪڏهن پڙهيلن جي اها حالت آهي تہ پوءِ سِنڌُ جي عوام تي ڪهڙي ميارا اهڙيءَ حالت ۾ وٽن ڪيڏن جُنديباز ڏنيورچين پهچي، سِنڌُ جي اديبن، شاعرن ۽ محب وطن ماڻهن خلاف زهر اوڳارڻ ۾ ڪهڙي ڪثر ڇڏي هوندي؟ اهڙي حالت ۾ بي علم مارُو ماڻهو ڏنيورچين جي چنبي ۾ ڦاسجندي ڪا ويرم ئي ڪا نہ ڪندا. هنن ۾ ايتري سمجهہ ۽ شعور ڪٿان آيو؟ جو پنهنجي زندگيءَ جي مشاهدن، آس پاس جي واقعن ۽ ٻُڌل سُڌل ڳالهين کي ذهن تي آڻي کين ايترو چون تہ:

”اوهين جيڪي ڳالهيون پيا ڪريو ۽ ٻين خلاف نفرت پيا پکيڙيو اهڙا بزرگ تہ اسان وٽ سدائين ايندا ويندا رهيا آهن“_ مثلن: بہ مولوي يا پير سڳورا پاڻ ۾ چندي جي ڏي وٺ جي ٿوري گهٽ وڌائيءَ تي اَٽڪجندا وتن ۽ وٽن هٿيار بہ اهوئي هوندو آهي تہ ”فلاڻو پير يا مولوي اسلام کان ڦِري ويو آهي، فلاڻو گمراهہ آهي.“ ازانسواءِ ڪيترا سٽيي مهانديي ۽ اڃي لَٽي وارا، ووٽن وقت بہ ڪنهن ماڻهو کان چار ڏوڪڙ ٽِڳائي، دين اسلام ۽ پاڪستان جو سِيني ۾ سُور سانڍي، ٻي ڏر جي خلاف دنيا جهان جي ڪنهن بہ بُرائي ۽ لعنت ملامت مڙهيندي ويرم ئي نہ ڪندا آهن ۽ اليڪشن کان پوءِ سموريون ملامتون ۽ فتوائون پاڻيءَ ۾ لوڙهي، ساڳئي ئي وقت بي دين ۽ اسلام دشمن جي دسترخوان تي مَکيُن هَڪليندي ڏسبا آهن.

ايئن ٿوري بعد هو وڏيڪ سوال پڇڻ بنان ڪنهن لئوٽي هٽڻ جي روانا ٿي ويا.

جهمپير ۾ ادبي ميٽنگون هر جمعي تي ٿينديون هيون، جنهن ۾ جهمپير جي اوسي پاسي جا ڪي ماستر، حيدرآباد، ٺٽي محمد خان ۽ ٻنوري جا دوست شريڪ ٿيندا هئا. آئون مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا آس پاس جي ڳوٺاڻن کي شريڪ ٿيڻ لاءِ اپيل ڪندو هئس، ۽ جلسا ڪوٺائي سِنڌ جي صوبائي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تقريرون ڪندو هئس. اُهي خبرون ٺٽي جي هڪ ضلعي ڪاموري جي ڪن تي گهڻي وقت کان اخبارن ذريعي ڏيان تي اچي چڪيون هيون.

14 آگسٽ، آزاديءَ واري ڏينهن مون ڪيترن دوستن ذريعي جلسي ۾ عام ماڻهن کي شرڪت لاءِ اپيل ڪئي. هن ڪم ۾ منهنجي هڪ پياري دوست نالي سلطان وڏي همدردي ۽ همت سان ڪم ڪيو.

14 آگسٽ کان اڳ ٺٽي جي ڪليڪٽر جي جهمپير ۾ منزل ڪرڻ جي خبر منهنجي دوست غلام مصطفيٰ جي پيءُ غلام رسول سب انسپيڪٽر کي پيئي. هن مون کي اطلاع ڏياري موڪليو. مون 14 تاريخ کان اڳ جلسو ڪوٺايو ۽ تقرير ڪئي. ٻئي ڏينهن ڪليڪٽر منزل ڪئي. جلسو اڳ تي چڪو هو. جهمپير جو ٺاٽيدار چڱو ماڻهو هو. هن منهنجي ادبي ۽ سياسي سرگرمين متعلق ڪا ٻه رپورٽ پنهنجي رڪارڊ تي نه رکي. شهر ۾ ريلوي جا اسٽيشن ماستر، پوسٽ ماستر، ڊاڪٽر، استاد، شاگرد ۽ هندو بزازن جي مون سان همدردي هئي. فقط نامراد قاسم پٽيل ۽ چيئرمين محمد رمضان گوپانگ مخالف هئا. زميندار ڦوٽو خان درس همدرد ماڻهو هو. روزانو سندس ذات جي هڪ عزيز جي دڪان تي ساڻس ڪچهريون ٿينديون هيون. شهر جو مکي جيرام داس وڏي همت وارو ماڻهو هو.

جهمپير ۾ ادبي ۽ سياسي سرگرمين دوران ڪراچيءَ ۾ سِنڌي ادبي سنگت طرفان سڄي سِنڌ جي اديبن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. اياز شمشير ۽ آئون هڪ هوٽل ۾ رهيل هئاسين. واپسي بعد، هڪ عجيب ۽ ظالماڻي ڪاروائي مشاهدي ۾ آئي.

مسجد جي پيش امام مولوي ابراهيم خاصخيلي (جنهن جو ياءَ عبداَللهُ مختيارڪار هو.) جي مڪتب ۾ آسپاس جي غريبن جا ڇوڪرا

ديني تعليم سان گڏ سنڌيءَ جي تعليم وٺندا هئا. مڪتب جي شاگردن مان ٻه شاگرد مون وٽ ٻه تعليم وٺندا هئا.

هڪ ڏينهن اسڪول مان موڪل ٿيڻ بعد گهر وڃي رهيو هئس تہ پر واري اسپتال مان سفيد ريش مهاجر ڊاڪٽر مون کي سڏ ڪيو. وٽس وڃڻ بعد جيڪا گفتگو ٿي سا ملاحظہ ڪريو:

”ماسٹر صاحب! آپ بهت پڑهي لکي هين. ڪيي يہ هوا هي ڪہ زاني پيش امام ڪي پيڇي نماز ادا ڪِي جائي! اس مسجد ڪي پيش امام ڪي ميرِي هسپتال ڪِي ايڪ نرس ڪي ساٿ تعلقات هين.“

آئون حيرت مان ڊاڪٽر جي سفيد ڏاڙهي ۽ سهڻي شڪل ڏانهن نهاري، بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي هليو آيس.

ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ انهن مڪتب وارن شاگردن کان پڇيم تہ.

’مولوي صاحب نرس جي گهر ويندو آهي؟‘

ڇوڪرن ڪو جواب ڪو نہ ڏنو. ٻئي ڏينهن هڪ چٺي مولوي محمد ابراهيم جي مڪتب جي شاگردن هڪ چٺي آڻي ڏني. لکيل هو:

چٺي:

## مولوي محمد ابراهيم ٺٽي واري جي

***ماسٹر*** يار محمد، تو بين کي دٻائي ڏنو آهي. تو کي انهن ڳالهين پڇڻ جو ڪو بہ حق ناهي. اڳتي اهڙي ڪا بہ حرڪت ڪئي اٿئي تہ مغز ڦاٽو پيو هوندئي.“

ون يونٽ دوران مهاجرن جو وڏو تعداد ون يونٽ جي فائدي ۾ هو. دراصل ان نقطي نظر تحت مون کي ڊاڪٽر جي ڳالهہ ۾ هيءَ سازش نظر آئي تہ دراصل مهاجر مسجد تي قبضو ڪرڻ ٿا گهرن. منهنجي نيت ڪهڙي هئي ۽ هن حلال خور مولوي ابراهيم جي سوچ ڪهڙي؟ هن جي اخلاقي ۽ انساني ڪردار تي مون ان کان اڳ سرائڪي ٻوليءَ ۾ هڪ افسانو ”تاري اجهام ڳئي!“ جي عنوان سان غلام مصطفيٰ ڀهراڻيءَ جي نالي ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ڪرايو هو:

**هفتي** کن گذرڻ بعد، هڪ رات 9 بجي آئون ۽ ماستر غلام مصطفيٰ اسٽيشن ماستر وٽ ويٺا هئاسين تہ مون کي شهر جي هڪ ماڻهو اچي ٻڌايو تہ:

'اوهان جي خلاف جلسو ٿي رهيو آهي.'

آئون ۽ ماستر غلام مصطفيٰ جلسي ۾ آياسين. ڏٺم تہ اسٽيج تي ٻن ٻاهرين مولوين سان گڏ هيءَ دين اسلام جو سچو سپاهي بہ براجمان هو. ساڻن هڪ ٿلهو متارو پيٽ نڪتل مولوي جيڪو انسانيت جي سچي پرستار مرزا قليچ بيگ جو فرزند مولوي افضل بيگ وڏي هشمت سان منهنجي خلاف ڪفر جي فتويٰ ڏيئي رهيو هو تہ پيو سفيد ريش مولوي منهنجي خلاف باقي رهيل زهر اوڳاري رهيو هو.

پر ۾ ويٺل ٺاڻيدار کي چيم:

"ٻنهي مولوين جيڪي لفظ چيا آهن سي اسٽيشن ڊائري ۾ نوٽ ڪر."

ان بعد غلام مصطفيٰ کي چيم تہ:

"تون اسٽيج تي وڃي منهنجي طرفان صفائي پيش ڪر."

چاڪاڻ تہ فتوا بعد منهنجو ڳالهائڻ فضول هو. هو نہ ويو. لاچار آئون اُٿي اسٽيج تي ويس. مون جلسي ۾ آيل ماڻهن، جيڪي اندازن سئو سوا هئا، کي مخاطب ٿيندي چيو:

"ڀائرو! منهنجي خلاف جيڪا بہ مذهب جي شڪايت يا ڪفر وغيره جي ڳالهہ هجي، سا مهرباني ڪري ظاهر ڪريو."

ڪنهن بہ ماڻهو جواب ڪو نہ ڏنو.

ٻئي ڏينهن مون دين اسلام جي ان سچي سپاهي مولوي محمد ابراهيم کي چٺي لکي، جنهن جو متن هن ريت هو:

چٺي :

## ٺٽي جي مولوي محمد ابراهيم ڏانهن

**مولوي** صاحب، اوهان کي خبر آهي تہ آئون ٻارن ٻچن سان هتي رهان ٿو. ڪفر جي فتويٰ ملڻ ڪري مون خلاف مذهبي جنونيت جو خطرو وڌي ويو آهي. هاڻ آئون اوهان جي جواب جي انتظار ۾ آهيان. منهنجي اڳيان اوهان جي ڏياريل فتويٰ جي جواب ۾ ٻہ رستا آهن: (1)_ اخبار ذريعي حڪومت ۽ عوام اڳيان اصل حقيقت پيش ڪيان، (2_ عدالت ۾ وڃي پنهنجي ٻارن جي حياتيءَ ۽ بچاءَ ۾ ڪيس داخل ڪيان. هاڻي اوهان تي ڇڏيل آهي، جيڪا راءِ ڏيو!

يار محمد پنهور

**انهن** حالتن کي ڏسندي منهنجا ڪيترا همدرد، خود غلام مصطفيٰ ۽ ٻيا گوشي نشين ٿي ويا. ٻئي طرف جاهل ۽ ٻتاڙي چيئرمين محمد رمضان گوپانگ، گرلس اسڪول ۾ منهنجي گهرواري خلاف ماستريائڻين کي برغلائيندي درخواستون ڪرايون. نتيجي ۾ انڪوائري ٿي ۽ منهنجي گهرواريءَ جي بدلي ميرپورساڪري ڪئي ويئي.

آئون مير پورساڪري روانو ٿيس، جتي هڪ هوٽل واري جو پتو پيو تہ هو مون کي سُڃاڻندو آهي. وچڻ سان ان سان مليس. ڪلاڪ ڏيڍ بعد معلوم ٿيو تہ مسٽر عبدالله ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، ضلعو ٺٽو اتي آيل آهي. ٻڌايومانس تہ

'منهنجي گهرواريءَ جي هتي بدلي ٿي آهي. مهرباني ڪري، قانون تحت منهنجي بہ هِتي بدلي ڪئي وڃي.'

هو صاحب نهايت شريف نيڪ خصلت نظر آيو. ٻئي ڏينهن هڪ ماستر هوٽل واري وٽ آيو. مون سان وڏي محبت سان مليو. شهر جا سڀ گهر گنڌاوان يعني ڪانين جي ڳنڍين ۽ ڇپرن جا نهيل هئا. اتي هڪ وليج ايڊ آفيسر، جيڪو منهنجو اڳ ۾ ڏٺل هو ان جي خبر پيئي. ان سان مليس. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دلداري ڏنائين تہ

'آئون پنهنجي ڪاتي طرفان اسڪول ٺهرائڻ ۾ مدد ڪندس.' صلاح ڏنائين تہ

’شهر جي ماڻهن کان مالي مدد لاءِ شام جو جلسو ڪيو. ان ۾ اوهان بہ ڳالهائجو.‘

جلسو ٿيو. تقرير ڪيم. بروقت ڇهہ سئو رپيا ڳڻيا ٿيا. اهي پئسا انهي وليج ايڊ واري دوست آفيسر کي اسڪول نهرائڻ لاءِ حوالي ڪيم. شام جو تعلقي مختيارڪار جي آفيس ڏسڻ لاءِ ويس. اتي هڪ تپيدار (ذات جو سيد هو.) مليو. جيڪو جهمپير کان مون کان نفرت ڪندو هو. سندس نظر مون تي پيئي تہ خبرچار رکڻ لاءِ وڏي آيو. احوال ڪيومانس. رات جو 11 وڳي ’داٻيجي‘ اسٽيشن کان جهمپير روانو ٿيس. اسڪول جي عدم موجودگيءَ جو احوال ’ٽوئنٽي صاحب‘ کي ڏياري موڪليم.

ڇئن پنجن ڏينهن کان پوءِ ميرپورساڪري مان ماستر محمد حسن، جنهن مون سان ڪافي پنهنجائپ ۽ تعاون ڪيو هو خط لکيو:

## خط :

***اوهان*** جي وڃڻ کان پوءِ ساڪري جي مختيارڪار اوهان لاءِ نفرت ڦهلائي آهي. اها سموري حرڪت سيد تپيدار جي آهي. منهنجي صلاح آهي تہ ساڪري نہ اچو. جاءِ جو ڪم رڪجي ويو آهي. وڌيڪ اوهان جي مرضي.“

**ماستر محمد حسن**
(ميرپور ساڪرو)

***اهو*** خط ’ٽوئنٽي صاحب‘ کي موڪلڻ مناسب نہ ڄاتم. آئون ٻئي ڏينهن ڪراچي ويس. اتي جوئي صاحب سان احوال ڪيم. چند منٽن جي خاموشيءَ کان پوءِ چيائين:

”بهتر آهي تہ ادبي بورڊ ۾ اَچ!“

مون کان درخواست لِکرائي ورتائين ۽ ادبي بورڊ جي پريس مئنيجر ڏانهن ليٽر روانو ڪيائين:

”ميان ياز محمد کي ادبي بورڊ ۾ بحيثيت پروف ريڊر مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن اچي سندس پارٽ هجيو.“

پاڻ هفتي کن بعد ڇپائي ۽ ڪن ٻين معاملن جي گهربل ڇاڻ لاءِ ٻن مهينن جي عرصي لاءِ آمريڪا روانو ٿيو. جوئي صاحب وٽان واپس اچڻ بعد آئون ٻئي ڏينهن جهمپير مان ٽپڙ ڪٺائي اسٽيشن تي آيس. شهر مان فقط ٻـ ماٺهو سامان ڪٺائڻ ۽ رواني ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيا. باقي سڀ غائب هئا!

ٽنڊي ڄام پهچي، صبح جو ادبي بورڊ ۾ آيس. روزانو ٽنڊي ڄام کان ادبي بورڊ اچڻ وڃڻ تڪليف ڏيندڙ هو. وقت وڏو تي ضايع ٿيو. ان ڪري شمشير الحيدريءَ سان ٽنڊو آغا مرزائن جي پاڙي رهڻ لڳس. سياري جي مُند هئي. اسين ٻئي (شمشير ۽ آئون) آفيس ٽائيم کان اڳ ئي پهچي ويندا هئاسين. اُن وقت اسان "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" گڏجي ترجمو ڪري رهيا هئاسين:

پريت آباد حيدرآباد ۾ بجلي، پاڻي ۽ پڪي روڊ نـ هئڻ سبب مون اتي محلا ڪاميٽي قائم ڪئي. جنهن جو صدر هڪ مهاجر حافظ نالي سان هو. تنهن کي ڪيم ۽ آئون وائيس پريزيڊنٽ هئس. اتي هفتيوار ميٽنگون ٿينديون هيون. لطيف آباد مان اڙدو ڳالهائيندڙ ڪامريڊ بـ اچي شامل ٿيندا هئا. ميمبر ٿيڻ لاءِ 2 آنا في ماهوار مقرر ڪئي وئي. جنهن تي ڪيترن اعتراض ورتو تـ ٻن آنن في ونڻ سان واسطيوار ڪم ڪيئن تي سگهبا. منهنجو چوڻ هو تـ وقت جي، حالتن جي پيش نظر وڏيڪ پئسن جي گهُر ڪئي ويندي. مرزائن جي پاڙي جي هڪ مهاجر ڊاڪٽر هن ڪم ۾ وڏي مدد ڪئي.

انهن ڏينهن ۾ نياز همايوني ٽنڊي حيدر ۾ حڪمت جو ڏنڌو ڪندو هو. پاڻ پيڻ سان رهندو هو. آئون ۽ ابوبڪر منگسي هڪ بـ دفعا ٽنڊي حيدر ويا هئاسين، اتي ساڻس ڏيٺ ويٺ ٿي.

ٻن چئن هفتن کان پوءِ بمبئيءَ کان 'نئين دنيا' جو ايڊيٽر اُتم ۽ سندس گهرواري مائي سُندري سِنڌُ آيا. آئون ادبي بورڊ ۾ هئس. هنن جي رهائش جو بندوبست بيگم زينت چنا جي بنگلي ۾ ڪيو ويو. سندن آجيان لاءِ مون کي مقرر ڪيو ويو.

هنن جي اچڻ بعد مون ڪين پنهنجي طرفان ادبي ڪچهري سڏائي آجياڻو ڏنو. پاڻ مرزا قليچ بيگ جي قبر ڏسڻ جي خواهش ڏيکاريائون. مرزائن جي پاڙي ۾ سندن آجيان لاءِ تقريب جو بندوبست ڪيم. مرزا مرحوم جي قبر تي گڏجي گُلن جي چادر چاڙهي ويئي. ڪن مرزائن اعتراض ورتو ليڪن تقريب تي گذري. ادبي ڪچهريءَ ۾ سِندُ آيل اديبن کي آجياڻو ڏنم:

## آجياڻو:

### سُندري ۽ اُتم چنداڻيءَ جي مانُ ۾

***صاحب*** صدر ۽ معزز دوستو!

آئون 'لطيف لٽريري سوسائٽي' طرفان آيل سيني مهمانن، اديبن ۽ شاعرن ۽ خاص ڪري بمبئي کان آيل بن مهمان اديبن_ شري اتم، ايڊيٽر ماهوار "نئين دنيا" ۽ پيڻ سندري اتمچنداڻيءَ جي دل جي گهراين سان آجيان ڪريان ٿو.

دوستو! اسان سين کي خبر آهي تہ اج اسين جنهن ڏينهن تي پاڻ ۾ گڏيا آهيون، انهيءَ ساڳي تاريخ تي 35 سال اڳ سنڌ جي مايہ ناز اديب ۽ شاعر، مرحوم مرزا قليچ بيگ وفات ڪئي هئي. مرحوم مرزا صاحب سنڌيءَ جو ناميارو اديب ۽ شاعر هو. هن جيڪا سِنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي سا رهندي دنيا تائين ياد رهندي!

دوستو! زندهہ قومن، باشعور جماعتن ۽ فردن جو هميشہ کان اهو ئي دستور پئي رهيو آهي تہ هو پنهنجي قومي رهنمائن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جون ورسيون وڏي اهتمام ۽ جوش خروش سان ملهائيندا آهن؛ جنهن ۾ ئي سندن پنهنجي ۽ ايندڙ نسل جي بقاءَ ۽ بهبوديءَ جو راز سمايل هوندو آهي.

دوستو! هي سترنهن سالن جي عرصي بعد پهريون موقعو آهي، جو اسان جا بہ اديب_ ڀاءُ ۽ ڀيڻ، هن موقعي تي اسان سان شريڪ ٿيا آهن. اسان جي هنن اديبن جو ايتري پرانهين پنڌ تان ڪهي، اچي، اسان سان

گڏجاڻي ڪرڻ، سنڌي ادب توڙي اسان اديبن لاءِ نهايت ئي خوش آئند آهي_ هونئن به شري اتم، پيرڻ سنڌري توڙي اسان جي ٻين اديب پاٺرن، اسان کان پري رهندي، اسان کي وساريو ڪينهي. سنڌن ادبي فن پارا، افسانا، شعر، مقالا، ناول وغيره، اسان مان جن به پڙهيا آهن، انهن کي ايئن ئي ڏسڻ ۾ ايندو ته چا منظر، چا پلاٽ، چا ڪردار چا ماحول_ هر چيز ۾ سِنڌُيَتَ جهلڪندي نظر ايندي، 17 سالن جو طويل عرصو ۽ سوين ميلن جي دوري، اسان جي پنهنجائپ تي، اسان جي گذريل صدين واري پيار پرئي ماحول تي_ جڏهن گهر گهر سان گڏوگڏ رهندي، صبح جو پيٽ جي آگ اجهائڻ لاءِ ٻاهر نڪرندي، هڪٻئي کان پيار ۾ پاٻوهه مان پڇبو هو ته "ڪاڪا، رات ته خير جي گذري"، تنهن ۾ ڪا به تبديلي نه آئي آهي.

"لطيف لٽرري سوسائٽيءَ" جو تعارف ڪرائيندي مناسب ڄاڻان ٿو ته آئون پنهنجي معزز دوستن ۽ ڪرم فرمائن اڳيان هن سوسائٽيءَ جي مقصد جو مختصر تعارف ڪرايان:

*دوستو! هن سوسائٽيءَ جو بنياد 5، آگسٽ: 1960ع تي رکيو ويو ۽ ان جا مول متا هيٺيئن ريت آهن:*

*1. ادبي مباحثا ۽ مشاعرا ڪرڻ.*

*2. سنڌي ادب جي اشاعتي سلسلي کي وڌائڻ خاطر معياري ڪتاب شايع ڪرڻ.*

*3. انجمن بهبودي طلبا قائم ڪرڻ، جيئن غريب شاگردن کي ڪتاب وغيره مفت ميسر ڪري ڏجن.*

سوسائٽي پنهنجن مقصدن کي عملي جامي پهرائڻ خاطر هر سال يوم لطيف، يوم قليچ، يوم هوشو يوم هيمون ڪالاڻي، يوم محمد صديق ميمڻ ۽ يوم دائود پوٽه وڏي اهتمام سان ملهائيندي رهندي آهي.

اهو ٻڌائڻ مناسب ڄاڻان ٿو ته هي اجوڪي گڏجاڻي، جا مرحوم مرزا صاحب جي فاتح خوانيءَ جي سلسلي ۾ ٿي آهي، سا دراصل مرحوم مرزا صاحب جي دستوري ورسيءَ جو پروگرام نه آهي، ڇاڪاڻ ته لطيف لٽرري سوسائٽي هر سال، يوم قليچ وڏي اهتمام سان ملهائيندي آهي. هن

سال اسان جو اهو دستوري پروگرام آگسٽ مهيني ۾ رکيل آهي، جنهن ۾ مشاعري سان گڏوگڏ مرزا صاحب جن جو هڪ ڊرامو پيش ڪيو ويندو.

آخر ۾ آئون سيني معزز مهمانن جي شڪر ادائي ڪندي، شري اتم کي خاص طور گذارش ڪندس تہ هو صاحب پاڻ، توڙي پارت ۾ رهندڙ سنڌي اديب پائر، جن جي اسين فقط نالن کان واقف آهيون، سي هن سرزمين کي، جنهن جو مٿن بہ گهڻوئي حق آهي، تنهن کي پنهنجي ياد سان نوازيندا ۽ هر سال هتي اسان وٽ پيرو ڪندا رهن. .

صدر، "لطيف لٽرري سوسائٽي"، ٽنڊو نوڙهو حيدرآباد.

جولائي: 1964ع،
ٽنڊو نوڙهو حيدرآباد.

مرزا صاحب جو فرزند، جنهن مون تي جهمپير ۾ ڪافر هئڻ جي فتويٰ ڏني هئي، اهو بزرگ اڪيين ڏسندو رهيو. "مرزا قليچ بيگ ادبي سنگت" سندن پاڙي ۾ قائم ڪيم، جنهن لاءِ نيڪ محمد شاهہ (نثار حسيني) کي نوجوان سنگت ڪاميٽيءَ لاءِ مقرر ڪيم. صدر آءٌ پاڻ هئس. سُندريءَ وارن جي فرمائش هئي تہ:

'ڪامريڊ ڏيکار'، سو جمال نقوي کي چيم:

'بمبئيءَ کان ڪامريڊ آيا آهن، ملڻ چاهين ٿا.' تڏهن اها ڳالهہ کيس ڏاڍي ڏکي لڳي.

چيومانس:

"جمال، اندر (انڊر گرائونڊ) ٿيو يا بيمار ٿيو تہ بہ رهو مون وٽ_ چندا ڪائو منهنجي نالي تي، اڄ اها ڳالهہ تو کي ڏکي لڳي آهي!"

❊❊❊

هڪ رات 4 وڳي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي، ٻاهر نڪرڻ سان ڏٺم ته هڪ ٽانگو بيٺو هو. نياز همايوني، برقعي سان هڪ عورت ۽ 8_10 سالن جو هڪ ٻار بيٺا هئا. سندس بيگاهه وقت ٻارن سان اچڻ مون لاءِ تعجب خيز هو. چيائين ته:

”ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر ٿو وڃان. ٻارن کي اڪيلائيءَ ۾ رهائڻ مناسب نه ڄاتي، اوهان وٽ وٺي آيو آهيان. آئون ٻن چئن ڏينهن ۾ موٽي ايندس.“

صبح جو آئون بورڊ جي آفيس ويس. موٽي اچڻ بعد معلوم ٿيو ته منهنجي پرپٽ ڪن ماڻهن در تي اچي گوڙ ڪيو هو. 8_9 بجي ٻاڙي جو هڪ پٽي چوڪرو گهر آيو. چيائين:

”اوهان کي ماڻهو سڏي رهيا آهن.“

آئون وٽن ويس. ٻاڙي جا ڏهه پندرنهن ماڻهو هئا. جن ٻڌايو ته

’ننڍي حيدر جا ڪي ماڻهو هئا، جن ڳالهه ڪئي ته نياز همايوني اسان جي ٻانهن کڻي آيو آهي ۽ اسان کي معلوم ٿيو آهي ته ٻانهن يار محمد جي گهر ۾ آهي.‘ ٻاڙي وارن ٻڌايو ته ’اسان اوهان پاران کين هر طرح جي خاطري ڏيئي روانو ڪيو. هيءَ ماڻهو اوهان لاءِ منتظر ڇڏي ويا آهن. شايد هينئر اچن.‘

ڏهن ويهن منٽن گذرڻ بعد اهي ماڻهو اچي ويا. مون کين چيو ته ’ٻاڙي جي ڪا به عورت منهنجي گهر اچي ڏسي، جيڪڏهن اوهان جي ٻانهن آهي ته آئون ٻانهن ڏيڻ لاءِ حاظر آهيان.‘

هنن ان عورت جي سڃاڻپ جي لاءِ ٻاڙي جي هڪ عورت آندي، جنهن کي گهر موڪليم. واپس اچڻ بعد انهي عورت اڳ ٻڌايل نشان پتن، رنگ، عمر، ڪپڙن ۽ ٻار متعلق خاطري ڏني. هيءَ سائين سنواريو سورنهن ڏينهن کان پوءِ واپس آيو_ مائي ساڻس ٻڌل هئي، بعد ۾ خبر پئي ته ان مائي پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ماريو.

نياز همايونيءَ جي لاءِ مون جوئي صاحب کي پارت ڪئي ته هن کي ڪو ادبي ڪم ڏيو. جوئي صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي. ان وقت بورڊ طرفان "فرهنگ جعفري" طبي ڪتاب شايع ڪرڻ بورڊ پاران منظور ٿيل هو. ميان علي بخش جو پاءُ حڪيم هو. ان پنهنجي پاءُ لاءِ هن ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، پر جوئي صاحب اهو ڪم نياز همايونيءَ کي ڏنو. ڪتاب جي ايڊٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيس معاوضو ڏنو ويو. هيءُ ڏاڍو خوش ٿيو.

هن جو پاءُ مولوي محمد صالح عاجز جڏهن مون کي ملندو هو ته وڏي خوشامدي لهجي ۾ منهنجو شعر: 'سِنڌُ جا سوداگر...!' پڙهندو هو. اندروني طور هيءُ ٻئي سائين سَنواريا ترقي پسند ادب ۽ اياز خلاف گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا. جيئن پير پاڳاري پاران شايع ٿيندڙ اخبار "مهراڻ" ۾ رشيد احمد لاشاري ۽ ٻيا رجعت پسند اديب، خاص ڪري فيض بخشاپوري وڏا بيان ڏيندو هو. تيئن نياز پاڻ کي ڪامريڊ ڪوٺائيندو هو ۽ نوجوانن وٽ پاڻ کي مقبول بنائڻ خاطر سرگرم رهندو هو. ان ڪم ۾ جام ساقي چڱو هٿ ونڊايس. جام جو پيءُ سچل، ٽريننگ ڪاليج ۾ گڏ هوندو هو. ان ڪيس مون ڏانهن موڪليو. سول اسپتال سامهون سرفراز چاڙهي مٿان پارڪ کان پرپرو تنوير جو گهر هو. آئون ۽ ٻيا ساٿي اتي ادبي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن هيءَ منهنجي پڇا ڪندو اتي اچي پهتو.

رمضان شريف جي مهيني جي آخري ڏينهن بعد عيد جو ڏينهن هو. نياز همايوني ۽ سندس پاڃ رانجهڻ دروازي تي آيا. آئون کين گهر ۾ وٺي آيس. گهر ۾ پڙدو هو. اهو ڏسي هن چيو

'ابن حيات، اها ڳالهه مناسب نه آهي. پڙدو لاهي ڇڏيو.'

ساڻس گڏ ان عورت جي به اهائي تقاضا ته، 'پڙدو لاهي ڇڏيو.'

بهرحال هيءُ ماني کائي روانا ٿيا. سندس نالو آمد هو. تنهن جو هر پيري اهو اختلاف ته 'پڙدو لاهي ڇڏيو.' نيٺ منهنجي زال کي ريبي ان عورت پڙدو لاهي ڇڏيو. آئون آفيس کان آيس. نياز به ساڻ هجي. هن عورت کي ڇا چوان...؟

پئسن ملڻ بعد، هن ٽنڊي طيب ۾ هڪ پلاٽ خريد ڪري ان تي جاءِ ٺهرائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. ٽنڊي طيب ۾ طبي ڪاليج هو. شايد اهو

ڪاليج مخدوم طالب المولىٰ جي نالي سان منسوب هو_ شايد مخدوم صاحب ان ڪاليج ۾ مالي مدد ڪئي هئي. نياز ان ڪاليج ۾ پڙهائيندو هو.

جاءِ جي ڳولها دوران، هن مون تي زور آندو ته،

’منهنجي جاءِ جي پرسان هڪ جاءِ آهي. جنهن ۾ بجلي پاڻيءَ جو بندوبست آهي. ان جاءِ لاءِ مون مالڪ سان ڳالهايو آهي. جاءِ بورڊ جي ويجهي آهي. پنڌ جي تڪليف کان ڇُٽي پوندئو.‘

هڪ ڏينهن شام جو بورڊ کان جيئن ئي گهر پهتس. ته اها عورت بيهوشيءَ جي حالت ۾ سمهيل هئي. مون کي گهرواريءَ ٻڌايو ته ڪيس دل جو دورو پيو آهي. اڌ ڪلاڪ بعد هيءَ سائين سنواريو (نياز همايوني) دروازي تي آيو ۽ هڪ معجون جي شيشي ٻار کي ڏيئي، پاڻ هليو ويو. هيءَ عورت هاڻي بيحجاب ٿي گهر جو سڄو وَهنوار پنهنجن هٿن ۾ رکي ويهي رهي! منهنجي گهرواريءَ ان تي اعتراض ورتو. نياز کي اها ڳالهه ناگوار گذري، ۽ هڪ خط منهنجي زال کي لکيائين:

’اسين پنهنجو ٿا ڪائون_ پنهنجي ذات تي نه وڃ...!‘

ان تان گهر ۾ اٿوٿت ٿي.

ٻئي ڏينهن آفيس کان موٽيس ته منهنجي گهرواري ناراض ٿي مائٽن هلي ويئي. نياز گهر خالي ڏسي اها چالاڪي ڪئي، آئون ننڊ ۾ هئس ته پيٽس کي مون سان گڏ سُمهاري پاڻ دريءَ کان ٿي بيٺو. سڄاڳ ٿي، ملامت ڪئي مانس. پوءِ اهي گهر مان نڪتا.

تن ڏينهين مون ”قومي ڪتاب گهر“ وارن جي چوڻ تي ”مارڪسي فلسفو“ ترجمو ڪيو هو. ان ڪتاب جي ٽائيٽل تي مارڪس جي تصوير ڇپيل هئي. جيڪا منهنجي گهر ۾ ٽنگيل رهندي هئي. قومي ڪتاب گهر جي آفيس ۾ ڪتاب ”مارڪسي فلسفي“ جا پروف ڏسي رهيو هئس، جويو صاحب سي. آئي. ڊي جي هڪ سب انسپيڪٽر سان آيو. مون کي پروف پڙهندي ڏسي واپس هليا ويا. مقصد صاف هو ته اهو ڪم آئون نه پيو ڪريان پر هيءَ پيو ڪري. مون اڳ به لکيو آهي ته ماڻهوءَ جي ڪردار جو تعين موقعي ۽ مهل جي بنياد تي ئي درست ريت ڪري سگهجي ٿو. ان وقت مون کي مودوديءَ جي خلاف لکڻو هو: ”جماعت اسلامي هڪ نظر ۾!“

❊❊❊

حسن ناصر جي شهادت، نياز جي لچپائين ۽ منهنجي جوئي صاحب جي ڪن ذاتي حقيقتن تي آگاهه هئڻ سببان جوئي صاحب اوپرائپ اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. سجاد ظهير جو خط ۽ پنهنجا بيا خط مون جوئي صاحب جي حوالي ڪيا ته جيئن سندس دل تان مون پاران خاطري رهي، جو حسن ناصر جي شهادت ۽ گرفتارين بعد حالتون ڪافي پريشان ڪندڙ هيون. حسن ناصر جي شهادت وقت پاڻ لکيو هيائين:

'دوراهي پہ آ ڪي ڪڙا هي زندگي ڪا ڪاروان'

'آلائي ڇا ٿئي؟!'

ناصر جي شهادت بعد، ترت "يوم حسن ناصر" فتح ٽيڪسٽائل ملز يونين پاران ملهايو ويو جنهن جي صدارت جوئي صاحب کي ڪرڻي هئي، پر حسن ناصر جي شهادت بعد حالتون ناسازگار ڏسي پاڻ نہ آيو- نيٺ ان جي مون صدارت ڪئي- جڏهن تہ ان قت منهنجي ذمي 9 ٻار رلين ۾ هئا، جن جي پيٽ قوت جو واحد وسيلو منهنجي سرڪاري نوڪريءَ تي هو.

## صدارتي تقرير

# يوم حسن ناصر

**عزيز** ساٿيو ۽ عظيم پورهيتئو!

آئون لطيف جي لفظن ۾ شهيد حسن ناصر کي خراجُ عقيدت پيش ڪريان ٿو:

ڪَر جا ڪڏ ڪَنئي، ٻوڻ ڪارڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پارَ پَئي، غيبتِ غارُ ٿيو!

ايوب گورنمينٽ ۽ ان جي حوارين، پنهنجي پر ۾ ايئن ٿي وسهيو تہ شيطاني منصوبن ۽ وحشياڻين حرڪتن سان، حسن ناصر کي ختم

ڪري، مظلوم عوام جي گونجندڙ آواز کي دٻائي ڇڏبو. تاريخ ان ناپاڪ مقصد کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ ناصر جو بيگناهہ خون رائگان نہ ويو. اڄ حسن ناصر جي مقدس خون مان هزارين حسن ناصر جنم وٺي چڪا آهن، ۽ مظلومن جو آواز، هارين ۽ مزدورن جو آواز، شاگردن ۽ اديبن جو آواز، شاعرن ۽ دانشورن جو آواز فولاد کان سخت ۽ هماليہ کان وڌيڪ اتاهون بنجي چڪو آهي.

اڄ انهيءَ آواز کي، انهي طوفان کي، انهي سرخ سمنڊ کي دنيا جي ڪابہ طاغوتي طاقت، ڪوبہ وحشياڻو منصوبو روڪي نٿو سگهي. اڄ مظلوم جو آواز فضائن ۾ ڪڙڪا پيو ڪري. ڌرتيءَ جي دل کي پيو ڌوڏي، ۽ پهاڙن کي لرزش ۾ پيو آڻي.

ساٿيو! آئون اوهان کان پڇڻ ٿو گهران تہ اڄ ڪير زنده آهي؟ حسن ناصر يا ناصر جا قاتل؟ يقينن سيني کي ايئن ئي چوڻو ۽ قبول ڪرڻو پوندو تہ ناصر جا قاتل مري چڪا آهن. شهيدن جي خون ۾ جن بہ پنهنجا ناپاڪ هٿ رنگيا آهن. دنيا شاهد آهي تہ تاريخ انهن مجرمن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو آهي. حسين رضہ زنده آهي، ۽ يزيد تي اڄ بہ 1400 سو سال لمنبي عرصي گذرڻ پڄاڻان، لعنت ۽ ملامت ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو ٿو رهي. حسين تاحيات زنده آهي، ڇاڪاڻ تہ ناصر ان ساڳي عظيم روايت کي، پنهنجي خون جي آبياريءَ سان زنده ڪيو آهي.

ساٿيو! وعدو ڪريو تہ شهيد ناصر جي لائح عمل ۽ ان جي عظيم بهادراڻي روايت کي جيئاريندي، جن بہ ساٿين شهادت جو جام پيتو آهي. اڄ يا سڀاڻ، اڳي يا پوءِ، انهن مڙني شهيدن جو بدلو وٺنداسين. پوري نياءَ ۽ پوري انصاف سان. نہ جوش ۽ جذبات ۾ اچي.

شهيد ناصر جي ياد اسان لاءِ هڪ پيغام آهي، هڪ لائحہ عمل آهي، جنهن تي ڪاربند رهي، مظلوم عوام جي صحيح رهنمائي ڪري، کين ڦرلٽ ۽ استحصال جي جهنم مان ڪڍي، خوشحاليءَ جي جنت ۾ آڻڻو آهي. اسان سينيءَ کي انهيءَ مقصد لاءِ جيئڻو آهي ۽ انهي مقصد لاءِ ئي مرڻو آهي.

آخر ۾ آئون ناصر جي مقدس خون ۽ پورهيت عوام جي مظلوميت ۽ بيوسيءَ جو واسطو وجهندي، عوامي خادمن کي اپيل ٿو ڪريان، تہ

پنهنجن اختلافن کي ختم ڪريو۔ اسان جي بي اتفاقي، اوهان جي بي اتفاقي مظلوم کي فائدي بجاءِ ڇيهو رسائيندي. اچو تہ واعدو ڪريون تہ، اسين پنهنجي صفن ۾ اتحاد وسيلي، پنهنجي عظيم مقصد جي حاصلات لاءِ اڳي کان بہ اڳرا ٿينداسين.

شهيد زنده باد! ناصر زنده باد! مظلوم عوام زنده باد!"

13، نومبر: 1970ع

**مهيني** پڻ بعد، اَسداَلله شاهه حسينيءَ کي جيڪو سِنڌ يونيورسٽي ۾ ٻين هنڌن تي ٻه چار ڪتاب بغل ۾ وجهي اديب ۽ داناءَ جي حيثيت ۾ پٽڪندو وتندو هو. ابراهيم جوئي جي وڃڻ کان پوءِ، غلام رباني آگري کي اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو هو ۽ اڳوٽي آفيس جيڪا سول لائين ۾ هئي، اُتان ٽپڙ کڻي، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي پر ۾ بنگلي نمبر_ 4 (ڄاموٽن جي) ۾ منتقل ٿياسين. انهيءَ دوران مخدوم طالب المولي، اسد اَلله شاهه حسينيءَ کي پنهنجي هَٿان پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هيءَ صاحب جلد ئي پارسي زبان ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪري موٽي آيو. هن جي اچڻ تي مخدوم صاحب جيڪو بورڊ جو چيئرمين هو، تنهن اَسداَلله شاهه حسينيءَ کي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو. پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ کان پوءِ به منجهس ڪا صلاحيت ڪانه هئي. سيڪريٽرري طور ڪافي عرصو رهيو. ربانيءَ جي صلاح مشوري کان سواءِ منجهس لکپڙهه جي ڪابه اهليت نه هئي. ان عرصي ۾ مون وٽ ڪيترائي نوجوان آفيس ۾ ايندا هئا. هيءَ سڳورو حڪومت جو وڏو خيرخواهه هوندو هو. مون کي هڪ ليٽر لکيائين:

"آفيس ۾ ڪنهن به ماڻهو سان سياسي گفتگو ڪندئو ته اوهان جي نوڪري ختم ڪئي ويندي"

سندس اهڙي ليٽر جي جواب ۾ مون ڪيس جيڪو ليٽر لکيو ان جو نقل هتي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيان ٿو:

## سِنڌي ادبي بورڊ پاران مڙهيل بندش جو جواب

**جناب** سيڪريٽري صاحب سنڌي ادبي بورڊ.

گذارش ته اوهان جي ليٽر نمبر_(183_68) مورخه 22 آگسٽ 1968ع ۾ مون تي جيڪي بندشون عائد ڪيون ويون آهن، اهي هڪ

اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ آئون پنهنجي ملازمت ۽ راءِ جي آزاديءَ تي هڪ زيادتي واري ۽ افسوسناڪ بندش تصور ڪريان ٿو. ان سلسلي ۾ آئون اوهان جي مذڪوره ليٽر ۾ ڄاڻايل هدايتن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي، وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو: "آفيس ۾ ايندڙ ماڻهن سان ڪا بہ اهڙي گفتگو نہ ڪئي وڃي، جنهن کي ڪو سياسي رنگ هجي. . ." ان حڪم جي جواب ۾ گذارش آهي تہ: اها پرک ڪيئن ڪئي ويندي تہ آيا مون پنهنجي ڪنهن ملاقاتي (دوست يا ڪنهن شڪي ماڻهو) سان "سياسي رنگ" واري گفتگو ڪئي آهي؟ مثال طور ڪو فرد منهنجي خلاف ارادتن غلط ڳالهہ اوهان جي ڌيان تي آڻي، جنهن سان حقيقتن منهنجو ڪو بہ واسطو نہ هجي تہ اهڙي حالت ۾ مون کي ڪيئن انصاف پلئہ پوندو؟ يا تہ آئون هر وقت پنهنجي ملازمت جي حق جي بچاءَ لاءِ آفيس جو سمورو وقت ڪنهن بہ ماڻهو سان نہ ڳالهايان ۽ جيڪو ملاقاتي (يا خود آفيس جو ئي ماڻهو) اچي تہ ان سان ڳالهائڻ وقت کيس چوان تہ: 'مون سان نہ ڳالهاءِ_ مون تي بندش پيل آهي!' مون کي اها ڄاڻ تہ هجي منهنجي تقرير ۽ تحرير تي بندش ڪهڙين حقيقتن جي بناء تي بندش عائد ڪئي وڃي ٿي.

حڪومت جڏهن ڪنهن بہ فرد تي بندشون وجهندي آهي تہ معتوب تي ملاقاتين سان ڳالهائڻ تي بندش جو آرڊر ڪندي آهي. تقرير يا تحرير جي سلسلي ۾ يا تہ بندش وڌي ويندي آهي، يا گرفتار ڪيو ويندو آهي، مون کي اڄ تائين ڪو بہ اهڙو نوٽيس نہ ڏنو ويو آهي.

اڳتي هلي اوهان لکيو آهي تہ "انحرافي ڪرڻ جي حالت ۾ اوهان جي خلاف سخت انتظامي قدم کنيو ويندو ۽ ملازمت مان بنا ڪنهن نوٽيس جي برطرف ڪيو ويندو."

هنن لفظن مان چٽيءَ طرح معلوم ٿو ٿئي تہ اوهان ڪنهن ذاتي دشمنيءَ جي بناء تي اهڙو قدم کنيو آهي. آئون اوهان کي ڌيان تي آڻڻ چاهيان ٿو تہ آئون "رائٽرس گلڊس" جو ميمبر آهيان. پاڪستان جي ڪيترن ناميارن اديبن ۽ دانشورن کي اوهان جي هن کنيل قدم متعلق آگاه ڪرڻ پنهنجو حق ڄاڻان ٿو. بهتر ايئن آهي تہ اوهان پنهنجي جاري ڪيل هدايتن تي نظرثاني ڪريو.

_يار محمد 'ابن حَيات' پنهور

**ڀُٽي** جي هن خيرخواهہ کي اها خبر بہ ڪا نہ هئي تہ جنهن ڪيس هَڙان خرچ ڪري پي. ايچ. ڊي لاءِ موڪليو هو، پيپلز پارٽيءَ ۾ نائب صدر هو. سندس ڀُٽي وٽ ڪهڙي عزت هئي. هڪ دفعي مخدوم طالب المولىٰ اسلام آباد ويو، بنا ڪنهن اطلاع جي ڀُٽي جي آفيس ۾ گهڙي ويو. ڀٽي ڏانهس نهاري چيو:

"مخدوم هيءَ اوطاق آهي؟"

اهو جواب ٻڌي هيءَ بزرگ انهيءَ مهل ڪراچي روانو ٿيو. ڀُٽي کي خبر پيئي، تہ وري ڪراچي تارَ ڪري، حڪم موڪليو تہ مخدوم کي واپس هيڏانهن ڏياري موڪليو نہ اچي تہ ڪيس گرفتار ڪري جيل ۾ رکو! اهو ثبوت ڀُٽي جي حڪومت دوران ڪراچيءَ جي صوبائي آفيس ۾ موجود هو.

منهنجي خلاف آفيس ۾ حالتون خراب ٿينديون ويون. رباني اهو ساڳيو نہ رهيو. ان وقت هن جيڪي تڪليفون ڏنيون ان جو اظهار ڪرڻ مناسب نہ ٿو ڄاڻان. آخر مونکي نوڪريءَ کان سبڪدوش ڪرڻ لاءِ اِهڙا حربا هلايا ويا جو لاچار استيعفا ڏنيم.

ٻن چئن هفتن بعد مون ون يونٽ خلاف بُک هڙتال تي ويهڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت منهنجي دوست ع. غ. سنڌي، ديدار جتوئي، قاسم مشوريءَ ۾ ٻين اعتراض ڪيو تہ 'اوهان بيمار آهيو.' مون هڪ نوجوان خالد سنڌيءَ کي، ع. غ کي هار پارائي، حيدر چوڪ وٽ بُک هڙتال تي ويهاريو. شيخ اياز جيڪو ان ڏينهن اورينٽ هوٽل ۾ رهيل هو. ڪيس ۽ حيدر بخش جتوئيءَ کي هڙتال واري هنڌ وٺي آيس. هيءَ نوجوان چوويهہ ڪلاڪ بک هڙتال پوري ڪري روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن آئون بک هڙتال تي ويٺس. مون وٽ رات جو ڪيترا اڙدو ڳالهائيندڙ ڪامريڊ، نوجوان ۽ سنڌي شاگرد سڄي رات ڪچهريون ڪندا هئا. احسن الهاشمي هڪ رات مون وٽ هڙتال تي آيو. انهيءَ رات هن هڪ شعر پڙهيو، جنهن جو بند ياد اٿم تہ:

## ست ئي پيڙهيون سُورَ ۾!

**بُک** هڙتال دوران، مير ٻهرام ۽ شايد قاضي عابد نارنگين جا ٻہ ٽوڪرا کڻي آيا. مون نارنگين کائڻ کان انڪار ڪيو. ڪن دوستن چيو تہ مهاتما گانڌي بک هڙتال دوران نارنگين جو رَسُ پيئندو هو. مون انڪار ڪيو تہ اهو گانڌيءَ جو اصول هو هيءَ منهنجو آهي.

روزانو هڪ سنڌي پاڙي وارو ٽي دفعا چانهه پياريندو هو.

ٽن ڏينهن بعد جڏهن رات جو گهر آيس ته منهنجي حالت تمام خراب هئي. ٽي. بيءَ جو مريض اڳ ئي هئس. اها رات گهر ۾ بيهوشيءَ جي حالت ۾ گذاريم.

'4 فيبروري 1969ع تي بورڊ کان نڪرڻ بعد 29 جُون 1971ع تائيين پٽڪندي، آخر لڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيم. پنهنجي هڪ مائٽ سجاول پنهور جي روبرو اهو فيصلو ڪري، سُپاڻي روانو ٿيان ٿو.

'حيدرآباد کي ڇڏيندي، دل جُهري پيئي اٿم ۽ اکين مان ڳوڙهن وَهندي، مٿيون فيصلو ڪيو اٿم.

(9 نومبر 1971ع، تگوسر مان ٽپڙ کڻي، 12، نومبر 1971ع تي حيدرآباد ڦليلي آيس.' 29.06.71ع، ڊائري 1969ع تي لکيل نوٽ).

ان بعد آئون ڪتابن جو وڪرو ڪندو هئس. ڪجهه ڪتاب محترم جي. ايم. سيد، ۽ تنوير عباسي مدد طور ڏنا:

ڪجهه ڏينهن بعد نورالدين بہ ناول، هڪ "غريبن جوورثو" ۽ ٻئي جو نالو "انصاف جي آهوتي" (جيڪو انگريزي ادب تان ترجمو هو)، ٻنهي ڪتابن جون ٻہ ڳوٺيون مون ڏانهن ڏياري موڪليائين:

## خط :

بندر روڊ، ڪراچي، سنڌ.

***پائين*** کان وڏيڪ پيارا ياءَ!

خط تنهنجا ٻئي پهتا. جواب نہ ڏيڻ جو مون وٽ ڪو معقول سبب نہ آهي. اميد تہ معاف ڪندين. جلد موڪليندين.

"انصاف جي آهوتي" ۽ "غريبن جو ورثو" بلڪل تيار آهن. ۽ جلد جا ٻہ اکر موڪليندين. ٻي طرح مڙئي خيريت آهي، منهنجو گذريل پنجن سالن ۾ ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪرڻ نہ ٿيو آهي. پائنجي ٿو تہ تون بہ ويجهڙائيءَ ۾ هن طرف نہ آيو آهين. وڏيڪ ڇا لکان.

دوستن سيني انتقامن وساري ڇڏيو آهي، جوئي صاحب لاهور وڃڻ کان اڳ هڪ خط لکيو هو جنهن جو مون اڃا تائين جواب نہ ڏنو آهي.

مهرباني ڪري سندن صحيح پتي ڪان واقف ڪج. سلام ابوبڪر منگسيءَ کي گهڻا چوندا.

نيازمند:
نورالدين سرڪي
ڪراچي.

**اهي** ڪتاب، ڪامريڊ عزيزالسلام بخاري ورڪ تي ويندو هو ۽ وڪرو ڪندو هو. ون يونٽ بعد ڪراچيءَ ۾ محمد خان چاوڙي ۽ حسين بخش پنهور سان به ملاقات ٿيندي هئي. بيروزگاري ۽ بيماري دوران نور الدين جوئي صاحب کي ساڻ وٺي مون ڏانهن ايندو رهيو.

ڪجهه عرصي گذرڻ بعد نورالدين سان "اورنگزيب مارڪيٽ" ڪراچيءَ ۾ ملڻ ٿيو. پاڻ هڪ ڪوارٽر ۾ رهندو هو ۽ وڪالت ڪندو هو. وٽس ٻيا ٻه ٽي وڪيل هوندا هئا. مون کي هڪ سوويت ڪتاب وٺڻو هو. نورالدين ميٺارام هاسٽل جي ڀرسان هڪ جاءِ ۾ وٺي آيو. اتي کي مهاجر سڏائيندڙ نوجوان هئا. ڪانئن ڪارل مارڪس جي "داس ڪيپيٽل" جا جلد ۽ ٻيا ڪجهه ڪتاب خريد ڪيم.

ان عرصي ۾ آئون سڄي سنڌ ۾ هر هنڌ ڪتابن جو ٿيلهو کڻي ٺٽي ضلعي، نوابشاهه، خيرپور ميرس، دادو، لاڙڪاڻي، سکر، جيڪب آباد، ٿرپارڪر ضلعن ۾ هر مهيني ويندو هئس.

سکر ۾ شيخ اياز وٽ پراڻي سکر ۾ سندس آفيس ويس. اياز ويٺو هو. رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ (پنهنجي عاقل وارو) ۽ ٻيا نوجوان وڪيل وٽس ڪم سکندا هئا. اڌ ڪلاڪ بعد مون کي هڪ الڳ ڪمري ۾ ويهاريائين. درحقيقت ان وقت اياز منهنجي اچڻ ڪان ڏنو ٿي. شام جو وقت هو. رات جو 8_9 بجي آئون، شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي ڪار ۾ چڙهي سِنڌُو نديءَ جي ڪپ تي هڪ هوٽل ۾ آياسين. ڳالهين دوران اياز کي چيم ته،

"ٻه چار مهينا هڪ سو رپين جي مدد ڪر، آئون سِنڌُ ۾ ون يونٽ خلاف ڪم ڪندس."

جواب ۾ چيائين ته "هن وقت خاموش رهڻ وڌيڪ مناسب آهي."

آفيس ۾ اچڻ وقت مون کيس (اياز کي) ”سپان جو سوال!“ ڪتابچي جون پنج ست ڪاپيون ڏنيون. هن بزرگ اهي ڪاپيون وٺي، باٿ روم ۾ وڃي ڦاڙي اڇلائي ڇڏيون. هوٽل کان واپس اچڻ بعد رشيد کي چيائين:

”پنهور کي پاڻ وٽ رهاءِ.“

ٻاهر نڪتاسين، رشيد چيو: ”ياڙيو ماٺو آهي.“

سِنڌُ ۾ باضمير اديب رشيد ڀٽيءَ ٿي هو، ٻيا اڙدو ڳالهائيندڙ ڪامريڊ هئا.

ان کان پوءِ ڪيترا ڀيرا سکر ويس، پر وٽس نه ويندو هئس. ساڳيو ڪتاب سجاول جي ڪامريڊن لاءِ وڏو اتساهه هو. جڏهن ڪراچي ڪٺي ويو هئس جي. ايم. سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وينا هئا. جي. ايم مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪتاب نه ملڻ جي ميار ڏنائين. ڪتاب ڏنومانس ته ڏاڍو خوش ٿيو.

فتاح ملڪ، پني عاقل وارو حيدرآباد ايندو هو. ڏاڍي خوشامد ڪندو هو. هڪ ڀيري وٽس پني عاقل ويس. دروازو کڙڪايم، منهنجو نالو ٻڌي لڪي ويو. اهو ذڪر ڪندي مون کي ڪامريڊ پيڪر نقوي ياد ٿو اچي.

ٺٽي ۾ رهائش دوران ڪامريڊ پيڪر نقوي رسول بخش پليجي وٽ آيو. پليجو کيس گهر جي پرسان هڪ ڪمري ۾ ويهاري، پاڻ ويو هليو. هيءَ بزرگ ٽي. بي جو مريض هو. کيس ان حالت ۾ ڏسي ڏاڍو درد ٿيو. مون ۽ ناصر مورائي انهي جي ٻه ڏينهن خدمت ڪئي. هن ڪامريڊ کي خيرپورميرس مان نيڪالي ڏني ويئي هئي. هن جي بهادري متعلق ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي سندس ياد ۾ ”اج نه پسان سي...“ جي عنوان تحت مقالو شايع ڪرايو هو. اهو مضمون سندس فاقي ڪشيءَ ۽ سندس بهادري متعلق هڪ دردناڪ داستان هو.

هيءَ سال 51_1952ع جو زمانو هو. ان وقت ڪامريڊ پيڪر سکر ۾ ڪامريڊ سيد شمس الدين وٽ اڪثر رهندو هو.

ڪامريڊ برڪت علي آزاد اصل پنجاب جو هو. شايد جيڪب آباد مان هڪ هفتيوار اخبار ڪڍندو هو. هن غريب جو گذر ڪونہ ٿيندو هو. پوءِ اتان لڏي، اخبار ۽ پريس عبدالڪريم گدائيءَ جي حوالي ڪري، پاڻ سکر هليو آيو. مسڪين هو. ڪتابن جو دڪان کوليو هئائين. ڪتاب وڪڻندو هو، اُن تي گذر ڪندو هو. مون وانگر مختلف هنڌن تي ڪتاب کڻي ويندو هو.

***

21, اپريل:1968ع تي حيدرآباد ۾ ملهايل ”جشن روح رهاڻ“ منعقد ٿيو. محفل مذاڪري جي صدارتي تقرير سري ”روح رهاڻ ۽ سجاڳي“ تحت ڪيم:

## ”صدارتي تقرير:

# روح رهاڻ ۽ سُجاڳي

(جشن روح رهاڻ“ _20, اپريل:1968ع.)

***رسالي*** ”روح رهاڻ“ جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ ان سِنڌُ علمي ۽ ادبي حلقن ۾ سجاڳي آڻڻ ۾ ڪهڙو پارٽ ادا ڪيو؟ تہ انهيءَ سوال جو فقط هيءَ ئي جواب آهي تہ ”روح رهاڻ“، پنهنجي معصوماڻن خوابن جي دنيا ۾، هڪ البيلي ٻار وانگر ڇالُ ڏيندي، بنهہ اڻچاتل منزل ڏانهن وکون کڻندي ۽ وڌندي ٿي رهي. ان جي اهڙا البيلائي ۽ اها لاپرواهي، ڪنهن نواب يا ڪارخانيدار جي ٻار وانگر ڪانہ هئي، جيڪو بدقسمتيءَ سببان، دنيا ۾ اک کولڻ شرط ايئن محسوس ڪرڻ لڳندو آهي تہ ’قدرت ڪائنات جا علمي خزانا ۽ جاهہ و جلال جا مڙيئي مرتبا، سمورن حقن ۽ واسطن سميت، سندس خاندان کي دائمي طور ورثي ۾ ڏيئي ڇڏيا آهن.‘ پر، ”روح رهاڻ“ جي البيلائيءَ ۾، پنهنجي مفاد ۽ انا کان الڳ، هڪ خواهش، هڪ مقصد هو. اهو مقصد هيءَ هو تہ پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪبي رهجي. شروعاتي دور ۾، هر آئي وئي ادب دوست، توڙي انهن، جيڪي پنهنجين محفلن کي سينگارڻ خاطر، عملي تعاون بجاءِ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي مقصد بحث ڪري، پنهنجي ادب دوستي ۽ قومي درد جون وڏي وات دعوائون آهن، تن مڙني گڏجي پُٺي ٺپري ۽ ’واه واه!‘ ڪئي.

سال ٻن کان پوءِ، جڏهن ”روح رهاڻ“ ٻاراڻي منزل تان ٽپ ڇلانگ هڻي، هڪ نڊر مچن ريهہ، ڳڀرو جوان جي عمر کي پڳي، تڏهن ان، سِنڌُ جي مڙني اديبن، شاعرن، عالمن ۽ دانشورن جي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ،

پنهنجون مخلصانہ ٻانهون ڦهلايون_ جوانيءَ جي جوش ۽ جذبي، وقت جي بيجا ارڏاين ۽ ناانصافين سان ٽڪرجڻ جي آمادگي ڏيکاري_ پٽو پيو تہ ٻولي، ادب ۽ قوم جو معاملو ٻاراٽو کيل ڪونهي، موجوده ستر لک سنڌي قوم ۽ ان جي آئنده نسلن جي موت ۽ حياتيءَ جو مسئلو آهي، انهن جي بچاءَ ۽ بقاءَ جو سوال آهي.

ان بعد، روح رهاڻ سان همدردي وارا، مخالفت جو طوفان ڏسي، گوشي نشين ٿيڻ لڳا. اتفاق سان رستي هلندي منجهائن ڪن جي ڪا اوچتي منهن ميل ٿي ٿي، تہ هُو اڳوڻي همدرديءَ ۽ همت افزائي بجاءِ حيرت جي نگاهن سان ڏسندا ٿي رهيا. گويا سندن خاموشي اهو پڇي رهي هجي تہ 'تو ڪيئن هيڏي معاملي ۾ هٿ وڌو آهي؟'، 'سنڌي زبان جا پيا بہ تہ رسالا آهن؟' تڏهن روح رهاڻ طرفان ڪين، سندن ئي سواليا انداز ۾ اها ورندي ڏني ٿي ويئي تہ 'حيرت جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، ماضيءَ جي سموري تاريخ اهڙن مثالن سان پري پئي آهي، تہ جڏهن ڪنهن بہ هيٺي ڪان هيٺي، پنهنجي وقت جي سچ کي منين ۾ مضبوط جهليو آهي، تڏهن هن ظلم ۽ جبر جي سرڪش ڪان سرڪش ديو جو ست ڏيئي، ڪنڌ پچي پئي وڌو آهي.' سچ پچ تہ "روح رهاڻ" هيلتائين انهيءَصداقت تي ڪاربند آهي ۽ هُو پنهنجي قوم، ٻولي، ادب ۽ ٻين مسئلن کي صحيح روپ ۾ پيش ڪرڻ جو عزم ڪري چڪي آهي.

روح رهاڻ جي منتظمين، هڪ طرف نون اديبن ۽ شاعرن جي تخليقن کي شايع ڪرڻ فرض ڄاتو تہ ٻئي طرف نئين ادب ۽ اديبن متعلق غلط پروپئگنڊائن جي قلعي کولي، ساري قوم جو ڌيان ڇڪائڻ ضروري سمجهيو. هنن، سِنڌُ جي برک اديبن ۽ شاعرن جي تخليقن کي شايع ڪندي ۽ پنهنجي ادارتي نوٽن ۾ ادب متعلق بنيادي حقيقتن جي وضاحت ڪئي. هر اديب ۽ فنڪار کي اپيل ڪئي ويئي تہ هو مروج سماجي قدرن، خيالن ۽ رسمن رواجن کي جيئن آهن، تيئن قبول ڪرڻ بجاءِ، انهن جي اجوڪي عملي صورت کي، پنهنجي دل جي ڪسوٽيءَ تي ديانتداريءَ سان پرکڻ جي ڪوشش ڪري.

ٿيو هيئن، جو جڏهن "روح رهاڻ" ۾ ادب ۽ معاشري متعلق بنيادي حقيقتون منظر عام تي آيون، تڏهن اهي سمجهڻ ۽ ويچارڻ بجاءِ، مورڳو

اهڙين حرفتن ۽ بهتانبازين کان پوءِ بہ پنهنجي همت ۽ حوصلي سان آزاديءَ جي نعمتن سان روشناس ٿي چڪو آهي.

سرمائيداري سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ ڪمزور قومن سان جيڪي ظلم، زيادتيون ۽ ڦرلٽ ڪئي ويجي ٿي، ان جي مختصر تصوير ڪنهن حد تائين پيش ڪئي وئي آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ سوشلسٽ سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ مختلف قومن کي ڪهڙا حق ۽ خود اختياريون حاصل آهن ۽ وٽن قوم ۽ قومي آزادي جي ڪهڙي معنيٰ ۽ مراد ورتي ويجي ٿي.

ڪامريڊ اسٽالن پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "قوم ۽ قوميت" ۾ انهيءَ مسئلي تي روشني وجهندي، چوي ٿو:

"قوم ماڻهن جي هڪ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي جو نالو آهي، جنهن جي ترقي ۽ واڌاري ۾ تاريخ جو هٿ ونڌايل هجي، جيڪا صدين کان ڪنهن خاص علائقي ۾ رهندڙ هجي، جيڪا هڪ زبان ڳالهائيندڙ هجي، جيڪا صدين کان ڪنهن هڪ علائقي ۾ رهندڙ هجي، جنهن جي روزگار جا مشترڪ ذريعا هجن ۽ جنهن جي نفسياتي بناوت هڪجهڙي هجي ــ يعني اهڙي نفسياتي بناوت، جنهن جو اظهار سندن تهذيبي اتحاد جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هجي."

انهن مٿين شرطن مان جيڪڏهن ڪو بہ شرط ڪنهن انساني گروه يا جماعت سان لاڳاپو نٿو رکي، تہ ان گروهہ کي "هڪ قوم" ڪين چئبو. فرض ڪريو ڪنهن انساني گروهہ جي نفسيات ۽ ڪردار هڪجهڙو آهي، پر اقتصادي شرڪت ۽ ٻولي جي هڪجهڙائپ نہ آهي تہ ان کي هڪ قوم ڪين ڪوٺبو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن انساني جماعت جي زبان، نفسيات ۽ قومي ڪردار ساڳيا آهن، پر سندن مشترڪ علائقائي رهائش نہ آهي، تہ ان کي بہ هڪ قوم جي دائري ۾ شمار ڪين ڪيو ويندو.

ساڳي تصنيف ۾ قومن جي ذاتي حقن جو اظهار هن ريت ڪيو ويو آهي:

"سوشلسٽ سرشتي هيٺ هر هڪ قوم کي پنهنجي خاص ذاتي ڪردار پٽاندر ترقي ڪرڻ جي راهہ ۾ پوري آزادي ڏيڻي آهي. هر قوم

اهڙين حرفتن ۽ بهتانبازين کان پوءِ بہ پنهنجي همت ۽ حوصلي سان آزاديءَ جي نعمتن سان روشناس ٿي چڪو آهي.

سرمائيداري سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ ڪمزور قومن سان جيڪي ظلم، زيادتيون ۽ ڦرلٽ ڪئي ويجي ٿي، ان جي مختصر تصوير ڪنهن حد تائين پيش ڪئي وئي آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ سوشلسٽ سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ مختلف قومن کي ڪهڙا حق ۽ خود اختياريون حاصل آهن ۽ وڌن قوم ۽ قومي آزادي جي ڪهڙي معنيٰ ۽ مراد ورتي ويجي ٿي.

ڪامريڊ استالن پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "قوم ۽ قوميت" ۾ انهيءَ مسئلي تي روشني وجهنديءَ چوي ٿو:

"قوم، ماڻهن جي هڪ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي جو نالو آهي، جنهن جي ترقي ۽ واڌاري ۾ تاريخ جو هٿ ونڊايل هجي: جيڪا صدين کان ڪنهن خاص علائقي ۾ رهندڙ هجي: جيڪا هڪ زبان ڳالهائيندڙ هجي: جيڪا صدين کان ڪنهن هڪ علائقي ۾ رهندڙ هجي: جنهن جي روزگار جا مشترڪ ذريعا هجن ۽ جنهن جي نفسياتي بناوت هڪجهڙي هجي_ يعني اهڙي نفسياتي بناوت، جنهن جو اظهار سندن تهذيبي اتحاد جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هجي."

انهن مٿين شرطن مان جيڪڏهن ڪوبہ شرط ڪنهن انساني گروه يا جماعت سان لاڳاپو نٿو رکي، تہ ان گروهہ کي "هڪ قوم" ڪين چئبو. فرض ڪريو ڪنهن انساني گروهہ جي نفسيات ۽ ڪردار هڪجهڙو آهي، پر اقتصادي شرڪت ۽ ٻولي جي هڪجهڙائپ نہ آهي تہ ان کي هڪ قوم ڪين ڪوٺبو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن انساني جماعت جي زبان، نفسيات ۽ قومي ڪردار ساڳيا آهن، پر سندن مشترڪ علائقائي رهائش نہ آهي، تہ ان کي بہ هڪ قوم جي دائري ۾ شمار ڪين ڪيو ويندو.

ساڳي تصنيف ۾، قومن جي ذاتي حقن جو اظهار هن ريت ڪيو ويو آهي:

"سوشلسٽ سرشتي هيٺ هر هڪ قوم کي پنهنجي خاص ذاتي ڪردار پٽاندر ترقي ڪرڻ جي راهہ ۾ پوري آزادي ڏيڻي آهي. هر قوم

سماج ۾ سڄي قوم کي هڪ پليٽفارم تي آڻڻ لاءِ طبقاتي مفادن کي نظرانداز ڪين ڪرڻو پوندو. سنڌي قوم ستر لک فردن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پنجهٺ لک پورهيت طبقو آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا آهي.

*(هتان ڪافي مواد رسالي جي ايڊيٽر حميد سنڌي جي سنسر جي ور چڙهي ويو، ان سان ته مضمون جو سارو مقصد ئي فوت ويو_ ابن حيات)*

حيرت جو مقام آهي ته هيلتائين اڪثر لکيتن ۾ قومي مسئلي کي اهڙي گول مول انداز سان پيش ڪيو پيو وڃي جو پورهيت طبقي مان جڏهن ڪي فرد انهن لکيتن کي پڙهن ٿا، يا ڪنهن محفل، ڪنهن مشاعري يا جلسي ۾ قومي برادري متعلق ڪي ڳالهيون ٻڌي گهر موٽن ٿا ۽ پنهنجين قاتل رلين ۽ گودڙين تي نظر وجهن ٿا، يا جڏهن پنهنجن بکايل ۽ بيمار ٻچن جي چهرن ڏانهن نهارين ٿا، تڏهن سنڌن اکين مان جنسي رت جا ڳوڙها وهي ٿا هلن. ساڳي ريت، جڏهن زندگيءَ جي وک وک تي ظالم ۽ ڪنور وڏيرن طرفان پاڻ تي اڪيچار ظلم ۽ زيادتيون ڏسن ٿا، يا جڏهن هڪ مزدور سنڌي ڪارخانيدار جي ٽجوڙيءَ ۾ پنهنجو رت ۽ ست گڏ ٿيندو ڏسي ٿو تڏهن هنن جون دليون پاري وانگر ٽڙپي وڃن ٿيون. اهڙي وقت هنن جي اندر مان پنهنجي مظلوميت جي آگ، پڙڪو ڪائي، ٻاهر اچڻ تي چاهي.

روح رهاڻ جا اڪثر ليکڪ پورهيت طبقي مان ئي آهن. انڪري ته پاڻ مٿانئن وڌيڪ فرض ۽ جوابداريون عائد ٿيون ٿين. هو جنهن وقت پنهنجي تخليقن کي عوامي زندگيءَ جي سرچشمي مان جنم ڏيئي، پورهيت طبقي کي ٻڌي ۽ اتحاد جي احساس ڏيارڻ سان گڏوگڏ، ڪين پنهنجن مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ جو رستو ڏيکاريندا، تڏهن اهڙو ادب هڪ طرف تصنع، لفظي جادوگري، سمجهوتيبازي ۽ منافقائيءَ کان پاڪ ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻئي طرف ان ادب کي، زندگيءَ جي انهي پيغام کي، هر انسان دوست، هر انصاف جو ڳولائو پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندي ويرم ئي ڪين ڪندو.

”روح رهاڻ“ جا منتظم پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪڏهن به پٺتي نه رهيا آهن. انهيءَ جو اهوئي ثبوت آهي ته سنڌن سڏ تي، سوين اديب ۽ شاعر، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي اچي هتي شريڪ ٿيا آهن. اڄ

’روح رهاڻ‘ ڪنهن فرد، ٽولي يا جماعت جو آواز نہ آهي، هڪ سجاڳيءَ جي مشعل آهي، جنهن کي وڌيڪ روشن ڪرڻ لاءِ لکين دليون پنهنجي تعاون ۽ سهڪار جو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ يقين ۽ اعتماد ڏياري رهيون آهن_ جيئي سِنڌُ.

’روح رهاڻ‘، مئي_ جون 1968ع“

## رشيد ڀٽي: ’جشنِ روح رهاڻ‘ مان تقرير مان ٽڪرو

***اسين*** سوچيندا ڳالهائيندا هال ۾ داخل ٿياسين. مذاڪري جي محفل شروع ٿي چڪي هئي. هن ميڙ جو مور ڪرسي والاري چڪو هو ابن حيات پنهور پنهنجي دائمي روايتي گنڀيرتا سان حاظرين ڏانهن نهاري رهيو هو. ابن حيات، ساڳئي وقت تي وقت جو ابو حيات بہ آهي. سندس چهري جي سنجيدگي سِنڌُ جي صدين جي سچ جو نچوڙ لڳندي آهي. ورلي مرڪندو آهي، پر اُن ۾ بہ ساٽيهہ جي زمانن جي پيڙائن جي ڪوڙاڻ جهلڪون ڏيندي ڏيکاربي آهي. هن يار پنهنجي سموري پونجي ديس تي داءَ لڳائي آهي.“

٭٭٭

گهٽي عرصي بعد، جڏهن عزيزالسلام بخاريءَ جي پارٽي ورڪ کي ڪتابي صورت ڏني ويئي تہ ٻهرين پارٽي بڪليٽ جي هڪ ڪاپي مون ڏانهن موڪلي ويئي. ڪامريڊ بخاري پنهنجي اُن ڪتابچي: ”ٻو مڙيوئي ٻيل“ ۾ ڪتابچي جو انتساب منهنجي نالي هن ريت ڪيو:

## ارپنا :ٻئو مڙوئي ٻيل :

قابل احترام سائين ابن حيات پنهور جي نانءُ، جيڪو سڀني جمار مظلوم ۽ محڪوم طبقن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم وسيلي نت نوان حوصلا ۽ راهون ڏيکاريندو رهيو آهي.“

_عزيز السلام بخاري.

(ڪتاب_ ”ٻئو مڙيوئي ٻيل!“).

"سِنڌ اسٽوڊنٽس فرنٽ" طرفان 2 ڊسمبر 1967ع تي "قوم ۽ زبان" جي عنوان سان هڪ مذاڪري جي مجلس اورينٽ هوٽل حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي ويئي. فيڊريشن جي صدر هدايت حسين استقباليا تقرير پيش ڪئي. سِنڌ اسٽوڊنٽس جي زير احتمام "قوم ۽ زبان" جي موضوع تي حيدرآباد ۽ سکر جي بعض مقررينن مقالا پڙهيا ۽ مطالبو ڪيو ته علائقائي زبان کي به قومي زبان جهڙو درجو ڏنو وڃي، اُنهن سان مناسب سلوڪ ڪيو وڃي. صدارتي تقرير کان پوءِ حسن حميدي، رسول بخش پليجو ڊاڪٽر رشيد، حفيظ قريشي، مون (ابن حيات)، فتح اَللهُ عثمان به خطاب ڪيو. مجلس مذاڪري ۾ فيض احمد 'فيض' ۽ شيخ اياز جا پيغام پڙهي ٻڌايا ويا، جيڪي ڪنهن سبب مذاڪري ۾ شرڪت نه ڪري سگهيا. "قوم ۽ زبان " متعلق سمپوزيم جو بندوبست، سِنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان اورينٽ هوٽل ۾ تاريخ 3 ڊسمبر 1967ع تي منعقد ڪيو ويو هو جنهن جي صدارت مون ڪئي. ٻئي سال يعني 3، نومبر: 1968ع تي، سِنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي حيدرآباد ۾ ڪوتايل ساليانا ڪنوينشن جي موقعي تي، اڳئين سال واري مذاڪري ۾ ڪيل تقريرن کي ڪتابچي_ "قوم ۽ زبان" جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو هو:

## قوم ۽ زبان (سمپوزيم)

***دوستو!***

آئون هن موضوع متعلق پنهنجي خيالات جي اظهار کان اڳ، هن مذاڪري جي منتظمين جي شڪريه ادائي ڪرڻ مناسب ڄاڻان ٿو. جن پنهنجي همت ۽ حوصلي سان هن اهم مسئلي کي، وقت جي تقاضائن پٽاندر اهميت ڏيئي، اوهان ۽ اسان سڀنيءَ جي هڪبئي سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ رهبريءَ لاءِ مناسب موقعو ميسر ڪيو آهي.

هنن نوجوانن هڪ اهڙي مسئلي کي سڀنيءَ جي سامهون رکيو آهي، جيڪو اسان جي سرزمين تي ڪافي عرصي کان مختلف روپن ۾

پيش ٿيندو پئي رهيو آهي_ ڪڏهن اُن جي هڪڙي معنيٰ مراد پئي ورتي ويئي آهي تہ ڪڏهن ٻي. تنهنڪري ان جي تاريخي پس منظر تي روشني وجهڻ پڻ ضروري آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ان کان پوءِ ئي اسان کي اها حقيقت معلوم ٿيندي تہ هيءَ مسئلو وقت بوقت جادو جيئن کهڙين نت نئين بگرين مان نڪرندو ۽ پنهنجا ڪرتب ڏيکاريندو رهي ٿو.

دوستو!

گهڻو عرصو اڳ، جڏهن برصغير هند ۽ پاڪ جي قسمتن جا فيصلا انگريز سامراجين جي هٿ ۾ هئا، تڏهن اسان جي ديسواسين مان هڪ اهڙو طبقو جيڪو انگريزن کان اڳ هتان جي ڪروڙها عوام کي نڌڻڪي ڳئون ڄاڻي، ٻيئي پاسا ڏهہ ڏهہ دو پنهنجا تس ۽ چونئريون پريندو ٿي رهيو تنهن کي جڏهن اڳي وانگر انهيءَ مُور جي مال کي غنيمت ڄاڻي، ٻنهي هٿن سان پاڻ ڏانهن ٻوهڻ ۽ تجوڙين ڀرڻ ۾ ڪجهہ رڪاوٽ ٿي، تڏهن هُن انگريز کي لوڏڻ لاءِ ”هندو مسلم ڀائي! ڀائي!“ جو نعرو هنيو. اُن وقت هندستاني عوام جيڪو ٻہ طرفو ڏُيڃي رهيو هو ۽ جنهن کي هڪ طرف وڏيرا، جاگيردار، سرمائيدار، واپاري ۽ ڪامورا پيڙي رهيا هئا، اهو عوام في الحال تہ پنهنجن ڌورن جي منهن ۾ نهارڻ لڳو. ۽ انهيءَ حيرت ۾ اچي ويو تہ هيءَ ابي ڏاڏي کان اسان جو رت چوسيندڙ جن سدائين اسان سان جانورن وارو ورتاءَ پئي ڪيو آهي، سي اڄ ڪيئن اسان کي پنهنجا ڀائر سڏي رهيا آهن. اها ڳجهارت ڀڄڻ ڏکي بہ ڪانہ هئي. آخر سوچيندي پتو پيين تہ ’ٻہ جوئاگير‘. اسان جي ئي رت جي ورهاست تان پنهنجي ويڙهہ ۾ سامان جي حصي رسيءَ لاءِ اسان کي استعمال ڪرڻ گهرن ٿا_ هنن سوچيو تہ جيڪڏهن اسان جي ئي زور ۽ ٻانهن جي ٻل سان انگريز ڌورو (جيڪي اسان جو بہ رت چوسين ٿا) ڌڪاڻجي سگهجن ٿا، تہ سيان انهيءَ ئي ٻانهن جي ٻل سان ديسي ڌورن کي بہ قبر ۾ اُڇلي سگهجي ٿو.

ان وقت 45 ڪروڙ هندستاني، طبقاتي ويڇن جي باوجود پاڻ ۾ هڪ قوم هڪ ڀائر ليکجڻ لڳا. ڪجهہ وقت انهيءَ عارضي اتحاد کان پوءِ، اوچتوئي اوچتو ”هندو مسلم ڀائي! ڀائي!“ بجاءِ ”هندو مسلم دشمن! ويري!“ جو نعرو گونجڻ لڳو_ محبت ۽ اتحاد بجاءِ نفرت ۽ دشمنيءَ جي باهہ چوطرف ڀڙڪڻ لڳي. مطلب تہ اڳتي هلي دولتمند طبقي جو ”هندو مسلم

پائي! پائي! ۽ هڪ قوم“ وارو نظريو تاريخ غلط ثابت ڪري ڏيکاريو. اُن کان پوءِ وري هڪ ٻي چالبازي سوچي ويئي، يعني مذهب جي بنياد تي ”سمورا هندستاني ٻه قومون“ شمارجڻ لڳا. پر، قوميت جي هن نئين نعري توڙي اڳوڻي نعري وقت، هندستان جي عوامي تحريڪن پاران مخالفت ٿيندي پئي رهي. عوامي نمائندن جو چوڻ هو ته ”ڌرم جي بنياد تي نڪي سمورا هندو هڪ قوم آهن ۽ نڪي اسلام جي بنياد تي سمورا مسلمان هڪ قوم آهن.“ هندن ۽ مسلمانن جي ڌرمي گروهن ۾ ڪيتريون ئي قومون شامل آهن؛ جن کي پنهنجن الڳ الڳ تاريخي، ثقافتي، لساني ۽ اقتصادي حالتن جنم ڏنو آهي ۽ پرورش ڪئي آهي. ۽ ساڳئي وقت هر قوم ۾ پورهيت غريب ۽ ڪائو شاهوڪار جو ٻه فرق ظاهر آهي. هر قومي ۽ طبقاتي حقيقت جي پروڙ وارن کي ڦورو شاهوڪارن ۽ سندن انگريزن گڏجي ڪچلڻ ۽ مارڻ شروع ڪيو. اج جو اسين گڏ ٿيا آهيون سو انهيءَ لاءِ ته قوم ۽ زبان جي اصل سوال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪيون، انهيءَ لاءِ ته انگريزن جي بيٺڪي آفت ۽ مڪاني طور پورهيت غريب ۽ انگريزن جي جيءَ حضوري قومي ڪائو شاهوڪار واري ٻه طرفي لتمار وارن جادوگر ظالمن کان اسان بُکين ڏکين پورهيت غريبن جي پنهنجي نجات يا ڇوٽڪارو ڪيئن ٿئي؟ جيڪڏهن اج اها حقيقت قبول نه ڪئي ويندي ته سيان انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ بعد، ننڍين ۽ ڪمزور قومن سان، طاقتور قومون وري به اهائي ساڳي ڦرلٽ ڪنديون.“

عوامي نمائندن طرفان قوميت جي انهي اظهار ۽ پرچار هندو مسلم سرمائيدار جاگيردار ۽ زميندار طبقي کي ڇرڪائي ڇڏيو. هنن جڏهن پنهنجي اها چالبازي به ڪامياب ٿيندي نه ڏٺي، تڏهن مجبور ٿي اها حقيقت قبول ڪيائون ته هندستان واقعي گهڻين قومن واري هڪ رياست آهي ۽ هر هڪ قوم کي پنهنجي اندروني علائقائي خود مختياريءَ جو حق هئڻ گهرجي. مطلب ته مختلف سياسي چالبازين مان گذرندي، ڀارت ۽ پاڪستان جو ورهاڱو الڳ الڳ قومن جي حق خود اختياريءَ واري اصول تي وجود ۾ آيو.

مٿين تاريخي جائزي وٺڻ کان پوءِ ڏسبو ته اهو بحث نه رڳو اج اسان وٽ وڏي اهميت رکي ٿو پر دنيا ۾ (سوشلسٽ ملڪن کانسواءِ)، هر

مظلوم قوم جي موت ۽ زندگيءَ جو مسئلو بنجي چڪو آهي. چاڪاڻ تہ سامراجي قوتن، گهڻ قومي رياستن ۾، پنهنجي سياسي طاقت جي آڌار تي ٻين قومن جا بنيادي حق ماريا آهن. هنن، پنهنجين رياستن اندر قومن جي وچ ۾ انصاف ۽ برادريءَ جي بنياد تي گڏجي ملي رهڻ بجاءِ ڏاڍ، ڏنڊي، حرفت ۽ چالاڪي ۽ مذهب يا ٻئي ڪنهن جذباتي نعري ڪان ڪم وٺي، گمراهي ڦهلائي، ڪمزور قومن جي خون پسيني تي ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيا آهن_ مثال طور سندن زمينن، واپار ۽ نوڪرين تي قبضا ڪرڻ، سندن زبان ۽ تعليمي ادارن تي بندشون وجهڻ، تقرير ۽ تحرير جو حق ڪَسڻ ۽ انهيءَ ڦرلٽ کي دائمي چالو رکڻ لاءِ ڪيترين ڪيڏبازين ۽ اٽڪلن کم آڻڻ تي سندرو ڪٽي ٻڌو آهي. جڏهن ڪنهن بہ قوم جي اهڙي عام مظلوميت واري صورتحال بنبي آهي، تڏهن ان قوم جو سرمائيدار طبقو (جنهن جي ذاتي ترقيءَ جون سموريون راهون بند تي ويندڻون آهن) پاڻ سان، پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان ڪلمڪلا ڏٺيون وائٺيون زيادتيون ۽ ظلم ڏسندي ۽ محسوس ڪندي، پنهنجي قوم جي مڙني طبقن کي متحد ڪري، جدوجهد ڪندو آهي. مظلوم قوم جي اهڙي جوش ۽ جذبي کي ڏسندي، طاقتور قوم جو غاصب طبقو قومي مسئلي جون عجيب و غريب تاويلون ۽ پروپئگنڊائون ڪري، مظلوم قوم جي ئي ڪن ناشناس فردن کي مالي ۽ سياسي طور تي نوازي، پنهنجو هم آواز بنائي، آزاديءَ جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهائيندو آهي. پر جڏهن سندن اهي شرمناڪ حرڪتون ۽ اٽڪلبازيون پنهنجو اثر ۽ جادوگريون وڃائي ويهنديون آهن، تڏهن ڪمزور قومن جي سجاڳ فردن تي ڪي پراڻا ۽ ڪٽ ڪاڏل تہ ڪي وري نوان هٿيار گهڙي ٺاهي، موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ ڪان استعمال ڪيا ويندا آهن_ مثلن ڪين ايئن چئي خاموش ڪرايو ويندو آهي تہ "اوهان مذهب جي مخالفت ٿا ڪريو" يا وري ايئن چئي دٻايو ويندو آهي تہ "اوهان ملڪ دشمن آهيو. اوهان ڪنهن غير ملڪي طاقت جي اشاري تي پنهنجي ملڪ جا ويڙي ٻڌجي، ان جون پاڙون پٽي رهيا آهيو"، وغيره، وغيره. پر اڄ اهي چالبازيون بہ ڪم ڪونہ ٿيون ڏين. چاڪاڻ تہ دنيا ڏينهون ڏينهن انهن دوکيبازين کي وڌيڪ سمجهندي ۽ سجاڳ ٿيندي رهي ٿي_ خاص ڪري انهن ملڪن جو عوام چڱي طرح ڄاڻي چڪو آهي، جيڪو قومي آزاديءَ جي لڙائي ۾،

اهڙين حرفتن ۽ بهتانبازين کان پوءِ بہ پنهنجي همت ۽ حوصلي سان آزاديءَ جي نعمتن سان روشناس ٿي چڪو آهي.

سرمائيداري سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ ڪمزور قومن سان جيڪي ظلم، زيادتيون ۽ قرلٽ ڪئي ويجي ٿي، ان جي مختصر تصوير ڪنهن حد تائين پيش ڪئي وئي آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ سوشلسٽ سرشتي هيٺ گهڻ قومي رياستن ۾ مختلف قومن کي ڪهڙا حق ۽ خود اختياريون حاصل آهن ۽ وٽن قوم ۽ قومي آزادي جي ڪهڙي معنيٰ ۽ مراد ورتي ويجي ٿي.

ڪامريڊ اسٽالن پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "قوم ۽ قوميت" ۾ انهيءَ مسئلي تي روشني وجهندي چوي ٿو:

"قوم ماڻهن جي هڪ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي جو نالو آهي، جنهن جي ترقي ۽ واڌاري ۾ تاريخ جو هٿ ونڊايل هجي؛ جيڪا صدين کان ڪنهن خاص علائقي ۾ رهندڙ هجي؛ جيڪا هڪ زبان ڳالهائيندڙ هجي؛ جيڪا صدين کان ڪنهن هڪ علائقي ۾ رهندڙ هجي؛ جنهن جي روزگار جا مشترڪ ذريعا هجن ۽ جنهن جي نفسياتي بناوت هڪجهڙي هجي_ يعني اهڙي نفسياتي بناوت، جنهن جو اظهار سندن تهذيبي اتحاد جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هجي."

انهن مٿين شرطن مان جيڪڏهن ڪوبہ شرط ڪنهن انساني گروه يا جماعت سان لاڳاپو نٿو رکي، تہ ان گروهہ کي "هڪ قوم" ڪين چئبو. فرض ڪريو ڪنهن انساني گروهہ جي نفسيات ۽ ڪردار هڪجهڙو آهي، پر اقتصادي شرڪت ۽ ٻولي جي هڪجهڙائپ نہ آهي تہ ان کي هڪ قوم ڪين ڪوٺبو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن انساني جماعت جي زبان، نفسيات ۽ قومي ڪردار ساڳيا آهن، پر سندن مشترڪ علائقائي رهائش نہ آهي، تہ ان کي بہ هڪ قوم جي دائري ۾ شمار ڪين ڪيو ويندو.

ساڳي تصنيف ۾ قومن جي ذاتي حقن جو اظهار هن ريت ڪيو ويو آهي:

"سوشلسٽ سرشتي هيٺ هر هڪ قوم کي پنهنجي خاص ذاتي ڪردار پٽاندر ترقي ڪرڻ جي راهہ ۾ پوري آزادي ڏيڻي آهي. هر قوم

پنهنجون عدالتون، پنهنجا انتظامي ڪاتا ۽ پنهنجا اقتصادي ۽ سرڪاري شعبا پاڻ قائم ڪري_ رياست جي دفتري زبان، قاعدا قانون ۽ ٻي هر ڪا ڳالهه مادري زبان ۾ قائم ٿيڻ گهرجي. هر قوم لاءِ اقتصادي توڙي ٻيا آفيسر خود انهيءَ قوم مان چونڊيا ۽ مقرر ڪيا وڃن; ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي قوم جي رسمن رواجن ۽ نفسياتي معاملن کان پوري ريت واقف هوندا_ هرهڪ قوم پنهنجي پريس، پنهنجا اسڪول، پنهنجا ٿيئٽر، پنهنجون ڪلبون ۽ پنهنجو ٻيو سمورو ڪاروبار مادري زبان ۾ هلائي.“

دوستو! هن کان اڳ ڄاڻائجي چڪو آهي ته سرمائيداري سرشتي ۾ هڪ قوم ڪي هٿ وٺي اها ڇڙواڳي ڏني ويندي آهي ته هو ڪمزور قومن جي خون پسيني مان جاوا ڪندي، سندن تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن تي پڻ ڀرپور وار ڪري; ڇاڪاڻ ته جيسين ڪنهن قوم ڪي ذهني ترقي ۽ بلند حوصلي جي راهن تان هٽايو نه ويندو آهي، تيسين ان قوم جو ذهني تباهي ۽ موت جي راهن ڏانهن ڌڪجڻ ناممڪن هوندو آهي. اهوئي خاص ڪارڻ هوندو آهي جو سرمائيداري سرشتي هيٺ هڪ زبان کي وڏيڪ اهميت ڏيئي، ٻين زبانن جي ترقيءَ جي راهن ۾ رنڊڪون وڌيون وينديون آهن_ زبان جي مسئلي ۾ جيڪڏهن ڪو ترقي پسند ذهن يا انقلاب دوست ايئن چوي ٿو ته ”تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي مسئلن کي ايتري اهميت ڏيڻ نه جڳائي; ڇاڪاڻ ته اصل مسئلو اقتصادي ڦرلٽ آهي.“ ته اهڙن شخصن کي ڪامريڊ اسٽالن جي هيٺين لفظن ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي:

”محڪوم قوم جي سرمائيدار طبقي تي، حاڪم قوم جو جيترو ئي ظلم ٿيندو آهي، اوترو ئي محڪوم قوم جو مزدور طبقو به متاثر ٿئي ٿو_ آمدرفت تي پابندي لڳائڻ، ووٽ ڏيڻ جي حق کان محروم ڪرڻ، قومي زبان کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ، تعليمي ادارن تي بندشون وجهڻ ۽ ظلم ۽ ڦرلٽ جا ٻيا طريقا استعمال ڪرڻ_ اهي سمورا ظلم، جيڪي حاڪم قوم طرفان ڪيا ويندا آهن، انهن کان محڪوم قوم جو سرمائيدار طبقو پڻ متاثر ٿيندو آهي ۽ مزدور طبقو به. انهن بندشن وجهڻ سان محڪوم قوم جي مزدور طبقي جي ذهني واڌاري ۾ رنڊڪون پيدا ٿينديون آهن_ مزدورن جون دماغي صلاحيتون اهڙي صورتحال جي موجودگيءَ ۾ وڌي ويجهي سگهن ٿيون، جڏهن ڪين پنهنجن جلسن ۽

تقريرن ۾ مادري زبان اختيار ڪرڻ ۽ خود مادري زبان ۾ پنهنجن تعليمي ادارن قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي (قوم ۽ قوميت).“

مٿين جائزي کان پوءِ اسان کي اقتصادي مسئلن سان گڏوگڏ ۽ ساڳي اهميت سان پنهنجن تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي مسئلن کي به نگاهه ۾ رکڻو پوندو ۽ اهو سوچڻو پوندو ته سنڌي قوم اڄ مجموعي طور ڪهڙين راهن ڏانهن تيلهبي ۽ ڏڪاڻبي رهي ٿي.

ڊسمبر: 1967ع.“

**رشيد** پٽي ۽ تنوير عباسيءَ جو فيصلو اهو هو ته ’تنوير، شمشير، نور محمد پليجو(؟) اسلام آباد وڃي، ون يونٽ ۽ ٻولي واري معاملي تي تقاضا ڪن.‘ ڪانفرنس هوٽل ۾ ٿي. مون مخالفت ڪئي. شمشير ۽ نورمحمد پليجي (؟)، اديبن ۽ شاعرن کي مالي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي ته ’اسين ٻيئي وڃون ٿا قومي اسيمبليءَ ۾، اُتي وڃي ٻوليءَ واري سوال تي تقاضا ڪنداسين.‘ مون اُتيئي مخالفت ڪئي. مون چيو ’عوام ۾ سجاڳي آئي، پوءِ وڃو_ اوهان ٻنهيءَ کي ڪير پڇندو به ڪونه. پهريان عوام جو آواز اٿاريو.‘

تنوير کي خبر پيئي ته چيائين،

’آئون هجان ها ته ساٿس وڙهان ها ته، ڇو مخالفت ڪيائين؟‘

اها خبر پئي، تنوير ڏانهن اسپتال آيس، ’تنوير وڙهه پلي، پر ٻڌاءِ ته هيءَ ٻه ڄڻا وڃي ڪهڙا ڦاڙها مارين ها؟ عوام جو آواز آهي ڪونه. عوام ٻوليءَ جي گهُر ئي ناهي ڪئي! هيءَ ٻئي وڃي قومي اسيمبليءَ ۾ پئسا ڪائيندا، چڪر هڻي موٽي ايندا_ ٻيو ڪجهه ڪونه ڪري سگهندا.‘ پوءِ هن قبول ڪيو. ان بعد، رات جو هي آيو. آئون ويٺو هئس. مون هن کي ڪميونزم تي قائل ڪيو. هن مڃيو. چيائين:

’صحيح آ!‘

پوءِ هي سنڌس ڪپڙي جي مل خيرپورميرس وٽي هليو. ان مل جي ير ۾ پيڪر نقوي گذاري ويو هو. سويو ڏاڍو رنو هو. شايد هڪ ڪالم به پيڪر نقوي جي وفات تي لکيو هيائين: ”اڄ نه پسان سي. . .!“ هيءَ پوءِ ڪن ٻين ڪامريڊن وٽ وٽي هليو. جن کي مون سڄاتو ٿي. تنوير ۽ آئون ڇار پهر ويناسين. تنوير عباسي همت وارو ۽ دلير هو. هڪ ڀه دفعا

خيرپورميرس لڳ ٽيڪسٽائيل مل جي پر ۾ هڪ هوٽل تي وٺي آيو. اڪثر اتي رشيد ڀٽيءَ سان ملاقات ٿيندي هئي. رشيد ڀٽيءَ کي فون ڪئيسين. رشيد آيو. اُتي هڪ هوٽل ۾ ڪچهري ڪئيسين. تنوير سان خط وڪتابت اڪثر خيرپورميرس مان ٿيندي هئي:

**خط :**

سِنڌُ هاسپيٽل، خيرپورميرس.

***ادا يار محمد***

نهراءَ پهتو. جلد ان کي موجوده حالتن جي روشنيءَ ۾ ڇپائبو. اوهان مهرباني ڪري جوئي صاحب کي ياد ڏيارجو جيڪي ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪيو هيائين اهي ڪرائجو.

تنهنجو:

**تنوير**

**هن** وٽ مان ڪتاب وٺندو هئس. ان وقت جي. ايم. سيد جو ڪتاب هو: "نئين سِنڌُ لاءِ جدوجهد". تنوير رشيد کي چيو تہ سندس جيڪي وٽس ڪتاب آهن، سي 'ابن حيات کي ڏي تہ وٺي.'

تنقيد ۽ تبصري لاءِ آئون بيباڪ هوندو هئس. هن والٽيئر کي حوالي طور ڪتب آندو هو ۽ چيائين تہ والٽيئر چيو هو تہ "مان مرڻ تائين بہ انسان کي لکڻ جو حق وٺي ڏيندس!" مون چيو هو 'والٽيئر، جي اڄ زنده هجي ها تہ هن جي قلم کي فرهاد جي تيش واري روپ اختيار ڪرڻ کان سواءِ شايد ئي ٻي ڪا راهہ نظر اچي ۽ هن کي رات ڏينهن پنهنجن هيرن جي بچاءَ جي فڪر ۾ پهڻن کي لڳاتار هتوڙن هڻڻ کان گهڙيءَ پل جي بہ شايد ئي ڪا فرصت ملي، هو غريبن جي ڳالهہ ڪري ها.' والٽيئر تي منهنجي اها ڏاڍي مزيدار تنقيد هئي. اها ايتري مشهور ٿي جو ڪيترن ماڻهن وٽان ڪتاب آيا تہ مٿن تنقيد ڪيان. نبي بخش کوسي، ڏيپلائي ۽ نجم عباسيءَ وٽان ڪتاب آيا تہ مٿن تبصرا تنقيد ڪريان:

خط :

***برادرم يار محمد***

مهرباني ڪري آزاد ۾ مفصل تبصرو لکندا. مگر هن طرح جو پڙهڻ وقت هٿ ۾ پينسل گڏ رکي پڙهندا ۽ هنڌ هنڌ نشان ڪندا ويندا. پوءِ ڪتاب پوري ڪرڻ بعد تبصرو لکيل ۽ نشان ڪيل ڪتاب مون ڪي واپس ڪجو ته اوهان کي هڪ بيو نئون ڪتاب ڏبو. جن نشانن تي تبصرو لکو اهي به نه ڏاهجو جو انهن مان اهو خود محسوس ٿيندو ته هنن نشانن بابت اوهان جي دل ۾ ڪو خيال ضرور آيو هو پوءِ چاهي ان تي ڪجهه به نه لکو_ مگر اهي سٺون مون کي خيال ۾ آڻيون آهن. باقي تبصري لکڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه ڪندا. اهو ضروري ناهي ته اهو ڪو بجنسي ڇپبو. مگر منهنجي نظر ۾ اهو معلوم ٿي ويندو ته هن طرح به سوچي سگهجي ٿو. جيئن اڳتي ڪتاب پڙهندا ويندا تيئن محسوس ڪندئو ته "پٽر پرائو سُور سيڪا پنهنجا روئي،" مگر سورن روئڻ لاءِ به ڪو پٽر به ته هجي نه؟ ان ڪري اوهين وري پنهنجن سُورن کي منهنجن سُورن جي نقطي نگاهه سان ملائي پڙهندا.

تنهجو

**محمد عثمان ڏيپلائي.**

ڪتاب جو نالو "سانگهڙ" آهي."

انهن ئي ڏينهن ۾ پير حسام الدين راشدي پنهنجو هڪ ناهوڪو مضمون بعنوان: "سِنڌ جو پهريون سوشلسٽ، شاهه عنايت صوفي" لکيو هو ان جي جواب ۾ مون ڪيس روزاني "هلال پاڪستان" ۾ 6، سيپٽمبر 1969ع ڌاري واڌاين جو خط لکيو هو:

**پير حسام الدين راشدي ڏانهن**

6، سيپٽمبر: 1969ع.

***محترم*** راشدي صاحب.

روزانه "هلال پاڪستان"، مورخه 6، 1969ع سيپٽمبر جي پرچي ۾، اوهان جو مضمون، بعنوان : سِنڌ جو پهريون سوشلسٽ شهيد، شاه

عنايت صوفي“. نظر مان گذريو. بيحد خوشي ٿي_ اوهان کي صدها مبارڪون هجن!

سائين، هن دور جون پنهنجون تقاضائون آهن. انهن کان بيرخي، هڪ طرف ماڻهو جي وسيع النظري ۽ علمي ادبي ديانت تي حرف آڻي ٿي ته ٻئي طرف جنهن سرزمين جي آبهوا تي هُو پليو ۽ نپنيو آهي، اُن ۽ انهيءَ سرزمين جي گگدام عوام ڏانهن جوابده ٺهرائي ٿي. افسوس جو مقام آهي ته اسان جن عالمن ۽ بزرگن انهي ڏس ۾ مجرماڻي حد تائين غفلت اختيار ڪئي آهي.

وقت تلوار آهي، ڪنهن جو به لحاظ نه ٿو ڪري. اسان جو نئون نسل پنهنجن بزرگن ڏانهن سهي رهبريءَ لاءِ واجهائي رهيو آهي. تاريخ جي اهڙي نازڪ موڙ تي، جيڪڏهن سندن تسلي بخش رهنمائي نه ٿي ته انتهائي اگرا نتيجا نڪرندا!

هن سرزمين جي اٻوجهه عوام جو به پنهنجن بزرگن تي وڏو حق آهي. سنڌي عوام صدين کان وٽي پنهنجن پراون هٿان سرنهن جيان پيڙبو رهيو آهي. ائين نه ٿئي ته سيان وري به سندن گلي ۾ اهوئي ساڳيو ڳٽ ۽ ڳاراهو پيل هجي.

هيءَ حياتي ڪنهن کي به نيبهه نه آهي_ هڪڙا اڄ، ٻيا سڀان. فقط اهائي حقيقت دائم رهڻي آهي ته پنهنجي جيئڻ سان گڏوگڏ ٻين جي به جياپي لاءِ ڪيتري ڪوشش ڪئي ويئي. ٻي هر چيز فنا آهي.

خدا اوهان کي وڏي ڄمار ڏئي ۽ تنهان وڌ ٻين جي ڀلي جي توفيق عطا فرمائي.

نيازمند

**ابن حيات**

صبح جو ائين بجي حيدرآباد آيس.

هڪ ڳالهه جا اڳ بيان ڪرڻ گهربي هئي، سا هيءَ ته آئون ٿنڌي ڄام ۾ سخت بيمار هئس. ان وقت مير رسول بخش ٽالپر سِنڌُ جو گورنر هو. هيءَ ڀٽي جي وزارت عظميٰ جو دور هو. ايوب گورنمينٽ ۾ بلوچستان پنجاب جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو هو. ايوب نواب نوروز خان جا ڇهه پٽ گرفتار ڪرايا ۽ قرآن تي ويساهه ڏنائين ته سندن حياتيءَ سان ڪا به هٽ چراند نه ڪئي ويندي. پر ظالم ايوب، پوڙهي نوروز خان جي ڇهن ئي پٽن کي حيدرآباد ۾ ڦاسي ڏياري. ٻئي طرف بلوچستان جي بهادر

نواب عطا آللهُ خان مينگل جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت ضبط ڪري ڪيس بلوچستان مان نيڪالي ڏني ويئي. بلوچستان جي سيني بهادر قبيلن ۾ باهہ ڀڙڪي وئي.

ايوب خلاف بنگال، سِنڌُ ۽ سرحد ۾ سخت نفرت ۽ بغاوت جي باهہ ٻري وئي. تنهي صوبن جا نوجوان سر تريءَ تي رکي اڳتي وڌيا_ "ايوب ڪُتا، هاءِ! هاءِ!" جا نعرا شروع ٿي ويا. هر هنڌ ڪتن تي ايوب جو نالو لکي لٽيون هڻندا هئا. ايوب لاءِ استيعفا ڏيڻ کان سواءِ ٻي ڪا بہ راهہ نہ هئي. هفتي ٻن بعد هن ٿي. وي تي پنهنجي برطرفيءَ جو اعلان ڪيو.

مير رسول بخش خان ٽالپر نواب نوروز خان جي ڇهن ئي پٽن کي ڪفن ڏياريائي، بلوچستان روانو ڪيو. ٻئي طرف نواب عطا آللهُ خان مينگل ڪراچيءَ ۾ ايڪسيڊنٽ تي وفات ڪري ويو.

ان دوران مري خاندان جي هڪ نوجوان شير محمد مري بلوچستان ۾ چوڏاري بغاوت جي باهہ ڀڙڪائي. ڪيس بلوچستان مان نيڪالي ڏني ويئي. هيءَ بهادر نوجوان حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وٽ اچي رهيو. سرحد ۾ ولي خان ايوب خلاف باهہ ڀڙڪائي.

ايوب گورنمينٽ جي ظالماڻين ڪاروايـن جـو سمورو داستان پشاور مان نڪرندڙ اخبار "بانگ جرس" ۾ شايع ٿيو. انهي مضمون مون کي ايترو متاثر ڪيو جو بخار جي حالت ۾ ويهي سڄو سارو ترجمو ڪري، شيخ علي احمد جي اخبار ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ سندس آفيس ويس. پر شيخ صاحب جيڪا موٽ ڏني، تنهن سخت صدمون رسايو. جنهن جي رد عمل ۾ کيس خط لکيم:

**ڏانهن محترم شيخ (علي محمد) صاحب.**

***السلام*** عليڪم_ عرض آهي تہ ڪالهہ اوهان جي سرد مهري واري رويي بيحد ڏک رسايو. آئون اوهان وٽ ڪنهن ذاتي غرض سان ڪونہ آيو هئس. اوهان جي اخبار ۾ هڪ مضمون شايع ڪرائڻو هو. مون انهي مضمون ۾ پنهنجي ترجمي واري حيثيت بہ ڪانہ ڄاڻائي هئي جو ايئن ڪٿي تصور ڪجي تہ اها محنت نالي جي شهرت لاءِ ڪئي ويئي آهي.

اهو مضمون روزانہ اخبار ”بانگ جرس“، پشاور مان ترجمو ڪيو هئم ۽ ڇاڻايو اٿم تہ مذڪور مضمون اخبار مان ترجمو ڪيل آهي.

دراصل انهي ترجمي ڪندي، منهنجو مقصد هيءَ هو تہ پاڪستان بنجڻ کان وٺي اڄ تائين، خدا جي مظلوم پورهيت عوام کي، اَللهُ ۽ اسلام جي مقدس نالي ۾، جنهن بيدردي سان لٽيو ڦريو ۽ تباهہ ڪيو ويو آهي، انهي لٽيندڙ ۽ غاصب گروهہ کي ننگو ۽ اگهاڙو ڪيو وڃي. سنڌي زبان ۾ اڄ تائين اهڙو مضمون نہ ڪنهن لکيو آهي ۽ نہ ڪي شايع ٿيو آهي.

اوهان کي عجب لڳندو تہ ان مضمون جي مطالعي مون کي ايترو متاثر ڪيو. جو بخار جي حالت ۾ چار ڪلاڪ سانده ويهي محنت ڪيم.

هڪ صحافيءَ جي حيثيت ۾، اوهان جي ذات پنهنجي معاشري جي عام فردن کان وڌيڪ جوابدار آهي. اوهان کي پنهنجي فهم ۽ فراست کي مد نظر رکندي، پاڻ کان گهٽ سمجهہ ۽ شعور رکندڙن جي همت افزائي ۽ رهنمائي ڪرڻي آهي_ اوهان وٽان ڪنهن کي بہ بي واجبي طرح مايوس ۽ دلشڪستہ ٿيڻ جو موقعو نہ ملڻ گهرجي. اوهان تي پنهنجي ويساهہ وسوڙيل گگدام قوم جا وڏا حق ۽ فرض آهن. . . ليڪن افسوس اوهان جي انهي رويي منهنجي دل کي زخمي ڪري وڌو. اها شڪايت عوام سان ڪريان؟ سچ پچ تہ هنن چند جملن قلمبند ڪندي، دل کي وڏو درد رسيو.

**اوهان جو ابن حيات**

14 سيپٽمبر: 1969ع.

شيخ علي محمد اخبار جو ايڊيٽر بہ هو ۽ ادبي بورڊ جو ميمبر بہ هو. گراميءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪيس پائيءَ جي بہ اهميت نہ ڏيندو هو.

***

ڊاڪٽر (نبي بخش) بلوچ اڪثر ڪري نواب خير بخش مري وٽ ”مري هائوس“ بنگلو نمبر_3، ڪوئيٽا ويندو هو. شير محمد مريءَ جي بلوچستان مان نيڪاليءَ سببان هن بزدل ڪيس 15_20 ڏينهن بعد پاڻ وٽ رهائڻ کان معذرت ڪئي.

نوابشاهہ جي هڪ ڳوٺ گل بيگ مريءَ جو هڪ نوجوان فيض محمد مري ساڻس ملاقات لاءِ حيدرآباد آيو. هڪ ڏينهن مون ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ عزيز سلام بخاري ۽ شير محمد مريءَ جي

ٿنڊي مير محمود ۾ ملاقات ڪرائي. شير محمد مريءَ ڪي مون حيدرآباد جي ڪيٽرن هنڌن تي نوجوانن سان ملاقات ڪرائي.

شير بلوچستان شير محمد مري ناري ڊوري طرف پنجابي فوجين جي ڇانوٽين تي حملي ڪرائڻ لاءِ چوڪسي وٺڻ ويو ۽ واپسي تي اظهار ڪيائين ته انهي فوجي دستي کي ختم ڪرائڻ آسان آهي.

هن وقت پنجاب کي ڀُٽي کان سواءِ ٻيو ڪو به منظور نظر ڏسڻ ۾ نه آيو. پنجاب وڏي خوشيءَ سان ڀُٽي کي وزارت اعظم ڏيارڻ ۾ پنجاب جي سلامتي سمجهي. نتيجو اهو نڪتو جو پاڪستان ٻه ٽڪر ٿي ويو. لڪين مظلوم بنگالي بيدردي سان ناس ڪرايا ويا. انڊيا جي فوجي ڪمانڊر جنرل اروڙا ۽ جنرل اجيت سنگهه 99 هزار پاڪستاني فوجي گرفتار ڪرائي، اهڙي فاش شڪست ڏني، جنهن لاءِ بنگال خاص طور مجيب الرحمن سندن مهربانين جو شڪريو ادا ڪيو. ڀُٽو پوءِ به وزارت اعظم تي قائم رهيو. پنهنجي حڪومت دوران جيڪي ڪتاب شايع ڪرايا، انهن سيني ڪتابن تي مون جيڪي تبصرا ڪيا آهن سي پڙهڻ لائق آهن.

❊❊❊

آفيس جي مهورت بعد آئون بحيثيت آفيس سيڪريٽري مقرر ٿيس. ان وقت جيجيءَ زينت چنا، آغا غلام نبي خان، مجيب پيرزادو ۽ حميد سنڌي مون سان گڏ هئا. ان وقت مون "سِنڌُ متحده محاذ" ۽ "سِنڌُ بچاءَ ڪميٽي" طرفان سنڌي ماڻهن کي قومي اپيلون ۽ گذارشون ڪيون:

## سِنڌُ متحده واري دورِ ڪيل قومي گذارشون:

**گُذارش: I**

***بزرگو ۽ دوستو!***

اوهان پنهنجي دل تي هٿ رکو پنهنجي ضمير کان پڇو تہ اوهان جي پنهنجي سنڌي قوم ڪيترو سيڪڙو باشعور آهي. اڄوڪين حالتن تي صحيح ريت سوچي ٿو. اسان جي قوم جو 70 سيڪڙو تہ اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ آهي. جاهل مولوين، ۽ ٺڳ پيرن صدين کان وٺي کين اهو ٻڌايو آهي، ۽ سيکاريو آهي تہ ظلم ۽ بي انصافيءَ کي صبر سان سهو انهي جو اجورو اوهان کي آخرت ۾ ملندو. اهڙن ابوجهن تي ڪهڙي ميار آهي تہ هو سِنڌُ جي مظلوميت ۽ سموري قوم سان ٿيندڙ اڪيچار زيادتين ۽ ڏاڍاين تي سوچين ۽ ان جي خلاف گڏجي آواز اٿارين.

اسان جي پنهنجي قوم مان ڪيترا سنڌ دشمن ۽ قومي غدار آهن. اهي ڪرسين لاءِ بکايل ڪتا، موچڙي اڳيان نوس نوس ڪندا ۽ پڇ لوڏيندا ٿا رهن. اهي ذليل، ڏارين جي اڳيان هر قسم جي دلالي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن اهڙن ذليلن کي، جتي بہ گڏجن، ٿڪ لعنت ڪجي تہ اهو بہ هڪ قومي ڪم آهي.

اسان جي معصوم ٻچن ۽ ايندڙ نسلن جي ڀلائيءَ جو بار اوهان ۽ اسان سمجهه وارن تي آهي. اڄ خاموش ٿي ويهي رهڻ، نه رڳي هڪ ڪڏو ڪم پر پنهنجي وطن ۽ عوام سان تذليل آميز مجرماڻي روش آهي.

هاڻي اوهان پاڻ کان پڇو ته اوهان اڄ ڪان هن قومي ڪارج ۾ کهڙو ڪردار يا حصي جو ڪم ادا ڪندا؟ انهي سوال جو جواب اسين اوهان جي سجاڳ ۽ باغيرت ضمير تي ڇڏيون ٿا. جيئي سنڌ!

نوٽ: هيءَ گذارش جيترا به گهڻا سنڌي پائر پڙهن ته اهو پڻ هڪ قومي فرض ليکبو.

اوهان جي تعاون جي طلبگار: سِنڌُ بچاءَ ڪميٽي.

## II: "گذارش
## 1969ع.

هيءَ سرزمين اوهان جي آهي. اوهان جي بزرگن، خود اوهان ۽ اوهان جي اولاد جي عزت ۽ آسودگيءَ جو دارومدار هن ئي سرزمين تي آهي. اڄ سرزمين سِنڌُ اسان مڙني جي اکين اڳيان ڌارين جي هٿان لٽبي، ڦربي ۽ ناس ٿيندي پيئي وڃي. سِنڌ جي ڪنهن به حصي، ڪنهن به شهر ۾ وڃو ته اوهان جي پنهنجي سنڌي قوم ويچاري ۽ اپالي ڏسبي. اڄ هو پنهنجي زبان هوندي، پنهنجي وطن هوندي، بي زبان، بکي ۽ اگهاڙي آهي_ سندس زمينن، ڪارخانن، واپار ۽ ٻين ڌنڌن تي ڌاريان قابض آهن.

سنڌي قوم جي اهڙي مظلوميت خلاف جيڪو به آواز اٿاري ٿو اهو ڏوهي آهي_ جي. ايم. سيد، غلام محمد لغاري، مسعود نوراني ۽ ٻيا انهي ڏوهه جا ڏوهاري آهن ۽ انهي سببان جيلن ۾ بند آهن.

اڄ ڪنهن به سياسي پارٽيءَ کي سنڌي قوم جي مظلوميت ۽ سِنڌُ جي تباهيءَ جو ذري ماتر به احساس نه آهي. ون يونٽ جي زنجيرن مان سِنڌُ کي آزاد ڪرڻ جو سوال ڪا به سياسي جماعت ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. سِنڌُ نيشنل عوامي پارٽي جنهن سِنڌُ جي آزادي، قومي مسئلي ۽ سوشلزم جون ڪجهه وقت اڳ ڳالهيون ٿي ڪيون، تنهن ويچاري، مڙني مسئلن تان هٿ ڪڍي، جماعت اسلامي جهڙي بدنام زمانا جماعت سان ناهه ڪري ڇڏيو.

سِندُ جي اجوڪي حالت ڏسندي، لطيف سائين جي هڪ بيت جو هيٺيون بند، دل تي تري ٿو اچي:

"مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٿيندي سهٽي."

جيڪڏهن اسين اجان بہ ننڊ ۾ آهيون ۽ پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ جي اون نہ اٿئون تہ پوءِ شايد اهو منحوس ڏينهن بہ پري نہ آهي، جڏهن اسان جو نسل ڀيلن ۽ ڪولهين واري زندگي گذاري.

اچو تہ پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪريون ۽ پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ لاءِ سِندُ جي عزت ۽ آسودگيءَ لاءِ، پنهنجي حال آهر ڪنهن بہ مدد ۽ تعاون ۾ وسان ڪين گهٽائيندا سون.

**جيئي سنڌ.**

اوهان جي اعليٰ حوصلي

۽ تعاون جي طلبگار:

**سنڌ بچاءُ ڪميٽي**

## گذارش: III

## 1969ع.

اوهان سِندُ جي مٿانهين ڪلاس (طبقي) کي چڱي طرح سڃاڻو. سِندُ جي غلامي ۽ هر لحاظ کان تباهي جو اصل ڪارڻ بہ اهي ئي شخص آهن. سِندُ دوستن کي ڪمزور ڪرڻ، انهن خلاف پروپئگنڊائون ڪرائڻ ۽ گڏوگڏ سِندُ دشمنن جي چاپلوسي ڪرڻ، عهدا، القاب ۽ ناجائز فائدا حاصل ڪرڻ، سون تي سيڻ مٽائڻ، انهن ئي ماڻهن جي فطرت رهي آهي.

سِندُ دوستن جون جيئن جيئن همتون ۽ حوصلا وڌندا رهندا، تيئن تيئن اهي دولت جا پجاري پنهنجي سرزمين (وطن) ۽ عوام جا بدخواهہ ۽ سياسي ساندا هر روپ ۾ سِندُ دوستن جي حلقي ۾ گهڙڻ ۽ معتبري حاصل ڪرڻ لاءِ شرمناڪ ڪوششون ڪندا رهندا.

سڄاڳ قومن جي تاريخ ۾ اهڙا هزارين مثال ملندا. اهي ساندا وڏي بي ايماني ۽ بد ديانتيءَ سان سڄاڳ قومن جي قافلي ۾ گهڙي دولت، مڪاري ۽ ٻين هزارها ذلالتن جوڳن طريقن سان قافلي جون واڳون پنهنجن هٿن ۾ جهلي، سموري مقصد تي پاڻي ڦيرڻ ۽ خود قافلي کي نگهوسار

ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا آهن. وچ مشرق، ويٽنام ۽ مغرب جون ٻيون ڪيتريون ڪمزور قومون، پنهنجن دشمن قومن کان وڌيڪ پنهنجي ئي قوم جي اهڙن شيطان صفت فردن هٿان ڪمزور ٿيون آهن جن قومي مفاد سان دوکو ڪيو آهي.

سِنڌُ دوستو! بيدار ٿيو ايئن نہ ٿئي جو اوهان جي همتن ۽ قربانين جو ثمر عوام دشمنن جي هٿ ۾ اچي ۽ سيان سندن ناپاڪ قدم عوام دوستن جي مقدس جسمن کي لتاڙيندا نظر اچن. انهن مڪارن ۽ بزدلن کي ڪن کان جهلي، منجهن موجود معتبر پڻي جا سمورا احساس، انسان ۽ وطن دشمن تصور ۽ خيالات دماغن مان ڪڍڻا آهن، ۽ کين هڪ سماجي فرد جي حيثيت ۾ آڻڻو ۽ قبول ڪرائڻو آهي.

سِنڌُ دوستن جي فوج جي هر سپاهيءَ کي اهو حق حاصل آهي تہ هو انهن مشڪوڪ ۽ عوام دشمن ماڻهن تي حڪم هلائي، قومي ڪاز ۾ ڪائنن هر ڪم وٺي، مالي ۽ جسماني بہ_ ڪائنن بينر ڪڻارايو بک هڙتالون ڪريو عوامي ميڙاڪن (جلوسن) ۾ رستي هلندي عوامي نعرا هڻارايو.

وطن دوستيءَ جي ثبوت ۾ انهن آزمائشن ۽ امتحانن ۾ جيڪڏهن رضا خوشيءَ سان نہ ٿا اچن تہ کين هڪدم لتون هڻي پاڻ کان پري ڪريو ۽ کين وڏي وات خبردار ڪري ڇڏيو تہ في الحال اوهان کي مهلت ڏيون ٿا تہ جيئن اوهين سوچي سمجهي صحيح راهہ اختيار ڪريو. ٻي صورت ۾ اوهان کان حساب وٺڻ لاءِ جلد پڇاڻي جي ڏينهن جو اعلان ڪرڻو آهي.

سِنڌُ دوستو! اوهين تاريخ ساز آهيو. نئين دور جا اڏيندڙ ۽ معمار آهيو_ سيان نئون نسل اوهان جا گيت ڳائيندو. اوهانجين مقدس مزارن تي گلن جي ورڪا ڪندو. بشرطيڪ اوهان جو عوام دوستيءَ ۾ ايمان رهيو. ٻي صورت ۾ اوهان جو بہ ساڳيو ئي حشر ٿيندو!

سِنڌُ جو لکين پورهيت عوام، هينئر ننڊ مان سجاڳ ٿيو آهي_ هو سيني جي آواز ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي_ اسان مان جڏهن بہ ڪنهن شخص يا ٽولي خدا، مذهب يا ٻي ڪنهن مڪاري ۽ چالاڪيءَ جي آڙ ۾ سندن مفادن کي نقصان پهچائڻ يا کين گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهي خاڪ ٿي ويندا، خاڪ ٿي ويندا!

اج ڪان پوءِ جيڪو بہ شخص عوام دشمنيءَ ۽ وطن سان غداريءَ جو ڪردار ادا ڪندو ان کي آگاهہ ڪرڻ اسان جو فرض آهي. چو تہ سيان عوامي درٻار ۾ مجرمن جو حساب وڏي بي رحميءَ سان فيصل ڪيو ويندو.

**جيئي سنڌ.**
اوهان جي اعليٰ حوصلي
۽ تعاون جي طلبگار:
**سنڌ بچاءُ ڪميٽي**

بنگال ۾ شيخ مجيب الرحمن ”عوامي ليگ“ جو بنياد وڌو. سِنڌُ ۾ عوامي ليگ جو صدر قاضي فيض محمد ايڊوڪيٽ نوابشاهہ وارو هو. ”متحده محاذ“ دوران نالي ماتر ون يونٽ ختم ٿيڻ جو اعلان ٿي چڪو هو. متحده محاذ ختم ٿيو. مجيب الرحمن حيدرآباد آيو. قاضي فيض محمد طرفان مون کي بنگال وڃڻ جو مشورو ڏنو ويو. عوامي ليگ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مجيب مون کي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن ٻچن جي پرورش ۽ سنڀال جو مون کان سواءِ ٻيو ڪو بہ پاتي نہ هو. قاضي فيض محمد جو سِنڌُ هاري ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾ اخبار ۾ هڪ بيان آيو جنهن لئہ لکيو مانس:

## خط :

***ڏانهن*** محترم قاضي فيض محمد صاحب

عرض تہ اج ”هلال پاڪستان“ اخبار ۾ صدر سِنڌُ هاري ڪاميٽيءَ جو اوهان سان تعلق رکندڙ بيان پڙهيم، نهايت ئي ارمان ٿيو. ان وقت منهنجي ذهن تي لطيف سائين جو هيٺيون بيت تري آيو:

اڱهيو ڪاٿو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئہ پايو سچ، آڇيندي لڄ مــــــران.

سائين منهنجا، حق جي سچائيءَ اهائي آهي تہ هو هيٺانئپ ۾ بہ ڏاڍائي سان لڙندو آهي. جيڪڏهن هو اهو ڪردار ادا نہ ڪري تہ ان کي حق چئي ئي ڪين سگھبو.

والسلام

**نيازمند ابن حيات**

26.10.1970ع

قاضي فيض محمد، نائب صدر پاڪستان عوامي ليگ، نوابشاهہ هو عوامي ليگ بنگال جو صدر شيخ مجيب الرحمان هو.

**ڪميونسٽ** هئڻ سبب منهنجي خلاف حيدرآباد ۾ سخت نفرت پئدا ڪئي وئي. حالتون اهڙيون پيدا ٿيون جو آئون جلد ئي ٽپڙ کڻي تگوسر تعلقي ڪپري ۾ پنهنجي عزيزن پنهورن وٽ وڃي رهيس.

هڪ اڌ مهيني بعد مون کي پيغام پهتو تہ سانگهڙ جو ڪليڪٽر اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. آئون، منهنجو عزيز الهجڙيو پنهور، سانگهڙ ۾ رهندڙ محمد دائم نالي پنهور وٽ ساڻس ملياسين. ڳالهين دوران مون کي چيائين تہ اوهان پنهور قوم جي تاريخ لکو. آئون اوهان جي مالي مدد ڪندس.

ان دوران پٿوري جي هڪ زميندار محمد عثمان پنهور کي منهنجي ڪليڪٽر سان ملاقات معلوم ٿي. ان مون کي دعوت ڏياري موڪلي. آئون هڪ عزيز سان وٽس ويس. رات جو ڪيترائي ماڻهو آيا، ساڻن ڪچهري ٿي.

صبح جو گهوڙي جي سواري وسيلي پٿوري اسٽيشن تي آيس. پٿوري ۾ هڪ اڳواڻ مهاجر عورت هئي، ان کي منهنجي اچڻ جي خبر پئي. پاڻ چانهن تيار ڪرائي اسٽيشن تي کڻائي آئي. مون وڏي خوشيءَ سان سندس آجيان ڪئي. اتان نبي سر اسٽيشن تي آيس.

ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جا نوجوان دوست اسٽيشن تي آيا. مون کي منٿون ڪيئون تہ رات جو اسان وٽ رهہ تہ ڪچهري ڪريون. مون سان گڏ ميرپور خاص جو هڪ لغاري نوجوان جيڪو "سچائي منزل" ۾ رهندو هو ان کين چيو تہ ٻئي دفعي اسان ٻئي گڏجي ايندا سين.

ميرپورخاص اسٽيشن تي پهتاسين، سخت برسات پئجي رهي هئي. اتان واپس تگوسر آيس. عبداَلله تپيدار (پنهور) کي اميد هئي ته پنهنجين نياڻين جا سنگ اسان کي ڏيندو. مون کين سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. غلام رسول پنهور، ڇُٽي جي پٽ پنهنجي چاچي الهجڙيي کان ڏيءَ جو سنگ گهريو هو. الهجڙيي هڪ پنجابي عورت سان شادي ڪئي هئي. الهجڙيو منهنجي اڳين زال (ساران) جو مامو هو. ساران کي الهجڙيي وارن پاليو هو. سيني پنهورن ۾ الهجڙيو مون سان هر حال ۾ همدرد هوندو هو. عبداَلله تپيدار الهجڙيي کي سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ٻه ٽي دفعا مامو هاشم ۽ ٻيا پنهور دادو کان عبداَلله وٽ آيا ته 'سنگ ڏي' عبداَلله ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندو هو.

هڪ ڏينهن کيس اوطاق تي گهرائي چيم ته 'بهتر جاڻين ته الهجڙيي کي سنگ ڏي'

عبداَلله مون کي سڃاڻندو هو. کيس خبر هئي ته هن ماڻهو جي هلندي پڄندي آهي. هڪدم اقرار ڪيائين. کيس مون مان به سنگ جي اميد هئي، سو هن کي انڪار بعد بغض ٿيو. مجبورن مون کي تگوسر ڇڏڻو پيو.

منهنجو هڪ عزيز محبت پنهور جيڪو پاڻ کي پير ڪوٺائيندو هو. تنهن جهانگارن مان شادي ڪئي. هو دادو جي مٺل پير جو مريد ٿيو هو. مٺل پير تي آئون، حڪيم محمد صالح، مولوي قربان ملڪاڻي ۽ فتح محمد پنهور لعنتون وجهندا هئاسين. هو رنن جو دلال هو. غلام رسول جي شادي بعد آئون حيدرآباد موٽي آيس.

حيدرآباد ۾ ڪافر جي نالي سان گهڻو بدنام ٿي چڪو هئس. ماجرا جو ٻيو پاسو (ان وقت جرمنيءَ مان سنڌي ٽائپ رائٽر نئي آيو هو.) ماڻهن جي مٿي ۾ اهو هو ته هن غريب کي ڪميونسٽ بنائڻ ۾ جوئي جو هٿ آهي. هو منهنجو عظيم محسن هو جو هن مون کي انسانيت سيکاري. ماڻهو ويچارا انهي ڪري منهنجي عزت ڪندا هئا ۽ هن لاءِ غلط خيال رکندا هئا.

ادبي بورڊ کان بيروزگاريءَ جي دور ۾ رباني وٽ ويس. چيومانس ته:

’منهنجي نوڪريءَ جو ڪو بلو ڪر.‘
رات جو وقت هو. آئون سخت ڪمزوريءَ ۾ هيٽائيپ سان دوچار هئس. ڊاڪٽين تي مٿي چڙهي ويس. چيومانس:
’مهرباني ڪري نوڪري ڏيارا‘
ان ڪمري ۾ نوڪر ماني ڪندا هئا. مون کي چيائين:
”مانيءَ کاءَ!“
مون چيو:
”مون کي هڪ گرنهن حرام آهي. مون کي نوڪري کپي.“
ڏاڍي بيرخائيءَ سان چيائين:
”نوڪري ڪانهي!“
ٻاهر سخت طوفاني مينهن هو. مان ٻاهر نڪري آيس. سخت طوفان ۾ مينهن. مٿان وري رات جو وڳڙو- سخت ذهني ۾ جسماني عذاب کائيندو گهر موٽي آيس.
ساڳيو رويو جوئي صاحب به برقرار رکيو... هن منهنجي اڳين حيثيت گهٽ ڪرڻ گهُري ٿي.
گراميءَ کي بورڊ جي ٽماهي رسالي ”مهراڻ“ ۾ ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر“ طويل مضمون لکيو. ان جي ڇپجڻ بعد مون گراميءَ کي خط ۾ لکيو ته:
’اها ڳالهه ته تو کي پنج سال اڳ ڪرڻ گهربي هئي!‘:

## خط :

الهداد چنڊ، حيدرآباد.
***ڏانهن*** محترم غلام محمد گرامي صاحب.
رسالي سماهي ”مهراڻ“ ۾ اوهان جو ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“، جي عنوان سان شايع ٿيل علمي ادبي مقالو منهنجي نظر مان گذريو. رات ڏينهن هن پيچ پچان واري زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ايتري فرصت آهي جو اوهان جي هن ضخيم شهه پاري کي پڙهي پرجهي، ادب ۽ شاعري متعلق ڪنهن صحيح نقطي نظر تي پهچي. منهنجي اوهان کي گذارش آهي ته انهي ساڳئي مقالي جو اختصار ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو ته

اهو اوهان جو سنڌي قوم تي، سِنڌُ جي نئين نسل تي، جيڪو زندگيءَ جو ڳولائو آهي: جيڪو ادب کي بهتر زندگي بنائڻ جو واحد وسيلو تصور ڪري ٿو. ۽ جيڪو پنهنجي سيني ۾ پنهنجي سماج کي اڏڻ ۽ ٺاهڻ جا گهرا خواب سانڍي ٿو_ ان لاءِ هڪ نشان راهه ثابت ٿيندو!

درحقيقت اها محنت ۽ ڪاوش اڄ کان پنج سال اڳ ٿئي ها ته جيڪر ڪن اکرن جي اڙٻل نيم خواندن ۽ ”ميان جي“ واري ذهنيت رکندڙن کي ڪنهن حد تائين هاءِ گهوڙا ڪرڻ ۽ مک جيان مٿي پٽڻ کان بچائي وجهو ها. اوهان جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا انهي لائق آهي جو ان کي سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي عمارت جي پهرين پيڙهه تسليم ڪجي. هن کان پوءِ، نئون اديب ۽ نئون شاعر هڪ نئين نگاهه سان ايرندو هن جي فڪر ۽ تخيل جا هٿيار نوان هوندا ۽ هو پاڻ کي دنيا جي بين اديبن ۽ شاعرن سان همدوش هئڻ جي دعوا ڪري سگهندو.

محترم، اسان وٽ ڪن آخوند اديبن جو هڪ اهڙو ٽولو به آهي، جيڪو ادب کي ڪري، وٽ ۽ ڪنگر کان مٿي تصور نٿو ڪري. پر، اوهان هڪ ئي ڌڪ سان انهن چيزن کي پورا پورا ڪري وڌو آهي_ ڪم ته گهڻوئي چڱو ڪيو اٿو پر ڏسجو جن جو گذر ئي انهي ڪاروبار تي هو سي ڏاڍا وٽ کائيندا_ ڪٿي مچ کي مهٽ ڏيئي ميدان ۾ نه لهي اچن_ اهڙن برهمڻن سان پلئو اٽڪيو اٿو جيڪي سڄي ڄمار علم ۽ فڪر جي چئونري پنهنجي مٿان ڍرڻ جي دعوا ڪندي، بين کي احساس ڪمتريءَ جي اوڙاهه ۾ ڪيرائڻ جون لاحاصل ڪوششون ڪندا پئي رهيا آهن.

منهنجي اوهان کي گذارش آهي ته ڏيڏرن جي ٽان ٽان ۾ ڪانگن جي ڪانگيريءَ جي ڪابه پرواهه نه ڪريو. پنهنجي نيڪ مقصد ۾ اڳتي، بنهه اڳتي وڌو. وقت پاڻهي فيصلو ڪندو. جڏهن اسان جو نئون نسل، اسان جو نئون اديب ۽ شاعر زندگيءَ جا گيت ڳائيندو ۽ ساڳئي وقت اهو عام احساس جاڳائيندو ته سنڌي ادب ۽ قوم جو خيرخواهه ڪير هو ۽ دشمن ڪير هو؟ حياتي آهي ته وري ڪنهن ٻي ملاقات ۾.

**_ابن حيات**

احسان بدوي، هو پنهنجي پورهئي سان پيار، ادب جي مقصديت، وطن دوستي، فڪر ۽ نظريي جي هٿيارن سان ليس، سنڌي زبان ۽ ادب جو پرخلوص ڪارڪن هو. ڪيس "خادم سنڌي ادب ۽ ساهت" چوڻ بيجاءِ نہ ٿيندو. 1952ع ڌاري، جڏهن سندس ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ڪيس 'ڊان ويسٽ' جي فوٽو موڪلڻ لاءِ لکيم، جوابي خط اماڻيائين:

## خط :

ڪراچي
21 مئي: 1952ع.

اوهان جو خط 12، مئي جو "پرهہ ڦٽي" جي سلسلي ۾ پهتو. "پرهہ ڦٽي" نهايت پسند آئي. اوهان جي محنت آفرين لائق آهي. بهتر ٿئي ها ڪجهہ ان ۾ ادبي مقالا بہ داخل ڪيا وڃن ها. اميد تہ اوهان هن طرف توجهہ ڏيندا. فوٽو آئون ڪونہ ٿو موڪليان. ڊان ويسٽ جو فوٽو بمبئيءَ ڪان جيوت چاولا ۽ گوبند مالهي طرفان ملي چڪو هوندو. منهنجو هڪ افسانو حيدر بخش جتوئي وٽ پيل آهي اهو حاصل ڪري سگهو تہ "پرهہ ڦُٽيءَ" ۾ شايع ڪندا.

ادبي اداري ۾ قاسم شاذ ۽ مس سڪينا جا نالا نوان پيا اچن.

اوهان جو
**احسان بدوي**
ڪراچي

ان وقت آئون خواجہ احمد عباس جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو "چار داڻا" ڪري رهيو هئس، جنهن جا بہ داڻا تہ ميسر ٿي سگهيا، پر باقي بہ داڻا رهجي ويا، جن جي لاءِ هندستان ۾ رهندڙ سنڌي اديب دوستن ڪافي ڪوشش ڪئي، پر دستياب نہ ٿي سگهيا. ان سلسلي ۾ جيوت چاولا جڏهن باقي ڪتاب جو مواد هٿ نہ ڪري سگهيو تہ خط لکيائين:

**خط :**

بمبئي، جُونِ 1952ع

پيارا ساٿي،

هن کان اڳ ٻه خط موڪليا اٿم اميد ته پهتا هوندا. خواجه احمد عباس جي فوٽو لاءِ ڪافي رليس. سندس آفيس ۾ ويس. سائونڊ جي آفيس مان پڇا ڪيم، پر ملي ڪونه سگهيو. آخر ڪالهه هڪ فلم انڊيا 12 آني خريد ڪيم. ان مان فوٽو ڪٽري موڪلي رهيو آهيان.

فلم انڊيا ٿي موڪليان ها، پر ان تي بندش پيل آهي. چئن داڻن جا پرچا هٿ ڪري ڪونه سگهيو آهيان. اميد ته سومر ڏينهن ملي ويندا. "ڏڏڙ ۾ پير" موڪلي رهيو آهيان. "پرهه ڦٽي" ڪڏهن نڪرندي؟

پيو ڪو ڪم ڪار.

توهان جو جيوت چاولا

نمستي ساٿي گوبند مالهي جي قبول ڪندا."

***1952ع*** کان مون جيڪو علمي ۽ ادبي پورهيو ڪيو. ان جو تفصيل هيءَ آهي:

1_ آمريڪي شاعر، 2_ "پرهه ڦٽي" رسالو، 3_ چار داڻا، 4_ ڪروڙپتي، 5_ سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب، 6_ پينر آئون پليااس...!، 7_ "اهي ڏينهن اهي شينهن" تبصرو ۽ تنقيد، 8_ سِنڌُ جو بدنام گوبلز علي حمد راشدي، 9_ سنڌ متحده محاذ ۽ سنڌ بچاءَ ڪميٽيءَ پاران لکيل اپيلون، تاثر ۽ شيخ مجيب الرحمن جي آجياڻي جي سنڌي لکيت، 10_ تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور ٻه جلد، سنڌي ترجمو. 11_ "تاريخ اسلام" نثار حسيني (نيڪ محمد شاهه) جي ڇپايل، 12_ تاريخ عرب "بدوي قومون"، سنڌي ترجمو. 13_ سيان جو سوال، 14_ پيئي جن پروڙ...، 15_ تو ڪي ساري ساهه!، 16_ علم ۽ عمل، مائوزيتونگ، 17_ مارڪسي فلسفو 18_ محترم ڀٽو ۽ سندس سياسي مستقبل، 19_جماعت اسلامي هڪ نظر ۾، 20_ قومي گيت، 21_ قوم ۽ قوميت (اسٽالن)، 22_ سنڌ علائقو ۽ ريلوي ڊپارٽمينٽ، 24_ مئٽرڪ لاءِ: شاهه جون سورميون سُورمين تي لکيل ڪتاب، ع. ق. شيخ جي نالي ڇپايل، 25_ استادن جو رهبر،

26_ ڪوهستان جا مسئلا, عنايت الله گائنچي جي نالي ڇپايل, 27_ "لاها چاڙها" اڻ ڇپيل آتم ڪهاڻي (اڳ لکيل مواد گم ٿيل), 28_ ڪتاب "من ويزدان" جو اختصاري ترجمو (اڻ ڇپيل), 29_ علم نفسيات (اڻ ڇپيل), 30_ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ستن لوڪ ڪتابن تي تبصرا, 31_ "جنب گذاريم جن سين" تي تبصرو, 32_ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڇئن ڪتابن تي تبصرا ۽ تنقيد, 33_ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ڪتاب شعر تي تبصرو ۽ تنقيد, 34_ حيدر بخش جتوئيءَ تي لکيل "يادگيريون", 35_ ڪارل مارڪس جي زندگي تي لکيل مقالو 36_ پاڻ جيئو ٻين کي جيئڻ ڏيو_ مقالو 37_ شاعريءَ جي هڪ صنف ۾ چيل شعرن جو اڻ ڇپيل مجموعو 38_ اسپيني ڪهاڻيون, 39_ "سنڌي زبان ۽ ٻاراڻي ادب جا مسئلا" ابن انشاء جي صدارت ۾ پڙهيل مقالو جيڪو پوءِ ٻاراڻي ادب جي عنوان تحت جمال رند جي نالي سان 'مهراڻ' رساليءِ ۾ شايع ٿيو 40_ هنڊبروجن بمر کان پوءِ: ناٽڪ, 41_ ڪتابي ميلي جو مذاڪرو لاهور, زير نظر مسز ستنام محمود, مقالو 41_ ابراهيم جوئي جي ڪوهاٽ بدلي ٿيڻ تي الوداعي تقرير.

(اها تقرير گم آهي)

## آخري خط :

**ڏانهن محمد ابراهيم جويو**

19 ڊسمبر: 1971ع.

***محترم*** سائين,

اڄڪلهه وقت جي بي رحم تلوار گهڻن جي دلين ۾ گهاو وجهي ڇڏيو ۽ اهو مرڻ گهڙيءَ تائين ناسور جي شڪل ۾ چڪندو رهندو_ اهو گهرو گهاو ٽيويهن سالن جي زندگيءَ جي مقصد ۽ جدوجهد جو ثمر بنجي, جهولي پيو آهي!

هينئر پنهنجو پاڻ کان پڇڻو آهي تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪجي؟ مقصد لاءِ اڳتين کان وڌيڪ سچائيءَ سان هٿ پير هڻجي يا خاموش رهي, پونئين لاءِ ورثي ۾ ناسور جو مرض ڇڏي مري وڃجي.

اوهان جو اهوئي_ يار محمد 'ابن حيات' پنهور."

15 _18 سال، جڏهن مون تي ڪفر ۽ بعد ۾ قتل جو فتوائون ڏنيون ويون ۽ لڳاتار چوطرف کان حملا شروع ٿيا، تڏهن منهنجي ذهن مان بي ساخته هيءُ شعر اڀريو:

سِنڌُ سموري سُونهَن وچائي،
هاڻ ته رُئنديـن تون ٻه لطيف،
تنهنجن بيتن ۾ وائُن کي،
جَلندي رَکَ جو ڍير ڏٺم.

***

## اشاعتي خط :

### ”ايءُ نه مارُن ريت“

*پيارا*، مبارڪ هجنئي!

تنهن ڏينهن تنهنجو موڪليل ادبي پرچو ”تند تنوار“، وٺي پڙهيم ته هڪ دوست اچي نڪتو. منهنجي هٿ مان پرچو وٺي، اڌ مُنو ڪلاڪ نظر مان ڪڍي، واپس ڪرڻ وقت ٿهڪ ڏيئي چيائين، ”سِنڌُ جي پورهيت عوام جو خدا نگهبان آهي_ نانگ مري ويو ليڪو اچا پيو ڪُٽجي.“

وراڻيومانس، ”ڳُجهارتون نه ڏي، صاف ڳالهه ڪر. چيائين، ”اديب ۽ دانشور طبقو به وقت جي تقاضائن کي نه سمجهي ۽ اڪيون بوٽي قلم وهائيندو هلي ته ان قوم جي پورهيت طبقي جو ڪهڙو حشر ٿيندو. جنهن جو پنجاسي سيڪڙو عوام اڻ پڙهيل، اٽجاڻ ۽ گگدام هجي!“

پڇيومانس، ’ان پرچي ۾ ڪهڙو ائٽم بم نظر آيئي، جيڪو عوام جي مفادن کي ڇيهو رسائيندو؟‘

وراڻيائين، ” تنهنجي به اهائي مرضي آهي ته اسان اچا به قوميت جو نعرو هڻون. پنهنجي قوم جي ڦرلٽ ڪندڙ طبقي سان گڏجي ڪم ڪريون. پوءِ ته ظالم ۽ مظلوم جو ته ڪو فرق ئي ڪين رهيو.“

وراڻيومانس، ’اسان جي قوم جو مٿاهون طبقو به ته مظلوم آهي. غير سِنڌي قوم جو مٿانهون طبقو ته ان کي پيڙي پيو.‘ منهنجو اهو جواب ٻڌي وڏو ٽهڪ ڏيندي، چيائين ته ”سِنڌي قوم جو مٿانهون طبقو جنهن صدين کان وٺي پنهنجي مسڪين قوم جي مسڪين عوام جو رت چُوسيو آهي، ان جو اهو جرم ان ڪري معاف ڪري ٿو ڇڏين ته ساڻس غير سِنڌي قوم جي مٿاهين طبقي ون يونٽ کان پوءِ زيادتيون ڪيون آهن. تنهنجو ضمير ڏرتي ۽ آسمان جيتري ظاهري ويڇي سمجهڻ ۾ مُنجهي ٿو پوي.

پر بہ ڪري سِنڌ جي مظلوم هارين وٽ وڃ ۽ سندن دل ۾ جهاتي پائي ڏس ته هنن جي دلين ۾ ڪيترا گهاوَ آهن ۽ ڪنهن ڪيا آهن؟ ان کان پوءِ سندن جهڳن ۾ لِيئو پاءِ، سندن ننگن ۽ نياڻين کي ڏس ته بدن تي ڪا سچي اڳڙي به اٿن ۽ سندن مهاندڻ ۾ نظر ڪر ته ڪورت جو ڦڙو به نظر اچيئي ٿو؟ ۽ پوءِ قسم وجهي پڇين ته اوهان سان اهي ڦهر ڪنهن ڪيا آهن_ انساني نياءَ ۽ قياس کان ڪم وٺ_ ظالم آخر ظالم آهي.“

وراڻيومانس: ”تون عقل کان ڪم وٺ، ڏسندين ته سِنڌ جو وڏيرو مير، پير، ڪامورو سڀ **مظلوم** نظر ايندو. انهن سان وڏيون زيادتيون ڪيون ويئون آهن. جيڪڏهن اسان قومي جدوجهد نه ڪريون ها ته اهي بلڪل تباهه تي وڃن ها، سڄي قوم تباهه ٿي وڃي ها ۽ پوءِ سِنڌي قوم جو تاريخ ۾ نالو نشان به نه رهي ها. دوراندیش ٿي ۽ وسيع نگاهه سان ڏس.“

وراڻيائين، ”**قومي جدوجهد بلڪل صحيح هئي، مقصد هو ته پنهنجي وطن کي پنهنجي قبضي ۾ رکون ۽ ان جا حق ۽ اختيار اسان وٽ هجن**، اسين پنهنجو انصاف پاڻ ڪريون ۽ پنهنجي ڀلائي پاڻ سوچيون. پر، ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ به تون ميرن، پيرن ۽ وڏيرن جي تباهيءَ جو ذڪر ڪرين ته اها ڳالهه حيرت جي آهي. هر دولتمند طبقو ٻي قوم جي دولتمند طبقي جو ڀاءُ آهي؛ هينئر به غير سِنڌي سياسي ليڊرن جي پُڇ سان سِنڌ جا ڪيترا پير، مير ۽ وڏيرا ٻڌا پيا آهن. دولتمند طبقا به پاڻ ۾ ايئن وڙهندا آهن، جيئن به هاري ڀائر وڙهن. افسوس آهي ته سِنڌي ۽ غير سِنڌي دولتمند طبقن جي پاڻ ۾ ذاتي مفادن تان ويڙهه، تنهنجين اکين تي انڌائيءَ جي اهڙي پٽي چاڙهي ڇڏي آهي، جو مظلوم پورهيت طبقي جي همدردي به وسري ٿي وڃئي_ مظلوم ۽ ظالم جو ڪوبه فرق نظر نٿو اچيئي.“

”قومن جي پنهنجي ماضيءَ جي مادي ۽ روحاني سرمايي سهيڙڻ لاءِ مون کي عزت آهي. اهي وڏڙن جون نشانيون آهن؛ جيئن ڪنهن عزيز جي مري وڃڻ کان پوءِ ان جا ڪپڙا، ان جون شيون، ان جا وار ۽ ان جا نهن وغيره سانڍي رکيا ويندا آهن_ پر انهيءَ جي ڪا معنيٰ نه آهي ته مظلوم جي طرفداريءَ کان وڌيڪ انهن چيزن کي اهميت ڏجي. باقي اديب، عالم ۽ ڊاڪٽر، تن جو ان پورهئي تي پيٽ ٿو پرجي. هو پنهنجي پورهئي جي ساک ڪيئن گهٽائيندا، هو ته انهيءَ جي عشق ۾ متوالا ڇوائيندا. البت

ڪائنن جيڪڏهن اهو پورهيو ڇڏائي، جسماني پورهئي تي آٽي بيهار جيئن تہ هُو مسڪين تاريخ ، تهذيب ۽ ثقافت جي عشق تان هميشہ لاءِ هٿ ڪڍي، پيٽ ۽ پورهئي جي موضوع تي دفترن جا دفتر ڪارا ڪرڻ سان گڏ ڪين پنهنجي اڳوڻي علم ۽ فڪر ڪان وڌيڪ نئين سوچ ۽ نئين فڪر جي وڌيڪ ضرورت ۽ وڌيڪ اهميت نظر اچي.“

سچ لهي چڪو هو وچڻ وقت تهڪ ڏيئي چيائين:

”تنهنجو ضمير ايترو مري چڪو آهي جو توکي سِنڌُ جي پنجاسي سيڪڙي مظلوم عوام ۽ پندرنهن سيڪڙي ڦرلٽ ڪندڙ طبقي جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نظر نٿو اچي؟ منهنجي اها سهٽي صلاح اٿئي تہ انهي منافقي ڪرڻ کان سنئون سڌو ڪنهن مير، پير جو پگهاردار ايجنٽ بڻجي ڪم ڪر. انهي ۾ توکي هيءَ فائدو رسندو تہ ضمير جي ان ملامت کان بچي پوندين، جو هرهڪ اڳيان مڪ جيان متو پٽيندو ۽ اهي سمجهاڻيون ڏيندو وتين تہ سِنڌي قوم جو ظالم طبقو بہ مظلوم آهي.“ ايئن چئي ٽپ ڏئي اٿيو ۽ جيئي سِنڌُ سان گڏ جيئي عوام جو نعرو هڻي روانو ٿيو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ آئون ڪافي وقت پنهنجي مرم ۾ ٻڏي ويس.

[ياءَ. تنهنجي پرچي سان تعلق رکندڙ متين گفتگو شايع ڪرڻ لاءِ موڪليان ٿو. شايد اها گفتگو مون جيان ٻين جي بہ رهبري ڪري تہ عجب نہ آهي.]

(ادبي پرچو ”تند تنوار“
08, جولائي:1970ع.)

# فرقي پرستي ۽ اديب

انگريزن جي ڦرلٽ ۽ انڌا ڌنڌ واري راڄ ۾ جڏهن چوطرف هندستانين جي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ لاءِ نت نيون نيون سازشون ۽ حرفتون سٽيون پئي ويون ته ان وقت ڪيترا ماڻهو برطانيه جي پنيرائيءَ ۾ هئا ته ڪيترن وري مظلوم ڌر جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو. سَوا سئو سال اندر ڪيتريون ئي مذهبي، نيم مذهبي، اسلامي، باغي ۽ معاشي جماعتون اٿي ڪڙيون ٿيون. ڪڏهن مختلف مذهبن ۽ عقيدن جا ماڻهو خاص مقصدن لاءِ هڪ ٿي ويا ته ڪڏهن مقصد جي هڪ هجڻ جي باوجود به مذهب ۽ عقيدن جي ڪري هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. ڪڏهن مذهبي ڪتابن پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي رهڻ جو سبق ڏنو ته ڪڏهن وري هڪٻئي جي خلاف قتل و غارت جو. ڪڏهن هندستان هڪ ملڪ ۽ هڪ قوم سمجهيو ويو ته ڪڏهن وري ٻه ملڪ ۽ ٻه قومون، ۽ ڪڏهن ته ڪيترين ئي قومن جو اپرنڌڙ ڪنڌ. آخر ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هندن ۽ مسلمانن پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي رهڻ کان انڪار ڪيو ۽ انگريزن جي سياست ٻنهي ڌرين کي اهڙي طرح هڪٻئي جي سامهون بيهاريو جو ڪلڪتي، بمبئي، نواکلي ۽ پنجاب وغيره ۾ خون جون نديون وهي هليون مگر ڪدورت ۽ ڪينو ساڳي جاءِ تي ئي رهيو. آخر هندستان کي آزادي ملي ۽ وري خون جي هولي کيڏي وئي. سون سالن جا نهيل نڪيل گهر ويران ٿيڻ لڳا. صدين جي پاڙيسرائي ۽ ڀائيچاريءَ جا رستا اک ڇنڀ ۾ ڪٽجي ويا. قرآن، گيتا ۽ گرنٿ جا شيدائي ڪير پيارينڌڙ مائن جا سينا وڍڻ لڳا. ٻچن کي مائن جي جهولين ۾ ذبح ڪرڻ لڳا. نياڻين جي پيءَ جي اکين اڳيان عزت لٽجي وئي. تنهن سان گڏ ظلم ۽ ستم جا اهي اهي نمونا استعمال ٿيڻ لڳا جن جو جانورن به ڪڏهن خواب ۾ نه ڏٺو هوندو. انسان جڏهن ترقي يافتا حيوان ٿيو ته پوءِ ان جي ظلم ۽ زبردستيءَ جا طريقا جانورن جي مقابلي ۾

ترقي يافتا ڇو نہ هجن؟ آزادي تہ ملي پر هندستان ۽ پاڪستان ۾ اڃا تائين ڪنهن کي بہ آرام جي گهڙي نصيب نہ ٿي.

معلوم نہ آهي تہ ايندڙ وقت جو مورخ انهن واقعن کي ڪهڙي طرح بيان ڪندو. سببن ۽ نتيجن جون ڪهڙي ريت ڪڙيون ملائي، ڪنهن کي ڏوهاري ٺهرائي ۽ ڪنهن کي مظلوم بنائي؟ ظاهر آهي تہ گهڻا مورخ اهڙائي هوندا جي پنهجي ملڪ، پنهنجي طبقي، پنهنجي مذهب ۽ پنهجن رهنمائن جا گيت ڳائيندا. واقعن ۽ حقيقتن کي ڇڪي تاڻي پنهنجي نقطي نظر جو پابند بنائيندا. مگر ڪي مورخ ۽ اديب اهڙا بہ هوندا جن جون نگاهون بلند، جن جا خيال انصاف پسند، اهي شايد غير جانبدار رهي، حالتن کي سندن صحيح پس منظر ۾ پيش ڪن. ان مان صحيح نتيجا ظاهر ڪن ۽ ايمانداريءَ سان انهن واقعن جي تہ تائين جانچين جن ڪجه ڏينهن لاءِ ڪيترن ئي هندستانين ۽ پاڪستانين کان شرافت جون اعليٰ خصلتون کَسي ورتيون. آئنده جي تاريخ خبر نہ آهي تہ ڇا ظاهر ڪري پر ساڳئي وقت هيءَ بہ ڏسڻو آهي تہ اسان جو ڪجھ پنهنجين اکين اڳيان ڏٺو ان جو اسان تي ڪهڙو اثر ٿيو اسان ڇا سوچيو اسان جي دلين ۾ ڪهڙا ڪهڙا سوال اٿيا ۽ اسان انهن جا ڪهڙا ڪهڙا معقول جواب ڏنا؟

هن ۾ شڪ نہ آهي تہ اديبن جي دل ۾ مختلف قسم جا سوال پيدا ٿيندا. سندن ذهني تربيت، ماحول، طبقاتي سلسلو سياسي عقيدن ۽ شخصي فائدن جي خيالن کان وٺي مختلف قسم جا رد عمل هجن، پر ساڳئي وقت شخصي فائدن يا سياسي ۽ ذهني مصالحن جي باوجود ڪيترا بنيادي سوال اهڙا بہ آهن جن جي متعلق هر چڱي اديب کي سوچڻو آهي ۽ اهڙو جواب نہ ڏيڻ جڳائي جو سندس ذهن جي ڪري هن ساري ڪائنات کي هڪ لطيفو بنائي، يا دنيا کي مافوق الفطرت انسانن يا ديوانن جي دنيا بنائي. مگر ڪيس هڪ اهڙي انسان وانگر جواب ڏيڻو آهي جو ٻين انسانن جي توهين ۽ تذليل تي خوش نہ ٿو ٿئي، جو دنيا کي هڪ وڏي برادري ڄاڻي انسانن جي اجتمائي بهبود جي نقطہ نظر تي سوچي ٿو. مان ڄاڻان ٿو تہ ايتري ڇوڙ تي بہ ڪيترين ئي پيشانين ۾ گهنڊ پئجي ويندا. اديب ۽ بهبوديءَ جو تصور! فنڪار ۽ نفعي نقصان جو خيال! شاعر ۽ انسانيت جو مبلغ! اهي سڀئي ڳالهيون ادب سان تعلق رکندڙ نہ آهن. جڏهن بہ ڪنهن

اديب يا فنڪار انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي قلم کَنيو اهو زندگيءَ جي نظام جو هڪ زرخريد غلام بڻجي ويو هو فنڪار نه رهيو پر پروپئگنڊا ڪرڻ وارو بڻجي ويو! ذرا غور ڪرڻ تي معلوم ٿي ويندو ته هيءَ خود پروپئگنڊا ڪرڻ جي هڪ نازڪ ۽ زهر آلود شڪل آهي ۽ ان گروهه جي نمائندگي ٿي جا فن جي نزاڪت کي پڙدو بڻائي عام ماڻهن کي اجتماعي ترقي ڪرڻ کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، جا حالتن جي بدلجڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي جدوجهد کي جائز نه ٿي ڄاڻي. انهيءَ ڪري ادب ۾ ان جي اظهار کي نه رڳو شڪ جي نظرن سان ڏسي ٿي بلڪ شعوري يا غير شعوري طرح به هن کي پنهنجي فائدن لاءِ خطرناڪ تصور ڪري ٿي. هيءَ سارو رنگ بناوتي آهي ۽ هڪ مقصد جي تابع، جنهن جي لڪائڻ ۽ لنوائڻ جي ڪوشش ۾ هو خود انهيءَ ڄار ۾ ڦاسي پوي ٿو جنهن ۾ هو انهن اديبن کي ڦاسائڻ گهري ٿو جي ڪلمڪلايو اعلان ٿا ڪن ته اسين انسانيت جا دوست آهيون، ادب جي ذريعي انهن جي ڀلائي ۽ بهتري چاهيون ٿا. ڪين بهتر انسان بڻائڻ گهرون ٿا، وغيره، وغيره. آخر ڇا جي ڪري انسانيت ۽ انصاف جو نالو ايندي هنن کي غصو وٺيو وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي تباهه ڪندڙ ۽ زهر آلود خيالن کي ادب ۽ فن جو صحيح جزو ڄاڻن ٿا! انهن ڳالهين تي غور ڪندي وڏا وڏا سوال اٿيو کڙا ٿين.

آخر هن ڪائنات جو به ڪو مقصد آهي؟ هيڏي لمبي چوڙي ۽ عظيم الشان دنيا ۾ انسان جي به ڪا حقيقت ۽ اهميت آهي؟ هو ڪنهن مقصد ۽ منزل طرف وڌي رهيو آهي يا هن ۾ وڌڻ جي طاقت ئي نه آهي؟ هو ارادي جو مالڪ ۽ سمجه رکندڙ آهي يا نه؟ هن ۾ پنهنجي ارادي ۽ نيت سان زندگيءَ جي بهترين بڻائڻ جي ڪا لياقت ۽ اهليت به آهي يا نه؟ چڱائي ۽ برائي، چڱي زندگي ۽ تڪليف واري زندگي فقط اسان جي خيل جو ڪرشمو آهي يا واقعي اسين هڪ نموني جي زندگيءَ کي ٻئي نموني جي زندگيءَ تي ترجيح ڏيون ٿا؟ انسان چاهي ڇا ٿو: حالتن جو غلام بڻجڻ يا مالڪ؟ دنيا اسان کي جنهن به نموني خاموش ۽ مجبور رکي ته وينا ئي رهون يا دنيا تي قبضو حاصل ڪري زندگيءَ جي تعمير ۽ تشڪيل پنهنجن خيالن مطابق ڪريون؟

انهن سوالن تي غور ڪرڻ سان فلسفو منطق، نفس، اخلاق، تصوف ۽ ٻين

علمن جي تخليق ٿئي ٿي. ٿي سگهي ٿو ته انهن سوالن جا قطعي ۽ يقيني جواب نه ڏيئي سگهجن. پر ڪين پنهنجي غور ۽ فڪر جو بنياد بنائي اسين پنهنجي طاقت، پنهنجي ارادي ۽ پنهنجي نيت جو پتو لڳائي سگهون ٿا. ياد رهي ته مان هيءَ سڀ ڪجھ انهن انسانن لاءِ لکي رهيو آهيان جي رڳو پنهنجيءَ ۾ غلطان نه آهن بلڪ ٻين انسانن کي به پنهنجي نگاهه ۾ رکندڙ آهن ۽ انساني برادريءَ جا قائل آهن، جي زندگيءَ ۾ اهڙو توازن آڻڻ چاهين ٿا، جي اجتماعي بهبوديءَ جا قائل آهن. اهڙا انسان جڏهن زندگيءَ جي آغاز ۽ انجام تي، زندگي بسر ڪرڻ جي صورتن تي غور ڪن ٿا ته ڪين مادي وسيلن جو ئي سهارو وٺڻو پوي ٿو ڇو ته هميشه باشعور فردن مادي زندگي ۾ تغير آڻي سماج جي ذهني ۽ روحاني نظام ۾ تبديلي پيدا پئي ڪئي آهي. هيءَ ضروري ناهي ته اهي باشعور انسان هميشه عام انساني فائدي جي ئي نقطي نظر سان سوچيندا رهيا هجن، پر هن تسليم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي ته انهن انسانن ڪنهن خاص زندگيءَ جي نظام کي بدلائڻ لاءِ مادي کي ئي ٻهريان بدلايو آهي. انهيءَ کان مذهبي جماعتون الڳ آهن ۽ نه غير مذهبي. فرق فقط هي ٿئي ٿو جو مذهبي تحريڪون پنهنجي اظهار ۾ ٻهريان عقيدي ۽ روحانيت کي جاءِ ڏين ٿيون. خير، هتي هن بحث جي ضرورت ڪانهي. چوڻو فقط اهو آهي ته انسان پنهنجي اندر هيءَ طاقت ڏسي ٿو ته هو ٻين انسانن جي مدد سان يا ڪين ڏوڪو ڏيئي حالتن ۾ اهڙي تبديلي پيدا ڪري جو هن جي خيال ۾ جيڪڏهن سندس ملڪ، گروهه، قبيلي، مذهب يا فرقي لاءِ ناهي ته گهٽ ۾ گهٽ سندس لاءِ ضروري فائدي مند هجي. تاريخ انهيءَ جاءِ کان رهنمائن ۽ رستي ڏيکارڻ وارن جو امتحان وٺي ٿي ته هڪ ليڊر جي عمل ۾ زندگيءَ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪيتري طاقت هئي ۽ پوئتي ڪيرائڻ جي ڪيتري قوت. هيءَ عجيب اتفاق آهي ته اڪثر ڪري ليڊر ۽ عام انسانن ۾ هڪجهڙائي نٿي ٿئي، پر طبقاتي نظام ۾ ليڊر حالتن کي اهڙي طرح ترتيب ڏئي ٿو جو عام ماڻهو سندس ئي اکين سان ڏسڻ شروع ڪن ٿا. هو عام ماڻهن جي دلين ۾ ايئن گذر ڪري ٿو جيئن ريگستاني نديون وهندي وهندي گم ٿيو وڃن. اهڙي طرح ڪيترا ماڻهو ٻين جي اکين سان ڏسن ٿا ۽ ٻين جي فائدي کي پنهنجو فائدو سمجهي هن جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي وڃن ٿا. ڪين پنهنجي

غلطيءَ جو پتو انهي وقت پوي ٿو جڏهن سندن زندگيءَ جون ضرورتون وقتي جذبات ۽ پڙڪائيندڙ روحانيت جو چولو چيريو پيٽ تي پٽ ٻڌايو ڇڏي ۽ پوءِ ان زندگيءَ جو مطالبو ڪرڻ شروع ڪن ٿا، جنهن لاءِ هنن پنهنجي رهنما جو ساٿ ڏنو هو.

اهڙي ريت انسان هڪ بهتر زندگي ۽ مادّي خوشحاليءَ جي لاءِ غلط ۽ صحيح رستا اختيار ڪندو رهي ٿو. ۽ انهي رستي کي هڪ جماعتي حيثيت ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن اصول، يا ڪنهن اصول جي نمائندگي ڪرڻ وارن کي پنهنجو رهنما بنائي ٿو. انهي وقت ان جون ڪجھ انفرادي خواهشون ڪنهن حد تائين دٻجي وڃن ٿيون ۽ جماعت يا گروهه جي نفسيات سندس عملن تي اثرانداز ٿيڻ لڳي ٿي. جڏهن ڪا جماعت انهي منزل تي پهچي وڃي ٿي ته پوءِ ان کي هڪ سانچي ۾ پلٽيندي وڏي ڳالهه نه آهي. هندن ۽ مسلمانن جي ذهني تجزيي جي هتي ڪابه ضرورت نه آهي چو ته هن سلسلي ۾ اهڙيون تلخ حقيقتون نڪري نروار ٿينديون، جن جي ظاهر ڪرڻ سان ڪو به فائدو ڪونهي. تڏهن به ايترو ضرور ياد ڏيارينديس ته ڪنهن نه ڪنهن نموني گهٽن ليڊرن عوام جي مادي زندگيءَ کي خوشحال بنائڻ لاءِ سندن روحاني ۽ مذهبي ڪيفيتن جو جائزو ورتو ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي اتي پهتا جتي هڪجهڙائي... آزادي_____ خوشحال زندگي_____ ته نگاهن کان گم ٿي ويئي مورڳو هندو، مسلمان ۽ سک هڪبئي جي رت وهائڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

هاڻ سوال آهي ته فرقيوارانو جنون اسان کي انهي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪيسيتائين مدد ڏئي سگهي ٿو جنهن جي لاءِ اسين بيچين آهيون ۽ جيتري مدد ان مان ملي سگهي ٿي ڇا اها انهي نقصان جو پورائو ڪري ٿي يا ڪري سگهي ٿي جو زهر جي نس نس ۾ گهڙي وڃڻ کان پوءِ اسان جي اندر ۾ پيدا ٿئي ٿو؟

مانهو چوندا آهن ته بيشڪ فرقيوارانه جذبن کي اپاري ماڻهن ۾ ديوانگي پيدا ڪرڻ کان پوءِ ڪيترائي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. ڇا زندگيءَ جو انتهائي مقصد اهوئي آهي ته ٻين جي تباهي ۽ بربادي_____ مذهب جي نالي تي_____ اسان کي آسودگي بخشيندي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اسان جون روحاني منزلون شڪ سان گڏ لعنت جي قابل آهن ۽ اديب

جنھن انسانيت جو راڳ ڳايو ھجي سو اھڙن قدرن جو سات نٿو ڏئي سگھي. مگر سياسي بازيگرن جي اشارن تي ھلڻ وارا ان کي ڏسي نٿا سگھن. ھوا جي رخ تي پنھنجي ھڪلڻ وارا ھن کي نٿا سمجھن تہ ھو انھي سطح تي لھي سگھن ٿا جا انسانن کي فرقن جي نالي تي خانن ۾ ورهائي ڇڏي. انسانيت ۽ زندگيءَ جي سيني اصولن کي هوا ۾ اڏائي. انسانن کي انسانن ۽ رنگن ۾ تقسيم ڪري. ڇو تہ انھيءَ ۾ سندن پلو ٿئي ٿو انھي سان ڪم جلد ھلي ٿو انھيءَ سان ئي حڪومت سان ٽڪرجڻو نٿو پوي. انھيءَ سان ئي سماجي ظلمن جي خلاف صفْ آرا نٿو ٿيڻو پوي. اھڙي ريت ئي اديب پنھنجي سياسي رھنمائن سان گڏ بيھي انھن جانورن جي لڙائي ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ھندو ۽ مسلمان ملي نٿا سگھن. سک ۽ مسلمان ھڪ تي نہ سگھندا. ڪوبہ سُک مسلمانن متعلق لکڻ جو حق ئي نٿو رکي. اڄ اھو آھي سيان تہ ھو اڃا بہ ھيٺ لھندو ۽ چيخندو تہ پورا پورن جي متعلق لکن. دنيادار دنيادارن جي متعلق. ڪارا ڪارن جي متعلق لکن. ۽ ھڪ خاص طرح جو جسم ۽ چھرو خاص نموني جا وار ۽ نڪ رکڻ وارا انھن ماڻھن جي متعلق____ ھن فرقيواراڻي جنون جو ڪٿي بہ ناھہ ڪونھي. ھي فاشزم (جارحيت) جون شڪليون آھن جن جو انھن حالتن ۾ ظاھر ٿيڻ تعجب خيز ناھي.

جنھن تمدن ۾ قتل ٿيڻ وارن جون دردناڪ دانھون خوني ٺھڪن ۾ گناھڻ گھرن ٿا. انھن کي مبارڪ ھجي. پر ساڳئي وقت ڪين اھا دعوا نہ ڪرڻ گھرجي تہ ھو انسانيت جا دوست آھن. ھو عالمگير محبت پيدا ڪرڻ چاھين ٿا. ھو خالق حسن آھن. ھنن کي تہ گلو ڦاڙي ھيءَ اعلان ڪرڻ گھرجي تہ اسان وٽ زھر آھي جنھن کي موت جي ننڊ ڪرٽي ھجي اھو اڇي. اسان وٽ آفيم آھي جنھن کي بيخبري ۽ بيھوشيءَ جي گھرج ھجي. اھو اڇي. اسان وٽ انسانن کي فرقن ۽ رنگن ۾. تھذيبن ۽ ثقافتن ۾ ورھائڻ جا اوزار آھن جن کي انسانن کان نفرت سکڻ جي ضرورت ھجي. اھو اسان وٽ اچي. يقينن اھڙا ماڻھو پنھنجي رياست جا وفادار ۽ نمڪ حلال ڪونيا ويندا ڇو تہ ھو عوام جي ذھن کي سندن فائدي جي طرف آڻڻ ئي نٿا چاھين.

_1952ع جي نوٽبڪ تان.

# شخصي حڪومت ڇا آهي؟

علم سياست ۾ شخصي حڪومت جي معنيٰ آهي تہ هڪ يا ڪجھ ماڻهو عمر ماڻهن جي ذاتي معاملن کي بنا ڪنهن خوف، ذميواري ۽ جواب ڏيڻ جي پورو ڪن.

مستبد حاڪم اهو آهي جو رعيت جي بنا ڪنهن صلاح مشوري جي پنهنجي سيني زوري ۽ بيپرواهيءَ سان خود مختيار بنجي، جيئن بہ وڻيس تيئن ڪندو رهي.

شخصي حڪومت جو وجود انهي وقت ظاهر ٿئي ٿو جڏهين ڪابہ حڪومت ڪنهن بہ قانون، ضابطي ۽ عام راءِ تي پابندي هجي. جهڙي ريت اڄ ڪلھ جون سيئي حڪومتون آهن، جي ڪنهن حد تائين پابند آهن، مگر تڏهين بہ کين ڪلي اختيار آهي تہ ڪنهن بہ وقت انهن پابندين کي ٽوڙڻ ۾ ذري جيترو بہ خيال نہ ڪن. اسان جي هن موجوده دور جون سيئي نالي ماتر دستوري (پارليامينٽري) حڪومتون بہ شخصي آهن.

شخصي حڪومتون پنهنجن ڪيترن ئي لباسن ۾ لڪل هجن ٿيون، جن جي ظاهر ڪرڻ جو هي موقعو نہ آهي. مگر انهي هوندي بہ ايترو ٻڌائڻ بلڪل لازمي ۽ ضروري آهي تہ جهڙي ريت مطلق العنان (بي جوابدار ۽ ڇڙواڳ) بادشاهن جون حڪومتون ظاهر ٿين ٿيون، جيڪي اهڙي ريت انهن خانداني يا منتخب ڪيل بادشاهن جون حڪومتون ظالم ٿين ٿيون، اهڙي ريت انهن خانداني يا منتخب ڪيل بادشاهن جون حڪومتون بہ رات ڏينهن ظلم تي آماده ٿين ٿيون جن وٽ ڏيکارڻ خاطر پارليامينٽ تہ موجود آهي، پر جواب ڏيڻ کان بلڪل آزاد آهن. ٻيون اهي حڪومتون بہ ظالم ٿي سگهن ٿيون، جي نمائنده يا غير نمائنده جماعتن جي هٿن ۾ ٿين ٿيون، ڇو تہ مشوري يا راءِ ۾ چند فردن جي شرڪت سان ظلم جو ختم ٿيڻ ضروري نہ آهي. پر ڪڏهين تہ اهڙي شهر جون حڪومتون، شخصي

حڪومتن ڪان پاڻ وڏيڪ جابر ۽ نقصان رسائيندڙ ثابت ٿين ٿيون. تيون اهي حڪومتون نہ ظالم ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ تنقيدي ۽ قانوني قوتون الڳ الڳ هٿن ۾ هجن ٿيون، ڇو تہ هي علحدگي انهي وقت ظلم لاءِ روڪ ٿي سگهي ٿي، جڏهين تنقيدي جماعت، قانوني جماعت جي اڳيان جوابده هجي ۽ پوءِ اها قانوني جماعت، قوم جي اڳيان جوابده هجي ۽ پوءِ اها قانوني جماعت، قوم جي اڳيان جوابدار هجي. انهي لاءِ قوم بہ اهڙي هئڻ گهرجي جا ڄاڻندي هجي تہ پنهنجي انهي لاءِ قوم بہ اهڙي هئڻ گهرجي تہ پنهنجي حڪومت جي سنڀال ۽ ان کان جواب طلبي ڇو ۽ ڇاجي لاءِ ڪئي وڃي.

مٿيون حقيقتون ظاهر ڪن ٿيون تہ ڪابہ حڪومت ايسيتائين ظلم ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي، جيسيتائين هو قوم جي سخت نگهباني ۽ جواب طلبي کان بلڪل آجي آهي. عادل کان عادل حڪومت بہ جڏهين قوم جي غفلت يا ڪنهن ٻئي سبب کان ذميواري ۽ جواب طلبيءَ جي شڪنجي کان آزاد هجي ٿي، تڏهن هڪدم ظلم تي ڪمر همت جي ٻڌيو ويهي ۽ پوءِ ڪڏهين بہ پنهنجن انهن انسانيت سوز حرڪتن کان باز نہ ٿي اچي. خاص ڪري جڏهن هن جا هٿ ٻن عظيم الشان طاقتن، قوم جي جهالت ۽ فوج جي گهٽائي سبب مضبوط هجن. بدوي حڪومتون جن جي ڪل يا اڪثر رعيت، خانہ بدوش قبيلا ٿئي ٿي، اها ڪڏهن اتفاق سان ظالم ٿئي ٿي. ۽ اهو انهي ڪري جو جڏهن رعيت کي محسوس ٿئي ٿو تہ حڪومت سندن آزاديءَ ۾ دست اندازي ڪري رهي آهي ۽ پاڻ ۾ مقابلي جي طاقت نہ ٿا ساري سگهن تڏهن هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ هليا وڃن. عربن جا مثال اکين اڳيان آهن عهد تبع، حمير ۽ غسان کان اڳ ۽ اجا تائين ڏاڍ ۽ جبر کان نا آشنا آهن. ڪنهن کي بہ انهن تي ظلم ڪرڻ جي جرعت نہ ٿي ٿئي. اهو فقط انهي ڪري ئي آهي جو هو انهي کي قبول ئي نٿا ڪن.

علم ۽ عقل جي دانائن ڏاڍ ۽ جبر جي تشريح ۽ ان جي علاج جي تشخيص اهڙي دل نشين عبارت ۾ ڪئي آهي جو ساري تصوير اکين اڳيان ظاهر ٿيو ويهي. انهن مان ڪي عبارتون هيٺ ڏجن ٿيون:

ظالم حاڪم عام معاملن ۾ پبلڪ جي مرضيءَ سان نہ، پر پنهنجي

خواهش سان جيڪي بہ اچيس ٿو ڪري گذري ٿو. هو رعيت تي خود ان جي بنايل قانون تحت حڪومت نٿو ڪري، بلڪ پنهنجي حوس مطابق جيئن بہ وڻيس ٿو تيئن ڪري ٿو. هو چڱي ريت ڄاڻي ٿو تہ ظالم ۽ غاصب آهي، انهي ڪري ڪروڙن انسانن جي منهن تي پنهن جي پير جي ڪُڙيءَ تي رکي ٿو تہ سندن آواز بند رهن، ۽ حق، صداقت ۽ شڪايت جي ڪابہ صدا سندس خلاف بلند نہ ٿئي.

ظالم حاڪم حق جو دشمن، آزاديءَ جو ويري ۽ ساڳئي وقت ٻنهيءَ جو قاتل ٿئي ٿو.” حق ، انسان ذات جو پيءُ ۽ آزادي اُن جي ماءُ آهي. عوام، ظلم جا ماريل سندس يتيم ۽ لاوارث ٻچا آهن جي ڪا بہ سمجه نہ ٿا رکن ۽ معصوميت ۽ غفلت جي اونداهي غار ۾ سدائين سمهيل آهن. عالم ۽ دانا، سندن سمجهدار ڀائر آهن، جيڪڏهن هو انهن معصومن کي جاڳائيندا تہ هو جاڳي پوندا ۽ جيڪڏهن پاڻ ڏانهن سڏيندا تہ ڊوڙندا اچي حاضر ٿيندا.

مسبتد حاڪم ان لاءِ ظلم ڪري ٿو جو ڏسي ٿو تہ سندس اڳيان ڪابہ روڪ ڪانهي. پر جڏهن هو مظلوم جي هٿ ۾ اگهاڙو خنجر ڏسي ٿو تہ پوءِ ظلم ڪرڻ جي جرعت نہ ٿو ڪري.

مستبد حاڪم بہ هڪ انسان آهي ۽ ٻين عام انسانن وانگر خير ۽ شر قبول ڪرڻ جي ساڳي صلاحيت رکي ٿو پر هو ظلم ۽ ڏاڍ تي ان لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو جو کيس ان جو موقعو ملي ٿو. هيءُ سمورو رعيت جو فرض آهي تہ پنهنجي نفعي ۽ نقصان کي خود سمجهي، ظالم کي صاف صاف چئي ڏئي.

پنهنجي شرارت پاڻ تائين رک، اسان کي ان جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.“ رڳو زبان سان نہ پر ساڳئي وقت عمل سان بہ ڪري ڏيکارڻ گهرجي. ڇو تہ جيڪو قول عمل کان خالي آهي سو يڪتاري جي ڪدو مثل آهي. جيڪڏهن عمل نہ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان جي تياري تہ ڪرڻ گهرجي، جا خود هڪ وڏو عمل آهي ۽ ظلم جي روڪڻ لاءِ ڪافي آهي.

ظالم حاڪم بہ هڪ انسان آهي، ۽ جهڙي طرح عام انسان جانورن مان ڳانءِ ۽ ڪُتي. اهڙي ريت ظالم جي بہ اهائي خواهش ٿئي ٿي تہ سندس رعيت ڳان وانگر غريب، فرمانبدار ۽ کير ڏيڻ واري هجي ۽ ڪُتي وانگر

ذليل، پڇ لوڏيندڙ ۽ خوش مزي رهي. ظالم جي تہ هميشہ اهائي خواهش آهي. مگر رعيت کي ڪيئن هٿڻ گهرجي؟ اصيل گهوڙي وانگر خوددار ۽ شريف طبيعت، جو جڏهن سندس خدمت ڪئي وڃي تہ سواري ڏئي ۽ جيڪڏهن سندس بيعزتي ڪئي وڃي تہ جوش ۾ اچي سوار کي پنهنجي پُٺيءَ تان اڇلائي ڪيرائي ڇڏي. رعيت کي اهو چڱي ريت سوچڻ گهرجي تہ هو حاڪم جي غلاميءَ لاءِ بنائي وئي آهي يا حاڪم ان جي چاڪريءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو جو هاڻ آقا بنجي وينو آهي؟ عقلمند رعيت اها ئي آهي جيڪا ڏاڍ ۽ ظلم جي منهن زور گهوڙي (ظالم) جي منهن ۾ تيز لغام ڏيئي پنهنجين منين ۾ مضبوط جهلي، جيڪڏهن هو انهيءَ تي بہ منهن زوري ڪري تہ لغام کي زياده ڇڪي، پر جي اجا بہ پنهنجي حيوانيت کان باز نہ اچي تہ ڪيس ميدان تي خوب ماري ۽ ڊوڙائي تہ جيئن ٿڪجي شڪست کائي ۽ آئينده ڪڏهن بہ اَرڏائيءَ تي آماده نہ ٿئي.

## شخصي حڪومت ۽ مذهب

گهڻو ڪري مغرب جي سياسي عالمن جي هي راءِ آهي تہ سياسي ظلم يا ڏاڍ، مذهبي ڏاڍ مان پيدا ٿيو آهي. ڪي اعتدال پسند ايترو نہ ٿا چون پر اهو تسليم ڪن ٿا تہ اهي ٻئي ڏاڍ، جيڪڏهن پاڻ ۾ پيءُ پُٽ نہ آهن تہ ڀائر ضرور آهن، هنن جي وچ ۾ هڪ مضبوط رشتو موجود آهي جو ۽ هڪ ئي وقت ٻئي، انسان جي خواري ۽ غلاميءَ ۾ هڪٻئي جا مددگار آهن تہ جيئن هڪ جي حڪومت جسم تي قائم هجي ۽ ٻئي جي روح تي قائم هجي.

هو چون ٿا تہ مذهبي تعليم ۽ آسماني ڪتاب انسان کي هڪ اهڙي عظيم الشان ۽ هولناڪ طاقت کان ڊيڄارين ٿا، جنهن جي حقيقت جو علم، عقل جي دائري کان ٻاهر آهي. هو انسان کي هن دنيا ۾ بہ تمام سخت مصيبتن ۽ تڪليفن جون ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ موت کان پوءِ بہ قبر، قيامت ۽ جهنم جي دائمي عذاب کان ايتري قدر خوفزده ڪن ٿا جو بدن ڏڪي وڃي ٿو وار ڪانڊارجي وڃن ٿا ۽ عقل حيران ٿي ٿو وڃي. هن تعليم جو قدرتي نتيجو اهو ٿئي ٿو جو انسان هر نموني جي خرافات ۽ وهم اڳيان سر جهڪائڻ ۽ هر شئي کان ڊڄڻ لڳي ٿو. هن کان پوءِ مذهب انسان

ڪي اهي دروازا ڏيکاري ٿو جن ۾ وجڻ انهن مڙني مصيبتن ۽ خطرن کان بچاءَ ته ٿي سگهي ٿو مگر انهن تي به مذهبي پيشوائن جي درباني آهي، جن ڪي پيري، بزرگي ۽ شيخي مشائخيءَ جا مخصوص لباس پهريل هجن ٿا. ۽ پوءِ فقط انهي شخص کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت نصيب ٿئي ٿي جو ٽئڪس ادا ڪري چڪو هجي. هيءَ ٽئڪس ڪڏهن دل ۽ جان سان نياز نوڙت ۽ عزت احترام جي شڪل ۾ سندن اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو ته ڪڏهن ان سان گڏ زر ۽ جواهر جي ٿيلهين جو هجڻ، يا قومي خزاني مان ڪنهن وڏي رقم جو انهن مقدس دربانن لاءِ مقرر هجڻ به لازمي ٿئي ٿو پر جيڪڏهن اهو ٽئڪس ادا نه ڪيو وڃي ته پوءِ هو روح کي پنهنجي مالڪ تائين پهچڻ نٿا ڏين ۽ اهو ايسيتائين روڪيل رهي ٿو جسيتائين پنهنجو مقرر نذرانو وصول نه ڪن.

سياسي عالمن جو چوڻ آهي ته ظالم حڪمران به پنهنجو ڏاڍ ۽ جبر اهڙن قسمن جي بنيادن تي قائم ڪري ٿو. هو به ذاتي شان ۽ شوڪت، خانداني غرور ۽ تڪبر، فوجي قهر ۽ جبر ۽ قومي قتل و غارت جي هولناڪين جي ذريعي انسان کي ذليل، خوار، مجبور ۽ مرعوب ڪري ڇڏي ٿو جو سڄو ئي ننهن کان چوٽيءَ تائين مطبع، غلام ۽ خدمتگار بنجڻ سان گڏ پنهنجي متعلق ڪيس يقين ٿي وڃي ته مان به بين چوپاين جانورن وانگر هڪ چوپايو آهيان، ۽ فقط انهي لاءِ پيدا ٿيو آهي ته پنهنجي مالڪ جي چاڪري ۽ غلاميءَ لاءِ نئون نسل پيدا ڪندو رهان.

هنن جو خيال آهي ته مذهبي ۽ سياسي ڏاڍ جي هن شديد باهمي مشابهت جي ڪري ئي، انساني آباديءَ جو وڏو حصو يعني عوام، پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ ظالم حاڪم وچ ۾ گهٽو فرق نه ٿو ڪري. چاڪاڻ ته ڪين بنهي جي تعظيم ڪرڻي پوي ٿي، بنهي جي اڳيان بنا ڪنهن چُونءَ چُران جي سر جهڪائڻو پوي ٿو ۽ بنهيءَ کي هڪجهڙوئي حاڪم مطلق تسليم ڪرڻو پوي ٿو. انهيءَ جو اهو نتيجو آهي ته جهڙي طرح خدا هر قسم جي بازپرس کان مٿي ۽ پاڪ آهي، اهڙي طرح ظالم حاڪم کي به عوام هر قسم جي جواب طلبيءَ کان پري ۽ سندس نگراني ڪرڻ پنهنجي لاءِ ناجائز سمجهي ٿو. يا هن ريت چوڻ گهرجي ته جيئن عوام پنهنجي معبود ۽ ظالم بادشاهه کي ڪيترين گهڻين حالتن، صفتن ۽ نالن ۾ هڪجهڙو

ڏسندي، سندن تعظيم ۽ تقديس به ساڳي خوف ۽ ڊپ سان ڪري ٿو. هنن ۾ ايتري سمجهه ڪٿان آئي جو ”لايسئل عمايفعل“، ”منفهمه“ ۽ ”جل شانه“ وغيره الاهي صفتن ۽ ”غير سئول“، ”ولي نعمت“ ۽ ”جليل الشان“ وغيره شاهي لقبن جي وچ ۾ جو باريڪ فرق آهي سو سمجهي سگهن.

انهن حالتن جو اهوئي نتيجو هو جو گذريل زمانن ۾ جابر ۽ ظالم بادشاهن کي موقعو ملي ويو ته خدائيت جي دعوا ڪن. جنهن جي نوعيت ۽ ڪاميابي رعيت جي ذهني لحاظ کان مختلف هوندي هئي. انهي ڪري هيءُ چيو ويو ته هر جابر حاڪم پنهنجي لاءِ قدوسيت جو ڪونه ڪو شان تجويز ڪري ٿو ته جيئن ان جي وسيلي هن دنيا ۾ خدا جو شريڪ بڻجي سگهي، يا گهٽ ۾ گهٽ خدا جو برگزيدو ۽ محبوب ته مڃجي ۾ اچي. پر جيڪڏهن اجا به ڪاميابي نصيب نه ٿي ٿئي ته پوءِ ايترو ته هرهڪ جابر حاڪم ضرور ڪري ٿو جو جبر پسند مذهبي پيشوائن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني پاڻ سان ملائي، خدا ۽ مذهب جي نالي تي رعيت مٿان هر نموني جو ظلم ۽ ڏاڍ ڪندو رهي.

هنن جو ڇوڻ آهي ته ”خاندان دائود عليه“ ۽ ”شاهه قسطنطين“ جو پنهنجن حڪومتن ۾ مذهب جي اشاعت تي ايتري سرگرميءَ سان ڪمر بسته هجڻ، فلپ ٻيو ”شاهه اسپين“ ۽ ”هينري ستون“ شاهه انگلستان، جو مذهب جي حمايت ۾ ڏاڍي زور شور سان اٿڻ، مختلف ڌوهن جي روڪڻ لاءِ محڪمه مقرر ڪرڻ، غير عقيده رکندڙ ماڻهن جو وحشياڻي نموني خون وهائڻ، ”حاڪم بامر اللهُ فاطمي“ ۽ ٻين عجمي بادشاهن جو صوفين ۽ مشائخن جي پنيرائيءَ ۾ هر نموني جي مدد ڪرڻ، هر هنڌ تڪيه ۽ خانقاهون نهرائڻ، اهو سڀ محض انهي ڪري هو ته مذهب ۽ مذهبي پيشوائن جي همدردي حاصل ڪجي، ته جيئن پنهنجو ظلم ۽ ڏاڍ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي جاري رکي سگهن.

سياست جي ماهرن جو خيال آهي ته مذهبي ۽ سياسي جابرن جي وچ ۾ هڪ مضبوط رشتو موجود آهي جو ڪڏهن به ٽٽي نه ٿو سگهي، ٻئي لازم ۽ ملزوم آهن. اجا هڪڙو ڪنهن طرف وڃڻ لاءِ تياري ۾ ئي آهي ته ٻيو جهٽ انهي هنڌ پهچيو وڃي. جڏهن هڪ ۾ ڪمزوري يعني اصلاح ٿئي ته ٻئي ۾ به ازخود اچيو وڃي. پنهنجي انهي دعوا جي ثبوت ۾ هو مسيحيت کي

پيش ڪن ٿا، تہ جڏهن پروٽسٽنٽ فرقي جي شڪل ۾ اصلاح ٿي، ۽ سڪسوني قومن ۾ مقبول ٿي، تڏهن سياسي جابرن ۾ بہ ظاهر ظهور تبديلي آئي. رومن ڪيٿولڪ فرقو جنهن مذهبي اصلاح بہ پيدا نہ ٿي.

مطلب تہ سيپئي سياست جا ڄاڻو هم زبان آهن تہ سياست ۽ مذهب هميشہ هڪٻئي سان ڪلهي بہ ڪلهي هلندا رهن ٿا، ۽ سياسي اصلاح تي ٻڌل پئي رهيو آهي.

هو چون ٿا تہ مذهب جي ذريعي اصلاح جي شروعات سڀ کان اول يونان جي حڪيمن ڪئي. هنن پنهنجن ظالم ۽ سرڪش حڪمرانن کي پابند ڪرڻ ۽ سندن اقتدار کي پيڇڻ لاءِ اها اٽڪل ڪئي جو توحيد الآهي جي هنڌ تي شرڪ کي رواج ڏنو هيءَ عقيدو هنن شورين کان ورتو ۽ مصري افسانن جي بيڪار ڳالهين جي رنگ آميزي ڪري، اهو ظاهر ڪيو تہ ڪائنات جو سارو نظام هڪ خدا جي هٿ ۾ ڪونهي، بلڪ ڪيترن معبودن جي هٿن ۾ آهي. هر هڪ معبود پنهنجي پنهنجي هڪ محڪم جو ذميوار آهي ۽ پنهنجي ڪاروبار ۾ پورو اختياري رکي ٿو. جيئن تہ عدل ۽ انصاف جي واڳ هڪ ديوتا جي هٿ ۾ آهي، جنگ ٻي جي، سمنڊ ٽين جي، بارش چوٿين جي، مطلب تہ هر چيز جو الڳ الڳ ديوتا آهي، جن جي مٿان هڪ وڏو ديوتا آهي، جنهن کي خدا چئجي ٿو هن کي ٻين سيني ديوتائن جي نگرانيءَ ۽ باهمي اختلاف ۾ دخل ڏيڻ جو اعليٰ حق آهي.

جڏهن انهن فلاسافرن انهي عقيدي کي پنهنجي وضاحت ۽ دليلن جي قوت سان ماڻهن جي دلين ۾ چڱي ريت مضبوط ڪيو. تڏهن يوناني ماڻهن وڏي خوشيءَ سان سندن هيءَ سياسي دعوت قبول ڪئي، تہ بادشاهہ بہ پنهنجي وحدانيت جي مقام تان هيٺ لهي، ۽ زمين تي بہ حڪومت جو اهڙوئي نظام قائم هجي، جهڙو آسمان تي آهي. اهڙي ريت هنن پوري روحاني جوش سان بادشاهن کي ايترو تہ مجبور ڪيو جو کين لاچار ٿي سر جهڪائڻو پيو. انهي عقيدي جي ڪري پيچاڙيءَ ۾ اٿينس ۽ اسپارٽا ۾ يهودي حڪومتون قائم ٿيون. رومانيت بہ اها ئي ساڳي پيروي ڪئي. اهڙي ريت اڄ جيڪي بہ سموريون حڪومتون، وزارتون ۽ جمهوريتون موجود آهن. سي انهي اصول جيڪري.

انهي باطل عقيدي مان فائدو تہ برابر پهتو پر پيچاڙيءَ ۾ هيءَ عظيم

الشان نقصان ٿيو جو هر طبقي جي چالاڪ ماڻهن کي الاهي صفتن ۾ روحاني ڍونگن جي دعوائن جو بي ڌڙڪ موقعو مليو جنهن جي اڳ خاص خاص جابر بادشاهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ جرئت نہ هوندي جيئن تہ هيءَ عقيدو مختلف سببن کان عام انساني طبيعت جي موافق هو انهيڪري غير معمولي تيزيءَ سان مقبول ۾ عام ٿي ويو جنهن ڪري جابرن جي اڳيان بي انداز خدمتگارن جي جرار فوج جمع ٿي وئي.

هن مشترڪ دور کان پوءِ توريت آيو جنهن پاڻ سان هڪ نئون روح ۾ نئون نظام آندو هن بني اسرائيلين ۾ شرڪ جي اوچن محلن کي ڍاهي، ديوتائن جي جاءِ تي فرشتن کي جڳهہ ڏني، مگر ڪيترن اسرائيلي بادشاهن کي اها خالص توحيد نہ وڻي ۾ هنن دست اندازي ڪري سندس شڪل ئي بدلائي ڇڏي.

آخر انجيل جو وارو آيو جنهن نرمي ۾ بردباريءَ جي تعليم سان گڏ وحدانيت تي نئين سر ڪوشش ڪئي، مگر ان جا پهريان داعي ۾ مبلغ، انهن بي سمجه قومن کي هيءَ حقيقت پوري ريت سمجهائي نہ سگهيا تہ "پيءَ ۾ پُٽ" جا لفظ مجازي طور استعمال ڪيا ويا آهن. نتيجو اهو نڪتو جو انهن مجازيءَ جي بدران حقيقي معنيٰ وٺي يقين ڪيو تہ مسيح، خدا جو سچ پچ اهڙوئي پٽ آهي، جهڙو انسانن کي نسبي پٽ هوندا آهن. هن غلطفهميءَ کي وڏي قوت انهي امر ۾ واقعي مان پهتي جو هو پنهنجي ظالم حاڪمن کي اول کان ئي خدا جو پُٽ مڃيندڙيون هيون. انهي سبب هنن اهو گوارا نہ ڪيو تہ حضرت مسيح کي انهن کان گهٽ مرتبي وارو ڄاڻن. اهڙي ريت مسيحت بہ اڳوڻن مذهبن وانگر بلڪل جلد ۾ تيزيءَ سان پنهنجو اصلي چولو بدلي، ارباب ڪليسا جي تعظيم ۾ تڪريم ۾ ايتري قدر مد غم تي ويئي جو ڪين آسماني بادشاهن جو نائب، معصوم، قانونسازي جو اهل ۾ شريعت ۾ تبديلي آڻڻ ۾ وڏي هٿي ڏئي ڇڏي جيتوڻيڪ پڇاڙيءَ ۾ پروٽسٽنٽ فرقي انهي قسم جي ڪيترن امتيازن کي ختم ڪري ڇڏيو ۾ مسيحت ۾ ڪنهن حد تائين اصلاح آندي.

سڀنيءَ کان پڇاڙيءَ ۾ اسلام، عقل ۾ حڪمت جو جهنڊو بلند ڪري ظاهر ٿيو. هن شرڪ کي بنياد کان ڪٽي اڇلائي ڇڏيو. جمهوريت (Democracy) ۾ امرائيت (Aristocracy) کي اڪين اڳيان رکندي،

سياسي آزاديءَ جا اصول قائم ڪيا، توحيد کي غير متزلزل بنيادن تي بيهاريو ۽ دنيا جي اڳيان خلفا راشدين جهڙي حڪومت قائم ڪئي، جنهن جهڙي مسلمانن ۾ وري ڪا به حڪومت قائم نه ٿي.

خلفا راشدين قرآن کي چڱي ريت ڄاتو هو انهيءَ تي سندن عمل هو جنهن ڪري هڪ اهڙي حڪومت قائم ٿي، جنهن هر قسم جي امتيازن کي ختم ڪري ڇڏيو ايسيتائين جو پنهنجي سڀ کان وڏي عهديدار يعني خليفي، ۽ قوم جي هڪ ادنيٰ گداگر کي هڪ ئي صف ۾ آڻي بيهاريو. اسلامي خليفي کي نه ڪوئي امتياز هو نه ان جي مالي حالت ڪنهن حيثيت ۾ بهتر هئي. انهن اسلامي حڪمرانن مسلمانن ۾ برادري، رواداري سبب هڪٻئي ۾ اهي گهرا رشتا قائم ڪيا جو اجوڪن حقي ڀائرن ۾ به ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن. جي هڪ ئي پيءُ جي مهربانين هيٺ پلجن ٿا، ۽ هڪ ئي ماءُ جي هنج ۾ ڪيڏن ٿا.

اسلام هر قسم جي روحاني ۽ مذهبي اقتدار کي ختم ڪري ڇڏيو هن وٽ نه ڪوئي پوپ هو نه پادري، سواءِ هڪ رسول جي (۽ اهو به فقط تبليغ شريعت ۾). ڪنهن به انسان کي پاڪائيءَ جو درجو حاصل نه هو. هن اهي سموريون هٿڪڙيون ۽ ٻيڙيون ٽڪر ٽڪر ڪري اڇلائي ڇڏيون، جن سان هميشه انسانن کي قيد ڪيو ويندو هو. تنهن کان سواءِ اهي سڀئي امتياز ۽ اختيار ختم ڪيا ويا جي ٻين مذهبن ۾ مذهبي پيشوائن کي حاصل ٿي ويا هئا.

مگر افسوس! جو جاهلن جي هٿان هن دين سان به ساڳي هٿ چراند ڪئي وئي. دين جي اصل تعليم ۽ هدايت کي پُٺيءَ پويان اڇلائي سندس روشن پيشاني تي ذلت ۽ خواريءَ جي مهر هنئي وئي. هيءَ دين اهو دين هو جنهن جا اعوان ۽ انصار دوست ۽ دشمن، پنهنجا ۽ پراوا، عارف ۽ حڪيم سڀ زماني جي وٽ پڪڙ ۽ ستمن کان بچي نه سگهيا. ظالم حاڪمن حملا ڪيا ۽ ان کي قوم ۾ نفرت ۽ ڏڪار، قتل ۽ غارت ۽ پنهنجين هوس ڪارين لاءِ هٿيار طور ڪم آندو. ٻين مذهبن جي پوئلڳن وانگر منجهس طرحين طرحين جون زيارتون ۽ اضافا آڻي ايترو ته بگاڙيو ويو جو عوام ته بجاءِ پر خود خاص ماڻهن ۾ به حق ۽ باطل جي تميز نه رهي. مطلب ته اهڙي نموني سان بگاڙيو ويو جو اڄ ان جي احڪامن، فرائضن ۽

آدابن تي ڪو بہ پوري ريت عمل ڪري نہ ٿو سگهي.

انهيءَ ۾ گهڻ جو اهو نتيجو نڪتو جو جڏهن امت مذهب تي نہ هلي نہ سگهي ۽ يقين ٿيڻ لڳو تہ چوڻڪاري ۽ بهبوديءَ جو رستو انسان جي وس کان ناقابل گذر ۽ انسان جي پهچ کان ٻاهر آهي. ظاهر آهي تہ جڏهن انساني ڪمزوري انهي حد کي وڃي رسي، تڏهن نفس ذليل ٿي وڃي ٿو ۽ سر جهڪي وڃي ٿو. انهي منزل تي پهچندي حق ۽ ناحق جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي سو بہ انساني ذهن مان ختم ٿي وڃي ٿو.

امت اسلاميا جي هن ڊر ۽ غفلت اميرن ۽ حاڪمن جي اڳيان ظلم ۽ ڏاڍ جا سوين رستا تيار ڪري ڏنا ۽ پوءِ هنن وڏي دليريءَ سان اَللہُ جي حدن کي اورانگهي امت مرحوم کي ذليل ۽ خوار ڪري پنهنجو غلام بنائي ڇڏيو.

اسلام ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳاڪهيون آهن جن لاءِ اهل نظر وارن جو چوڻ آهي تہ اهي ٻين مذهبن پوءِ ورتيون آهن. مثال طور: پاپائيت ۽ سندن مظاهرا. بزرگن جي تعظيم عبادت جي درجي تائين (مواد رهجي ويل: سهڙيندڙ).

## شخصي حڪومت ۽ عزت

دانائن سچ چيو آهي تہ شخصي حڪومت هر برائيءَ جو بنياد آهي. جڏهن انسان جي شخصي ۽ اجتماعي زندگيءَ تي جو هر نموني تباهہ ٿيڻ شخصي حڪومت تي ئي دارومدار آهي.

هن کان اڳ اهو بيان ٿي چڪو آهي تہ شخصي حڪومت عقل جي مٿان پڙ جي سوڙ رکي ڪهڙي نموني دٻائڻ چاهي ٿي، مذهب کي پنهنجن فولادي هٿن ۾ ڪيئن مضبوط جهلي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ صحيح علم سان ڪهڙي نموني جنگ جوٽي ٿي. هن باب ۾ فقط اهو ڏيکارڻو آهي تہ شخصي حڪومت انساني عزت ۽ شرافت سان ڪهڙو ورتا ڪري ٿي، ڪهڙي ريت ان تي لڪي لڪي حملا ڪري ٿي ۽ ڇا جي سبب ان کي اصليت کان هٽائي، مصنوعي عزت ۽ مصنوعي شرافت جو لباس پهرائي ٿي؟

عزت جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ دنيا ۾ محبت ۽ احترام حاصل ڪرڻ ظاهر آهي تہ هيءَ مقصد نهايت اعليٰ ۽ انساني فطرت جو هڪ ممتاز جزو آهي. هر انسان کي ان جي جستجو آهي، هرڪا سندس وجوديت ان ڳالهہ جي گهر ڪري ٿي، نبين ۽ ولين کي بہ انهيءَ جي ضرورت هئي، ۽ هر ڪنهن هيٺ مٿاهين کي ان سنوت جي گهرج آهي. عزت ۾ هڪ خاص روحاني لذت آهي جيڪا انسان کي ايترو مرغوب آهي، جيترو ڪامل وليءَ کي عبادت، فلسفي کي حڪمت، بادشاهہ کي هفت اقليم جي حڪومت ۽ فاقہ مست کي واٽ ويندي هٿ آيل دولت. اهوئي سبب آهي جو انسان انهي راهہ ۾ پنهنجو تن، من ۽ ڌن قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.

ڪيتري مدت تائين علمائن ۾ اهو بحث ٿيندو پئي رهيو تہ زندگيءَ جي خواهش وڌيڪ يا عزت جي. آخر پوين علمائن اهو فيصلو ڪيو تہ آزاد ۽ غيور انسان کي زندگيءَ کان وڌيڪ بهتر چاڻي ٿو ۽ غلامن جي نظر ۾ زندگيءَ جو رتبو عزت کان مٿي آهي.

عزت جو رستو اهو آهي تہ انسان جماعت جي فائدي خاطر پنهنجي ذاتي فائدن جي قرباني ڪري هن حقيقت کي اوپر جا عالم هن ريت ظاهر ڪن ٿا تہ خدا يا مذهب جي راهہ ۾ قرباني ڪئي وڃي، ۽ اولهہ جي عالمن جو چوڻ آهي تہ انسانيت ۽ وطنيت جي راهہ، پنهنجن ذاتي فائدن کي نظرانداز ڪرڻ قرباني آهي. بهرحال، ٻنهيءَ جو مقصد هڪڙوئي آهي. يعني جڏهن فرد، جماعت جي لاءِ پنهنجو سيڪجهہ قربان ڪري ٿو تڏهن جماعت جي نظرن ۾ عزت حاصل ڪري ٿو.

جماعت جي لاءِ فرد جي قرباني ڪيترن ئي قسمن جي ٿئي ٿي. مال جي، جيڪا نهايت ادنيٰ قرباني آهي. علم جي، هي وچولي درجي جي قرباني آهي. حق ۽ انسانيت جي نالي تي زندگيءَ جي قرباني، هيءَ تمام اعليٰ قرباني آهي. هن جي ڪشش ڏاهن کي هميشہ پنهنجي طرف ڇڪي ٿي ۽ بهادرن کان دل ۽ جان جو نذرانو گهري ٿي. معلوم نہ آهي تہ هن جو حسن ڪيتري قدر دل موهيندڙ آهي جو هزارين پروانن وانگر ديوانہ وار وڃيو سر اڏيءَ تي رکن، رکندا اچن ۽ رکندا ئي رهندا. عجب تہ اهو آهي جو اج تائين ڪنهن هڪ جي زبان تي بہ حرف شڪايت جو ڪونهي. سڀ

خاموش ۽ بيتاب ٿيندا ڪڏندا وجيو سر نيزن ۾ ڏين. هن مغرور نازنين جي عشق جي دعوا هرڪو انسان نہ ٿو ڪري سگهي، هيءَ راهہ ڪنڊن سان پرپور آهي، وڪ وڪ تي نانگ ۽ بگهڙ وات ڦاڙيو بيٺا آهن. هن راهہ جي مسافر کي پيرن منزل جهاڳڻي ناهي، جگر جو خون ٿوڪڻو آهي. هيءَ جرعت گهٽو ڪري اهي ٿي ڪندا، جن جي خانداني شرافت صدين کان بي داغ آهي يا جن ۾ مجاهدن ۽ فدائين جو سلسلو ختم نہ ٿيو آهي.

عزت! ها، عزت ئي انسانيت جو اهو رواج آهي، جنهن جي سڪ ۾ بهادر هميشہ سر ترڻيءَ تي کنيو گهمندا آهن. "نيرو"، "آگرين" شاعر کان (جنهن جو سر ان وقت تلوار جي هيٺيان هو.) پڇڻ لڳو: "ٻڌاءِ! سڀ کان زياده بدبخت ڪير آهي؟" ظالم شهنشاهہ جو خيال هو تہ شاعر پنهنجي طرف اشارو ڪندو، مگر هن بهادر حقارت سان منهن ڦيريندي کيس چيو: "سڀ کان زياده بدبخت اهو آهي جيڪو پنهنجي ظلم سبب سڄي دنيا ۾ پنهنجو شريڪ نٿو رکي" (يعني خود نيرو). عدل پرور "تراجان" جو دستور هوندو هو تہ جڏهن پنهنجي ڪنهن سپهہ سالار جي ڪمر ۾ تلوار ٻڌندو هو، تڏهن چوندو هو "'هيءَ قوم جي تلوار آهي.' مون کي اميد آهي تہ قانون شڪني نہ ڪندي، آئون پنهنجي گردن هميشہ هن کان بچائي سگهندس".

وليد بن عبدالملڪ جو ظلم، دنيا ۾ مشهور آهي، مگر هڪ دفعي قيس دربار مان ڪاوڙجي، هيءَ چوندي اٿي کڙو ٿيو: "ڇا تون جبار بنجڻ گهرين ٿو؟ خدا جو قسم، هڪ گداگر فقير جي جُتي بہ تنهنجي تلوار کان بهتر آهي".

هڪ اولوالعزم کي چيو ويو " تنهنجي جدوجهد جو نتيجو سواءِ هن جي ٻيو ڪي بہ نہ آهي، تہ اڃا بہ زياده پريشاني ڳنهين" هن جواب ڏنو "مرحبا، اها پريشاني ڪيتري قدر نہ لذيذ آهي، جيڪا ظالمن جي زندگي ختم ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي!". هڪ ٻئي فدائيءَ کان انهي قسم جو سوال پڇيو ويو، هن چيو، "مون کي پنهجو فرض پورو ڪرڻو آهي، نتيجي سان بحث ڪرڻ منهنجي لاءِ غير ضروري آهي". هڪ ٻئي فدائيءَ کي چيو ويو "تون گهر ڇو نہ ٿو ٿاهين؟" چوڻ لڳو "گهر ۾ ڪير رهندو جڏهن منهنجو ٽڪاڻو يا گهوڙي جي پُٺيءَ تي آهي يا قيدخاني جي ڪوٺڙيءَ ۾ يا قبر جي گوشي ۾؟". اسما بنت ابي بڪر پوڙهي ٿي وئي هئي، پيري چيلهہ جهڪائي ڇڏي هئس، ان هوندي بہ دل ايتريقدر طاقت مند هئس جو پُٽ کي هيٺيان لفظ

چئي ميدان جنگ ڏانهن روانو ڪري ٿي:

”جيڪڏهن حق تي آهين تہ وڃ، وڃي حجاج سان وڙهہ ايستائين جو موت اچي وڃي!“

مطلب تہ عزت، زندگيءَ جو هڪ اهڙو گوهر مقصد آهي، جنهن لاءِ هر ڪا دل حيران ۽ هر ڪا اک عاشق هجي ٿي. عدل ۽ انصاف جي زماني ۾ ان جو حاصل هجڻ آسان آهي ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي لياقت ۽ صلاحيت موجب پنهنجو حصو وٺي ٿو مگر ظلم ۽ ڏاڍ جي زماني ۾ هن جي جيڪڏهن ڪا سبيل آهي تہ صرف اهائي جو ظلم جي مقابلي لاءِ حق جي راهہ ۾ سرفروشي ڪئي وڃي.

اها آهي حقيقي عزت، مگر انهيءَ جي مقابلي ۾ هڪ ٻي بہ عزت آهي، جنهن کي نقلي عزت چئجي ٿو. اها ڇا آهي؟، هڪ نهايت بري ۽ شرمناڪ چيز. منهنجو قلم اڳتي وڌندي ذرا ڪيٻائي ٿو تہ مبادا ڪن پاڙهن جي احساس کي صدمو رسي. پر آئون انهن جي ضمير کي اپيل ڪندي ۽ مظلوم حق جو واسطو وجهي التجا ڪريان ٿو تہ هڪ گهڙيءَ لاءِ پنهنجي ذات کان الڳ ٿي معاملي فهميءَ سان ڪم وٺن.

نقلي عزت، ظالم جي پيرن هيٺان هٿ ايندي آهي ۽ ظالم بادشاهن جي قربت مان پلئہ پوندي آهي. اها قربت يا تہ عملن هوندي آهي، مثال طور بادشاهہ جي صحبت يا ملازمت نصيب ٿي وڃي يا زور سان هٿ اچي، مثلن بزرگيءَ جا خطاب، تمغا يا انعامي تلوارون ملي وڃن. يا ٻين لفظن ۾ هن ريت چئجي تہ نقلي عزت ظالم جي تڪبر ۽ ڏاڍ جي جهنم جو هڪ پڙڪندڙ شعلو آهي جيڪو پنهنجي طلبگار کي انهي لاءِ ملي ٿو تہ انسانيت ۽ شرافت کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏي، اڃا بہ زياده صحيح هينئن ٿيندو تہ نقلي عزت اها آهي جو ان جو شيدائي، ظالم جي طرفان تلوار ٻڌي ثابت ڪري ڏيکاري تہ هو ظالم حڪومت جو جلاد بڻجي ويو سيني تي تمغا لڳائي، ڏيکارڻ گهري ٿو تہ سندس اندر ۾ هڪ ظلم پسند دل آهي، يا سون ۽ چانديءَ جي تارن وارا ڪپڙا پهري ظاهر ٿو ڪري تہ اصل ۾ هو محافظ هجڻ بجاءِ پنهجن بدمعاش عملن جي نتيجن کان تحفظ گهرندڙ ڪانئر آهي. مطلب تہ نقلي عزت، هڪ اها عزت آهي، جنهن جي حاصل هجڻ کان پوءِ انسان، هڪ وڏي ظالم جي پاڇي ۾ ننڍو ظالم بڻجڻ

چاهي ٿو.

شخصي حڪومت وٽ فقط نقلي عزت ٿئي ٿي، اهو انهي لاءِ تہ آزاد حڪومت يعني قوم يا عوام جي صحيح نمائنده حڪومت، ڪڏهن بہ گوارا ڪري نہ ٿي سگهي، تہ برابريءَ جي قانون کي ڀڃي، قوم جي فردن ۾ امتياز پيدا ڪجي. هو فقط انهن ماڻهن کي انعام ۾ خطاب ڏئي ٿي جي ملڪي ۽ قومي خدمتن ڪري پاڻ کي ان جو اهل ثابت ڪن ٿا. نااهلن جي لاءِ اهڙي حڪومت ۾ ڪابہ عزت جي جڳهہ نہ آهي.

انگلستان ۾ "لارڊ" جو خطاب شخصي حڪومت واري دور جو يادگار آهي، مگر جيئن تہ مُلڪ جو عوام بيدار آهي ۽ حڪومت ۾ زياده دخل رکي ٿو انهي ڪري هيءَ خطاب گهٽو ڪري انهن ماڻهن کي ملن ٿا، جيڪي قوم جون وڏيون وڏيون خدمتون ڪري چڪا هجن ۽ پنهنجي طرفان اخلاق، دولت ۽ ذاتي قابليت جا پورا اهل هوندا آهن. هو ڪنهن شخص جي عزت محض سندس لارڊ هجڻ جي بنياد تي نہ ڪندا آهن، پر جيسيتائين ان جي پيشانيءَ تي حب الوطنيءَ جي قلم ۾ مذهبي مهذبيت جي مس سان هيءَ تحرير لکيل نہ هوندي آهي تہ: "شرافت جو قسم! آئون قومي عزت ۽ قومي آزاديءَ جو هميشہ نگهبان رهندس".

نقلي عزت جو وجود قديم قومن ۾ نہ هو پر جيڪڏهن ڪي قدر هو تہ فقط بادشاهن جي "خدائيت" واري دعويٰ ۽ شهزادن ۽ نوابن جي فخر تائين محدود هو. قرون وسطيٰ ۾ هن جي خوب گرم بازاري ٿي ۽ ڪارن ڪڪرن وانگر سموري انساني فضا تي ڇانئجي ويئي، ايسيتائين جو هينئر آفتاب عزت جي ايرندي ئي ڪيس هر هنڌان مجبورن ڇڙوڇڙ ٿيڻو پيو آهي.

نقلي عزت وارا عام پبلڪ کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ ٻڌائين ٿا تہ اسين پنهجن معاملن ۾ هر طرح آزاد آهيون. جيڪو بہ طرز عمل چاهيون اختيار ڪري سگهون ٿا. اسان جي عزت بلڪل محفوظ آهي، آبرو بي داغ آهي. حالانڪ هيءَ سفيد ڪوڙ ۽ سراسر فريب آهي. اهي ماڻهو نہ تہ ڪڏهن آزاد ٿي سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪا سندن عزت ئي محفوظ آهي. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي نقلي عزت قائم رکڻ خاطر هو هميشہ مجبور آهن تہ ظالم حاڪمن طرفان هر نموني جون بيعزتيون برداشت ڪن، رڳو برداشت ئي

نہ پر انهن کي هر نموني لڪائين، پر جيڪڏهن ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ لڪي نہ سگهن تہ پوءِ کين پڙدي پنيان لڪائي سارا هڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هر انهي شخص جي مخالفت ڪن، جيڪو حقيقت کي عوام اڳيان ظاهر ڪري ۽ اجا بہ ظالم جي دل وٺڻ لاءِ قوم جي مٿان ظلم ۽ ڏاڍ ڪن ۽ دماغن کي انهي تصور کان زوري باز رکڻ جي ڪوشش ڪن، جن جو ظالم جي ظلم سببان پيدا ٿيڻ هڪ لازمي امر آهي.

_ 1951ع جي نوٽبڪ تان.

هڪ ڏينهن ڏيپلائي صاحب سخت ناراض ٿي مون وٽ
آيو. چي:
"تو پنهنجي ڪتاب (پينر آئون پلياس...!) تان پنهنجو
نالو مٽائي منهنجي پٽ جو ڏنو آهي!"
منهنجو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو. ڪيس چيم:
"ڏيپلائي صاحب، جيڪڏهن مون ايئن ڪيو هجي، ۽
ثابت ٿئي، تہ آئون زهر کائي مرندس."
ان ڪتاب جي پوئين صفحي تي پاڻ ئي لکيو هيائين
تہ
'هن ڪتاب جون تہ هڪ لک ڪاپيون ڇپائي سِنڌ ۾
ورهايون وڃن!':

# پينر آئون پلياس!

**مٿئين** محاذ تي لکڻ کان اڳ، منهنجي ذهن تي پيتائي صاحب
جي هڪ بيت جو هيٺيون بند تري ٿو اچي:

پينر آئون پلياس، مون سنگ سجاڻي نہ ڪيو...
سرزمين سِنڌُ ايامن کان وٺي، انهي فڪر جي پئي رهي آهي، تہ:
هُو چَوندئي، تون مَ چئو واتئون ورائي...

افسوس، انهي تعليم، فڪر و نظر مان جيڪي گل ٻوٽا ٽڙيا ۽
خوشبوءِ واسي، تنهن کان سڀ واقف آهيون. انهي تي مزيد روشني وجهڻ
جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي.

ون يونٽ جي نحوست، 15 سالن کان ننڍين علائقن، خاص طور
سِنڌُ سان جيڪي ڪلور ڪيا، سندس رت ست نچوئي ڪنگال بنايو
آهي، تنهن ماجرا کي هڪ گهر جا ياتي اکين سان ڏسندي بہ انڪار
ڪن_ تہ ڪنهن کي ڇئجي؟ پاڻ کي ڏوهہ ڏجي، يا اڳلي جي نيت ۾ فتور

ڇاڻجي؟ جڏهن ته ننڍين علائقن جا 95 سيڪڙو (بقول جسٽس فضل اڪبر)، ون يونٽ جي سرشتي کان متنفر آهن ۽ خود سربراهه مملڪت، اعلان ڪري چڪو آهي ته ون يونٽ کي جلد ختم ڪيو ويندو، ان هوندي به ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو علي الاعلان ون يونٽ قائم رکڻ جو مطالبو ڪن ته ڇا سوچڻ گهرجي؟ منهنجي نظر ۾ اهو ايئن آهي جيئن ڪو ماڻهو پنهنجو دماغي توازن وڃائي، لٺ کڻي، راهه ويندڙ ڏهن ويهن هزارن ماڻهن جو رستو روڪي بيهي رهي ۽ کين دڙڪو ڏئي چوي ته، "خبردار! جيڪڏهن هڪ قدم به اڳتي وڌايو اٿو!"

پر جيئن ته اهي پائر اسان جي ئي سرزمين تان مخالفت جو آواز اٿارين ٿا، ان ڪري سِنڌ جي عظيم رواداريءَ کي نگاهه ۾ رکندي، سندن مطالبي کي وزن ڏيندي، کانئن پڇجي ته ون يونٽ (1955ع) کان اڳ سنڌي قوم طرفان کين ڪهڙو نقصان پهتل آهي؟ ساڻن ڪهڙي بي انصافي ٿيل آهي؟ ذرا ان جي به وضاحت ڪن ته جيئن گهر ڪنڊ ۾ روئڻ بجاءِ ٻاهرين دنيا کي به خبر پوي ته ساڻن اڳ ۾ ئي بي انصافيون ٿيل آهن، ان ڪري سندن هاءِ گهوڙا حق بجانب آهي. باقي ايئن چوڻ ته ون يونٽ ٽٽڻ بعد اسان کي نقصان رسندو، اها پروپئگنڊا ڪنهن اهميت حاصل ڪرڻ بجاءِ مورڳو اهي شڪ شبها پيدا ڪري ٿي ته شايد حقيقت اجهان ڪا ٻي آهي!

اسان کي ته اهو گمان ٿو پيدا ٿئي ته شايد ون يونٽ واري 15 سالن جي دور ۾، اسان جي انهن پائرن پس پڙدي ڪي اهڙيون حرڪتون ۽ زيادتيون ڪيون آهن، جن جو ون يونٽ جي خاتمي بعد پانڌو ٿئي، اهي ننگي روپ ۾ عوام جي سامهون اچن ته سندن خيال موجب اهي ناقابل معافي ڄاتيون وڃن.

عام چوڻي آهي ته "هر شخص پنهنجي من جو قاضي پاڻ آهي!". اسان جي پائرن کي جيڪڏهن پنهنجي اندر جا خدشا سامهون ايندا هجن ته ان ۾ اسان جو ڪهڙو قصور؟ اسين ته کين پنهنجي طرفان سياڻي لاءِ به اهائي ساڳي ضمانت ڏيئي سگهون ٿا، جيڪا ون يونٽ کان اڳ توڙي ون يونٽ کان پوءِ هزارها طريقن سان ڦرجڻ ۽ لٽجڻ جي باوجود ڏيندا پئي رهيا آهيون. ان هوندي به 'چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک' مثل، پنهنجو پاڻ اندران ئي

اندران اڏوهي مثل ڪائيندو ۽ ناس ڪندو هجين تہ ان صورت ۾ اسين ان مرض جو ڪهڙو علاج ڪري سگهون ٿا؟ بي سبب ڍونگ رچائڻ، عجيب ۽ غريب پروپئگنڊائون ڪرڻ، بهتان مڙهڻ، ويساهہ وسوڙل ماڻهن کي برغلائڻ، رات جو تارا ڏسي باهہ جون اماڙيون سمجهڻ، پنهنجا حمايتي بنائڻ لاءِ ڪيسو وائکو ڪري، مڪر ۽ فريب جا هر حربا استعمال ڪرڻ مان آخر ڇا حاصل ٿيڻو آهي؟ سچ کي ڪاري هيٺ لڪائڻ جي ڪوشش، ڪنهن کي بہ ڪاميابي نصيب ڪا نہ ڪئي آهي.

اسان کي تہ ون يونٽ بعد جيڪي پلئہ پيو آهي، سو تہ هيءَ آهي: اسان کي پاڻ ۾ ويڙهايو ويو ڪفر ۽ ڪافر جون فتوائون جاري ٿيون. زبان ۽ تعليم جي ترقيءَ ۾ رنڊڪون پيدا ڪيون ويون، ملازمتن ۾ ماتيجيءَ ماءَ وارو سلوڪ ٿيندو رهيو ۽ آخر اسان جي اٽجاٽائي ۽ معصوميت سببان پس پردي آهستي آهستي اسان جي قسمتن تي بلڊوزر گهمائبا رهيا_ نہ فقط ايترو پر سِنڌ جي ابوجهہ هارين جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ جهڳا ڍهرائي، ناس ڪري، اباڻن ڪکن ۽ قبرستانن تي ٽرئڪٽر هلايا ويا. مسڪينن جي ايامن کان پيل زمينن جي مهاڳن تي زوريءَ قبضا ڪيا ويا. سندن لوڙهن ۽ لانڍين جي درن اڳيان زمينون والاري، سندن ننگن ۽ نياڻين کي آزاديءَ سان اٿڻ ويهڻ کان مجبور بنايو ويو. سوين شاگردن لئيون جهليون، مارون کاڌيون، قيد ۽ بند جا عذاب پوڳيا، محب وطن ۽ انسان دوست ماڻهن تي لقب لاتا ويا. چڱي ۽ مٺي جي شناس ڇڏائبي ويئي، اسان جي سادگي ۽ نيڪ نيتيءَ جو ناجائز فائدو وٺندي، اسان جي قومي ڪردار کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، اسان سان اهڙيون افسوسناڪ زيادتيون ڪيون ويون؛ جن جو جيڪڏهن اسين صبر ۽ تحمل سان مقابلو نہ ڪريون ها تہ اسان جي وطني سالميت کي، اسان جي تهذيب ۽ تمدن کي اهو ضرر رسي ها، جنهن جو صدين تائين پورائو ٿيڻ مشڪل ٿي پوي ها. اسان موٽ ۾ انسانيت جي اعلي قدرن جي وسيع دامن کي پنهنجن هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهليو. اسان ڄاتو ٿي تہ قومن تي اهڙا ڏينهن بہ ايندا آهن، اهي آزمائش ۽ امتحان جون گهڙيون آهن. زماني جي تجربن ۽ مشاهدي، اسان ۾ توري گهٽي اها صلاحيت ضرور پيدا ڪئي تہ دوکي ۽ فريب سان ڪيئن

منهن ڏجي. اسان وٽ موٽ ۾ اهي ئي طريقا هئا، جن اسان کي هر مشڪل منزل پار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

سوال آهي ته انهن حالتن کان پوءِ به ون يونٽ کي قائم رهڻ ڏجي؟ ايئن ڪرڻ سان پاڪستان جي ڀلائي ٿيندي؟ تهذيب ۽ تمدن کي فائدو رسندو؟ قومن ۾ هڪٻئي ڏانهن عزت ۽ محبت واري فضا پيدا ٿيندي؟ سچ پچ ته ون يونٽ جو وجود ملڪ ۽ قومن لاءِ هڪ بدشگون آهي. انهيءَ مان جيترو جلد نجات ملي، نيڪ فال آهي.

ون يونٽ جي مخالفت جا اهي ئي ڪارڻ آهن. اسين ان ڪري پڪيون ٿا ته جلد ختم ٿئي. ته جيئن سنڌ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي دلين ۾ هڪٻئي ڏانهن برادراڻي محبت واري فضا ٻيهر سازگار بڻجي وڃي. سنڌين سان انهن ٿيل زيادتين کي نگاهه ۾ رکندي، جيڪڏهن ڪي فرد ازخود ڇرڪندا هجن ته اها سندن ئي غلطي چئبي. اهڙن شخصن کي ڪيئن اعتماد ڏيارجي ته هن سرزمين جي خمير ۾ ايامن کان وٺي اهائي خوبي نمايان پئي رهي آهي ته پنهنجي دريا دليءَ سبب نالائقن سان هميشه لائق پئي ڪيا آهن. نادر ۽ مدد خان پٺاڻ جهڙن انسان دشمن حملي آورن، جن سنڌ جي سرسبز گلشن کي اجاڙي، ڀيلي، ڀينگ ڪرڻ ۾ انسانيت جي ڪنهن به قدر جو احترام ڪين ڪيو تن جو اولاد اڄ به سنڌ ۾، هڪ سنڌي ڀاءَ جي حيثيت سان پروقار زندگي گذاري رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو هڪ به مثال نه ملندو ته سنڌين ڪنهن سان ڪڏهن ڪا اڳرائي ڪئي هجي.

سنڌ وٽ پنهنجي اعليٰ تهذيب ۽ تمدن جي دعويداريءَ جو اهوئي ثبوت آهي ته هن دشمن کي به معاف ڪرڻ ۾ پس ۽ پيش نه ڪئي آهي. پنهنجي اعليٰ ظرف ۽ انساني اوصاف جي وسيلي، هڪ وحشي انسان جي گردن کي به جهڪائي پئي ڇڏيو آهي. سنڌ کي اهو هٿيار انسانيت جي انهن علمبردارن وٽان نصيب ٿيل آهي، جن کي انسانذات رهندي دنيا تائين عزت ۽ احترام سان ياد ڪندي رهندي. اڄ جيڪڏهن سنڌ پنهنجو سڀڪجهه وڃائي چڪي آهي ته پرواهه نه آهي، وٽس پوءِ به اهو قيمتي سرمايو محفوظ آهي، اها بي بها دولت اڄ به پنهنجي جاءِ امانت سلامت

آهي. يقين آهي تہ اها لافاني دولت سنڌي قوم کي هڪ ڏينهن پنهنجي اوج ۽ عظمت تي ضرور رسائيندي!

اسان جا پنجابي، پٺاڻ ۽ مهاجر ڀائرو! اوهان پنهنجي دل تي هٿ رکو پنهنجي ضمير کان پڇو. هن سرزمين اوهان کي ڇا ڏنو آهي ۽ اوهان کان ڇا ورتو آهي؟ هن سرزمين تي قدم رکڻ بعد ڪهڙي چيز اوهان جي مفادن ۾ رڪاوٽ ۽ اوهان جي رنجيدگيءَ جو باعث بڻي آهي؟ دراصل اوهان جي ننگ و ناموس ۽ معصوم ٻچن جي پرورش جي ساز و سامان جو بندوبست، هن سرزمين هڪ مهربان ماءَ وانگر پئي ڪيو آهي. انهيءَ ماءَ جو اوهان تي بہ حق آهي: ان جي عزت ۽ آزاديءَ جو سوال آهي. اهو سوال گويا اوهان ۽ اسان ٻنهي ڏرين جي ٻچن جي عزت ۽ احترام جو سوال آهي. حق شناس ٿيو. ٻئي لاءِ اها ڳالهہ سوچيو جيڪا اوهان جو من قبول ڪري، اوهان جي روح ۽ دل کي راحت رسائي. ٻين جي دلين تي لوڻ ٻرڪڻ ۽ گرم چڻڊا وجهڻ سان ڇا حاصل ٿيندو. دير يا سوير آخر حق کي ئي فتح حاصل ٿيڻي آهي.

(شايع ٿيل 10،11 جنوري،1970ع، روزاني "عبرت".)"

مون وٽ اچڻ کان اڳ، ڏيپلائي صاحب اخبارن ۾ بيان ڏنو تہ:

'ان ڪتاب جي ليکڪ کي موت جي سزا ڏني وڃي!'

اهو بيان مون بہ پڙهيو هو پر ان ڏينهن ڪيس ڪجهہ نہ ڇيم. آخر ظاهر ٿيو تہ اها... چار ساقي ڪئي هئي. بعد ۾ ڏيپلائي صاحب کي بہ معلوم ٿيو. ان صورتحال بعد ڏيپلائي صاحب مون کان پاسيرو ٿيڻ لڳو. جيسين ڪيس خبر پئي، تيسين سندن رويو هن خط مان پڌرو ٿئي ٿو:

## خط :

***عزيز*** ساقي،

توهان جو نوازش نامون پهتو. حسن علي صاحب ڪالهہ شام جو مليو هو. توهان جو ڪارڊ ڏيکاريائين، چيائين تہ پورن ايڪيهن ڏينهن کان پوءِ جواب مليو آهي. دوستن کان بہ ايتري بي رخي! حسن علي موڪل

ورتي آهي، جيتوڻيڪ اوهان جي ايڊريس رجسٽر تي عرصي کان چڙهيل آهي، پر ڏيپلائي صاحب جا ڪارڪن توهان ڏانهن ڪجھ بہ موڪلڻ صحيح نہ ٿا سمجهن. جيئين تہ رمضان دستور موجب مئٽرڪ جي امتحان جي تياري لاءِ موڪل ورتي آهي ۽ حسن علي ان جي جاءِ واري آهي. ڏسجي تہ ڪيترو وقت ٿو جالي. اوهان جي شعر لاءِ ڪيس يادگيري ڏياري آهي.

توهان ايڏانهن اچڻ جي دعوت ڏني آهي. نهايت مهرباني. هيل معاف ڪجو. ڪنهن وقت ضرور اوهان جي حاضري پربي.

هت هر هفتي دوست گڏ ٿيندا آهيون. ڪاليج جو اورل ۽ سبقن وارو امتحان هلي رهيو آهي. ٻيو سارو خير.

_ شامل خط صابوگر صاحب کي ڏيندا.

عبدالله

محترم محمد عثمان ڏيپلائي صاحب ست ٻوليون ڄاڻندو هو_ سنڌي، فارسي، گجراتي، اڙدو، هندي ۽ گرمکي، ۽ پاڻ شاعر بہ هو.

***

منهنجي سياسي جدوجهد جو آغاز جوئي صاحب کان شروع ٿيو ٿئي_ جويو صاحب تہ رهيو ڪامورو. عوام ۾ سجاڳي جتوئيءَ بہ نہ آندي_ لغاريءَ بہ نہ. اهو مون اڳ ۾ بہ لکيو آهي، جيڪو هاري تحريڪ تي تجزيو هو، سو هُنن شايع بہ نہ ڪيو:

## هاري تحريڪ: هڪ جائزو

***آئون*** هن ملاقات ۾ "هاري ڪميٽي" متعلق، سيني ساٿين ۽ هاري ڪارڪنن جي خدمت ۾، پنهنجو ذاتي نقطي نظر پيش ڪرڻ گهران ٿو. دراصل منهنجي مراد هيءَ آهي تہ پنهنجي شعور ۽ اندازي آهر ماضي جي تجربن_ ڪاميابين ۽ ناڪامين تي سرسري نگاهہ وجهجي ۽ ڏسجي تہ اج تائين جي جدوجهد مان ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي. ممڪن آهي تہ منهنجي هن ناقص تجزيي جي جواب ۾ ڪو بيو وڏيڪ سمجهدار ساٿي صحيح روشني وجهي، جيڪا تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ همدردن لاءِ وڏيڪ ڪارائتي ۽ سودمند ثابت ٿئي.

منهنجي نگاهہ ۾ هن تحريڪ جو بنياد اهڙي دور ۾ وڌو ويو، جنهن وقت انگريز سامراجين سان وطني آزاديءَ جي جدوجهد هلي رهي هئي_ هندستان جو مٿيون طبقو (جاگيردار ۽ سرمائيدار) انگريزن کي هڪالي ڪيڻ لاءِ ملڪ جي ڪروڙها عوام کي، بنا ڪنهن طبقاتي ۽ قومي مت ڀيد جي پاڻ سان همنوا بنائڻ لاءِ ڪجهہ سماجي سڌارا ۽ حق ڏيڻ چاهيا ٿي_ جيئن اج بہ مذهبي ۽ سرمائيداراڻيون سياسي جماعتون، عوام جي همدردي ۽ ڀلائيءَ جون وڏي وات دعوائون ڪنديون ٿيون رهن. هنن عوام کي اهو تصور ڪرائڻ ٿي گهريو تہ موجوده سماجي سرشتو جيڪو صدين کان عوام جي رت ۽ پورهئي جي ڦرلٽ تي قائم ٿيل آهي،

سو قدرت جي خواهشن پٽاندر بلڪل انصاف جي بنياد تي ٺهيل، بيٺل ۽ اٽل آهي ۽ ان کي دنيا جيِ ڪابہ طاقت بدلائي ۽ ختم نٿي ڪري سگهي_ البت، دولتمند طبقي يعني جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ زميندارن تي اهوئي خدائي فرض آهي تہ هو پورهيتن ۽ غريبن سان، هارين ۽ مزدورن سان قياس ۽ همدردي واري روش اختيار ڪن ۽ کين ايترو اجورو ضرور ڏين جيئن هو جيئرا رهن ۽ سندن ڪاروبار ۽ ڌنڌا هلائي سگهن.

ان تحريڪ، پورهيت طبقي کي سندس سماجي حيثيت دائمي ۽ برحق تسليم ڪرائيندي، پنهنجو سياسي مقصد (انگريزن کان حڪومت جون واڳون وٺڻ ۽ سندن جانشين بنجڻ) حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي.

انگريزن خلاف جدوجهد کان پوءِ جڏهن ملڪي ورهاڱو ٿيو تڏهن اڳوڻا سياسي ڪارڪن وري بہ پارٽي کي عوام سان وابستا رکندا آيا. هنن عالمي شعور، نين تحريڪن جي تجربن تي سوچڻ، سکڻ ۽ عمل ڪرڻ بجاءِ "زمين جنبد، نہ جنبد گل محمد" جي مصداق اڳوڻي طريقي ڪار تي ڳنڍ ٻڌي، چاڪيءَ جي ڏاند وانگر، اکين تي چڙهيل اکياڙين سان، ساڳين ئي پڙين تي، ساڳيون گهمريون ڏيڻ شروع ڪيون. اهڙن ساٿين اڳيان جڏهن بہ ڪنهن نئين شعور ۽ نون تجربن جي ڳالهہ ٻولهہ ٿي ٿي، جن سان سندن "گل محمد واري ذهن" نهڪاءَ نٿي ڪيو تہ هو هڪدم پنهنجي خلوص ۽ انا تي حملو ڄاڻي، ساٿ ڏيڻ بجاءِ مخالفت تي ايري ٿي آيا. هنن کي اها حقيقت ذهن ۾ ئي ڪانہ ٿي آئڙي، تہ عوام جي هڏڏوکي خادمن جي انا جي تہ ڪابہ گنجائش ۽ ڪابہ اهميت نہ هوندي آهي. هتي تہ مظلومن لاءِ حق وٺڻ جي بنياد تي، فقط عوامي مسئلن جو ئي احترام ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن عوامي ڪارڪن کي، عوامي همدردي کان وڌيڪ پنهنجي انا ۽ پنهنجي ذات عزيز آهي، تہ اهڙو ساٿي انفرادي طور ڀل ڪيڏي بہ عزت ۽ احترام جو لائق هجي، عوام جو خدمتگار نٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ عوامي خادم کي پنهنجو سيڪجهہ وساري، گهر ۾ سانديءِ رکي، اُن کان پوءِ ئي ميدان ۾ اچڻو آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اسان جا اُهي ساٿي ۽ رفيق، جن پارٽي کي انقلابي شعور جو دعويدار ۽ عالمي نگاهہ رکندڙ تصور تي ڪيو تن پنهنجي طريقي ڪار ۾ ڪيتري حد تائين عمل ڪيو.

جيسيتائين منهنجي ناقص اندازي جو سوال آهي تہ هاري پارٽيءَ جا اڪثر ڪارڪن ۽ ساٿي، پنهنجي عمل جو دائرو جذباتي ۽ جوشيلين تقريرن ۽ جلسن جلوسن تائين تصور پئي ڪيو آهي. هنن ايئن سوچيو تہ ڦرلٽ ڪندڙ طاقتن خلاف تقريرن ڪرڻ سان، هارين جي دلين مان خوف ۽ مايوسي ختم ٿي ويندي ۽ هُو انقلاب آڻڻ لاءِ تيار ٿي ويندا ۽ اڳوڻو ڦرلٽ وارو سرشتو ڏسندي، ڏسندي، اکين ڇنڀ ۾ ناس ٿي ويندو.

هيءَ هو اسان جي صحيح سياسي سوچ رکندڙ ساٿين مان اڪثريت جو رويو ۽ عمل، جن انساني سماج جي اوسر ۽ تبديليءَ جي بنيادي سببن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ڪئي. هنن عوام جي معمولي کان معمولي مسئلن کي سمجهڻ ۽ کين انهن تي متحد ڪرڻ بجاءِ، ملڪي سياست جي ميدان تي گهلڻ شروع ڪيو. اهڙيون ڪوششون نڪي تہ عوامي زندگيءَ جا مسئلا هيون ۽ نڪي انهن مان ڪو ڪڙ تيل ئي نڪتو. ساڳئي وقت هن حقيقت ڏانهن پڻ توجهہ ڏيڻ ضروري ڪين ڄاتو تہ هر نئون انقلاب پنهنجي سماجي سرشتي مان ئي اُسرندو نسرندو ۽ جنم وٺندو آهي. يعني جنهن سماجي سرشتي کي ڊاهڻ ضروري ڄاتو ويندو آهي، ڏسبو آهي تہ اُن جا اڳوڻا سماجي مثبت قدر پنهنجو اثر ۽ افاديت ڪيتري حد تائين وڃائي چڪا آهن_ انهن جو وجود، معاشري جي عام ضرورتن جي هم آهنگي ڪري سگهن ٿا، يا اُهي فقط محدود طبقي تائين پنهنجو اثر ۽ افاديت رکن ٿا. يا اڳوڻن مثبت قدرن مان ڪهڙا ختم ٿي چڪا آهن ۽ اجا ڪهڙا پاڻ ۾ وڏيڪ چار ڏينهن زنده رهڻ جي سگهہ رکن ٿا.

هاڻي ڏسڻو آهي تہ مدي خارج قدرن کي، جيڪي عوامي ذهن ۾ فقط روايتي حيثيت سان محفوظ هوندا آهن ۽ جن کي هُو سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي عقيدي طور سانديندا ۽ عزيز سمجهندا آهن، تن جي لفظي اهميت کي سندن ذهنن مان خارج ڪرڻ، شعور وڌائڻ ۽ صحيح راهہ متعين ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ذريعا ڪم آندا وڃن. ساڳئي وقت هيءَ نقطو بہ ذهن ۾ رکڻو آهي تہ اهي ذريعا يا طريقا اهڙا نہ هجن، جيڪي اڻ ٿهڪندڙ ۽ ڪشش ڪرڻ بجاءِ، اٿلو پرانهون ڪري ڇڏين_ يعني ايئن نہ ٿئي تہ هڪ ئي لٽ ۽ هڪ ئي رفتار سان سينيءَ کي گڏجي هڪلڻ جي ڪوشش

ڪئي وڃي، جنهن مان مورڳو وڏڻ تہ وڏڻ جي ماڳ، اُتلو اُلجهي، مُنجهي ۽ بيهي رهجي. مطلب تہ انقلابي جدوجهد لاءِ سوچي سمجهي، اهڙي روشن راهہ پيدا ڪرڻي آهي، جا عوام لاءِ اعتماد ۽ يقين جو سبب بڻجي ۽ ڪين خودبخود اڳتي وڌڻ ڏانهن ڪشش ڪري.

اسان جي عوامي ساٿين جي اڪثريت انتها پسند جذباتي هئڻ سببان سماجي عمل ۾ انقلاب جو مرڪز پنهنجي ذات سان ئي وابستہ ڄاڻي ٿي. هنن تحريڪ کي پنهنجو پاڻ عمل ۾ اچڻ ۽ جدوجهد دوران هر نتيجي سان روشناس ٿيڻ لاءِ ڪڏهن بہ ڪا شعوري ڪوشش ڪانہ ڪئي. انهيءَ ڪري جڏهن بہ ڪنهن جدوجهد ۾ عمل جو موقعو سامهون آيو تہ مظلوم طبقي پنهنجي ڪاميابيءَ جو بنياد، پنهنجي ذاتي جدوجهد ۽ ذاتي عمل بجاءِ، فرد واحد (ليڊر) جي عمل ۾ ذات سان وابستہ ڄاتو. حاصل مطلب تہ تحريڪ جي ڪارڪنن، هڪ شب خيز زاهد وانگر، پنهنجي زهد ۽ تقوا جو عام مومنن تي اثر وجهي، ڪين شعوري، لاشعوري طور پنهنجي عقيدتمنديءَ جي حلقي ۾ آڻي ڇڏيو. ۽ هاڻ هر مومن تي اهوئي فرض رهيو تہ هُو پنهنجو پاڻ سوچڻ بجاءِ اکيون ٻوٽي، مرشد جي هر ادنيٰ اشاري جي پيروي ڪندي، حمد ۽ ثنا جا قصيدا ڳائيندي، ٻين کي بہ پاڻ جيان پرتي ڪرڻ جون ڪوششون ڪندو رهي.

مٿيون طريقي ڪار ۽ عمل، جاگيرداري دور جو نپايل، تاتيل ۽ سانڍيل آهي، جنهن هميشہ اهو زهريلو ٻج پئي ڇٽيو آهي تہ سماجي ظلمن ۽ برائين کي ناس ڪرڻ لاءِ خدا جي ڪنهن صالح ۽ نيڪ ٻانهي پيدا ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي. منهنجي نظر ۾ پورهيت طبقو اڪثر ڪري لاشعوري طور انهيءَ ويا جو شڪار بڻجي ويو ۽ هُن پنهنجي مجموعي عمل تي اعتماد بجاءِ ليڊر کي ئي پنهنجين مصيبتن جي نجات جو واحد ڪارڻ ڄاتو."

هلندڙ

(_نوٽ: سال 1968ع جي،
"سچ_ڊائجسٽ" جي ٽئين پرچي لاءِ ڏنل،
پر شايع نہ ڪيو ويو.)

اهو تجزيو هنن شايع نہ ڪيو. هيءَ ڪتاب ترجمو ڪرائڻ، ۽ ڇپائڻ جي بهاني تي چندا ڪائيندا هئا. ڪتاب ورهائيندا نہ هئا. گهر ۾ ڪتابن جا انبار لڳل هوندا هئا. هڪ تہ ڏِچندا هئا، ٻيو تہ اهي ڪتاب عام ماڻهوءَ جي سمجهہ کان مٿيرا هئا. جڏهن تہ دڪانن تي رکي سگهبا هئا_ ٻيا اهڙا ٻين ٻولين ۾ ڪتاب دڪانن تي کپندا هئا، هنن سڀ گهر ۾ رکيا، دراصل ڏِچندا هئا.

هيءَ ڪامريڊ نانگن جا ميلا لڳائيندا هئا_ نبي سر جو هڪ ڪامريڊ تہ پاڻ کي "نانگو" پڻ ڪوٺائيندو هو.

عزيز سلام بخاري ٻهراڙين ۾ ويندو هو_ ڳوٺن ۾ عوام سان ڳالهائيندو هو. ابراهيم جويو بورڊ ۾، رسالي "مهراڻ"، ۽ ڪتابن ۾ رئي پورو هو. اديبن ۾ شمشير سيٺ کان وڏيڪ هو. شاعر هو نثر نويسيءَ ۾ بہ گهڻن کان وڏيڪ هو. شمشير سان ملاقات کي گهڻو عرصو ٿيو لکيائين:

**خط :**

'ڳجهڙي اٿم ڳالهڙي_ آءُ اوري تان اوريان.'
ڇو يار پنهور؟
وساري ڇڏيئہ.
خط نہ لکين تہ ميار ڪانهي،
وسارج نہ____
خط لکڻ لاءِ بهانا هوندا آهن!
۽ اُهي ٻڌڻ جوڳا ٿيندا آهن____
پر يار!
وساري ڇڏڻ. . . جي تلافي،
سا ياد ڪرڻ سان بہ ڏاڍي مشڪل ٿئي ٿي.
ڇٺو رڳو خط نہ ٿو لکي سگهين،
يا وساري بہ ڇڏيو اٿئي.

تنهنجو
**شمشير الحيدري**

محترم عنايت اَلله گاڏنچو مون وٽ روز ايندو هو. ۽ منهنجا ڪتاب: ”قوم ۽ قوميت“ (اسٽالن)، ”سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب“، ”پينر آئون پلياس“، ”مارڪسي فلسفو“، ”بدوي قومون“، ۽ ٻيا ٻہ ٽي ڪتاب، هڙون ٻڌي پيرين پنڌ ڳوٺن ۾ وڃي مُفت ورهائيندو هو. عنايت اَلله گاڏنچو درحقيقت وڏو ايماندار مخلص ۽ ٻي ڊپو ماڻهو هو. اڪثر سيد صاحب (جي. ايم. سيد) جي خدمت ۾ رهندو هو. هن کي انهيءَ ڪم سان لڳاڻ، دراصل ون يونٽ خلاف سنڌي عوام کي سجاڳ ڪرڻ مقصد هو.
محمد ابراهيم جوئي، عنايت اَلله گاڏنچي کي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي خريداريءَ جي ڪم لاءِ مقرر ڪيو هو. عنايت اَلله گاڏنچي جي نالي ”ڪوهستان جا مسئلا“ پمفليٽ لکي ڇپرايم:

## ڪوهستان جا مسئلا

(نوٽ: هيءَ پمفليٽ ماستر عنائت اَلله گاڏنچي، ڳوٺ ڪلري لڳ سن مان ”عنائت اَلله شهيد پوٽو“ جي نالي سان شايع ٿيو.)

سِنڌُ جي ڪوهستان علائقي جي ماڻهن جي غربت ۽ بيوسيءَ تي نظر ڪندي، ايئن ٿي ڇوٽو پوندو تہ اباڻن ڪکن ۽ اجهن سان پيار ٿي کين مڙني مصيبتن برداشت ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. هن بد نصيب علائقي جا رهواسيءَ جن تڪليفن ۽ عذابن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، سا نهايت حيرت جهڙي آهي. انگريزن جي زماني ۾، جڏهن سکر بئراج رستي، سِنڌُ جي مختلف ضلعن کي آباد ڪرڻ جون رٿائون عمل ۾ اچي رهيون آهن، تڏهن هتان جي رهواسين ۾ بہ اميد 'ڳي تہ اج نہ سڀان ضرور اسان

جي پٽن کي بہ آبادي لايق بنايو ويندو. انهن ڏينهن ۾ سِنڌُ جي اخبارن، هنن بد نصيبن جي دردناڪ حالتن کان متاثر ٿي، وقت بوقت بمبئي سرڪار (تن ڏينهن ۾ سِنڌُ جي گلي ۾ بمبئي علائقي جي غلاميءَ جا زنجير پيل هئا) جو ڌيان پئي ڇڪايو. سِنڌ جي نمائندن جو آواز بمبئي سرڪار جي نقارخاني (اسيمبلي) ۾ ڪنهن بہ قدر ۽ قيمت لائق ڪين ٿي ڄاتو ويو. آخر وڏي هاءِ گهوڙا ۽ جدوجهد کان پوءِ مس مس وڃي، سِنڌُ کي بمبئيءَ جي پوئلڳيءَ مان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو پر جيئن تہ بمبئي ۾ مهاراشٽر جي سرمائيدارن، دولتمند ۽ هلندي پڄنديءَ وارن ماڻهن لڳاتار 87 سالن کان، سِنڌُ کي نڌڻڪي ڳئون ڄاڻي، ايترو تہ رت ست نپوڙي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو جو جڏهن سِنڌُ کي 1936ع ۾ خود مختيار علائقي واري حيثيت حاصل ٿي، تڏهن ملڪي مسئلن کي حل ڪرڻ تہ درڪنار، مورڳو ان لاءِ پنهنجن پيرن تي بيهڻ ئي اهم مسئلو بنجي پيو. گڏوگڏ سکر بئراج تي خرچ ٿيل 27 ڪروڙ رپين جي پڻ سِنڌُ کي ئي ادائگي ڪرڻي هئي. انهن حالتن هيٺ ڪوهستاني عوام جي مسئلن کي منهن ڏيڻ آسان ڳالهہ ڪا نہ هئي، پر پوءِ بہ سِنڌُ سرڪار پنهنجن وسيلن آهر، ڪوهستان جي رهواسين کي وساريو ڪين. دادو ضلعي جي سيوهڻ تعلقي ۾ نئين گاج تي زبردست بند ٻڌارائي، برسات جي پاڻيءَ کي ضايع ٿيڻ کان محفوظ ڪري، مقامي ماڻهن لاءِ زرعي آباديءَ جو خاطر خواهہ بندوبست ڪيو. مالي وسيلن آهر اها پهرين ڪوشش هئي ۽ سِنڌُ سرڪار جو اهو ارادو هو تہ سڄي ڪوهستان ۾، جتي بہ اهڙن بندن ٻڌرائڻ لاءِ مناسب هنڌ هجن، جلد کان جلد اهڙيون ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

انهن ئي ڏينهن ۾ ملڪي امن ۽ امان ڏانهن توجهہ ڏيڻ جي ضرورت پيئي. ٻي مهاياري لڙائي، هندو مسلم فساد، ڌاڙن، ڦرن ۽ گڏوگڏ ڌارين حاڪمن جي غلاميءَ خلاف سڄي هندستان ۾ اڀرندڙ بغاوتن، ملڪ جي ڪنهن بہ صوبي جي ترقياتي رٿائن کي، عملي جامي پهرائڻ کان روڪي ڇڏيو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن ٻنهي حڪومتن کي دل جي هڪ منائيءَ سان پنهنجي عوام جي خدمتن ڪرڻ جو موقعو مليو، ان وقت سِنڌُ حڪومت جي اڳيان اهڙا اهم مسئلا رونما ٿيا، جن جو بروقت

حل ڳولڻ، ٻين معاملن کان وڌيڪ اهم بڻجي پيو. ٿيو هيئن، جو پاڪستان جي مرڪزي حڪومت، پنهنجن آفيسرن ۽ عملي جي رهائش لاءِ، سنڌ سرڪار جون صوبائي آفيسون ۽ عمارتون پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيون. انهن ڏينهن ۾ ڪوٽڙي بئراج جو ڪم ٻه هلندڙ هو ته جيئن ٺٽي محمد خان سب ڊويزن ۾ نئين ضلعي جون غير آباد زمينون آبادي لائق بڻجن ۽ اتان جي عوام جون ڪنهن حد تائين مالي تڪليفون ختم ٿين.

ڪوٽڙي بئراج مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ سرڪار جي سامهون ڪوهستان جي زرعي آباديءَ جو پروگرام، ويچار هيٺ هو. پر پوءِ جلد ئي، 1955ع ۾، سنڌ جي اڳوڻي علائقائي خودمختياري واري حيثيت ختم ڪري، ون يونٽ قائم ڪيو ويو. ٻن ادائي سالن بعد ملڪ جون واڳون، فوج پنهنجن هٿن ۾ ورتيون، مارشل لا لاڳو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ڪوٽڙي بئراج مڪمل ٿي چڪو هو ۽ نئين ضلعي جو ڪجهه حصو ۽ ٺٽو محمد خان سب ڊويزن جون زمينون آبادي هيٺ اچڻيون هيون.

سکر بئراج کان پوءِ، هن بئراج وسيلي سنڌ جي لاڙ واري حصي کي چڱو فائدو رسيو. اڄ جيڪڏهن انگ اکر گڏ ڪيا وڃن ته سنڌ حڪومت جو اهو عملي ڪارنامو به بيحد ڪامياب ڏسڻ ۾ ايندو. اڄ به جيڪڏهن سروي ڪئي وڃي ته پتو پئجي ويندو ته ڪيتري آباد ٿوري زمين مقامي ماڻهن کي ملي آهي، ۽ جملي ڪيتري زمين آبادي هيٺ آهي (اهو اتان جي عوامي ڪارڪنن جوئي فرض آهي ته هو انگ اکر گڏ ڪن).

بدنصيب ڪوهستان جي ماڻهن جي زندگي ايتري ڏکدائڪ ۽ مصيبتن ڀري آهي، جو جيڪڏهن ڪو شهر جو رهواسي هتي وڃي نڪري ته ڪانئس بي اختيار رڙ نڪري وڃي. هتي تعليم، دوا درمل ۽ زندگيءَ جون ٻيون سهولتون ميسر ٿيڻ ته درڪنار، مورڳو پيئڻ لاءِ پاڻي به موجود نه آهي. برسات جو پاڻي به ادائي مهينا، ڍنڍن ۽ تراين ۾ ڪٺو ٿئي ٿو. جنهن تي زمين جا ٿورا ٽڪر به آباد ڪن ٿا، ۽ پيئڻ لاءِ به اهوئي ڪم آڻين ٿا. ٻن ادائي مهينن گذرڻ بعد، انهي پاڻيءَ جو رنگ بدلجي سائو ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ هزارين جراثيم پيدا ٿيو وڃن. حيرت آهي ته، گندي پاڻيءَ جي به بارهوئي موجود هئڻ لاءِ ماڻهو پريشان هوندا آهن. ظاهر آهي ته اهڙي بدبوءِ واري

پاڻي پيئڻ ڪري ڪيترين حياتيون ضايع ٿي وينديون هونديون_ جن اياڻن کي پيٽ جي سور لاءِ وقت سر معمولي ڦوٽا ٽڪيون بہ هٿ نہ ايندڀون هجن، تن جي حياتين سان زهري جيوڙن وارو پاڻي کهڙا نہ ڪلور ڪندو هوندو! هر سال سوين سهاڳڻيون بيواهہ بڻجن، ۽ سوين مائرن جون جهوليون مامتا کان خالي ٿينديون هونديون!

اڄوڪي سائنس ۽ تهذيب جي دور ۾، هتان جي بدنصيب رهواسين سان اها حالت هڪ وڏي مذاق ۽ اسان جي اڄوڪي تمدن جي منهن تي هڪ بدنما داغ آهي.

چالاڪ ۽ هوشيارُ ماڻهو پنهنجي ذاتي غرض خاطر ڪانئن سياسي فائدا حاصل ڪندا رهن ۽ موٽ ۾ ڪا بہ اهڙي انساني قياس ۽ رحم واري دل، خود غرضيءَ جي منحوس ننڊ مان سجاڳ نہ ٿي آهي، جا ڪين پيٽ ڀري کائڻ ۽ بي موت مرڻ جي افسوسناڪ حالتن جو صحيح احساس ڏيارائي، ۽ منجهن پنهنجن مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ جو اعتماد پيدا ڪري.

هنن ابوجهن کي ڪنهن مهذب انساني صورت ڏسڻ جو موقعو تڏهن ملندو آهي، جڏهن ووٽن جو وقت ايندو آهي. اهڙي موقعي تي انساني صورت ۽ لباس جي جامي ۾ ڍڪيل درندا_ اَللهُ، مذهب ۽ اسلامي برادري جي آڙ ۾ ڪانئن پنهنجا سياسي مطلب حاصل ڪريو وڃن، ۽ وري مينهن وسائڙن جيتن جيان ڪين تڏهن تا منهن ڏيکارين، جڏهن ووٽن جي مند اچي.

ڪوهستان جي رهواسين سان هڪ طرف چالاڪ ۽ مڪار ماڻهن زيادتيون ڪيون آهن تہ ٻئي طرف ون يونٽ سرڪار ساڻن ماٽيجي ماءَ جي وير ۽ دشمنيءَ کان بہ وڌيڪ بدترين ورتاءَ ڪيو آهي. 14 سالن جي طويل عرصي ۾، هنن ابوجهن کي جانور ڄاڻي، اهڙي ديده دليريءَ سان نظر انداز ڪيو ويو آهي، جنهن تي جيتري بہ ملامت ڪجي بجا آهي. هتان جي عوام کي سال ۾ ٻہ ٽي ڏينهن پنهنجن اباڻن ڪکن کي الوداع چئي، پورهئي لئہ دربدر ڀٽڪڻو پوي ٿو. هيءَ ابوجهہ عوام صدين کان وٺي خانہ بدوشيءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي. سڄي ڪوهستان ۾ ڪٽي بہ ڪنهن بہ هنڌ لاڳيتا چار مهينا هڪ هنڌ، اطمينان سان، ڪين ويهڻ جو موقعو نہ ٿو ملي. برسات جي وقت وارا بہ اڍائي مهينا (جيڪڏهن اها بہ پوي

تہ) هڪ هندو رهي، زمين جا ٻہ چار ايڪڙ آباد ڪري، هڪدم لڏو ڪٽي سنڌ جي آباد علائقن ڏانهن روانا ٿين ٿا ۽ جڏهن سندن پوکيل فصل پچڻ تي اچي تہ پنتي موٽي، ان کي سهيڙي، وري لڏو ڪٽي روانا ٿين ٿا.

پاڪستان قائم ٿيڻ وقت هندستان مان جيڪي مهاجر آيا ۽ جيڪي اڄ تائين ايندا رهن ٿا، تن جي آباد ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ ڪروڙين رپيا خرچ ڪندي ٿي رهي. مهاجرن کي زمينون، جايون، دڪان، ٻج، تقاويون، ڍڳا ڍور ۽ هر هڪ سهوليت سان گڏوگڏ لکها رپين جي خرچ سان رهائشي ڪالونيون تيار ڪري ڏنيون ويون. اڄ بہ اهو ڏينهن خالي نہ آهي، جو مهاجر حڪومت کان ڪي نہ ڪي مطالبا ڪن ٿا ۽ حڪومت سندن گهرون هڪدم قبول ڪندي رهي ٿي.

افسوس جو مقام آهي تہ هي مڪاني سنڌي جيڪي هر سال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏو ڪنيو، گذران ۽ اجهي لئہ دربدر ڀٽڪندا وتن، تن جو ڪو پرسان حال ڪو نہ آهي. ون يونٽ سرڪار جيڪڏهن ٻين علائقن جي ايتري آبادي کي، اهڙي نموني نظرانداز ڪيو وڃي ها تہ جيڪر ان علائقي جا ماڻهو (سڄي قوم)، گڏجي، پنهنجن مظلوم ڀائرن جي مدد ۽ تعاون لاءِ هر ڪا ڪوشش وٺن ها.

مگر افسوس جو مقام آهي تہ سنڌي قوم ۾ اڃان تائين اها سجاڳي نہ آئي آهي تہ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سيني جي گڏيل آواز ۽ ڪوششن مان اميدن ڀٽاندر نتيجو نڪري سگهي ٿو. اڄ دنيا جي مظلوم قومن وٽ ايڪي ۽ ٻڌيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ طاقتور هٿيار نہ آهي ۽ اهو هٿيار جن بہ قومن استعمال ڪيو آهي، تن پنهنجا کسجي ويل سمورا حق سئي سڳي سميت واپس موٽائي وٺڻ ۾ ڪا بہ دير نہ ڪئي آهي.

حيرت آهي تہ ون يونٽ کان پوءِ، هر غير سنڌي ماڻهو جنهن جي ڳنڍ ۾ چار پئسا آهن تنهن کي پنهنجي صوبي ۾ رهي، اتي ڪاروبار ڪرڻ فائدي وارو نظر نہ ٿو اچي. هر غير سنڌيءَ جي نگاهہ ۾ سنڌ جي سرزمين ڦرلٽ جو مال آهي؛ نڌڻڪي آهي؛ هر آئي وئي جي اباڻي جاگير آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو غير سنڌي قومن جي هر طبقي جي ماڻهن، رڍن ٻڪرين جي اڇايل ڌڻن وانگر سنڌ ڏانهن بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي اوهيڙو ڪٽي ڪيو آهي.

ڪوهستان جي رهاڪن (سنڌي "مهاجرن") کي، اڄ تائين ون، يونٽ سرڪار طرفان ڪا مدد امداد نه پنهنجي جاءِ تي، پر هاٽي سنڌن اباڻا پٽ ۽ زمينون به کائن هٿان مان وڃڻ تي آهن. اهڙي شروعات ٿاٽي بولا خان ۽ مول جي ٿي چڪي آهي_ هڪ غير سنڌي ڊپٽي ڪمشنر ۽ سندس عزيزن کي مول طرف زمين ڏني ويئي آهي، ۽ اتي ٽيوب ويلن ذريعي آبادي ڪرائي پيئي وڃي. ٽيوب ويلن جو خرچ آبادگارن کان 25 قسطن ۾ ڏهن سان گڏ وصول ڪيو ٿو وڃي؛ ٽيڻ نه هينئن ڪپي نه ڪوهستان جون زمينون مڪاني ماڻهن کي زمين جي پيدائش جي چوٿين حصي جي قيمت تي وڪرو ڪري ڏنيون وڃن ۽ زمين جي نيڪال ۾، نيلام وارو سرشتو ختم ڪيو وڃي ۽ ڪارخانيدارن ۽ واپارين کي زمين خريد ڪرڻ جو حق نه ڏنو وڃي.

"سنڌي مهاجر" (ڪوهستان جا مڪاني رهاڪو) واپار، دڪان، ڪالونين، نوڪرين ۽ ٻين ضرورتن جي گهر ڪا نه ٿا ڪن، هو فقط جيئڻ جو حق گهرن ٿا. پنهنجن پٽن کي آباديءِ لائق بنائڻ جو حق گهرن ٿا ۽ بي موت مرڻ کان بچاءَ چاهين ٿا.

جيئي سِنڌُ!

_جنوري: 1969ع.

عبدالعزيز ٻرڙو جڏهن لاهور ۾ هو تڏهن مون ڏانهن خطن وسيلي ون يونٽ جي سلسلي ۾، اتي بدلي ڪيل سنڌي آفيسرن جو احوال موڪليندو هو. اهي خط تنبي چام جي ڪن دوستن غلام علي لغاري معرفت مون ڏانهن ”اڻ سڌي ريت“ موڪليندو هو. ريلوي کاتي ۾ سِنڌي ماڻهن جي حق سان ٿيل زيادتي بابت هڪ مضمون ”سِنڌُ علائقو ۽ ريلوي ڊپارٽمينٽ“ جي عنوان تحت 12 ڊسمبر 1969ع تي لکيو:

## سِنڌُ علائقو ۽ ريلوي ڊپارٽمينٽ

**ون** يونٽ خلاف لڳاتار 15 سالن کان ننڍن علائقن جي ماڻهن جي جائز مطالبي کي صدر مملڪت، محمد يحيٰ خان جنهن تدبّر ۽ اعليٰ حوصلي سان ختم ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي، اهو لائق صد احترام آهي. سربراه مملڪت جي انهي فيصلي هڪ طرف عوام جي دلين ۾ پنهنجي اتحاد، همت ۽ حوصلي جي بارآور ٿيڻ جو اڳين کان به وڌ اعتماد پيدا ڪيو آهي ته ٻئي طرف منجهن اهو يقين ٿيو آهي ته حق ۽ ناحق جي ڪشمڪش ۾ دير يا سوير آخر ناحق جوئي گلو گهٽبو آهي. حيرت جو مقام هي آهي ته اڳوڻين حڪومتن محض پنهنجي ضد ۽ هٺ ڌرمي تي قائم رهي، ننڍن علائقن جي عوام کي مختلف آزمائشن، امتحانن ۽ ازين قسم تڪليفن ۽ بي انصافين سان دوچار ڪري، گهرن مان نڪري رستن ۽ روڊن تي هل هنگامن تي آماده ڪندي، ملڪي معيشت جي واڌاري ۽ ڪاروبار کي وڏو ڇيهو رسائي ڇڏيو. هينئر به اهڙي خطري کي نگاه ۾ رکي، اهڙو معقول قدم کڻڻ گهرجي جو ون يونٽ جي خاتمي وقت کي به اهڙا

علائقائي معاملا رهجي نہ وڃن، جو وري ٻيهر قوم کي اڳوڻا نقصانده طريقا اختيار ڪرڻا پون.

منهنجي نظر ۾ هڪ اهڙو مسئلو ريلوي ڊپارٽمينٽ جو آهي، جنهن متعلق هن وقت اخبارن ۾ پڻ عجيب و غريب قياس آرايون ٿي رهيون آهن. ڪن ماڻهن جو اندازو آهي ته مرڪز ريلوي ڊپارٽمينٽ کي پنهنجي قبضي ۾ رکندو ڇاڪاڻ ته ون يونٽ قائم ٿيڻ کان اڳ به مرڪز جي حوالي هو. منهنجي نظر ۾ اهو ڪو معقول جواز نہ آهي ته اڄ به انهي مني صديءَ اڳ واري طريقي کي اکيون ٻوٽي، عمل ۾ آندو وڃي. اهو دليل ائين آهي، جيئن ڪو ماڻهو اڄ به ائين چوي ته اسين انگريزن جي اچڻ کان اڳ اٺن، گهوڙن ۽ گڏهن تي سواري ڪندا هئاسين، تنهن ڪري اڄ موٽرن، ريلوي گاڏين ۽ هوائي جهازن جي استعمال بجاءِ سواري جي اڳوڻن وسيلن کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي. ڪوبہ عقلمند ماڻهو اها تجويز ڪڏهن بہ قبول ڪين ڪندو. ڏسڻو اهو آهي تہ ڪلهہ ۽ اڄ جي تقاضائن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ماضيءَ جو دستور اڄ جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تقاضائن ۽ معاشري جي نت نين گهرجن لاءِ اها ساڳي اهميت ۽ افاديت بہ رکي ٿو يا موڙهو نقصانده ۽ هاڃيڪار آهي؟ جيڪڏهن نقصانڪار آهي تہ پوءِ ان جو وقت ۽ حالتن مطابق صحيح حل ڳولڻ دانائپ جو ڪم آهي.

سِنڌُ جي رهواسين جي ڪافي عرصي کان اها شڪايت پئي رهي آهي تہ سِنڌُ علائقي جي مختلف کاتن ۾ ون يونٽ بعد مقامي ماڻهن سان ملازمتن جي سلسلي ۾ وڏي بي انصافي ڪئي وئي آهي. انهي ثبوت ۾ اڄ تائين اخبارن، رسالن ۽ پمفليٽن جي صورت ۾ جيڪا حقيقت بيان ڪئي وئي آهي سا تہ پنهنجي جاءِ تي، پر انڪوائري ڪميشن جي چيئرمين، جسٽس فضل اڪبر کي سِنڌُ جي دوري وقت جيڪي انگ اکر مليا آهن، سي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. جڏهن علائقائي کاتن ۾ سِنڌُ واسين جي حقن سان کلمکلا ايڏي هٺ چراند ٿي سگهي ٿي، تڏهن ريلوي کاتو (۽ ٻين مرڪزي کاتن ۾) جيڪو قريبن اسي سالن کان مرڪز جي قبضي ۾ رهيو آهي (انگريزن سِنڌُ ۾ ريلوي قائم ڪرڻ کان پوءِ پهريان 28 سال ريلوي جو انتظام سنڌ حڪومت جي قبضي ۾ ڏنو هو). تنهن ۾ سنڌين سان ڪهڙو انصاف ڪيو ويو هوندو؟ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي لائق آهي!

هن وقت جڏهن صدر مملڪت طرفان نندين علائقن جي رهواسين کي حق پلئہ پوڻ جو يقين ڏياريو ويو آهي، تڏهن تہ پاڻ وڏيڪ لازمي آهي تہ ننڍين علائقن جا سمورا مسئلا ديانتداريءَ سان منظر عام تي آندا وڃن تہ جيئن سيان ڪو بہ اهڙو علائقائي معاملاتي مونجهارو رهجي نہ وڃي، جو پيهر ڪنهن ڇڪتاڻ ۽ هل هنگامي جو باعث بنجي.

ان مقصد کي سامهون رکندي ريلوي ڊپارٽمينٽ متعلق موجوده انتظامي سرشتو ۽ انگ اکر پڙهندڙن جي معلومات لاءِ پيش ڪريان ٿو تہ جيئن هو پاڻ بہ حقيقت کان پوري ريت واقف ٿي، هن قومي مسئلي جي حل لاءِ ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچن.

ريلوي ڊپارٽمينٽ جو موجوده مرڪزي انتظامي عملو هيٺين ريت آهي:

**چيئرمين (سنڌي)**

**وائيس چيئرمين :**

1. ميمبر انجنيئرنگ
2. ميمبر ٽرئفڪ
3. ميمبر فنانس
4. سيڪريٽري
5. ڊائريڪٽر سول انجنيئرنگ

ريلوي ڊپارٽمينٽ جو سمورو انتظامي ڪاروبار ريلوي بورڊ جي ميمبرن ۽ سيڪريٽريءَ جي هٿ هيٺ آهي. ريلوي بورڊ جي آفيس ۾ سيڪشن آفيسر ۽ سندن زيردست عملو هوندو آهي. سموري عملي ۾ سواءِ هڪ چيئرمين جي، ٻيا سڀ غير سنڌي آفيسر آهن. ريلوي جي اندروني انتظام هلائڻ جي زياده تر ذميواري وائس چيئرمين جي آهي. ان جي هٿ هيٺ هر هڪ محڪمي جا سربراهہ آهن، جن کي وري مدد لاءِ ننڍا آفيسر ۽ ٻيو عملو مليل آهي. اها انتظامي جوڙجڪ هيٺين نقشي مان معلوم ٿيندي:

**وائس چيئرمين :**

1. چيف انجنيئر لائن
2. چيف انجنيئر سروي ۽ ڪنسٽرڪشن

3. چيف انجنيئر مڪينيڪل
4. چيف آپريٽنگ سپرنٽنڊنٽ
5. چيف ميڊيڪل آفيسر
6. چيف مارشل آفيسر
7. چيف سپرنٽنڊنٽ واچ ۽ وارڊ
8. چيف ڪنٽرولر آف پرچيز
9. چيف ڪنٽرولر آف اسٽور
10. چيف پرسانيل آفيسر
11. چيف اڪائونٽ آفيسر

وائيس چيئرمين جي هٿ هيٺ مٿيئن نقشي ۾ ڄاڻايل يارهن آفيسرن مان هڪ به سنڌي آفيسر نہ آهي. انهن يارهن آفيسرن جي ماتحت ڊپٽي چيف آفيسر آهن، جيڪي پڻ هيڊ ڪورٽر آفيس (لاهور) ۾ وڏن آفيسرن کي سندن ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل آهن. هرهڪ چيف آفيسر جي هٿ هيٺ بہ ٽي، يا ڪن حالتن ۾ اٺ يا نو ڊپٽي چيف آفيسر آهن. ڊپٽي چيف آفيسرن جو تعداد 50 ٿيندو. جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

هرهڪ ڊپٽي چيف آفيسر جي هٿ هيٺ سينيئر اسڪيل جا آفيسر مقرر ٿيل آهن. اهي سينيئر آفيسر بہ هيڊ ڪوارٽر آفيس ۾ بالادست آفيسرن جي مدد لاءِ رکيل آهن. انهن آفيسرن جو تعداد 200 جي لڳ ڀڳ آهي. انهن ۾ فقط هڪ آفيسر، ڪراچيءَ جو (خوجو) باشندو آهي.

سينيئر اسڪيل آفيسرن ۾ مختلف قسمن جا آفيسر آهن_ مثلن انجنيئر، ٽرانسپورٽيشن آفيسر، ڪمرشل آفيسر، پرسانيل آفيسر ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. انهن جي ماتحت اسسٽنٽ آفيسر ڪم ڪري رهيا آهن، جن جو تعداد ڪم از ڪم 400 ٿيندو. انهن ۾ هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

هيڊ ڪوارٽر آفيس ۾ مٿيئن ڄاڻايل عملي کان سواءِ، لاهور ۾ ريلوي ورڪشاپ آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ملازم آهن. اهي هزارين ملازم بہ غير سنڌي آهن. انهن ۾ شايد بہ چار سنڌي ملازم هجن تہ عجب نہ آهي.

لاهور ريلوي جا ڪيترائي اسڪول ۽ اسپتالون آهن، جن ۾ سمورا ملازم غير سنڌي آهن. فقط هڪ سنڌي ڊاڪٽر آهي، جو پڻ گذريل سال مقرر ڪيو ويو آهي.

هيڊ ڪوارٽر آفيس ۽ ورڪشاپ وغيره متعلق مٿي ڄاڻايل انگن اکرن کان پوءِ اولهہ پاڪستان جي سموري ريلوي انتظاميا تي مختصر روشني وجهجي ٿي. جيئن تہ اولهہ پاڪستان جو ريلوي انتظام ڇهن ڊيويزنن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ ڊيويزن جو سربراهہ ڊويزنل سپرنٽنڊنٽ آهي. هرهڪ ڊيويزنل سپرنٽنڊنٽ جي هٿ هيٺ ڊيويزنل آفيسر ۽ اسسٽنٽ آفيسر ڪم ڪندڙ آهن. اهو انتظاميا سرشتو هيٺئين ريت آهي: (ڏسو نقشو)_

وائيس چيئرمين لاهور [غير سنڌي]

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ ڪراچي

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ سکر

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ ڪوئيٽا

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ ملتان

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ لاهور

ڊيويزنل سپنٽنڊنٽ راولپنڊي

مٿي ڄاڻايل ڇهن ئي ڊويزنن جا ڊيويزنل آفيسر غير سنڌي آهن. هرهڪ ڊيويزنل آفيسر جي هٿ هيٺ هينيان آفيسر ڪم ڪندڙ آهن: (ڏسو نقشو)_

[ڊيويزنل سپرنٽنڊنٽ [غير سنڌي]

سول جا انجنيئر

مڪنيڪل جا آفيسر

اليڪٽريڪل آفيسر

سنگنل جا آفيسر

ڪمرشل آفيسر

ڪمرشل آفيسر

پرسونيل آفيسر

اڪائونٽ

متي ڄاڻايل ڪاتن مان هرهڪ ڪاتي ۾ سنڌي آفيسرن جو تعداد پيش ڪجي ٿو. هي تعداد اولهہ پاڪستان جي سموري ريلوي ڊپارٽمينٽ جي لحاظ سان آهي:

<u>سول انجنيئرنگ ڪاتو</u>: هن ڪاتي ۾ قريبن 125 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>مڪينيڪل انجنيئرنگ ڪاتو</u>: هن شعبي ۾ اٽڪل 80 آفيسر آهن جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ڪاتو</u>: هن محڪمي ۾ اٽڪل 50 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>سگنلن جا انجنيئر</u>: هن براچ ۾ ڪل 30 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>ٽرانسپورٽيشن ڪاتو</u>: هن محڪمي ۾ قريبن 50 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>ڪمرشل ڪاتو</u>: هن شعبي ۾ اٽڪل 50 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>اڪائونٽس ڪاتو</u>: هن برانچ ۾ ڪل 90 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>پرسونيل ڪاتو</u>: هن ۾ اٽڪل 30 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>ميڊيڪل برانچ</u>: هن ۾ اٽڪل 80 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>واچ ۽ وارڊ ڪاتو</u>: هن ۾ ڪل 30 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

<u>اسٽورس ڪاتو</u>: هن ۾ اٽڪل 50 آفيسر آهن، جن مان هڪ بہ سنڌي آفيسر نہ آهي.

اولهہ پاڪستان جي بنياد تي، متي ڄاڻايل يارهن ڪاتن ۾ 665 آفيسرن مان فقط 2 سنڌي آفيسر آهن. انهيءَ مان ٻين ڪاتن متعلق پڙ

اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. هيٺئر هيٺاهين سطح ( سِنڌ ليول ) تي، ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ سنڌين جو جيڪو تعداد آهي، ان تي روشني وجهجي ٿي:

سِنڌ ۾ اٽڪل 230 ريلوي اسٽيشنون آهن. هر هڪ اسٽيشن جو انتظام، اسٽيشن ماستر جي هٿ هيٺ هوندو آهي. هر هڪ اسٽيشن ماستر کي ڪم جي سهوليت لاءِ اسسٽنٽ اسٽيشن ماستر مليل آهن، جن جو تعداد اڪثر ڪري ٻه يا ٽي هوندو آهي. وڏين اسٽيشنن تي وڌيڪ تعداد هوندو آهي. ڪوٽڙي ۽ روهڙي اسٽيشن تي اٽڪل ڏهاڪو کن تعداد اٿن. انهي حساب سان سڄي سِنڌ ۾ اٽڪل روءِ 600 اسسٽنٽ ماستر ملازمت ۾ آهن، جن مان سنڌين جو تعداد هيٺئن ريت آهي:

الف : 230 اسٽيشن ماسترن مان
هڪ به اسٽيشن ماستر سنڌي نه آهي .
ب : 600 اسٽيشن ماسترن مان زياده ۾ زياده
30 سنڌي آهن .

هر هڪ اسٽيشن تي هڪ بڪنگ ڪلارڪ ٽڪيٽن ڏيڻ لاءِ هوندو آهي، جن ننڍين اسٽيشنن تي بڪنگ ڪلارڪ نه هوندا آهن ته وري وڏين اسٽيشنن تي انهن جو تعداد هڪ کان وڌيڪ هوندو آهي. سِنڌ ۾ بڪنگ ڪلارڪن جو تعداد 200 ٿيندو جن مان اٽڪل 20 سنڌي آهن ۽ باقي 180 غير سنڌي آهن.

وچولي قسم جي اسٽيشنن تي سامان بڪ ڪرڻ لاءِ گڊس ڪلارڪ ۽ پارسل ڪلارڪ هوندا آهن. سِنڌ ۾ انهن جو تعداد اٽڪل 200 ٿيندو، جن مان وڌ ۾ وڌ 10 سنڌي ۽ باقي 190 غير سنڌي آهن.

وڏين اسٽيشنن تي ٽڪيٽ ڪلارڪ هوندا آهن، جن جو سنڌ ۾ تعداد اٽڪل 150 ٿيندو، انهن ۾ سنڌي فقط 10 آهن ۽ غير سنڌي اٽڪل 140.

هر هڪ ڊويزن ۾ هلندڙ ريلوي ٽرينن جي سنڀال لاءِ ريلوي گارڊ هوندا آهن. سِنڌ ۾ انهن جو تعداد اٽڪل 300 ٿيندو، جن مان فقط 5 سنڌي آهن ۽ باقي 295 غير سنڌي آهن.

ريلوي گاڏين ۾ ٽڪيٽن چيڪ ڪرڻ لاءِ ايس. ٽي. اي يعني اسپيشل ٽڪيٽ ايگزئمنر هوندا آهن، جن کي عام طور ٽي. ٽي. سڏيو ويندو آهي. انهن جو سنڌ ۾ تعداد اڪثر 200 ٿيندو جن مان سنڌي فقط 5 آهن، باقي 195 غير سنڌي آهن.

سِنڌُ ۾ ريلوي گاڏين جا ڊرائيور اٽڪل 300 آهن، جن مان سنڌي 50، باقي 250 غير سنڌي آهن.

ريلوي پٽڙين جي مرمت ۽ نظرداري لاءِ پليٽير مقرر ڪيل آهن. سنڌ ۾ انهن جو تعداد اٽڪل 50 آهي. انهن ۾ هڪ به سنڌي نه آهي.

هر هڪ پليٽير جي هٿ هيٺ 2 سب پليٽير هوندا آهن، جن جو سِنڌُ ۾ تعداد 100 آهي، انهن ۾ هڪ به سنڌي نه آهي.

ريلوي جي جاين ۽ پلين جي سنڀال لاءِ سروير هوندا آهن، جن کي انسپيڪٽر آف ورڪس چئبو آهي. سِنڌُ ۾ اٽڪل 30 آهن، جن مان هڪ به سنڌي نه آهي.

11. مڪنيڪل ۽ الٽڪٽريڪل ڪم جي سنڀال لاءِ ورڪشاپ، پاور هائوس ۽ لوڪو شيڊ آهن؛ جن ۾ فورمين، چارج مين ۽ انسپيڪٽر ڪم ڪندا آهن. انهن جو تعداد 40 ٿيندو جن مان هڪ به سنڌي نه آهي.

هر هڪ سروير جي هٿ هيٺ ٻه يا ٽي ننڍا سروير هوندا آهن، انهن جو سِنڌُ ۾ تعداد 80 ٿيندو جن ۾ فقط هڪ سنڌي آهي.

لائينن تي شيڊن ۾ ۽ اسٽيشنن تي چوٿين ڪلاس جو ڪافي اسٽاف هوندو آهي، جن ۾ سنڌين جو تعداد مجموعي طور 40 سيڪڙو ٿيندو.

ڊيويزنل سپرنٽنڊنٽ سکر، جي آفيس فقط سنڌ لاءِ آهي. ان ۾ سنڌين جو تعداد 5 سيڪڙو ٿيندو. اهڙي طرح ڪراچيءَ جي ڊيويزنل آفيس ۾ شايد هڪ يا ٻه سنڌي هجن.

15. سِنڌُ ۾ ريلوي اسپتالن جو تعداد اٽڪل 10 ٿيندو. انهن ۾ هڪ به سنڌي ڊاڪٽر نه آهي ۽ هينيون عملو پڻ غير سنڌي آهي.

16. سِنڌُ ۾ اٽڪل ڏهاڪو کن ريلوي جا اسڪول آهن، جن ۾ اٽڪل 100 ماستر ڪم ڪندڙ آهن، جن ۾ هڪ به سنڌي ماستر نه آهي.

مٿي ڄاڻايل انگن اکرن مان هيءَ حقيقت پوري ريت روشن ٿي ويئي ته سنڌين کي ريلوي ڊپارٽمينٽ جي ملازمتن ۽ ٻي ڪارڪردگيءَ ۾

ڪيترو حصو ملندو پئي رهيو آهي. انهي مثال مان ہين انهن ڪاتن جو ٻہ ڪي قدر اندازو لڳائي سگهجي ٿو جيڪي تمام وڏي عرصي کان مرڪز جي هٿ وس ۾ اختيار هيٺ پئي رهيا آهن. مثال طور فوج، پوسٽ، ٽيليگراف، واپڊا، پي. آء. ڊي سي وغيره، وغيره.

گمان غالب آهي تہ اها ساڳي پوزيشن ہين ننڍين علائقن، جهڙوڪ بلوچستان ۾ سرحد جي ماڻهن ۾ بہ هجي. انهن سان بہ اهائي ساڳي بي انصافي ٿيل هجي، جيڪي اڄ نہ تہ سڀاڻ ضرور سجاڳ ٿين، هاڻ گهوڙا ڪن ۾ ون يونٽ ختم ٿيڻ بعد ملڪ جي پرامن ماحول ۾ هنگامي ۾ افراتفريءَ جو ہيهر جائز ڪارڻ بنجن.

ان ڪري لازمي آهي تہ ڀهريائين انهي مٿين افسوسناڪ صورتحال جي وڏيڪ نقاب ڪشائي ڪئي وڃي تہ جيئين اهو پتو پوي تہ اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا، جن جي ڪري قريبن مني صديءَ جي طويل عرصي کان سِنڌُ جا ماڻهو پنهنجن جائز حقن کان محروم ٿيندا رهيا ۾ منجهن ڪڏهن بہ اهو احساس ئي پيدا نہ ٿيو تہ ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ اسان جا بہ حق اهڙائي ساڳيا آهن، جهڙا ڪنهن ٻئي صوبي جي رهواسين جا. مثلن ريلوي کاتي جي هر شعبي ۾ آدمشماريءَ جي لحاظ سان سِنڌُ لاءِ حصو محفوظ ڪرائڻ ۾ اهو پئسو مسافرن لاءِ وڏيڪ آرام ۾ سهوليت تي خرچ ٿيڻ. هرهڪ اسٽيشن تي جديد تعميراتي تقاضائن مطابق عمارتون نهرائڻ، پاڻي وغيره جو معقول بندوبست ڪرڻ، مسافرن جي آرام ۾ سهوليت لاءِ وڏيڪ گاڏين ۾ عملي جو انتظام ڪرڻ، وغيره وغيره.

منهنجي نظر ۾ ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ ننڍين علائقن جي ماڻهن سان ٿيل بي انصافين جا هيٺيان ڪارڻ آهن:

الف_ سيني صوبن جي ريلوائي محڪمي جو مرڪز فقط هڪ صوبي کي ڪيو ويو. جتي ہين صوبن جي رهواسين جو تمام وڏي دوري تان اچڻ ۾ خرچ برداشت ڪرڻ مشڪل بنجي پيو.

ب_ ريجن ۾ اعليٰ عهدن تي سيني صوبن جي آباديءَ جي لحاظ سان نمائندگي بجاءِ فقط هڪ صوبي جي آفيسرن جي گروه بندي قائم ٿيڻ.

ج_ انساني فطرت جي ڪمزوري سببان ٻين قومن جي ماڻهن جا جائز حق نظرانداز ڪرڻ ۽ فقط پنهنجي قوم جي ماڻهن کي هٿ وٺي ورسائڻ.

د_ ريلوي سکيا ۽ ٽريننگ جا ادارا، هر هڪ صوبي ۾ قائم ڪرڻ بجاءِ فقط هڪ صوبي ۾ کولڻ.

هه_ ننڍين صوبن جي رهواسين جي حقن کي آخري منزل تي نگهوسار ڪرڻ لاءِ ڪوڙن ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽن جي عام وبا ڦهلجڻ.

و_ ننڍين صوبن جي رهواسين جي جائز آه و زاري کي انساني نياءَ ۽ قياس جي نظرن سان ڏسڻ بجاءِ قومي عصبيت جي مخصوص بي دردي واري ذهنيت سان نظرانداز ڪرڻ.

ز_ انهن مڙني مشڪل منزلن پار ڪرڻ کان پوءِ سکيا جي دوران ننڍين صوبن جي ماڻهن کي نفرت سان ڏسڻ ۽ تنگ نظري ڪري پوئتي موٽائڻ، وغيره وغيره.

منهنجي خيال ۾ اهي ئي ڪارڻ آهن، جي خود برطانوي حڪومت پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ محسوس ڪندي ۽ خود اکين سان ڏسندي، انهن کي هٿ وٺي هوا ڏيندي ٿي رهي. انگريزن جي منافقاڻي سياست، پنهنجي هر بينڪيت ۾ فردن، جماعتن ۽ قومن کي پاڻ ۾ لڙائي، پنهنجي ڦڙلٽ واري ظالماڻي سرشتي کان توجهه هٽارائي، پنهنجا ناپاڪ مقصد پورا ڪندي ٿي رهي. مقام ماتم آهي ته اسان پاڻ به دشمن قوم جا ساڳيا هٿيار پنهنجو پاڻ تي استعمال ڪندي ڪوبه عار ڪوبه شرم محسوس ڪونه ڪيو. اسان جا احساس، اسان جا جذبا، اسان جا ارادا ۽ اسان جون عادتون اڄ به اهي ئي آهن، جن جو زهر انگريزن پنهنجي حاڪميت واري دور ۾ وڏي هوشياريءَ سان غلام قوم جي خون ۽ خمير ۾ پري ڇڏيو. اسان کي پنهنجي اعليٰ تهذيب ۽ تمدن جي دعويداري ڪندي پنهنجي گريبان ۾ نهارڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اسان جي ئي هٿان قومي عصبيت ۽ نفرت جا زهريلا جراثيم، معاشري جي هر فرد جي خون ۾ ملاوت ٿيندا ۽ پرورش پائيندا ٿا رهن. اسان کي قبول ڪرڻ کپي ته اسان جي ذهن، حق ۽ انصاف جي انهن عظيم قدرن جي عزت ۽ احترام کي ئي

ختم ڪري ڇڏيو آهي، جن جي بچاءَ ۽ بقاءَ ۾ ماضي جي تاريخ جو ورق ورق ثبوت طور عظيم انسانن جي خون سان رڱيو پيو آهي.

اسان کي اقرار ڪرڻ کپي ته اسان جي ضمير کي ٻئي جي نيڪ نيتيءَ سان فريب ڪندي ۽ ٻيڙي چاڙهي تختا ڪيندي ڪاٻه ڇهنڊڙي ڪانه تي پوي، ڪوبه چرڪ ڪونه ٿو نڪري. اسين سمورا انهي افسوسناڪ صورتحال پيدا ڪرڻ جا ذميوار آهيون. اسان کي سوچڻ کپي ته اها صورتحال سيان کهڙي طوفان جي آمد جو ڪارڻ بنجي سگهي ٿي؟ معاشري جي ڪنهن به فرد جي دل جو آواز ڪن ڏئي ٻڌو ڇا آلاپجي رهيو آهي؟ اسان جي سادگيءَ ۽ معصوميت تي ڏاڙو هنيو ويو آهي، "اسان کي اَللهُ ۽ اسلام جي نالي ۾ مذي ڪاتيءَ سان ڪنو ويو آهي; اسان کي پنهنجا حق موٽائي ڏيو اسين پنهنجي ڪابه چيز وڏيڪ وقت ڪنهن جي به هٿن ۾ رهڻ نه ٿا گهرون، وغيره، وغيره".

هر روز چوويهه ئي ڪلاڪ جتي به چار ماڻهو گڏجي اها ئي گفتگو ڪندا هجن، ته اهڙي حالت ۾ اها ئي تدبر ۽ دانائپ واري ڳالهه ٿيندي ته هڪ گهر جا ڀاتي، هڪٻئي جا ٽيڙ سئي سڀ سميت وڏي ايمانداري سان واپس ڪري، نئين سر باهمي محبت پيدا ڪرڻ لاءِ فضا هموار ڪن. اسان جي عزيز وطن پاڪستان جي بهبوديءَ ۽ بهتري جو راز به انهي ۾ ئي آهي ته هر علائقي جي رهواسين کي جائز حق ۽ اختيار هٿ وس هجن، هو پنهنجي علائقائي معاملن ۾ خودمختيار هجن. اهڙي ريت ملڪ جي هر قوم ٻي قوم کي اڱرائي ڪندڙ غاصب ۽ ظالم تصور نه ڪري، مطلب ته هر قوم ٻي قوم جو اهڙي طرح احترام ڪري، جيئين هڪ ننڍو ڀاءُ پنهنجي لائق وڏي ڀاءُ جو احترام پاڻ تي فرض سمجهندو آهي. هن وقت ون يونٽ ٽٽڻ وارو آهي، ان ڪري مختلف علائقن جي صاحب فڪر ماڻهن، قومي خادمن ۽ سوشل ورڪرن کي سوچڻ گهرجي ته جيئن ڪي به اهڙا صوبائي معاملا رهجي نه وڃن، جن لاءِ پيهر درد سري ڪرڻي پوي. ريلوي ڊپارٽمينٽ به انهن مان هڪ مسئلو آهي، جنهن جو صحيح حل ڳولڻ گهرجي. منهنجي ناقص سمجهه موجب، انهي مسئلي متعلق هيٺيون تجويزون آهن. جيڪڏهن اهي واقعي صحيح ۽ قبول ڪرڻ لائق آهن ته انهن تي فوري ڪنهن عملي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. پر جيڪڏه اهي تجويزو ڪن صاحبن

جي نظر ۾ قابل قبول نہ آهن تہ پوءِ انهن بزرگن کي منهنجي هيءَ گذارش آهي تہ هو پنهنجون تجويزون قوم جي اڳيان رکن تہ جيئن سيان ڀيهر قوم کي هل هنگامي، افراتفري ۽ ڇڪتاڻ کان نجات ملي ۽ سموري قوم دلجمعيءَ سان پنهنجي علائقائي معشيت جي سڌاري ۽ واڌاري ڏانهن متوجهہ ٿئي، جنهن ۾ سڀني قومن، سمورن علائقن ۽ اسانجي عزيز وطن پاڪستان جي عزت ۽ وقار جو راز پوشيده آهي.

## تجويزون:

1. ريلوي ڊپارٽمينٽ جي اڳوڻي انتظامي ڍانچي کي ختم ڪري، نئين سر مرڪزي بورڊ قائم ڪجي. جنهن ۾ هرهڪ صوبي کي هڪجيتري نمائندگي هجي. نئون بورڊ، صوبن جي ريلوائي انتظام جي واڌاري لاءِ پنهنجا مشورا ۽ اسڪيمون پيش ڪندي، انهن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي.
2. هرهڪ صوبي کي پنهنجو الڳ ريلوي بورڊ هجي، جيڪو صوبائي حڪومت جي ماتحت علائقائي اندروني انتظام ۾ خودمختيار هجي ۽ اهو مرڪزي بورڊ جي رٿائن ۽ تجويزن مطابق ريلوي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ موثر قدم کڻي.
3. هرهڪ علائقو پنهنجا الڳ ريلوي ٽريننگ جا ادارا کولي تہ جيئن علائقائي ماڻهن کي تربيت ڏيڻ ۽ آئنده پنهنجي صوبائي ريلوي انتظاميا ۾ حصي وٺڻ ۽ ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ سهوليت ميسر ٿئي.
4. ريلوي ڊپارٽمينٽ جو سازوسامان ٽرينون، مشينون، ورڪشاپ ۽ اوزار وغيره، علائقائي آبادي جي لحاظ سان تقسيم ڪيا وڃن.
5. هرهڪ صوبائي بورڊ، ٻين صوبن جي رهاڪو ملازمن کي پاڻ وٽ ملازمتن ۾ تيستائين رکي، جيسيتائين پنهنجن علائقن جا گهربل لياقتن وارا ماڻهو ميسر ٿين، ان بعد ٻاهرين ملازمن کي آهستي آهستي پنهنجن صوبن ڏانهن منتقل ڪندو رهجي.
6. هن وقت اهو اندازو لڳائڻ گهرجي تہ ڪهڙي علائقي جا ماڻهو ريلوي ملازمتن ۾ وڌيڪ ڀرتي ٿيل آهن. ان بعد انهي علائقي مان

وڏيڪ پرتي بند ڪري، ٻين صوبن جا ماڻهو آباديءَ جي لحاظ سان ڪنيا وڃن. مقصد هي آهي تہ جيئن ون يونٽ ٽٽڻ تائين پنتي پيل علائقن جي ماڻهن جي ڪنهن حد تائين حق رسي ڪري سگهجي. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ تہ هرهڪ علائقو پنهنجن مسئلن کي پاڻ ئي منهن ڏيندو.“

(مٿيون مضمون ٽن قسطن ۾
روزاني ”عبرت“ حيدرآباد جي 21_22_23 ۽ 24 ڊسمبر جي پرچن ۾ شايع ٿيو.
18 جنوري کان 24 جنوري (پنجن ڏينهن اندر) ريلوي جي
ٽن ڊيويزنن جو فيصلو ٿيو.)

***عبدالعزيز*** جڏهن ڪشمور بدلي ٿي ويو، تڏهن مون کي اُتي جو حال احوال ڏنائين ۽ لکيائين تہ حيدرآباد ۾ جاءِ لاءِ آئون اوهان جي مدد ڪندس. ساڻس منهنجي شناسائي سندس وڏن جي توسط سان ٿي هئي. هيءَ ننڍو هو. پڙهائي ڏانهن گهٽ رجحان هئس پر منهنجي تنبيهہ ڪيس همٿايو. همٿ ڪيائين تہ چڱي عهدي تي رسيو. ان سببان هن جو مون سان وڏو قرب هو. نهايت نياز ۽ نوڙت سان پيش ايندو هو. سو نيٺ سندس لاڳيتي اسرار ۽ خلوص ڪري، ۽ پنهنجي مالي حالت جي سخت سوڙهہ سببان، سندس آڇ قبوليم. سيالن جي پاڙي قليلي حيدرآباد ۾ پلاٽ خريد ڪري جڳهہ ٺهرايم.

هڪ ڀيري آئون جيڪب آباد کان بس ذريعي ڪشمور پهتس. مون سان بس ۾ جيڪب آباد جا ڪجهہ بلوچ بہ سوار هئا. ڪشمور ۾ رات جو هڪ هوٽل ۾ رهياسين. سخت ذهني پيڙاءَ ۽ جسماني ٿڪاوٽ سبب ٻروچن کان موڪلايم ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچي سمهي پيس. صبح جو بس ۾ چڙهي، گڊو ٻيرسان 10 نمبر ڪالونيءَ ۾ آيس. عبدالعزيز جي گهر پهتس. سخت گرمي هئي. وڏي تڪليف سان اها رات گذارڻي پئي. طبيعت جي ناسازي سبب بہ ڏينهن رهيس. ٻي رات 12 بجي ڏاري حيدرآباد کان هڪ ماڻهو آيو هو. رات جو ساڻس ڪچهري ٿي. اُهو دوست بنگال ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي فائز هو. بنگال ۾ قتل عام دوران هيءَ ڪنهن اٽڪل سان ڀڄي آيو هو. ان سان ڪچهريءَ دوران بنگال ۾ پاڪ فوج جيڪي ظلم ڪيا هئا، سي ڪانئس ٻڌي حيرت وٺي وئي. ان نوجوان، ٽئي ۾

ماستري دوران ايجوڪيشن انسپيڪٽريس مائي، عائشہ. جيڪا ”ٽونٽي صاحبہ“ جي نالي سان مشهور هئي، تنهن جي پاڻٽئي جي مرڻ جي بہ خبر ٻڌائي.

منهنجو پاڻيٽو غلام مصطفيٰ پنهور فوج ۾ هو. اهو ۽ ڪي ٻيا بہ بنگال مان پڇي ڳوٺ پهتا هئا. بنگال جي قتل عام جو احوال مون مختصر طور قلمبند ڪيو هو جيڪو پوءِ ڪنهن دوست جي ”مهربانين“ سببان گم ٿي ويو.

ڪشمور ۾ رهائش دوران هڪ شاعر آيو هو. رات جو ان سان ڪچهري ٿي. شايد ٻرڙي جا بہ پاڻٽيا ڪڪول واه ۾ ڪنهن ٻوڙي ماريا هئا، يا پاڻ ٻڏا هئا. ڪشمور ۾ رهائش دوران آئون ۽ عزيز ٻرڙو گدوءَ کان ڪجهہ پريرو هڪ ڳوٺ ۾ وياسين. اتي هڪ مسجد هئي، جنهن جا بنياد پٿرين بجاءِ چٽن ٽنين تي رکيل هئا. مسجد ۾ مدرسو بہ هو ۽ هڪ عاليشان محل نما عمارت هئي. ڳوٺ جي ٻاهران موتئي جي گلن جو هڪ وڏو باغ هو. انهي مسجد ۽ مدرسي، جو باني ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. ٻرڙي ڳالهہ ڪئي تہ انهي ماڻهو 27 حج ڪيا آهن. هو وڏي عمر جو ۽ وڏو دولتمند ماڻهو هو. گدوءَ جي پل پرسان دريا جي پر تي هڪ پارڪ آهي. ان کان اڌ ميل پنڌ تي ايشيا جو وڏو بجلي پلانٽ آهي. شام جو ڪشمور جا ڪيترا ماڻهو اتي ويندا هئا. گدوءَ جي پل تي پتل جو ڪتبو لڳل هو جنهن تي چاڙهايل هو تہ ”هيءَ پل پاڪستاني انجنيئرن تيار ڪيو آهي.“ هيءَ سکر واري پل کان تمام وڏي هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو مون واپس حيدرآباد ورڻ جي خواهش ڏيکاري، ٻرڙي جي خواهش هئي تہ ڪجهہ ڏينهن رهان. پر مون ڏانهن گهر جي اڪيلائيءَ سببان جيپ ذريعي اوٻاوڙي اسٽيشن ڇڏڻ آيو. گاڏي رات جو 10 بجي اچڻي هئي، تيسين هڪ هوٽل ۾ رهيس. اتي بہ نوجوان مليا، ڳالهين دوران انهن مون کي منٿ ڪئي تہ اسان سان ريتي اسٽيشن هلو. کين معذرت ڏيکاريم.

***

پاڻي اٿئي تہ ايتري پاءِ جو چهرو سچاڻپ ۾ نہ اچي.“ بلڪل انهي چوٽي پٽاندر سِنڌ جي گوبلز وطن فروشيءَ ۽ عوام دشمنيءَ جي راهہ ۾ ايتري تہ ڏُوڙ پاتي آهي، جو هاڻ سندس چهرو بہ سڃاڻڻ مشڪل آهي.

طبقاتي سماج ۾ مختلف طبقن جي سوچ ۽ فڪر جو هئڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ تہ عين رواداري آهي. پر جڏهن ڪو فرد هڪ طبقي جو محض ايجنٽ ۽ دلال بڻجي، بدديانتيءَ کان ڪم وٺي غلط پروپئگنڊا ڪري تہ اهو فرد هر طرح سان ملامت جي لائق آهي. اهڙو بدنام شخص، اچ جنهن طبقي يا فرد جي جائز پلائي لاءِ قلم کڻي، پنهنجو ضمير ۽ ايمان وڪڻي ٿو سيان اهو انهي طبقي ۽ انهي رد جو بہ زرخريد غلام بڻجندي ويرم ئي ڪين ڪندو. جن جي خلاف ڪلهہ هو صريحن بي ايماني تي سندرو ٻڌي، تيار ٿيو بيٺو هو. اهي ياڙي جا ٽٽو ۽ ڪرايي جون ٽئڪسيون بلڪل آسانيءَ سان هر آئي وئي جي لانگ هيٺيان ڪم ڏيئي سگهن ٿيون.

جيسيتائين تحقيقات ۽ ڇنڊ ڇاڻ جو سوال آهي تہ سِنڌُ جي گوبلز جي ٺهڻ ۾ سندس اڏاوت ۾ ڪنهن بہ ديسي ڪاريگر جو هٿ نہ آهي، پر بنياد کان وٺي ڇيڙي تائين عمارت ۾ انگريز معمارن جي ئي محنت آهي. اچ بہ هزارها ميلن تان هنن جي دلال جو پارٽ ادا ڪندي، ڪيس پنهنجو ضمير ملامت نہ ٿو ڪري. هن جي وطن فروشيءَ جو ڪردار ڪافي چاتل سڃاتل آهي، پر هاڻ هن عوام دشمني تي سندرو ٻڌي، سوشلزم جي خلاف قسطون لکي، جيڪا قابل ملامت حرڪت ڪئي آهي، تنهن جو قل تہ ڪيس پنهنجن آقائن ۽ عوام وٽان ضرور پلئہ پوڻو آهي، پر انهيءَ کان اڳ سوشلزم جي مخالفت ۾ هن جيڪا نظرياتي بدديانتي ظاهر ڪئي آهي، تہ ”سوشلزم ۽ فاشزم هڪ ئي چيز آهي“، تنهن متعلق وضاحت سان روشني وجهڻ تمام ضروري آهي.

پائنجي ٿو تہ هو پاڪستان جي پورهيت ۽ پيڙهيل طبقي کي ڪنهن سوچيل سمجهيل سازش تحت گمراهہ ڪرڻ جي لاحاصل ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ فاشزم پنهنجي نظرياتي ۽ عملي براين سببان جنم وٺندي ئي پنهنجو موت پاڻ مري ويو ۽ جيڪي انهي وحشياڻي فڪر جا جنم داتا هئا، تن جو اچ روءِ زمين تي ڪٿي بہ نالو نشان ڪونهي. ۽ ٻئي طرف سوشلزم پنهنجي حيات آفرين ۽

زندگي خيز فڪر ۽ عمل جي بدولت هن ڌرتيءَ جي اڌ ڪان به وڌيڪ حصي تي پورهيت عوام جي صدين ڪان جنت جي خوابن کي حقيقت جو روپ ڏيئي رهيو آهي، ڌرتيءَ جي جنهن به خوشنصيب حصي تي سوشلزم جو راڄ قائم آهي، اتان جو پورهيت عوام صدين جي پيڙا، ظلم زيادتين، ڦرلٽ، رنگ نسل، مذهبي ڀيد ڀاءَ ۽ ٻين ظالماڻين حد بندين جي لعنت کان نجات حاصل ڪري چڪو آهي_ زمانن قسمت ۽ نصيب جي فريب ۾ هڪ مخصوص طبقي هٿان اڪيچار پورهيت عوام سان ٿيندڙ من مانين ۽ ڌاڌاين جو اڄ اتي نالو نشان به ڪونهي. سوشلزم جي راڄ هيٺ انسان جي انهي مذموم ذهنيت جو پڻ خاتمو آندو پيو وڃي، جنهن، عام انساني برادريءَ ڪان پاڻ کي مٿاهين تسليم ڪرائڻ لاءِ نه معلوم مڪر ۽ فريب جا ڪيترا طريقا ڪم آندا ۽ ڍونگ رچايا. مطلب ته سوشلزم اسان کي صدين جي جسماني ۽ روحاني پيڙائن مان ڪڍي آزادي، سک ۽ سلامتيءَ جي حسين فضائن ۾ ساهه کڻڻ سان گڏوگڏ انسان جي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ روشن مستقبل جي پڻ وڏي ضمانت ڏيئي ڇڏي آهي.

## سوشلزم جي خلاف هيٺيون تهمتون مڙهيون ويون آهن

### سوشلزم جمهوريت دشمن آهي

سوشلزم واقعي انهي جمهوريت جي قطعن دشمن آهي، جنهن جمهوريت ۾ ملڪ جي اسي (80) سيڪڙي پورهيت عوام کي پنهنجي ملڪ جي آئين ۽ دستور تيار ڪرڻ جو ڪوبه موقعو ميسر تي نه سگهي ۽ فقط ويهه (20) سيڪڙو دولتمند طبقو پنهنجي ناجائز حقن جي حفاظت ۽ اسي سيڪڙي پورهيت عوام جي خون ۽ پگهر تي ڌاڙن هڻڻ لاءِ ملڪ جي آئين ۽ دستور جي مرتب ڪرڻ جو حق ۽ اختيار رکندو هجي. ديانتداريءَ جي تقاضا ته اها هئي ته سوشلزم کي "جمهوريت جي دشمن" ڪوٺڻ بجاءِ "دولتمند طبقي جي دشمن" جوڙڻ سان سنئون سڌو حق نمڪ به ادا ٿئي ها ۽ ٻين کي به ذهني مونجهاري ۾ مبتلا ٿيڻو نه پوي ها. پر فريبي ۽ مڪار ماڻهن جو هميشه اهو دستور هوندو آهيته هو هر ڪوڙ کي، هر فريب کي وڏي ملمسازيءَ سان پيش ڪري، ابوجهن جي ذهنن سان ڪيڏبازي وسيلي پنهنجا ڪارج سڌا ڪندا آهن. ڀلا هو اها حقيقت

ڪيئن ٿو ظاهر ڪري سگهي تہ پاڪستان ۾ سوشلزم جي راڄ قائم ٿيڻ سان ملڪ جي سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي دولت جي پيدائش جا سمورا ذريعا کانئن کسي، قومي ملڪيت ۾ آندا ويندا ۽ کين بنا پورهئي پين جي رت ۽ پگهر تي پلجڻ بجاءِ پنهنجن نازڪ ۽ نفيس هٿن سان پورهيو ڪري پيٽ پارڻو پوندو. حيرت جو مقام آهي تہ هن کي پنهنجي "جمهوريت" جي سرشتي ۾، جتي اسي سيڪڙو عوام کي پاءُ اٽي هٿ ڪرڻ لاءِ نہ معلوم ڪيترا ذهني ۽ جسماني عذاب ڀوڳڻا ٿا پون، تن جو تہ ڪيس ذرو بہ احساس نہ ٿو ٿئي، پر، سوشلزم جي راڄ ۾ پندرنهن ويهہ سيڪڙي دولتمند طبقي جي ماڻهن کي ٻين سان گڏجي پورهئي ڪرڻ ۽ حق حلال جي رزق کائڻ تي دانهن نڪريو تي وڃي، ۽ سندس دل انهي درد ۾ ڦاٽي بہ تڪر ٿيو ٿي پوي. افسوس تہ هيءَ آهي تہ جنهن سوشلزم جي خلاف هوگلو ڦاڙي رڙيون ٿو ڪري ۽ ويهن ٿي ننهن جو زور لڳائي مخالفت ٿو ڪري، تنهن ۾ تہ اسي سيڪڙي پورهيت عوام جو ڪوبہ حق تسليم ئي ٿيل نہ آهي.

## سوشلزم ڊڪٽيٽرشپ آهي.

قريبن سوا صديءَ کان سوشلزم جي وسيع دامن ۾ جيترا ڪنڊا ۽ پٿر اڇلايا ويا آهن، اوترا دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ فڪر کي نصيب نہ ٿيا آهن ــ ڪهڙي تهمت آهي جا سوشلزم تي نہ لڳائي وئي آهي ــ سرمائيدار دنيا، ان جا ايجنٽ ۽ دلال مخالفت ۾ ڇا ڪجهہ نہ ڪري گذريا آهن; ان هوندي بہ يتيم دولتمند طبقي جي ننڊ حرام آهي. هزارين ايجنٽن ۽ دلال جي ٽيڪن ۽ ٽنين ٽوٽين جي باوجود هن کي اها خاطري آهي تہ سوشلزم جو ديو ڪنهن بہ وقت يلغار ڪري، اسان جي ڪڙي ڪيل ظلم ۽ ڦرلٽ واري سرشتي کي نگهوسار ڪري ڇڏيندو.

## سوشلزم ڊڪٽيٽرشپ آهي.

اڄ انهي پروپئگنڊا جي ڪابہ اهميت ڪانہ رهي آهي. پر جيئن تہ ٻڏندڙ ڪک جو سهارو ۽ ساڳئي وقت سرمائيدارن جي ايجنٽن ۽ دلالن جو گذر سفر بہ اهڙي پروپئگنڊا تي آهي، تنهن ڪري (موقعي پرستيءَ هٿان) هو بہ مجبور آهن تہ اهڙي بڪواس ڪندا، ڪجهہ ڇڏائيندا رهن.

سوشلزم واقعي ڊڪٽيٽرشپ آهي، پر اها ڪهڙي طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ آهي ۽ ڪنهن جي مٿان آهي؟ افسوس تہ هوءَ سوشلزم تي اهو حملو ڪري، وڌيڪ وضاحت ڪرڻ کان خاموش ٿي ٿا وڃن: ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو ايمانداريءَ کان ڪم وٺي، اها وضاحت ڪن تہ "سوشلزم جي راڄ ۾ فقط اڳوٽي دولتمند طبقي جي ماڻهن کي ڪن کان جهلي، پورهيت برادريءَ جي صف ۾ بيهاري، ڪانئن پورهيو ڪرايو وڃي ٿو ۽ مٿن سخت چوڪسي ڪئي وڃي ٿي تہ جيئن هو پنهنجي اڳوٽي مفت خوريءَ واري عادت کان مجبور ٿي، سوشلزم جي برخلاف اندران ئي اندران ڪا گڙ ٻڙ نہ ڪرائين" تہ پوءِ اهڙي وضاحت سندن مخصوص جمهوريت جي گندي لاش کي دفن ڪرڻ ۾ ڪابہ دير ڪري نہ ٿي سگهي؟ پر هوءَ وڏي منافقي سان سوشلزم تي ڊڪٽيٽرشپ هئڻ جي تهمت لڳائي، وڌيڪ وضاحت کان خاموشي اختيار ڪري، وڏي مڪاريءَ سان دولتمند طبقي جي ايجنٽ ثابت ٿيڻ کان پاڻ کي بچائي ٿا وٺن. ڀلا جنهن طبقي صدين کان وٺي ٻين جي پگهر ۽ پورهئي تي عيش عشرتون ڪيون آهن، اهو سوشلزم جي راڄ ۾ دل سان ڪيئن پورهيو ڪندو؟ هو تہ مرڻ گهڙي تائين اهي ئي ڪوششون ۽ حرڪتون ڪندو رهندو تہ ٻيهر اڳوٽو اقتدار هٿ ڪري، جئُور جيان مفت ۾ ٻين جو رت ۽ ست چوسي ۽ ڏاڙا هڻي. اهوئي واحد ڪارڻ آهي تہ سوشلزم جي راڄ ۾ اڳوٽي دولتمند طبقي جي پندرنهن ويهہ سيڪڙو ماڻهن تي اسي سيڪڙي پورهيت عوام جي سخت ڊڪٽيٽرشپ لازمي جاتي ويئي آهي. ۽ ٻئي پاسي "مخصوص طبقي جي جمهوريت" جي سرشتي ۾، انساني آزاديءَ جو جيڪو پرچار ڪرايو وڃي ٿو تنهن جي صورتحال هي آهي تہ پندرنهن ويهہ سيڪڙي دولتمند ماڻهن کي هر طرح جي آزادي آهي تہ هو "اسي سيڪڙي عوام جو جيترو ۽ جنهن بہ ظلم ۽ ڏاڍ سان رت ست نچوڙي، تجوڙيون ڀرين تہ اها انساني آزادي آهي!" ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٽي چئجي تہ ڪروڙها پورهيت عوام جو گلو گهٽڻ ۽ کين بي موت مارڻ، ڊڪٽيٽرشپ نہ آهي ـ مثال طور هڪ ڪارخانيدار يا مل مالڪ، جنهن وٽ بہ ٽي هزار مزدور پورهيو ڪندڙ آهن، ٻن ٽن سالن کان پوءِ سندن رت ست نچوئي، پاڻ ٻيو ڪاروبار بہ شروع ڪيو ٿو ڏئي ۽ اهڙي ريت درجي بہ درجي هو وڌيڪ ڪارخانا کوليندو ڪروڙپتي ۽ ارب پتي

ٻٽيو رهي ٿو پر ساڳئي وقت ٻئي پاسي مزدورن جي وڏي اڪثريت پنهنجي طاقت ۽ صحت جي ڪوٽ سان گڏ آهستي آهستي هڪ نه ٻي منحوس بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيندي وڃي. اهڙي ريت سڄي حياتي رت ست ڏيڻ کان پوءِ به مزدورن وٽ اهو پاڇي نه ٿو رهي جو هو ڏينهن دل جي سڪون سان گهر ۾ ويهي پاءُ اٽي جو کائي سگهي. هو پيريءَ ۾ ضعيفائي ۾ توڙي بيماريءَ ۾ پورهئي ڪرڻ تي مجبور آهي. ٻچن جي تعليم، صحت ۽ اجهو اهي انساني حق ته ڪنهن به ڳڻپ ۽ شمار ۾ نه آهن. مطلب ته بيشمار انساني حياتيون هڪ دولتمند جي ذاتي خواهشن ۽ عيش عشرتن جي پورائي ۾ بکن ۽ بيمارين وگهي وقت کان اڳي بي موت مري ضايع ٿي وڃن ته اها انساني آزادي آهي ۽ سوشلزم جي ڊڪٽيٽرشپ کان وڌيڪ انساني انصاف تي مبني ۽ احترام لائق آهي!

اها ساڳي اندوهناڪ صورتحال هاريءَ جي آهي. زمانن کان وٺي غربت ۽ جهالت سان گڏ هر آئي وئي جي ڏاڍ، ظلم ۽ ڦرلٽ جو شڪار آهي. هاريءَ جي پورهئي تي فقط جاگيردار ۽ زميندار ڌاڙو ڪونه ٿو هڻي، پر اسان جي معاشريءَ جو ڪافي حصو وڏي چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان گگدام هاريءَ جي پورهئي تي مفت ۾ پلجي ٿو.

اسان جي طبقاتي جمهوريت جون ٻيون به ڪيتريون ئي بي انداز ڪرم فرمايون آهن، جن مان ڪا به هڪ اهڙي نه آهي جا وسارڻ لائق ٿي وڃي. هر آئي ڏينهن، ذاتي منافعي جي ڪاروبار ۾، فقط هيناهين سطح تي ٿي ڪاڌي جي عام شين ۾ ملاوت ڪري، جنهن بيدرديءَ سان انساني حياتين کي ضايع ڪيو ٿو وڃي، اهي ۽ توڙي ٻيا ڪيترا بدنما داغ طبقاتي جمهوريت هزارها دعوائن جي باوجود پنهنجي چهري تان ڌوئي، صاف ڪري نه ٿي سگهي. انهن مڙني براين جو واحد ڪارڻ اهائي ته مخصوص جمهوريت آهي، جنهن انساني آزادي جي آڙ ۾ ڪروڙها پورهت عوام جي حياتي زهر بنائي ڇڏي آهي.

طبقاتي سماج کي ختم ڪرڻ ۽ دولت جي پيدائشي وسيلن کي قومي ملڪيت ۾ آڻڻ کان سواءِ، جمهوريت ڪنهن به معاشري ۾ انساني نياءَ ۽ پاڻپيءَ وارو ماحول قائم نه ٿي ڪري سگهي. سوشلسٽ ملڪن کان سواءِ دنيا جو ٻيو ڪو به اهڙو جمهوري ملڪ نه آهي، جتي دولت جي بنياد

تي انساني گھٽ وڌائيءَ جو وجود نہ ھجي ۽ پورهيت جي محنت سان ھٽ ڪس ٿيڻ قطعن بند ھجي.

سوشلسٽ راڄ ۾ معاشري جي ھر فرد کي روزگار، تعليم، صحت ۽ سلامتيءَ سان گڏوگڏ ھن جي ذھني ۽ دماغي صلاحيتن کي مٿانھين سطح تي آڻي، انسان جي صحيح مقام ۽ منزلت سان روشناس ڪرائڻ لاءِ عظيم جدوجھد تي رھي آھي. سوشلسٽ سماج ۾ ھر فرد کي خود شناسي واري جذبي کان آگاھہ ڪري، زمانن کان سندس ڪچليل صلاحيتن جي صحيح نشو ونما لاءِ ھر طرح جو معقول انتظام ڪيو ويو ويچي.

## سوشلزم مذھب جو دشمن آھي .

انساني تاريخ جو ھيءَ ھڪ عجيب سانحو آھي تہ دولتمند طبقي پنھنجي صريحن ڦرلٽ واري ظالماڻي سرشتي کي قائم رکڻ لاءِ مذھب کي ھٿيار طور استعمال ڪيو آھي، ۽ ساڳئي وقت انساني تاريخ جو ھيءَ بہ ھڪ المناڪ واقعو آھي تہ ھر دور ۾ دولتمند طبقي جي اشاري تي، مظلوم طبقي جذبات ۾ انڌو ٻڻجي، پنھنجن محسنن جي مخالفت ڪئي آھي ۽ ڪين پنھنجن ئي ھٿن سان پاڻ ڪنو آھي. اھڙي ريت انساني تاريخ ۾ اڄ تائين جيڪي بہ خونريزيون ٿيون آھن، سي اڪثر مذھب جي ئي نالي ۾، ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ اڄ تائين مذھب جي نالي ۾ جيڪو بہ خون وھايو ويو آھي، اھو جيڪڏھن ڪنو تي سگھي تہ ھوند ھن سڄي پرٿوي مٿان فقط مظلوم طبقي جي خون جو ھڪ اونھون سمنڊ ڇوليون ھڻندو نظر اچي.

ماضيءَ کي ڏسبو تہ دنيا جي ڪھڙي نئين نظريي ۽ فڪر کي انھي ئي تھمت ھيٺ آڻي، اھوجه انسانن کي بد ظن ڪيو ويو ويچي. سوشلزم بہ ھن دور جو حق ۽ انصاف تي مبني ھڪ عظيم فڪر آھي. ان جي عظمت جو اھو ئي واحد ڪارڻ آھي تہ دنيا جو ظالم طبقو جيڪو ٻين جي پگھر ۽ پورهئي تي پلجي ٿو اڄ انھي جي ننڊ حرام آھي. ھو ھزارھا طريقن سان انھي ڪوشش ۾ آھي تہ جيئن سوشلزم جي فڪر وسيلي دنيا جو مظلوم طبقو سجاڳ نہ ٿئي. اڄ دنيا ۾ اھڙو ڪوبہ سرمائيدار ملڪ نہ آھي، جتي سندن ايجنٽن ۽ دلال، عوام دوست ماڻھن ۽ حق شناس انسانن جي برخلاف غلط پروپئگنڊائون ڪندا ۽ زھر نہ اوڳاريندا ھجن. انھي سرشتي

۾ انهن مڪارن جو بنيادي مقصد فقط هي آهي ته بي سمجه عوام کي مذهب جي نالي تي پنهنجي شيطاني صفت سان برغلائي، سوشلزم جي زندگي بخش نظام کان نفرت ڏيارائي وڃي.

مذهب انسان جي قلبي واردات آهي ۽ سوشلزم هن دور جي انسان جي مادي ضرورتن جي پورائي جو هڪ سائنسي نظريو. سوشلسٽ سماج ۾ مذهب تي ڪابه بندش نه آهي. البت، اها بندش آهي ته هڪ مذهب جا پوئلڳ ٻين مذهب وارن جي دل آزاري نه ڪن ۽ ڪوبه فرد اڳيئن وانگر مذهب جي آڙ ۾ بنا پورهئي پلجڻ جي حرڪت نه ڪري. سوشلزم جي انهي عين انصاف ۽ رواداريءَ واري، اعليٰ اصول ۽ عمل کي سرمائيدارن جا دلال، مذهب دشمنيءَ سان تعبير ڪري، هزارها تهمتون لڳائين ٿا.

سوال آهي ته جيڪڏهن عوام جي جهالت جو فائدو وٺي، مذهب کي روزگار جو ذريعو ڪري ڪم آڻڻ "مذهب پرستي" آهي، ۽ مذهبي منافرت جي بنياد تي ڪافر_مومن، شيعا_سني ۽ احراري_قادياني درميان فساد ڪرائي، هزارها انساني حياتيون ضايع ڪرائڻ "خدا پرستي" آهي ۽ اهائي مذهب جي صحيح پوئلڳي آهي، ته پوءِ مذهب دشمني ۽ خدا دشمني ڪهڙي چيز جو نالو آهي ۽ خدا پرستيءَ جي اها ڪهڙي صحيح صورت آهي، جنهن مان انسانذات کي سواءِ ڪنهن تفرقي جي چڱائي حاصل ٿيڻ جي توقع ڪري سگهجي؟

سنڌ جي گوبلز ۽ سندس همنوا ياٽرن کي اها شڪايت آهي ته پاڪستان ۾ سوشلزم جي اچڻ ساناسلام ختم ٿي ويندو. حالانڪ کين اها خبر آهي ته اسلام جنهن سرزمين تان جائو نپنو ۽ وڏي ويجهي ٻاهرين دنيا تائين پهتو اڄ انهي ملڪ جي ڪيترن پاڙيسري اسلامي ملڪن ۾ سوشلزم جو زندگي بخش نظام رائج آهي. پر افسوس ته هو مڙني اسلامي ملڪن جي مسلمان ياٽرن کي مسلمان نه ٿا ڪوٺين. ۽ مسلمانيءَ جي دعوا فقط پاڻ تائين محدود ٿا رکن. انسان جي انهيءَ کان وڌ ٻي ڪهڙي بدبختي ۽ ذلت چئي سگهجي ٿي ته هو سموري دنيا کي برائيءَ ۾ شمار ڪري ۽ نيڪي فقط پاڻ تائين سانڍي!

انسان جنهن ساهواري جو نالو آهي، ان کي هر دور ۾ ٻه ضرورتون درپيش رهيون آهن_ هڪ مادي ۽ ٻي روحاني. روحاني مان مراد مذهب آهي، جو انسان جي قلبي واردات جي دنيا آهي ۽ خود پنهنجي، جاءِ تي

اضافي آهي. اهڙي ريت تهذيبي دور کان وٺي اڄ تائين انسان جي قلبي واردات تي نہ معلوم ڪيترا عڪس ۽ پاڇا پيا آهن ۽ هن اڄ تائين الائي ڪيتريون منزلون طئي ڪيون آهن ۽ ڪندو رهندو.

گوبلز ۽ سندس همنوا پائرن (جماعت اسلامي) جو جو نڪي مذهب سان واسطو آهي ۽ نڪي انسانيت سان. هنن جو واسطو "پاڻ" سان آهي ۽ انهي "پاڻ" سندن ذهن ۽ ضمير تي اهڙو تہ هٺ ڦيري ڇڏيو آهي، جو ڪين پورهيت طبقي جي خوشحالي گوارا ٿيڻ تہ درڪنار پر موڙگو مسڪينن ۽ مظلومن جو بہ ويلا پيٽ پري ڪائڻ، "مذهب دشمني" ۽ "خدا دشمني" نظر اچي رهي آهي!

مذهب متعلق ڪنهن بہ ملڪ ۾ معاشري جو جائزو وٺبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ هر هنڌ مختلف مذهبن هئڻ جي باوجود، هرهڪ مذهب ڪيترن فرقن ۾ ورهايل آهي ۽ هر فرقو پنهنجو نقطي نگاهہ الڳ رکي ٿو. انهي سطح کان بہ قدم هيٺ لهي، فقط هڪڙي ئي ڪٽنب جي ڀاتين جو جائزو وٺبو تہ مذهب يا خدا متعلق سيني ڀاتين جو ساڳيو تصور اچڻ، ناممڪن آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن ڪٽنب جو هڪ ڀاتي، گهر جي ٻين ڀاتين تي اهو زور آڻي تہ مذهب يا خدا متعلق جيڪو سندس تصور آهي، ٻيا بہ اهوئي قبول ڪن ۽ ائين ئي مڃين نہ تہ ڪافر آهن، تہ اهڙي شخص جي انهي تقاضا ۽ فيصلي جو ٻيا ڪو قدر ڪن سو تہ پنهنجي جاءِ تي، پر موڙگو هو پاڻ پنهنجن ئي گهر جي ڀاتين جي نگاهہ ۾ سراسر پاڳل نظر ايندو. اها ساڳي صورتحال سنڌ جي گوبلز ۽ جماعت اسلاميءَ وارن جي آهي. هو انسان جي عظيم روادريءَ واري اصول کي پٺي پويان اڇلي، ور ڪنجيو لٽ ڪنيو رانيات ڪندا، بيگناهہ انسانن تي لقب لائيندا ۽ پنهنجي اندر جي اوجرائيءَ جو اظهار ڪندا ٿا رهن.

## سوشلزم ۾ مساوات نہ آهي.

سوشلزم مساوات جي دعوا ان ڪري ڪانہ ڪئي آهي، جو ان جي فڪر ساز عالمن کي اها ڪل هئي تہ جنهن بہ انساني مساوات جي دعوا ڪئي آهي، تنهن کي آخر ۾ پشيماني ئي نصيب ٿي آهي. دراصل سرمائيدار طبقي ۽ سندن ايجنٽن جو سوشلزم جي خلاف اهو پنهنجو ئي ناهيل بهتان آهي. سوشلسٽ سماج ۾ هرهڪ فرد کي سندس صلاحيتن ۽ پورهئي پٽاندر اجورو

ڏنو وڃي ٿو ۽ انهي پورهئي جي اجرت مان ٻيو ڪوبہ هٿ ڪس ڪرڻ وارو ڪونهي. هو جيترو پورهيو ڪندو ڪيس اوترو ئيا جورو پلئہ پوندو. انهي کان سواءِ سوشلسٽ سماج ۾ انسان جي بنيادي ضرورت وارين شين جون قيمتون سال بسال پيداوار جي وڌڻ سان گهٽبيون ٿيون رهن ۽ سماجي زندگيءَ جو معيار ڏينهون ڏينهن مٿي چڙهندو ٿو وڃي.

اڄڪلهہ اسان جي ملڪ ۾ ڪيترن ملن ۽ مولوين طرفان سوشلزم جي جيڪا مخالفت ڪئي ٿي وڃي ۽ هزارين بهتان مڙهيا ٿا وڃن. اهي ذرا ويچارڻ جي لائق آهن۔ سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”جنهن هنڌ باهہ ٻري، سا ئي جاءِ سڙي،“ تنهن جيان جن ماڻهن جو صدين کان گذر سفر ۽ ذاتي معتبري مذهب جي نيڪي مقاطعي تي هلندڙ آهي، تن کي واقعي سوشلسٽ سماج مان ڇڱائي ڪانہ ٿيندي هو ڄاڻن ٿا تہ سوشلسٽ سماج قائم ٿيڻ کان پوءِ، مفت خوري بجاءِ ٻاڙن جي پورهئي تي گذارڻو پوندو. انهي ڪري سوشلزم جي مخالفت ڪري، هڪ ئي وقت ٻٽو فائدو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا: يعني پنهنجي ناجائز مفاد جي مستقل طور بچاءَ ڪرڻ سان گڏ، سردست دولتمند طبقي ۽ ٻاهرين سرمائيدار دنيا وٽان عوام دشمنيءَ واري عمل جو حسب منشا اجورو پڻ حاصل ڪري وٺن ٿا.

روس ۾ سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ زار شاهي واري دور ۾ پورهيت طبقي جي رت ۽ ست تي پلجندڙ ماڻهن جي جڏهن سروي ڪئي، تڏهن سوشلسٽن جا تاڪ لڳي ويا. انگن اکرن مان معلوم ٿيو تہ معاشري جو ڪافي حصو۔ پادري، ملا ۽ مولوي مذهب جي آڙ ۾ بنا پورهئي بي سمجهہ عوام جو ڇئور جيان رت چوسيندا ۽ کين ذاتي استعمال جي خيال کان جهالت جي مرض ۾ وڏيڪ مبتلا ڪندا ٿي رهيا. اڳتي هلي هنن جي حيرت جي تهان ئي حد نہ رهي، جڏهن وڏيڪ جانچ پڙتال بعد ڏسڻ ۾ آين تہ انهن ماڻهن، عوام جي جهالت مان فائدو وٺي، ڪيترا غير مهذبانہ ڪاروبار کولي رکيا هئا. سوشلسٽن لاءِ ٻين مڙني مسئلن کان وڏيڪ توجهہ ڏيڻ لائق اهي ئي ماڻهو هئا: جن کان اهي غير مهذبانہ ڌنڌا ڇڏائي، کين پنهنجي انساني عظمت سان روشناس ڪرائي، حق ۽ حلال جي پورهئي ڪرڻ تي رضامند ڪرڻو هو. جرائم پيشا مذهبي ماڻهن مان ڪيترن ان وقت ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هڪڙن کي جڏهن اها خاطري ٿي تہ

سوشلسٽ انقلاب جي ڪاميابي کان پوءِ اسان جا اڳوڻا ڦرلٽ وارا مذموم ذريعا ختم ٿي ويندا ۽ بازن جو پورهيو ڪرڻو پوندو. تڏهن هنن هڪ وڏي مڪاريءَ کان ڪم ورتو_ هڪ طرف پاڻ کي انقلاب جا حامي چوائي، اندران ئي اندران ان جي مخالفت ڪرڻ لڳا ته ٻئي پاسي پنهنجي اوڙي پاڙي ۽ آسپاس جي دولتمند ماڻهن جي گهرن تي راتاها هڻائي، مال اسباب هٿ ڪندا رهيا ته جيئن انقلاب کان پوءِ به حق حلال جي پورهئي بجاءِ مرڻ گهڙي تائين آسانيءَ سان حرام جو ٽڪر پلئه پوندو رهي.

ان وقت سوشلسٽ انقلابين جي اڳيان ٻاهرين سرمائيدار حڪومتن سان منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ خود پنهنجي ئي ملڪ اندر لڙائيءَ جا ڪيترا محاذ کلي پيا_ زار شاهيءَ ۽ ان جي خاص انتظامي مشينري، جاگيردار، سرمائيدار ۽ انهن جا ايجنٽ ۽ دلال، مفت خور پادري، ملا ۽ مولوي، ۽ تحريڪ ۾ گهڙي آيل دشمن. انهن مڙني انقلاب دشمنن مان پادرين، ملن ۽ مولوين پاڻ چڱو موڪيو. هنن سوشلسٽ انقلاب کي ناڪامياب بنائڻ ۾ هزارن طريقن سان غلط پروپيگنڊائون ڪيون ۽ منجهانئن ڪيترا سرمائيدار جي اشاري تي پنهنجي ملڪ مان لڪ چوري ڀڄي، سرمائيدار حڪومتن جي پنيرائي حاصل ڪري، پاڻ کي سوشلسٽ انقلاب جي ظلمن جا عيني شاهد چوائي، مذهب جي آڙ وٺي سوشلزم خلاف زهر اوڳارڻ شروع ڪيو. سرمائيدار دنيا جي اخبارن وڏين سرخين سان، انهن بدنام ماڻهن جا ڪوڙا بيان شايع ڪري، مذهبي دنيا کي، ان وقت جي اڪيلي سوشلسٽ حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪئي. ڪڏهن اهي بيان ڇپجڻ لڳا ته سوشلسٽ قرآن پاڪ ۽ مسجدن جي بي حرمتي ڪئي آهي، مذهبي ماڻهن کي ڳولي ڳولي مارايو پيو وڃي ۽ ڪيترن عالمن جون زوري ڏاڙهيون ڪوڙايون وئيون آهن_ مطلب ته انهن بدنام ايجنٽن کي مذهب جا وڏا عالم چوائي، مظلوم پورهيت عوام جي انقلاب جي ساک کي ڇيهو رسائڻ لاءِ هر هڪ تذليل ڀريو ڪردار ادا ڪيو. وڌيڪ تذليل جوڳي ڳالهه اها هئي ته سرمائيدار دنيا پنهنجن ايجنٽن کي خاص تعليم ۽ تربيت ڏئي دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن روانو ڪيو ته جيئن اهي اتي وڃي هنڌين ماڳين پيش پئي نهايت دردناڪيءَ

سان ان سوشلشٽ انقلاب جا مظلوم چوائي، اتان جي عام ماڻهن کي پڙڪائي، سوشلزم لاءِ نفرت پيدا ڪن.

ظاهر آهي ته اهو انقلاب، جنهن جو اڳ انساني تاريخ ۾ ڪڏهن ڪو وجود ئي نه هو ۽ جنهن جي هٿان ڦرلٽ واري سموري سرشتي کي ختم ٿي، انساني محبت، پيار ۽ پورهئي جي بنياد تي اڏجڻو هو. تنهن جي ڪيتري نه مخالفت ٿي هوندي! پر مبارڪ آهي مظلوم عوام جي ﭬڏيءَ ۽ اتحاد کي، جنهن ڦرلٽ ڪندڙ طبقي جي مڙني حملن، بهتانن ۽ پروپئگنڊائن جي ڪابه پرواهه نه ڪري، پنهنجي سرزمين تي پورهئي ۽ پيار جو راڄ ڪڙو ڪري، دنيا جي مظلوم عوام اڳيان هڪ اهڙو شاندار مثال قائم ڪيو. جو سندن نقش قدم تي ڪيترن ٻين ملڪن جي مظلوم عوام عمل ڪري، دنيا جي اڌ کان به وڌيڪ حصي تي سوشلسٽ سماج کي وجود ۾ آڻي، پاڻ لاءِ توڙي پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ دائمي سک جي ساهه کڻڻ جو مڪمل بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.

حيرت آهي ته سوشلزم خلاف هزارها بهتانن ۽ پروپئگنڊائن هوندي به هر سال دنيا جي هڪ نه ٻئي ملڪ ۾ اتان جو عوام سرمائيدارن جو تختو اونڌو ڪندو ۽ پورهيت برادريءَ جي طاقت ۾ واڌارو آڻيندو ٿو رهي.

## سوشلسٽ انسانيت جا دشمن آهن.

سوشلسٽن تي اها تهمت مڙهي ٿي وڃي ته هو انسانيت جا دشمن آهن ۽ وٽن انسانيقتل و غارتگري هڪ معمولي ڳالهه آهي. انهي بهتان مڙهيندڙن جي ذهن ۽ ضمير ۾ ڪا ذري ماتر به صداقت هجي ته وٽن موجود عوام دشمن تاريخ ۾ مذهبي دنيا جي هٿان لڙائين ۽ جنگين وسيلي جيڪو انساني رت وهايو ويو آهي، اهو ئي مثال ڪافي آهي. اسان جي اکين آڏو هند ۽ پاڪ ورهاڱي ۾ جيڪي انسانيت سوز ڪاروائيون ٿيون، تن لاءِ ڪنهن کي ڏوهي ٺهرائجي؟ ڪنهن جي نقطي نظر ۽ بصيرت تي حملو ڪجي؟ اهو ته فقط ملڪي ورهاڱو هو پر انقلاب جنهن کي باهه سان تشبيهه ڏني ويئي آهي ۽ جيڪو ڪنهن به فرد جي ڪنٽرول يا قبضي کان ان وقت ٻاهر هوندو آهي، ان ۾ ٿيل زيان لاءِ ڪنهن فڪر يا فرد کي ڏوهي ٺهرائڻ، ماڻهوءَ جي پنهنجي من ۽ اندر جي اونداهي آهي.

## سوشلسٽ پنهنجا ساٿي مارائيندا آهن.

سوشلسٽن تي هيءَ به تهمت سمجهي، لڳائي ٿي وڃي ته هُو پنهنجن ساٿين کي ئي مارائيندا آهن. منهنجي نظر ۾ سوشلسٽن جي سڀ کان وڏي خوبي اهائي آهي ته هو مظلوم عوام جي ڀلائيءَ کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به رشتي، ڪنهن به عزازت کي عزيز نه سمجهندا آهن. هنن کي جڏهن پنهنجي ساٿي، پنهنجي ڀاءُ متعلق اها خاطري ٿي ويندي آهي ته هو عوامي ڀلائيءَ جي راهه ۾ نقصانڪار آهي ته ان کي گولي هڻي مارڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا به سعادت، ٻيو ڪو به اعزاز نه آهي. اهوئي ڪارڻ آهي ته انقلاب دوران سوشلسٽن جي جامي ۾ لڪل، عوام دوست نما دشمنن، عوام سان جيڪي زيادتيون ڪيون ۽ انقلاب کي پس پردي نقصان رسائڻ جون سازشون ڪيون، تن کي هرگز معاف نه ڪيو ويو. سوشلسٽن جو اهو اعليٰ اصول ۽ ان تي عمل ئي آهي، جنهن سندن فڪري توڙي عملي ڪاميابي کي روشن سج جيان تابناڪي بخشي. هنن جي قربانين ۽ جدوجهد جو مرڪزي نقطو پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان وفادار ۽ سچو هڏ ڏوکي خادم ٿي رهڻ آهي.

ٻئي طرف طبقاتي جمهوريت جي سرشتي ۾ دولتمند طبقي ۽ ان جي حوارين ۾ هي خوبي آهي ته هو پنهنجي ذاتي مفادن خاطر پنهنجي ملڪ ۽ عوام کي کهڙي به آڙاهه ۾ اڇلائين ته اهو جرم نه آهي_ شين جون قيمتون وڌائڻ، هٿ وٺي ڏڪار پيدا ڪرڻ، بکن ۽ فاقن ۾ عوام کي مارڻ، مذهبي مت ڀيد جي بنياد تي انساني ڪوس ڪرائڻ، عوام دشمن حڪومتن جو ٻڌو ٻانهون ٿي رهڻ ۽ پنهنجن مفادن جي بچاءَ خاطر ڪو نه ڪوشوشو پيدا ڪري، عوام جي جذبات کي ڀڙڪائي، لڙاين ۽ جنگين رستي لکها انساني حياتيون ضايع ڪرائڻ_ اهڙا انسانيت سوز سنگين جرم ڪندڙ مجرم، طبقاتي جمهوريت جي سرشتي ۾ بي داغ ۽ باعزت زندگي گذاري سگهن ٿا. اهڙن درنده صفت انسانن کان ڪا به بازپرس ٿي ئي نه ٿي سگهي.

سوشلسٽ جمهوريت ۽ سرمائيداراڻي جمهوريت ۾ نمايان فرق فقط هي آهي ته سوشلسٽ سماج ۾ عوام دشمن وڏو مجرم آهي ۽ ان جو زنده رهڻ معاشري لئه هڪ وڏي لعنت آهي ۽ ٻئي پاسي طبقاتي جمهوريت جي سرشتي ۾، هڪ مخصوص طبقي جي ناجائز ذاتي مفادن خلاف ۽

سندن عوام دشمن ۽ ملڪ دشمن ڪاروائين خلاف آواز اٿاريندڙ وڏو مجرم آهي، ۽ ان جو وجود قابل برداشت نہ آهي.

سوشلسٽ سماج ۾ جڏهن هڪ طرف پنهنجي ملڪ ۽ عوامي مفادن جي سلسلي ۾ ايڏيون اعليٰ خوبيون آهن، تہ ٻئي طرف انساني فطرت جي ڪمزوريءَ ۽ سوشلسٽ سماج جي عالمي سطح تي قائم نہ ٿيڻ ڪري، انفرادي طور سوشلسٽن هٿان بہ پنهنجن ساٿين ۽ عوام دوستن سان ظلم ۽ زيادتيون ٿيڻ بہ اڻٽر آهن_ حيرت فقط هي آهي تہ سوشلزم جا مخالف مينهن وانگر پنهنجي ڪارنهن نہ ڏسي، فقط ٻئون جي ڪاري پچ تي حملو ڪندي، ڪين پنهنجو ضمير ملامت نہ ٿو ڪري!

سِنڌُ جي گوبلز سوشلزم جي خلاف ڪافي زهر اوڳارڻ کان پوءِ ملڪ جي ملن ۽ مولوين کي اپيل ڪئي آهي تہ هو پنهنجا "نظرياتي اختلاف" وساري، هڪ ٿي، سندس جيان سوشلزم جي مخالفت ڪن. گوبلز جو "نظرياتي اختلاف" جو اظهار ڪرڻ، دراصل اسان جي ملڪ جي انهن حق پرست علمائن ڏانهن اشارو آهي، جيڪي گوبلز ۽ سندس همنوا پائرن جي اسلام جي پردي ۾ ڪيل ڪيڏبازيءَ جي قلعي کوليندا، لعنت ملامت ڪندا ۽ پنهنجي ملڪ جي مظلوم عوام جي ڀلائي خاطر لڙندا ٿا رهن ۽ جن کي خبر آهي تہ هر دور ۾ ڪي نہ ڪي نوان جعفر، مذهب جو حوالو ڏيئي، بگهڙن جا ڏپ ڏياريندا آهن ۽ پنهنجا ڪارج سڌا ڪندا آهن.

آخر ۾ سنڌ جي گوبلز ۽ مذهب جي نئين دعويدار کان اهو پُڇي سگهجي ٿو تہ تنهنجي مذهب سان هيءَ اوچتي والهاڻي وارفتگيءَ جو اصلي ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ تو کي اهو نئون عشق ڪيئين لڳو؟ اسين تہ ڇمار نہ سنيرون تہ تو ڪڏهن مذهب اسلام جي ڀلائيءَ لاءِ اهڙا ڳوڙها ڳاڙيا هجن، يا سنڌ جي ڪروڙين سنڌي مسلم عوام مان، فقط ڪنهن هڪ وٽ بہ تنهنجي مذهبي عالماڻي حيثيت تسليم هجي. عجب آهي تہ تو اهو نئون چولو ڪٿان آڻي پاتو ۽ تنهنجي جسم مبارڪ تي ڪيئن ٺهڪي آيو. انهي کان سواءِ ٻيو سوال هيءُ آهي تہ اسلام سان محبت جي حق ادائگي، بنگلي ۾ ويهي، اخبار جي لاءِ هڪ اڌ ڪالم لکڻ سان ادا ڪونہ ٿي ٿي سگهي. بهتر آهي تہ سنڌ جي ابوجهہ عوام اڳيان روبرو اچي، ڪين پنهنجي زيارت، کان بہ بشرف ڪر ۽ مٿن پنهنجي فيض جي بہ پالر جي بہ پالوٽ ڪر.

**-يار زنده، صحبت باقي.**
آگسٽ 1970ع.

متحده محاذ جي آفيس ۾ بهاول جماليءَ کي پٽيوالو ڪري رکيو هئم. اتي آئون بلوچستان جي سيني نوابن سان خط و ڪتابت ڪندو هئس. ڪجهه عرصي بعد سيني سردارن پنهنجا وظيفا بند ڪري ڇڏيا. جوان وقت سنڌي مهاجر فساد ٿيا. ڪراچيءَ مان معراج محمد هڪ مهاجر ليڊر ۽ سِنڌ جي ٻن ميرن ۽ هڪ مولوي غلام رباني نصرپوري، ڀُٽي جي حمايت ۾ ساٿ ڏنو. مون ان وقت اليڪشن دوران ڀٽي تي جيڪو پمفليٽ: ”محترم ڀٽو ۽ سندس سياسي مستقبل“ جي عنوان سان لکيو هو ان ۾ ڏيکاريو هئم ته ڀٽو چالاڪ آهي. ڪامريڊن سان ڪامريڊ، رجعت پرستن سان رجعت پرست ٿيو وتي. سندس ڀيڙي وچ سير ۾ ڦهچي چڪي آهي ۽ سڪان سندس هٿ مان ڇڏائجي چڪو آهي:

## محترم ڀُٽو
## ۽ سندس سياسي مستقبل

***محترم*** ذوالفقار علي ڀٽي جي تعليم ۽ تربيت جو تعلق انهي سرزمين سان رهيو آهي، جنهن جو دولت مند طبقو ۽ سندس ذهين حمايتي گروهه عالمي سياست جي داءَ پيچ کي سمجهڻ ۽ ان ۾ وڏي هوشياريءَ سان پنهنجن خاص مهرن استعمال ڪرڻ ۾ پاڳلپٽي جي حد کي پهتل آهي. اهڙي ماحول ۾ رهندي، محترم ڀُٽو به غلط يا صحيح ڪي گر ۽ داءَ پيچ حاصل ڪرڻ کان محروم رهيو هجي، سو ناممڪن آهي.

محترم ڀُٽي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا کي خير آباد چئي، ڪراچيءَ کي پنهنجو دائمي مسڪن بنايو. تن ڏينهن ۾ ون يونٽ

جي وجود ۾ اچڻ سببان، قومي مسئلا تيزيءَ سان ابرڻ لڳا. وقت جي نزاڪت کي ڏسندي، هن شاگردن جي هڪ جماعت ٺاهي، ۽ هڪ اڌ سياسي جماعتن سان لهہ وچڙ ۾ آيو. جلد پنهنجي ان عمل تي نظر ثاني ڪندي، ملڪي سالميت جي ناسازگار هئڻ جو بهانو ڏئي، الڳ ٿي ويو.

مٿين فيصلي کي اڃا ڪو ايترو گهڻو عرصو ڪين گذريو تہ هو مرڪزي وزارت جي عهدي تي پهتو. اسڪندر مرزا سان هن جا راهہ و رسم ماڻتاڻي وقت کان هئا. ان ڪري مٿس نظرڪرم ٿيڻ ۾ ڪا بہ پس و پيش ڪرڻي ڪانہ پيئي. جلد ئي ايوب جي منظور نظر بنجندي، وزارت خارجہ جي ڪمان سندس سپرد ٿي. اها پوئين حيثيت هن جي خاص شهرت جو ڪارڻ بڻي. ان وقت يو. اين. او ۾، ڪشمير جي معاملي ۾ هن جيڪي تقريرون ڪيون ۽ ڀارت جي جواب ۾ جنهن جوشيلي رخ ۽ انداز سان دليل و دلائل پيش ڪيا، تنهن، هن جي سياسي شهرت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

ايوب مارشل لا، جيئين تہ ننڍين علائقن جي آزاديءَ ۽ جمهوريت خلاف هڪ سوچيل سمجهيل آمراڻي سازش هئي، ان ڪري لازمي طور اندران ئي اندران قومي مسئلا ٻاهر جي ڇڙنگن جيان ڏڪڻ لڳا. ۽ تاريخ جي اٽڪر تقاضا بنجي ويا. ايوب پهرين ئي ڏينهن کان ڄاتو ٿي تہ صدارتي ڪُرسي ڪنهن بہ انتخاب ۽ اصول جي بنياد تي حاصل ڪيل نہ آهي، امڪان آهي تہ ڪنهن بہ وقت اوچتو ٿڏجي، الڳ ٿي وڃجي۔ فوجي طاقت ۽ رائفل جو سهارو مستقل اقتدار لاءِ ڪا بہ ضمانت نہ آهن. ڪجهہ وقت هڪ ڪٺ پتليءَ جي حيثيت سان رهندي، هن کي پنهنجي طاقت جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو. هن سوچيو تہ آئون ڪنهن جي رحم ڪرم کان سواءِ بہ پنهنجي موجوده حيثيت برقرار رکي سگهان ٿو. هن پوءِ جلد، "بنيادي جمهوريت" جي نالي سان صدين جو آزمايل بيڪار سرشتو عمل ۾ آڻي، مختلف علائقن جي مخصوص گروهن سان لهہ وچڙ قائم ڪئي. هن ڏٺو تہ ون يونٽ جي معاملي ۾ قومن جي سياسي جاڳرتا کي اڻ سڌي طرح ٿوري ڀر ڏبي تہ هڪ طرف ننڍين علائقن جون همدرديون حاصل ڪري سگهبيون، تہ ٻئي طرف پنهنجن آقائن کي پنهنجي اهميت جتائي سگهبي.

ڀُٽي، ڪشمير جي معاملي ۾ يو. اين. او. ۾ پاڪستان جي نقطي نظر جو پاسو پلٽي وڌو. ڀُٽي جي جذباتي تقريرن ۽ ڊرامائي انداز ڪشمير

جي معاملي کي واقعي هڪ اهم معاملي واري حيثيت بخشي. ۽تي اهو اندازو لڳائيندي، ڏمڪين کي هڪ خاص حربي طور استعمال ڪرڻ جو فن حاصل ڪيو. انهن ٿي ڏينهن ۾ ڀارت ۽ چين جون ڀاڱ ۾ سرحدي جهڙپون هلندڙ هيون. ۽تي موقعي جو وجهه وٺي، آمريڪا کي لاپرواهي جتائڻ خاطر چين ڏانهن لاڙو ڪيو. ۽تي جو هڪ سوشلسٽ ملڪ ڏانهن ڊرامائي لاڙو ۽ آمريڪا کان بي رخي، ڪي قدر عوامي ماڻهن جي دلين تي اثر انداز ٿي. ۽تو انتهائي ذهين ۽ هوشيار هئڻ سبب، ايوب خلاف ايرندڙ مخالفت کي شروع کان ٿي تاڙيندو رهيو. ٻئي طرف جلد ٿي ايوب جي ٻه اک کلڻ لڳي.

۽تي پنهنجي دل ۾ ڀانئجي ٿو ته هڪ خاص مقصد رکيو_ چين جي همدردي، جو هڪ سوشلسٽ ملڪ هو ۽ سوشلزم جي روشن مستقبل کان هو پوري ريت واقف هو. ان ڪري، چين ۽ هندستان واري جهڳڙي ۾ هن جيڪو پارٽ ادا ڪيو، تنهن جا ٻيئي پهلوءَ هن لاءِ ذاتي طور وڏيڪ اهميت وارا ثابت ٿيا. هندستان دشمنيءَ جي بنياد تي مهاجرن جون همدرديون ۽ هند پاڪ لڙائي ۾ چين جي ٻل بوتي تي ڀارت سان ٽڪر، پنجاب جي فوجي طاقت ۽ پنجاب جي خاص طبقي کي ڏانهس ويجهي اچڻ ۾ آساني پيدا ڪئي. اهي ٻيئي حاصلاتون، ۽تي کي پنهنجي مستقبل لاءِ وڏيڪ اميد افزا نظر آيون. هوڏانهن ايوب ننڍن علائقن جي همدرديءَ جي آڙ ۾ شڪار ڪيڏڻ چاهيو ۽ ۽تي، چين دوستي ۽ ڀارت دشمنيءَ جي بنياد تي، پنجابي ۽ مهاجر جي گڏيل مورچي تان حملي ڪرڻ جي تدبير سوچي. ايوب هڪ غافل شڪاري وانگر فقط پنهنجي طاقت جي گهمنڊ ۾ ٻئي ڪنهن به طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ٿي محسوس ڪانه ڪئي. هن اهو اندازو ٿي ڪين لڳايو ته مبادا ساڳئي جهنگل مان ڪو ٻيو شڪاري اک وٺي، خود کيس شڪار ڪرڻ جي تاڙ ۾ هجي.

آخر تاشقند معاهدي ٻنهي حريفن کي هڪٻئي خلاف آمهون سامهون بندوقون تاڻي، ميدان ۾ آندو. ۽تي ڏٺو ته هن وقت زياده کان زياده پروپئگنڊا کان ڪم وٺڻ سان ٿي مخالف ڌر کي بدنام ڪري، زياده کان زياده همدرديون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. هن انهي حربي کي خوب اچاليو ۽ خوب هوا ڏني_ پنجاب اڳ ۾ ٿي ايوب خلاف پنجوڙ ميدان ۾

اڃلي چڪو هو. هن، ڀُٽي جهڙي هڪ شاطر جو تعاون ڪرڻ، پنهنجي لاءِ وڏي غنيمت ڄاتي.

ايوب سخت تيش ۾ آيو. هن جي قهر آلود نگاهن ۾ ڀُٽي جي اها حيثيت ڦرڻ لڳي، جڏهن هو ڪنهن به قطار ۾ شمار جي لائق ڪين هو. سندس انتقامي آگ وڌيڪ تيز ٿي. هن ڀرپايئين مصلحت کان ڪم وٺندي، ڀُٽي جي دل تي هٿ ڦيرڻ چاهيو پنهنجي بنائڻ جي لاءِ حيلا حوالا ڪيا ــــ پر چوٽي آهي ته "شڪاري، شڪاريءَ جي نگاهه کي پري کان ئي پرکي!" هوڏانهن ڀُٽي جا پنهنجا استعمال ڪيل ڄربا، خود ڪيس ڇرڪائي رهيا هئا. هن کي ايوب ڏانهن موٽ کائيندي، پنهنجي ڀلائيءَ جي ڪا به ضمانت نظر ڪا نه ٿي آئي. هن لاءِ فقط اهوئي بهتر هو ته پنهنجي لاءِ جيڪو رستو پاڻ گهڙي ناهي، تيار ڪيو هئائين، انهي تي ئي قدم کڻندو هلندو هلي. آخر هڪ ڏينهن ٻنهي حريفن جو ٽڪر ٿيو. ڀُٽي تاشقند معاهدي ۾ ايوب جي خفيه راز کي (حالانڪ اهو راز ايوب جي وڃڻ کان پوءِ به راز آهي ۽ ڀُٽو اڄ به انهي راز ظاهر ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندو ٿو رهي. اهو ڪو راز به آهي! يا خود ڀُٽو راز آهي سو پاڻ ئي وڌيڪ ڄاڻي ٿو.) هن بهرحال ان راز کي فاش ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيڻ شروع ڪئي. پنجاب موقعي ملندي، هڪ مڇريل شينهن وانگر گجگارون ڪري، پنجوڙ ڇنائي، رستن ۽ ميدانن تي نڪري آيو. "ڀُٽو زنده باد!" جا فلڪ شگاف نعرا چوطرف فضائن ۾ ڪڙڪا ڪرڻ لڳا. نوجوان ۽ وچولي طبقي ۾ نئين جان پئدا ٿي. محلاتي سياست ۾ رڙو رڙ مچي ويئي. ڀُٽي جو حوصلو وڌندو رهيو ۽ هن کي پنهنجن ڏنڏلن خوابن جو عملي تعبير نظر اچڻ لڳو.

"ڀُٽو زنده باد!" جي نعرن، هن جو هوش نڪاڻي تي نه آندو. هن وڏي بيپرواهيءَ سان قومي جاڳرتا ۽ علائقائي معاملن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجن ٻنهي ڪنن ۾ ڪپهه وجهي، هر پليٽ فارم تي ماڻهن جي جذبات سان کيڏڻ ۾ وڏيءَ حرفت کان ڪم ورتو. جڏهن به ڪانئس قومي، علائقائي ۽ لساني معاملن تي راءِ زنيءَ جي طلب ڪئي ٿي ويئي ته هن پنهنجي طرفان ڪنهن به حتمي راءِ، ڪنهن به فيصلي ڪن جواب ڏيڻ بدران، گول مول ڳالهيون شروع ڪيون. ڀُٽي انهي حقيقت کي ئي وساري ڇڏيو ته ننڍين قومن ۾ پنهنجي خود ارادیت جو

جذبو ڪهڙي طوفان جو خواهان آهي. هن پنهنجي ڪاميابيءَ جو مرڪز فقط "پنجاب جي ٿي دل ونڻ" ڪي ڄاتو. هن اهو ڪين سوچيو ته جنهن پنجاب تي ڪيس ناز آهي، ان جي هڪ خاص محرڪ گروه ڪي، ننڍين علائقن جا رهواسي غاصب، ٻين جا حق مارينڊڙ ۽ جمهوريت جو دشمن تصور ڪري رهيا آهن.

پنجاب جو اهو گروه شروع کان ئي پنهنجن غير منصفاڻن ارادن کي عملي جامي پهرائڻ جي ڏن ۾ مجنوناڻي حد تائين پهچي چڪو هو. ون يونٽ کي وجود ۾ آڻڻ ۽ ڪلم ڪلا ننڍين قومن جي جداگانه تاريخي وجود کان انڪار ڪندي، ڪين هڪ مخصوص سانچي ۾ پلٽڻ جي انتهائي بي رحم سازشن ۾ مصروف هو. انهي گروه اندازو لڳايو ته انهن مخصوص مقصدن جي سرانجاميءَ ۾ پنهنجو پاڻ کان سواء ٻيو ڪو به سهڪار ڪرڻ تي آماده ڪين ٿيندو. ان ڪري، ٻُٽي جي جيل ۾ وڃڻ بعد، هڪ غير سياسي، پنجابي فوجي آفيسر کي تجربي طور، ٽوٽيون ٽنيا ڏيئي، ميدان ۾ ڪڙو ڪيو ويو.

ٻُٽو انهي هوندي به خوشفهمين جي دنيا ۾ پنجاب جي تعاون جا اڳوٽا خواب لهندو رهيو. ننڍين علائقن خاص طور سنڌ جي معاملي ۾ هن جيڪو رويو اختيار ڪيو تنهن سنڌ جي سجاڳ ذهنن کي وڏو ڏڏڪو رسايو. اهي دماغ جيڪي شروع ۾ ٻُٽي لاءِ نيڪ تصور رکندڙ هئا، سي ٻيهر سوچڻ تي مجبور ٿيا. عام ذهن اهو سوچڻ لڳو ته جڏهن مظلوم قومن جي معاملي ۾ هو ڪنهن به صاف راءِ جو اظهار نه ٿو ڪري، تنهن مان ظاهر آهي ته هو فقط پنجاب جي "ڪيسي" ۾ رهي، ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي.

ٻُٽي جي سياسي اقتدار جو سج جنهن تيزيءَ سان مٿي چڙهيو ۽ عروج کي رسيو، انهيءَ ساڳي رفتار سان ٻنتي هنڻ لڳو_ پنجاب ٻير ڪڍي ويو. بلوچستان شروع کان ئي اهميت ڪا نه ڏني. سرحد پنهنجي گهر ۾ ٻُٽي جي هوشياريءَ ۽ سياسي اوپار کان متاثر ٿيندي، پنهنجا قدم اتي ئي جهليا. ۽ بنگال، ايوب خلاف ٻُٽي کي ٻانهون ڪنجيندي ڏسي، ڪنڌ مٿي ڪٽي، طائرانه نگاهه وڌي.

هيتري هار کان پوءِ به ٻُٽي دل ڪا نه لاٿي! سنڌ مان هن کي به برجستا ساٿي مليا. جن پنهنجي بل بوتي تي، ٻُٽي کي ڪلهن تي چاڙهي،

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ وڏي گرمجوشيءَ کان ڪم ورتو.

شايد غلط نه هجي ته ٻُڌي، سوشلزم ۾ اسلام جي آميزش بعد ۾ ڪئي (ڇو؟ ڇاجي ڪري؟ اها تفصيلي روشني اڳتي هلي وجهبي). اسلام ۽ سوشلزم جو پاڻ ۾ ڪهڙو تاريخي ۽ نسلي رشتو هو؟ تنهن لاءِ ڪن مولوين سڳورن جي حمايت حاصل ڪرڻ مشڪل ڪا نه هئي. جنهن معاشري ايامن کان وٺي پنهنجي صريحا بي انصافيءَ واري سرشتي کي چالو رکندي، معاشري جي وڏي اڪثريت کي مجبور بنايو هجي، اهڙي معاشري مان حسب منشا ڪنهن به تعاون حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير ٿي سگهي ٿي! خالص سوشلزم، اسلامي پيوند سان ثابت ڪيو ويو. حديث، فقه ۽ نه معلوم ٻيا ڪهڙا ڪهڙا علمي ڪتاب، ڊيرن جا ڊير، راتيون جاڳي، نور نچوئي، تصديق ڪئي ويئي ۽ ان جي تبليغ لاءِ لائق فردن جو هڪ گروهه ميدان ۾ آندو ويو.

"اسلامي سوشلزم" کي سنڌ کان ٻاهر ٻين صوبن جي عوام پنهنجي دل ۾ ڪيتري جڳهه ڏني؟ تنهن جي اڄان ڪا به خاطري جوڳي تصديق ڪا نه ٿي آهي، گمان آهي ته شايد ٻين علائقن جي علماء ڪرام کي "سوشلزم" کي "اسلامي سوشلزم" ثابت ڪرڻ لاءِ مذهبي ڪتابن مان اڃان پوري تسلي ڪانه ٿي آهي. جنهن وقت اها مشڪلات حل ٿي ويئي ته شڪ نه آهي ته اهي به اهڙو اعلان ڪري، عوام دوست ماڻهن کي پرچار لاءِ آماده ڪن.

خوشنصيب سِنڌُ تنهن ۾ "اسلامي سوشلزم" جنهن آب ۽ تاب سان روزانه "هلال پاڪستان" جي صفحن تي نظر اچي رهيو آهي، انهي مان، ان جي روشن مستقبل جي وڏي تسلي اچيو وڃي_ سِنڌُ جي مٽيءَ کي قدرت اڄڪلهه اهڙو ته نوازيو آهي، جو هن سرزمين جو پير، مير، رئيس، وڏيرو مطلب ته هر هڪ، "سوشلزم" جو زهر پياڪ عاشق مجنون بنجي، ذاتي مفاد کي لت هڻي، عوام جي ڀلائي خاطر پنهنجو سر به قربان ڪرڻ تي آماده نظر اچي رهيو آهي_ شال اسان جا اهي دولتمند حضرات، عوام جي درد ۽ دوستيءَ جي دعوائن تي ڪاربند رهن، ته جيئن هر روز سندن چوڻ پنيان، سندن فرمان ۽ ارشاد پنيان لکين انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا پورهيت،

”اسلامي سوشلزم“ ڪان مشرف تي، پنهنجن معصوم ٻچن سميت ٻڪن ۾ فاقن جي دل ڏهڪائيندڙ عذابن مان دائمي طور ڇوٽڪارو حاصل ڪن! البت اهو انديشو ضرور رکڻ گهرجي تہ تاريخ، عوام دوستيءَ جي جن دعويدارن کي گلي ڪان جهلي، انهي شاهراه تي گهلي آڻي بيهاريو آهي، ان تي هو ثابت قدم بہ رهن، ائين نہ ٿئي تہ هو موڙگو ڪنهن وقت سموري قافلي کي ڪنهن اوجهڙ ۾ آڻي، گوهي ڏئي، گم تي وڃن، ۽ وٺانئن بيهر فيض حاصل ٿيڻ مشڪل ٿي پوي!

”اسلامي سوشلزم“ جي داعي اعظم ڀُٽي صاحب، شروع ڪان ئي جنهن هوشياريءَ ڪان ڪم ورتندي، عوامي جذبن کي استعمال ڪندو رهيو انهي ئي نگاه سان سوشلزم جي نعري کي اسلام جي نازڪ ۽ نفيس پردي ۾ لپيٽي، پنهنجي مقصد جي حاصلات جي ترڪيب سوچي. هن اهو بہ ڄاتو ٿي تہ ويهين صديءَ کي ماضيءَ جي زنگ آلود زنجيرن مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو بہ رستو ڪونهي ۽ ساڳئي وقت هن اهو بہ ڄاتو ٿي تہ سوشلزم جو نعرو قريبا هڪ صديءَ ڪان سڄي دنيا ۾ مانوس ٿي چڪو آهي، بلڪ اڌ صديءَ ڪان دنيا جي اڌ ڪان بہ وڌيڪ حصي تي پورهيت طبقي کي ماضيءَ جي ڦرلٽ واري بي رحم سرشتي ڪان ڇوٽڪارو ڏيارائي چڪو آهي. ۽ هن اهو بہ ڀلي ڀت ڄاتو ٿي تہ اسلام اڄ ڪان 1400 سو سال اڳ عرب جي قبائلي نظام جي خلاف باغيانہ للڪار هئي ۽ سوشلزم عيسوي 19 صدي ڪان صنعتي ۽ سرمائيداراڻي نظام جي صريحن ڦرلٽ واري ظالماڻي سرشتي خلاف بي رحم بغاوت آهي، هڪ اڇهل طوفان آهي، جنهن کي دنيا جي ڪابہ طاقت روڪي نہ ٿي سگهي. افسوس تہ هن انهي روشن حقيقت کي ئي نظرانداز ڪري ڇڏيو تہ ماضيءَ جي سموري تاريخ ۾ ڪنهن بہ وقت جي ”سچ“ جي اظهار ۾ ليپي پوتيءَ ڪان ڪم وٺڻ، وڏو جرم ڄاتو ويو آهي. ڀٽي صاحب جي اهڙي هوشياريءَ جو مثال، هن سرزمين جي تاريخ ۾ شايد ئي نظر اچي! دراصل، هن، هينئر هڪ اهڙي ٻيڙيءَ ۾ پير رکيو آهي، جنهن جو سُڪان تہ سندس وس مان نڪري چڪو آهي ۽ ٻيڙي ڏکجي، وچ سير تي اچي بيٺي آهي. هن جي اڪ اڃان بہ ڪانہ کلي آهي، حالانڪ بيٺي ڪنارا دور ٿيندا پيا وڃن. هو هينئر جنهن

هنڌ تي بيٺو آهي، اڳتي قدم کڄڻ بجاءِ پائنجي ٿو ته مرڳو سندس پنهنجا قدم لرزش ۾ آهن. لطيف سائين کهڙو نه صاف نڪتو بيان ڪيو آهي:

’ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾!‘“

”تيو به ايئن، پنجاب، جنهن تي ڪيس ناز هو انهن ساڳين ڪيس قيد ڪري جيل ۾ رکيو. اتي ڪيس اهڙا عذاب ڏنائون، جو آخر چيائين ته هن جيئڻ کان ته ڦاسي ڏيو ته بهتر. ڦاسيءَ تي چاڙهيائونس. موت کان پوءِ ڪيس شهيد چوڻ لڳا. بنگال ۾ ايترا مظلوم بنگالي ماريا ويا، بقول جي. ايم. سيد: ’ايترا ماڻهو ڪنهن اسلامي جنگ ۾ نه ماريا ويا آهن.‘

اڄ ڀُٽي خاندان جو ڪو به نالو نشان نه آهي. بينظير جا ٻه ٻار بختاور ۽ بلاول زنده آهن، انهن جي وري به حفاظت ڪئي وڃي ٿي. ٻئي ڪنهن به ڀُٽي جو نالو نشان ڪونهي. هن وقت صرف آصف علي زرداريءَ جي عزت آهي.“

(نوٽ: هيءُ 1998ع ۾ لکيو ويو ـ سهيڙيندڙ)

> **اياز** تي ڳالهائڻ وارا، سڀ پنهنجون پنهنجون ڳالهيون پيا ڪن. اياز ڇا هو؟ سندس مقصد ڇا هو؟ ان تي ڪنهن به ناقداڻي نگاهه نه وڌي آهي. هر ڪنهن پنهنجي ڳالهه ڪئي آهي. ماضيءَ جا لفظ، جيڪي سمجهه ۾ نٿا اچن. اهي ان حالات جي مطابق آهن! حياتي رهي ته آئون اياز تي لکندس. اياز جي ٻوليءَ تي ڳالهائيندس. ٿاڻيءَ تي مختلف ماڻهن تجزياتي نگاهه وڌي آهي: گربخشاڻي، شهواڻي، دائود پوٽي الڳ، علامه آءِ. آءِ. قاضي الڳ، انگريزن ۽ جرمنن الڳ. اياز ڇا تي چوٽ گهريو؟ اياز پڇاڙيءَ ۾ مايوس ٿي ويو! اياز انقلابي هو ته پوءِ هن جي انقلاب تي ڪنهن ناقداڻي نگاهه وڌي آهي؟ اياز ڇا تي چوٽ گهريو. پڇاڙيءَ ۾ ڇو ايئن مايوس ٿيو؟!

محمد جڏهن سچ چوڻ شروع ڪيو ته پنهنجا ئي ڦري آيس. چيائين:

”چاچا، هڪ هٿ تي چنڊ رکو ۽ ٻئي هٿ تي سج پر آئون پنهنجي ڳالهه تان هٽڻ وارو نه آهيان!“

پوءِ پنهنجا ئي بيزار ٿي ويس. سندس گهر جي سامهون ٽڪري هئي، جتي پاڻ وڃي ويهندا هئا. فلپ. ڪي. هٽي محمد جي زندگيءَ تي لکي ٿو ته.

’شروعاتي معلومات گهٽي ڪانهي. شادي ڪرڻ کان پوءِ سندن زندگي تاريخ تي آئي آهي. احمد، محمد خطاب هئن. ابوذرغفاري ڏاڙيل هو. انهي جڏهن ٻڌو ته مڪي ۾ هڪ شخص اها ڳالهه پيو ڪري ته هو آيو ۽ اچي ٻانگ ڏنائين، ٻهرين ٻانگ ابوذر غفاري ڏني آهي. ان ڏينهن ابوذر پلو

اُٺ ڪُنو. ابوذر غفاريءَ جي نالي سان خود هڪ ڪتاب آهي. اهو ڪتاب پڙهڻ سان سندس صداقت ۽ سچائيءَ تي ماڻهو رويو ڏي ان تي ايمان آندو. ڏاڙيل هو_ قافلا لٽيندو هو.'

نوجوانن ۾ اياز روح پيدا ڪيو هو_ پيو ڪجھ به ڪو نه هو.

مائو وارا تجربي مان سکيل آهن. هڪ تجربو ڪامياب ٿيو ته وري پيو طريقو استعمال ڪندا آهن. پنهنجون غلطيون خود پاڻ محسوس ڪندا آهن. ڪميونزم، روس ۾ اڳي هو پر خروچيف کان پوءِ سچي ڳالهه ختم ٿي ويئي!

لينن نه هجي ها ته مارڪس کي ڪير پڇي به ڪو نه ها. پر خود لينن به حالات کان ناواقف هو. هيءَ نفسي حالت آهي، پوئين حالت ۾ بعد ۾ پڳو هو... روسي انقلاب بعد زار وارن مان هيءَ ڪجهه ٿورا ئي مارائي سگهيا، بيا پڃي ويا. جيڪي هٿ آيا سي مارائي سگهيا. مون پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي، ته لينن کي جڏهن خبر پئي ته مارائڻ جو اعلان ڪيائين. لينن جو ساٿي ايم. اين. راءِ، جيڪو انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اڳواڻ هو... جوش پوءِ آيو. پهرين راءِ هو جيڪو آمريڪا پڃي ويو هو. هن معمولي اندروني ڳالهيون ٻڌائي روسين کي پنهنجو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ پتو پئجي ويو. هيءَ آمريڪا پڃي ويا. جيڪي هٿ آيا سي مارايائين. هيءَ جيڪو تاثر ٿو پکڙجي ته ڪميونسٽن زار کي مارايو سندن عصمتون لٽيون سو غلط آهي. هو قتل ڪيا ويا_ ڪميونسٽ زاني ناهن_ هُو قتل ڪري ڇاڏن. مفاد اندريان هئا، ظاهري ته همدرد پئي بنيا، دغا پئي ڪيائون، لطيف جو شعر آهي ته،

اندر ڪارو ڪانءَ، ٻاهر ٻولي هنج جي!

هنن به ايئن پئي ڪيو. اندر هڪڙي ڳالهه، ٻاهر ٻي ڳالهه. ٽراٽسڪي پڃي ويو_ هو زار جي خاندان مان هو سندن ايجنٽ هو. سرمائيداري جاگيرداريت مان جنم وٺندي، ۽ سرمائيداري وڏي ته جمهوريت وڏندي_ هيءَ مُئو به آمريڪا ۾ هو. لينن کان اڳ هُو پُر اميد هو. لينن آيو ته هيءَ پڃي ويو. حقيقت اها آهي ته روس ۾ چا پيو ٿئي، سا لينن کي به خبر نه هئي. جدوجهد هلي رهي هئي ته لينن ٻاهر انگلينڊ ۾ هو_ دنيا وٽ ڪير پهتو هو؟ پاڙو به ڪو نه هئس.

ٽراٽسڪي سوچيو ’لينن ٻاهر آهي، واڳ وري منهنجي هٿ ۾ ايندي، سندس ذهن ۾ اهو هو. پر جڏهن لينن آيو ته پوءِ هيءَ پڇي ويو. هارين جي تحريڪ هن کي اڳ ئي سڃاڻي ويئي هئي_ سوال آهي ته مزدور ۽ شاگرد گهڻا هئا يا هاري؟ جڏهن هاري گهڻا هئا ته معنيٰ ته هن اڪثريت جي مفاد کان انڪار پئي ڪيو.

اياز کي جن گهٽ وڌ تي ڳالهايو سو فقط پنهنجي دڪانداريءَ لاءِ، درحقيقت سي سندس برابر به ڪو نه هئا. هر مختلف حالتن جون پنهنجون تقاضائون ٿينديون آهن_ ان جون قومي روايتون ٿينديون آهن_ جاندار يا بيجان، ان جي مادي فڪر ۽ عمل مان اُسرنديون آهن. اياز وٽ تقاضا ٻي هئي. اياز جي بحث کي ڪٽڻ جو طريقو اهو ناهي.

انهن ڏينهن ۾ ڪامريڊ رشيد ڀٽي جيل ويل هو. آئون سکر آيس. ويهه پنجويهه سير ڪتابن جو بار ٿيلهي ۾ هو. هلي نه ٿي سگهيس، پُڇا ڪندي ڪامريڊ برڪت علي، جيڪب آباد وارو جنهن سان ”پرهه ڦٽي“ پبليڪيشن“ دوران خط و ڪتابت ذريعي شناسائي هئي. ان وٽ ويس. هيءَ وڏي عمر جو هو. مون کي ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو. رات جو گهر وٺي ويو. ماني کارايائين. صبح جو مون سان ڪتاب کڻائي سکر ڪاليج وٺي آيو. نوجوان شاگردن 40_50 ڪتاب خريد ڪيا. هن جي معرفت سکر ۾ ڪن نوجوانن سان واقفيت ٿي.

هڪ دفعي اُتي ويس. هڪ ماڻهو نوجوانن وٽ آيو. مون کي ڏاڍي محبت سان مليو. هيءَ ان وقت ماتليءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو. ماني تيار ٿي آئي. پاڻ منهنجا هٿ ڌئاريائين. گڏجي ماني کاڌيسين. هيءَ دور پارٽ ۽ پاڪستان وچ ۾ لڙائي وارو هو. هڪ ڏينهن سکر جي لئنسڊائون پل وٽان جيپ ۾ وڃي رهيو هو. مٿانئس بم ڪريو ان ۾ مري ويو.

عبدالعزيز ٻرڙو سکر ۾ رهندو هو. هڪ دفعي مون کي پاڻ سان وٺي اهڙي هنڌ آيو جتي ٻه چار ٻيا ماڻهو به ويٺل هئا. انهن سان ملاقات ٿي. گفتگو دوران انهن مون کان چيني ڪميونسٽ پارٽي متعلق ڪي سوال ڪيا. ساڻن گهڻي گفتگو ڪا نه ٿي. عزيز ٻرڙو خاموش تماشائي وانگر ويٺو هو. ڪجهه به نٿي ڳالهايائين.

مهيني ڏيڍ بعد آئون سکر ويس. چاڻايل ماتلي وارو اسسٽنٽ ڪمشنر رات جو 12 بجي مون کي هڪ اهڙي ماڻهو جي بنگلي تي وٺي هليو جيڪو گفتگو دوران نهايت شريف ماڻهو هو. هو وڏو آفيسر هو. هن مون سان همدرداڻي طور ڏيان چڪائيندي چيو تہ:

”حالتون خراب آهن!“

هيءَ اهو دور هو جڏهن سِنڌ جا وڏا آفيسر لاهور بدلي ڪيا ويا هئا. لاهور ۾ پنجابي آفيسرن طرفان ساڻن نهايت بدسلوڪي وارو رويو اختيار ڪيو ويو هو. ڪيترا سنڌي آفيسر مجبور ٿي استيعفائون ڏيئي موٽي آيا هئا. انهن ڏينهن ۾ مون ”نئين سِنڌ“ اخبار ۾، جهمپير ۾ رهائش دوران سنڌي آفيسرن سان بدسلوڪي خلاف ڪيترا بيان شايع ڪرايا هئا. انهن کي بہ اها خبر هئي. اهي اخبارون مون وٽ فائيل آهن. آئون ڪتابن جي وڪري دوران ون يونٽ خلاف مخفي ريت ڪم ڪندو هئس. سنڌي آفيسر اڪثر منهنجين انهن ڪاروائين کان واقف هئا. اهي منهنجون سرگرميون ڏسندي خاموش هوندا هئا. ان وقت ڪيترن ڪليڪٽرن، انجنيئرن، سول سرجنن وٽ وڃڻ ٿيندو هو. جيڪب آباد، سکر، حيدرآباد، سانگهڙ ۽ ٻين هنڌن تي ساڻن ملاقات ٿيندي هئي. هالائيءَ جو مخدوم سيشن جج جيڪب آباد ۾ رهندو هو. هڪ انجنيئر ۽ سول سرجن سان جيڪب آباد ۾ بہ تي پيرا ملاقات ٿي.

ميرپورماٿيلي ۾ هندن سان ملاقات ٿي. اهي سکر ۾ وڏن عهدن تي هئا. ملاقات دوران انهن افسوس جو اظهار ڪيو ۽ مون کي چيائون تہ اوهان اتي (سکر ۾) رهو، اسان اوهان جي هر طرح جي مدد ڪنداسين. جيڪب آباد ۾ برڪت علي بگٽي ايڊووڪيٽ سان گڏجي بلوچستان جي حد ۾ ’جهٽ پٽ‘ شهر ۾ ويس. اتي ڏسڻ سان معلوم ٿيو تہ اُتان جو حال افسوسناڪ حال هو.

***

انهن ڏينهن ۾ سکر ۾ ”جشن سنڌ“ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي:

## خط :

پيارا پنھور
جيئي سِنڌ!

**25** فيبروري 1970ع تي، سنڌي ادبي سنگت، جشن سِنڌ ملهائي رهي آهي. مشاعري ۽ راڳ جي محفل به آهي. سمپوزيم جو موضوع آهي: ’ قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ادب جو حصو.‘

اوهان 25 تي سکر اچي، ان موضوع تي ڳالهائيندا. نه نه، نه هلندي ع. غ کي به وٺيو اچجو.

جواب ضرور ڏج.

تنهنجو

**رشيد ڀٽي**
سيڪريٽري سنگت، سکر
15 فيبروري 1970ع.

***ڪانفرنس*** ۾ سکر جا معزز ماڻهو ۽ سوين اديب ۽ شاعر شريڪ هئا. منهنجو ڇپايل ڪتاب ”قوم ۽ قوميت“ (اسٽالن)، هڪ ڳوڻ ڄام ساقي کڻي وڪري لاءِ آيو هو. تاجل بيوس سان منهنجي ملاقات اتي تي هئي. مون ”سِنڌ جا سوداگر...“ ۽ ٻيو شعر ”سِنڌڙيءَ جي هيءَ ڌرتي ساري...“، ڀٽي شعر وقت ۽ حالتن پٽاندر پڙهيا، ڏاڍا وڻيا ويا. رات جو جويو رباني ۽ آئون هڪ بنگلي ۾ رهياسين. صبح جو جويو صاحب جيڪب آباد روانو ٿيو آئون ۽ رباني سکر کان واپس آياسين.

جوئي صاحب جي بورڊ مان نڪرڻ بعد هنگورجا ضلعي سکر جو شاهه محمد شاهه بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. هن اچڻ سان بورڊ جا

جيڪي قوم پرست ۽ ترقي پسند ملازم هئا، تن خلاف بدديانتيءَ واري روش اختيار ڪئي. هيءَ مير علي احمد وٽ رهندو هو. هڪ ڏينهن آئون مير علي احمد وٽ سندس بنگلي تي ويس. پاڻ ڏاڙهي صاف ڪري رهيو هو. مون کان حال احوال ورتائين. مون ساڻس شاهه محمد شاهه جي روش بابت احوال ڪيو ۽ چيومانس ته:

”مهرباني ڪري ڪيس باز آڻيو.“ مير اِهو ٻڌي وَرندي ڏني ته.

”منهنجو ان ماڻهوءَ سان چاليهن سالن کان دوستيءَ جو رستو آهي. آئون ڪيس ڪجهه به چئي نه ٿو سگهان.“

اهي لفظ ٻڌي مون کي سخت نفرت آئي، چيومانس:

”مير صاحب سِنڌُ ۾ تو جهڙا ٻيا به ڪيئي مير آهن. آئون ڪجهه سوچي تو وٽ آيو هئس. هاڻي جيئڻ هوندو ان کي منهن ڏبو.“

سندس منهن بنهه نڪر تي ويو. سيفٽي ٽيبل تي رکي چيائين:

”ويهه، خاطري ڪر. آئون سندس اهڙا گُن مهٽيندس، جو وري بورڊ جي ترقي پسند ملازمن خلاف ڪا به زيادتي نه ڪندو.“

آئون موٽي آيس. پريس جي مئنيجر ۽ گراميءَ سان احوال ڪيم. نتيجو اهو نڪتو جو مون کي بورڊ مان بدلي ڪري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وٽ ”لوڪ ادب“ آفيس ۾ بحيثيت ڪلارڪ جي موڪلي ڇڏيائين. بلوچ صاحب سان سندس ڪم جي طريقي تي اختلاف هو. ان اختلاف کي نظر ۾ رکندي مون کي ذهني عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ان آفيس ۾ رکيو ويو هو. لوڪ ادب تي منهنجي جاءِ تي اتان جي ولي محمد طاهرزادي کي بدلي ڪري رکيائين. پنهنجي فرض ادائيءَ کي محسوس ڪندي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل لوڪ ڪهاڻين، لوڪ گيتن ۽ هڪ مضمون ٻاراڻي ادب تي ”سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جا مسئلا“ لکيو، جيڪو جمال رند پنهنجي نالي ۾ ”مهراڻ“ ۾ شايع ڪرايو.

لوڪ ادب جي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ دوران مون لوڪ ادب تي خاصا تبصرا لکيا.

هفتي ٻن بعد نياز همايوني لوڪ ادب جي آفيس ۾ آيو. ساڻس هڪ نوجوان (نالو وسري ويو اٿم.) اهو سي. آئي. ڊيءَ جو ماڻهو هو ۽ سکر جي طرف جو وينل هو. ڪلاڪ اڌ جي گفتگو بعد هن ۽ نياز ڪميونسٽن

۾ مارڪس خلاف بد ڪلامي ڪئي. ساڻس ان آفيس جو هڪ ماڻهو جيڪو مون سان گڏ ٽنڊي محمد خان ۾ ماستر هو. جنهن کي ميان لطف الله هيڊ معلم ۾ مسٽر جان محمد جتوئي، ٻيا ماستر ۽ شاگرد ٺٺولي طور 'موالو' سڏيندا هئا. هن جو پيءُ ڪولهي هو پوءِ مسلمان ٿيو هو. ان، هنن ٻنهي، سي. آئي. ڊيءَ جي ماڻهو ۽ نياز سان گڏجي سوشلسٽن متعلق بدزباني شروع ڪئي. مون کين جواب ڏنو_ سندن ڪنڌ هيٺ ٿي ويا.

اياز خلاف وڏنڍڙ سازش زور وٺندي ويئي. جنهاڻ ۾ سجاول جي چند مولوين ٺهرائن ذريعي، اخبار رستي پنهنجي گندگي آميز ذهن جو ڪافي اظهار ڪيو. لاڙ طرف وڏنڍڙ سازش کي ڏسندي، حيدرآباد جي چند نوجوان اديبن حيدر بخش جتوئيءَ جي نِگراني هيٺ سجاول ۾ ادبي جلسي جي اخبارن ذريعي پڌرائي ڪئي. هنن دين اسلام جي شيدائين، جن کي ترقي پسند اديبن جي هر تخليق ۾ ڪفر و الحاد سواءِ ٻي ڪا بہ چڱائي نظر نہ ايندي هئي، تن مرڪز ۽ صوبي جي وَس وارن کي اپيل ڪئي تہ جيڪڏهن هتي هنن ڪافرن ۽ ملحدن طرفان جلسو ٿيو تہ خون خرابي ٿيندي. نتيجي ۾ ان تاريخ تي مقامي پوليس سان گڏ مئجسٽريٽ ۽ مرڪز طرفان مخبرن کي سجاول موڪليو ويو.

شهر ۾ وڃڻ بعد، هنن اسلام جي رکوالن ۽ پاڙيتو اديبن، تعاون بجاءِ ماڻهن جي شموليت ۾ ايڏي رنڊڪ وڌي، جو اسان کي بس 5_6 ڪرسيون ۽ صندل مشڪل سان ملي سگهيا.

اسٽيج تي جڏهن مون کي مدعو ڪيو ويو تہ مون "سُيان جو سوال" جي عنوان تحت مضمون پڙهيو. بہ چار صفحا پڙهڻ بعد ڪمشنر سخت اعتراض ورتو. حميد سنڌي، گرامي، ۽ ٻيا بہ چار اديب وينل هئا. اجا لائوڊ تي بہ چار صفحا مقالي جا ٻيا پڙهيم تہ حيدر بخش جتوئي اُٿي آيو_ ساڻس گڏ حميد سنڌي، گرامي ۽ ٻيا ڪي هئا. حميد لائوڊ کَسڻ جي ڪئي، ٻئي طرف گرامي جهلي ويهارڻ جي ڪئي. اسان سان گڏ نياز همايوني بہ هو. ٻئي ڪنهن بہ اديب حصو نہ ورتو. **نياز اسٽيج کان ٻاهر ڪن اڙدو ڳالهائيندڙن سان ڪچهريءَ ۾ رُڌل هو.**

سِنڌُ ۾ ٿيل ان جلسي جي مشابهت اهڙي نظر تي آئي، جهڙي احمد نديم قاسميءَ کي لاهور ۾ ادبي ڪانفرنس دوران نظر آئي هئي.

اهو مقالو پوءِ مون پمفليٽ جي صورت ۾ شايع ڪرايو. جنهن ۾ پاڙيتو اديبن، منافقن ۽ مخبرن ۽ سنڌن حرڪتن تي ڪافي وضاحت سان روشني وڌل هئي. اُن بڪليٽ کي سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۾ مفت ۾ ورهايم.

## سُيان جو سوال (؟)

انتساب: ”جيئي سِنڌُ“ تحريڪ جي شهيد اول بلو پنهور جي نالي.

***انساني*** تاريخ هڪ تيز رفتار گهوڙي جي سنبن جي نشانن مثل آهي؛ جيڪا هر لنمبي منزل ۽ مخصوص عرصي پڄاڻان، انسانذات جي اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ اعليٰ ڪارنامن جا نقش محفوظ ڪندي آهي. ساڳي ريت، قومون بہ پنهنجن وڏڙن جي عملي ڪارنامن ۽ ذهني ڪاوشن کي تڪي توري، منجهانئن ڪارآمد نتيجا ۽ جاندار روايتون سانديينديون آهن. اها ساڳي نگاهہ، هر زنده نسل جي پونئيرن وٽ بہ هوندي آهي. هو بہ هڪ ڏينهن، پنهنجن وڏن کي انهي ساڳي ڪسوٽيءَ تي پرکيندا؛ سنڌن تڪ تور جا ماڻ ۽ ماپا بہ اڪثر ڪري ساڳيا ئي هوندا. هو جائزي وٺڻ وقت اهو ڪين ڏسندا تہ اسان جا وڏا ڪهڙن عقيدن ۽ خيالن جا هئا؛ هنن ڪهڙيون درگاهون ۽ پير تي پيتيا؛ هنن پنهنجي وقت جي ڪهڙن فڪرن ۽ نظرين کي ڄاتو ٿي؛ هنن ڪهڙا اعليٰ امتحان ۽ ڊگريون حاصل ڪيون؛ هنن ڪهڙا عهدا ۽ مرتبا ماڻيا؛ ڪين شعر ۽ ادب جا ڪيترا ديوان ۽ داستان ياد هئا؛ منجهانئن ڪيترا شاعر ۽ اديب، اسٽيج تي سامعين کان وڏيڪ داد ۽ ”واه! واه!“ حاصل ڪندا هئا؛ يا منجهانئن ڪيترا فصيح ۽ بليغ مقرر ۽ واعظين هئا، وغيره، وغيره. مطلب تہ هو انهن مڙني اچاترين ڳالهين کي نظرانداز ڪري، اهڙن اعليٰ ڪارنامن کي ڳوليندا، جيڪي ان وقت مجموعي طور سندن پنهنجي بچاءُ ۽ بقاءَ لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيا هوندا، ۽ جن تي هنن پاڻ مصيبت وقت گڏجي عمل ڪيو هوندو.

متئين جائزي وٺڻ کان پوءِ، هر هڪ نئون نسل، پنهنجن وڏن کان اهو سوال پڇندو آهي تہ اوهان پنهنجي دور جي انسان دوستن ۽ محب وطن ماڻهن کي ڪهڙي نگاهہ سان ڏٺو ٿي ۽ اوهان جي وقت جي انڌين ۽ جابر طاقتن، ساڻن ڇا تان وير وڌو هو؟ دراصل انهن سوالن پڇندي، هو پنهنجن وڏن جي، حق ۽ ناحق سان ذهني وابستگيءَ کي جاچڻ ۽ سندن قيمت ڪٿڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو جاچڻ چاهيندو آهي تہ ان وقت ڪيترا شخص، پنهنجي وقت جي انسان دوستن ۽ سچ جي پانڌيئڙن جي آواز تي 'لبيڪ!' چئي، ميدان تي نڪري آيا، ۽ منجهانئن ڪيترا، انهن جي ٻانهن جو ٻل ۽ دلين جي قوت ثابت ٿيا، منجهانئن ڪيترن، هنن جيان حق ۽ انصاف جو آواز اٿاريندي، وقت جي انڌين ۽ جابر قوتن هٿان، قيد و بند جا عذاب ڀوڳيا ۽ سورين تي سر ڏنا؟ انهي جائزي کان پوءِ هو پنهنجن وڏن کان اهو سوال پڇندا آهن، تہ "جڏهن اوهان جي وطن مٿان اونداها ڪڪر ڇائنجي چڪا هئا، تڏهن اوهان مجموعي طور ڇا سوچي رهيا هئا؟ يا جڏهن اوهان جي پٽن ۽ ماڳن مڪانن تي ڌاڙين قبضو ڪيو هو، تڏهن اوهان جي دلين ۾ غيرت جي باهہ ڪيتريقدر پڙڪي هئي؟ يا جڏهن اوهان جي شهرن ۾ ڪي ڦورو ۽ ڌاڙيل ڪاهجي پيا هئا، تڏهن اوهان انهن کي هڪالي، ڀوڙائي ڪيڻ لاءِ ڪهڙا هٿيار ڪم آندا؟ يا جڏهن اوهان جي معصوم ٻچن جي وات مان زوريءَ گرنهن کسيو ٿي ويو، تڏهن اوهان ڪهڙا پالا هنيا؟ يا جڏهن اوهان جي زبانن تي تالا لڳايا ويا، تڏهن اوهان انهن تالن ۽ بندشن کي ٽوڙڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون ڪم آنديون؟ يا جڏهن اوهان کي مذهب يا ٻئي ڪنهن جذباتي نعري ۽ غلط پروپئگنڊائن وسيلي گمراه ڪيو ٿي ويو، تڏهن اوهان جي پنهنجي وقت جي اديبن، شاعرن، عالمن ۽ دانشورن پنهنجي اڀجاڻ ۽ ويساهہ وسوڙل قوم کي گمراهيءَ کان بچائڻ لاءِ، پاڻ تي ڪهڙيون جوابداريون محسوس ڪيون؟ يا جڏهن ڌاڙين اوهان جي سرزمين تي ڦرلٽ جا اڏا قائم ڪيا، تڏهن اوهان مان هر هڪ انهن اڌن کي ناس ڪرڻ لاءِ، ڪهڙيون حرفتون ۽ اٽڪلون ڪم آنديون؟

قومون پنهنجن وڏن جي اهڙي جائزي وٺڻ کان پوءِ، خود وڏن جي، ان وقت جي اتحاد ۽ ٻڌيءَ کي بہ وڏي سمجهداري ۽ ايمانداريءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. هو اهڙي جائزي وٺڻ وقت، ڪنهن بہ

فرد جي علمي ادبي صلاحيتن، خانداني مرتبي يا ٻي ڪنهن بہ ذاتي بزرگيءَ جي ڪابہ رعايت ۽ ڪابہ پرواهہ نہ ڪنديون آهن. هو جائزي وٺڻ وقت هر هڪ موقعي پرست، هرهڪ خودغرض، هر هڪ مڪار هر هڪ چالباز ۽ چالاڪ کي ڪن کان جهلي، ظاهر ڪري بيهاريندِيون آهن. هو ڏسنديون آهن تہ جڏهن سڄي قوم مصيبت وقت گذجي، پنهنجا ڏک سور ۽ دلين جا درد ونڊي، صحيح علاج ڪرڻ چاهيو ٿي، تڏهن ان وقت منجهانئن ڪنهن شخص يا گروهہ شيطان جي آنڊي جيڏين لنمبين چوڙين تقريرن ۽ گمراهي ڦهلائيندڙ فڪر ۽ فلسفي جا موٽا موٽا لفظ ۽ اصطلاح ڪم آڻي، سڄي قوم جي نس نس ۾ بي عمليءَ ۽ نفاق جو زهر تہ ڪين ٿي پريو؟ يا ان وقت منجهانئن ڪو "نائون مل" جي روپ ۾ پنهنجن جو ويري بڻجي، دشمن جي هٿن ۾ ڪيڏندي، پنهنجن جا پير تہ ڪين ڪڍي رهيو هو؟ يا ان وقت قومي صف ۾ ڪو اهڙو بي ضمير ۽ چٽ لڪيندڙ تہ شامل ڪين ٿي ويو هو؟ جيڪو فقط پنهنجي پيٽ پرڻ خاطر، چور ۽ ساڌ، ظالم ۽ مظلوم، ٻنهي ڌرين وٽ پاڻ وڻائي، ڪوئو بڻجي، سيني جا ڪيسا ڪتريندو ۽ ناس ڪندو تہ ڪين ٿي رهيو؟ مطلب تہ قومون انهي وسيع نگاهہ سان، پنهنجن وڏن جي اعمالن کي تڪي توري ڪنهن صحيح راءِ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪنديون آهن. ۽ پوءِ ڏسنديون آهن تہ اسان جا وڏا، اسان کي ورثي ۾ ڪهڙيون امانتون سونپي ۽ حوالي ڪري ويا. جيڪي وري ڪين هڪ ڏينهن پنهنجن پونئيرن کي امانت سلامت سنڀالي ڏيڻيون پونديون آهن.

هاڻي اچو تہ مٿئين جائزي جي روشنيءَ ۾ ڏسون تہ اسان جن وڏن، پنهنجن پونيئرن کي اهڙين سخت آزمائشن ۽ امتحانن مان گذرندي، ڪهڙيون امانتون ۽ مقدس چيزون ساهہ سان سانڍي، هينئين سان هنڊائي، ورثي ۾ ڏنيون ۽ انهن امانتن کي هٿئون هٿ سونپيندي، ڪين ڪهڙن عذابن ۽ آپدائن مان گذرڻو پيو.

ماضيءَ تي سرسري نگاهہ وجهندي، معلوم ٿيندو تہ هن سرزمين تي ڪيترين ڌارين قومن پنهنجي طاقت ۽ انڌ جي زور تي، وقت بوقت يلغارون ڪيون. هنن ملڪ گيريءَ جي هوس ۾ سنڌ جي جداگانا تاريخي حيثيت کي مٽائڻ لاءِ ڦرلٽ ۽ قتل ۽ غارتگيريءَ جا ڪيئي ملامت جوڳا بدترين ڪارناما سرانجام ڏنا. هنن هتان جي هر چيز جي اصليت کي

بگاڙڻ لاءِ ڪيئي شيطاني منصوبا عمل ۾ آندا. هنن پنهنجي مخصوص مقصدن جي حاصلات خاطر، حق ۽ انصاف جي حدن اورانگهيندي، ذري ماتر بہ ڪنهن لعنت ملامت جي پرواهہ ئي ڪانہ ٿي ڪئي. مطلب تہ انهي بد مقصد سان هن سرزمين تي ڪڏهن ساڪ ۽ ستين ڪاهون ڪيون؛ ڪڏهن يونانين ۽ ايرانين يلغارون ڪيون؛ ڪڏهن عربن، افغانن ۽ مغلن چڙهايون ڪيون؛ تہ ڪڏهن وري انگريز سامراجين جي اقتدار جا جهنڊا ڦڙڪندا نظر آيا. بهرحال، ايترين ارهہ زوراين، حملن ۽ دهشتگردين ڪان پوءِ بہ اسان جن وڏن ورثي ۾ مليل امانتن مان ذرو بہ ضايع ٿيڻ ڪين ٿي ڏنو. جيڪڏهن هڪ وقت سنڌ جو ڪو حصو يا ساري سرزمين ڌارين جي قبضي ۾ اچي ٿي ويئي تہ هو رضا نٿي راضي رهي، خاموش تماشائي ڪين ٿي بڻيا. پر سندن دلين ۾ وطني غيرت ۽ محبت جي اٿاهہ جذبن، وڏي ويجهي، هڪ اهڙي طوفان جي صورت اختيار ڪئي ٿي، جو حملي آورن جو غاصبن جو سمورو جاه و جلال، اٿالو ۽ ادنير، انهي طوفان جي لپيٽ ۾ پاڙان پٽجي، ٿيلهجي، هميشہ لاءِ اکين کان الوپ ٿي ٿي ويو ۽ سنڌ وري بيهر اڳيئن کان اگري، سدا سائي ۽ سرسبز رهندي ٿي آئي.

ان ريت، هن سرزمين جو ڪوبہ اهڙو دور ڏسڻ ۾ ڪين ايندو. جڏهن سنڌ جي قسمتن سان ڪا هٿ چراند ٿي هجي، ۽ اسان جن وڏن آزاديءَ جي مقدس ديوتا اڳيان پنهنجي رت ۽ خون جي نذراني ڏيڻ ۾ ڪا وسان ڪوتاهي ڪئي هجي. ان حقيقت کي جيڪڏهن اجا بہ وڌيڪ وضاحت سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ اسان جن وڏن مان ڪنهن وقت دودي سومري، علاوالدين خلجيءَ سان لڙندي، پنهنجو پاڻ قربان ڪيو. ڪڏهن مخدوم بلاول، ظالمن سان مقابلو ڪندي، پنهنجو پاڻ گهاڻي ۾ پيڙرائي ڇڏيو. ڪڏهن صوفي شاهہ عنايت، مغلن جي نواب اعظم خان هٿان شهادت جو پيالو پيتو. ڪڏهن هوش محمد قمبراڻي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ، انگريزن جي خونخوار تلوارن جو بک ٿيو. ڪڏهن هيمون، ارڙهن سالن جو نوجوان، ڦاسيءَ جي ڳاراهي کي چمي ڏيئي، پنهنجو پاڻ امر ڪري ويو. ڪڏهن اَللهُ بخش سومرو انگريزن جي اشاري تي، ديسي غدارن هٿان گولين جو نشانو بڻيو. ڪڏهن شهيد مائي بختاور انگريزن جي ظالماڻي نظام سان بغاوت ڪندي ۽ پنهنجو حق طلبيندي، جام شهادت پي، پونين

ڪي عبرت ۽ غيرت جو لازوال سبق سيکاريو. هي آهي اسان جي ماضيءَ جي شاندار تاريخ، جنهن کي اسين دنيا جي ڪنهن بہ سجاڳ ۽ غيور قوم جي تاريخ سان، وڏي فخر سان ڀيٽي سگهون ٿا.

هاڻي اچو تہ پنهنجو پاڻ کان پڇون تہ وڏن جي ورثي مان ڇا بچايو اٿئون، ۽ سيان پنهنجي پونيرن کي ڇا ڏئي ويندا سون؟ اچو تہ پهريائين سِنڌُ جي سرزمين کي ڏسون تہ اها اڳيئن وانگر آزاد، خود مختيار ۽ پنهنجن پيرن تي آهي، يا مورڳو پنهنجي اڳوڻي حيثيت ۽ قديمي نالي نشان کان ئي محروم آهي؟ ان کان پوءِ سنڌي زبان، تعليم ۽ ثقافت کي وٺو جيڪي زمانن کان وڏي ويجهي، پنهنجي عروج ۽ عظمت تي پهچي، هاڻ اڳتي ترقي ۽ واڌاري جي روشن راهن کان محروم ٿينديون وڃن. ان بعد سنڌ جي ٻين مسئلن، يعني زمينن، نوڪرين، واپار ۽ ٻين چيزن ڏانهن نهاريو ۽ پاڻ کان پڇو تہ انهن تي اوهان جو پوري طرح ڪو حق يا اختيار بہ آهي، يا اهي ٻين جي هٿ وس آهن؟ ڇا، ايئن تہ نہ آهي، تہ اڄ اسان وٽ وڏن جي ورثي ۽ امانتن مان باقي ڪاري وارا ڪک وڃي بچيا آهن؟

اسان کي اڄ اهوئي ڇوٽو پوندو تہ پنهنجن وڏن جو ورثو ۽ ميڙي چونڊي گهڻي ڀاڱي وڃائي چڪا آهيون. اسان وٽ اڄ اهڙي ڪا چيز خاطري جوڳي نہ رهي آهي، جيڪا اڄ جي نئين نسل ۽ سيان مائرن جي ڪکين مان سرجي، ٻاهر اچڻ وارن معصومن جي حوالي ڪري وڃون. اڄ اسين هٿين خالي آهيون. ۽ پنهنجن پونيرن جي نگاهن ۾ ڏوهاري ثابت ٿي چڪا آهيون. سيان اسان جو پونيئر، جڏهن ٻين قومن جي نسلن کي خوشحالي، عزت ۽ آزاديءَ جي نعمتن سان مالامال ڏسندو، تڏهن هو اسان کي هٽ ڪٽي پٽيندو. بلڪ گمان آهي تہ هو ڪٽي جوش ۾ اچي، وڏن جي قبرن کي کوٽي، هڏن کي ٻاهيون نہ ڏيئي ڇڏي. اچو تہ گڏجي واعدو ڪريون تہ پاڻ کي سيان جي باز پرس ۽ ملامت کان بچائڻ لاءِ، همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي، پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي هر ميدان تي لڙنداسون_ جيئي سِنڌُ!"

**جيئي سنڌ**

پبليڪيشن طرفان، 23 مارچ: 1969ع تي،
پمفليٽ جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو).

جڏهن آئون فلپ. ڪي. هٽيءَ جي ڪتاب جو ترجمو ” بدوي قومون“، احسان بدويءَ جو ڇپرائي رهيو هئس تہ گرامي پرپٽ ناشر ڪي برغلائي، ان ڪتاب جا 500 فارم ردي ۾ وڪرو ڪرائي ڇڏيا. اها خبر مون کي ناشر وٽان پنجن سالن گذرڻ بعد پئي. اهڙو نوٽ مون ان ڪتاب جي ٽائيٽل جي اندرين صفحن تي لکيو آهي. احسان جي مرتئي تي هڪ تاثر سندس شخصيت، فن ۽ فڪر بابت لکيو هئم، جو بدوي نمبر ۾ شايع ٿيو هو:

## احسان زنده آهي

***منهنجي*** سامهون هڪ مسودي جا ڪجھ جوبي صاحب جا درست ڪيل ورق پيا هئا. مون هٿ ڊگهيري، انهن کي ڪٽي پڙهڻ شروع ڪيو. هن ڳالهہ کي سترنهن سالن جو عرصو ٿئي. پهرئين ورق جي شروعات هن هينئن نظم سان هئي:

مان دانهيان ٿو مان گهران ٿو وڏي وات فقط... اٿو ۽ لٽو ۽ اجهو
انسانيت جو خالص حسن، سيني ويران نگاهہ ٻچن جي لاءِ!
اي فڪرزده معصوم مائرو!
آئون مِنا مِنا ڪجھ ۽ سَهَرا ڳايان ٿو
اوهان جي خاموش ۽ سڪل ڇپن جي لاءِ...

هيءَ ڪهڙو شاعر آهي، جنهن جي حساس دل ۾ پورهيت طبقي لاءِ محبت ۽ همدرديءَ جا پاڪيزه جذبا سمنڊ جي اٿاهہ گهراين جيان ڇوليون هڻي رهيا آهن؟

معلوم ٿيو تہ هي آمريڪا جو هڪ عوامي شاعر آهي، جيڪو پورهيت طبقي سان پيار ڪرڻ جي جرم ۾، جيل جي لوهي سيخن پٺيان

بند هوندي بہ نت نوان نغما، انساني همت ۽ حوصلي ۽ انساني امرپڻي ۽ عظمت جا ڳائي رهيو هو.

جواب ٻڌندي، منهنجي اندر مان ڏارئين ديس جي ان شاعر لاءِ اٿاهہ عزت ۽ محبت جي جذبن گاڏئين هڪ همدردانہ آهہ خود بخود ايري، مون ائين محسوس ڪيو تہ گويا دنيا جي هر صداقت ۽ هر تخليق کي پابند ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ شاعر جي آهہ، هر پرخلوص انساني دل جي ترجماني هئي، هر مظلوم درد ڀري دل جي دانهن هئي، جيڪا شاعر جي دل مان نغمي جي صورت وٺي، هزارها ميلن تان پرواز ڪندي، ڌرتيءَ جي مصنوعي ڪوٺن کي ڪيرائيندي ٿي رهي.

هيءَ هو منهنجي دلي تاثرات جو هڪ رخ ۽ ٻيو رخ هو ان حساس ۽ شعور واري دل سان سڪ ۽ عقيدتمنديءَ جو جنهن احسان بدويءَ جي سيني ۾ ٽڙپندي، ڪيس انهي مقالي جي تاليف تي آماده ڪيو. احسان ان وقت بي. اي پاس ڪري چڪو هو. هو ڪراچيءَ جي ادبي محفلن ۾ مخلصانہ جذبي سان حصو وٺندو ٿي رهيو. ”هي رات“، ”زينب“، ”نرس“، ”شن شان“ ۽ ٻيا ڪيترا افسانا، مضمون ۽ مقالا طبعزاد توڙي ترجمو انهي دور جا آهن جڏهن ملڪي ورهاڱي بعد سنڌي ادب جا نازڪ ۽ نحيف سلا ڏينهون ڏينهن ڪوماڻبا ۽ ڪمزور ٿيندا ٿي رهيا، ۽ انهن کي وڏيڪ سرسبز بنائڻ ۽ مخالف هوائن کان سلامت رکڻ خاطر هر هنڌ ڪوششون ٿي رهيون هيون.

طبعزاد چيز لکڻ يا ڪو ترجمو ڪرڻ واقعي وڏي ڳالهہ آهي، پر هڪ اهڙي چيز جيڪا پاڻ سان گڏ ٻين دکي دلين جي بہ حوصلي جو سامان ميسر ڪري، سا تنهان ئي وڏيڪ قدر ڪرڻ ۽ عزت لائق آهي. ادب جي وسيع دنيا ۾ شاعرن ۽ اديبن جي ايڏي ڪا ڪوت بہ نہ آهي، پر، ايڏي وسيع دنيا مان امريڪي شاعر ڏان ويسٽ تي نظر پوڻ ۽ گڏوگڏ ترڪيءَ ۽ بنگال جي باغي شاعرن ناظم حڪمت ۽ نذرالسلام جي انقلابي نغمن کي سنڌي زبان جو جامو پهرائڻ، احسان بدويءَ جي مقصدي ادب ڏانهن وسيع نظر ۽ اعليٰ حوصلي جو ثبوت آهي. هن شعر ۽ ادب جي تاريخ کي روايتي قدرن جو پابند نہ، پر پنهنجي پنهنجي وقت ۽ حالات جو ترجمان ۽ سچو پچو سونهون تصور ٿي ڪيو. مرحوم غير زبانن مان جيڪي بہ ترجما ڪيا آهن، تن مان سندس اهوئي مقصد واضح ٿئي ٿو تہ ادب ۽ شاعريءَ جي ڪارج متعلق اسان ۾ ڪا صحيح ڄاڻ پيدا ٿئي. غير زبانن جي مطالعي

منجهان هو انهي نتيجي تي پهتوتہ اٽڪلاٽائي ئي انسان جي دک پري زندگيءَ جو واحد ڪارڻ آهي، ۽ جيسين اهو اٽڪلاٽائيءَ جو قاهو هن جي گلي مان ڇني الڳ نہ ڪيو ويو آهي، تيسين هر چالاڪي ۽ ڏاڏائيءَ کي ساڻس من مانين ڪرڻ جا هزارين موقعا ميسر هوندا.

ٻارنهن مهينا بہ مس انهي ڳالهہ کي گذريا هوندا تہ اهو ساڳيو ڊان ويسٽ جي نظمن تي تنقيدي مقالو رسالي ”پرهہ ڦٽي“ (1951ع) ۾ شايع ٿيڻ لاءِ مليو. ڪنهن بہ ڪارائتي شئي کي قسطوار شايع ڪرڻ هٿ وٺي ان جي افاديت کي ڇيهو رسائڻ ۽ پڙهندڙن کي پريشان ڪرڻ آهي. ان ڪري ”اداره انسانيت“ طرفان ”آمريڪي شاعر“ جي نالي سان ان مقالي کي هڪ ئي وقت ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ مناسب ڄاتو ويو. ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ڪنهن ڪم سانگي سان احسان جو حيدرآباد ۾ اچڻ ٿيو. آئون ان وقت سينٽرل جيل حيدرآباد تي قيدين کي پڙهائيندو هئس. اسين جڏهن پاڻ ۾ ملياسون، تڏهن ڳالهين ڪندي، وڏي معصوميت سان مرڪندي چيائين، ”ادا، ڏوهارين جي دنيا ۽ هن دنيا ۾ ڪو فرق نظر اچيئي ٿو؟“

هن جو اشارو قيدين ڏانهن هو. مون وراڻي ڏنيمانس، ”هائو وڏو فرق آهي_ جيترو ڊان ويسٽ جي ”ٽام ولسن“ ۽ ”ڪارنيليس“ ۾: ڪارنيليس دولتمند طبقي جو ڏٽي آهي ان ڪري ساڌ آهي؛ ۽ ٽام ولسن بک سببان هڪ دفعو چوري ڪئي ۽ هاڻ سڄي ڄمار پيو چور چورائجي. جواب ٻڌي، ننڍڙو ٽهڪ ڏيئي، چيائين:

”پوءِ ڇا ٿو سمجهين؟“

وراڻيومانس:

”سمجهان اهوئي ٿو تہ هيڪر شل ٻوڙو ”ٽام“ کن ڏيئي ۽ ڪنهن جي دل جي ڳالهہ ٻڌي!“

هيءَ اسان جي پهرين ملاقات هئي. ٻن سالن جي عرصي بعد، 1954ع هن جو ٻيو انقلابي نظمن جو ترجمو ڪيل تنقيدي مجموعو ”ناظم حڪمت“ جي نالي سان حبيب پبليڪيشن، سکر، وارن شايع ڪيو. ناظم حڪمت ترڪيءَ جو عوامي شاعر هو. هن بہ ڊان ويسٽ جيان پنهنجي عزيز حياتيءَ جا پريا ٻارنهن سال جيل جي اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ طرحين طرحين عذاب ڀوڳي گذاريا. هن جو بہ اهو ڏوهہ هو جو سندس حساس دل عوام جي

سورن ڀري زندگيءَ کان متاثر هئي، هن جي بہ اڀوجهہ انسانن سان همدردي هئي ۽ ان ڪري منجهن سجاڳي آڻڻ لاءِ پنهنجا انقلابي نغما جهونگارڻ شروع ڪيا هئائين. هن جا نغما باهہ جي شعلن جيان پکڙجي عوام جي دلين ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ لڳا هئا. هن جيئن جيئن عوامي زندگيءَ جو مشاهدو ڪيو تيئن تيئن سندس دل ۾ همدردي ۽ محبت جا جذبا زياده پرورش پائيندا ۽ پرواز ڪندا ٿي رهيا. هن جتي بہ ڏاڍ خلاف عوام کي متحد ٿيندو ڏٺو ٿي، تہ هن جي دل مسرت سان مالامال ٿي ٿي ويئي. پنهنجي هڪ نظم ۾ جڏهن هو بستري تي سخت بيمار آهي ۽ ڊاڪٽر کانئس سندس حال پڇي ٿو، تڏهن پنهنجي بيماري متعلق ٻڌائڻ بجاءِ ان وقت بہ چين جي عوامي سجاڳيءَ جو ذڪر ٿو ڪري ۽ بي ساختہ چوي ٿو:

ڊاڪٽر! منهنجي اڌ دل هِتي آهي ۽ اڌ چين ۾،
افسوس، منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي
جو پنهنجي غريب ڀائرن کي ڪجهہ ڏيئي سگهان!"

ڪتاب جي مقدمي ۾ ناظم حڪمت جو تعارف ڪرائيندي، احسان لکيو آهي: . . . اهي خيالات ۽ احساسات جي عوام جي جذبات جي ترجماني ڪن ٿا، انهن کي نہ قيد جون ديوارون روڪي سگهن ٿيون ۽ نہ دارورسن، ڇو تہ تاريخ انهن کي هميشہ پنهنجي گود ۾ پاليو ۽ نپايو آهي. . .

آئون ان وقت حيدرآباد کي ڇڏي نئين وچي ڇڪو هئس. 1955ع ۾ سنڌي اديبن جو ڪراچيءَ ۾ ميڙ ڪوٺايو ويو. سڄو پروگرام سِنڌُ مسلم ڪاليج ۾ رکيل هو جتي احسان پاڻ ملازمت ڪري رهيو هو. شام جو ڪاليج جي گرائونڊ ۾ ڪجھ اديب ۽ شاعر پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسون تہ بدوي مون کي فرمائش ڪئي تہ:

"پنهور، پنهنجو نظم "پرديسي ويا ديسي آيا." اهو تہ ٻڌاءِ!" اُهو نظم پڙهي پورو ڪيم تہ وري چيائين:

"'سنڌ جا سوداگر . . .!' نظم ٻڌاءِ، نہ تہ جند نہ ڇڏيندوسانءِ." آخر هيءَ بہ فرمائش پوري ڪيم. ميڙ ختم ٿيو ۽ سڀيئي يار دوست موڪلائي روانا ٿيا.

ساڳئي سال اردو ادب جي مشهور نقاد، ممتاز حسين، جو تنقيدي ادب جو مجموعو "ادبي مسائل" ڇپجي، ميدان ۾ آيو. ڪتاب جي مطالعي

بعد، ان جي ترجمي ڪرڻ لاءِ احسان بدويءَ کي خط رستي عرض ڪيم. ٻن چئن ڏينهن بعد جواب ڏنائين:

"ادا سائين، ممتاز نوس مضمون لکي ٿو ۽ هن جا خيال دقيق آهن... سنڌي زبان کي واقعي ان ڪتاب جي ضرورت آهي، جيڪڏهن تون چاهه جاڳائين ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ ٻيئي گڏجي پورو ڪري وٺون..."

افسوس، احسان جي انهي چاهه پيدا ڪرڻ ۾ مون سستيءَ کان ڪم ورتو. جيڪڏهن آئون ڪيس ٻيهر زور ڀريان ها ته هوند ڪڏهوڪر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي اڳي جيان ورسائڻ ۾ ويرم نه ڪري ها.

ڪجهه عرصي بعد آئون اڳين ملازمت کي خيرباد چئي، موٽي حيدرآباد ۾ آيس ته هڪ دفعي اوچتو رستي هلنديء منهنجي هن تي نظر پئجي ويئي، ۽ پوءِ گڏجي هڪ هوٽل ۾ اچي ويناسون. پاڻ ٻڌايائين:

"آئون هينئر مصر جي صدر جمال ناصر، جي ڪتاب "فلسفهءِ انقلاب" جو ترجمو ڪري رهيو آهيان. ناصر کي ٻا به سمجهيو وڃي، پر هن ڪم از ڪم مصري عوام ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ ۽ ملڪ مان سامراجيت کي لوڏڻ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪيو آهي. ڪمزور قومن لاءِ اهوئي ڀهريون انقلابي قدم آهي ته هو پنهنجي ديس کي ڌارين جي لتمار کان بچائين."

پڇيومانس: "قومي اتحاد جي راهه ۾ ٻيا اهي به ته مخالف بڻجي بيهندا، جيڪي سامراجين جي پاسي ۾ ساهه کڻي، ٻين کي ٻوسائيندا ٿا رهن."

"هائو پر هر انساني عمل جا ٻه رخ ته آهن ئي آهن. ڌارئين سامراج جا ساٿي ان سان سمجهوتي ۾ پنهنجو بچاءَ سمجهن ٿا، ته ساڳئي وقت ٻئي پاسي دنيا جي مشاهدي مان اهو به ڏسن ٿا ته سنگينن جي سخت پهري هيٺ به سندن سلامتيءَ جي ڪا ضمانت ڪانه آهي. مفاد جي ئي لحاظ سان ڏسبو ته حاصل ٿا ٿو ٿئين، چند ڪوڏيون يعني ڪتو به ڪائين ڪک به ڪانه پرجين. انهي احساس کان پوءِ هو به قومي اتحاد ۽ خوشحاليءَ جا سپاهي بنجي ميدان ۾ نڪري ايندا آهن."

پڇيومانس، "ناصر کي به ته ان صورتحال مان گذرڻو پيو هوندو؟"

"اوهين ڪيئن ٿا سمجهو هن جي ڪابه مخالفت ڪانه ٿي هوندي! هو خود لکي ٿو ته "جڏهن مصر کي چوطرف دشمن وڪوڙي ويا ۽ اسين سپ لڙي رهيا هئاسون، تڏهن خود اسان جا ٻائر اسان تي ناراض ٿي

پيا.“ هڪ دفعي جڏهن ڪيس ڇيو ويو ”تو تہ ماڻهن جو ناراضپو ملھ ڳڻهي ورتو آهي،“ تڏهن جواب ڏنائين، ”ڇا، اسين هن حقيقت کي ايئن ئي ڏسندا رهون تہ ملڪ ۾ هڪ طرف اهڙا ماڻهو هجن، جن جو لکين ايڪڙ زمين تي قبضو هجي، ۽ ٻئي طرف اهڙا ماڻهو هجن جن کي مرڻ بعد پورجڻ جيتري زمين بہ هٿ ۾ نہ هجي...“

هيءَ اسان جي آخري ڪچهري هئي، جنهن ۾ چار گهڙيون هڪ منا تي، هڪٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئيسون. هو پوءِ انهي ڏينهن شام واري گاڏيءَ ۾ ڪراچي روانو ٿيو.

ڪجھ مهينن گذرڻ بعد جمال ناصر جي ڪتاب جو ڇپيل سنڌي ترجمو ”انقلاب جو فلسفو“ ۽ ٻيو بہ سندس لکيل ۽ پنهنجي ئي هڙان ڇپايل ڪتاب ”تنقيد ۽ تنقيد نگاري“ تحفي طور ڏياري موڪليائين.

اها ساري رهاڻ گويا ڪلھ تي گذري آهي ۽ هن وقت منهنجي سامهون پروفيسر احسان بدوي مرحوم جا چند خط، اڻ ڇپيل افسانا پيا آهن ۽ اها اخبار بہ موجود آهي، جنهن ۾ هن جي حياتيءَ سان ڪراچيءَ ۾ ٿيل حادثي متعلق دردناڪ خبر شايع ٿيل آهي. ٻئي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم تہ هو گذاري ويو! ۽ ايئن منهنجي دل ۾ هن جي اٿاھ پرخلوص ۽ بي لوث ادبي ذوق جي ياد اپري آئي. مون سوچيو: ’ڇا ڊان ويسٽ مري سگهي ٿو؟ نذرالسلام بنگالين کي ياد ڪين رهندو؟ ناظم حڪمت جا نغما ترڪيءَ جي سرزمين تي ڪين گونجندا؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب پر اميد آهن تہ پوءِ احسان بہ مري نٿو سگهي! اسان جا ايندڙ نسل جڏهن پنهنجي ماضيءَ تي نظر وجهندا، تڏهن ڪين سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي محسنن ۾ احسان ضرور ڏسڻ ۾ ايندو. هن ڏکئي وقت ۾ سِنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان، جن پنهنجي وس آهر پال پلايا، تن پلارن ۾ احسان جو نظر اچڻ احسان جي زنده جاودان هئڻ جو ثبوت آهي...

احسان مري نہ ويو.

احسان زنده آهي!

شايع: ماهنامہ ”نئين زندگي_ بدوي نمبر“،
اپريل، 1966ع.“

**ان** عرصي ۾ منهنجي هڪ نياڻي لاعلاج فوت ٿي ويئي. اها خبر منهنجن ٻن دوستن حسن علي احمد زئي ۽ قاسم ’شاذ‘ کي پيئي. قاسم ’شاذ‘ رولر ماستر هو. اهي آيا ۽ لاش دفن ڪرائي موٽي ويا. شاذ ڪافي ڏکيو وقت گذاريو هو. ان عرصي ۾ غلام رباني آگرو بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. جوئي صاحب وٽان پارٽ ۽ جهمپير جي اکيين ڏٺي احوال کان متاثر هو. منهنجي وڏي عزت ڪندو هو. جهمپير جي زماني ۾ جويو صاحب، تنوير ۽ رباني مون وٽ آيا هئا.

جهمپير ۾ ماستري دوران اُتر پرديش جو ڪامريڊ عزيزالسلام بخاري مون وٽ ايندو هو. جڏهن تنديِ آغا حيدرآباد ۾ آيس تہ ڪيس پتو پيو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. هاڻ مون وٽ هو روزانو تنديِ آغا اچڻ لڳو. عزيزالسلام بخاري ۽ ٻيو هڪ ساٿي ڪامريڊ نازش امروهي (نازش ٽي. بي جو مريض هو.) مون وٽ رهندا هئا. انهيءَ دوران گهر جي پر ۾ هڪ جاءِ خالي هئي. پاڻي ۽ روشنيءَ جو ڪو بہ بندوبست نہ هو. جاءِ جي مسواڙ 15 رپيا هوندي هئي.

پريٽ آباد رهڻ دوران مون وٽ ڪجهہ نوجوان روزانو شام جو رهاڻ لاءِ ايندا هئا. جن ۾ حسن علي احمد زئي، ممتاز مرزا، سڪندر بلوچ، لقمان لغاري ۽ ڪي ٻيا دوست شريڪ ٿيندا هئا.

لقمان لغاري جي مرتيئي تي ”تو کي ساري ساهہ“ جي عنوان سان تاثر لکيو هئم، جو ڪتابچي جي صورت ۾ ڇپيو هو:

## توکي ساري ساهہ

**سچ** لهڻ تي هو برسات پئجي رهي هئي. هن ڏانهن ڏسي مون کي نهايت حيرت ٿي. ڇيومانس، ”ڇو پنڌ پيو آهين، هيءَ بہ ڪو وقت هو!

سواري تہ ڪتي ڪانہ ملي هونديئہ_ چار ميل پاڻيءَ جا جهاڳي، ڪيڏي نہ پاڻ کي تڪليف ڏني اٿئي!“

”هيءَ بہ ڪا تڪليف آهي؟ انصاف آهن اوهان جا! تڏهن تہ چوندو آهيان تہ اوهان شهري اديب، ڳوٺاڻي زندگيءَ جي دکن دردن کان واقف ئي نہ آهيو. اوهان هن جي دلين جي گهراين ۾ وڃي، چڪندڙ ناسور ڏٺا ئي نہ آهن: نڪي تہ ڪڏهن هنن جي مايوس نگاهن ۾ ڪو ليئو ئي پاتو آهي_ اوهان کي ڪهڙي ڪل تہ هنن کي جيئڻ خاطر زندگيءَ جي ڪيڏي لڙائي لڙڻي ٿي پوي.“

”اڄوڪي ادب ۾ اهائي تہ چيز آهي.“ مون هن کي ورندي ڏني.

”اڄوڪو ادب!“ ايئن چئي، هن مون ڏانهن غور سان نهاريو. ”اڄوڪو ادب تہ اديب جي ئي پنهنجي چوگرد ڦيريون پائيندو ڪوريئڙي وارو ڄار اڻيندو ٿو رهي: جنهن مان خود اديب کي ئي نڪرڻ جي روشن راهہ نظر نٿي اچي. هو هڪ اڻ سونهين جيان منزل جي تلاش ۾ آهي_ ڪڏهن ڪنهن مقام تي پهچي دل کي تسلي ڏئي ٿو تہ ڪڏهن ڪنهن مقام تي. هن تلاش ۾ ذهني نا آسودگيءَ سببان خود ڪيس ئي ڪيترن فريبن جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو: سواءِ ڪن چند اديبن ۽ شاعرن جي، اڪثر اديبن جون تخليقي قوتون ڪنهن نہ ڪنهن رج پنيان رلندي ڏسڻ ۾ اينديون. اسان جو قلمڪار پنهنجي ترڪش ۾ اهڙا تير سانڍڻ ٿي نہ سگهيو آهي، جيڪي ڪنهن نشاني کي چٽي، سچ پچ جو ڪو شڪار ڪري سگهن.“

موٽ ۾ چيومانس، ”تو وٽ بہ تہ اديب واري دل آهي، تون چو نٿو لکڻ جي ڪوشش ڪرين!“

”هائو دل تہ ساڳي آهي، پر دل جا جذبا ڪنهن اديباڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ سکيو ئي نہ آهيان_ هاڻ ڪوشش ڪندس.“

ساڻس گڏ هڪ دوست ورندي ڏني: ”ڏسون تہ ايندڙ ڪچهريءَ ۾ ڪهڙو ٿو داد حاصل ڪرين.“

”نتيجي کان اڳ داد ڏانهن ڏيان ڏبو تہ سڄي ڄمار داد جي ئي طلب ۾ رهڻو پوندو_ داد جي طلب لنگهي جو عمل آهي. هڪ فنڪار جو داد سندس پنهنجو ئي حوصلو هوندو آهي، جيڪو هڪ ڪيهر شينهن جيان گجگاروڻ ڏيندو هر گدڙ جي دل ڪنبائيندو آهي، ۽ ڪڏهن تہ اهو خود فنڪار جو ئي

ماري ڇڏيو آهي. دنيا جو ڪوبہ اهڙو عظيم اديب نہ آهي، جنهن تي انهي خود آگاهيءَ واري ستل شينهن سجاڳ ٿي، هلان نہ ڪئي هجي.“

ٻئي ڏينهن دوستن جي گڏجاڻي هئي، ڪي دوست مقرر ٽائيم تي پهچي نہ سگهيا. هڪ دوست چيو تہ ”اسان جي قوم ۾ نڪي آهي شعور، نڪي وقت جو احساس_ ٻيون قومون ان ڳالهہ ۾ گهڻو اڳريون آهن.“ ان دوست اچان ڳالهايو ئي پئي تہ هن ورندي ڏنيس:

”اسان جي قوم جي ڪمزورين جو هر سفيد پوش کي ارمان آهي_ هڪ سياسي ليڊر کان وٺي معمولي ڪاموري تائين_ هنن همدردن، قوم جي مڙني خامين کي تہ ڦولهي ڏنو آهي، پر ان جي پيٽ ڏانهن بہ ڪنهن نظر وڌي آهي؟ اهو پيٽ، جيڪو هر بُرائيءَ جي ماءُ آهي، ۽ جيڪو خالي هجڻ وقت ڪنهن بہ انساني ناتي ۽ رشتي کي ٽوڙڻ ۾ ڪابہ پرواهہ نٿو ڪري.“

”اهي مسئلا تہ ٻين قومن وٽ بہ آهن، پر پوءِ بہ هو سجاڳ آهن.“ هڪ ٻئي نوجوان وراڻيو.

”ٻيون قومون تاريخ جي جنهن دور ۾ آهن، ان مطابق ئي سوچين ٿيون، ۽ اسان اڄ بہ موهن جي ڪنڊرن ۾، ڪنهن وچايل وٽ جي ڳولا ۾ آهيون. هزار ورهيہ گذري ويا آهن، پر ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. اهائي سوچ، اهوئي انداز_ پيٽ بکيو پڻن اگهاڙو هاري، ڪاٽ جو هر ۽ ڏاندن جو جوڙو_ زمانن کان وٺي ان ئي فريب ۾ قربو ٿو رهي تہ ’جيڪي ازل جي ڪاتب لکيو آهي، انهي تي ئي قناعت ڪر.‘ ازل جو اهو تصور ماتيجي ماءُ کان بہ ڪيترو نہ وڌيڪ پوائتو آهي!“ هن اچان پنهنجي ڪلام جو سلسلو جاري رکڻ تي چاهيو تہ نوجوان ورندي ڏني:

”ازل ابد لاءِ ايئن چوڻ تہ هو ماتيجي ماءُ کان بہ وڌيڪ پوائتو آهي_ ڪفر آهي.“

جيئن نہ ڪنهن جي لونءُ لونءُ ۾ برقي لهر ايري اچي تيئن هن جي نگاهن ۾ شعلا پڙڪي اٿيا. مون هن جي چهري ڏانهن نهاريو. هن جو پنهنجو پاڻ تي اعتماد ۽ پروسو هماليہ جي بلندين کان بہ اتاهون ڏسندي مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ واقعي انسان احترام جي لائق آهي. مون ڏٺو تہ هو لوهار جي ڪوري مان نڪتل رڪ جيان سخت ۽ پنهنجي راءِ تي اهڙو تہ مضبوط بيٺل هو جنهن کي دنيا جي ڪابہ طاقت هٽائي ڪانہ ٿي سگهي.

اوڏي مهل هن جي زندگيءَ جون چند جهلڪون منهنجي ذهن تي ايري آيون_ ٻانهن تي ڪاري پٽي ۽ هٿ ۾ جهنڊو جنهن تي لکيل هو "ڪانگو زنده باد. ڪانگو تي گوليون هلائڻ بند ڪريو." هو سينيءَ جي اڳ ۾ هو ۽ هن جي پٺيان ٻيا ٻه ڪيترائي نوجوان هئا. سلطان هوٽل کان هڪ جلوس اڳتي وڃي رهيو هو. آسمان کي ڪنبائيندڙ ۽ ڌرتيءَ جي دل کي گرمائيندڙ نعرا هئا. هو هڪ سرويچ سپاهي جيان، جيڪو پنهنجي ڌرتي ماءَ جي سرزمين تي ڪنهن به غاصب جي ناپاڪ قدمن کي برداشت نہ ڪندو آهي. ۽ جيڪو پنهنجي خون جي آخري قطري قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هو پوري عزم ۽ حوصلي سان وڌندو رهيو.

مون ڏٺو تہ هن ڪٽي بہ بيهڻ جي ڪانہ ڪئي. هو هلندو ئي ويو تان جو نظرن کان اوجهل ٿي ويو.

هن جو نالو لقمان هو.

لقمان جهڙي هڪ زنده دل جوانمرد اڳيان ڪا غلط ڳالهہ نڪري ۽ هو خاموش ٿي ويهي رهي، سا اڻ ٿيڻي هئي. جوش ۾ اچي چيائين تہ "اڄوڪي دور ڪفر ۽ الحاد جي انڌي گهوڙي جي وات مان لغام لاهي ڇڏيو آهي، ان ڪري

هُو هر راهہ ويندڙ تي، هر انسان دوست تي حملو ڪندي ويرم ئي نٿو ڪري. هڪ وڏيرو بہ جڏهن ڪوڙيءَ جا ٻيئي مٿا ڀاري ڪٽي ٿو ۽ هاري ڏانهس گهور ڪري نهاري ٿو تڏهن ان کي بہ هاريءَ جي نگاهن ۾ ساڳيو ئي وارو ڪفر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ساڳيو ڪفر جو هٿيار هڪ ڪارخانيدار وٽ بہ آهي، جڏهن هڪ مزدور ٻڪ جي دانهن ٿو ڪري."

نوجوان کي پنهنجي اٽڪاٽائيءَ جو ڪافي احساس ٿيو پر لقمان اڃان بہ خاموش ٿيڻ وارو نہ هو. چيائين تہ: "ٻيون قومون پورهيت جو بہ ويلا پيٽ ڀري کائڻ جو حق پاڻ تي لازمي ڄاڻن ٿيون. پر اسان وٽ تہ قصو ئي التو آهي_ هڪ ويلي جو پلئہ پورڻ بہ پورهيت جي خوشنصيبي آهي، ۽ جي ان مان بہ 5 دڪا ڪو مٿان ئي مٿان هٿ جي هوشياريءَ سان تڳائي وڃي تہ اهو عيب ۾ شمار نہ آهي. انهي ڪري هڪ معمولي دڪاندار کان وٺي ويندي هڪ وڏيري ۽ ڪروڙپتي سيٺ تائين هرڪو انهي تاڙ ۾ آهي. صحيح شعور ۽ وقت جو احساس، پريل پيٽ سوچي سگهي ٿو خالي پيٽ

تہ درياہ جو ڪن آهي، جيڪو پوڙهہ وقت شيءِ جي خامي يا خوبيءَ سان ڪو واسطو ئي نٿو رکي.“

تنقيد هلندي، سوال پيدا ٿيو تہ اديب کي هيئيت ۽ مواد ٻنهي مان ڪنهن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جڳائي؟ وقت جي صدارت لقمان جي حوالي هئي، هو ٻيئي طرف ٻڌندو، چپ چاپ سوچيندو ٿي رهيو

جڏهن هن جي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو وقت آيو تڏهن چيائين: ”مواد کان وڌيڪ هيئيت تي زور ڏيندڙ اديب، ايئن ٿو وسهڻ ۾ اچي، جيئن هڪ رشوتي ڪامورو، جيڪو رشوت وٺڻ مهل اڳلي سان پنهنجي همدرديءَ جو اظهار ڪندي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن جي ڪيسي جي صفائي بہ ڪري ۽ ڪيس پنهنجي هڙ قرائڻ جو احساس بہ پيدا ٿيڻ نہ ڏئي. هيئيت جي پنيان هلڻ وارو اديب جيڪو ’ادب ادب‘ تہ ڪندو رهي ٿو پر جڏهن ڪو ڪانئس پڇي تہ ’ادب جو اسان جي اوڙي پاڙي، ملڪ ۽ معاشري ۾ رهندڙ عام انساني زندگيءَ سان بہ ڪو واسطو آهي؟ تڏهن هو پڙڪي، هڪ نہ ٻي نظرياتي ڳالهہ ۾ ٻڌي هٽي ٻيهي ٿو رهي. هن جو ذهن اهڙو ڪارو ڪُنو آهي، جنهن ۾ رڌ پچاءُ ڪندي هر چيز جو ذائقو بدلجي ٿو وڃي. پر هڪ ٻاجهائتي دل جو مالڪ ۽ سالم نگاهہ رکندڙ اديب، جيڪو عام انساني دلين جي ڌڙڪن کي سمجهڻ جو حوصلو ٿو رکي، جيڪو پنهنجي من ۾ ليئو پائڻ جو تصور ٿو ڪري، ان کي پنهنجو ضمير ڪنهن بہ فلسفي جي چوديوارين ۾ الجهڻ نہ ٿو ڏئي. هو جڏهن هڪ پورهيت جي جسم ۾ رت جي بجاءِ پيلو پاڻي پسي ٿو جيڪو صدين کان وٺي حسن ۽ خوبصورتيءَ جي مڙني دلربائين کان محروم رکيو ويو آهي، ۽ ساڳئي وقت جڏهن ڪنهن کيت جي منڊيءَ تي، ڪنهن واهہ جي ڪپ تي، ڪنهن حسن و جمال جي مجسمي کي، زندگيءَ جي حسين نقش و نگار کي، ٿوري عرصي بعد هڏن جي ٻي جوڙ ڍانچي مثل ۽ پوائتي شڪل ۾ ڏسي ٿو تڏهن ان جي ڪالهوڪي حسن ۽ اڄ جي قباحت کي قلمبند ڪرڻ کان اڳ هو قدرت جي انهن شاهڪارن سان ٿيل هن هاڃي جي بنيادي سبب سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هو انهن کي ٻي موت مرڻ کان بچائڻ جي جدوجهد ڪري ٿو هو

انهن کي بي موت مرڻ کان بچائڻ جي جدوجهد ڪري ٿو هو سوچي ٿو تہ آئون هن وقت جيڪڏهن فن ۽ هيئيت جي موشگافين ۾ الجهڻ جي ڪوشش ڪندس تہ هيءَ دنيا، هي انساني زندگي، چند چالاڪ طاقتور بگهڙن جي هٿان تباهہ ٿي ويندي“

دوستن جي ڪچهري ختم ٿي، ۽ ان کان پوءِ بيون ڪيتريون ڪچهريون ٿيون، پر لقمان ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. هڪ دفعي آئون هڪ هوٽل ۾ اندر گهڙيس تہ ڏٺم تہ لقمان ٽيبل تي ٽن ڳوناٺن سان گفتگو ۾ مصروف هو. مون تي نظر پوندي هڪدم سڏ ڪيائين. مون چرچو ڪندي چيس:

”وڪالت پاس ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿي ڏنڊو شروع ڪري ڏنو اٿئي ڇا؟“ هنن لفظن ٻڌندي، هن جو چهرو هڪدم ڪومائجي ويو. وراڻيائين:

”ڏنڊي جي لحاظ کان وڪالت پڙهڻ منهنجي مذهب ۾ حرام آهي.“

”پوءِ تہ مائٽن جو خرچ اجايو ويو.“

”مائٽن جي خرچ سجائي ڪرڻ لاءِ ٿي هيءَ راهہ سوچي اٿم. آئون اڄ پئسا ڪمائي پاڻ کي ۽ مائٽن کي تہ سکي رکي سگهان ٿو پر سياڻي اسان جو اولاد انهن ٿي عذابن ۾ ڦهندو جن ۾ اڄ اسين پيڙجي رهيا آهيون.“

”تڏهن تون ڪو وڏو واپار ڪرڻ ٿو گهرين؟“

”هائو آئون هڪ اهڙي واپار جي فڪر ۾ آهيان، جنهن ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ انسان، انسان جي محتاجيءَ کان آجو ٿي پوندو.“ ائين چوندي، هن جي چهري تي خوشيءَ جي لهر ايري آئي.

اسان جي ير ۾ ويٺل ڳوناٺا، ٽيئي هاري هئا، جن کان وڏيرو سندن هارپ جو حصو زوري کٽي ويو هو. هو لقمان کان صلاح پڇڻ آيا هئا.

”هيءَ ٽيئي تنهنجا عزيز آهن؟“ مون لقمان کان پڇيو.

”هائو هر پورهيت منهنجو ڀاءُ آهي_ اڄ دنيا ۾ اهائي عزازت باقي وڃي رهي آهي_ غريب غريب جو ڀاءُ ۽ امير امير جو. بيو جيڪو بہ رشتو يا قرب جو پيوند آهي، ان جو بنياد ڪنهن نہ ڪنهن غرض جي سرزمين تي ٿو اسري“

مون انهن هارين ڏانهن اشارو ڪندي چيومانس: ”هنن کي ڪهڙي صلاح ٿو ڏين؟“

”آئون تہ هنن کي زندگيءَ جي داءَ لڳائڻ جي صلاح ڏيان، جنهن ۾ پنهنجي هٿين سنڌن ئي نفعو آهي يعني جيت تہ جيت، پر هار بہ هنن جي جيت ٿيندي“
پڇيومانس تہ ”ڪيئن؟“
”هنن کي ڏسو.“ پر ۾ ويٺل هارين ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: ”هيءَ ئي جٽا هڪ جي هٿان ڦُرجي هتي پهتا آهن. پر جي هنن تي سان ڳوٺ ۾ تر جا پيا بہ هاري حمايت ۾ اٿي بيهن تہ هوند وڏيري جي گهر وينئي دل ٽٽي پوي. آئون هنن کي اهوئي داءَ سيکارڻ ٿو چاهيان تہ گڏجي جيئو ۽ گڏجي مَرو_ اڄ جي دنيا ۾ اهوئي وڏو واپار آهي.“
ڪلاڪ اڌ جي رهاڻ کان پوءِ مون هنن کان موڪلايو. ويندي مهل چيومانس: ”سنگت کي بنهہ وساري ڇڏيو اٿئي، ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪو پيرو ڪندو ڪر.“
مرڪندي وراڻي ڏنائين: ”پيو ڪير نہ وساري، پاڻ ڪيئن وساريندا سين_ اسين تہ انهي سار سانگي ئي زندگيءَ جي قافلي کي پيا اڳتي ڌڪيون.“
گهڻن ڏينهن کان پوءِ هن وري اسان جي ڪچهريءَ ۾ باقائدگيءَ سان اچڻ شروع ڪيو. ڪڏهن افسانو لکي ايندو هو تہ ڪڏهن ڪو مضمون. هڪ دفعي ڪچهري مان ڪنهن نوجوان چيس: ”تون پنهنجي لکيتن ۾ گهڻو ڪري ڳوناٺو ماحول ۽ ڪردار پيش ٿو ڪرين، جن سان ڪچهريءَ جي بين دوستن جي ڪابہ ڄاڻ سڃاڻ نہ آهي.“ انهن لفظن هن جي دل جي لطيف جذبن کي ڪافي ضربي وڏو هو.
”ڪير ناراض نہ ٿئي، باقي حقيقت ۾ هتي ويٺل سمورا نوجوان انهن غريب ڳوناٺن ۽ پورهيتن جو اولاد آهيون. اڄ جيڪڏهن ڌوبيءَ جو ڌوتل ڪپڙو بدن تي پهري، پاڻ کي انهن جو اولاد چوائيندي عار ڪريون تہ ڀل ڪريون، باقي اصل ڳالهہ سڀيئي ڄاڻون ٿا. معتبر بنجڻ جو مرض اڄڪلهہ عام پئجي ويو آهي.“ لقمان ورندي ڏني.
مون ان وقت سڀني نوجوانن ڏانهن ڏٺو مون کي محسوس ٿيو تہ واقعي اسان سڀني جي منهن جو پنو لهي چڪو هو ۽ اسان منهن جي پڪائي رکيو ڪلندا ٿي رهيا سين.“

❋❋❋

## پيش لفظ :

# ون -يونٽ ۽ سِنڌ متحده محاذ

ون يونٽ جو مسئلو بنگال (اڳوڻو)، سِنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي رهاڪن لاءِ بي حد اهم مسئلو آهي. ان ڪري لازمي هو تہ هڪ اهڙي تصنيف پيش ڪئي وڃي، جنهن ۾ انهي مسئلي متعلق، خاص طور سنڌي قوم لاءِ، صحيح رهنمائي موجود هجي. اهو تاريخي فرض، محترم جي. ايم. سيد ئي وڏيڪ خوش اسلوبي سان سرانجام ڏيئي سگهيو ٿي، جنهن شروع کان ئي ون يونٽ جي مخالفت جي پاداش ۾ سالهاسال نظربندين، جيلن ۽ بين ازين قسم جي ذهني ۽ روحاني اذيتن ۽ عذابن برداشت ڪندي، ون يونٽ جي مخالفت پنهنجو ايمان پئي ڄاتو آهي.

هن ڪتاب ۾ ون يونٽ ڪي وجود ۾ آڻڻ واري ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، جن سازشي ۽ بيجا طريقن تي عمل ڪندي شامل صوبن (خاص طور سِنڌ) کي اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي طور صريحن نقصان ۾ وڌو ويو آهي، تنهن جي مختصر لفظن ۾ اپٽار ڪيل آهي. هر اهو محب وطن، جنهن جي دل ۾ پنهنجي قوم ۽ سرزمين سان گڏوگڏ ٻين مظلوم قومن جي حق خوداراديت ۽ سندن جداگانہ علائقائي حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ دل ۾ صالح جذبو ۽ ايمان آهي. ان لاءِ هيءَ ڪتاب پڙهڻ ۽ دل سان هنڊائڻ ۽ ان جي استدائن تي عمل ڪرڻ لازم بلڪ اولين فرض آهي.

ڪتاب جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ متحده محاذ جي ڪارڪنن ۽ همدردن لاءِ هيءَ ڪتاب هڪ نصابي سياسي ڪتاب جي اهميت رکي ٿو. مثلن، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ ڪهڙا بنيادي شرط سامهون رکجن؟ ڪهڙيون سياسي تحريڪون انهي معاملي ۾ تعاون ڪنديون ۽

ون يونٽ کي ڪهڙن ڪهڙن بيجا رستن سان هڪ نه ٻي صورت ۾ قائم رکڻ جون لاءِ حاصل ڪوششون ڪيون پيون وڃن وغيره، وغيره.

اميد آهي ته هيءَ ڪتاب انهن سمورين ڳالهين کي سمجهڻ ۽ سِنڌُ جي قديمي جداگانه علائقائي حيثيت کي بحال ڪرائڻ لاءِ، هڪ مشعل راهه طور ڪم ايندو.

**ابن حيات پنهور**
سيڪريٽري
سِنڌُ متحده محاذ.
_12، نومبر:1969ع.

ياز جي مخالفت واري دور دوران اسان جتي ڪٿي اياز جي شاعريءَ ۽ فڪر جي دفاع ۾ ڳالهايو. اها بڪواس آهي تہ ڪو اسان اياز کي بچائڻ لاءِ سندس شاعريءَ منجهان روحاني عنصر ڳڏ ڪري حڪومت کي موڪليا. اها ڳالهہ جيڪو بہ ڪري ٿو سا نظرئي سان منافقت ٿو ڪري "انڌا اونڌا ويچ" اياز جي شاعري، فن ۽ فڪر جي دفاع ۾ لکيو ويو هو. نہ ڪي ڪيس ملو ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪيتريون ئي ڪوششون ٿيون:

## مهاڳ:

### انڌا اُونڌا ويچ

چاپو: پهريون، جولائي: 1967ع.

***اديب*** جو مکيہ ڪم آهي ادب تخليق ڪرڻ. پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو وقت بہ ايندو آهي جو رڳو ادب تخليق ڪندو رهڻ ئي ڪافي نٿو رهي. بلڪ اهو ضروري ٿيو پوي تہ اهو ڪم ڇڏي پهريائين ڪو ٻيو ڪم ڪجي. اهڙا وقت تڏهن ايندا آهن، جڏهن قلم ڪان لکڻ جو حق کسڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون آهن. جڏهن اهڙو منحوس وقت اچي، تڏهن اديب جي قلم جو سڀ کان وڏو، سڀ کان پهريون ۽ مقدس فرض اهو آهي تہ هو پنهنجي پيدائشي حق جو بچاءُ ڪري، ان لاءِ لڙي، ۽ حملو ڪندڙ جي هٿيارن کي مڏو ڪري.

جيڪڏهن ڪو اديب ائين نہ ٿو ڪري، تہ ان جو مثال ان هاري وانگر ٿيندو جيڪو پنهنجي فصل کي جانورن هٿان پيلجندو پيو ڏسي، پر چپ ڪيو رونبي ۾ لڳو پيو آهي، ۽ چوي ٿو "منهنجو اصل ڪم آهي فصل پوکڻ ۽ لڻڻ، تنهن ۾ لڳو پيو آهيان، باقي جانورن کي تڙي ڪيڻ سان منهنجو ڪهڙو واسطو!"

ڪن جو خيال آهي تہ هر ڪو پنهنجي جزا سزا لوڙيندو ڪو اڳرائي ڪري، تہ ان سان ان جهڙو نہ ٿجي. جيڪڏهن ذاتي معاملن ۾ ايئن ڪري سگهجي تہ ڏاڍو چڱو. پر جتي سڄي قوم جو نقصان ٿئي، ڪنهن اعليٰ مقصد کي ڇيهو رسي، تڏهن ”هو چونئي، تون م چئو“ واري هلت نہ رڳو نامناسب آهي، پر نهايت قوم دشمن بہ آهي. اها فراخدلي نہ، پر قوم سان، پنهنجي وطن سان، پنهنجي اعليٰ مقصد سان بيوفائي بلڪ غداري ٿيندي، جو اهڙي حالت ۾ ڇپن کي چونو لائي ويهي رهجي.

اديب کي پيار ۽ محبت جو علمبردار ٿيڻ کپي. پر خود ان محبت جي تقاضا آهي تہ جن شين سان هو پيار ۽ محبت رکي ٿو تن سان وير رکندڙن سان نفرت ڪئي وڃي. جنهن کي سونهن، سچ ۽ حق جي ويرين لاءِ نفرت ۽ ڌڪار نہ آهي، سو چئبو تہ سچو پچو پيار نہ ٿو ڪري. اهڙي قسم جي نفرت ۽ ڌڪار کي مقدس سڏيو ويو آهي.

ڪجهہ سال اڳي، جديد سنڌي ادب خلاف هڪ نهايت خطرناڪ ۽ گمراهہ ڪندڙ مهم شروع ڪئي وئي هئي. سنڌي عوام کي جاهل رکڻ، کين پنهنجن سجاڳ ۽ هڏ ڏوکي اديبن کان بدظن رکڻ لاءِ مڪر، فريب، بهتان طرازي ۽ چغلخوريءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ويا.

ان صورتحال جي سنگين نتيجن کي محسوس ڪري، محترم رسول بخش پليجي روزانہ ”خادم وطن“ ۾ انهن حملن جا جواب ڏنا. اهي معمولي ڦير گهير سان اوهان جي اڳيان موجود آهن.

بحث مباحثو برو بہ آهي تہ سنو بہ. گهٽ ۾ گهٽ هن بحث مان ايترو فائدو ٿيو جو ”انڌا اونڌا ويڄ“ جهڙي بيمثال شيءِ پيدا ٿي.

هيءَ ڪتاب سنڌ جي هڪ هڏ ڏوکي، وطن دوست ۽ دلير اديب جي وسيع مطالعي، ان ادبي سوچ ۽ شوخ قلم جو شاهڪار آهي. هيءَ هڪ پنهنجي ليکي نرالي ادبي صنف آهي جنهن تي في الحال ڪو بہ نالو رکڻ ممڪن ڪونهي. انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ جڏهن پڙهندڙن کي پڙهي ختم ڪندو تڏهن ذهني طور پاڻ کي بلڪل هڪ نئون ماڻهو محسوس ڪندو.“

ان سلسلي ۾ مون ”سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب“، ون يونٽ دوران جديد سنڌي ادب کي ڪفر الحاد ڪوٺيندڙ قوم ۽ عوام دشمن سازشن

بابت وضاحت سان لکيو ون يونٽ خلاف بغاوت ۽ جدوجهد جي دور ۾ اياز جي شاعريءَ پرنديءَ تي تيل جو ڪم ڏنو:

آءَ پٽائي گهوٽ سنڌڙي تي توکي سڏي،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
آءَ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍين کي ڏاري وڃهون!

اهو شعر، منهنجي گهرواريءَ ڪاري ڪپڙي تي اڇي پرت سان وڏي پوسٽر طور لکيو هو، جيڪو جهمپير واري دور ۾ هميشہ اوطاق ۾ لڳو پيو هوندو هو.

سِنڌُ ۾ هلچل ۾ هڪڙو هو حيدر بخش جتوئي، ٻيو آئون ۽ ٽيون هوندو هو حفيظ قريشي. مکي واري ڍنڍ جي پاسي زمينون ڏنن. هارين ڏانهن ڪوڪونہ تي ويو. جتوئي اوڏانهن ويو. حفيظ ڪيس جهليو پر هيءَ ڪيس بہ ملامت ڪري وني ويو هو. اُتي هن وڃي ڳالهايو. آئون مکي تہ پوءِ ڏسڻ ويس، جڏهن سانگهڙ ۾ هئس. فوجين هنن جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي، مير غلام علي... لکين ايڪڙ زمين فوجين کي ڏئي ڇڏي، فوجين جي نوڪرن کي ٻہ ٻہ سو چار چار سو ايڪڙ ڏنا ويا! پٽي... فوجين کي وڏيون جاگيرون ڏنيون.

***

ان دور ۾ قومي گيتن تي مشتمل ڪتاب ”قومي گيت“ مرتب ڪيم، جنهن ۾ سِنڌُ جي ڪلهوڙا دور کان وٺي، هن دور تائين جي ناليوران شاعرن جا قومي گيت سهيڙيم:

## ڪتاب جو مهاڳ:

## قومي گيت

**اها** هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ شعر ۽ ادب، انساني تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي معاشري جي ترجمانيءَ سان گڏ ان جي صحيح رهنمائي پڻ ڪئي آهي. هيءَ قومي گيتن جو مجموعو بہ انهيءَ ساڳي حقيقت جو حامل آهي. لطيف کان وٺي اسان جي هن اڄوڪي دور تائين، جن بہ شاعرن وطني محبت جي جذبي هيٺ، پنهنجي سرزمين کي دعائيہ ۽ نعتيہ انداز ۾ ڳايو آهي، انهي گنج مان ڪجهہ ڪٺا سهيڙي، اهل سنڌ جي حضور ۾ پيش رکي رهيا آهيون.

بدقسمتيءَ سان اسان جي مادر وطن جي تاريخ هميشہ ايئن پئي رهي آهي تہ ان تي آڏي مانجهي، هتان هتان کي نہ کي غاصب ۽ حملي آور پنهنجن ناپاڪ مقصدن جي سرانجامي خاطر حملا ڪندا، وطن عزيز جي آزاديءَ تي وار ڪندا ۽ ان جي نعمتن کان سندس حقي وارثن کي محروم رکندا پئي آيا آهن_ ڪامل آزادي جيڪا هر سرزمين ۽ ان جي رهواسين جو فطري حق آهي، تنهن کان گهڻو عرصو اسان جا وڏا توڙي اسين پاڻ بہ محروم رهيا آهيون.

اسان جي سرزمين جي هيءَ خوشقسمتي آهي تہ اسان هر ٻاهرئين جبر ۽ اقتدار کي قبول ڪرڻ بجاءِ سخت نفرت سان ڏنو آهي. اهڙي حالت ۾ اسان جي روح ۽ روح ۾ آگ جا الا تي ايري آهي ۽ آخر سيني حق ناشناس ۽ انڌين قوتن کي، منهن جي کائي، تڏجي، واپس موٽي وڃڻو پيو آهي، يا هن

سرزمين جي خاڪ سان ملي، پنهنجي اجنبيت متاثي پيئي آهي ۽ اسان سانڍ اسان جهڙو تي رهٺو پيو آهي.

هيءَ مجموعو هڪ اهڙي دور جي سهيڙپ آهي، جڏهن اسان کي وڏن وڏن نعرن سان پنيلائي، اسان جي هر پياري چيز کي ڳڙڪائڻ جي سازش ڪئي ويئي هئي. اسين انهي سازش (ون يونٽ) جي نتيجن کان سجاڳ هئاسين، پر مڪمل ايڪي ۽ اتحاد نہ هئڻ سبب (55ع کان 1969ع تائين) ان گهاٽي ۾ پيڙبا رهياسين. اسان جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن پنهنجي قوم ۽ سرزمين جي اهڙي افسوسناڪ حالت کي پروڙيندي، پنهنجي فن ۽ ڏات وسيلي پنهنجي اندر جي اڌمن جو جيڪو اظهار ڪيو تنهن آخر رنگ لاتو ۽ اسان جي نئين ۽ صالح پراڻي رت کي غفلت جي ننڊ مان جهنجهوڙي، سجاڳ ڪري، ميدان تي آندو ۽ کين پنهنجن قومي حقن جي حاصلات لاءِ، هر قرباني ڏيڻ تي آماده ڪيو.

هنن قومي گيتن جي سهيڙپ جو سهرو محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب جي سر تي آهي، جنهن صاحب بزم صوفياء سِنڌ واري دور ۾ اهو ڪم محترم شيخ اياز محترم تنوير عباسي، محترم رشيد ڀٽي ۽ منهنجي حوالي ڪيو هو. هيءَ انهي سهيڙيل مواد جو پهريون حصو آهي، ان کان پوءِ انهي سلسلي جا باقي حصا بہ موقعي سارو شايع ڪيا ويندا.

اسان کي پنهنجي قوم جي سجاڳ فردن ۾ وڏي اميد آهي تہ هو اسان سان هن سلسلي ۾ هر طرح جو تعاون ضرور ڪرڻ فرمائيندا.

جيئي سِنڌ!

**ابن حيات پنهور**

## پيش لفظ :

# سُوري جنين سيج

(جولس فوچڪ جي خود نوشت ڊائري)

اچو تہ سوچيون!

اهي مٿيان لفظ، چيڪ قوم جي هڪ اهڙي بهادر ۽ عظيم فرزند جا آهن، جنهن کي انساني تاريخ ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي. 24، مارچ 1943ع جو منحوس ڏينهن، حيواني قوتن جي انتهائي ظلم ۽ تشدد جي ملامت جوڳي ساز سامان سان، چيڪ قوم جي هن عظيم فرزند ۽ محبوب ساٿي، جولس فوچڪ، تي هڪ ڀيانڪ اونداهي رات جيان ڇانئجي ويو. جرمنيءَ جي انڌي نازي قوت، پنهنجي پوري حيواني گهمنڊ ۽ غرور سان هن سورهيہ سرويچ کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي، خوش ٿي رهي هئي. نازين کي اها ڪل ئي ڪانہ هئي تہ اسان جي هن اجوڳ ۽ ڪارمنهائي واري فصل تي، چيڪ قوم جو هر هڪ غيور ۽ بهادر فرزند ڇرڪي اٿندو ۽ فوچڪ هڪ دلير محب وطن جي حيثيت ۾، ڪنهن هڪ قوم جي هيرو بنجڻ بجاءِ، سڄي دنيا جي سجاڳ قومن ۽ مظلوم عوام لاءِ فخر جو باعث ۽ نشان راهہ ثابت ٿيندو.

سجاڳ قومن جي تاريخ هميشہ اهو ئي پئي ثابت ڪيو آهي تہ هو ڪنهن ٻاهرئين دٻا ۽ ظلم ۽ جبر جي ڪري مجموعي طور مري ڪين وينديون آهن، پر منجهن سندن ماضيءَ جون ڪي اهڙيون شاندار حقيقتون ۽ اعليٰ روايتون بہ هونديون آهن، جيڪي وقت ۽ حالات جي ڪيتري بہ لٽ ۽ دز هيٺيان دٻجڻ جي باوجود باهہ جي چڻنگن جيان دکنديون رهنديون آهن، ۽ اهي ڪنهن بہ وقت سڻائي وا لڳندي، ڀڙڪي

پنيٺ ٽيڻ ۾ ڪابه دير ڪانه ڪنديون آهن.

نازين، چيڪوسلو ويڪيا جي سرزمين تي پنهنجا ناپاڪ قدم رکندي، چيڪ قوم کي دائمي غلاميءَ ۾ جڪڙڻ لاءِ سندن هر چيز کي هضم ڪرڻ شروع ڪيو. فوچڪ جون سجاڳ نگاهون نازين جي انهن ناپاڪ حرڪتن کي ڏسي رهيون هيون. هن محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هن قيامت خيز دور ۾ به چيڪ قوم جون مجموعي طور اکيون نه کليون ته هو دائمي طور غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي وينديءَ هو پوءِ گمنامي ۾ رهندي، قومي تحريڪ طرفان نڪرندڙ ڪيترين اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت پنهنجا ليک شايع ڪرائيندو ۽ پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪندو رهيو. هو انهن ڏينهن ۾، پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو:

اسين پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ سان پيار ٿا ڪريون، انهي ڪري ان کي آزاد ڏسڻ گهرون ٿا.

"اسان کي پنهنجي ملڪ سان محبت آهي، ان ڪري اهڙي صورت حال ڪڏهن به ڏسڻ گوارا ڪين ڪنداسين ته فقط آگرين تي ڳڻڻ جيترا دولتمند ۽ اقتدار جا مالڪ، ملڪ جي وڏي اڪثريت کي لٽين ۽ ڦرين."

فوچڪ پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾، جڏهن نازين، چيڪو سلوويڪيا کي اقتصادي ۽ سياسي طور تباهه ڪرڻ جي باوجود چيڪ قوم کي گمراهي ۾ رکڻ ۽ پنهنجي ظلم ۽ ڦرلٽ کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙي پروپئگنڊا ۽ اشتهار بازيءَ کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو تڏهن فوچڪ سندن اهڙي مڪاري جي قلعي کولڻ لاءِ قلم کنيو. هن لکيو ته:

چيڪو سلو ويڪيا جي سرڪاري اخبارن، اشتهار بازيءَ جي ٻين طريقن ۽ پبلڪ جاين تي عوام جي خوشحالي ۽ ملڪي بهبوديءَ جا لڳايل ڪوڙا پوسٽر پڙهندي، ڪنڌ شرم کان جهڪي ٿو وڃي. انهن ڏانهن نظر ڪندي، ائين محسوس ٿيندو آهي ته هنن پروپئگنڊا ڪندڙن جي

سيني مان جڻ تہ ڪنهن هٿ ونيءَ انساني دل ڪڍي، پٿر جا ٽڪر رکي ڇڏيا آهن...“

هن ڪتاب ۾ چيڪ قوم جي دلير ساٿيءَ جي زندگيءَ جو مختصر خاڪو پيش ٿيل آهي، جيڪو هن پاڻ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رهندي، ۽ ڦاسي اچڻ کان چند گهڙيون اڳ لکي پورو ڪيو.

هيءَ ڪتاب، ”ڪينجهر اشاعت گهر“، طرفان پهرين اشاعت آهي. هن کان پوءِ وقت بوقت اداري طرفان دنيا جي مختلف قومن جي آزادي ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابين متعلق ادبي ۽ معلوماتي ڪتاب شايع ٿيندا رهندا.
نومبر: 1967ع.

## پيش لفظ :

# آمريڪي شاعر ڊان ويسٽ

”ڊان ويسٽ“ ۾ جنهن خلوص، محبت ۽ پاڪ جذبن جي جهلڪ نظر اچي ٿي، ان کي نهاريندي ۽ مٿس پيش لفظ لکڻ جو خيال ڪندي، منهنجي آڏو ڪيترن ئي قسمن جا سوال اچيو رنڊڪون ۽ رڪاوٽون پيدا ڪن___ ” ڪيئن لکان؟ ڇا لکان؟“ ___ جڏهن انهي لکڻ لاءِ ساڳئي محبت ۽ قرباني جي ضرورت آهي. ہي صورت ۾ هڪ نهايت ئي بي ادبي ۽ گستاخي ٿيندي، جو آئون هن ادبي شهپاري تي ڪي ويهي لکان!

”ڊان“ اڄ جي هن ويهين صديءَ جو هڪ عوامي، انقلابي ۽ باغي شاعر آهي، جنهن مظلوم طبقي جي زندگيءَ کي پنهنجي فڪر جو بنياد بنائي، انسان دوستي ۽ حق شناسيءَ جو اهم فرض ادا ڪيو آهي. سچ پچ تہ ”اداره انسانيت“ هن ڪتاب جي پيش ڪندي جيترو بہ فخر ڪري بجا آهي. اميد آهي تہ هن ادبي شهپاري کي پڙهندي ۽ پروڙآيندي، اسان جي سنڌي اديبن صاحبن کي پنهنجي اوٽاين جي ڪافي پروڙ پوندي تہ پاڻ جيڪي ڪجه پيش ڪري رهيا آهن، ان ۾ عوامي طبقي جي ترجمانيءَ سان گڏ زندگيءَ جي بدلائڻ ۽ بهتر بنائڻ جي ڪيتري رهبري ۽ رهنمائي آهي.

ڪيترن سالن کان پورهيت طبقي جو هيءَ محبوب رهنما، آمريڪي گورنمينٽ جي ظلم جي چڪي هيٺ پيڙهجڻ ۽ پيسجڻ جي باوجود، نت نون ظلمن جو شڪار ٿيندو رهي ٿو. انهي هوندي بہ هو خاموش نہ آهي، هن جو آواز اڄ بہ لوهين سيخن ۾ بند هوندي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ محشر خيز طوفان آڻي رهيو آهي. اهوئي هڪ سبب آهي جو آمريڪا جي ”جمهوريت ۽ آزادي پسند سرڪار“، اتان جي لکها ڙين ۽

مزدورن جي ڪيترن ئي احتجاجن جي باوجود هڪ منٿ بہ جيل جي چوديوري مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار نہ آهي.

آخر ۾ آئون هنن لفظن چوڻ ڪان رهي نہ ٿو سگهان تہ ”ڊان ويسٽ“ جي عقيدت ۽ محبت، مون کي پنهنجي اڻ ڏٺل دوست، احسان بدوي، جنهن ڪافي عرق ريزي ۽ دماغ سوزي پڄاڻان، هن عوامي ۽ ادبي شهپاري کي سنڌي زبان جو چولو ڍڪائي، بنا عيوض ۽ اجوري منهنجي حوالي ڪري، هميشہ لاءِ پنهنجو ٿورائتو بنايو.

(ڇپائيندڙ: اداره انسانيت، سال: 1952ع.)

## پيش لفظ :

# اڪرُيون اُجايون

ڪجه عرصو اڳ، محترم محمد دائود بلوچ جو "انصاف ڪٿي آهي؟"، جي نالي سان افسانن جو هڪ مجموعو پيش ٿي چڪو آهي ـــــ انصاف جي ڳولا ڪندي، پاڻ ڪهڙي نقطي تي پهتو تنهن جي ته ڪيس ئي ڪل هوندي، پر ان ڪان اڳ انصاف متعلق هڪ وزنائتي ڳالهه ڪرڻ منهنجي خيال ۾ بيجا نه ٿيندي ـــــ " چون ٿا ته جنهن ڏينهن ٻئي جي پورهئي تي پلجڻ جي انسان کي اتڪل آئي، بنهه ان ڏينهن، انصاف جي پکيءَ کي جهلي، پر کوهي، لوهي سيخن ۾ ڪٽي قيد ڪيائونس. هن ڳالهه کي جڳن جا جڳ گذري ويا آهن، پر هو اجان انهن ئي سيخن اندر آهي؛ ۽ اڄ پاڻ تهائين وڌيڪ مٿانئس ڪتريءَ جي بي رحم ۽ زنگ آلود تلوار لٽڪندي ٿي رهي."

"اڪرُيون اجايون" به ساڳئي سلسلي جي ٻي ڪڙي آهي. هن مجموعي ۾ ڇا پيش ڪيل آهي، ۽ اهو ڪيتري قيمت ڪٿڻ لائق آهي؟ منهنجي خيال ۾ انهي فيصلي جو حق، عام پڙهندڙن کي ئي زياده جڳائي ـــــ بدقسمتي چئجي جو اسان جي معاشري ۾ لکندڙ توڙي پڙهندڙ ٻنهي ڌرين ۾ باهمي فرائض ۽ جوابدارين جو احساس ئي پيدا نه ٿيو آهي ـــــ جيڪي وٽي سو لکجي، ۽ جيڪي ملي سو پڙهجي؛ پوءِ پيل ديو مالها جون ڪهاڻيون، ديون پرين جا قصا، قسمت ۽ نصيب جي واويلا، گل ۽ بلبل جا نغما، ساغر ۽ مينا جي جهنڪاريا جنسي ۽ ذهني موشگافيون ئي ڇو نه هجن!

انهن چيزن جي پنهنجي پنهنجي دور ۾ پل ڪيتري به اهميت

هجي، پر اڄ هن سائنسي دور ۾ هر گھڙي زندگيءَ جي نت نين تقاضائن واري ماحول ۾ اهڙو ادب پيش ڪرڻ، پڙهندڙن کي هٿ وٺي گمراهه ڪرڻ جي برابر آهي. هڪ اديب ۽ دانشور جي قلم مان، پڙهندڙ جي ذهن ۾ واڌارو نه ٿيو، زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ صالح جذبا نه اُڀريا، ۽ ان جي پنهنجي اکين آڏو ٿيندڙ سماجي بي انصافين ۽ ٻين انيڪ اوڻاين جا بنيادي محرڪ سمجھه ۾ نه آيا، ته پوءِ ائين ٿي چئبو ته پيٽ ڪان وانجي ڪتاب تي خرچ ڪيل چار پئسا سڄايا نه ٿيا.

هڪ فنڪار جو تخليقي عمل جڏهن تحريري صورت ۾ عام منظر تي اچي ٿو تڏهن اهو انسان ذات جي ذاتي ميراث آهي. هن جي کَري کوٽي هئڻ جي ڪسوٽي به ان جي عام افاديت تي ئي دارومدار رکي ٿي.

ادب شروع کان زندگيءَ جو سرچشمو رهيو آهي، جنهن مان انسانيت هر دور ۾، وقت ۽ حالات مطابق زياده حسن ۽ زياده نکار حاصل ڪندي رهي آهي. ۽ اڄ ته پاڻ اڳئين کان به وڌيڪ ادب جي شهه زور گھوڙي جو ميدان، زندگي ۽ ان سان قريبي تعلق رکندڙ مسئلن سان وابسته ٿي چڪو آهي.

اسان جي اجوڪي هيءَ سائنسي دنيا، وقت ۽ فاصلي جون بندشون ڪٽيندي، ڏينهون ڏينهن پاڻ ۾ سموهبي، هڪ گھر ۽ عالمگير برادريءَ جي بشارت پئي ڏئي، تنهن ته هيڪاري ادب کي وڌيڪ اهميت بخشي آهي. ڪنهن زماني ۾ دنيا جون قومون پنهنجي بچاءَ ۽ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ تلوار تي ناز ڪنديون هيون، پر اڄ اهو دور نه آهي_____ انسان جي خود شناسي ۽ خود اعتماديءَ واري پائدار جذبي، هڪ انسان جي هٿان ٻئي انسان جي تباهي ڏسندي برداشت نه ڪئي. جنهن ڪري اڄ تلوار تي ناز ڪندڙن خلاف، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شديد نفرت جو اظهار ٿيندو ٿو رهي. انهي نفرت جو اظهار ڪرڻ، يعني نيڪي سان پيار ۽ بدي جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ، اديب جي ئي همت ۽ حوصلي تي مدار رکي ٿو.

افسانہ نگار پنهنجي معاشري جو تعارف ڪرائيندي، عام ڪردار کي وقت ۽ حالات جي، ستمر ظريفين ۾ اهڙو تہ جڪڙيل محسوس ڪرائي ٿو جو سندن همت ۽ حوصلي تي حيرت ٿي وڃي. انهي عبرت انگيز مايوسيءَ ۾، ڪٿي ڪٿي روشني جو ڪرڻو بہ نظر اچي ٿو ۽ پوءِ ان ڳالهہ ۾ وڏيڪ ايمان پختو ٿو ٿئي تہ انسانيت جو جوهر ڪڏهن بہ ختم ٿيڻو نہ آهي___ ڀل هزار آنڌيون اچن ۽ طوفان لڳن!

سماجي مشاهدي دوران اديب جي دل تي جيڪي گذريو آهي، ان کي ظاهر ڪرڻ ۾ هن ڪابہ هٻڪ نہ ڪئي آهي. انهي ڪري هو ڪٿي ڪٿي فن جي بيجا حد بندين کان بي نياز ۽ تنقيد کان لاپرواهہ نظر اچي ٿو.

ادبي افاديت جي لحاظ کان، هيءَ هڪ اهڙي اعليٰ خصوصيت آهي، جنهن وسيلي مردار معاشري ۾ زندگيءَ جو احساس پيدا ڪري سگهجي ٿو. دراصل اسان جي ادب ۾ انهي ڳالهہ جي نهايت اهم ضرورت آهي. هن سلسلي ۾ مون کي ٽئگور جي شعر جو هڪ بند ياد ٿو اچي تہ جڏهن ڪمان تير کي اُڇليندي چيو.

"وڃ، تنهنجو پرواز منهنجي آزاديءَ جو علمبردار آهي."

(1964ع، ڇپائيندڙ: "منصور پبليڪيشن"، حيدرآباد سنڌ.

## ادارتي نوٽ:

# سچ جو سڏ

”سچ پبليڪيشن“ جو ڇپايل ٻيو نمبر ڪتاب، ”سچن تي سختيون“ ، اوهان جي آڏو آهي: جيتوڻيڪ سچ جي شروعات نماڻي، نهتي ۽ ڪڙي پاسندي آهي، پر پوءِ جڏهن سچ پنهنجي اوج ۽ عظمت کي رسندو آهي، تڏهن روشن سچ جيان هر اوندهہ هر انڌڪار کي هٽائي، پنهنجي نوراني ڪرڻن سان ڌرتيءَ جي ذري ذري کي منور ڪري ڇڏيندو آهي.

اسان جي هن نماڻي ڪوشش جو بہ فقط اهوئي مقصد آهي، سچ جي هن مشعل سان سنڌ جي پورهيت ۽ اٻوجهه عوام جي دلين ۾ حوصلي ۽ همت جو سهائو پيدا ڪريون ۽ کين پنهنجي دکدائڪ ۽ مصيبتن گاڏڻين زندگيءَ جو صحيح احساس ڏياريون. اڄ هر انسان تي اهوئي مقدس فرض آهي تہ هو ظلم، ڏاڍ ۽ ڦرلٽ جي جوڳي سرشتي کي، نگهوسار ڪرڻ لاءِ پنهنجي تن، من ۽ ڌن جي قرباني ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪري. ڪائنات جي سرجڻ کان وٺي اڄ تائين انسانذات پاڻ مٿان اهوئي عظيم فرض پئي ڄاتو ۽ نباهيو آهي. انهي کان وڌيڪ انسان ذات جو ٻيو ڪوبہ اعليٰ ڪارج ٿي نہ ٿو سگهي.

”سچ پبليڪيشن“ جا پيارا پڙهندڙئو! اسان هيءَ مشعل اوهان سينيءَ جي دلي تعاون ۽ سهاري کي سامهون رکندي، ٻاري آهي: ڇاڪاڻ تہ هيءَ اسان سينيءَ جي اندر جو آواز آهي، سيني مظلوم دلين جي دانهن آهي. اچو تہ سيئي مظلوم گڏجون، پنهنجي اندر جي آواز ۽ پنهنجي اکين جي مشاهدي کي، سچ جي سهاري سان اڃا بہ وڌيڪ روشن ڪريون.

اسان جو بنيادي مقصد، سِنڌُ جي پورهيت عوام ـــ هارين، مزدورن ۽ وچولي ڪلاس کي سجاڳ ڪرڻ آهي: جيڪي عرصي کان بلڪ زمانن کان وٺي قسمت، نصيب ۽ ڏنڊي جي آڙ ۾ سدائين ڳهبا ۽ پيسبا رهيا آهن: جن کي قدرت جي لازوال ۽ اڻاهه نعمتن کان هميشه محروم رکيو ويو آهي: جن کي موت کان پوءِ آخرت جي خوشفهمين ۾ گمراهه رکي، سندن رت ۽ ست سان هر چالاڪ ۽ ڏاڍي من مانيون پئي ڪيون آهن. اچو ته انهن فريبن ۽ دوکيبازين تي نئين سر سوچيون.

”سچ“ جا پيارا پڙهندڙوا هيءَ سرزمين اسان جي پنهنجي آهي، هن جي ذري ذري تي اسان جن وڏن جي خون ۽ پگهر جا نشان آهن ـــ هيءَ سرزمين اسان کي پنهنجن وڏن کان ورثي ۾ مليل مقدس امانت آهي، جيڪا هڪ ڏينهن اسان کي پنهنجي پونير کي حوالي ڪرڻي آهي. تنهنڪري ان جي بچاءَ، بقاءَ ۽ سندس اڳوڻي حيثيت کي برقرار رکڻ لاءِ، اسان کي ڪابه طاقت روڪي نه ٿي سگهي. سِنڌُ جي اجوڪي حالت اسان جي پنهنجي بي اتفاقي جي ڪري آهي. تنهن ڪري اچو ته گڏجي پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪريون ـــ فقط اهو ئي هڪ ذريعو آهي، جنهن وسيلي اسان پنهنجي ڌرتي ماءَ جي عزت ۽ آزاديءَ کي قائم رکي سگهنداسين.

ـــ جيئي سنڌ! سدا جيئي!

(مرتب: ”سچ پبليڪيشن“، ميرپورخاص، ـــ جنوري: 1868ع.)

## ادارتي نوٽ:

# سچ ڊائجسٽ

گذارش:

”سچ ڊائجسٽ“ جا پڙهندڙ!توهن وقت اوهان ۽ اسان سينيءَ جي اڳيان اهم مسئلو هي آهي تہ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين لاءِ اهڙن اميدوارن چونڊائڻ جي ڪوشش ڪريون، جيڪي اڳتي هلي هارين جي حقن جي حفاظت سان گڏوگڏ سنڌ جي وڏ ۾ وڏ علائقائي خودمختياريءَ لاءِ همت ۽ جرعت سان جدوجهد ڪن.

ماضيءَ جو تجربو اسان جي سامهون آهي تہ سنڌ جي دولتمند طبقي (جاگيردارن، ميرن، پيرن ۽ زميندارن) اڄ تائين وطني ۽ قومي غيرت جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري، فقط پنهنجي ذاتي مفادن خاطر ”جيءَ حضوريءَ“ جو پارٽ ادا ڪيو آهي. نتيجي ۾ سنڌ جون زمينون، سنڌ جون نوڪريون، سنڌ جا ڪارخانا، سنڌ جو واپار ۽ ٻي هر چيز جنهن تي فقط اسان جو ئي حق آهي، ان تي اڄ هر آئي وئي ۽ ٻاهرئين جو قبضو آهي، ۽ اسين اصلي مالڪ، ڌارين جي رحم وهيٺا بنجي چڪا آهيون. لطيف سائينءَ جي هن بيت موجب ائين چئجي:

سَر اُهي ئي ساڳيا، پڪي ٻيا پيا،
جن لَميو لاتيون ڏنيون، سي ويچارا ويا،
پاتوندر پيا، وچي ڪينجهر ڳنڌئين!

اڄ اسان جا حق اهڙن پاتوندرن جي هٿ وس آهن، جن کان واپس

موٽائي ونڻ ۾ پنهنجا پلئہ ڇڏائڻ مشڪل مسئلو بنجي پيو آهي. سِنڌُ ڪي اها خود مختياري اجا نہ حاصل ٿي آهي، جيڪا ان جو حق آهي يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيڪا ڏارين حڪمرانن يعني انگريزن جي حڪومت وقت حاصل هئي ـــــ اسان جا اهي پائر جيڪي سمجهن ٿا تہ ون يونٽ ٽٽي چڪو آهي ۽ سِنڌُ کي پنهنجا حق واپس موٽي مليا آهن، اهي يا تہ پليل آهن يا ائين چجي تہ اهڙيون ڳالهيون ڪندڙ سنوان سڌا ٻاهرين جا دلال آهن. هو اهڙيون ڳالهيون ڪري، ڌارين سان سازباز ٿي، پنهنجي قوم کي وري ڪن ٻين زنجيرن ۾ جڪڙڻ گهرن ٿا.

اسان سينيءَ کي هن وقت گڏجي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اهڙن ماڻهن کي ووٽ ڏيون، جيڪي پورهيت طبقي جا خادم هجن ۽ جن پنهنجون حياتيون غريبن جي ڀلائي، سِنڌُ جي قومي ۽ علائقائي آزادي خاطر جدوجهد دوران هر امتحان، هر آزمائش ۾ هر مصيبت مان گذرندي، پنهنجي ذاتي مفاد جي ڪاٻہ پرواهہ نہ ڪئي هجي. اهڙا ماڻهو ئي اڳتي، اسيمبلين ۾، پنهنجي قوم ۽ سرزمين جي مفادن لاءِ لڙندا ۽ پنهنجي ضمير جي آواز جو وڏي جرعت سان اظهار ڪندا رهندا.

پورهيت ڀائروا هيءَ ڪا پهرين اليڪشن نہ آهي، هن کان اڳ اوهان ڪيترين ئي اليڪشنن ۾ پنهنجا ووٽ ڏيئي، دولتمند ماڻهن کي ڪامياب ڪيو. ڪين وزارتون ڏياريون ۽ ڪرسين تي ويهاريو. پر موٽ ۾ هنن اوهان کي ڇا ڏنو؟ سڀ معلوم اٿوا اڄ بہ اوهين اهي ئي بکيا، اهي ئي انگ اگهاڙا ۽ هر ڏاڍي جي ظلم جو شڪار آهيو ـــــ اوهان جا ٻچا علم کان محروم آهن. اوهان جو ٿوري گهڻي تعليم ورتل اولاد نوڪري لاءِ واجهائي ٿو. اوهان جي صحت ۽ سلامتي لاءِ ڪوبہ بندوبست ڪونہ آهي. زميندار طبقو اڄ بہ اوهان کي زمينن تان هارپ جي حق کان بيدخل ڪندو رهي ٿو. اڄ بہ اوهان کي جيلن ۾ بيگناهہ بند ڪرڻ لاءِ 110 ۽ ٻيا ڪارا قانون هلندڙ آهن. جيلن جون ڪوٺڙيون اڄ بہ اوهان سان ڀريل آهن ۽ رشوتي ڪاموري جا ظلم، زيادتيون ۽ ڦرلٽ اڄ بہ اوهان سان ٿيندڙ آهي.

پورهيت پائرو! اوهان ڪڏهن پنهنجي دل ۾ سوچيو آهي تہ انهن مڙني مصيبتن مان اوهان کي ڇوٽڪارو ڪيئن ملندو؟ اوهان جي مسڪيني، غربت ۽ اوهان سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتيون ڪير ختم ڪندو؟ وڏا ماڻهو جاگيردار، مير ۽ پير؟ اهي اوهان جي ڪيئن ڀلائي ڪندا؟ اهي چاهيندا تہ اوهان پيٽ پري ڪائو اوهان جا ٻچا تعليم وٺن ۽ اوهان سان ڪابہ بي انصافي ۽ زيادتي نہ ٿئي؟ ائين ڪرڻ سان تہ خود کين نقصان پوندو____ بنگلا، موٽرون، ڪارون ۽ هرهڪ عياشي جو سامان تہ اوهان جي رت ۽ پورهئي مان حاصل ڪن ٿا. هو تہ هرگز ائين ڪين چاهيندا تہ اوهان سک سان ٽڪر کائو اوهان کي تعليم ملي تہ اوهين اکيون کولي سجاڳ ٿيو ۽ پوءِ کين سڃاڻي وجهو.

پورهيت پائرو! اوهان کي پنهنجن ڏکن ۽ مصيبتن جو پاڻ ئي علاج ڪرڻو آهي ۽ اهو علاج فقط هيءُ آهي تہ اوهان پاڻ ۾ پنهنجن مسئلن جي بنيادن تي ٻڌي ڪريو! ٻڌي ڪريو! ٻڌي ڪريو! اها ٻڌي، اوهان جو اهڙو هٿيار آهي، جنهن سان اوهان جون سموريون مصيبتون، سموريون تڪليفون، اڪيچنيون ۾ ناس ٿي سگهن ٿيون ۽ غلامي ۽ مظلوميت جا سمورا زنجير ٽٽي سگهن ٿا.

هيءُ وقت اوهان جي آزمائش جو آهي، شل اوهان جي دلين ۾ پنهنجي مظلوميت جو احساس جاڳي، اوهان کي پنهنجن معصوم ٻچن جي بکن ۽ فاقن جو ڪو درد دل ۾ اڀري، پنهنجي پرائي کي سڃاڻو ۽ دوست دشمن کي پرکيو! _جيئي سنڌ.

اوهان جو خادم:
(سيپٽمبر_ آڪٽوبر: 1970ع، ميرپورخاص.)

## ادارتي نوٽ:

# ”ساڻيهه“_5: پنهنجي پچار

(پرچوپنجون)

اڄ کان چوويهه سال اڳ، سِنڌُ جي سپوت فرزند، شهيد الهه بخش سومري، جنهن بهادري ۽ دليري سان انگريز سامراج ۽ ان جي پاڙيتو ٽٽن سان آخر تائين لڙندي، پنهنجي جان قربان ڪئي، سا حقيقت ڪڏهن به وسارڻ جي نه آهي. هيتري عرصي گذرڻ بعد جڏهن اسين پنهنجي حالتن جو جائزو وٺون ٿا، ته نهايت ئي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسين اڳي کان به وڌيڪ بدتر حالتن ۾ آهيون. اڄ اسان جي سامهون دشمن جا به محاذ آهن، هڪڙا کلمکلا پنهنجي بيغرتيءَ جو مظاهرو ڪري، سِنڌُ ۽ سِنڌُ واسين جي بهتري ۽ ڀلائيءَ جي راهه ۾ جاڻي ٻجهي ٻاڍرا ڪندا اچلي رهيا آهن، ته ٻيا وري وڏي حرفت ۽ دوکيبازيءَ سان سِنڌُ دوستن جي حلقن ۾ گهڙي پنهنجي پويان ڇُري هڻڻ جي سانباهن ۾___ اڄ اسان کي اهڙين اندوهناڪ حالتن ۾ پنهنجو پاڻ کي خبردار ۽ چوڪس رکڻو آهي. اسان کي سِنڌُ دشمنن جي هر امڪاني برائيءَ کي نگاهه ۾ رکي، اڳتي وڌڻو آهي.

ڌرتي ماءَ سِنڌُ! اڄ اسين تو سان عهد ٿا ڪريون، ته تنهنجي سپوت فرزند، شهيد الهه بخش، جي وطن دوستي واري مقدس جذبي جي مشعل کي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ جڳائيندا ۽ روشن ڪندا رهنداسين. هيءَ اسان تي مقدس فرض آهي، جنهن جي ادائگي لاءِ اسان کي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو آهي.

(جون، 1967ع)

اپريل 1968ع ۾ هڪ نوجوان سجاول کان ”هيمون پبليڪيشن“ جي اداري هيٺ، هڪ ماهياني پرچي شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس نالو ’تنوير‘ هو. هو مون وٽ آيو ۽ ڪجهه مواد ڏيئي ويو. ان سلسلي ۾ هڪ رات 9 وڳي، ٽنڊي طيب ۾ آئون گهر ۾ هئس ۽ انهيءَ پبليڪيشن لاءِ ادارتي نوٽ ۽ تنوير پاران ٻاراڻي ادب جي ڪنهن مضمون يا شعر وغيره موڪلڻ جي سندس ڪيل فرمائش متعلق کيس خط لکي رهيو هئس. دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ٻاهر نڪتس تہ جويو صاحب ۽ ڪامريڊ سوڀو هئا کين اندر وٺي آيس. اندر اچڻ شرط سندن نظر منهنجي کٽ تي شهيد هيمون نوجوان جي شخصيت تي لکيل مواد ۽ ٻاراڻي ادب متعلق تنوير کي ڏنل خط جي جواب تي پئي. ٻنهي جڻن پڙهيو ۽ ڏاڍا خوش ٿيا:

## ادارتي نوٽ:

# ”هيمون“ پهرين ٻج مُٺ

***اسان*** پنهنجي حال آهر، هيءَ پهرين ”ٻج مٺ“ ، سنڌي قوم جي نئين نسل جي خدمت ۾ پيٽا رکي رهيا آهيون. اسان جو ايمان آهي تہ ان مان اهڙا سالم ۽ سگهائتا سلا ضرور اپرندا، جيڪي ناموافق هوائن ۽ ٻين انيڪ ٻانهن جي ٻل تي وڏي وڻ ٿي، پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي رڄ ۾ پٽڪندڙ قوم لاءِ، دائمي سک جي ساهہ پٽڻ واسطي اجهو ۽ آسائش بنبا.

ڪو وقت هو جو ادب کي ”زندگيءَ جو رهبر“ چوندي چرڪبو هو تہ مبادا ادب جي ڪنهن سچي پارکوءَ کي، اها ڳالهہ نہ آئڙي ۽ دل جي تڪليف رسي! پر اڄ، سنڌي ادب، هن دور جي ادبي دستاويز تي، پنهنجي

رهبريءَ جي، اڳواڻيءَ جي لازوال مهر هڻي چڪو آهي. ادب جي انهيءَ تاريخي فتوا ۾ اسان جن انهن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو هٿ آهي، جن هر مخالفت جي باوجود، مظلوم انسانيت جي پلي لاءِ هر فريب ۽ هر انياءَ تي ملامت ڪرڻ ڪان ڪڏهن به ڪيئن ڪيبايو آهي.

اسان جي دل جي هيءَ مراد آهي ته هر سماهيءَ پڄاڻان، ”لاٽ پبليڪيشن“ طرفان، نت نئين مشعل ٻاريندا، اونداهيءَ رات ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ روشن راهه هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. پر هن ڪارج ۾، ڪن چند فردن جي ڪوشش ۽ تمنائن جي تيسيتائين ڪاب تڪميل ڪانه ٿيندي، جيسيتائين سموري قوم، پنهنجو پاڻ مٿان، ساڳيو فرض قبول ڪندي، وسيع حوصلي ۽ همت سان تعاون نه ڪري. اسان کي يقين آهي ته سِندُ جا سجاڳ فرد_ شاعر، اديب، ۽ ٻيا حضرات پنهنجي ڪلي تعاون جا مبارڪ هٿ ضرور ڏگهيريندا.

اسين پنهنجن پڙهندڙن جي نيڪ مشورن ۽ تجويزن جي وڏي دل سان آجيان ڪنداسين، ڇاڪاڻ ته اهي اسان لاءِ هن ادبي ڪارج ۾ وڏيڪ ڪارائتيون ۽ قلدائڪ ثابت ٿينديون_

جيئي سنڌ!“

اپريل:1968ع

# ڪتاب تي تبصرو:
# جنب گُذاريم جن سين

هن ڪتاب جو مصنف، محترم جي ايم سيد صاحب، وطني محبت ۽ قومي خدمتن جي سلسلي ۾، ڪنهن به تعارف جو محتاج نہ آهي. انگريزن جي دور کان وٺي اڄ تائين اسان جي معاشري ڪيئي رزق برق لبادا اوڍيا ۽ ڪيئي عجيب و غريب دعوائن جا دفتر پيش ڪيا. ڪيئي ظاهري زلزلا ۽ طوفان آيا، ڪيئي ڪردار ۽ شخصيتون ڪوڙين اگھ وڪاڻيون ۽ اڪين ڏسندي ڪيئي سياسي سوديبازيون ٿيون ـــــ مطلب تہ سياست جي شطرنج واري فضا ۾، چڱن ۽ مٺن سان گڏ رهندي بہ سيد صاحب جي دل پنهنجن اصولن ۽ ارادن کان ڪڏهن بہ مايوس ڪانہ ٿي ـــــ "پڳي سان ٿي پير، جانسين رتو راس ٿئي!"، جي مصداق، زندگيءَ جي پيچ در پيچ واري سفر ۾ هيٺ مٿانهين ۽ لوڏن لمن جي باوجود، سندس قدم سدائين مضبوط رهندا آيا.

هيءَ ڪتاب "جنب گذريم جن سين"، سيد صاحب جي ذاتي ۽ سياسي لڳ لاڳاپن وارن ماڻهن جي زندگيءَ جو هڪ مختصر تذڪرو ۽ تاريخ آهي ـــــ هر انسان کي حياتيءَ جي وک وک تي ڪيترن سان منهن ميل ۽ جاڻ سڃاڻ ٿئي ٿي؛ ڪن سان دلي رغبتون ۽ محبتون ٿين ٿيون تہ ڪن سان رنجشون ۽ رقابتون. بهرحال، هرڪو هڪ خاص منزل تي پهچي، رفاقتن يا رقابتن جا ڏاڳا ڇنايو عدم جي راهہ اختيار ڪيو وڃي ـــــ انهي دستور ڪيئي آيا، ڪيئي ويا. اڄ ڪنهن کي بہ اها ڪل ڪانهي تہ هن ڌرتي اسان جي ئي سانير ۾ ڪيترا دانا ۽ دلير، قومي ڪارڪن ۽ خادم،

دوست ۽ يار، اديب ۽ شاعر، عالم ۽ استاد، ڏاڍا ۽ هيڻا، ظالم ۽ مظلوم، پنهنجي سيني ۾ سمائي، گمناميءَ جي اوڙاهه ۾ اُڇلي ڇڏيا.

سيد صاحب جي هن محنت ۽ جاکوڙ پنهنجي رفيقن، دوستن ۽ واقف ڪارن سان ڀال ڀلائي، ڪين سڀان جي گمناميءَ مان ڪڍي ، تاريخ جي ورقن تي دائميت بخشي ڇڏي آهي. سنڌي ادب ۾ اهڙا ڪتاب، ٻنهه اٽهوند برابر آهن، جن مان به اڪثر ته حقيقت جي اظهار بجاءِ، فقط ليکڪ جي ئي زور قلم جي دلالت ڪن ٿا. پر، هن خطاب ۾ اهڙين اديبانه سحرانگيزين بجا حقيقتن کي اهڙي سادگي ۽ سچائيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي، جو شروع ڪرڻ کان پوءِ دل نه چوندي ته ان کي پوري ڪرڻ کان اڳ ڇڏي ڏجي.

هيءَ ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ آهي، جن ۾ ڪل 278 شخصيتون پيش ڪيون ويون آهن. هرهڪ شخصيت پنهنجي جاءِ تي هڪ جداگانه ڪردار آهي. مطالعي بعد پڙهندڙ کي هڪدم محسوس ٿيندو ته هو اج کان اڌ مني صدي اڳ ملڪ جي سياسي، ادبي ۽ سماجي ماحول کي فلم جي پڙدي تي پنهنجين اکين سان ڏسي رهيو آهي. ماضيءَ جي حقيقت جي اپياس لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو وڏي اهميت رکي ٿو.

ڪتاب ۾ ڪن هنڌين سيد صاحب، پنهنجن دوستن ۽ دلگهرين جي عدم موجودگيءَ جو اظهار اهڙي پر سوز انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو پڙهندڙ جي دل تي بيساخته ڀٽائي صاحب جي هڪ بيت جو دل کي جهوڏيندڙ هيٺيون بند تري ٿو اچي:

هاٿي تنين ڪنڌي ڪاڪ نهاريان!

سنڌي ادبي بورڊ. قيمت: 14 رپيا (ٻئي ڀاڱا)،
_اشاعت، 28، آگسٽ 1967ع.

## ڪتاب تي تبصرو:
# رهاڻ

هيءَ ڪتاب مرحوم ميران محمد شاھ طرفان جناب جي ايم سيد صاحب کي، سال 1924ع کان 1963ع واري عرصي ۾ مختلف وقتن تي لکيل خطن جو مجموعو آهي، جنهن کي سيد صاحب ترتيب ڏيئي پيش ڪيو آهي. مرحوم ميران محمد جا اهڙا جملي هڪ هزار خط آهن، جن مان في الحال 243 خطن کي ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي مهڙ ۾ پيش لفظ جي عنوان سان، جناب جي ايم سيد صاحب نهايت عالماڻي ۽ جامع انداز ۾ مرحوم جي خاندان، ذاتي زندگي، سياسي ۽ ادبي سرگرمين تي بصيرت افروز روشني وڌي آهي. سيد صاحب جون علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون ڪنهن بہ تعارف جون محتاج نہ آهن. پاڻ، مرحوم ميران محمد شاھ متعلق تعارف ڪرائيندي لکي ٿو:

ميران محمد شاھ جي خطن پڙهڻ بعد معلوم ٿي سگهندو تہ هر حسين، خوبصورت نظاري، مٺي آواز ۽ عمدي ماحول مٿس اثر ڪيو ٿي، ۽ انهيءَ مان لطف ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. اهڙن موقعن تي اڪثر چئي ويهندو هو تہ:

'دم فرصت غنيمت دان وراد خوشدلي بستان،
بي گردش ڪند گردون، بسي ليل و نهار آمــــــد!'

(فرصت جي پل کي غنيمت ڄاڻ، عيش ۽ مسرت ۾ محو رھ. آسمان گهڻا چڪر ڪاٽيندو، ڪيتريون راتيون ۽ ڏينهن ٿيندا رهندا.)

مرحوم ميران محمد شاھ جي سماجي ۽ سياسي سجاڳيءَ جي شروعات مارچ 1924ع ۾، سن ۾ ڪوٺايل ”متياري سادات ڪانفرنس“ جي موقعي تي ٿي. ذهني سجاڳيءَ جو سلو جيڪو ان ڏينهن پوکجي چڪو هو، اهو ملڪي ۽ سياسي ناسازگار حالتن هٿان پاڻي پيئندو، وڌندو ۽ ويجهندو رهيو. هيءَ دور سِنڌ کي بمبئيءَ کان علحدگي ڏيارڻ جي جدوجهد جو هو. سِنڌ جو سجاڳ ذهن ۽ قومي درد سانديندڙ دليون، سِنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي، هر لحاظ کان بمبئي هٿان تباھ ٿينديون ڏسي رهيون هيون. قريبن هڪ صديءَ کان سِنڌ جي سموري ميڙي چونڊي بمبئيءَ جي خزاني ۾ جمع ٿيندي رهندي هئي، ۽ موٽ ۾ بر نام فقط ڪي ڪوڏيون پلئہ پونديون هيون. انهي صورتحال سبب نڪي تعليم جو ڪو معقول بندوبست هو ۽ نڪي ٻين اندروني سڌارن ڏانهن ڪو توجه ئي ڏنو ويندو هو ___ هڪ معمولي ڪاموري کان وٺي بالا عملدار تائين سموريون ملازمتون غير سنڌي آفيسرن ___ انگريزن، مرهٽن ۽ ٻين جي هٿن ۾ هونديون هيون، جن کي نڪي سِنڌ جي حالات جي صحيح پروڙ هئي ۽ نڪي هنن اهڙي ڪوشش ڪرڻ پاڻ تي لازمي ۽ ضروري ڄاتي ٿي.

هن دکدائڪ صورتحال هٿان جي هندو_مسم ديس پائين ۾ اتحادپيدا ڪيو ۽ هو هڪدم پنهنجا ذاتي ويڇا وساري ميدان ۾ نڪري آيا. هنن جي گڏيل ڪوششن آخر سال 1932ع ۾ سِنڌ کي بمبئيءَ جي ڦرلٽ کان آزاد ڪيو ۽ مقامي ماڻهن کي پنهنجي قسمت پاڻ بنائڻ جو موقعو مليو.

سِنڌ کي اهڙي ريت آزادي تہ ملي، پر اسان جي ملڪ جو مٿانهون طبقو جنهن کي ملڪي معشيت ۽ قومي خدمتن جو ذرو بہ تجربو نہ هو، تنهن مورڳو سِنڌ کي مفت جو مال ڄاڻي، طاقت ۽ دولت جي زور تي، پاڻ ڏانهن ڍوئڻ جي ڪوشش ڪئي. هن مجموعي جي اڪثر خطن ۾ سِنڌ جي سياسي پارٽين ۽ سياستدانن جي اقتدار جي جهڳڙن ۽ سياسي لڙائين جي هڪ مختصر ۽ عبرتناڪ تاريخ ڏنل آهي. انهي سلسلي ۾ مرحوم ميران

محمد شاهہ ڏاهن جناب سيد صاحب جو لکيل هڪ خط پڻ شامل ٿيل آهي، جنهن ۾ بمبئيءَ کان سِنڌ جي علحيدگي وقت، سِنڌ جي سياسي ليڊرن جي ذهنيت جي ترجماني ڪيندي رقمطراز آهي:

سِنڌ آزاد ٿي سو تہ چڱو ٿيو پر چوطرف کان ماڻهو ان کي مال غنيمت سمجهي هضم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. خود مطلب ماڻهو صرف پئسي يا اثر سبب ان ماهوش جي دامن عصمت کي توڙڻ لاءِ ڳجهن وانگر اکيون کوڙيو ويٺا آهن تہ ڪڏهن ٿيون اليڪشنون ٿين تہ ٿا اسين چونڊجون !

اهي حالتون ڏسي، مون کي هڪ هاتفي آواز ڪن پيو چئي رهيو هو تہ 'اي سِنڌ جا ڪارڪن، خود مطلبي ڇڏي، ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪو پروگرام ٺاهي، سِنڌ جي خدمت ڪرڻ شروع ڪريو نہ تہ اوهان مان گهڻن جو حشر عبرتناڪ ٿيڻ وارو آهي !'

مرحوم ميران محمد شاهہ بلند پايہ جو اديب ۽ شاعر هو. هن کان اڳ سندس ڪلام جو هڪ مجموعو "ڪليات ميران"، جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. ان کان سواءِ سندن ڪيترا شعر ۽ مضمون وقت بوقت شايع ٿيل آهن___ شخصي جذبا ۽ امنگ، محبت جا راز ۽ نياز حجتون ۽ نصيحتون، زندگيءَ جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميون، تجربا ۽ مشاهدا، سڪ ۽ سوز، تاريخ ۽ سياست، فرد ۽ سماج جون مشهور شخصيتون، سِنڌ جي ٻاهرين ملڪن سان ڀيٽ، مختلف نظرا، رومانوي تاثرات، فطرت نگاري، وصل ۽ فراق جون ڳالهيون، شعر ۽ ادب جون رنگينيون، مطلب تہ انيڪ ۽ گوناگون ڳالهين جي "رهاڻ" هن ڪتاب ۾ قلمبند آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو هيءَ ٻهريون ۽ بهترين ڪتاب آهي، ٻوليءَ جو ميٺاج ۽ خيالن جي رواني تعريف لائق آهي. هر سنڌي اديب ۽ ادب دوست کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

(: سنڌي ادبي بورڊ.)
_اشاعت، روزاني "عبرت"

## ڪتاب تي تبصرو:

# ڪشمير جو مسئلو

ڪشمير جي مسئلي، هند ۽ پاڪ، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ اهڙي تنازعي جي صورت اختيار ڪئي آهي، جنهن ڪي پر امن طريقي سان نبيرڻ لاءِ عالمي طاقتون پنهنجو اثر هلائي رهيون آهن___ اج جي هن نازڪ ترين دور ۾ اهڙن معاملن نبيرڻ لاءِ فقط اهوئي هڪ اثرائتو ۽ ڪارگر ذريعو ثابت تي سگهي ٿو. هن ڪتاب ۾ محترم ذوالفقار علي ڀٽي، پاڪستان جي وزارت خارجه جون جيڪي اهم ذميداريون سنڀاليون آهن، ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ جيڪي دل ۽ جان سان ڪوششون ڪيون آهن، تن جو سمورو لب ۽ لباب، هن ڪتاب ۾ آندل آهي. ڪتاب جي شروعات سلامتي ڪائونسل جي صدر ڏانهن 16، جنوري 1964ع تي لکيل خط سان هن طرح ڪيل آهي:

عاليجناب،

پاڪستان سرڪار پاران مان اوهان کي ادب سان عرض ڪندس ته جمون ۽ ڪشمير رياست ۾ جيڪا گنڀير صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي، تنهن تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس ڪوٺايو وڃي..... آزاد ڪشمير جي عوام کي يقين نه ڏياريو ويو ته اقوام متحده جا پر امن طريقا ڀارت سرڪار جي خطرناڪ پاليسيءَ کي روڪڻ جي پوري پوري اهليت رکن ٿا ته پوءِ ان حالت ۾ مايوس ٿي ان سلسلي ۾ ڪي ٻيا طريقا اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندا...“

هن خط کان پوءِ سلامتي ڪائونسل جي وقت بوقت ڪوٺايل اجلاسن ۾ ڪشمير جي معاملي تي محترم ڀُٽي صاحب جون ست تقريرون پيش ڪيل آهن. شروع کان وٺي آخر تائين ڪشمير جي معاملي تي اڄ تائين پاڪ ۽ ڀارت جي وچ ۾ جيڪي بہ ڳالهيون ٿيون آهن ۽ گذريل عرصي ۾ جيڪي بہ ڪوششون ڪيون ويون آهن، تن کي نهايت واضع نموني سان پيش ڪيو ويو آهي. محترم ڀُٽي صاحب پنهنجين تقريرن ۾ هن ڳالهہ تي هميشہ زور پئي ڏنو آهي تہ ڪشمير جو معاملو ڪنهن سرحد جو مسئلو نہ آهي. اهو زمين جي ڪنهن ٽڪر تي تڪرار نہ آهي.....اهو اٽڪل پنجاه لک ماڻهن جي زندگي ۽ مستقبل جو مسئلو آهي. ڪشميري عوام جو اهو پيدائشي حق آهي تہ هو پنهنجي قسمت جو پاڻ فيصلو ڪن ــــ ڪشميري عوام جي انهيءَ خودمختياريِ واري حق ڏيارڻ لاءِ محترم ڀُٽو صاحب هن طرح رقمطراز آهي:

اسان پاڪستان ۽ ڀارت جي عوام، پنهنجين زندگين کي وقار ۽ خودداريءَ جي نعمتن سان مالامال ڪرڻ لاءِ ئي آزادي گهري ۽ حاصل ڪئي هئي، ۽ انهن مصيبتن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هئي، جيڪي اسان جو عوام تڏهن کان برداشت ڪندا آيا آهن.....سترنهن سالن کان پوءِ بہ اسين ڪٿي بيٺا آهيون؟ اسان جو افق اختلاف ۽ نفرت جي ڪڪرن سان ڪارو نظر اچي ٿو. اسان کي ڀيانڪ ۽ خوفائتي طوفان اچڻ جو اونداهو امڪان وڪوڙي ويو آهي.....“

هيءَ ڪتاب ڪشمير سان واسطو رکندڙ معاملن متعلق هڪ اهم دستاويز جي حيثيت رکي ٿو جيڪو هر سنڌي خوانده کي ڪوشش ڪري ضرور پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اڄ اسان لاءِ هيءَ هڪ وڏي اهميت وارو مسئلو آهي، جنهن کان پوري طرح واقف ٿيڻ وقت جي اهم تقاضا آهي.

(”ڪشمير جو مسئلو“ _ ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجا، صفحا: 294، ڊيمي سائيز قيمت: 3 رپيا، 50 پئسا، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ.)

اشاعت، روزاني ”عبرت“
17، جنوري 1966ع.

## ڪتاب تي تبصرو:

# پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

**هيءَ** ڪتاب ("پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي")، جناب ذوالفقار علي ڀُٽي، جي (سال: 1962ع کان 1964ع) قومي اسيمبليءَ ۾ مختلف وقتن تي ڪيل تقريرن جو مجموعو آهي، جن ۾ پاڪستان جي عالمي سياست، پرڏيهي پاليسي ۽ پاڪ ڀارت معاملن تي روشني وڌي ويئي آهي. سنڌي زبان ۾ بي ڪابہ اج تائين اهڙي تصنيف وجود ۾ آيل نہ آهي، جنهن جي مطالعي دوران سياست سان دلچسپي رکندڙ سمجهدار طبقي کي ڪنهن صحيح راءِ قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. سنڌي ادبي بورڊ وقت جي تقاضائن کي سامهون رکندي، هڪ اهڙي خدمت سرانجام ڏني آهي جنهن لاءِ هي ادارو ڪيرون لهڻي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ورهاڱي کان وٺي اج تائين ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جيڪي بہ ڇڪتاڻ جا مسئلا پئي رهيا آهن، تن تي سرسري طور اهم روشني وڌي ويئي آهي. شروع ۾ جڏهن هن برصغير يورپ جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪئي ۽ جڏهن ڀرين ئي ڏينهن کان سرحدي حدبندي باهمي جهڳڙي جو هڪ اهڙو اڻ سهائيندڙ بنياد وڌو جيڪو سترنهن سالن جي طويل عرصي ۾ سلجهڻ بجاءِ موڙگو اج هڪ عالمي خطري تي پهچي چڪو آهي.

اسان جي هن ويهين صدي هڪ طرف دنيا جي ڪمزور قومن ۽ ملڪن کي غلاميءَ جي خلاف متحد تي جدوجهد جي شعور ۽ عمل ۾ وڏيڪ ايمان پيدا ڪيو آهي. تہ ٻئي طرف جابر ۽ جنگباز انڌين قوتن کي آگاهي ڏني آهي تہ هر انسان، هر قوم ۽ هر ملڪ کي آزاديءَ ۽ حق خود اختياريءَ جي نعمتن ماڻڻ جو ابدي حق بنا ڪنهن چون چران جي ڏنو وڃي، چاڪاڻ تہ اج فقط اهوئي هڪ اهڙو آخري ۽ اثرائتو حل باقي وڃي

بچيو آهي، جنهن ڪان وڌ انسانذات جي بقاءَ ۽ امن لاءِ ٻي ڪابہ پروسي جوڳي ضمانت نظر نٿي اچي. وقت جي هن چئلينج بعد بہ هرهنڌ اهوئي پيو ڏسڻ ۾ اچي تہ ڏاڍ ۽ جبر ۾ ايمان رکندڙ انڌيون قوتون پنهنجي مفاد ۽ ذاتي اقتدار بچائڻ جي هوس ۾ هڪڙيون نہ ٻيون شيطاني ڪارروايون ڊرامائي انداز سان عمل ۾ آڻينديون ۽ پاڻ کي معصوم ثابت ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪنديون ٿيون رهن. پر ڪين اها ڳالھ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ تاريخ جون اٽل ۽ ٻي ريا تقاضائون اڄ نہ تہ سڀاڻ حقيقت تان اونداها پڙدا هٽائي سچ ۽ ڪوڙ کي ضرور نکيڙي نروار ڪري بيهارينديون.

ڀارت جا سربراھ ۽ سياستدان، جن دنيا جي سامهون پاڻ کي جمهوريت جي قدرن جو ٻهي خواه ۽ پاڪستان تي ڊڪٽيٽرشاهي ۽ ٻيا عجيب عجيب حملا ڪندي، زمين ۽ آسمان کي ملائي هڪ ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي، تن جي هڪ ٻي چالاڪي، يعني جنگ نہ ڪرڻ جي آڇ تي نهايت صاف لفظن ۾ هيئين ريت روشني وڌي ويئي آهي:

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ جنگ نہ ڪرڻ وارو معاهدو سچ پچ ڪهڙي ضمانت پيش ڪري سگهي ٿو. دراصل اهو سلامتي جو غلط احساس پيدا ٿو ڪري. تاريخ شاهد آهي تہ جنگ نہ ڪرڻ جون تجويزون گهڻو ڪري فساد جي پيشقدمي ڪندڙ ملڪن وٽان ئي نڪتيون آهن.

جيڪڏهن ڀارت خود ئي پاڪستان خلاف اڳرائي ڪري ۽ اسين پنهنجو بچاءَ ڪريون، جنهن جو اقوام متحده جي پڌرنامي موجب حق مليل آهي، تہ پوءِ ڀارت ڦ ڦڙتي ڪائي، پنهنجي مخصوص ڊرامائي انداز ۾ دنيا کي ايئن ٻڌائيندو تہ اڳرائي پاڪستان ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ 'صلح پسند' ڀارت تہ پاڻ پاڪستان کي جنگ نہ ڪرڻ واري معاهدي جي آڇ ڪئي هئي، سو ايئن ڪرڻ کان پوءِ ڀارت ڪيئن اڳرائي ڪئي هوندي.."

مٿين لفظن کي غور سان جانچڻ بعد اهوئي نظر ايندو تہ پاڪستان جا سربراھ ڀارت جي هن هوشياري ۽ چالاڪيءَ واري آڇ کان بي خبر نہ هئا ۽ هنن دورانديشيءَ کان ڪم وٺندي اهڙي آڇ کي قبولڻ بجاءِ ٽُڏي ڇڏڻ وڌيڪ دانائپ ڄاتي.

اڄ جيڪڏهن ڪي بہ ڌريون باهمي صلح ۽ امن جي بنياد تي پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جا معاهدا ڪن تہ ٿين ڪنهن بہ حالت ۾ اهو حق نٿو

رسي تہ هو انهن کي شڪ ۽ شبهات جي نظرن سان ڏسي ۽ واويلا ڪري، انسانذات نيڪ نيتيءَ سان ڪيل معاهدن ۾ ٻين اهڙين ڪوشش کي احترام جي نظرن سان ڏسندي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي انفرادي توڙي اجتماعي لحاظ کان وڏيڪ امن واري فضا قائم ڪرڻ ۾ نهايت ڪارائتيون پئي ثابت ٿيون آهن. پر، چين ۽ پاڪ دوستي وقت ڀارت پنهنجي ذهنيت جو جيڪو مظاهرو ڪيو ۽ هاءِ گهوڙا ڪئي آهي، ۽ ان معاهدي جي ڪن فقرن جون پنهنجي مطلب سڌي ڪرڻ لاءِ عجيب معنائون ۽ مقصد ونئي، دنيا جي سامهون چين جي حملي ۽ پاڪستان جي حملي جو ايترو تہ ڊنڊورو پٽيو آهي جو نهايت ئي حيرت ٿي لڳي. ڀارت جي انهن بدگمانين جو ڀُٽي صاحب جي لفظن ۾ هي جواب آهي:

ڀارت کي اها ڳالهہ موزون نظر آئي تہ سرحدي معاهدي ۾ هڪڙو خفيہ فقرو پڙهي، جنهن مان ڀارت خلاف پاڪستان ۽ چين جي سازش جو مطلب نڪري. . .“، ”جيڪڏهن ڀارت کي سائيءَ جي مريض جيان خطرو نظر اچي رهيو هو ۽ واقعي هن ايئن محسوس ڪيو هجي ها، تہ اهڙي خوف جي وقت ۾ هرڪو سمجهدار انسان پنهنجي بچاءُ جون ڪي نہ ڪي تدبيرون ضرور سوچيندو. . .

مذڪوره ڪتاب ۾ ڀارت جي انهي شڪ جو ٻئي هنڌ هيءَ جواب مليل ٿو:

جيڪڏهن واقعي ڀارت کي چين کان انديشو آهي ۽ فوجي حملي جو خطرو محسوس ڪري ٿو تہ پوءِ ڪيس ”سيٽو“ ۽ ”سنٽو“ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. ڀارت ايئن ڇو نہ ٿو ڪري. . .؟“

پاڪستان جا سربراهہ پنهنجي تدبر ۽ اعليٰ حوصلي جو هر وقت ثبوت ڏيندا رهيا آهن. هنن پنهنجي ملڪ جي اندروني توڙي عالمي مسئلن ۾ ڪابہ لِلي ڇپي نہ ڪئي آهي، ڪيس جڏهن ۽ جيڪي ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ ان جي حاصلات ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪئي اٿن.

پاڪستان هڪ آزاد ملڪ آهي ۽ هن پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ بہ ٻين سيني معاملن کان انهي ڳالهہ کي وڏيڪ اهميت پئي ڏني آهي، جنهن جو اظهار ڀُٽو صاحب هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

"ايشيا جي عوام کي بهتر زندگي کپي، هنن کي بهتر گذران جي لاءِ وسيلا گهرجن. مرض ۽ مجبوريءَ جي اذيت ڇا آهي، تنهن جي معنيٰ جي اسان کي خبر آهي، اسان کي معلوم آهي تہ اهو ڪو قدرتي قانون ڪونهي جو رڳو ايشيا جو عوام ئي غريب هجي... اسين اميد رکون ٿا تہ اسان جو عوام بهتر زندگي گذاري ۽ پاڻ پنهنجي اولاد کي غربت ۽ افلاس کان نجات ڏياري. . ."

غريب عوام سان همدرديءَ جا جذبا ڪيتري قدر نہ وسيع آهن: هو پنهنجي ملڪي عوام سان گڏ سموري ايشيا جي خوشحالي جا خواهان آهن.

بهرحال، هي ڪتاب هر انهي شخص کي ضرور مطالعو ڪرڻ گهرجي، جيڪو پاڪستان جي امن ۽ خوشحاليءَ جو متمني آهي، ۽ جيڪو هن اجوڪي دور ۾ ڪشمير جي معاملي ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي سمجهڻ جو خواهان آهي. هيءُ ڪتاب هڪ وقتائتي تخليق آهي، جنهن جي مطالعي لاءِ سنڌي زبان جي هر ڄاڻو کي اپيل ڪجي ٿي.

اشاعت_ روزانہ "نواءِ سنڌ"،
30، آڪٽوبر: 1965ع.*

## ڪتاب تي تبصرو:

# اهي ڏينهن اهي شينهن

هر انسان کي ماءُ جي هنج ۾ ماحول وٽان ٻوليءَ جي روپ ۾ ڪيئي ماڻڪ ۽ موتي بہ ميسر ٿين ٿا تہ ڇلر ۾ ڪوڏ بہ. ان حاصلات کي سونڌڻ سموهڻ ۽ ڪنهن اعليٰ مقصد واضع ڪرڻ جي اهليت ۽ صلاحيت ڪن ٿورن کي ئي نصيب هوندي آهي. هن ڪتاب جي فاضل مصنف کي سادن سلوڻن لفظن کي پنهنجي ڪمال ڪاريگريءَ سان معنيٰ مقصد ڏيڻ ۽ انهن ۾ تاثر پيدا ڪرڻ وڏي ڏات آهي____ هو لفظن ۾ معنيٰ جو بادشاهہ آهي، ۽ سندس قلم هڪ شهہ زور گهوڙي جيان پرواز دوران، هيٺ مٿانهين تي سرسري نظر وجهندو پنهنجي تيز رفتاريءَ جي ڌن ۾ محو آهي. هن جي قلم ۾ هڪ اهڙي لاغرضائي آهي، جيڪا لفظن جي جادوگري ۽ جاذبيت تہ پيدا ڪري ٿي، پر پڙهندڙ جي ذهن ۾ درد ۽ سوز جو اهو دريا نٿي وهائي، جيڪو وڏي مهاساگر جو روپ وٺي، ڪنن جا ڪڙڪاٽ ڪري، ۽ صدين کان پنهنجي سطح تي ڇانيل ڪن ۽ ڪهجر کي ڪن ۾ ٻوڙي، پاتال ۾ اڇلي ڇڏي.

لائق مصنف هڪ ماهر نقاش وانگر انگريز شاهي دور جي مڙني خامين ۽ خوبين کي پنهنجي زماني شناس ۽ دور رس نگاهن کان اوجهل ٿيڻ نہ ڏنو آهي: هڪ قابل جراح وانگر سماج جي ڏاڍاين ۽ سيني زورين کي چيري ڦاڙي، اصلي روپ ۾ ننگو ڪري، عام منظر تي آڻيندي پنهنجي طرفان ڪابہ راءِ زني نہ ڪئي آهي: بلڪ پاڻ کي پرانهون رکي، نشتر جي ئي اشاري سان هر حساس دل کي ان توجه ڏيارڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي تہ هو تاريخي حالات کي جاچڻ لاءِ پنهنجين اکين تي صدين کان ٻڌل انڌ ۽ اڻجاڻائيءَ جي پٽي لاهي، ڪجهہ سوچ ۽ سمجهہ کان ڪم وٺي____

اهڙي سوچ ۽ سمجه جيڪا سنڌي معاشري جي چڪندڙ ناسور لاءِ، ڪنهن ڪارائتي مرهم جو ڪم ڏئي.

ڪتاب ۾ اتر سِنڌُ جي مختلف طبقن مان اٽڪل 170 شخصيتن جي ڪردارن سان گڏوگڏ سنڌ جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تاريخ کي سئنيما جي هڪ تيز تيز بدلجندڙ صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي; ان ۾ هر هنڌ محبت ۽ پيار، دغا ۽ دولاب جا داستان، وفا ۽ جفا جا واقعا، فرد ۽ سماج جا لڳ لاڳاپا، حب الوطنيءَ جا جذبا، تاريخ ۽ سياست جون بوقلميون، ظلم ۽ ڏاڍ جون ڪهاڻيون، مذهب ۽ فطرت جون پيچيدگيون، ۽ ٻيون انيڪ خوبيون ۽ خاميون نهايت پياري انداز ۾ پيش ڪيون ويون آهن. ڪٿي ڪٿي، لائق مصنف سماجي قدرن ۽ انساني تعلقات کي بيان ڪندي، اهڙي اعليٰ مقام تي وڃي ٿو وجي، جنهن ڏانهن اک کڻي نهارڻ ۽ حقيقت تائين پهچڻ به مشڪل ٿيو پوي، ڪن هنڌين وري انسانيت جي مرڳوئي عدم موجودگيءَ کي بيان ڪندي جڻ ته سندس نگاهن مان جنسي لڙڪ وهي ٿا هلن. اهڙا اڌما ميان فضل محمد جي مثالي شخصيت جي ذڪر ۾ هن طرح ظاهر ڪيا اٿس:

”ويهه سال به مس گذريا آهن... پوءِ به سمجه ۾ نٿو اچي ته اها سِنڌُ جا هنن اکيين ڏٺي، سا ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي؟ اهي ماڻهو ڪٿي وڃي لڪا آهن؟ ڪنهن کان رُسي ويا؟ ڇو منهن مٽي ويا؟ ڪهڙو ڏوهه ڪيو هوسين؟ ڪهڙو گناهه سرزد ٿيو؟ پاڻ ته هليا ويا، اسان ٻوڙن کي حيوانن جي حوالي ڪري ويا____ آخر ڇو اها وڄ ڪري، انهن واهيرن تي؟ بيقصور پکيئڙن جي بيضرر آشيانن تي____“

اڳتي هلي، سنڌي معاشري جي ان به رخي دکدائڪ صورتحال جو پاڻ ئي پنهنجي بزرگ مرحوم تراب علي شاهه جي لفظن ۾ هيٺيون جواب ڏئي ٿو:

”اهڙا عبوري دور ايندا آهن. تاريخ جو هڪ باب پورو ۽ ٻيو شروع ٿيڻ تي هوندو آهي ته ان وچ واري زماني اندر انساني دماغن ۾ انتشار پيدا ٿيندو آهي. ماڻهو خود اعتمادي وڃائي، پنهنجي اصلي ۽ روايتي مقام تي ثابت قدم رهڻ بدران، نئين ماحول ۾ همه رنگ ٿي، پاڻ کي آسانيءَ سان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر اهڙي تبديلي رنگ ۽ اظهار

ڪمزوريءَ مان ورندو ڪجھ بہ ڪونہ آهي. وقت ۽ تجربي پڄاڻان ماڻهو خود بخود پنهنجي غلطي محسوس ڪري، اڳي ڪان وڌيڪ يقين سان، موٽي اچي پنهنجي اصلوڪي مقام تي پير کوڙي بيهي ٿو. عبوري دور اندر فڪر يا عمل جون ڪيئي غلطيون ٿيو پون، ۽ ڪيترا نقصان سهڻا ٿا پون. مگر وقت گذرندي، جيئن جيئن حالتون متوازن ٿيڻ شروع ٿين ٿيون، تيئن تيئن اصليت جي ڇڪ بہ شدت اختيار ڪري ٿي ۽ راهہ ۾ رليل ماڻهو ڪي ورايو آڻي صحيح ۽ اصلوڪي رستي تي بيهاري. ان ڪشمڪش هلندي نوان ماڻهو بہ ميدان ۾ قدم رکن ٿا، نوان مقصد بہ سامهون اچن ٿا، نوان ولولا بہ پيدا ٿا ٿين. نظر ايئن اچي ٿو جڻ ڪنٽيل ۽ پراڻي رُڪ ڪي قدرت يا فطرت جو لوهار نئين باهہ مان ڪڍي، نون هٿيارن جي صورت ۾ ڍالي، نئون پاڻي ڏيئي، ٻاهر آڻي رهيو آهي. ڪجھ مهميز آئي، رد عمل شروع ٿيو ۽ ساريون اڳيون پويون ليٽون پرجي ويون."

زير نظر ڪتاب ۾ جن مختلف شخصيتن جا ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، انهن مان ڪي حال حيات آهن ۽ ڪافي پنهنجي زندگيءَ جي بهارن ۽ خزائن جا ڏينهن ڏسي وڃي ابدي آرامي ٿيا آهن. شروع ڪان آخر تائين مطالعو ڪندي، معاشري جي ٻن نسلن سان واسطو پوي ٿو: پهريون نسل جيڪو اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ڪان شروع ٿي، ويهين صديءَ جي شروعات تي ختم ٿئي ٿو. ۽ ٻيو نسل ويهين صديءَ جي پيداوار آهي. فاضل مصنف پاڻ بہ ان نسل مان آهي، جيڪو اڳئين نسل ڪان ورثي ۾ مذهبي، سماجي ۽ سياسي جذبي سان روشناس ٿي چڪو هو ـــــ هيءَ انگريز شاهيءَ جو دور هو. اسان جو معاشرو هن ڪان اڳ هڪ اهڙي قوم جيڪا ٻين قومن کي غلام رکڻ، ۽ روءِ زمين تي پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ جي خوابن کي عملي جامي پارائڻ جي جنون ۾ هئي، تنهن جي چالاڪين ۽ عيارين ڪان بنهہ اڻڄاڻ هو. انگريزن هن سرزمين تي پير کوڙڻ سان هندستان جي اڳوڻي صاحب اقتدار طبقي جي طاقت ۽ اثر کي ناس ڪرڻ لاءِ هر امڪاني ڪوششون عمل ۾ آنديون.

سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ جي صنعتي انقلاب يورپ جي قومن کي مجبور ڪيو تہ هو دنيا جي ملڪن تي قبضو ڪري، پنهنجا تجارتي مارڪيٽ وڌائين. يورپ جي هن انقلاب دنيا جي ڪافي ملڪن ۾ هلچل پيدا ڪئي.

هر هنڌ عقل ۽ سائنس جي بنيادن تي سجاڳ ذهن ترقيءَ جون نيون راهون سوچڻ لڳا. ان بيداري هندستاني ذهن کي ڪافي متاثر ڪيو. هتان جو جاگيرداري نظام پنهنجي موت مرڻ تي هو. فقط هڪ ڌوڏي وهيٽو هو ته عين موقعي تي انگريزن مختلف سازشن ۽ انتهائي وحشياڻن طريقن سان قبضو ڪري، ان ڍهندڙ نظام کي وڏيڪ مظبوط بنائي، هندستان جي ترقيءَ جي راهه ۾ ديوار کَڙي ڪري ڇڏي. انگريزن پهريون حملو هتان جي ايرندڙ ديسي صنعت تي ڪيو. ديسي صنعت کي تباهه ڪري، هزارين ڪاريگرن ۽ مزدورن کي بيروزگار بنائي، هر هنڌ ريلواين ۽ رستن جو ڄار پکيڙي ڇڏيو. مقصد هو ته هتان جي زرعي پيداوار کي انگلنڊ ڏانهن ترت پهچائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ڏسندي ڏسندي هندستان جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ اناج کان سواءِ ٻي هر ڪا ضرورت جي چيز ”ميڊ ان انگلينڊ“ جي ٺپي سان وڪامڻ لڳي، حالانڪ انگريزن کان اڳ هر انساني ضرورت لاءِ هندستان پنهنجو پاڻ ڪفيل هو ۽ ملڪ ۾ ڪٿي به ٻاهرين چيز جو نظر اچڻ محال هو.

پر نيٺ انگريزن جي هن عياراڻي دعوا، جي: ”اسين هندستان کي سڌارڻ ٿا چاهيون“ جي، ساري قلعي کلي پئي. دنيا اڳ ڪڏهين ڪين ٻڌو هو ته ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي ٽپڙ ڪڍجن، ۽ جڏهن گهر ڌڻي دانهن ڪري، تڏهن جواب ڏجيس ته دانهن نه ڪر، اسين تنهنجو گهر ٺاهڻ ٿا گهرون. فريب جي به ڪا حد هوندي آهي. هن فريبڪاري هندستان جي ڪافي ذهن کي احساس ڏياريو. حريف انگريز پنهنجي سازشن جي نتيجن کان آگاهه هو. هن پنهنجا حواري پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيئي رستا سوچيا____ هو هڪ اهڙي طبقي جي ڳولا ۾ رهيو جيڪو ساڻس گڏجي ملڪ جي لٽمار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي. ان کان سواءِ هو ڪڏهن مذهبي عصبيت کي هوا ڏيئي هندو مسلم فساد ڪرائيندو رهيو ته ڪڏهن ڪنهن ڌر کي اقتصادي طرح وڏيڪ نوازي، ٻي ڌر خلاف استعمال ڪرڻ جون ڪوششون ڪندو ۽ پاڻ ۾ ويڙهائيندو رهيو.

ذڪر ڪيل دور ۾ معاشري جو ڪجھ حصو ڌارئين حاڪم جو آلهٔ ڪار ته بڻيو پر ساڳي وقت ساڻس گڏ ديسي ڪاموري پنهنجي غلاماڻي ذهنيت ۽ نيچپڻي جو اهڙو مظاهرو ڪيو جيڪو هن سرزمين جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ هڪ بدنما داغ ليکيو ويندو. ديسي ڪاموري کي پلجي به هيءَ ڳالهه

ذهن ۾ نٿي آئي تہ ڌارئين حاڪم جي ”جيءَ حضوري“ ڪرڻ هٿ وٺي پنهنجي پير تي ڪهاڙي هڻڻ مثل آهي____ قومن جون قسمتون سدائين هڪ حال ۾ نہ رهيون آهن: جڏهن بہ تاريخ پلٽو کاڌو آهي تہ اڄ جا شاهہ ٽيلهجي سيان جي گداگرن سان وچي گڏيا آهن. ۽ حقيقت ڪي جڏهن بہ نروار ٿيڻ جو موقعو مليو آهي تہ ان هر فريبيءَ جا، بنا ڪنهن لڪ لڪوٽيءَ جي، آنڌا گجيون ڪڍي وڌا آهن. انگريز ديسي غدارن ۽ سنگينن جي سهاري هن سرزمين کي دائمي غلاميءَ ۾ جڪڙڻ جا خوش خواب لهي رهيو هو. پر جڏهن پيو نسل اڀريو جيڪو پهرئين نسل کان ذهني لحاظ کان وڌيڪ سجاڳ هو ۽ جنهن جون تيز نگاهون هر چالاڪيءَ جي تهہ تائين پهچي سگهيون ٿي، تڏهين انگريزن پنهنجو پاڻ وڌيڪ سنڀالڻ لاءِ ضروري ڄاتو. هنن، پوءِ ”ڪاءَ ۽ ڪاراءِ“، جي اصول تي وڌيڪ عمل ڪندي، ڪاموري ڪلاس کي ايڏا اختيار ڏنا، جو هو هر سياهہ ۽ سفيد جا مالڪ بنجي ويو. هن جي اين تي پٽي چاڙهي ويئي، جو هو ملڪ ۽ قوم جي بهبودي بجاءِ آقا جي خوشنودي ۽ وڌيڪ اعتماد حاصل ڪرڻ سان گڏ پاڻ کي ناهڻ ۽ وڌائڻ جي هوس ۾، هر برائي ڪرڻ تي آماده ٿي ويو. انهي مقصد سان رات ڏينهن ملڪي ماڻهن کي پيڙڻ ۽ رشوتون حاصل ڪرڻ لاءِ هو اهڙين اڻ سهائيندڙ حرڪتن تي لهي آيو جن تي سوچيندي دل ڪنبي اٿي ٿي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن زميندار يا شاهوڪار وٽان رشوت ملڻ جي اميد نظر نٿي آئي تہ اهڙي حالت ۾ هن سان جيڪو ورتاءَ ڪيو ٿي ويو، ان لاءِ هيٺيون مثال واقعي هڪ مثال آهي:

”... علائقي اندر ڪو وڏو سيٺ، شاهوڪار يا زميندار هوندو هو، جنهن جي آسانيءَ سان ”پرڻ“ (رشوت ڏيڻ) جو امڪان نہ هوندو هو، تہ پوءِ حد جا پوليس وارا، پاڻ ان جي خلاف، ڪوڙين صحيحن سان، ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ۽ پوليس ڪمانيءَ ڏانهن درخواستون روانيون ڪندا هئا، جيڪي جانچ لاءِ وري بہ موٽي وٽن پهچنديون هيون. انهن درخواستن ۾ لکيل هوندو هو تہ فلاڻي سيٺ يا زميندار جي ڪنواري نياڻي بار ڪيرايو آهي، جنهن کي ماري گم ڪيو ويو آهي....“

ڌارئين حاڪم جي پاليسي اڪثر ديسي ڪاموري کي هر خوف کان آجو ڪري، قوم ۽ وطن دشمنيءَ لاءِ هزارين رستا ۽ قانوني جواز پيدا

ڪري ڏنا. هر ڪاموري کي ڄاڻي ٻجهي ايڏي جرئت بخشي ويئي جو هلندي ڦٻندي وارا به ڪانئن ڪَئو ڪرڻ لڳا. ڪنهن جي مجال جو ڪنهن رواجي ڪاموري ڏانهن اک کڻي نهاري به سگهي، غريبن جي ته دنيا ئي پنهنجي هئي، جو جتي ماريو سو ماريو، نڪي داد نڪي فرياد. ڪنهن کي همت ٿئي جو ڪنهن ڪاموري جي منهن تي چڙهي سگهي ـــــ ڪاموري خلاف دانهن ڪرڻ هٿ وٺي، پاڻ کي ٻوهي ۾ ڏيڻو هو. ڪامورا شاهيءَ جي ظلم جا هزارين طريقا هوندا هئا. جيڪڏهن ڪو وڏيرو زميندر مٿين ڪامورن سان لهه وچڙ ۾ اچي، هنن کي حساب ڪتاب ڏيڻ کان لنوائيندو هو ته ان سان نبرڻ جو هڪ انوکو طريقو هوندو هو جنهن جو اظهار لائق مصنف هيئن ٿو ڪري:

”..... وڏيري جو پٽ پڙهي ٿو ڪراچي مدرسي ۾. موڪل تي جڏهن ڳوٺ آيل هو ته وٽس سوراجي اخبار ايندي هئي. ڪراچي سي. آ. ڊي پڇيو آهي ته اهو ڇوڪرو ڪير آهي، جيڪو سوراجي اخبارون پيو گهرائي. وڏيري کي نيوڙڻ لاءِ اها لکپڙهه بس آهي. ٿورو ڪڙڪو ڪريوس، پاڻيهي ڪير لاهي پوندو.... “

ديسي ڪاموري جي هن افسوسناڪ ڪردار ۽ غريبان مار پاليسي ديس پاين تي ظلم جون نت نيون راهون کولي وڌيون ـــــ هڪ طرف ڌاريو دشمن ديس جو ڪٽو ڪٽو ميڙي ٻهاري، غريب عوام جي ورثي ۾ بک ۽ بيماريون ڏيئي رهيو هو ته ٻئي طرف هن بي رحم جي پنهنجي پيٽ پرڻ ۽ انگريز آقا جي پيرن مظبوط ڪرڻ ۾ وسان ڪين ٿي گهٽايو.

ساڳئي وقت ڪي اهڙا نيڪ نيت ۽ خدا ترس ڪامورا هئا، جن ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ جو خيال ڪندي، انگريزن جي ڪا به پرواهه ڪانه ٿي ڪئي. اهڙو هڪ مثال مرحوم غلام مصطفيٰ خان ڀُرڳڙي جو پيش ڪيو ويو آهي. مرحوم ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي هو. انهن ڏينهن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽرن کي اختيار مليل هوندا هئا ته سرڪار جون سموريون غير آباد زمينون معمولي مالڪاڻي تي هر آئي وئي کي ڏيندا رهن. مرحوم پاڻ جڏهن روهڙي ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو تڏهن اتان جي غريب عوام جي بدحاليءَ کان متاثر ٿي سموريون سرڪاري زمينون بنا ڪنهن مالڪاڻي وٺڻ جي غريبن کي مفت ورهائي ڏنيون. سرڪار کي جيئي لڳي

ويئي، اهڙا اختيار کَسيا ويا. اهڙا ڪيترا ڪامورا هئا جيڪي اڄ تہ هن دنيا کان موڪلائي ڪري ويا آهن، پر سندن نيڪ نيتي ۽ صالح عملن جي ياد انساني دلين ۾ امانت طور سدائين سانڍيل رهندي.

حقيقت ۾ سڀ صاحب اقتدار ۽ صاحب اختيار اهڙا وطن دوست ۽ ماڻهپي سان پريل ڪونہ هئا. ان زماني ۾ انگريزن خلاف بہ اکر چوڻ وقت، هر وطن دوست کي، عمر سنڌي ڪاموري جي بزدلي ۽ منافقاڻي رويي کي ضرور نظر ۾ رکڻو پوندو هو. چاڪاڻ تہ جيسين دشمن کي ڪڙڪ پوي ئي پوي، تنهن کان اڳ هو پنهنجا سمورا پاور استعمال ڪندي ڪين گسندو هو: اڪثر ڪامورا، ڪي وڏيرا، ڪي اخبارن جا ايڊيٽر، ڪي پير ۽ مولوي ملڪي ۽ قومي روايتن جا سمورا ليڪا لتاڙي، وقت جي حاڪم جا خالص دلال بنجي بيهي رهيا. اهڙن غدارن جو ذڪر مرحوم پير تراب علي شاهہ هڪ ملاقات ۾ فاضل مصنف سان هيٺين ريت ڪري ٿو:

”جڏهن شيخ الهند عہ رحمت ۽ هندستان جي ٻين بزرگن انگريزن خلاف تاريخي فتوا جاري ڪئي تہ سنڌ مان شاهہ سائين (پير تراب علي شاهہ) سندس رفيق پيرن ۽ عالمن فورن ان تي دستخط ڪيا... اها حالت ڏسي انگريز حڪمرانن جا ڪن ڳاڙها ٿي ويا. ڪن ڏاڍي منيان لڳي تہ سِنڌُ جهڙي مانيٽي ۽ هر ’ميران رعيت‘ ملڪ مان بہ اهڙي باغياڻي صدا بلند ٿي. مسلمان عملدارن سان مشورو ڪيائون... هڪدم ٻن مولوين کي پرتي ڪري، سندن حوالي هي ڪم ڪيو ويو تہ فتوا جو رد ۽ پير تراب علي شاهہ جي تائيدي بيانن جو جواب لکن. ساڳئي وقت هيءَ ڪوشش بہ شروع ٿي تہ انهن ترديدي ڪاغذن تي صحيحن ڪرڻ لاءِ سِنڌُ جي پيرن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي. ڪانفرنس جي باري سِنڌُ جي پوليس ٿاڻن ڏانهن حڪم ڪيو ويو تہ هر ٿاڻي وارا پنهنجي پنهنجي حد جي پيرن جي لسٽ تيار ڪن.... پوليس ڏاڍو پاڻ پتوڙيو. جت ضرورت پيش آئي ۽ ٻيو ڪوبہ رستو نہ رهيو تہ اتي پوليس حڪمت عمليءَ کان بہ ڪم ورتو ويو يعني جن صوبيدارن کي پنهنجي حد اندر سچو پير هٿ ڪين لڳو تن مناسب شڪل رکندڙ پوليس پيرادين ۽ پاٽاريدارن کي وهنجاري سهنجاري، اڇيون پڳون ٻڌائي، تسبيح ڪنڌن ۾ وجهي، عصائون هٿن ۾ ڏيئي، گهلي وڃي ڪانفرنس ۾ موجود ڪيو... ٻئي ڏينهن ڪانفرنس جي ڪارگذاري،

فتوا ۽ ٻهرا سرڪاري اشتهارن جي ٻڪين ۽ خوشامدي اخبارن ۾ شان سان شايع ٿيا. اهڙي قسم جون ڪيئي اخبارون هونديون هيون___ وڏا پير شرم ۽ خلق جي خوف وچان حجرن ۽ گهرن ۾ لڪي پيا. ننڍن پيرن سان ڪتي مارڪٽ ٿي. پوليس جا ٿهيل پير، پڳون اچلائي، تسبيحون ڇني، موٽي پيرادو جو ڪم ڪرڻ ۾ پاٽاريون هلائڻ لڳا.“

سِنڌ جي پيرن ۽ مولوين طرفان انگريزن سان وفاداريءَ جو مٿيون اظهار راڻيپور ۾ ڪونايل ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو هو. جڏهن ڪانفرنس جي ڪاروائي انگريزن جي پشت پناهي ڪندڙ اخبارن ۾ شايع ٿي، تڏهن محب وطن ماڻهن جي حيرت جي حد ٿي ويئي. هنن بروقت اهڙن جي حضوري ڪندڙن کي سندن ڪردار جي نتيجي کان آگاهه ڪرڻ لاءِ هڪ خط ڇپرائي، ساري سِنڌ ۾ ورهايو. خط جو مضمون هيٺين ريت هو:

”..... انگريز سرڪار جي خوشامد ۽ سرڪار سان غير مقبول قومي سوالن جي سلسلي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ويهڻ، پيرن جي ساري فرقي ۽ سجادن جي ساري نظام لاءِ تباهي جو باعث ٿيندو. عام پبلڪ ڏسي ونندي ته پير صاحب فقط پنهنجن مطلبن سڌن ڪرڻ لاءِ سرڪاري دلال بنجي پيا. جڏهن خلق اهڙن پيرن مان بيزار ٿي ڪين رستو وٺائيندي ۽ هو ڪوٽي ڏوڪڙ وانگر ظاهر ٿي پوندا.....“

گهري نظر وجهڻ سان ڏسڻ ۾ ايندو ته هر دور ۾ اهڙا مخصوص ذهن ۽ عجيب ڪردار هر هنڌ آهن ئي آهن___ انساني تاريخ پنهنجي وهڪري سان گڏ ڪن کي اڪين تي جهالت جي پٽي ٻڌي، موت جي ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيندي آهي ته ڪن کي نئين نگاهه ۽ حوصلي سان اڳتي وڌڻ لاءِ جنم ڏيندي ۽ همٿائيندي آهي. اهڙي طرح مٿين مخالفت جي ڪابه پرواهه نه ڪندي ڪيترا محب وطن بزرگ، علما، پير، وڏيرا، استاد ۽ عام ماڻهو انگريزن خلاف سينا سپر ڪري، ميدان ۾ نڪري آيا. هنن محب وطن ماڻهن جو ذڪر ڪندي لائق مصنف لکي ٿو:

”ميان محبوب علي شاهه قومي تحريڪن جي وڏي سرپرستي ڪندو هو. ان وقت جا سمورا قومي ورڪر ساڻس وابستا هئا: ابو شوڪت حمزو، ماستر ميان عبدالرزاق، مولانا دين محمد ”وفائي“، مسٽر تاج محمد عليگ، ميان نعمت اَللهُ قريشي، وغيره. شهر ۽ ضلعي ۾ ٻه محاذ هوندا

هئا ___ هڪڙو محاذ هوندو هو سرڪار جي وفادارن جو ۽ ٻيو محاذ قومي ورڪرن جو. پوئين محاذ جو سمورو انتظام ميان محبوب علي شاهه رکيو ايندو هو.... انگريزن خلاف، خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جي سلسلي ۾ جو جهاد جو جذبو جاڳيو ان جو سنڌ اندر حقيقي جذبو جاڳائيندڙ مولانا تاج محمد امروٽي هو. ان ڪم ۾ ساڻس ٻيا بزرگ به شريڪ رهيا ___ مثلا پير تراب علي شاهه رحمت الله عليه، پير صاحب جهنڊي وارو (پير ميان رشد الله صاحب عليه رحمت)، مولانا عبيدالله سنڌي، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي، رئيس جان محمد جوڻيجو وغيره."

ويهين صدي انساني شعور ۽ فڪر جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪري رهي هئي. دنيا جي چپي چپي ۾ قومي شعور ۽ اتحاد جا جذبا وڌيڪ پرورش پائڻ لڳا، انساني ذهن ماضيءَ جي فرسوده ۽ مدي خارج تصورات ۽ روايات سان بغاوت تي آماده ٿيو. رنگ نسل ۽ مذهبي ڀيد ڀا جون ڪارڪاڌل ديوارون خودبخود ڍهڻ لڳيون ۽ ڪمزور قومون نئين ولولي سان اسرندڙ ذهن کي ڪافي متاثر ڪيو جيڪو ورثي ۾ اڳين نسلن جا مختلف تجربا ۽ عملي جدوجهد جا نتيجا ٻڌي ۽ ڏسي چڪو هو. انهي ڪري، هن جون نگاهون ڏسي رهيون هيون ته ڌارئين سامراج کي طاقتور بنائڻ ۾ ديسي دلال جو وڏو هٿ آهي. هو آخر انهيءَ نتيجي تي رسيو ته دشمن جي سموري چالاڪي فقط اقتصادي لٽ آهي، جنهن کي عام نگاهن کان پوشيده رکڻ خاطر مختلف حربا استعمال ڪيا پيا وڃن.

بدقسمتيءَ سان ساري هندستان ۾ سنڌ ئي هڪ اهڙو علائقو هو جنهن جي ڳلي ۾ غلاميءَ جو ٻه طرفو ڳاراهو پيل هو. هڪ ڌارئين مرڪز جي غلامي ۽ ٻيو بمبئي صوبي جي ماتحتي. هن صورتحال سنڌ جو هر لحاظ کان ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو. حريصن لالچي نگاهون سنڌ کي وڌيڪ ڪنگال بنائڻ لاءِ هر امڪاني طريقا عمل ۾ آڻي رهيون هيون. قومي ۽ وطني بربادي‌ءَ جو ڪيترن سنڌي مسلمانن ۾ ذري ماتر احساس ته احساس جي ماڳ مورڳو هنن منجهان ڪن (جيڪي سنڌ محمدن ايسوسيشن جا نمائندا هئا، جن ۾ اڪثر ڪري سنڌ جا ڪي وڏيرا ۽ ڪامورا شامل هئا)، وائسرا ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، کي وڃي عرض ڪيو ته "اسين مسلمان ڪمشنري راڄ ۾ بلڪل خوش آهيون، اسان کي خود حڪومت ۽

سياسي سڏارا ڪين گهرجن.“

انهي ساڳئي وفاداريءَ واري جذبي جي اظهار لاءِ سکر ۾ بہ خاص جماعتون هونديون هيون: هڪڙي ”انجمن اسلام“، جنهن جو سرپرست هڪڙو سيد هوندو هو. ٻي هئي ”انجمني اسلام“، جنهن جون واڳون پيو هڪڙو خانبهادر مرحوم سنيپاليندو هو. سکر ۾ جڏهن بہ انگريزن خلاف ڪو آواز اٿندو هو تہ هيءَ ٻيئي جماعتون، خدا رحمت ڪرين، انهيءَ گهڙي ڊوڙي وڃي انگريز ڪليڪٽر جو در ڪڙڪائي، پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياريندي هيون. هو محب وطن ماڻهن ۽ قومي ورڪرن جي مخالفت ۽ دشمني ڪرڻ کان بہ ڪين ڳسندا هئا. هندو سرمائيدار جيڪو شهرن ۾ آباد هو ۽ نون پيداواري طريقن کان آشنا ٿي چڪو هو، اهو البت اهڙن فردن تي فخر ڪرڻ سان گڏ ڪين هر طرح همٿائيندو هو. هن چاتو ٿي تہ انگريزن جي نيڪاليءَ کان پوءِ بہ وقت جون واڳون اسان جي ئي هٿن ۾ رهنديون ۽ پورهيت طبقي جي مقدر جا فيصلا بہ اسان کي ڪرڻا پوندا. نتيجو اهو نڪتو تہ هندو سرمائيدار مسلمان وڏيري جي مقابلي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ترقي ڪندو ويو. هن صورتحال جو ذڪر سر ابراهيم رحمت اللهُ بمبئي ور عليگڙهہ ۾ هڪ موقعي تي تقرير ڪندي چيو:

”هندن جي ترقي ۽ مسلمانن جي تنزل جو سبب هيءَ آهي تہ هندن ۾ هيرو ورشپ (يعني پنهنجن اڳواڻن جي پٺڀرائي ڪرڻ) جو مادو موجود آهي، ۽ برعڪس ان جي، مسلمان قوم جي دائمي خواهش هيءَ رهي ٿي تہ منجهانئن جيڪو بہ ماڻهو اڳتي وڌي، تنهن کي تنگ مان جهلي پوئتي ڦٿو ڪري ڇڏين.“

سر ابراهيم رحمت اللهُ جي مٿين تقرير کي نظر ۾ رکي سوچيو تہ اها ذهنيت خاص ڪري مسلمان وڏيري ۽ جاگيردار جي هئي: هزارها ورهين کان پراڻا پيداواري طريقا، ڳوٺاڻي زندگي ۽ جهالت سندس انهي ذهنيت جو ڪارڻ هئا. هن ۾ هندو سرمائيدار سان مقابلي جي طاقت ڪانہ هئي، انهيءَ کان سواءِ هو خود عام سياسي سجاڳيءَ کان ڊڄي رهيو هو. هن کي خوف هو تہ جيڪڏهن اڻ پڙهيو هاري آزادي ۽ انصاف جي حقيقتن سان روشناس ٿي چڪو تہ پوءِ منهنجو هيءَ مفت خوري جو سارو اڏمبر ناس ٿي ويندو. انهي خيال سان غريب طبقي مان جڏهن بہ ڪو محب وطن

۽ عوامي ورڪر ميدان ۾ تي آيو تہ مسلمان وڏيري سخت ناگوار ٿي گذريو.

هڪ طرف محب وطنن ۽ غريب ورڪرن ۽ محب وطن ماڻهن جي راهہ ۾ اهي رڪاوٽون هنيون تہ ٻئي طرف وڏيرن ۽ جاگيردارن جا نمڪ کائو ڪي ملا. آخوند ۽ پير صاحبان عوام کي نئين سجاڳي ۽ تعليم حاصل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ رات ڏينهن "اسلام خطري ۾" جا نعرا هڻندا ۽ واعظ ڪندا ٿي رهيا____ شل نہ ڪنهن بدنصيب کي انگريزي تعليم، انگريزي وار ۽ بدن تي پهريل نئين نموني جو ڪپڙو ڏسن، پوءِ تہ ان جي پيءُ ماءُ کي آخرت جي پڇاڻي جون ڳالهيون ٻڌائي، نئين علم ۽ فڪر جي نالي کان ئي ڇرڪائي ڇڏيندا هئا.

مٿي ڄاڻايل گهرو مخالفتن جي باوجود تاريخي تقاضائون انهن ڪمزور قومي ورڪرن ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ نت نيون راهون هموار ڪري ڏنيون____ تغير ۽ تبدل فطرت جو اٽل قانون آهي، ان جي قيامت خيز وهڪري کي دنيا جا پهاڙ بہ گڏجي روڪي نٿا سگهن. انگريزن جون شاطراڻيون نگاهون هندستان جي سياسي سجاڳيءَ جي رخ کي ڏسي رهيون هيون. هنن هندستاني عوام جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ بيچيني ۽ مطالبن کان خوفزده ٿي، "خوداختياريءَ" جا حق ڏيڻ قبول ڪيا. بدقسمتيءَ سان خود اختياريءَ جون واڳون وري بہ اهڙن ماڻهن جي حوالي ٿيون، جيڪي عوام مان نہ هئا؛ اهي ئي وڏيرا، جاگيردار، خانصاحب ۽ خانبهادر جيڪي سدائين انگريز آقا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا ٿي رهيا، تن جي حوالي ڪيون ٿي ويئون. هر تعلقي ۾ آنرري بينچ ماجسٽريٽ مقرر ڪيا ويا، جن جي هٿان عوام کي انصاف پلئہ پوندو هو. اهڙي هڪ ماجسٽريٽ جو ڪردار بيان ڪندي راشدي صاحب ٻڌائي ٿو تہ اهو ماجسٽريٽ ڪنهن شخص تي اڳ ۾ ئي ناراض هو. بدقسمتيءَ سان اهو بدنصيب ڪنهن ڏوهہ ۾ جوابدار بنجي، اچا ڪورٽ ۾ پير مس پاتائين تہ ماجسٽريٽ صاحب ڏانهنس سخت جوش مان نهاري، هڪدم سزا مقرر ڪيس. جوابدار جو وڪيل حيران ٿي ويو: هن دانهون ڪيون، قانوني حجتون اٿاريون، چي: "دنيا جي قانون ۾ ڪٿي بہ ائين نہ آهي تہ ڪيس هلائڻ کان اڳ ۾ سزا ڏني وڃي! هيءَ سراسر بي انصافي آهي." ماجسٽريٽ صاحب کاٻہ ڳالهہ نہ ٻڌي، ۽ هڪدم جوش ۾ اچي وڪيل کر حڪم ڏنائين تہ "تو کي ڪورٽ

جو حڪم مِٺو آهي، اُتي تقرير ڪرا“ لاچار وڪيل حڪم جي پيروي ڪندي اتيو ءِ هيئين تقرير ڪيائين:

”اڳ ٻڌندا هئاسين تہ هن ڪورٽ سڳوريءَ جي شهر اندر چوڪرا گڏهيون ڊوڙائيندا وتندا آهن. پر اڄ اکين ڏٺوسين تہ هيءَ ڪورٽ سڳوري گڏهين وانگر ملڪ جي قاعدي قانون کي ڊوڙائيندي رهي ٿي. انهن حالتن اندر تقرير فقط ايتري ٿي ٿي سگهي ٿي. باقي ڪورٽ سڳوريءَ جي سر بخت جو خير!“

مٿئين مثال مان هيءَ حقيقت واضع ٿئي ٿي تہ ”خوداختياريءَ“ واري نظام جون واڳون ڪم از ڪم شروع ۾ اڪثر اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪيو وئيون، جن ۾ نڪي عقل، نڪي وري انصاف جو مادو. انگريزن ڄاڻي ٻجهي اها روش اختيار ڪئي تہ جيئن ديسي ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ هڪٻئي جون ڏاڙهيون بہ سينگاريندا رهن، ۽ اسين بہ دنيا جي لعنت ملامت کان بچڻ وڏي وات ايئن چئي سگهون تہ اسان کين خود مختياريءَ جا جمهوري حق ڏيئي ڇڏيا آهن. مطلب تہ هن خود اختياريءَ واري خود ساختا نظام غريب عوام جي گلي ۾ وڏيرا شاهيءَ جا هٿ اهڙا سوگها وجهرائي ڇڏيا، جي پو سِنڌ جي علائقائي خودمختياري توڙي پورن آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ اجا ڪنهن طرح ڍلا نٿا ٿين.

مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ انگريزن جي ڏنل خود اختياريءَ سببان معاشري ۾ وڌندڙ بيچيني ۽ محب وطن ماڻهن جي ڪوشش، سِنڌ جي علحيدگيءَ لاءِ وڏيڪ هلچل پيدا ڪئي، ان ڪري ڪيترا هندو سرمائيدار جن بمبئي ڪائونسل ۾ ٻين هندو ميمبرن جي پاڻ ڏانهن وڏيڪ لاڙي جو فائدو ٿي ورتو تن بہ سِنڌ جي علحيدگيءَ جي سخت مخالفت ڪئي. بهرحال، سِنڌ جي علحيدگيءَ واري تحريڪ جيئن پوءِ تيئن زور وٺندي ويئي ۽ ڪافي جدوجهد کان پوءِ انگريزن کي سِنڌ جي سياسي اڳواڻن اڳيان جهڪڻو پيو ۽ آخر سِنڌ کي الڳ خودمختيار صوبي جي حيثيت ڏني ويئي.

سِنڌ آزاد نہ ٿي، پر وري بہ عوام جي قسمت جون واڳون حاڪم طبقي جي هٿن ۾ رهيون. لائق مصنف پنهنجي مخصوص انداز ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

”جن اصولن تي جدا سِنڌ جو ڪاروبار هلڻ لڳو سي مختصرن

هيءَ هئا:

1. وزير هر حال ۾ تيڻو آهي ۽ وزير تيڻ کان پوءِ هر حال ۾ بطور وزير تيڻ کان پوءِ بطور وزير جي قائم رهڻو آهي، پوءِ پل ان مقصد جي حصول لاءِ ڪيتريون به پارٽيون ڇو نه بدلائڻيون پون، ۽ پنهنجن واعدن ۽ قولن ۽ اصولن تان ڪيترا پيرا به ڇو نه ڦرڻو پوي.

2. جيڪو عرصو وزير رهجي، محض پاڻ کي متاري ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف رهندو اچجي.

3. سنڌ جي عوام جي ڀلائيءَ جو ڪو سوال ئي ڪونه هو ڇو ته جنهن شئي کي سياسي اصطلاح ۾ عوام سڏيو ٿي ويو، تنهن شي جو وجود ئي تسليم ڪونه ٿي ڪيو ويو...

سياسي پارٽي هرگز نهڻ نه ڏجي، ڇو ته سياسي پارٽي ٺهندي ته ان جو رخ ٿيندو عام ماڻهن ڏانهن، ۽ جڏهن عام ماڻهن سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ته وڏيرڪي ”هڪ هٽيءَ“ جا وڪا پڌرا ٿي پوندا. تنهنڪري اهڙي زهريلي سلي کي مورڳو اسرڻ ئي نه ڏجي“

سنڌي ليڊرن جي مٿين ڄاڻايل ذهنيت ۽ سندن سياسي تصور کي نگاهه ۾ رکندي اهائي اميد ٿي سگهي ٿي ته هو غريب عوام جي بهتري ۽ ڀلائيءَ بجاءِ هڪ ڏينهن ڪين ڪنهن نه ڪنهن هاڃي ۾ هٽي ڇڏين. انهي انديشي ثابت ڪيو ته واقعي ٿيو به ايئن. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس تحريڪن جي سياسي رقابتن، پارٽيبازي، ظلم، غريبان مار ۽ مذهبي بنيادن تي هندو مسلم دشمنيءَ کي هوا ڏيئي ڇڏي، ڏسندي ڏسندي هر هنڌ مذهبي نفرت جي باهه جا اُلا اٿڻ لڳا. هن دور ملڪي ڀلائيءَ بجاءِ هڪٻئي خلاف مذهب ۽ ڌرم جي ننگي تلوار استعمال ڪري ايتريون بي گناهه معصوم حياتيون ضايع ڪرايون، جنهن جو اندازوئي ڪري نٿو سگهجي____ صدين کان هندو مسلمان هڪٻئي سان پاڙو پاڙي ۾ ڏيئي، گڏجي گذارڻ وارا هڪٻئي جا جاني دشمن ٿي پيا: ڪڏهن ڪنهن مسجد جي سوال تان، ته ڪڏهن وري مندر جي معاملي ۾، وڏي بيدرديءَ سان انسان جي رت سان هولي ڪيڏي ٿي ويئي. مطلب ته هر معاملي ۾ مذهب کي (وچ ۾ ___سهڙيندڙ) ابوجه عوام کي ڀنيلائي، سندن عزيز حياتين سان هاڃا ڪري، پنهنجا مطلب سڌا ڪيا ٿي ويا. هن دور جي افسوسناڪ تاريخ تي نظر

وجهنديءِ مرحوم اَللهُ بخش سومري جو ذڪر آڻيندي لکي ٿو تہ انهي صورتحال ڏسڻ کان پوءِ مرحوم جي هي راءِ هئي:

”مذهب جي بنياد تي ملڪي ورهاڱي سبب وڏا ڏڦيڙ پوندا، سياست اندر مذهب جي ڪارفرمائي، مجموعي طور تي، ۽ نتيجي جي اعتبار کان، نيٺ هڪ ڏينهن نقصانڪار ثابت ٿيندي، ۽ ممڪن آهي تہ ماڻهن کي ڪنهن منزل تي رسي، خود مذهب کان بيزار ٿيڻو پوي: تنهنڪري سياست جو بنياد مذهب نہ پر تنها اقتصاديات تي هئڻ گهرجي.“

پر سياست جي ديوي جيڪا هيلتائين وڏن ماڻهن جي دروازن تي سلاميون ڪندي ۽ پنهنجون بوقلميون ڏيکاريندي ٿي رهي، سا اتان نامراد ٿي ۽ شڪست کائي ڪم از ڪم سِنڌُ کان ٻاهر عام گهٽين ۽ چوواٽن تي نڪري اچي بيٺي، ۽ ايئن ٿي ڏسندي ڏسندي ساري هندستان ۾ ڪيتريون نيون سياسي تحريڪون اڀريون: مزدور يونينون، هاري ڪاميٽيون، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ تحريڪون. هنڌين ماڳين انگريز سامراج خلاف نفرت جي باهہ ڄڀيون ڪرڻ لڳي. پورهيت طبقو ۽ سجاڳ ذهن نوجوان اڳتي وڌڻ لڳو. ٿوري ئي عرصي بعد مهاتما گانڌي، ڪانگريس ليڊر، انگريزن خلاف پنهنجو آخري هٿيار ”هندستان ڇڏي وڃو!“، عمل ۾ آندو. هر هنڌ ٿهري ڪارروايون عمل ۾ اچڻ لڳيون ـــــ ٽاڻن کي باهيون ڏنيون وئيون، سرڪاري جايون جلائي رک ڪيون وئيون، وغيره، وغيره. سِنڌُ ۾ بہ انگريز سامراج خلاف نيٺ ڪجهہ ڪجهہ ساڳي باهہ دُکڻ لڳي. نوجوان طبقو هتي بہ نڪري ٻاهر آيو ۽ جدوجهد لاءِ تيار ٿيڻ لڳو. انهي دور جو ذڪر ڪندي، سکر جي هڪ هندو نوجوان، هيمون ڪالاڻي، متعلق فاضل مصنف رقمطراز آهي:

ملڪ جي آزاديءَ خاطر جن پروانن شمع وطن اڳيان پنهنجين ٻچين جا ٻچ نذر ڪيا تن مان هڪ هيمون ڪالاڻي بہ هو. وڏي بي انصافي ۽ ناشڪرگذاري ٿيندي، جيڪڏهن سکر جي ذڪر هلندي آئون ڪيس وساريندس..... سال 1942ع ۾ هيمو ڪالاڻي پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ هڪ جاءِ تان ريل جي پٽڙي ڪيڏي، ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ريل تہ ڪانہ ڪري، پر پاڻ پڪڙجي پيو. انهن ڏينهن ۾ حرن کي سزا ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ ئي سِنڌُ ۾ مارشل لا لاڳو ٿي چڪو هو. هيمونءَ تي بہ ڪورٽ

مارشل ۾ ڪيس هليو. ڦاسيءَ جي سزا ملي. متن مائٽن سنڌس پاران گهٽيون رحم جون درخواستون ڪيون، پر هيمون ڪالاڻي پاڻ اهڙي ڪنهن به درخواست تي صحيح ڪانه پاتي. ملٽري ڪمانڊر انهن رحم جي درخواستن تي فيصلي ڪرڻ کان اڳ پنهنجا عملدار موڪليا ته هيمونءَ سان ملي معلوم ڪن ته ڪيس پنهنجي ڪئي تي شرمندگي محسوس ٿي آهي يا نه. ڪمانڊر جو خيال هو ته جيڪڏهن منجهس ٿوري به پشيماني آئي هجي ته هو متانئس ڦاسيءَ جي سزا معاف ڪري ڇڏي. پر چا ڏنائون ته اڳ کن اڳرو نه ڪئي تي پشيماني نه موت کان ڪا ڪنبڻي. ڇپائين جيئرو رهيس ته وري به اهڙا ڪم ڪندس ۽ اوسيتائين جاري رکيو ايندس، جيسيتائين انگريزن جي حڪومت هندستان مان ختم ٿي نه ويئي آهي. ڪيترا مهينا ڦاسي نه ڏنائونس. اهو سارو وقت انگريز فوجي عملدار ان انتظار ۾ رهيا ته ڪڏهن ٿو چوڪرو پڇتائي. پر هيمون ۾ پريشاني ناممڪن هو. آخر تنگ ٿي تختي تي چاڙهيائونس. رسيءَ کي چُمي ڏنائين ۽ ڪلندي ساهه سائينءَ جي سپرد ڪري ڇڏيائين.

متئين واقعي کي پنجويهه سال مس ٿيا آهن، انهي عرصي ۾ ڪيئي انساني حياتيون ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ گهتجي، بوساتجي ناس ٿي ويون، جن جي ياد به شايد ڪڏهن ڪا ڪن جي دلين ۾ ايندي هجي، پر هيمون ايتري عرصي گذرڻ کان پوءِ به ايئن پيو وسهڻ ۾ اچي، جڻ ته اج سان سيني جي اکين آڏو انصاف ۽ آزاديءَ خاطر جان جي بازي لڙي رهيو آهي.

هن سورمي کي بوساتي مارڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو اج زنده آهي، ته ان جي ذهن ۽ ضمير کي هيمونءَ جي ياد ضرور ڪنبائيندي هوندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي لاشعور مان ايري ڪانئس هيءَ سوال ضرور پڇندي هوندي ته ”چا، انصاف ۽ آزاديءَ خاطر لڙڻ وارن لاءِ اهوئي انعام آهي؟“

هيمون ۽ اهڙن بين هزارها انسانن جي قربانين آخر وڃي رنگ لاتو. انگريز سامراج کي ٽپڙ بڌي، ملڪ جون واڳون موٽائي انهن حقدارن جي حوالي ڪرڻيون پيون، جن کان هنن ظلم ۽ مڪاري ذريعي حاصل ڪيون هيون. انگريز فيل مست، جيڪو هن سرزمين جي هر چيز کي واڳون جيان ڳهندو ٿي ويو ۽ جنهن لاءِ عام چوڻي هئي ته ان جي اقبال جو سج ڪڏهن به غروب ٿيڻ وارو نه آهي، ان چوڻي هندستاني عوام جي متحد جدوجهد غلط ثابت ڪري

ڏيکاري، وچڙ وقت ڪنهن کي بہ ڪل ڪانہ پيئي تہ هيءَ هيڏي ادمبر ۾ جاهہ جو ڏٽي پنهنجي شڪست جي شرم سببان، هندستانين جي پيٺ بکئي ۾ انگ اگهاڙي عوام کان منهن لڪائي، پاسو ونئي، ڪيئن پڇي هليو ويو. ڪمزور قومون اهڙن ئي تاريخي واقعن مان سبق حاصل ڪري، پنهنجو پاڻ ۾ آزاديءَ لاءِ نئين عزم ۽ ولولي سان جاڳر تا آڻيندڻيون آهن.

قومن جي سجاڳي ۽ جدوجهد ڪڏهن بہ رائيگان ويڃي نہ آهي، خاص ڪري هن ويهين صدي دنيا جي ڪمزور قومن جو انهي صداقت ۾ ٺيڪ ايمان مضبوط ڪيو آهي. اهو ئي ساڳيو ايمان هو جنهن هندستاني عوام جي جدوجهد کي تيز ڪري، انگريزن جون پاڙون پٽي، کين هڪالي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هن صديءَ جي ٻين ۽ خامين جو ذڪر ڪندي، محترم راشدي صاحب لکي ٿو تہ:

”عيسوي ويهين صديءَ جو پهريون اڌ خاصي گوڙ گهمسان ۽ ڦيرڦار جو زمانو ٿي گذريو آهي. ان زماني ۾ ٻہ عالمگير جنگيون لڳيون، بادشاهين ۾ ٽاڪوڙا پيا، ڊڪٽيٽر ايريا ۾ ٽنگيا، ايٽم بم ڦاٽا، هند ۽ سِنڌُ مان فيل مست فرنگي موڪلائي ويو. هند ۾ سوراج ۽ سِنڌُ ۾ پاڪستان جڙيو. ملڪان ملڪ ذهني ۽ تهذيبي مهي ولوڙو شروع ٿيو. مڙسن سنهاريون صاف ڪرائي ڇڏيون ۽ سترونديون چادرون چيري ٻاهر نڪري آيون.“

ويهين صديءَ جي انهي مختصر جائزي مان اکين وارن لاءِ گهڻو ئي عبرت جو سامان آهي. بهرحال، ڀارت ۽ پاڪستان جو وجود اسان لاءِ هن صدي جا خاص تاريخي ڪارناما آهن. فاضل مصنف لکي ٿو تہ جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو تہ اهي ماڻهو جن جو مسلم ليگ سان ڪو واسطو ئي ڪونہ هو سي پاڻ کي وڏا همدرد ۽ خير خواه چوائي وچ ۾ اچي ويٺا. اهڙن ماڻهون جي ڪردار کي نشانو بنائيندي لکي ٿو تہ:

”انن نون سالن اندر پاڪستان ٺهي ويو. قائداعظم پاڻ گورنر جنرل بنجي آيو. دنيا نئون پيراهن پهريو. اهي ساڳيا مغرور وڏيرا ’آبا اجداد‘ کان مسلم ليگي هئڻ جو دعوائون ڪندا، سياسي شجرا هٿن ۾ لڙڪائيندا، اچي مسلم ليگي محفل جي وسط ۾ ويهي رهيا. سندن استقبال ۾ چئن ئي طرفن کان مرحبا جا آواز اٿيا. جو جو مرغ مسلم پاڪستان جي دسترخوان تي پيل نظر چڙهين، سوري پاڻ ڏانهن ڪيائون.“

اهڙا پيا بہ ڪردار لائق مصنف قلمبند ڪيا آهن. جيئن تہ هڪ دفعي پاڻ ۽ مرحوم تراب علي شاهہ ٽانگي ۾ وڃي رهيا هئا. رستي هلندي، گهوڙو گهہ ڪري بيهي رهيو. شاهہ صاحب ٽانگي مان لهڻ جو حڪم ڏنو. فاضل مصنف ٽتونءَ جي شان ۾ ٻہ ٽي ڳُتا لفظ چيا ۽ مرحوم شاهہ صاحب مرڪندو ٽي رهيو. عين موقعي تي ساڳئي رستي سان وڏيرن سان ستيل ٽانگا ڪليڪٽر سان ملاقات لاءِ وڃي رهيا هئا. شاهہ صاحب وڏيرن ڏانهن نهاري فرمايو: ”ڇا ٿا ڀانيو مسٽر راشدي! اسان جن دوستن وڏيرن کان تہ هيءَ ٽتونءَ وڌيڪ خوددار آهي. ۽ زور زبردستيءَ کي بنهہ ڪو نہ ٿو ليکي. پر اسان ڄڻن وڏيرن دوستن کي جيڪڏهن ڪليڪٽر وٽان حڪم ملي تہ ٽانگن ۾ جوٽجي سرڪاري سوارين ڇڪيو تہ ٽيندي ڪين مجال جو هن ٽتونءَ وانگر وچ رستي تي بيهي سرڪاري سوارين کيءِ اٿون هٽن؟ اوهين انگريزي پيا پڙهو ٿورو انصاف ڪري ڏسو! ڪير وڌيڪ آزاد طبيعت وارو ۽ ٽنهنڪري ڪير وڌيڪ عزت جو لائق آهي، هيءَ ٽتون، يا هو اشرف المخلوقات؟“

لائق مصنف صحافت، سياست ۽ ادب جي دنيا ۾ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. هن کان اڳ سنڌي زبان جي ٻئي ڪنهن بہ اهل قلم، هن نموني، سنڌي معاشري جي مختلف رخن ۽ گوناگون پيچيدگين کي قلمبند ڪرڻ جي شايد ايڏي اهميت ڏيان ۾ ئي ڪانہ ٿي آندي. بهرحال، وقت ۽ ضرورت هر چيز جو پنهنجو قدر ۽ قيمت مقرر ڪرائي ٿي____ جيڪا چيز اڄ اسان لاءِ فائدي واري آهي، سا سڀان ٻين لاءِ ايتري ڪارائتي ثابت نہ ٿئي. انساني شعور ۽ عمل کي سامهون رکندي، اهائي اميد ڪري ٿي سگهجي تہ اسان جا ايندڙ نسل جيڪي وڌيڪ سازگار حالات ۾ پلبا، تن لاءِ هيءَ چيز ماضيءَ جي تاريخي سلسلي جي هڪ ڪڙي ليکجڻ ۾ ايندي، ۽ هو بقول ”اياز“، زندگيءَ جي هر راهہ تي اهائي ڏن ڳائيندا ۽ وڄائيندا رهندا تہ:

سياڻو سرويچ جو ڪانئر ڳولي ڪالهہ،
ماضيءَ ۾ ئي مرٽيسنگ ڍوڍيسندو آ ڍال،
وڏ وڏ جيئن شال، مُڙي ڏس نہ ماڳ ڪي!.

(_سيپٽمبر: 1966ع لقمان پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.)

مرزا صاحب جي جنم ڏينهن وڏي پيماني تي
حيدرآباد ۾ سِنڌُ جي اديبن، شاعرن، نوجوانن ۽
شاگردن شرڪت ڪئي. مون هڪ مقالو "اسان جو
قليچ" ان موقعي تي پڙهيو. ان مقالي جي شروعات
شاهہ صاحب جي شعر سان هئي:

## ڪتاب تي تبصرو:

### اسان جو قليچ

جيتر هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وجي پورءِ پيئي، سارينديي سڄڻين.

***پناڻي*** صاحب جو مٿيون بيت، سنڌي ادب جي بي لوث خادم، مرزا قليچ بيگ مرحوم جي ذات سان، سندس عملي ۽ ادبي خدمتن جي سلسلي ۾، ايتريقدر مناسبت رکندڙ ۽ صحيح ترجماني ڪندڙ آهي، جنهن ڪان ڪو بہ علم دوست ۽ ادب شناس انڪار نٿو ڪري سگهي. مرحوم ننڍپڻ کان ئي حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين، هڪ سچاڻ پورهيت جي حيثيت ۾ لڳاتار علم ۽ ادب جي سدا حيات مشعل کي روشن ڪندا، پنهنجي معاشري جي اونداهين دلين، توڙي اڻڄاڻ معصوم ذهنن کي، زندگيءَ جو ڪو نہ ڪو نڪتو ۽ ڪا نہ ڪا راهہ ڏيکاريندا ئي رهيا. اهڙي ريت، حياتيءَ جي هر منزل تي، ڪڏهن بہ سندن ادبي پورهئي سان، پيار واري مقدس جذبي ۾ نڪي تہ ڪا ماٺائي آئي ۽ نہ وري سندن قلم ڪٿي، ڪنهن منزل تي، ٿڪجي بيهي رهيو. اڻ ورچ انسان وانگر، زندگيءَ جو هر هڪ پل، امانت ڄاڻي، ان جي صحيح مصرف ۾ رڌل رهندي، هڪ اهڙي انوکي ۽ جاذب شخصيت نظر اچي ٿي، جيڪا پس پردي، هر انساني دل

ڪي اهائي اپيل ڪندي هجي، تہ هوءَ پاڻ جتي ۽ جنهن بہ سماجي ڪارج سان وابستہ آهي، اتي، انهي امانت کي سقلي بنائڻ ۾ وسان ڪوتاهي نہ ڪري.

مرزا مرحوم جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪي قدر اپٽار ڪرڻ کان اڳ، وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ خود سندن حياتيءَ جي تاريخي دور تي پڻ سرسري نگاه وڌي وڃي، ڇاڪاڻ تہ هر انساني ڪردار جي تعمير ۾ ماحول ۽ معاشري جو ئي هٿ هوندو آهي. انهي بنيادي حقيقت کي نظر انداز ڪرڻ سان، ڪا بہ شخصيت، ڪو بہ انساني ڪردار اصلي روپ ۾ اجاگر ٿيڻ نہ فقط ناممڪن ئي آهي، پر خود اها شخصيت هڪ اهڙو منجهيل مسئلو بنجي پوندي، جو ان متعلق جيڪي بہ نتيجا اخذ ڪيا ويندا، سي سراسر غلط، حقيقت کان پرانهان ۽ بي پاڙي ول جيان هوندا.

انسان پنگتي جيو آهي. هن جي اُسرڻ اُيرڻ ۽ مڙني صلاحيتن جي قلڻ ڦولڻ جون راهون، سماجي عمل دخل ۽ سوچ ويچار جي ڌارائن سان لاڳاپيل هونديون آهن_ جڏهن بہ ڪنهن شخصيت کي انهي مرڪزي دائري کان سيري، پرانهين ڪرڻ جي ڪوشش ٿي آهي، تڏهن اڪثر ڪري فڪري وحدت جي راهہ ۾ فتور پيدا ٿيو آهي_ يا ايئن چئجي تہ اهڙي ڪوشش، حقيقت کان اکيون ٻوٽي، انڌي جيان هٿوراڙين ڏيڻ مثل آهي، جنهن مان هميشہ انساني اتحاد ۽ رواداريءَ جا عظيم ترين رشتا، ڪمزور ٿيندا ۽ ٽٽندا پئي رهيا آهن.

مناسب ٿيندو تہ هينئر ان تاريخي دور جو جائزو وٺجي، جنهن ۾ اسان جي بزرگ ۽ سنڌي ادب جي عظيم محسن اکيون کوليون ۽ ڪيس ڪائنات جي عجيب غريب نظارن ۽ گوناگون رنگينين ڏسڻ ۽ پسڻ جو موقعو مليو. ننڍڙي قليچ جي جنمجڻ کان 9 سال اڳ، آزاد سنڌ، غلاميءَ جي زنجيرن ۾ ڇوڪنيي جڪڙجي چڪي هئي، ۽ سنڌي قوم جي مستقبل جون واڳون، هڪ اهڙي مڪار ۽ اڳرائي پسند قوم جي هٿن ۾ اچي ويون، جيڪا فريبڪارين تي پردي پوشيءَ ڪرڻ ۾ نهايت هوشيار ۽ وڏي تجربيڪار هئي. سِنڌُ جا سادا ۽ ويساهہ وسوڙل ٽالپر حڪمران، هنن دغا بازن سان پوري پئجي ڪين سگهيا، ڇاڪاڻ تہ نون جنگي هٿيارن سان گڏوگڏ، مير جعفر (بنگال وطن جو غدار) جا پائر سنڌ ۾ بہ موجود هئا. . هنن

وطن دشمن غدارن، فرنگي اقتدار کي تسليم ڪندي ۽ نون آقائن جي چاپلوسي ڪرڻ کي فخر ڄاڻندي، پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم جي ڳلي تي تيز ڇري وهائڻ ۾ ڪا به ذلت محسوس ڪا نه ڪئي.

انساني تاريخ ۾، جڏهن به ڪي انقلاب آيا آهن، ته تخت ۽ تاج جا اڳوڻا ڌڻي ۽ ساڻن گڏ سندن همدرد ۽ نمڪ کائو به انهي لپيٽ ۾ لهسجي پئي ويا آهن_ فاتح جي زورآور هٿن هڪ ٿي ڏڪ سان، مفتوح ۽ ان جي حوارين جي وجود کي يا ته صفحه هستيءَ تان بنهه ميساري، ناس ڪري پئي ڇڏيو آهي، يا وري سندن اڳوڻي اقتدار ۽ اثر کي اهڙي ڪاري ضرب رسائي آهي، جو هُو اڳوڻي مقام تان ٿيلهجي، عام رواجي حيثيت کي وڃي رسيا آهن_ پر، هتي ته قصو ئي الٽو نظر اچي ٿو!

شاطر انگريزن، ٽالپر حڪمرانن کي ته قيد ۽ بند جون تڪليفون ۽ ٻيا عذاب ڏنا، پر سندن ڪن مشيرن، صلاحڪارن ۽ خود ٽالپر خاندان جي ئي ڪن خاص فردن تي خاص مهربانيءَ جي نظر ڪئي ويئي. هن وقت انهيءَ حقيقت کي اجوڪي موضوع کان پرانهون رکندي، اسين پنهنجي اصلي مقصد تي اچون ٿا.

انگريزن کان اڳ، هن سرزمين تي، ٻي ڪنهن به اهڙي دوکيباز قوم، پنهنجا منحوس قدم نه رکيا هئا. هنن سنڌي قوم جي خون پسيني مان جاوا ڪندي، پنهنجي مڪار سياست جو اهڙو بدترين ڄار پکيڙيو ۽ اهڙي فڪر ۽ تعليمي سرشتي کي جنم ڏنو جو طبقاتي اختلافن، سماجي ناانصافين ۽ قومي ڦرلٽ تي وڏي هوشياريءَ سان ليپي پوتي ٿيندي رهي، ۽ نتيجي ۾ سياسي ۽ سماجي ظلمن ۽ زيادتين خلاف لڙڻ ۽ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ بجاءِ، قسمت، نصيب ۽ صبر شڪر جو اهڙو آفيم پيٽ پئجي ويو جو هر ڏاڍائيءَ کي ٽڏي سيني قبول ڪرڻ جي سنڌي قوم ۾ عام وبا ڦهلجي ويئي. انگريزن انهيءَ طريقي، عام ذهني تباهي آڻڻ کان پوءِ هتان جي اڪثر صاحب دولت طبقي جي ذهن ۽ ضمير تي اهڙو ڪارنهن جو هٿ ڦيريو جو پنهنجن آقائن جي نيڪاليءَ کان پوءِ به، سندن نقش قدم تي هلندي امن، انصاف ۽ ڀائپيءَ جي نعري ۾، هر ڪا من ماني ڪندا، ڦبندا رهن ۽ ڪين اهڙي ڦتڪار جوڳي هلت تي، نڪي ته پنهنجو اندر ئي ٿو ڪائي ۽ نڪي وري ڪو ضمير ئي ٿو ملامت ڪري!

اسان جي هن نماڻي ۽ نهٺي، اديب ۽ عالم اهڙي ئي دور ۾ پرورش پاتي. مرحوم پنهنجي سماجي رسمن رواجن، عقيدن ۽ خيالن، مذهبي مت ڀيدن، هڪبئي خلاف ڪفر ۽ اسلام جي فتوابازين ۽ ٻين ازين قسم جي پروپئگنڊائن کي ڪافي ٻڌو ۽ سٺيو. پر، پاڻ اهڙي ڪنهن به ڏيڻ ۾ ڦاسڻ کان گهڻو پرانهان رهيا. پاڻ هر اهڙي نفرت ڦهلائيندڙ خيال، عمل ۽ تحريڪ کان هميشه بي نياز رهيا، ڇاڪاڻ ته سندس وسيع قلبي ڪنهن به حالت ۾ اهڙن تنگ نظر ۽ محدود دائرن ۾ سمائجي ڪا نه ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن فرقي يا ڌرم جي پوئلڳ، پيرِ ۾ پرميشور جو آشيانو قبول ڪيو ٿي، يا ڪنهن ٻئي ٻير ۾ سائينءَ جو واسو مڃيو ٿي، ته قليچ کي انهيءَ تي ڪو به اعتراض ڪو نه هو. هن جي من، مندر توڙي مسجد ۾ ساڳي جوت کي ٻرندي ڏٺو_ اهوئي ڪارڻ هو جو مرزا مرحوم، هر فرقي ۽ هر ڌرم جي پوئلڳن ۾ انسانيت لاءِ وڌيڪ انس ۽ شناس پيدا ڪرڻ خاطر، سالها سال قلمي پورهيو ڪندا ۽ پنهنجو نور نچوئيندا رهيا.

آئون هينئر هڪ اهڙو مسئلو پيش ڪرڻ گهران ٿو جيڪو مرحوم جي ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ اعتراض طور پيش ڪيو ويندو ٿو. مسئلي پيش ڪرڻ کان اڳ، هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي ته اسان جي اڄوڪي دور جي شعور ۽ اڄ کان اڌ مني صدي اڳ واري دور جي شعور ۾ ايترو فرق آهي، جيترو اڄ هڪ اڻڄاڻ ڳوٺاڻي هاري ۽ شهر جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ۾ آهي. انساني شعور هميشه مادي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي ۽ پيداوار پئي رهيو آهي. انهي حقيقت کي قبول ڪرڻ کان پوءِ ڏسبو ته مرزا صاحب جي دور جون اقتصادي، سياسي ۽ سماجي تقاضائون، اڄوڪين تقاضائن کان ڪافي مختلف هيون. اڄوڪو دور جنهن حد تائين، مشين جيان، تيز رفتاريءَ سان گردش ڪري رهيو آهي ۽ ان جي هر ڪا حرڪت، هر هڪ رد عمل، هر هڪ برائي ۽ سنئين سڌي قرلت، هڪ عام رواجي سمجهه واري کان ته ڳجهي پالهي ڪانهي، پر گڏوگڏ طبقاتي اختلافن کي تيز ڪندي، هڪ ئي خون ۽ عزازت جي رشتن ۾ پڻ ان اختلاف جون ديوارون کڙيون ڪري ڇڏيون آهن. ڪلهه جي اديب ۽ اڄ جي اديب ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي ۽ جوابدارين جو احساس آهي،

تہ فقط انھيءَ مشاهدي جو_ عام انساني ڦرلٽ جو! منهنجي خيال ۾ قليچ جي قلم کي پرکڻ کان وڌ، قليچ جي عظيم انساني دل کي ڏسڻ کپي!

مرحوم مرزا تي هيءَ اعتراض ڪيو ويجي ٿو تہ 'هن انگريزن جي ڦرلٽ واري نظام ۽ جاگيردار شاهي، زميندار شاهيءَ جي ظلمن ۽ ڏاڍاين خلاف ڪي بہ نہ لکيو آهي؛ حالانڪ هڪ اديب، شاعر ۽ دانشور تي اهوئي اهم فرض آهي، تہ هو پنهنجي سماج جي ڏاڍائي پسند حيواني طاقتن هٿان، جڏهن بہ پورهيت کي لتبو ڦربو ۽ ماربو ڏسي، تڏهن سندس قلم هيٺين ۽ ڪمزورن جي حمايت ۾ ظالمن خلاف، تلوار کان بہ وڌيڪ تيز بنجي، وار مٿان وار ڪري'

مٿيون اعتراض واقعي وڏي اهميت رکي ٿو. پر جيڪڏهن وڌيڪ گهري نظر سان ڏسنداسين تہ مرحوم مرزا صاحب جو سمورو قلمي سرمايو اڃان ڪنهن جي بہ نظر مان نہ گذريو آهي، ۽ ساڳئي وقت جيڪي ڪجهہ اسان جي سامهون آيو آهي، ان جو بہ اسان دل جي خوض ۽ خيال سان شايد ئي مطالعو ڪيو هجي. آئون هتي هڪ اهڙو مثال پيش ڪريان ٿو جنهن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ ويچارڻ بعد، ڪنهن حد تائين اهو اعتراض نٿو رهي، پر پاڻ، مرزا صاحب مظلوم ڌر جو حمائتي ڏسڻ ۾ ايندو. اسان مان جن بہ مرزا صاحب جو ترجمو ڪيل ڊرامو "انڪوائري آفيسر" اسٽيج تي ڏٺو يا پڙهيو آهي، سي هڪوار پنهنجي دل کان پڇي ڏسن تہ ان ۾ ڪامورا شاهيءَ جي غريبان مارهلت جي عڪاسي ڪندي، ان ظالماڻي نظام جي منحوس چهري تي ڪيڏي نہ زوردار ٺڪڙ هنئي ويئي آهي.

شايد انهيءَ ڊرامي متعلق اهو اعتراض ڪيو ويجي تہ 'مرزا مرحوم جو پنهنجو طبعزاد لکيل نہ آهي، تنهنڪري ان کي ايتري اهميت ڏيڻ نہ جڳائي.' پر، ادب يا ٻئي ڪنهن بہ سماجي ڪارج جي سلسلي ۾ هيءَ حقيقت ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هر انساني عمل، سواءِ ڪنهن مقصد جي وجود ۾ نہ ايندو آهي. ڪنهن بہ اديب ۽ فنڪار جو ذهن، جڏهن ڪا طبعزاد چيز پيش ڪري ٿو يا هو ڪو ترجمو ئي ڪري ٿو تڏهن، هو پنهنجي ذهني پسند مطابق ئي قلم کڻي ٿو. هن جو ذهن، جيڪو پنهنجي ماحول ۽ معاشري جي تجربي ۽ مشاهدي مان ئي اسري نسري خود تخليقي مرحلي تي پهتل آهي، سو اهائي چيز قبول ڪندو جنهن جو هن جي ذهني اڏاوت

۾ اهم حصو هوندو. ڊرامي جو حاصل مطلب هيءَ آهي تہ ڪامورو طبقو جنهن کي عوام جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، سو خدمت تہ خدمت جي ماڳ، مورڳو بگهڙ جو روپ وٺي غريب عوام کي رڏون ٻڪريون ڄاڻي، سندن ڪکيون ڦاڙيندو ۽ پنهنجا اوجهہ ڀريندو ٿو رهي. ڊرامي جا خاص ڪردار مختيارڪار، پوليس انسپيڪٽر، ڊاڪٽر، ميونسپالٽيءَ جو انسپيڪٽر، ٻين کاتن جا عملدار، وڏيرا ۽ واپاري، ڪيئن نہ پاڻ ۾ گڏجي، نانيءَ ڪنڙو ناهي، ملڪ ۽ ماڻهن جي هٿ وٺي ٻيڙي ٻوڙيندا ٿا رهن. ڪامورا شاهيءَ جي انهي اونداهي ڪردار کي نشانو بنائيندي، فنڪار جو ذهن هڪدم پلٽو کائي ٿو ۽ حقيقت شناس نگاهہ انهن ساڳين مجرمن سان پورو پورو نياءَ ڪري ٿي. هو انساني فطرت جي اٿاهہ نيڪيءَ کي سامهون رکندي، انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ هنن ننڍن ڪامورن کي، جن تي سارو بار ۽ بوجهہ آهي، ملي بہ ڇا ٿو؟ هيءَ تہ پاڻ ئي بکيا آهن، هنن کي ٻہ ٻچا آهن، هنن کي بہ گهرجون آهن، وغيره وغيرو. ڪنهن بہ اديب، شاعر ۽ دانشور جو ذهن، هر سماجي برائيءَ تي سوچيندي، جڏهن انهيءَ بنيادي نڪتي تي پهتو تڏهن آئون سمجهان ٿو تہ هن پنهنجو ادبي ۽ انساني فرض پورو پورو ادا ڪيو.

اهو ڊرامو دراصل روس جي عوامي اديب، گوگول، جي مايہ ناز تصنيف آهي. گوگول، روس جي ڪلاسيڪي ادب ۽ لوڪ گيتن جي اٿاهہ ساگر ۾ غوطا هڻي، واريءَ جي تهن هيٺان دٻيل ڪيئي ماڻڪ ۽ موتي، جهولين حساب، روسي عوام جي بارگاهہ ۾ پيش رکندي، منجهن زندگيءَ جو نئون روح ڦوڪيو. خاص ڪري، يوڪريني قوم جي، پولستاني قوم خلاف وطني آزاديءَ واري هلچل، کيس گهڻو متاثر ڪيو. ٿو ڏسجي، هينئن، جو پولينڊ وارن، يوڪريني علائقي کي زوري پنهنجي علائقي ۾ شامل ڪري، وڏي حرفت ۽ ڏاڍائيءَ سان يوڪريني قوم کي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي طور تباهہ ڪرڻ لاءِ سڀ طريقا عمل ۾ آندا. هنن جي زمينن ۽ روزگار ۽ مڙني وسيلن تي قبضي ڪرڻ سان گڏوگڏ مٿانئن پولستاني تهذيب کي زوري مڙهڻ لاءِ حڪمرانن، جاگيردارن، زميندارن، مذهبي علمائن ۽ پادرين گڏجي بدديانتيءَ جا سمورا طريقا استعمال ڪيا. يوڪرينين کي ذهني طور غلام بنائڻ لاءِ، سندن مادري زبان کي پڻ غير قانوني ٺهرايو ويو.

يوڪريني قوم جي انهيءَ رزميہ زندگيءَ جي مطالعي، هن بهادر قلمڪار کي ساري حياتي انساني ظلم ۽ زيادتين خلاف، جنگ جوٽڻ تي آماده ڪيو. ”انڪوائري آفيسر“ بہ هن جو زار شاهي دور جو پنهنجو ذاتي مشاهدو آهي، جنهن کي نهايت بيباڪيءَ سان ننگي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. مرزا مرحوم بہ انگريز شاهيءَ جي اهڙي اونداهي دور ۾ سنڌي قوم کي پيڙبو ۽ تباهہ ٿيندي ڏٺو. انهي ڊرامي جو ترجمو گويا سندس پنهنجي ئي سماج جو مشاهدو آهي، جنهن کي ترجمي جي صورت ۾ پيش ڪري، سنڌي قوم کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

مرزا مرحوم متعلق اهڙيون روايتون بہ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون تہ پاڻ عدل ۽ انصاف جي ساهميءَ کي سچي چمار هٿن ۾ جهليندي، اکيون ٻوٽي، لڪير جا فقير ڪين رهيا، پر سدائين پنهنجي مشاهدي ۽ انساني دل کي اهميت ڏيندي، تارازيءَ جي ٻنهي پڙن ۾، هلڪي ۽ ڳري، ڏاڍي ۽ هيٺي جو فرق ڪندا رهيا.

آخر ۾ عرض آهي تہ مرزا مرحوم جي ذات سان ادبي عقيدت ۽ محبت رکندڙن لاءِ اهوئي مناسب آهي تہ مرحوم جي ادبي مقام ۽ منزلت قائم ڪرڻ ۾ حقيقيت پسنديءَ کان ڪم ونجي ۽ مرحوم جي انسان دوستيءَ واري عظيم جذبي جو قدر ڪجي! قليچ انسانيت جو مبلغ آهي، هو ڪنهن بہ فرقي ۽ گروهہ کان گهڻو بالاتر آهي. اڄ اسان مڙني تي اهو فرض آهي تہ پنهنجن بزرگ اديبن ۽ عالمن جي صحيح قدر ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي علمي ۽ ادبي سرمايي جي ترقي ۽ تحفظ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪريون؛ ڇاڪاڻ تہ اڄ سنڌي ٻولي ۽ ادب مٿان مخالفت جا اونداها ڪڪر، آڏي مانجهي، سرٽين جيان لامارا ڏيئي رهيا آهن. ايئن نہ ٿئي، جو اسان جي تنگ نظري ۽ ڪاهليءَ سببان، ايندڙ نسل ان مان مستفيض ٿيڻ کان محروم رهجي وڃن ۽ ان کي ڪو پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارو ئي نہ رهي!

اڄ اسان تي هيءَ بہ لازم آهي تہ تنگ نظريءَ کي ڦِٽي ڪري، وقت ۽ حالات کي وسيع نگاهہ سان ڏسون، پر بدقسمتيءَ سان جيڪڏهن اسان مان ڪي اڃا بہ پنهنجي رنگين ادبي لبادن سببان، انهيءَ حقيقت کي قبول ڪرڻ نہ ٿا چاهين، تہ اهي ادبي افاديت ۽ عام ڀلائيءَ جي راهہ ۾ ڇاٽي

پجهي، ٻاهر ڪندا پکيڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙي حرڪت سدائين نيبهه رهڻي نه آهي. هڪ ڏينهن، حقيقت، ذاتي مقصدن جي مڙني پرده پوشين کي چيري، ڦاڙي، ننگو ڪري رکندي، اڄ ڪنهن به علمي ادبي توڙي زندگيءَ جي ڪنهن به مسئلي کي گول مول انداز ۾ پيش ڪرڻ جو وقت نه آهي: نڪي اڄ ڪنهن جي مٿان علمي چٺونڙي ڏيڻ واريـن خـود ساخته دعوائن جو دور آهي. اڄ هر انسان تي سنئين سڌي حليميت، سچائي ۽ عام ڀلائيءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ جو وقت آهي. قلابازي کائڻ مان جيڪڏهن ڪن ذاتي خواهشن جي تڪميل ٿيندي هجي، ته آخر اهي به ڪيستائين اٽڪل ۽ هوشياريءَ جي اوٽ ۾ هلي سگهن ٿيون؟ حقيقت جو سج گهڻو ايري چڪو آهي ۽ اهو هزارها مخالفتن جي باوجود، دنيا جي ذري ذري کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ روشني بخشيندو ڪمزورن ۽ هيٺن کي پنهنجي روشن راهه تان گڏجي وڌڻ لاءِ، همت ۽ حوصلي جا نت نوان پيغام پهچائيندو رهي ٿو.“

3، جولائي: 1967ع

مرزا صاحب جي آتم ڪٿا تي ڪيل تبصري ۾ ڪن
اهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيم, جيڪي ڪيترن بزرگن
لاءِ نيون ۽ فڪر جي دعوت ڏيندڙ هيون:

## ڪتاب تي تبصرو:

## سائو پن ۽ ڪارو پنو

**سنڌ** جي مايہ ناز اديب ۽ عالم مرزا قليچ بيگ مرحوم جي علمي ۽ ادبي حيثيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. ٻاراڻي اوستا کان وٺي زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين هڪ اڻ ورچ انسان جيان لڳاتار سنڌي زبان ۽ ادب جي جيڪا خدمت ڪئي اٿن, سا ڪڏهن بہ وسرڻ جوڳي نہ آهي.

زير نظر ڪتاب جي مختصر جائزي وٺڻ کان اڳ سرڳواسي ڏيارام گدو مل جو ذڪر نہ ڪرڻ هڪ وڏي بيقدري ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ ان صاحب جي ئي ڪوشش سان مرزا صاحب, ستر ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي هن آتم ڪهاڻي ("سائو پن يا ڪارو پنو") کي قلمبند ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. جيڪڏهن سرڳواسي ان ڳالهہ جي اهميت ۽ افاديت ڏانهن مرزا صاحب جو ڌيان نہ ڇڪائي ها, تہ نڪي هيءَ چيز اڄ اسان جي هٿن تائين پهچي ها ۽ نڪي سنڌي ادب ۾ ان جي وجود ۾ اچڻ جو ڪو امڪان ئي ٿي سگهي ها. مرزا صاحب جي ذاتي راءِ هيءَ هئي تہ.

جيئري ماڻهو جو احوال لکڻ اجايو آهي جو خبر نہ آهي تہ هن جي پڇاڙي ڪيئن ٿئي ۽ هن جا خيال ۽ قول ۽ فعل ساڳيا رهن يا نہ. . .

پر پوءِ جيئن مرزا صاحب پاڻ لکي ٿو تہ:

. . . منهنجي جهوني ۽ معزز دوست، ديوان ڏيارام گدو مل مون کي لکيو تہ ٻين گهڻن ڪتابن لکڻ کان پوءِ پنهنجي حياتيءَ جو احوال پنهنجي هٿن سان لک... گهڻن نامور ماڻهن ائين ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ۾ ڪو بہ عيب ڪونهي، بلڪ ان مان فائدا آهن. . .

بهرحال، ستر ورهين جي عمر ۾ (سال: 1933ع) پنهنجي دوست جي فرمائش تي هيءَ سمورو مواد ڪجهہ حافظي جي آڌار تي ۽ ڪجهہ پنهنجي لکيل روزنامچي جي بنيادن تي ترتيب ڏنو ويو آهي. سال 23 کان 1926ع يعني ڇهن سالن جي عرصي جو احوال جيڪو مرزا صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ شامل نہ ڪيو آهي، ان لاءِ مرزا صاحب جي لائق فرزند، مرزا اجمل بيگ، جنهن صاحب ڪتاب جي مهڙ ۾ ويهن پيجن جو تعارفي نوٽ لکيو آهي، رقمطراز آهي:

ان خال جي پورائي لاءِ محترم محمد ابراهيم جوئي صاحب، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي صلاح مطابق ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ضميمي طور مرزا صاحب مرحوم جي پوئين سالن ۾ لکيل روزنامچي جا چند ورق اختصار طور پيش ڪيا وڃن ٿا.

ادب جي مڙني صنفن ۾ خود نوشتہ سوانح حيات کي وڏي اهميت آهي، پر شرط آهي تہ لکندڙ پنهنجو پاڻ سان سچو رهي_ هو جيڪي آهي ۽ جنهن نموني زندگيءَ جي مختلف مرحلن تان گذريو آهي_ هن کان زندگيءَ جي راهہ ۾ جيڪي بہ خوبيون ۽ خاميون سرزد ٿيون آهن، انهن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ۾ ڪابہ هبڪ ۽ ڪابہ هتڪ محسوس نہ ڪري. اهڙي سوانحعمري ان شخص جي زندگيءَ جي صحيح تصوير ليکبي: جنهن مان مطالعي ڪندڙ کي ڪا نہ ڪا پنهنجائپ ضرور ڏسڻ ۾ ايندي.

لکندڙ ۽ پڙهندڙ ڌرين جي وچ ۾ پنهنجائپ جو اعتماد پيدا ڪرڻ اهڙو اعليٰ عمل آهي، جو ڪنهن بہ ڌر کي برتري يا ڪمتريءَ جي ڇيهي رسائيندڙ احساس کان بچايو وٺي. پر جيڪڏهن انساني فطرت کان ٿي انڪار ڪري، زندگيءَ جي فقط ظاهري رخ کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، تہ اها لکندڙ جي پنهنجو پاڻ سان منافقي آهي، انساني فطرت

سان بغاوت آهي ۽ ايئن چئجي ته اها ٻين عام انسانن کان پنهنجي معتبرپڻي جي ناجائز حق تسليم ڪرائڻ جي لاحاصل ڪوشش آهي.

مرزا صاحب مرحوم جي هيءَ آتم ڪهاڻي ٻارنهن بابن ۾ ٻه سئو •ستاسي پيجن تي ڦهليل آهي، هر هڪ باب مضمون جي لحاظ کان زندگيءَ جي مختلف دورن سان واسطو رکندڙ آهي_ جيئن ته منهنجو اصل نسل، ننڍپڻ، جواني، نوڪريءَ جو عرصو پيريءَ ۾ گوشي نشيني، وقت جا مشهور ماڻهو منهنجا ڪم، عادتون، خواهشون، خيال ۽ رايا ۽ ڪتنب ۽ سندس نسبت ٻين صاحبن جا رايا، وغيره.

مرزا صاحب پهرئين باب ۾ پنهنجي اصل نسل ۽ وڏن جو احوال قلمبند ڪندي، پنهنجي ناني ۽ والد جي پيئرن جي نالن جو ڪٿي به ڪو ذڪر نه ڪيو آهي. پاڻ ڄاڻائي ٿو ته 1797ع ۾ روس ۽ ايران جي جنگ ۾ منهنجي ناني ۽ بابي جا والد مارجي ويا. ان وقت هو ستن اٺن سالن جي عمرين جا هئا. جي پوءِ ايرانين قيد ڪري پنهنجي ملڪ ۾ آندا. ستن اٺن ورهين جي عمر ۾ ڪنهن ٻار کي، پنهنجي پيءَ جي نالي جي ڄاڻ نه هجي، سا ڳالهه ذرا ناممڪن پيئي نظر اچي. وري اڳتي هلي ڄاڻائي ٿو ته نانو 7 سال ايران ۾ رهڻ کان پوءِ 1805ع ۾ سِنڌُ ۾ آيو ۽ مرزا سبني بيگ ٿوري عرصي گذرڻ کان پوءِ ڏهن ورهين جي عمر ۾ سِنڌُ ۾ پهتو. حالانڪه مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته ٻنهي جي عمر هڪجيتري هئي، هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته هيءَ پنجن سالن جو فرق ڪهڙن بنيادن تي قائم ڪيو ويو؟ وري اڳتي هلي، مرزا صاحب پنهنجي والد متعلق لکي ٿو ته " بابي 1871ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان وقت سندن عمر 57 ورهيه هئي. هاڻي جيڪڏهن 1871ع ۾ 57 ورهيه عمر آهي ته پوءِ مرزا سبني بيگ جي جنم جو سال 1814ع ٿيندو. جنهن جو نڪي ايران ۽ روس جي 1797ع واريءَ جنگ سان واسطو آهي ۽ نڪي ايرانين هٿان گرفتار ٿيڻ وارو واقعو ڪنهن اعتماد ۽ يروسي جوڳو آهي. ڇاڪاڻ ته والد جي وفات وقت مرزا صاحب (قليچ بيگ) مرحوم جي عمر 18 سال هئي ۽ ان جي ٻئي سال يعني 1872ع ۾، بمبئي جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئائين_ ايڏي وڏي عمر، سمجهه ۽ علمي لياقت واري فرزند جي پنهنجي پيءَ بابت ڄاڻايل انگ اکر زياده مستند ۽ صحيح شمار ڪري سگهجن ٿا.

بهرحال، مرزا صاحب مرحوم جي ڏاڏي جو نالو ڇا هو؟ هو ڪٿي ڄائو هو؟ اهي به سوال، جيڪي اڄ تائين هن خاندان متعلق هڪ فرضي قصي سان وابسته هيون، سي هاڻ هن سوانحعمري شايع ٿيڻ کان پوءِ پڙهندڙن کي وڏيڪ تحقيق ۽ تلاش ڏانهن ڌيان ڇڪائيندين.

مرزا صاحب مرحوم جو نانو مرزا خسرو بيگ سِنڌُ جي آخري تاجدار مير نصير خان ٽالپر وٽ وڏي عزت ۽ مرتبي جو مالڪ هو. پر پوءِ جڏهن فرنگي انقلاب، ٽالپر حڪمرانن جو خاتمو آڻي پنهنجي اقتدار جو سڪو ڄمايو ته انهن به سڌني بيگ ۽ مرزا خسرو بيگ جي هوشياري ۽ قابليت کي ڪا گهٽ اهميت ڪانه ڏني. مرزا صاحب لکي ٿو ته:

بابو جيڪڏهن انگريز سرڪار جي نوڪري ڪرڻ گهري ها، ته بلڪل آبروءَ جهڙي جاءِ مليس ها، جو سرڪار کيس منٿون ڪندي هئي. پر ناني ۽ بابي نوڪري ڪرڻ جو خيال اصل لاهي ڇڏيو هو.

پنهنجي والد جي خوشطبعيءَ جو ذڪر ڪندي، ڄاڻائي ٿو ته:

بابو خوش طبع هوندو هو ۽ سيني سان خوش خلق رهندو هو. مهمانن جي گهڻي تلافي ڪندو هو خاص ترڪن ۽ ايرانين جي، جن سان گهڻي صحبت پسند ايندي هيس. گولڊ سمڊ صاحب، جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ جاگيرات جو صاحب ۽ تعليم کاتو به سنڀاليندو هو تنهن سان خاص دوستي هئس ۽ انهيءَ سان لکپڙهه ڪندو هو. ناني مرحوم جي حياتيءَ ۾ اهو صاحب توڙي ڪمشنر صاحب، تروٽ صاحب ۽ راس بورن يا فلپس، ڪليڪٽر ۽ ٻيا صاحبلوڪ ناني وٽ ايندا هئا. انهن سان بابو به گهڻي صحبت ڪندو هو. انهن جي صلاح سان منهنجا به وڏا ڀائر انگريزي پڙهڻ ويهاريا ويا. . . "

مرزا صاحب جا ٻيئي وڏا ڀائر جڏهن ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ بمبئي روانا ٿيا، تڏهن کين اسڪالرشپ سان گڏ ارڙهن رپيا درماهه، نوڪر جو پگهار به سرڪار مان ملندو هو. ۽ سِنڌُ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، مرزا صاحب توڙي سندس ٻنهي وڏن ڀائرن تي گهڻو مهربان هوندو هو.

مرزا خسرو بيگ جا ٽيئي وڏا پٽ پنهنجي والد جي خاص تربيت ۽ انگريزن جي شفقت ڀري نگاهه سببان انگريزي پڙهي وڏن عهدن تي

پهتا_ وڏو پٽ خانبهادر مرزا علي محمد بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. وچون پٽ مرزا محمد رحيم بيگ مختيارڪار هو ۽ ٽيون نمبر پٽ، مرزا علي نواز بيگ بہ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رسيو.

مٿيئن جائزي وٺڻ کان پوءِ مرزا خسرو بيگ ۽ فريدون بيگ (سڌني) جي هوشياري ۽ زماني شناسيءَ کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي_ انساني تاريخ ۾ جڏهن بہ انقلاب آيا آهن تہ اصلوڪا تاج ۽ تخت ڏٺي توڙي سندن خيرخواه ۽ همدرد انقلاب جي آگ ۾ لهساڄي پئي ويا آهن_ وقت جا شاهہ انقلاب جي هڪ ئي ٺوڪر سان ٿيلهجي ڪلهہ جي گداگرن سان وڃي گڏيا آهن ۽ نون حڪمرانن وري، نئين سر پنهنجن نون همدردن ۽ نمڪ کائن جي ڳولا ڪرڻ پنهنجي دانشمندي پئي ڄاتي آهي_ پر هتي تہ قصو ئي الٽو پيو نظر اچي_ مرزا خسرو بيگ ۽ مرزا فريدون (سڌني) بيگ، جيڪي ٽالپر حڪمرانن جا پٽيلا ۽ آخري ٽالپر تاجدار مير نصير خان جا منظور نظر هئا، تن تي فرنگين جي خاص مهربانين جو هٿ وڏي معنيٰ ٿو رکي."

***

# ڪتاب تي تبصرو

## لوڪ ڪهاڻيون (جلد ستون)

لوڪ ڪهاڻين سلسلي جو هيءَ ستون نمبر ڪتاب, "ڳاهن سان ڳالهيون"، ٻين جلدن ۾ پيش ٿيل مواد کان البت ٻي نوعيت جو آهي. ڪهاڻي ۽ ڳاهه ۾ هيءَ فرق آهي تہ ڪهاڻي انسان جي اهڙي دور سان واسطو رکي ٿي، جڏهن انسان فطرت جو غلام هو هن جا تجربا بنهہ معمولي هئا ۽ هن جي گهرجن ۽ ذاتي خواهشن جو دائرو بلڪل محدود هو. انهيءَ دور ۾ اڪثر ڪري انسان ذات جو هڪجهڙن تجربن سان واسطو رهيو آهي___ انسان جي پنهنجي سمجه ۽ سوچ ويچار ڪي نيون ۽ گهٽيون راهون ۽ رستا پاڻ کي محفوظ ۽ خوش رکڻ لاءِ استعمال ۾ نہ آندا هئا: هن جي دنيا بنهہ ننڍڙي هئي ۽ هن جي نگاهہ جيسيتائين پئي ٿي ۽ جيڪي ڪجه نظر ٿي آيس، هو انهي ئي حيرت ۾ هو___ ڌرتي، پاڻي، سج، چنڊ، اوندهہ، روشني، جهنگ، ٻيلا ۽ انهن ۾ اڪيچار جانور هن جي خاص توجه جو مرڪز رهيا___ هڪڙن کان ڊنو ٿي ۽ ٻين سان محبت ٿي ڪيائين___ هن ڊپ ۽ محبت جي محويت کانئس هر چيز جي پوڄا ڪرائي. هن هر ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ نمايو___ عجيب وهمن ۽ وسوسن جي چار مان آهستي آهستي پنهنجا پلئہ ڇڏائيندو اڳتي وڌندو رهيو. جيئن جيئن هن جي وک اڳتي کڄندي ٿي رهي ۽ نوان نوان تجربا ڪندو رهيو تيئن تيئن هن اهي مڙيئي چيزون، اهي سمورا ديوتائون جن وٽان نفعي ۽ نقصان پهچڻ جي خوف ۽ اميد ۾ گهيريل هو تن کي وڏيڪ حيرت سان ڏسڻ ۽ پنهنجي هر دور ۾ پنهنجين اهڙين حماقتن تي وڏيڪ کلڻ لڳو. جيئن پوءِ تيئن انسان ۾ وڏيڪ بالغ نظري، عقل ۽ فهم جي پختگي ۽ وسعت پيدا ٿيندي رهي. اهڙي ريت ڌرتيءَ جي هر حصي تي

ساڳي محويت ۽ ساڳين تجربن مان گذرٽو پيو آهي ۽ فطرت جي غلاميءَ جا زنجير بہ هر هنڌ هن جي ڳلي ۾ ساڳيا ئي جڪڙيل رهيا. انهي ڪري دنيا جي مڙني ٻولين جو شروعاتي فڪري سرمايو اڪثر ڪري هڪجهڙوئي آهي ۽ انهيءَ سبب ڪنهن بہ لوڪ ڪهاڻيءَ تي امان ۽ مڪان جي مهر هڻي نٿي سگهجي. ڪهاڻي ۽ ڳالهہ ۾ اهوئي بنيادي فرق آهي___ ڪهاڻي انسان جي ٻاراڻي اوستا سان واسطو رکي ٿي ۽ ڳالهہ گويا ڪالهہ جي پيداوار آهي___ انسان جو پاڻ تي ڀاڙڻ ۽ فطرت سان جنڱ جاري رکڻ جو داستان آهي؛ وهمن ۽ وسوسن جي چوديوارين مان نڪرڻ ۽ پاڻ کي آزاد رکڻ جي جدوجهد آهي.

ڳالهہ کي لوڪ ڪهاڻيءَ واري عالمي حيثيت نہ آهي، هو زمان ۽ مڪان جي چوديوارين ۾ پنهنجي وسلن ۽ وسيلن جي بنياد تي گهڙجندي ۽ ٺهندي رهي ٿي.

هن ڪتاب ۾ ڪل چاليهہ ڳالهيون آهن، جن مان ڪي تہ بنهہ قريبي دور سان واسطو رکن ٿيون. فاضل مرتب جي نگاهہ ۾ انهن جي قدامت اٺ نو سو سال پراڻهين آهي. انهي راءِ کي جيڪڏهن تسليم ڪري، موجوده معاشري تي نظر وجهجي تہ گويا هيءَ سمورو سرمايو اسان جو اهو تازو جمع ڪيل سرمايو آهي؛ جنهن جي بنياد يا پس منظر ۾ اسان جو اڄ جو معاشرو ۽ تمدن، ان جي شعر ۽ شاعري، ادب ۽ فن سڌي طرح قائم آهن ۽ جيئن پوءِ تيئن پختا ٿيندا ، وڌندا ۽ اسرندا ٿا رهن___ مثال طور "ڳامون سچار". جيڪو وقت جي حاڪم اڳيان سچ ڳالهائيندي موت جي پرواهہ نہ ٿو ڪري؛ "ٻداماڻي پنرو" جيڪو سِنڌُ جي انهي دور جي سورهيہ سردارن مان آهي، جنهن جي اڻ موجودگيءَ ۾ دشمن سندس شهر تي حملو ٿو ڪري ۽ اهڙي موقعي تي سندس ماڻيجي ماءُ، پنهنجي بهادر پُٽ کي ظالمن سان مقابلي لاءِ هن طرح ٿي سڏ ڪري:

"اڄ گهُرجين آءُ، ٻداماڻي پنرا!
"ماڻيجيءَ ۽ ماءُ، ٻيئي وڃن ٻن ۾."

ڄام لاکو ڦلاڻي، جنهن لاءِ عام چوڻي آهي تہ اهڙو سورهيہ پُٽ رواجي ماءُ ڪانہ ڄڻيندي. هن پنهنجي دور ۾ گجرات ۽ مارواڙ جي سرحدي راجائن کي زبردست شڪستون ڏنيون: "انڙ انڙاڻي"، "ڄام پئونئرر" ۾ بين ڪيترن بهادرن جا ڪارناما، ۽ بيا ڪيترا عشق ۽ محبت جا داستان وقت جي سگهڙن ۽ دانائن پنهنجي ايندڙ نسلن ۾ عملي جوش جاڳائڻ لاءِ يادگار طور ورثي ۾ ڏنا آهن.

ڪتاب ۾ اهي ۽ بيون پيش ڪيل سموريون ڳالهيون ڪنهن بہ هڪ روايت جي بنياد تي بيان ڪيل نہ آهن. هر ڳالهہ جي ڪنهن حد تائين چند ڇاڻ ۽ صحت قائم رکڻ لاءِ مختلف رويتن کي پيتي، فڪري نقطي اجاگر ڪرڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

لوڪ ادب اسان جو پنهنجو فڪري ۽ ادبي سرمايو آهي، جنهن کان مستفيد ٿيڻ اسان سڀنيءَ تي لازمي آهي____ ادب ۽ ٻوليءَ سان والهاڻي محبت جو هيءُ بہ هڪ عملي ثبوت آهي تہ ان ڏس ۾ جيڪي بہ چيزون ڇپجن ۽ شايع ٿين، انهن مڙني کي اسان نظر مان ڪڍندا رهون."

_روزانہ "عبرت": 8، جنوري: 1966ع.

## لوڪ گيت (حصو پهريون)

لوڪ ادب جي ڪٿهن کان شروعات ٿي، ان جي قدامت ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري خود انسان جي پنهنجي حياتي. تنهنڪري، ائين چوڻ زياده صحيح ٿيندو ته جيئن جيئن انسان هوش سنڀاليو آهي، ۽ زندگيءَ جي راهه تي وڌندي، مشاهدا ۽ تجربا ڪيا آهن، تڏهن کان هو پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن کي جانور پکين ۽ ٻين ڪيترين ئي جاندار ۽ بي جان چيزن جي واتان بيان ڪندو انهن بيانن کي سينا در سينا ساندڙيندو پئي رهيو آهي. ائين چئجي ته لوڪ ادب انسان جي ماضي جي تاريخ جو هڪ ڏنڌلو ذهني عڪس آهي، جنهن ۾ ڏسڻ واري کي ڪيترا اهڃاڻ ۽ پار پتا ملي سگهن ٿا، جن مان هو پنهنجي اسلاف جي فڪري ۽ عملي ڪارنامن جو ڪافي حد تائين جائزو وٺي سگهي ٿو.

انسان جي شروع کان ئي اها فطرت پئي رهي آهي ته مشاهدي ۽ تجربي دوران، جڏهن ڪيس پنهنجن دلي خواهشن جي، پنهنجي آرزوئن جي ڪا عملي صورت نظر نه آئي، ته پوءِ هو تخيل جي دنيا ۾ پاڻ کي ذهني طوي مطمئن ڪرڻ ۽ خود ٻين کي ساڳئي احساس کان متاثر ڪرڻ خاطر مختلف ڪردارن جي اوٽ ۾ زندگيءَ جا مسئلا تخيلاتي طور سلجهائيندو ۽ ٻين کي به سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پئي رهيو آهي.

هيءَ ڪتاب سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو ڇهون جلد آهي، هن کان اڳ سنڌي ادبي بورڊ انهيءَ سلسلي جا پنج جلد پيش ڪري چڪو آهي. هن جلد ۾ ڪل 66 ڪهاڻيون آهن، جيڪي شينهن، بگهڙ، گدڙ کان،

ڪڪڙ ڪبوتر ۽ ٻين ساهوارن تي مشتمل آهن. خيال ۽ سٽاءَ جي لحاظ کان سموريون ڪهاڻيون نهايت وڻندڙ ۽ سبق آموز آهن. ڪهاڻين جا سمورا ڪردار سماجي ۽ اخلاقي قدرن تي ٻڌل آهن ــــ مثال طور حرفت ۽ چالاڪي جي ننڊا، دوستي ۽ محبت، نيڪي ۽ بدي، هٻڇ ۽ لالچ، وغيره وغيره.

هنن ڪهاڻين جي مطالعي مان اها حاصلات ٿئي ٿي ته ماضيءَ ۾ اسان جن ڏاهن ۽ سگهڙن وقت ۽ حالتن پٽاندر پنهنجي معاشري جي تربيت ۽ ذهني اوسر لاءِ کهڙا نڪتا پيش ڪيا آهن. ۽ هنن پنهنجي زندگيءَ جي مسئلن ڪيئن منهن ڏنو ۽ انهي ڏس ۾ سندن ڪوششون ڪيتري حد تائين ڪاميابي ڏانهن مائل هيون.

بهرحال، سنڌي ادب جي بهتري چاهيندڙن ۽ گهڻگهرن لاءِ نهايت ئي لازمي ۽ ضروري آهي ته هو پنهنجي ماضيءَ جو ادبي مطالعو ڪن. ان کي سمجهن ۽ پروڙن، ۽ ان مان اڄ به جيڪي جاندار چيزون نظر اچن، تن کي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪن ــــ جيڪا دراصل سنڌي ٻولي ۽ ادب جي وڏي خدمت ليکجڻ ۾ ايندي.

(مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، صفحا 442، ڊيمي سائيز قيمت: 4 رپيا 50 پئسا، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ.)

_ 6، جنوري: 1966ع
اشاعت روزاني "عبرت" حيدرآباد."

## ڪتاب تي تبصرو :
# تاريخ سِنڌ: ڪلهوڙا دور
### تاريخ جو هڪ ورق

**عزت** ۽ اقبال جو سج هميشہ انهن قومن جي ورثي ۾ رهيو آهي، جيڪي وقت ۽ حالات جي تقاضائن کي سوچي سمجهي، ان مطابق عمل ڪنديون آهن. پر جڏهن قومن جي عملي جدوجهد جو روح، ماضيءَ جي اڻمندائتي فڪر ۾ الجهندو آهي، تڏهن تاريخ، انهن قومن جي وجود کي گمنام لاشن جيان اُونهي کڏ ۾ دفنائي، گمناميءَ جي اوڙاهہ ۾ اڇلائي ڇڏيندي آهي. اهڙي ريت، هڪڙين قومن جو ناس تي ويڃڻ ۽ ٻين جو غالب اچڻ، فطرت جي فقط انهيءَ اڻٽر قانون جو نتيجو هوندو آهي. اسان جي هن سِنڌي قوم بہ اهڙا ڪيئي انقلاب ڏٺا آهن، جن کي سهيڙي سموهي وجود ۾ آڻڻ، هڪ نهايت ئي اهم فرض آهي. هڪ مورخ جو پڻ قول آهي تہ:

قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو قومي تاريخ آهي.

ڪلهوڙن جو دور جيتوڻيڪ ايترو پرانهون ڪينهي، پر جاگيرداري دور، جنهن هر هنڌ، ساري دنيا ۾، انساني شعور ۽ ذاهپ جي عام ڦهلجڻ کي عظيم گناهہ ڄاڻي، راءِ جي آزاديءَ جي حق کان محروم رکي، فقط هڪڙي ئي حاڪم جي رضا ۽ رحم تي جيئڻ جو حق بخشيو هجي، اهڙي دور ۾ صحيح حالات قلمبند ڪرڻ ڪيتري قدر نہ دقت طلب مسئلو آهي.

ڪلهوڙا خاندان کي جن بہ مورخن تاريخ جي صفحن تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن اڪثر ڪري سندن عملي ڪارنامن کي نظرانداز ڪري، فقط هن فضيلت ثابت ڪرڻ تي زور پئي ڏنو آهي تہ هو حضرت عباس رح جي اولاد مان آهن. قديم زماني کان مورخن جو اهو ئي دستور پئي رهيو آهي تہ هو اهڙن موقعن تي حسب ۽ نسب جي سلسلي کي ڄاڻي ٻجهي ڪنهن

پيغمبر، ولي اَللهُ، يا ضل اَللهُ سان ملائڻ، پنهنجي علم ۽ فن جو معراج ڄاڻندا هئا. پر اڄ جو مورخ اهڙين فرضي ڪاروائين کي ڪا اهميت ڏيڻ ته درڪنار، مورڳو خانداني بزرگيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ فضيلت جو باعث تصور نٿو ڪري، هو ڪنهن به خاندان يا فرد جي فضيلت سندن حوصلي ۽ عملي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهري ٿو. هو اهو ڏسڻ چاهي ٿو ته هنن پنهنجي حياتيءَ ۾ عام ڀلائيءَ جا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

حقيقت ۾ ڪنهن به فرد يا خاندان جي اعليٰ هئڻ ۽ تاريخ جي لب و لباب جون مٿي ڄاڻايل اهي ئي اهم ۽ بنيادي ڪڙيون آهن، جن تي هڪ حقيقت شناس مورخ، پنهنجي قلم جي زور ۽ حسن بياني سان ماضيءَ جي کنڊرن تي اسلاف جي اعليٰ ۽ ادنيٰ ڪارنامن جا محل اڏي، پنهنجو هڪ دائمي يادگار ڇڏي ٿو وڃي.

ڪلهوڙن جو دور ميان آدم شاهه کان شروع ٿي، تغير ۽ تبدل جي لازوال منزلن تان گذرندو، آخري تاجدار عبدالنبيءَ جي هٿان انهيءَ انجام کي رسيو جيڪو هن ڪائنات جي سرجڻ کان وٺي گمراهه فردن ۽ ڪمزور قومن سان لاڳو پئي رهيو آهي. هي خاندان پيري ۽ مريديءَ جي درجي تان ترقي ڪندو سِنڌُ جي هڪ حڪمران خاندان جي مرتبي تي ڪيئن پهتو؟ تنهن سان ڪو به واسطو نه آهي، نڪي انهيءَ سوچڻ تي ڪا خاص ايتري ضرورت ئي آهي. انساني تاريخ ڪڏهن به ذاتيات سان دلچسپي نه ڏيکاري آهي، هن جي جيڪڏهن ڪا دلچسپي رهي آهي ته ان دور جي عام انساني حوصلي ۽ جدوجهد سان رهي آهي، جن جي هر دور ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت محسوس پئي ٿي آهي_ باقي هوندئن ته هن ڌرتي پنهنجي سيني ۾ نامعلوم ڪيترا جاهه ۽ جلال جا ڏٽي، شاهه ۽ شهنشاهه دفنائي، سندن ياد کي ئي انساني دل تان هميشه لاءِ ميساري ۽ ختم ڪري پئي ڇڏيو آهي.

ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جو دور قريبن اَسي ورهين تائين هليو. ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد هن خاندان جا روشن تارا هئا، جن سِنڌُ کي سرسبز بنائڻ ۽ عوام ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ پنهنجي محدود وسيلن ڪتب آڻڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي ڪانه ڪئي، پر افسوس ته هو پنهنجي ملڪ جا خودمختيار حاڪم ڪين هئا_ مغل حڪمرانن جي غلاميءَ جو ڳاراهو سندن ڳلي ۾ ايڏو ته سوڙهو ۽ گهٽيل رهيو جو هر وقت سندن نگاهون دهليءَ جي رحم ۽ ڪرم

ڏانهن واجهائيندا هيون_ سال بسال ملڪي پيداوار جو وڏو حصو خراج طور مغلن جي حضور ۾ پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ بيون بہ ڪيتريون ئي فرمائشون وقت بہ وقت پوريون ڪندا تي رهيا. مغلن جي ارهہ زورائي ان حد تي هئي، جو جڏهن بہ ڪين سنڌ جي زرعي آبادي وڏيڪ تيڻ جي ڪٿان بہ ڪا ڪُڙڪ پئجي ويندي هئي، تہ ان سال هڪ نہ ٻئي بهاني سان دستوري خراج کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ ۾ ايندي هئي. مغل حڪمرانن جي انهيءَ عام قرلت آخر هيءَ رنگ اختيار ڪيو جو سِنڌ ۾ هاري طبقو مقامي وڏيرن، جاهہ پسند پيرن، ملن، مولوين ۽ مغل حڪمرانن جي ڪارندن خلاف هر هنڌ بغاوت تي آماده تيڻ لڳو. ان بغاوت جي ابتدائي باهہ سِنڌ جي صوفي بزرگ شاهہ عنايت جي سرڪردگي هيٺ ڏکي، عام پنيٺ بنجڻ تي هئي تہ عين موقعي مهل تي مغلن جي نواب اعظم خان ۽ سِنڌ جي مقامي زميندارن، پيرن ۽ مولوين گڏجي، پنهنجي پوري وحشيت ۽ بربريت سان فوجي چڙهائي ڪري، ان کي ختم ڪري ڇڏيو. هن لڙائيءَ ۾ شاهہ عنايت سان گڏ قريبن هڪ هزار هاري پڻ شهيد ٿيا. هن عوامي بغاوت کان پوءِ هاري طبقي تي خاص سختي ٿيڻ لڳي. مقامي مفت خورن ۽ مغل ڪارندن کين پيڙهڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪا نہ ڇڏي مطلب تہ هر سال سِنڌ جي دولت جو وڏو حصو سِنڌي عوام جي بُکئي پيٽ تي لت ڏيئي، زوري ڦُري، ماري، پنهنجن ذاتي عيشن ۽ محلاتن اڏائڻ تي خرچ ڪندا رهيا. سِنڌ جي مٿان ان وقت ڏارين حڪمرانن جو سياسي تسلط نہ هجي ها تہ هيءَ ٻئي ڪلهوڙا حڪمران پنهنجي ملڪ کي وڌيڪ سرسبز بنائڻ ۽ عوام جي قياس جوڳي حالت کي بدلائڻ ۾ گهٽو ڪي ڪجهہ ڪري ڏيکارين ها. هن دور جي انهن دل ڏهڪائيندڙ حقيقتن کي سامهون رکندي، اردو زبان جي مشهور عالم ۽ تاريخي مورخ، مولانا غلام الرسّول 'مهر' لکي ٿو تہ:

تڏي سيني سان غور ڪيو وڃي تہ حڪمرانيءَ ۾ ڏارين ۽ پنهنجن جو فرق ڏينهن جي روشنائيءَ وانگر نمايان ٿي سگهي ٿو. سِنڌ واسين لاءِ مغلن جي حڪومت ان معنيٰ ۾ ڏارين جي حڪومت هئي، ڇو تہ ان جي ڪارندن جو اصلي مقصد دولت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ٿي نٿي سگهيو.

## تاريخ ڪلهوڙا' مان ٽڪرو.

ايترين ڏاڍاين ۽ ڦرلٽ کان پوءِ بہ، ڪلهوڙن سِنڌ جي غير آباد زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪيترا نوان واهہ کوٽايا. جن مان اڄ بہ ڪيترن واهن تي سِنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين آباد آهي. ميان نور محمد لاءِ ڪن مورخن جي اها راءِ آهي تہ هو انجنيئري فن جو وڏو ڄاڻو ۽ ماهر هو.

بدنصيب سِنڌ، جيڪا ڌارين جي قبضي مان جان ڇڏائڻ ۽ پنهنجن پيرن تي آزاد ۽ خوشحال بنجڻ جي سانباهن ۾ هئي، تہ اوچتو ئي اوچتو هڪ وڏي مصيبت، ظلم ۽ ستم جي سموري ساز ۽ سامان سان مٿان اچي ڪڙڪي. انساني رت جي اڃايل نادر سِنڌ ۾ اهڙي تباهي آندي جو ڪيتري عرصي تائين ملڪي امن ۽ امان جو شيرازو جيئن ٿي هن درندي صفت انسان جي هٿان بگڙي چڪو تيئن وري سنئين نہ آيو. نادر هڪ طرف سِنڌ جو ذرو ذرو چيچٽين سان چوندي، ميڙي ٻهاري کڻي ويو تہ ٻئي طرف سِنڌي قوم جي ڪن اهڙن پست حوصلي وارن، ملڪ ۽ قوم جي بدخواهن کي چٽ ڏيئي، پنهنجو بنائي ويو. جن کي پاڻ توڙي سندس جانشين وقت بہ وقت غزنيءَ مان اشارو ڪندا، سِنڌي قوم جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهندا رهيا.

انساني تاريخ ۾ اهڙا مثال بہ ملن ٿا، تہ جڏهن بہ ڪنهن قوم جي مٿان ٻاهرين طاقت قبضو ڪيو آهي، تہ اهڙي نازڪ وقت ۾ اڪثريت پنهنجا طبقاتي مفاد ۽ ويڇا، عارضي طور وساري، يڪ مشت ٿي، مشترڪ دشمن جي پيرن اکوڙڻ ۽ پاڙن پٽڻ جي جدوجهد ۾ رهي آهي، تہ ٻئي طرف ڪي ڳاڻ ڳڻيا ذاتي لوڀ ۽ لالچ جي لعنت ۾ ڦاسي، پنهنجن جا ويري بڻجي، دشمن جي هٿن ۾ ڪيڏندا ۽ استعمال ٿيندا پئي رهيا آهن.

سِنڌين مان ان افسوسناڪ ڪردار هڪ طرف ملڪ کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي رسايو تہ ٻئي طرف افغان حڪمران وڏي عياريءَ سان، سِنڌ جي سرزمين تي پنهنجي ڪڙي ڪيل ڊرامي جا مختلف ڪردار ڏسندا ۽ اندازا لڳائيندا ٿي رهيا. ميان نور محمد جي وفات کي سونهري موقعو ڄاڻي،

مراد ياب کي تخت ۽ تاج جو وارث بنايو ويو پر ڪجھ ئي ڏينهن ڪين گذريا تہ ابداليءَ جي سازشن ۽ بد ارادن ڪيس پير ڪوڙڻ ڪين ڏنا ۽ ڏسنديءِ ڏسندي ساري سِنڌُ سازشن جو آکاڙو بنجي ويئي. سِنڌُ جي مختلف قبيلن ۽ چڱن مڙسن هن صورتحال کي نظر ۾ رکي، افغاني دربار جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪري، مراد ياب کي هٽائي غلام شاهہ کي واڳون حوالي ڪيون. غلام شاهہ جو انتخاب حريص نگاهن کي ڪين آئڙيو. هو ميان نور محمد جي پٽن مان هڪ اهڙي شخص جي تاڙ ۾ رهيون، جيڪو خلعت جي عيوض، ٻين کان وڌيڪ خراج ڏيڻ سان گڏوگڏ، اها بہ ضمانت ڏئي تہ هو ساٽن گڏجي، سِنڌي قوم جي قرلت ۽ بدخواهيءَ ۾ هر نموني جو ساٿ ڏيندو. ايئن سوچي، اندروني گڙٻڙ ڪرائي، غلام شاهہ کي هٽايو ويو ۽ هاڻ شفقت جي نظر عطر خان تي ڪرڻ ۾ آئي. عطر خان، سِنڌُ جو حاڪم تہ بنجي ويو پر ڌارين جي حريص نگاهن کي ڪيئن ٿي سرچائي سگهيو؟ سِنڌُ کي نادر اڳ ۾ ئي پڙپانگ ڪري ڇڏيو هو. آخر هڪ ڏينهن عطر خان بہ لاچار ٿي پيو ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ مراد ياب وانگر، افغانن جي ٻڌايل پڳ تي لعنت وجهي، تخت ۽ تاج کان دستبردار ٿي ويو.

مراد ياب ۽ عطر خان وٽان اميد جو سلو سرسبز نہ ٿيندي ڏسي، غلام شاهہ کي پروانو ڏيڻ ضروري ڄاتو ويو. پر چوٽيءَ آهي تہ "هاراهي جي هيرَ، ٽنگ ٻگي نہ رَهي". تنهن جيان افغاني دربار کي بہ پنهنجي عيار فطرت سببان ڪنهن مقرر خراج جي وصوليءَ تي راضي رهيو ڪين ٿيو. هوءَ هاڻ هر وقت هتان جي ڪمزورين کي جانچيندي ۽ هوا ڏيندي ٿي رهي_ تخت ۽ تاج جي هوس ڪهڙي بہ عزيز رشتي کي غارت ڪرڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ محسوس نہ ڪئي آهي: پُٽ پيءُ جون اکيون ڪيرايون، ۽ پيءُ پُٽ جي گلي تي ڪاتي وهارائي، اهڙا هزارين مثال موجود آهن. غلام شاهہ کي بہ حڪومت جون واڳون سنڀاليندي، ڪجھ ڏينهن ئي ڪين گذريا تہ سندس ڀائرن ۽ قبيلن افغانن جي اشاري تي، سازشون ۽ چغليون شروع ڪري ڏنيون. اعليٰ حوصلي ۽ تدبر ڪانسواءِ غلام شاهہ لاءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪونہ هو. هن ٻهريائين اندروني سازشن کي ختم ڪرڻ ۽ چغلخورن جي ٻوٿ تي لغام ڏيڻ تي ڌيان ڏنو ۽ جڏهن مطمئن ٿيو تڏهن ٻاهرين مداخلت کي منهن ڏيڻ لاءِ ميدان هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي فوج کي جنگي تربيت ۽ نون هٿيارن جي سکيا ڏيڻ لاءِ انگريزن کان ٻن هوشيار جرنيلن جي گهر ڪئي، پر انگريزن صفا انڪار ڪري ڇڏيو. انگريزن جي نئي واري تجارتي ڪوٺيءَ

جي آفيسر غلام شاھ جي ان گھر تي بمبئي سرڪار کي جيڪي لکيو آھي، اھو "جرنل، سِنڌُ ھسٽاريڪل سوسائٽي" ۾ ھن طرح ڇاپيل آھي:

ھُو (غلام شاھ) ھڪدم محڪوميءَ جا زنجير ٽوڙي ڇڏيندو. خراج جي ادائگي بند ڪري ڇڏيندو. پنھنجن ڪان پوري آزادي حاصل ڪري وٺندو ۽ پوءِ ڪين سِنڌُ جي سرزمين تي پير رکڻ جي اجازت نہ ڏيندو. . . ان ڪري اسان جي اوني ڪپڙي جي واپار کي سخت ڌڪ لڳندو.

مٿين اقتباس مان ھيءَ حقيقت واضع ٿئي ٿي تہ غلام شاھ کي سِنڌُ کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ جي وڏي تڙپ ھئي. ھو ھر موقعي کي سمجھڻ ۽ ان منجھان فائدي حاصل ڪرڻ جي ڏن ۾ ھو. ھو چوڏھن سالن جي عرصي ۾ پيھر امن امان قائم ڪرڻ ۾ گھڻو ڪامياب ٿيو. ملڪي خوشحاليءَ سان گڏ ڪيتريون جايون ۽ حيدرآباد جو قلعو تعمير ڪرايو. پر، ڪانئس پوءِ پونين حڪمرانن ۾ اھو حوصلو ڪونہ رھيو. اندروني بدانتظامي وري پيھر منحوس چھرو ڏيکاريو ھڪٻئي مان اعتماد ختم ٿيندو ويو ۽ سنڌين جون پنھنجون پاڻ ۾ سازشون زور وٺنديون ويون. ملڪ ۽ قوم جي تباھيءَ جو ھاڻ ڪنھن کي بہ اونو ڪونہ رھيو.

پونين حڪمرانن وڏن جي روشن ڪيل چراغ کي مخالف ھوائن کان بچائڻ بجاءِ جيڪو بہ پاڻ قدم تي ڪنيو اھو ان کي ڦوڪ ڏيئي اجھائڻ لاءِ ويجھو پوندو ٿي ويو. آخر اھا گھڙي بہ اچي پھتي جو افغانستان کان مدد خان نالي ھڪ ظالم ۽ ڏاڙيل سِنڌُ جي سرسبز گلشن کي اجاڙي، پيلي، پاڙان پٽي ناس ڪري ڇڏيو. بک ۽ اوگھڙ جي اھڙيءَ دل ڏھڪائيندڙ فضا پيدا ٿي ويئي، جو جنھن بہ گھر ۾ پنج پاتي موجود ھئا، انھن مان ڪنھن ھڪ خوشنصيب کي گھران پڇي، جان جي ٻن اگڙين بچائڻ جو مشڪل سان موقعو مليو. گھرن جا گھر ننگا ٿي ويا، معصوم ٻار ٻَڪِيي لاءِ ڪيھون ڪرڻ لڳا، پيئرن ۽ پائرن جون نگاھون ماءَ پيڻ ڏانھن نھارڻ کان شرم وچان جھڪيل ھيون، ۽ انساني تھذيب پنھنجي ھن بيوسيءَ تي ھٽ مھتيندي ۽ ڳوڙھا ڳاڙيندي ٿي رھي.

مدد خان جي انھن ڦھري ڪارنامن جو دلگداز نقشو ان دور جي ٻن فارسي گو شاعرن، عماد الملڪ ۽ مير عظيم الدين ٺٽوي ھن ريت پيش ڪيو آھي:

سِنڌُ ۾ ڪھڙو فتنو برپا ٿيو ۽ ڪھڙي مصيبت نازل ٿي_
معلوم ٿئي ٿو تہ قيامت اچي ويئي.

جا سِنڌُ ساري دنيا لاءِ امن جي جاءِ هئي،
ماڻ توکي ڇا ٻڌايان تہ ان جو ڪهڙو حال ٿي ويو:
هر گهر لٽجي ويران پٽ ٿي ويو هر دولتمند
ماٺهو ڦرجي، فقير ٿي ويو!"
_ عماد الملڪ

"اي خدا، سيني ڪان مٿانهان، توهن رڍن جي 'ڌڻ' ڪي بگهڙ جي حوالي ڪيئن ڪيو آهي؟
درياءَ ۾ ٽپي پوڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي؛
ڇو تہ مانگر مڇ اسان جو ناڪئو بنجي ويو آهي."

_عظيم الدين ٺٽوي

**هيءَ** آهي سِنڌُ جي صورتحال تاريخ جي پردن تي، جيڪا اکين وارن لاءِ پنهنجي سيني ۾ نہ معلوم ڪيترا دلسوز داستان سانيدي ٿي. تاريخ جي هن عبرتناڪ انجام تي نظر ڪندي، ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ هي سرزمين ڄڻ هڪ اهڙي نڌڻڪي ماٿري هئي جنهن ۾ جڏهن تڏهن ڪو بہ جانور لاپرواهيءَ سان چرندو ۽ چارا ڪندو ٿي وتيو.

مولانا غلام الرسول مهر اڙدو زبان جو مشهور اهل قلم آهي، هن ڪلهوڙا دور جي هن 1268 صفحن تي ڦهليل تاريخي مواد کي مختلف زبانن جي اٽڪل 150 ڪتابن ۽ قلمي نسخن ۾ مختلف روايتن جي بنياد تي ترتيب ڏنو آهي. ترتيب دوران ڪنهن بہ ماخذ ۽ روايت کي جيئن آهي تيئن سند طور ڪم نہ آندو آهي، پر ان کي قابل قبول بنائڻ لاءِ اجوڪي شعور ۽ قياس جي تقاضائن جو وڏو لحاظ رکيو آهي ۽ ان جي هڪ اهم ضرورت محسوس ڪئي آهي. ڪي بہ اختلافي مسئلا مطالعي دوران پڙهندڙن جي ذهن کي خود بخود سوچڻ ۽ ڪنهن نتيجي تي رسڻ ۾ ڪابہ دقت پيش ڪانہ ٿا ڪن.

آخر ۾ ميان عبدالنبيءَ جي هٿان هن خاندان جا مڙيئي ڪارناما، حڪومت ۽ امارت جي پڙدي تان خود بخود هٽندا، ايندڙ نسلن کي عبرت ڏيارڻ خاطر هڪ يادگار طور رهجي ٿا وڃن. قومن جون تاريخون انهن ئي ورثي ۾ مليل عبرتناڪ تجربن کي ڌيان ۾ رکي اڳتي اسرنديون آهن ۽ نوان تجربا ڪنديون آهن. بقا ۽ حيات جي قانون مطابق هر نسل کي پنهنجا تجربا ڪرڻا پوندا آهن، پر جيڪي قومون عملي جدوجهد کان ڇرڪي، گذريل

تجربن دهرائڻ کي ئي پنهنجو معراج ڄاڻنديون آهن. اهي ڪا اهميت، ڪو مقام حاصل ڪرڻ ته درڪنار، مورڳو هڪ ڏينهن پنهنجي وجود تان ئي هٿ کڻي ڇڏينديون آهن.

ڪلهوڙن جي خاتمي جا به اهي اسباب آهن. وڏن ملڪي ڀلائيءَ لاءِ اندروني اتحاد ۽ يگانگت تي زور ڏنو ۽ پوئين ڏارين جي خوشنودي خاطر ملڪ ۽ قوم جي ڪا به پرواهه ڪانه ڪئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ٿوري ئي عرصي گذرڻ کان بعد خود سندن پنهنجي ئي وجود جو خاتمو ٿي ويو.

ڪلهوڙن جي پڄاڻي بعد آخر سورهن باب حڪومت ۽ عوام جا تعلقات ، عام ماڻهن جي حالت، رهڻي ڪرڻي، ڪلهوڙن جو لباس ۽ فوج وغيره متعلق جيڪي به معلومات جي دائريءَ ۾ سموهجي سگهيو آهي، ان تي روشني وڌي ويئي آهي. اقتصادي حالات تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي تجرباتي بنيادن تي غلام شاهه طرفان جاري ڪيل پروانن مان سِنڌ جي زرعي آبادي، باغات، زمين جي ڍل، انگريزن سان واپاري مقابلا ۽ ڪاريگري متعلق ڪافي شهادتون ۽ انگ اکر ڏنا ويا آهن.

آخر ۾ ڪلهوڙن حاڪمن جي علمي ادبي سرگرمين ۽ دلچسپين متعلق حالات قلمبند ڪندي، ان دور جي ڪيترن عالمن ۽ بزرگن جا ذاتي حالات ۽ سندن ديني ۽ دنيوي خدمتن تي ڪافي روشني وڌل آهي.

سِنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي وضاحت ڪندي، سِنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جا حالات ۽ سندس شاعراڻي ڪمال تي دلنشين پيرايي ۾ روشني وڌي ويئي آهي ۽ ڪلهوڙن جي دور کي سِنڌ ۽ سِنڌي زبان جي اوسر ۽ ارتقا جو سونهري دور ڄاڻايو ويو آهي_ ڪتاب جي خاتمي تي ٻارهن شجرا ڏنا ويا آهن، جن مان ڏهه شجرا ڪلهوڙن سان واسطو رکن ٿا ۽ باقي ٻه شجرا شاهه عبااللطيف ۽ ٽالپرن جي خاندانن سان تعلق رکندڙ آهن.

***

# کتاب

## قوم و قومیت

استالن

# قوم مان ڪهڙي مُراد آهي؟

قوم جي ترڪيبي هيئت جي سلسلي ۾ سڀ کان اول هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته ڪا به قوم هڪ قبيلي يا انساني جماعت يا هڪ نسل جي ماڻهن تي ٻڌل نه هوندي آهي. مثال طور، ايئن سوچڻ غلط آهي ته انگريز قوم جا سمورا ماڻهو هزارين سال اڳ ڪنهن هڪ قبيلي جو اولاد هئا، يا ڪنهن هڪ نسل سان لاڳاپو رکندڙ هئا. اهڙيءَ ريت، نئين اٽالين قوم جرمن، اي ٽرسڪي، يوناني، عربي ۽ ٻين انساني جماعتن ۽ نسلن جي گڏجڻ سان ٺهي آهي. فرانسيسي قوم جي پنهنجي شروعاتي دور جي ڪيترن الڳ الڳ نسلن (گالي، رومي، انگريز ۽ جرمن وغيره) ۽ انساني حمايتن جي خون جو ميلاپ آهي، انگريز ۽ جرمن قوم جو به اهوئي حال آهي، يعني سندن خون ۾ به الڳ الڳ قومن ۽ نسلن جي خون جي ملاوٽ آهي، مطلب ته "قوم" ڪنهن به هڪ قبيلي يا نسل جي پيٽ مان جنم ڪانه ٿي وٺي، پر ان جي بناوت ۽ تعمير ۾ تاريخ جو ئي هٿ هوندو آهي ــــ تاريخي عمل ۽ تاريخي طاقتون الڳ الڳ نسلن ۽ جماعتن جي ماڻهن کي "قوميت" جي باهمي لاڳاپن ۾ گڏي ۽ ڳنڍي ڇڏينديون آهن. انهيءَ مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته قومن کي وجود ۾ آڻيندڙ نسل يا قبيلو نه هوندو آهي پر تاريخ ئي هوندي آهي.

هتي ان غلط فهميءَ جو دور ٿيڻ ضروري آهي: ڇاڪاڻ ته متان ڪو ايئن چوي ته سڪندر جون عظيم الشان بادشاهتون به تاريخي طاقتن جون پيداوار آهن، تنهنڪري انهن بادشاهتن جي مڙني ماڻهن کي هڪ قوم جا فرد ڇٽي سگهجي ٿو؟ انهيءَ جو جواب اهو آهي ته "هرگز نه!" انهيءَ وضاحت مان معلوم ٿيو ته اسين ڪنهن به اهڙي انساني ميڙ کي، جنهن کي فقط تاريخ ئي وجود ڏنو هجي، تنهن کي "هڪ قوم" نٿا سڏي سگهون.

چاڪاڻ تہ هڪ قوم وبول ڪرڻ لاءِ ڪن بين شرطن جو پورو ٿيڻ لازمي آهي. سڀ کان اول اسان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ سڪندر اعظم (1) يا سيزر جي بادشاهتن کي ڇا جي ڪري "قوم" چئي نہ ٿا سگهون؟ حقيقت ۾ اهي بادشاهتون الڳ الڳ انساني ٽولن جي هڪ ڦلهڙي ميڙ کان وڌيڪ حيثيت نہ رکنديون هيون: انهن ٽولن جي وچ ۾ بنيادي ۽ اندروني طور پاڻ ۾ ڪوبہ مضبوط ڳانڍاپو ۽ ٻڌي ڪانہ هئي. اهي بادشاهتون فقط ڪي قدر ٻاهرين دٻاءَ ۽ فوجي طاقت جي زور جي بنياد وجود ۾ اينديون هيون، ۽ پوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ الڳ الڳ انساني ٽولن جي سياسي زندگيءَ ۾ معمولي نموني جي ٻڌي پيدا ٿيندي هئي. اهي ٻاهريون طاقتون جيڪي وقتي طور ڪين هڪ سياسي سرشتي هيٺ دٻائي رکنديون هيو هڪ فاتح حڪمران جو ڪنهن ملڪ کي فتح ڪرڻ. پر جڏهن ٻئي وقت انهيءَ ساڳئي فاتح يا سندس جانشين اولاد، مفتوح هٿان شڪست کاڌي، تہ اڳئين دٻاءَ واري ڪڙي ڪيل اتحاد جو تاڃي-پيٽو هنڌان هنڌان اُڌڙي پوندو هو ۽ انهيءَ بادشاهت ۾ شامل ڪيل انساني ٽولا، الڳ الڳ ٿي، آزاد ٿي ويندا هئا

ان مثال مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي، تہ اسين ڪنهن بہ اهڙي انساني ٽولن جي ميڙ کي "قوم" جو نالو نٿا ڏيئي سگهون، جيڪو رڳو وقتي طور وجود ۾ آيو هجي. "قوم" سڏڻ لاءِ اهڙي انساني ٽولن جي ميڙ ۾ مضبوط ۽ اَٽُٽ اتحاد جو هئڻ تمام ضروري آهي____ "قوم"، ماڻهن جي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي جو نالو آهي، ۽ هيءَ اهڙو اهم شرط آهي، جنهن جي پوري ٿيڻ کان سواءِ، تاريخ وسيلي وجود ۾ ايندڙ ڪنهن بہ انساني جماعت کي "قوم" جو لقب نٿو ڏيئي سگهجي

اهو مسئلو اتي پهچڻ کان پوءِ بہ ختم ڪين ٿٿو ٿئي، ڇاڪاڻ تہ اسين هڪ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي کي بہ "قوم" نٿا چئي سگهون____ مثال طور آسٽريليا يا روس کي ڏسو. هي ٻيئي ملڪ تمام مضبوط ۽ سياسي جٿاءَ وارا مختلف انساني ٽولن وارا ملڪ آهن. اسين انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي مجموعي طور "قوم" نٿا ڪوٺي سگهون. آسٽريليا ۽ روس واقعي مضبوط آهن، پر پوءِ بہ اُهي "هڪ-قومي" گروهہ نہ آهن. قومي-گروهہ ۽ سياسي-گروهہ جي فرق کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. ٻنهي ۾ ڪيترين ڳالهين جو فرق آهي. انهيءَ فرق مان سڀ کان اهم فرق

هيءَ آهي تہ قومي-گروھہ جي مڙني ماڻھن ۾ مشترڪ زبان جو ڪم اچڻ ضروري آهي، ۽ سياسي-گروھہ لاءِ زبان جو مشترڪہ هئڻ لازمي شرط نہ آهي. مثال طور زيڪوسلوويڪيا جي "قوميت" انهيءَ سببان وجود ۾ آئي، جو اُتي هڪ مشترڪ زبان چالو هئي. يا ايئن چئجي تہ پوليند جي "قوميت" بہ مشترڪ زبان کان سواءِ وجود ۾ اچي نہ ٿي سگهي. پر انهي مثال جي ابتڙ روس يا آسٽريليا ۾ سياسي-اتحاد قائم آهي ۽ سندس ملڪي سرحدن اندر ڪيترين ئي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون (هتي زبانن مان مراد اهڙيون تُتل-ڦِتلَ زبانون آهن، جيڪي عوم جي روزمره جي ڪم-ڪار ۾ اچن ٿيون ۽ انهن مان سرڪاري زبانن واري مراد نہ آهي) ٻولين جي انهن اختلافن سببان روس يا آسٽريليا جي سياسي-اتحاد تي ڪو بہ اثر نہ ٿو پوي___ مطلب تہ "قوميت" لاءِ مشترڪ ٻوليءَ جو شرط بہ ضروري آهي.

هاڻي سوال پيدا ٿيو تہ اهو ضروري آهي ڇا، تہ دنيا جون سموريون قومون الڳ الڳ زبانون استعمال ڪن؟ ڇا، ائين نٿو ٿي سگهي تہ هڪ کان وڌيڪ قومن ۾ هڪ ئي زبان ڳالهائي وڃي، ۽ پوءِ انهيءَ سببان سمورا ماڻهو لازمي طور هڪ قوم جي لاڳاپي ۾ اچي ويندا؟ انهن ٻنهي سوالن جو جواب انڪار ۾ آهي. ڇاڪاڻ تہ فقط هڪ ئي قوم جي سيني ماڻهن ۾ ساڳيءَ زبان جو ڪم اچڻ تہ ضروري آهي، پر ائين بلڪل لازمي ڪينهي تہ جدا جدا قومون الڳ الڳ زبانون ڳالهائين. اهوئي صحيح آهي تہ دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي قوم ڪانهي، جنهن جا فرد ساڳئي وقت الڳ الڳ زبانون ڳالهائيندا هجن. انهيءَ مان اهو نتيجو ڪونہ ٿو نڪري تہ دنيا ۾ اهڙين ٻين قومن جو وجود ئي ناممڪن آهي، جيڪي هڪ زبان ڳالهائينديون هجن___ انگريز ۽ آمريڪي هڪ زبان ڳالهائين ٿا پر اهي هڪ قوم نہ آهن. ناروي ۽ ڊينمارڪ وارن جي ساڳي زبان آهي، پر اهي الڳ الڳ قومون آهن. انگريز ۽ آئرش ماڻهن جو مثال وٺبو تہ هي ٻئي قومون هڪ ئي زبان ڳالهائين ٿيون، پر پوءِ بہ ٻنهي ۾ قومي اختلاف موجود آهي.

هاڻي سوال آهي تہ انگريز ۽ آمريڪي ساڳي زبان ڳالهائڻ کان پوءِ بہ هڪ قوم ڇو نہ آهن؟ انهيءَ جو پهريون سبب هيءُ آهي تہ انگريز ۽ آمريڪي هڪ خطي ۾ رهڻ بدران الڳ خطن ۾ آباد آهن. قوميت جي

بنيادي اڏاوت ڪرڻ ۽ ان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو ڪيترين پيڙهين کان گڏ رهندا آيا هجن، تنهن کان پوءِ ئي منجهن پنهنجو پاڻ ۾ لاڳيتا، دائمي گهرا ناتا ۽ لاڳاپا پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي کين "واحد قوميت" جي رشتي ۾ جڪڙي ڇڏيندا. پر هيءَ هڪ نهايت صاف ڳالهہ آهي تہ ماڻهو تيسيتائين هڪٻئي سان گڏجي، رلي-ملي رهي نٿا سگهن، جيسيتائين هو ڪن پيڙهين کان ڌرتيءَ جي هڪ ئي خطي ۾ نہ رهندا هجن. انگريزن اجوڪن آمريڪين جا ابا-ڏاڏا اڳ ۾ انگلنڊ جي هڪ ئي خطي ۾ رهندا هئا. پر پوءِ انگلنڊ جي ماڻهن جو هڪڙو حصو پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي، هڪ نئين خطي يعني آمريڪا ۾ وڃي رهيو. اتي زماني جون طاقتون هڪ نئينءَ قوم کي جنم ڏيڻ لڳيون. انهيءَ مثال مان اهو ثابت ٿيو تہ ڌرتيءَ جا مختلف علائقا پڻ الڳ الڳ قومن کي جنم ڏين ٿا. اهڙيءَ ريت، ڪنهن قوم کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ، زمين جي هڪ علائقي ۾ رهائش پڻ هڪ شرط آهي.

پر، رڳو هڪ ئي ملڪ يا علائقي جي رهائش بہ قوم بڻجڻ لاءِ ڪافي نہ آهي، پر گڏوگڏ اهو ضروري آهي تہ قوم جي ماڻهن ۾ اقتصادي لاڳاپن جي هڪجهڙائپ ڏسڻ ۾ ايندي هجي. جيڪڏهن ڪابہ انساني جماعت، ڌرتيءَ جي هڪ ئي علائقي ۾ رهي ٿي ۽ قوم بڻجڻ گهري ٿي، تہ پوءِ ضروري آهي تہ اهڙا قتصادي لاڳاپا ۽ معاشي طاقتون موجود هجن، جيڪي انهيءَ انساني جماعت جي الڳ الڳ حصن ۽ فرقن کي هڪ ملت ۽ هڪ وحدت ۾ بدلائي ڇڏين. انگلنڊ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ انهيءَ نموني جو گهرو اقتصادي رشتو نظر نٿو اچي، جيڪو ٻنهي کي ملائي، هڪ ئي قوم ۾ سمائي ڇڏي. انهيءَ سببان ئي اتي بہ الڳ قومون آباد آهن. آمريڪا جي مثال ڏيڻ مان معلوم ٿيو تہ قوميت جي تعمير ۾ اقتصادي اتحاد جو ڪيترو اهم حصو هوندو آهي. آمريڪا جا رهاڪو الڳ الڳ ملڪن مان لڏي اچڻ کان پوءِ بہ هڪ قوم ڪيئن بڻجي ويا؟ انهيءَ جو جواب هيءُ آهي تہ اقتصادي طاقتن، محنت جي ورهاست ۽ آمدورفت جي ذريعن ملڪ جي مڙني حصن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ انهيءَ نموني آمريڪي قوم وجود ۾ آئي.

معاشي اتحاد کانسواءِ، هڪ ئي علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن کي بہ

هڪ قوم نٿو چئي سگهجي. اهڙو هڪ ٻيو مثال ونو: جارجيا ۾ نون سُڏارن آٺ سان گڏ ائين ڪين ٿي چيو ويو ته جارجيا جا سمورا رهاڪو هڪ ئي قوم جا ماڻهو آهن. جيتوڻيڪ هو ڏرتيءَ جي هڪ ئي خطي ۾ رهندڙ هئا ۽ زبان به هڪڙيءَ ئي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ جو سبب هيءُ هو ته منجهن اشتراڪي زندگيءَ جو اشتراڪ ۽ اتحاد موجود ڪونه هو. هو الڳ الڳ رياستن ۾ ورهايل هئا، جنهن سببان اقتصادي اتحاد قائم ٿي نٿي سگهيو. اُتي صدين تائين مختلف رياستن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ جهيڙا جهٽا هلندا ٿي رهيا. رياستون هڪٻئي کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڏارين ملڪن مان سازشون ۽ هنگاما ڪرائينديون رهنديون هيون: ڪڏهن ڪنهن رياست پنهنجي مخالف رياست جي برخلاف ترڪن کي ساٿ ٿي ڏنو ته ڪڏهن ڪنهن رياست ايرانين جي حمايت حاصل ٿي ڪئي. اهڙيءَ ريت، اتان جون رياستون ڪافي وڏي عرصي تائين ترڪن ۽ ايرانين کي هڪٻئي خلاف ڀڙڪائينديون ۽ ساٿ ڏينديون ٿي رهيون. جيڪڏهن ڪنهن رياست جو بادشاهه گهڻي طاقت وارو هو ۽ پنهنجي انتظام ۾ ڪامياب هوندو هو ته اهو سيني رياستن جي وچ ۾ وقتي طور ته اتحاد قائم ڪري سگهيو ٿي، پر انهيءَ اتحاد جي صورت ٿوري عرصي لاءِ هوندي هئي. وڏ ڪان وڏ ائين ٿيندو هو ته فقط نالي ماتر سرڪاري انتظام قائم هوندو هو جنهن جي ڪمزور ٿيڻ سان ئي مختلف رياستون وري ٻيهر خود مختيار ٿي وينديون هيون. ۽ سندن اڳوڻا جهيڙا جهٽا ۽ سازشون وغيره ختم ٿي وينديون هيون. رياستن جي حڪمرانن جون غير ذميدارين واريون حرڪتون ۽ هارين کان بيپرواهي، حڪومت جي وقتي ۽ معمولي انتظامي ڍانچي کي ٽوڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏينديون هيون. جارجيا جون رياستون جيئن ته اقتصادي لحاظ کان پاڻ ۾ متحد ڪين هيون، انهيءَ ڪري اتي انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو ته منجهن پنهنجو پاڻ ۾ لازمي طور انتشار ۽ ڦوٽ واري صورتحال قائم رهي. پر پوءِ اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ اقتصادي ڦيرڦار ٿي ۽ جاگيرداري-زمينداري سرشتي جو خاتمو شروع ٿي ويو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي سرمائيداري سرشتي اڳتي قدم وڌايو. اهڙيءَ ريت آمدورفت جي وسيلن ۾ ترقي ٿي ۽ ملڪ جي اڳين صورتحال بدلجي ويئي____ جارجيا جي مختلف ضلعن ۾ محنت

جي ورهاست جو بنياد پيو. ڪوبہ ضلعو اقتصادي لحاظ کان فقط پنهنجو پاڻ تائين خود ڪفيل ڪين رهيو پر هڪ ضلعو ٻئي ضلعي جو اقتصادي لحاظ کان ضرورتمند بنجي ويو ـــــ اڳ هڪ رياست، ٻيءَ رياست کان معاشي لحاظ سان بيپرواھ هئي؛ پر هينئر لازمي طور اهڙيءَ بيپرواهيءَ جو خاتمو ٿي ويو. ان کان پوءِ سموري جارجيا ۾ معاشي اتحاد ۽ معشي مفاد جو اهڙو ڄار پکڙجي ويو جنهن جارجيا جي مڙني رياستن کي پاڻ ۾ متحد ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ ريت اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، جارجيا هڪ متحد قوم جي حيثيت سان دنيا جي سامهون آئي.

اها حقيقت انهن مڙني سان لاڳو ٿئي ٿي، جيڪي جاگيرداري- زمينداري دور مان گذري، سرمائيداري سرشتي تي پهچي، اڳتي وک وڌائي رهيون آهن. جاگيرداري-زمينداري سرشتي ۾ معاشي انتشار هوندو آهي، ۽ سرمائيداري سرشتي جو معاشي اتحاد ۽ اشتراڪ ڏانهن لاڙو هوندو آهي. انهيءَ ڪري سرمائيداريءَ جي ترقيءَ سببان ئي قومون وجود ۾ ايندين آهن. ثابت ٿيو تہ معاشي زندگيءَ جو اشتراڪ ۽ اتحاد قوميت جو هڪ لازمي جزو آهن.

مٿئين وضاحت کان پوءِ بہ قوميت جي مڙني عنصرن جو ذڪر اجا بہ ختم ڪين ٿيو آهي. اسان کي قوم جي فردن جي روحاني ڪردار کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي: هڪ ئي قوم سان واسطو رکندڙ الڳ الڳ ماڻهن جو هڪ خاص روحاني ۽ داخلي انداز هوندو آهي. مطلب تہ قومون نہ رڳو زندگيءَ جي ٻاهرين حالتن جي لحاظ کان، پر پنهنجي اندروني ۽ روحاني خصوصيتن جي لحاظ کان بہ هڪٻئي کان جدا جدا هونديون آهن. اهو ندروني ۽ روحاني فرق الڳ الڳ قومي تهذيبن ۾ ظاهر هوندو آهي. مثلن: انگلنڊ، آمريڪا ۽ آئرلينڊ ۾ هڪ ئي زبان ڳالهائي وڃي ٿي، پر پوءِ بہ اهي الڳ قومون آهن. انهيءَ جا ڪيترائي سبب آهن. جن مان هڪ سبب هيءَ آهي (جيڪو ٻين سببن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ اهميت وارو نہ آهي). اهو هيءَ آهي تہ ٽنهي قومن جي نفسياتي بناوت الڳ الڳ آهي. اهو نفسياتي اختلاف، ٻاهرين حالتن جي اختلاف جو نتيجو آهي، ٻاهرين حالتن جي اختلاف سببان، نفسياتي بناوت صدين کان وٺي الڳ الڳ پئي رهي آهي. انهيءَ مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي، تہ ٻاهرين حالتن جي گود مان

ٿي مختلف نفسياتي بناوت اُسري ۽ اُپري ٿي.

نفسياتي بناوت جي بحث جي سلسلي ۾ جيڪا هڪ اهم ڳالهه پيدا ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته اها نفسياتي بناوت، جنهن کي ٻين لفظن ۾ ”قومي ڪردار“ چئجي ٿو، قومي ڳُڻن جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جيڪو هڪ قوم جي ماڻهن کي ٻيءَ قوم جي ماڻهن کان ڪيترين ڳالهين کان الڳ رکندو آهي. معلوم مئڻ گهرجي ته قومي ڪردار هڪ نه محسوس ٿيندڙ چيز آهي، ۽ اهو اهڙي چيز نه آهي، جنهن کي بيان ڪري سگهجي. پر جيڪڏهن اسين ڪنهن قوم جي خاص ڪردار کي سُڃاڻي سگهون ٿا، ته اهو فقط ان جي تهذيب مان ئي اندازو لڳائي سگهون ٿا ـــ قومي ڪردار جو اظهار تهذيب مان ٿيندو آهي، ۽ ڪنهن به قوم جي تهذيبي مطالعي کان پوءِ ئي اسين ان جي مخصوص قومي ڪردار ۽ نفسياتي اَڏاوت کي سُڃاڻي، ۽ اُن تي يقين ڪري سگهون ٿا. انهيءَ ريت، قومي تهذيب مان ئي پتو پوندو آهي ته فلاڻيءَ قوم جو ڪهڙو قومي ڪردار آهي ۽ ان جي نفسياتي بناوت هيءَ آهي. ڪنهن به قوم جي نفسياتي بناوت، ياٻين لفظن ۾ ”قومي ڪردار“ کي اسين نظر انداز ڪري نٿا سگهون.

هيءَ بلڪل صاف حقيقت آهي ته ”قومي ڪردار“ ڪا اهڙي چيز نه آهي، جيڪا هڪ ئي دفعي يڪدم وجود ۾ اچي وڃي، ۽ پوءِ هميشه ساڳئي نموني قائم رهي. زندگيءَ جي ٻاهرين حالتن جي ڦير ڦار سان گڏوگڏ قومي ڪرادر جي شڪل ۽ شبيهه ۾ به تبديلي ايندي رهندي آهي. پر زندگيءَ جي هر پلڪ ۾ ان جو وجود ضرور رهي ٿو. پوءِ ڀل اهو اڳئين جي مقابلي ۾ ڪيتروئي چونه بدلجي چڪو هجي ـــ انهيءَ نموني قومي ڪردار جا آثر ظاهر ٿيندا رهندا آهن، ۽ اهي ٻاهرين حالتن تي به آثر وجهندا رهندا آهن.

مطلب ته هڪ قوم جي مڙني ماڻهن ۾ نفسياتي بناوت ۽ قومي ڪردار جو گڏيل هئڻ به لازمي آهي، جنهن جو اظهار هر قوم جي تهذيب مان ئي ڏسبو آهي.

مٿي بيان ڪيل شرط قوميت جي مسئلي سان ايترا لاڳاپيل ۽ اَٽوٽ آهن، جن مان ڪنهن به هڪ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. قوميت جي مسئلي ۾ هيسيتائين جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي، ان کي

مختصر لفظن ۾ هيئن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

قوم، ماڻهن جي هڪ اهڙي مضبوط ۽ جٽادار ٽولي جو نالو آهي، جنهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ تارخ جو هٿ وَندايل هجي، ۽ جنهن ۾ مشترڪ زبان، مشترڪ علائقو ۽ مشترڪ روزگار ڏسڻ ۾ ايندو هجي ۽ گڏوگڏ ان جي نفسياتي بہ هڪجهڙي هجي___ اهڙي نفسياتي بناوت، جنهن جو اظهار تهذيبي اتحاد ۽ شرڪت جي صورت ۾ هوندو آهي.

هن حقيقت تي ڪنهن کي بہ اعتراض ٿي نٿو سگهي تہ قوم، ٻين مڙني تاريخي مظهرن وانگر ڦير-ڦار ۽ انقلاب جو سرچشمو آهي، جنهن جي هڪ مخصوص تاريخ ۽ هڪ مخصوص ابتدا ۽ انتها آهي.

”قوميت“ جي جن بہ شرطن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن مان ڪنهن بہ هڪ شرط موجود هئڻ جي بنياد تي، اسين ڪنهن بہ انساني جماعت کي ”قوم“ چئي نہ ٿا سگهون___ فرض ڪريو ڪنهن انساني جماعت ۾ مٿي ذڪر ڪيل مڙني شرطن مان ڪوبہ هڪ شرط ڏسڻ ۾ اچي تہ ٿو تہ اسان ان کي ”قوم“ تہ ڪين چونداسين، پر گڏوگڏ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن انساني جماعت ۾ ”قوميت“ جا سمورا شرط موجود آهن، ۽ فقط هڪ شرط جي کوٽ آهي، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ فقط هڪ شرط موجود نہ هئڻ ڪري، اها انساني جماعت ”قوم“ چوائڻ جي حقدار نہ هجي ۽ ان جو هڪ قوم بڻجڻ ناممڪن ٿي پوي. مثال طور ڪنهن انساني جماعت ۾ نفسياتي بناوت جي شرڪت ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان جو هڪ خاص قومي ڪردار بہ هجي، پر اقتصادي زندگيءَ جي شرڪت موجود نہ آهي ۽ اُها ڌرتيءَ جي هڪ خطي ۾ آباد نہ آهي ۽ اُن جي زبان بہ مشترڪ نہ آهي، تہ اسين اهڙيءَ انساني جماعت کي فقط هڪ ڪردار جٽڻ جي بنياد تي ”قوم“ جو لقب ڏيئي نٽا سگهون___ روس، گايليشيا، آمرڪا، جارجيا ۽ ڪوهہ-ڪاف جي يهودين کي ڏسو جيڪي هڪ قومي ڪردار هوندي بہ هڪ قوم نہ آهن.

ائين بہ ممڪن آهي تہ ڌرتيءَ جي هڪ ئي خطي ۾ آباد هجن، مشترڪ معاشي زندگيءَ ۾ بہ آباد هجن، ۽ پوءِ بہ منجهن نڪي مشترڪ زبان هجي ۽ نڪي قومي ڪردار جو اشتراڪ هجي، تہ انهيءَ حالت ۾ بہ ان کي قوم چئي نٿو سگهجي___ اهڙو مثال، بالٽڪ علائقي جي جرمن قوم

جو آهي، جيڪي فقط ٻوليءَ ۾ نفسياتي اشتراڪ نہ نئڻ سڀبان پاڻ ڪي هڪ قوم جا فرد نٿا چوائين. ٻئي طرف ناروي ۽ ڊينمارڪ جي رهاڪن کي ڏسبو تہ اهي هڪ زبان تہ ڳالهائين ٿا، پر باقي ٻين شرطن موجود نہ هئڻ سبٻان هڪ قوم نہ آهن. مطلب تہ "قوميت" جي تعمير لاءِ مٿي ڄاڻايل مڙني شرطن جو موجود هئڻ ضروري آهي____ فقط ڪنهن هڪ شرط جو هئڻ ڪافي نہ آهي. اهو ضروري آهي تہ جيڪڏهن اسين جدا جدا قومن جي ڇنڊڇاڻ ۽ ڀيٽ ڪرڻ ويهنداسين تہ ڪونہ ڪو هڪ شرط هڪ خصوصيت، ٻين خصوصيتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي____ مثال طور، هڪ قوم جو فقط قومي ڪردار وارو شرط زياده نظر آيو تہ ٻيءَ قوم ۾ مشترڪ زبان وارو شرط وڌيڪ اهميت وارو معلوم ٿيندو. اهڙيءَ ريت، ٽينءَ قوم جي زندگيءَ ۾ هڪ علائقو ۽ اقتصادي حالتون وڌيڪ ڏسبيون. مطلب تہ هر حالت ۾ "قوميت" جيڪڏهن ڪا چيز آهي، تہ اُها انهن مڙني شرطن جي پورائيءَ جو فقط هڪ مجموعو آهي.

## قوميت جي ترقي ۽ عروج

قوميت جي ترقيءَ ۽ عروج کي اسين الڳ الڳ دورن ۾ ورهائي سگهون ٿا____ پهريون دور هي آهي تہ جڏهن يورپ جي مغربي ملڪن ۾ يعني آئرلينڊ کي ڇڏي برطانيا، فرانس ۽ اٽليءَ ۾ ۽ ڪجهہ حد تائين جمنيءَ ۾ جاگيرداري-زميـنداري سرشتي جي زواليت شروع ٿي ۽ سرمائيداري سرشتي فتح حاصل ڪئي، تڏهن انهيءَ زماني ۾ يورپ جي آزادي مختلف قومن ۾ ورهائجي ويئي. انهن ملڪن ۾ هينئن ٿيو تہ جنهن زماني ۾ اتي جاگيرداري-زمينداري سرشتي جو ڏيوالو نڪري رهيو هو ۽ مختلف قومون وجود ۾ اچي رهيون هيون، ان زماني ۾، انهن ملڪن ۾ مضبوط مرڪزي رياستون قائم هيون. انهيءَ جو نتيجو هيءَ ٿيو جو الڳ الڳ قومون الڳ الڳ رياستن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيون ۽ انهيءَ شڪل ۾ ترقيءَ جون منزلون اُڪرڻ لڳيون. انهن مان ڪنهن بہ رياست اندر ڪنهن بہ وڏيءَ غير ملڪي يا غير قومي جماعت، يا ڪنهن اقليت جو وجود ڪونہ هو. اهڙيءَ ريت، رياست ۾، هڪ قوم ٿي، ٻيءَ قوم طرفان ٿيندڙ ظلم ۽ ڦُرلُٽ جو وجود نہ رهيو. مثلن، فرانس ۾ ڪا بہ غير فرانسيسي اقليت واري قوم

ڪانہ هئي نڪي وري برطانيا ۾ ڪا غير برطانوي اقليت هئي. اهڙيءَ ريت جڏهن اتي قوميت اڳتي قدم وڌايو تڏهن غير قومي اقليت تي، اڪثريت واريءَ قوم جي ظلم ۾ ڏاڍ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪين ٿيو. اوڀر يورپ ۾ حالتون انهيءَ ڪان اُبتڙ هيون: يعني جنهن زماني ۾ هنگري، آسٽريليا ۽ روس ۾ الڳ الڳ قومون بڻجي رهيون هيون ۽ جاگيرداري-زميندار سرشتي جون پاڙون پٽجي رهيون هيون، تڏهن اتي مضبوط مرڪز واريون رياستون قائم ڪين ٿيون، پر انهيءَ ڪان اڳ، انهن ملڪن ۾ مضبوط مرڪز واريون رياستون گهڻو اڳ قائم ٿي چڪيون هيون ۽ ڪافي عرصي ڪان پوءِ وڃي انهن ملڪن جي آبادي مختلف قومن ۾ شڪل ورتي ۽ جاگيرداري-زميندار سرشتي جو زوال آيو جنهن زماني ۾ اتي مضبوط مرڪز واريون رياستون قائم ٿيون، ان وقت سرمائيداري اجا تائين ترقي ڪانہ ڪئي هئي ۽ ان جي فقط شروعات ئي ٿي هئي. جيسيتائين سرمائيداريءَ جو وجود ڪنهن عروج تي نہ ٿو پهچي، ان وقت تائين قومون بہ پنهنجي "قوميت" جي وجود ۾ نٿيون اچي سگهن. انهيءَ ڪري، مضبوط مرڪز وارين رياستن قائم ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري محسوس ٿي تہ روس، آسٽريليا ۽ هنگريءَ کي ترڪن، منگول ۽ ٻين ايشيائي حملي آورن ڪان هميشہ خطرو رهندو هو. انهيءَ ڪري، انهن ملڪن جي ماڻهن حملي آورن کي روڪيندي ۽ پنهنجي بچاءَ کي سامهون رکندي، هيءَ محسوس ڪيو تہ هڪدم مضبوط مرڪز واريون رياستون قائم ڪيون وڃن. اهڙيءَ طرح، اوڀر يورپ ۾ مضبوط مرڪز واريون رياستون، يعني قوميت ۽ سرمائيداريءَ جي عروج ڪان اڳ ۾ ئي قائم ٿي ويئون ۽ قومون بعد ۾ وجود وٺڻ لڳيون. ان جي ابتڙ اولهہ يورپ ۾ مضبوط مرڪز واريون رياستون، ان زماني ۾ قائم ٿيون، جڏهن سرمائيداريءَ ۽ قوميت فاتحاڻي انداز ۾ اڳتي وڌي رهيون هيون. اوڀر يورپ ۾ قومن جي وجود ۾ اچڻ ڪان اڳ، مضبوط مرڪز واريون رياستون قائم ٿي ويئون. انهيءَ جو نتيجو هيءَ نڪتو تہ هر هڪ رياست ۾ جدا جدا قومن جا ماڻهو شامل ٿي ويا. اهي قومون اجا تائين قوميت جي شروعاتي منزل ۾ هيون. هو پوريءَ طرح الڳ الڳ قومون بڻجي نہ سگهيون هيون. اولهہ يورپ جي هر هڪ رياست، هڪ قوم جي فردن تي ٻڌل هئي، پر اوڀر يورپ ۾ ڪابہ رياست ڪنهن هڪ واحد قوم تي ٻڌل نہ هئي، الڳ

الڳ قومن تي مشتمل هئي، ڇاڪاڻ جو فوجي حفاظت ۽ بچاءَ خاطر سيني رياستن کي هڪ مضبوط مرڪز سان اتحاد ۾ ڳانڍاپي ۾ رهڻ لازمي هو.

مطلب تہ "قوميت" جي ارتقا کان اڳ واري دور ۾، اسان کي ٻہ ڳالهيون نظر اچن ٿيون ____ سرمائيداريءَ جي شروعات واري زماني ۾ الڳ الڳ قومون شڪل وٺڻ لڳيون. اولهہ يورپ ۾ هيئن ٿيو جو خالص قومي رياستون وجود ۾ آيون. انهن مان هر هڪ رياست، ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي قوم جي فردن تي ٻڌل هئي، ان ڪري اهڙيءَ رياست ۾ هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڦرلٽ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. پر اوڀر يورپ ۾، هر هڪ رياست جي ھيءَ حالت هئي تہ جيڪڏهن ڪا هڪ قوم ٻين کان وڌيڪ ترقي يافتا هئي ۽ ٻيون قومون ان جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هيون، تہ اُها ڪمزور قومن تي سياسي لحاظ کان حاوي هوندي هئي ۽ ٿوريئي عرصي ۾ ان جو مٿانئن اقتصادي تسلط بہ قائم ٿي ويندو هو. انهيءَ نموني اوڀر يورپ گھڻ- قومي رياستن ۾، هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڦرلٽ جو سوال پيدا ٿيو ۽ پوءِ قومن جو ڪھڙي سان ٽڪراءُ، قومي تحريڪون ۽ قومي مسئلا وجود ۾ آيا ۽ انهن کي سُلجهائڻ لاءِ الڳ الڳ طريقا وجود ۾ اچڻ لڳا ____ هيءَ "قوميت" جي عروج جو پهريون دور هو.

قوميت جي عروج جو ٻيو دور هيءَ هو تہ جڏهن سامراج (امپريلزم) وجود ۾ آيو يعني جڏهن سرمائيداري، پنهنجي پيداور وڪڻڻ لاءِ مارڪيٽ، ڪچي مال، ٻارڻ (ڪوئلو تيل وغيره) جي شين لاءِ سَستي محنت هٿ ڪرڻ جي ڳولا ۾، پنهنجي ملڪي حدن کان ٻاهر نڪتي ۽ سرمائيدارن کي صنعتي شين پيدا ڪرڻ لاءِ ٿورن کان ٿورن پئسن تي مزدور کان ڪم وٺڻ جي ضرورت هئي، تہ جيئن جيترو گهٽ خرچ سان شيون تيار ٿين، تہ انهن کي وڌيڪ کان وڌيڪ قيمت تي وِڪڻي زيادا فائدو حاصل ڪري سگهجي. ان کان پوءِ سرمائيدارن کي پنهنجين تيار ڪيل شين کي وِڪڻڻ لاءِ مارڪيٽ جي ضرورت هئي. انهيءَ سان گڏوگڏ سرمائيدارن پنهنجي ملڪيت ٻين ملڪن ۾ پڻ سيڙائڻ گهري ٿي تہ جيئن انهيءَ وسيلي انهن ملڪن کي ڦري ۽ لُٽي سگهجي. اهڙيءَ ريت جن ملڪن ۾ هو لُٽمار ڪري رهيا آهن، انهن سان وڌيڪ لاڳاپن جي سلسلي قائم رکڻ لاءِ سامونڊي ۽ خشڪيءَ جي رستن تي قبضي ڪرڻ جي

ضرورت هوندي آهي. انهيءَ نموني اولهه يورپ جا سرمائيدار پنهنجي پنهنجي قومي رياستن جي حدن کي اورنگهي، ويجهائيءَ وارن توڙي پرانهن پاڙيسري ملڪن کي پنهنجو غلام بڻائيندا آهن.

قوميت جي عروج واري انهيءَ ٻئي دور ۾، اولهه يورپ جون جهونيون قومي رياستون (برطانيا، اٽلي ۽ فرانس) اڳيئن وجود ۾ نٿيون رهن، پر ڪيترين وڏين وڏين گهڻين قومن وارين رياستن ۾ بدلجي وڃن ٿيون. سندن قبضي ۾ نوان نوان علائقا ۽ ڪيتريون بينڪون اچن ٿيون. اهي گهڻ-قومي رياستون، هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جو ظلم ۽ ڦرلٽ جو آکاڙو بڻجي وڃن ٿيون، ۽ بينڪن وارن علائقن جي ماڻهن تي، سرمائيدار-حاڪم قوم جو ظلم ۽ ڦرلُٽ ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. هيءَ ڦرلُٽ ۽ ظلم اهوئي آهي، جيڪو اوير يورپ جي گهڻ-قومي رياستن ۾ اوائل کان ئي موجود هو. قوميت ۾ يقين واري هن ترقيءَ ۽ عروج واري دور ۾، مغرب جون قومي رياستون، سامراجي رياستن جي پوزيشن ۾ بدلجي چڪيون هيون ــــ زيڪوسلويڪيا، پولنڊ ۽ يوڪرين ۾ قومي سجاڳي اچڻ لڳي ۽ قومي تحريڪون هلچل ۾ آيون. سال 1913ع کان 1914ع جي سامراجي جنگ واري زماني ۾، هتان جي قومي تحريڪن، پراڻين بورجوازي (سرمائيدارانا) گهڻ-قومي رياستن جا تاجي-پيتا اُديڙي چڏيا ۽ سندن غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، نيون قومي رياستون قائم ڪيون، پر انهيءَ سان گڏوگڏ هيءَ به ٿيو ته نيون قومي رياستون دنيا جي وڏين وڏين طاقتن جي چنبي ۾ قاتل رهجي ويئون. انهيءَ ڪري اُهي پوريءَ آزاديءَ سان پنهنجي وجود کي قائم رکي نه سگهيون.

قوميت جي عروج جو ٽيون دور اهو آهي، جيڪو سوويت سرشتي جي قائم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. هيءَ دور هن نموني شروع ٿيو ته دنيا جي ڇهين حصي ۾، سرمائيداري سرشتي جي وجود کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ قوم تي، ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڦرلُٽ جو به هميشه لاءِ خاتمو ٿي ويو. انهيءَ کان پوءِ، دنيا جي جنهن به حصي ۾ سوويت سرشتو قائم ٿيو، اتي نڪي ته حاڪم قوم جوئي ڪو وجود رهيو نڪي غلام قوم جو. نڪي نين بينڪن جو سوال رهيو ۽ نڪي سندن ڦرلٽ ڪرڻ وارن ملڪن جو. اِهي سمورا سوال ۽ مسئلا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ زمين جي حصي

لاءِ، جتي سوويت سرشتو قائم آهي، تاريخ جي پراڻن ڪيٽن ۾ يادگار طور سانڍي رکيا ويا آهن. سوويت سرشتي هيٺ سڀني قومن کي هڪجھڙا حق ۽ ترقي ڪرڻ جا ساڳيا موقعا ميسر آهن. پر في الحال اهي قومون اقتصادي، سياسي ۽ تهذيبي ترقيءَ جي لحاظ کان هڪ سطح (ليول) تي نہ آهن. اها نابرابري انقلاب کان اڳ جي حالتن جي پيدا ڪيل آهي ــــ ماضيءَ ۾ تاريخي ترقي اهڙي نموني ٿيندي رهي، جو هڪ قوم يعني روسي قوم، سوويت سرشتي ۾ شامل ٻين قومن جي ڀيٽ ۾، سياسي ۽ صنعتي لحاظ کان وڏيڪ ترقيءَ واري ٿي ويئي. انقلاب کان پوءِ اها نابرابريءَ، گويا ڪين ورثي ۾ ملي چڪي هئي، ۽ اها سال اڏ ۾ ختم ٿيڻ جي ڪين هئي. پر، اهو يقين هو تہ ان کي جلد کان جلد ختم ڪيو ويندو ۽ پٺتي پيل قومن کي اقتصادي، سياسي ۽ تهذيبي لحاظ کان هر ڪا مدد ڪئي ويندي*.

## قوميت، سرمائيداري سرشتي جي پيداوار آهي

مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ "قوميت" تاريخ جي هڪ خاص دور ۾ پيدا ٿي آهي. اِهو دور سرمائيداري سرشتي جي عروج جو هو جنهن دور ۾ جاگيرداري-زميداري سرشتي جي پيدا ڪيل ڦوٽ ۽ انتشار ختم ٿي رهيو هو. ان زماني ۾ اوير يورپ جي آبادي الڳ الڳ قومن ۾ وِرهائجي رهي هئي. يعني ان زماني ۾ برطانيا، فرانس، اٽليءَ ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو الڳ الڳ قومن جو وجود وٺي رهيا هئا. سرمائيداري سرشتي هڪ ئي علائقي جي ماڻهن کي ڦوٽ ۽ انتشار جي ڏٻڻ مان ڪڍي، قومي ڍانچي ۽ جماعت بنديءَ جي رشتي ۾ لاڳاپي جڏيو. اهڙيءَ ريت، الڳ الڳ قومون وجود ۾ آيون، ۽ گڏوگڏ اهي آزاد رياستن جو وجود وٺڻ لڳيون. مطلب تہ قومي وجود سان گڏ آزاد رياستن جي وجود جو عمل بہ گڏوگڏ هلندو آهي. اهڙيءَ ريت برطانيا، فرانس ۽ اولهہ يورپ جي ٻين ملڪن جون قومون هڪ ئي وقت آزاد رياستون بہ آهن. يعني فرانس هڪ ئي وقت رياست بہ آهي تہ

---

* استالن جي جنهن تصنيف مان هي اقتباس ورتا ويا آهن، اها اڄ کان گهڻو وقت اڳ لکي ويئي هئي. ان کان پوءِ حالتون گهڻو بدلجي چڪيون آهن ۽ سووي سرشتي ۾ جيڪي قومون شامل آهن، انهن جي وچ ۾ اقتصادي ۽ تهذيبي لحاظ کان گهڻيءَ حد تائين برابري قائم ٿي چڪي آهي (مترجم).

قوم بہ آهي، ۽ برطانيا بہ ساڳيءَ طرح، هڪ ئي وقت رياست بہ آهي تہ قوم بہ آهي. ۽ آئرلينڊ، جيڪو هن سياسي ڦير ڦار جي عمل سان اڳتي وڌي نہ سگهيو، انهيءَ ڪري اتي عام صورتحال بدلجي نہ سگهجي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ آئرلنڊ هڪ ئي وقت آزاد رياست ۽ هڪ قوم بڻجي ڪين سگهيو. اولهہ يورپ ۾ قومون ترقي ڪري رياستن جي صورت اختيار ڪئي، پر ان جي اُبتڙ اوڀر يورپ ۾ گهڻ-قومي رياستون قائم ٿيون. اتي ڪا بہ رياست ڪنهن هڪ قوم تي ٻڌل ڪانہ هئي، پر ڪيترين ئي قومن تي هئي. هرهڪ رياست جي سرحدن ۾ الڳ الڳ قومون شامل هيون. انهيءَ ڪري اسان اهڙيءَ رياست کي گهڻ-قومي رياست نالو ڏنو آهي------ جيئن آسٽريليا، هنگري ۽ روس انهيءَ مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. اِهو اڳ ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙين گهڻ-قومي رياستن جي حدن ۾، جيڪا قوم ٻين قومن کان وڌيڪ ترقيءَ واري هئي، اها ٻين تي غالب ٿي ويئي. آسٽريليا جي جرمن قوم سياسي لحاظ کان ٻين کان وڌيڪ ترقيءَ واري هئي، انهيءَ هن رياست جي ٻين قومن کي، هڪ-رياستي نظام هيٺ آڻي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ مگيار قوم، رياست جي ٻين مڙني قومن کان سياسي ناهہ-نُوهہ ۽ جوڙ-جڪ ۾ وڌيڪ هوشيار هئي. ساڳيءَ طرح، روس ۾ ٻين قومن کي هڪ-رياستي نظام هيٺ رکڻ جو ڪم روسي قوم سرانجام ڏنو. روسي قوم جي اڳوڻي دولتمند طبقي ۽ فوجي حڪمن جي ٿ ۾ هئي. دولتمندن جو فوجي طبقو ڪافي منظم ۽ طاقت وارو هو ۽ ان کي خاص تاريخي طاقتن وجود ۾ آندو هو. مطلب تہ آسٽريا ۾ جرمن قوم، هنگريءَ ۾ مگيار قوم ۽ روس ۾ روسي قوم، پنهنجن رياستن ۾ شامل ٻين قومن تي غالب اچي ويون ۽ سندن ئي اڳواڻيءَ ۾ اتان جي گهڻ-قومي رياستن جون سياسي تنظيمون عمل ۾ اچڻ لڳيون. انهن گهڻ-قومي رياستن جي وجود ۾ اچڻ جو عجيب غريب نمونو فقط انهن ملڪن ۾ ممڪن هو جتي اجا تائين جگيرداري-زميني سرشتي کي ختم ڪين ڪيو ويو هو ۽ سرمائيداري سرشتو شروعاتي منزلن مان گذري رهيو هو. انهن گهڻ-قومي رياستن ۾ جيڪي قومون شامل هيون، اهي اجا تائين سرمائيداري سرشتي هيٺ پريشان رهنديون.. سندن لاءِ قومن جي صورت ۾ متحد ۽ منظم ٿيڻ ناممڪن هو.

پر پوءِ آهستي آهستي، اولهه يورپ ۾ بہ سرمائيداري سرشتو پکڙجڻ لڳو: واپار ۽ آمدرفت جي وسيلن ۾ ترقي ٿي، وڏا وڏا شهر وجود ۾ آيا ۽ هر هڪ قوم ۾ اندروني طور اقتصادي لحاظ کان مضبوط ٿيڻ جي خواهش پيدا ٿي. گهڻ-قومي رياستن جي دٻيل ۽ پٺتي پيل قومن جي جمود ۽ خاموشيءَ وري زندگيءَ ۾ سرمائيداري سرشتي نيون اُمنگون پيدا ڪيون ۽ هو سُجاڳ ٿيڻ لڳيون. انهن جون پنهنجون قومي پريسون ۽ پنهنجا قومي ٿيٽر وجود ۾ آيا ۽ قانون ساز جماعتون ٺاهيون ويون. انهن ڳالهين آسٽريليا ۽ روس ۾ قومي احساس ۽ قومي جذبن کي گهڻو بيدار ڪيو. انهي نموني، اولهه يورپ جي گهڻ-قومي رياستن ۾ هر هڪ شامل قوم جو پڙهيل ذهين طبقو سجاڳ ٿي ويو ۽ منجهن قومي جذبو وڏيءَ تيزيءَ سان اُڀرڻ لڳو. انهن سجاڳ ٿيندڙ قومن جي سامهون فقط پنهنجي آزاد قومي رياستن قائم ڪرڻ جو نصب العين هو ۽ اها سندن فطري تقاضا هئي. هيئنر انهن قومن لاءِ برطانيا، فرانس ۽ جرمنيءَ جي نموني وارين آزاد رياستن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيڻ ناممڪن ڪين هو. ڇاڪاڻ تہ هو اڳ ۾ ئي گهڻ-قومي رياستن جي سرشتي ۾ لاڳاپيل هيون ۽ اتي متن سين کان وڏيڪ طاقت واريون قومون قابض هيون، ۽ حڪمران قومن جو مٿانهون طبقو هنن نين جنم ورتل قومن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو بنهہ دشمن بنجي ويو هو. اهڙيءَ ريت، آسٽريليا جي جرمن قوم بہ اتان جي ٻين قومن جي آزاديءَ واري تحريڪن جي سخت مخالفت شروع ڪئي. غالب قوم جي حڪمران طبقي شروع کان ئي رياست تي قبضو ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري اها بلڪل فطري ڳالهہ هئي تہ حڪمران طبقو رياست جي ٻين پٺتي پيل قومن جي خودمختياريءَ جي مخالفت ڪري. مطلب تہ اولهہ يورپ جون قومون گهڻي دير کان پوءِ عملي ميدان ۾ آيون. آسٽريليا ۾ زيڪو سلوويائي، پولي ۽ ٻين قومن هلچل شروع ڪئي. ۽ هنگريءَ ڪروٽ قوم پنهنجي خودمختيار رهڻ جو مطالبو ڪيو ۽ ليٿوي، لٽانوي، يوڪريني، جارجيائي ۽ آرميني قومون وجود ۾ آيون. اولهہ يورپ ۾، آئرلنڊ ۾ قومي تحريڪ جنم ورتو. انهيءَ ريت اولهہ يورپ ۾ بہ هر هڪ قوم پنهنجي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي حق حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون قائم ڪيون. آخر اهڙيون حالتون پيدا ٿيون، جن اولهہ يورپ جينين اُڀرندڙ قومن کي جدوجهد لاءِ تيار ڪيو هو.

هتي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ اها جدوجهد فقط ٻن سڄي جي

سڀني قومن جي وچ ۾ ڪانه هئي، پر غالب قوم ۽ شڪست کاڌل قومن جي فقط مٿانهن حڪمران طبقن جي وچ ۾ هئي. مثلن، جڏهن يوڪرينيءَ جي قومي تحريڪ، روس جي مرڪزي حڪومت جي برخلاف شروع ٿي، تڏهن انهيءَ تحريڪ ۾ يوڪرينين جي فقط مٿانهين ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو شامل هئا. انهيءَ تحريڪ جو نمونو هيئن هو ته محڪوم قوم، چوٽيءَ جي سرمائيدار طبقي جي برخلاف جدوجهد شروع ڪئي. زيڪوسلوويڪيائي قوم ۽ جرمن جي حڪمران طبقن جي وچ ۾ انهيءَ نموني جي هلچل شروع ٿي. انهن قومي تحريڪن هڪ ٻي شڪل به اختيار ڪئي، ۽ اها هيءَ هئي ته ڳوٺاڻي سرمائيدار طبقي، حڪمران طبقي جي زميندارن برخلاف پڻ جدوجهد شروع ڪري ڏني. مثلن، يوڪرينيءَ ۾ جيڪا قومي تحريڪ شروع ٿي هئي، انهيءَ جي هلچل جو نمونو اهوئي هو. ساڳيءَ ريت، يوڪريني جي ڳوٺاڻن سرمائيدارن به پولنڊ جي زميندارن جي برخلاف تحريڪ هلائي. يا وري انهن قومي تحريڪن هيءَ شڪل اختيار ڪئي، جو محڪوم قومن جي سموري دولتمند سرمائيدار طبقي، حڪمران قوم جي امير طبقي جي برخلاف تحري هلائڻ شروع ڪئي؛ جهڙيءَ ريت، پولنڊ جي برخلاف لٿوانين جي آزاديءَ واري تحريڪ ۽ روس جي برخلاف يوڪرينين جي تحريڪ. مطلب ته قومي تحريڪن ۾ مٿانهون سرمائيدار طبقو ئي اڳواڻيءَ ڪندو آهي. هاڻي ڏسڻو آهي ته محڪوم قومن جو سرمائيدار طبقو قومي تحريڪن ۾ وڏيڪ سرگرم ڇوو هوندو آهي؟ انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته محڪوم قوم جو نئون جنم ورتل سرمائيدار طبقو اهو چاهيندو آهي ته حاڪم قوم جي سرمائيدار طبقي سان تجارتي مقبلي ۾ ڪامياب ٿئي. ٻين لفظن ۾ هو حاڪم قوم جي مقابلي ۾ بازارن تي قبضو ڪرڻ گهرندو آهي؛ جتي هو پنهنجو مال وڪڻي سگهي. انهيءَ مقصد لاءِ سڀ کان اول هن جي نگاهه خود پنهنجي ئي ملڪ جي بازارن تي پوي ٿي. اهو گهري ٿو ته سڀ کان اول خود پنهنجي ملڪ جون بازارون، سندس مال جي وڪري لاءِ ئي موجود هئڻ کپن ۽ حاڪم قوم جون واپاري شيون منهنجي ملڪ جي بازارن ۾ وڪامڻ نه کپن. اهڙيءَ ريت قومي تحريڪ اڳتي وڌندي آهي ۽ قومي تحريڪ ۾ پنهنجي ملڪي بازارن تي قبضي ڪرڻ جو سوال، سڀني کان وڌيڪ بنيادي ۽ اهميت وارو هوندو

آهي ـــــ بازار سِکيا جي هڪ اهڙيءَ اهم جاءِ آهي، جتي سرمائيدار طبقو قوميت جو سبق پڙهي ٿو.

## سامراجي رياستون

يورپ ۾ جنهن وقت سرمائيداري سرشتي ترقي ڪئي تڏهن سرمائيدار طبقي کي نين نين (مارڪيٽن) جي ضرورت ٿي، ۽ صنعتي شين تيار ڪرڻ لاءِ ڪچي مال ۽ ٻارڻ جي چيزن (ڪوئلو تيل وغيره) جي ڳولا شروع ڪئي. ان بعد سرمائيدار ملڪن مان ٻين ملڪن ۾ سرمايو لڳو ۽ انهن کي نون نون ملڪن ۾ مختلف ڪاربار ۽ ڪارخانن ۾ لڳايو ويو. ان سان گڏوگڏ سرمائيدار ملڪن کي اها ضرورت محسوس ٿي ته نون ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ سامونديءَ ۽ خشڪيءَ جي رستن جي سنڀال ڪئي وڃي. انهيءَ نموني اولهه يورپ جي پراڻين قومي رياستن، نون علائقن تي قبضو ڪيو ۽ اهي مختلف قومي رياستن ۾ بدلجي ويئون ـــــ جيئن هميشه گهڻ-قومي رياستن ۾ ٿيندو آهي. انهن رياستن ۾ به هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جو ظلم ۽ ڏاڍ شروع ٿيو ۽ رياست اندر الڳ الڳ قومن جو پاڻ ۾ تڪراءُ شروع ٿيڻ لڳو ـــــ برطانيا، فرانس، جرمنيءَ ۽ اٽلي انهيءَ نموني جي گهڻ-قومي رياستن جي مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا*.

## قومن جي خودمختياريءَ مان ڪهڙو مطلب آهي؟

خودمختياريءَ جو مطلب هي آهي ته هر هڪ قوم پنهنجي آئندي جو فيصلو پاڻ ڪري، ۽ ٻي ڪابه قوم پنهنجي طاقت ذريعي دخل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري ـــــ هڪ قوم ٻيءَ قوم جي تعليمي، ادبي ۽ ثقفتي ادارن کي تباهه ۽ برباد نه ڪري؛ ان جي رسمن رواجن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش نه ڪري؛ ان جي زبان جي اشاعت ۾ رنڊڪون نه وجهي؛ ۽ ان جي حقن تي بندش وجهڻ لاءِ تيار نه ٿئي.

هتي ڪامريڊ استالن هن ڳالهه تي بحث ڪيو آهي ته ”قومن جي حق خود مختياريءَ جي سلسلي ۾ سوشلسٽن جو انداز ڪهڙو هئڻ

---

* ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، اٽلي ۽ جرمني گهڻ-قومي رياستون نه رهيون آهن. (مولف)

گهرجي؟ حقِ خودمختياريءَ جي پنيرائيءَ جو اهوئي مطلب نہ آهي تہ سوشلسٽ ڪنهن قوم جي هر هڪ اداري ۽ هر هڪ رسم ۽ رواج جي حمايت ڪن: پر انهن جو هيءُ فرض ضروري آهي تہ هو هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. پر، انهيءَ سان گڏوگڏ مٿن هي بہ فرض آهي ان قوم جي ڇيهو رَسائيندڙ رسمن رواجن ۽ نقصان پهچائيندڙ ادارن انجمنن جي برخلاف تحريڪ هلائين تہ جيئن ان قوم جي مزدور ۽ پورهيت طبقي کي، ان قوم جي مٿانهن طبقن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

”حق-خودمختياريءَ مان هيءُ مراد آهي تہ هر هڪ قوم پنهنجي زندگيءَ جي اَڏڻ ۽ ناهڻ ۾، پنهنجن خواهشن ۽ ارادن پٽاندر عمل ڪري. آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي بنيادن تي پنهنجي قومي زندگيءَ جي عمارت کڙي ڪري. جيڪڏهن ساڳئي وقت ڪنهن ٻيءَ قوم سان گڏجي قائم ڪري، تہ خود پنهنجي خواهشن موجب هجي ۽ نہ ڪنهن زور يا دٻاءُ سبب هجي، ۽ پوءِ جڏهن بہ گهري تہ ٻيءَ قوم کان بلڪل الڳ رهڻ جو اختيار هجيس، ۽اِهوئي آهي ڪنهن قوم جي خودمختيار هئڻ جو حق. “

پر سوشلسٽن جو انهيءَ سلسلي ۾، هيءُ رَويو هئڻ گهرجي تہ هو قوم جي هر هڪ مطالبي جي حمايت نہ ڪن. مثال طور جيڪڏهن خودمختياريءَ جي حق موجب ڪنهن قوم کي هيءُ حق حاصل هجي تہ نئين سرشتي کي ختم ڪري، پنهنجو پراڻو سرشتو قائم ڪري تہ اهڙي موقعي تي سوشلسٽن جو هيءُ فرض آهي تہ هو اهڙيءَ گهُر جي مخالفت ڪن! سوشلسٽ، مزدور طبقي جي مفادن جا نگهبان آهن. ۽ سڄيءَ قوم ۾ سمورا طبقا شامل هوندا آهن. حق-خودمختياريءَ جي سلسلي ۾ سوشلسٽن ۽ سرمائيدار طبقن جي طريقءِ ڪار ۽ رَويي ۾ جيڪو فرق آهي، ان جي سمجهاڻي هن نموني ڏيئي سگهجي ٿي____ سوشلسٽ اهو چاهيندا آهن تہ ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪيو وڃي ۽ قومن جي وچ ۾ دشمنيءَ جا جيڪي سبب ڏسڻ ۾ ايندا هجن، انهن کي ختم ڪري، قومي دشمنيءَ جي وڌندڙ تيزيءَ ۾ ڪنهن بہ نموني مانائي آندي وڃي. سرمائيدار طبقو انهيءَ جي اُبتڙ ٻين قومن سان دشمنيءَ کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ قومي تحريڪن کي اِينگهائڻ ۽ وڌيڪ شدت پيدا ڪرڻ جي

ڪوشش ڪندو آهي ــــ سوشلسٽ، قومن جي وچ ۾ جهيڳڙي فساد کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ سرمائيداران کي تيز ڪندا آهن. حق ـ خودمختياريءَ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ سرمائيدار ۽ مزدور طبقي جي پاليسيءَ ۾ اهوئي فرق آهي.

"هرهڪ قوم کي اهو حق حاصل آهي ته پنهنجي زندگيءَ جي تعمير، ٻيءَ قوم جي ڪنهن به دٻاءَ ۽ زور زبردستيءَ کانسواءِ، آزاديءَ سان پنهنجن خواهشن ۽ نظريي مطابق ڪري؛ يعني انهن تحريڪن پٽاندر جن کي پنهنجي لاءِ وڌيڪ فائدي وارو ڄاڻندي هجي. پر، هن ڳالهه جو به خيال رکڻ گهرجي ته انهيءَ سلسلي ۾ ان قوم کي ٻين قومن جي حقن تي غالب پوڻ جو حق ڪونهي. هتي هيءَ سوال پيدا ٿئي ٿو (جنهن جو سوشلسٽن کي خاص خيال رکڻ گهرجي) ته ڪا قوم ڪهڙي نموني پنهنجي زندگيءَ کي ترتيب ڏئي ٿي؛ جو قوم جي گهڻائيءَ جي حقن ۽ ان قوم جي مزدور طبقي جي حقن جو بچاءُ ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجين خواهشن پٽاندر پنهنجي زندگيءَ جي تعمير ڪندي هجي، ته ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته اُن قوم جو ٿورائيءَ وارو تعداد يعني اعليٰ طبقو گهڻائيءَ ۽ مزدور طبقي جي حقن کي پنهنجي مفاد لاءِ ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ــــ اهائي بنيادي ڳالهه آهي، جنهن جو سوشلسٽن کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي."

هاڻي خودمختياريءَ واري انهيءَ حق جي سوال کي وٺو ــــ انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هرهڪ قوم کي عليحدگيءَ جو حق حاصل هئڻ گهرجي؛ پر انهيءَ جو ڪو اِهو مطلب به نه آهي ته اها هر حالت ۾ الڳ ٿي رهي ــــ جيسيتائين ڪنهن قوم جي گهڻائيءَ، يعني ان جي پورهيت طبقي جي مفاد جو سوال آهي، ته اها ڳالهه بلڪل صاف آهي ته هر حالت ۾ ڪنهن به قوم جي عليحدگي فائدي واري نه هوندي آهي. مثال طور، جيڪڏهن ٽرانس ڪاڪيشيا جا تاتاري قوم جي حيثيت ۾، پنهنجي قانونساز مجلس ۾ گڏ ٿين، ۽ پنهنجي امير بيگن ۽ مُلن مولوين جي اثر ۾ اچي، اهو فيصلو ڪن ته سوويت اشتراڪي رياست کان علحيدگي اختيار ڪئي وڃي ۽ انقلاب کان اڳ وارو سرشتو ٻيهر قائم ڪيو وڃي ته اهو فيصلو تاتار قوم جي پورهيت طبقي لاءِ ڪنهن به حالت ۾ فائدي وارو ثابت

نہ ٽيندو جيتوڻيڪ حق خودمختياريءَ جي سمجهاڻي پٺاندر، ڪين انهي فيصلي ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل آهي. اهڙين حالتن ۾ سوشلسٽن جو رويو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ ظاهر آهي تہ هو اهو سوچين تہ قوم پنهنجو خودمختياريءَ وارو حق استعمال ڪري رهي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ هو بلڪل خاموش ۽ الڳ رهي، اهو برداشت ڪين ڪندا تہ بيگ صاحب ۽ مُلان صاحب، قومي مسئلي سُلجهائڻ لاءِ عوام جي رهنمائيءَ جون واڳون سنڀالين. سوشلسٽن تي فرض ٽيندو تہ خاموش تماشائي بڻجڻ بدران اہ زبن حالتن ۾ دخل ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ۽ قوم جي غلط ارادن تي اثر وجهي، ڪين صحيح رستي تي آڻين ـــــ جنهن مان پورهيت طبقي جي مفاد جو بچاءُ ٿي سگهي. اهڙن موقعن تي قومي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ، هڪ خاص رٿابنديءَ سان عملي ميدان ۾ اچڻ گهرجي، جيڪا تاتاري عوام لاءِ سيني کان وڌيڪ فائدي واري هجي. اهڙن موقعن تي سوشلسٽن کي هن ڳالهہ جو خاص ڌيان رکڻو پوندو تہ ڪهڙيءَ حالت پورهيت عوام لاءِ وڌيڪ فائدي واري ثابت ٿيندي، ممڪن آهي تہ خاص حالتن ۾ اندروني خودمختياريءَ يا الحاق يا مڪمل علحيدگي، پورهيت عوام جي نقطہ نگاهہ پورن آزاديءَ جي ڀيٽ ۾ زياده ڪارائتي ثابت ٿئي. يا وري اهڙيون حالتون بہ ٿي سگهن ٿيون، جو پورهيت عوام جي بچاءُ لاءِ پورن آزاديءَ جو رستو ٻين سيني کان وڌيڪ فائدي وارو ثابت ٿئي. مطلب تہ انهن ڳالهين جو فيصلو هر قوم جي خاص تاريخي حالتن تي مدار رکي ٿو. اهي خاص تاريخي حالتون جامد (هڪ هنڌ بيٺل) ڪين هونديون آهن، پر دنيا جي هر هڪ شئي وانگر هميشہ بدلبيون رهنديون آهن. جيئن تہ اسين جيڪو اڄ فيصلو ڪنداسين، ممڪن آهي تہ سياڻي اهو نامناسب ۽ غلط ثابت ٿئي. قومي مسئلي جو حل بہ انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي، تہ اسين تاريخي حالتن جو ان جي هڪ هنڌ بيٺل شڪل ۾ نہ، پر ان جي بدلجندڙ صورت ۾ مطالعو ڪريون ـــــ ڪا قوم ڪهڙي نموني پنهنجي زندگيءَ کي ترتيب ڏئي ۽ ان جي حڪومت جي قانون جي ڪهڙي شڪل هجي؟ انهن مسئلن جو حل، انهيءَ قوم جي اقتصادي، سياسي ۽ تهذيبي حالتن مان ملي سگهي ٿو.

مطلب تہ جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ قومن جي الڳ رهڻ

واري حق جو مطلب اِهو نہ آهي تہ ڪابہ قوم هر حالت ۾ الڳ ٿي رهي ـــــ اهو الڳ رهڻ جو سوال مزدورن جي جماعت تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. مزدورن جي ٿي هر هڪ جماعت، هر هڪ قوم جي خاص حالتن هيٺ اهو فيصلو ڪري تہ ان قوم ڪي الڳ رهڻ گهرجي يا نہ. اسين جڏهن محڪوم قومن جي الڳ رهڻ واري حق ڪي قبول ڪريون ٿا، ۽ اهو مڃيون ٿا تہ هر هڪ قوم ڪي پنهنجي آئندي جي تعين ڪرڻ جو حق حاصل آهي، تڏهن ان جو اهو مطلب ڪينهي تہ هن ٿي وقت اهو فيصلو ڪري ٿا ڇڏيون تہ فلاڻي قوم روسي رياست کان يقينن ۽ هڪدم الڳ ٿي وڃي. اسين هر هڪ قوم جو الڳ رهڻ جو حق تسليم ڪريون ٿا، پر اسين زبردستيءَ سان ڪنهن قوم ڪي الڳ ٿي وڃڻ لاءِ مجبور نٿا ڪري سگهون. هر هڪ قوم ڪي الڳ رهڻ جو حق آهي، پر انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو خود اهائي قوم ڪري سگهي ٿي تہ خاص حالتن هيٺ ڪيس واقعي الڳ ٿي وڃڻ گهرجي يا نہ. اسان ڪي اختيار حاصل آهي تہ مزدور طبقي جي مفاد جو خيال رکندي، ڪنهن قوم جي علحيدگيءَ ڪي قبول ڪريون. يا ان جي حمايت ۾ پنهنجو آواز بلند ڪريون. هر هڪ قوم سان الڳ الڳ نموني اهو فيصلو ڪيو وڃي تہ ان ڪي پنهنجي مخصوص تاريخي حالتن هيٺ علحيدگي اختيار ڪرڻ گهرجي، يا نہ. جيئن تہ علحيدگيءَ جو حق تسليم ڪرڻ هڪ ڳالهہ آهي، ۽ هر حالت ۾ لازمي طور ڪنهن قوم جو الڳ ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي. انهن ٻنهي ڳالهين ڪي گڏي ڇڏڻ نہ گهرجي. مثلن، آئون (ڪامريڊ اسٽالن) ذاتي طور ٽرانس ڪاڪيشيا جي علحيدگيءَ جي مخالفت ڪندس. انهيءَ ڪري تہ اهڙن موقعن تي منهنجي ذهن ۾ هيٺيون ڳالهيون هونديون:

روس ترقيءَ جي هڪ مٿانهينءَ منزل تي پهچي چڪو آهي ۽ ٽرانس ڪاڪيشيا گهٽو پٺتي پيل آهي. انهيءَ کان سواءِ، آئون هن ڳالهہ ڏسڻ ڪوشش ڪندس تہ ٽرانس ڪاڪيشيا جي مزدور طبقي جي جدوجهد ڪيتريءَ حد تائين ڪامياب ٿي سگهي آهي. مطلب تہ ٽرانس ڪاڪيشيا جي علحيدگيءَ جي سوال تي، منهنجي ذهن ۾ اهي سموريون ڳالهيون هونديون. انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ٽرانس ڪاڪيشيا جون قومون علحيدگيءَ جو فيصلو ڪن، تہ هو يقينن الڳ رهنديون، ۽ اسان جي طرفان سندن ڪابہ مخالفت ڪانہ ڪئي ويندي

## قومي تحريڪون

محڪوم قوم جو سرمائيدار طبقو پنهنجي مٿان چوطرف پونڊڙ ڌڪن کان مجبور ٿي، قومي تحريڪ هلائيندو آهي. هو پنهنجي هم وطنين کي اپيل ڪندو آهي ۽ وطن جي محبت جا نعرا هڻائيندو آهي. هو اها بہ دعوا ڪندو آهي تہ سندس مقصد مجموعي طور سڄي قوم جو مفاد آهي. هيءُ طبقو پنهنجن خاص مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ هم وطنين جي مدد سان هڪ تحريڪ ۽ هڪ جماعت قائم ڪندو آهي ۽ اِها دعوا ڪندو آهي تہ سندس مقصد پنهنجي هموطنين کي فائدو پهچائڻ آهي. سرمائيدار طبقي هي اهڙن نعرن ۽ دعوائن تي عوام ڏيان ڏيئي، هڪ قومي جهنڊي هيٺان گڏ ٿي وڃن ٿا. ۽ پوءِ قومي تحريڪون هلچل ۾ اچي وينديون آهن. قوم جو جيترو وڏو حصو يعني مزدورن ۽ هارين جو جيترو تعداد قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيندو آهي، اوتريقدر اها قومي تحريڪ مضبوط ٿيندي آهي. مزدور طبقي جو سرمائيدارن جي قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ انهيءَ ڳالهہ تي دارومدار رکي ٿو تہ ان ملڪ جي سماج ۾ طبقاتي اختلاف ڪيتريءَ حد تائين ترقي ڪري چڪا آهن ۽ مزدور طبقي ۾ طبقاتي شعور ڪيترو پيدا ٿيو آهي ۽ هو پاڻ ۾ ڪيتريءَ حد تائين اتحاد قائم ڪري سگهيا آهن ـــــ جنهن ملڪ جي مزدور طبقي ۾ طبقاتي شعور گهٽو تيز ٿي ويندو آهي، اتي ان جي پنهنجي الڳ جماعت ۽ الڳ جهنڊو هوندو آهي ۽ پوءِ مزدور طبقي کي سرمائيدار طبقي جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿيندي آهي.

جيسيتائين هارين جو تعلق آهي، تہ انهن جو قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو دارومدار انهيءَ ڳالهہ تي هوندو آهي تہ مٿن ڪهڙي نموني جو دٻاءُ ۽ ظلم ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن مٿن زمينن جي سلسلي ۾ دٻاءُ آهي، جيئن آئرلينڊ ۾ هو تہ پوءِ هارين جو تمام وڏو تعداد هڪدم قومي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويندو. انهيءَ جي اُبتڙ جارجيا جو مثال وٺو ـــــ جارجيا ۾ روسي زميندار طبقو يا روسي اعليٰ سرمائيدار طبقو موجود نہ هو جنهن جي برخلاف اتان جي قومي تحريڪ متحد ٿي هجي. انهيءَ ڪري جارجيا ۾ روس جي برخلاف ڪا خاص قومي تحريڪ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي آئي، پر

جارجيا ۾ آرمينا جي برخلاف قومي تحريڪ ضرور ڏسڻ ۾ آئي ٿي. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي ته جارجيا ۾ آرمينائي اعليٰ سرمائيدار طبقو موجود هو، جنهن اتي ننڍي ۽ ڪمزور سرمائيدار طبقي کيپنهنجي دٻاءَ هيٺ رکيو هو.

انهن عنصرن يعني مزدورن، هارين ۽ سرمائيدار طبقي جو سهارو وٺندي، قومي تحريڪ اڳتي وڌندي آهي يا وري هڪ "عوامي قومي تحريڪ" جي شڪل اختيار ڪندي آهي ـــــ جيئن آئرلينڊ ۽ گاليشيا ۾ ٿيو. يا وري ننڍين ننڍين جهڳڙن ۾ ورهائجي ويندي آهي، ۽ پوءِ اهي مسلسل هلندا رهندا آهن. پوئينءَ حالت ۾ تحريڪ پنهنجن مقصدن کان پرانهون پئجي، معمولي مسئلن ۾ اُلجهي، ناس ٿي ويندي آهي ـــــ جيئن بوهيميا جي يهراڙين ۾ ٿيو يعني هرهنڌ قومي-تحريڪ جي اها شڪل ۽ نوعيت ئي بدلجي ويئي. اهڙيءَ پيدا ٿيل صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اسان کي انهن مطالبن تي نظر وجهڻ گهرجي، جيڪي قومي تحريڪن کي هلائڻ وارا، پنهنجي سامهون رکندا آهن ـــــ مثل طور، آئرلينڊ جي قومي تحريڪ زرعي ۽ گوناگون مطالبن تي ٻڌل هئي ۽ بوهيميا ۾ قومي تحريڪ هلائڻ وارن جو مطالبو زبان سان تعلق رکندڙ هو. ڪن هنڌن قومي-تحريڪ جو مقصد شهري مساوات ۽ مذهبي آزادي حاصل ڪرڻ هوندو آهي. وري ڪن هنڌن تي قومي-تحريڪ هلائڻ وارا فقط هيءَ مطالبو پيش ڪندا آهن ته "سرڪاري عهدن ۽ آفيسرن تي اسان جي قوم جا ماڻهو مقرر ڪيا وڃن ۽ اسان جي پنهنجي اسيمبلي قائم ٿئي" ـــــ مطالبن جو الڳ الڳ صورت ۾ جدا جدا هئڻ انهن مختلف خاصيتن کي ظاهر ڪري ٿو جن سان عام طور ڪا قوم منهن-مقابل هوندي آهي ـــــ مثلن، زبان، علائقو وغيره، وغيره.

مٿي جيڪي ڪجهه چيو ويو آهي، ان مان هيءَ ڳالهه بلڪل چٽي طرح صاف ٿي ويئي، ته سرمائيداري سرشتي جي ترقيءَ جي زماني ۾ جيڪي قومي تحريڪون اُڀرنديون آهن، اهي حقيقت ۾ سرمائيدار طبقن جي پاڻ ۾ لڙائي هوندي آهي. يعني هڪڙو سرمائيدار طبقو ٻئي سرمائيدار طبقي جو اقتدار ختم ڪرڻ گهرندو آهي. ڪن حالتن ۾ هيئن به ٿيندو آهي ته محڪوم سرمائيدار طبقو حاڪم سرمائيدار طبقي جي برخلاف جدوجهد شروع ڪندو آهي ۽ هو پنهنجيءَ

قوم جي مزدور طبقي کي بہ قومي تحريڪ ۾ گھلي آٽيندو آھي. اھڙن موقعن تي ائين معلوم ٿيندو آھي تہ ڄڻ قومي تحريڪ ۾ سموا طبقا شامل ٿي ويا آھن. پر حقيقت ۾ اھا قومي تحريڪ، ھميشہ سرمائيدار طبقي جي ھوندي آھي ۽ ان تحريڪ مان خاص ڪري، سرمائيدار طبقي کي ئي فائدو رسندو آھي.

مٿين پيش ٿيل حقيقت مان اسان جو اھو مطلب نہ آھي تہ قومي تحريڪ سان مزدور طبقو ڪابہ ھمدردي نہ رکي. ھيءَ ھڪ بلڪل صاف ڳالھ آھي تہ محڪوم قوم جي مزدور طبقي کي پنھنجيءَ قوم جي سرمائيدار طبقي سان گڏجي، حاڪم قوم جي سرمائيدار طبقي جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ضرور جدوجھد ڪرڻي آھي. ڇاڪاڻ تہ محڪوم قوم جي سرمائيدار طبقي تي، حاڪم قوم جو جيتروئي ظلم ٿيندو آھي، اوترو ئي محڪوم قوم جو مزدور طبقو بہ متاثر ٿئي ٿو___ آمدرفت تي پابندي مڙھڻ، ووٽ ڏيڻ جي حق کان محروم ڪرڻ، قومي زبان کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون، تعليمي ادارن تي بندشون وجھڻ ۽ ظلم ۽ ڦرلٽ جا ٻيا طريقا استعمال ڪرڻ___ اھي سمورا ظلم جيڪي حاڪم قوم جي طرفان ڪيا ويندا آھن، انھن کان محڪوم قوم جو سرمائيدار طبقو بہ متاثر ٿيندو آھي ۽ مزدور طبقو بہ. انھن بندشن وجھڻ سان محڪوم قوم جي مزدور طبقي جي ذھني واڌاري ۾ پڻ رنڊڪون پيدا ٿينديون آھن. تاتاري يا يھودي مزدورن جون دماغي صلاحيتون اھڙيءَ صورتحال جي موجودگيءَ ۾ وڌي ويجھي سگھن ٿيون، جڏھن کين پنھنجن جلسن ۽ تقريرن ۾ مادري زبان استعمال ڪرڻ ۽ خود مادري زبان ۾ کين پنھنجن تعليمي ادارن قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

غير قوم جي دٻاءَ مان مزدور طبقي لاءِ ھڪ ٻيو بہ خطرو پيدا ٿيندو آھي. جڏھن ڪنھن سڄيءَ قوم تي غير قوم جو ظلم ۽ ڏاڍ شروع ٿيندو آھي، تڏھن سينيءَ جو ڌيان قوم جي اندرين سماجي مسئلن ۽ طبقاتي جدوجھد جي سوالن کان ھٽي، قومي سوالن ۾ اُلجھي، رھجي ويندو آھي___ سيني ماڻھن جو ڌيان خاص ڪري انھن مسئلن ۾ مُنجھي پوندو آھي، جن سان واسطو مزدور ۽ سرمائيدار ٻنھي سان ھوندو آھي. مزدور طبقو، غير قوم جي برخلاف جدوجھد ڪرڻ جي سلسلي ۾ اھا ڳالھ وساري

چڏيندو آهي تہ خود مون کي پنهنجيءَ قوم جي سرمائيدار طبقي سان پڻ لڙائي ڪرڻي آهي. اهڙيءَ فضا ۾ سرمائيدار طبقي جي اِها ڪُوڙي پروپئگنڊا ۽ نعريبازي ڪامياب ٿيندي آهي تہ 'مزدور ۽ سرمائيدار طبقي جا مفاد ساڳيا ۽ هڪٻئي سان مناسبت رکندڙ آهن.' انهيءَ نموني مزدور طبقي جي پنهنجن خاص مفادن تي پڙدو پئجي ويندو آهي ۽ هو ذهني اعتبار کان غلام بڻايو ويندو آهي. اهڙن مُنجهائيندڙ نعرن جي فضا ۾ مڙني قومن جي مزدور طبقن کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻ ۾ وڏي رنڊڪ پيدا ٿيندي اهي___ پولينڊ جي مزدورن جي ڪافي وڏي حصي جي دماغن تي اجا تائين اُتان جي سرمائيدار قومپرستن جو قبضو آهي ۽ هو اجا تائين بين الاقوامي مزدور تحريڪ کان الڳ آهن. انهيءَ جو خاص سبب هيءُ آهي تہ غير قومن ڪافي وڏي عرصي تائين پولينڊ تي حڪومت ڪئي آهي. ۽ اتي اهڙي فضا پيدا ڪئي ويئي آهي، جو غير قومن جي ظلم، ڦُرلُٽ ۽ غلاميءَ جي برخلاف سمورا طبقا اتحاد ۾ اچي ويا آهن. ۽ اُتان جا مزدور، قومي جدوجهد جي سلسلي ۾ هيءَ ڳالهہ وساري ويٺا آهن تہ اسان کي خود پولينڊ خلاف بہ جنگ ڪرڻي آهي. اهڙيءَ ريت، اتان جي مزدورن جي دماغ تي، سرمائيداري قومپرستن جو قبضو ٿي ويو آهي. انهيءَ غلاميءَ جي حالت ۾ خود مزدور طبقي کي بہ سراسر نقصان آهي. انهيءَ ڪري ڪين بہ غير ملڪي حڪومت جي برخلاف پوري پوري جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

مزدور طبقي جو بنيادي مقصد هيءُ آهي تہ ساري دنيا جا مزدور هڪ واحد بين الاقوامي جماعت ۾ مضبوطيءَ سان متحد ۽ لاڳاپيل هجن. هو اِهو چاهيندا آهن تہ سمورا طبقا، جلد کان جلد مڪمل طرح سان سرمائيدارن جي ذهني غلاميءَ کان آزاد ٿي وڃن. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ هر هڪ ملڪ جا مزدور، ڌارين قومن جي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف لڙائي ڪن. پر، انهيءَ سان گڏوگڏ مزدور طبقي سان مقابلي ڪرڻ وقت، مختلف قومن کي هڪٻئي جي برخلاف ڀڙڪائڻ جي پاليسي اختيار نہ ڪري.

## قومي تحريڪن جو انقلابي ڪردار

جيڪڏهن ڪا قومي تحريڪ، غير ملڪي سامراج جي خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي تہ ان جي انقلابي هئڻ لاءِ اِهو ضروري ڪينهي،

تہ ان ۾ مزدور طبقي جا ماڻھو بہ شامل ھجن، ۽ اھو بہ ضروري ڪونھي تہ اھا تحريڪ ڪنھن انقلابي يا جمھوري پروگرام پٽاندر ھلندڙ ھجي، ۽ نڪي اِھو بہ ضروري آھي تہ اھا تحريڪ جمھوري بنيادن تي قائم ھجي. مثال طور ھن وقت افغانستان جو امير*، پنھنجي ملڪي آزاديءَ لاءِ برطانوي سامراج جي برخلاف جدوجھد ڪري رھيو آھي. امير ۽ ان جي ساٿين جا خيال، شاھيت پسندانا آھن ۽ ھو جمھوريت جي قائم ڪرڻ بدران شخصي حڪومت قائم ڪرڻ گھرن ٿا. انھيءَ ڳالھہ کي في الحال نظرانداز ڪندي، اسين ھن جدوجھد کي انقلابي جدوجھد سمجھون ٿا: ڇاڪاڻ تہ انھيءَ جدوجھد سان برطانوي حڪومت جون پاڙون ڪمزور ٿين ٿيون ۽ اھا اميد پيدا ٿئي ٿي تہ افغناساتن جي آزاديءَ جي تحريڪ جيڪا اڄ بادشاھہ جي ئي ھٿن ۾ آھي، سا ھڪ ڏينھن ڪامياب ٿي، برطانوي سامراج کي ڪمزور ڪري وجھندي. پر ٻئي طرف ڪرنسڪي، رينوڊيل، چونوف، ڊائن، ھنڊرسن ۽ ڪلائنٽ جھڙن جمھوريت پسند اشتراڪين ۽ انقلابين جو مثال وٺو. انھن ماڻھن جيڪا جدوجھد ڪئي آھي، ان جو نتيجو ھيءَ نڪتو آھي تہ سامراج جي فتح ٿي آھي ۽ ان جا پير اڳئين کان وڌيڪ مضبوط ٿيا آھن. انھيءَ ڪري ائين چئي سگھجي ٿو تہ سندن جمھوريت پسند اشتراڪيت پسند ھئڻ جي باوجود تحريڪ ھرگز انقلابي ڪانہ ھئي. مصر جا واپاري سرمائيدار ۽ علمي ماڻھو پنھنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جيڪا جدوجھد ڪري رھيا آھن، اھا انقلابي آھي. انھيءَ ڪري، جو ان جي ڪاميابيءَ ۾ برطانوي سامراج جي تباھي لڪل آھي. ٻئي طرف مصر جي آزاديءَ جي تحريڪ سرمائيدار طبقي جا ماڻھو ھلائي رھيا آھن جيڪي اشتراڪيت جا سخت مخالف آھن. ان جي اُبتڙ برطانيا جي مزدور پارليامينٽ مصر کي دائمي طور غلام رکڻ لاءِ جدوجھد ڪري رھيا آھن، جيڪا سراسر ترقيءَ جي دشمن ۽ رجعت پرستيءَ تي بيٺل آھي، جيتوڻيڪ برطانيا جي مزدور حڪومت جي ميمبرن جو تعلق مزدور طبقي سان آھي ۽ ساڳئي وقت اشتراڪيت جي پڻ حمايت ڪندڙ آھن. قومي تحريڪن جي باري ۾ لينن جو چوڻ ھو تہ "قومي تحريڪون انقلابي آھن يا غير انقلابي، ان لاءِ اسان کي سندن ظاھري جمھوريت کي نہ ڏسڻ گھرجي. پر اھو ڏسڻ گھرجي تہ سامراجي

حڪومتن جي برخلاف ساريءَ دنيا ۾ جيڪا لڙائي هلندڙ آهي، ان لڙائيءَ ۾ هنن تحريڪن مان مدد ملي ٿي يا نه ۽ ان کي فائدو پهچي ٿو يا نقصان. جيڪڏهن ڪنهن قومي تحريڪ مان سامراج جي برخلاف عالمي تحريڪ کي مدد ملي ٿي، ته اُها قومي تحريڪ يقينن انقلابي آهي ۽ جيڪڏهن نقصان پهچي ٿو ته اُها غير انقلابي قومي تحريڪ آهي — پوءِ ڀل انهيءَ قومي تحريڪ جون واڳون اشتراڪين ۽ جمهوريت پسندن جي هٿن ۾ هجن يا سرمائيدارن ۽ شاهيت پسندن جي هٿن ۾ هجن. اسين ڪنهن به قومي تحريڪ کي ساريءَ دنيا جي صورتحال کان الڳ ڪري نٿا سگهون. اسان کي گهُرجي ته هرهڪ قومي تحريڪ کي عالمي صورتحال جي سامهيءَ ۾ توري-تڪي، ان کان پوءِ ئي ڪا صحيح راءِ قائم ڪريون".

## سرمائيداري ۽ قومي مسئلو

گذريل صديءَ ۾، سرمائيداري سرشتي جي انتهائي ترقيءَ سببان دنيا ۾ هڪ زبردست تبديلي پيدا ٿي آهي انهيءَ سرشتي جي ترقيءَ سببان شين جي پيداوار ۽ واپاري ڏي-وٺ جي ذريعن تي بين الاقوامي نگراني ڪرڻ جو لاڙو پيدا ٿيو آهي. ان کان اڳ مختلف قومون گهٽ ڪر هڪٻئي کان الڳ رهي زندگي گذارينديون هيون. هينئر اهو طريقو ختم ٿيو ۽ دنيا جون قومون اقتصادي رشتن ۾ لاڳاپجي وييون. وڏا وڏا علائقا هڪ تمام وڏي علائقي ۾ سهڙجڻ لڳا. دنيا جي واپاري مارڪيٽن ۾ ڪشادگيءَ ۽ ترقي آئي آهي ۽ هر ملڪ جو تجارتي مال ملڪي حدن کان ٻاهر نڪري، پرانهن پرانهن ملڪن تائين پهچڻ لڳو. خشڪي ۽ سامونڊي رستن سان اچ-وڃ ٿيڻ لڳي سرمائيدار ملڪن جو سرمايو پنهنجي ملڪي حدن مان نڪري، ٻين ملڪن ۾ پهچڻ لڳو. انهن مڙني چيزن گڏجي، دنيا جي مختلف قومن جي جماعت بنديءَ جي لاڙي کي وڌايو ۽ مختلف قومن کي عالمي محنت جي ورهاست ۽ امداد باهميءَ جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙي ڇڏيو. مختلف قومن جي وچ ۾ پورهئي جي ورهاست مان هيءَ مراد آهي ته جيڪڏهن انگلينڊ اڳ پنهنجين ضرورتن جون سموريون شيون پاڻ پيدا ڪندو هو ته هينئر ساڳيو انگلينڊ گهٽ ڪري فقط صنعتي

شيون تيار ڪرڻ لڳو ۽ انهن تيار ڪيل شين کي هندستان ۾ وڪٽي، اتان پنهنجي ضرورت جون پيون چيزون خريد ڪرڻ لڳو. انهيءَ نموني هندستان پنهنجو ڪچو مال ۽ ڪاڌي جون چيزون انگلينڊ موڪلي، اُتان پنهنجي ضرورت جون چيزون خريدڻ شروع ڪيون ـــــ اهڙيءَ ريت، ٻين ملڪن سان بہ هندستان واري ساڳي هلت ٿي.

مختلف قومن جي وچ ۾ هڪٻئي ڏانهن وڌندڙ رجحانن جا ٻہ رُخ هئا ـــــ هڪڙو فائدي وارو ۽ ٻيو ڇيهو رسائيندڙ. فائدي وارو رخ هيءُ هو تہ شين جي پيدائش ۾ وڏي ترقي ٿئي ۽ انسان پنهنجي آرام ۽ ٻين ضرورت وارين شين پيدا ڪرڻ جي طاقت ۽ صلاحيت اڳئين کان گهڻو وڌائي ڇڏي ۽ قومن جو هڪٻئي کان الڳ الڳ رهڻ وارو رجحان دُور ٿيندو ويو. مختلف قومن جي بهتريءَ واري لاڳاپي ۾ جيڪي اختلاف ۽ ضد موجود هئا، اهي ختم ٿيا ۽ هڪ قوم ٻيءَ قوم جي تعاون جي گهُرجائُو بڻجي ويئي. مٿي ذڪر ڪيل سموريون ڳالهيون، مختلف قومن جو هڪٻئي ڏانهن فائدي وارو رخ ظاهر ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مان آئيندي جي عالمي اشتراڪي نموني جي معاشي سرشتي قائم ٿيڻ لاءِ زمين هموار ٿئي ٿي.

ساڳئي وقت انهيءَ بين الاقوامي رجحان جو ڇيهو رسائيندڙ پهلوءَ بہ آهي ـــــ جيئن تہ اهو رجحان، جنهن نموني ۽ جن خاص شڪلين ۾ پيدا ٿيو ۽ اڳتي وڌيو، اهو البت ڇڱائيءَ وارو ڪين هو. ڇاڪاڻ تہ اهو جيڪي ڪجهہ جنهن دور ۾ ٿيو سو سرمائيداريءَ وارو دور هو. جيڪڏهن انهيءَ سببان مختلف قومون هڪٻئي جي ويجهو آيون ۽ مختلف علائقا معاشي لحاظ کان پاڻ ۾ لاڳاپيا ۽ منجهن ٻڌِي پيدا ٿي، تہ اهو سڀڪجهہ اهڙي دور ۾ ٿيو جيڪو سرمائيداريءَ جي عروج ۽ ترقيءَ جو هو. انهيءَ مان قومن جو هڪٻئي سان تعاون ۽ عملي اشتراڪ تہ ضرور قائم ٿيو پر افسوس تہ اهي قومون هڪٻئي سان برابريءَ واري حيثيت جون مالڪ نہ هيون. *قومن جي هڪٻئي سان اهڙي تعاون ۽ علمي اشتراڪ جو آخري نتيجو اهو نڪتو تہ هڪڙين قومن تي ٻين قومن جي حڪومت قائم ٿي ويئي، يعني زياده ترقيءَ وارين قومن، پٺتي پيل قومن کي لُٽڻ ۽ ڦُرڻ شروع*

* ڪامريڊ استالن جي جنهن ڪتاب مان هي اقتباس ورتا ويا آهن، اهو گهڻو عرصو اڳ جو لکيل آهي.

ڪيو___ اها هئي مختلف قومن جي وچ ۾ هڪٻئي سان تعاون ۽ اشتراڪ جي خاص صورت. جيڪا فقط سرمائيداري سرشتي جي زماني ۾ ئي وجود ۾ آئي. انهيءَ نموني بينڪي ملڪن جي چڱيءَ طرح ڦرلٽ ڪئي ويئي ۽ انهن ڪي طاقتور سرمائيدار رياستن زبردستيءَ پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو___ هڪ قوم جو ٻيءَ قوم تي ظلم شروع ٿي ويو ۽ نابرابري پيدا ٿي، يعني سامراجي ظلم. ڏاڍ ۽ آپيشاهيءَ واري حڪومت قائم ٿي، ۽ آخر پُٺتي پيل قومن ۽ ترقي يافتا قومن جي وچ ۾ مقابلو شروع ٿيو. هي اهي شڪليون آهن، جيڪي قومن جي پاڻ ۾ معاشي لڳ-لاڳاپن اختيار ڪيون. هاڻ جڏهن اسين اِنهن سببن تي سوچيندا سين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته قومون هڪٻئي جي ويجهو ته برابر آيون، پر گڏوگڏ جنهن ظلم ۽ ڦرلٽ واري نموني ۾ ويجهو آيون، اُن ڪي تباهه ۽ برباد ڪرڻ وارو رجحان به پيدا ٿيڻ لڳو يعني بينڪي ملڪن جو مظلوم عوام ۽ محڪوم قومن، سامراجي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني. اهو رجحان انهيءَ حد تائين صحيح آهي، ته دنيا جون قومون جنهن ظالماڻي انداز سان هڪٻئي جي وجهو آيون، اهو ختم ٿئي___ محڪوم قومون ۽ بينڪي ملڪن جو عوام، سامراج جي برخلاف بغاوت ڪري، ۽ ان کان پوءِ محڪوم قومون برابريءَ جي بنياد تي ۽ پنهنجي رضا خوشيءَ سان هڪٻئي جي ويجهو اچن. مطلب ته اِهو رجحان آئينده جي عالمي-اشتراڪي-معاشي-سرشتي قائم ڪرڻ لاءِ نفسياتي حالات {عام ذهني وابستگي} ۽ فضا پيدا ڪري رهيو آهي.

***

# آڪٽوبر انقلاب ۽ قومي سوال

قومي سوال، اهڙو سوال ڪونهي جو پنهنجو جواب پاڻ ئي هجي ۽ هر زماني ۾ ان جي شڪل ۽ صورت ساڳي ئي قائم هجي. قومي سوال حقيقت ۾ موجوده سرشتي جي بيڪار ثابت ٿيڻ ۽ نئين سرشتي قائم ٿيڻ جي عام مسئلي جو هڪ حصو آهي. جيئن ته قوميت جو مسئلو سماجي ماحول سان پوريءَ ريت مقرر ڪيل هوندو آهي، يعني ڪنهن ملڪ ۾ سياسي اقتدار جو نمونو ڪهڙو آهي؟ سماجي ترقيءَ ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي، وغيره، وغيره. اهي ڳالهيون به قومي سوال کي مقرر ڪن ٿيون. روس ۾ جنهن وقت انقلاب اچي رهيو هو تڏهن ان وقت جي حالتن مان ثابت ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ انقلاب جي رفتار سان گڏوگڏ روس جي سرحدي علائقن ۾ هلندڙ قومي تحريڪون به پنهنجو طريقو ۽ پنهنجو ڪردار بدلائينديون ٿي رهيون. روس جي سرمائيداراڻي انقلاب جي زماني (1917ع) ۾ روس جي سرحدي علائقن ۾ هلندڙ قومي تحريڪن جو نمونو به سرمائيداري انقلاب وارو هو. هن انقلاب ۾ محڪوم قومون، جيڪي صيدن کان پرڻي نظام ۽ پراڻي حڪومت جي ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار رهيون، پهريون دفعو پنهنجيءَ ڪي، پنهنجن حاڪمن جي برخلاف لڙائيءَ ۾ زور شور سان ڪم آندو. ان وقت جي قومي تحريڪ جو خاص نعرو هيءَ هو ته "هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي حڪومت کي ختم ڪيو وڃي." ڏسندي ڏسندي، روس جي سيني سرحدي علائقن ۾ قومي ادارا سجاڳ ٿي ويا. انهن قومي تحريڪن جي اڳواڻي، قومپرست سرمائيدار ۽ پڙهيل طبقي جي هٿن ۾ هئي. ليٿويا، استونيا، لٿوانيا، جارجيا، آرمينا، آذربائيجان، ڪاڪيشيا، ڪر گهيستان، ۽ وچ والگا وارا علائقا، يعني يوڪري، سفيد روس، بيسيريبيا، ڪريميا، باشڪيريا، ۽ ترڪستان ۾، هرهنڌ قومي تحريڪون پيدا ٿي ويون. انهن قومي تحريڪن ۾، هرهڪ علائقي جي سرمائيدار طبقي پنهنجي طاقت استعمال ڪئي. هنن جي اڳيان مقصد فقط هيءَ هو ته ڪنهن به طرح زار جي حڪومت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪجي ۽ قومي سرمائيداراڻا نمونو جون رياستون قائم ڪجن. "حق-خود ارادين" جو مطلب هيءَ ڪڍيو ويو ته انهن قومن مان هرهڪ قوم جو سرمائيدار طبقو اتان جو سياسي اختيار ۽ اقتدار پنهنجن هٿن ۾ وٺي ۽ مزدورن جي انقلاب

مان فائدو وٺي پنهنجي پنهنجي قومي رياستن قائم ڪري، مطلب تہ انهن قومي تحريڪن جي اڳيان ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونہ هو نڪي ڪو ٿي بہ سگهيو ٿي. يعني هنن جي اڳيان ”مزدور-هاري راڄ“ قائم ڪرڻ جو ڪوبہ پروگرام ڪونہ هو. انهن قومي تحريڪن کي هلائڻ وارا هن حقيقت کي نظرانداز ڪري رهيا هئا تہ هڪ ”نئون اُگهاڙو سامراج“، زار شاهيءَ جي جاءِ وٺي رهيو آهي. هنن اهو بہ محسوس ڪونہ ڪيو تہ هيءُ نئون سامراج، نئين جنم وٺندڙ قومن جو وڏيڪ خطرناڪ ۽ وڏيڪ مضبوط دشمن آهي ۽ اهو هڪ نئين ظلم ۽ تشدد جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

زار جي حڪومت ختم ٿيڻ ۽ سرمائيدار طبقي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ٻيءَ قوم جو ظلم ۽ ڏاڍ تہ ختم ڪين ٿيو پر ان جي جاءِ تي هڪ مهذب ۽ اڳئين کان زياده خطرناڪ نموني جو ظلم ۽ تشدد شروع ٿي ويو. ڪرنسڪي، ميليوڪوف ۽ لوو جي حڪومت هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ بجاءِ، فنلنڊ ۽ يوڪرين تي نئون حملو شروع ڪري ڏنو. 1917ع جي اُونهاري ۾ فنلنڊ جي قانونساز جماعت ختم ڪئي ويئي ۽ يوڪرين جي تهذيبي ادارن جي برخلاف عام جنگ ڇيڙي ويئي ـــــ فقط ايسيتائين نہ، پر هن سامراجي حڪومت، عوام کي سامراجي جنگ جاري رکڻ جو پڻ مطالبو ڪيو، تہ جيئن نون ملڪن کي غلام بڻائي سگهن ۽ گڏوگڏ نين بينڪن ۽ نين قومن کي غلاميءَ جا زنجير پارائي سگهن. هيءَ حڪومت اهو رستو انهيءَ ڪري اختيار ڪانہ ڪري رهي هئي تہ هن جي فطرت ئي سامراجيت واري هئي، پر انهيءَ ڪري بہ، جو اولهائين يورپ جون پراڻيون سامراجي رياستون، نون ملڪن ۽ قومن کي قبضي هيٺ آڻڻ جون ڪوششون ڪري رهيون هيون. انهيءَ سببان روسي حڪومت جي سامراجي اثر جو دائرو تنگ ۽ محدود ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي چڪو هو. سامراجي جنگ اسان جي اڳيان جيڪو نقشو پيش ڪري ٿي، اهو هيءُ آهي تہ سامراجي رياستون ننڍين ملڪن کي غلام بڻائڻ

جون ڪوششون ڪن ٿيون، جنهن ڪان سواءِ سامراجي رياستن خود زنده رهي نٿيون سگهن. جيڪڏهن روس ۾ زار جي حڪومت ختم ٿي ويئي ۽ ميليوڪوف ۽ ڪرنسڪيءَ جي حڪومت قائم ٿي، تڏهن ڪاب۽ ڦيرڦار ڪانه ٿي روس جي سرحدي علائقن ۾ جيڪي قومون آباد هيون، اهي پوري سياسي آزادي گهري رهيون هيون. روس جي سامراجي حڪومت قدرتي طور سندن سخت مخالفت ڪئي. ٻئي طرف هينئن ٿيو جو انهن مختلف قومي تحريڪن ۾ هرهڪ قوم جو سرمائيدار طبقو اقتدار ۾ اچي ويو جنهن ڪري اتان جي هارين ۽ مزدورن ۾ سخت بيچيني پکڙجي ويئي. هي قومي تحريڪون هڪ طرف روس جي سامراجي حڪومت جي دٻاءَ اڳيان بلڪل ڪمزور ۽ بيوس هيون ته ٻئي طرف هارين ۽ مزدورن جي طرف ڪان به سندن لاءِ خطرا پيدا ٿي چڪا هئا. انهيءَ سببان، سرمائيدار قومي رياستون ٻاهرين حملن ۽ اندروني وڏندڙ مخالفت سببان، وڏڻ ويجهڻ ۽ طاقت ونڻ ڪان اڳ ۾ ئي ڪومائجڻ شروع ٿيون. اهڙيءَ طرح خود اراديت واري حق جو پراڻو سرمائيداريءَ وارو مقصد بي معنيٰ ٿي ويو ۽ ان جي مقصد انقلابي اهميت پڻ ختم ٿي ويئي. اهو بلڪل ظاهر آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ ختم ٿيڻ جو ڪوبه امڪان نه هو ۽ نڪي ننڍيون ننڍيون قومون آزاد رهي سگهيون ٿي. انهيءَ مثال مان اِها حقيقت به بلڪل صاف ٿي ويئي ته پورهيت عوام ان وقت تائين آزاد ٿي نٿو سگهي ۽ هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جو ظلم تيسيتائين ختم ٿي نٿو سگهي، جيسيتائين سامراجيت ڪان پنهنجا پلئه پوريءَ طرح آزاد نه ڪيا ويا هجن ۽ جيسيتائين هرهڪ قوم جي سرمائيدار طبقي جي تباهي نه ٿي هجي ۽ جيسيتائين محنتڪش عوام سمورا اختيار پنهنجن هٿن ۾ نه وٺي. روس جي آڪٽوبر انقلاب ڪان پوءِ اختيار جون سموريون واڳون روس جي محنتڪش عوام جي هٿن ۾ آيون.

فيبروريءَ ۾ روس ۾ جيڪو انقلاب آيو اهو مزدورن، هارين ۽ هاري سپاهين جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هو. پر انقلاب ڪان پوءِ حڪومت جون واڳون سرمائيدار طبقي جي هٿن ۾ اچي ويئون. مزدورن ۽ هارين انقلاب انهيءَ ڪري آندو هو ته جيئن لڙائيءَ ڪان ڇوٽڪارو ملي ۽ امن نصيب ٿئي، پر سرمائيدار طبقي حڪومت جي واڳن ونڻ ڪان پوءِ به

لڙائي جاري رکي ۽ امن جي مخالفت شروع ڪري ڏني هئي. ملڪ جون اقتصادي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون ٿي ويئون، ۽ اناج جي کوٽ جيئن پوءِ وڌيڪ محسوس ٿيندي ٿي ويئي. انهن حالتن جي اها تقضا هئي تہ مزدورن جي فائدي لاءِ سرمائيدارن کان سندن ڪارخانا ۽ سمورو سرمايو ڦري مزدورن کي ڏنو وڃي ۽ جاگيردارن ۽ زميندارن جون زمينون کائن کَسي، سيني هارين ۾ ورهايون وڃن. پر، ميليو ڪوف ۽ ڪرنسڪيءَ جي حڪومت، سرمائدارن ۽ زميندارن جي مفاد جي نگهباني ڪري رهي هئي. فيبروريءَ وارو انقلاب، حقيقت ۾ سرمائيدار طبقي جو انقلاب هو. جيتوڻيڪ اهو انقلاب مزدورن ۽ هارين جو آندل هو پر ان مان فائدو سرمائيدار طبقو وٺي رهيو هو. سرمائيدار ملڪ، لڙائيءَ جي ڪري ۽ انتهائي خطرناڪ معاشي بدحالي ۽ اناج جي کوٽ سببان سخت پريشان هئا ۽ لڙائيءَ جو محاذ ڪمزور ٿي چڪو هو. روسي فوجون پٺتي هٽي رهيون هيون. ڪارخانا ۽ مِلون بند ٿي چڪيون هيون ڏُڪار ڏينهون ڏينهن خطرناڪ صورت اختيار ڪري رهيو هو. فيبروريءَ وارو انقلاب انهن مصيبتن کان ملڪ کي بچائي نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري ملڪ کي سامراجي لڙائي ۽ اقتصادي تباهيءَ جي ڏُٻڻ مان ڪڍڻ لاءِ، هڪ نئين اشتراڪي انقلاب آڻڻ جي ضرورت هئي. آڪٽوبر ۾، جڏهن مزدورن ۽ هارين گڏجي ملڪ جي سياسي مشينريءَ کي پنهنجي قبضي ۾ آندو تڏهن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن-زميندارن جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي مزدورن ۽ هارين جو راڄ قائم ٿيو هينئر وڏن توڙي ننڍين زميندارن جي طاقت ختم ٿي ويئي هئي ۽ زمين جي استعمال جو حق پورهيت هاري عوام جي هٿ ۾ اچي ويو هو. ڪاخانا ۽ مِلون، سرمائيدار طبقي کان ضبط ڪري مزدورن جي حولي ڪيا ويا ۽ سامراجي حڪومت ۽ سامراجي لڙائيءَ کي بلڪل ختم ڪيو ويو. روس جي اڳيان سامراجي حڪومت، دنيا جي ٻين سامراجي حڪومتن سان ننڍين قومن ۽ ڪمزور ملڪن تي قبضي ڪرڻ جا جيڪي ڳُجها عهدناما ڪيا هئا، انہ کي شايع ڪري، ساري دنيا کي، سامراجين جي بدنيتيءَ وارين سازشن تان پڙدو لاهي، اُگهاڙو ڪري ڏيکاريو ويو. ان کان پوءِ، مظلوم قومن جي پورهيت عوامجي آزديءَ ۽ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو ويو.

هي اهي اهم ڪاروائيون هيون، جيڪي انقلاب واري عرصي ۾ سوويت حڪومت عمل ۾ آنديون هيون. صحيح معنيٰ ۾اهوئي اشتراڪي انقلاب هو. اهو انقلاب مرڪز کان شروع ٿيو پر اهو زياده عرصي تائين انهيءَ تنگ علائقي ۾ محدود رهي نہ سگهيو ۽ سرحدي علائقن ۾ پهچندي، هن انقلابي سيلاب کي لوڙهڻ ۽ ديوارن سان ٽڪر هڻڻو پيو. اهي لوهي ديوارون قومي ۽ علائقائي حڪومتون هيون، يعني ڊان، ڪيوبن ۽ سائيبيريا جون حڪومتون، جيڪي آڪٽوبر انقلاب کان اڳ وجود ۾ اچي چڪيون هيون. ۽ جيئن تہ اهي سرمائيدار حڪومتون هيون انهيءَ ڪري اشتراڪي انقلاب جي مخالفت ڪري رهيون هيون. انهيءَ حڪومتن تي سرمائيدار طبقي جو قبضو هو جيڪو پراڻي سرمائيدار سرشتي کي تباهہ ڪرڻ بدران ان جي حفاظت ڪري رهيو هو. هي سامراجي حڪومتون انهيءَ تاڙ ۾ هيون تہ جڏهن بہ ڪين موقعو ملي تہ ڊارين قومن کي ڦرڻ لُٽڻ پنهنجي غلاميءَ ۾ قابو رکڻ لاءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڪڻن. لازمي طور انهن سرحدي علائقن جي قومي حڪومتن، مرڪز جي اشتراڪي حڪومت جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ پاڻ انقلاب دشمنيءَ جو آکاڙو ۽ اڏو بڻجي ويون. مرڪز جي اشتاڪي حڪومت مان اهي سمورا ماڻهو (سرمائيدار، زميندار ۽ سندن ياڙيتو)، سرحدي علائقن ۾ پهچي اتان جي قومي حڪومتن سان گڏجي، اشتراڪي حڪومت جي برخلاف لڙائيءَ جون تياريون شروع ڪيون. هنن اتي پهچي، اشتراڪي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ، ”سرمائيدارن جي پلائي چاهيندڙ دستا“ تيار ڪيا.

پر، انهن سرحدي علائقن ۾ قومي حڪومتن کان سواءِ هاري ۽ مزدور بہ موجود هئا. آڪٽوبر انقلاب کان اڳ، اتان جي مزدورن ۽ هارين، پنهنجي حقن جون اڳواٽي ڪندڙ ”انقلابي سوويتون“ قائم ڪيون هيون، جيڪي مرڪزي روس جي سوويتن جي مخوبي جون هيون. سرحدي علائقن جي انهن سوويتن پنهنجي اتر وارن ساٿين سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪين ڪيا هئا، ۽ هنن پاڻ بہ سرمائيدار طبقي کي شڪست ڏيڻ گهُري ٿي. اهڙيءَ ريت، انهن سرحدي علائقن جي سوويتن جو خود اتان جي پنهنجي قومي حڪومتن سان ڏينهون ڏينهن جهڳڙا ۽ فساد وڌندا رهيا.

آڪٽوبر جي انقلاب، روس جي مزدورن ۽ هارين سان، سرحدي علائقن جي مزدورن ۽ هارين جا تعلقات وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيا، ۽ کين اشتراڪي انقلاب جي فتح جو يقين ڏياري، زياده عمل ڪرڻ تي آماده ڪيو. مطلب تہ جڏهن سرحدي علائقن جي سرمائيدار قومي حڪومتن، مرڪزي سوويت حڪومت جي برخلاف لڙائي شروع ڪئي، تڏهن انهن علائقن جي مقامي سووين جي ذريعي مزدورن ۽ هارين پنهنجي پنهنجي علائقي جي سرمائيدارن ۽ زميندارن خلاف هلچل شروع ڪئي. اهڙيءَ ريت، انهن سرمائيدار حڪومتن جي برخلاف سڄي روس جي مزدورن ۽ هارين ۾ زبردست ٻڌي قائم ٿي ويئي. اشتراڪي انقلاب جي بد خواهن جو چوڻ آهي تہ اها لڙائي، سرحدي علائقن جي قومي حڪومتن، سوويت حڪومت جي زوريءَ مڙهيل مرڪزيت جي خلاف لڙي هئي. پر، اها سراسر منافقي ۽ غلط پروپئگنڊا آهي ـــــ دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ حڪومت پنهنجين قومن کي مرڪز وٽان ايتري وسيع آزادي ۽ ايتري مڪمل قومي آزادي نہ ڏني آهي، جيتري روس جي سوويت حڪومت طرفان ڏني ويئي آهي. هن لڙائيءَ جو اصلي ڪارڻ هيءُ هو تہ اشتراڪي انقلاب جي برخلاف جن سرمائيدارن جدوجهد ڪئي هئي، اهي وڏيءَ چالاڪيءَ سان، "قومي جهنڊي ۽ قومي نعري". جي ذريعي پنهنجي پنهنجي عوام کي دوکو ڏيئي رهيا هئا ۽ اهو دراصل جهنڊو ۽ نعرو، سرمائيدارن جي انقلاب دشمن منحوس ارادن جي پڙدي-پوشي ڪري رهيو هو.

هن لڙائيءَ ۾، سوويت طاقت جي برخلاف سرمائيدارن جي قومي ۽ علائقائي حڪومتن جو تباهہ ٿيڻ بلڪل لازمي ڳالهہ آهي ـــــ مٿن ٻين طرفن کان حملو ٿيو يعني ٻاهران سوويت حڪومت جي چڙهائي ۽ اندران خود اتان جي مزدورن ۽ هارين گڏجي حملو ڪيو. مطلب تہ هن ٻہ-طرفي حملي ۾، قومي حڪومتون شڪست کائي پنتي هٽي ويئون. اهڙيءَ ريت، فنلنڊ جي ڪارخانن جي مزدورن ۽ هارين گڏجي بغاوت ڪئي، نتيجو اهو نڪتو جو اتان جي سرمائيدارن جي قانونساز پارليامينٽ کي، پنهنجي اختيار تان هٿ کڻي پارليامينٽ کي، پنهنجي اختيارات تان هٿ کڻي، پڄي جان بچائڻي پئي. ساڳيءَ ريت يوڪرين جي مزدورن ۽ هارين گڏجي بغاوت جو جهنڊو کنيو تہ اتي بہ سرمائيدارن کي بہ ٽپڙ گول ڪرڻا پيا ـــــ

ڊان، ڪيوين ۽ سائبيريا جي مزدورن ۽ هارين بہ بغاوت ڪئي ۽ ڪيليڊين، ڪانيلوف ۽ سائبيريا جي حڪومتن ڪي نهايت بريون شڪستون حاصل ٿيون تڪستان ۾ غريب هارين گڏجي بغاوت ڪئي ۽ اتان جي خودمختيار حڪومت کي پُڇ پُٺيءَ تي رکي ڀڄڻو پيو. ڪاڪيشيا ۾ زرعيانقلاب آيو. جارجيا، آرمينا ۽ آربائيجان جي قومي اسيمبليءَ پنهنجي بيوسيءَ جو اظهار ڪيو. اهي سمورا واقعا اج ساريءَ دنيا کِ معلوم ٿي چڪا آهن ۽ هي حقيقت بہ ظاهر ٿي چڪي آهي تہ سرحدي علائقن جي سرمائيدار حڪومتن جا، اتان جي عوم سان سمورا لاڳاپا ختم ٿي چڪا هئا. جڏهن انهن "قومي حڪومتن" شڪست کائڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ ڏٺو تڏهن هو وڏيءَ بي شرمائيءَ سان خود پنهجن مزدورن ۽ هارين جي برخلاف اولهہ يورپ جي سامراجي حڪومتن کان مدد گهُري، هي اُهي سامراجي حڪومتون هيون، جيڪي دنيا جي ننڍين ننڍين قومن کي ڪنهن عرصي کان لُٽي ۽ ڦُري رهيون هيون. جيئن تہ انهن هڪدم هنن نالي ماتر قومي حڪومتن جي مدد واسطي پنهنجون فوجون روانيون ڪيون. اهڙيءَ طرح، روس جي اشتراڪي حڪومت جي برخلاف غير ملڪي طاقتن جي دخل اندازيءَ جو دور شروع ٿيو ۽ سرحدي علائقن تي غير ملڪي فوجون ڪنيون ٿي ويئون. هن نئين دور ۾، اها ڳالهہ وڏيڪ ثابت ٿي تہ هي علائقائي ۽ "قومي حڪومتون"، عوامي انقلاب جون سخت دشمن آهن. گڏوگڏ اها حقيقت بہ سيني تي ظاهر ٿي ويئي تہ قومي خود مختياريءَ لاءِ جدوجهد ڪين ڪري رهيو آهي، پر اهو فقط هن ڳالهہ جي آزادي گهُري ٿو تہ پنهنجيءَ قوم جي عوم جو رت چئور وانگر چُوسي، پنهنجي ناجائز ڦرلٽ لاءِ رعايتون حاصل ڪري ۽ پنهنجي دولت کي حفاظت سان سانڍي سگهي.

هينئر هيءَ حقيقت بہ واضع ٿي ويئي تہ جيسيتائين سامراجي پاليسيءَ کان الڳ لاڳاپا نہ ٽوڙيا ويندا ۽ جيسيتائين سرمائيداريءَ جي تباهي نہ ايندي، ۽ جيسيتائين پورهيت عوام جي هٿن ۾ سموري سياسي طاقت نہ هوندي تيسيتائين مظلوم ۽ پُٺتي پيل قومن جي آزاديءَ جو خواب ڪڏهن بہ سچو ٿي نہ ٿو سگهي. قومي سرمائيدار طبقي، خود ارادیت جو جرڪو مقصد پيش ڪيو هو انهيءَ جو مقصد فقط هيءُ هو تہ سموري

سياسي طاقت سرمائيدار طبقي جي هٿن ۾ هجي پر انقلاب جي طوفاني عرصي ۾، انهيءَ تصور جون پاڙون پٽجي، ناس ٿي ويون ۽ ان جي جاءِ تي اشتراڪي سرشتي جو خود ارادیت وارو تصور پکڙجي ويو. جنهن جو مقصد هيءُ هو تہ سموري سياسي طاقت مظلوم قومن جي پورهيت عوام جي هٿن ۾ هجي، پر آڪٽوبر جي انقلاب، قومي آزاديءَ جي پراڻي سرمائيدار سرشتي جي بنياد کي پاڙان پٽي، اُڇلائي ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سرشتي جي ڪنڊرن مان پيڙهيل قومن جي هارين ۽ مزدورن کي اشتراڪي تحريڪ جي روشن راهہ نظر آئي، جنهن جو مقصد هو تہ هر قسم جو ظلم ۽ ڏاڍ ختم ڪيو وڃي. انهيءَ هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ جي خاتمي جي سلسلي ۾، لازمي طور هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ تشدد جي خاتمي جو پروگرام بہ شامل هو. ڇاڪاڻ تہ پورهيت عوام جي اشتراڪي تحريڪ تہ رڳو غير ملڪي سرمائيدارن جي برخلاف هئي پر خود پنهنجي ملڪ جي سرمائيدار طبقي جي پڻ خلاف هئي. انهيءَ نموني هيءَ تحريڪ عام طور دنيا جي سموري سامراج جي خلاف وڏي جدوجهد هئي.

## آڪتوبر انقلاب ۽ ڪميونسٽن جي قومي پاليسي

آڪٽوبر جي ڪامياب انقلاب جو راز هن ڳالهہ ۾ سمايل هو تہ يورپ جي مغربي ملڪن جي آنڌل انقلابن جي برخلاف، روسي انقلاب ۾، روسي مزدورن سان ننڍي سرمائيدار طبقي جا لکين ماڻهو بہ شامل ٿي ويا هئا. هن ننڍي سرمائيدار طبقي مان وڏو تعداد هارين جو هو جن هن انقلاب ۾ مزدورن سان ساٿ ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو روس جو مٿيون سرمائيدار طبقو اڪيلو رهجي ويو ۽ هن وٽ مقابلي لاءِ فوج بہ ڪانہ رهي ۽ ٻئي طرف روس جو مزدور طبقو ملڪ جي قسمت جو مالڪ ۽ رهنما بڻجي ويو. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ روس جي مزدورن لاءِ پنهنجي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ ناممڪن ٿي پوي ها. امن ذريعي انقلاب ۽ قومن جي آزادي، اهي ٿيئي اهڙا مسئلا هئا، جن روس جي وسيع ملڪ جي ويهارو قومن جي هارين ۽ مزدورن کي، روسي مزدورن جي لعل جهنڊي هيٺان گڏ ڪري بيهاريو.

قومي آزاديءَ جي باري ۾ هيءَ حقيقت بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ

سوويت سرشتي ۾ رهڻ وارين قومن کي کهڙي نموني جي آزادي حاصل آهي.

سوويت رياستن جي سموري آدمشاريءَ چوڏنهن ڪروڙ آهي (هن ۾ فنلنڊ، استونيا، ليٿويا ۽ پولنڊ جي آدمشاري شامل نہ ڪئي ويئي آهي). انهن چوڏهن ڪروڙن مان ساڍا ڇهہ ڪروڙ انهن قومن جا ماڻهو آهن، جن کي غير روسي قومون چيو ويجي ٿو. اهي قومون گهڻو ڪري سرحدي علائقن ۾ آباد آهن ۽ جيڪڏهن فوجي نقطءِ نظر سان ڏٺو وڃي تہ اهي قومون آسانيءَ سان ٻاهرين حملن جو شڪار ٿي سگهن ٿيون. انهن علائقن جو ڪچو مال، ٻارڻ جون چيزون ۽ کاڌي جون شيون بہ ڪافي انداز ۾ موجود آهن. اهي سرحدي علائقا، مرڪزي روس جي مقابلي ۾ صنعتي ۽ فوجي لحاظ کان يا تہ گهٽ ترقي ڪيل آهن يا بلڪل پست حالت ۾ آهن. انهيءَ سببان مرڪز جي روس اقتصادي فوجي مدد کان سواءِ، پنهنجيءَ آزادي قائم رکي نہ ٿا سگهن. ساڳيءَ ريت مرڪزي روس، سرحدي علائقن جي ڪچي مال، ٻارڻ جي شين ۽ کاڌي جي چيزن کان سواءِ، پنهنجي اقتصادي ۽ فوجي طاقت بحال رکي نٿو سگهي.

روس جي ڪميونسٽن، سرحدي علائقن جي قومن سان جيڪا پاليسي اختيار ڪئي آهي، ان ۾ اتان جي حالتن جو تہ وڏو دخل آهي، پر گڏوگڏ ڪميونسٽن جي قومي پروگرام جون بہ ڪي اهم ڳالهيون شامل آهن. انهيءَ پاليسيءَ جون اهم ڳالهيون هيٺيون آهن:

”غير روسي قومي علائقن تان مڙني دعوائن ۽ حقن کان دستبردار رهڻ ۽ انهن قومن جا حق تسليم ڪرڻ. اهي حق لفظي دعوائن ڪرڻ سان نہ، پر عملي طور سان. قومي رياستن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي قائم رکڻ. انهن قومن جي پنهنجي ذاتي خواهشن ۽ فيصلن سان مرڪزي روس سان فوجي ۽ اقتصادي اتحاد قائم ڪرڻ. تهذيبي ۽ اقتصادي ترقيءَ ۾ پٺتي پيل قومن جي مدد ڪرڻ. انهيءَ مدد کان سواءِ ”قومي برابري“ هڪ نہ حل ٿيندڙ مسئلو بڻجي ويندي. انهن مڙني چيزن جو بنياد ٻن ڳالهين تي آهي ___ پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ سوويت فيڊريشن ۾ شامل قومن جي هارين کي آزادي حاصل آهي؛ ۽ ٻي ڳالهہ تہ اتان جي محنت ڪندڙ طبقي جي هٿن ۾، سموري سياسي طاقت ڏني ويئي آهي. روس جي ڪميونسٽن

جي اها پاليسي اختيار ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن روس جا ڪميونسٽ عملي طرح هن قومي پاليسي هلائڻ لاءِ پنهنجي رضامندي ظاهر نہ ڪن، يا هو فنلنڊ تي پنهنجا حق جتائڻ ڇڏي ڏين ها، يا اُتر ايران مان پنهنجون فوجون نہ هٽائين ها، يا جيڪڏهن منگوليا ۽ چين جي ڪجهہ علائقن تي انقلاب کان اڳ وارين روسي سامراجي دعوائن تان هٿ نہ کڻن ها، يا هو پٺتي پيل قومن کي سندن ٻولين جي آزادي نہ ڏين ها، تہ پوءِ روس جا مزدور سياسي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ، ٻين قومن جي مزدورن ۽ محڪوم قومن جي مظلوم عوام جو اعتماد ۽ همدرديون ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهن ها. انهيءَ اعتماد ئي سوويت فيڊريشن جي قومن ۾ زبردست اتحاد پيدا ڪيو. انهيءَ اتحاد اڳيان غير ملڪن جون سموريون سياسي چالبازيون رستا روڪون، بيڪار ۽ ناڪام ثابت ٿيون. جيڪڏهن روس جي مزدورن کي سرحدي علائقن جي پيڙهيل عوام جي همدردي ۽ اعتماد حاصل نہ ٿئي ها، تہ هو ڪڏهن بہ ڪولچڪ، ڊينيڪن ۽ رينگل کي شڪستون ڏيئي نہ سگهن ها. انهن غدار فوجي حڪمرانن هو عملي ميدان اهي سرحدي علائقا هئا، جتي گهڻو ڪري غير روسي قومون آباد هيون، جيڪي ڪولچڪ، ڊينيڪن ۽ رينگل، انهن ٽنهي جي وجود سان نفرت ڪرڻ تي مجبور هيون. ڇاڪاڻ تہ انهن فوجي سرمائيدارن جي پاليسي، سامراجي پاليسي هئي ۽ هو غير روسي قومن جي تهذيب ۽ تمدن کي ناس ڪري کين روسي تهذيب جي قالب ۾ پلٽڻ تي گهُريو. اولهائن سامراجين جي ٽِہ-طرفي اتحاد، جنهن روسي سياست ۾ هٿ-چراند ڪرڻ شروع ڪئي ۽ انهن غدار فوجي سردارن جي پُٺيرائي شروع ڪئي، تڏهن انهيءَ ٽِہ-طرفي اتحاد، جي بدنام گروهہ کي سرحدي علائقن جي اهڙن فردن جو سهارو ونڻو پيو جيڪي پنهنجن قومن کي تين-وال ڪري، روسي تهذيب ۽ تمدن جي قالب ۾ پلٽڻ جا مددگار هئا. انهيءَ ڳالهہ سرحدي علائقن جي عام ماڻهن جي دلين ۾ انهن غدار فوجي آفيسرن ۽ سندن پُٺيرائي ڪندڙن جي برخلاف پراڻي نفرت کي اڳيئن کان وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو ۽ اتان جو عوام سوويت حڪومت ڏانهن وڌيڪ هو ٻڌبو ويو. ڪولچڪ ۽ ڊينيڪن جي اندروني سازشن کي انهيءَ نموني ڪمزور ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي کين نهايت بُري شڪست حاصل ٿي. ان کان پوءِ روس جي ڪميونسٽن جي

پاليسيءَ جا بهترين نتيجا، سوويت فيڊرشن ۾ شامل قومن تائين محدود ڪين رهيا، پر ان جا اهي نتيجا به ظاهر ٿيا ته روس جي پاڙيسري ملڪن جو عملي طريقو پڻ ڪافي بدلجي ويو ـــــ ترڪي، ايران، افغانستان ۽ روس جي اوپر سرحد وارن بين ملڪن، روس ساڻ پنهنجو اڳوڻو رويو هڪدم بدلائي ڇڏيو. هن ڪان اڳ روس انهن ملڪن لاءِ خطرو بڻيل هو. روس جي هن نئين پاليسيءَ جو لارڊ ڪرزن جهڙي هڪ سياستدان پڻ اعتراف ڪيو آهي.

آر. ايس. ايف. ايس. آر ۽ ان سان لاڳو سوويت رياستن ۾ اٽڪل چوڏهن ڪروڙ آدمشماري آهي. انهيءَ مان غير روسي قمن جي آدمشماري ساڍا ڇهه ڪروڙ آهي. اهي غير روسي قومون يوڪريني، سفيد روسي، ڪر گهيز ازبڪ، ترڪمان، تاجڪ ۽ آذربائيجاني، وانگا جا تاتاري، خبر جا رهواسي، بخارا جا رهواسي، باشڪيري، آرميني، چيچني، ڪبرويائي، اوسٽ، سرڪيشي، ڪراچائي، ڪالمڪ، ڪوموفي، ڪيورن، ڪومڪ، ميرس، چوويشي، وٽ، والگا جا جرمن، بريت جا رهواسي ۽ ياڪرتي وغيره، وغيره، آهن.

زار جي حڪومت ۾ زميندارن ۽ سرمائيدارن جي، انهن قومن سان هيءَ پاليسي هوندي هئي ته ڪين رياست ۾ ڪنهن به طرح جي ترقي نه ڪرڻ ڏني وڃي. ۽ رياست ۾ جيڪي به سجاڳ ذهن هجن، تن کي ختم ڪيو وڃي. هنن جي تهذيب کي ناس ڪيو وڃي، سندن مادري زبان تي بندش وڌي وڃي. جنهن حد تائين ممڪن ٿي سگهي ته انهن قومن کي جهالت ۾ رکيو وڃي ۽ سندن قوميت کي هر طرح ناس ڪري، ڪين روسي تهذيب جي قالب ۾ پلٽيو وڃي. انهيءَ پاليسيءَ هيٺ رهندي، اهي قومون ترقيءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ بجاءِ، ڏينهون ڏينهن پٺتي پونديون ويئون ۽ هو سياسي طور ڪابه ترقي نه ڪري سگهيون. هينئر جڏهن زار جي حڪومت زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو آهي ۽ انهن ملڪن ۾ سوويت حڪومتون قائم ٿي ويون آهن، تڏهن روس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳيان هيءُ پروگرام آهي غير روسي قومن جي پورهيت عوام جي مدد ڪئي وڃي ته جيئن اهي مرڪزي روس جي ترقيءَ جي ليول تي اچي وڃن. هر قوم پنهنجي خاص ڪردار پٽاندر پنهنجي

سلسلي ۾، مرڪزي روس ۾ جيڪي اقتصادي ڪارروايون عمل ۾ آنديون ويئون آهن، انهن کي هوبهو ساڳئي نموني، پُٺتي پيل قومن تي مڙهڻ وڏيءَ غلطي ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ اهي قومون، مرڪزي روس جي مقابلي ۾، اقتصادي ترقيءَ جي انهيءَ ليول تي اچا پهچي نہ سگهيون هيون.

جيڪڏهن انهن ٽن ڪروڙ ماڻهن مان، جن ۾ اڪثر ترڪي نسل جون قومون آذربائجان، ترڪستان جو ڪجھ حصو والگا جي جمهوريت، ڪريميا ۽ تاتار جي جمهوريت، بخارا، خيوا، داغستان، گورستي جي ڀاڱي (جنهن ۾ ڪباروي، سرڪيشي ۽ باشڪيري قومون شامل آهن ۽ ڪجهہ ٻيون قومون، جيڪي شروع کان ئي خاص خاص علائقن ۾ آباد ٿي ويون هيون ۽ انهن سان لاڳاپجي ويون هيون) جي قومن کي جدا ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪروڙ ماڻهو وڃي رهن ٿا، جيڪي ڪرگهيزي، باشڪيري، چيچني، اورسيتي ۽ انگوشي قومن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. انقلاب کان اڳ انهن قومن جي زمينن کي روسي قوم جي ماڻهن پنهنجون بيٺڪون بڻايون هيون. روسين، انهن قومن جون آبادي لائق زمينون ڪائڻ ڦُري ورتيون هيون ۽ نهايت منظم طريقي سان انهن قومن کي آهستي آهستي غير آباد ۽ ويران رڻ-پٽ ڏانهن ٿيلهي ڇڏيو هو. زار جي حڪومت، جاگيردارن-زميندارن ۽ سرمائيدارن جي اها پاليسي هئي تہ انهن علائقن ۾ روسين، ڪوسائڪن ۽ روس جي دولتمند هارين کي وڏي کان وڏي تعداد ۾ آباد ڪيو وڃي، تہ جيئن روسي قوم کي وڏيءَ طاقت بڻجڻ ۾ وڏيڪ سهوليت ملي.

انهن پيڙهيل قومن جي پورهيت عوام سان، ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مٿي ذڪر ڪيل فرضن نباهڻ سان گڏ هيءُ بہ فرض هو تہ پيڙيل قومن جي پورهيت عوام کي متحد ڪري، بيٺڪيت قائم ڪندڙ روسي دولتمند هارين جي برخلاف جدوجهد ڪري. آخر انهيءَ جدوجهد کان پوءِ اتان جي پورهيت عوام کي سندن کَسجي ويل آباديءَ لائق زمينون واپس ڏياريون وئيون.

اسان مٿين جملن ۾ ڪمزور طاقتور قومن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ خود هڪ طبقاتي سرشتو موجود هو. انهن قومن کان سواءِ آر. ايس. ايف. ايس آر ۾ قومي جماعتون ۽ قومي اقليتون ٻين قومن جي گهٽائيءَ ۾ ڦهليل آهن. انهن قومي جماعتن ۾ ڪو خاص طبقاتي سرشتو موجود نہ

آهي، نڪي وري اهي ڪنهن خاص علائقي ۾ آباد آهن ـــــ ليٿوي، اسٽوني، پولي، ۽ ٻيون اقليتون انهيءَ نموني روس ۾ پکڙيل آهن. زار جي حڪومت جي هيءَ پاليسي هئي تہ انهن اقليتن کي هر ممڪن طريقي سان تباهہ ۽ برباد ڪيو وڃي، ايسيتائين جو انهيءَ مقصد لاءِ عام قتلام جي ضرورت پيش اچي، تہ ان کان بہ ڪِيبايو نہ وڃي. انهيءَ نموني زار جي حڪومت واري عرصي ۾ سوچي سمجهي، يهودين جي عام قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر انقلاب کان پوءِ هڪڙين قومن جو ٻين قومن تي ظلم ۽ ڦرلٽ وارو دستو ختم ڪيو ويو ۽ سيني قومن جي برابري قائم ڪئي ويئي. سوويت سرشتي اندر اقليتن جي آزاد ترقيءَ جي ضمانت موجود آهي، اهڙيءَ ريت، انهن قومي جماعتن جي پورهيت عوام سان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هيءُ بہ فرض آهي تہ هو قومن کي بلڪل آزاد نموني سان ترقي ڪرڻ ۾ مدد ڏئي.

## آڪٽوبر انقلاب جي بين الاقوامي اهميت

آڪٽوبر انقلاب جي عظيم الشان بين الاقوامي اهميت، هيٺين ڳالهين ۾ پوشيده آهي:

هن انقلاب قومي مسئلي جي مقصد ۽ مراد کي نهايت ئي وسيع ڪري ڇڏيو آهي. هن کان اڳ قومي مسئلو فقط هڪ قوم تي، ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ جو مسئلو هو. پر هينئر قومي مسئلو بيٺڪن ۽ مظلومن کي سامراج جي چنبي مان ڇڏائڻ جو هڪ عام مسئلو بڻجي ويو آهي.

هن انقلاب، سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ جي امڪانن کي گهڻو وسيع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو صحيح رستو پڻ ٻڌايو آهي. هن انقلاب اوير ۽ اولهہ وارن ملڪن جي مظلوم قومن کي سامراج جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ متحد ڪري ڇڏيو آهي ۽ آزاديءَ جي مقصد کي زبردست مدد پهچائي آهي.

هن انقلاب، عالمي سامراج جي برخلاف انقلابن جو هڪ نئون محاذ

تيار ڪيو آهي، جيڪو اولهہ يورپ جي مزدورن، روس جي اشتراڪين ۽ اوپر وارن ملڪن جي مظلوم ۽ محڪوم قومن تائين ڦهلجي ويو آهي. اهڙيءَ ريت هن انقلاب "محڪوم اوڀر" ۽ "اشتراڪي اولهہ" جي وچ ۾ گهاٽو لاڳاپو ۽ مضبوط اتحاد پيدا ڪري وڌو آهي ۽ گڏوگڏ ٻنهي جي وچ ۾ جيڪا ڏوري هئي، تنهن کي پڻ ختم ڪري ڇڏيو آهي.

اهوئي سبب آهي جو اڄ اوپر ۽ اولهہ وارن ملڪن جو پورهيت عوام، روس جي مزدورن ۽ هارين جي همت ۽ حوصلي وڌائڻ جي لاءِ، روس جي مزدورن ۽ هارين جي همت ۽ حوصلي وڌائڻ لاءِ، پنهنجي بي پناهہ محبت ۽ تعاون جو اظهار ڪري رهيو آهي. انهيءَ اٿاهہ محبت ۽ تعاون جي هن ڳالهہ مان ثابتي ملي ٿي، جو دنيا جي سامراجي ڌاڙيلن، پنهنجي موت کي ويجهو ڏسندي، سوويت روس جي برخلاف پنهنجي وحشياڻہ طاقت استعمال ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي.

## سوويت فيڊريشن جا چار بنيادي اصول

سوويت فيڊريشن ۾ شامل قومن سان روسي حڪومت ڪهڙو رويو اختيار ڪيو آهي؟ اهو مختصر طور هيٺين اصولن مان معلوم ٿي سگهي ٿو ـــــ

هرهڪ قوم کي الڳ رهڻ جو حق حاصل آهي.

جيڪي قومون رياست کان الڳ رهڻ گهُرن ٿيون، تن کي علائقيوار خود مختياري ڏني وڃي.

اهڙا قانون ٺاهيا وڃن، جن سان قومي اقليتن جي آزاد ترقي ڏينهون-ڏينهن وڌيڪ ٿيندي رهي.

رياست جي سيني قومن جي مزدورن لاءِ هڪ **"واحد مزدور جماعت"** قائم ڪئي.

## سوويت فيڊريشن ۾ قومن جي آزاديءَ واري شرڪت

سوويت فيڊريشن جو بنياد هن ڳالهہ تي قائم ٿيل آهي تہ سموريون رياستون پنهنجي رضا خوشيءَ سان ان ۾ شامل ٿيون آهن. فيڊريشن ۾ جيڪي رياستون شامل آهن، انهن سيني جي قانوني حيثيت هڪجهڙي آهي. اها حيثيت، قومن جي آزاد سياسي حيثيت قبول ڪرڻ واري بنيادي قانون تي ٻڌل آهي. جيسيتائين قومون پنهنجي رضا خوشيءَ سان شامل نہ

ٽينديون، ٽيسيتائين ڪابہ فيڊريشن يا ڪابہ واحد رياست دائمي طور جٽادار نہ ٿي رهي سگهي. اڳ ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي تہ سوويت فيڊريشن ۾ جيتريون قومون شامل آهن، انهن سڀني جي قانوني حيثيت ساڳي آهي. ۽ اهو بہ صحيح آهي تہ ايجا انهن قومن جي وچ ۾ اقتصادي، سياسي ۽ تهذيبي لحاظ کان صحيح برابري قائم نہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ انقلاب کان اڳ ۾ ئي ڪي قومون ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وڌي چڪيون هيون، ۽ ڪي ٻنهہ پٺتي هيون. انقلاب کان پوءِ منجهن حقيقي برابري قائم ڪرڻ جو سُلو هڪ نهايت ئي مشڪل مسئلو آهي، جنهن جي حل ڪرڻ ۾ ڪافي عرصي جي گهُرج آهي. مطلب تہ اهڙيءَ صورتحال کان پوءِ بہ سڀني قومن کي قانوني برابريءَ جو حق، هر حال ۾ مليل آهي. مطلب تہ ترانس، ڪاڪيشيا، سفيد روس، يوڪرين ۽ آر. ايس. ايف. ايس. آر جون جمهوريتون، جن کي فيڊريشن ۾ هڪجهڙا فائدا حاصل آهن. انهن سڀني قانوني برابريءَ واري اصول جي بنياد تي ڪجهہ آزاد حق فيڊريشن جي حوالي ڪيا آهن. انهن مان ڪنهن کي بہ پرڏيهي معاملن وارو کاتو پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت نہ آهي. انهن جا پرڏيهي معاملن وارا کاتا ختم ڪيا ويا آهن، ۽ انهن جي جاءِ تي فيڊريشن جو حق گڏيل پرڏيهي کاتو (1) قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ مان دراصل هيءَ مراد آهي تہ انهن جمهوريتن جي آزديءَ تي ڪجهہ پابندي وڌي ويئي آهي ۽ اها سڀني سان هڪجهڙي آهي. هن کان اڳ جمهوريت کي پنهنجو پرڏيهي واپار جو کاتو هوندو هو، پر هينئر اهو طريقو ختم ڪري سڄيءَ فيڊريشن لاءِ هڪ گڏيل تجارتي کاتو قائم ڪيو ويو آهي. ڪي ماڻهو خالص اسڪولي ۽ رسمي نموني پُڇن ٿا تہ "جمهوريتن کي انهيءَ نموني هڪٻئي سان لاڳاپجڻ کان پوءِ سندن آزادي قائم رهي آهي؟" هيءَ هڪ اٽڪلبازيءَ وارو سوال آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهن رياستن، جي تہ "جمهوريتن کي انهيءَ نموني

---

(1)_ هن کان اڳ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪامريڊ اسٽالن، هيءُ ڪتاب، ڪيترا سال اڳ تصنيف ڪيو هو. ان کان پوءِ، سوويت فيڊريشن جي دستور ۾، ڪافي ڦير- ڦار ٿي چڪي آهي. 1944ع کان فيڊريشن ۾ شامل جمهوريتن کان پنهنجي الڳ الڳ پرڏيهي معاملن واري شعبي قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي آهي.
(مترجم)

هڪٻئي سان لاڳاپجڻ کان پوءِ، سندن آزادي قائم رهي آهي؟“ هيءُ هڪ اڻچاٽائيءَ وارو سوال آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهن رياستن، جي خود مختياريءَ تي هڪ نموني جي پابندي برابر آهي؛ پر، رياستن جي آزاديءَ جو نصب العين پنهنجيءَ جاءِ تي هر حالت ۾ قائم آهي. انهيءَ دعوا جي وڏي ۾ وڏي ثابتي هيءَ آهي تہ هرهڪ رياست کي پورو حق مليل آهي تہ هو ڪنهن بہ وقت پنهنجي خواهش پٽاندر فيڊريشن کان الڳ ٿي وڃي. انهيءَ کان وڌيڪ پورن آزاديءَ جو ٻيو ڪوبہ تصور ڪري ئي نٿو سگهجي.

الڳ الڳ رياستن جي گڏجي قائم ڪيل فيڊريشن، ان مضبوط ۽ جٽادار ٿي سگهي ٿي ۽ ان جا نتيجا تڏهن ڪارگر ثابت ٿي سگهن ٿا، جڏهن ان جو بنياد هڪٻئي جي اعتماد ۽ ڀروسي تي قائم هجي ۽ ان ۾ سموريون قومون پنهنجي رضا خوشيءَ سان شامل ٿيون هجن. يو. ايس. ايس. آر دنيا جو واحد ملڪ آهي، جتي ڪيترين ئي قومن جي وچ ۾ صُلح ۽ امن سان رهڻ ۽ ڀائپيءَ واري عمل ۽ تعاون جو تجربو ڪامياب ٿيو آهي. انهيءَ جو بنيادي سبب هيءُ آهي تہ هن نموني جي فيڊريشن ۾ حڪمران قوم ۽ غلام قوم جو وجود ئي ڪونهي ـــــ هتي نڪي تہ نيون بينڪون آهن ۽ نڪي بينڪن جي ڦرلٽ ڪرڻ واري حاڪم قوم يا غير ملڪي سامراج آهي. فيڊريشن جي وڏي ۾ وڏي خوبي هيءُ آهي تہ سموريون قومون پنهنجي رضا خوشيءَ سان شامل ٿيون آهن ۽ اهي دائمي طور انهيءَ حيثيت ۾ قائم رهنديون، ۽ فقط انهيءَ نموني جي فيڊريشن وسيلي ئي دنيا جي پورهيت عوام جو عظيم اتحاد آهستي آهستي قائم ٿي سگهي ٿو. ۽ اڄ انهيءَ عظيم اتحاد جي ضرورت ڏينهون-ڏينهن وڌيڪ اهميت واري ثابت ٿي رهي آهي.

هن حقيقت جي اظهار جي ڪابہ ضرورت نہ آهي تہ جيڪڏهن روس جا مزدور، سياسي اختيار حاصل ڪرڻ کان پوءِ قومن جي سياسي عليحدگيءَ جو اعلان نہ ڪن ها ۽ انهيءَ الڳ آزاد رهڻ واري حق کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجو رضامندو ظاهر نہ ڪن ها تہ اوير ۽ اولهہ وارن ملڪن جي ٻين قومن جا مزدور، جڏهن بہ سندن همدرد بڻجي نہ سگهن ها. مثال طور روس جي مزدور حڪومت، اختيارات حاصل ڪرڻ کان پوءِ، 1917ع ۾ فنلنڊ تان اڳوڻا زار جا دور وارا سياسي حق موٽائي ڏنا، اتر ايران تان پنهنجون فوجون هٽائي ڇڏيون ۽ چين ۽ منگوليا تان اڳوڻن مڙني سياسي حقن کان دستبردار ٿي ويا. مطلب تہ اهڙا

مسئلا پيا بہ ڪيترائي پيش ڪري سگهجن ٿا.

## سوويت روس ۾ علائقائي خودمختياري

سوال هيءَ آهي تہ انهن قومن سان اسان جو عملي نمونو ڪهڙو هئڻ گهرجي، جيڪي ڪن سببن جي بنياد تي، سوويت روس جي عام ڍانچي اندر رهڻ گهرن ٿيون؟ انهيءَ جو واحد حل هيءَ آهي تہ علائقائي بنيادن تي قومن کي خودمختياريءَ جو حق ڏنو وڃي. پولنڊ، لٿونيا، يوڪرين، ۽ ڪاڪيشيا وغيره جهڙن مقرر علائقن جو خودمختيار رهڻ تمام ضروري آهي___ علائقائي خودمختياريءَ سان لاڳاپو رکندڙ پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان هيٺ هڪ مخصوص علائقي جي هڪ مخصوص آباديءَ کي خودمختياري ڏني ويندي آهي: ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ عوام کي الڳ الڳ قومن ۾ ورهايو نہ ويندو آهي ۽ نڪي قومن ۾ اختلافن کي رهڻ ڏبو آهي. قومي اختلافن ۽ گهٽ_وڌاين کي ختم ڪيو ويندو آهي ۽ آباديءَ کي اهڙيءَ طرح متحد ڪيو ويندو آهي، جو ورهاست جي هڪ ٻئي نموني لاءِ رستو صاف ٿيندو آهي، جيڪو طبقاتي ورهاست هوندو آهي. علائقائي خودمختياريءَ ۾ سڀ کان آخري فائدو هيءُ آهي تہ ان مخصوص علائقي جي ماڻهن کي اتان جي قدرتي دولت مان فائدي حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ گڏيل مرڪز جي فيصلن جي انتظام ڪرڻ کان سواءِ ان علائقي جي پيداواري طاقتن کي بہ وڌائڻ جو موقعو حاصل ٿئي ٿو.

## سوويت خودمختياريءَ جا نمونا ۽ خاصيتون

سوويت خودمختياري ڪا هڪ هنڌ بيٺل يا جامد شئي نہ آهي، جا هڪ ئي دفعي سموري ايندڙ وقت لاءِ مقرر ڪئي ويئي هجي. سوويت خودمختياريءَ جا الڳ الڳ نمونا ۽ درجا آهن. مثلن خودمختياريءَ جو هڪ نمونو هي آهي، جنهن هيٺ ڪنهن علائقي کي پنهنجي انتظامي ڳالهين ۾ خودمختياري حاصل هوندي آهي___ والگا جي جرمنن، چوداش ۽ ڪيريلين کي انهيءَ نموني جي خودمختياريءَ حاصل آهي. انهيءَ کان وڌيڪ وسيع خودمختياري باشڪيرين، والگا جي تاتارين ۽ ڪرگهيزين کي حاصل آهي. انهيءَ کان بہ وڌيڪ سياسي خودمختياري يوڪرين ۽

ترڪستان کي حاصل آهي. خودمختياريءَ جو سڀ کان اعليٰ نمونو اهو آهي جو عهدنامن جي وسيلي وجود ۾ اچي. آذربائيجان کي اهڙي خودمختياري حاصل آهي. سوويت خودمختياريءَ جي هن نرميءَ ۽ الڳ الڳ نمونن هئڻ ڪري ئي ممڪن ٿيو آهي ته اهڙن سرحدي علائقن کي فيڊريشن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جن جي وچ ۾ معاشي ۽ تهذيبي ترقيءَ جي لحاظ کان گهڻو فرق موجود آهي. هرهڪ علائقي کي پنهنجي حيثيت پٽاندر خودمختياري حاصل آهي. ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي روس جي خودمختيار جمهوريتن کي هڪ اهڙي بُڇڙي شئي سمجهن ٿا، جنهن کي وقتي طور اسان کي برداشت ڪرڻو آهي. انهن ماڻهن جو خيال آهي ته انهيءَ خودمختياريءَ کي محدود ڪرڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن اڳتي هلي ان جو خاتمو ٿي وڃي. اها روش بلڪل غلط ۽ اِهو نظريو بلڪل بي بنياد آهي. سوويت حڪومت جي پاليسيءَ سان انهي نظريي جو ڪوبه لاڳاپو نه آهي. سوويت خودمختياري ڪا هوائي چيز نه آهي ۽ نڪي لفظن جي وار-ڦير يا مونجهارو آهي دراصل سوويت خودمختياري هڪ اهم حقيقت آهي. انهيءَ جو ثبوت هيءُ آهي ته سرحدي علائقا، جهڙوڪ آذربائيجان، ترڪستان، ڪرگهيز جمهوريت، باشڪير جمهوريت، تاتار جمهوريت ۽ ٻيا علائقا روس سان مضبوط بنيادن ۾ رهي، پنهنجي پنهنجي عوام جي مادي ۽ تهذيبي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. انهيءَ اتحاد لاءِ هيءَ ڳالهه بلڪل ضروري آهي ته ڪين پنهنجا اسڪول هجن، پنهنجون عدالتون هجن ۽ اُتان جي انتظامي ۽ ڪاروباري ادارن ۾ انهن علائقن جي ماڻهن کي مقرر ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت، جيسيتائين اهي بنيادي حق ۽ سهولتيون نه ڏنيون وينديون، تيسيتائين انهن علائقن ۾ صحيح معنيٰ ۾ سوويت سرشتو قائم ڪري نٿو سگهجي، ۽ انهن علائقن کي مرڪزي روس سان مضبوط اتحاد ۾ لاڳاپي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اسين جڏهن ائين چئون ٿا ته هرهڪ علائقي کي پنهنجا اسڪول، پنهنجون عدالتون هجن، ۽ سندن علائقائي حڪومتن جو سمورو انتظامي ۽ دفتري ڪاروبار مقامي زبانن ۾ هلايا وڃن، تڏهن انهيءَ مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته اسين بلڪل صحيح بنيادن تي سوويت خودمختياريءَ کي عمل ۾ آڻي رهيا آهيون___ سوويت خودمختياري هقيقت آهي جيڪا

ڪيترن اهڙن الڳ الڳ ادارن جو مجموعو آهي، ۽ يوڪريني ترڪستاني ۽ ڪرگهيزي شڪلين ۾ اسان جي سامهون آهي.

اهڙين حالتن ۾ ڪو شخص سنجيدگيءَ سان ائين چئي سگهي ٿو ته سوويت خودمختياري هڪ نوس چيز نہ آهي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟ ٻن ڳالهين مان ڪا بہ هڪ ڳالهہ ٿي سگهي ٿي: يا تہ يوڪريني، آذربائيجاني، ازبيڪي، باشڪيري ۽ ٻيون زبانون واقعي پنهنجو وجود رکن ٿيون، ۽ جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ پوءِ نهايت ئي ضروري آهي تہ انهن علائقن ۾ مقامي زبانن جا اسڪول، عدالتون ۽ سرڪاري ادارا وغيره قائم ڪيا وڃن ۽ انهن ادارن ۾ مقامي زبان استعمال ٿئي ۽ ڪاروبار هلائيندڙ ماڻهو بہ اُهيئي مقرر ڪيا وڃن. ايئن ڪرڻ سان ئي سوويت خودمختياري پنهنجي مجموعي حيثيت سان عمل ۾ ايندي ۽ ان تي ڪابہ پابندي نہ مڙهي ويندي.

جيڪڏهن ائين نہ آهي، يعني جن زبانن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جو ڪو وجود ئي نہ آهي: انهيءَ ڪري قومي علائقن ۾ مادري زبانن ۾ اسڪولن ۽ ٻين ادارن جو قائم ڪرڻ غير ضروري آهي، تہ پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ سوويت خودمختياري هڪ بيڪار، واهيات ۽ بي معنيٰ شئي آهي.

انهن ٻن رستن کان الڳ اسان جي سامهون ٽيون ڪوبہ رستو ڪونهي. ۽ جيڪي ماڻهو ٽيون رستو ڳولي رهيا آهن، اُهي يا تہ مسئلي بابت ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻن يا افسوسناڪ حد تائين مٿاڇري ذهن جا آهن.

سوويت روس ۾ هڪ اهڙو تجربو ڪيو پيو وڃي، جنهن جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ مثال ڪونهي. اهو تجربو هيءُ آهي تہ هتان جي ڪيترين قومن ۽ قبيلن کي هڪ واحد مزدور رياست ۾ امن ۽ صلح سان پاڻ ۾ گڏجي ملي رهڻ جو بندوبست ٿي رهيو آهي. انهيءَ جو بنياد هن ڳالهہ تي قائم آهي تہ انهيءَ فيڊريشن ۾ سموريون رياستون خود پنهنجي مرضيءَ سان شامل ٿيون آهن ۽ منجهن پنهنجو پاڻ ۾ پروسو پائراٽي همدردي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هيءُ تجبو مڪمل نموني ان وقت ڪامياب ٿي سگهي ٿو جڏهن قومي مسئلي جي باري ۾اسان جي عملي پاليسي، سوويت خودمختياريءَ جي بنيادي اصولن جي اُبتڙ نہ هجي____ اها عملي پاليسي، جنهن جو اڳ ۾ ئي اعلان ڪيو ويو آهي.

سوويت خودمختياريءَ جون ڪيتريون ئي الڳ الڳ شڪليون آهن. تنهنڪري ڪنهن علائقي لاءِ خودمختياريءَ جو ڪهڙو نمونو وڌيڪ مناسب ٿيندو، تنهن جو دارومدار انهيءَ علائقي جي مخصوص حالتن تي آهي. اهڙيءَ ريت، ڪاميابيءَ جو دارومدار هن ڳالهه تي آهي تہ انهن علائقن ۾ اسين جيڪو بہ قدم کڻون، اُهو اُتان جي عوام جي مادي ۽ تهذيبي بُلنديءَ ڏانهن وڌندڙ هجي. اهڙيءَ ريت، هاري-مزدور تهذيب جون الڳ الڳ شڪليون، پنهنجي پنهنجي علائقي جي رسمن، روجن ۽ قومي خصوصيتن پٽاندر هئڻ گهُرجن.

## ڇڙوڇڙ اقليتن جي حفاظت جو سوال

اها ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جيڪا ڪنهن ملڪ ۾ رهڻ واريءَ اقليت کي بغاوت تي آپاري ۽ آماده ڪري ٿي؟

ان جو جواب هيءُ آهي تہ ڪابہ اقليت انهيءَ ڪري گڙ-ٻڙ نٿي ڪري تہ ملڪ ۾ قومي اتحاد جو وجود نہ آهي. پر حقيقت ۾ هوءَ انهيءَ ڪري گڙ-ٻڙ ڪري ٿي، جو کيس پنهنجي مادري زبان جي صحيح استعمال جو حق نٿو ڏنو وڃي. جيڪڏهن هن کي مادري زبان جي استعمال جو حق ڏنو وڃي تہ ان جي گڙ-ٻڙ ۽ پريشاني خودبخود ختم ٿي ويندي. اقليت جي پريشان رهڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ هن جا پنهنجي مادري زبان ۾ اسڪول نہ هوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن هن کي مادري زبان ۾ تسليم جو حق ڏنو وڃي تہ سندن پريشانيءَ ۽ بغاوت ختم ٿي وڃي. انهيءَ کان سواءِ، اقليت انهيءَ ڪري بہ بغاوت ڪرڻ تي مجبور ٿيندي آهي تہ کيس پنهنجي ضمير جي آزاديءَ جا حق نہ ڏنا ويندا آهن. جيڪڏهن هن کي اهي سمورا حق ڏنا وڃن تہ هن جي سموري پريشاني ختم ٿي وڃي. مطلب تہ قومي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ انهن سمورن بنيادي حقن جو حاصل هئڻ تمام ضروري آهي، ۽ ائين ڪرڻ سان ئي الڳ الڳ قومن جي پاڻ ۾ صحيح برابري ۽ برادري قائم ٿي سگهي ٿي. انهيءَ سان گڏ ملڪ ۾ هڪ اهڙي سرڪاري قانون جي اجازت هوندي آهي جو مڪمل جمهوريت جي بنيادن تي تيار ڪيل هوندو آهي، جيڪو ڪن قومن کي ڏنل خاص خاص رعايتن ۽ خاص خاص حقن کي ختم ڪري، ۽ اقليتن جي حقن تي سموريون مڙهيل پابنديون ختم ڪري. مطلب تہ اهڙيون ڪاروائيون عمل ۾

آڏو ڪان پوءِ ئي ٿورائيءَ وارين قومن جي بنيادي حقن جي پوري پوري حفاظت ٿي سگهي ٿي.

## مزدور طبقي جي واحد سياسي جماعت

جيڪڏهن مزدور طبقو الڳ الڳ قومن جي بنياد تي ورهائجي ويجي، ته اُن جو نهايت خراب نتيجو نڪرندو. ائين ڪرڻ سان مزدورن جي عظيم اتحاد واري فوج چڙوڇڙ ٿي ويندي ۽ مزدورن جون انجمنون، قومن جي پاليسين پٽاندر هلڻ شروع ڪنديون. قومن جي وچ ۾ ڏينهون-ڏينهن اختلاف وڌندا ويندا ۽ آخر قومي بنيادن ۽ قومي مفادن پنيان مزدورن جون هڙتالون ٽُٽڻ لڳنديون___ اشتراڪي تحريڪ ۾ قوت ڦهلجي ويندي ۽ نيٺ ڪمزور ٿي ختم ٿي ويندي. آسٽريليا جي اشتراڪي تحريڪ ۽ روي ۾ بند (BUND) تحريڪن جي سياسي سرگرمين جا مثال ثابتيءَ لاءِ موجود آهن. انهن مڙني ڳالهين جو واحد علاج هيءَ آهي ته عالمي بنيادن تي مزدورن جو تنظيمي اتحاد قائم ڪيو وڃي___ سيني قومن جي مزدورن کي الڳ الڳ هنڌن تي مختلف جماعتن ۾ متحد ڪيو وڃي. ان بعد سيني جماعتن کي هڪ واحد سياسي جماعت جي صورت ۾ هڪبئي سان لاڳاپيو وڃي. انهيءَ نموني هڪ واحد سياسي جماعت قائم ڪرڻ سان مختلف علائقن ۾ خودمختياري ختم ڪانه ٿي ٿئي. ڪاڪيشيا جو تجربو انهيءَ نموني جي تنظيم جو هڪ ڪارائتو ۽ موزون مثال آهي. ڪاڪيشيا وارن پنهنجي علائقي جي آرميني ۽ تاتاري مزدورن جي اختلافن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت باڪوءَ ۾ جتي الڳ الڳ قومي جماعتن جا ماڻهو رهن ٿا، اُتي قومي جهيڙن ۽ فسادن ٿيڻ جو ڪوبه امڪان نه رهيو آهي___ اُتي رهڻ وارين سيني قومن جا مزدور هڪ طاقتور تحريڪ جي ڌاڳي ۾ پوئجي چڪا آهن. انهيءَ ڪاميابيءَ جو سهرو اُتان جي اشتراڪي تحريڪ جي وجود تي آهي؛ جنهن جو ڪردار ۽ تنظيمي اڏاوت علمي اصولن تي قائم ڪئي ويئي آهي.

مزدور جماعتن جي تنظيمي اڏاوت هڪ نهايت اهم حيثيت رکي ٿي. ان جو اثر مزدورن تي نه رڳو عملي دنيا ۾ پوي ٿو پر مزدورن جي سچي ذهني زندگيءَ به ان کان متاثر ٿئي ٿي___ مزدورن جي ذاتي زندگي توڙي سندن

تنظيمي جماعت جي زندگي هڪبئي سان هم آهنگ هونديون آهن. اهڙيءَ ريت، هرهڪ مزدور، تنظيمي جماعت جي زندگي گذارڻ سکي ٿو ۽ گڏوگڏ انهيءَ تنظيم وسيلي هن جي دماغي ۽ ذهني تعليم ۽ تربيت پڻ ٿيندي رهي ٿي. تنظيم ۾ رهڻ سان هرهڪ مزدور، ٻين قومن جي مزدور ساٿين سان گڏجي ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ، گڏيل جماعت جي رهنمائيءَ ۽ گڏيل جدوجهد ۾ حصو وٺندي هيءَ ڳالهه چڱيءَ ريت سمجهيوجي ٿو ته اسين سمورا مزدور هڪ ئي طبقي جا فرد آهيون، ۽ اسان جو اهو طبقو ۽ اها برادري هڪ ڪٽنب جي حيثيت رکي ٿي. انهي طريقي عمل ڪرڻ کان پوءِ مزدورن جي تمام وڏيءَ گهڻائيءَ جي دل ۽ دماغ تي پنهنجي مضبوط برادريءَ، ٻڌيءَ ۽ جدوجهد جو وڏو ترڪ تي اثر پوي ٿو. علمي نموني جي مزدور تنظيم، الڳ الڳ قومن جي مزدورن جي وچ ۾ ياڻپيءَ وارن نيڪ جذبن ۽ صحيح خيالن پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي تعليمي اداري جو ڪم ڏيئي ٿي. ۽ سيني جر هٿن ۾ تحريڪ جو وجود هڪ زبردست هٿيار ثابت ٿئي ٿو. ٻئي طرف جيڪي مزدور جماعتون الڳ الڳ قومي بنيادن تي قائم ٿينديون آهن، انهن ۾ ايڏي عظيم طاقت ۽ اتحاد پيدا نه ٿي سگهندو آهي. هو الڳ الڳ قومي جماعتن ۾ ورهائجڻ بعد پنهنجو اتحاد وڃائي، خود هڪبئي جي راهه ۾ رڪاوٽ جون ديوارون بڻجي وينديون آهن. انهيءَ نموني جي جمائتن ۾، هرهڪ مزدور، بنيادي اهميت جي لحاظ کان فقط پنهنجي قوم جو هڪ فرد هوندو آهي: يعني هو سڀ کان اول يهودي، پولي، جرمن، فرانسي (جنهن به قوم مان هوندو آهي)، وغيره هوندو آهي، ۽ ان کان پوءِ مزدور هوندو آهي. اهڙيءَ ريت، مزدور تنظيم جي سلسلي ۾، گروهه بندي جي اصولن جي پابندي، مزدورن ۾ قومي علحيدگيءَ جو روح پيدا ڪري ٿي. ٻئي طرف، مزدورن جي عالمي اتحاد ۽ تنظيم وسيلي هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي حڪومت ظلم ۽ ڦرلٽ جي مسئلن کي ختم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي.

## اشتراڪي ۽ قومي تحريڪ

اسين سوويت سرشتي هيٺ مزدور تهذيب جي تعمير ڪري رهيا آهيون، انهيءَ ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش نه آهي. ساڳئي وقت هيءُ به حقيقت آهي ته انهيءَ مزدور تهذيب جو مزاج ۽ اصليت ته

اشتراڪي آهي، پر ان جون شڪليون الڳ الڳ ۽ اظهار جو طريقو به مختلف قومن ۾ جدا جدا آهي. اهي اختلاف قومن جي ذاتي حالتن ۽ سندن قومي گڻن جي گهٽ-وڌائيءَ هوندي به هڪجهڙيءَ برابريءَ جي ليول تي آهن. انهن اختلافن جو بنياد زبان ۽ رسمن رواجن، وغيره جي فرق تي قائم آهي. *اسين جنهن تهذيب جي تعمير ڪري رهيا آهيون، ان جي اندروني گڻن تي خاصيتون ته پرولتاري (مزدوراڻيون) آهن، پر ان جون باهريون شڪليون قومي آهن. هيءَ اها عالمگير انساني تهذيب آهي، جنهن ڏانهن اشتراڪيت ڏينهون-ڏينهن پنهنجو قدم وڌائي رهي آهي. پرولتاري تهذيب، قومي تهذيب کي ختم ڪانه ٿي ڪري، پر ان کي هڪ خاص قسم جو مزاج ۽ ڪيفيت عطا ڪري ٿي.* ساڳيءَ ريت، قومي تحريڪ، پرولتاري تهذيب کي ختم ڪين ٿي ڪري، پر ان کي هڪ خاص شڪل بخشي ٿي. جيسيتائين سرمائيدار طبقي جي هٿن ۾ سياسي اقتدار جي واڳ رهي ۽ الڳ الڳ قومن جو ميڙ سرمائيداري سرشتي هيٺ رهيو تيسيتائين قومي تهذيب جو مطالعو سرمائيدار طبقي جو مطالعو رهيو. پر جڏهن مزدور طبقو اقتدار ۾ آيو ۽ سوويت حڪومت جي رهنمائيءَ ۾ قومن جي اتحاد ۽ مضبوطيءَ جو ڪم شروع ٿيو تڏهن قومي تهذيب جو مطالبو مزدور طبقي جو مطالبو ٿي ويو. "ڪائسڪي" ۽ سندس حمايتي چون ٿا ته اشتراڪيت جي دور ۾ هڪ واحد ۽ عالمگير زبان قائم ٿيڻ گهرجي، ۽ ٻين مڙني زبانن جو ختم ٿي وڃڻ ضروري آهي. پر آئون (اسٽالن) هڪ واحد عالمگير زبان جو مجيندڙ نه آهيان. منهنجو تجربو انهيءَ جي اُبتڙ آهي. اجا تائين هيءَ صورتحال رهي آهي ته اشتراڪي انقلاب زبانن جي تعداد کي گهٽائڻ بدران اجا به وڌيڪ واڌارو ڪري ڇڏيو آهي. اشتراڪي انقلاب، انسانيت جي تمام اُونهين گهراين ۾ هلچل ۽ آنڌ مانڌ پيدا ڪري ٿو. انهيءَ آنڌ مانڌ ۽ بيقراريءَ ڪي سياست جي جنگي ميدان ۾ ڪم آڻڻ سان ڪيترين قومن کي زندگيءَ جي نئين جوش ۽ جذبي سان روشناس ٿيڻو پوي ٿو جيڪي انقلاب کان اڳ گمناميءَ جي اوڙاهه ۾ پيل هونديون آهن. زار جي دور واري روس ۾، اٽڪل پنجاهه قومون ۽ نسلي جماعتون آباد هيون. جيڪي ڪنهن به شمار ۽ قطار ۾ نه هيون. آڪٽوبر انقلاب، انهن قومن ۽ جماعتن کي گُناميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪري، منظر عام تي آڻي، منجهن

زندگيءَ جو عظيم روح ڦوڪي ڇڏيو. اڄڪلهہ هندستان جي باري ۾ بہ ائين چيو ويجي ٿو تہ اُتي هڪ قوم آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ هندستان ۾ جنهن بہ مهل انقلابي لهر اُڀري، تہ ڪيترين قومون پنهنجي زبان ۽ پنهنجيءَ تهذيب جا مسئلا ڪٽي، سامهون اُڀري ايندي يون. هو هينئر پل گُمناميءَ جي اونڌاهہ ۾ رهن. پر جڏهن پرولتاري (مزدور) تهذيب جي تصوير ۾ الڳ الڳ قومن جي حصي ونڻ جو سوال پيدا ٿيندو، تڏهن سڀئي قومون پنهنجن پنهنجن رسمن، رواجن ۽ ٻوليءَ جي بنيادن تي گڏجي عملي جدوجهد ڪنديون ۽ پرولتاري تهذيب جي تعمير ۾ هڪٻئي سان هٿ ونڊائينديون. بريت قوم جا ڪامريڊ هڪ عالمگير پرولتاري تهذيب جي شروعات ڪندي، قومن جي هڪٻئي سان گڏجي ملي هڪ ٿي وڃڻ جو سوال ڪڻن ٿا. اهو صحيح آهي تہ اهي قومون هڪٻئي سان شامل ٿي سگهن ٿيون ۽ يقينن ٿي وينديون. ائين اڳ ۾ بہ ٿي چڪو آهي. پر جيڪڏهن اهي قومون پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي وڃڻ جو عمل، الڳ الڳ قومن جي پوريءَ ترقي ڪرڻ جو عملي نتيجو هوندو آهي.

عالمگير پرولتاري تهذيب، قومي تهذيب کي ختم ڪانہ ٿي ڪري، پر ان کي ضروري جاٽائي ٿي ۽ ان جي صحيح نشونما ڪري ٿي. بلڪل اهڙيءَ طرح قومي تهذيب، علمگير پرولتاري تهذيب کي رد نہ ٿي ڪري، پر ان جي مدد ڪري ٿي ۽ ان کي اڳئين کان وڌيڪ مضبوط ۽ مڪمل بنائي ٿي.

## لينن ۽ قومي تهذيب

لينن ڪڏهن بہ ائين نہ چيو آهي تہ عالمي ليول تي اشتراڪيت جي فتح کان اڳ ڪنهن هڪ رياست جي حدن ۾ سمورا قومي فرق ميٽجي ويندا ۽ قومي زبانون هڪ مشترڪ زبان ۾ گڏجي وينديون. لينن جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو انهيءَ خيال جي اُبتڙ آهي. هن جو چوڻ آهي تہ عالمي ليول تي مزدورن ۽ هارين جي حڪومت کان پوءِ بہ قومن ۽ ملڪن جا قومي ۽ سياسي فرق گهڻي زماني تائين موجود رهندا.

لينن ڪڏهن بہ ائين نہ چيو آهي تہ هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڏاڍ ختم ٿي وڃڻ ۽ سڀني قومن جا مفاد هڪ ٿي وڃڻ جو هيءُ مطلب آهي تہ

قومن جو پنهنجو پاڻ ۾ فرق ميٽجي ويندو. اسان سوويت سرشتي هيٺ، هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ ڦرلٽ کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڪن قومن کي، ٻين قومن جي مقابلي ۾ جيڪي خاص رعايتون حاصل هيون، انهن کي به ختم ڪري، قومي برابري قائم ڪئي آهي. رياستن جي وچ ۾ جيڪي اڳوٽيون نامناسب ديوارون کڙيون ڪيون ويون هيون، انهن کي به اسان ناس ڪري ڇڏيو آهي. مطلب ته هينئر سوويت فوج جي وچ ۾ محصولن ۽ ڪروڙن رپين گڏ ڪرڻ قانون ۽ چالبازيون نه رهيون آهن. هن وقت سرحدن تي فوجي اَڏا ڪين آهن. اسان، سوويت قومن جي اقتصادي ۽ سياسي مفادن ۾ مضبوط اتحاد ۽ هڪجهڙائي پيدا ڪئي آهي پر ساڳئي وقت انهيءَ جو اهو مطلب به ڪينهي ته قومي تفاوتن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسان قومي زبان، قومي تهذيب ۽ قومي رسمن رواجن کي قائم رکيو آهي. جيئن ته تاريخ جي هن دور ۾ قومي جمهوريتن ۽ علائقاعي حدن کي ختم ڪرڻ جي گهُر، "رجعت پسنديءَ" جو مطالبو آهي ۽ اهو مزدور حڪومت جي اصولن ۽ مفادن جي اُبتڙ آهي. هن وقت قومي جمهوريتن ۽ علائقن کي ختم ڪرڻ جو مطلب هيءَ ٿيندو ته سوويت سرشتي ۾ رهندڙ قومن جي عوام کي پنهنجيءَ مادريءَ زبان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي حقن کان محروم ڪيو وڃي، ۽ ڪين پنهنجا اسڪول، پنهنجون عدالتون ۽ پنهنجو سمورو انتظامي ۽ دفتري ڪاروبا قائم ڪرڻ کان روڪيو وڃي. سندن عوامي ۽ سرڪاري ادارن ۽ انجمنن ۾ مقمي زبان استعمال ڪرڻ جي حق کان محروم ڪيو وڃي____ ڪين اشتراڪي تعمير ۾ حصي وٺڻ کان محروم ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو قومي جمهوريتن ۽ علائقن کي ختم ڪرڻ جا خواهشمند آهن اهي ڪوڙي ۽ نقلي عالمي قوميت جي ڳولا ۾ مرده پرست روسي قومپرستن جي چنبي ۾ اچي ويا آهن. اهي ماڻهو "مزدور حڪومت ۾ تهذيبي انقلاب" جو نعرو ڀُلجي ويا آهن، جيڪو برابريءَ جي بنيادن تي، سوويت سرشتي ۾ رهندڙ سيني قومن تي لاڳو ٿئي ٿو____ يعني روسي توڙي غير روسي ٻنهي قومن تي. ڪامريڊ لينن ڪڏهن به ايئن نه چيو آهي ته مزدور حڪومت جي سرشتي هيٺ تهذيب کي ترقي ڏيڻ، مرده پرستيءَ جي برابر آهي، پر انهيءَ جي اُبتڙ هن هميشه هن ڳالهه جي پُٺڀرائي پئي ڪئي آهي ته سوويت سرشتي ۾ رهندڙ سيني قومن کي پنهنجي

پنهنجيءَ قومي تهذيب جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ مدد ڏني وڃي. ڪامريڊ لينن جي اڳواڻي هيٺ ڏهين پارٽيءَ ڪانگريس بہ قومي مسئلي تي هڪ رٿ پاس ڪئي هئي، جنهن ۾ چٽيءَ ريت هيٺيون ڳالهيون ڄاڻايل آهن:

”پارٽيءَ جي اڳيان هيءَ نهايت ئي اهم ڪم آهي تہ غير روسي قومن جي پورهيت عوام جي مدد ڪئي وڃي، تہ جيئن هو مرڪزي روس جي ڪيل ترقيءَ جي ليول تي اچي وڃن. انهن قومن جي هيٺين ڳالهين ۾ خاص مدد ڪئي وڃي:

هر هڪ قوم جو پورهيت عوام خود پنهنجو سوويت رياستي سرشتو قائم ڪري ۽ ان کي ترقي ڏئي، مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري. اهي سوويت رياستون هڪ اهڙيءَ شڪل اختيار ڪن، جيڪا قوم جي سماجي حالتن پٽاندر هجي.

هر هڪ قوم پنهنجون عدالتون، سرڪاري ادارا، پنهنجا معاشي شعبا ۽ انجمنون قائم ڪري. انهن مڙني ادارن ۾ مقامي زبان (مادري زبان) استعمال ڪئي وڃي ۽ سيني عهدن ۽ جاين تي مقامي ماڻهو مقرر ڪيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ اهڙا ماڻهو مقامي ماڻهن جي نفسيات ۽ رسمن رواجن کان چڱيءَ طرح واقف هوندا.

هر هڪ قوم کي پنهنجي پريس، پنهنجا اسڪول، پنهنجا ٿيئٽر، پنهنجون ڪلبون ۽ پنهنجا تهذيبي ۽ تعليمي ادارا هجن ۽ اهي سڀ مادري زبان ۾ هجن.

تعليمي نصابن ۽ اسڪولن لاءِ هڪ وسيع رٿا عمل ۾ آندي وڃي، جنهن جو مقصد عام تعليم ڏيڻ هجي ۽ هنر ۽ فني تعليم جو پڻ انتظام ڪيو وڃي. انهن تعليمي ۽ رني ادارن ۾ بہ مادري زبان ڪم آندي وڃي.“

مٿين تجويزن مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي ويئي هوندي تہ ڪامريڊ لينن، مزدور حڪومت هيٺ الڳ الڳ قومي تهذيبن کي ترقي ڏيارڻ جي پٺڀرائي ڪندڙ هو. ممڪن آهي تہ هيءَ ڳالهہ حيرت ڏياريندڙ معلوم ٿئي تہ اسين هڪ طرف هن ڳالهہ کي قبول ڪندڙ ۽ حمايتي آهيون تہ اڳتي هلي شڪل ۽ حقيقت جي لحاظ کان سموريون قومي تهذيبون، هڪ مشترڪ تهذيب ۾ سمائجي وينديون جن جي هڪ واحد مشترڪ زبان هوندي؛ ٻئي طرف اسين موجوده دور ۾، يعني پرولتاري-ڊڪٽيٽرشپ

(مزدور هڪ ـ هٽي) جي زماني ۾، الڳ الڳ قومي تهذيبن جي جدا جدا ترقيءَ ۽ واڌاري حاصل ڪرڻ جي پُٺڀرائي ڪري رهيا آهيون. انهن ٻنهي ڳالهين ۾ ڪُلم ـ ڪُلا تضاد ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر حقيقت ۾ ائين هرگز نه آهي. مقصد هي آهي ته سيني قومي تهذيبن کي ترقي ڪرڻ وڌڻ ويجهڻ ۽ پنهنجي لڪيل صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي، ته جيئن اهي حالتون پيدا ٿي سگهن، جن هيٺ سموريون قومون، تهذيبون گڏجي، هڪ مشترڪ تهذيب جي شڪل اختيار ڪن ۽ سندن هڪ مشترڪ زبان ٿئي. شروع ۾ ائين ٿيندو ته هر هڪ ملڪ ۾ مزدور حڪومت جي هٿ هيٺ قومي تهذيبن جي الڳ الڳ اوسر ۽ ترقي ٿي ويندي. ائين ڪرڻ سان هنن جي شڪل ته قومي هوندي: پر سندن حقيقت، اشتراڪي نموني جي هوندي ۽ اڳتي هلي، اهو نتيجو نڪرندو ته سموريون تهذيبون هڪ واحد اشتراڪي تهذيب ۾ سهيڙجي وينديون. هيءَ مشترڪ تهذيبي شڪل صورت توڙي حقيقت جي لحاظ کان اشتراڪي هوندي. اها صورتحال ان وقت سامهون ايندي، جڏهن ساري دنيا ۾ مزدور طبقي جي فتح هوندي، اشتراڪيت جي منزل اڄ سُيان تي دنيا مٿان پکڙجڻ واري هوندي.

ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو ائين چون ته انهيءَ تصور ۾ تضاد جو پهلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙن ماڻهن کي اسان جو هيءُ جواب آهي ته رياست جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ اسان جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي، ان ۾ به تضاد جو پهلو موجود آهي ـــــ اسين هڪ طرف هن ڳالهه جي پُٺڀرائي ٿا ڪريون ته رياست آهستي آهستي ختم ٿي وڃي ته ٻئي طرف اسين مزدورن جي رياست ۽ حڪومت کي مضبوط ۽ طاقتور بڻائڻ جي فائدي ۾ آهيون. مزدورن جي هيءَ حڪومت، انساني تاريخ ۾ سيني کان وڌيڪ طاقتور حڪومت آهي انهيءَ مان هيءُ نتيجو ظاهر ٿيو ته رياست جي وجود کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ واسطي، هن ڳالهه جي ضرورت آهي ته مزدور رياست کي اقتدار ۽ طاقت جي تمام مٿانهين معيار تي آندو وڃي. ڇا، انهيءَ حقيقت ۾ تضاد جو پهلو موجود نه آهي؟ ها، تضاد ته ضرور موجود آهي، اِهو تضاد ته هميشه زنده ۽ پائنده شيءِ آهي ۽ مارڪسي جدليات جو هڪ مڪمل عڪس آهي، جنهن سان ئي رياست جي وجود کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

(3 نومبر 1967ع)

# ڪتاب

# خاموش چو آن!؟

شاعري

# سِنڌُ

## [قصيدو]

تو تہ پنھنجن ۽ پراون سان سدائين پيار ڪيو
سادگي تنھنجي تي تذھين آھي ويرين وار ڪيو
ڪول اڪيون، پاڻ ڏس، ڪيئن تنھنجو ٻيڙو غار ٿيو ــــ
ڇا نہ توتي آھي گذري سِنڌڙيءَ جي سرزمين،
قھر جا طوفان توتي ۽ جھڪيل تنھنجي جبين!
ماءَ واري مامتا ھئي تنھنجي جھوليءَ ۾ چري،
تو تي ڪئي آئي وئي سان قرب واري ڪچھري،
۽ ايئن ئي ڏسندي ڏسندي مامتا ۾ وئينءَ مري ــــ
ڇا عجب انجام ٿيو ۽ ڇا مليو توکي انعام؟
ويا سِتارا سڀ اُجھامي، آئي تو تي غم جي شام!
پنھنجي اعليٰ آدرش لئہ، ڇانہ تو قربان ڪيو؟
زندگي زنده دلي تنھنجي سين حيران ڪيو
پاڻ کي سُورن ۾ ساڙي اُوچو سڀ جو شان ڪيو ــــ
ھيءَ تہ سڀ ڪجھہ تو ڪيو سِنڌڙي، توتي سلام!
پر اڪيون پٽ، اج ڏکن فاقن ۾ تنھنجو جاڳيو آ عوام.
ڏس تہ پورھيت جي لڱن تي ڪا سجي ڏسجي ٿي لِيڙ؟
غمزده مائُن جي نيڻن ۾ ڪٿي پسجي ٿو نِير؟
ابھمن جي پيٽن ۾ پھچي ڪٿان جيجل جو کِير؟ ــــ
ھڪ طرف ظالم وڏيرا، ٻئي طرف سڀ مير پير
شال وٺ پئي ڪا انھن تي جن ڦُري ڪيا سڀ فقير!
حال اھڙي ۾ بہ سِنڌڙي، تون ھُئين جنت نشان،

تنهنجي خوشحاليءَ جا چرچا هئا زمين ۽ آسمان،
پينگ تي وئين هاءِ، هاڻ ناهه ڪو نام و نشان ___
پيٽ سانگين تي پٿر آ، غير ڏس عيشن ۾ آ،
منهنجي مارُن جو وطن اڄ وات واڳن جي ۾ آ!
چا ايئن ئي پيسجي تون ناس ٿيندينءَ سِنڌُڙي،
هيڏا هاڃا سر تي سَهندي ڪين ڪُڇنديءَ سِنڌُڙي،
تنهنجي غيرت مان نہ ڪائي آگ اُٿندي سِنڌُڙي ___
اُٿ اُٿي ڪر درد واري پنهنجن جاون کي اپيل،
هيج مان جهولي جهلي گهُر ساهہ سر جي تون سبيل!
ڏس تہ پوءِ ڪيئن ظلم جا زنجير ٽٽا وڏجن وطن،
هن سنجيدي خاڪ مان پنيٽ برن منهنجا وطن،
تنهنجا ويري لحظي هڪڙي ناس ٿين منهنجا وطن ___
ساٿيوَ گڏجي اُٿو اڄ اُٿڻ جو وقت آ،
ساهہ سر جيجل مٿان گهوري ڇڏڻ جو وقت آ!

_"ساٿيهہ_4"، 1967ع
_"قومي گيت"، 1970ع

## روڪيندا ڇا زر جا غلام

عظمتُ انسان منهنجو ترنم،
شوڪتُ انسان منهنجو ڪلام!
هاڻ سڀن کي پيئي خبر آ،
عزت لائق آهي عوام!
جي نہ مڃيندا هيءَ حقيقت،
تن لاءِ منهنجو موت پيام!
صديون گُذريون سهندي سهندي،
ڦاٿا شڪاري پنهنجي دام!
ويئي اُوندهہ ويئي ويئي،
روڪيندا ڇا زَر جا غلام!
سورج اُڀريو سُرخ زمين تي،
جاڳ جَليو هيءَ جهُونو نظام!
وقت جِي ڏارا ڏن ۾ آهي،
سونپيان ڪنهن کي هيءَ زمام؟
ڏرتِي گَرجِي ڏُوم مچائي،
وقت جو والِي آهي عوام!
اُٿيا آهن، گڏجي اُٿندا،
ساٿين تن کي منهنجا سَلام!

***

## محتسب

هيڏي جڳ ۾ ڏينهن ڏِٺي جو
هِينئن ٻہ ڪڌهن ڪيرَ ڪُٺو؟
ڏرتِي هُن تي مهر و وفا سان،
هاءِ! نہ ڪيڏو ويل وٺو!
پيءُ جي مُنهَن ۾ پُٽَ ٿُوڪي،
اي دين مُبين جا داعي ڏس!
تهذيب تہ تنهنجي بي موت مَري وئي،
اِجا انهيءَ ۾ ڇا تو ڏِٺو؟
ڏاڍِن دَرَ پُڇ لوڏَ ڪرين،
۽ هِيڻن سان آ تنهنجو ويرَ،
دولتَ دَرَ مون تنهنجي جَبين ڪي،
جهُڪندي ڪِشتي ساڻَ ڏِٺو!
حق، حُسن ۽ خيرَ سان ٻُلجي،
تنهنجو ڪڏهين پاندَ پيو؟
ڇِيَ ڏِگها! تو نوڪُ قلم سان،
منصورن جو گندُ ڪُٺو!
دين ڌرم جي ڌوڪي ساڻَ،
ٻل پيٽ ٻَري وٺ ڏينهَڙا چار،
نيٺ تہ ٻاگيا جاڳي پوندا،
لَهندا تنهنجي سار سنيال!

***

## منهنجي پگهر مان پيدا

منهنجي پگهر مان پئدا، دنيا جون نعمتون،
پوءِ بہ مان اُگهاڙو، ناحق نادار مان!

لِگن تي منهنجي لِيڙوُن، پيرَن ناهي جُتي،
پايان يا پيٽ پاليان، پيرن بيزار مان!

ڪيڏيون ٽيون ڪُڏايون، قسمت جي آڙ ۾،
ڪيئن ٿي ڪٽا مِلياسين، ايڏي اَنبارَ مان!

محلن ۾ ڏس تہ ماتم، عرشين مَچي ويو
گڏ جو غريب ٿي ويا، محبت ۽ پيار مان!

اتحاد جي الم ۾، ويندا هَڙئي هجي،
واقف اڳيئي آهن، "مُترڪي" جي مارَ مان!

سَرمائي جا سمورا، ويندس مان وَڙَ وَڍي،
"ڏاتو" وَڍي جيئن، ڪانن قطار مان!

خاموش ٿِي نہ رهندو هرگز 'ابن حيات'
بيشڪ پَلي اُماٽِن، نيزي تُرار مان!

❊❊❊

# ساڳيا اهي____

زمـــانـــي جـــا دَســـتـــورَ ســاڳـيـا اُهـي،
لَـڪـيـــن مَـرد مَـجـبـــور ســاڳـيـا اُهــي،
چَـڪـيـلُ چـاڪَ نـاسُـور سـاڳـيـا اُهــي،
شَـــب و روز رَنــجُـورَ سـاڳـيـــا اُهــي____
رُڳــو آهــي لـفـظـن سَـنـدي ڦيـرَ ڦــارَ
اُهــي ئـي دُرنـگـا، اُهـي ئـــي مَـڪـارا

آزاديءَ جـــــا اِعــلان نِـــتَ نِـــتَ نَـوان،
مِـيـٽـنـگـون ۽ جَـلـسـا بـہ نِـتَ نِتَ نَـوان،
مُـنـجـهـائـڻ جـا مَـذڪُـورَ نِـتَ نِـتَ نَـوان،
هِـيـسـائـڻ جـا حُـربا بـہ نِـتَ نِتَ نَوان____
پَلي مـوج ڪَـن هُـو آهـن چـارَ ڏيـنـهـن،
تِـرڪـتـالُ طِـلـسـم آتـن چـارَ ڏيـنـهـن!

عـيـاشـي ۽ راشـي ڪـو ڪـانـئـن وڏيــڪ،
رِيـاڪـارَ رَهـــزن ڪـــو ڪـانـئـن وڏيـڪ،
زِيـان ڪـارَ ظـالـم ڪـو ڪـانـئـن وڏيـڪ،
جَـفـاڪـارَ جُـواري ڪـو ڪـانـئـن وڏيـڪ____
اَچا پيي عـدالـت جِي ڪُرسيءَ تـي سـي،
اَچا پيي سياسـت جِي ڪُرسيءَ تي سي!

هـــيءَ لشـــڪـــر ۽ فـــوجــون وَڏائــن تــا چـــو؟
هــيءَ گـــولا مشـيـــنـون گـهُـــرائـن تـا چــو؟
هــيءَ قـانـــون ڪـــارا بـنـائـن تـا چـــو؟
قـلـعـا ڪـــوٽ ڦـهـري آڏائـــن تـا چــو؟____
هِـي سارو مَـڪَـرَ آ سَتائڻ جـــي لـئـہ،
غريبـن جـــي پورهئـي ڦـبـائـڻ جي لـئـہ!

”خـــدا آهي عـــادِل عَـــدّل ٿـــو ڪـــري!“
ٻڌائيـن ٻيـن کـي ٿـا واڪـــــا ڪـــري،
جـو لـوچـي ۽ لـوڙي سـو ٿـي ٻُـک مــري،
۽ بيـڪـارَ بدمـعـاش موجُون ڪــري____
خـدا آهـي راضـي؟ اِهــو آ نــظـــام!
تـہ جُڳائي ٿـو هـاڻـي سَيـن کـي سـلام!

هـــيءَ آقــا ۽ مـالـڪ مـون جـانـچـي ڏٺـا،
سَــراپــا سَــچــائــي مـون جـانـچـي ڏٺـا،
مَـڪَـــرَ رِيـاء تـن جـا مـون جـانـچـي ڏٺـا،
ڪَـدُورتَ ۽ ڪِينـا مـون جـانـچـي ڏٺـا____
لِڪي ڪين سگهندا، لِڪڻ جي نہ ڪن،
پَڃي ڪين سگهند، پَڃڻ جي نـہ ڪن!

اُٿـــي ڏس تـہ اُڀــرڻ ڪــــي آ آفـتـــابَ،
حقـيـقـت تـان کُـلـنـدا وڃـن ٿـــا حِجـــابَ،
اَڀـوجـهـــن ۾ آيـو آهــــي اِنـــقـــــلابَ،
اِجهـو هـارَ وَٺـنـدا هُـو هِـڪـدم حسابَ____
اسـان کي آ رَهڻـو تـہ رَهــنــدا نـہ هُـو
اسـان کي آ جِيئڻـو تـہ جِـيـئَـنـدا نـہ هُـو.

اَچڻ وارو اِهڙو آ هِيئنر نــــظــــــــــامَ،
نـہ مـخـدوم، نـہ خـادم، نـہ آقـا غـــــــلامَ،
پِرتَ جـا پَلئـہ پَـونـدا اِهڙا پَـيــــــــــامَ،
نــہ هِـنـدو نـہ مـومـن، نـہ مُشـرڪ مـدامَ____
دُورنـگـيءَ جـا دسـتـور ويـنـدا هـجـي،
ڪـدورت جـــا قـانـون ويـنـدا کَـجـي!

❊❊❊

# امداد آمريڪا

ڏِسَ تہ تَنگي ناچَ وارا، ڪيئن اَچن پيا نازَ مان،
سامراجي سازشن، ٿيندا ختم زَرين اَصولَ!

ڇا ڇَڏيو پنهنجن، جو ڏيون مهمان جي خدمت ڪَٽي،
عزت ۽ عصمت اَڳئي لُٽجي ويا، ڪوڏين جي مُولَ!

نااُميدي موت آهي، زندگي آهي اُميد،
امتحان آهي اچڻ تي، ڪِينَ ٿِي ساٿي مَلُولَ!

خونُ انسان سان سدائين لعل لب جن جا رَهن،
تن درندن جي دِلاسي تي لَڳڻ آهي فضولَ!

'ڪوريا' اِمداد مان ڏاڍِي ڀَئي دنيا ڏٺو
هاڻي باقي 'پاڪَ' تي ٿِيڻي آ نعمت نزولَ!

سِنڌُ جي ساٿين اڳيان، منهنجي اِهائي اِلتجا،
شال هيءَ خيالُ پريشان، ڳن عقيدت جو قبولَ!

_1954ع

## نوجوان، نوجوان!

سجاڳ تي ڪر نظر، راهہ تنهنجي پر خطر،
تون اڃا بيخبر، نوجوان! نوجوان!

آسمان جو رنگ ڏس، ڪائنات تنگ ڏس،
زندگيءَ سان جنگ ڏس، نوجوان! نوجوان!

فضا تي شعلہ بار آ، سين تي وارو وار آ،
اڃا بہ انتظار آ، نوجوان! نوجوان!

بيخبر آ عوام، ’جيءَ حضور‘ صبح شام،
زندگي اها غلام، نوجوان نوجوان!

چمن جو تو کي واسطو گلن جو تو کي واسطو
۽ تنهنجو تو کي واسطو نوجوان! نوجوان!

اُتر جي هيءَ وير آ، اڃا نہ تي اوير آ،
تو سواءِ ڀيو ڪير آ؟، نوجوان! نوجوان!

اُتي ڪو ڪر مقابلو آ سخت گير معاملو
آڻ ڪوئي زلزلو نوجوان! نوجوان!

فضا جيئن سازگار ٿئي، زبان بہ پائيدار ٿئي،
وقار برقرار ٿئي، نوجوان! نوجوان!

# ماٺ ۾ مرد نہ مرڻو آ

"مُئي پُڄاڻان نہ ڳجان، خَتما، ڏَھا، چاليھُہ،
مرد سَندي عمر جو ڪاٿو ناھي ھيءُ!"

مجاھد دير نہ ڪر، ھِيءَ ڪوٽ آسان کي ڳنڍو آ،
مرنداسين تہ بہ لَڙنداسين، ھر ڊوھہ نيت تہ ڊَھڻو آ!
مرد مجاھد دير نہ ڪر!

لوچين، لوڙين، رت ولوڙين، ٻُک مرين تہ بہ تون،
ٻُک ڪيو بيحال سين کي، ٻُک کي لوڏي لَڙڻو آ!
مرد مجاھد دير نہ ڪر!

ھيڏا ھاڃا سر تي سھندي، ڪيئن ماٺ رھين ٿو تون؟
ماٺ اِنھيءَ ۾ ڪيئي مري ويا، ماٺ ۾ مرد نہ مرڻو آ!
مرد مجاھد دير نہ ڪر!

مڪڙي پنھنجي کي، مرد اُٿي ڪر، موج حوالي تون،
ساھہ جو سانگو لاھج ساٿي، تارَ اِنھيءَ ۾ ترڻو آ!
مرد مجاھد دير نہ ڪر!

ساٿي سَويرو پارَ پُڄي ويا، ناحق ننڊ ۾ تون،
ھُو جي وچن پيا راھہ جنھين، راھہ انھيءَ تي رِڙھڻو آ!
مرد مجاھد دير نہ ڪر!

# اڄ اگر نامهربان

اڄ اگر نامهربان هيءَ ميرُ سامان آ ته ڇا؟
ڪيڏ، تون اي نوعِ انسان، پل سياهه راتين سان ڪيڏ!

اڄ اگر تون ظلمتن ۾ پير گڙولن سان ته ڇا؟
تا سُيان جي رونقن جا ڀڪندڙ نڪرن جلوس!

اڄ اگر انسان جو گهر، برباد ۽ ويران آ ته ڇا؟
چاڻ جلويگر ٿيو دنيا تي خالص آدمي!

اڄ جي ڪافر آن ته ڇا، ۽ مسلمان آن ته ڇا؟
ڦڙڪندو ڏسبو سُيان قومن جي وحدت جو جهنڊو.

اڄ جي انسان منڪرُ توحيد انسان آ ته ڇا؟
ٿيندي هيرَن مهانگي، پنهنجي رت جي بُوند بُوند!

اڄ جي پنهنجو خون پاڻيءَ کان به ارزان آ ته ڇا؟
دوستن جي هٿن ۾ هُوندي، واڳ محفل جي سُيان!

آسمان جي زمين تي اڄ شعلي افشان آ ته ڇا؟
آ لَتاڙڻ واري عرش کي هيءَ سُونهاري زمين!

('جوش' جي شعر جو ترجمو)

# اَللهَ جو آ ايءَ مچڻ

پست ٿي ويا حوصلا، ننڊ ۾ آهن ضمير،
جاڳ ساميءَ جا پُجاري، اُٿ پٺائيءَ جا فقير!

اسلاف سان آ دشمني!
اسلام سان آ دشمني!
قرآن سان آ دشمني!
اَللهُ سان آ دشمني!
جيڪي چوين، سو پل تون چئو،
جيڪي چوين، سو پل تون چئو!

بي پير پل مون کي تون چئو
مشرڪ ڀ پل مون کي تون چئو
ڪافر پل مون کي تون چئو
مرتد ڀ پل مون کي تون چئو!
جيڪي چوين، سو پل تون چئو،
جيڪي چوين، سو پل تون چئو!

اَللهُ جو آ ايءَ مچڻ،
ڏوهہ آهي سچ چوڻ،
پورهيت کي نہ پورهيو ملڻ،
جُرم آ محبت ڪرڻ
سَئو وار پوءِ ڪافر آن مان،
لَکَ وار پوءِ ڪافر آن مان!

اَللهُ جو توکي قسم،
سَئو وار ڪر مون تي ستم،
هڏ ماس کان ڪر ڌار چم،

پل ناس تئي منهنجو جسم ___
هيءَ رت نہ ويندو رائيگان،
پر سُرخ ٿيندو هيءَ جهان!

اَللهُ جا قائل بندا،
تو ڏس قهر ڪيڏا ڪيا،
پُٽ پيءُ کان آهي جُدا،
انسان ٿي ويو بيحيا ___
سڀ ملامت تو مٿي،
زردار هُوندين تون جٽي!

ڏينهن رات ڏس پنهنجا ستم،
آهيُ ذرا تو ۾ مرم؟
اَللهُ سان تنهنجو ڇا ڪم،
توکي تہ آ دولت جو غم ___
جاتي بہ تنهنجو پير آ،
پورهيت سان تنهنجو وير آ!

اڄ اگر تون ڪَٽَ نشين،
پَٽَ پير تو ڪاٽي رکين،
پر ڳالهہ ٻُڌ ۽ ڪر يقين،
بَدلِي اِجها ساري زمين ___
جاڳي اُٿيا آهن غريب،
تنهنجي قيامت آهي قريب!

# ٿهر جا ڪيڏا ڪانَ ٿا ڪڙڪن ـــــ

ٿهر جا ڪيڏا ڪانَ ٿا ڪڙڪن، ديس جي ڌرتيءَ تي ـــــ
سِنڌُ ديس جي ڌرتيءَ تي.

وَر وَر واڳُون وات وجهن، ديس جي ڌرتيءَ تي ـــــ
سِنڌُ ديس جي ڌرتيءَ تي.

ڪنهن ڪي ڌوتي ڌوهَه ڌين، ديس جي ڌرتيءَ تي ـــــ
سِنڌُ ديس جي ڌرتيءَ تي.

سانگيئڙا سَئو سُور سهن، ديس جي ڌرتيءَ تي ـــــ
سِنڌُ ديس جي ڌرتيءَ تي.

ڪيئي ڪُونڌر روز ڪُسن، ديس جي ڌرتيءَ تي ـــــ
سِنڌُ ديس جي ڌرتيءَ تي.

# مون تولئه
# پورهيت چانه ڏنو

ڌرتي ۽ آڪاش ۾ پيهي،
بحر بلائن جي ته ۾ ويهي،
ڳُجهه ڳُجهاندر راز ڏنو
مون تو لئه پورهيت ڇا نه ڏنو؟
مون تنهنجي صدقي سڀ ڪي ڏنو.

پنهنجي دل ڪي آڳ لڳائي،
تنهنجي من ۾ جوت جاڳائي،
بيجل جو سُر ساز ڏنو
مون تو لئه پورهيت ڇا نه ڏنو؟
مون تنهنجي صدقي سڀ ڪي ڏنو.

زَهر جو پيالو آڻي چپن تي،
رَکي ڪفن کي پنهنجي ڪلهن تي،
سُوليءَ تي سر ساهه ڏنو
مون تو لئه پورهيت ڇا نه ڏنو؟
مون تنهنجي صدقي سڀ ڪي ڏنو.

## بيت

## جاچي ڏنيسين چال و چلن ـــ

محبت جي هر منزل تي، پنهنجا پراوا پَرکياسين،
بسمل جيان دل تڙپي تي، ويا جي جلائي منهنجو من،
هاڻ نہ ڪائي خواهش آ، ۽ نہ رهيو آ ڪوئي غم.
پاڻ بنياسين بيگانا، جانچي ڏنيسين چال ۽ چلن!

## دنيا جا هئا جيڪي صنم ـــ

دنيا جا هئا جيڪي صنم،
پُوڄي وري پُوڄي ڏنم،
حاصل ڪنهن مان ڪين ٿيم،
مجبور ٿي پوءِ مُنهَن مٿيم.
ڪٿ پيلا پوءِ ٻئي اڳيان ٿي ڪندڙ نِوائي زندگي،
لاچار ٿي انسان جي لازم ڪئي مون بندگي.

*

انسان سان لَنئون لائي ڏنم،
پر پيچ هي پائي ڏنم،
لَنئون لَنئون اندر لائي ڏنم،
سِر ساهَہ آڙائي ڏنم.
جنهن ڏينهن کان هيءَ لَنئون لڳم،
مسجد مَڙهيُون ساريون ڇڏيم.

ـ سال: 1961ع

ڪنهن کي ووڙين پنهنجي من ۾، ڪهڙي تنهنجي آس،
هاڻ تہ مُورک اچٽي ناهي، دنيا توسين راس.

اسان ڏنو يا نہ ڏنو راهہ وفا ۾ سڀ ڪي ڏنو
اهو نہ باقي آ بچيو جو پنتي ڪوئي ناز ڪري.

سِنڌُ سموري سُونهَن وڃائي، هاڻ تہ رُئندين تون بہ لطيف،
تنهنجي بيتن ۾ وايُن ڪي، جَلندي رَک جو ڍير ڏٺم!

آهہ پهريان نارسا هُئي، اج ڪتي رُڪجي نہ ٿي،
ڪنهن ٿُلهي ٿُوتانِ وٽ، منهنجي جبين جهڪجي نہ ٿي!

ڪنهن جي تباهيءَ جو غم ڪنهن کي،
ڪنهن جي پيار جي قيمت ڇا،
ڏائڻ دنياداريءَ ۾، آ دل وارن جي عزت ڇا!

تنهنجي دنيا رنگبرنگي، تنهنجو جيون آهي بهار،
منهنجي دنيا؟ ڇڏ ڙي نادان، آهي ڪرڻ جي هيءَ ڪا ڳالهہ!

آيا هتي لکين، ويا خالي هتين هليا،
پر خوشنصيب سي، جي ويا داغ دل ڪٺي.

منظور آهي مُرڪندي، پيئنداسين پيالو،
پل زندگي لئہ زهر جو ڪهڙو بہ پلئہ پيو.

پنهنجي پل جي هن جيون سان،
آءُ تہ ڪو انصاف ڪريون،
آءُ تہ ڪو انصاف ڪريون!

بہ ايڪڙ زمين جا، پوکَڻ لئي ڏيئي،
لِکندي تو ڪرين، ڇوڪري منهنجي کي اِشارو.

محنت تہ وِڪي ويندي آ، عزت نہ ٿي وِڪجي،
بُک ننگ جي ماريئي، هڪ هاري پُڪاريو.
_ 1952.

هِت هزارين حاذقن، دعوا تہ ڪئي ڪيڏي اچي،
پوءِ بہ ڏس انسان اُهو برباد ۽ ويران آ اجا.
چاڪ جيسين نہ ٿيو آ، پردهء ماضي حجاب،
زندگي انسان لئي تيسين، رَهندي مسلسل عذاب!
_1954.

رهزنن کي تخت شاهي، ظالمن کي تخت گاه،
تنهنجي مشيت ۾ اهائي وندبر آهي يا اَللهُ؟
ابن آدم هاڻ اهڙو ٿيو اچي آ بي حجاب،
عرض آهي يا الاَهي، جيئن نہ پهچي بارگاه!
_1954ع

او جيجل سِنڌڙي منهنجا وطن،
تو جيئن نہ اُجڙي ڪنهن جو چمن،
گل پوٽا هينئن نہ ناس ٿين،
۽ مالهي ڪنهن جا رت رُئن!

ڪا گُذري آ، ڪا گُذري ويندي،
ياد سين جي دل ني رَهندي،
مُئي پُجاڻان سي کي سَرندي،
جا بہ پلائي جنهن ڪئي هوندي!
_09.03.1998

آد جُگاد کان نيت هيءَ نياري،
سچ سان ڪنهن آ نباهي ياري،

چانديءَ جي چند سڪن خاطر،
عيسيٰ جي تي سولي سواري!

سچ سُوليءَ کي سُونهَن ڏئي تو
سُولي سچ جو زيب!
هر ڪو عيسيٰ ڪٺي ڪلهن تي،
پنهنجو پاڻ صليب!

# سر ڏيئي
# سويون ڪٽڻ وارا

سر ڏيئي سويُون ڪَٽڻ وارا،
وري جاڳي اُٿيا!
ٻَر ڪري ٻالا هٽڻ وارا،
وري جاڳي اُٿيا!
وقت تي وڃي مَرڻ وارا،
وري جاڳي اُٿيا!
هيءَ ڏُکن جا ڏينهن ٽورا،
وري جاڳي اُٿيا!
سِنڌڙي تو کي سلام!
وري جاڳي اُٿيا!
ڪين گهوڙها ڳاڙ جيجل،
وري جاڳي اُٿيا!
تنهنجو جاڳيو آ عوام!

_ ”ساٿيهه“ پرچو_5، 1967ع.
_ ڪتاب: ”قومي گيت“: 1970ع.

## اياز ڏانهن

ڪٽڻ واريون ٿي تہ ڪتينديون،
سوچي ڏس تون سوڍل يار!

سڏڙيون ڇا لئہ آڻ ايندیون،
ڳالهيون ڳاهي واٽ تان وينديون،
وري نہ لَهنديون ساٿين سار
سوچي ڏس تون سوڍل يار!

آڻ ان تي ايندیون سي ئي،
پئو ۾ پولا لاهي جي ئي،
سيني جن جي زخم هزار
سوچي ڏس تون سوڍل يار!

ايندیون ايندیون ڳڏندي ايندیون،
سِرڙو آڏيءَ تي ڪِلنندي ڏينديون،
ڌَهندا ڌوهہ جا ڪوٽ هزار
سوچي ڏس تون سوڍل يار!

# سِنڌُ جي ڪويءَ ڏانهن

اُٺ او مگڻا! تنهنجي اُٺڻ جي آهي هيءَ مهل!
آهي هيءَ مهل!

چارڻ، تنهنجي چنگ جون لاتيون، محلن منجهه پُرن،
پيار جون وايُون سُرت جا نغما، ٻوڙا ڪين ٻُجهن،
حيرت جن جو حال وڃايو ڪر ڪا تن تي ڪهل!
اُٺ او مگڻا! تنهنجي اُٺڻ جي آهي هيءَ مهل!
آهي هيءَ مهل!

ڪين ڪو سمجهي سِنڌڙيءَ ۾ هيءَ ٻيجل تنهجا ٻول،
ڇڏ هِي رمزون، ڇڏ هِي اشارا، ٻُڌوَرن جي ست ڪول،
دردوندا رڳو درد ئي ڄاڻن، ٻيو نه انهن کي ڪل!
اُٺ او مگڻا تنهنجي اُٺڻ جي آهي هيءَ مهل!
آهي هيءَ مهل!

آءَ تون ٻيجل ٻيهر سِنڌُ ۾، ساڳي سئن هٽي،
اڄ تہ تنهنجي ساز سان پربي، جاجڪ جهول گهٽي،
ڪوي ڏني مون تنهنجي ڪلّا ۾، ڏاڍي ڏات اَجهل!
اُٺ او مگڻا! تنهنجي اُٺڻ جي آهي هيءَ مهل!
آهي هيءَ مهل!

## هڻ جي وساريو، تون نه وسار

هڻ جي وساريو تون مَ وسار
ياد ڪندين چا قول قرار!

آئون تہ وساريان، دل جي وساري،
گهايل خوش تي ڪيئن گُذاري،
ورهہ جا دل تي وارو وار!
ياد ڪندين چا قول قرار!

ياد پئون تيئون قرب ڪهاڻيون،
محبت واريون ريجهہ رهاڻيون،
برهہ جا دل تي بارو بار!
ياد ڪندين چا قول قرار!

اکڙيون لائي ڪيئن تيون اٽڪن،
وس ڪان ٻيئوس ٻنجي پٽڪن،
ڳوڙها ڳلن تان لارون لار!
ياد ڪنديـن چا قول قرار!

مُحبت اوکِي راند آجائِي،
گُذري ڪنهن جي آهہ سجائي!
رُئندا ويا سڀ زارو زار!
ياد ڪندين چا قول قرار!

هاڻي حياتي ڏينهن آڏائي،
آهي پري ڪي پرجي آئي،
چاڙ وسڙ جا تيا وسڪار!
ياد ڪندين چا قول قرار!

_"مهراڻ" سرءِ، 1955ع.

# آوازُ سِنڌُ

اڄ بہ جي آسمان،
منهنجي ماضي داستان،
ڪي لِکل ڪي عَيان،
سربسر ٿينِ بيان؛
هُوند هينئَنءَ بي زبان،
ڪيئنءَ ڪرين تون آسمان!

منهنجي سيني جي مٿان،
ڪيئِي قطب ۽ بزرگان،
صوفي صافي رازدان،
جن جي سڏجان ٿي امان،
سي ڪيئن سُمهندا صبر سان،
جو تون ڪَونسين آسمان!

منهنجي بطن پاڪ مان،
هن سنجيدي خاڪ مان،
ڪيئي هزارين پهلوان،
جنگجو جَري جوان،
اَڄ بہ زنده جاودان؛
هوش ڪر ڙي آسمان!

چچ ڏاهر ڏهہ رسان،
ڪيئي دودا دريا خان،
هو شور هوشو جوان،
باگو بلاول نيڪ نان،
نسل جن جو جاودان،
چو ڦِٽي ٿئي آسمان!

ٻُڌ زمين جو بيان،
ظلم تنهنجي جو زيان،
ٿي اڄ ڇُلي پوان،
اڄ ٿي اُٿي چوان،
ديس سَجوئي "الاامان"؛
بند ڪر اها زبان!

ڏيهہَ پنهنجو ٿي ڏسان،
ڪيئي ڳڀرو ۽ جوان،
نيڻ جن جا ٿهر مان،
زندگيءَ جي زهر ڪان،
بي اَمان ٿي پسان،
ڪيئن اڃا اهو سَهان؟

سَنڌ سَنڌ ٿي سَڙان،
هَنڌ هَنڌ ٿي جَلان،
ڪنهن پر هي سَليان،
نيڻ جهنم جي اُٿان،
چاڻ ڊهين ڙي آسمان!

❊❊❊

## اڃا ڪجهہ رات باقي آ___

دلين جا داغ چمڪاءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ،
غمِ منزل ڪي وندراءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

جي تنهنجي رهبريءَ جو راز فاش ٿي پيو تہ بہ ڇا،
اڃا ڪجهہ پيو بہ پنيلاءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

اسان کي پي آڏسٽو حوصلو اڄ شوقِ منزل جو،
هجي ممڪن تہ پتڪاءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

پرهہ پاٽيهي ڪندي لِيڙون، هرهڪ ظلمت جي پڙدي کي،
مگر تون هينئن نہ شرماءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

پِرهہ پاٽهي ڪندي ليڙون، هرهڪ ظلمت جي پڙدي کي،
مگر تون هينئن نہ شرماءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

ڏنل اوندهہ کان گهبرايل، مسافر ڪو نہ ڪو ايندو،
ذرا ذلفن کي سُلجهاءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

هُجي واعدي وفائي کان، بچڻ جي ڪا تہ ڪا صورت،
ڪَٽي واعدي کان لَهراءِ، اَڃا ڪجهہ رات باقي آ!

نگاهہ حرص کان تنهنجي، بچيا جي گُل گُلستان جا،
ٻين کان ئي تون پَٽراءِ، اڃا ڪجهہ رات باقي آ!

# ڪنترول جي ياد ___

جاڳو غريبو جاڳو!
ڪـــال ڦهر جو آيـــــو آ، ڏونگين ڏونگ مـچايـو آ.

جاڳو غريبو جاڳو!
ننڊ سين ڪي ويندي نهوڙي، وقت اُٿڻ جو آيو آ.

جاڳو غريبو جاڳو!
سِنڌُ سينِ جا پيٽ تي پاليا، اڄ پنهنجن ڪين پُورائو آ.

جاڳو غريبو جاڳو!
سيرَ ملي ٿو ڏينهن ستنِ لئہ، تنهن ۾ بہ پاءُ پَرائو آ.

جاڳو غريبو جاڳو!
وات تي آٽي ڪيئن نہ واريان، ٻچڙن روڄ مچايو آ.

جاڳو غريبو جاڳو!
پوڪيُون اُپايون پوءِ بہ واجهايون، ڪهڙو راز سمايو آ.

1951ع.

# زلزلا ايندا زمين کي____

مُلڪ تي آئي مصيبت، ڪل اٿئي ڪا نوجوان!
سِنڌُڙيءَ جي سات جا قيدي ٿيا ڇو پاسبان!

ڏوھ ڪھڙي ۾ آھن، سات ڪان ساٿي ڇِنا،
سِنڌ ڪڏھن ڪانہ گڏبي ون يونٽ پنجاب سان!

زر زمين وِڪبا ڏنا سين، قوم ڪا وڪرو ٻہ تي؟
’سِنڌ جي سوداگرن‘ جو پھرين ونٺو آ بيان!

ديس جي عزت ۽ غيرت ھاڻ وڪجڻ کي قريب،
ھن جيئڻ کان موت بھتر، جي رَھُون بي خانُ مانُ!

’پُٽ وڏي وڻ ٿئين، من مُرادون مون پُڄن!‘
مون ڏني آ لولي جنھن ۾، سا وڃڻ کي آ زبان!

سسئي، سُھڻي، مارئي، مُومل ۽ نوريءَ جا ذڪر،
منھنجي ئي ٻوليءَ ۾ ڳايا، ھئا ڀِٽائي داستان!

ٻُڌ! سيد جون صدائون، سِنڌُ شل سائِي رَھي،
اڄ اھا اُجڙڻ کي آھي، ننڊ ڇڏ اي نوجوان!

آھي مرڻو ڏينھن ھڪڙي، ڇو نہ مارگ ۾ مَرون،
جيئن چون پويان: ”ڪُنا ڪوندر ڪُڏندي سِنڌُ متان!‘

سِنڌُ جا دودا، دريا خان، ڄاڻ ويا مانجھي مِڙي،
زلزلا ايندا زمين کي سُرخ ٿيندو ھيءَ جھان!

## ون يونٽ ___

هڪ مسلسل درد ۾ ورتجي وئي آ ڪائنات،
سِنڌڙيءَ جي سُونهَن جو اڄ لُٽجي ويو آ ماهتاب!
ڪر نظر جيڏانهن ڪَٽي، سڀ پريشان دربدر،
موت جو ڇڻ ديوتا، ڇائنجي ويو آ سربسر!
سڀ دليُون ٽڪرا ٽيل، ۽ اُميدون پائمال،
نيڻ هر هڪ مان نهاري، ڇڻ ٿو جهنم جو جلال!
روز گَنجي سر جتي انصاف جو ايمان جو
تنهن ڪان وَڏ واپار ٿئي حضرت انسان جو!
ڇَئوڙي ساٿي، ڪيئن نہ گنبدي، راهہ ويندي زندگي،
هر قدم تي جت هلي فرمان ڪنهن شيطان جو!

## يونٽ نظام ___

ڪير آهي جو ڇَوي ٿو: هڪ هُجي يونٽ نظام!
ڪير آهي جو بَڪي ٿو: هن طرح ٿي بي لغام!
اَي هَنيلا هوڏ ڇَڏ، بَدزباني بند ڪر!
ان دَغا دولاب کي جاڻي چُڪو آهي عوام!

_"سچ ڊائجسٽ"، _جنوري، 1968ع.

## سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟ ـــــ

عجب تو اچي حال تنهنجي تي يار،
ڪمائين نه پئسو ڪَپائين هزار!

”چارَ ڏينهن ڪُهَنبي جو چٽڪو،
۽ دنيا بيڙيءَ جو پُور،
مال دولت گڏ ڪرڻ جو ناهي،
انسان کي ضرور،
دل لڳائي جن دنيا سان،
سي خدا کان ڪوهين ڏور ـــــ
پاڪبازن جو هي پيشو!“ سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر، سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟

”جن ڪيون هِت حاڪماڻيُون،
سي سُيان هُوندا عذاب،
ظالمن ۽ رَهزنن لاءِ،
ڏس الاَهي آ عتاب،
ڪين تي مايوس مومن،
تو پَلئه پوندو حساب ـــــ
پل پيا هِت پيلَ ڪن!“، سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر، سوچ ڏس ڇا جيڪري؟

”صبر ڪر، سَهندو ئي رَهه،
جيڪا رضا رب کي وڻي،
تنهنجي پورهئي ۾ تڏهين،
پوندِي اچي برڪت گهڻي،
ڪاتبُ تقدير کي،
وِرچ هيءَ آهي وڻي

ٻُڪ مرِين پل پيو مرِين!“. سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟

ڏس بقاءِ زندگيءَ جو
آ ڪَنيو دنيا علم،
مرض معمولي،
مخالف ٿِي رهي آهي مهم،
تنهن سان گڏ ڊالر ڪروڙين.
خرچ ڪن ٿا هڪڙي بم ــــ
نسلُ انسان ناس ٿئي، سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟

پُٽ پيءُ کان آهي پَري،
ڀائر نہ ڀائرن سان نهنِ،
ڌيءَ ماءُ جِي آهي مخالف،
روز جهيڙا ٿا ٿين،
ڳالهہ معمولي مٿي،
ويران ويڙها ٿا رهن ــــ
تيل بدلي رت ٻري، سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟

2

ڇو آڄا خاموش آهين،
ڪجهہ تہ ڇَئو اي همنشين!
لوچين لوڙين پوءِ بہ آهين،
تون سدائين پٽ نشين!
ڳَڪ ڪَٽِي ٻِيٺون نہ جن ڪيو
سي سدائين ڪَٽ نشين ــــ
آ اِهو اسرار ڪهڙو! سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟
آهي انسان دربدر سوچ ڏس ڇا جي ڪري؟

# ابتدائي غزل: 1942

ڇا ٻُڌي دنيا ڪندي، منهنجا مِٺا توکان سواءِ،
مون ’مسافر‘ بيوطن جي درد دل جو داستان.

ٻُڌ تہ توکي مان ٻُڌايان، جي خدا لڳ تون ٻُڌين،
۽ ٿئي مقبول منهنجي آرزوءِ دل جو بيان.

تنهنجي الفت کان اڳي هيءَ باغِ دل سرسبز هو
اڄ لڳي جهولي سُڪايو، ڪاش قسمت کي ڇوان.

دل جي مُکڙي هئي هميشہ مست پنهنجي موج ۾،
وئي سڄي ساري سڙي آئي جڏهن بادِ خزان.

مهہ جبين هئا ملڪ ۾ جي تير و خنجر ٿي گهميا،
ڪنهن بہ ٻُلجي نہ ڪيو ظالم! منهنجي دل جو زيان.

تِيرُ اَبرُو جا هزارين، گهوٽ تي گهايل ڏٺم،
دل جي دردن جا پڙهيا ٿي، دائي جن جا داستان.

ڏيهہ کي ڏيندي مَتيون، ڪيئن قيد قابُو ٿي ويس،
دل سنياليندي مِٺا مان، دل لُٽائي، ڪنهن ڇَوان.

انتظاري، بيقراري، آه وزاري راتَ ڏينهن،
پيا پَلئہ منهنجي اڇي، واپار هاٽي هي ڪريان.

ننڊ نيٽن وئي نِهوڙي، ڪيو اوجاڳن آ اير،
ساهہ بيٺو آ چپن تي، دم نہ ٿو نڪري اڇا.
1942ع.

# عورت

اج تہ هيءَ خاموش تنهنجي،
زندگِي ڪجهہ پڻ نہ آ،
تنهنجي هَستِي عيش وعشرت،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پڻ نہ آ!

آه! هيءَ شرمندگيءَ جِي،
زندگِي انسان لئہ،
هيءَ مگر جادوءِ تمدن،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پڻ نہ آ!

پنهنجي هن محراب پرُون،
۽ چپن کان پُڇ ڪَٽِي،
تن ڪجهہ چُمين جِي گرمي،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پڻ نہ آ!

وار هيءَ خمدار تنهنجا،
مُنهَن تي ڏس نازڪ نشان،
رنگ جي بيڪار سامان،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پڻ نہ آ!

هِي چپن جو رنگ،
۽ مُنهَن تي هِي سينگار سُرخي،
عشق جِي نظرن کي دعوت،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پڻ نہ آ!

تنهنجي عُضون جِي نزاڪت،
تنهنجي پهلوءَ جِي بهار،

مرد جي بستر جِي زينت،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

مان ته چَوندس، ’هِي محبت،
زندگيءَ جو درد آ‘،
تون چَوين ٿِي، ’هِن محبت کان سِواءِ،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

تنهنجي زندگيءَ جو
هر پهلوءَ ڏنم ۾ سوچيم:
’تنهنجي هِي دنيا نزاڪت،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

مرد جِي جادوگريءَ جو
آ اثر توتي گهڻو،
جسم تنهنجو گهر جِي چيزن،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

آهين رانديڪو خوشيءَ جو
ساز هِن دنيا ۾ تون،
چڻ ته ڪو سامانُ لذت،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

جيسيتائين پاڻ ٿوڙيندينءَ نه تون،
طلسم جو رنگ،
تنهنجي قيمت ڏس ته عورت،
کان سِواءِ ڪجھ پِڻ نه آ!

1943ع

## گيت

آءُ او ساجن، ساجن آءُ،
موٽ مسافر، موٽي آءُ.
مُندون موٽيون رُت اُهائي،
ياد آ تنهنجي آئي آئي،
گهوريو وڇوڙي جو تو رِيءَ واءُ.

آءُ او ساجن، ساجن آءُ،
موٽ مسافر، موٽي آءُ.
کيت کِڙِي ويا، سَرنهَن ڦُولاري،
گُلڙن لاتي آ گُلزاري،
توبن ناهي ساهَ کي ساءُ.

آءُ او ساجن، ساجن آءُ،
موٽ مسافر موٽي آءُ.
آئون جا اَڱيڙِي آهيان نماڻي،
ويتر توکئي آهيان ويڳاڻي،
لالن لهه ڪا سُڌَ سَماءُ.

آءُ او ساجن، ساجن آءُ،
موٽ مسافر موٽي آءُ.
جيڏيون سرتيُون مون تي کِلن ٿِيون،
مَهَڻا مُنهَن تي هر هر ڏين ٿيون،
توئي رُسايو پنهنجو راءُ.

# سِنڌُڙيءَ جي
# هيءَ ڌرتي ساري

سِنڌُڙيءَ جي هيءَ ڌرتي ساري،
نُور کان وَڌ ۾ ساهَہ کان پياري،
ڪنهن زماني پنهنجي هئي___

پوءِ ڪنين بدنيت ماڻهن،
پاڻ اَبوجهَن اَڻجاڻن کان،
مڪر سان ۾ ڏاڍ جي رَستي،
ڦورُن وَرتي ڦُري ساري___

پوءِ هيءَ ڦورُو پاڙي دشمن،
اسان سِين جي ٻچن گُذر
اَنّ ـ ـا داڻا، ماني ڳيو
پاڻ سِين کان زورِي ريڙهي،
پنهنجين گندين پليُن سانديو.
پوءِ هيءَ ڦورُو پاڙي دشمن،
ڏينهن ٻـ تن ۾ ڏسندي، ڏسندي،
هَٺ وَڏائي، ڦُوند ۾ يَرجي،
مُڇ مَروڙي، ٻانهَن کي لوڏي،
اَڇا ڪپڙا، ڪُلا پَهَري،
'چوڌري' چَوايا، 'خان' سڏايا.

_سيپٽمبر: 1970ع

# عورت

اج تہ هيءَ خاموش تنهنجي،
زندگِي ڪجهہ پِي نہ آ،
تنهنجي هَستِي عيش وعشرت،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پِي نہ آ!

آه! هيءَ شرمندگيءَ جِي،
زندگِي انسان لئہ،
هيءَ مگر جادوءَ تمدن،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پِي نہ آ!

پنهنجي هن محراب پِرُون،
۽ چپن ڪان پُڇ ڪَٽي،
تن ڪجهہ چُمين جِي گرمي،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پِي نہ آ!

وار هيءَ خمدار تنهنجا،
مُنهَن تي ڏس نازڪ نشان،
رنگ جي بيڪار سامان،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پِي نہ آ!

هِي چپن جو رنگ،
۽ مُنهَن تي هِي سينگار سُرخي،
عشق جِي نظرن کي دعوت،
ڪان سِواءِ ڪجهہ پِي نہ آ!

تنهنجي عُضون جِي نزاڪت،
تنهنجي پهلوءَ جِي بهار،

## آءُ پرين پيارا

آءُ پرين پيارا،
تو بن نيڻ اَسارا!

جيون جي هن جاندهَ ۾،
ناهن ڪي بہ سَهارا!

موتي آيس، موتي آيس،
جانِب جيءَ جيارا!

آئون وساريان پر جي وسرن،
منهنجا پورهيت پيارا!

ساهَہ ڏئي ويساهہ وتوسين،
باقي دم اُڌارا!
آءُ پرين پيارا،
تو بن نيڻ اسارا!

## جيئڻ ڏٺيو آ جاڙ

جيئڻ ڏٺيو آ جاڙ اسان لئہ، آءُ ڙي موت تون آءُ!
هينئن حياتي هاڻ نہ گهرجي، آءُ ڙي موت تون آءُ!
اسان نہ ڄاتو پنهنجائپ ۾، تيندي هيڏي ڪيڏ،
تختا ويندا سارا نڪري، ويرِي ڏٺبو پاءُ!

ڪنهن سان دل جو حال هيءَ اوريون،
ڪنهن سان ڪجي هيءَ ڳالهہ سچي.
جنهن ڏينهن لوپين پير هو پاتو
ناهہ نڳيءَ جا ناهي اڃي.

اسين هئاسون سادا سودا،
آيا گهر ۾ ياءَ بڻي.
ڏسندي ڏسندي سُڄ تي ساري،
اَڃهو تَڏو سي ويا تہ ڪَٽي.

ڪيئن وِڪاٽي هاءِ نماڻي،
سِنڌڙي تي نيلام الا.
آهي شرافت مرم جي ماري،
لُچپائي تي عام الا!

سِنڌڙي جائي، سُورن آئي،
در در تي هن ڏاڍ سَٺا،
ڏُک جي ڏاري، مرم جي ماري،
گهڙي گهڙي تي گهاوَ سَٺا!

سِنڌڙي آهي ساهَه کان پياري،
سِنڌڙيءَ جو سوڳ سنڌ الا!
آهي ڪوئي پُڇي ته ڪانئس،
تنهنجو ڪَپيو ڪنهن ڪنڌ الا!

سِنڌڙيءَ سان ڪنهن دوهَه نه ڪيو هو
ناٿُون پنهنجو پاڻ وِڪي،
”ڪولُوءَ“ جي ڏس اِتڪل حرفت،
ڳالهه ڪري ٿو ڪيئن ته لِڪي!

فيبروري: 1970ع.

# سِنڌُڙيءَ جي
# هيءَ ڌرتي ساري

سِنڌُڙيءَ جي هيءَ ڌرتي ساري،
نُور کان وَڌ ۽ ساهَہ کان پياري،
ڪنهن زماني پنهنجي هئي ــــ

پوءِ ڪنين بدنيت ماڻهن،
پاڻ اَبوجهَن اَڻ ڄاڻن کان،
مڪر سان ۽ ڏاڍ جي رَستي،
ڦورُن وَرتي ڦُري ساري ــــ

پوءِ هيءَ ڦورُو پاڙي دشمن،
اسان سِنِ جي ٻچن گڏر
اَنّ ـ ــا داڻا، ماني ڳيو
پاڻ سِنِ کان زورِي ريڙهي،
پنهنجين گنديُن پليُن سانديو،
پوءِ هيءَ ڦورُو پاڙي دشمن،
ڏينهن ٻـ تن ۾ ڏسندي ڏسندي،
هَنَ وَڏائي، ڦُوند ۾ ڀَرجي،
مُڇ مَروڙي، ٻانهَن کي لوڏي،
اَچا ڪپڙا، ڪلا پَهَري،
’چودري‘ چوايا، ’خان‘ سڏايا.

ـ سيپٽمبر: 1970ع

## توريءَ دل جا درد___

تـــو ريءَ دل جـــا درد وَڏي ويـــا،
تـــون هُـئـيـــن دل جــــــو آڏار.

ســـال لـنـگـهـي ويـا مـوٽـي نـہ آئـيـن،
مـــــوٽِـــي اچ مــنــتـــــار.

اڄ جـاڻـائـــي ڳـالـهـہ وَڏي آ،
چـــــاڻ آ دل جـــــــــو آزار.

تــو بـــن آهـــي مـــن هـــيءَ مـانـدو
وِسـريـــا نـہ تـنـهـنجا قـــول قـــرار.

تــــــو ريءَ دل جـــا درد وَڏي ويـــا،
تـــون هُـئـيـــن دل جــــــو آڏارا
_مئي: 1970ع.

# اسان جي آزادي

آزاد فضا ۾ تي اُڏرياسين،
هر گام متان تي گُذرياسين،
ڪيئن وقت وَرائي دام وِڌو
۽ آخر هيءَ انجام ٿيو
ڪنهن کي چئي اسان ڪنهن کي چئون؟
ڏک سور تا پنهنجا پاڻ رُئون!

سي آشيانا آباد هئا،
ڪي شاد هئا، ناشاد هئا،
۽ راهه هئي هر ڪنهن جي کلي،
ڪنهن ڪانه تي روڪي ڪنهن جي ڳلي
اَنجامُ وَفا ڪي ڪو تہ ڏِسي،
هيءَ درد ڪهاڻي ڪو تہ ٻُسي!

# آزادي

دودو دلير، چنيسر ڇائي،
ادو مُئو ادي ڇائي،
ڪير بہ ڪنهن جو حال نہ پائي،
آهي سيڻ جي سر تي آئي—
پرديسي ويا، ديسي آيا،
عجب جنين آ راند رچائي،
چيڙهُہ چَڳُڻ ۾، مُنهَن ۾ ڇائي،
انگ اُگهاڙا پيٽ بُکيائي،
واه جي آ آزادي آئي!

1950ع

# توهِ آهي آس وطن جي____

تــوهِ آهــي آس وطــن جــي، اُٺ تـــــون ســـاٿـــي يـــار،
ننڊ نِڊوري ڪـيـئــي نِـهـوڙيا، مـانـجـهـيءَ ويا منـجـهـدار!

چـا تـيـو چوڏس اونـدهـ چـانـئـي، چـاڻ اجـها ٿـي رات ڪُـٽـي،
پـنـهـنـجـي هـمـت ســان ئـي پـيـارل پـڪ آهـي پـريـات ڦُـٽـي،
تـــون اُٺ! تـــون اُٺ! دوســـت دلاور تـنـهـنـجـي آ درڪـار!
تــوهِ آهــي آس وطــن جــي، اُٺ تـــــون ســـاٿـــي يـــار،
ننڊ نـدوري ڪـيـئــي نـهــوڙيـــا، مـــانـجـهـي ويا مـنـجـهـدار!

هُـو ڏس ســاري دنـيــا جـاڳــي، تـــون ڀـــي جـانــي جـــاڳ،
جـاڳڻ سـان ئـي ســب ڪـي مـلـنـدو مِـنـٽـرا پــنــهــنــجـو مـاڳ،
سَـمـجـهـ جـا سـائـيـن، وَقـت جـا والـي، هـاڻ ڪـا هِـمـتَ ڏارَ!
تــوهِ آهــي آس وطــن جــي، اٺ تـــــون ســـاٿـــي يـــار،
ننڊ نـدوري ڪـيـئــي نـهــوڙيـــا، مـــانـجـهـي ويا مـنـجـهـدار!

جـاڳ بـنـا هـن جـڳ ۾ جـيـئـڻ نــاهـــي ســوڪـــي رانـــد،
زبـــان آهـــي بـنـد تـہ تـيـنـدو جـســـم بـہ پـنـهـنـجو بـانـد،
پـــوءِ چـــوڏاري اونـده ڪـــاري، ســـب تــــي وارو وار،
تــوهِ آهــي آس وطــن جــي، اُٺ تـــــون ســـاٿـــي يـــار،
ننڊ نـدوري ڪـيـئـي نهوڙيا، مـانـجـهـــي ويـــا مـــنـجــهــدار!

جون: 1966ع

## سُک تي نہ شل سُمهين

پنهنجي وطن جا ويري، سُک تي نہ شل سمهين!
شل نانگ پير پيرَ ڪاتي تي شل ڪچين!

پينگهي، ٻنڌڻ جي ٻولي، تو کي ڪا ياد پيئي؛
کهڙي زبان ۾ دلڙي، جيجل تي شاد ڪئي؟

تيج بخش ڪاڻ تيندءِ، هاويءَ ۾ شل هچين!
مادر جي دل رنجائي، جڳ ۾ نہ تون جئين!

تنهنجون هيءَ مائون ماسيون، سنڌڙيءَ ۾ جا بجا،
گن ڏي تہ چا چون تيون: "بدبخت بي حيا!"

ڪنهن جي زبان، بند تي، سڪرات ڪان اڳي،
پنهنجو وطن وڪيو ڪنهن، دل سان نہ تي لڳي!

اجا زور تو آزمائين، ٻڌي نہ تو مرين؟
۽ "خان" تو سڏائين، ڦاهو چڪي مرين!

## سِندُ جاڳي اُٿي، سِندُ جاڳي اُٿي

سِنڌُ جاڳي اُٿي! سِنڌُ جاڳي اُٿي!

سِنڌُ صدين جي ننڊ مان ڇرڪي اُٿي،
پنهنجي دردن جي دارون لئہ مُرڪي اُٿي،
اُٿڻ اڳ هئي گهُربي، ڇرڪي اُٿي
سِنڌُ جاڳي اُٿي! سِنڌُ جاڳي اُٿي!

سوين سُور صدما وِساري اُٿي،
پنهنجو ”پاڻ“ من مان تہ ماري اٿي،
سنگهارن کي ساري سنياري اٿي
سِنڌُ جاڳي اُٿي! سِنڌُ جاڳي اُٿي!

ڪَٽي جهول جهانگين سهاري اُٿي،
اڪر ”ايڪتا“ جو اُچاري اُٿي،
رَکي سِر ترِيءَ تي تنواري اُٿي
سِنڌُ جاڳي اُٿي! سِنڌُ جاڳي اُٿي!

## خاموش ڇو آن؟

عجب نہ لڳئي،
حيران نہ ٿيءَ،
هينئن سان هنڌاءِ،
اڪيون تہ پٽ،
انسان آهين!
قدرت جو شاهڪار!
سراپا حسن،
سراپا نزاڪت!

ٻئي جي ٻڌيءَ تي ڪهڙو بانور،
اڻ ڏٺي شئي تي ڪهڙو ڀروسو.
اکين هُوندي،
ڪين نهاريئي،
سمجه هُوندي،
بي سمجه..

هيءَ دک هيءَ درد،
مرض ۽ مصيبتون،
اڄ جا نہ آهن.

ابا ۽ ڏاڏا،
ڏاڏا ۽ پڙڏاڏا،
نسل بہ نسل،

زمانن جا زمانا،
ظلم جي زنجير،
قانون جي اسڪنجي،
پيڙبا رهيا،
پيڙبا هلن.

دل کي آٿت نہ ڏي،
پاڻ سان فريب نہ ڪر،
اِهو راڳ ڪيئن ٿو ڳائين،
جو تنهنجي تباهيءَ لاءِ،
ڳايو ۽ ڳارايو ويجي ٿو:
”کهڙو نہ زمانو هو
اڄ آخري وقت آهي.“

اِهو اٿئي فريب،
اِهو اٿئي زهر،
جنهن اڄ تائين اسان سينيءَ کي،
اندرن ۽ گونگن وانگر،
ڏِڪيو ۽ ٿيلهيو آهي.

پنهنجي مظلوميت جو داستان،
هر هنڌ ۽ هر دور ۾!

اکيون پٽ،
جاچ جوچ،
هيٺ ۽ مٿي،
هيڏانهن ۽ هوڏانهن،
هِتي ۽ هُتي،
اڳيان ۽ پويان.

چا چا نہ رکيو آ،
چاچا نہ پيو آ ـــــ
هُو آئتي سامهون پيرن جا نشان.

گس ۽ پيچرا،
راهُون ۽ رستا:
هيءَ جبل،
هيءَ پهاڙ
ٽڪريون ۽ ماٽريون،
برپٽ ۽ بيابان،
جهنگل ۽ بَستيون ـــــ
ندين جا وَهڪرا،
سمنڊن جا شور،
آسمان جا تارا ۽ زمين جا ذرا
گواهہ آهن،
شاهد آهن ـــــ
آرام جي گهڙِي ۽ سُک جي ساعت
ڪڏهن نصيب ٿي؟

بيڪس ۽ بيوس،
نااميد ۽ نراس؛
هر زماني،
هر دور ۾:

ڪڏهن اوپر کان اولهہ،
ڪڏهن اولهہ کان اوپر،
ڪڏهن اتر کان ڏکڻ،
ڪڏهن ڏکڻ کان اتر،

ڪيڏا نہ واجه وڏا!
ڪيڏيون نہ ڏُکون پاتئہ!!
آسماني پيءُ ۾ ڪهڙي اُميد هيئہ؟
طور جي واديءَ ۾ ڪنهن کي تي ووڙيئہ؟
فاران جي چوٽيءَ تي ڇا رکيو هو؟
ڇُرن ۽ غارن ۾ ڪهڙي ڪرامت هئي؟
گنگا جي وَهڪري ۽ مرليءَ جي لهر ۾
ڪهڙي موج هئي؟
زردشت جي فڪر ۽ ڪنفيوشس جي فلسفي مان ڪهڙا پل پرايئہ؟
ويد ۽ پران،
زند ۽ اوستا،
توريت ۽ انجيل،
زبور ۽ قرآن،
ڇا ڇا نہ ٻڌءِ،
ڇا ڇا نہ پڙهيئہ؟

•

عدل ۽ انصاف!
محبت ۽ پيار!
نيڪي ۽ بدي،
جزا ۽ سزا ____
سُر هڪڙو
ڳائڻا سَوين:
ساز هڪڙو،
تارون هزار ____
جيڏانهن بہ ڏس اِهائي آڇ:
"ايڏانهن نہ وڃ،
ڪُجه بہ نہ اٿئي،
خيال سان ٻڌ،
دوکو نہ کاءِ،

نصيب وارو آهين،
رحمت تي مِلئي“.

هتن جا اِشارا،
عدل جا آسرا،
حُورن جا انجام،
غلمانن جا واعدا ____
مريض جا نتو چاهي!
زندگي ڪنهن کي پياري ناهي.
ڪو ڪيڏانهن،
ڪو ڪيڏانهن ____
ڪو مندر ۽ مڙهيءَ ۾،
ڪو ٽڪاڻي ۽ ديول ۾،
ڪو مسجد ۽ ڪليسا ۾،
ڪو گرجا ۽ گردواري ۾.

بازيگر جي بازي،
مداريءَ جو کيل.
چوٽيون ۽ ڏاڙهيون،
جُبا ۽ دَستار،
پڳڙيون ۽ ڌوتيون،
جٽيا ۽ تسبيح.
رنگ ۽ نسل،
قومون ۽ قبيلا ____ خدا ۽ ڀڳوان!

ڪوٽن مٿان ڪوٽ،
ديوارن مٿان ديوارون:
هي ڪافر،
هي مومن،

هي مشرڪ،
هُو موحد،
هي جنتي،
هُو دوزخي،
هي خدا پرست،
هُو بت پرست،
هي نيچ،
هُو اوچ،
هي عاليٰ،
هُو ادنيٰ.

فڪرن مٿان فڪر،
دليلن مٿان دليل،
بحثن مٿان بحث،
تقريرن مٿان تقريرون.

توکي ئي ٻڌڻيون هيون،
توکي ئي ٻڌڻيون پيون،
توکي ئي تباهه ٿيڻو هو
تون ئي تباهه ٿئين.

هڪ آدم جو اولاد،
هڪ حوّا جا ٻچڙا،
آمهون ۽ سامهون،
ڪلهي ٻه ڪلهي،
تير ۽ تلوارون،
ڀالا برڇيون،
نيزا ۽ ڍالون،
گولا ۽ بم.

ڏڙن جون ديوارون،
سرن جا ڪنگرا!
رت جون نديون،
لاشن جا ڍير ـــــــ
ڇا ڇا نہ حاصل ٿيو!
ڇا ڇا نہ پلئہ پيو!
ڏٺي ۾ ڌرم جي نالي،
خدا ۾ مذهب جي اوٽ:
انسانيت جي تباهي،
محبت جي توهين،
انصاف جو خون،
عصمتن جا وڪرا،
لڄن جي لُٽ،
نفرت ۾ ڌڪار،
ڪير ڏوهي؟
ڪير جوابدار:
پنهنجي ئي هٿان،
پنهنجي ئي مٿان،
ڪيڏو نہ ظلم،
ڪيڏو نہ ستم ــــــ
جانور بہ ڪيٻائي،
درندو بہ شرمائي.

شاهن کي سجدا،
راجائن کي ڏنڀي،
اميرن کي آقا،
مذهبي ڍونگين کي مالڪ!
تماشو هو

تماشائي ٿئين،
ڊڄندو ئي رهئين،
سهندو ئي رهئين؛
حيرت ۾ حيران،
عبرت ۾ الوٽ،
ڇا ڇا نہ ٻڌئي،
ڇا ڇا نہ ڏٺئي ــــــ
اوچن منارن تان ڪنهن کي ڪيرايو ويو؟
پڙڪندڙ باهہ ۾ ڪير نذر ٿيو؟
شينهن ۽ جانورن ڪان ڪنهن کي چيرايو ويو؟
نانگن ۽ بلائن ڪان ڪنهن کي ڏنگايو ويو؟
ڳنين شيها،
سينن ۾ ڀالا ڪنهن کي ٽُنبايا ويا؟
هٿن ۾ هٿڪڙيون،
ڳچين ۾ زنجير ڪنهن کي پارايا ويا؟
هڪ ئي سُر ڳائڻ وارا،
هڪٻئي جا دشمن!

ڪُڇ؟
ڪاڏي ويا ڪتاب ۽ الهامي آواز:
دين ۽ ڌرم،
خدا ۽ ڀڳوان!
رحم جو گهر،
عادل ۽ مالڪ،
دانا ۽ بينا،
حاضر ۽ ناظر.

اُن جي اڳيان،
اُن جي ڏسندي،

نہ حقدار کي حق،
نہ پورهيت کي پورهيو
نہ آهُن جو علاج،
نہ دانهن جو داد،
نہ ٻڌائڻ مان ٻوٽو
نہ ليلائڻ مان لل.

ڪيئن ٿو پائنئين؟
آيئہ سمجھ ۾؟
ڪُجھ تہ سهي،
خاموش ڇو آن؟
آءٌ تہ ڳڌجي بغاوت ڪريون،
مظلومن کي چئون، مظلومن کي چتايون،
دنيا کي چئون، دنيا کي چتايون!
هيءَ مڪاري، هيءَ فريب___ ڪيسيتائين؟

1952ع.

## اڳتي وڌ يا رستو ڏي_

جذباتي!
تو ڪڏهن سوچيو بہ آهي؟
پيار جي پَرَن پر سدائين سگهہ
هڪجهڙي نہ هُوندي آهي!
موتي وچ پوئتي،
بنهہ پوئتي،
پل فاصلو صدين جو بہ ٿيو نہ هجي!
هُو سامهون محل ڏس!
ڪيترو نہ خوبصورت آهي،
آهيس ڪٿان ڪا اُوڻائي!
جڻ فطرت پنهنجي هٿن سان گهڙي ناهي،
ايئن جو ايئن،
جيئن ڏسين ٿو
اُٿي تنهنجي سامهون ڪڙو ڪيو آهي_
ڪنڌين يقين؟
نہ!
تہ پوءِ هِينئن ڪر،

سِرَ سِرَ کان اُکيڙيندو
الڳ ڪندو وڃ،
جيسيتائين هيءَ سارو مانڊاڻ ڊهي ميدان ٿئي!
ڏس ڇا پيو نڪري؟
بيڊولا پٿر،
سِرن جا بيڪار ٽڪر.
بنياد تہ ڏس،
جنهن تي هيءَ سارو مانڊاڻ منڊيو ويو هو.
تڏهن تہ تو کي ڇيھ ٿي،
موٽي وڃ پوئتي!
گهڻو پوئتي،
جنهن ڏينهن ٻن دلين جو ميلاپ ٿيو هو.
ڏسندين تہ ڪجھ بہ ڪين هو
معمولي ڄاڻ سڃاڻ ۽ رسمي عليڪ سليڪ!
جڏهن تنهنجي پيار جي محل جو بنياد انهيءَ تي هو
پوءِ ارمان ڇا جو؟
افسوس ڪنهن جو؟
تنهنجي ئي تہ غلطي آهي جذباتي!
اها اميد ڪيئن ٿو ڪرين تہ:
ٻن دلين جي پيار جو پرواز سدائين ساڳيو رهندو.
فقط پاڻ وِسارَ
يعني_
پنهنجي پيار جو کاتو نہ قولَ_
ڏسين نہ پيو تہ هر ڪنهن جي اڳيان،
هزارين لَکين دلين جي پيار ۽ قرب جا رشتا پائمال ٿيندا ٿا رهن،
فطرت ڪنهن کي بہ هڪ حال ۾،
ڏسڻ نہ ٿي گهري.
هڪ واريءَ جي ذري کان وٺي فلڪ بوس پهاڙن تائين،
ڊوڙان ڊوڙ لڳي پيئي آهي.

جيڪو پنتي رهيو
رَهجي ويو.
هِن پيچ پچان ۾ بئي ڪي ڪهڙو ڏوهه ڏبو
جڏهن هڪ بيجان مادو به وقت ۽ حالات کان متاثر ٿيندو رهي ٿو.
هيءَ پهاڙ
جيڪو آسمان سان بَرميچيو بيٺو آهي؛
سو به ڏسندين ته ڏينهون ڏينهن پوئتي.
هيءَ ڪڪريءَ،
جا هَوا جي جهوتي سان اُڏاميو آچيو اکين ۾ پوي،
سا به انهيءَ پهاڙ جي بُلندي آهي.
جيڪا فطرت جي پيچ پچان واري ابدي قانون اڳيان،
گوڏا کوڙي،
ٽڪجي،
پنهنجي جاءِ پاڻ پيئي خالي ڪري ــ
تنهنجي پيار سان به ته ساڳيو قانون لاڳو آهي.
جذباتي ڪي آيئه سمجه ۾؟
هيءَ پيار فقط پاڻ سان ئي آهي ــ
بئي سان پيار
دنيا قبول نه ٿي ڪري ۽ نڪي فطرت جو اٽل قانون،
ڪنهن جي ساراهڻ سان واسطو ٿو رکي.
تون روئين يا کِلين،
تنهن سان هُن جو ڪوبه تعلق ڪينهي.
هُو هر حال ۾،
پنهنجو ڪارج ڪندو ئي رهندو.
دنيا جي هر چيز بدلجي پيئي؛
۽ سدائين بدلجندي رهندي.
انسان جي سرشت به ڪڏهن هڪ حال تي رهڻي نه آهي.
جيڪي اڄ آهي،
سو سڀان ڪينهي ــ

جتي پيار آهي،
اُتي ڏکار بہ آهي_
هيءَ جو چيم،
موتي وچ پوئتي،
سو بہ انهيءَ ڪري،
جو تون جنهن ڳالهہ کي غير معمولي پيو سمجهين،
سا تہ معمولي آهي_
هِن يج يجان جو بہ اهوئي قانون آهي:
" اڳتي وڌ يا رستو ڏي!"

_1963ع.

## لِڪندس____

لِڪندس!
ضرور لِڪندس!
____ڇا؟
ديوَن ۽ پرين جا قصا،
جنن ۽ ڀُوتن جون ڪهاڻيون،
تہ هجي،
وهمن ۽ وسوسن ۾،
اَياڻو ۽ اڻڄاڻ،
اَبوجه ۽ گُگُدام.
ڪير؟
هاري ۽ مزدور!
لِڪندس!
ضرور لِڪندس!
____ڇا؟
فقيرن جون ڪرامتون،
پيرن، مُلن ۽ ٻانيڻن جا واعظ
ڇو؟
تہ ڏيندا رهن،
مڪر ۽ فريب سان،
جمعي ۽ چانڊاڻي تي،
عيدن ۽ برادن تي،
مَرڻي ۽ پَرڻي تي،
ختمي ۽ نڪاح تي،
ٻوڙ ۽ پلاءَ،
ميوا ۽ مِٺايون،
ڏَن ۽ ڀهت،
نذر ۽ نياز.

ڪير...؟
هاري ۽ مزدور!
لِڪندس!
ها، ضرور لِڪندس!
_____ڇا؟
انساني غير برابري،
تفوق ۽ برتري،
ڇو؟
تہ هُجن وِڏهيلَ ۽ وِچڙيلَ،
ٻوٽن ۽ پاڙن ۾،
ذاتين ۽ ٻولين ۾،
رنگن ۽ نسلن ۾،
قومن ۽ قبيلن ۾،
مذهبن ۽ ملتن ۾،
ڪير...؟
انسانيت جي گهٽائي.
يعني...
هاري ۽ مزدور!
لڪندس!
ضرور لڪندس،
_____ڇا؟
آزادي،
اُها آزادي،
جنهن ۾ چند انسانن جي،
رعب ۽ تاب سان،
دهشت ۽ دٻاءَ سان،
ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ سان،
ظلم ۽ تشدد سان؛
لَکها انسان،

دہائجن ۽ وساڑجن تا،
ڏڪجن، تيلهجن ۽ تڏجن تا،
گهٽين ۽ رستن تي ــــــ
پيسجن ۽ پيڙهجن.
ــــــ ڪير؟
هاري ۽ مزدور!
لکندس!
ها، ضرور لکندس!
ــــــ ڇا؟
تہ هيءَ باغ ۽ بستان،
ميوا ۽ اناج،
محل ۽ ماڙيون،
ڪاليج ۽ ڪارخانا،
ريلوائيون ۽ رستا،
موٽر ۽ جهاز
هٿيار ۽ بارود،
ڪنهن جا ثناخوان آهن؟
نہ! نہ!
ڇو؟
تہ جاڳي پوندا،
گڏجي ويندا،
هڪ ٿي ويندا،
لَڙندا.
ــــــ ڪير؟
هاري ۽ مزدور.
لکندس!
ها، ضرور لکندس!
ــــــ ڇا تي؟
انهيءَ عدل ۽ انصاف تي،

عيش ۽ راحتون؛
ڪار مُهائيون سياستون.
____چو؟
تہ ڏيندا رهن،
مقاطعا ۽ ٺيڪا،
حصا ۽ شيئر،
محبت ۽ عزت!
لقب ۽ خطاب____
دين ۽ دولت!

_8، اپريل: 1951ع.

## وقت پُڪاري پيو ـــــ

هيءَ ڌرتي صدين کان،
روشني لاءِ واجهائي رهي آهي.

هِتي هر دور ۾،
هِــتــان هُــتــان،
اونداها ڪڪر،
هر وقت فضائن تي ڇانيلَ رهيا آهن ـــــ
وقت پُڪاري پيو:

"اَڳتي وڌو! اَڳتي وڌو!!"
هر قدم نئون، هر احساس نئون:
"منزل دور نہ آهي:
ڇو مايوس آهيو؟
ڇا جي نراسائي!
رات جي پڇاڙيءَ کان؟
دروازو کول ساٿي!
سج گهڻو چڙهي آيو آهي ـــــ

مايوسي، رات جو ڀڃو
ناتا ۽ رشتا، سڀ فريب:
خود غرضيءَ جا زنجير،
ٽوڙي ڇڏ ساٿي!"

وقت پُڪاري پيو:
"هاڻ هِن ڌرتيءَ تي وري رات نہ اچڻي آهي!"

ڇا جي اڪيلائي ـــــ

ڪھڙو ڏي؟
ڪھڙو سھارو؟
اِهي سڀ بزدليءَ جا پار آهن، ساٿي!
وساري ڇڏ!

وقت پُڪاري پيو:
”هاڻ هن ڌرتي تي وري رات نہ اچڻي آهي.“

1956ع.

## هتي رهيا آهن ____

هَتي رهيا آهن،
هڪبئي جي پٺيان،
ٽِڙندا ۽ ڪِرندا،
ڀَڄندا ۽ مَرندا ____
اُهي... ڪير؟
جي چاهين ٿا،
محلن ۽ ماڙين ۾،
پلنگن ۽ ڪوچن تي،
اُٿندي ۽ ويهندي،
ٻُڪون ۽ فاقا،
مفلسي ۽ محتاجي،
وحشت ۽ موت!
اُنهن لاءِ
جي لوڙين ٿا،
ٻچن ۽ ٻارن سان،
مائرن ۽ ڀينرن سان،
گرميءَ ۽ سرديءَ ۾،
ٻنين ۽ ٻارن تي،
ٻُڪيا ۽ اُگهاڙا!

هَتي رهيا آهن،
هڪبئي جي پٺيان،
ٽِڙندا ۽ ڪِرندا،
ڀَڄندا ۽ مَرندا ____
اُهي
جي پنهنجي نفعي لاءِ،
مذهب جي نالي تي،

ڏين ٽا هٿن ۾،
رائفلون ۽ روالور،
گولا ۽ بم____
۽ ٻُڌجن ٿيون،
چوطرف،
مائرن جون ٻچن لاءِ،
پيٽن جون پائرن لاءِ،
زالن جون مڙسن لاءِ،
آھُون ۽ دانھُون،
رڙيون ۽ روڄ!
ھَٽي رهيا آهن،
هڪبئي جي پنيان،
ٿِڙندا ۽ ڪِرندا،
ڀَڄندا ۽ مَرندا____
ڇو؟

تہ اُٿيا آهن...
پاسا وَرائيندي،
ڪر موڙيندي،
اَکيون مَهٽيندي،
دنيا جا مظلوم____
هاري ۽ مزدور!
اِجهو!
گڏجي ويا،
هڪ ٿي ويا____
ڊاهيندا،
ساڙيندا،
جَلائيندا،
انهن ظالمن ۽ رهزنن

جي،
هَتي رهيا آهن،
هڪبئي جي پٺيان،
ٽِڙندا ۽ ڪِرندا،

_فيبروري:1950ع.

## آئون نہ ڪنڻ____

دوست!
تنھن ڏينھن،
منھنجي گفتگو جي رنگ ۽ ڍنگ،
تو کي ڪيترو نہ رنجايو.
منھنجا دوست!
آئون اڄ بہ انھيءَ ڳالھہ جو احساس ڪندي،
شرمائجي ٿو وڃان____
حقيقت ۾ قصور ڪنھن جو...؟
جمڻ کان وٺي اڄ تائين،
ڇا ڇا حاصل ڪرڻو ٿو پوي!
اھو سيکي،
جيڪو ايترن سھنجن ۽ سھولتن،
ذريعن ۽ وسيلن ھوندي،
ھر ھڪ کي سکڻو ٿو پوي!
ماءَ جي پيٽ مان نڪرڻ سان ئي ھڪ وڏي رڙ!
رڙ ڪير چوي____
اھا تہ مقدس لوھي ديوار آھي،
اڪيچنيءَ ۾ ئي اعلان ڪندي،
ھڪ انسان جا ٻئي انسان کان ھميشہ لاءِ ڀلئو آجا ٿيو وڃن.
گڏجي،
مِلي رھڻ مان آخر تہ خون خرابي ٿيندي،
ڪيڏو نہ مقدس ۽ آزمايل ھٿيار!
ڪيڏيءَ نہ ڪرامت!

جو تون آئون ۽ اسان سڀئي،
هڪ ئي ڏاڏي جو اولاد هوندي الڳ الڳ ٿيو وڃون!
ماءُ ڇا نہ ٿي چاهي ٻچي لاءِ،
جگر جي ٽڪر لاءِ،
آئيندي جي اَجهي ۽ آسري لاءِ:
”پُٽ، ڦِل جڳ تنهنجو محتاج ٿئي!“
ڇا هر ماءُ جون اهڙيون آسون ۽ اميدون،
قبول ٿين؟
ماءُ جي دعا ۽ بيڪار!
چوڌرين، نوابن، وڏيرن،
جاگيردارن ۽ رئيسن جو مائرون ڪيڏيون نہ مقدس آهن!
دوست!
تو ڪي ۽ مون ڪي،
۽ اسان سڀني پورهيتن ڪي،
پنهنجي نسل لاءِ اهي ”مقدس مائرون“ گهرجن؟!
ها!
اِهائي ڳالهہ هئي،
جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويس،
نهاريم،
ڇا ڇا نہ هو!
جيسيتائين نظر پئي،
واپار ۽ تجارت جون،
ڏي وٺ جون،
منڊيون ۽ مارڪيٽ،
ڪوٺيون ۽ گدام،
دلال ۽ پلاوٽا،
هر هڪ چيز پنهنجي پنهنجي جاءِ تي،
اهڙي اٽڪل ۽ سٽڪل،
ناه ۽ نوهہ،

ڏيک ۽ ويک،
زيب ۽ زينت سان،
جيئن هڪ پيشاور رنڊيءَ
ڪير جو اُتان لنگهندي سندن دلفريب خوشبوءَ کان،
لُطف اندوز نہ ٿئي؟
منهنجا دوستا!
عدل ۽ انصاف جي اوٽ ۾:
ظلم ۽ ڏاڍ،
دهشت ۽ دٻدٻو
جن تي چوڏاري چوڪيدار.
سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ڍڪڻن اندر
ڦرلٽ، رت جا دُٻا،
ڪُوڙ ۽ ڪِينو ____
مقدس پائڻ؛
۽ بزرگن جي هوٽلن ۾ عصمت دريون، شيطان گيريون،
محبت ۽ مساوات جي گدامن ۾:
نفرت ۽ ڌڪار اُوچ ۽ نيچ. عياشي ۽ بيڪاري،
مفت خوريءَ ۽ سينا زوري..
انهن سينيءَ جي سامهون ____
ويران ۽ پٽ‌پانگ بيابان،
جنهن تي انداز کان وڌيڪ ۽ گاٽيتي کان ٻاهر:
جگهيون ۽ جهوپڙيون، پيهُون ۽ منهيون.
اهي جن ۾،
مون ۽ مون جهڙن بيشمار انسانن جون گذرن ٿيون،
تباهہ ۽ برباد،
نا اميد ۽ نراس حياتيون،
جي ٻُکن ۽ فاقن:
ڏکن ۽ ڏولاون سبب لُڇنديون پڇنديون،
رئنديون ۽ رڙنديون،

ڏڪبيون ۽ ٽيلهبيون سامهون ان مارڪيٽ ۾ آئڙن.
هاڻ اندازو لڳاءِ،
ڇا ڇا نہ خريد ڪرڻو ٿو پوي!
منهنجا دوست!
جڏهن تہ هر هڪ زندهہ رهڻ ٿو چاهي!
جيتري مون ۾ مڪر ۽ فريب جي،
نڳي ۽ دولاب جي طاقت آهي،
زندگيءَ جي گاڏي گهلڻ لاءِ!
هِن سوسائٽيءَ جو بہ اهوئي قاعدو آهي____
جيترو وڏو ماڻهو
اوترو وڏو بدمعاش!
هِن ہرنڌڙ جهنم کي تہ ضرور پارڻو اٿم____
ڪنهن بہ نموني،
جائز يا ناجائز.
آخر تہ انسان آهيان____
هِن مهذب سوسائٽيءَ جو هڪ انسان!
منهنجي غلطين جو تہ تون اندازو ئي لڳائي نہ سگهندين.
اِها عينڪ لاهہ،
جنهن سان ڏسڻ ٿو گهرين____
هان، هيءَ وٺ منهنجي عينڪ____
بنان ڪاوَن ڪمانن جي،
زندگيءَ جي پڳل ٽٽل عينڪ!
ها،
اکين تي رَک ۽ اِنهي اُوچي ماڙي تان،
پنج ڏهہ ڏاڪا هيٺ لهہ!
ڇا ٿو ڏسين؟____
هڪ تهخانو
جنهن ۾ تنهنجا همشڪل چاچا ۽ ماما،
مائون ۽ ماسيون،

ياٿر ۾ پينرون،
هڪ ٿي ڏاڏي جو اولاد ـــــ
ڪيڙن ماڪوڙن جيان رينگندو نظر ايندءِ.
سڃاڻين ٿو؟
اِهي تو مان ۾ تون اِنهن مان.
اندر گهڙي بيهُہ!
نڪ تان رومال لاهہ.
اڪيون پٽ ۾ هاڻ چئو ۾ ٻڌاءِ ـــــ
وڏي واڪي چئو!
نِڙي ڦاڙي چئو تہ مون ۾ غلطيون گهٽيون آهن.
تون ڇا ڳڻيندين؟
سوسائٽيءَ جي سيني معززن ڪي سڏ ڪر ـــــ
هڪ، ٻہ، چار سو هزار. لک، ڪروڙ.
هيءَ تہ رڳو هڪ ڪُنڊ بہ پوري ڪانہ ٿي.
ڪُڇ! ڪِي تہ ڪُڇ!!
ڇا ٿو سمجهين!
ڏوهي ڪير ؟
آنگرين تي ڳڻڻ جيترا ـــــ
يا،
هيءَ ڪيڙن ماڪوڙن وانگر بي انداز وَلر؟
تون ۾ آئون اِنهن ڳالهين تي اهڙو سوچي نہ ٿا سگهون ـــــ
جهڙو اِهي.
جن تو کي،
مون کي ۾ اسان سڀن کي ـــــ
هن گندگي پريل زندگي گهارڻ تي مجبور ۾ محڪوم بنايو آهي.
آنگر نہ ڪَڙ!
پڇندو وڃ!
هُو بابي جو ياءَ اٿئي،
جنهن جي ڇڳَن ۾ چيڙهہ،

آٿيا وار
متوا گهاڙو ۽ نيٽين نيرُ وَهندوئي ٿو رهي.
ها,
جي مَرِي بہ ويندو
تنهنجي بيٺي بيٺي_____
ڪِي هُجي جو ڪائي,
چئن ڏينهن ڪان لنگهڻ تي آهي.
۽:
ماءَ جو آخر ڪهڙو ڏوهہ؟
ٻبن ۾ ڪير ڪٿان اچي.
هڪ چا!
اهڙيون سوين هزارين مائرون,
جن جو روز جهوليون خالي ٿين پيون ۽:
ٿينديون رهنديون.
اِجهو!
هڪ, بہ چار لاش آهن.
اڃان بہ بيهندين تہ ڏسندين تہ اِها روزاني حالت آهي.
هڪڙا پُورجن ٿي ڪين;
تہ ٻيا ڪَڃيوا اچن.
بنا ڪفن جي,
مِٽيءَ ۾ مِٽي ٿيڻ لاءِ!
ٻُڌاءِ,
ڪير غلط؟ ڪير ڏوهي؟؟
تنهنجي آنگرين تي ٻَڌل جيتري "مهذب سوسائٽي"؟
يا,
هيڏو بني نوع انسان جو رِڙهجندڙ قافلو؟
جن جي زندگيءَ جو هر رستو
اِن ماڳ منجهايل سوچ مُنجهايو آهي,
جنهن پاڻ ڪي,

اِن ’ڪُل‘ مان ڪِڍي،
اقليت ”مهذب سوسائٽيءَ جي انفراديت“ ۾ مَٽايو آهي؛
۽ پنهنجي سوسائٽي،
تهذيب ۽ تمدن تي جر ڦوٽي جيان ڦُونڊيل آهي ـــــ
دوست!
تنهنجي علم ۽ عقل جون ڳالهيون ته:
هڪ ٻرانگهه ٿي نه گهُرن.
پَچي چڏ! اِها عينڪ،
جلدي جو ڏس:
اِها رِڙهجندڙ مخلوق ڪَر کٽي رهي آهي!
ان کان اڳ جو اُلري،
پچي پورا ڪر،
پنهنجي ڊِيدَ جي اِها عينڪ،
جا انقلاب کي اصلاح جي اک سان ڏسي رهي آهي!

ـ ڊسمبر: 1969ع.

# ڪتاب

## پيئن جن پروز

ڪهاڻيون، افسانا، فنٽسي، خاڪا ۽ تاثر

# ادب

مون هر دور ۾ انسان کي اميد جو ڪرڻو ڏيکاريو. مون هر دور ۾ انسان جي نميل گردن کي مٿي کنيو ـــــ پر جيڪڏهن اڄ زندگيءَ سان منهنجي ازلي عشق جو ڪو انڪار ٿو ڪري، ۽ مون کي فقط ڪلائي خوش ڪندڙ ثابت ٿو ڪري، ته آئون ان کي فقط ايترو ئي چوندس:

”ذرا پُٺتي ته نهار ۽ نظر ڪر، ته مون مسخري جي هٿان تنهنجن ڪيترن آقائن جا ڪنڌ يڳا آهن!“ ائين چئي، ادب نهايت ئي معصومانه انداز سان مرڪي ڏنو.

_1964ع.

# ڪهاڻي

## پيئي جن پرُوڙ

اُونداهي رات ۾ گجگاهہ ٻيلي مان، هڪ شخص اڪيلو ئي اڪيلو پنهنجي منهن سوچيندو ۽ هلندو وڃي ٿو ــــــ

’هيءَ اوندهہ هيءَ اڻانگي راهہ
وک وک تي ويري ــــــ
ريتون ۽ رسمون، رنگ ۽ نسل،
دين ۽ ڌرم!
هر راهي اڳيان پهاڙ بنجيو،
رستو روڪيو ڇڏين!
ڪائنات جي سرجڻ کان وٺي اڄ تائين،
هر دور ۾ هر ملڪ ۾،
انهي راهہ تان ڪيئي قافلا آيا ۽ گذريا،
ڪي ئي طوفان اُڀريا ۽ ختم ٿيا،
ڪي ئي ڏوڏا ۽ زلزلا آيا،
ڪي ئي راهي راهن تان ڀٽڪي ۽ پلجي ويا،
ڪيترا ڪريا ۽ وري هوش سنڀالي اٿيا ــــــ
وکون کڄنديون رهيون،
قدم وڌندا رهيا ۽ منزلون اُڪاڻبيون رهيون ــــــ
هوا،
باهہ پاڻي ۽ نہ معلوم ٻين ڪيترين چيزن سان زور آزمايون ٿيون:
هر قدم تي لڙيا ۽ پنهنجو پاڻ قربان ڪيائون ــــــ
انهي راهہ ۾ ڪيئي منزلون لتاڙيون وئيون،

خبر نہ آهي اجان ڪٿي توڙ ڪرٽي آهي!'

هلندي هلندي، اوچتو هن جي زبان مان وڏي آوز هيٺيان لفظ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا:

"مون کي نہ روڪيو اڳتي وڌڻ ڏيو.
آئون هلي سگهان ٿو اجا ٽنگن ۾ ست آهي،
مون ۾ اجا حوصلو آهي.
آئون پرانهون وڃڻ چاهيان ٿو——
آسمان کان مٿي، چنڊ ۽ سيارن کان مٿي؛
تمام پري، تمام پري!"

اوڏي مهل اوچتو طوفان اُڀري ٿو کنوڻ جي چمڪات ۽ گوڙ سببان ٻڏجندڙ آواز فضا ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ڪجهہ منٽن جي خاموشيءَ کان پوءِ، هڪ نئين آواز ۾ صاف ٻڌجي رهيو آهي:

"بيوقوف، تون ڪمزور آهين،
تنهنجي دل ۽ دماغ تي ضعف آهي،
جسم ڏٻرو آهي، اکين ۾ چمڪ ڪونهي،
کيسا خالي ۽ هٿ بي زورا آهن.
تنهنجو ڪو بہ سڄڻ ۽ ساٿي ڪونهي؛
اهڙي وقت؟
ڪجهہ سوچ تہ سهي!
آئون توکي وک وڌائڻ نہ ڏيندس
توکي آرام جي ضرورت آهي."

آواز ختم ٿيندي، فضا تي وري خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. ڪجهہ دير کان پوءِ، وري پهريون آواز ٻڌجڻ ۾ اچي ٿو——

"دوست، منهنجو ڪوبہ فڪر نہ ڪر،
مون ڪڏهن بہ عمر جي ڪا گهڙي خوش گهارڻ جي ڪوشش نہ
ڪئي آهي.
ڏک ۽ سک مون لاءِ زندگيءَ جي ساڳي ورونهن آهن؛
بک ۽ ڏک منهنجا ازلي ساٿي آهن.
مون کي وڏڻ ڏي!
مون لاءِ ويهڻ حرام آهي؛ ماٺ موت جو نالو آهي____
مان ڪمزور،
ڏبرو بي زور، سڀ صحيح؛
پر دوست جيسين هن ڌرتيءَ تي پورهيتن جو بکيو ڌڻ،
بکن ۽ فاقن ۾ پاهہ ٿيندو رهندو،
جيسين بي سمجھ انسانن جو ٻتڪيل قافلو
اٽي ۽ لٽي لاء واجهائيندو رهندو،
جيسين دين ۽ ڌرم جي نالي انسانذات ۾،
نفرت پيدا ڪئي ويندي؛
۽ جيسين قسمت ۽ نصيب جي آڙ ۾،
پورهيتن جو خون چُوسبو رهندو،
تيسين ماٺ تي ويهڻ حرام آهي!"

رات جو پهريون پهر گذري چڪو آهي. مٿين آواز ختم ٿيندي،
هڪ زوردار ٺهڪ بعد، هينئون آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو:

"جذباتي! انسان دنيا ۾ هڪ دفعو ايندو آهي،
ان کي پنهنجي حياتي هر حال ۾ خوش ٿي گهارڻ گهرجي.
تون اڄ ڪين ٿو سمجهين،
پر سيان توکي سموري سڌ پئجي ويندي؛
هي جواني جوش جا ڏينهن ختم ٿي ويندا ۽ پوءِ،
ٻڍاپو تنهنجي چهري تي مايوسيءَ ۽ پيلاڻ سان واسو ڪندو.
تون ڪنهن منحوس بيماريءَ ۾ ورتل هوندين؛

ان وقت تو کي پنهنجو پاڻ تي افسوس ٿيندو!
تون جيڪي ڪجھ ڪري رهيو آهين،
سڀ بي نتيجي ثابت ٿيندو.
انسان ڪڏهن ڪين سڌريو آهي،
۽ نڪي ڪڏهن سڌرڻ جو آهي:
صدين ڪان وٺي هيءَ ڳالهائيندڙ حيوان،
پنج قدم اڳتي رڙهي،
ڏهه قدم پٺتي پر ڪندو رهيو آهي.
هينئر به وقت نه ويو آهي، سوچي وٺ_____
جهڙو ديس تهڙو ويس!
هر ڪو پنهنجي حال ۾ مست آهي؛
تو ڪان سڀئي وڌيڪ سياڻا آهن؛
تون خواه مخواه پاڻ کي برباد نه ڪر!
تو ڪان ڪير به ڪونه پڇندو ته ڪهڙي باغ جي موري آهين؟
مون کي يقين آهي ته تون منهنجي صلاح ڪونه وٺندين.
جذباتي ۽ بيوقوف سدائين پنهنجي ڌن ۾ مست هوندا آهن.
اجا به وقت نه ويو آهي،
سوچي سمجهي فيصلو ڪر.“

”دوست، تو جيڪي چيو سڀ درست!
آئون بيوقوف، جذباتي، سا به ڳالھه ڪَري
مون کي ڪير به ڪونه پڇندو، تنهن ۾ به شڪ نه آهي.
پر هڪ ڳالھه ٻڌ. پاڳل ۽ بيوقوفن کي
تنهنجي سمجھ ۽ شعور جي ضرورت ئي ڪهڙي؟
هو ته اهو ئي چاهيندا آهن ته پيا به اسان وانگر،
عقل، شعور،
۽ دور انديشيءَ جي ٻتن کي پچي،
ديوانا بنجن!
توکي به اهائي دعا آهي،

شل تون بہ انهن مستن جيان،
عقل ۽ ڏاهپ جي پنجوڙن کي ڇني،
چريائيءَ جي راهہ اختيار ڪرين!
اهي رَمتا جوڳي جنهن بہ جوءِ هوندا،
تہ سندن واتن فقط اهي ئي نعرا پڌنديون:

"اسان جا ساٿي بکن ۾ پاهہ تي رهيا آهن،
"اسان جا همسفر، جيلن ۾ بند آهن،
"اسان جا ساٿي، زبان هوندي بي زبان آهن،
"اسان جا ساٿي وطن هوندي بي وطن آهن،
"اچو تہ گڏجي يلغار ڪريون!"
دوست، هنن ديوانن تان هزارين حياتيون قربان!
هنن چرين جو لفظ زندگيءَ جو اُونهون راز آهي!
چڱو دوست، هاڻي موڪلاڻي!"

رات جي ڪاري چادر آهستي آهستي ڏرتيءَ تان کجي رهي هئي، ۽ پرهہ ڦٽڻ جا آثار ظاهر تي رهيا هئا.
هو اجان پنج ست قدم بہ اڳتي ڪين وڌيو تہ کيس ساڳيو آواز پڌڻ ۾ آيو:

"دوست، بيهہ! آئون تنهنجو همسفر آهيان. آئون تہ گڏجي نعرو هڻون____

دوکو ۽ فريب مرده باد! امن ۽ انصاف زنده باد! "

***

# مختصر ڪهاڻي

## لُومڙ

هڪ لومڙ، چيتي سان دوستيءَ جي رشتي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اهو سوچيو ٿي ڪين ته مبادا ڪنهن ڏينهن، چيتو چال ڏيئي آندا گجيون نه ڪڍي وجهي.

ٻئي طرف چيتو ان اميد ۾ رهيو ته ڪنهن ڏينهن لومڙ ڪي پنهنجي ڪل پارائي شڪار ڪرائيندس.

وقت گذرندو رهيو. هڪ ڏينهن چيتي، لومڙ جو امتحان وٺڻ خاطر، ڏانهس گهور وجهي نهاريو ــــ نگاهه وجهندي ئي ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو.

هن ڏٺو ته منهنجي صحبت لومڙ تي ڪوبه رنگ نه چڙهيو.

هو ڦهر ۾ پرجي سوچڻ لڳو ته، چنبو هٽي لالچي لومڙ جو ڪنڌ پيچان يا ڪيس ٿيلهي، پاٽان پري ڪري ڇڏيان.

_9، جنوري: 1968ع.

کھاڻي

# آئون ڪانہ ٿي رُئان____

شام جو وقت هو سورج پوين پساهن سان نااميدي ۽ نراسائيءَ جون نگاهون کڻي، دنيا کان موڪلائي رهيو هو ۽ رات ڪائنات مٿان پنهنجي پيانڪ ڪاري چادر وجهڻ جا سانباها ڪري رهي هئي. اوڏي مهل، هڪ محل پرسان ککائين جهوپڙيءَ ۾ ستن اٺن ورهين جي هڪ ڇوڪري دانهون ڪري رهي آهي: "امان، او امان! هيڏانهن نہ ٿي اچين، ادو بس ئي نٿو ڪري."

"اچان ٿي، اچان! گهڙي کن جهلينس تہ آئون اچان ٿي: باقي مرچن کي بہ ڏک هٽڻان اٿم."

"وٺ ادي کي، مون سان تہ چڻ ڪو وير اٿس. آئون تہ گهٽوئي ٿي پرچايانس، پر ماٺ ئي نٿو ڪري."

ماءُ اٿنديئي ڇوڪري کي ڏک هٽي ڪڇيو "نياڳي، هن معصوم جو بہ توسان وير! مون کي ڏي." ايئن چئي ٻار کي هنج ۾ ڪري، چولي جي بريءَ مان ٻُبو ڪيدي وات ۾ ڏنائينس، ۽ پاڻ مرچ ڪُٽڻ لڳي.

"حليمان، او ادي حليمان! باهہ ٻاري اٿئي؟"

"پاڳل آهين ڇا؟ ادي، هيڏانهن اچ."

پاڳل: "ٿانڊي لاءِ آئي هيس، پر تو تہ اجان ڪُني بہ ڪانہ چاڙهي آهي."

حليمان: "نہ ڀيڻ، اجا ڪُني ڪانہ چاڙهي اٿم. پاڻي شڪار تي ويو آهي: چئي ويو آهي تہ 'هن دفعي شڪار ضرور آڻيندس.'"

پاڳل: "اڳئين بہ تہ تو چيو ٿي تہ پاڻي شڪار تي ويو آهي، ضرور ڪي آڻيندو. پوءِ ڇا آندو هئائين؟ اجايو ويٺي اوير ڪرين."

حليمان: "اڳئين دفعي پاٽي ڳالهہ ڪئي تہ، ٽيهارو ڪن ٽتر عثمان ڪمدار جي پٽ هٿان ڪلٽر ڏي ويا ۽ اڌ رئيس پاڻ ڪٽي ويو تڏهن ڪو نہ آندائين."

پاڳل: پيڻ تون تہ ڪا چري آهين. رئيس ڪي ڏيٽا هجن ها تہ ايترن سارن ٽترن مان هڪ ٽتر (ٻلي جو قوت) ڪٽي ڏئيس ها تہ سندس ڳُنيءَ مان ڪي گهٽجي ڪين وڃي ها! اڄ بہ نہ رئيس وڏي سان ويو هوندو؟"

حليمان: "نہ ادي، وڏو رئيس ڪاراچي ويو آهي. تنهن ڏينهن بہ الائي ڪيئن ٻہ ٽي ڏينهن سانده رهيو پيو هو نہ تہ گهٽو ڪري هٽ رهي ئي ڪين. مائي، حاڪم ماٺهو آهن، تن کي ڪهڙي پرواهہ. هنن جا تہ آهن هرهنڌ بنگلا!"

پاڳل: "مون ٻڌو آهي تہ رئيس وڏو بہ آيو آهي."

حليمان: "مون کي تہ رئيس وڏي جي خبر ڪانهي، باقي پاٽي تہ ننڍي رئيس سان گڏجي شڪار تي ويو آهي. اُهو من ڏئيس...."

پاڳل: "مئي توکي ڪهڙي ڪل، اهو نانگن ڪاڌو تہ پيءُ کان بہ ٻہ رتيون ڪسر اٿيئي. تنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ سيل وارن جو وهڙو وڃي سندس باغ ۾ پيو ــــــ انهيءَ ساڳئي ڪاري تي پير پويس، دنبوق هٿي ڪييس! خدا ڪيو جو مُئي جا هٿ ڏڪي ويا ۽ دنبوق ڳسي ويئي. پوءِ بہ مڙيو ڪين، نوڪرن کي ٻچ ڪيائين تہ وٺو وهڙي کي، پر وهڙو ڪٽي ٿو وٺ ڏئي، هو تہ ڀڄي ويو. پوءِ تہ رات جو سيل جي پٽ کي اوطاق تي گهرائي، ڏاڙهي مڇون پٽي سڄو منهن رت ڪري ڇڏيائينس. ويچارو اجا شرم کان ٻاهر نڪري ئي ڪين. مائي اجا تہ پڳ ڪانهيس، پڳ مليس تہ الائي ڪهڙا ڪلور ڪندو!"

حليما: "ادي پاڻ ڄاڻن ــــــ حاڪم آهن، تن کي ڪير چوي، ڪير آکي! پاٽي تہ چئي ويو آهي تہ، 'جيتر مان نہ موٽان تيتر ڳُني نہ چاڙهجان."

پاڳل: "چڱو پيڻ، لڪائي نہ ڪائجان، ايمٽان کي موڪلينديسانءِ"

پاڳل گهر ويندي رهي. حليمان بہ ڪم ڪار لاهي، ننڍڙي گلڻ

ڪي ٻبو ڏارائي وڃي پينگهي ۾ ليٽي.

’رات ٿي ويئي آهي، اڃان ٿو شڪار ڪري، آئون ڪيڏي مهل ڳُني چاڙهيندس. نهاري نهاري اکيون پيئيون سور ڪن. آئون ته وڏي سڄي آهيان، لنگهڻ به سمهي پونديس، پر ڇوڪريءَ کي ته بک لڳي هوندي، اها ته لنگهڻ ڪانه سمهي سگهندي. . .‘ حليمان دل ئي دل ۾ سوچيندي رهي.

”ڪريمان! تون ته اوطاق تي وڃ ــــ وڃي ڏسينس، متان پٽ‍ھي اتي ويٺو ڪچهريون ڪندو هجي. شڪار وڃي ڪڏ جي تري ۾ پوي، رڳو پاڻ موٽي ــــ اڌ رات ٿي ويئي آهي، هينئر ڳُني چڙهندي، سو پاڻ به ڪائيندو ۽ ٻار به ڪائيندا.“

ڪريمان: ”امان، آئون ته ڊڄان ٿي، اونداهي رات آهي. اوطاق ۾ ڪُتا ٻڌا بيٺا آهن، مون کي ڪائيندا ــــ آئون ڪانه وينديس.“

حليمان: ”ماسهن پاڳل جي گهر وڃ، اتان آچر کي ساڻ ڪري، اوطاق ۾ ڏسي اچ. آيو هجي ته پاڻ سان وٺيو اچينس.“

ڪريمان: ”آچر مون سان ڪونه هلندو تون چوينس.“

حليمان: ”چڱو تون وڃ، آئون هتان در کان سڏي چوانس ٿي“: ”آئي پاڳل، او ادي پاڳل ڪريمان اچئي ٿي، انهي سان ته آچر گڏي ڏينس ته اوطاق تان ڏسي اچن ــــ پاٽي اڃا ڪونه آيو آهي. مان ته ويهي ويهي هاڻ ڪِڪ ٿي پيئي آهيان.“

ٿوري ويرم کان پوءِ ڪريمان ڊوڙندي آئي.

”پٽ‍ھي ڪو نه هو ڇا؟“

”اسين در لنگهي اندر ٿياسون ته گاڏي بيٺي هئي، جنهن جي چوڌاري ماڻهو مڙيا بيٺا هئا. اسان کي جو رئيس ڏٺو سو وٺي هڪل ڏنائين، ’پڇو هتان ته پادر نه هٽانوَ‘ پوءِ ته آئون موٽي آيس.“

”نياڳي، ايترو ته پڇينس ها، ’سائين، ابو ڪٿي آهي‘؟“

”رئيس ته ٻنهه مارڻ پيو اچي، آئون ڪيئن پڇانس ها؟ آئون ته ڊنيس ٿي.“

”چڱو تون پاٽي جي سنڀال ڪر ته توکي ٽڪر پور پچائي ڏيان ــــ تون ته بک نه مرين.“

گهڙيءَ ڪانہ گذري تہ گاڏي رينگڻ ڪندي، در جي اڳڻ تي اچي بيٺي. گاڏيءَ جي پٺيان عثمان ڪمدار پنهنجي عمر ۾ بہ پيا ماڻهو هئا. سينيءَ جي اڳ ۾ رئيس هو جنهن جي هٿ ۾ ٽارچ هئي. هو پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳا. ان مهل عثمان ڪمدار سڏ ڪيو:

”مائي حليمان، هيڏانهن اچ!“ حليمان گاڏيءَ جي پرسان ويئي تہ رئيس ٽارچ هنئي. حليمان جون نگاهون وڃي گاڏيءَ ۾ پيل هڪ لاش تي پيون ۽ وٺي دانهن ڪيائين:

”گلڻ جا پيءَ، آئون ڦُرجي ويس! ظالم، تو تنهن سان گڏ منهنجي مڙس کي بہ شڪار ڪري ڇڏيو.“

حليمان جي نڪ ۾ سهاڳ جو لونگ پيل هو، جنهن سان هن جو ڏاڍو پيار هو. وجهندي ئي هٿ اڇلي ڦٽو ڪيئين ـــــ اج لونگ هن کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو.

حليمان پاڻ کي پٽ تي اڇليندي، دانهون ڪري رهي هئي تہ رئيس هڪ زوراٽتو ٽڏو هڻي چيس:

”بس ڪر، ڪميڻي، نہ روءِ!“ حليمان آسمان ڏانهن نهاريندي ورندي ڏنيس:

”بس ڪئي... سائين مون بس ڪئي... ڪانہ ٿي رئان، آئون ڪانہ ٿي رئان!“

حليمان جي گهر اجان تائين ڪُني ڪانہ ٿي چڙهي. هو اج بہ انهي انتظار ۾ آهي، تہ ”جيستر مان نہ موٽان، تيستر ڪُني نہ چاڙهجان.“

گلڻ اج ڊڪون پائيندو ٿو وتي، جنهن جي هٿ ۾ حليمان هڪ ننڍڙي کهاڙي نهرائي ڏني آهي؛ انهيءَ لاءِ تہ ”اي منهنجي اميدن جا آسرا، تيستر منهنجي تيج توکي حرام آهي، جيستر مون جهڙين بي انداز بيواه مظلوم مائن، پيٽن ۽ پاڻ جهڙن يتيمن جو وير نہ وٺين. منهنجا جگر، جڏهن تون مڇي مڙس ٿين، تڏهن پاڻ جهڙن لکين مظلومن کي گڏ ڪري، انهن ظالمن کي ختم ڪج، جن جي ناپاڪ وجود جو مقصد ئي آهي: انسانيت جو شڪار ڪرڻ.“

***

# ڪهاڻي

## واهه وڏيرا!

”ڏسان ته جيئڻ بخشڻ وانگر پاڻ ملهائين، ٻارهن مهينا گذري ويا آهن، پر هو اڄ به ياد اٿم!“ وڏيري ائين چوندي ٽورو مرڪيو ۽ خميسي ڏانهن نهاريو. نهارڻ سان ئي تازي ورتائين____ ”هائو ٻيلي هن ۾ به ڪمدار وڏي وارا اکر آهن، پنهنجا پاٽي پيتائين ته گولي ٽيندو گولي. جتي ٻه ٻچبو ڳسندو ئي ڪين“ خميسو ڪنڌ هيٺ ڪيو سامهون مَنجيءَ تي ويٺو هو ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو ”ير، ڦاپو ته ڪا وڏي حرامزادي آهي. ڪهڙي نه ڏول پيءُ ڪي لڄائي ويٺي آهي! هنن ڪارنهن جي ڪنن ڪي ته ڄمڻ مهل ئي نڙيءَ تي نهن ڏيئي، ماري ڇڏجي!“

وڏيرو: ”خميسا! وقت خير جو پيو گذري؟

خميسو: ”سائين جي سر بخت جو خير هجي، اوهان جي ئي اجهي ۾ ڏکيا سکيا ڏينهن گهاريو پيا دعائون ڪريون.“

وڏيرو: ”اڙي، ڏکين ڏينهن جي به اڄ تو ڳالهه ڪرين؟ اسان ڪي ته تون به اهڙو ئي پيارو آهين، جهڙو ڪمدار وڏو. مرحيات ته دل تان ئي نه تو وسري، واه جو سر سوڌ ڳون ستون ڏنائين، آڏي مانجهي ڪنڌ نه ڪيڏاياائين.“ ائين چوندي وڏيري روڻٺهارڪو منهن ڪريهڪ شوڪارو ڀريو ۽ جمعي ڏانهن نهاريو.

وڏيرو: ”جمعا، ياد اٿئي؟“

جمعو: ”هائو ڀوتار ڪلهوڪو ڏينهن آهي، مڙس ته نه هو نسا ڳهه هو ڳهه، ساهه سان سانڍڻ جهڙو. واه جو نمڪ ملهاياائين!“ ٿوري اک ڀڃي، ”ڀوتار اها رات ياد اٿو؟“ وڏيري کان ٽهڪ نڪري ويو. ”جمعا، انهي ڏينهن هئي خدا جي سڻائي، باقي هٿ بخشڻ جا نصيب ٿيا. واه مڙس تنهنجي ڇاتي! سڄو شهر اٿي پيو، ماڻهو چوڦير ڦري آيا، وٺي جو هڪل ڪيائين ته

ڏيڍر ٿي ڍرا تي وين. بيلي شل مڙسن جو ڪال نہ پوي“

جمعو: ”پوتار هيءَ بہ انهيءَ وَلَ جو پَٽو آهي.“

خميسي ٻئي هٿ ٻڌا ۽ چوڻ لڳو ”چاچا، آئون بہ وڏيري جو ساڳيوئي نوڪر آهيان.“

هڪ ڏينهن، جمعي اچي خميسي جي ڪڙهہ تي هڪل ڪئي، خميسو ڪو نہ هو نياپو ڇڏي ويس____ ”مون وٽان ضرور تي وڃ!“ شام جو جڏهن خميسو گهر آيو تہ، جوڻس ڳالهہ ڪيس.

سچ لهي چڪو هو. جمعي جو ڳوٺ ڪو ايترو پري ڪونہ هو: رڳا بہ ميل پنڌ جا هئا. اچا هيءَ بہ جمعي جي گهر جي ٻاهران ئي هو تہ، جمعي ڪيس ڏسندي هڪل ڪئي، ”ابا سچ چيو اٿن، ابو امان مري، شل ڄاڻون نہ مرن!“

ماني ڪائي جڏهن واندا ٿيا ۽ حال احوال جي ڏي وٺ شروع ٿي، تڏهن جمعي ٻڌايس، ”ابا ٻيو مڙيوئي خير، اڳيئي هڪٻئي کي ڄاڻون سڃاڻون. ٽيون ڏينهن وڏيري وٽ اوطاق تي ويٺو هئي! ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي، مرحيات جي بہ ڳالهہ نڪتي. وڏيري چيو ’بيلي جمعا، مڙس اهي جيڪي ننگ سڃاڻن! بخشڻ ڪو مري ڪونہ ويو آهي. خميسي تنهن ڏينهن ڏڪين ڏينهن جي ٿي ڳالهہ ڪئي. تون نياپو ڏياري موڪلينس تہ هڪ بہ سئا مينهن اسان وٽان ڪاهي وڃي ٻچا پاري____ انهن ڪاڏو تہ اسان ڪاڏو“ منهنجي صلاح آهي تہ، ”تون سياڻي وڃي بہ مينهون ڪاهي اچ. پوءِ جي ٻئي نہ جهلين تہ هڪ ڪٽي مون کي ڏجان.“

خميسو: ”چاچا! وڏيري تہ پنهنجا وڙ ڪيا، پر تو پارا چڱا چوندا آهن سڄڻ سڄي ڏئي تہ، سڄي نہ ڳهجي; وري بہ جيڪا تو وڏي جي مرضي.“

جمعو: ”ابا هن کي ڪهڙي پرواهہ آهي. تو مون جهڙا ڪيئي پيا پلجن. اسين بہ اتان نہ ڪائيندا سون تہ آخر ڪٿان ڪائيندا سون؟“

خميسو: ”چڱو چاچا، پوءِ پلي هڪڙي ڪٽي تون جهل ۽ ٻي مون کي ڏياري موڪل.“

ٻئي ڏينهن شام جو، جمعو مينهن ڪاهي اچي در تي بيٺو. رات اتي ئي رهي پيو. ڏاڍيون خبرون ڪيائون.

هفتو گذري ويو. هڪ ڏينهن جيئن خميسو مينهن ڍُڪي رهيو هو تہ ٻاهران ڪنهن جو سڏ ٻڌائين. اچا در کان ٻاهر نڪري ڏسي تہ وڏيرو گهوڙي تي چڙهيو بيٺو آهي. خميسي ڏاڍيون منٿون ڪيس تہ "منهنجو پاڻي پيو وڃ"، پر وڏيري عذر ڏنس تہ "اڄ رات ضرور وڃڻو اٿم!" وڃڻ مهل ڏهن رپين جو نوٽ ڪڍي، خميسي کي ڏيئي، چيائين تہ "هيءَ اسان جي نياڻي مائي، بخشڻ جي گهرواريءَ کي، گَنديءَ جا ڏجئين." ائين چئي هن گهوڙي هڪلي، وڏيري جي وڃڻ کان پوءِ خميسي جي پاڃائي اچي وڏيري جي ساراهہ ۾ ڇُٽي. چي: "ادا خميسا، وڏيري جهڙا وڙائتا ۽ قربائتا ماڻهو ڪٿي! ڏيڻس قاپو مڙس کي زهر جو وٽو پياري ڇڏيو آهي____ چوريءَ جو ڪم تہ ڏس ادا، سوٽس حسين نہ وٽيس، جنهن سان مڱيل هئي: پڇي وڃي هن ماڇي ماسات شمن سان نڪاح وڌائين.' ادا، خدا جي قدرت آهي! اڄ اهي ماڇي بہ ٻلي پائي خان ٿي ويا آهن! نہ تہ جڏهن قاپو جي ماءُ وڏيري وٽ اچي ويني هئي تڏهن ٽڪر ٽڪر لا موٿاج (محتاج) هئا. وڏيري کي ٿي چڪي چڪي، ڇني ڦُري، اڄ وڃي ايتري اوج تي پهتا آهن. ياڻين مرحيات اڳيئي وڏيري کي چوندو هو: 'وڏيرا، هنن ڪمذات ماڻهن کي ايترو ويجهو نہ اچڻ ڏي' پر ادا، وڏيرو بہ هو ماڇياڻي جي منڊ ۾____ سو ڏن دولت مال ملڪيت بہ ڦرايائين ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڏيءُ بہ ڪٽي ويس: 'رَنون مڙسن مان چا ڄاڻن!'"

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ، هڪ رات، خميسي کي وڏيري جو نياپو اچي پهتو: "ميٽ مٽي ۾ هجيئي تہ پاڻي مون وٽ آهي!" انهن ئي پيرن تي زال کي هڪل ڪيائين، "لٽ ۽ جتي آڻي ڏينم." وني پنڌ پيو. اچا سنجهو ئي هو تہ اچي اوطاق پيڙو ٿيو. جمعو اڳيئي ويٺو هو. هن کي ڏسندي هڪل ڪائين: "ابا اچي وئين!"

"هائو چاچا! حڪم ملندو ۽ اچبو نہ!"

جمعو: "ابا خميسا، اهو نياپو توکي مون موڪليو هو. تون تہ پنهنجو آهين، توکي تہ سڄي خبر آهي. نينگري پڇي وڃڻ کان پوءِ وڏيرو ڪنڌ ئي نہ ٿو کڻي. ڪهڙي صلاح اٿيئي؟ پاڻئين ٿو تہ تو کان ڪي ٿيندو!"

خميسو: "چاچا بس! ڪي ٻيو بہ چوڻو اٿيئي؟"

جمعو: "ابا ٻيو ڇا چوان! هاڻي تہ ڪنڌ ئي نہ ٿا کڻي سگهون."

ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ سان، خميسي مينهن هڪلي وڏيري ڪي ڏياري موڪلي. انهي ڏينهن لڏو کڻي اچي شمن خان جي ٻنيءَ ۾ وينو جيڪو بہ پڇي تنهن سان وڏيري جي گلا، ڇي:

"ههڙو آهي، ظالم آهي، هيئن ٿو ڪري، هونئن ٿو هلي... وغيره وغيره."

گهر جا سڀئي ڀاتي حيران ٿي ويا تہ، هيءَ ڇا ٿيو. خميسو بہ ڏينهون ڏينهن زياده اداس ۽ پريشان نظر اچڻ لڳو___ نہ کلڻ نہ ڳالهائڻ، ماني کاڌي نہ کاڌي جهڙي مونجه ئي مونجه___ ڪهاڙي هٿ ۾ ڪنيو، ٽڪن ڪي ڦهرايو سارو ڏينهن اڪيلو ئي اڪيلو جهنگ ۾ گذاريندو هو. ڪڏهن تہ راتين جون راتيون گهر ۾ ئي ڪو نہ هوندو هو.

هڪ ڏينهن ڏرتتيءَ جو رڙيون ٿيون. ماڻهو ڀڄندا ويا، ڏسن تہ شمن خان، اوطاق جي ٻاهران رت ۾ ڳاڙهو ٿيو ڪريو پيو آهي. خميسي جي هٿ ۾ ڪهاڙي هئي، مچريل ڪتي وانگر اچان ڏاڙهڻ لاءِ تيار___ پشيون پيو ڏئي: "متان ڪو منهنجي ويجهو آيو آهي؛ ققڙ ڦاڙي ڇڏيندوسانس، پڇي پاسو ڪريو مون ڪان!"

❊❊❊

نہ لکي ڏنو اٿيئي؟"

"نہ سائين."

"پوءِ ڇو تو اباڻا ڪک ڇڏي، هڏا رُلائين؟"

"سائين، چوندا آهن ـــــ 'ننگ پيا، رنگ ويا. اڳي تہ هئس ڇڙو ڇانڊ، 'جت پڪي تت ڪاڏيءَ' هاڻي تہ گذر جي ڪرڻي آهي."

"خدا جا بندا جيڪو هاڻيءَ کي مڻ ۾ ڪيڙي کي ڪڻ ٿو ڏئي، سو تو کي بہ اوس ڏيندو. اها ڳالھ نہ ڪر، ڇئو ڪٽي تہ پنهنجي وس ناهيان." وڏيري نڪ کي موڙو ڏيندي ۽ ڪنڌ کي ڦيرائيندي چيو.

جمن وچ ۾ ورندي ڏني:

"سائين، سچ ٿو چوي ڇا ڪري، اڪيلو سر، ڪيڏانهن جي ڪندو؟"

"ميان، خدا ڏيڻ وارو آهي، سروندير بہ پيا پيٽ پالين."

"ڪٿي سائين، پنهنجي هلت وارا بہ پيا عذاب ڪائين، سروندير کي ڇا حاصل ٿيندو."

جمن چيو: "ڪٿي ڳھندو، مس وڃي بہ ڳوٺيون ان جون ملنديس، جن مان نڪي ڪڙ نڪي تيل."

"حيدرآباد ۾ تڏهن سو هزار ڪمائيندو؟"

"سائين، پيو نہ تہ بہ اڙي اهنجي ساهرا پيا هٿ وندائيندس. هن غريب وٽ رکيو بہ ڇا آهي ـــــ نہ ڏڳو نہ ڏور..."

اوڏي مهل جمن وڏيري کي اک ڀڃندي چيو.

"اوهين نہ جيڪر وڙ ڪيوس، پنهنجو ماڻهو اٿو... هن جي ابي ڏاڏي بہ تہ اوهان وٽ ساري عمر جوڳ اڙهي!"

"اسان کي ساڳيون اکيون آهن، ڏڳو ڏور گهرجيس تہ، هينئر بہ حاضر اٿس."

"پوک ٿي هن ڪان ٿئي: نينگري اهڙي پرڙيو آهي جو نڪي لاباري جي نڪي پري پاڪر جي ـــــ شهري ماڻهو باقي پاڻ واري ڪريءَ تي نہ ڪو هنڙو ڪيائي ڏيوس!... هينئر ڦُٽي ڦَريءَ جي مهل آهي، پيو گذر سفر ڪندو. چار اکرڙا ڄاڻي، تيل تماڪ پيو ڏيندو وننڊو."

"وڏيري جمن جا لفظ ٻڌي، بہ منٽ تہ ماٺ ٿي ويو. ويرم رکي شفن

ڪري پيڙو ٿيو. هاري ناري، ڪمدار ڪاراوا، اڳيئي وڏيري جي واٽ نهاري رهيا هئا. ڳچ ڳچ دير ڪان پوءِ وڏيرو بہ خير سان لٿو. سيپئي اٿي ڪڙا ٿيا.

”اَللهُ آندو اٿو اسين ڏاڍي انتظار ۾ هئاسون. سوير پرو تہ اڇو ها! ڏينهن تتي نڪري پيا آهيو!“ مجمع مان ٻن چئن ماڻهن چيو.

”سوير پرو اچون ها، پر گهر ۾ چاڪائي ڪانہ هئي. پهريان تہ آيس ئي نہ ٿي، اچا جو وري نڪتس تہ جيرام در جهليو بيٺو هو ڇڏي ئي نہ، چوي تہ ’ڇهہ آنا نفعي جا ونو موڪل ڏيو تہ ڪريءَ تي هٿ ڪيان!‘“

جيئن تيئن ڪري جند ڇڏايم. واڻيو ماڻهو موڪل ڏيانس ها تہ هاري ناري ڦري ناس ڪري ها.“ وڏيري ڪوٺ لاهيندي ڳالهہ ڪئي.

”شفن ڇگو جو آئين.“ شفن ڏانهن نهاريندي، وڏيري چيو. ”جمن اڃا ٿو اچي____ بدبخت کي جيترو تاڪيد ڪر اوترو دير ڪري!“

”ڪمدار منهنجي مرضي آهي تہ هٽ ڪٽي هٽ ڪولائجي____ هاري ناري سڀ کي سهنج ٿيندو____ ڪيئين ٿو پائين؟“ وڏيري ڪمدار کان پڇيو.

”واه سائين، ڏاڍي لئي ٿي ويندي،“ ڪمدار چيو

”رکندو ڇا؟“

”صلاح ڏي“

”في الحال ڪٽي وکر وانو...“

”خرچ گهڻو ايندو؟“

”چار پنج سئو ڪوڙ ٿيندا، رڳو سهيڙڻ وارو سو هجي.....“ ساعت رکي، وڏيري ڪيسي مان قلم ۽ پنو ڪڍي، چٺي لکڻ شروع ڪئي.

”شفن، هي چٺي وٺ جمن کي ڏجئين. سياڻي ٻئي ڇٽا ڳاڏي ڪاهي هوتومل وٽ وڃجو پاڻهي اوهان کي سامان وٺي ڏيندو ۽ سمجهائيندو.“

شفن چٺي وٺي، وڏيري کي پيرن تي هٿ رکي، لک لک دعائون ڪندو اَللهُ جا لطف ڳائيندو ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو.

شفن واٽ تي ئي هو تہ جمن گڏجي ويس. چٺي ڪڍي ڏنائين، ۽ چيائينس، ”وڏيري تنهنجي ڏاڍي پڇا ٿي ڪئي.“

"ابا، وڏيري جي جاءِ تي چاڪائي ڪانہ هئي، چاچهن سان ڳالهہ ڪيم، سا تہ اوڏي مهل تيار ٿي. چي: 'جنهن جو نمڪ ٿا کائون، تنهن جو خير تہ گهرون!' ڏنم تہ ڳالهہ تہ واجبي ٿي ڪري، سو چيومانس، 'جي وڃين ٿي تہ نينگري شفن جي گهرواري بہ وٺيو وڃ ٻار تہ ٿيا اوڏانهن روانا. آ پاڙي مان ٽڪر پچرايو، اجهو هينئر کايو پيو اچان."

"وڏيرو ناراض تہ ڪونہ هو؟" جمن اڳيرو وڃي، سڏ ڪري پڇيس.

"نہ چاچا. ڀلا سپاڻي ايندين يا نہ؟" شفن کانئس پڇيو.

"ڏٽي خير ڪري....دعا ڪر، چرڪو سگهو اچي نڪرندس."

"سلا ماليڪم"

جمن ڏاڍي دير ڪيئي؟" وڏيري کانس پڇيو.

"سائين، مس واندو ٿيو آهيان." جمن اکيچندي جواب ڏنو.

"پوءِ تہ هلڻ کپي؟" وڏيري کانئس پڇيو.

"جي سائين!"

"چڱو گهوڙيءَ تي سنج وجه."

وڏيري گهوڙي تي لانگ ورايندي جمن کي چيو: "خاطري آهي نہ؟"

"جي پوتار!"

وڏيرو گهوڙي کي تيز هڪليندو اچي ڳوٺ پهتو. دروازي تي پچندي ئي سڏ ڪيائين:

"جنان!"

"سائين، آيس." جنان اچڻ سان ئي چانگرا ڪري چوڻ لڳي، "سائين، مٺائي!"

"هيڏانهن تہ ڏس، پگهر تہ سڪڻ ڏي!" وڏيري پنهنجي پيٽ تان قميص مٿي کڻندي چيو.

"صدقي وڃان دشمنن کي ڏينهن لڳي ها تہ پوءِ... شل تي ويو آهين!" ائين چئي، جنان پنهنجي مٿي تان رئو لاهي، وڏيري کي هوا ڏيڻ لڳي.

"ڪيئن، آهين ڪنهن حال ۾؟" وڏيري اک پچندي کانئس پڇيو.

"ڪهڙي ڳالهہ ڪريان___ لالڙي آ لالڙي!" جنان چيو: "خدا جا

رنگ آهن، ڦاٽي تہ ڪٿي آ! ڇا ڇاڻي ويچاري____ وات مان ڪير ٿو وهيس، مهينو ٻہ مس ساماڻي ٿيو هوندس. توکي تہ ڏاڍيون دعائون پيئي ڪري ڇي: ’چاچي، وڏيرو ڏاڍو رحمدل آهي. اَللهُ ڪيس وڏائي، اسان غريبن کي هٿ ڪيڏارائي ٿو ڏئي!“

وڏيري کلي ڏنو: ”چڱو رات تہ رهائينس.“

”رات ڪانہ رهندي، وس ڪيا اٿم تڏهن آئي آهي!“

”چڱو پلا گهڙيءَ ڪان پوءِ، ساڳي جاءِ تي... آئون هلان ٿو.“

جنان وڏيري سان ڳالهائي، موٽي ديري ۾ اندر ويئي.

”چاچي، هت تہ اَللهُ خير ڪيو آ، هاڻي اٿي تہ هلئون، اوپر تي ٿئي.“ نينگري جنان کي چيو.

”ها امان، اَللهُ جون لک پلايون. چاچهن ويچاري کي ٻہ الائي ڪنهن ٻڌايو، منهنجو تہ ساهہ مٺ ۾ اچي ويو! سوير وڏيري سڏ ڪيو: چيائين، ’نينگري قسمت سان آئي آهي، رات ٽِڪي، پنهنجو گهر اٿس، سياڻي تي ويجهو.“

”ڏس چاچي گهر هيڪلو آهي، مڙس ڪان ٻہ موڪلايو ڪينهيم: اَللهُ خير ڪري وري ٻي ساعت.“ نينگري چيو.

”چڱو امڙ جيڪا تنهنجي مرضي“ جنان ڪيس ورندي ڏني.

گهڙي ڪن رکي ٻئي موڪلائي، جڏهن ٻاهر نڪتيون تڏهن جنان چيس، ”امڙ وڏيري کان موڪلائيندي هلون، متان دل ۾ نہ ڪري“ ائين چئي نينگريءَ کي پاڻ سان وٺي ’ساڳي جاءِ‘ تي آئي، جنهن جو وڏيري اشارو ڏنو هئس.

جاءِ ۾ اندر وڃڻ وقت، نينگريءَ جي جڏهن وڏيري تي نگاهہ پئي تڏهن ساهہ ئي ٻُت مان ڇڏائي ويس. وڏيرو هڪ پلنگ تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيو وينو هو. نينگري پلنگ جي پير ۾ پيل هڪ کٽ تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهي.

”جنان، ڇو ٽڪڙ ڪئي اٿو رات رهي پئو!“

”اوهان کان ڪهڙو حجاب آهي،“ جنان چيو ”نينگري ويچاري بنا موڪل آئي آهي، متان مڙسس نہ رنج ٿئي.“

”شفن اسان جو پنهنجو ماڻهو آهي، اسان کان ڪيئن ارهو

ٽيندو!" ائين چئي وڏيري ٽپائي مٿان پيل شيشي مان ڪجھ گلاس ۾ اوتيندي، ٻہ ٽي ڍڪ ڀريا ۽ سگريٽ دُکايو.

ٿوري دير ڪان پوءِ وڏيري جنان کي اشارو ڏنو. جنان اچا دروازو ئي مس مٽي تہ وڏيري کٽي در ڀيڪڙيو. . .

ٻئي ڏينهن شفن چپ چاپ ڳوٺ مان ٽپڙ کڻي شهر ڏانهن هليو ويو.

***

## ڪهاڻي

# زن طلاق

”شاهہ مراد دي مار پووس!“

هن کي ڏسندي ئي مون کي ڪل ايندي هئي. جيڪو بہ پڇندو هئس تہ اهوئي جواب:

”شاهہ مراد دي مار پووس!“ هڪ ڏينهن زوري ٻانهن ڪان جهلي، شاهہ مراد جو قسم وڌومانس. چوڻ لڳو:

”ميڪون جهل چوڙيس، خبر پوسس تہ مار گهتسين.“ائين چئي ٻانهن ڇڏائي اٿي ڀڳو. ان ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن بہ ڏسندو، تہ پاسو ڪيو هليو ويندو هو.

هڪ ڏينهن زماني جي ڪم سان وڏيري گلڻ خان جي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هئس. سيءَ بہ چوي اڄ نہ پوان. ويڙهجي سيڙهجي گهر کان نڪري اڃا ٿورو اڳيرو ٿيس، تہ نورو ويهہ پنجويهہ قدم پريرو منهنجي سامهون اچي رهيو هو. مون خيال ڪيو تہ سڃاتو ڪينهيس، نہ تہ جيڪر وري پاسو ڪري ها. جڏهن چئن پنجن قدمن تي آيو تہ مون کي ڪلندو ڏسي چوڻ لڳو:

”ڏنئي! شاهہ مراد دي مار پووس.....“

مون ڇڪي ڪٽي ٻانهن ڪان جهليومانس

”چوڙ ڪونہ پڇسان!“

ڏنم تہ سندس شڪل مان ڊپ پئي معلوم ٿيو ۽ ائين پئي لڳو جڻ هينئر موت جي منهن مان پاڻ ڇڏائي نڪتو آهي. ”ڳالهہ ڪر! ٻڌائين چو نٿو؟“

”او ڏيک! ماڻهو ڪڙين نہ. خدا دي نالي ميڪون چوڙ. آپهين ٻڌسين..... “ سوچيم تہ هي چريو ٻڌائيندو اُهئين ئي ڪونہ چونہ رڙهي وڃي

روبرو ڏسان!

اڳيرو هليس تہ رستي جي اولهہ طرف وڻن جي سائي جهڳٽي ۾ ماڻهن جو ميڙ پيئي ڏسڻ ۾ آيو. اجان ويجهو ويس تہ ڏٺم تہ ٽي چار پوليس آفيسر هئا، جن مان ٻن ڪوتيل لاهن کي پيئي ڏنو ۽ هڪڙو لکڻ ۾ مشغول هو. "السلام عليڪم" چئي بيهي رهيس. مجموعي مان هڪڙي جٽي وچڻ جو اشارو ڏنو ۽ آئون هلڻ لڳس. فرلانگ کن پنڌ جو ڪري اچي واهہ تي چڙهيس. ڳوٺ جا ماڻهو واهہ جي موريءَ تي ويٺا هئا. سلام ورايم، پر چڻ ڪنهن ٻڌوئي ڪونہ! سينيءَ جي زبانن تي تالا لڳل هئا، جڻ مٽن ڪا وحشيت ڇانئيل هئي ۽ ڪنهن نتيجي جي انتظار ۾ هئا! اجان ٻہ چار منٽ ئي نہ گذريا، تہ پوليس ماڻهن سميت ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳي. جڏهن ويجهو آئي تہ سپيئي اٿڻ لڳا. دراصل هو اٿڻ جا نہ هئا، پر اٿاريا ويا____ پوليس جي ڪري. هو پوليس کان ڊنا ٿي، اهڙو جهڙو انگريزن جي زماني ۾____ پاڻ تهائين وڏيڪ. منجهائن هڪڙي تہ دل جهلي، ايئن بہ چئي ڏنو: "اچن پيا انصاف وارا، ڏسو تہ ڪيئن ٿا انصاف ڪري ڏيکارين.....!" ماڻهو انهن ئي پيرن تي هيڏانهن هوڏانهن پکڙي ويا. خيال ڪيم تہ ڪٿي وڃي ويهان. پريان ڏٺم تہ نار پيئي اڙهو وڏي وڃي اتي ويٺس. اجا ويچار ۾ ئي هئس، تہ منهنجي پنيان ڪنهن جي پيرن جي آهٽ معلوم ٿي. ڪنڌ ورائي ئي واريان تنهن کان اڳ ايندڙ جي واتان "سلام عليڪم" جا لفظ بندوق جي گوليءَ جيان منهنجي ڪنن وٽان گذري ويا. "وعليڪم سلام" چئي، اتي ڪيس هٿ ڏنم.

"ڏٺئي!" هو مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳو "احمد! ڇا تو سمجهين؟ خدا جي ديڳ اجا نہ ٽپندي! موڪل ڏئي مڙس ماريو اٿن..... سو بہ خسيس لاهن تان..... شل خدا جو قهر پئين....."

ماڻهو ٽڙي پکڙي، وري اچي نار تي گڏ ٿيا. ڪو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو تہ ڪو ڪنهن سان. هڪڙي چيو "غريب جو گهر ئي رلي ويو. ڪاڏي ويئي زال، ڪاڏي ويو الهو تلهو. پر هي ڏينهن هئا، جو لائون لڏيون هئائين____ اجا ميندي بہ ڪانہ لٿي هيس. ڇا ٿيندو: ڪير آ ويچاري جو جيڪو ڪيس ڳاهيندو ۽ حاظريون بہ ڀريندو. اجهو هڪ اڌ شنوائيءَ کان پوءِ وڏيرو وري اچي هڪڙي نہ ٻئي جو سر ڪٽيندو. اڳيون

ڳالهيون ياد نہ اٿو ـــــ چي:

’گھوڙيءَ سان پيچ، نہ تہ دنبوق ٿو هڻان!‘

نوروءَ جي بت ۾ اڃا پيا چرا ڪڙڪن. ڏسو ٿا ان ڏينهن کان وٺي، ڪو هوش نڪاٽي اٿس رڳو ڦلندو وتي ـــــ ’شاهہ مراد دي مار پووس!“ آهي ڪو ڏٺي سائين؟ انصاف هجي تہ ڪيترا ڏينهن نہ تنگيو پيو هجي ها ـــــ وڏيري ٿي تہ چيو هئس: ”ڏيڍ رپيو وٺندو سانءِ، پلي ڪڍي ڪوري تي وڪڻ. آئون پاڻ بينو هئس!“

پيو ڄٽو جو پريان ڪنڌ هيٺ ڪيو سر تي چڙهيو وينو هو تنهن چيو، ”آئون ٻن پهرن جو پڏي واري نمبر ۾ هر پئي اڙهس، وڏيرو شهر کان پئي آيو. جعفر کي پريان لاهہ ڪيندو ڏسي، مون کي چيائين، ”گلو! اهو کهڙو چگڙيءَ جو ٿو لاهہ پيو ڪڍي؟“ ٻڌايومانس، ’سائين جعفر آهي وڏيري گلڻ خان موڪل ڏني اٿس‘ اهو جو ٻڌايومانس، جڻ جيجي لڳي ويس ـــــ ’آئون مري ويو آهيان جو هيءَ حرامزادو وڏيري کان ٿو موڪل وٺي!‘ پوءِ تہ وٺي گهوڙي کي هڪليائين. سوچيم متان جهيڙو نہ ٿي پوي، سو گهوڙي جي پنيان تکو تکو هلڻ لڳس. واٽ تي وڏيري کي گهٽو ٿي ناريم، پر هڪ بہ نہ سٽيائين ـــــ“

”’رن پٽ... جڏهن بہ بيگر جو چوينس، ڪنڌ ڪڍايو وجي...‘ پرسان ايندي ئي وڏيري ٻُجو ڏيئي، گار ڪڍي، چيس، ’رن.... گولاڙيءَ جا پٽ، هي ڪا پٽهين جي ملڪيت آهي، جو ڪڍين بينو!‘“

جعفر کي تہ سيپئي سڃاڻو اشارا ڏنامانس ـــــ مڙيو ئي ڪين. نہ پهہ چئي ڏنائين: ’وڏيرا، اشراف تي، آئون گولاڙيءَ جو ٻار آهيان، تہ تون وري ڪنهن جو آهين؟‘ بس ڳالهہ اها ئي تي، ’نا‘ وجي پستول تيو. مڙس ڪري پيو. مون کي چيائين. ’پچ تنهنجي تہ وٺي ڪري.... توکي بہ ٿو پورو ڪريان!‘ آئون وٺي ڀڳس، پوءِ تہ هن لوٽو ئي ڪونہ هنيو. گهوڙو هڪليو هليو ويو.

تيون ڄٽو جيڪو سيني جون ڳالهيون ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهيو هو تنهن چيو ”اهو ڪو بيوا جبي چيئين: پاڻ بہ تہ مهاڻيءَ جو ٻار آهي. پٽس کان موڪلايو هئائين، جو جر وٺي ويس. ير هيءَ سيءِ اسان جو ڏوهہ آهي، نہ تہ وڏيري جي ڇا مجال آهي، جو راڄ سان هڙا ڪلور ڪري،

جيڪو ڏس، گهر ڪنڌ ۾ ماريو ماٺ ڪيو ويٺو آهي.... سيپيئي پيا چرڪن. مڙس مڙسن جا مٽ آهن، هونئن به ته پيا مرئون نه! اڄا به نتا ويچاريو. هر ڪا بازي ڦبندي وڃين. رڳو هن سانوٽيءَ ۾ ئي ڏسو ته ڪهڙا نه ويل وهايا اٿن! جانو جا ڏڳا ڪنهن ٻڌرايا؟ ايمٽان جي پري ڪچهريءَ ۾ ڪنهن چوٽي وڍرائي؟ ولوءَ جي نياٽيءَ سان عقوبتون ڪنهن ڪرايون؟ آچر ڪي جيل اماڻي، سندس لڄ ۾ ڪنهن هٿ وڌا؟ نورو ڪي بندوق هڻي، چريو ڪنهن ڪيو؟ ٻڌايو! ماٺ چو ڪئي اٿو! اڄان به ڪتر نه ٿو پويو! ٻڌي نه ڪنئو ته هڪڙي ڏينهن پنهنجي به اهائي حالت ٿيندي. هينئر سيپيئي ويٺا آهيو ـــــ خدا جو قسم اٿو آهي ڪو اهڙو جنهن جي وڏيري دل نه ڏکوئي هجي؟ ميان مڙس ٿيو راڄ ٿا ڪلن. . . "

سيپيئي جلي ڪامي ويا. جنهن ڪي به ڏس ته ڪنڌ هيٺ. اڳيون رت پيون چڙهين. اوڏيءَ مهل اوچتو سڏ ٿيو: "گلو اٿي آهين؟" سڏ ٻڌندي ئي سيني بڪايل شينهن وانگر ڳاٽ ڪڍي ايا ڪيا. گلو ٽپ ڏيئي اٿيو ته هڪڙي چيس، "ڪير آهي اهو؟"

"پانيان پيو ته ڪمدار آهي."

ڪمدار جي نالي ٻڌندي ئي، هڪڙي رڙ ڪئي: "ونو ڪتڻ ڪي، آيو آهي. . . " اهو ماٺو جنهن سيني کي همٿايو پئي تنهن هڪل ڪئي: "مڙس ٿيو.... چوڪرا آهيو ڇا؟ دشمن سان ائين وڙهبو آهي؟ وڃ گلو! ڏس ته ڇا ٿو چئي."

انهن ئي پيرن تي گلو موٽي آيو نهار ڪڍي ته سڄو پيو ڦڙڪي اڇڻ سان ئي چيائين، "وڏيري چيو آهي شاهدي ڏيندين ته جڻ بنياد ئي وڃائي ڇڏيندو سانءِ"

ٻڌندي ئي ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙا ٿيا. جهلجن ئي نه: "نه ڇڏيو! انهي ڪولوءَ کي. . . " هن وري به هڪل ڪئي: "خبردار متان وڌيا آهيو اُبهرا نه ٿيو. واعدو ڪريو ـــــ جنهن سان وڙهڻو آهي، اُنهيءَ سان وڙهنداسين."

هن اڃان ڳالهايو ئي پئي ته، سيني گڏجي وڏي آواز چيو: "زن طلاق آهي، جي هاڻي ڇڏيون وڏيري کي!"

❊❊❊

# ڪهاڻي

## رئيس سان رهاڻ

گهڻن ڏينهن کان پوءِ رئيس جي اوطاق تي وڃڻ ٿيو هو کٽ تي وينو هو ۽ اتي ئي ويٺي هٿ ڏيندي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڏنائين. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ زماني جي اوپارين لهوارين تي اچي ڇڙيو. چيائين:

"شهرن جون ٿوريون گهڻيون خبرون اخبارن ۾ ته پيا پڙهون، پر ڳوٺن ۾ جيڪي وهي واپري پيو تنهن جي اوهان کي ڪل ئي نه هوندي. زمانو ڏاڍو بدلجي ويو آهي ــــــ خسيس هاري، ابن ڏاڏن کان زميندارن جي درن تي ڌڪا کائيندا، رات ڏينهن سائين سائين ڪندا ۽ تيلهبا رهندا هئا. تن جو هينئر دماغ ئي ڦري ويو آهي. گهرج پوندن ته ٻوڙي اچي پيرن تي ڪرندا ۽ ڪم لٿي کان پوءِ پاٽان اچڻ ته ماڳ، مورڳو سڌ تي به لهرائڻ جي پيا ڪندا. زمانو ته ڏسو!"

وراڻيومانس: "رئيس، تعليم ۽ سجاڳي جو دور آهي. ماڻهن کي ٻاهرين دنيا جو ٿورو گهڻو واءُ سواءُ پيو پوي، ان ڪري ڏپ لهندو وڃين. اوهان جي هارين نارين جا ڇوڪرا به ته پڙهي پيا هوندا؟"

"اسڪول جي صاحبن به چار دفعا ڪوششون ڪيون، پر اسان ڏنو ته مڙئي بار لاهڻ پئي آيا، اهو ڏينهن، اجوڪو ڏينهن. ٻاويهه سال تي ويا آهن، وري هيڏانهن مهن به ڪونه ڪيائون" رئيس چيو.

"رئيس، تعليم کانسواءِ ٻيا به ڪيترا وسيلا آهن. رڳو ريڊيي کي ئي ونو اهو ڏينهن خالي ناهي جو ٻاهرين ملڪن جون اهي خبرون نٿيون اچن ته فلاڻي ملڪ ۾ زمينداريون ختم ڪيون ويون آهن ۽ ملڪ جي سموري زمين اتان جي هارين کي ورهائي ڏني ويئي آهي."

"انهن ملڪن جا زميندار ماڻ ڪيو وينا ڏسن؟"

"تڏهن ڇا ڪندا؟ سمورا ائين ٿا چون ته زميندارين کي ختم ڪيو وڃي، ته پوءِ ڪير انهي ڳالهه کي روڪيندو. هو چون ٿا ته رڳو هڪڙي ٻن سون ايڪڙن زمين جي مالڪ کي ڏسو جنهن جي گهر ۾ وڏ ۾ وڏ ڏهاڪو ياتي ۽ وڌ پورهيو ڪندڙ هاري ويهارو هوندا، جيڪي پنهجي ٻچن ٻارن سميت ٻه سو جيو هوندا. ٻه سو ايڪڙن جي هڪ فصلي پيدائش تي فرض ڪريو ته ٽيهه هزار رپيا ٿئي ٿي، جن مان پندرهن هزار روپيا هڪ زميندار جي ڏهن ياتين واري ڪٽنب جي خرچ لاءِ ملن ٿا ۽ باقي پندرنهن هزار ويهن هارين جي ٻه سو ماڻهو واري ڪٽنب لاءِ. حساب ڪيم ته زميندار جي هرهڪ ياتيءَ کي مهيني جي کاڌ خوراڪ لاءِ سو ٻارنهن رپيا ۽ ٻين ڏرين جي روزاني کاڌي جي ويلي جي خرچ جي پيٽ ڪبي ته زميندار جي ياتيءَ کي کي پوٽا تي رپيا ملن ٿا. ۽ هاريءَ جي ياتيءَ کي ادائي آنه. هاڻي اندازو لڳايو ته ادائي آنن مان ڇا کائي ۽ ڇا بچائي جو ڪيس انگ ڍڪڻ، دوا درمل ۽ شادي غميءَ جي موقعن لاءِ بچت ڪري ڪپي. وڏين زميندارين ۾ ته انهيءَ کان به وڌيڪ هارين سان بي انصافي ڪئي ٿي وڃي. انهيءَ ڪري ٻين ملڪن ۾ زميندارين کي ختم ڪيو ويو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته 'جيڪو پوکي، اهوئي کائي'.

"اهو ته سنئون سڌو زميندارن سان ظلم ڪيو ويو آهي. قدرت ايامن کان وٺي اهو سرشتو رکيو آهي. هر ڪنهن جي پنهنجي ڀاڳ ۽ نصيب جي ڳالهه آهي."

"رئيس برابر سچ پيو چوين ته ايامن کان وٺي ائين ئي هلندو آيو آهي ته پورهيو ڪن هڪڙا ۽ کائين ٻيا. پر رئيس، اڳي ته ايترا گهڻا ماڻهو به ڪونه هئا. ڪالهه جي ڳالهه آهي ته پاڪستان ٺهڻ وقت سڄي سنڌ ۾ چاليهه لک ماڻهو هئا 33 سال گذري ويا آهن ته هينئر ڏيڍ ڪروڙ کان به وڌيڪ ماڻهو آهن. ايترن جو گذر ڪيئن ٿئي! جيڪڏهن زميندارين کي ختم نه ڪجي ۽ اڳوڻي وانگر چرخو هلي ته پوءِ 95 لک پورهيت ماڻهو بکن ۾ ناس ٿي ويندا. ملڪ جو سمورو ڪاروبار، زمينون، ڪارخانا، جهنگل، ڪاٺيون، رستا روڊ ۽ ٻيون هر قسم جون محنتون ۽ تڪليفون اهي ئي ماڻهو ته ڪن ٿا.

ملڪ تي ڪو دشمن ڪاهي اچي تہ انهن کي مقابلو ڪرڻو تہ پوي. جيڪڏهن انهن ماڻهن جي صحت ڪري پوي تہ ملڪ منو. پنج لک دولتمند ماڻهو تہ ڪم ڪونہ هلائيندا! انهن ماڻهن تہ ڪک پچي ٻيٽو نہ ڪيو آهي. ڇا اهي پوکون ڪندا، جهنگ وڍيندا، ڍلها ڪٽيندا، ڪاتيہ ڻ ڪوٽيندا يا ڪارخانن ۾ مزدور بنجي ڪم ڪندا ۽ وڏي ڳالهہ تہ جيڪڏهن دشمن حملو ڪري تہ اهي ماڻهو سينا تاڻي وڙهندا؟_

رئيس ٻي وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ دنيا ۾ هرهنڌ وڏيڪ علم ۽ عقل اچڻ سبب، ماڻهن انهي ڳالهہ تي بہ ڌاڍو سوچيو آهي تہ قسمت ۽ نصيب جو بہ پورهيت جي پيٽ سان واسطو آهي يا مورڳو اها ڪا وڏي چالاڪي ٿيل آهي!“

”ڀلا، انهيءَ تي ڇا سوچيو اٿن؟“ رئيس وڏي اُبهرائيءَ مان سوال پڇيو.

”رئيس، اهي عقل ۽ علم وارا ماڻهو چون ٿا تہ قدرت انسانن کي پيدا ڪرڻ وقت تہ ڪوبہ فرق ڪونہ رکيو آهي. جهڙو ڀنگيءَ جو ٻار، ٻن اکين، ٻن ٻانهن، ۽ ٻن ٽنگن سان پيدا ڪيائين، اهڙوئي هڪ رئيس، وڏيري ۽ پير سيد جو. اتان نہ ڪنهن جي نرڙ تي اهو لکجي ڪونہ آيو آهي تہ هي ڀنگي آهي، وڏو تي ڪاڪوس صفا ڪري ۽ هي رئيس، نواب، سيد، يا پير آهي، وڏي ٿيڻ ڪان پوءِ پورهيو نہ ڪري، ماڻهوسندس حڪم تي هلن ۽ کيس ڪٽ تي وهاري ڪارائين.

”اهڙو تہ عقل اسان ۾ ٿي ڪونهي، هارين کي ڪاڏهون آيو؟“

”رئيس، روزانو ايندڙ خبرون ڏيان ڏيئي ٻڌين تہ توکي ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن اها خبر ٻڌڻ ۾ ايندي تہ فلاڻي ملڪ ۾ هارين، مزدورن ۽ ڪارخانيدارن کان ملڪيتون ڦري، ملڪ تي قبضو ڪري پاڻ پيا ڪم هلائين.“

اهي لفظ ٻڌندي، رئيس مون ڏانهن نهاريو. ڄڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪئي هجيم.

”ميان، هٿين خالي هاري ۽ مزدور، حڪومت جي فوج ۽ هٿيارن سان ڪيئن مقابلو ڪندا جن جي گهر ۾ ڇڳي موچاري لٺ بہ ڪانهي.“

رئيس جو جواب ٻڌي مون کان ڪل نڪري ويئي. وراڻيو مانس:

”رئيس، فوج ۾ بندوق کڻڻ وارا سپاهي، جيڪي 100,50 رپين عيوض سر ترِيءَ تي رکي نوڪري ڪن ٿا سي وڏن ماڻهن جو تہ اولاد ڪونہ هوندا؟ اهي 100 رپيا پگهار وارا انهن هارين ۽ مزدورن جو تہ اولاد آهن.

تون پائين ٿو تہ جڏهن ملڪ جا سمورا هاري، مزدور ۽ پورهيت گڏجي دولتمند ماڻهن جي مخالفت ڪن تہ اهي فوجي سپاهي ڪنهن جو پاسو وٺندا؟

پنهجن مٽن مائٽن جو يا زميندارن ۽ ڪارخانيدارن جو؟ اهي لفظ چئي رئيس جي چهري ڏانهن غور سان نهاريم. مون محسوس ڪيو تہ اها ڳالهہ دل سان ٺهڪي آيس. پر مٽن جي خاموشيءَ ڪانپوءِ چيائين تہ "واقعي ريڊين ماڻهن جو مغز خراب ڪيو آهي. اسان جي ٿنهي ڳوٺن مان گذريل سال هڪ هاري ريڊيو ورتو هو. مونکي خبر پئي، انهي ڏينهن پاڻ وٽ گهرائي ريڊيو ڦريو مانس پر جٽ بہ اهڙي ڪئي مانس جو ٻين بہ سبق سکيو. آئون پنهجن هارين کي هٿ ڦار ٿيڻ بہ ڪين ڏيان!"

"اوهان جي ڪنهن بہ هاري وٽ ريڊيو ڪونهي؟"

"نہ، بلڪل نہ!"

"اوهان وٽ تہ ضرور هوندو؟"

"هائو پر اسين گهر کان ٻاهر وجايون ئي ڪونہ."

"رئيس، اخبارن ۽ ريڊين کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي وسيلا آهن، جو ماڻهن کي واسو جون خبرون پيون پون."

"ٻيا ڪهڙا وسيلا آهن؟" رئيس حيرت مان پڇيو.

"اڄڪلهہ هارين ۽ مزدورن جا ليڊر ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وتن جلسا ڪندا، غريبن کي ٻڌائيندا تہ ٻڌي ڪريو نہ تہ وڏيرن ۽ دولتمند ماڻهن جي ظلم مان جند ڪانہ ڇٽندي."

"هائو پر مان نہ سنبران تہ ڪڏهن منهنجي هارين مان ڪو ماڻهو اهڙي جلسي ۾ ويو هجي. اسان جي پر پاسي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا جلسا ٿيندا آهن. خبر پوڻ شرط انهي ڏينهن کانہ ڪا چيڙ يا بيگر شروع ڪرايو ڏيان، جو سيئي اچيو انهي ڪم کي شروع ٿين. انهي کانسواءِ اها بہ منع ڪرائي ڇڏيندو آهيان تہ متان ڪو انهن بي دين ماڻهن جي جلسي ۾ وڃي ۽ پنهنجي آخرت خراب ڪري."

مون ڏٺو تہ رئيس کي هڪ مڪينيڪل انجنيئر وانگر مذهب جي سيني پرزن جي بہ پروڙ آهي ۽ کيس اها بہ خبر آهي تہ مذهب کان ڪهڙو ڪم ونجي ۽ ڪيئن استعمال ڪجي. هو ڏسڻ ۾ سادو ٿي معلوم

ٿيو پر پوءِ جيئن جيئن ڳالهين ۾ ٿي کليو تہ مون کي پڪ ٿي تہ هو وڏو عيار آهي. هو پنهجن هارين سان ائين ڪيڏي چاٽي جيئن ڪو ٻار ڪينهي سان ڪيڏي ۽ انهي کي سٽي ۾ ڪٽي. آئون نهايت تپرس ۾ پئجي ويس ۽ سوچيم تہ وڏيري جو وجود ملڪ ۾ ماڻهن لاءِ ڪيڏو نہ خطرناڪ آهي ۽ آئون سوچڻ لڳس تہ وڏيري جي نيت کي سمجهڻ لاءِ پيا ڪهڙا سوال پڇڻ گهرجن. هينئر ان جي چهري تي انسان دشمنيءَ واري سموري غلاظت اڀري آئي هئي. شروع واري سادگي ۾ اڻ ڄاڻائي هڪ وڏي مڪاريءَ جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳي. هن پنهجي 40 سالن جي زندگيءَ جو هڪ منٽ بہ پنهنجي ذهن کي انهي مڪار سوچ کان واندو نہ رکيو هو. تہ هارين کي ڪهڙي طرح دنيا جي روشنيءَ کان محروم رکجي ۽ کين سندن تباهيءَ جو احساس پيدا ٿيڻ نہ ڏجي. آخر چيومانس تہ ”رئيس، ڇا بہ هجي، ماڻهو ڪمن ڪارين سان، دوا درمل جي خيال سان، شهرن ۾ پيو اچي وڃي، اتي رات ڏينهن اهي ڳالهيون ۽ جلسا ۽ جلوس پيا ٿين تہ شهرن ۾ رهندڙ غريب ماڻهو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ٻهراڙيءَ جي غريبن سان گڏجي پنهنجا حق وٺن هاڻي اسان کي وڏيڪ ظلم سهڻو ناهي.“

”هائو سمجهان ٿو اتي برابر ائين هوندو پر آئون پنهجن هارين کي شهر ۾ وڃي دربدر ٿيڻ ۽ ڦرائڻ جو وس لڳندي موقعو ئي ڪين ڏيان. مون کين هر سهوليت گهر ويٺي موجود ڪري ڏني آهي. خدا جي ڪرم سان پنج پٽ اٿم جن مان بہ هوشيار طبيب آهن، تنهن ڪري دوا درمل لاءِ ڪنهن کي پنهنجا ٻچا ۽ ننگ وٺي، شهرن ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿئي. ٽن پٽن کي ڪپڙن ۽ سيڌي سامان جا دڪان کولائي ڏنا اٿم. اوهان کي هتي ٻهراڙيءَ ۾ بہ شهر جي هر چيز ڪنهن وقت بہ ملي سگهي ٿي.“

رئيس جي چهري ڏانهن نهاريندي چيومانس، ”رئيس، باقي هڪڙو بندوبست نہ جيڪر ڪري وجهين، پوءِ سيرانديءَ هيٺان وڏا ويهاڻا ڏيئي بي ڪنتڪو ٿي سمهي رهو. مجال آهي جو توکي دنيا جو ڪو ڪوسو واءُ لڳي.“ اهي لفظ ٻڌندي ئي هن وڏي اٻهرائيءَ مان چيو:

”ڇئو! ڇئو! ڪهڙو بندوبست ڪريان؟“

”رئيس، پنهنجي سموري زمين جي چوڌاري، لوهي دروازي سان ايڏو وڏو ڪوٽ ڪڍاءِ جو وس لڳندي سج جي روشني اندر اچي نہ سگهي.

ان کان پوءِ فقط هڪ ڳالهہ کي ذهن ۾ ضرور رکجئين تہ جن شينهن کي تو ذهني زنجير وجهي قابو ڪيو آهي تن خدانخواستہ جيڪڏهن اهي ڇنائي وڌا، تہ پوءِ.....؟“

مون اهي لفظ چئي تيڏي اک سان رئيس جي چهري تي نگاهہ وڌي ڏٺم تہ هو پٿر جي مورتي وانگر بت بڻجي ويو. ڪا ساعت هن جي اکين جي پنبڻين ڇُرڻ ئي ڇڏي ڏنو.

❊❊❊

# مختصر افسانو

## اوڏڻ

ڳوٺ جي پر ۾ هڪ اوڏڻ پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ سان گڏ رهندي هئي.

هڪ رات لڙي سنجها جو ڏاڍيون رڙيون ٿيون. ماڻهو ڀڄندا ويا. ڇا ڏسن ته پوڙهيءَ جي مغز مان رت بوها ڪيو پئي اُڙهو.

نينگري پنهنجي منهن تي ڏڪ هنيو ۽ وار پٽيا. پاڻ ڪي هر هر مٿان ڪٽي تي پٽ تي اُڇليو. جيترا وات اوتريون ڳالهيون. ڪنهن ڪيئن تي چيو___ ڪنهن ڪيئن. اوڏي مهل هڪ نوجوان هڪل ڪئي:

"ڪڏهن اهو به سوچيو اٿئو ته ٻارهوئي ورهِ لاءِ ڪلهي تي پوتي ڪنهن ڪٽائي آهي___ پري نه ويجو هيءَ به انهن جا ئي ڪم آهن."

_22, مارچ: 1969ع.

## مختصر ڪهاڻي

# خصي

هڪ ڏينهن بس ۾ ٽي چڙهيس تہ هڪڙو پئسينجر ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيٺ لٿو. بس ۾ ويٺل کان پڇيم:

"اهو همراهہ ڇو پيو گهٽ وڌ ڳالهائي؟"

وراڻيائين،

"اهو ڪافر، پير مرشد جي خلاف ڳالهيون پيو ڪري."

مون پڇيس، "تون ڪنهن جو مريد آهين؟"

هن هڪ اهڙي پير جو نالو ورتو. جيڪو هزارين ايڪڙ زمين ۽ 'اليڪشني سياست جو ڪمدار' هو. مون اجان هن جي منهن ڀئي نهاريو تہ هڪدم چيائين: "خدا جو ڏنو پيو بہ جهجهو ئي اٿس."

هن جا اهي لفظ ٻڌي مون کان ٿهڪ نڪري ويو. پر پوءِ هڪدم پاڻ سنڀاليندي، چيومانس،

"تڏهن تہ تون خصي (ڪدڙو) ٿيو آهين، نہ تہ جيڪر پينو پير کي تہ تون بہ اهڙوئي مڃين!"

1964ع

## [فئنٽسي]

# شاعر جي پرک

"ملڪ جو ڪهڙو حال آهي؟"

"ڀڳوان جي ديا آهي مهراج. پر مهراج، پرجا ۾ ڏاڍي بي آرامي آهي."

"پرجا جي بي آرامي، ڀڳوان جي ديا اڳيان ڪجھ بہ نہ آهي." راجا جو جواب ٻڌي، وزير خاموش ٿي ويو. ٿوري دير کان پوءِ راجا وري وزير کان پڇيو: "ڀلا، پنڊت ۽ برهمڻ ڪهڙي حال ۾ آهن؟"

"آسيسائون ٿا ڪن مهراج. ڪيترن کي جاگيرون ۽ پڳهارون ڏنيون ويون آهن، ڪيترا مندر ۽ وديالا نهرايا ويا آهن. پر مهراج..."

وزير اجا ڳالهائي رهيو هو تہ راجا وراڻيو "اسان کي تنهنجي ڏاهپ ۽ عقل ۾ اهائي اميد آهي، پر جيسيتائين پنڊت ۽ برهمڻ ڌرمي وياکاڻ تي زور نہ ڏيندا، تيسين سڀ بندوبست بيڪار آهي."

"بلڪل مهراج. سرشٽي تي جڏهن کان راجائي دستور هليو آهي، تڏهن کان دنيا جي راجائن، پنڊتن ۽ برهمڻن تي سدائين مهربانيءَ جو هٿ رکيو آهي."

"اهائي تہ بنيادي ڳالهہ آهي وزير. پر وزير، شاعرن ۽ سگهڙن تي بہ ساڳي نظر ڪرڻ گهرجي. هوءَ هميشہ دربار جا دعاڳو رهيا آهن."

"نہ مهراج، سڀ نہ."

"وزير، تون انهي ڳالهہ ۾ ڏليل آهين___ مايا هر ڪنهن جي زبان تي منڍ هنيو آهي."

"مايا برابر سڀڪجھ ڪري سگهي ٿي، پر مهراج هن سرشٽي تي، هر جڳ ۾ اهڙا بہ ڪوي ۽ ساهتيا ڪار موجود رهيا آهن، جن تي مايا

پنهنجي جادوءَ جو ڪوبہ اثر ڪري نہ سگهي آهي.“
وزير جو جواب ٻڌي، راجا ٿهڪ ڏيندي وراڻيو
”افسوس آهي تنهنجي انهي سمجه...“
”مهراج، افسوس جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي____ حقيقت تجربي سان ئي پرکبي آهي.“
”چڱو ڏسان تہ ڪيئن ٿو ثابت ڪرين!“ راجا وراڻيو.
ٻئي ڏينهن وزير سڄي رياست ۾ سرڪاري ڪارندن کي حڪم ڏياري موڪليو تہ ملڪ ۾ جيڪي بہ شاعر وغيره موجود آهن. انهن کي فلاڻي تاريخ، ڪنهن بہ حالت ۾، دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي.“
حڪم پهچندي سرڪاري ڪارندن شاعرن پٺيان ڳوٺ ڳوٺ ۾ نوس نوس شروع ڪري ڏني. سڄي ملڪ مان هر هنڌان شاعرن جا ٽولن جا ٽولا مقرر تاريخ تي دربار ۾ آڻي حاضر ڪيائون. سڄي دربار ڀرجي ويئي. ڪن شاعرن راجا جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ايترو تہ سينگاريو ۽ ٺاهيو هو جڻ تہ فقط پنهنجي لباس جوئي مظاهرو ڪرڻ آيا هئا، ۽ ڪن جي تہ وري اهڙي حالت هئي جو شڪ ٿي جاڳيو تہ سرڪاري ڪامورن هن معاملي ۾ بہ ڏي وٺ کان ڪم ورتو آهي____ ڦاٽل ڪپڙا، مايوس چهرا ۽ اداس نگاهون. يقين ئي نہ ٿي آيو تہ هي بہ ڪي شاعر آهن. آخر جڏهن ڳڻپ شروع ٿي تہ ڪل ٽي سو شاعر حاضر هئا.
راجا ۽ وزير ڪافي وقت تائين شاعرن کي ڏسندا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا. دربار ۾ ان وقت وڏي سانت لڳي پيئي هئي؛ البت پوئين قطار وارن____ اداس نگاهن ۽ مايوس چهرن جي پاڻ ۾ ٿوري گهٽي سس پس ٻڌڻ ۾ آئي ٿي. اوڏي مهل وزير چوبدارن کي حڪم ڏنو تہ ”هنن سڀني شاعرن کي هٿڪڙيون وجهي جيل ۾ ڪائنن سخت پورهئي وارو ڪم ورتو وڃي. اڄ کان پوءِ هنن جي شاعري بند. جيل ۾ ڪائنن سخت پورهئي وارو ڪم ورتو وڃي. انهي حڪم جي سرانجاميءَ کان پوءِ جيل توڙي ٻاهر سڄي ملڪ ۾ ڍنڍورو ڏياريو وڃي تہ اڄ کان پوءِ اسان جي حڪومت ۾ ڪوبہ ماڻهو شاعري نہ ڪري. جيڪڏهن اسان جي هن حڪم کان پوءِ بہ ڪنهن ماڻهو شاعري ڪئي تہ ان کي ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويندو.“

هن حڪم ٻڌندي ڪيترا شاعر زار زار روئي رهيا هئا ۽ پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪري رهيا هئا. چوبدارن انهي وقت سڀني شاعرن کي هٿڪڙيون وجهي جيل ڏانهن روانو ڪيو.

هن واقعي جي جڏهن ملڪ جي ماڻهن کي خبر پيئي، تڏهن هو حيرت ۾ پئجي ويا، چي، "اسان جي ابي ڏاڏي ڪونہ ٻڌو تہ ڪنهن شاعر کي شعر چوڻ جي ڏوهہ ۾ جيل وڌو ويو هجي____ ههڙو انياءُ! چورن، ڌاڙيلن ۽ ٻين ڏوهارين کي تہ جيل ۾ وجهبو آهي، پر شاعر کي جيل ۾ وڌو ويجي، سو هاڻ ٿا ٻڌون!"

ملڪ ۾ چوطرف هراس ڇانئجي ويو____ ماڻهو چون تہ هاڻي سرڪاري ڪامورا، اجهو ٿا بي گناهن کي ڦاسي تي لٽڪائين. مطلب تہ ان ڏينهن کان پوءِ شاعري جڻ تہ ملڪ کان هميشہ لاءِ ڪاوڙجي ڪيڏانهن بر منهن ڪري هلي ويئي.

ڏينهن، هفتا، مهينا گذرندا رهيا. آخر هڪ ڏينهن راجا وزير کي گهرائي چيو تہ "آئون سڀاڻي جيل گهمندس بندوبست ڪيو وڃي."

ٻئي ڏينهن سوير ماڻهو راجا ۽ وزير جي پنيان، شاعرن کي ڏسڻ لاءِ جيل جي دروازي تي پهتا.

جيل تي پهچڻ بعد وزير حڪم ڏنو تہ سڀني شاعرن جي تلاشي ورتي وڃي، ۽ وٽانئن جيڪي بہ پنو پينسل ۽ مٽيو منبڊي هٿ اچي سو حاضر ڪيو وڃي. جيل جي سنترين حڪم ملندي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. راجا وزير جي بيوقوفيءَ تي کلي رهيو هو ۽ ٻيا ماڻهو بہ انهي حيرت ۾ هئا تہ هنن غريب قيدي شاعرن وٽ ڪهڙي ملڪيت هوندي.

تلاشي بعد سنترين کي جيڪو بہ مٽيو منبڊي ۽ پنو پينسل هٿ آيو سو آڻي وزير جي سامهون رکيائون.

وزير پهريائين ڪاغذن جا ٽڪر ڳڻڻ شروع ڪيا. ڪل پنجاهہ ۽ هڪ ڪاغذ هئا. پوءِ هر ڪاغذ کي پڙهندو مضمون جي لحاظ کان الڳ رکندو ويو. هينئر هن جي سامهون ڪاغذن جون ٽي ڍڳيون هيون. وزير ڪاغذن جي هڪ ڍڳي کڻي حڪم ڪيو تہ هنن ٽيهن شاعرن کي ٻين کان الڳ ڪري ويهاريو وڃي. جڏهن اهي شاعر جدا ويهاريا ويا، تڏهن وزير راجا کي عرض ڪيو تہ "مهراج، هنن سڀني پنجاهہ ۽ هڪ شاعرن اسان

جي حڪم جي نافرماني ڪئي آهي. هنن سيني شعر چيو آهي. انهن مان هنن ٿهن شاعرن جي شعر جو مضمون هيءَ آهي:

راجا، ڀڳوان توکي وڏي شڪتي ڏني آهي___ توکان ڪوبہ ڳجھ لڪل ناهي. اسين ڄاڻون ٿا تہ هيءَ تڪليف اسان لاءِ آزمائش آهي، ڇاڪاڻ تہ تنهنجو حڪم ڀڳوان جو حڪم آهي.“

پوءِ وزير ٻيو نمبر ڪاغذن جي ڍڳي کڻي، حڪم ڏنو تہ،” هنن سترهن شاعرن کي بہ الڳ ويهاريو وڃي.“ پوءِ هنن شاعرن جي شعر جو مضمون پڙهيائين:

ڀڳوان، تنهنجي دنيا ۾ هيڏو انڌير! هن پاپي راجا اسان جي حياتي وهہ ڪري ڇڏي آهي. ڀڳوان، تون ديا ڪر، تون ئي پاپ کي پنجو ڏيندين.

هينئر باقي آخري ڍڳي هئي، جنهن ۾ ٽي ۽ واڌو هڪ ڪاغذ هئا. وزير حڪم ڪيو تہ هنن شاعرن کي جدا ڪري ويهاريو وڃي. ان بعد هنن شاعرن جي شعر جو مضمون پڙهيائين، جو هن ريت هو:

راجا، هن ڌرتيءَ تي توکان وڌيڪ مها پاپي سچ جي هٿان شڪست کائي، ناس ٿي ويا. تون هڪ فنڪار جي جسم کي تہ ختم ڪري سگهين ٿو، پر هن جي حساس دل ۽ بيدار ضمير تنهنجي وس کان ٻاهر آهن.

راجا وڏي حيرت مان هنن شاعرن ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ مجموعي مان سوين ماڻهو هنن شاعرن کي دل ئي دل ۾ داد ڏيئي رهيا هئا.
ٿوريءَ دير کان پوءِ وزير حڪم ڏنو تہ ”هنن الڳ ويهاريل پنجاهہ ۽ هڪ شاعرن کان سواءِ ٻين سيني کي آزاد ڪيو وڃي، تہ هو ويل پنهنجن ڳوٺن ۾ وڃي سگهي ٽين ۽ راجا کي دعائون ڪن. ۽ هنن پنجاهہ ۽ هڪ شاعرن کي راجا جي خاص مهمان خاني ۾ رهايو وڃي، جتي کين اعليٰ قسم جو کاڌو ۽ هر طرح جو آرام ميسر ڪري ڏنو وڃي.“

ان بعد شاعرن کي چيائين تہ ”معزز شاعرو هاڻي اوهان کي شعر چوڻ جي پوري آزادي آهي، جيڪي بہ ذهن ۾ اچيو سو پل چئو. اڄ کان اوهان تي شعر چوڻ جي ڪابہ بندش نہ آهي.“ ائين چئي، وزير ۽ راجا پنهنجي محلات ڏانهن روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن وزير راجا وٽ حاضر ٿي، عرض ڪيو ”مهراج، ٿن سون شاعرن مان اڌائي سو شاعر اهڙا هئا، جي فقط ذاتي شهرت جا بکيا هئا. هو جڏهن جيل ۾ بند ڪيا ويا ۽ ڏنائون تہ هاڻي اسان جي ڪابہ عزت نہ رهي آهي تہ شعر چوڻ کان بنهہ توبهن ڪري ڇڏيائون. ايترن شاعرن ٿن مهينن جي عرصي ۾ هڪ شعر جي طرح مصرع بہ ڪانہ چئي آهي. انهن کي ڪنهن بہ حالت ۾ شاعر ڪوني نٿو سگهجي.“

راجا: ”پلا هو شاعرن جا پهريان ٻہ ٽولا، جن بندش کان پوءِ بہ شعر چيو آهي؟“

وزير: ”مهراج، انهن کي بحر وزن جي تہ چڱي ڄاڻ آهي، پر ساڳي وقت منجهن پائي جي بہ سمجه نہ آهي، هڪڙن جي شاعري اها آهي تہ سنسار ۾ جيڪا بہ بدي ۽ برائي ٿئي ٿي، سا پڳوان پاڻ راجائن هٿان ڪرائي ٿو ۽ ٻين جي شاعريءَ جي هيءَ مراد آهي تہ سرشٽي تي جيڪو بہ انڌير ۽ انيا آهي، ان کي ڀڳوان ئي ختم ڪري سگهي ٿو___ معنيٰ تہ جيسين ڀڳوان ان کي ختم نٿو ڪري، تيسين اَئين سمجهڻ گهرجي تہ ڀڳوان نيڪيءَ کان بديءَ کي وڌيڪ ڏسڻ چاهي ٿو. هي شاعري انسان مان برائي وارو جذبو ختم ڪريو ڇڏي، ۽ پوءِ نيڪي ۽ بديءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو رهي.“

راجا: ”۽ هو ٻيا شاعر؟“

وزير: ”هنن ٽنهي شاعرن جي شعر ۾ وڏي حقيقت سمايل آهي. مهراج، هنن شاعرن جي شعر مان هي ڳالهہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ سچ ڪڏهن بہ ڪوڙ ۽ ظلم جي اڳيان آڻ نہ مڃي آهي. سچ کي دٻائڻ لاءِ جنهن بہ ظلم ۽ ڏاڍ کان ڪم ورتو آهي، اهو نہ فقط پاڻ تباهہ ٿيو آهي، پر سچ کي ٿنهان ئي وڌيڪ همت ۽ حوصلو پئي مليو آهي.....“

راجا وڏي خاموشيءَ سان وزير جي گفتگو ٻڌندو ڪنڌ لوڏيندو ٿي رهيو. وزير جڏهن آخري جملو پورو ڪري راجا ڏانهن نهاريو تڏهن

راجا چيس، ”وزير، اجا بہ ڪو تجربو ڪرڻو آهي؟“

وزير: ”جي مهراج، بہ ٽي ڏينهن شانتي ڪريو.“

ٽن مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن وزير راجا کي چيو تہ: ”مهراج، منهنجي مرضي آهي تہ اڄ شاعرن جي معاملي کي ختم ڪيو وڃي.“ ائين چئي، هو اوڏي مهل مهمان خاني ۾ ويو ۽ شاعرن کي چيائين تہ ”معزز شاعرو هت رهڻ کان پوءِ اوهان مان جن بہ شاعري ڪئي آهي، اهي پنهنجي شعر جا ديوان پيش ڪن.“ وزير شاعرن کان سندن شعر جا ديوان وٺي روانو ٿيو.

ٻئي ڏينهن وزير شعر جا سمورا ديوان پاڻ سان کڻي راجا جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. عرض ڪيائين تہ ”مهراج، پنجاهہ شاعرن مان ستاويهن شاعرن مهمان خاني واري عرصي ۾ هڪ شعر بہ نہ چيو آهي.“

راجا: ”ڇا، شعر چوڻ تي منع ڪئي ويئي هئي؟“

وزير: ”نہ مهراج، هنن کي پهرئين ئي ڏينهن شعر چوڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي.“

راجا: ”جيل واري عرصي ۾ بہ تہ انهن ساڳين شاعرن شعر چيا هئا، پوءِ هت ڇو خاموش ٿي ويا؟“

وزير: ”جيل واري عرصي ۾ کين پنهنجي مظلوميت جو احساس هو ۽ دل کي تسڪين ڏيڻ خاطر شعر چوندا رهيا، پر پوءِ جڏهن ڏکن جا ڏينهن ختم ٿيا ۽ سٺا کاڌا ۽ قيمتي لباس مليا، تڏهن شاعريءَ جو خيال بہ پلجي ويو. هنن جي سڄي شاعريءَ جو تعلق پنهنجي ذات سان ئي هو. هنن جو ڪنهن جي دک درد سان ڪو بہ واسطو نہ هو. هينئر ڏسندون تہ وڏي لئہ سان کايو اوڳرايون ڏيو، سارو ڏينهن پلنگن تي ليٽيا پيا آهن.“

راجا: ”۽ ٻيا شاعر؟“

وزير: ”ويهن ئي شاعرن جي شعر جو مقصد هن ريت آهي:

راجا، هن پرٿويءَ تي تو جهڙو انصاف پسند ۽ سخن شناس ٻيو ڪو مشڪل ئي هجي. تنهنجو انصاف ڏسي، پرجا توکي رات ڏينهن هٿ کڻي دعائون ٿي ڪري. راجا، توکان پوءِ پرجا جو الائي ڪهڙو حال ٿيندو ــــــ شل ڀڳوان توکي وڏي ڄمار ڏئي!

وزير ٺهڪ ڏيئي، راجا کي چيو ته، "هيءَ انصاف ۽ سخن شناسيءَ جا گيت اوهان پاڻ ئي سمجهي سگهو ٿا___ هي شاعري فقط پنهنجي پيٽ لاءِ ۽ سٺيي گرهه ۽ عيش آرام لاءِ ڪئي ويئي آهي. هنن جو فقط پنهنجي ذات سان واسطو آهي. ملڪ ۾ ڇا ٿو وهي واپري، تنهن جي هنن کي ڪابه پرواهه نه آهي." ان کان پوءِ وزير باقي رهيل شاعرن جا ديوان راجا جي، سامهون رکي، انهن مان هڪ ديوان کولي پڙهڻ لڳو.

شاعر، هي انعام___ سٺيا طعام ۽ قيمتي لباس___ تنهنجي ضمير کي مرده بنائڻ لاءِ ته نه آهن؟ تنهنجي دل قبول ڪندي ته تون سٺيين رڪيبين تي ريجهي، پنهنجي مشاهدي ۽ احساس جو اظهار ڪرڻ ڇڏي ڏين؟ شاعر! هي تنهنجو موت آهي___ بدترين موت آهي!

وزير اجان ٻيو ديوان کولي پڙهڻ تي چاهيو ته دربان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "مهراج اجازت ملي." چوبدار درباري آداب بجا آڻي عرض ڪيو ته،
"مهراج، شاعر رات کان گم آهن. هنن جي ڪمري ۾ هيءَ لکيل ڪاغذ پيو هو." ائين چئي، اهو ڪاغذ وزير جي هٿ ۾ ڏيئي، پاڻ به قدم پوئتي هٽي بيهي رهيو. وزير ڏٺو ته انهي ڪاغذ تي انهن شاعرن جون صحيحون ٿيل هيون، جن جا هو ان وقت راجا کي شعر ٻڌائي رهيو هو. راجا هڪدم وزير کان اهو ڪاغذ وٺي، پڙهڻ شروع ڪيو جنهن ۾ لکيل هو ته،

راجا، هيءَ تنهنجون مهربانيون، هڪ شاعر جي ضمير سان هٿ چراند، ۽ هن دور جي تاريخي شعور سان دشمني مثل آهن. پر، جيسين هن پرٿويءَ تي انڌير ۽ انياءَ جو راج آهي، ۽ جيسين هن سنسار کي سرڳ بنجڻ جو موقعو نه مليو آهي، تيسين هر فريب، هر ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ هر انياءَ کي انياءَ چوندا ئي رهنداسين.

(خيال تان ورتل)

## [فئنٽسي]

# پراسرار وڻ

”ڏس، آئون ڪيترا دفعا تو وٽ آيو آهيان، تون ’پراسرار وڻ‘ جو راز ڪين ٻڌائيندين؟“

”توکي ڇا حاصل ٿيندو انسان جا ٻچڙا؟“

”اهوئي ته آئون ان جي سرگذشت کان واقف ٿيندس.“

”ٻ پوءِ ڪائناٽيءَ ۾ ڳوڙهو وجهندين، ائين نه؟“ ٻڙ جي وڻ اهي لفظ پنهنجي من جي اَهڙي پيڙاءَ مان ورجايا، جنهن مان اهو احساس ٿي جاڳيو ته هُو خود دل جي ڪنهن گهري گهاوَ ۾ ورتل آهي.

”يقين ڪر، اهو راز پنهنجي اندر جو راز ڪري سانديندس.“ انسان ورندي ڏني.

”انسان جا ٻچڙا، هيءَ ڪا نئين ڳالهه نه آهي، جا توکي فقط مون وٽان ئي پراپت ٿئي. سرشتي جي مڙني قانونن مان، فقط اهوئي هڪڙو قانون هر جڳ ۾ پنهنجو ڪارج ڪندو نظر ايندو ___ ڪابه چيز توکي هڪ حال ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي ___ پيچ گهڙيءَ ڏاهه ڏوهه، اهوئي ان جو امر اصول آهي. تون افسوس بجاءِ حيرت جي ساگر ۾ ٽٻي هڻ.“ ائين چئي، هو وري خاموش ٿي ويو.

”هان، تڏهن ائين آهي . . .!“ انسان حيرت مان اکيون ڦاڙي، مٿي ٻڙ جي وڻ ڏانهن نهارڻ لڳو. ٻن پهرن جو وقت هو. هن جيئن ئي مٿي نگاهون ڪنيون، سج جي تيز ڪرڻن جي سٽ نه سهي پنهنجو ڪنڌ نمائي ڇڏيو.

”تڏهن آئون نراس ٿي موٽي وڃان؟“ انسان پنهنجا لفظ اڃا ختم ئي ڪين ڪيا ته، ٻڙ جي وڻ هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو ___ ”مايوس ٿي وڃين، انسان جا ٻچڙا! تون مايوس نه ٿي، مون وٽ مايوسي مها پاپ آهي.

آئون نہ سنيران تہ مون ڪڏهن ڪنهن کي مايوس ٿيڻ جو موقعو ڏنو هجي. سرشتي جي هر سندرتا جي نکارجڻ ۾ اهائي ڳالهہ وڏي رڪاوٽ آهي.“ ائين چئي هن هڪ ڪهاڻي شروع ڪئي:

”بابل، ڪنهن جڳ ۾، هڪ ملڪ جي راجا کي الائي ڪيئن اها ڪا سڌ پئجي ويئي تہ، تنهنجي راڄڌانيءَ ۾، فلاڻي هنڌ، هڪ ”پراسرار وڻ“ آهي؛ جنهن مان ٻارهوئي خوشبوءَ جا هُبڪاءَ ڦهلبا ٿا رهن ۽ اُنهيءَ خوشبوءِ وسيلي زندگيءَ ۾ نئين حرارت پيدا ٿي وڃي ٿي. انهي وڻ جي آسپاس رهندڙ ماڻهن، ان مان ٿاريون وڍي، پنهجن گهرن ۾ پوکيون آهن. جنهن بہ گهر ۾ اهو وڻ پيدا ٿيو آهي؛ ان گهر جي هر هڪ ياتيءَ ۾ نئون جيون اچي ويو آهي ___ اُتي بيماري ڪانهي، ٿڪاوٽ ڪانهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ مايوسي ڪانهي.“ راجا اها خبر ٻڌندي، پنهنجو پاڻ، خوشي جي هندورن ۾ جهولندي محسوس ڪيو. هو پاڻ وڏي عمر جو هو. حياتيءَ جي پوئين پهر سببان، مٿس هر گهڙي مايوسيءَ جا پهاڙ ڪري پوندا هئا.

راجا کي جڏهن انهي پراسرار وڻ جي، هڪ ماڻهو وٽان خبر ملي، تڏهن هُن کان پڇيائين: ’اهو وڻ ڪهڙي قسم جو آهي؟‘ خابرو سيس نمائي هٿ ٻڌي ورندي ڏني، ’مهاراج، اهو وڻ تمام پراڻو آهي ۽ ٻارنهن ئي مهينا ڳاڙهن گلن سان کهنبي رتي ڪنوار جيان نظر ايندو آهي.‘“

انسان، ٻڙ جو هر هڪ لفظ، دل جي ڪنن سان ٻڌندو ۽ هر گهڙي حيرت مان ’هان، هان!‘ ڪندو ٿي رهيو.

”تون ٻڌي تہ رهيو آهين نہ؟ جيڪو لفظ توکي سمجه ۾ نہ اچي تہ مون کان هينئر ئي پڇندو وڃ.“

”آئون هر لفظ ڌيان سان ٻڌي رهيو آهيان.“ انسان ورندي ڏني.

سچ ڪافي لڙي چڪو هو. اوڏيءَ مهل هڪ ڪوئل، ٻڙ جي وڻ مٿان ويهي، پنهنجي مڌر آواز ۾ ’ڪُوڪُو‘ شروع ڪئي. ٻڙ خاموش ٿي ويو. بہ منٽ رکي وراڻيائين: ”بابل هي نغمو تہ ٻڌڻ ڏي؛ زندگي نغمي کان سواءِ ائين آهي، جيئن ڪو انسان پورهئي کان سواءِ.“ ۽ ڳچ وقت تائين ڪوئل پنهنجي من موهيندڙ سنگيت سان آسپاس جي هر چيز ۾ مدهوشي پريندي رهي. اُن وقت ٻڙ جي هڪ ٿاري خوشيءَ وچان جهومي رهي هئي. سج هينئر تيزيءَ سان لڙندو ٿي ويو. ڪيڏي مهل ڪوئل جي ڪوڪ بند

ٿيندي، ٻڙهڪل ڪئي:

”سڃاڻ آهين، نه؟“

”جي.“

”ها، پوءِ ڳالهه تي ڪيم ته، جڏهن راجا کي پراسرار وڻ جي سموري حقيقت معلوم ٿي، تڏهن چيائين ته، ’سياڻي انهي وڻ کي ضرور ڏسڻو آهي.‘“

انهن لفظن ختم ڪندي ٻڙ جي وڻ هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو.

”چو: ڪا خاص ڳالهه؟“

”اهائي ته خاص ڳالهه آهي،“ ٻڙ ورندي ڏني، ”اُها ساري رات، راجا کي خوشيءَ وچان ننڊ ڪانه آئي____ ڪنهن گهڙي هڪ راڻيءَ سان ته ڪنهن مهل ٻيءَ سان، پنهنجي اوچتي حاصل ٿيندڙ نئين زندگيءَ جون خبرون پيو ڪري. انهيءَ حسين تصور ۾ راجا ساري رات هيڏانهن هوڏانهن چڪر لڳائيندي گذاري ڇڏي.

صبح جو پهرئين باک ڦٽي ويل، راجا پنهنجي سموري اتالي سميت پراسرار وڻ تي چڙهائي ڪئي.“

ٻڙ جي وڻ اجان ڳالهايو ئي پئي ته، انسان سندس ڳالهه کي ڪٽيندي، وچ ۾ سوال پڇيو:

”پوءِ راجا کي نئون جيون مليو؟“

”ايترو اٻهرو نه ٿي، هر ڳالهه پنهنجي موقعي ۽ مناسبت سان سونهين ٿي.“

ان ويل، اوچتو آڪاس تي ڪڪر مڙي آيا. وايو منڊل جيئن پوءِ وڌيڪ اونداهو ٿيندو پئي ويو. ويجهي وَسڻ ۾ ڪٿي به ڪا مٽي لڪائڻ جي جاءِ نظر ڪانه ٿي آئي. انسان، مينهن جي خوف سببان گهٻراهٽ ۾ پئجي چڪو هو. هُن جي اها حالت پرڙوڪيندي، ٻڙ جي وڻ هڪل ڪيس:

”انسان جا ٻچڙا، زندگيءَ ۾ ڪيئي طوفان ۽ زلزلا ايندا، همت اڳيان پهاڙ به هٽي پري ٿي ٿا وڃن. تنهنجن وڏن پنهنجي همت ۽ حوصلي سان هن هيڏي اٿاهه سرشٽي کي سدائين لرزائي پئي ڇڏيو آهي.“ ائين چئي، ٻڙ وري پنهجو سلسلو جاري رکيو.

”...۽ پوءِ راجا جي ڪارندن ”پراسرار وڻ“ ۾ اهڙا ته اچي ڪهاڙا

وڏا، جو جيڪا بہ سَنئين سُبتي تاري نظر چڙهين، وڏي ڪٽي روانا ٿيا. اُن وير، راجا جو چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪي رهيو هو.“

”جنهن کي نئون جيون تي مليو سو ڪيئن نہ خوش ٿيندو!“ انسان ورندي ڏني.

ٻڙ جي وڻ، سواءِ ڪنهن جواب ڏيڻ جي پنهنجو سلسلو شروع ڪيو.

”جڏهن تارين کي ڪَٽي وڃي ڪم آندائون، تڏهن اُهي ڦوٽهڙي بجاءِ، اُنهيءَ ڏينهن ڪُومائجي، سُڪي سڙي ناس ٿي ويئون. راجا جڏهن اهو حال ڏٺو تڏهن وڏي افسوس ۾ پئجي ويو. هُن کي هينئر پنهنجي دل جون سموريون آشائون، ڌوڙ ۾ لٽيل نظر آيون. ٻئي پاسي، اُهي ساڳيون تاريون اُنهيءَ شهر ۾ ٻين ماڻهن جي گهرن ۾ پوکيون ويئون تہ، اُنهيءَ ويل ڦُٽي سرسبز ٿجي ويون.

راجا، اها ماجرا ڏسي، هڪڙي پنڊت کي گهرايو. جيڪو جوتش، نجوم ۽ ٻين ڪيترن علمن جو ماهر هو. پنڊت ڏينهن جا ڏينهن ڪيترا پستڪ اُٿلايا، زائچا ۽ ڊارا ڪم آندا، آسماني نکيترن کي چڪاسيو. مطلب تہ، گهڻي متا ڪٽ کان پوءِ هُن کي ان راز جو ڪي قدر پتو پيو. سوين ماڻهو ان راز پروڙڻ لاءِ دربار ۾ اچي ڳاهٽ ٿيا____ ”پراسرار وڻ“ کي سمجهڻ لاءِ الائي ڪتان ڪتان ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. جڏهن پنڊت، راجا کي ٻڌايو تہ، ”اهو پراسرار وڻ، پورهيت جي گهر کان سواءِ، ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ڪين اُسرندو“ تڏهن سڀ ماڻهو تپرس ۾ پئجي ويا. پنڊت جا اهي لفظ ٻڌي راجا جو اڌ ساهہ ڇڏائجي چڪو هو. ويتر جو هُن کي اها خبر ملي تہ، اُنهي پراسرار وڻ مان فقط پورهيت طبقي کي ئي جيوت ملڻي آهي، تنهن تہ هيڪاري سندس دل کي وڏيڪ گهائي وڌو. راجا، دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ، ڇا بہ ٿي پوي، پورهيت طبقي کي ڪنهن بہ طرح فائدو حاصل ٿيڻ نہ ڏجي. اهو سوچي، پنڊت کي حڪم ڪيائين:

”توتي ساري جمار اسان جي ديا جو هٿ رهيو آهي، ڇا بہ ٿئي، توکي هن معاملي کي منهن ڏيڻو آهي____ پرجا کي جيوت ملي. اها ڳالهہ اسان جي نظر ۾ اڻ ٿيڻي آهي.“

راجا جو حڪم ٻڌندي، پنڊت واٽرو ٿي ويو. ڪا گهڙي سوچي

سوچي، نهايت نماڻي آواز ۾ عرض ڪيائين.

"مهراج"، ڪجهه ڏينهن مهلت ملي، آئون وڏائي وس ڪندس!" سچ لهي چڪو هو. ٻڙ ڪهاڻي ٻڌائيندي ٻڌائيندي، خاموش ٿي ويو.

"وري ڇا ٿيو؟ ٿڪجي پئين ڇا؟"

"نه. نه!" ٻڙ نهايت جهيڻي آواز ۾ ورندي ڏني.

"خاموش ڇو ٿي وئين؟"

"مون اندازو لڳائڻ ٿي چاهيو ته، تون ڪجهه سمجهي به رهيو آهين، يا آئون نلهي مغز ماري ڪري رهيو آهيان!"

"منهنجو هر لفظ ڌيان ڏيان آهي."

"هون، تڏهن تون وڏو سمجهدار آهين!" ٻڙ اهي لفظ اهڙي انداز ۾ چيا جو محسوس ٿي ٿيو ته، هو ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي مقصد کان پوري ريت مطئمن آهي. ٻڙ جي چاهنا هئي ته، حقيقت جي تهه تائين پهچڻ لاءِ انسان جو ننڍاڪڙو ضمير سجاڳ ٿئي ۽ سندس من ۾ اهڙي جوت جنم وٺي، جيڪا سچ ۽ ڪوڙ دوکي ۽ فريب کي آسانيءَ سان پرکي سگهي.

اوڏيءَ مهل آڪاس، ڪڪرن کان صاف ٿي چڪو هو. چندرما پوري آب ۽ تاب سان پنهجا روشن ڪرڻا، پرٿويءَ جي ذري ذري تي نڇاور ڪري رهيو هو. انهي ساعت ٻڙ جي هڪ ٽاريءَ تي، پکين جو هڪ جوڙو اچي وينو.

"ٻڙ، هاڻ ته رات پوندي وڃي." انسان وراڻيو.

"ڇا چيئي؟"

"چوان پيو ته، ڳالهه کي اُڪلاءِ، رات پوندي وڃي!"

"هون، توکي رات جو ٽيئو ٿو ٿئي؟ هن پرٿويءَ تي الائي ڪيترن انسانن، حقيقتن جي ڳولا ۾، اونداهين سان ٽڪرجندي، پنهنجون حياتيون ضايع ڪري ڇڏيون." ٻڙ اجان ڳالهايو پئي ته، هڪ پکي، جيڪو ڪن ڏيئو لفظ لفظ ٻڌندو ٿي رهيو. تنهن ٻڙ جو ڌيان ڇڪائيندي چوڻ شروع ڪيو:

"تو ته هميشه انسان جي شڪايت ٿي ڪئي ته، هُو راز ڪين سانڍيندو آهي، اڄ ته تون پاڻ ئي راز کي سانڍي ڪين سگهين!"

پکيءَ جا اهي لفظ ٻڌي، ٻڙ هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو____ "هوائن جا رهواسي، توکي ڪهڙي خبر ڪهڙي ڪل____ جڏهن هر جُڳ پنهجي

انت تي ايندو آهي، تڏهن اُن جا آنڊا ڳجيون نڪري پونديون آهن! هن راز جو اظهار پُراڻي ۾ نئين جُڳ وچ هڪ اڻ مٽجندڙ يادگار آهي سُيان جي انسان کي نئين جڳ جي آمد جو ڪارڻ اهوئي راز نظر ايندو، ۽ هن کي تاريخ جو اهوئي هڪ انوکو واقعو ياد رهندو.“

سنجها جو وقت هو. ڪنهن مهل بڙ جان ڪڍي هيٺ نگاهه وجهي ته انسان ننڊ جا جهٽا کائي رهيو هو. پهرياڻين ته بڙ کي اهڙي ڪاوڙ آئي، جو مٿانئس پنهنجو هڪ ٽار اُڇلي؛ کيس اُتيئي زمين ۾ غرق ڪرڻ ٿي چاهيو. پوءِ کيس مٿس ڪهل آئي، هڪ زورائتي هڪل ڪيائين:

”سپنن جا هيراڪ، جيوت جا راز ايئن ڪين پروڙبا آهن. توکي ڏسندي، مون کي انساني منورتيءَ جو اهڙو اُونداهو پهلوءَ به سُجهي ٿو جنهن جو مول مٿو فقط ’ميٺڙ‘ ئي هوندو آهي___ پاڻ ڏانهن سيرڻ ۾ ميٺڙ جو اهو ملامت جوڳو حرص ذهني به هوندو آهي ۽ مادي به. ۽ اُن جو سمورو لاڀ فقط ميٺڙ واري تائين محدود هوندو آهي. اهڙو ذهن هڪ گند اُڇلائڻ واري کڏ مثل هوندو آهي، جنهن ۾ ڪن ڪچري سان گڏ اتفاقن ڪا چڱي چيز به ميڙجي پهارجي وڃي پوندي آهي.“

بڙ جي سخت ڪلامي، انسان جي سموري ذهن کي جهنجهوڙي وڌو. هُن هڪدم چرڪ ڀريو ۽ ورندي ڏنائين:

”بڙ جيوت به پنهنجي جاءِ تي هڪ ننڍڙو سنسار آهي، جنهن ۾ هيٺاهيون مٿاهيون به آهن ته، ڪڏون ۽ کوبا به.“

”هائو، پر اهي ڪنهن جون پيدا ڪيل آهن؟ انسان پاڻ ئي ته آهي! جيسين انسان پاڻ سان گڏ ٻين سان گڏ جيئڻ نه سکيو آهي، تيسين انهن هيٺ مٿاهين کي ڪيئن سنواري ۽ سينگاري سگهندو؟“ اهو جواب ٻڌي انسان خاموش ٿي ويو. هن پنهنجي غلطيءَ جو اقرار ڪندي، بڙ کي ڪهاڻيءَ جي سلسلي جاري رکڻ لاءِ منٿ ڪئي.

”توکي ٻڌايم ته راجا اها ڳالهه ڪڏهن به برداشت ڪرڻ ڪانه ٿي چاهي ته پورهيت طبقي کي ڪا نئين زندگي ملي.“ ڪجھ عرصي گذرڻ کان پوءِ پنڊت هڪ ڏينهن، راجا جي دربار ۾ حاضر ٿي، عرض ڪيو ته ”مهراج، وڏين ڪوشش کان پوءِ مون کي ائين ڏسڻ ۾ آيو آهي ته، ان ’پراسرار وڻ‘ مان اوهان کي لاڀ ته لاڀ جي ماڳ، اُٽلو نقصان آهي. انهيءَ

ڪي ناس ڪرڻ بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ مشڪل مسئلو آهي." ان ــــبر ٻڌندي ئي، راجا جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي. هو ٻئي هٿ مٿي ڪي ڏيئي، ڪافي وقت غم ۽ مايوسيءَ جي ساگر ۾ غوطا کائڻ لڳو. گهڻي گهڻي دير کان پوءِ راجا وراڻيو 'پوءِ تہ انهي پراسرار وڻ کي ڪنهن بہ طريقي سان ضرور ناس ڪرڻ گهرجي.''

"جي مهراج! منهنجي بہ اها راءِ آهي." ٻڙ جا اهي لفظ ٻڌي، پڪين جي جوڙي دانهن ڪئي:

**"لعنت آهي اهڙي جيوت تي، جيڪا فقط پنهنجي ئي ذات لاءِ سوچي تي."** پکين جا اهي لفظ ٻڌي، ٻڙ هڪ زوردار ٺهڪ ڏيندي وراڻيو:

"پنڊت تي بيشمار لعنت آهي، جنهن پنهجي مفاد خاطر، راجا جي دلالي ڪندي، ٻين جي ڀلائيءَ جا در پُورڻ گهريا."

ٻڙ اهي لفظ چئي، خاموش تي ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ انسان وري سوال پڇيو:

"پوءِ ڇا ٿيو؟ "

"ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن، ڌرتي ۽ آڪاس ٻنهي گڏجي دانهن ڪئي ۽ ٻنهي گڏجي انساني منورتيءَ جي اُونداهي رخ تي لعنت وڌي" اهي لفظ ٻڌنديئي انسان ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ هُن هڪدم سوال ڪيو.

"ڇا جيڪري؟"

"صداقت جو ڪنڌ نڪر تي پيو ۽ شرافت، ملامت جي لباس ۾ سر راهہ گهلجي آئي. ٻئي پاسي بدديانتي ۽ سازش، پنهنجي زيبائش لاءِ سمورا هار سينگار ڪري، من موهيندڙ ٻڻجي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ شروع ڪئي. انسان جا ٻچڙا تنهنجي نسل جڏهن بہ سچ ۽ صداقت کي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ کان اکيون ٻوٽيون آهن، تڏهن سرشتي جي هر جاندار کان رڙ نڪري پئي وئي آهي، پنڊت، مايا جي موهہ ۾ انڌو بنجي راجا کي اها صلاح ڏني تہ، وينس ديوي جيڪڏهن سچائي ڏيکاري تہ پوءِ گمان آهي تہ پراسرار وڻ جو انت اچي وڃي."

پرٿويءَ جي هر ذري ذري تي راجا جي حڪمراني هئي. بہ چار ڏينهن ڪيئن گذريا تہ، هڪ ڏينهن وينس ديوي پنهنجي پٽ ڪيرپٽ سميت دربار ۾ اچي حاضر تي ۽ راجا حسد جي آگ ۾ جلي چڪو هو. هن

پنهنجي شيطان خصلت پٽ کي نيپچون جي زال، سليشيان سان گڏجي، پراسرار وڻ کي ناس ڪرڻ جا منصوبا سٽيا. . .

راجا: ”ٻيا شاعر؟“
وزير: ”ويهن ئي شاعرن جي شعر جو مقصد هن ريت آهي:

راجا، هن پرٿويءَ تي تو جهڙو انصاف پسند ۽ سخن شناس ٻيو ڪو مشڪل ئي هجي. تنهنجو انصاف ڏسي، پرجا توکي رات ڏينهن هٿ کڻي دعائون ٿي ڪري. راجا، توکان پوءِ پرجا جو الائي ڪهڙو حال ٿيندو____ شل ڀڳوان توکي وڏي ڄمار ڏئي!

وزير ٿهڪ ڏيئي، راجا کي چيو ته، ”هيءَ انصاف ۽ سخن شناسيءَ جا گيت اوهان پاڻ ئي سمجهي سگهو ٿا____ هي شاعري فقط پنهنجي پيٽ لاءِ ۽ سٺيي گرهه ۽ عيش آرام لاءِ ڪئي ويئي آهي. هنن جو فقط پنهنجي ذات سان واسطو آهي. ملڪ ۾ ڇا ٿو وهي واپري، تنهن جي هنن کي ڪابه پرواهه نه آهي.“ ان کان پوءِ وزير باقي رهيل شاعرن جا ديوان راجا جي سامهون رکي، انهن مان هڪ ديوان کولي پڙهڻ لڳو.

شاعر، هي انعام____ سٺيا طعام ۽ قيمتي لباس____ تنهنجي ضمير کي مرده بنائڻ لاءِ ته نه آهن؟ تنهنجي دل قبول ڪندي ته تون سٺيين رڪيبين تي ريجهي، پنهنجي مشاهدي ۽ احساس جو اظهار ڪرڻ ڇڏي ڏين؟ شاعر! هي تنهنجو موت آهي____ بدترين موت آهي!

وزير اڃان ٻيو ديوان کولي پڙهڻ تي چاهيو ته دربان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: ”مهراج اجازت ملي.“ چوبدار درباري آداب بجا آڻي عرض ڪيو ته،
”مهراج، شاعر رات کان گم آهن. هنن جي ڪمري ۾ هيءَ لکيل ڪاغذ پيو هو.“ ائين چئي، اهو ڪاغذ وزير جي هٿ ۾ ڏيئي، پاڻ ٻه قدم پوئتي هٽي بيهي رهيو. وزير ڏٺو ته انهي ڪاغذ تي انهن شاعرن جون صحيحون ٿيل هيون، جن جا هوان وقت راجا کي شعر ٻڌائي رهيو هو. راجا

هڪدم وزير ڪان اهو ڪاغذ وٺي، پڙهڻ شروع ڪيو جنهن ۾ لکيل هو تہ،

راجا، هيءَ تنهنجون مهربانيون، هڪ شاعر جي ضمير سان هٿ چراند، ۽ هن دور جي تاريخي شعور سان دشمني مثل آهن. پر، جيسين هن پرٿويءَ تي انڌير ۽ انياءَ جو راج آهي، ۽ جيسين هن سنسار کي سرڳ بنجڻ جو موقعو نہ مليو آهي، تيسين هر فريب، هر ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ هر انياءَ کي انياءَ چوندا ئي رهنداسين.

(خيال تان ورتل)

# خاڪو

## محاذ تان

ڪمانڊر پنهنجي صلاحڪار سان مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو ته، ”ڪيڏو نه ڀاري نقصان ٿيو ساري پلٽڻ مارجي ويئي! حيران آهيان ته باغي ڪيئن ٿا ڏينهون ڏينهن ماڪوڙين جيان وڌندا وڃن.“

صلاحڪار: ”حضور، واقعي هن منحوس محاذ تي لڙندي، اسان جو ايترو ته نقصان ٿيو آهي، جنهن جو ڪاٿوئي ڪري نٿو سگهجي. اڃا به مرحوم ڪرنل واٽسن باغين جا حوصلا دٻائي ڇڏيا، نه ته جيڪر اڄ اسين باقي بچيل به چار انگريز زنده رهي نه سگهون ها.“

ڪمانڊر، واٽسن جي نالي ٻڌندي ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ بي اختيار سندس زبان مان بي اختيار هيءَ لفظ نڪري ويا: ”واٽسن، بهادر واٽسن!“ ائين چئي، هو ڪنهن گهري سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجھ منٽن جي خاموشي بعد پنهنجي فوجي صلاحڪار ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو:

”. . . واٽسن هڪڙي غلطي ڪئي، جيڪا منهنجي اندازي موجب ڪڏهن به معاف ٿيڻ جوڳي نه آهي: هڪ طرف هوڏانهن بڪنگهام تي نازي گولي بازي ڪري رهيا هئا، ته ٻئي طرف هن هتان جي باغين ۽ بيگناهه ماڻهن ۾ ڪوبه فرق ڪونه ڪيو. نديءَ جا ٻئي ڪنارا مسلح فوجون مارچ ڪنديون، عام ماڻهن ۾ نفرت جو شديد جذبو ڦهلائينديون رهيون: واٽسن بي گناهه ماڻهن جون ملڪيتون تباهه ڪرايون؛ ڳوٺن کي باهيون ڏياريون، عورتن کي قيد ڪيو ۽ بنا ڪنهن جانچ پڙتال جي، ماڻهن جا بي انداز ٽولن جا ٽولا گرفتار ڪرائي، فوجي پهري هيٺ ملڪ جي مختلف هنڌن تي لوڙهن ۾ رکايا. واٽسن ڄاتو ٿي ته ائين ڪرڻ سان اسان جي فوجي طاقت جو هراس ساري علائقي تي ڇانئجي ويندو ۽ باغي ڊجي

ڪٽي هٿيار ڏنا ڪندا. مگر نتيجو الٽو نڪتو.

توکي خبر آهي تہ جڏهن انگلينڊ جي پارليامينٽ ۾ عورتن جي گرفتاري بعد، هنن جي انهي نعري جي خبر پڙهي ويئي تہ "ملڪ سڄو منصور ڪهي ڪهندي ڪيترا!" تڏهن رد عمل ٿيو؟ سڄي هائوس جو بنياد لڏي ويو!

يورپ صدين کان دنيا جي مختلف قومن کي پنهجي غلاميءَ جي ڄار ۾ قيد رکندو آيو آهي، پر هھڙو مثال اسان جي سڄي تاريخ ۾ ڪونہ ٿو ملي، تہ ڪنهن قوم جون عورتون بہ دشمن خلاف، مردن کان بہ وڌيڪ مرڻ ۽ مارڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيهن! انهيءَ ڪري چا ٿيو آهي جو ساري علائقي ۾ قومي غيرت جا جذبا پرورش پائڻ لڳا آهن. حالتون ڀڙائي رهيون آهن تہ جڏهن هن ساري قوم جي انتقامي جذبن ملي جلي، هڪ اٿاهہ ساگر واري صورت اختيار ڪئي تہ اسان جي قوم جو هڪ فرد بہ نالي ماتر هن سرزمين تي سلامت رهي نہ سگهندو ـــــ قومي شعور متحد بنجڻ وارو آهي، ۽ هاڻ انهي عظيم طاقت کي منهن ڏيڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. آئون انهيءَ جو تصور ڪندي ڏڄي ٿو وڃان ـــــ منهنجو خيال آهي تہ پارليامينٽ جي سامهون صورتحال کي صحيح نموني پيش ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ آئون....." ائين چئي، هو ڪنهن جواب جي انتظار ۾ صلاحڪار ڏانهن نهارڻ لڳو.

صلاحڪار، ڪمانڊر جي تقرير ختم ٿيندي، تڪڙو تڪڙو ڪمري ۾ گهڙيو ۽ اندران هڪ نقشو ڪڍي، ڪمانڊر جي سامهون کولي، ڏڪندڙ هٿن سان نقشي تي هڪ هنڌ آڱر رکي چوڻ لڳو "هيءَ ڏسو! حضور هتي، هن هنڌ، 4 تاريخ ٻي بجي رات جو وائر ليس آبزرويٽر اطلاع ڏنو ڏئي ـــــ 'باغي مورچي کان بہ ميل پري، ڏکڻ ـ اولهہ 54 درجن تان وڌي رهيا آهن'. عين موقعي تي، حضور هتان، هن هنڌان." وري بہ ڏڪندڙ هٿن سان نقشي تي ٻي آڱر رکندي چوڻ لڳو تہ "اطلاع مليو آهي تہ باغي اتر ـ اولهہ 76 درجن وٽان، 3 ميلن جي فاصلي تان، مورچي تي گهيرو ڪرڻ وارا آهن. صبح جو خبر پئي تہ اهو ساڳيو باغي دستو هو جنهن حيرت انگيز تيز رفتاري سان ٻنهي هنڌان هڪ ئي وقت حملو ڪيو هو." صلاحڪار ڳالهائيندو بہ رهيو ٿي ۽ سهڪندو بہ. هن پوءِ نقشو بند ڪيو ۽ رومال سان

نرڙ جو پگهر اگهندي چوڻ لڳو:

"هنن نامراد حرن سان مقابلو ڪرڻ هٽلر جي مهم برابر آهي. منهنجو اندازو آهي، اندازو نہ بلڪ يقين آهي تہ هتان جي مقامي آفيسرن ۾ بہ باغين واري ساڳي "قومي غيرت" اچي چڪي آهي. منهنجو اهو بہ ايمان آهي تہ اجهو ٿو ڏينهن ہن ۾ سارو علائقو جنگي محاذ بنجي. حضور! هاڻي هنن مقامي آفيسرن تي ڀروسو ڪرڻ وڏي غلطي ٿيندي."

ڪمانڊر: "مقامي آفيسر! (چرڪ ڀري) ڀروسي جوڳا نہ آهن؟"

ائين چئي، ڪمانڊر هڪ لمبو ساهہ کنيو ۽ سگريٽ دکائي، پنهنجا ٻئي هٿ سوٽ جي کيسن ۾ وجهي هيڏانهن هوڏانهن پسار ڪرڻ لڳو. گهڻي گهڻي دير کان پوءِ، ڪمري ۾ اچي، ڪرسيءَ تي ويهي ڪجهہ لکڻ لڳو.

سانگهڙ

28.08.1942ع

پياري!

تنهنجي ياد ٿي آهي جيڪا مون کي هن هيبتناڪ محاذ تي زنده رکندي اچي. سچ پڇين تہ اسان يورپين آفيسرن کي نت نئون جنم ٿو ملي. باغين چوطرف باهہ ٻاري ڏني آهي. فقط پاڻيءَ جي ڍنڍ، گجگاهہ ٻيلو ۽ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ واريءَ جون ڀٽون آهن. هنن وٽ ڪي هٿيار هجن. سي بہ نہ! بارودي هٿيارن جا آواز ٻڌيو کل ٿي اچي، جيئن ڪرسمس جي موقعي تي انگلينڊ جا ٻار آتشبازي ڪن. هوبهو انهيءَ وانگر! هنن اناڙي حرن کي وڙهڻ جو بہ پتو نہ آهي: ڏسندين تہ ڪڏهن جهنگ جي ٻوڙن مان ڏاڏي آدم واريون بندوقون وٺيو چوڙين تہ ڪڏهن منجهانئن ڪو پٽ تي چڙهيو پاڻمرادو فائر پيو ڪري ۽ وري ڪڏهن ڏس تہ پاڻي مان سسي ٻاهر ڪڍيو ٽٻي هنيو گم ٿيو وڃن. خبر نہ ٿي پوي تہ هي ماڻهن جا ڦر آهن يا ديون جا. هن منحوس مڪيءَ جي ٻيلي، اسان انگريزن جا حوصلا ٿي خطا ڪري ڇڏيا آهن! اسان هن اراضيءَ جي انچ انچ کي گولين سان پرڻ بنائي ڇڏيو آهي. اهو ساڳيو بارود جيڪڏهن انگلينڊ جي خلاف استعمال ڪجي ها، تہ

انگلينڊ هوند ڪڏهونڪو پنهنجو پاڻ کي خوشيءَ سان غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙائي ڇڏي ها. هنن اناڙين اسان جي فوجي سڪيا ورتل سپاهين جا ياڳا ئي ڪڏي ڇڏيا آهن! مرڻ ۽ مارڻ جي چڻ ماءَ وٽان ڪا ستي پيل اٿن. نعرو تہ ٻڌين "سنڌُ جو انچ انچ اسان جو پنهنجو آهي، جيسين هنن انگريز دغابازن جا ٽپڙ گول نہ ڪنداسين، تيسين زندگي حرام آهي.

اڄهوءَ هينئر جاسوسن خبر ڏني آهي تہ رات 2 بجي مهل، باغين اسان جي هن فوجي هيڊ ڪوارٽر جي ٻاهران گهيرو ڪيو آهي. ساري رات ننڊ نہ آئي. افسوس، مون ڪان هن موت ۽ حياتيءَ جي ٻہ واٽي تي گهڙيءَ ٻہ ترسيو نہ ٿو ٿئي. دعا ڪر تہ ڪنهن طرح ڀسمس ڪرائي، تنهنجي چرنن ۾ اچي آرامي ٿيان!"

تنهنجو جيمس.

## تاثر

# لُڙڪ ۽ مُرڪ

ڳوٺ ۾ اتڪل ويهارو ڪن گهر هئا. سمورا رهاڪو اتي ئي پنهنجي پٽ ۾، خاڪ شوري جو پورهيو ڪري، گذر سفر ڪندا هئا. هڪ دفعي الائي ڪيئن منجهانئن ڪو هڪڙو نوجوان، هڪ ڏينهن، ڪنهن وڏي شهر ۾ ويو جتان هو فوج ۾ نوڪري لاءِ ڪَجي ويو. ڳوٺ وارن کي جڏهن اها خبر پيئي ته ڪمونءَ کي فوج ۾ نوڪري ملي آهي، تڏهن سيئي حيرت ۾ پئجي ويا. هينئر هنن جي نگاهن ۾، ڳوٺ وارن مان جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو هو، ته اهو فقط ڪمون شخص ئي هو.

ڇهين ٻارهين مهيني، جڏهن به ڪمون موڪل تي ايندو هو، تڏهن ڳوٺ جا سمورا مرد ۽ زالون، خبر پڌندي، هن جي گهر ۾ اچي ڳاهٽ تيندا هئا. عجيب عجيب سوال پڇندا هئس. ڪو پڇندو هئس ته "ماما ڪمون، تون اجان آفيسر ڪونه ٿو ٿئين؟ ڪيترا سال تي ويا اٿئي، اسان ته تنهنجي بت تي اهي ئي اڳڙيون ڏسندا اچون!" اهڙي سوال پڇندي، ائين محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ ڪمونءَ جي دل جي زخمن تي ڪنهن جو اوچتو هٿ لڳي ويو هجي. هو اجا ڪو جواب ڏئي ئي ڏئي، ته وري ويٺلن مان ڪو ٻيو سوال پڇندو هئس، "هان، چاچا ڪمون نوڪريءَ ۾ ته هاڻي باقي ٿورا ڏينهن هوندئي؟ پلا، پوءِ ڪهڙو ڌنڌو ڪندين؟" اهڙن سوالن پڇڻ وقت هُو اڪثر ڪري هڪ نه ٻي اوپاري لهواري ڳالهه ڇيڙي، جواب ڏيڻ کان نٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ڪمون ارڙهن سالن جو هو جو فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو. پوئين دفعي جڏهن ڏهن مهينن کان پوءِ ڳوٺ آيو هو: تڏهن ايمٽان موچياڻي سندس منهن ڏانهن نهاريندي، وٺي رڙ ڪئي هئي: "اڙي ابا، توکي ڇا ٿي ويو هٿن

جو يار! مون کان بہ چٽ ٿي وئين!“ تڏھن ڪمون مرڪندي وراڻي ڏني ھئس، ”ماسي، عمر بہ آھي ڪين نہ؟“

”پر بہ ڙي ابا، ڪاڏو ماڻھو جي ڄمار لڪايو ڇڏي.“

مطلب تہ ھو جڏھن بہ موڪل تي ڳوٺ ايندو ھو. تڏھن سيني مائٽن ۽ پاڙي وارن لاءِ ونڊر بنجي ويندو ھو. سڄيون سڄيون راتيون ڪچهريون ڪندي، الائي ڪٿان ڪٿان جون خبرون پڇندا ھئس.

ڪمونءَ جي ڪٽنب ۾ ڇھہ ڀاتي ھئا: ماءُ، زال ۽ چار ٻارڙا. يعني ٽي نياڻيون ۽ ھڪ پٽ ھئس. ڪمونءَ جي دل جون اميدون ۽ آئيندي جا خواب، پٽ سان وابستا ھوندا ھئا. ھو ڪڏھن سوچيندو ھو تہ نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ تائين ھيءُ بہ مڇي مڙس ٿي پوندو. مطلب تہ پٽ تي نظر پوندي، پنھنجي آئيندي جي غم ۽ فڪر کان گھٽي ڀاڳي آجو ٿي ويندو ھو.

ٻارھن مھينا گذري ويا ھئا، انھي وچ ۾ پاڻ ڪونہ آيو ھو. ماءُ ۽ ٻچن کي آٿت ڏيڻ لاءِ بہ چار چٺيون لکيون ھئائين. ھر چٺيءَ ۾ ڳوٺ جي ھر ھڪ ماڻھو جو نالو ۽ سئو سلامن جا موڪليندو ھو. پوئين چٺي، ھن وڏي ڏک ۽ انتظار سان لکي ھئي. سبب اھو ھو تہ پگھار جا پئسا پوري وقت تي مني آرڊر ڪري نہ سگھيو ھو. ۽ ماءُ کي چٺيءَ ۾ بار بار اھي لفظ لکيا ھئائين، تہ”مني امان، دير سان پئسن پھچڻ ڪري سخت تڪليف ٿي ھوندو. مون کي معاف ڪجو. مان شھر کان گھڻو پري، جابلو علائقي ۾ آھيان. شايد ايندڙ مھيني بہ اوھان کي تڪليف ٿئي. پياري امان، مون کي معاف ڪجو.“ خط پڙھائڻ وقت، پوڙھي جي نيڻن مان جڻ مينھن پلٽجي پيو ھو. ھو ھر ھر رئي جي پلئو سان پنھنجي ڳلن تان ڳوڙھا اگھندي ۽ سڏڪا ڀريندي ٿي رھي.

ڪمون ۽ سندس رڄنٽ کي جابلو سرحد تي مقرر ڪيو ويو ھو. جتي دشمن جي حملي جو زبردست خطرو ھو. ھنن جون نگاھون ھر وقت دشمن جي حملي جي تاڙ ۾ ھونديون ھيون.

ھڪ ڏينھن شام جو انھي پھاڙي علائقي ۾ تمام خاموشي ڇانئيل ھئي. ھوا تيز رفتار سان پھاڙين جي چوٽين کي ڇھندي، پنھنجا مڌر گيت آلاپيندي ٿي رھي. اوچتو دشمن جي طرف کان ھڪ گولو باھہ جي شعلن جيان پڙڪندو، ويجھو اچي ڪريو. ڪمونءَ جي ٻنھي طرفن گولا ڌڙ ڌڙ

ڪندا، فضائن کي چيريندا ۽ پهاڙن کي پرزا ڪندا تي رهيا. چار ڪلاڪ سانده ٻنهي طرفن کان حملا ٿيندا رهيا. ڪمون ۽ سندس ساٿي مورچن مان نڪري، حملو ڪري، وري لڪي تي ويا. ڪنهن مهل، اوچتو هڪ گولي، اوناڙ ڪندي، ڪمونءَ جي سيني مان گذري ويئي.

صبح جو باک ڦٽڻ وقت ڪمونءَ جو لاش فوجي هيڊ ڪوارٽر تي آندو ويو. جتان ڳوٺ پهچائڻ لاءِ ضروري ڪاروائي بعد، فوجي آفيسر جي نگراني هيٺ روانو ڪيو ويو.

ڳوٺ جي ٻاهران ميدان تي، ڳچ ٻارڙا راند ڪري رهيا هئا. ڪنهن مهل سندن نگاهون پاڻ ڏانهن ايندڙ هڪ ٽرڪ تي وڃي پيون. سيني وٺي ڳوٺ ڏانهن ڊوڙ پاتي. ڳوٺ، جا سمورا مرد ۽ زالون بہ ٽرڪ تي نظر پوندي، گهرن مان نڪري ٻاهر تي بيٺا. ڪنهن ڪيئن تي چيو تہ ڪنهن ڪيئن. اوڏي مهل هڪڙي مرد ماٺهو رڙ ڪندي چيو: "خدا نہ ڀلائي تہ ڪمون آهي، ٻيو وري ڪير هيڏانهن ايندو." ڪمونءَ جو نالو ٻڌندي، ٻي جٽي ڳالهہ کي وڌيڪ ٽيڪ ڏيندي پرائي چيو "سدائين پڇندا هئا سونس تہ آفيسر ڪڏهن تو تين؟ سو ڀائنجي تو تہ تي ويو آهي ـــــ ماسي قاپو مبارڪ هجيئي!" مبارڪ جو لفظ ٻڌندي، پوڙهيءَ جي روڻ روڻ مان خوشيءَ جون لهرون اڀري آيون.

ويرم ئي ڪانہ گذري تہ ٽرڪ، ڳوٺ جي پِر ۾ اچي بيٺي. ٽي ـ چار سپاهي ۽ فوجي آفيسر لهڻ شرط، ٻاهر بيٺل ماڻهن ڏانهن هٿ جو اشارو ڪيو. هڪ پوڙهو مرد اڳيرو اچي، آفيسر کي سلام ڪيو.

"پوڙها، خميسو خان تنهنجو ڇا ٿئي؟" فوجي آفيسر، پوڙهي آچر کان پڇيو.

"سائين، اسان جو جگر آهي، هڏ رت آهي."

"خميسي خان جو پيءُ جيئرو آهي؟"

"نہ سائين"

"ڪو ڀاءُ آهيس؟"

"نہ سائين."

"تڏهن ڪير وارث اٿس؟"

"پوڙهي ماءُ."

## هڪ تاثر

ادا،
ٻانيان تہ توسان ڳالهيون ڪريان،
ساديون ۽ سُوديون، سِڌيون سَنواٽيون،
جن ۾ نڪي ڏنگ نڪي ڦير.
شايد پڇين، 'ڇاجي لاءِ؟'
ها! انهيءَ لاءِ،
جو اڄ پنهنجي مٽان،
هڪ نئين مصيبت، ٻُڪايل ڳجھ جيان،
آڏي مانجهي لامارا پيئي ڏئي!
اِجهو اڄ ڪِي سيان، ڏسندي ڏسندي،
پنهنجون پياريون پياريون چيزون،
صدين کان سانڍيل،
هنئين سان هنڍايل،
ٻهوڙجِي ناس ٿي وينديون.
ايئن نہ سمجھ تہ جنهن آفت جو آئون ذڪر پيو ڪريان،
سا ڪا پرانهِين هوندي
هرگز نہ!
لِڪل ڪَئي وانگر، اُوندهہ ڇائجندي،
نِڪري نِروار ٿيندي!
اڄ نڪي پاڻ کي مشرق مان ڊپ،
نڪي مغرب مان خوف؛
انهيءَ لاءِ،
تہ جيڪڏهن اُتان ڪي

اُلا اُذامي بہ پيا،
ڏوريءَ هٿڙ سببان،
دنيا جون هَوائون مِلي جُلي،
هڪ نہ ٻئي هنڌ،
هَٽي کين اُجهائي وجهنديون.
هيءَ آفت،
جنهن جو آئون تو سان ذڪر پيو ڪريان،
۽ جيڪا جيئن پوءِ تيئن زور وٺندي پيئي وڃي،
تنهن جي ڪُڙڪ بہ سين ڪي آهي،
پر پوءِ بہ ڪُڇن نہ ٿا.
شايد انهيءَ ڪري،
جو پانئين تہ 'اها آفت، جيڪڏهن اچي بہ ويئي تہ پوک ۾ پيلاڙو ڪندڙ مُرن وانگر،
ٻوڙائي ڪٽي ٻاهر ڪڍبن.'
ڏس پاڻ ڪيڏي غلطي پيا ڪريون!
هُو ڪي ٻي زبان، جٽ اناڙي ڪينهن!
ڳالهيون پنهنجائپ جون پيا ڪن ۽ ڪڏون آندران پيا ڪوٽين.
يقين ڪر،
مون سوچيو آهي:
انهيءَ ڪري مون کان ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي اُڪلي:
پانيان تہ ٻنيهن نسن جو زور ڏيان،
تہ جيئن سُپان وڙهي بہ سگهون ۽ ڪَٽون بہ ضرور!
آئون جنهن اکين ڏٺي تباهيءَ جو ذڪر پيو ڪريان،
سا ڏاڍي سانيتڪي ۽ پرامن پيئي ٿئي!
ڏس، تہ ڪا ڪل بہ آهي؟
اِجهو اچ نہ تہ سيان، سينيءَ جو مٿو ڪُوڙجي ويندو!
اُن وقت اِهو موقعو ئي نہ هوندو تہ
سپيئي گڏجي،
هڪ دِليا ٿي،

ڪو فيصلو ڪريون ۽ ڪَڙ تيل نڪري،
ممڪن آهي تہ اهڙي صورتحال ۾،
جيئن ٻڪرين کي ڪاهَہ ايندو آهي،
تيئن پاڻ بہ حوصلو وڃائي،
هڪٻئي کان ڇِڄي، ڇڙوڇڙ ٿي وڃون.
ياءَ،
ڪجھ سوچ ۽ ويچار ڪر:
هِت نڪا گولين جي برسات ٿيندي،
نڪا بمن جي ڌڙ ڌڙ
جو هر ڪو اڪيين موت ڏسي،
مجبور ٿي،
اهو فيصلو ڪري،
’يا موت! يا زندگي!‘
تون ڏسين نہ ٿو،
تہ هُو مڪار
معصوم صورتون بنايو
پرپاسي ۾ ويهيو
اخوت ۽ اتحاد جون ڳالهيون ڪريو
ويساهہ ۾ رکيو
پيڙي چاڙهيو ڦرها پيا ڪِن!
سڄاڻين نہ ٿو؟
زمانا ڪين گذري ويا آهن،
ڪالھوڻي ڪالھہ جو ذڪر آهي ــــــــ
ملت، مساوات، اتحاد اخوت جا رشتا ۽ ناتا،
غيرن هٿان چند سڪن تي ناس ڪري ڇڏيئون.
ڪو مَرم پيِن، ڪا غيرت جاڳين؟
اڄ بہ انهيءَ زمين تي،
هِنن دوکيباز ڏاڙيلن هٿان خون جا وهايل دريا تر ۽ تازا آهن.
اسين بہ اِها ئي اميد رکون،

جڏهن هڪ ڏينهن،
سموريون راهُون بند هُونديون.
هڪ بيوس مجبور انسان وانگر،
جنهن کي پورهيو طلبيندي،
پورهيو نہ ملندو،
اَجهي طلبيندي،
بي اَجهي رهبو،
اکين ۾ زبان ۾ ڪنن هوندي،
گُونگو ۾ ٻوڙو ٽيٽو پوندو،
گويا اُن وٽ اسان جو وجود،
هِن سرزمين جو نہ،
پر ڪنهن ٻئي ديس مان ٽيلهجي،
هتي آيو هُجي.

_هفتيوار "سنڌ"
9، جولاءِ 1965ع.

# تاثر

## شفق جي لالاڻ ويجهي آهي، دوست

دوست!
هيءَ تنهنجون رس رهاڻيون،
مجلسون ۽ محفلون،
آڏي مانجهي؛
ختم به ٿينديون؟
هيءَ نِت نوان قصا ۽ ڪهاڻيون،
ڪيتريون پڙهبيون؟
هاڻ اِنهن دفترن جي ضرورت نہ آهي____
ڇڏ تہ آئون هاڻ پنهنجن پيرن تي بيهڻ سکان!
تنگون ڏڪي ڏڪي آخر بار جهلي بيهنديون.
ٿڙندي ٿاٻڙجندي ڪٿي ڪري پوان،
نا اميد نہ ٿِج.
جيترو ڪِرندس،
اوترو اٿندس.
تو مون کي چا نہ سيکاريو دوست!
اهو سڀ ڪي____
هڪ بُکئي کي پيٽ ڀرڻ لاءِ،
اگهاڙي کي انگ ڍڪڻ لاءِ،
پورهيت کي پورهئي پلئہ پوڻ لاءِ،
مظلوم کي بدلي وٺڻ لاءِ ۽
محڪوم کي آزادي وٺڻ لاءِ سِکڻ کپي.

مون کي ياد آهي دوست!
هيءَ همتون ۽ حوصلا،
جوش ۽ جذبا،
امنگ ۽ احساس ڪنهن پيدا ڪيا؟
خود فريبيءَ جي ننڊ منجهان ڪنهن جهنجهوڙي جاڳايو؟
نا اميدي ۽ نراسائيءَ مان هيءَ اٽل ارادا ۽ اميدون ڪنهن عطا ڪيون؟
خوفناڪ ۽ ويران رستي تي وڌڻ جي ڪنهن جرعت بخشي؟
اونداهي رات جي ڪارن ڪڪرن مان پرهه ڦٽيءَ جا آثار ڪنهن نمايان ڪيا؟
تو ۽ فقط تو.
تنهنجي تعليم ته پيغمبرن کان به مٿاهين آهي.
دوست!
جو نه تنهنجي سيڪاريل سبق کي،
دنيا جي آڏو دُهرايان،
ڳايان ۽ وڄايان،
هڪ نئين ساز ۽ سُر ۾.
اهو ساز ۽ سُر،
جو لکها انسان هِڪوار ٻڌڻ سان ڇرڪ پرين،
اکيون مهٽين،
ڪَر موڙين،
اُٿي بيهن ۽ گڏجي ڳائين ــــــ
بانسري ڇپن تي آهي ۽ منهنجو شوق جيئن پوءِ تيئن وڌندو وڃي ــــــ
اندر مان اُڌما اٿي رهيا آهن ۽ دل جذبات سان ڀرپور ــــــ
جيئن سمنڊ ۾ طوفان ايندي،
لهرون اُڀربيون آهن.
هُو ڏس!
لکها انسان واجهائي رهيا آهن ــــــ
کين زندگيءَ جو پيغام گهرجي ته جيئن هيءَ گندگيون ۽ غلاظتون،
قلعا ۽ ڪوٽ،

نير ۽ زنجير ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن.
دوست!
هاڻ دير ڇا جي!
ماڪيءَ جون مکيون گڏجي مانارو ٺاهين ۽ سنگ سنگ سان گڏجي ٻار ٺاهين.
ڦُڙيون ڦُڙين سان مِلي گڏجي تلاءَ جوڙين،
پوءِ اسين ٻـ سمورا مظلوم گڏجي:
هڪ نئين دنيا جوڙيون ۽ هر انسان کي،
نئين آدرش سان مالا مال ڪريون ـــــ
اهو انسان جيڪو رنگ ۽ نسل،
اوچ ۽ نيچ،
دين ۽ ڌرم کان مٿاهون هجي.
دوست!
هاڻ ڪافي دير ٿي چڪي آهي ـــــ
هاڻ خاموشي جرم آهي.
ڌرتيءَ جو ذرو ذرو عرش سان ٽڪرجڻ لئہ تيار آهي،
تہ جيئن کين پرواز ڪندي رَنڊڪ نہ ٿئي.
هُو ڏس!
هماليا اوڏڙو آهي،
ايورسٽ جون لاهيون ۽ چاڙهيون،
پٿر ۽ پهڻيون،
سج جا سونهري ڪرڻا ۽ شفق جي لالاڻ
ڪيترو نہ ويجهي آهي دوست!

ـ ڪاليج: 1950ع.

# تاثر

## سرمد

رات سرمد منهنجي اڱڻ تي هو. گهري ننڊ ۾ هئس تہ اوچتو ٺڏو لڳو. اک پٽيم تہ هو بيٺو هو.

"سڃاڻين ٿو؟____

آئون سرمد آهيان."

آئون اُچل کائي وڃي سندس پيرن تي ڪريس. پڇيومانس:

"سرمد موتي آئين؟"

هُن پنهنجي تہ واتان ڪي ڪين ڪڇيو____

"سرمد اڄ تہ اورنگزيب ڪي خاڪ ٿئي،

صديون گذري چڪيون آهن."

هُن ڪلي ڌُنو ۽ وراڻيائين:

"ها،

پوءِ بہ سرمد سرمد رهڻو آهي ۽ اورنگزيب اڳي جيان پنهنجي آگ ۾ جلندا،

رَک ٿيندا رهندا.

بيوقوف،

ڪلهہ جي اورنگزيب تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان پنهنجو ڪينو پورو تي ڪيو.

پر اڄ جا اورنگزيب،
مُڏي ڪاتيءَ سان،
سُنڌي سُنڌي وڍيندي ٻہ پنهنجي اندر جي باهہ اُجهائي نٿا
سگهن.“

هُو ڪا گهڙي چپ چاپ مون ڏانهن نهاريندو رهيو. ٻاٽ ڪاري رات هئي، مون ڪافي ڪوشش ڪئي تہ سندس نوراني چهرو پسان، پر شايد ايئن ٿيڻ ناممڪن هو ــــــ ڌرتي، آڪاس ٻنهيءَ تي اونده ڇانئيل هئي،

اوڏيءَ مهل منهنجي ذهن ۾ آيو تہ ڪجھ سرمد جي ذهني واردات جو داستان ٻڌان.

پاڻ ٻهرين تہ لنوائڻ جي ڪيائين، پر پوءِ منهنجي آزي نيزاريءَ تي ڪجهي پيو. وراڻيائين:

”جيسيتائين ’پاڻ‘ هو
”تيسين گهٽو ئي عذاب هو
”پر پوءِ جڏهن پنتي نظر ڪئيسين
تہ سراپا حيرت هئي!“

ايئن چئي، پاڻ وڏي اُداسائي مان هينيون شعر پڙهيائين:
شور شدواز خواب، عدم چشم ڪشوديم،
ديــدم ڪـہ بـاقــيسـت شب فتنہ غـنـوديـم!
(گوڙ ٿيو اسان عدم جي ننڊ مان اک کولي، ڏٺوسين تہ اڃا فتني جي رات قائم آهي، ۽ پوءِ اسان وري سمهي پياسين.)

_25، مارچ: 1967ع

# تاثر

## سرمائيداراڻي سياست

او سرمائيداراڻي سياست،
شل ٻارهوئي گهوڙن جي رئي ۾ هجين،
۽ تنهنجو وڪ وڪ تي ڪنهن ارڙ نانگ تي پير پوي!
بدبخت،
آئون ٻانيان تو تہ تنهنجو هاڻ ڇوٽو ٻاڻي پورو ٿيڻ تي آهي؛
ڇاڪاڻ تہ تو اُهوجهن سان ڪيڏانہ ٺهر ڪيا آهن!
ڪڏهن خدا ۽ مذهب جي نالي ۾،
سندن آنڊا گجيون ڪڍيون اٿيئي،
تہ ڪڏهن ذات پات،
رنگ نسل—— محبت ۽ مساوات جي اوٽ ۾،
مُڏيءَ ڪاتيءَ جو روپ ونئي،
سندن گلي تي بيدرديءَ سان اُڙهي آهين!
فريبڻ، تو پيشاور عورت کان بہ0 وڌيڪ موهيندڙ لباس پهري،
هار سينگار ڪري،
هر اياڻي ۽ راهہ ويندڙ کي ڏوڪو ڏنو آهي——
تو پاڻ کي هرهنڌ وڻائڻ خاطر،
موقعي ۽ مناسبت سان پنهنجي گندي ۽ ناپاڪ وجود تي،
ڪهڙي بہ مقدس لباس پهريندي،
شرم محسوس نہ ڪيو آهي. تو سدائين انساني قياس ۽ رحم جا
مڙيئي نازڪ ناتا ۽ رشتا،

ساڙي ٻاري، رک ڪري،
ٿڪ ڏنا آهن.
تو صدين کان وٺي انسانذات جي اٿڄاٿائي ۽ غربت سان ٺٺوليون پئي ڪيون آهن ۽ تنهنجي ناپاڪ منورتي،
ٻين سان مذاقون ڪندي،
ڪڏهن به پنهنجي اندر ۾ ليئو نه پاتو آهي. تنهنجي مجرمانه نگاهن ڪڏهن به ڪنهن چڱي چيز کي ڏسڻ پسند نه ڪيو آهي؛
چاڪاڻ ته توکي هر گندگيءَ ۾ ڊونڊ ڏانهن ويجهي ويندي،
راحت پئي رسي آهي.
تو هميشه انسانذات جي محسنن جي رت ۽ خون مان پرورش پاتل گلن ۽ ٻوٽن جي سُرهاڻ کان نفرت پئي ڪئي آهي،
۽ تو سدائين اهائي ڪوشش پئي ڪئي آهي ته جيئن اها سگنڌ هميشه.... (مواد رهيل). ٻڏل ڳُئي وانگر نڪري نروار ٿيندو.
اُن وقت تنهنجي مڪار نگاهن ۾ آهڙي سگهه هوندي؟
جو پل پر لاءِ پنهنجي خلاف قائم ٿيل بي ريا عوامي عدالت جو هيبتناڪ منظر ڏسي سگهين؟
تنهنجا وڏن پيٽن ۽ منحوس چهرن وارا همدرد ۽ حواريءَ ته پنهنجي ئي پگهر ۾ ٻڏل هوندا.
ڏائڻ،
تنهنجي مڙني مڪارين ۽ چالاڪين جا اڏا ۽ پناهه جون جايون ظاهر ٿي پونديون.
تنهنجي ناپاڪ وجود کي جن به چيزن زنده رکڻ ۾ مدد پئي ڪئي آهي،
تن مڙني کي تنهنجي ئي روبرو
سواءِ ڪنهن رک رکاءَ جي ساڙي،
ٻاري خاڪ ڪيو ويندو ــــــ
تو جن به چيزن کي اڄ تائين عدل،
انصاف، نيڪي، محبت، پيار ۽ ٻين نالن سان ڪوٺيو آهي،
تن جي ته سُيان قلعي کلڻ واري آهي!

وئشڻ،
تنهنجي پُڄاڻي لاءِ ميدان هموار پيو ٿئي!
آئون ڏسان پيو تہ توکي عوامي عدالت جي بارگاهہ ۾ ٻڌي حاضر ڪرڻ لاءِ،
اُهي ئي شخص هٿڪڙيون ۽ زنجير تيار ڪري رهيا آهن،
جن کي تو زمانن کان وٺي ڪک پن ڄاڻي،
لتاڙيو ۽ ناس پئي ڪيو آهي.

_1967ع.
اشاعت: ”سچن تي سختيون“، فيبروري: 1968

# تاثر

## ماءُ

ماءَ!
مون ڏٺو آ تو کي،
انساني تخليق ڪندي،
پنهنجو رت ۾ ست ڏيندي____
جڏهن زمين ۽ آسمان جهڙن ٻن پڙن جي وچ ۾،
پنهنجو پاڻ،
مرڪندي حوالي ڪندي آهين____
مون کي ياد آهي ماءَ!
هڪ رات،
غضب جي سردي،
اتر جون تڏيون هوائون،
ڀڳل ٽٽل جهوپڙي،
برسات جون بوندون،
جن گڏجي تو مٿان هلان ٿي ڪئي____
مون ڏٺو ته،
ههڙي موت ۽ حياتيءَ جي نازڪ موڙ تي،
باهمت مرڪندي،

پنهنجي اٽل فيصلي تي نازان پئي ڏٺين____

ماءُ!

منهنجي زندگيءَ ۾

هي پهريون ئي پيرو هو

جو محسوس ڪيم تہ انساني تخليق ڪندي

موت جي بي رحم ديوتا سان ڪيڏي نہ ٽو ڪي،

جان جي بازي لڳائڻي ٿي پوي!

ڪائنات جا شهہ ڪاريگر،

۽ دنيا جا عظيم فنڪار،

پنهنجي سموري ذهن،

۽ تخيل جي زور ٻل ڪهڙا بہ شاهڪار پيش ڪن،

پر پوءِ بہ تنهنجي اڳيان سپيئي سربسجود آهن!

_1966ع.

## تاثر

# ڪبير

هڪ ڏينهن ڀڳت ڪبير،
جهنگ مان هلندو پئي ويو.
هلندي، هلندي،
ڪنهن مهل هڪ جهوپڙي وٽ اچي پهتو.
جا ڏسي تہ چار ٻار هڪ رٻ جي ڳُنيءَ مٿان پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن.
منجهانئن جيڪو ڏاڍو هو
تنهن ٻين کي ڪائڻ نہ تي ڏنو.
اوچتو پريان هڪ ٻيڏڙي عورت کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي،
انهي ڇوڪري هڪدم ڳُنيءَ مان ڪٽي هٿ ڪڍيا.
اهو حال ڏسي، ڪبير آسمان ڏانهن نهاري،
ٿهڪ ڏنو ۽ چيائين:
”اي شهہ رڳ کان ويجها،
تو کان تہ اها رن زال بہ چڱي،
ٻچا تہ سنڀالي جاڻي ٿي.“
۽ پوءِ پنهنجي منهن پڙ پڙ ڪندو روانو ٿي ويو.

# تاثر

## لبيڪ، هوشو سرويچ، لبيڪ

پورهيت ماءَ جا لال!
سوا سو سالن جي عرصي پڄاڻان،
آئون تنهنجي قبر جي پير ۾ بيٺو آهيان ــــــ
هڪ طرف تون آهين،
۽ ٻئي طرف تنهنجن آقائن جي جاهه ۽ جلال جا نشان!
ٻي ريا وقت جو سڄاڳ ديو
تنهنجن آقائن جي نڙگهٽ ۾ وات وجهيو
ڪين گمنامي جي اوڙاهه ڏانهن گهليندو وڃي ــــــ
آئون ٻنهي طرفين حيرت مان نهاري رهيو آهيان.
عين وقت تي منهنجي سامهون ٻه تصويرون نمايان ٿين ٿيون ــــــ
تاريخ ٻنهين ڌرين کي انصاف جي تارازيءَ ۾ توري،
قيمت ڪٿي انعام ڏنو آهي ــــــ
تنهنجن آقائن جو اولاد،
لولو لنگڙو اکين کان انڌو ۽ لٺ جي سهاري تي آهي؛
۽ تون اڄ به ننگي تلوار سان سنڌ جي سرحدن مٿان،
وڄ ۽ طوفانن جي روپ ۾ للڪاريندو ٿو رهين.
تنهنجي هر للڪار جي موٽ ۾،
هزارها نوجوان يڪ زبان چئي رهيا آهن:
"لبيڪ! هوشو سرويچ، لبيڪ!"

ــ ڊسمبر: 1967ع.
(هوشو جي ورسي تي پڙهيل)

تاثر

# گُل

”گُل! اهو ٻڌائيندين تہ تنهنجي حسن، نزاڪت ۽ خوشبوءَ جو بنيادي ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

اشاري طور، اوڏيءَ مهل هوا جو هڪ تيز جهوٽو آيو نميل گل پاڻ سنڀاليندي وراڻ ڏني:

ايترين صلاحيتن هوندي بہ آئون اظهار جي قوت کان محروم آهيان، جيئن تون اڪيچار صلاحيتن هوندي اڪين کان سڄو آهين_ ڳهيلا پورهيت! ”جيڪڏهن تون هڪ وار فطرت جي گهراين ۾ پيهي ڏسين، تہ هُوند انهي سڄي پروليءَ کي پروڙين، ذرتيءَ تي صدين جا ڏاڙيل، ڪن پل ۾ سڄاڻي وڃين!“

تاثر

## ڪاهوءَ جو ڏڙو

ڪاهوءَ جي ڏڙي منجهان ڪبير ديوتا جو پُتلو لڌو ويو. جنهن لاءِ چوڻ آهي ته هو پگهوان جو خزانچي آهي.

انهي پُتلي جو هڪ مَکي چُوس سيٺ جيان ڍِڍ ٻاهر نڪتل هو. هن جي ساڄي هٿ ۾ ڪنول (ڏرم) جو گل هو ۽ کاٻو هٿ، ڏَنَ جي هڪ ڳوٿري مٿان رکيل هو.

فريبي برهمڻ پنهنجي ايندڙ نسل کي ٻه: اهائي سکيا ٿي ڏني ته، "جيسيتائين اهو گل (ڏرم) مضبوطي سان: هٿ ۾ جهليل هوندو ۽ ان جي مضبوطيءَ سان رکوالي هوندي، ايسيتائين ڌن جي ڳوٿري فقط: اوهان جي ئي هٿن ۾ سوگهي رهندي!"

1956ع

## تاثر

# مولانا

ڪالهہ رستي ويندي، هڪ مولانا (برهمڻ) سان گڏجاڻي ٿي، ڳالهين ڪندي، ايئين پئي محسوس ڪرايائين تہ جڳ جهان ۾ فقط وٽس ئي وقت جو سچ آهي، ڊگهي جڀ، بس ڪرڻ ئي ڪانہ پئي چاهي. آخر تنگ ٿي پڇيومانس: "ڀلا هن جڳ لاءِ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟"

هُن ناسون ڦنڊريون ۽ نانگ جيان شوڪارو پريندي، وراڻي ڏنائين: "هيءَ ماديت جو جڳ انسان جي رهڻ لائق ئي ڪينهي!"

هن اهي لفظ پنهنجي ذاتي پوتر پٽي جي اهڙي هٺ ڌرميءَ سان چيا جو آئون حيران ٿي ويس. وراڻيومانس:

"واقعي تون درست آهين، ڇاڪاڻ جو اهو سمورو مضحڪي خيز اظهار تنهنجي فڪر ۽ فلسفي جو آهي، جيڪو اتفاقن تنهنجي گهاٽي ڏاڙهيءَ ۾ وچڙي، ايترو تہ منجهي پيو آهي، جو خود تو کي ڪل ڪانهي تہ تون پاڻ ڪهڙي وکر جو وهائو آهين."

## تاثر

# مولوي

”مولوي صاحب، اوهين پل پنهنجي ماضيءَ تي فخر ڪريو. چاڪاڻ تہ اوهان کي سونهين بہ ٿو باقي آئون، سو سچ پڇو تہ مون کي ماضيءَ جو ڪوبہ اهڙو پل پهر نہ ٿو سجهي، جنهن ۾ اوهان جي مقدس تلور، ڪنهن نہ ڪنهن ضلاآلله جي دسترخوان جي نگهباني ڪندي، غريبن جي گلي تي وهڻ ڪان واندي نظر ايندي هجي!“

”تنهن جي معنيٰ تہ اسان جو ماضي خراب آهي؟“

”جناب مون ايئن تہ ڪين چيو تہ اوهان جو ماضي خراب آهي؛ آئون تہ چوان ٿو تہ اوهان جو ماضي ايترو تہ اتاهون آهي، ايترو تہ شاندار آهي، جوان جي ڪنهن بہ رخ ڪان پڙدو هٽائڻ، موت کي دعوت ڏيڻي آهي.“

”ڪافر، خبيث!“ ايئن چئي، مولوي ناس جي دٻلي ڪنيو پٽڪو سنياليندي رمندو رهيو.

09.07.1967ع_

## تاثر

# ذهنيت

”اها قميص اِڳي جي تہ ورتل نہ آهي؟“

”نہ سائين، اوهان وٽ اچڻ کان پوءِ ورتي اٿم.“ نوڪر، پنهنجي نئين قميص ڏانهن نهاري، خوش ٿي ورندي ڏني.

وقت گذرندو رهيو. هڪ ڏينهن نوڪر جي مٿي تي پيل نئين ٽوپيءَ تي نظر پوندي، سيٺ حيرت مان پڇيو: ”اها ٽوپي شايد هاڻ ورتي اٿئي؟“

”جي سائين.“ نوڪر جو جواب ٻڌي سيٺ خاموش ٿي ويو.

نوڪر کي سيٺ وٽ نوڪري ڪندي ڇهہ مهينا ٿيا هئا. انهي عرصي ۾ سيٺ هڪ ٻيو نئون دڪان بہ کولي چڪو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو سوير سيٺ جيئن دڪان تي مٿي چڙهي، پنهنجن پيرن مان بوٽ لاٿو تہ هڪدم سندس نگاهہ پير ۾ پيل هڪ نئين چپل تي پيئي. ڏسڻ سان باهہ ٿي ويو ۽ نوڪر کي رڙ ڪري چيائين:

”ٻڌ ٽپڙ ٻيا ڇهہ مهينا رهين، تہ اسان جا لاهہ ڪيڏي ڇڏيندين!“

_8، سيپٽمبر: 1969ع.

# تاثر

## انسان

"نڪري وڃ! "

هڪ غضبناڪ آواز اُڀرندي، ڌرتي ڏوڏو ڪاڏو پهاڙ لرزش ۾ آيا ۽ فضا ۾ شور ۽ هنگامون وڌندو ويو.

فطرت پنهنجي فيصلي تي نازان هئي___ عين وقت تي ننگو ۽ اگهاڙو آدم ڌرتيءَ تي بيٺو هو هو سراپا حيرت ۾ هو.

گهڻي گهڻي دير ڪان پوءِ هن پاڻ تي نظر وجهي، مٿي نهاري، ڪنڌ کي ڏوٽو ڏنو ۽ چپ چاپ تڪڙو تڪڙو هڪ غار ۾ گهڙي ويو.

وقت گذرندو رهيو ۽ ڏيري ڏيري غارن، دريائن، هوائن ۽ فضائن سان لڙندو وڌندو ۽ هلندو ويو.

هڪ ڏينهن هن وري پاڻ ڏانهن نهاريو. پنهنجي اُگهاڙپ ڍڪيل ڏسي، وڏي مسرت سان سان مٿي نگاهه ڪئي.

ڌرتيءَ وري ڏوڏو ڪاڏو ۽ پهاڙ ٻيهر لرزش ۾ آيا. اوڏي مهل فضائن جي مڌر سنگيت مان، شڪست خوردگيءَ جي لهجي ۾ صاف ٻڌجي رهيو هو:

"انسان تون واقعي عظيم آهين، تون واقعي امر آهين!"

_1952ع.

# کتاب

# اجاآگاھون

لٹپورو ناول

سائين ابن حيات پنهور
سڄي ڄمار مظلوم ۽ محڪوم طبقن جي
حقن حاصل ڪرڻ لاءِ
پنهنجي قلم وسيلي نت نوان حوصلا
۽ راهون ڏيکاريندو رهيو آهي.

ڪامريڊ عزيز السلام بخاري.

**هڪ** وسيع پهاڙيءَ علائقي مان هڪڙا ٻه ڄڻا وڃي رهيا آهن. سج لهڻ ۾ باقي گهڙيءَ اڌ جي دير آهي. راهگذرن جا ڪجهندڙ قدم ٻڌائي رهيا آهن ته، کين تمام پرانهين منزل تي رَسڻو آهي: هُو ڪڏهن تيز قدم کڻي ڊِرا تي وڃن ٿا ، ڪڏهن پنڌي نهارين ٿا ته ڪڏهن، ڌرتيءَ تي پنهنجي پيشروئن جي پيرَن جي نشانن جي تلاش ۾ آهن. هلندي هلندي، ڪٿي ڪا ٽڪريءَ يا زمين جي مٿاهين ڏسندي، عجيب ڪيفيت ۾، ڊوڙي وڃي اُن تي چڙهن ٿا. هن وسيع بيابان ۾، ڪٿي ڪن تازن ڪنيل قدمن جي نشانن تي نظر پوندي، کنهن ويجهي وَسنهَنءَ جي آس ۾، همت ۽ حوصلي کي جائگزين ٿيڻ جو اجا موقعو ئي مس ٿو ملي ته، وري نا اُميديءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ٿا وڃن. آسمان تي ڪجه بادل ڏسجي رهيا آهن. هوا پنهنجي تيز طوفاني صورت ۾ ظاهر ٿيڻ جا نشان پتا ڏيئي رهي آهي. هن اوچتي منظر پوڙهي جِي دل کي البت مايوس ڪري وڌو آهي. سج جِي ميرانجهي ۽ لُڙاٽيل روشني، طوفان جي گرد و غبار ۾ ماني ٿيندي تي وڃي. پوڙهي جِي سخت جان طبعيت پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيئي موقعا ڏٺا آهن. هن جي زماني شناس پيشانيءَ تي، وقت جي بي رحم حملن جا ڪيئي گهاو موجود آهن____ هن جي جسماني بناوت ڇهري جي بيهڪ ۽ پيشانيءَ تي زندگيءَ جي مختلف تجربن جا نقش ونگار انهيءَ حقيقت جا عيني شاهد آهن. هُن جي ڇهري تي دائمي ساٿ ڏيندڙ مرڪ ۽ نگاهن جو جلال، هر انساني فطرت جي سُونجهيندڙ کي، پوڙهي جي شخصيت تي مزيد مطالعي ڪرڻ جو سامان ميسر ڪري ٿو ڏئي. هُن سان گفتگو دوران خودبخود اهو احساس جاڳي ٿو ته، هُن ڪڏهن به ڪا شڪست نه قبولي آهي. زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ۾، جڏهن به ڪٿي ڪي ٻه قدم پنڌي هٽيو آهي ته، هُو مايوس نه ٿيو آهي.

هن جي سيني ۾ هڪ درياهه جهڙي دل آهي، جنهن هار ۽ جيت جي ميدان تي ڪڏهن به ذرو ضايع ٿيڻ نه ڏنو آهي. اهڙن موقعن تي هن

هميشہ نئين سر عزم ۽ اميد جا نوان مشعل ٻاري، اوندهہ ۾ اڳتي وڌڻ ۽ منزل کي ويجهو رسڻ لاءِ اڳئين کان بہ وڌيڪ برجستا قدم کنيا آهن.

سج هاڻ ٿبي ڏيڻ تي آهي. آسمان تي ڇانئيل ڪارن ڪڪرن، ڀيانڪ فضا بنائي وڌي آهي. چوڌاري ويراني آهي ۽ ڪٿي بہ ڪنهن انساني بستيءَ جي موجودگيءَ جي اميد نظر نہ ٿي اچي. پيشروئن جي پيرَن جا نشان اونده سبيان رهبري ڪرڻ کان عاجز آهن____ اوندهہ، ٿڪاوٽ ۽ منزل جي تلاش، پوڙهي جي همت ۽ حوصلي سان زورآزمائي ڪري رهيا آهن. هُو ڪڏهن اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ڪڏهن ٿڪاوٽ جو احساس، رات جا چار پهر ڪيس اُتيئي گهارڻ تي آمادا ڪري ٿو. هُو هينئر انهيءَ ڪشمڪش ۾ آهي، ذهن رهبري ڪري ٿي ڪري، تنهن کان اڳ ٽڏو ساهہ کٽي، پٽ کي بہ اُتيئي رات جا چار پهر گهارڻ جي آڇ ڪري ٿو.

’ڇو بابا، اوهان نهايت دک ڀريو ساهہ کنيو آهي؟‘

ايون پيءَ کان پڇيو.

’پُٽ، نظر تہ ڪر ڪهڙي نہ ويراني ۾ اچي ڦهتا آهيون! آهي ڪو ڪٿي روشنيءَ جو ڪرڻو اونده ٿي اونده آهي! خبر نہ آهي تہ پرهہ ڦٽڻ تائين هيءَ ڀوائتي رات ڪيئن ڪٽبي!‘

’هي اوندهہ نہ هجي ها تہ ڪيترو نہ بهتر هو بابا!‘

’ايون، اوندهہ ۽ روشنيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو سبنڌ آهي____ هُو هن کان سواءِ بيڪار آهي ۽ هيءَ هن کان. زندگيءَ ۾ روشن راتين سان گڏوگڏ اونداهين جو اچڻ بہ اٽل آهي: تنهن ڪري اهي گهاڙيون آهن پٽ،____ ڪلندي توڙي رئندي! تون شايد ايئن چوين تہ هن اونده جي گهرج ٿي ڪهڙي؟ پر، ايون، هن اوندهہ کان سواءِ تون روشنيءَ جي قيمت تہ ڪٿي ڪانہ سگهندين. اها اونده ٿي آهي، جنهن جو ڀوائتو احساس، روشنيءَ سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو. ڪن جو چوڻ آهي تہ هيءَ اوندهہ جي ڇايا، هن سنسار جي سر تان هڪ ڏينهن انسان جي هٿان شڪست قبولي، خودبخود دفنائجي ويندي، پر ايون، هيءَ بہ ساڳي اهائي نامڪن جستجو آهي، جهڙي سنسار جي سرجڻهار جي ڳولا. اڻڄاڻائيءَ جي انڌي ڀوت، پنهنجي تسڪين لاءِ ڪيئي محل اڏيا، پر هُن کي اها سُرت ٿي ڪانہ هئي تہ اج جي چاڻ، سياڻي جي اڳيان وري بہ اوندهہ جي پردن ۾ گم ٿي ويندي، ۽ ساڳي دل

جي تسڪين لاءِ اڳين خدائن کي ناس ڪرڻ ضروري ٿي پوندو.‘

رات جو پهريون پهر گذري چڪو هو. طوفان جي رخ بدلجندي، ڪڪر بہ آهستي آهستي ڇڙوڇڙ ٿيندا ٿي ويا. جهٽ پل ۾ آسمان بنهہ صاف ٿي چڪو هو ۽ تارا ڪنهن کيٽ ۾ ڪپهہ جي ٽڙيل ڏنين جيان جڳمڳائي رهيا هئا ___ اوڏيءَ مهل پوڙهي آسمان ڏانهن نهاري، ڳچ وقت اڳ واري مايوسي پيدا ڪندڙ احساس کي پنهنجي دل تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي.

’هينئر تہ رات ڪيڏيءَ نہ حسين آهي، بابا!‘

’پُٽ، هن ڌرتيءَ جو ذرو ذرو حسين آهي پر جي انسان ان جي حسن کي وڌيڪ نکارجڻ جو موقعو ڏئي.‘

ايئن چئي پوڙهي پنهنجي هَڙُ کولي، ۽ اُن مان ماني ڪڍي، پُٽ کي کائڻ جي آڇ ڪئي.

’بابا، هيءَ تہ ڇباڙي نہ ٿي ٿيئي!‘

پوڙهي ايون جا لفظ ٻڌي، مرڪندي وراڻي ڏني، ’ايئن نہ چَئو ايون، متان ڪو هتان جو ديسواسي ٻڌي نہ وٺي.‘

’ٻُڌي وٺندو تہ پوءِ؟‘

’پوءِ؟ ايئن چوڻ ڀڳوان جي گهتتائي ڪرڻي آهي.‘

’ڇا مطلب، بابا؟‘

’مطلب اهو آهي تہ انسان کي جياپي لاءِ جيڪي ڪجهہ گهرجي ٿو اهو ڀڳوان ئي ڏئي ٿو. هُن ازل جي ڏينهن کان هر ماڻهوءَ جو داڻو پاڻي مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن کي گهٽو ڪنهن کي ٿورو. هڪڙا پورهئي سان ٻيا بنا پورهئي. ڀڳوان جي هن ورڇ تي اَرهو ٿيڻ، هٺ وٺي پنهنجو پاڻ انت آڻڻو آهي.‘ پيءَ جي انهيءَ سمجهاڻي ٻڌڻ بعد ايون هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

’پُٽ: ڪل نہ! اها انسان جي انسان سان مذاق نڪي اڄ کان آهي ۽ نڪي فقط ڀارتواسين سان ئي ٿي آهي. گهڻو زمانو اڳ، ڌرتيءَ جي چَپي چَپي تي، انسان پنهنجي ٻچپنائي ۽ جهنگلپڻي واري دور ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندي ڦرندي، ڦل ڦول يا ٻيون ڪي، جاندار ۽ بي جان شيون کائي پيٽ ڀريندو هو تڏهن کان اهو تصور پيدا ___ ڪنهن کي ڀتڪندي

ترقي يافتا ڇو نہ هجن؟ آزادي تہ ملي پر هندستان ۽ پاڪستان ۾ اڃا تائين ڪنهن کي بہ آرام جي گهڙي نصيب نہ ٿي.

معلوم نہ آهي تہ ايندڙ وقت جو مورخ انهن واقعن کي ڪهڙي طرح بيان ڪندو. سببن ۽ نتيجن جون ڪهڙي ريت ڪڙيون ملائي، ڪنهن کي ڏوهاري ٺهرائي ۽ ڪنهن کي مظلوم بنائي؟ ظاهر آهي تہ گهڻا مورخ اهڙائي هوندا جي پنهجي ملڪ، پنهنجي طبقي، پنهنجي مذهب ۽ پنهجن رهنمائن جا گيت ڳائيندا. واقعن ۽ حقيقتن کي ڇڪي تاڻي پنهنجي نقطي نظر جو پابند بنائيندا. مگر ڪي مورخ ۽ اديب اهڙا بہ هوندا جن جون نگاهون بلند، جن جا خيال انصاف پسند، اهي شايد غير جانبدار رهي، حالتن کي سندن صحيح پس منظر ۾ پيش ڪن. ان مان صحيح نتيجا ظاهر ڪن ۽ ايمانداريءَ سان انهن واقعن جي تہ تائين جانچين جن ڪجه ڏينهن لاءِ ڪيترن ئي هندستانين ۽ پاڪستانين کان شرافت جون اعليٰ خصلتون ڪَسي ورتيون. آئنده جي تاريخ خبر نہ آهي تہ ڇا ظاهر ڪري پر ساڳئي وقت هيءَ بہ ڏسڻو آهي تہ اسان جو ڪجهہ پنهنجين اکين اڳيان ڏٺو ان جو اسان تي ڪهڙو اثر ٿيو اسان ڇا سوچيو اسان جي دلين ۾ ڪهڙا ڪهڙا سوال اٿيا ۽ اسان انهن جا ڪهڙا ڪهڙا معقول جواب ڏنا؟

هن ۾ شڪ نہ آهي تہ اديبن جي دل ۾ مختلف قسم جا سوال پيدا ٿيندا. سندن ذهني تربيت، ماحول، طبقاتي سلسلو سياسي عقيدن ۽ شخصي فائدن جي خيالن کان وٺي مختلف قسم جا رد عمل هجن. پر ساڳئي وقت شخصي فائدن يا سياسي ۽ ذهني مصالحن جي باوجود ڪيترا بنيادي سوال اهڙا بہ آهن جن جي متعلق هر چڱي اديب کي سوچڻو آهي ۽ اهڙو جواب نہ ڏيڻ جڳائي جو سندس ذهن جي ڪري هن ساري ڪائنات کي هڪ لطيفو بنائي، يا دنيا کي مافوق الفطرت انسانن يا ديوانن جي دنيا بنائي. مگر ڪيس هڪ اهڙي انسان وانگر جواب ڏيڻو آهي جو ٻين انسانن جي توهين ۽ تذليل تي خوش نہ ٿو ٿئي، جو دنيا کي هڪ وڏي برادري ڄاڻي انسانن جي اجتمائي بهبود جي نقطہ نظر تي سوچي ٿو. مان ڄاڻان ٿو تہ ايتري ڇوڙ تي بہ ڪيترين ئي پيشانين ۾ گهنڊ پئجي ويندا. اديب ۽ بهبوديءَ جو تصور! فنڪار ۽ نفعي نقصان جو خيال! شاعر ۽ انسانيت جو مبلغ! اهي سڀئي ڳالهيون ادب سان تعلق رکندڙ نہ آهن. جڏهن بہ ڪنهن

اديب يا فنڪار انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي قلم کَنيو اهو زندگيءَ جي نظام جو هڪ زرخريد غلام بڻجي ويو هو فنڪار نہ رهيو پر پروپئگنڊا ڪرڻ وارو بڻجي ويو! ذرا غور ڪرڻ تي معلوم ٿي ويندو تہ هيءَ خود پروپئگنڊا ڪرڻ جي هڪ نازڪ ۽ زهر آلود شڪل آهي ۽ ان گروهہ جي نمائندگي ٿي جا فن جي نزاڪت کي پڙدو بڻائي عام ماڻهن کي اجتماعي ترقي ڪرڻ کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، جا حالتن جي بدلجڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي جدوجهد کي جائز نہ ٿي ڄاڻي. انهيءَ ڪري ادب ۾ ان جي اظهار کي نہ رڳو شڪ جي نظرن سان ڏسي ٿي بلڪ شعوري يا غير شعوري طرح بہ هن کي پنهنجي فائدن لاءِ خطرناڪ تصور ڪري ٿي. هيءَ سارو رنگ بناوتي آهي ۽ هڪ مقصد جي تابع، جنهن جي لڪائڻ ۽ لنوائڻ جي ڪوشش ۾ هو خود انهيءَ چار ۾ ڦاسي پوي ٿو جنهن ۾ هو انهن اديبن کي ڦاسائڻ گهري ٿو جي ڪلمڪلايو اعلان ٿا ڪن تہ اسين انسانيت جا دوست آهيون، ادب جي ذريعي انهن جي ڀلائي ۽ بهتري چاهيون ٿا. ڪين بهتر انسان بڻائڻ گهرون ٿا، وغيره، وغيره. آخر ڇا جي ڪري انسانيت ۽ انصاف جو نالو ايندي هنن کي غصو وٺيو وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي تباهہ ڪندڙ ۽ زهر آلود خيالن کي ادب ۽ فن جو صحيح جزو ڄاڻن ٿا! انهن ڳالهين تي غور ڪندي وڏا وڏا سوال اٿيو ڪڙا ٿين.

آخر هن ڪائنات جو بہ ڪو مقصد آهي؟ هيڏي لمبي چوڙي ۽ عظيم الشان دنيا ۾ انسان جي بہ ڪا حقيقت ۽ اهميت آهي؟ هو ڪنهن مقصد ۽ منزل طرف وڌي رهيو آهي يا هن ۾ وڌڻ جي طاقت ئي نہ آهي؟ هو ارادي جو مالڪ ۽ سمجه رکندڙ آهي يا نہ؟ هن ۾ پنهنجي ارادي ۽ نيت سان زندگيءَ جي بهترين بڻائڻ جي ڪا لياقت ۽ اهليت بہ آهي يا نہ؟ چڱائي ۽ برائي، چڱي زندگي ۽ تڪليف واري زندگي فقط اسان جي خيل جو ڪرشمو آهي يا واقعي اسين هڪ نموني جي زندگيءَ کي ٻئي نموني جي زندگيءَ تي ترجيح ڏيون ٿا؟ انسان چاهي ڇا ٿو: حالتن جو غلام بڻجڻ يا مالڪ؟ دنيا اسان کي جنهن بہ نموني خاموش ۽ مجبور رکي تہ ويٺا ئي رهون يا دنيا تي قبضو حاصل ڪري زندگيءَ جي تعمير ۽ تشڪيل پنهنجن خيالن مطابق ڪريون؟

انهن سوالن تي غور ڪرڻ سان فلسفو منطق، نفس، اخلاق، تصوف ۽ ٻين

سمورا تصور خاڪ ۾ ملندا نظر آيا. هو اڄ پلمانس موهن کي ڀروپي موهن سمجهي رهيو هو.

تارن جي روشني ۽ چنڊ جي سُهائيءَ سان گڏوگڏ ٿڌي هوا جون هيرون، ڏينهن جي هر ٿڪل جاندار کي پنهنجي آغوش ۾ آٽي، آرامي ٿيڻ جي دعوت ڏيئي رهيون هيون. ايون جي پندرهن سالن جي زندگيءَ ۾ هيڙي انوکي رات ڪڏهن به ڪانه آئي هئي____ ويراني، ٿڪاوٽ ۽ ذهني بيچيني هُن جي نگاهن مان ننڊ کي تڙي پري ڪري ڇڏيو هو. ڪوشش جي باوجود به هُن جي اک نه ٿي لڳي، ۽ پوڙهو عيني دل ئي دل ۾ پنهنجي سفر متعلق سوچيندو ٿي رهيو. هن کي تمام پري وڃڻو آهي. پراڻهين ديس جي سفر جو احساس ۽ اُن جا نتيجا هُن جي ذهن کان اڻچاتل نه آهن. هو هينئر انهي سوچ ۾ آهي ته اڄوڪي رهاڻ ايون جي دل تي ڪهڙو اثر ڪيو.

’ايون، هاڻ ڪافي رات گذري چڪي آهي. زندگيءَ ۾ هر انسان کي اهڙين رهاڻين جا موقعا ضرور ملن ٿا. منهنجا لعل! توکي ته اڃا گهڻوئي سکڻو آهي____ جمڻ کان وٺي مرڻ تائين انسان سکندو ئي رهي ٿو پر سکيا جا در تڏهن ئي کلن ٿا، جڏهن ڪو انسان پنهنجي اڻڄاڻائيءَ جي دعوا ڪندو____ ڄاڻ امرت رس به آهي ته زهر به. انساني سماج ۾ ڄاڻ کي اڄ تائين زهر جي ئي روپ ۾ استعمال ٿيندي ڏٺو ويو آهي. پٽ، جڏهن به ڪنهن شخص جي واتان ”آئون“ يعني پنهنجي قابليت ۽ ڄاڻ جو اظهار ٿيندي ٻڌين، ته اُن ماڻهو کان ائين ڀڄ، جيئن نانگ ۽ بلا کان! هيءَ اُهوئي ساڳيو ذهن آهي، جنهن تاريخ جي هر دور ۾ انسانذات کي خود سوچڻ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهڻ بجاءِ هڪ نه ٻي نئين غلاميءَ ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهي ذهن تلوار کان به وڌيڪ انسانيت کي ڇيهو رسايو آهي! سچ پڇين ته هيءُ انهي ذهن جو مالڪ اُنهيءَ برهمڻ جو پاءُ آهي، جنهن ڪتريءَ جي تلوار کان به وڌيڪ پڳوان جي تلوار کي حرڪت ۾ آندو. ڪتريءَ جي تلوار ته انساني تاريخ ۾ بار بار پڃندي ۽ ٽوٽا ٽڪر ٿيندي رهي، پر هيءَ منحوس اڄ به اڳي کان اڳري، بيگناهن جي ڳلي تي وهندي ۽ مختلف روپ وٺندي ٿي رهي.‘

’بابا، پڳوان جي تلوار رڳو يارتواسين جي ڳلي تي اُڙهي آهي؟‘

’نه، پٽ، انهيءَ ڏائڻ ڌرتيءَ جي چپي چپي تي انساني رت سان

هولي ڪيڏي آهي ـــــ ڪير جو انهيءَ کي پڇي، ٽوٽا ٽڪر ڪري؛ انهيءَ جڳ ناس ڪرڻ لاءِ سمجھ جي ضرورت هئي، پر اُها ويچاري هر دور ۾، تو مون تائين پهچڻ کان اڳ، ڪوٺن ۾ قيد ٿيندي ۽ پنهنجا پاسا پچائيندي رهي آهي. اتفاق سان جڏهن به ڪو اُن کي موقعو مليو آهي ته هُو نماڻائيءَ سان پنهنجا پرڙا پکيڙي، اجا اُڏاٽي ئي مس، ته ڏاڍ ۽ جبر جي رکوالن هٿان هڪ ئي ڏڪ سان پنهنجا پکَ وڃائي، جڏي ٿي، وري وڃي قيد ٿي آهي ـــــ اهڙي ريت هر دور ۾، ۽ اڄ به بار بار زخمجڻ جي باوجود تو مون ۾ هن هُن تائين پچڻ لاءِ وڏا وس ڪندي ٿي رهي.

توکي ٻڌايم ته ديس رکيا جي سوال کان پوءِ، جڏهن پورهئي جي عارضي ورڇ ٿي ۽ برهمڻ کي آسانيءَ سان پيٽ پارڻ جو موقعو مليو، تڏهن هُن انهي ڳالھ تي ڳنڍ ٻڌي، ڀڳوان جو حوالو ڏيئي، ويدن کي شاهدي طور وچ ۾ آندو ـــــ جي، "ڏسو هيئن لکيل نه آهي، ته هر ڪو ڪرمن جو ڦل تو کائي!" ڪنهن کي جرعت جو فريبي برهمڻ کان عقل ۽ انصاف جي ٻيڪ گهُري؛ ڪيئي صديون انهيءَ حرفت سان برهمڻ ڇور ٻڌجي، شودر جي رت کي مفت جو مال ڄاڻي، مزي سان چوسيندو ۽ عيش ڪندو ٿي رهيو. جڏهن به ڪنهن برهمڻ جي انهي دوکيبازيءَ جي مخالفت ٿي ڪئي، ته اول هن کي ڀڳوان جي ڪڙي ڪيل نرڳ جو ڊپ ڏنو ٿي ويو پر جي انهي ڊپ جي به ڪنهن پرواھ نه ٿي ڪئي ته پو# ڪتريءَ جي تلوار کي حرڪت ۾ آڻيندي ڪا به ويرم ڪانه ٿي لڳي.

ائين، هڪڙا ٻين جي پورهئي تي حق ثابت ڪري، من مانيون ته ڪندا رهيا، پر آخر ڪيستائين؟

انسانيت ڏينهون ڏينهن پيڙاءَ ۾ ونبي ويئي، ۽ شودر جو ڪنڌ گهٽي بوجھ کان پوءِ آهستي آهستي اُوچو ٿيڻ لڳو ـــــ ڀڳوان ۽ ڪتريءَ جون گڏوگڏ جهاتڪا ڪنڌڙ تلوارون هڪ حساس فطرت جي مالڪ کان ڏٺيون ڪين ٿيون، ۽ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو مهاتما ٻڌ پارت جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ بغاوت جي باھ پڙڪائي ڇڏي ـــــ جي، "برهمڻ مُک مان ۽ شودر پيرن مان هيءَ ته عجيب حماقت آهي!" هر انسان سوچڻ تي مجبور ٿي پيو ـــــ چون، "جائي جمر کان جهڙو امير تهڙو غريب، پوءِ هي فرق ڇا جو؟ ننڊ وڏائيءَ جو ته جائي جمر کان ڪنهن تي به ڪو نپو لڳل ڪينهي ـــــ

رهيا هئا.

چنگ جي مٺي ڪي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکندي دوارڪا چوڻ لڳو:

”زندگي ڪيڏيءَ نہ خوبصورت آهي.“

چنگلان هڪ اهڙو ٿڌو ساهہ کنيو جنهن ۾ حال جي سکن سان گڏوگڏ گذريل وقت جي ڏکن جي اداسي بہ شامل هئي، چوڻ لڳي:

”ها دوارڪا! زندگي نهايت خوبصورت آهي، جيڪڏهن جنگ نہ هجي، ظلم نہ هجي ۽ بي انصافي نہ هجي...“

دوارڪا چنگلان جي اکين سان اکيون ملائيندي چوڻ لڳو:

”تون ڪيڏيءَ نہ چڱي آهين چنگلان! ڄاڻين ٿي تہ هن خوبصورت منظر ۾ تون مون کي ڪيتري خوبصورت ٿي لڳين؟ مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ توکان سواءِ هي قدرت جي خوبصورتي بہ بيڪار هجي ها، نہ گلن ۾ خوشبوءَ هجي ها، نہ منظر ۾ ڪشش! تون نہ هجين تہ جيڪر هي روشني ئي نہ هجي...“

چنگلان دوارڪ جا منهن تان وارن کي هٽائيندي چيو:

”هڪ ڳالهيئين واقعي اوهان جو چوڻ درست آهي... آئون جنهن جي اولاد آهيان اهو پندرنهن سو ورهيہ اڳ اوهان جي ملڪ ۾ ويو هو نهايت اعليٰ درجي جو مصور هو. هڪ ڀيرو انهي جي زندگيءَ جا حالات لکيا آهن، جي ڪنهن وقت ضرور پڙهجو. انهي ۾ لکيل آهي تہ چنگ لان چوندو هو تہ ’قدرت جي خوبصورتي انسان کان سواءِ نہ رڳو اڌوري آهي پر بيجان بہ آهي، انسان ئي آهي جو فطرت ۾ جان وجهي ٿو ۽ سندس ساري خوبصورتيءَ کي مڪمل ڪري ٿو.‘“

”تون تہ ڪيتري نہ سمجهدار آهين چنگلان! مون تہ گهڻوئي تو وٽان پرايو آهي، ڄاڻين ٿي تہ جڏهن آئون هت آيو هس، تہ فقط هڪ رانديگر هس. جنگ، امن، آزادي، انقلاب، انهن چيزن کي جو هاڻ سمجهڻ لڳو آهيان سو بہ فقط تنهنجي ئي ڪري.“

”آئون بہ اوهان کان اڳ هڪ مشين وانگر هيس، جا ڪم تہ ڪري سگهي ٿي پر سوچي نٿي سگهي. سچ تہ مون کي توئي زنده ڪيو آهي دوارڪا!...“ ۽ ائين ئي چپ چاپ هو هڪٻئي کي نهارڻ لڳا. ڪائنات خاموش هئي. پرسان آبشارن جي ڪرندڙ پاڻيءَ جو دل

وندرائيندڙ آواز اچي رهيو هو سج جا ڪرڻا پهاڙ جي چوٽين کي چمي رهيا هئا. هيٺان وادي ۾ سرسبز کيت اکين کي سرور بخشي رهيا هئا. زندگي، جهوپڙين جي چلهن مان دونهون بنجي آسمان جي طرف اڏامي رهي هئي... دنيا خاموش هئي ۽ هنن ٻن محبت ڪندڙن کي ڏسي کلي رهي هئي.

جنگ جا ديوتا ٻن پريمن کي خوش ڏسي ڪٿي ٿا خاموش رهن! پري کان هڪ ڀون ڀون جو آواز آيو جيئن ڪو زهريلو مکو هجي. آواز جيئن پوءِ تئين ويجهو پوندو ويو. ان وقت چنگلان ۽ دوارڪا هڪٻئي جي محبت ۾ غرق هئا. گلن جي خوشبوءِ کان مست هئا. آبشارن جي سريلي آواز ۾ مگن ۽ موت کان بي خبر... موت جو ڪرندڙ بم جي صورت ۾ بجليءَ وانگر تيز رفتاري سان ڏانهن اچي رهيو هو...

موت جا ديوتا انهي ننڍڙي انساني چراغ کي اجهائي نه سگهيا جو دوارڪا ۽ چنگ جي محبت ۾ ٻاريو ويو هو. هن اٿاهه محبت جي جوڙيءَ جي آخري نشاني ”چنگو“ زندهه رهجي ويو. هو اڄ به زنده آهي، ۽ جيسيتائين هو زندهه آهي، تيستائين دوارڪا ۽ چنگ زندهه آهن. چانگ چنگ ۽ راڌان زندهه آهن. هنن جي محبت زنده آهي، چين ۽ هندستان جو تعلق زندهه آهي.

هن وقت جڏهن چيني عوام نه رڳو سامراجين کان بلڪ ظالم زميندارن، جاگيردارن، شاهوڪارن، ۽ آفيمي اکين ۽ زرد ڏندن وارن پوليس جي بيرحم آفيسرن کان، بک، بيروزگاري، مرض ۽ مصيبت کان هميشه لاءِ آزاد ٿي ويا آهن. سڀي زمينون هارين ۾ ورهايون ويون آهن. اتر اوڀر چين جي هڪ ڳوٺڙي ۾ اهو ننڍڙو چنگو هڪ اجتماعي فارم تي پنهنجي سيني ڳوٺ وارن سان گڏجي ڪم ڪري ٿو. اڄ به اهي ”ڀارتي چانور“ نه رڳو پنهنجي ملڪ بلڪ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ لکها غريبن جو پيٽ ڀرين ٿا، جي اڄ کان پندرنهن سو سال اڳ چانگ چنگ مرڻ وقت ڀارت کان موڪليا هئا...

اڄ جڏهن هر روز شام جو ”ڀارتي چنگو بيو“ اسڪول ۾ پڙهڻ وڃي ٿو تڏهن جاگرافي جي سبق ۾ ڀارت جو ذڪر ايندئي سندس چهري تي خوشيءَ جي لهر اچي وڃي ٿي ۽ بي اختيار سندس زبان مان هيءَ جملو

’ ۽ تنهنجي ديس؟.‘ نوجوان اُبهرائيءَ مان پڇيو.

’منهنجي ديس؟.‘ عينيءَ جي نگاهن ۾ چهري تي روشنيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. هن نهايت معصوماڻي انداز ۾ چيو ’منهنجي ديس ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا آهن، ڪيئي روپ بدليا آهن. تون ڪن ڏيئي تہ ٻڌي رهيو آهين نہ، بابل؟ ڏس متان خوابن جي دنيا ۾ هليو وڃين، تنهنجو ديس سدائين خوابن جي دنيا ۾ محو رهڻ تي هريل آهي.‘

’پرديسي، تون تہ ڳالهہ ڳالهہ ۾ وڏيڪ مونجهارو پيدا ڪندو ٿو رهين. ڀلا اهو ٻڌاءِ، تنهنجي ديس ڪهڙا روپ بدليا ۽ لاها چاڙها ڏٺا آهن؟

’منهنجي ديس‘، عينيءَ جي چهري تي خوشيءَ جا ڀرپور امنگ اُڀري آيا. ’منهنجي ديس جي شروعاتي ڪهاڻي اهائي آهي، جنهن کان ڌرتيءَ جو ذرو ذرو واقف آهي ــــ هيءَ پراڻي ڪهاڻي آهي، تمام پراڻي، جڏهن هيءَ ڌرتي پاڻ مٿان ڪنهن جي حق چوائڻ جي لعنت کان آجي هئي ــــ زمانن جا زمانا ائين گذرندا رهيا ۽ هيءُ انسان، جيڪو اڄ هڪ مٽيءَ جي پتر تي پنهنجي حق چوائڻ جي لعنت کان آجي هئي ــــ زمانن جا زمانا ائين گذرندا رهيا ۽ هيءُ انسان، جيڪو اڄ هڪ مٽيءَ جي پتر تي بہ پنهنجي حق ثابت ڪرڻ ۽ پاڻ ڏانهن سيرڻ ۾ پاڳلپڻي جي حد کي وڃي پهتو آهي، تنهن کي هن اڄوڪي ڪار ـ مُنهائين جي تہ ڪا ڪل ئي ڪانہ هئي . . .‘

’مون ڪين سمجهيو پرديسي!‘

’تون سمجهندين بہ ڪين، ڇاڪاڻ تہ مون کي تنهنجي ديس جي ننگري پٽڪندي، ڪافي عرصو گذري چڪو آهي ــــ مون کي هتي اهڙو ڪوبہ پورهيت نظر نہ آيو جنهن جي انگ مان بُک ۽ بيوسيءَ جي پوائتي روپ ڏيکاري نہ ڏني هجي، ۽ پوءِ بہ هُو پنهنجو پاڻ کي خوشنصيب تصور نہ ڪندو هجي. حالانڪ منهنجي ديس ۾ ڪُتي جو پلهر بہ اهڙي وقت پنهنجي مالڪ جو آرام ڦٽائي ٿو وجهي. ڪهڙو سبب آهي؟ سو آئون پاڻ بہ اڃا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان. شايد تون منهنجي رهبري ڪري سگهين.‘ عيني انهن لفظن چوڻ وقت نوجوان جي چهري ڏانهن غور سان نهاريندي، هن جي جذبن ۽ احساسن جو مطالعو ڪندو ٿي رهيو. نوجوان جو ڪنڌ هيٺ هو ۽ هن رڪي رڪي عيني جي

ڇهري ڏانهن تيڏيءَ اک سان نهاري ٿي ورتو.

’تنهنجي ديس ۾ اهائي فخر جي ڳالهه آهي، پرديسي؟‘ نوجوان عينيءَ کان سوال پڇيو.

’منهنجو ديس، هڪ انسان کي پنهنجو پورهيو ٻئي جي دسترخوان تي رکي، پاڻ در تي بيهي گرنهن ڏانهن نهارڻ ۽ اکين مچڪائڻ جي لعنت کان آجي ڪرڻ تي ايترو باور نٿو ڪري، جيتري هو ان پردي پٺيان، هڪ نئين انسان جنمائڻ تي فخر جو دعويدار آهي.‘

’نئون انسان!‘

’ها، بابل، نئون انسان! اُهو ساڳيو انسان نہ جنهن کان هوس جي انڌي گهوڙي نہ معلوم ڪيترا پاپ ڪرايا آهن ___ تهذيب ۽ تمدن جي راهہ ۾ هُن گهٽيئي ڪرتب ڏيکاريا، هُن پنهنجي سجاوٽ ۽ بناوٽ ۾ الائي ڇا ڇا ايجادون ڪيون، پر پوءِ بہ انهن سڀني ڪارنامن هوندي، جڏهن هن جي اندر ۾ ليئو ٿو پائجي تہ هُن جي هيءَ تهذيب ترقي خودبخود شرمائجي، هڪ اهڙي روپ ۾ اچيو سامهون بيهي، جو انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ ڪابہ امتيازي خصوصيت، ڪوبہ امتيازي شان نظر نہ ٿو اچي ___ منهنجو ديس انسان جي انهيءَ ٻهروپيءَ کي بدلائڻ ۾ مصروف آهي. هن دولت ۽ طاقت جي ڏٽيءَ کان، مڙيئي مرتبا، جيڪي هن ڏاڙو هٽي حاصل ڪيا آهن، سي ڪَسي، کيس ڪن کان جهلي، موٽائي اُنهيءَ هنڌ آڻي بيهاريو آهي، جتان هو ڏاڍائي ۽ بي حيائيءَ سان ٻين کي ڀُنڊي ڇڏي، پاڻ اڳتي وڌي ويو هو. هن جي هيءَ ٻوڙاج ايترو تہ پرانهين پئجي ويئي آهي جو توکي، گمان ٿئي ڪين ايندو تہ ڪنهن وقت هنن ٻنهيءَ جو ڪو هڪڙوئي ماڳ ۽ هڪڙوئي مڪان هو.‘

نوجوان وڏيءَ گهنبير تا سان پرديسيءَ جون ڳالهيون ٻڌندو ۽ هُن جي ڇهري کي غور سان نهاريندو ٿي رهيو. پرديسي، اڃا ڳالهائي رهيو هو تہ نوجوان وراڻي ڏني،

’پرديسي، بابا، ائين ٿيڻ ناممڪن آهي. انسان سدائين هوائي قلعا اڏي، پنهنجو پاڻ کي وندرائيندو رهيو آهي.‘

عيني بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي نوجوان کان پڇيو:

”هتان موهن ڪيترو ڏور آهي؟“

لڙائي جاري رکي ۽ امن جي مخالفت شروع ڪري ڏني هئي. ملڪ جون اقتصادي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون ٿي ويئون، ۽ اناج جي کوٽ جيئن پوءِ وڌيڪ محسوس ٿيندي ٿي ويئي. انهن حالتن جي اها تقضا هئي تہ مزدورن جي فائدي لاءِ سرمائيدارن کان سندن ڪارخانا ۽ سمورو سرمايو ڦري مزدورن کي ڏنو وڃي ۽ جاگيردارن ۽ زميندارن جون زمينون کائن کَسي، سيني هارين ۾ ورهايون وڃن. پر، ميليو ڪوف ۽ ڪرنسڪيءَ جي حڪومت، سرمائدارن ۽ زميندارن جي مفاد جي نگهباني ڪري رهي هئي. فيبروريءَ وارو انقلاب، حقيقت ۾ سرمائيدار طبقي جو انقلاب هو. جيتوڻيڪ اهو انقلاب مزدورن ۽ هارين جو آندل هو پر ان مان فائدو سرمائيدار طبقو وٺي رهيو هو. سرمائيدار ملڪ، لڙائيءَ جي ڪري ۽ انتهائي خطرناڪ معاشي بدحالي ۽ اناج جي کوٽ سببان سخت پريشان هئا ۽ لڙائيءَ جو محاذ ڪمزور ٿي چڪو هو. روسي فوجون پٺتي هٽي رهيون هيون. ڪارخانا ۽ مِلون بند ٿي چڪيون هيون ڏُڪار ڏينهون ڏينهن خطرناڪ صورت اختيار ڪري رهيو هو. فيبروريءَ وارو انقلاب انهن مصيبتن کان ملڪ کي بچائي نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري ملڪ کي سامراجي لڙائي ۽ اقتصادي تباهيءَ جي ڏُٻڻ مان ڪڍڻ لاءِ، هڪ نئين اشتراڪي انقلاب آڻڻ جي ضرورت هئي. آڪٽوبر ۾، جڏهن مزدورن ۽ هارين گڏجي ملڪ جي سياسي مشينريءَ کي پنهنجي قبضي ۾ آندو تڏهن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن-زميندارن جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي مزدورن ۽ هارين جو راج قائم ٿيو هينئر وڏن توڙي ننڍن زميندارن جي طاقت ختم ٿي ويئي هئي ۽ زمين جي استعمال جو حق پورهيت هاري عوام جي هٿ ۾ اچي ويو هو. ڪاخانا ۽ مِلون، سرمائيدار طبقي کان ضبط ڪري مزدورن جي حولي ڪيا ويا ۽ سامراجي حڪومت ۽ سامراجي لڙائيءَ کي بلڪل ختم ڪيو ويو. روس جي اڳيان سامراجي حڪومت، دنيا جي ٻين سامراجي حڪومتن سان ننڍين قومن ۽ ڪمزور ملڪن تي قبضي ڪرڻ جا جيڪي ڳُجها عهدناما ڪيا هئا، انہ کي شايع ڪري، ساري دنيا کي، سامراجين جي بدنيتيءَ وارين سازشن تان پڙدو لاهي، اُگهاڙو ڪري ڏيکاريو ويو. ان کان پوءِ، مظلوم قومن جي پورهيت عوامجي آزديءَ ۽ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو ويو.

هي اهي اهم ڪاروائيون هيون، جيڪي انقلاب واري عرصي ۾ سوويت حڪومت عمل ۾ آنديون هيون. صحيح معنيٰ ۾اهوئي اشتراڪي انقلاب هو. اهو انقلاب مرڪز کان شروع ٿيو پر اهو زياده عرصي تائين انهيءَ تنگ علائقي ۾ محدود رهي نہ سگهيو ۽ سرحدي علائقن ۾ پهچندي، هن انقلابي سيلاب کي لوڙهڻ ۽ ديوارن سان ٽڪر هڻڻو پيو. اهي لوهي ديوارون قومي ۽ علائقائي حڪومتون هيون، يعني ڊان، ڪيوبن ۽ سائيبيريا جون حڪومتون، جيڪي آڪٽوبر انقلاب کان اڳ وجود ۾ اچي چڪيون هيون. ۽ جيئن تہ اهي سرمائيدار حڪومتون هيون انهيءَ ڪري اشتراڪي انقلاب جي مخالفت ڪري رهيون هيون. انهيءَ حڪومتن تي سرمائيدار طبقي جو قبضو هو جيڪو پراڻي سرمائيدار سرشتي کي تباهہ ڪرڻ بدران ان جي حفاظت ڪري رهيو هو. هي سامراجي حڪومتون انهيءَ تاڙ ۾ هيون تہ جڏهن بہ کين موقعو ملي تہ ڌارين قومن کي ڦرڻ لُٽڻ پنهنجي غلاميءَ ۾ قابو رکڻ لاءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڪڻن. لازمي طور انهن سرحدي علائقن جي قومي حڪومتن، مرڪز جي اشتراڪي حڪومت جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ پاڻ انقلاب دشمنيءَ جو آکاڙو ۽ اڏو بڻجي ويون. مرڪز جي اشتاڪي حڪومت مان اهي سمورا ماڻهو (سرمائيدار، زميندار ۽ سندن پاڙيتو)، سرحدي علائقن ۾ پهچي اتان جي قومي حڪومتن سان گڏجي، اشتراڪي حڪومت جي برخلاف لڙائيءَ جون تياريون شروع ڪيون. هنن اتي پهچي، اشتراڪي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ، ”سرمائيدارن جي پلائي چاهيندڙ دستا“ تيار ڪيا.

پر، انهن سرحدي علائقن ۾ قومي حڪومتن کان سواءِ هاري ۽ مزدور بہ موجود هئا. آڪٽوبر انقلاب کان اڳ، اتان جي مزدورن ۽ هارين، پنهنجي حقن جون اڳواٽي ڪندڙ ”انقلابي سوويتون“ قائم ڪيون هيون، جيڪي مرڪزي روس جي سوويتن جي مخوبي جون هيون. سرحدي علائقن جي انهن سوويتن پنهنجي اتر وارن ساٿين سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪين ڪيا هئا، ۽ هنن پاڻ بہ سرمائيدار طبقي کي شڪست ڏيڻ گهُري ٿي. اهڙيءَ ريت، انهن سرحدي علائقن جي سوويتن جو خود اتان جي پنهنجي قومي حڪومتن سان ڏينهون ڏينهن جهڳڙا ۽ فساد وڌندا رهيا.

آڪٽوبر جي انقلاب، روس جي مزدورن ۽ هارين سان، سرحدي علائقن جي مزدورن ۽ هارين جا تعلقات وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيا، ۽ کين اشتراڪي انقلاب جي فتح جو يقين ڏياري، زياده عمل ڪرڻ تي آماده ڪيو. مطلب ته جڏهن سرحدي علائقن جي سرمائيدار قومي حڪومتن، مرڪزي سوويت حڪومت جي برخلاف لڙائي شروع ڪئي، تڏهن انهن علائقن جي مقامي سووين جي ذريعي مزدورن ۽ هارين پنهنجي پنهنجي علائقي جي سرمائيدارن ۽ زميندارن خلاف هلچل شروع ڪئي، اهڙيءَ ريت، انهن سرمائيدار حڪومتن جي برخلاف سڄي روس جي مزدورن ۽ هارين ۾ زبردست ٻڌي قائم ٿي ويئي. اشتراڪي انقلاب جي بد خواهن جو چوڻ آهي ته اها لڙائي، سرحدي علائقن جي قومي حڪومتن، سوويت حڪومت جي زوريءَ مڙهيل مرڪزيت جي خلاف لڙي هئي. پر اها سراسر منافقي ۽ غلط پروپئگنڊا آهي____ دنيا جي ڪابه حڪومت پنهنجين قومن کي مرڪز وٽان ايتري وسيع آزادي ۽ ايتري مڪمل قومي آزادي نه ڏني آهي، جيتري روس جي سوويت حڪومت طرفان ڏني ويئي آهي. هن لڙائيءَ جو اصلي ڪارڻ هيءُ هو ته اشتراڪي انقلاب جي برخلاف جن سرمائيدارن جدوجهد ڪئي هئي، اهي وڏيءَ چالاڪيءَ سان، "قومي جهنڊي ۽ قومي نعري"، جي ذريعي پنهنجي پنهنجي عوام کي دوکو ڏيئي رهيا هئا ۽ اهو دراصل جهنڊو ۽ نعرو، سرمائيدارن جي انقلاب دشمن منحوس ارادن جي پڙدي-پوشي ڪري رهيو هو.

هن لڙائيءَ ۾، سوويت طاقت جي برخلاف سرمائيدارن جي قومي ۽ علائقائي حڪومتن جو تباهه ٿيڻ بلڪل لازمي ڳالهه آهي____ مٿن ٻين طرفن کان حملو ٿيو يعني ٻاهران سوويت حڪومت جي چڙهائي ۽ اندران خود اتان جي مزدورن ۽ هارين گڏجي حملو ڪيو. مطلب ته هن ٻه-طرفي حملي ۾، قومي حڪومتون شڪست کائي پنتي هٽي ويئون. اهڙيءَ ريت، فنلنڊ جي ڪارخانن جي مزدورن ۽ هارين گڏجي بغاوت ڪئي، نتيجو اهو نڪتو جو اتان جي سرمائيدارن جي قانونساز پارليامينٽ کي، پنهنجي اختيار تان هٿ کڻي پارليامينٽ کي، پنهنجي اختيارات تان هٿ کڻي، پڇي جان بچائڻي پئي. ساڳيءَ ريت يوڪرين جي مزدورن ۽ هارين گڏجي بغاوت جو جهنڊو کنيو ته اتي به سرمائيدارن کي به ٽپڙ گول ڪرڻا پيا____

# ڪجهه پنهنجي قلم مان____

اج جڏهن تہ دنيا جي هر سڌريل قوم، پنهنجي پنهنجي تهذيبي ورثي ۽ ٻوليءَ کي جيئن پوءِ تيئن مالا مال ڪرڻ پنهنجو اخلاقي، ۽ لازمي فرض ڄاڻي ٿي، تڏهن اسان تي واجب آهي تہ هر ممڪن طريقي سان، انهي نيڪ مقصد جي سر انجاميءَ ۾، ڏينهن رات لڳاتار سنڌي زبان ۾ ڪوشش ڪندا رهون. تہ جيئن نہ رڳو هڪ ڏينهن سنڌي زبان، ۽ سنڌي ادب، دنيا جي سڌريل زبانن ۽ ادبي شهپارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي، پر ساڳئي وقت پنهنجي ايندڙ نسل اڳيان بہ اهڙو يادگار ڇڏيون، جو نہ رڳو فخر ڪري، پر ڪي ڳڻ بہ ڳائي، ۽ احسان بہ مڃي. اميد اٿم تہ منهنجي هن ادنيٰ ڪوشش کي بہ، انهي بنيادي حقيقت سان تصور ڪيو ويندو. دنيا ادب جي لافاني وارث، مئڪسم گورڪي، تاريخ 28 جون سنہ 1868ع ۾ جنم ورتو. هن اجا هوش سنڀاليو تہ، هڪ طرف يورپ جي هڪ حصي ۾ جاگيرداري پنهنجي لازمي موت مري، سرمائيداري کي جڳهہ ڏني. ۽ ٻئي طرف زار شاهي اجا بہ پنهنجي جاگيرداراڻي ڦرلٽ، ۽ ظلم وستم جي سموري ساز سامان سان، عوام مٿان مسلط هئي.

گورڪيءَ جي زندگي، ٻالپڻ کان ئي انتهائي ڪسمپرسي، ۽ آواره گرديءَ ۾ گذري، جنهن ڪيس عوام ڏانهن زياده ويجهو آندو. ويجهو اينديئي، گورڪي ادبي ميدان ۾ عوامي زندگيءَ جا صحيح چٽر چٽڻ شروع ڪيا. ظاهر آهي تہ جنهن ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ جبر، بي انصافي ۽ بيرحمي، پنهنجي انتها کي پهچي، چوڌاري خوف ۽ هراس سبيان مايوسي ۽ نااميديءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هجن، اتي هن عوام کي زندگي بخشيندڙ حق ۽ صداقت جي شمع کي اجهائڻ، ۽ ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترا نہ بيرحماڻا، ۽ جابراڻا طريقا استعمال ٿيا هوندا. گورڪيءَ جي پهرين يلغار زارشاهيءَ کي، پنهنجي عيش ۽ آرام ۾ زبردست طوفان ۽ زلزلو محسوس ڪرايو.

سياسي طاقت سرمائيدار طبقي جي هٿن ۾ هجي پر انقلاب جي طوفاني عرصي ۾، انهيءَ تصور جون پاڙون پٽجي، ناس ٿي ويون ۽ ان جي جاءِ تي اشتراڪي سرشتي جو خود ارادي وارو تصور پکڙجي ويو. جنهن جو مقصد هيءَ هو تہ سموري سياسي طاقت مظلوم قومن جي پورهيت عوام جي هٿن ۾ هجي، پر آڪٽوبر جي انقلاب، قومي آزاديءَ جي پراڻي سرمائيدار سرشتي جي بنياد کي پاڙان پٽي، اُڇلائي ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سرشتي جي کنڊرن مان پيڙهيل قومن جي هارين ۽ مزدورن کي اشتراڪي تحريڪ جي روشن راهہ نظر آئي، جنهن جو مقصد هو تہ هر قسم جو ظلم ۽ ڏاڍ ختم ڪيو وڃي. انهيءَ هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ جي خاتمي جي سلسلي ۾، لازمي طور هڪ قوم تي ٻيءَ قوم جي ظلم ۽ تشدد جي خاتمي جو پروگرام بہ شامل هو. ڇاڪاڻ تہ پورهيت عوام جي اشتراڪي تحريڪ تہ رڳو غير ملڪي سرمائيدارن جي برخلاف هئي پر خود پنهنجي ملڪ جي سرمائيدار طبقي جي پڻ خلاف هئي. انهيءَ نموني هيءَ تحريڪ عام طور دنيا جي سموري سامراج جي خلاف وڏي جدوجهد هئي.

## آڪٽوبر انقلاب ۽ ڪميونسٽن جي قومي پاليسي

آڪٽوبر جي ڪامياب انقلاب جو راز هن ڳالهہ ۾ سمايل هو تہ يورپ جي مغربي ملڪن جي آندل انقلابن جي برخلاف، روسي انقلاب ۾ روسي مزدورن سان ننڍي سرمائيدار طبقي جا لکين ماڻهو بہ شامل ٿي ويا هئا. هن ننڍي سرمائيدار طبقي مان وڏو تعداد هارين جو هو جن هن انقلاب ۾ مزدورن سان ساٿ ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو روس جو مٿيون سرمائيدار طبقو اڪيلو رهجي ويو ۽ هن وٽ مقابلي لاءِ فوج بہ ڪانہ رهي ۽ ٻئي طرف روس جو مزدور طبقو ملڪ جي قسمت جو مالڪ ۽ رهنما بڻجي ويو. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ روس جي مزدورن لاءِ پنهنجي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ ناممڪن ٿي پوي ها. امن ذريعي انقلاب ۽ قومن جي آزادي، اهي ٽيئي اهڙا مسئلا هئا، جن روس جي وسيع ملڪ جي ويهارو قومن جي هارين ۽ مزدورن کي، روسي مزدورن جي لعل جهنڊي هيٺان گڏ ڪري بيهاريو.

قومي آزاديءَ جي باري ۾ هيءَ حقيقت بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ

سوويت سرشتي ۾ رهڻ وارين قومن کي کهڙي نموني جي آزادي حاصل آهي.

سوويت رياستن جي سموري آدمشاريءَ چوڏنهن ڪروڙ آهي (هن ۾ فنلنڊ، استونيا، ليٿويا ۽ پولنڊ جي آدمشاري شامل نہ ڪئي ويئي آهي). انهن چوڏهن ڪروڙن مان ساڍا ڇهہ ڪروڙ انهن قومن جا ماڻهو آهن، جن کي غير روسي قومون چيو ويجي ٿو. اهي قومون گهڻو ڪري سرحدي علائقن ۾ آباد آهن ۽ جيڪڏهن فوجي نقطءِ نظر سان ڏٺو وڃي تہ اهي قومون آسانيءَ سان ٻاهرين حملن جو شڪار ٿي سگهن ٿيون. انهن علائقن جو ڪچو مال، ٻارڻ جون چيزون ۽ کاڌي جون شيون بہ ڪافي انداز ۾ موجود آهن. اهي سرحدي علائقا، مرڪزي روس جي مقابلي ۾ صنعتي ۽ فوجي لحاظ کان يا تہ گهٽ ترقي ڪيل آهن يا بلڪل پست حالت ۾ آهن. انهيءَ سبباں مرڪز جي روس اقتصادي فوجي مدد کان سواءِ، پنهنجيءَ آزادي قائم رکي نہ ٿا سگهن. ساڳيءَ ريت مرڪزي روس، سرحدي علائقن جي ڪچي مال، ٻارڻ جي شين ۽ کاڌي جي چيزن کان سواءِ، پنهنجي اقتصادي ۽ فوجي طاقت بحال رکي نٿو سگهي.

روس جي ڪميونسٽن، سرحدي علائقن جي قومن سان جيڪا پاليسي اختيار ڪئي آهي، ان ۾ اتان جي حالتن جو تہ وڏو دخل آهي، پر گڏوگڏ ڪميونسٽن جي قومي پروگرام جون بہ ڪي اهم ڳالهيون شامل آهن. انهيءَ پاليسيءَ جون اهم ڳالهيون هيٺيون آهن:

”غير روسي قومي علائقن تان مڙني دعوائن ۽ حقن کان دستبردار رهڻ ۽ انهن قومن جا حق تسليم ڪرڻ. اهي حق لفظي دعوائن ڪرڻ سان نہ، پر عملي طور سان. قومي رياستن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي قائم رکڻ. انهن قومن جي پنهنجي ذاتي خواهشن ۽ فيصلن سان مرڪزي روس سان فوجي ۽ اقتصادي اتحاد قائم ڪرڻ. تهذيبي ۽ اقتصادي ترقيءَ ۾ پٺتي پيل قومن جي مدد ڪرڻ. انهيءَ مدد کان سواءِ ”قومي برابري“ هڪ نہ حل ٿيندڙ مسئلو بڻجي ويندي. انهن مڙني چيزن جو بنياد ٻن ڳالهين تي آهي ـــــ پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ سوويت فيڊريشن ۾ شامل قومن جي هارين کي آزادي حاصل آهي، ۽ ٻي ڳالهہ تہ اتان جي محنت ڪندڙ طبقي جي هٿن ۾، سموري سياسي طاقت ڏني ويئي آهي. روس جي ڪميونسٽن

ملائي ڇڏيو. اڄ چين زنده آهي، ۽ چيني زندگي، پنهنجي پر بهار زندگيءَ ڏانهن وڌندي رهي ٿي.

آئون پنهنجي مشفق عزيز دوست، جي. اين. بلوچ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي شايع ڪرائڻ ۾ مالي مدد ڪئي، پر پنهنجي بيش بها صلاح ۽ مشوره سان، وقت بہ وقت مونکي نوازي، منهنجي قابل قدر رهبري پڻ ڪرڻ فرمائي.

**ابن حيات پنهور**

15 نومبر 1955ع.

## مئڪسم گورڪي

# ڪروڙپتي

آئون هر وقت انهن خيالن ۾ غرق هوندو هئس، ته هيءَ جي آمريڪا جا ڪارخانيدار ۽ سرمائيدار ڪروڙين رپيا گڏ ڪري ويٺا آهن، سي ضرور سندس خرچ لاءِ هوندا. ڇاڪاڻ ته پئسا گڏ ڪرڻ جو مقصد آهي، "زنده رهڻ لاءِ، زندگيءَ جي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ." انهن خيالن مونکي، هر وقت پريشان پئي رکيو. آئون ائين سمجهندو هئس، ته اهي وڏا ماڻهو اسان جهڙا فاني، ۽ خاڪي جسم جا نه هوندا. هنن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي پيٽ، ۽ هڪ سئو پنجاهه ڏند هوندا. ويچارا صبح کان وٺي شام تائين، رڳو پيا کائيندا هوندا، سندن ڪمرا، گوشتن، ڪبابن، بريانين ۽ عجيب غريب، ميون مٺاين سان پريا پيا هوندا. هو ويچارا جڏهن ڪائي ڪائي ٽڪجي پوندا هوندا. ۽ سندن وڏا پيٽ اڃا پريا نه هوندا، تڏهين ضرور پنهنجي شيدي نوڪرن کي، حڪم ڪندا هوندا ته "تون ڇهاڙي اسان جي وات ۾ وجهه." آخرڪار جڏهن ڪائي ٽڪجي پوندا هوندا، ۽ سندن سارو جسم پگهرجي ويندو هوندو، تڏهين بيهوشيءَ جي حالت ۾، سندن نوڪر کين گهلي وڃي ڪوٺي ۾ سمهاريندا هوندا. ۽ وري به صبح جو جنهن وقت اٿندا هوندا، ته ساڻن اهائي ساڳي تڪليف هوندي اهي ڳالهيون مون کي محسوس ڪرائينديون هيون، ته سندن حياتي ڪيڏي نه ڏکي هوندي! پر ويچارا ڪن به ڇا!!

آخر ايترن ڪروڙن رپين هوندي به جيڪڏهن اسان معمولي ماڻهن جيترو کائين، ته پوءِ ايتري دولت گڏ ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور؟

آئون سمجهندو هئس، ته هنن جون گنجيون، جوراب، زربفت، ۽ ڪيمخواب جا هوندا. سندن بوٽن جي ڪڙين کي لوهه جي عيوض، سون جا

ڪوڪا لڳل هوندا. هنن جي هر هڪ قميص پنجاهہ سٺ وال، ريشم جي هوندي، جنهن تي ٽي چار هزار سونا بٽڻ لڳل هوندا ۽ جڏهين هو ٻاهر نڪرندا هوندا تڏهين ضرور ڏهہ پندرهن قميصون، ۽ ويهہ پنجويهہ ڪانئچون پائي نڪرندا هوندا ـــــ چو تہ ايڏا وڏا ماڻهو اسان جي ڪپڙن جيڏا، ۽ جهڙا ڪپڙا تہ ڪين پهريندا هوندا.

آئون سمجهندو هئس، تہ ڪروڙپتين جو ڪيسو بہ ايڏوئي وڏو هوندو جو ان ۾ هڪ مسجد، هڪ اسيمبلي هال، ۽ ٻيون ضروري شيون، آساني سان ڪنيون وتندا هوندا. ناس بہ ضرور اڌ اڌ سير هر چپٽي ۾ چٽ ڪندا هوندا. آخر خرچ ڪرڻ واسطي ئي خدا ڪين دولت ڏني آهي! سندن ٽنگون ۽ ٻانهون، ڪيتريون نہ وڏيون هونديون! سندن سوڻ جا پائي سمهندا هوندا، سا بہ بہ اڍائي ميل هم چورس کان گهٽ نہ هوندي. سندن آڱريون، ۽ هٿ ايڏا تہ وڏا هوندا، جو نيويارڪ شهر ۾ ويهي، بنا ڪنهن چرڻ پرڻ جي ٻانهن ڊگهيري، سائبيريا جهڙي ڏورانهين علائقي مان ڪو سون جو ذرو ڏسندا هوندا، تہ ڪڍي وٺندا هوندا.

مون کي عجب لڳندو هو، تہ اهڙن ديون جا مغز بہ دنيا جي گولي کان گهٽ نہ هوندا. مطلب تہ منهنجي دماغ ۾ ڪنهن ڪروڙپتيءَ جو نالو ٻڌنديئي نهايت عجيب غريب خيال اٿندا هئا.

توري ۾ ڪٿي چئجي تہ بہ وڏيون ڊگهين ٻانهون آهن، جن دنيا جي گولي کي، خوب جڪڙي سوگهو ڪيو آهي ۽ اجهو پنهنجي اونداهي، ۽ اونهي وات ويجهو آڻي، ڪن پل ۾ اوباريل پٽاٽي وانگر، اتو پتو بہ ڪڍي چِڏيندس.

پر جڏهين آئون، ڪنهن ڪروڙپتي سيٺ وٽ ويس، تہ ڏٺم تہ هو بہ مون جهڙو هڪ معمولي ماڻهو آهي، تہ منهنجي حيرت جي حد ئي نہ رهي.

چو تہ منهنجي اڳيان، هڪ ٻيڙو رواجي ماڻهو ويٺو هو جنهن جي منهن جي چمڙي ۽ هٿن ۾ ڪيترائي گهنج هئا. هن جا ڳل تمام صاف ڪوڙيل، ۽ ڳٽا چٽيل هئا. سندس چپ سنها هئا، ۽ جڏهين ڳالهايائين ٿي، تڏهين سندس سونو ڏند پري کان پئي چمڪيو. پيرونءَ ڪُتل ۽ مٿو گنجو هوس. هن جو منهن، ۽ مٿو هڪ نئين چاول ٻار وانگر هئا. خبر ئي نٿي پئي

تہ هو هينئر ڄائو آهي، يا هن جهان مان وڃڻ جي تياري پيو ڪري. مون پڇيس:

"تون ڪروڙپتي آهين؟"

"هائو."

منهنجي اکين کي اعتبار ئي نٿي آيو.

"نيرن تي گهڻو کائيندو آهين؟"

"آئون گوشت ڪونہ کائيندو آهيان." سندس اکيون پٽي ڀريون، مون کي يقين ئي نٿي آيو تہ اهڙو انسان ڪو فريبي ۽ ظالم تي سگهي ٿو.

مون چيس، "ٻيلي مون کي سچ ٻڌاءِ، تون ڏينهن ۾ گهڻا دفعا کائيندو آهي؟"

هن آهستگيءَ سان چيو: "ٻہ دفعا، هڪ صبح جو نيرن ۽ ٻي رات جي ماني."

"آئون رات جو شوروي جي پليٽ، ڪجهہ مناٺي ۽ ٿورو ميوو کائيندو آهيان."

منهنجي تہ عجب جي حد ئي نہ رهي. سوال ڪيومانس: "جي ائين آهي تہ پوءِ ايتري دولت ڇا ڪندين؟"

انهي سوال تي هن جا دوڏا اکين جي ڪوين ۾ ڦرڻ لڳا. چيائين: "آئون انهي دولت سان دولت ناهيندو آهيان."

"ڇا جي لاءِ؟"

"انهي لاءِ تہ وڌيڪ ڪمايان"

"ڇا جي لاءِ وڌيڪ ڪمائين ٿو؟"

هن کي منهنجي انهي سوال تي ذرا چڙ آئي، ۽ ٿوري خنڪيءَ سان چيائين:

"چريو آهين ڇا!"

مون آهستي دل ۾ جواب ڏنومانس، 'چريو تہ تون آهين.'

هن ڪر موڙيندي، جڏهين اوباسي ڏني، تڏهين سندس واچون وجي ڪنن سان لڳيون.

پڇيومانس: "ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟"

"مان تہ فقط دولت ناهي ڄاڻان."

چيومانس: ”بس! بس!! مون سهي ڪيو تون ڪيمياگر آهين.“

آئون ڏاڍو خوش ٿيس، تہ سندس ڏنڌي جو راز ڳولي لڌو اٿم ــ انهي تي هن کي اهڙي ڪاوڙ لڳي، جو سندس بدن ڏڪڻ لڳو ڇڻ تہ ڪنهن ڏک هنيو هجيس. مون کي چيائين:

”بيوقوف! چريا!! اهڙا سوال نہ پڇبا آهن. ڪي بيو پڇ“

آئون خيال ۾ پئجي ويس تہ آخر هن کان ڇا پڇان. گهڻي ويچار کان پوءِ کانئس پڇيم:

”تون دولت ڪئين ٿو ناهين؟“

چيائين: ”منهنجا ڪارخانا ۽ بنيون آهن. مزدور ۽ هاري جيڪي ڪمائيندا آهن، سو سڀ منهنجي لاءِ. آئون هنن کي فقط ايترو ڏيندو آهيان، جو جيئرا رهي سگهن ۽ منجهن پورهئي ڪرڻ جي طاقت باقي رهي.“

مون سوال ڪيو مانس: ”ڀلا هاري ۽ مزدور انهي ڳالهہ تي خوش آهن؟“

چيائين: ”سيئي نہ. انسان تہ خوش ٿيڻ جوئي نہ آهي. هو سدائين بي شڪر ۽ بي صبر ٿو رهي. انسان ـــ انسان الله مان ئي راضي ڪونهي!“

”پوءِ ڀلا سرڪار تنهنجي ڪم ۾ دست اندازي نٿي ڪري؟“

هو بہ تي منٽ پنهنجي خيال ۾ پئجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي چوڻ لڳو:

”سرڪار. اڙي ها!! ها!! اهي ڇورا جيڪي واشنگٽن ۾ ويٺا آهن. نہ! نہ!! هوءَ تہ ڏاڍا سنا ماڻهو آهن ۽ منهنجا دوست لڳن. هو تہ ويچارا ڪڏهن بہ دست اندازي ڪانہ ڪن.“

ائين چئي هن مون ڏانهن تيڏي اک سان نهاريندي چيو:

”ڇا ڀلا اهڙيون بہ ڪي حڪومتون آهن ڇا، جي رعيت کي پئسي ڪمائڻ کان روڪين؟“

آئون سندس عقل کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويس. مون آهستي چيومانس ”نہ! منهنجو اهو مطلب ڪينهي البت سرڪار کي ڪڏهين ڪڏهين، اهڙين اڪين ڏني ڦُر کي بند ڪرڻ گهرجي“

”ڏس!“ هن اعتراض ورتو.

"اهي فيلسوفن جون ڳالهيون آهن. سرڪار کي ڪو حق ئي ڪونهي، جو خانگي ڳالهين ۾ ڪا روڪ ٽوڪ ڪري."

مون آهستي چيومانس:

"چا! هيءَ بہ ڪا خانگي ڳالهہ آهي، هڪ ماڻهو دولت جي زور تي لکها ماڻهن جي تباهي آڻي!"

"تباهي!" هن پنهنجو اکيون ڪوليندي چيو:

"تباهيءَ تہ تڏهن ٿيندي آهي، جڏهين مزدوريون وڌنديون وڃن ۽ خرچ گهٽو ٿئي___ يا مزدور اسٽرائيڪ ڪن. اسان وٽ تہ اها بہ تڪليف ڪانهي. اڄ ڪلهہ پناهگير جام آهن، مزدور پلي ڪم نہ ڪن، اسان کي پناهگير سستا پوندا."

هن جي انهي جملي مان مون پلي پت ڄاتو تہ هن جي زندگيءَ جو مقصد ئي آهي فقط انسان دشمني.

هن کي هڪدم جوش آيو ۽ چيائين:

"سرڪار___ اهو واقعي اهم سوال آهي. سرڪار جو فرض آهي تہ مون کي ايترا مزور ڏي، جو آئون سستائي سان شيون ٺاهي سگهان ۽ اهڙو بندوبست ڪري ڏي جو مهانگي ۾ مهانگيون وڪڻان. پر مزور بہ ايترا هجن، جيتري مون کي ضرورت هجي. گهڻا هر گز نہ هجن، نہ تہ ڪمبخت ڪميونسٽ ٿي پوندا، ۽ پوءِ وتندا هر هنڌ هل هنگامون ڪرائيندا. سرڪار کي گهرجي تہ پبلڪ تي، ڳريون ڍلون ۽ ٽئڪسون نہ مڙهي. آئون پاڻهي ڪانئن وصول ڪندس. منهنجي خيال ۾ اهڙي سرڪار ئي سٺي چئبي."

هن اڳتي هلي چيو:

"مون کي ملڪ ۾ امن گهرجي. سرڪار ماستر ۽ فيلسوف، پگهار تي رکندي آهي، تہ ماڻهن کي قانون جي عزت ڪرڻ سيکارين، پر جي انهيءَ مان ماڻهو نہ سمجهندا آهن، تہ سرڪار فوجون گهرائيندي آهي___ ماڻهن کي امن لاءِ مارڻ، قانون جي عزت ڪرائڻ ۽ فساد کي روڪڻ سرڪار جو فرض آهي...."

مون سندس ڳالهہ کي وچ ۾ ڪٽيندي پڇيو:

"پلا مذهب بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟"

چيائين: ”مذهب“ هن پنهنجي پڙن کي مٿي کڻي چيو ”مذهب تہ انسان لاءِ بلڪل ضروري آهي. منهنجو انهي ۾ ايمان آهي. آئون هر آچر تي ديول ۾ ويندو آهيان ۽ ماڻهن کي واعظ ڪندو آهيان.“

پڇيومانس: ”اوهين انهن کي ڇا ٻڌائيندا آهيو؟“

هن پنهنجي مٿ پڪوڙيندي چيو:

”آئون انهن کي اهو سڀ ٻڌائيندو آهيان، جو هڪ سچي عيسائي کي ٻڌائڻ گهرجي. آئون کين چوندو آهيان تہ ’عيسائي ڀائرو! اوهين شيطان جي چنبي ۾ نہ اچو. لوڀ نہ ڪريو. دنيا جي لالچن پٺيان نہ ڊڪو. حياتي فاني آهي___ موت ۽ نامرادي اوهان جي پٺيان پيا هلن. اوهان کي دنيا جي ڪوڙن خزانن سان دلچسپي نہ رکڻ گهرجي. دنيا ۽ دولت شيطان جي طلسمسازي آهي، جنهن جي مرضي آهي تہ انسان ان ۾ ڦاسي روحاني طرح مري وڃي. انسان جي لاءِ هيءَ دنيا هڪ قيد آهي. انسان جي جا هن دنيا ۾ نہ، پر بهشت ۾ آهي. جيڪڏهن اوهان هٿ صبر سان سختيون سهندئو ۽ ڪا بہ بيشڪري نہ ڪندئو تہ الله تعاليٰ اوهان کي انهيءَ جو اجر آخرت ۾ ڏيندو.“

”هيءَ دنياوي حياتي!___انسان لاءِ امتحان جي جاءِ آهي. خدا ڏسڻ گهري ٿو___ سندس ڪهڙا نيڪ ٻانها، تڪليفن سهڻ لاءِ تيار آهن. جيڏي مصيبت مان ٻانهون پار ويندو اوتريون کيس جنت ۾ وڏيڪ جايون ملنديون.““

هن پنهنجي تقرير کي جاري رکندي، پنهنجي ٿڌي ۽ بي رحم آواز سان چيو:

”’انسان جي حياتي هڪ خواب آهي، جا کيس پنهنجي پاڙيسريءَ لاءِ قربان ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڀل اهو شاهوڪار ئي ڇو نہ هجي. پنهنجي دلين کي لوڀ ۾ نہ ڦاسايو. اسان سيني شاهوڪارن ۽ غريبن کي مرڻو آهي___ جتي جنت جي ٿڌن باغن ۾، غريب بادشاهہ ٿيندا ۽ شاهوڪار انهن لاءِ بهشت جا رستا ٻهاريندا. اهي نعمتون، جي هت اوهان کي ميسر نہ آهن سي بهشت ۾ اوهان کي بي انداز ملنديون. انسانذات کي پيار ڪريو پوءِ ڀل اهي اوهان کي تڪليفون بہ ڇو نہ ڏيندا هجن.“‘

هن پنهنجو اکيون پوري ڇڏيون ۽ آرام ڪرسيءَ ۾ لڏندي

چيائين:

"انهن بيوقوف ۽ نامراد ماڻهن جي ڳالهه تي ڪن نہ ڏيو جيڪي توهان ۾ شاهوڪارن جي بر خلاف نفرت پکيڙين ٿا. ٻين ڀائرن جي دولت ڏسي حسد نہ ڪريو. اهي ماڻهو شيطان جا پوئلڳ آهن. اَللهُ تہ ائين فرمائي ٿو "پنهنجي پاڙيسري جي دولت ۾ اکيون نہ وجهو." اهو مساوات ۽ هڪجهڙائي جو نعرو شيطان جو آواز آهي. هن زمين تي بہ ڪڏهين ڪا هڪجهڙائي ٿي سگهندي؟ اوهين اَللهُ وٽ ٿي هڪجهڙا ٿي سگهندا. توهان کي ڪنهن جي ضرورت ڪانهي."

ٻڌي مات ڪئي ۽ موڏانهن فاتحاڻي انداز سان نهارڻ لڳو. مون ٽوڪيندي چيومانس:

"مذهب تہ اوهان جي لاءِ چڱو فائدي وارو آهي!"

چيائين: "هائو! اسان کي مذهب جي پلي پٽ پروڙ آهي، آئون تہ چوندس تہ مذهب غريبن لاءِ تمام گهڻو فائدي وارو آهي، اهوئي انهن لاءِ سهارو آهي. جڏهن ماڻهن جا اهي خيال هوندا، تڏهن تہ کين هلائڻ سولو ٿيندو. مذهب هڪ تيل آهي، جيئن اهو انسان جي حياتيءَ جي مشين کي وڏيڪ ڏبو تيئن هن جي پرزن جي ڪڙ کر گهٽ ٿيندي ۽ مشين هلائڻ واري لاءِ بہ آساني ٿيندي."

مون هن نالائق کان پڇيو: "تو اجا بہ پاڻ کي يسوع جو پوئلڳ ٿو سمجهين؟"

ياڻين: "هائو! آ خدا جي پٽ يسوع جي فضل سان سچو عيسائي آهيان." ٻوٽ چٻي ڪرڻ وقت ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو جڻ سندس ڪن نڪ ڏانهن نمي رهيا هئا.

پڇيومانس: "سچ ٻڌاءِ تہ آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي؟"

چيائين "يارا جي ظاهر نہ ڪرين تہ آئون توکي سچ ٻڌايان."

"اسين جيڪڏهين ماڻهن کي مذهب تي هلڻ لاءِ زور نہ ڀريون، تہ پو هيءَ اسان جو بئنڪون، ڪارخانا ۽ ملون ڪئين قائم رهن! ان ڪري ئي تہ اسين پنهنجي ٻچا لاءِ مذهب تي زور پيا ڏيون. ڇو تہ هينئر هڪ اهڙي بلا ظاهر ٿي آهي جا سماج جي اندر ڪنهن کي بہ بنا پورهئي ڪرڻ جي کائڻ نٿي ڏئي ۽ نہ وري دولت سان دولت ڪمائڻ جي اجازت ٿي ڏئي.

هاڻ تہ اسين سرمائيدار بلڪل لاچار آهيون تہ پنهنجي بچا لاءِ مذهب جو پاسو وٺي، انهن شيطانن جي مخالفت ڪريون جي چون ٿا تہ سڀ انسان، هڪجهڙا آهن ۽ عزت وارو اهو آهي جيڪو محنت ڪري ٿو. هو تہ دولت گڏ ڪرڻ واري کي عزت ئي نٿا ڏين.“

مون چيو: ”انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ اوهين مذهب جي آڙ وٺي، سئو تي نوانوي ماڻهن جي خون تي جيئرن وانگر ڪپ ڪوڙيو پيا رت چوسيو. پوءِ بہ انهي ڪڏي ڪرتوت کان اوهان کي ڪو منع نہ ڪري.“

چيائين: ”يلا ڏس، سڀ انسان هڪ جهڙا آهن؟ ڪارو انسان اڇي انسان جي برابر ٿي سگهي، ٿو؟ جنهن جي وات مان بدبو پيئي اچي. اسين تہ کين گڏ بہ ويهڻ ڪونہ ڏيون. انهي ڪري تہ خدا کين محنت ۽ مزوري لاءِ پيدا ڪيو آهي. جي ائين نہ آهي تہ پوءِ چو نہ کين سهڻو خلقيائين؟“

منهنجي اندر ۾ سندس لاءِ اهڙي تہ حقارت پيدا ٿي، جهڙي هڪ بدبودار ڍونڍ کي ڏسي پيدا ٿئي.

پڇيومانس: ”انهن شيطانن لاءِ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي جي چون ٿا، سڀ انسان هڪجهڙا آهن.“

هن پنهنجي گوڏي تي زور سان ڏڪ هڻي چيو:

”اهي شيطان جا ڦر آهن. ڪميونسٽ. حياتيءَ جي مشين ۾ مٽيءَ مثال آهن جنهن جي گهڙي وجڻ سان مشين هلي نہ سگهندي. هنن جي دماغ ۾ ڪفر پيٽ ۾ ڏڦير آهي. هنن کي شيطان چريائيءَ جا ڪنپ ڏيئي ڇڏيا آهن. ڪميونسٽن سان مقابلي لاءِ اسان کي مذهب جي وڏيڪ استعمال ۽ گهڻي فوج جي گهرج آهي. مذهب ڪفر جي برخلاف ۽ سپاهي سندن ڏڦير ۽ بدامنيءَ کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ: ائين ڪرڻ سان ئي ڪميونسٽن جي دماغ ۾ مذهب جو شيهو پلتجي سگهندو. پر جي اهو علاج بہ اثر نہ ڪري تہ گولي رستي پيٽ ۾ شيهو وجهجين.“

مون چيومانس: ”برابر هيءَ منهنجي حياتيءَ ۾ پهريون ئي دفعو آهي جو دولت جي پوڄاريءَ کي ننگي روپ ۾ ڏٺو اٿم.“ هن جو خشڪ ۽ ضعيف جسم ايئن هو جيئن هڪ چمڙي جي ڳوڻ ۾ گند ڀريل هجي. هن جو اکيون سون جي ٻن مٽڪن وانگر پٽي چمڪيون جن ۾ بي حيائي ۽ بي رحمي ڀريل هئي. مون کي يقين ٿيو تہ هن بد بخت جو سچو پچو هلائيندڙ

ڪير آهي.

"پلا فن بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟" مون هن کان پڇيو_ هن جي چهري تان ڪاوڙ ۽ بيحيائي گم ٿي ويئي ۽ سندس چهرو وري معصوم ٻار وانگر ٿي پيو. مونکي چيائين: "اوهان ڇا چيو؟"

"اوهان جو فن بابت ڪهڙو خيال آهي؟"

"ها! آئون ته فن خريد ڪندو آهيان. فن مان منهنجي مراد دلچسپ وندر آهي. فن جو ڪم آهي ته مون کي ڪلائي ۽ خوش ڪري، ڇو ته منهنجي ڏنڌي ۾ ڪلڻ جهڙي ته ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. انسان کي ڪنهن ڪنهن محل تفريح به گهرجي. تصويرون اهڙيون وندرائيندڙ ۽ دلڪش هجن جي جنسي جذبات کي وڌائين. اشتهارن جي تصويرن ۾ رنگ ۽ ڇٽ به اهڙا دلڪش هجن جو گراهڪ هڪ ميل تان پڙهي سگهي. اسان جي ملڪ ۾ هينئر اهڙيون تصويرون جام ٿينديون وڃن."

وري پڇيومانس: "اوهين ڪيلن تي ويندا آهيو؟"

مون هن سون جي غلام کان اهو انهيءَ لاءِ پڇيو ته جيئن ڪيس انهي ملڪ جي ٻناڪ کان روڪيان جنهن جي پاڪ زمين کي سندس ناپاڪ وجود پليت ڪيو آهي.

چيائين: "ڪيل! ها، مون کي خبر آهي ته اهي به فن جو حصو آهن، انهيءَ ۾ ڏاڍو مزو آهي، خاص ڪري جڏهن آئون نوجوان ڇوڪرين کي ڪليل سيني سان اڌ اگهاڙو ڏسندو آهيان."

مون پڇيومانس: "پوءِ اوهان کي انهن مان ڇا وڻندو آهي؟"

"مون کي ائڪٽريسون وڻنديون آهن. جيڪڏهين ڪا ائڪٽريس تمام سهڻي ۽ جوان آهي ته پوءِ ته تمام ٺيڪ. پر آئون ته منجهي پوندو آهيان ته ڪهڙي جوان آهي ۽ ڪهڙي پوڙهي. هو ايترو ته هار سينگار ڪنديون آهن جو ٻڍيون به جوان نظر اينديون آهن ان ڪانسواءِ هو ڪي اهڙيون معصوم ۽ پاڪباز به ڪين آهن. ٻڌو اٿم ته هر هڪ جا ٻه ٻه سئو يار هوندا آهن جا سٺي ڳالهه نه آهي. مون کي سرڪس جون ڇوڪريون گهڻيون وڻنديون آهن. انهي ڪري جو سندن بدن سوٽ ۾ مضبوط ٺئي ٿو...."

ائين پئي وسهڻ ۾ آيو ته هو هڪ وڏو بدمعاش ۽ گنهگار آهي، ۽

انهي ڪم ۾ اهڙو تہ ماهر آهي جو انهي طبعيت جا ماڻهو ڪانئس گهٽوئي ڪي سڪن. آئون نہ هن بدمعاش سان پاڻ ڦاسائي ويٺو هوس، آخر جند ڪيئن ڇڏايان.

ڪيس چيم: ”توکي ڪهڙا ڪتاب وڻندا آهن؟“

مون کي جواب ڏنائين: ”مون کي بہ ڪتاب ڏاڍا وڻندا آهن. هڪ بائبل ۽ بيو اڪاونٽ جو ليجر. انهن کي ڏسي دل کي ڏاڍي فرحت ايندي اٿم: آئون تہ جڏهن انهن ٻنهي کي هٿ لائيندو آهيان تڏهين ازغيبي طاقت معلوم ٿيندي اٿم. ڇو تہ جڏهين مزدور وڏيڪ پگهار لاءِ گوڙ ڪندا آهن تڏهن پوليس ۽ سرڪار بہ ايتري مدد نٿي ڪري سگهي، جيترو بائبل مقدس. آئون چوندو آهيان ”غريبئو! ڏسو هن پاڪ ڪتاب ۾ اَللهُ سائين فرمايو آهي ”جيترو نصيب هوندو اوتروئي ان کي ملندو. وڌيڪ گهرندئو ۽ گوڙ ڪندئو تہ گنهگار ٿيندئو.“

”هن خدائي ڪتاب سان مون کي ڏاڍو پيار آهي. ٻيو اڪائونٽ جو ليجر، جنهن مان هر وقت خبر پوندي اٿم تہ مون وٽ ڪيتري دولت آهي. سچ پڇين! تہ اهو ليجر آهي جنهن کي ڏسي آئون پيو جيئان___ جيڪڏهين اهو گهڙي پل لاءِ منهنجي اکين کان پري هجي تہ آئون جيڪر بي موت مري وڃان. هر هڪ ماڻهو کي هنن ٻن ڪتابن جي عزت ڪرڻ گهرجي.“

هن انسان دشمن جون اهي ڳالهيون ٻڌڻ، منهنجي ضمير گوارا نہ ڪيو ۽ مجبور ٿي اٿڻ وقت ڪيس چيم:

”لک بار لعنت آهي، دولت جي پوڄاري تي!“

***

# روسي ڪهاڻي

## پيءُ

سج جا ڪمزور ۽ مانا ڪرڻا هڪ ڪاسڪ ڳوٺ جي آسپاس سرسبز کيتن ۽ وڻن جي پنن تي پئجي رهيا هئا. پرسان هڪ ٻيڙي بيٺل هئي، جنهن ۾ ويهي مون ڊان درياهه جي پار وڃڻ تي گهريو. آئون ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳس. درياهه جي ڪناري واري ورياسي ۽ سيلابي زمين تي وڻن جي ڳري ويل ٽارين ۽ پنن جي گندي بانس اچي رهي هئي. پيچرو تمام اڻ لکو هو گويا پڇايلُ سَهي وانگر هتان هُتان ور وڪڙ کائيندو رهيو هو. ٽڪل ۽ لالائي مائل سج، ڳوٺ کان هن پيري پنهنجي سمورين رنگينين سميت ڏسندي ڏسندي جڻ ڪنهن قبرستان ۾ دفنائجي ويو ۽ شام جي هلڪي ڪاراڻ سڪل وڻن مان منهنجو پيڇو ڪرڻ لڳي.

ٻيڙي درياهه جي ڪناري تي لنگر انداز هئي، اُن هيٺيان لهرون کائيندڙ نيرو پاڻي گڙگڙ ڪري وهي رهيو هو ۽ ونجهه بي ترتيبيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ٿيندي، لوهه جي ڪڙن سان ٽڪرائجي ’چرر چرر‘ ڪري رهيو هو. ملاح ٻيڙيءَ جي اندران سائي ڇاريءَ جي ڇميل ٿهه مان پاڻي ڪڍي ٻاهر اُڇلي رهيو هو.

هن پنهنجو ڪنڌ مٿي کنيو ۽ پنهنجي پيلين اکين سان مون تي هڪ نظر وڌي ۽ اداسائيءَ مان پڇيو:

”پار وڃڻ ٿو چاهين؟، هڪ منٽ ۾ وني هلندوسانءِ. رڳو لنگر کول!“

”پاڻ هئي ٻيڙيءَ کي سنڀالي سگهنداسون؟“

”ها! پاڻ کي ئي ڪوشش ڪرڻي پوندي، جلد ڪر جيئن اوندهه نه ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو ٻيو به اچي نڪري!“

ملاح پنهنجي پتلون جي پانچن کي مٿي ڪنديءَ مون تي ڀيهر نگاهه وڌي ۽ چوڻ لڳو:

"تون هتي جو تہ معلوم نٿو ٿين. ڪٿان اچي رهيو آهين؟____ فوج مان؟"

هن پنهنجي ٽوپي لاهي ٻيڙيءَ تي رکي ۽ پنهنجي وارن کي جهٽڪي سان پٺيان ڪيو ۽ پنهنجا پيلا ڏند ڏيکاري مون کي اک ڀڳي:

"موڪل تي وڃي رهيو آهين؟ يا لڪي ڇپي____ مون کي خبر آهي____ اون!"

"نہ، مونکي ڇڏيو ويو آهي. اسان جي ساري ڪمپنيءَ کي فوجي خدمت کان آزاد ڪيو ويو آهي."

"ائين چئو____ پوءِ تہ تنهنجو ضمير صاف آهي."

اسين ٻيڙي هلائڻ وياسين. ڊان ڇڻ اسان سان مذاق ڪري رهيو هو. نديءَ جو وهڪرو ڪناري وارن ٻوٽن کان جيئن پوءِ تيئن پري وٺي هلڻ لڳو. پاڻيءَ جون ڇوليون ٻيڙيءَ جي ڪنارن کي لڳي آواز ڪري رهيون هيون. ٻيڙياتي جون اُگهاڙيون ٽنگون، جن تي نيريون نسون اُڀريل هيون، سندس مضبوط عضون جي شاهدي ڏئي رهيون هيون. هُن جون ٻانهون ڏگهيون ۽ سُڪل هيون ۽ آڱرين جا جوڙ نهايت سخت ٿي ڏٺا. اَيرڙو ماٺهو سُڪل ڪلها ۽ جهُڪيل پُٺا. ظاهر ۾ تہ ٻيڙيءَ کي ڏاڍي اڻنگائيءَ سان هلائي رهيو هيو پر ونجهہ جا ڇيڙا نهايت تيزي ۽ صفائيءَ سان لهرن کي چيريندي پاڻيءَ جي گهراين ۾ اچي وڃي رهيا هئا. سندس اُوني گنجيءَ مان پاڻي، پگهر ۽ تماڪ جي گندي بوءِ اچي رهي هئي. اوچتو هن ونجهہ کي روڪيو ۽ مون ڏانهن منهن ڦيرائڻ چوڻ لڳو:

"شايد هاڻي پاڻ اڳتي وڌي نہ سگهون؛ ٻيڙي وٽن ۾ ڦاسي پيئي آهي؛ ڏاڍو برو ٿيو!"

هڪ تيز ڇولي زور سان ٻيڙيءَ کي اچي لڳي ۽ ٻيڙيءَ کي اهڙو خطرناڪ لوڏو آيو جو اسان کي وٽن جي تارين ڏانهن گهلي ويو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اسين اُنهن وٽن جي تارين ۾ تمام بري طرح وچڙي وياسين. سڙهہ ڦاٽي چڪا هئا ۽ اُنهن جا ٽڪر لوهہ جي ڪڙن سان اٽڪي لڙڪي رهيا هئا. ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ هڪ ٽنگ هو جنهن مان پاڻي ٻُڙڪا

ڏيئي اندر اچي رهيو هو. اسان وٽن تي ئي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو. ملاح منهنجي پرسان جهڪيو ويٺو هو. هن جا پير هڪ ٽاريءَ کي چوڏاري پڪوڙي بيٺا هئا. هو پائپ مان دونهون ڪڍي رهيو هو ۽ پنهنجي مٿان جهنگلي پکين جي اڏامڻ جي آواز کي ٻڌي رهيو هو جي اونده کي چيريندي پنهنجي آکيرن ڏانهن وڃي رهيا هئا.

"تڏهن چئبو تہ تون گهر وڃي رهيو آهين! ها، پل وڃ! جو تنهنجي ماءَ ضرور تنهنجو انتظار ڪندي هوندي___ هُن جو ٻچو___ پيريءَ جو سهارو___ گهر اچي رهيو آهي___ هيئنر گهر بہ ڪيس آرام بخشيندو___ هُن جي پوڙهي دل ۾ ضرور حرارت پيدا ٿيندي: مگر___ خير___، توکي انهيءَ جي ڪهڙي پرواهہ. هُن تنهنجي ياد ۾ ڪيئن نہ ساريون راتيون لُڙڪ وهايا هوندا___ توکي ڇا خبر___ اوهين سڀ اهڙائي ٿيندا آهيو. جيسين پاڻ ٻچن وارا نہ ٿيو___ اوهان کي پيءُ ماءَ تي ذرو بہ قياس نہ ايندو."

"اتفاق سان ڪنهن زال ڪان مڇي صفا ڪندي پتو ڦِسي پويءِ ۽ تون اُن مڇيءَ جي شوروي جو ڍڪ پرين، تہ ڳڻ مهل ڪيترو نہ ڪڙو ٿيندو!، اهوئي منهنجو حال آهي. مان جيئان ٿو مگر زندگيءَ جو جيڪو گرنهن ڪٺان ٿو سو ڪڙو محسوس ٿئي ٿو___ مان اُن کي ڳيهي وڃان ٿو. برداشت ڪريان ٿو مگر ڪڏهين ڪڏهين سوچيندو آهيان "اي زندگي! اجان تنهنجي کيل ختم ٿيڻ ۾ الائي ڪيتري دير آهي؟"

"تون اسان جي هن ملڪ جو نہ آهين، اجنبي آهين، سچ چئو!، ڇا منهنجي لاءِ اهو بهتر نہ ٿيندو تہ پاڻ ئي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جي رسي وجهان؟"

"مون کي هڪ ڇوڪري آهي. نتاشا هن جو نالو آهي. سترهن سالن جي___ ها___ فقط سترهن سالن جي___ هُو مون کي چوندي آهي:

"بابا توسان گڏ ڪاڏو ڪاٺڻ تي مون کي نٿو وڻي، جڏهين تنهنجن انهن هٿن کي ڏسندي آهيان." هو مونکي چوندي آهي، "تڏهين مون کي ياد ايندو آهي تہ تو انهن ئي هٿن سان پائرن کي خون ڪيو هو تہ اُن وقت منهنجي نڙيءَ سُڪي ويندي آهي." مگر ڇوڪري هيءَ نٿي سمجهي تہ اهو سڀ مون سندس لاءِ ئي ڪيو ۽ پين ٻچن خاطر.

”منهنجي شادي ننڍي وهي ۾ ٿي، خدا مون کي زال اهڙي ڏني جا رڳو سهڻ وانگر ٻار ڄڻيندي هئي. هُن هڪڙيءَ پنيان ائين ٻارن جو ٻوجهه منهنجي مٿان اُڇلي وڌو. اُنهن جا ٻه ته مون کي پيٽ پرڻا هئا. آخر نائين ٻار سندس حياتي ورتي. ٻار ته آسانيءَ سان ڄڻيائين پر پنجن ڏينهن کان پوءِ مري ويئي ۽ مان اڪيلو رهجي ويس. خدا اُنهن ٻارن مان ڪنهن کي ٻه پنهنجو نه ڪيو. جيتوڻيڪ مون ان لاءِ گهڻيون ئي دعائون گهريون. ايوان سڀنيءَ کان وڏو ڇوڪرو هو. هن جي شڪل مون سان گهڻو ملي-جلي ٿي، ڪارا وار، ساڀيو نڪ، ساڀيو رنگ، مطلب ته هو هڪ بيحد سهڻو ڪاسڪي نوجوان هو. ٻيو ڇوڪرو ايوان کان چار سال ننڍو هو. اڄاڻ ٿي مائل پورا وار ۽ اکيون نيريون نيريون. هن جو نالو هو ڊيانيلو. ۽ هو منهنجو دادلو پٽ هو.

مون ايوان جي شادي ڳوٺ مان ئي ڪرائي ڇڏي، هن جو پٽ ٻه ڏاڍو وڻندڙ هو.

ان کان پوءِ ڊيانيلو لاءِ ڪو مناسب گهر ڳولي رهيو هوس. اوچتو ئي بدامني شروع ٿي ويئي. اسان جي ڳوٺ وارن (سوويت) جي خلاف بغاوت ڪئي. ايوان مون وٽ ڊوڙندو آيو:

”بابا! بابا! مون سان گڏ سرخ فوج ۾ شامل ٿي وڃ. مان تو کي التجا ٿو ڪريان! مسيح جو قسم اسان کي سرخ فوج جو ساٿ ڏيڻ کپي. هو حق تي آهن ۽ انصاف لاءِ وڙهي رهيا آهن.“

”ڊيانيلو به پنهنجو واعظ شروع ڪيو. ٻئي گهڻي دير تائين منٿون ۽ زور ڪندا رهيا. مگر مون چيو:

”مان اوهان کي نٿو روڪيان توهان کي جتي وڻي اُتي وڃي سگهو ٿا. ليڪن مان هِتيئي رهندس. مون کي هتي اجا ستن جا پيٽ پرڻا پيا آهن.“

هو هليا ويا. ڳوٺ ۾ ماڻهو هٿيار بند ٿي رهيا هئا. جنهن کي جو ڪجهه مليو اهو ان ڪَنيو. هو ”محاذ ڏانهن! محاذ ڏانهن!!“ چوندا مون کي به پاڻ سان وٺي هليا. مون پريل ڇواٽي تي بيهي نهايت عاجزيءَ سان التجا ڪئي:

”هم وطنو! توهان سڀني کي خبر آهي ته مان ستن ٻچن جو پيءُ

آهيان، گهر ۾ ست ٻچا رلين ۾ پيا آهن. جيڪڏهين مري ويس تہ انهن جي ڪير سنڀال ڪندو؟ انهن کي ڪير ڏسندو؟“

پر ڪجهہ اثر نہ ٿيو ۽ مون کي زبردستي جهلي پرتي ڪيو ويو.

مورچو اسان جي ڳوٺ کان زياده پري ڪونہ هو. هڪ ڏينهن ناتال کان ڪجهہ اڳ ڪي قيدي آندا ويا.

ڊيانيلو منهنجو پيارو پٽ بہ انهن ۾ هو. انهن کي ڪپتان وٽ حاضر ڪرڻ کان اڳ بازار ۾ گهمايو ويو. سڀ ڪاسڪ پنهنجي گهرن مان نڪري ڊوڙي آيا. ’خدايا مدد!‘

هڪ هنگامو مچي ويو: ”ماريو نہ ڇڏيو انهن کي____ بزدل____ ڪميڻا..... اڇهو پُڇا بعد واپس ايندا تہ اسين ڪين سمهاري ڇڏيندا سون، سواءِ ڪنهن مذهبي رسم جي.“

مان اُتيئي بيٺو رهيس. پير ڏڪي رهيا هئا پر مون سندن اڳيان ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو تہ ڪو ڊيانيلو لاءِ منهنجي دل تڙپي رهي آهي. مون ڪاسڪن کي پنهنجي طرف اشارا ڪندي ۽ سُس پُس ڪندي ڏٺو. سارجنٽ ميجر آرڪاشا مون ڏانهن وڌيو:

”ڪيئن مڪي شارا، هنن ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏيندين نہ؟“

”ڇو نہ____ ضرور____ خوني، بدماش، درندا.“ مون چيو.

”ڇڱو وٺ هيءَ سنگين، بيٺو رهہ، دروازي جي ويجهو.“ حڪم ڏيندي، هن معنيٰ خيز نگاهن سان مون ڏانهن ڏٺو.

”اسين توتي نظر رکنداسين مڪي شارا! هوشيار رهجانءِ، منهنجا دوست____ ٻي صورت ۾ توتي نهايت سختي ڪئي ويندي.“

مان دروازي جي سامهون بيهي رهيس ۽ هي ڀيانڪ نظارو منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو.

”مقدس مريم! خداوند يسوع جي ماءُ!! ڇا پنهنجي هٿن سان پنهنجي ئي ٻچي کي قتل ڪرڻو پوندم؟“

گارڊ روم مان گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. قيدي ٻاهر آندا ويا. ڊيانيلو اڳيان هو. هن کي ڏسنديئي منهنجو رت ڄمڻ لڳو.

هن جو مٿو (پيپ وانگر) سڄيو پيو هو ۽ هر جڳهہ تان ڇليو پيو

هو. غليظ رت جا ڦڙا سندس منهن تان ٽمي رهيا هئا. ٽلها اوني دستانا هن جي وارن ۾ ڦسيا ويا هئا. مار کان پوءِ بہ هنن، دستانن سان ڊيانيلو جي زخمن جو رت بند ڪرڻ تي چاهيو. هيءَ سڀ اُن مهل ڪيو ويو جڏهين قيدي ڳوٺ ڏانهن آندا پئي ويا. منهنجي ڊيانيلو ڏڪندڙ قدمن سان رستو ختم ڪيو. اوچتو جيئن هن جي مون تي نظر پيئي تيئن هن پنهنجون ٻئي ٻانهون پکيڙيون ۽ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي هڪ اک رت ۾ ٻڏي وئي هئي. مان سوچي رهيو هوس تہ جيڪڏهن مون ڊيانيلو کي قتل نہ ڪيو تہ ڳوٺ وارا مون کي اِتيئي پورو ڪري ڇڏيندا ۽ پوءِ منهنجا ننڍا يتيم لاوارث ٻچا، هن وسيع دنيا ۾ ڪنهن جو سهارو ڳوليندا. جڏهين ڊيانيلو اُنهي جاءِ تي پهتو جتي آئون بيٺو هئس تہ هن چيو:

”بابا! پيارا بابا! هاڻ خدا حافظ“

لڙڪ ڳلن تان وهندي رت کي ڌوئي رهيا هئا. ۽ مان..... پنهنجو هٿ مٿي ڪري نہ سگهيس. هو بيحد ڳرو ٿي ويو هو. هڪ ڪاٺي سنگين وانگي مون کي ٻانهن ۾ چُڀندي محسوس پئي ٿئي.

اوچتو مون رائفل جي ڪنڌيءَ سان پنهنجي جگر جي ٽڪري کي هڪ زبردست ڌڪ هنيو. هتي____ ڪن جي پنيان..... “ ۽ هُو پنهنجي هٿن سان منهن کي لڪائي ڪري پيو. منهنجا ڪاسڪي دوست وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا. ”واهہ جو هَنيئيس مڪي شارا! هَٽينس!! خوب هَٽينس!!! ها ها ها! ها ها____ تون پنهنجي ڊيانيلو کان ڏاڍو ناراض ٿو معلوم ٿين. ڏاڍيان هَٽينس نہ تہ اسان کي ٿورو تنهنجو بہ رت وهائڻو پوندو.“

ڪپتان ڏيڍيءَ تي آيو ۽ ڏيکارڻ لاءِ گلو ڦاڙي ڦاڙي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏيڻ لڳو. هن جي اکين ۾ نفرت پريل مرڪ هئي. ڪاسڪي، قيدين تي ڪاهي پيا ۽ انهن کي سنگينن سان قتل ڪرڻ شروع ڪيائون. منهنجي اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي ويئي، مان بي اختيار وني پيس، مون پنهنجي ڊيانيلو کي رت ۾ ليٿڙيون پائيندي ڏسي ورتو هو. سارجنٽ پنهنجي سنگين سندس ڳلي ۾ ٽنبي ڇڏي هئي.

”سواءِ هڪ خر___ر___ر جي، ڊيانيلو جي وات مان ڪوبہ آواز نہ نڪتو.“

بيڙيءَ جا تختا پاڻيءَ جي دٻاءَ کان هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا. مڪي

شارا پائپ جي رک چنبڊيندي، پيرن سان بيڙيءَ جي تري کي جاچڻ لڳو.

"بيڙي ٻڏي رهي آهي، اسان کي سياٽي ٻن پهرن تائين وڻ تي وهٽو پوندو. لعنت اسان جي نصيب تي!"

هو دير تائين ماٺ ۾ رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي گهٽيل آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو "هنن مون کي انهيءَ ڏينهن لاءِ پوليس چونڪيءَ جي چارج ڏني، ڊان اُن وقت کان وٺي اج تائين ڪيتروئي پاڻي وهائي چڪو آهي، پر آئون اڃا تائين آخري هڏڪيءَ جو آواز ۽ موت جي خرخراهٽ ٻڌان پيو. جڻ ڪنهن جو ساهه گهٽجي رهيو هجي. اُهوئي آواز جو اُنهي ڏينهن مون پڇندي ٻڌو___ منهنجي ڊيانيلو جي موت جي خر خراهٽا ۽ اهڙي طرح منهنجو ضمير پنهنجو انتقام پيو وٺي.

اسان بهار جو موسم تائين سرخپوشن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو بيٺا هواسون، ان کان پوءِ جنرل سيڪريٽو اسان جي مدد لاءِ اچي ويو ۽ اسان گهٽو ڊان دريا کان ٽيندا. سارا تو صوبي تائين هُنن جي پُٺ ورتي.

منهنجا پٽ سرخ فوج سان ملي چڪا هئا. ان ڪري منهنجي لاءِ نوڪريءَ ۾ ڪابه رعايت ڪانه هئي، جيتوڻيڪ آئون ڪيترن ٻچن جو پيءَ هوس. اسين شهر بالا شا تائين وڌي وياسين. اوچتو ڪاسڪين ۾ هڪ افواه اٿيو___ شيطان___ نه ڄاڻان ڪيئن هنن کي اها خبر پئي ته ايوان سرخ فوج جو ساٿ ڇڏي ڏنو آهي ۽ نمبر 36 ڪاسڪي ريجمنٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي.

ڳوٺ جا ماڻهو مون کي ڌمڪي ڏيڻ لڳا "اسين تنهنجي انهي ايوان کي جهلي کيس گاهه ڪارائينداسون."

اسين هڪ ڳوٺ ۾ آياسون. اُتي 36 ريجمنٽ جي ڪئمپ لڳل هئي. جلدي انهن منهنجو ايوان کي ڳولي ڪڍيو.

هن جون ٻئي ٻاهون ٻڌي گهليندا گارڊ روم ۾ وٺي آيا، جتي کيس خوب مارياٺون ۽ مون کي حڪم ڏنائون "هن کي ريجمنٽ جي هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃ." هيڊ ڪوارٽر ڳوٺ کان 12 ميلن جي پنڌ تي هو. ڪمپني ڪمانڊر ڪاغذ ڏنا ۽ منهنجي نگاهن کان پاسو ڪندي چيو:

"هيءَ آهن تنهنجا ڪاغذ مڪي شارا! پنهنجي پٽ کي هيڊ ڪوارٽر ۾ وٺي وڃ. هُو تو وٽ محفوظ رهندو پيءَ کان يقينن ڪونه

پڇندو.“

مون حقيقت کي سهي ڪيو ۽ چاٽي ورتو تہ سندن مرضي ڇا آهي. اُنهن انهيءَ لاءِ مون کي هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن آئون پيءُ جي هئڻ جي حيثيت ۾ پڪ سان پٽ کي ڇڏي ڏيندس ۽ پوءِ هو ايوان کي جهلي اسان ٻنهي پيءُ پٽن کي هڪ ئي وقت شوٽ ڪري ڇڏيندا___ مان انهي ڪمري ۾ ويس جنهن ۾ ايوان قيد هو. پهريدارن کي چيم ”قيدي منهنجي حوالي ڪريو. ڪيس هيڊ ڪوارٽر وٺي وڃڻو آهي.“

”خوشيءَ سان وٺي وڃي سگهين ٿو“ هنن چيو. ايوان پنهنجو ڏگهو ڪوٽ ڪلهي تي رکيو ۽ ٽوپيءَ کي بيچينيءَ مان مٿي تي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي پوءِ بينچ تي اُڇلائي ڇڏيو. اسان جو رستو هڪ ٽڪريءَ جي پاسي کان ويو ٿي. رستي تي اسان ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ڪئي. مان گهڙي گهڙي مڙي پُٺيان نهاري رهيو هوس تہ جيئن ماڻهو اسان کي ڏسي تہ نہ رهيا آهن! اهڙيءَ طرح اسان اجا اڌ مفاصلو بہ ختم نہ ڪيو تہ اڳيان هڪ مقدس جاءِ آئي. هاڻي پري تائين اسان کي ڪو بہ ماڻهو ڇيٽو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. ايوان مون ڏانهن مڙي چيو هن جي آواز ۾ ڪيترو نہ درد هو! ڪيڏيءَ نہ التجا هئي!!

”بابا!“ هيڊڪوارٽر ۾ ضرور مون کي ماري ڇڏيندا___ تون مون کي موت جي منهن ۾ وٺي هلي رهيو آهين___ ڇا تنهنجو ضمير اجا بہ سُتو پيو آهي؟“

”نہ ايوان“ مون جواب ڏنو ”هو سُتو ڪونہ پيو آهي.“

”پوءِ پلا توکي مون تي رحم نٿو اچي؟“

”ايترو منهنجا ٻچا! جو دل سيني ۾ ٽڪر ٽڪر ٿيو پوي.“

”ائين آهي تہ مون کي ڇڏي ڏي بابا. سوچ تہ سهي هن دنيا ۾ مون ڪيتري عمر گذاري آهي.“ هو پنهنجي گوڏن پر ويهي رهيو. ٽي دفعا منهنجي اڳيان سر جهڪايائين ايترو جو وڃي زمين سان ٿي لڳو. مون هن کي چيو ”منهنجا ٻچا! پاڻ هن لاهيءَ تان هلنداسون. ان کان پوءِ تون پلي پڇي وڃ. مان فقط ڏيکارڻ لاءِ تنهنجي پٺيان ڪجهہ فائر ڪندس.“

توکي ٻڌايان تہ جڏهين هو ننڍو هو تہ پيار جو هڪ لفظ ڪانئس نہ ٻڌي سگهين ها. پر هينئر، هُن ٻئي ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌيون ۽ منهنجن هٿن

ڪي چمڻ لڳو. اسين ڪجهه دير ائين ئي هلندا رهيا سين. نڪي هُن ڳالهايو نه مون. اسين هينئر لاهيءَ تائين پهچي وياسين. ايوان بيهي رهيو "تہ خدا حافظ بابا! جيئرو رهيس تہ آخري دم تائين توکي سهارو ڏيندس، تون مون کان هڪ لفظ بہ سختيءَ جو نہ ٻڌندين." هُو مون کي چنبڙي پيو ۽ مون کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جڻ منهنجي دل ڦاٽڻ تي آهي.

"پچي وڃ منهنجا ٻچا!" مون هُن کي چيو. هُن لاهيءَ تان ڊوڙڻ شروع ڪيو. هُو پُٺ ورائي الوداع ڪندو پئي ويو. اجا هُو چاليهہ وال ڪن مس پري ويو تہ مون پنهنجي رائفل ڪڍي گهوڙو چاڙهي ڪل دٻائي.... گولي ٺيڪ وڃي هُن جي پُٺن ۾ لڳي." مڪي شارا پنهنجي ڪيسن کي ڳوليندي تماڪ جي ٿيلهي ڪڍهي، چقمق سان پنهنجو پائيپ ڏکايو ۽ وات مان دونهين جا بادل اُڇلڻ لڳو. چقمق اجا تائيڻ سندس هٿ ۾ چمڪي رهيو هو. هُن جي منهن جو نسون ڏڪي رهيون هيون، سُڄيل پنبٽين هينان ڊبيل اکيون گهوري رهيون هيون، جن ۾ سختي هئي، پشيماني ڪانہ هئي.

"هُو هَوا ۾ مٿي اُڇليو ۽ درد جي گهٽائيءَ سبب بيتاب ٿي ڪجهہ پري ڊوڙيو آخر پيٽ تي هٿ هٽڻ لڳو ۽ مڙي پويان ڏٺائين.

"ابا . . ! ڇو؟" هُو زمين تي ڪري پيو ۽ ڇڙيون هڻڻ لڳو مان ڊوڙندو ويس ۽ جهڪي نهاريم تہ هُن جو اکيون ڦري ويون هيون ۽ وات مان رت سان پرجي گجي نڪري رهي هيس. ڏٺم هُن جو ڪم ختم ٿي چڪو آهي ۽ مري رهيو آهي. هُن پنهنجي پوري طاقت سان هڪ رڙ ڪئي ۽ چيو "ابا! مون کي هڪ زال ۽ پٽ. . ." هُن جو ڪنڌ لڙڪي پيو. هُو زخم ڳولي رهيو هو تہ جيئن اُن کي آڱرين سان بند ڪري____ زخم ڪٿي هو؟... پر اُن هوندي بہ هُن جي آڱرين جي وچان رت جو ڦوهارو نڪري رهيو هو. پوءِ هُو اُٿلي پُٺن پر سُمهي پيو. دردناڪ نگاهن سان مون کي ڏٺائين ۽ پنهنجي زبان کي بيحد مشڪل سان چوري هُن ڪجهہ چوڻ تي گهريو پر آئون فقط "آبا. . . آ. . .با" ٻڌي سگهيس. هُن سان ڳالهائيندي بي اختيار منهنجي اکين مان لُڙڪ وهڻ لڳا.

"ايوان! منهنجا ٻچا!! ڏک جي هن تاج کي منهنجي خاطر پاءِ. مونکي احساس آهي تہ توکي بہ هڪ زال ۽ پٽ آهي مگر منهنجا ست ٻچا جي بي يار و

مددگار گهر ۾ پيا آهن! توکي چڏي ڏيان ها ته ڪاسڪي ضرور مون کي مارين ها ۽ پوءِ اُنهن ستن ٻچن کي، ماني ٽڪر لاءِ دربدر پنڻو پوي ها."

هو ٿوريءَ دير کان پوءِ هميشه لاءِ مات ٿي ويو. پر سندس هٿ، اڃا تائين منهنجي هٿ کي جهليو بيٺو هو.

مون هُن جو اور ڪوٽ ۽ بوٽ لاٿو ۽ هڪ ڪپڙي سان سندس منهن ڍڪي، ڳوٺ ڏانهن واپس هليو آيس..."

مون کي حقيقت جي نظر سان ڏس، مون ٻچن جي لاءِ هيءُ ڏکن جو ٻوجهو کنيو. غمن منهنجا وار اڇا ڪري ڇڏيا آهن. مان انهيءَ خاطر ٿي ڪم ڪريان ٿو ته جئين هُو ماني ڳپي لاءِ نه سڪن. مون کي آرام نصيب ڪينهي. هُو اڄ به مون کي منهنجي ڏيءَ نتاشا وانگر چون ٿا "بابا اسان کان توسان گڏ ماني تي ٿي وينو نٿو ٿئي. ڇا ڪو به ماڻهو اهو سهي سگهي ٿو؟"

مڪي شارا پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ سندس خوفناڪ نگاهون مون کي ڪُپي ويون، جن جي پنيان هلڪي هلڪي ڏنڊ واري روشني اپري رهي هئي. دريا جي ساڄي ڪناري تي وڻن جي ڪاري جهڳٽي ۾، سردي ۽ اوجاڳي جي ماريل بدڪن جي بيسُري "ڪُويڪ ڪُويڪ" جي آواز وچان، صاف صاف ٻڌڻ ۾ ايو:

"مڪي شارا! شل تنهنجو خانو خراب ٿئي!!"

❊❊❊

## چيني ڪهاڻي

# چاچو

چين جي وچين حصي ۾ يئنگتسي نديءَ جي ماتريءَ جي ڳالهه آهي. انهن ڏينهن ٻاراڻي زندگيءَ ۾ پنهنجي چاچي جي ڳئونءَ سان راند ڪڏندو هوس. چاچو ڳئونءَ کي هرن ۾ وهائيندو هو. هو نهايت اصيل ۽ هارپ جي ڏانو جي هئي. هرن مان وهي ٿڪجي جڏهين گهر ايندي هئي ته ڪنڌ نمائي اوڳر ورائيندي سندس وات مان گڦ جا ڦوڙا سفيد جهالر بڻجي لٽڪندا هئا. هن هرن ۾ وهندي ڪڏهين به پنهنجي ٿڪاوت جي نشاني نه ڏيکاري، البت ڪڏهين ڪڏهين ڪنڌ ورائي، چپ چاپ آڏين نگاهن سان چاچي کي نهاريندي هئي. چاچو ڏاڍو سمجهدار هاري هو. هڪدم ڳئونءَ جي نيت کي ڄاڻندي سندس ڳچيءَ مان پاڃاري ڪڍي، منهنجي حوالي ڪري چوندو هو "هان، ڪاهه! وڃي پنهنجي دل وندراءِ." ۽ پاڻ پوک جي ٻاهرين ٻنيءَ مٿان ويهي ڏاڍي مزي سان حقو پيئندو هو.

آئون ڳئونءَ کي درياهه جي ڪناري وٺي ويندو هوس. ڏهه منٽ پاڻي پيئڻ ۾ لڳندا هئس. پاڻي پيءَ آهستي آهستي جڏهين ڪنڌ مٿي کڻدي هئي ته سندس منهن مان پاڻيءَ جي ڦُڙن ڪرندي ائين محسوس ٿيندو هو جيئن پري کان ڪنهن لڏيل بار خچر جي ڳچيءَ ۾ پيل گهنڊڻيءَ جو آواز اچي رهيو آهي. هو ڏيرج ۽ لالچي نگاهن سان درياهه جي هن پر پهاڙين ۽ گاهه سان ڀرپور ميدانن ڏانهن نهاريندي هئي. اسان جو ٽي هزار ميل ڊگهو يئنگستي درياهه وچ چين جي ماترين ۾ ايندي پڪڙجي وڃي ٿو. سندس پيٽ اتي ڏاڍو وڏو ٿئي ٿو ۽ پهاڙن جي ڪنارن سان لڳولڳ هئڻ جي ڪري سدائين مٿي هلڪي اونده جو غبار ڇانيل ٿو رهي. مون ائين

ڄاتو ته ڳئون ڪنهن اميد ۽ عجيب احساس ۾ پنهنجو پاڻ پُلجي وئي آهي. هڪ دفعي درياهه جي هن پر نهاريندي هڪ وڏي رنڀ ڪيائين.

"پٽ بيوقوف نه ٿيءُ، ايڏانهن ڪو به ڏڳو ڪونهي"

چاچو ائين چوندي اٿيو ۽ ڳئونءَ جي پرسان اچي سندس پٺي ٺپريندي چوڻ لڳو:

"مون تو جهڙي جذباتي ۽ جلد جوش ۾ اچڻ واري ڪا عورت به اڄ تائين ڪانه ڏٺي آهي." ائين چئي ڪيس ڪاهي وري به وڃي هرن ۾ جوٽيائين ۽ هو سواءِ ڪنهن وسارڻ جي پراڻي مٽيءَ جي قديم ڍيرن تي ڏاڍي ڌيرج ۽ تحمل سان هر ڇڪڻ لڳي.

منهنجو چاچو سياڻو هاري هو. زمين ۽ جانورن جي ڏاڍي ڄاڻ هيس. سياري جي موسم گذرندي، ٻنيءَ تان مٽيءَ جي مٺ پري، هٿ ۾ جهلي پنهنجي آڱوٺي سان پوري، وڏي سوچ کان پوءِ هڪدم ٻڌائي ڏيندو هو ته، زمين کي نئين زندگي ملي يا نه. ٻين لفظن ۾، ٻني پوک لائق آهي يا نه. سارين پوکڻ کان پوءِ، ٻنيءَ جي آلي مٽيءَ جو رنگ ڏسندي کيس خبر پئجي ويندي هئي ته ٻنيءَ کي پاڻ ڏيڻ جي ضرورت آهي. پاڻ جي به ڏاڍي ڄاڻ هيس. "مِڙونءَ جو پاڻ گهڻو تيز آهي، ڳائو پاڻ هن کي فائدو ڏيندو." سندس اهڙي قسم جا تجربا گهڻو ڪري درست هوندا هئا.

منهنجي چاچي کي گهڻو ڪري پنهنجي زمين ڪانه هئي. ڏاڏي به اهڙي طرح پراوا ٻارا آباد ڪري عمر پوري ڪئي. هن کي به زمين جي جانورن جي به ڏاڍي ڄاڻ هئي. حياتيءَ جا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذاريائين. مرڻ وقت ڪفن جيترو به ڪونه هئس، رڳو هڪ ننڍڙي جهوپڙي هئي جا وڪڻي ڪفن ورتو ويو. جهوپڙيءَ به ان زميندار خريد ڪئي جنهن کي ڏاڏو 60 سيڪڙو ڀل ڏيئي سندس زمين آباد ڪندو هو. هن جي گهر مان ٻي ڪا به شي ڪانه نڪتي، جيتوڻيڪ هو محنتي ۽ ايماندار هاري هو. هيءَ هڪ اهڙي ڳجهارت آهي جا اڃا نه سمجهي اٿم. منهنجو چاچو انهي ڪري ئي ڏهن ورهين جي عمر ۾ پيٽ پرڻ لاءِ پورهئي کي لڳو. پهريائين پرائو مال چاريندو هو پوءِ ٻنيءَ تي مزوري ڪيائين، اهڙي طرح پنجويهه سالن جي لڳاتار محنت کان پوءِ ايترا پئسا گڏ ٿيس جو آخر هڪ ننڍڙي گابي خريد ڪيائين. گابي اهڙيءَ طرح پاليائين جئين هڪ ماءُ پنهنجي ٻچي جي سار سنڀال لهندي آهي. هن جو سمهڻ جاڳڻ

سپ گابي لاءِ هو.      هن گابيءَ جي جسم جي هر حصي جي هڏي ۽ گوشت کي وڏندي ڏٺو وڏندي وڏندي پنهنجي موجودا حالت کي پهتي يعني ٿلهي متاري فرمانبردار ۽ شرميلي.

ڳئونءَ جي ڪري چاچو ملڪيت وارو ٿي پيو هو هاڻ ڳچ ايڪڙ زمين جا آباد ڪري سگهيو ٿي. چاچي اڃا شادي نه ڪئي هئي حالانڪ هو اڌ عمر کي پهچي چڪو هو. اڌ عمر انهي لحاظ کان جو سخت محنت ڪرڻ وارا هاري، وقت کان اڳي پيدا ٿي وڃن ٿا.

" ڪابه پرواهه ڪانهي. " هو پنهنجو پاڻ کي چوندو هو "جيستائين مون وٽ زمين ۽ ڳئون آهي، مان ضرور شادي ڪندس. "

هو هينئر پنهنجي ڪٽنب جا پهه پچائڻ لڳو 'زال هوندي ته ڪاڏو تيار ڪري ڏيندي، گڏ سمهندي.... ۽ جڏهين زميندار يا ڍل وصول ڪندڙ سندس بي عزتي ڪندا ۽ ماريندا ته هو ساڻس ڏک ۾ شريڪ ٿيندي، ڳوڙها اگهندي ۽ ڏک ونڊائيندي.   آخر پُٽ ٿيندو نالو زنده ٿيندو ۽ سندس هلت سلامت رهندو.' مگر هڪ ڏينهن خوف ۽ انديشي سبب سرد آه ڀريندي چوڻ لڳو:

"جيڪڏهين پُٽ کي به هڪ ڳئونءَ جي ڦر ڳنهڻ ۾ ويهه سال ۽ زال هٿ ڪرڻ ۾ ٻيا به ويهه سال جان توڙ محنت ڪرڻي پئي ته پوءِ..." انهيءَ خيال ايندئي جڻ سندس بدن مان بجليءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ آخر فيصلو ڪيائين ته 'سخت محنت ڪرڻ گهرجي.'

پنهنجي خوابن کي پورو ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن ڪم کي جُنبي ويو. اوچتو چين جي ڏاکڻي حصي ۾ قومپرستن ۽ مزدورن بغاوت ڪڙي ڪري ڏني. چين جو وچون حصو به هن طوفان جي لپيٽ ۾ ايندي، پاڻ سان انهن سيني جنگ باز سردارن ۽ مئجسٽريٽن کي اڏائي ويو. جيڪي بي رحم ڍل وصول ڪرڻ وارن کي ڳوٺن ۾ موڪليندا هئا. اسان جي علائقي ۾ به نئين طاقت پڪڙجي ويئي.

انقلابي فوج جو هڪ نوجوان ڳوٺ ۾ آيو شهر جي چوواٽي تي ويهي هارين کي چوڻ لڳو:

"اوهين چاهيندا ته ڳريون ڍلون ڀريو ۽ زميندارن جا ظلم سهو؟"

هارين لاءِ هي بلڪل نئين قسم جو ڳالهيون هيون. ان ڪري ڪنهن به ڳالهائڻ جي همت نه ڪئي. نوجوان هارين جي خاموشي کي

رضامندي ڄاڻيندي:

”ڇڱو اڄ کان اوهان تان ڏل معاف آهي.“

ڇاڇي ڪنڌ لوڏيندي دل ۾ چيو ’ٺيڪ! صلاح ته ڀڄڙي ڪانهي.‘

نوجوان اڳتي وڌي چوڻ لڳو:

”ته پوءِ اوهان کي پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ هڪ يونين (جماعت) ٺاهڻي پوندي.“

ڇاڇي سوچيو ’نه بابا! مون کان ائين نه ٿيندو. مون وٽ وقت ڪٿي آهي. مان پنهنجي زمين کي برباد ڪندي ۽ ڳئونءَ کي بک مارينديس؟‘ ڇاڇي پرسان بيٺل ڳئونءَ ڏانهن نهاريو ”ڇا توکي منظور آهي“: ائين چوندي هن ڳئونءَ کي ڪاهيو ۽ ڪاهڻ مهل چيائين:

”ڇڱو پياري هاڻ هل ته ٿورو ڪم ڪريون.“ ۽ پوءِ ٻنيءَ ڏانهن هليو ويو.

يونين لاءِ وقت ملي يا نه ملي، پر ڇاڇي کي ميمبر بنايو ويو. هر هفتي ڳوٺ جي چونڪ ۾ عام جلسو ٿيندو هو جنهن ۾ اڌ ڪلاڪ وڃي ويهندو هو ۽ اڌ ڪلاڪ پير واري ڳوٺ ۾ پريڊ تي ويندو هو. جتي خاص ڪري وڏا وڏا زميندار رهندا هئا ۽ هفتي ۾ اڌ ڏينهن نوجوان انقلابين جون تقريرون ٻڌندو هو.

هن خيال ڪيو وقت ته برابر زيان ٿئي ٿو پر زميندار ڏڄن ٿا____ ڳچ ڏل وصول ڪندڙن کي به گوليءَ جو نشانو بنايو ويو. مطلب ته ڳوٺ وارن کي ڪافي ذهني آرام نصيب ٿيو. منهنجي ڇاڇي به پاڻ کي نئين حڪومت تي تنقيد ڪرڻ جي ڏکئي ڪم تي هيرايو. هن سوچيو. ’ٺيڪ آهي جيسيتائين پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڳئونءَ سان ڪم ڪري سگهان ٿو...‘

ليڪن ڳوٺن مان جلد ئي ابتيون سبتيون خبرون ٻڌڻ ۾ آيون. ڇاڇو سياست کان اٻاڻ هو انهي ڪري انهن ڳالهين ڪيس ڏاڍو مونجهاري ۾ وڌو. ٻڌايو هيءَ ٿي ويو ته ”انقلابي جماعت ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي نئين حڪومت ڪيترن نوجوانن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. ٻيو هيءَ ته پراڻي ۽ نئين طاقت ۾ ڇڪتاڻ جاري هئي“ جلدئي ڪيت جي مزورن ۾ رائفلون ورهايون ويون ۽ سندس يونين جو نئون نالو تجويز ڪيو ويو ”خود حفاظتي فوج“ سارو ڳوٺ هڪ وڏي ڪٽنب ۾ ورهايو ويو ۽

هر شخص زمين جو مالڪ مقرر ٿيو ۽ سيئي ڳڏجي هڪٻئي جي مدد سان اجتماعي پوک ڪرڻ لڳا. خاندان جو صدر ڳوٺ جو هڪ حجم بنايو ويو ۽ انقلابي سندس مشير ٿيا.

حجم ڳوٺ جي چونڪ تي بيهي هڪ وڏو اعلان ڪيو:

”ڳوٺ جي سموري زمين اسان سڀنيءَ جي ملڪيت آهي.“

هن اعلان ٻڌندي ڳوٺ وارن کي ڏاڍي حيرت لڳي ڇو ته هن کان اڳ ۾ حجم ڪڏهين به کُلي عام ماڻهن کي اهڙي جرئت سان نه ڳالهايو هو. هو ايترو ته غريب هو جو رات جو مٽي لڪائڻ لاءِ به جڳهه ڪانه هيس:

”هر چيز اسان جي پنهنجي آهي“ حجم چيو.

”پر منهنجي ڳئون سڀنيءَ جي ٿي نٿي سگهي، مون هن کي ننڍپڻ کان پاليو آهي.“ منهنجي چاچي وڏي آواز سان چيو. هو غريب اجا به هن ڳالهه کان بي خبر هئا ته تقرير ڪندڙ جي حيثيت ڳوٺ جي صدر جي آهي. منهنجي چاچي جيڪي بڪيو تنهن جي ڪنهن به پرواهه نه ڪئي. اوچتو انهي مهل پر وارين ٽڪرين مان بندوق جي فائرنگ جو آواز آيو.

نوجوان مشيرن مان هڪ جٽي وڏي آواز سان سڀنيءَ کي چيو:

”پراڻيون فوجون اسان کي ختم ڪرڻ لاءِ اچي رهيون آهن ۽ اسان کي به پنهنجي بچاءَ لاءِ ساڻن جنگ ڪرڻي پوندي“

ماڻهن جو ميڙ ديوانن وانگر ٽڪرين طرف ڪاهي پيو. حجم سڀنيءَ جي اڳ ۾ هو. چاچو اڪيلو چونڪ تي بت بڻجي بيهي رهيو. هن جي سمجهه ۾ ئي نٿي آيو ته قصو ڪيئن آهي. ڳوٺ اڄ به اهوئي پراڻو هو. گهرن جو ڇتيون اهيئي گاهه پيل ۽ پڳل هيون، ساڳيا وڻ ۽ ساڳيا پٿرن ٽڪرن وارا ناهموار رستا هئا: ان هوندي به ماڻهو بدلجي چڪا هئا. حجم وانگر هو سيئي ڪنهن کان ڪونه ٿي ڊنا ’ائين ڇو ٿيو؟‘ چاچي پنهنجي دل کان پڇيو. ليڪن ڪوبه جواب سمجهه ۾ نه آيس هو ذهني مونجهاري ۾ ڳئونءَ کي ڪاهي ڳوٺ جي ٻي پر پاڻ کي بچائڻ جي خيال سان هليو ويو.

ٻن ڪلاڪن تائين فائرنگ ٿيندي رهي. ٿوري دير کان پوءِ ماٺ پکڙجي ويئي. ڳوٺن وارا چپ چاپ واپس اچي ويا. هنن جي ايندي خبر پئي ته به مشير ۽ حجم گم هئا. ڪنهن به ماڻهو ڪنهن قسم جي ڳالهه ڪرڻ نٿي چاهي، ان ڪري چاچي پنهنجي اڪيلائي محسوس ڪئي.

چاچي ڳگئونءَ کي ڪاهيو ۽ پنهنجي محنت ڪندڙ هٿن سان سارين واري زمين ڏانهن هليو ويو. ٻنيءَ کي چئوڦير جاچيندي اوچتو سندس نگاهہ حجم جي لاش تي وڃي پيئي جو ماکيءَ جي ماناري وانگر گولين لڳڻ کري هنڌان هنڌان تنگ تنگ ٿيو پيو هو. 'هيءَ تہ وڏو غضب ٿي ويو!' چاچي پنهنجي زمين تي اهڙي طرح ڪنهن بہ مقتول جو لاش نہ ڏٺو هو. رت جي ڪري زمين جو رنگ بدليل هو. چاچي دل ۾ سوچيو 'رت سان هيءَ رنگيل زمين فصل کي خراب ڪري ڇڏيندي، منهنجي پراڻي ملاقاتي حجم جي رت سان ٻڏل اناج کي ڪيئن کائي سگهندس؟' جواب لاءِ ڳگئونءَ ڏانهن نهاريائين. ٻنهي پاڻ کي ٻي زبان سمجهيو ٿوري دير کان پوءِ نامعلوم ڇو روئي ڏنائين. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهين نہ رنو هو ڏاڏي جي موت وقت بہ سندس اکين ۾ ڳوڙهو نہ آيو.

چاچي جي ڳوٺ موٽي اچڻ تائين فوجن ڳوٺ تي قبضو ڪري ورتو. ڪمانڊر چيو:

"هيءَ ڦورُن ۽ ڌاڙيلن جو علائقو آهي، هن کي باهہ ڏيو!"

ڪجھ سپاهين ڳوٺ کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيون، خير ٿيو جو فوجون زياده وقت نہ ترسيون ۽ "خود حفاظتي فوج" جي خبر لهڻ لاءِ ٻين علائقن ڏانهن روانيون ٿيون. ڳوٺ وارن وقت تي پهچي ساري ڳوٺ کي جلي خاڪ ٿيڻ کان بچائي ورتو. چاچي جي گهر جي ڇت جو بہ چوٿون حصو جلي ويو پر هن گاهہ وغيره وجهي ان کي ٺاهي ڇڏيو. هن ڪم ۾ ڪيترائي ڏينهن رڌل رهيو. انهي عرصي ڳگئونءَ کي پر واري ٽڪريءَ تي ڇڏي آيو جتي هو ٻڪ مرندي رهي.

چاچي جڏهين ڏٺو تہ ڳگئون جو پاسريون نڪري آيون آهن تڏهين ارمان وچان چوڻ لڳو:

"حيف! منهنجي غريب ڳگئون!" ۽ حجم جي لاش جو خيال آيس تڏهين بي اختيار ڪائنس هيءَ لفظ نڪري ويا، "هان! هاڻي ڇا ٿيندو؟"

ڳوٺ وارا پنهنجي گهرن جي مرمت ڪري چڪا هئا ۽ سوچي رهيا هئا تہ وري ڪيئن نئين سر زندگي شروع ڪجي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ امن پسندن هڪ جو ٽولو وٽن آيو. جنهن ۾ سڀ هاري هٿيار بند هئا. ساٺن ڪجھ ٻيا بہ نوجوان هئا جي تقريرون ڪندڙ ۽ ماڻهن کي صحيح

حقيقتون سمجهائڻ وارا هئا. هڪ نوجوان وري ٻه اڳئين وانگر ڳوٺ جي چونڪ ۾ بيهي هڪ زبردست تقرير ڪئي، ”پراڻيون فوجون اسان کي تباه ڪرڻ، اسان جي اڳوڻي تحريڪ کي ختم ڪرڻ ۽ اڳوڻي قانون کي وري اسان مٿان مڙهڻ جو ڪوشش ڪري رهيون آهن. انهيءَ ڪري اسان کي همت ۽ جوانمرديءَ سان پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي.“

ڳوٺ وارا ٻه امن پسندن جي فوج ۾ شامل ٿي ويا. ڪين فوجي تربيت ڏني ويئي. منهنجو چاچو ڪيئن ڪانئن الڳ رهي سگهيو ٿي، هاڻ هو ٻه هر روز ٻه ٿي ڪلاڪ بندوق جي استعمال ۽ گولي ڇوڙڻ جي تربيت تي صرف ڪرڻ لڳو. هو جڏهين ٻه بندوق ڇوڙيندو هو ته ڪيس ٻنيءَ تي حجم جي پيپل لاش جو خيال اچي ويندو هو___ هٿ ڏڪندا هئس ۽ دل گهبرائجي ويندي هئس، اهڙي طرح هڪ هفتي جي سکيا کان پوءِ ٻه حشمت جهلي نه سگهيو ۽ هڪ ڏينهن ڳوٺ ۾ هڪ نئين آيل نوجوان وٽ لنگهي ويو. هيءَ نوجوان شهر کان موڪليو ويو هو. چاچي چيس:

”مان هن بندوق بندوق جي ڪتراڳ ۾ نه پوندس، هيءَ ڪم مون کان نه ٿيندو. منهنجي دل اهڙيءَ ته پراڻي نموني جي آهي جو ماڻهن کي گولي هڻڻ جي تعليم قبول ڪري نٿو سگهان.“ ائين چئي پنهنجي بندوق نوجوان کي موٽائي ڏنائين. نوجوان چيس:

”چڱو نيڪ آ، اسين ٻه ماڻهن کي مجبور ڪرڻ نٿا چاهيون ته لڙاڪو بنجن.“

چاچو ڳڻون ڪاهي جهنگ ڏانهن هليو ويو. اتي پهچندي گاهه تي ليٽي پيو. سندس بدحواسي هن حالت کي پهچي چڪي هئي جو ڪڏهين آسمان ڏانهن پئي نهاريائين ته ڪڏهين ڳڻونءَ جي طرف. جا گاهه چرڻ ۽ هر ڪاهڻ کان سواءِ ڪجهه ٻه سمجهي نٿي سگهي. چاچي ٻنيءَ تي ٻه ڪم ڪرڻ نٿي چاهيو جا انساني خون سان داغدار ٿي پئي هئي. ٻي مشڪلات هيءَ هيس جو هاربي جي ڏنڊي ڪندي ڪافي عمر گذاري هئائين. سندس عضوا آرام تي نه هريل هئا. دماغ فصل پوکڻ جي ڳالهه وساري نٿي سگهيو. سندس نگاهون اڄ بنا مقصد هيڏانهن هوڏانهن پٽڪڻ لاءِ تيار نه هيون. اڄ سندس زندگيءَ ۾ هيءَ پهريو ئي موقعو هو جو هن کي بيزاري ۽ بيوسيءَ جو احساس ٿيو.

ڳچ ڏينهن کان پوءِ پراڻين وري پلٽو کاڌو. ڳوٺ وارا هڪ دم مقابلي لاءِ پهچي ويا. هن دفعي ڏاڍي خوفناڪ جنگ لڳي چو ته هن دفعي ڳوٺ وارن به بندوق هلائي ڄاتي ٿي ۽ حجم وانگي سر ڌڙ جي بازي لڳائي ڏاڍي بهادريءَ سان لڙيا. پنهنجي حقن جي خاطر سندس جوش چريائي جي حد کي پهچي چڪو هو. پراڻي فوج کي وڏين وڏين توبن جي مدد ملي رهي هئي ان ڪري ڳوٺ جي چئوڦير گهيرو ڪري آيا. گوليون گهرن جي ڇتن ۾ باهه جا مچ ٻارڻ لڳيون. چاچو هڪ ٽڪريءَ جي پرسان غار ۾ لڪي پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ويهي رهيو. هن بندوقن ۽ توبن جو آواز ٻڌڻ نٿي چاهيو. شام تائين ڳوٺ وارن فوج جا پير ئي اکوڙي ڇڏيا ۽ کين پهرين مورچن تائين هٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

چاچو غار مان اهڙيءَ طرح نڪتو ڄڻ ڪنهن خوفناڪ خواب جي وٺ پڪڙ مان آزاد ٿيو هجي. غار مان نڪرندي ئي ڳئونءَ جي ڳولا ڪيائين جا ٽڪريءَ تي چرڻ لاءِ ڇڏي آيو هو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين پر نظر نه آيس. سج لهي ويو آهستي آهستي اونده ڇانئجڻ لڳي، ٿڪندي ٿڪندي ڳئونءَ جي لاش تي نظر پيس جنهن جو جسم هوبهو حجم جي لاش وانگر گولين لڳڻ ڪري هنڌان هنڌان پرڻ وانگر تنگ تنگ ٿي پيو هو! چاچي ڳئونءَ جي ڊگهي سفيد پڇ کي ڏسندي جو ڪڍهين هو کيس پاڻ ڏانهن ڏسي لوڏيندي هئي، سڃاڻي ورتو. هن روئڻ جي ڪئي پر روئي نه سگهيو. اها ڳئونءَ جا ڪنهن وقت بيحد پياري خوبصورت ۽ نهايت شرميلي پئي لڳندي هئي، سا ان وقت چاچي کي بدصورت نظر اچي رهي هئي. پر ان هوندي به چاچي ائين محسوس ڪيو ڄڻ سندس اولاد هو جنهن کي تاتي پالي وڏو ڪيو هيائين.

ساري رات چاچي جي اک نه لڳي. ڳئونءَ جو خيال کيس ستائي رهيو هو. اها ڳئونءَ جا هن 25 سالن جي پگهر پورهئي مان خريد ڪئي هئي. هن جي ذهن ۾ چڪ لڳندا رهيا. سارين پيدا ڪندڙ زمين هاڻي چانور پيدا ڪري نه سگهندي ۽ زال آٽي نه سگهندي. هو سنئون سڌو ليٽيو رهيو ۽ ساري رات هن جون وحشتناڪ اکيون هڪ گهڙي لاءِ به پورجي نه سگهيون. اهڙي طرح صبح ٿي ويو. هو چرين وانگر ٽپ ڏيئي اُٿي ڪَڙو ٿيو ۽ تکو تکو ڳوٺ جي ڪائونسل ۾ اچي پهتو.

هن مشير کي چيو: ”جناب مون کي بندوق ڏيو!“

”ڪهڙي ڪم لاءِ؟“ نوجوان ڪانئس پڇيو.

”جنگ ڪرڻ لاءِ“

”توکي يقين آهي تہ تون هاڻي وڙهڻ گهرين ٿو؟“

نوجوان هيءَ سوال انهيءَ لاءِ پڇيو جو کيس چاچي جي ڳالهہ تي اعتبار نٿي آيو. ڇو تہ کيس اها ڳالهہ ياد هئي جو چاچي فوجي تربيت حاصل ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

”بيشڪ“ چاچي سخت لهجي ۾ جواب ڏنو ۽ پوءِ آواز کي آهستي ڪندي پنهنجي محنت ڪندڙ ٿلهن ٿلهن هٿن تي اداس نگاهون وجهندي، پنهنجي منهن ڇوڻ لڳو. ”هيءَ بي آراميءَ ۽ هنگامي جو دور آهي، ڳئون، زال ڪنهن جي ضرورت ڪانهي“

نوجوان هڪ گهڙيءَ لاءِ چاچي جي چهري تي نگاهہ وڌي جو ڪيتري سردي ۽ گرمي سهڻ کان پوءِ، مٽيءَ جي رنگ جهڙو ميرانجهڙو نظر اچي رهيو هو. چهري مان جيتوڻيڪ ٿوري سرسامي حالت جهلڪي رهي هئي، پر تنهن هوندي بہ هر هڪ هاريءَ جي چهري وانگر منجهس سنجيدگي ۽ ايمانداري پرپور هئي. نوجوان بندوق ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

ٻنپهرن جو پراڻي فوج وري ٻيهر حملو ڪيو. ڳوٺ جا سڀ ماڻهو مقابلي لاءِ پهچي ويا. چاچو سينيءَ کان اڳ ۾ هو. سندس جوش ۽ ديوانگيءَ جي حالت حجم کان گهٽ نہ هئي.

لڙڻ جي لاءِ ڪا باقاعدي محاذ جهڙي چيز ڪانہ هئي. نہ خندقون هيون نہ ڪواهڙو جهنگل. هارين، وڻن، پهاڙن جي چوٽين ۽ پوکن ۾ پنهنجي پنهنجي جڳهہ سنڀالي. هنن زياده گوليون نٿي هلايون، هنن ان وقت گولي هلائي تي جڏهين ڏٺائون تي لڪيل جاين مان جاگرافيءَ کان اڻواقف حملي آور سپاهي وڏندا وڏندا ويجها اچي ويا آهن. حملي آور بدبختن مان هر هڪ گوليءَ جو نشاني بنجي موت جي ابدي ننڊ سمهندو رهيو.

چاچو هڪ ننڍڙي پهاڙيءَ تي ڪنهن قبر پنيان لڪل هو ۽ فقط اڪيلوئي اڪيلو انڪل تي ڏڙاڏڙ گوليون وسائي رهيو هو. سندس حالت هيءَ هئي جو فقط رائفل جي آواز ۾ مست هو ۽ هٿن مان بندوق جي نالي ٽپ ڏيندي ٿي رهي ۽ بندوق جو ڪنداق ڪلهي سان ٽڪرجندو رهيو. هو

بيحد جوش ۾ هو: ٿوريءَ دير کان پوءِ سندس اتڪل تي فائرنگ ڪرڻ جو دشمن کي پتو پئجي ويو ۽ هڪ سپاهي ڪائنس ڏهن والن تي رائفل سڌي ڪري ظاهر ٿيو. سپاهي چاچي جي ٻاهر نڪتل مٿي جو نشان ورتو ۽ چاچي به ڏانهس رائفل سڌي ڪئي. پر چاچي کي سپاهيءَ جو چهرو ۽ ٻريس، موسم ۾ ڏُڏڙ جيڪري، پنهنجي ڳوناٽي هاريءَ جي چهري وانگر ڏسڻ ۾ آيو. هن سوچيو ته واقعي هيءَ اهو دشمن آهي جنهن کي مارڻو ۽ ختم ڪرڻو آهي. هيءَ اجا سجاڻي ئي سجاڻي تنهن کان اڳ سپاهي گولي ڇوڙي ۽ چاچو ڪري پيو.

شام ٿيندي جنگ ختم ٿي ويئي. حملي آور فوج پچڻ شروع ڪيو. ڳوٺ وارا واپس ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳا. پر چاچي کي نه ڏسي هنن ڳولڻ شروع ڪيو. ڳوليندي ڳوليندي ٽڪريءَ جي ويجهو کين هڪ لاش هٿ آيو. لاش جي حالت هوبهو ڳئونءَ جي لاش جهڙي هئي، ڪو به چئي نٿي سگهيو ته هيءَ ڪنهنجو لاش آهي. گوليءَ جي منهن ۾ لڳڻ ڪري کوپريءَ جو اڌ اڏامي چڪو هو.

آخر چاچي جي هڪ پاڙيسري ٻڍي هاري رڙ ڪئي:

”ڏسو نٿا! هيءَ محنت وارا ٿلها ۽ کُهَرا هٿ، هيءَ لاش چاچي جو ئي لاش آهي!“

❊❊❊

## بورس پولي واءِ

# پويون ڏينهن

متوي ڪزمين، ڳوناٽن ۾ سنياسي تي ليکبو هو. هو ڳوٺ کان پرڀرو ٻيلي جي اورئين ڇيڙي وٽ جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. هو ورلي ملندو هو ۽ سدائين اداس اداس مانيٽو گذاريندو هو. ڪيس پنهنجي پراڻي بندوق ڪلهي تي لٽڪائي، ڪتو ساڻ ڪري ٻيلن ۽ ڊٻٽين ۾ گهمڻ جو نهايت گهڻو شوق هوندو هو. بهار جي موسم ۾ جڏهين وڻن جو تارين تي گونج ٽڙندا هئا ۽ برف سان ڇانيل ٻيلو پکين جي ميلاپ جي تنوار سان ڀرڻ لڳندو هو، تڏهين ڪزمين پنهنجي جهوپڙيءَ جو دروازو بند ڪري، پنهنجي يتيم ڏهٽي واسيا کي ساڻ ڪري ڏورانهين ٻيلي جي ڍنڍ ڏانهن هليو ويندو هو ۽ مهينن جا مهينا اتي رهيو پيو هوندو هو.

ڪولخوز وارن جي جيتوڻيڪ هن سان دل نہ لڳندي هئي تڏهين بہ ڪيس هرون پرون ڌڪاريندا ڪونہ هئا، پر ڪانئس پاسو ضرور ڪندا هئا. خدا ڄاڻي هو ڪهڙي خيال کان ماڻهن سان ملڻ جلڻ کان نٽائيندو هو: ورلي ڳالهائيندو هو ۽ الائي ڪٿي ڪٿي ٻيلن ۾ رلندو وتندو هو. تنهن کان سواءِ ڳوناٽن ٻيلن ۾ شڪار جي عادت بہ گهٽن ڏينهن کان ڇڏي ڏني هئائين ۽ هو پاڻ انهي کان نفرت ڪندا هئا. ان هوندي بہ هو ڪولخوز جو چوڪيدار هوندو هو: اسي ورهين جي عمر هوندي بہ ساري ضلعي ۾ ڪنهن جي ڇا مجال، جو ڏاڍي متوي ۽ سندس خوفناڪ بجر ڪتي شاريڪ جي هوندي، ڪولخوز جي ملڪيت ڏانهن ڪڻي بہ نهاري سگهي.

جنگ جي آفت ويليڪي ليوڪي، ڍنڍ جي علائقي تائين پهچي چڪي هئي. جرمن جي جابلو رائفل فوج جي هڪ پلٽڻ، جا ضلعي ۾ ورهائي ويئي هئي تنهن پنهنجو ديرو راسويت ڪولخوز ۾ ڄمايو هو. پلٽڻ

جي ڪمانڊر کي ڪنهن هن اداس ۽ اڪيلائي پسند ڪندڙ ٻڍي جو ٻڌائي چڏيو هو. ان ڪري هن فيصلو ڪيو تہ ڳوٺ جي وڏيري ٿيڻ لاءِ اهوئي ماڻهو مناسب ٿيندو.

متوي ڪزمين کي، جرمن فوجي هيڊڪواٽر تي گهرايو ويو جو ڪولخوز جي نئين حڪومت جي بلڊنگ ۾ قائم ڪيو ويو_____ ڪيس جرمن برانڊيءَ جو هڪ گلاس ۽ ڳوٺ جي وڏيري جي جڳهہ آڇي ويئي. هن ٻڍي جرمن آفيسر جو شڪريو ادا ڪيو پر ناچاقائيءَ جو عذر ڏيئي شراب پيئڻ کان انڪار ڪيو. هن وڏيري ٿيڻ بابت بہ وڏپڻ، ٻوڙاڻ ۽ ٻين بيمارين جو بهانو ڏنو. جرمنن ڪزمين جي جند ڇڏي ۽ خاص مهرباني طور سندس پراڻي بندوق، جا ڪمانڊر جي حڪم سان جمع ڪئي ويئي هئي سا ڪيس موٽائي ڏني ويئي.

جرمنن، ڪزمين کي وري بهار جي شروعات ۾ ياد ڪيو جڏهين هو حملي ڪرڻ لاءِ ڊنيڊ جي علائقي ۾ پنهنجون فوجون گڏ ڪري رهيا هئا. رائفل فوج کي جنگي محاذ ڏانهن بدلي ڪيو ويو هو. راسويت ڪولخوز ۾ رهندڙ پلٽن کي حڪم ڏنو ويو هو تہ هو ماٺ ميٺ ۾ ٻيلن ۽ ڏٻٽين مان لنگهي، سوويت روسي محاذ تي پهچي جرنل گوربونوو جي فوج تي پٺ کان حملو ڪري. هڪ سونهين جي ضرورت هئي جو ٻيلي جي پيچرن کان چڱي طرح واقف هجي. پلا ڏاڏي متويءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪير انهن جو واقف هو؟ هو سوين دفعا انهن پيچرن مان اچي وڃي چڪو هو. هن کي هڪڙي ڏٻڻ، هڪڙو هڪڙو ديال جو وڻ، هڪ هڪ پٿر ۽ پيچري جي سڃاڻپ جي هر هڪ نشاني ساريل هئي.

پلٽڻ جي ڪمانڊر ٻڍي کي گهرايو. هن متويءَ کي چيو تہ هو ڪين رات جو ڳجهي طرح سوويت روسي محاذ جي پنيان وٺي هلي. جيڪڏهن هن انڪار ڪيو تہ ڪيس شوٽ ڪيو ويندو. جيڪڏهن هن حڪم جي تعميل ڪئي تہ ڪيس پئسا، اٽو، گاسليٽ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ "ٿري رنگس" نالي مشهور ڊونالي بندوق انعام طور ڏني ويندي.

متوي ڪزمين جرمن فوج اڳيان خاموش بيٺو پنهنجي پشمي ٽوپيءَ کي ڇهو ڪندو رهيو. هن هڪ پهريدار وانگر بندوق ڏانهن نهاريو جنهن جون رُڪ جون نالين، سج جي روشنيءَ تي چمڪي رهيون هيون.

آفيسر بي صبريءَ وچان پنهنجي گوڏي سان ميز کي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو. سنڌس قسمت، سنڌس پلٽڻ جي قسمت ۽ شايد هيءَ سموري مهم، جا هيڏي خبرداريءَ سان رٿي ويئي هئي، تنهن جي قسمت جو فيصلو هن ترش ۽ پراسرار ماڻهو جي هٿ ۾ هو. هو هاڻ بندوق تي پونڊڙ لالچي نگاهن کي تاڙي، ٻيلي جي هن اداس ماڻهوءَ جا خيال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"عاليشان بندوق آهي"

ڪزمين آفيسر ڏانهن آڏيءَ اک سان نهاريندي، بندوق جي نالي کي پنهنجن ڪرن هٿن سان ٿپريندي چيو:

"۽ جناب، ڪجهه رقم به ڏيندو؟"

"او_هوا"

آفيسر خوشيءَ وچان هڪ رڙ ڪئي ۽ ترجمان ڏانهن منهن ڪري چيائين "چوينس ته تون سمجهو ماڻهو آهين__ ڏاڍو سٺو." چوينس ته "جرمن ڪمانڊ سمجهدار ماڻهو جو قدر ڪندي آهي. ٻيو ته جيڪي ماڻهو ڪمانڊ جي وفاداريءَ سان خدمت ڪندا تن سان هو فراخدليءَ سان پيش ايندي آهي."

آفيسر بيحد خوش هو. پروسي جوڳو سونهون هٿ اچي چڪو هو. اجا ٻي به ڳالهه هئي. هيترو وقت روشن فرانس ۾ رهڻ بعد جو مصيبت ۾ به محو عيش هو هن ۽ سنڌس پلٽڻ جي ٿڌي توڙي ويران ٻيلي ۾ جيڪي پنج مهينا ڪاٽيا هئا سو هو بي اختيار هنن پراسرار سوويت ماڻهن، هن اداس ملڪ ۽ هنن غير آباد ٻيلائي علائقن کان ڌڃڻ لڳو هوا جتي هر هڪ پٽ، هر هڪ ٻوٽي ۽ هر هڪ ڪانيءَ پويان اوچتوئي اوچتوگوريلا سپاهي ٻڙڪو ڏيئي نڪري ايندا هئا. هتي خود والاريل علائقي ۾ محاذ کان گهڻو پويان به ڪين فل وردي پائي وهاڻي هيٺان گهوڙي چڙهيل روالور رکي سمهڻو پوندو هو.

'پر پئسو پئسوا تڏهين خود هتي، جتي هي عجيب ديوانا وڌندڙ دشمن تي نظر پوڻ شرط پنهنجي گهرن کي باهيون ڏيو ڇڏين، تن وٽ به پئسي جي ساڳي ڪرامت آهي. ٻڍي کهڙين نه سوالي نگاهن سان ڏانهس نهاريو ٿي. شايد هو سوچي رهيو هو ته ڪيس انعام جو ڏوکو ته نه ڏنو ويو

آهي!'

"چوينس تہ ڪيس فراخدليءَ سان انعام ڏنو ويندو. هڪ هزار روبل آچينس!" آفيسر تڪڙ ۾ حڪم ڏنو. پيڍي ترجمان کي ڀڏو. پنهنجي گهاٽن پورن پرن هيٺان تکي نظر سان آفيسر ڏانهن نهاريو. ۽ هڪ پل جي سوچڻ بعد جواب ڏنو:

"تمام گهٽ آهي. توهان مون مان مفت ۾ ڪم ڪيڻ ٿا گهرو."

"پندرهن سئو چڱو پلا ڪٽي ٻہ هزار ڪر."

"سائين، اڌ اڳواٽ."

ترجمان سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري، آفيسر خبرداريءَ سان پئسا ڳڻيا. پيڍي پنهنجي سڪل نسن نڪتل هٿن سان پئسا ميڙيا ۽ بيپرواهيءَ سان پنهنجي ٽوپيءَ جي اندروني تهہ ۾ ڦُسي چڏيا ۽ چيو:

"چڱو آئون اوهان کي انهن ڳجهن پيچرن ڏانهن وٺي هلندس جن جي مون کان سواءِ رڳو بگهڙن کي خبر آهي، جتي هلڻو آهي اها جاءِ ٻڌايو."

ڪمانڊر جاءِ جو نالو ٻڌايو ۽ نقشي تي ڏيکارڻ لڳو.

"مون کي خبر آهي، اها ڪٿي آهي. آئون اتي لومڙين جو شڪار ڪندو هوس. آئون اوهان صبح تائين اتي هلي پهچائي ڇڏيندس....... پر، سائين مون سان بندوق بابت نڳي متان ڪريو."

ڪولخوز وارن ڪيس آفيسر جي گهر کان هميشہ وانگر خاموش نموني ويندي ڏٺو. هن ڪنهن ڏانهن بہ نهاريو نٿي. سندس گهاٽي ڏاڙهيءَ تي هڪ مرڪ ڦهليل هئي. ماڻهن ڊبيل آواز ۾ ڪيس جيڪي گاريون ڏنيون تن جي جواب ۾ هو اداسائيءَ سان مرڪيو ۽ جڏهين ڪولخوز جو اڳوڻو منشي تڪڙيون ٻرانگهون پري اچي پهتس ۽ دڙڪو ڏنائينس:

" جرمنن سان رستو رکندين تہ جهوپڙيءَ کي باهہ ڏيئي ڇڏيندوسانءِ." تڏهين هن سواءِ ڪنڌ ورائڻ جي پڻ پڻ ڪندي چيو:

"ماڻهين کي وچي چئو سنگهہ اگهي ڇڏيئي."

ڪولخوز وارن متويءَ جي جهوپڙيءَ کي پري کان جاچيندي، اڏ ڪلاڪ کان پوءِ متويءَ جي ڏهٽي واسيا کي ڳوڙ پٺن تي رکي جهوپڙيءَ مان نڪرندو ۽ شاريڪ کي سندس پنيان ڊڪندو ڏنو. هو جلدئي بيلي ۾ گم ٿي ويا. هنن پيڍي کي پنهنجون ويڪريون شڪاري اسڪيون ٻاهر

ڪيڊي رڇ جي چربيءَ سان مهٽيندو ۽ هر هر جرمن آفيسر جنهن گهر ۾ رهندو هو اوڏانهن نهاريندي ڏٺو.

ايتري ۾ جرمن وڃڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. آفسير گولي جي ڀڪندڙ روشني ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو پنهنجي پاءَ ڏانهن خط لکي رهيو هو جو جرمنيءَ ۾ عينڪن جي ڪارخاني ۾ انجنيئر هو.

هن لکيو:

پيارا ولي،

مون هيءَ خط مهينو اڳ شروع ڪيو هو. پر ڪنهن طرح پوروئي نٿو ڪري سگهان. ائين ڪونهي تہ وقت ڪونہ اٿم. در حقيقت ايتري واندڪائي اٿم جو نہ پانيان ڇا ويهي ڪريان. هنن خاني خراب ٻيلن ۾ جيڪي مهينا ڪٽيا آهن تن ۾ اسين وري وري ساڳيون بيڪار پريڊون ڪري ڏينهن ڪاٽي رهيا آهيون. هتي انهن پريڊن ۽ قواعدن جي ضرورت بنهہ ڪانہ پوندي، جو روسين جنگ کي اونڌو اُبتو ڪري رکيو آهي ۽ قاعدن بنا پيا وڙهن. اسين اڄ لڙائيءَ تي وڃي رهيا آهيون، مون سوچيو تہ قسمت آزمائڻ ڪان اڳ هي خط پورو ڪري وٺان. . .

مون کي مبارڪ ڏي! ڏسجي ٿو تہ مون هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. مون اوچتوئي اوچتو خدا جي مار پوپس هيءَ پراسرار روسي روح، جنهن اسان کي هيترو آزاريو آهي تنهن جي ڪُنجي ڳولي لڌي آهي. اهائي ساڳي ڪُنجي! جنهن يورپ ۾ هر هنڌ پنهنجي لاءِ دروازا کولي ڇڏيا. منجهس ڪابہ نئين ڳالهہ ڪانهي، پئسو، يار پئسو!! بس سنئون سڌو رواجي پئسو. البت آڇڻ ۾ ٿوري چالاڪي کپي. ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي جو پاڻ هتي تمام ٿوري رشوت استعمال ڪئي آهي، سو سمجهيوسين تي تہ روسي ڪنهن خاص قسم جا ماڻهو آهن جي هر هٽلر جي ٿامي گنن ڪان سواءِ سڌا ڪين ٿيندا. ياد اٿئي! مون توکي جنوريءَ ۾ هتي جي هڪ ڏاڍي آدم جي واري جي شڪاريءَ بابت لکيو هو جو ليئر بادشاهہ جهڙو ٿو لڳي، ۽ هڪڙو نالو اٿس جو مون کي ياد نٿو اچي. (هنن روسي نالن تي ڪا خدا جي وٺ پوي) اڄ مون ان تي تجربو ڪيو پيارا ولي، اعتبار ڪندين تہ تجربو ڪامياب ثابت ٿيو. ٻاهرين بم رکڻ لاءِ ڀرپائين ٿوري گهڙ پيچ

ڪيائين پر نيٺ اسان کي ٻيلي جي ڪُجھن رستن ڏانھن وٺي ھلڻ قبول ڪيائين. ٿھيو سپاھي اچي رپورٽ ڪئي آھي تہ پلٽڻ تيار آھي ان ڪري پانيان ٿو خط ڪنھن ٻئي وقت پورو ڪندس. . .

اسڪي پلٽڻ ننھن ڪان چوٽيءَ تائين ھٿياربند ٿي، پنھنجون مشين گنون برف جي گاڏي تي رکي منھن اونداھي مھل رواني ٿي، جلدئي ھو رستو ڇڏي ٻيلي ۾ گم ٿي ويا. اونداھي گھري ٿيندي ويئي. سرد سوساٽ ڪندڙ برف پئجي رھي ھئي ۽ جلدئي اھڙي تہ اونداھي ٿي ويئي، جو ماڻھو کي اڳيان ويندڙ ماڻھوءَ جي پٺ کان سواءِ ڪجھہ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ٻيڙو شڪاري ڏوڪيندو ٻيلي ۾ گھڙي پيو.

پلٽڻ ساري رات برف جي وسڪارن ۾ سخت برف جي تھہ تي مارچ ڪندي رھي. ھو ڪاھين ۽ جميل نھرن کي لتاڙي، ٻوٽن کي چيريندا وڏندارھيا. آفيسر جي ھٽ ۾ قطب نما ھئي ۽ ڪيترا دفعا متويءَ کي روڪيائين ۽ ترجمان رستي پڇيائين تہ گس ايئن ڦريو چو ٿي، ۽ ھو ڪڏھين منزل تي پھچندا. متوي ھر وقت اھوئي جواب ٿي ڏنو:

”ٻيلن ۾ رستا ڪينھن........ سائين ٿورو صبر ڪريو. پاڻ صبح تائين پھچي وينداسين. “

پاڻ کي اٺاھہ ۽ گجگاھہ ٻيلن مان گھليندي، ھٿيارن ۽ بارود جي بوءِ جي سبب جرمن آھستي آھستي ٿڪجي بيزار ٿيڻ لڳا. اونداھيءَ ۾ ھو وڻن سان وجي ٿي ٽڪريا، ٻوٽن ۾ اٽڪي ٿي پيا. ھڪبئي جي اسڪين تان آٽڙي وجي ٿي ڪريا ۽ مس مس تڪليف سان پيرن پيڙا ٿيا ٿي. ڪين ڪٿڪو ٿيڻ لڳو تہ ھن اونداھيءَ ۾ خاموشيءَ سان، پر ھيبتناڪ پڻ پڻ ڪندڙ ۽ نظر نہ ايندڙ ٻيلو جاڻي ٻجھي مٿن برف جا وسڪارا وسائي رھيو ھو. ڪنڌائن چنبن سان ڪين وردين مان ڇڪي رھيو ھو ۽ سندن آڏو وڻ کڙا ڪري رھيو ھو. نائڪ جا واڪا ھاڻ ٿڪ سبب چور ٿيل، رڙھندڙ قافلي جون قطارون درست ڪري نٿي سگھيا.

برف سان ڇانيل آسمان ۾ پرھہ جي ڦھرين باک ڦٽڻ مھل قافلي جو اڳيون دستو آخر ٻيلي جي ڇيڙي وٽ وجي پھتو ۽ ھڪ ٻوٽن سان ڀريل ڪاھيءَ جي مٿان پڌري پٽ ۾ وجي منزل انداز ٿيو!

”پانئجي پيو تہ اچي پھتا آھيون، متوي ڪرمين پلجڻ وارو

ڪونهي“ ٻڌي ڇيو.

ٽڪي ڇور ٽيل آفيسر نانجها ٽي برف تي ڪري پيا ۽ پنهنجي سيءَ کان سڪي پيل، ڏڪندڙ آڱرين ۾ مشڪل سان سگريٽون دکائي ڇڪڻ لڳا. سندن سفيد وردين واٽ ۾ ڦاٽي ليڙون ليڙون ٽي، ميريون ٽي ويون هيون. نائڪ جي ڳجهيل نڙيءَ سان واڪا ڪري ڪين ميڙي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. متوي ڪزمين پٽ تي ويهي مرڪي رهيو هو. ۽ چمڪندڙ برفاني زمين مٿان اڀرندڙ گلابي سج جو منظر ڏسڻ لڳو. هن آڌي اک سان جرمنن ڏانهن نهاريندي هڪ معنيٰ خيز مرڪ لڪائڻ جي ڪاٻہ ڪوشش ڪانہ ڪئي.

صبح خاموش ۽ سرد هو. ٽلها ٻاڙهي ڇاتيءَ وارا ٻيلائي پکي وڻن تي چيون چيون ڪري رهيا هئا. تمام ويجهو ڪٿي ڪنهن هنڌ ڪتي باهوڙ ڪئي.

”متوي ڪزمين پلجڻ وارو ڪونهي“ ٻڌي ٻيهر ڇيو.

سندس جهڳٽائين ڏاڙهيءَ مان هڪ فاتحاڻي مرڪ ابري، سندس ڳنجهيل ڳلن جي اونهن خالن تان پکڙجي ويئي ۽ سندس ترش چهرو ٻهڪي اٿيو.

اوچتو مشين گنن جي ڏڙ سان خاموشي ڇيرجي ويئي. گوليون اوناڙ ڪري زمين تي برف جا چشما پيدا ڪرڻ لڳيون. هر فائر ۾ پڙاڏو وجهڻ لڳو. ٽاريون تان برف ڪرڻ لڳيون.

مشين گنون بلڪل ويجهون هيون ۽ انڌا ڌنڌ گوليون ڇوڙي رهيو هيون. جرمن سپاهي مونجهاري وچان ٻتال تي ڌپ ۽ هراس ۾ سخت برف مٿان ڪري پيا، ۽ مشين گنن برفاني ميدان مٿان قافلي تي ٻن طرفن کان آمهون سامهون موتمار وسڪارو لائي ڏنو. جرمن جڏهين هوش ۾ آيا تڏهين اٽي ٻيلي ڏانهن منهن ڪري ڀڳا، پر ايتري ۾ ٻوڻن پنيان تامي گنون غصي کان ڏڙ ڏڙ ڪرڻ لڳيون. سپاهي هيبتناڪ دانهون ڪري اسڪيمون ڇڏي پوئتي ڀڳا ۽ هڪ ٻئي پنيان پٽ تي سمهڻ لڳا. چمڪندڙ برف تي واٽ قاتل ميريونورديون پکڙجي ويون. آفيسر هوش سنڀالڻ شرط ٻڌي ڏانهن ڏوڪيو.

متوي ڪزمين مٿو اگهاڙو ڪري پٽ تي ويٺو رهيو. هو پري کان

ڏسڻ ۾ پئي آيو. هوا سندس ڏاڙهي ۽ نڪ جي وارن کي ڦڙڪائي رهي هئي. سندس ليٽا پائيندڙ اکين ۾ جوانيءَ جو نشو اڃا چڙهيو هو. اهي سندس گهاٽن ڀرن هيٺان چٽي طور چمڪي رهيون هيون. اٿاهه خوشي ڀريل نگاهن سان جرمنن کي رڍن وانگر چوڌاري ڊوڙندو ڏسي رهيو هو جن پاڻ کي بچائڻ جي نالي ماتر به ڪوشش ڪانه ٿي ڪئي.

آفيسر جا وار سندس ٽوپي هيٺان اُڀا ٿي بيٺا جن هڪڙي لحظي لاءِ بيحد هراس وچان هن ٻيلي جي ماڻهو ڏانهن نهاريو جو موتمار ميدان جي وچ ۾ هڙهڙي پرسڪون خوشيءَ سان بيٺو هو. آفيسر سٽ ڏئي پنهنجو روالور ڪڍيو ۽ ٻڍي جي پيشانيءَ جو نشان ورتائين.

متوي ڪزمين بيدپائيءَ سان کلندي سندس منهن ڏانهن نهاري چيو:

”تو ٻڍي متوي کي خريد ڪرڻ ٿي گهريو... توهين ٻين کي به پاڻ جهڙو ٿا سمجهو فاشي حيوان...“

ٻڍي پنهنجي ٽوپيءَ جي ٻيڙِ مان سئو رپين وارا نوٽ ڪڍي آفيسر جي منهن ۾ اڇلي هنيا. ۽ نفرت وچان روالور ڏانهن پٺ ڪئي ڏنائين. هنن ڏنو ته روسي گنن وارن ڪيس گولي لڳڻ جي ڊپ کان جنهن دڙي تي پاڻ بيٺو هو اوڏانهن فائر نٿي ڪيو. جرمنن به اهو ڏٺو تن دڙي جي آڙ وٺي ٻيلي ڏانهن ڀڄڻ شروع ڪيو. منجهانئن ڪي برف جو وسڪارو جهلي سلامتيءَ سان ٻيلي جي ڇيڙي وٽ پهچي چڪا هئا.

متوي ڪزمين پنهنجي پراڻي ٽوپي لوڏي ۽ ڦڦڙن جي پوري قوت سان رڙ ڪئي:

”ڇوڪرا!! ٻڍي متويءَ جو خيال متان ڪريو. وٺونِ! هڪڙو به جيت متان ڇڏيو... متوي...“

هو رُڪجي ويو ۽ جرمن آفيسر جي گولي سبب آهستي زمين تي ڪري پيو. پر آفيسر به نه بچيو. هو اڃا ٻه قدم به نه وڌيو هو ته مشين گنن ڪٽي ورتس.

پري ڪاهيءَ وٽ خوشي جو نعرو لڳو جو هر پل وڌو ٿيندو ويو. ٽامي گنن وارا هوا سان پالش ٿيل برف تي ڇلانگون ڏيندا ٻيلي ۾ گهڙيا. ڊوڙندي، فائر ڪندي هنن ڀڄندڙ جرمنن جو پيڇو ڪيو ۽ پويان گولين جو

وسڪارو ڪندي ڪيترن کي ڪٽي ورتو ۽ ڪائنن هٿيار ڪَسي ورتا. ۽ پيرن جا نشان ڪٽي باقي ويلن پٺيان ڊوڙيا.

ٻڌي شڪاريءَ جو ڏهٿو واسيا. جنهن کي نانس سوويت فوجين کي چِتا ڏيڻ لاءِ موڪليو هو سو تامي گنن وارن سان گڏ هو. وڏندڙ سپاهين پوپان شاريڪ ڊڪندو پٺي آيو جو ڪاوڙمان پونڪڻ ۽ برف مان گهلجڻ ڪري ساهيءَ ۾ پرجي ويو هو. اوچتو هو بيهي رهيو ۽ بدحواسيءَ وچان ڪن ڪڙا ڪيائين. ٻيلي ۾ هڪ لڙائيءَ جي غوغا جي وچ ۾ هڪ ڏک واري ۽ ڊگهي اوناڙ ٻڌڻ ۾ آئي.

ويليڪي ليوڪي علائقي جي ويجهو راسويت ڪولخوز جي باشندي متوي ڪزمين پنهنجي لمبي حياتيءَ جو پويون ڏينهن اجهو ائين گذاريو. ڪيس لووات ندي جي اوچي ڪناري تي آفيسر وانگر فوجي آب تاب سان خاڪ جي سپرد ڪيو ويو. سفيد ميدانن ۾ پوري رنگ جي تازي قبر تي توب جا ڌڪا ٿيا.

ساڳي شام جو سوويت فوج جي جاسوسي کاتي جي حاڪم اعليٰ، مئل جرمنن جي دستاويزن جو معائنو ڪيو ۽ جرمن آفيسر جو اهو خط پڙهيو هو جو هن پنهنجي پاءَ کي لکيو ٿي.

هيءَ ڪهاڻي 52_1950 ڌاري
سنڌ ۾ نئين سجاڳيءَ جي پهرين روشن خيا
ل سلسلي "پرهه ڦٽي پبليڪيشن" ۾ شايع ٿي
جنهن جو باني ڪامريڊ ابن حيات پنهور هئو

# کتاب

---

# چار دا ٹا

---

ناول

خواجہ احمد عباس

# پنهنجي قلم مان ـــــ

”خواجہ احمد عباس “ هڪ حقيقت شناس ۽ حقيقت نگار اديب آهي، جو زندگيءَ جي لاهين چاڙهين ۽ هيٺ مٿاهين ۾ هميشہ مظلوم ڌر جي مدد ڪندو رهي ٿو. خاص طور اڙدو ۽ هندي ادب ۾ ڪافي ڄاڻ سڃاڻ آهي. اسان جي سنڌ اندر بہ اهڙا ڪيترائي دوست ملي سگهندا جي خواجہ جي ادبي خدمتن جو اعتراف ڪندي رهي نہ سگهندا.

”چار داڻا“ اصل ۾ هندي زبان ۾ مصنف جي پنهنجي ادبي تخليق آهي. جتان پهرين بہ ڏاڻا ”آمريڪا جو داڻو ۽ چين جو داڻو“ مڪتبہ شاهراه دهليءَ وارن پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪري هڪ نيڪ ۽ ادبي خدمت سرانجام ڪئي آهي. مون بہ ساڳي تصويرڪي ، جا خواجہ جي بلند شخصيت ۽ انسان دوستيءَ سان ڀرپور آهي، تنهن کي پنهنجي طاقت آهر سِنڌي لباس پهرائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي، ان هوندي بہ منجهس ڪيتريون خاميون رهجي ويون آهن، پر ساڳي وقت افساني جي روح ۽ مصنف جي اصلي مقصد سان ڪابہ هٿ چراند ڪانہ ڪئي اٿم.

منهنجي هن اڌوري محنت جو اهوئي هڪ مقصد آهي تہ اسان جا اهي نوجوان جن ۾ زندگيءَ جي جستجو آهي سي منجهانئس ڪي ڪجھ لاڀ پرائين.

ابن حيات پنهور

# هندستاني داڻو

بمبئيءَ جي بندرگاهہ تي چار غير ملڪي جهاز بيٺل آهن، جي
ٻين ملڪن مان ان سان ڀريا آندا ويا هئا. جهاز خالي ٿي چڪا آهن،
منجهانئس ڪٽڪ جون ڳوٽيون لاهي، ريل گاڏيءَ جي وسيلي ٻهار ۾
ملڪ جي ٻين حصن ڏانهن روانيون ڪيون پيون وڃن. اوچتو جهازن جون
سيٽيون لڳيون ۽ دونهين جا ڪڪر هوا ۾ اڏامندي، چارئي جهاز پنهنجو
پنهنجو رستو وٺي هليا ويا. بندر جي خلاصين جتي ان جون ڳوٽيون لاٿيون
هيون، اتي ٻهاري ڏيئي، رهيل کهيل داڻن کي بہ چپٽين سان چونڊي سمنڊ ۾
اڇلائي ڇڏيو.

گوديءَ جي فرش ۾ هڪ ڏار هو جنهن ۾ چار داڻا رهجي ويا، ٿي
ڪٽڪ جا ۽ هڪ چانورن جو. ٻهاري ۽ چپٽيءَ کان اهي بچي ويل چارئي
داڻا انهي ڏار ۾ اهڙي طرح لڪل ۽ دٻيل هئا، جهڙي ريت جنگي مورچي تي،
دشمن جي حملي کان بچڻ لاءِ سپاهي لڪي وهندا آهن. سارو ڏينهن اهي
داڻا اهڙو تہ خاموش رهيا، جڻ سندن وات ۾ زبان ئي نہ هئي، جڻ تہ رڳو ان
جا داڻا ئي هئا. اڌ رات کان پوءِ جڏهن دنيا جي هر چيز چانڊوڪيءَ جي
طلسمي چادر ڍڪي سمهي پوي ٿي، ۽ فقط محبت ئي جاڳندي رهي ٿي، ان
وقت چنڊ جي فراق ۾ سمنڊ ڪر موڙڻ شروع ڪري ٿو هوا تڏيون آهون
ڀري ٿي، انسانن جون زبانون خاموش ٿي وڃن ٿيون، ڪائنات جاڳي اٿي
ٿي، سمنڊ جي هرهڪ لهر پنهنجو پنهنجو مڌر راڳ ڇيڙي ٿي، ان وقت
اوچتوئي اوچتو چئني داڻن پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪئي.

ڀريون داڻو جو ٻين سيني داڻن کان وڏو هو ۽ نڪ مان ڳالهائي
رهيو هو سو اهڙي ريت تڙ تڪڙ ۾ ننڍا ننڍا جملا ڳالهائيندو ٿي رهيو جڻ
سندس زبان ڪنهن تيز رفتارموٽر ۾ سوار هجي، ۽ ڪيس وڃڻ جي تڪڙ
هجي، نہ معلوم تہ ڪيڏانهن ۽ ڇا جي ڪري هو چوڻ لڳو:

"پائرو! هي گهڙي شايد وري نہ اچي... ڇو نہ پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رات ڪاٽجي، قسمت سان اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهيون. ڪهڙي خبر... سڀاڻي ٻهاري جي تيز سان ڪيڏانهن ڪيڏانهن هليا وڃون!!"

ٻيو داڻو جو ڀهرئين وانگر ڏگهو ۽ مضبوط هو ۽ جنهن جو رنگ ڀهرين داڻي وانگر سرخي مائل هو سو اهڙي تہ ڪڙڪي ڪندڙ آواز ۾ ڳالهائي رهيو هو ڄڻ انقلابي نعرو هڻي رهيو هجي... يا زور زور سان ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هجي... چوڻ لڳو:

"اهو نيڪ آهي دوست! سڀاڻي سوير اسان کي ضرور هڪٻئي کان وڇڙڻو پوندو.

آئون پنهنجي آمريڪي دوست جي هن خيال سان همراهہ نہ آهيان تہ اسان کي قسمت يا اتفاق هن هنڌ اچي گڏ ڪيو آهي... ڪڻڪ ۽ چانورن جا داڻا هجن يا انسان، تاريخ جي هوا انهن کي ڊوڙ ۾ دز وانگر ڪنهن طرف اڏائي نہ ٿي وڃي. اسين ۽ اسان جا دوست انسان، انهي طرف وڃون ٿا، جنهن طرف اسان جون تاريخي، سماجي، اقتصادي حالتون ۽ رجحان، اسان کي وٺي وڃڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. جيڪڏهن منهنجي ساٿيءَ جو مارڪس جي فلسفي جو غور سان مطالعو ڪيل هجي ها تہ هو اهڙي غلطفهميءَ ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿئي ها... بهرحال مان انهي تجويز جي پٺڀرائي ڪريان ٿو تہ پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رات گذاري وڃي."

ٽيون داڻو جو هو تہ ننڍو مگر بدن ۾ ڀريل ۽ مضبوط هو سو اهڙي طرح تہ ڳالهائي رهيو ڄڻ هزارن سالن جي ننڊ مان هينئر جاڳيو هجي... چوڻ لڳو:

"دوستو! اها تجويز نهايت معقول آهي. اسان جي ملڪ جي هڪ وڏي فلسفي، جنهن هزار ورهيہ اڳ چيو هو تہ "سڀ انسان ڀائر آهن... پر آئون چوان ٿو تہ ان جا داڻا بہ سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن، نہ تہ ڪهڙي ريت دنيا جي چئني ڪنڊن مان هلي، هن ڌارئي ديس ۾ اچي، پٿر جي هن ڏار ۾ گڏ ٿيون ها!"

چوٿون داڻو جو سينيءَ کان ننڍو هو ۽ جنهن جي بدن تي سائو رنگ جهلڪي رهيو هو جنهنجي بدن ۾ جوانيءَ جو جوش بہ هو ۽ ٻاراڻو

ضد بہ.... هو چوڻ لڳو:

"پائرو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ هي ديس ڏاريو نہ آهي. منهنجو پيءُ انهيءَ زمين تي پيدا ٿيو هو ڇاجي ڪري هن کي هتان ڪڍيو ويو ۽ ڪيئن آئون اڄ هتي واپس آيو آهيان، سو بہ هڪ عجيب داستان آهي، جو وقت اچڻ تي آئون اوهان کي کولي ٻڌائيندس. پر منهنجو خيال آهي تہ، تہ جنهن سلسلي ۾ اسين اڄ هن هنڌ ڪٺا ٿيا آهيون، ان بابت پنهنجي پنهنجي رام ڪهاڻي ٻڌايون."

هينئر ٽنهي ڏاڙن جون نگاهون پهرين ڏاڙهي ۾ وڃي ڪتيون. اهو ڏاڙهو جو ٻين کان ذرا وڏو ۽ مضبوط هو ۽ جنهن نڪ منجهان ڳالهايو پئي، سو اهڙي تڙ تڪڙ ۾ ننڍا ننڍا ڳالهائيندو ٿي رهيو جڻ سندس زبان ڪنهن تيز رفتار موٽر ۾ سوار هجي، ۽ ڪيس وڃڻ جي تڪڙ هجي. . . سو چوڻ لڳو:

"پائروا، اوهان سڀني منهنجي ملڪ آمريڪا جو نالو تہ ٻڌو هوندو. . . اسين پنهنجي ملڪ کي "پڳوان يومي" چوندا آهيون ۽ آهي بہ برابر اهڙي، ڏٽيءَ جي مهربانيءَ سان ڪابہ نعمت اهڙي نہ آهي جا اسان کي ميسر نہ هجي. اسان جي شهرن جون عمارتون ايڏيون تہ وڏيون آهن جو سنڌن چوٽيون ڪڪرن سان لڳندي نظر اينديون آهن، اسان وٽ آباديءَ جا ايڏا تہ وڏا کيت آهن جو هڪ پڙيءَ کان ٻي پڙيءَ تائين وڃڻ لاءِ ريل گاڏي يا موٽر ۾ ٿي وڃڻو پوندو آهي، منهنجي پيدائش بہ اهڙن کيتن ۾ ٿي، جتي هر، پاڻ، ٻج ۽ پاڻي، مشينن سان ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن برسات نہ پوي يا برسات ۾ دير هجي، تہ هوائي جهازن رستي ڪڪرن تي هڪ اهڙي گئس اڇلي ويندي آهي، جو ڏسندي ڏسندي برسات پوڻ شروع ٿي ويندي آهي. جڏهن مون کي ۽ منهنجن پائرن پيٽن ڪيڙا ۽ جراثيم ستائڻ شروع ڪندا آهن، تہ هوائي جهاز کي تمام هيٺ اڏائي، هڪ زهريلي گئس ڇٽڪائي ويندي آهي، جنهن سبب جيت ۽ جراثيم هڪدم مري ويندا آهن ۽ اسان تي ان گئس جو ذري جيترو بہ اثر نہ پوندو آهي. جڏهن فصل پچي تيار ٿئي تڏهن مشين رستي لُٽي، ڳاهي موڙي صاف ڪري، لوهہ جي تمام وڏن خالي منارن ۾ بند ڪيو ويندو آهي.

دوستوا مان بہ انهي مشينن جي ماحول ۾ ڄائس ۽ نپنس، اوهان کي يقين ڪرڻ گهرجي تہ اوهان کان ڪو گهٽو مختلف نہ آهيان.

منهنجي چيني يا سچ چيو تہ رڳو دنيا جا انسان نہ، پر دنيا جي ان جا ڏاڏا بہ پاڻ ۾ پائر آهن“ مون کي اجا تائين ياد آهي تہ جڏهن آئون نپجي پلجي جوان ٿيس تہ ڪيترا ڏڳها ڪيت سونهري وارن سان چمڪي رهيا هئا.... اهڙا تي ڏسڻ ۾ آيا جهڙو هڪ چوليون هڻندڙ سمنڊ، جنهن جي لهرن جو سلسلو ساري دنيا کي چوگرد گهيريندڙ هجي، ۽ ان وقت نہ معلوم ڇا جي ڪري منهنجي دل ۾ هيءَ خيال اچي ٿيو تہ جيڪر انهن لهرن مٿان اڏامي ساري دنيا جو سير ڪري اچان، ان وقت مون سوچيو تہ هندستان ضرور ويندس... ضرور ويندس... پر منهنجي دل ۾ هن ديس ۾ اچڻ جي خواهش ڇو ۽ ڇا جي ڪري پيدا ٿي، انهي ٻڌائڻ لاءِ مون کي پنهنجي دوست برٽ جو تعارف ڪرائڻو پوندو.

برٽ جو پورو نالو رابرٽ آهي، رابرٽ سمٿ. پر گهروارا ۽ دوست کيس، برٽ جي نالي سان سڏيندا هئا. اوهين جيڪڏهن هن کي ڏسو تہ خوش ٿيو بلڪل خوبصورت قداور جوان، سونهري وار، سونهري ننڍيون ننڍيون مُڇون. هن سان منهنجي گهاٽي دوستي آهي، ڇو تہ کيت تي ڪم ڪرڻ وارن مان هڪ اهوئي هو جو اسان سان محبت ڪندو هو. شام جو جڏهن ڪم ختم ٿي ويندو هو ۽ ٻيا سمورا مزور پر واري ڳوٺ ۾ بيئر پيئڻ ۽ ڇوڪرين سان عشق بازي ڪرڻ لاءِ هليا ويندا هئا . . . تڏهن برٽ اسان وٽ کيت جي منڊيءَ تي اچي ويهي رهندو هو يا آرام ڪرڻ لاءِ ليٽي پوندو هو ۽ سگريٽ پيئندو رهندو هو. ڪڏهن پرسان لنگهندي کو ساٿي پڇندو هئس تہ

’برٽ! تو کي ڇا ٿيو آهي؟ ڏوڙ ۾ ويهي ڪپڙن جي ستياناس ڪري ڇڏي اٿئي.“

برٽ جواب ڏيندو هو تہ مون کي مٽيءَ جي خوشبوءِ وڻي ٿي ۽ ايئن هو کلي ڏيندو هو. پر هن جي نيرين اکين ۾ اُها مرڪ ڪٿي. خبر نہ آهي تہ هو ڪهڙي گهري سوچ ۾ ۽ پراڻي ياد ۾ وڃائجي ويندو هو. . . سگريٽ جي دونهين جي ڪڪرن ۾ هن جا خيال خبر نہ آهي ڪٿي ۽ ڪيترو پري اڏامندا هليا ويندا هئا. . .

برٽ جي هڪ ٻيءَ بہ عادت هئي، جنهن مان مون کي حيرت ونندي هئي، جڏهن هو آسمان کي نهاريندي نهاريندي ٽڪبو هو تڏهن

سندس اکيون آسمان ۾ ڪُپي ويندڙيون هيون، هن جي اکين جي گهرائيءَ ۾ هڪ عجيب چمڪ پيدا ٿي ويندي هئي، ڄڻ ڪنهن معشوق جي ديدار سان عاشق جي اکين ۾ پيدا ٿئي. هڪ ڏينهن هو منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي اهڙي طرح نهارڻ لڳو جو مون کان پاڻ-جهليو نہ ٿيو. . . ۽ مون کلي پڇيس:

"برٽ! تون مون کي اهڙي طرح گهوري رهيو آهين، جيئن ڪو عاشق پنهنجي معشوق کي.... ممڪن آهي تہ اوهين پڇو تہ ڀلا انسان ان جي داٽن سان ڪيئن ٿو ڳالهائي سگهي، ۽ ڪهڙي زبان ۾؟ انسان هجن، جانور هجن، يا اسين بيجان ان جا داٽا، محبت ڪرڻ وارا هڪٻئي سان پنهنجو بيان ظاهر ڪيو ڏين.

ها تہ پوءِ مون پڇيس:

"برٽ تون مون ڏانهن هن نموني ڇو ٿو گهورين؟"

انهيءَ تي هو هڪ وڏو ۽ ٿڌو ساهہ کڻي چوڻ لڳو:

"تو کي ڏسندي مون کي ڪنهن جي ياد ٿي اچي."

"ڪير هئي اُها؟" مون پڇيس، ۽ اهو مان بہ سمجهي ويس تہ ضرور ڪا ڇوڪري هوندي.

"سوشما"

"سوشما! هي تہ عجيب نالو آهي. ڇوڪرين جا نالا تہ مون ڪيترائي ٻڌا آهن: ميري، ماريا، سٽيلا، سلويا، مارگريٽ، مگر سوشما. . . هيءَ ڪهڙو عجيب نالو آهي؟"

"هيءَ هندستاني نالو آهي، دوست!"

"هن کان اڳ تہ مون ڪڏهن بہ هندستان جو نالو نہ ٻڌو هو تنهنڪري مون برٽ کان پڇيو:

"مون کي ڏسندي تو کي انهي هندستاڻ ڇوڪريءَ جي ياد ڇو ٿي اچي؟ ڀلا ڪٽڪ جي بوجرن وانگر هن جا وار بہ سونهري تہ نہ هئا؟"

"نہ" برٽ آهستي چوڻ لڳو جيئن لفظ هن جي زبان مان نہ، پر سندس يادگيريءَ جي گهرائيءَ مان نڪري رهيا هجن.

"هن جا وار ڪارا هئا، گهريون ڪاريون اکيون، ۽ رنگ تو وانگر ڪٽڪ جهڙو هو هوبهو تو وانگر. تنهنجي ڏسندي هن جي ياد انهي ڪري

اڇي ٿي جو هو بُکايل آهي ۽ مان هن کي ڪٽڪ جا چند داڻا موڪلڻ چاهيان ٿو پر موڪلي نہ ٿو سگهان...“

۽ پوءِ آهستي آهستي سگريٽ مان سگريٽ دکائيندي هن سوشما سان پنهنجي ملاقات ۽ محبت جي ساري ڪهاڻي ٻڌائي...

ٻي مهاڀاريءَ ۾ جڏهن جپان جون فوجون هندستان جي سرحد تي پهتيون هيون، برٽ آمريڪا جي هوائي ٻيڙي ۾ ليفٽيننٽ هو ٻين آمريڪي هوابازن سان هن کي بہ آسام جي هوائي اڏي تي موڪليو ويو جتي هو جپاني بمبازن ۽ هوائي جهازن جو مقابلو ڪندو هو. هڪ ڏينهن برٽ هڪ جپاني جهاز جو پيڇو ڪندي تمام پري نڪري ويو. دشمن جي ٻن هوائي جهازن موقعو ڏسي مٿس گوليون وسائڻ شروع ڪيون، هن جيئن تيئن ڪري هوائي جهاز کي بچايو مگر ريڊيو ۽ ڪمپاس ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا، ڪڪرن ۾ رستو وڃائجي ويو جنهنڪري ڪيتروئي وقت هو برما ۽ آسام جي سرحد تي رڙهندو رهيو آخر پهاڙن کي ڇڏي، هن ميدان جو رخ ورتو پر کيس ڪٿي بہ هيٺ لهڻ جي جڳهہ نظر نہ آئي_ برسات جي موسم هئي، هرهنڌ پاڻي ئي پاڻي ٿي نظر آيو. جڏهن هوائي جهاز جو پيٽرول ختم ٿي ويو تڏهن جهاز کي خيرباد چئي پيراشوٽ (هوائي ڇٽي) ٻڌي هيٺ ٽپو ڏنو... ڇٽيءَ کُلڻ جي جهٽڪي ۾ ئي هو بيهوش ٿي ويو... مگر هيٺ ڪرڻ جو احساس اڃا ڪي هئس... ايسيتائين جو هن کي ايئن محسوس ٿيو چڻ ڪنهن کيس ماءَ جي نرم جهوليءَ ۾ وجهي وڌو هجي...

جڏهن هن کي هوش آيو تہ هو سارين جي هڪ پاڻي ڀريل ٻنيءَ ۾ ڪن_ ڪچري ۾ ليٽڙيو پيو هو. کيس هڪ ٽنگ ۾ تمام سخت ايذا آيو. سامهون بہ چمڪندڙ ڪاريون اکيون کيس گهوري رهيون هيون، جن ۾ مرڪ بہ هئي سنجيدگي بہ، تعجب بہ هو ۽ اطمينان بہ. سوال بہ هو ۽ جواب بہ محبت بہ هئي ۽ حريفاڻو انداز بہ.

سوشما پنهنجي ساٿين جي مدد سان برٽ کي اتان کڻي پنهنجي گهر وٺي آئي، هن جو پيءُ ڊاڪٽر هو. معائني مان معلوم ٿيو تہ برٽ جي هڪ ٽنگ ڀڄي پيئي آهي. ڊاڪٽر جي علاج ۽ سوشما جي پرگهور هيٺ برٽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ نيڪ ناڪ ٿيو. پر اڃا گهمڻ ڦرڻ جهڙو نہ هو. ان عرصي ۾ ليٽندي ليٽندي هو ڏسندو رهندو هو تہ هر روز رات جو انهي گهر ۾

ڪيترا نوجوان ايندا هئا، جن جي پاڻ ۾ سس پس ٿيندي هئي. ڪنهن ڳجهي جا تان هٿيار گوليون ۽ بارود ڪيڏي پرهه ڦٽندي ئي اهي نوجوان غائب ٿي ويندا هئا. پهرين رات جو جڏهن هن اهو ڏٺو سمجهيائين ته بخار جيڪري شايد مون خواب ڏٺو آهي. صبح جو سوير جڏهن سوشما چانهه کڻي آئي، تڏهن رابرٽ ڪانئس رات جي عجيب واقعي متعلق پڇيو. سوشما پنهنجي گهبراهٽ تي قبضو ڪندي چوڻ لڳي:

"اوهان ان باري ۾ مون کان ڪو به سوال نه پڇو ۽ نه جواب ملڻ جي اميد ڪريو" برٽ سمجهي ويو ته سوشما جو گهر ڪنهن انقلابي جماعت جو هيڊڪوارٽر آهي. برٽ کي سندس انگريز ساٿين به ٻڌايو هو ته هندستاني انقلابي، جنگ جي وقت ۾ ڪئيٽ انڊيا جي تحريڪ هلائي رهيا آهن، اصل ۾ جپان جا فاشسٽ بگهڙ آهن، غدار آهن، جمهوري محاذ جا دشمن آهن. انهي لحاظ سان سوشما برٽ جي.... هر انگريز ۽ آمريڪي سپاهيءَ جي دشمن هئي. پر نه ڄاڻ ڇو برٽ کي هو دشمن نه، بلڪ دوست معلوم ٿيندي هئي. هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ايتري نرمي هئي، هن جا هٿ ايترا ملائم هئا، هن جي اکين ۾ ايتري معصوميت ۽ محبت هئي جو هو ڪنهن جي به دشمن ٿي نٿي سگهي.

سوشما انگريزي چڱي طرح ڳالهائي سگهندي هئي، جڏهن به موقعو ملندو هو ته برٽ هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ نه هو برٽ سان ڪنهن سياسي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ چاهيندي هئي، جي ڪنهن وقت اهڙو بحث ڇڙي به پوندو هو ته هو هي چئي ٽاري ڇڏيندي هئي:

"اوهين اسان جا مهمان آهيو ۽ بيمار آهيو انهي ڪري مان اوهان سان بحث نه ڪنديس، مان ڄاڻان ٿي ته اوهان اسان کي جپاني فاشسٽن جا ايجنٽ سمجهو ٿا، مان ڪا به صفائي ڪرڻ نٿي چاهيان. اوهان جيئن به سمجهو فقط هي ياد رکو ته اوهان انگريزن جي مدد ڪرڻ آيا آهيو انهي ڪري اسانجا ماڻهو به اوهان کي دشمن ڄاڻن ٿا."

برٽ چيس:

"سوشما مان هندستان جي آزاديءَ جو مخالف نه آهيان، منهنجي پڙ ڏاڏي به انهن انگريزن سان لڙي، اسان جي آزاديءَ واري جنگ ۾ جان ڏني

هئي. مگر اڄ جڏهن جمهوريت ۽ فاشزم جي ڀيانڪ ٽڪر تي رهي آهي...“

”انهي ڪري هندستان هندستانين کي انگريزن جي غلامي قبول ڪرڻ گهرجي. اوهين اهوئي ڪرڻ گهرجي. اوهين اهوئي چوڻ گهرو ٿا نہ؟“ سوشما ڪڙڪو ڪري جواب ڏنو ۽ برٽ خاموش ٿي ويو. وري چوڻ لڳو:

”سوشما خفا نہ ٿي مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. مان اوهان جو دشمن نہ آهيان.“

”تہ پوءِ بحث ڇڏ. ڪا ٻي ڳالهہ ڪر.“

”ڪهڙي ڳالهہ ڪريان؟“

”ڪابہ“

”توکي نچڻ ايندو آهي؟“

”ها“

”تہ پوءِ جڏهن مان گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيان تہ مون سان نچندين؟“

”اون_____ اسان وٽ انهي نموني مرد ۽ عورت گڏجي نہ نچندا آهن. مان مني پور نموني جو ناچ ڄاڻندي آهيان.“ ايئن چئي هن پنهنجي نچڻ واري پوشاڪ ڪڍي اچي ڏيکاري.

”ڪيتري نہ خوبصورت آهي هيءَ پوشاڪ! هيءَ تہ وڏي شاندار پوشاڪ آهي، بلڪل شهزادين جهڙي، هن جي پهريندي تون تہ شهزادي ڏسبي هوندين.“

(مگر پوءِ خبر نہ آهي ڪهڙي جذبي هيٺ اچي هن اها پوشاڪ وڪڻي ڇڏي)

”سوشما مون سان گڏ آمريڪا هلندينءَ ۽؟“

”ڇا مطلب؟“ ڪاوڙ مان سوشما جو اکيون باهہ جي شعلن وانگر پڙڪڻ لڳيون:

”اوهين منهنجي بيعزتي ڪرڻ گهرو ٿا مسٽر رابرٽ! اوهين اسان هندستاني ڇوڪرين کي ڇا ٿا سمجهو؟“

برٽ انهيءَ تي معافي گهرڻ لڳو سوشما انهيءَ جو ڪو جواب نہ ڏيندي، منهن ڦيري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي. انهيءَ تي برٽ چوڻ لڳو تہ،

”هاڻي مان ٿورو گهمي ڦري سگهان ٿو سپاٽي مان هتان هليو ويندس ۽ پوءِ توکي منهنجون بدتميز قسم جون ڳالهيون ٻڌڻيون نه پونديون.“

انهي تي چوڻ لڳي:

”مون کي افسوس آهي جو اوهان کي هتان وڃڻ نه ڏنو ويندو اوهان کي اسان جي انقلابي پارٽيءَ جي خبر پئجي ويئي آهي. اسين اوهان کي هت قيد رکڻ تي مجبور آهيون.“

”پلا مان جي ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪريان ته پوءِ؟“

برٽ جي ايتري چوڻ تي سوشما ڪنڌ ڦيرائي پنهنجون نگاهون برٽ جي نگاهن ۾ لڙائيندي چوڻ لڳي:

”مون ذمو ڪنيو آهي توهان هتان ڪيڏانهن به ڀڄي نه ويندو ان هوندي به جي توهان ڪوشش ڪئي ته مون کي پنهنجو فرض نڀائڻو پوندو.“ ائين چئي هن نهايت تيزيءَ سان برٽ جو پستول ڪڍي ورتو ۽ برٽ حيرانيءَ وچان هڪ نازڪ بدن ۽ نرم لهجي واري ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. هو سوچڻ لڳو ته وقت اچڻ تي هو مون تي گولي هلائڻ جي جرئت ڪري سگهندي؟ مگر جڏهن سوشما جي اکين ۾ نهاريائين ته ڪيس خوفناڪ جهلڪ نظر آئي، ۽ چوڻ لڳو:

”تون بي فڪر رهه سوشما! مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري توکي خوفناڪ آزمائش ۾ نه وجهندس.“

ان ڏينهن کان پوءِ برٽ سوشما جو قيدي ٿي ويو.

محبت ڪڏهن ٿئي ٿي؟ ڇو ٿئي ٿي؟ مان ته ڪٿڪ جڳ هڪ حقير داڻو آهيان، وڏا وڏا قابل انسان به انهي سوال جو جواب ڏيئي نٿا سگهن. خدا جو حڪم چئجي؟ قسمت جو کيل چئجي؟ يا بقول منهنجي دوست جي قدرتي انساني خواهش کي ذميوار نهرائجي. حقيقت هيءَ آهي ته محبت کي جڏهن ٿيڻو پوي ٿو ته ٿي وڃي ٿي ۽ انهي ڳالهه جو خيال نه ٿي ڪري ته رستي ۾ پهاڙ آهن يا سمنڊ آهن، نسلي تعصب آهي يا قومي اختلافات، اهڙي ريت برٽ ۽ سوشما به هڪٻئي کي چاهڻ لڳا. برٽ مون کي ٻڌايو هو ته هن پهرين ڏينهن ئي هندستاڻ ڇوڪريءَ کي پنهنجي دل ڏيئي ڇڏي هئي.

مون برٽ کان پڇيو: ”اوهين سپاهي ماڻهو ته ائين ئي دل اڇليندڙ

ٿيندا آهيو ڇون ته هر هڪ شهر ۽ بندر ۾ اوهان جي هڪ معشوق هوندي آهي. هن ويچاريءَ سان به اوهان محبت ڪرڻ شروع ڪئي هوندي؟ ڀلا سوشما جو به توسان محبت جو واعدو هو؟"

برٽ چيو:

"نه اهي هندستاڻ ڇوڪريون هن معاملي جي ملڪ جي ڇوڪرين کان مختلف آهن:

هو محبت جو اقرار زبان سان نه ڪنديون آهن. ۽ نه ڪڏهين سوشما به مون کي ائين چيو ته هو مون سان محبت ٿي ڪري. پر پوءِ به هن جي اکين ۾، هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ مون کي سندس محبت جي پروڙ پئي ٿي. وڏيڪ ثبوت مون کي انهي ڏينهن مليو جنهن ڏينهن هن مون کي وڃڻ جو چيو."

"هيءَ ته اونڌي ڳالهه ٿي. هن توکي وڃڻ جو چيو ۽ تون ان مان محبت جو اندازو لڳائين. ڀلا محبت ڪرڻ واري به ڪڏهن پنهنجي معشوق کي ائين چوندي، ته تون هتان هليو وڃ."

"تون سچ ٿو چوين. مگر جن حالتن ۾ هن مون کي وڃڻ جو چيو اهي بلڪل ڌڪيون ۽ عجيب هيون. اتي رهندي ڪيترا هفتا گذري چڪا هئي، منهنجي ٽنگ جو زخم ٺيڪ ٿي ويو ۽ مان گهمي ڦري سگهيس ٿي. پهريائين مان سوچيندو هئس ته جڏهن منهنجي ٽنگ ٺيڪ ٿي ويندي ته مان رات جو اوچتوئي اوچتو ڀڄي هليو ويندس، ڏهه پندرنهن ميل پيادل هلي ضرور ڪنهن شهر يا فوجي ڇانوڻيءَ تائين پهچي ويندس. پر پوءِ ان گهر ۾ قيدي وانگر رهندي به آهستي آهستي منهنجي دل ۾ انهن هندستاني انقلابين جي خلوص ۽ قربانيءَ جو يقين ٿين لڳو. اهي سڀئي نوجوان هئا جي سر ترئيءَ تي رکي اڳتي وڌي رهيا هئا. ڪنهن ذاتي غرض لاءِ نه، پر پنهنجي وطن جي آزادي خاطر. هيءَ سچ آهي ته انهن جي رستا الڳ الڳ هئا. مگر هو به انهي آزادي ۽ جمهوريت لاءِ لڙي رهيا هئا. ٻن چئن هفتن کان پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن مون کي موقعو مليو به ويو تڏهن به آئون نه ڀڄندس. انهي گهر ۾ نه موٽر هئي نه ريڊيو ۽ نه وري ٻيو آمريڪي آسائش جو سامان. ڪاڏو ٻراٽي ڏاتو جي ٿالهي ۾ ملندو هو ۽ سڀ مٽي تي سمهندا هئا. ان هوندي به خبر نه آهي ته ڇو مون کي نهايت آرام ۽ سڪون

ميسر هو. تي سگهي ٿو تہ رڳو سوشما جي ئي ڪري هجي. ڏينهون ڏينهن منهنجي دل چڪجي پئي وئي ۽ پوءِ هن بہ نفرت ۽ طعنا وغيره ڏيڻ ڇڏي ڏنا. گهر جو دروازو گهٽو ڪري ڪليل ئي رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جي گهر جا ماڻهو ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪري ويندا هئا تہ پوءِ گهر ۾ آئون اڪيلو هوندو هئس يا فقط سوشما جو پيءُ ڊاڪٽر باسو اتي هوندو هو جو ايترو تہ ڪمزور هو جو جيڪڏهن مان ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪريان تہ هو روڪي نہ سگهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هندستاني فلسفي، بين الاقوامي سياست يا ڊاڪٽري مسئلن تي ڳالهيون ڪندو هو. هڪ دفعي سوشما ڪنهن ڪم سبب سارو ڏينهن ٻر ٻواري ڳوٺ ۾ ويئي ۽ جڏهن شام جو موٽي آئي تہ مون يوڳ طور ڪانئس پڇيو:

"ڪيئن سوشما! اڄ جيڪڏهن مان ڊاڪٽر صاحب کان لڪي ڀڄي وڃا ها، ڪنهن پوليس ٿاڻي يا فوجي اڏي تي اوهان جي انقلابي اڏي جي خبر ڏيان ها تہ جيڪر ڇا ٿئي ها؟" سوشما نهايت اطمينان سان جواب ڏنو:

"پوءِ بہ ڇا ٿئي ها، مون ڪي غداريءَ جي شڪ ۾ ڪٽي گولي هڻئين وڃي ها " ائين چوندي هن مرڪي ڏنو. ڪيتري نہ خوبصورت هئي هن جي مرڪ! پرسان اڇي چوڻ لڳي:

"توهان تہ تڏهن وينديئو جڏهن اوهان کي زبردستي گهر مان ڪڍيو ويندو."

مان سوشما ۽ ڊاڪٽر باسو هڪ هنڌ ويهي گڏجي ڪاڌو کائيندا هئاسون. ڪاڌو تمام سادو هوندو هو ڀاڄيءَ ۾ رڌل پٽ. ڪڏهن ڪڏهن مڇي ۽ دال. ڀهريائين تہ مون کي اصل نہ وڻندو هو پر آهستي آهستي نہ رڳو عادت پئجي وئي پر مزو بہ اچڻ لڳو. ڪم جي گهڻائي سبب سارو ڏينهن سوشما مون سان ملي نہ سگهندي هئي. جنهن ڪري مون کي ڪاڌي جي وقت نهايت بي آراميءَ سان سندس انتظار ڪرڻو پوندو هو. هڪ دفعي هو ڪاڌي تي نہ آئي، چوڻ لڳي:

"اڄ مون کي بک ڪانہ لڳي آهي" خير. ڊاڪٽر باسوءَ سان گڏجي لاچار بہ چار گرنهن کائڻا پيا. ٻئي ڏينهن بہ هو ڪاڌي ۾ شريڪ نہ ٿي. چي:

"مون اڄ ورت رکيو آهي..." ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر ٻه مون سان گڏجي ڪاڌو کائڻ ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ فقط منهنجو ڪاڌو ٿالهيءَ ۾ وجهي موڪليو ويندو هو. مون خيال ڪيو ته شايد ٻن ماڻهن جي چوڻ تي مون سان ڇوت ڇات ڪرڻ لڳا آهن... سوشما کان سواءِ ڪاڌو زهر ٿي آيو. جيئن تيئن ڪري ٻه چار گرنهن نڙيءَ کان هيٺ اڇلائڻائي پوندا هئا. هڪ دفعي جيئن سوشما ڪاڌو کڻي آئي ته پٽ تمام ٿورو هو ۽ نه وري دال هئي نڪو آچار فقط لوڻ جو ذرو هو. ٿالهي اڳيان رکندي چوڻ لڳي:

"برت معاف ڪجو! اڄ مون ذرا زياده ڪاڌو آهي، انهي ڪري ئي اوهان لاءِ ٿورو پٽ بچيو آهي." مون کيس کلي چيو:

"تو ڪاڌو يا مون، ڳالهه ته هڪڙي آهي. منهنجي ته هاڻ کائڻ تي دل ئي نٿي چوي، جڏهانڪر تو مون سان کائڻ ڇڏي ڏنو آهي، شايد آئون غير ملڪي ۽ ٻئي مذهب وارو آهيان انهي ڪري ئي اها ڇوت ڇات ڪئي اٿئي؟"

سوشما نگاهون هيٺ ڪري چوڻ لڳي:

"نه اها ڳالهه نه آهي، برت!"

"پوءِ ڀلا ڪهڙي ڳالهه آهي؟" مون ذرا سختيءَ سان سوال ڪيو.

"اهو مان ٻڌائي نٿي سگهان." ائين چئي هو ٻاهر هلي وئي.

انهي ڏينهن مون اهو پٽ ئي نه کاڌو. ٿالهي واپس ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ کڻي ويس، ڏٺم ته هڪ مٽيءَ جي ڪُني باهه تي چڙهي پيئي هئي، ۽ ان مان اهڙي زور جي ٻاڦ نڪري رهي هئي جو مٽيءَ جو ڍڪڻ هيٺ ڪري پيڄڻ جو انديشو هو. مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو سوشما ڪانه هئي، خيال ڪيم ته ڪُنيءَ کي هيٺ لاهيان متان ڪاڌو نه سڙي وڃي، جڏهن ڪُنيءَ کي هيٺ لاٿم، ته منهنجي دل ۾ ميزبانن لاءِ ڪجهه شڪ پيدا ٿيو مبادا ائين هجي، پاڻ سنو ڪاڌو کائيندا هجن ۽ مون کي پاڻيءَ ۾ اوٻاريل چانور ۽ لوڻ چپٽي ڏني ويندي هجي، اهو خيال ڪري انهي ٻڙڪندڙ ڪُنيءَ جو ڍڪ لاٿم. ڪُنيءَ ۾ رجهندڙ ڪاڌو ڏسي منهنجي هٿ مان ڍڪڻ هيٺ ڪري پيو. ڪُنيءَ ۾ وڻن جا پن ۽ گاهه رجهي رهيو هو ائين ڪندي سوشما به اچي وئي، کيس ڏسندي منهنجون نگاهون هيٺ جهڪي ويئون، هو کلي چوڻ لڳي:

"برٽ! اڄا بہ بک اٿئو ڇا؟"

"سوشما! هيءَ ڇا؟ اوهان پاڻ بُکن ۾ پاهہ تي مون کي ٿي کاڌو کارائيندا رهيا آهيو؟"

هن منهنجا چيل لفظ ورائي چيا:

"توهين کائو يا اسان، ڳالهہ تہ هڪڙي ئي آهي." هاڻ منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ ڇو سوشما جي گلابي ڳلن جي لالاڻ ڏينهون ڏينهن گهٽبي وڃي، ڇا جي ڪري سندس اکيون ڏرا ڏيئي ويون آهن. ڇو ايتري پيلي ۽ ڏبري پيئي ڏسجي. ڪهڙو سبب آهي جو ڊاڪٽر باسو بہ بہ ڏينهن بستري تان نٿو اٿي، سوشما جي انقلابي پارٽي ايترو ڪمزور ۽ بيمار ڇو ٿي نظر اچي، ڇا جي ڪري سوشما جي ڳٽونءَ جنهن سان هن جو حد کان وڌيڪ پيار هو جا ٽي ڏينهن ٿين، مري ويئي. هيءَ ٺهري ڪال نہ رڳو سوشما ۽ ڊاڪٽر باسو تي هو مگر ساري بنگال تي ڇانيل هو.

سوشما هميشہ جي دستور موجب صبح جو سويرو ناشتي لاءِ پٽ ۾ کير کڻي ايندي هئي، اڄ بہ هو دستور موجب هڪ ٿالهي کڻي آئي، ۽ چوڻ لڳي:

"برٽ! هاڻي توکي هتان وڃڻوئي پوندو."

"ڇو؟" منهنجي انهي سوال جي جواب ۾ هن ٿالهي منهنجي اڳيان رکي، ٿالهيُ خالي هئي. آئون سموروئي مطلب سمجهي ويس.

"نہ برٽ! تون آمريڪن آهين، ڏينهن ۾ پنج دفعا پيٽ پري کائڻ جو عادي آهين. اسين هندستاني آهيون، سون سالن کان بکيائي رهندا آيا آهيون. تون جلدي تيار ٿي تہ مان توکي رستي تائين پهچائي اچان."

"پر سوشما! مان جيڪڏهن توسان غداريءَ ڪيان ۽ تنهنجي جاءِ جو پتو پوليس ٽاڻي تي ڏيان تہ پوءِ؟"

"تڏهن بہ ڪو فرق ڪونہ پوندو منهنجا بہ ساٿي گرفتار ٿي چڪا آهن، هڪ پوليس جو مقابلو ڪندي مارجي ويو ۽ ٻيو بک جي ڪري مجبور ٿي پوليس سان ملي ويو اسين بہ هيءَ گهر ڇڏي رهيا آهيون، ڇو تہ ٻن ڪلاڪن ۾ پوليس هتي اچڻ واري آهي. هن گهر کي جلائڻ..."

"نہ نہ! سوشما هو ائين ڪري نٿا سگهن."

"هو گهڻو ئي ڪري سگهن ٿا ____ ۽ ڪن پيا، اوهين جلدي تيار

ٿيو.“

جڏهن اسين چپ چاپ پوکن جي پيچرن مان لنگهندي رستي تي اچي پهتاسون، تڏهن سوشما چوڻ لڳي:

”چڱو برٿ! مان هن کان اڳتي هلي نٿي سگهان، مون کي واپس وڃي بابي کي ڪنهن هنڌ پهچائڻو آهي، پڳوان تنهنجي مدد ڪري.“

مون خيال ڪيو ته مون کي جلدي هتان وڃڻ گهرجي مبادا پوليس جو گهمندڙ ٽولو اچي نڪري ۽ منهنجي ڪري هو گرفتار ٿي وڃي. اڃا هلڻ واروئي هئس ته سوشما چيو:

”بيهه! هي وٺ!“ ايئن چوندي هن پنهنجي ٿيلهي مان منهنجو پستول ڪڍيو ۽ منهنجي حوالي ڪري چوڻ لڳي:

”هن کي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت لاءِ استعمال ڪجان برٿ!“ پوءِ هن ڪاٺ جي دٻي ڪڍي ۽ ان کي کولي. ان ۾ پنهنجي آڱر وڌي، ”اسان وٽ هيءَ رسم آهي ته ميدان جنگ تي وڃڻ وقت سپاهي جي مٿي تي تلڪ لڳايو ويندو آهي.“ ايئن چئي منهنجي ڏکمي قد کي پهچڻ لاءِ هو پنهنجي پيرن جي پڃن تي اُڀي ٿي بيٺي ۽ منهنجي مٿي تي چندن جو تلڪ لڳايو. جنهن وقت هو تلڪ لڳائي رهي هئي، ان وقت سندس گرم ساهه آئون پنهنجي چهري تي محسوس ڪندو رهيس ۽ هن جي جسم جي خوشبوءِ سنگهندو رهيس...

موڪلائڻ مهل منهنجي دل ۾ آيو ته هڪ پل لاءِ کيس پنهنجي ياڪر ۾ آڻيان، سندس سرخي مائل لبن کي، سجيل اکين کي، سندس گردن جي خوبصورت خم کي، هڪوار چمي ڏيان، مگر ان هندستاني آسمان جي هيٺان مون کي ناروا سان گڏ غير ضروري به معلوم ٿيو. مٿي تي تلڪ لڳائڻ کان پوءِ سوشما هڪ ڪاغذ جي پڙي ڪڍي ۽ مون کي ڏيندي چوڻ لڳي، ”اسان وٽ هيءَ به رسم آهي ته جڏهن ڪو... پنهنجو... گهر وارو... سفر تي ويندو آهي ته ڪائڻ جي ڪا نه ڪا شئي کيس ضرور ڏبي آهي.“

مون پڙي کي کوليندي ڏٺو ته ان ۾ چانورن جا ڳچ سڪل داڻا هئا...

مون چيو: ”خدا حافظ سوشما! هڪ ڏينهن آئون ضرور موٽي

ايندس.“

آئون هن کان موڪلائي روانو ٿيس رستي جي ور ۾ جڏهن آيس، ۽ مون پوئتي نگاهہ ڪئي تہ سوشما اڃا انهي جاءِ تي بيٺي هئي، مون کي ان وقت نهايت تعجب لڳو تہ فصل لاباري جهڙو بيٺو آهي، ان هوندي بہ سوشما ٻُڪي!

اڳتي هلي مون هڪ لاري پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺي، ويجهي اچڻ تي ان ۾ ڏهہ ٻارنهن هندستاني سپاهي، هڪ گورو آفيسر ويٺل هو جنجي هٿن ۾ بندوقون، هڪ مشين گن ۽ بہ پستول هئا. هڪ آمريڪن سپاهي کي ڏسندي هنن لاريءَ کي روڪيو. انگريز آفيسر چوڻ لڳو:

”شايد اوهين رستو ڀلجي هيڏانهن اچي نڪتا آهيو، هيءَ تہ خطرناڪ علائقو آهي، هتي باغين جو ايترو تہ زور آهي جو گورو آفيسر سلامتيءَ سان نٿو وڃي سگهي.“

مون ٻڌايو تہ هوائي جهاز جي ڇتي رستي، لٿو هئس ۽ پرسان هڪ ڳوٺ وارن منهنجي جان بچائي.“

انهيءَ تي هو چوڻ لڳو: ”نهايت عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو اوهين بچي ويا، خير سڌا هليا وڃو ڏهن ميلن جي پنڌ تي اوهان کي فوج جي چونڪي ملندي، جتان اوهان کي جيپ يا ٽرڪ سواري لاءِ ملي ويندي“

مون هن کان پڇيو: ”توهان ڪهڙي ڪم سان وڃي رهيا آهيو؟“

چوڻ لڳو: ”انقلابين جي اڏي جي خبر ملي آهي، جنهن تي حملي ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون“ ۽ اک هڻندي چوڻ لڳو:

”يار هڪ مزي جي ڳالهہ آهي جو انهي انقلابي ٽولي جي اڳواڻ هڪ ڇوڪريءَ آهي، ٻڌجي ٿو تہ نهايت خوبصورت آهي، چالاڪ آهي. فقط هڪ دفعو ملي وڃي...“

سوشما جي باري ۾ اهڙا گندا لفظ ٻڌندي مونکي سخت نفرت ٿيڻ لڳي، دل ۾ چيم تہ هڪدم ئي هليو وڃان، پر اُتيئي خيال آيم تہ آئون جيترو هنن کي وڌيڪ ترسائيندس، اوترو سوشما کي گهر مان نڪري وڃڻ جو وڌيڪ وقت ملندو، تنهنڪري مون گوري آفيسر کي چيڙائڻ لئہ چيو:

”هڪ ڇوڪريءَ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ٻارنهن بندوقون هڪ

مشين گن ۽ پستول! اوهين وڏا بهادر آهيو!"

هو چوڻ لڳو: "اوهان آمريڪن کي ڪهڙي خبر ته ڇا ٿي رهيو آهي، انهي ڇوڪريءَ سان نه رڳي پنهنجو ڳوٺ پر سڄو علائقو آهي. انهي ڪري ته پوليس کي اڃا تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي."

مون اٽڃاٽائيءَ ۾ ڪيس ڇيو: "جيڪڏهن اها ڇوڪري اتان ڀڄي وڃي ته پوءِ ڇا ڪندئو؟"

جواب ڏنائين: "ته گهٽ ۾ گهٽ انهن گهرن کي ته ساڙيو ويندو."

"ڀلا ڳوٺ وارن کي ڪهڙي سزا ڏيندئو؟ شايد انهن سيني کي پڪڙي جيل موڪليندئو؟"

"نه اسين بيوقوف نه آهيون، جو هن ڏڪار جي وقت ۾ ڪين ماني کارايون، هنن کي سزا ضرور ملندي.. رات ٽيڻ تي اوهين هن پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي ويندئو جتي فوج جي چونڪي آهي، جتان سڀ ڳوٺ نظر ايندا آهن. اوهان پاڻ ئي ڏسجو.." ايئن چئي هنن لاري اسٽارٽ ڪئي.

رات ٽيڻ تي آئون فوجي چونڪي ۾ پهتس، پهاڙ تي بيهي مون پوئتي نظر ڪئي ته باهه جيئن پوءِ تيئن وڌندي پئي ويئي. مون سوچيو 'اهو سوشما جو گهر آهي جنهن ۾ مون سڀ کان وڌيڪ محبت جون گهڙيون گهاريون، جتي ويهي ڊاڪٽر باسو غريب هارين جو علاج ڪندو هو. باهه جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي ۽ هڪ باهه جو سمنڊ بنجي ڇوليون هڻڻ لڳي. مون کي اتان ايئن ئي معلوم ٿيو ته هڪ ڳوٺ نه پر سارو ملڪ سڙي رهيو آهي.

مون هڪ فوجي آفيسر کان پڇيو: "اها ڪهڙي باهه آهي؟ ائين ٿو معلوم ٿئي ڄڻ جهنگن جا جهنگ جلي رهيا آهن؟" هن پنهنجن مڇن کي مروڙيندي چيو "اهو روزانو تماشو آهي، اهي انهن هارين جون پوکون ساڙيون وڃن ٿيون جي انقلابين جي مدد ڪن ٿا."

ٻئي ڏينهن سويري آئون جيپ تي سوار ٿي آمريڪن هوائي اڏي تي پهتس. رستي تي ايتريءَ ته گپاگيهه هئي جو ساري واٽ هارن وڄائيندي ٻه رستو نٽي مليو ائين ٿي معلوم ٿيو ته ڄڻ سڄي هندستان جا ماڻهو ٻاهر رستي تي نڪري پيا آهن. جيسيتائين نظر پئي ٿي ته رڳو ماڻهو ئي ماڻهو

هئا، مرد، عورتون، ٻچا ٻار، پريشان حال، ڊوڙ ۾ پريل، پنهنجن ٽڪل ٽنگن کي گهليندا ٿي ويا.

مون جيپ ڊرائيور کان پڇيو:

”ڪٿي بمبازي ٿي آهي ڇا؟“ مون سمجهيو ته جپاني بمبازن هنن ويچارن کي گهر کان بي گهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ غريب جان بچائڻ لاءِ ٻاهر نڪري پيا آهن. مگر ڊرائيور چوڻ لڳو:

”بم ٻم ڪجهه به نه آهي، هي ڏڪار جا ماريل هاري آهن، جي پنڻ لاءِ شهر ڏانهن وڃي رهيا آهن.“

هاڻ مون رستي جي ٻنهي طرفن کان هلندڙ ماڻهن کي غور سان ڏسڻ شروع ڪيو. ٻچن جا سڪل جسم، پوڙهن جا مايوس چهرا ۽ نوجوان عورتن جون سڪل ڇاتيون، جن ۾ سوشما به هڪ ڇنل ڦاٽل ساڙهيءَ ۾ پنهنجي جسم کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش سان، اڪيون هيٺ ڪري وڃي رهي هئي.

”سوشما!“ مون رڙ ڪئي، ڊرائيور جي بريڪ هڻڻ سان لاري هڪدم بيهي ويئي، ڇوڪري اڻواقف نگاهن سان موڏانهن نهاريو.. نه هو سوشما نه هئي.

مون ڊرائيور کي چيو:

”جيپ هلاءِ!“

انهي ڏينهن ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪيترا دفعا جيتر آئون هندستان ۾ هئس ته ڏڪار جي ماريل هارين جي قافلي ۾ ڪيترائي دفعا سوشما کي ڏٺو ٻُکي اگهاڙي ۽ اڌ مئي سوشما!، رستي هلندڙ ڪابه ڇوڪري مون کي سوشما ٿي نظر ايندي هئي. موت جي انهي رستي تي سوين هزارين سوشمائون رڙهي رهيون هيون. پر انهن مان منهنجي سوشما ڪهڙي هئي؟ ڪنهن حال ۾ هئي؟ هو پنهنجي جاءِ ۾ ته ڪين سڙي مري ويئي؟ يا پنهنجي ڳوٺ وارن جي پوکن سان گڏ جيئري جاڳندي جلي ويئي، يا هو گوري آفيسر جي شيطان ڪاري جو شڪار ته نه ٿي؟ پوليس جو مقابلو ڪندي مارجي ته نه ويئي؟ ڇا هو ٻين انقلابين وانگر پهاڙي رستن کان آسام ۽ آسام کان برما جي سرحد تي پهچندي، سڀاش چندر بوس جي آزاد هند فوج ۾ ته ڪين گڏجي ويئي؟ يا هو ٻُک کان مجبور ٿي ٻين سوين

بنگالي ڇوڪرين وانگر، پنهنجي عزت ته ڪانه وڪڻي رهي آهي؟ اهي حيا واريون ڇوڪريون جن کي ڇوڙ جي به ڪو همت ڪري نٿي سگهجي؟ اهي سوشمائون جي ڪڏهن به ڪنهن ڌارئي سان اکيون اکين ۾ ملائڻ گوارا نه ڪنديون آهن، جن جون ڳالهائيندي به نگاهون هيٺ جهڪيل هونديون آهن.

اهي سوال، اهي خطرا، اهي شڪ مون کي هر وقت پريشان ڪندا رهيا. منهنجي دماغ ۾ هر وقت باهه جا شعلا... اهي باهه جا شعلا، جن سوشما جي ڳوٺاڻن جي آباديءَ کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو... ۽ پوءِ بکايل سوشمائن جو قافلوڪيڙن ماڪوڙن وانگر رينگندو منهنجي شعور تي ڇانئجي ٿي ويو. جڏهن به مان پنهنجي هوائي جهاز تي دشمن جي فوجي اڏن مٿان بمبازي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيس ٿي ته منهنجي ڪنن ۾ سوشما جا لفظ گونجندا ٿي رهيا. جي هن منهنجو پستول مون کي واپس ڪندي چيا:

”هن کي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت لئه استعمال ڪجان، برٿ!“

مان پنهنجي بمن جو بار هلڪو ڪري واپس موٽي ايندو هئس پر منهنجي دل ۾ هر وقت اهوئي شڪ رهندو هو ته هي جنگ سچ پچ صحيح آزادي ۽ جمهوريت لاءِ لڙي وڃي ٿي؟

هڪ ڏينهن مون کي حڪم مليو ته آسام جي سرحد تي آزاد هند فوج جي مٿان دستي بم اڇلايان. منهنجي بمباز ۾ پنج بم لڳايا ويا. پر جڏهن آئون جاءِ تي پهتس ته ليفٽيننٽ مون کي هيٺ اشارو ڪيو، جتي هڪ ماڙيءَ ۾ آزاد هند فوج جو مورچو هو. مان بٽڻ دٻائي بم ڦٽي ڪرڻ وارو هئس، ته منهنجي ڪنن ۾ اوچتو سوشما جا لفظ گونجڻ لڳا:

”هن کي سچي آزادي ۽ صحيح جمهوريت خاطر استعمال ڪجان برٿ!هيهيهي“ ۽ مون هڪدم سوچيو ته، ’هيءَ ماٺهو به ته آزاديءَ لاءِ ئي لڙي رهيا آهن، هي به سوشما وانگر ئي آهن. ڪهڙي خبر ته سوشما به انهن ۾ هجي. برٿ! انهن پنجن ڇانورن جي داڻن جي بدلي، جي سوشما موڪلائڻ مهل ڏنا هئا، تون هي پنج بم هن جي مٿان ڪيرائيندين؟‘

اهو خيال ايندئي بمباز کي اتان اڏائي آئون هليو ويس. هي

پهريون ئي دفعو هو جو مون فوجي حڪم جي انحرافي ڪئي ۽ بمن ڪيرائڻ کان سواءِ موٽي آيس. ٻئي ڏينهن انهي جرم جي سزا ۾ مون کي ڪورٽ مارشل ٽيڙو پيو. مگر فوج جي ڊاڪٽر معائني کان پوءِ فيصلو ڪيو تہ ڏڪ جي اچڻ ڪري هن جي دماغي حالت ٺيڪ نہ آهي. جنهن ڪري مون کي آمريڪي هوائي فوج کان خارج ڪيو ويو. مان واپس آمريڪا آيس. پر اڄ بہ منهنجي لاءِ خانگي هوائي جهاز هلائڻ جي نوڪري ملڻ بہ مشڪل آهي. جتي بہ وڃان ٿو منهنجو فوج مان ڊسچارج جو سرٽيفڪيٽ پڙهي، مون کي نااميد ڪيو وڃي ٿو. بيڪارگهمندي گهمندي اچي هن علائقي ۾ پهتس. ٻڌم تہ ڪيٽ مزورن جي ضرورت آهي ۽ مان بہ اچي فارم تي ڪم ڪرڻ لڳو آهيان. هي ڪم منهنجي لاءِ نئون ضرور هو پر هينئر مون کي پسند آهي. نہ معلوم ڇو نيويارڪ ۽ شڪاگو جي بازارن مان مون کي سوشما تمام پري ٿي معلوم ٿئي، ۽ ڪيٽ جي مٽيءَ مان مون کي نهايت ويجهي نظر ٿي اچي، ۽ وري جڏهن مان توهان يا ڪٽڪ جي داٽن کي ڏسان ٿو تہ مون کي بي اختيار سوشما جي ياد اچيو وڃي. ڇو تہ ائن سالن کان پوءِ بہ مونکي ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ اڄ بہ هو ٻڪي آهي، اها جا پاڻ ٻڪن ۾ پاهہ ٽيندي بہ مون کي ڪاڏوڪارائيندي هئي، ۽ جنهن پنهنجي چانورن جا آخري پنج داڻا منهنجي حوالي ڪيا هئا، ۽ آئون هن ڪٽڪ جا چند داڻا بہ موڪلي نٿو سگهان... برٽ ائين چئي وري خاموش ٿي ويو.

برٽ جي ڪهاڻي ايسيتائين ٻڌائي، داٽو بہ خاموش ٿي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ چيني داٽي پڇيس:

"پوءِ تو ڇا چيس دوست!"

آمريڪي داٽي جي زبان وري چالو ٿي، "ياڙرو! مون اهوئي چيس، جو اسان مان ڪوئي ياءَ ڇوي مون چيس:

"برٽ گهبرائين ڇو ٿو مون کي پنهنجي سوشما ڏانهن موڪلي ڇڏ. مان نہ رڳو هن جي ٻڪ لاهيندس، پر ان سان گڏ تنهنجا محبت ڀريا پيغام بہ کيس پهچائيندس."

برٽ ٽڏو ساهہ کڻي چوڻ لڳو:

"اهو ٺيڪ آهي دوست! مگر سوشما جو پتو ئي ناهي تہ هو اڄا

جيئري آهي يا مري ويئي؟“

انهيءَ تي مون چيس:

”تي سگهي ٿو تہ هڪ سوشما جو توکي پتو معلوم ڪونهي، پر تو تہ هندستان ۾ هزارين بلڪ لکين سوشمائن کي ڏٺو آهي، جيڪڏهن انهن جي جان بچائڻ لاءِ مون جهڙن ڪروڙين ڪٽڪ جي داڻن کي موڪليو وڃي تہ ڇا ٿئي؟“

ائين ئي برٽ جو اکيون کلي ويون:

”سوشما ضرور اهو ئي پسند ڪندي، هو پنهنجي لاءِ نہ بلڪ ٻين لاءِ جيئندي هئي. انهي ڪري آئون ايئن ئي ڪندس، مان اڄ ئي پنهنجي ساٿين سان هن ڳالهہ جو ذڪر ڪريان ٿو. اسان جي ديس ۾ لکين ٽن ان جا زياده پيدا ٿين ٿا، ان جون قيمتون اڃا گهٽجن ئي ڪين ٿيون تہ ان کي ساڙيو وڃي ٿو: سمنڊ ۾ اڇلايو وڃي ٿو. . . ڇو نہ ان مان ٻہ چار لک ٽن اناج جا هندستان موڪليا وڃن“

انهيءَ رات جڏهن برٽ ٻين کيت مزدورن ۽ فارم جي مئنيجر سان هي حقيقت ڪئي تہ سينيءَ کي هي ڳالهہ پسند آئي. انهن مان هڪ چوڻ لڳو:

”اسان کي ضرور بکايل هندستان جي مدد ڪرڻ گهرجي پر هيءَ ڪم تہ گورنمينٽ جو آهي. اسين سڀ آمريڪا جا معمولي هاري، کيت مزور ۽ ڪارخانن جا مزور گڏجي هندستان جي مدد جو مطالبو ڪريون تہ گورنمينٽ نہ ٻڌندي؟“

انهيءَ تي فارم جو مئنيجر جو هنيلو ۽ بدتميز هو ۽ برٽ جي آزاد طبيعت جي ڪري جلندو هو. چوڻ لڳو:

”اوهين جاهل، اڻ پڙهيل، دنيا جي سياست کي سمجهوئي نٿا، خوامخواهہ وچ ۾ ٽنگ اڙائڻ ٿا گهرو. ڄاڻو ٿا تہ ڪانگريس جي اڳيان هڪ باقائده بل آهي، جو انهي لاءِ پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪيترا ڪروڙ ٽن اناج جا ڏڪار جي ماريل هندستانين کي قرض ڏنو وڃي. . .؟“

”اهو بل تہ ڪيترن مهينن کان بيڪار ٽوڪريءَ ۾ پيو آهي... آخر پاس ڇو نٿو ڪيو وڃي“ برٽ چيو.

مئنيجر چوڻ لڳو: ”انهي ڪري جو هندستاني اسان جي شرطن

ڪي قبول نٿا ڪن."

"ڪهڙا شرط؟"

"اهي شرط تہ روس ۽ ڪميونسٽ چين جي خلاف هندستان اسان کي ساٿ ڏئي، پنهنجي ملڪ جو ڪچو مال ۽ ڌاتو جي هندستان ۾ گهٽ اندازِ ۾ تيئن ٿا ۽ جن جي اسان کي ضرورت آهي سي اسان کي وڪرو ڪندو رهي..."

"انهي جو مطلب هي آهي تہ هندستان پنهنجي آزاديءَ کي سوشما جي عزت کي ڪڪڪ جي ڳچ داڻن جي عيوض اسانجي هٿن ۾ وڪڻي ڇڏي... هندستان اهڙو سودو نہ ڪندو. سوشما پنهنجي آبرو نہ وڪڻندي، چاهي بُکي ئي ڇونہ مري وڃي؟

"سوشما؟" مئنيجر حيرت سان پڇيو: "اها سوشما ڪهڙي بلا آهي؟"

برٽ چيس: "تون سمجهي نہ سگهندين" ۽ هو اتان هليو ويو.

ٻئي ڏينهن برٽ کي معلوم ٿيو تہ سڄي فارم ۾ لابارو شروع ٿي ويو آهي ۽ سڄي آباديءَ جي ٽئين حصي کي لٺي باھہ جي حوالي ڪيو ويندو انهي ڪري جو انهي سال ان زياده ٿيڻ جي اميد هئي، مارڪيٽ ۾ هڪدم گهٽي ڪڪڪ اچڻ سبب قيمت گهٽجي ويندي، ۽ ڪيس اهو بہ پتو پيو تہ رڳو دولت گڏ ڪرڻ لاءِ بکايل هندستان کي موڪلڻ بدران ساڙيو ٿو وڃي، سوچڻ لڳو تہ 'اسين سارو سال محنت مزوري ڪريون، هر ۾ ٽريڪٽر هلايون، ٻج پوکيون، پاڻي ڏيون، لابارو ڪريون، ايترين محنتن کانپوءِ بہ رڳو وال اسٽريٽ جي وڏن پيٽن وارن سرمائيدارن جي نفعي خاطر، ان کي ساڙيو وڃي؟'

برٽ کي هيءَ ڳالهہ اصل نہ وڻي ۽ انهي وقت ئي مئنيجر کي چيائين:

"منهنجو نالو ڪيٽ مزوري مان ڪڍيو ۽ حساب چڪتو ڪيو وڃي."

مئنيجر تہ گهريوئي اهو ٿي تہ جيئن برٽ کان ڪنهن ريت سندس جند آزاد ٿئي. ڇوتہ برٽ انهي فارم جي سڀني مزورن جي هڪ يونين (جماعت) بنائي هئي ۽ هڪ دفعي اسٽرائيڪ جي ڌمڪي ڏيئي

سيني مزورن جي مزوريءَ ۾ واڌارو ڪرايو هئائين.

برٽ هفتي جو حساب چڏائي ٻاهر ٿي نڪتو تہ مئنيجر چوڻ لڳو:

"معلوم ٿئي ٿو تہ جنگ جي زماني ۾ ڪنهن هندستاڻ ڇوڪريءَ سان اکيون اڙائي آيو آهين. پوءِ ڇو نہ ٿو هندستان هليو وڃين. هو ويچاري تنهنجي انتظار ۾ راهون نهاريندي هوندي 'شايد ننڍڙي برٽ کي تنهنجي اچڻ جا دم دلاسا ڏيئي خاموش ڪرائيندي هجي؟'"

انهن بدلفظن جي ٻڌنديئي برٽ کي اهڙي تہ خار لڳي جو هڪ ٺي ٺونشي سان مئنيجر کي ڪيرائي وڌائين. ايتري ۾ آفيس جا ٻيا ماڻهو بہ اچي ويا ۽ جن مئنيجر جي چوڻ تي ڪيس پوليس جي حوالي ڪيو.

برٽ جي گرفتاريءَ جي خبر سڄي فارم جي مزورن ۾ تيزيءَ سان پکڙجي ويئي، ڪيترائي مزور ڪيس ضمانت تي ڇڏائڻ لاءِ ٿاڻي تي اچي حاظر ٿيا ۽ ڪيس ضمانت تي آزاد ڪرائي پاڻ سان وٺي ويا. برٽ جڏهن کين مئنيجر جي بدتميزي جي حقيقت ٻڌائي، تڏهن سيني مزورن فارم تي ڪم ڪرڻ کان جواب ڏنو.

"جيسيتائين برٽ تي ڪيل ڪيس واپس نہ ورتو ويندو تيتر ڪم تي نہ جڙهنداسين." انهي تي برٽ کين سمجهايو تہ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي، جي مون کي ڪٽي ٿي چار مهينا سزا اچي بہ ويئي، تڏهن بہ اوهانکي گڏجي هيءَ گهُر ڪرڻ گهرجي:

'اسان جي محنت سان پيدا ڪيل ان جيڪو ساڙيو ٿو وڃي، اهو هندستان جي بکايلن کي ڇو نٿو موڪليو وڃي!' اوهين گڏجي فارم جي مالڪ ۽ مئنيجر کي مجبور ڪيو تہ اناج کي ساڙڻ بند ڪن ۽ اهو سمورو ان هندستان کي موڪلين."

برٽ جي ڳالهہ سيني مزورن کي پسند پيئي ۽ سيئي گڏجي مئنيجر وٽ ويا. مئنيجر ٽيليفون تي فارم جي مالڪن کي هن مطالبي کان واقف ڪيو جن جواب ۾ چيس تہ.

'ڪنهن بہ نموني اسٽرائيڪ بند ٿيڻ گهرجي نہ تہ لاباري جي وقت ۾ اسٽرائيڪ جيڪري وڏو نقصان پوندو.'

"ڇو دوستو ڪهڙي ڳالهہ آهي" مئنيجر نهايت نرمائي ۽ اخلاق سان مزور جماعت جي اڳواڻ کان پڇيو.

هو چوڻ لڳا:

"ڳالهه اها آهي تہ اوهين جو فصل جي ٽئين حصي کي ساڙڻ گهرو ٿا، اسين ان جي هڪ داڻي کي بہ هٿ لائڻ نہ ڏينداسين!"

انهيءَ تي مئنيجر ذرا مرڪندي چوڻ لڳو:

"جيئن اوهين چاهيو ٿا، ائين ئي ٿيندو.. پر... " ايئن چئي هو ماٺ ٿي ويو. ذرا سوچي ڊرامائي انداز ۾ چوڻ لڳو: "اوهين اهو خيال ڪريو تہ جيڪڏهن بيڪار ان کي جلايو نہ ويو تہ مارڪيٽ ۾ ان جي گهٽائي هڪدم اگهہ ڪِري پوندو."

"ڪِرڻ ڏيو!" هڪ مزور ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳو: "قيمت اسان مزورن جي کيسي ۾ توروئي تي وجي."

مئنيجر سگريٽ کي دکائيندي اطمينان سان جواب ڏنو:

"اوهان کي مزوري بہ تہ انهيءَ قيمت مان ڏني وجي ٿي، اگهہ ڪرندو تہ مزوري بہ گهٽ ڪرٽي پوندي، ذرا خيال تہ ڪريو."

اهو ٻڌنديئي مزور اڳواڻن جو جوش ٺنڊو ٿي ويو. انهي تي هڪ سمجهدار مزور چوڻ لڳو:

"اهو فالتو ان جيڪڏهن هندستان کي موڪليو وڃي تہ نڪي مارڪيٽ ۾ ان جي گهٽائي ڪري اگهہ جي گهٽتائي ٿئي، ۽ نہ وري اسان جي مزوري بہ گهٽجي... تنهن سان گڏ هندستان جي لکها ٻُکايل انسانن جون حياتيون بہ بچي پونديون."

مئنيجر بدستور کلندي چوڻ لڳو تہ:

"ائين تي سگهي ٿو پر فارم کي واپار جي قانونن موجب هلائڻو آهي، پيدائش کي خيرات توروئي ڪرڻو آهي؟ اوهان جي چوڻ ڪري سياٽي تائين فالتو فصل کي جلائڻ کان روڪيو ويندو انهي وچ ۾ اوهان مان جنهن کي بہ جيترو ان هندستان، جپان يا ڪٿي بہ موڪلڻو هجي تہ پل موڪلي، ڪمپنيءَ کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي."

مزورن کي مئنيجر جي چالاڪي سمجه ۾ اچي ويئي، هو لاجواب ٿي ويا. آفيس ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي... بہ ٽي اڳواڻ پوئين پيرين موٽڻ تي ئي هئا تہ اوچتو دروازو کليو ۽ دروازي جي کلندي برٽ اندر آيو. هن مئنيجر جي گفتگو ٻڌنديئي پنهنجي کيسي مان بہ سئو پنجونجاهہ ڊالرن

جي قيمت ڪڍي ميز تي رکي، جا اڄ تائين هن پنهنجي مزوريءَ مان بچائي رکي هئي.

"برٽ هيءَ ڇا ڪري رهيو آهين" سندس هڪ دوست کيس چوڻ لڳو.

"سوشما جي لاءِ ان خيد ڪري رهيو آهيان" برٽ جواب ڏنس.

"پر تنهنجي ساري عمر جي موڙي.. "

"ها سڄي عمر جي موڙي انهيءَ لاءِ خرچ ڪري رهيو آهيان، جا پاڻ کي ٻُڪيو رکي ٻه مون کي ڪاڏو ڪارائيندي هئي، ۽ انهي ملڪ جي لاءِ، جو هميشه ٻين جي ڏک درد ۾ شريڪ پئي رهيو آهي."

برٽ جي انهن لفظن جو هي اثر ٿيو جو اتي بيٺل سڀني اڳواٽن پنهنجا کيسا خالي ڪري ڇڏيا. ٿوري دير ۾ هيءَ خبر سڄي فارم جي مزورن ۾ پئجي ويئي. شام جو سڀيئي مزور، هاري، ٽريڪٽرن جا ڊرائيور سيني جو آفيس ۾ ميلو لڳي ويو. ڏسندي ڏسندي ميز تي ڪيترا هزار ڊالر گڏ ٿي ويا.

انهي ڏينهن شام جو برٽ مون وٽ پنيءَ تي آيو ۽ ساري حقيقت ٻڌايائين. مون چيس:

"تو ته اسان غريبن کي جئري جلي وڃڻ کان بچائي ڇڏيو."

انهيءَ تي چوڻ لڳو ته:

"رڳو اهو نه پر سڀاڻي اوهان هندستان وڃي رهيا آهيو، دوست! توهان ڪيترو نه خوش نصيب آهيو جو سوشما جو وڃي ديدار ڪندئو."

مون چيس:

"سوشما جو ڪو پتو ته ڏي جتي مان کيس ڳولي هٿ ڪريان."

توهان کي ڳولڻ جي ڪابه ضرورت نه ٿيندي هو اوهان کي هر طرف ۽ هر هنڌ ملندي، اتان جي هوا ۾ به اوهان کي سندس جسم جي خوشبو ايندي، سوشما، سوشما ته هندستان آهي دوست!"

ٻئي ڏينهن مون ۽ مون جهڙن ڪروڙها ساٿي داڻن کي پاڻ سان لاريءَ ۾ وٺي واشنگٽن جي هندستاني سفارتخاني تي ڇڏڻ آيو. لاريءَ کي دروازي تي بيهاري برٽ گهنٽي وڄائي، اندران هڪ خوبصورت هندستاڻ ڇوڪري نڪتي، چوڻ لڳي:

"اوهين ڇا ٿا چئو؟"

ٿوري دير تائين تہ برٽ انهي خوبصورت ڇوڪريءَ جي اکين ۾ نهاريندو رهيو. جڏهن اکيون محبت ۽ حجاب ۾ جهڪي ويون، تڏهن چوڻ لڳو:

"هيءَ اناج آندو اٿم، اجا پويان منهنجا ٻيا دوست بہ آٽي رهيا آهن. اوهان جي ملڪ هندستان جي موڪلڻ لاءِ اسان جي هيءَ حقير قرباني قبول پوي"

اهو ٻڌنديئي هندستاڻ ڇوڪريءَ جون اکيون خوشي ۾ ڳوڙهن سان پرجي آيون، ۽ چوڻ لڳي:

"شڪريو! اسين اوهانجو هيءَ احسان ڪڏهن بہ نہ وساريندا سين."

مون کي اتيئي ڇڏي برٽ سيٽيون وڄائيندو واپس هليو ويو. وڃڻ وقت مون ڏٺو تہ سندس منهن ۽ اکين ۾ هڪ عجيب سڪون ۽ عجيب خوشيءَ جي چمڪ هئي، جڻ هن آخري دفعي سوشما جو ديدار ڪيو هجي.

ٻئي ڏينهن اسان کي هندستان جي سفر تي روانو ٿيڻو هو انهي ڪري اها رات مون هندستاني سفارتخاني جي هڪ گودام ۾ گذاري، رات جو وقت اهڙو ٿئي ٿو جو سڄي دنيا سمهي پوي ٿي ۽ محبت جاڳي ٿي. اوچتو دروازو کليو ۽ اها ڇوڪري هٿ ۾ بتي کڻي اندر داخل ٿي. هن جا ڪارا وار کليل هئا، جي ڪلهن تي جهولي رهيا هئا، اکيون چمڪي رهيون هيون. . . اندرايندئي مون کي ۽ منهنجي چند ساٿين کي پنهنجي نرم ۽ نازڪ هٿن ۾ کڻي، اکيون اکين ۾ وجهي گهورڻ لڳي، ايسيتائين جو اتلو آٿون شرمائجي ويس. مون چيس:

'حسين هندستاڻ، تون تہ مون کي ائين گهوري رهي آهين، جيئن ڪو پنهنجي محبوب کي نهاري' مون اندازو لڳايو تہ جواب ۾ سندس دل ائين چئي رهي هئي:

'توکي ڏسندي مونکي ڪنهن جي ياد ٿي اچي!'

مان پڇڻ تي هئس تہ، 'ڪنهن جي ياد اچي رهي آهي' تہ اوچتو ڪنهن جي پيرن جي آهٽ معلوم ٿي، ۽ آواز آيو:

"ايتري رات تائين ڇا ڪري رهي آهين، سوشما؟

انهيءَ تي چيني داڪٽر عجب ۾ پئجي پڇڻ لڳو:
”اها برٿ واري سوشما هئي ڇا؟“
”اها مونکي خبر نہ آهي دوست... ۽ نہ انهي ڄاڻڻ جي ضرورت آهي... بس دوست! منهنجي ڪهاڻي پوري ٿي. هاڻ چيني دوست جو وارو آهي.“

***

# چيني داڻو

هينئر سيئي چيني داڻي ۾ نهارڻ لڳا... چانور جو داڻو هو تہ ننڍو مگر بدن ۾ مضبوط اهڙي ريت ڳالهائي رهيو هو ڄڻ هزارها سالن جي ننڊ مان هينئر جاڳيو هجي. چوڻ لڳو:

"دوستو! اسان جي آمريڪي ڀاءُ جي رام ڪهاڻي يا ايئن چئجي تہ محبت ڪهاڻي اسان سيني ٻڌي. آئون هتي ڪيئن ۽ ڪهڙي مقصد سان آيو آهيان، اها بہ هڪ محبت جي ڪهاڻي آهي. برٽ ۽ سوشما وانگر هيءَ چئن سالن جي ڪهاڻي ڪانهي، هيءَ سون سالن جي پراڻي ڪهاڻي آهي. منهنجي ڪهاڻي اڄ کان پندرنهن سئو سال اڳ شروع ٿي جا هن وقت بہ هلي رهي آهي ۽ شايد تہ هميشہ ٿي هلندي رهي. اوهان کي عجب نہ لڳي تہ هيءَ پندرنهن سون سالن جي پراڻي ڪهاڻي مون چانورن جي داڻي کي ڪيئن معلوم ٿي، جڏهن منهنجي عمر هڪ سال جي بہ نہ آهي؟ اوهان سيني ساٿين کي چڱي طرح معلوم آهي تہ اناج جي هرهڪ داڻي ۾ هزارها سالن جي انساني زندگي سهيڙيل ٿئي سي [illegible] ترقي ۽ جدوجهد، خوشي ۽ غم، لڙڪ ۽ ٽهڪ، محبت جا گيت ۽ جنگي ترانا... ڏسڻ وارين اکين ۽ ٻڌڻ وارن ڪنن کي ان جي هڪ داڻي مان ڇا نٿو ملي سگهي.

اوهان سيني دوستن کي اها تہ خبر آهي تہ مان چين کان آيو آهيان. پنهنجي ملڪ جي تعريف ۾ ڪجهہ بہ چوڻ نٿو گهران، جئين اسان جي آمريڪي دوست ٻڌايو تہ سندس ملڪ جا رهاڪو آمريڪا کي خدا جي زمين سڏيندا آهن. مونکي منهنجي وڏڙن ٻڌايو آهي تہ وڏا ٻول ٻولڻ نہ گهرجن. هزارها سالن کان اسين پنهنجي ملڪ چين کي "درمياني ملڪ" ڪوٺيندا پئي آيا آهيون پوءِ اوهين ڀل ان کي مشرق ۽ مغرب جو درمياني ملڪ سمجهو يا اتر ۽ ڏکڻ جو. يا هڪ اهڙو ملڪ جنهن جا رهاڪو محنتي هجن، درمياني رستو هلڻ پسند ڪندا هجن، نہ ايترا گرم هجن جو

ڳالھ ڳالھ ۾ اٽڪي پوڻ ۽ نہ ايترا وري ٿڏا ھجن جو گھر ڪي باھ لڳي تڏھن بہ خاموش ھجن، نہ ايڏا وڏا دماغا آھن جو زمين تي نگاھ ٿي نہ پوين ۽ نہ وري ايترا ھيٺاھان جو ڪڏھن پلجي بہ آسمان ڏانھن اک کڻي نہ نھارين نہ بدمزاج ۽ بدتميز آھن، نہ چاپلوس ۽ خوشامدڙيا. . .

ھزارھا سالن کان اسين زندگيءَ جي انھي درمياني رستي تي ھلي رھيا ھئاسين. انھي عرصي ۾ ڪيترا دور بدليا. گھڻيئي حڪومتون ڊٺيون ۽ ٺھيون، ڪيترائي فاتح آيا ۽ ويا، انھي ھوندي بہ اسان جي ملڪ جا رھاڪو پنھنجي پراڻي ڪيتيءَ جي ڏنڏي تي ھلندا آيا. اسان جي سماج ۾ سڀ کان وڏو درجو پڙھيل لکيل ماڻھو ۽ عالمن جو ھوندو ھو سپاھين ۽ بھادرن کان سيئي ٻڃندا ھئا مگر، انھن جي ايتري عزت نہ ڪئي ويندي ھئي، البت شاعرن، فنڪارن ۽ قصن ڪھاڻين ٻڌائڻ وارن جو آڌر ڀاءُ ٿيندو ھو اسان جا مصور ۽ ڪاريگر سڄي دنيا ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھئا. ڪاغذ جو استعمال دنيا اسان کان سکيو ڪتاب ڇاپڻ اسان شروع ڪيا، ريشم جو ڪپڙو اسان بنايو سڪن جي بجاءِ ڪاغذ جا نوٽ سڀ کان پھريان اسان رواج ۾ آندا، بارود اسان جي ايجاد آھي. اسين بارود کي خوشيءَ جي موقعن تي آتشبازيءَ ۾ ڪم آڻيندا ھئاسون، جو پوءِ مغربي ملڪن ۾ پھچندي انسان ۽ انسانن جي بستين کي تباھ ڪرڻ جي لاءِ گولين ۽ بمن بنائڻ لاءِ استعمال ۾ آندو ويو.

انھن ڏينھن ۾ سفر ڪرڻ نھايت مشڪل ھو. اسين پنھنجي ملڪ جي زمين کي محبت ۽ پيار سبب ”سٺي ڌرتي“ ڪوٺيندا ھئاسون. اسان جي ديس جا دانشور ۽ ڪاريگر، ساري دنيا کان ايترو اوچا ۽ اڳتي ھئا، جو چينين کي ڪنھن ڌارئي ملڪ ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي ھئي. تنھن ھوندي بہ ٻين ملڪن سان اسان جو ميل جول ضرور ھو. ھڪ جپان ھو جنھن جا رھاڪو اسان جي زبان، اسان جي لکائي جو ڍنگ ۽ ساري تھذيب جو نقل ڪرڻ سکي رھيا ھئا، ٻيو ھندستان، جتان جي رشين، منين، دانشورن ۽ ڪاريگرن جي باري ۾ اسان گھڻو ڪجھ ٻڌو ۽ پڙھيو ھو. چين ۽ ھندستان ۾ ٻڌ ڌرم جي ذريعي گھڻو تعلق پيدا ٿي چڪو ھو. اسان جا ڪيترا ڌرمي مبلغ ۽ ودوان ھماليا جي برف وارن پھاڙن تان اڪري ھندستان ويندا ھئا. اتي ڌرم، ادب، تھذيب ۽ تمدن جو مطالعو

ڪري ڪيترن سالن کان پوءِ واپس ورندا هئا.

ساڍن چوڏهن سون سالن جي ڳالھ آهي، جو چانگ چن هندستان آيو هو. حقيقت ۾ هو هڪ مصور هو سندن رنگين برش نازڪ ليڪن سان اهڙيون خوبصورت تصويرون بنائيندو هو. جو ڏسڻ وارا داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا. ماڻهو چوندا هئا تہ چانگ چن جي برش ۾ ڪو جادو آهي. وڏا وڏا زميندار ۽ جاگيردار چانگ چن کان پنهنجون ۽ پنهنجي زالن جون تصويرون ڪڍائيندا هئا. ڪيس سون جي اشرفين جون ٿيلهيون پيش ڪندا هئا. مگر هو آوارا ۽ سيلاني پنهنجي ٿيلهو ڳچيءَ ۾ وجهيو وڻن، ٻوٽن، پکين ۽ ٻين قدرتي نظارن جي مصوري ۾ مشغول هوندو هو. خبر نہ آهي تہ ڇا جي ڪري هن کي انسانن جي تصويرن ڇڪڻ کان چڙ هئي، ڪن جو چوڻ آهي تہ چانگ چن پيڪنگ جي مشهور ڳائڻ واري گل لالہ سان محبت ڪندو هو ۽ انهيءَ جون ڪيتريون لاجواب تصويرون تيار ڪيون هئائين، جن ۾ هن گل لالہ جي ڪاريھر جهڙن ڪارن وارن، گلابي ڳلن ۽ بادامي اکين کي پنهنجي فن سان جاودان بنايو. چانگ چن غريب هو جنهن ڪري گل لالہ کي جهنگلي گلن کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نذرانو ڏئي نٿي سگهيو. سندس مقابلي ۾ يئين ڪائي زميندار جو پٽ بينگايئين چيائو وقت بہ وقت سونا زيور ۽ ريشمي پوشاڪون نذر ڪندو رهندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو گل لالہ چانگ چن کان منهن مٽي هميشہ لاءِ زميندار جي ٿي وئي. ان کان پوءِ چانگ چن، گل لالہ جون جيتريون بہ تصويرون بنايون هيون تن سيني کي ساڙي ڇڏيو. اهوئي هڪ سبب هو جو ان کان وٺي هن انساني تصويرون ٺاهڻ ڇڏي ڏنيون. هڪ دفعي ڪنهن ڪانئس پڇيو تہ ’تون حسين ڇوڪرين جي بجاءِ رنگين ٻوٽن جون تصويرون ڇو ٿو بنائين؟‘ تڏهن چانگ چن جواب ڏنو:

”ٻئي خوبصورت ۽ بيوفا آهن. ٻئي ڪڏهن هڪ گل کي چوسين تہ ڪڏهن ٻئي کي. مگر پوپٽ رڳو رس چوسي ٿو پر ڪڏهن بہ پنهنجي زهريلي ڏنگ سان گل کي نٿو ڏنگي.“

آخر چانگ پنهنجي شڪستو دل کي کڻي هزارها ميلن جو سفر ڪندو گهمندو ڦرندو پيڪنگ کان ڪينٽن پهتو. مگر اجا بہ سندس قلب کي اطمينان نصيب نہ ٿيو. ڪجھ ڏينهن ڪينٽن ۾ رهندي هن جي زندگي

هڪ اوچتو پلٽو کاڌو. ڪينٽن ۾ هن جي هڪ ٻڌ ڌرم جي مبلغ سان ملاقات ٿي جو هندستان جي سفر جي تياري ڪري رهيو هو. چانگ چيس:

”چڱو مان بہ اوهان سان تيار آهيان. شايد اوهان جي مهاتما ٻڌ جي جنم ڀومي ڀارت ۾ مون کي دلي سڪون نصيب ٿئي.“

مبلغ ڀڪشو ڀريائين تہ ڏاڍو حيران ٿيو چو تہ هندستان جو رستو نهايت سخت تڪليف وارو هو. برف سان ڀريل پهاڙن جي چوٽين کي پيدل پار ڪرڻو پوندو هو. رستي ۾ ڪيترن ئي سون ميلن تائين ڪا بہ جڳهہ يا کوهہ نظر نہ ايندو هو. برف جي ٽڪرن کي پاڻ سان رکڻو پوندو هو ۽ جڏهن اُڃ لڳندي هئي تہ برف کي ڳاري پيئڻو پوندو هو. جيڪڏهن ڪو برف وارو طوفان اچي ويندو هو تہ سڀ پهاڙي رستا برف سان ڍڪجي ويندا هئا ۽ رستي تان ڀٽڪندي ڀٽڪندي ڪيترا مسافر مري ختم ٿي ويندا هئا. انهي ڪري هي عام ڀهاڪو هوندو هو تہ ’هندستان وڃڻ سولو مگر اتي پهچڻ مشڪل آهي‘ انهي هوندي بہ جن کي ڌرم جي محبت ۽ دنيا جي ڳولا ڪرڻ جي ڌن هوندي هئي اهي انهن سڀني مصيبتن هوندي بہ هليا ويندا هئا... انهي ڪري تہ جيڪڏهن جيئرا رهيا تہ سونهري تاجن واري هندستان ۾ ضرور پهچي ويندا.

چانگ چن جو ارادو ٻڌندي ئي مبلغ ڀريائين تہ حيران ٿي ويو. پر پوءِ سوچي خوش ٿيو تہ رستي جو هڪ ساٿي ملي ويو. مبلغ جي هيءَ خوش قسمتي هئي جو چيانگ چن هن جو ساٿي بنيو. ٽي ڀاڱي چار رستو تہ خيريت سان گذري ويو پر جڏهن تبت ۽ هندستان جي سرحد تي رسيا تڏهن برف جو طوفان چوطرف گهيري وين. آسمان ۽ زمين برف سان سفيد ٿي ويا. سردي ايتري هئي جو ويچاري مبلغ جا پير وڪ کڻڻ کان جواب ڏيئي بيٺا. هن لاءِ ہہ وکون اڳتي کڻڻ بہ نا ممڪن ٿي ويو. آخر مجبور ٿي چانگ کي چوڻ لڳو:

”دوستا! منهنجو آخريُ وقت اچي ويو آهي. مون کي هتي ڇڏي ڏي ۽ تون جنهن بہ نموني ٿي سگهي اڳتي هليو وڃ.“

پر نوجوان مصور هي ڳالهہ نہ مڃي. پنهنجي ساٿي کي ڪلهن تي کڻي، ٿڙندو ڪرندو اڳتي هليو____ نتيجو اهو نڪتو جو مبلغ جي حياتي تہ بچي ويئي ليڪن چانگ چن مرندي مرندي بچيو. هڪ ڏينهن جيئن

هندستان جي سرحد کان لنگهي هو هڪ ڳوٺ ۾ پهتا، تڏهن چانگ کي سخت بخار چڙهي ويو. انهي ڳوٺ جي ڀر سان ٻڌوان ٻڌ جو هڪ مندر هو. جتي پهچندي کين سهارو ملي ويو. چانگ جو بخار اڳئين کان وڌيڪ تيز ٿي ويو. مبلغ، چانگ کي هندستاني دوستن جي حوالي ڪري پاڻ اڳتي هليو ويو وڃڻ کان هن سيني مشهور شهرن، مقدس جاين، اتر ۾ پاٽلي پٽ کان وٺي ڏکڻ ۾ مهابلي پرم تائين هڪ لسٽ لکرائي ڇڏي ۽ چانگ کي چيائين:

"چاق ٿيڻ تي هليو اچج، يقين آهي ته ڪٿي نه ڪٿي ضرور اسان جي ملاقات ٿيندي ۽ پوءِ سڄي هندستان جو سفر ڪري ڏسي وائسي، گڏجي واپس وطن ورنداسون."

مگر هن سرحدي علائقي کان سواءِ چانگ چن هندستان جو ٻيو ڪو به علائقو ڏسي نه سگهيو. جڏهن ان جو بخار گهٽ ٿيو تڏهن مندر ۾ رهندڙ ٻڌ جي پوڄارين چانگ تي زور ڀريو ته هو اجا به ٻه چار هفتا ترسي جيسيتائين چڱي ريت چاق ٿئي. وڏي مبلغ جي مرضي هئي ته چانگ کي ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ بنايو وڃي ۽ اجا به ٿي سگهي ته کيس برهمچاري بنايو وڃي. چانگ شروع کان ئي مهاتما ٻڌ جي عاليٰ شخصيت کان متاثر هو. انهي مندر جي ماڻيٽي ۽ پاڪ ماحول ۾ چانگ بهتر ڄاتو ته منهنجي دل جي بيماريءَ جو اهوئي علاج آهي ته پنهنجي روح کي مهاتما ٻڌ جي عظيم روح ۾ ملائي ڇڏيان ۽ ٻڌ ڌرم جو پوڄاري بنجي وڃان. مندر جي مهنتن هن لاءِ گيڙو رنگ جا ڪپڙا تيار ڪرايا. اهڙي طرح چانگ جي نئين زندگيءَ جي آغاز جو هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ويو.

انهيءَ کان اڳئين ڏينهن شام جو چا ٿيو جو چانگ گهمندي گهمندي هڪ ڳوٺڙي ڏانهن نڪري ويو. ڳوٺ جي ٻاهران هڪ کوهه هو جتي ڳوٺ جون ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ آيون هيون. ڪي آيون ٿي ۽ ڪي ويون پي، ڇوڪرين جي پاڻ ۾ کل مسخري لڳي پيئي هئي، هڪٻئي کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي رهيون هيون. اوچتو هڪ ڏارئي ۽ پرديسيءَ کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي ڇڙوڇڙ ٿي ويون. فقط هڪ ڇوڪري جنهن اجا پنهنجي گهاگهر نه ڀري هئي رهجي ويئي. چانگ جڏهن سندس ڀرسان پهتو تڏهن هن ڏٺو ته هڪ نهايت بدصورت ڇوڪري آهي، ايتري بدصورت جيتري

گل لالہ خوبصورت هئي. پيڪنگ جي حسينا جي رنگت پيلي گلاب جهڙي هئي ۽ هيءَ هندستاڻ ڳوناٽي ڇوڪري سانوري هئي، گل لالہ ايتري نازڪ هئي جو جيڪڏهن گلدستو نوڙي ڪٽي تہ سندس چيلهہ ۾ ور پئجي وڃي ۽ هيءَ ڳوناٽي ايتري تہ مضبوط هئي جو پاڻيءَ جي هڪ وڏي پريل گهاگهر ڪٽندي بہ سندس ڪمر ۾ ور نٿي ٿيو. چانگ دل ۾ سوچيو تہ 'شايد هن ديس ۾ شايد هن ديس ۾ خوبصورت ڇوڪريون آهن ئي ڪين—— هي وڏيون وڏيون اکيون، وڏا ۽ بي ڊولا ڪلها، بيشرميءَ جي حد تائين اپريل سينا ۽ هيءَ مردن جهڙا وڏا وڏا پير. انهي هوندي بہ هتان جا شاعر اهڙين عورتن جا گيت ڳائين ٿا.'

"راڌان! اڙي او راڌان!!" پري سندس سهيلين جو آواز هوا ۾ اڏامندي چانگ جي ڪنن تي پهتو.

'راڌان! تڏهن ان بدصورت ڇوڪريءَ جو نالو راڌان آهي' چانگ پنهنجي دل ۾ سوچيو 'راڌان! مگر نالو تہ خوبصورت آهي.'

ايتري ۾ راڌان اها پريل گهاگهر پنهنجي مٿي تي رکندي، چانگ ڏانهن هڪ اڇليندڙ نگاهہ وڌي، نگاهہ وجهنديئي هو پنهنجو رستو ونيون هلي ويئي. سج لهڻ وارو هو ۽ آسمان تي هلڪي هلڪي رنگ جا ڪڪر چانئجي ويل هئا، پري کان ڪٽڪ جي آبادي جي ساوڪ نظر اچي رهي هئي جنهن جي پويان پهاڙن جو سلسلو هو جو پارت کان تبت ۽ تبت کان چين تائين پکڙيل هو. انهي سرحد تي وڏن ڪلهن ۽ مردن جهڙن پيرن واري هلندڙ راڌان چانگ کي ناهوڪي پئي لڳي. هيءَ خوبصورت نظارو فنڪار جي روح کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي پي لڳو. مگر هن ۾ هلڪي هلڪي جهومندڙ چال سندس پريل جسم جا سڊول خط، هن جي گوڏن جو خم، سر تي رکيل ٽامي جي گهاگهر جي سونهري چمڪ. سيئي ملي هڪ اهڙي پرڪشش تصوير بنجي ويئي، چانگ کي ايئن ٿي محسوس ٿيو تہ اڄ تائين جيڪي هن درختن، ڊنڊن ۽ پکين جون تصويرون بنايون هيون، سي بلڪل بيڪار هيون. هن جي دماغ تي هڪ اهڙي بجلي ڊوڙي وئي تہ دنيا جو ڪو بہ خوبصورت نظارو انسان کان سواءِ مڪمل ٿي نٿو سگهي. هن سوچيو تہ 'جيڪڏهن هن وقت جي نظاري مان راڌان جي جهومندڙ رفتار کي ڪڍيو وڃي تہ هيءَ پهاڙ هيءَ بادل، هيءَ کيت، هيءَ قدرت جو حسن

بلڪل چِٽو ۽ هلڪو ٿي ويندو هيءَ سموري تصوير بيجان ٿي ويندي، ٿوري دير کان پوءِ هن پنهنجي تيلي مان ڪاغذ، برش ۽ رنگن جي دٻي ڪڍي. ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ هن جون ڏکيون ۽ سنهيون فنڪارانا آڱريون تيزيءَ سان پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويون. هوڏانهن راڌان پيپري جي ور ۾ پوئتي نهاريو، پرديسيءَ کي تصوير بنائيندي ڏسي هن مرڪي ڏنو. سهيليون انتظار ۾ هيون. راڌان جڏهن ويجهي آئي تڏهن سڀئي کيس چيڙائڻ لڳيون:

”ڪير هو اهو پرديسيءَ جو توکي گهوري رهيو هو؟“ هڪ ساهيڙي پڇيس.

انهيءَ تي راڌان شرمائي چوڻ لڳي:

”ڪو تصوير بنائڻ وارو آهي.“

اهو ٻڌنديئي سيني وٽي ٿهڪ ڏنو. سندن ٿهڪن جون لهرون چانگ جي ڪنن تائين پهچي ويون. هي پهريون ئي دفعو هو جو سالن کان پوءِ چانگ جي اداس چهري تي مرڪ پيدا ٿي. تصوير جي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ چانگ مندر ۾ پهچنديئي پنهنجا گيڙو رنگ جا ڪپڙا واپس ڪيا. مندر جي وڏي مهنت کي چوڻ لڳو:

”مهنت صاحب! اوهين برابر دنيا کي ترڪ ڪري سچائيءَ جي ڳولا ڪري رهيا آهيو پر مان فنڪار آهيان. مونکي هن ئي دنيا ۾ سچائيءَ کي ڳولڻو آهي.“

پندرهن مهينن کان پوءِ جڏهن سندس وطني مبلغ دوست، سڄو هندستان گهمي آيو، تڏهن چانگ کي ساڳئي ڳوٺ ۾ ڏسنديئي نهايت حيرانيءَ مان پڇڻ لڳو:

”چانگ اڃا اتي آهين. مان تہ سڄو هندستان گهمي آيس.“

چانگ نهايت اطمينان سان چوڻ لڳو:

”مون هن ڳوٺڙي ۾ ئي ساري هندستان کي ڏسي ڇڏيو مبلغ صاحب“ مبلغ چوڻ لڳو:

”هيءَ عجيب ملڪ آهي دوست. هتان جا رهاڪو پنهنجي گهرن کي ڪلف ئي ڪونہ هڻندا آهن“

انهيءَ تي چانگ مرڪندي چيس:

”انهيءَ ڪانڻ بہ عجيب ۽ وڏي ڳالھہ هي آهي جو هتي جا ماڻهو پنهنجي دل جا طاق بہ هميشہ ئي کليل رکن ٿا.“
مبلغ چوڻ لڳو:
”مون جنهن بہ هنڌ پاڻيءَ جي ڳُهر تي ڪٽي تہ پيئڻ لاءِ کير ئي ٿي مليو.“
مبلغ هندستاني رواج مطابق راڏان جي مرحبا ڪندي چيو:
”مبارڪ هجي هيءَ چين ۽ ڀارت جي شادي!“ ان ڪان پوءِ هن پنهنجي سفر ۽ هندستان ۾ ڪيل زيارتن جو ذڪر ڇيڙيو:
”دوست پاٽلي پٽ، قنوج ۽ ڪاشي جي مندرن جا ڇت اصلي سون جا ٺهيل آهن جي سج جي روشنيءَ ۾ اهڙو چمڪندا آهن...“
”جهڙي هن منهنجي راڏان جي گهاگهر“ چانگ کلندي پنهنجي زال جي طرف اشارو ڪيو جا کوهہ ڏانهن پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃي رهي هئي.
”۽“ مبلغ چوندو ويو: ”مانسرور ڍنڍ ايتري تہ گهري آهي، ايتري تہ گهري آهي...“
”جهڙيون منهنجي چنگوءَ جون اکيون“ چانگ پنهنجي ننڍڙي ڇوڪري کي هنج ۾ کڻندي چيو. چنگوءَ جون اکيون پنهنجي پيءَ وانگر ننڍيون ۽ ماءَ وانگر گهريون ۽ چمڪندڙ هيون. مبلغ پنهنجي هڪ ڪپڙي جي بڏل هڙ کي کوليندي چوڻ لڳو:
”ڀارت وانگر سچ پچ تہ اٽل سچائيءَ جي تلاش ڪئي آهي.“
”نيڪ آهي“ چانگ چڻ چيو: ”مگر صحيح سچائي رڳو پالي ۽ سنسڪرتِ جي انهن پراڻن ڪتابن ۾ ڪانهي، سچائي ٻڙ جي انهن پراڻن وڻن ۾ بہ آهي جتي ڳوٺن جا پير مرد پاڻ ۾ ڳالهين ڪنديئي پنهنجا ننڍا وڏا فيصلا نبيريندا آهن.“ پرسان پيل چانورن جي ڍير مان مٺ ڀريندي چوڻ لڳو: ”سچائي چانورن جي انهن داڻن ۾ بہ آهي جي منهنجي ۽ راڏان جي گڏيل محنت سان پوکيا ويا آهن، جتي سچي محنت آهي، سچي خوشي آهي، سچي محبت آهي.“
افسوس جو راڏان جي سچي محبت گهڻا ڏينهن هلي نہ سگهي. هڪ ڏينهن چانگ چڻ جيئن پوک تان موٽي رهيو هيو تہ واٽ تي ڪيس نانگ ڪائي وڌو. راڏان رئندي دانهون ڪندي پنهنجي مڙس وٽ پهتي، ڏنگ

واري جاءِ تي وات رکي زهر چوسڻ لڳي ويئي، مگر زهر بدن ۾ ڪافي هلي چڪو هو. راڌان کي جڏهن هي معلوم ٿيو ته هاڻ چانگ جي بچڻ جي ڪابه صورت ڪانهي تڏهن سندس اکين جا ڳوڙها هڪدم سڪي ويا ۽ سندس چهري تي هڪ عجيب خاموشي ڇانئجي وئي. هن وري ٻيهر به زخم تي وات رکي زهر کي چوسڻ جي ڪوشش ڪئي، هن دفعي جيڪو به رت چوسيائين سو ٻاهر اڇلائڻ بجاءِ شربت جي هڪ ڍڪ وانگر پيءَ ويئي. شام ٿيندئي ٻنهي دم ڏنو. مرڻ کان اڳ چانگ، مبلغ کي گهرائي چيو:

”مان ته هاڻي ڪڏهن به چين واپس وڃي نه سگهندس، تون چنگوءَ کي پاڻ سان وٺيو وڃجانءِ ۽ کيس پنهنجي پٽ وانگر پالجانءِ ۽....... ۽“ مرڻ وقت پنهنجي هٿن کي بي اختيارانا هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي پاسي ۾ پيل هڪ چانورن جي ڍير مان مٺ ڪڻي چوڻ لڳو:

”هيءَ چانورن جا داڻا وڃڻ وقت پاڻ سان کنيو وڃجان ۽ منهنجي ٻنيءَ ۾ پوکجان، انهن داڻن ۾ منهنجو ۽ راڌان جو خون پسينو آهي، هيءَ اسان جي محبت جي نشاني آهي.“

اهڙي ريت چنگو ۽ هندستاني چانورن جا مٺ ڀر داڻا مبلغ سان گڏ چين پهتا. چنگو جڏهن وڏي جوان ٿيو تڏهن پاڻ پوک ڪرڻ لڳو. پيءَ ماءَ جي ياد ڪڏهن به دل تان وسرڻ جي نه هئي. ڳوٺ وارا هن کي ”يارتي چنگوءَ“ جي نالي سان سڏيندا هئا. مان به انهي يارتي چانورن جو هڪ داڻو آهيان. چنگو جي عمر نوي سالن جي هئي جو پنهنجي پويان نو پٽ، پنج ڌيئرون، ڪيترا پوٽا پوٽيون ڏوهٽا ڏوهٽيون ڇڏي مري ويو. اڳتين زماني ۾ هن خاندان جي نسل ۾ چڱي واڌ ٿي مگر اٺويهين صدي ۾ اهڙو اچي ڏڪار پيو جو يارتي چنگوءَ جي اولاد کي پنهنجي زمين، زميندارن جي هٿن ۾ وڪڻڻي پئي، جي بينگي يئين ۽ گل لاله جي اولاد مان هئا. ٿوري وقت کان پوءِ يارتي چنگوءَ جو اولاد، پيڪنگ کان وٺي ڪينٽن ۽ هانگ ڪانگ تائين ڇڙوڇڙ ٿي ويو. سندن يارتي چانورن جا فصل، لوفان جي هٿان وڪجي ٻين ملڪن ڏانهن وڃڻ لڳا.

يارتي چنگو جي ٽيويهين پيڙهي ۾ ڊاڪٽر چنگ مائو پيدا ٿيو جو انگريزي اسڪولن ۾ پڙهيو هو ۽ يورپ جي يونيورسٽين ۾ ڊاڪٽريءَ

جي تعليم حاصل ڪئي هئائين. جڏهن ڊاڪٽر چنگ امتحان پاس ڪري ڪينٽن ۾ آيو تڏهن پنهنجي ملڪ کي نهايت بري حالت ۾ ڏٺائين. مانچو بادشاهه پيڪنگ ۾ عيش عشرتون ڪري رهيا هئا. ڪروڙين هاري زميندارن، جاگيردارن ۽ شاهوڪارن جي فولادي شڪنجي ۾ جڪڙيل هئا. ساري ملڪ جي شهرن ۽ اتان جي واپار تي غير ملڪي حڪومت هئي ۽ جڏهن به رعيت پنهنجي حقن لاءِ سر کڻي آواز بلند ڪندي هئي ته مانچو راجا غير ملڪي بندوقن جي مدد سان کين ڪچلي ڇڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر سن يات سين جنهن کي ملڪ نيڪالي ڏني ويئي هئي، سو پنهنجي ساٿين جي مدد سان لڪي لڪي انقلاب جون تياريون ڪري رهيو هو. ڊاڪٽر چنگ، سن يات سين جي خاص ساٿين مان هو. هو ۽ سندس زال چين سنگ، انقلابي پارٽيءَ جا سڀ کان وڏيڪ جوشيلا ڪارڪن هئا. سندن گهر انقلابي پارٽيءَ جو هيڊڪوارٽر هو. رات جو روز گهر جي ٻاهرين ڪمرن جون بتيون وسائي تهخاني ۾ سندن ميٽنگ ٿيندي هئي، سندن ٻاهريان انقلابي ساٿي جڏهن پوليس کان لڪي ڪينٽن ۾ ايندا هئا، تڏهن ڊاڪٽر چنگ سندن ڪوبه فرضي نالو رکي پنهنجي اسپتال جي رجسٽر ۾ داخل ڪري کين اسپتال ۾ بيمار ڄاڻائي رهائيندو هو. جن ساٿين جون تصويرون پوليس جي اشتهارن ۾ شايع ڪرايل هونديون هيون، تن جي منهن تي پٽيون ٻڌايون وينديون هيون جڻ ته منهن تي ڪو وڏو زخم ٿيل آهي يا ته سارو ڏينهن ڪمبل ۾ منهن وجهيو سخت بيمارن وانگر لڪا پيا هوندا هئا.

ڊاڪٽر چنگ ۽ زال چين سنگ کي دنيا ۾ فقط ٻن شين سان محبت هئي، هڪ انقلاب سان جنهن جي لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ٻيو پنهنجي ڇهن سالن جي نياڻي چنگ لان سان مطلب ته جڏهن به کين ڊاڪٽري ۽ سياسي ڪمن کان فرصت ملندي هئي ته چنگ لان سان ويهي رانديون ڪندا ۽ دل وندرائيندا هئا. هن کي وندرائڻ لاءِ رنگين ڪاغذن جا لالٽين ۽ نموني نموني جا تصويرن وارا ڪتاب ڏيکاريندا هئا. پيءُ ماءُ شروع کان ئي چنگ لان لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته وڏي ٿيڻ تي هو ضرور ليڊي ڊاڪٽر بڻبي. چنگ لان ننڍي کان ڏاڍي چالاڪ ۽ هوشيار هئي، اک وٺي گهر کان اسپتال تائين

پهچي ويندي هئي ۽ اتي پنهنجي حرڪتن سان مريضن کي ڪلائيندي رهندي هئي، رات جو جڏهن انقلابي پارٽيءَ جي تهخاني ۾ صلاح مصلحت هلندي هئي تہ هيءَ هڪ ڪنڊ ۾ چپ چاپ پنهنجي پيءَ ۽ ماءُ ۽ سندن ساٿين جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. اچا هو لفظ "انقلاب" جو مطلب بہ سمجهي نہ سگهندي هئي. مگر ايترو ضرور ڄاڻندي هئي تہ هي سيئي سندس ملڪ جي غريب عوام جا دوست آهن... "انقلاب" ڊاڪٽر سن يات سين.

گورنمينٽ جا جاسوس هڪ ڏينهن لڪي لڪي ڊاڪٽر سن يات سين جي گهر تي پهچي ويا. انقلابي اڏي تي چوڌاري هٿياربند پوليس جو گهيرو ٿي ويو. خوش قسمتيءَ سان انهي ڏينهن گهر ۾ نہ ڊاڪٽر هو نہ سندس انقلابي ساٿي. رڳو چين سنگ ۽ ننڍڙي چنگ لان، جا پنهنجي گڏين سان کيڏندي رهي هئي. چين سنگ جيئن پوليس جي موٽرن کي گهر ڏانهن ايندي ڏٺو هو سڌي تهخاني طرف ڀڄي جتي نہ رڳو انقلابي ڪتاب پيل هئا پر انقلابين ۽ انقلابي اڏن جي نالن ۽ پتن جون فهرستون پڻ پيل هيون. چين سنگ هيٺين پيل خطرناڪ ڪاغذن کي جلدي جلدي ڦاڙي ۽ جلائي رهي هئي تہ پوليس وارا هڪدم گهر جي مٿين ڪمرن ۾ اچي گهڙيا. چنگ لان کي ڪهڙي خبر تہ هي ماڻهو ڇاجي لاءِ آيا آهن؟ هو ايترين ڊريسن ۾ انهن تي لڳل تمغن کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان نهارڻ لڳي، جيئن هو سيئي ڪنهن ڊرامي جا ايڪٽر هجن.... مگر کيس اهو معلوم نہ هو تہ هيءَ ڊرامو ڪيترو هيبتناڪ ثابت ٿيندو.

پوليس انسپيڪٽر پنهنجي آفيمي اکين کي آهستي آهستي کوليندي چوڻ لڳو:

"ننڍڙي خوبصورت ڇوڪري! تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟"

چنگ لان نهايت البيلائيءَ سان چيو:

"هوءَ تہ ڪالهہ رات کان ٻاهر ويو آهي."

انسپيڪٽر پنهنجا زرد ۽ غليظ ڏند ڏيکاريندي چوڻ لڳو:

"يلا ڪيڏانهن ويو آهي تنهنجو پيءُ. اسان جو هن ۾ هڪ ضروري ڪم هو."

انهيءَ تي چنگ لانگ پنهنجي گڏين کي پرپرو ڪندي ڏاڍي

سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو:
"اهو مون کي معلوم ڪونهي، باقي انقلاب صاحب اچڻ وارا آهن ته ضرور ان کي ونڻ ويو هوندو."
انسپيڪٽر جي مسڪراهٽ ۾ زهر گڏيل هو. پنهنجي سپاهين کي اک هڻي چوڻ لڳو:
"شاباس ڏيءَ شاباس! تون ڏاڍي هوشيار آهين. پلا هيءَ ته ٻڌا، ته تنهنجي ماءُ ڪٿي آهي؟"
چنگ لان گڏين کي بند ڪري اٿي کڙي ٿي، "اها ته هينئر هيٺ تهخاني ۾ وئي آهي."
"تهہ خانو!" انسپيڪٽر حيرانيءَ سان ساڳيا لفظ ورائي چيا.
"ها، ها! تهہ خاني ۾، اتي ئي بابا، چاچا فانگ ماما مائو ۽ امان، سيئي انقلاب صاحب جون ڳالهيون ڪندا آهن."
هن سوچيو ته، 'هيءَ ماٺهو کهڙا نه تکڙا ۽ جلدباز آهن، مون اجا ڳالهه پوري ئي ڪانہ ڪئي ته هو تهہ خاني جي ڏاڪڻ تي هيٺ لهڻ لڳا آهن. شايد انقلاب صاحب جي اچڻ جي خبر ٻڌي آيا آهن ۽ انهي ڪري ئي هنن کي امان سان ملڻ جي تڪڙ آهي.' اهو سوچيندي هو مرڪڻ لڳي. 'اڄ انقلاب صاحب جا ايترا دوست گڏجي آيا آهن جو امان کي انهن سينيءَ لاءِ ڪاڏو ٻٽاٽو پوندو....'
اُتي بيٺيئي هن کي پنهنجي ماءُ جي هڪ اهڙي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي، جو سندس ننڍڙي معصوم دل هڪ دم ڏڪي وئي، ان هوندي بہ سندس چهري تي اجا مرڪ نمودار هئي. جيئن سچ جي لهي وچڻ کان پوءِ بہ ٿوري گهڙيءَ لاءِ اس هوندي آهي... پر جهڙي طرح اها نقلي ۽ دوکيباز هوندي آهي اهڙيطرح سندس اها مرڪ بہ هڪ دوکو هئي. جيئن ڪنهن مردي جي چهري تي هڪ ڪلنڊڙ نقاب چاڙهيو وڃي... انهي گهڙي ۾ ئي ننڍڙي چنگلان جي دل بہ مري چڪي هئي. سندس ماءُ جي رڙ ۾ غم بہ هو ۽ غصو بہ، حيراني بہ هئي ۽ نفرت بہ، خوف بہ هو ۽ دليري بہ، پڪار بہ هئي ۽ فرياد بہ، پر چنگلان جي لاءِ انهي رڙ ۾ سندس ماءُ جي موت جو اعلان هو. نہ معلوم ڇو کيس هڪدم يقين ٿي ويو تہ سندس ماءُ مري چڪي آهي، انهي آفيمي اکين ۽ غليظ ڏندن واري انسپيڪٽر ماري ڇڏي آهي. موت جي خوف ۽

اڪيلائيءَ جي احساس ڇوڪري جي گلي کي اهڙو تہ گهٽي ڇڏيو جو نہ سندس منهن مان دانهن نڪري سگهي نہ اوڇنگار. هن جا پير پٿر بنجي ويا، نہ هو ماءَ جي مدد لاءِ اسپتال ڊوڙي سگهي، نہ ڪمپائونڊرن کي سڏڻ لاءِ اسپتال جي طرف...

ڪجهہ دير ڪان پوءِ پوليس وارا ڪاغذن جا ٽڪر، ڇاپڻ جي مشين ۽ ڪيترائي ڪتاب ڪٺي تهخاني ڪان ٻاهر نڪتا. چنگلان اجا بہ انهي نموني بيٺي هئي. غير فطري خوفناڪ مرڪ اجا تائين سندس چپن تي هڪ مئل جونءِ وانگر چنبڙيل هئي. سندس اکين ڏٺو تہ انسپيڪٽر وڏي اطمينان سان ڪوٽ جا بيڙا بند ڪندو مٿي اچي رهيو آهي، ۽ سندس آفيمي اکين ۾ هڪ عجيب ۽ زهريلي چمڪ هئي، جهڙي چنگلان هڪ دفعي ڪنهن ميڙ ۾ شيطان جي اکين ۾ ڏٺي هئي.

هن دفعي انسپيڪٽر ۽ سمورا سپاهي چنگلان سان سواءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ٻاهر نڪري ويا ۽ سڄي گهر تي خاموشي ڇانئجي وئي. هاڻ چنگلان آهستي آهستي، ڊڄندي ڊڄندي تهخاني جي ڏاڪڻ تان لهي هيٺ ويئي، ڪمري ۾ هڪ اگهاڙو بلب زرد روشني ڦهلائي رهيو هو انهي روشنيءَ ۾ چنگلان کي زمين تي پنهنجي ماءَ جو چهرو اهڙو تہ ڏسڻ ۾ آيو جو جڻ تہ هو اجهو ٿي ڳالهائي. هن جون اکيون حيراني سبب کليل هيون، چپ نفرت ڪان پڪوڙيل هئا، مٺيون بند هيون ۽ هن جي سفيد ڪپڙن تي تازي خون جا ٽڪا هئا.

چنگلان کي معلوم ٿيو تہ جڏهن مٺ مائٽ مري ويندا آهن تہ سڀ رئندا ۽ پٽيندا آهن، هاءِ هاءِ ڪندا آهن. اڳئين سال جڏهن سندس ڏاڏي وفات ڪئي هئي تہ گهر ۾ ڪيترو نہ روڄ پٽڪو ٿيو هو مگر ڪوشش ڪرڻ تي بہ چنگلان پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي نہ سگهي. هن جي خوفناڪ مرڪ جي مئل جونءِ اجا تائين هن جي چپن تي چنبڙيل هئي. ان هوندي بہ هنجي دل ۾ ڪا شئي ٽڪر ٽڪر ٿي چڪي هئي، هن جي خوشي ۽ هن جي معصوميت، هڪ پل ۾ هن ڪان وڇڙي چڪو هو.

چين سنگ جهڙين ڪيترن ئي شهيدن جي خون آخر رنگ لاتو. انقلاب ڪامياب ٿيو مانچو بادشاهن جي بادشاهت ختم ٿي ۽ چين ۾ عام ماڻهن جي حڪومت قائم ٿي. ڊاڪٽر سنيات سين پهريون ئي پريزيڊنٽ

چونڊيو ويو. هڪ ڏينهن جڏهن هو پنهنجي دوست ڊاڪٽر چنگ وٽ دعوت تي آيو نهايت محبت ۽ پيار سان ننڍڙي چنگ جي مٿي تي هٿ ڦيريائين. ڳالهين ڪندي ڊاڪٽر سنيات سين، ڊاڪٽر چنگ کي چيو ته 'هو پنهنجي صحت جي محڪمي کي پنهنجي هٿن ۾ سنڀالي'، چنگ لان ڏنو ته سندس پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ سندس اکيون سامهون ديوار تي ٽنگيل پنهنجي زال جي تصوير ڏانهن چڪجي ويون. چوڻ لڳو:

"چين سنگ هميشه اهوئي خواب ڏسندي هئي، چوندي هئي ته انقلاب کان پوءِ تون ڊاڪٽر سن جي سرڪار ۾ صحت جي اداري جو انچارج ٿيندين، تڏهن ئي تون پنهنجي ڊاڪٽريءَ سان پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري سگهندين."

ڊاڪٽر سن ڳالهه کي ڦيرائيندي چوڻ لڳو:

"ڏس چنگ، پنهنجي ڌيءَ کي ضرور ڊاڪٽريءَ جي تعليم ڏج. ڪيئن ڌيءَ، تون ليڊي ڊاڪٽر ٿيندين نه؟"

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سن به هن جهان مان هميشه لاءِ موڪلائي روانو ٿيو. انقلاب کان پوءِ رد عمل جو دور آيو هارين ۽ مزورن جي طرفداري ڪرڻ وارن کي ڳولي ڳولي نوڪرين مان ڪڍيو ويو ۽ هڪ دفعي وري ڊاڪٽر چنگ مائوءَ جو نالو خفيه پوليس جي دفتر ۾ شڪي ماڻهن جي لسٽ ۾ داخل ڪيو ويو چنگ لان جا هاڻ پيڪنگ جي جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جڏهن موڪل تي گهر آئي تڏهن هن ڏٺو ته سندس پيءُ جي مٿي جا وار سفيد ٿي چڪا آهن، چهري تي گهنج وري ويا آهن، پر سندس انقلابي جوش اڄ به اهڙوئي آهي، اڄ به هن جي گهر جي تهخاني ۾ انقلابي گڏ ٿيندا آهن، اڄ به پوليس کان بچڻ لاءِ انقلابي نوجوان ڊاڪٽر چنگ جي اسپتال ۾ بيمار بنجي رهندا هئا. چنگ لان سوچيو ته 'انقلاب ته آيو مگر اسان اهڙي جا اهڙا. جيڪڏهن جلد هن حڪومت جو تختو اونڌو نه ڪيو ويندو ته مانچو حڪومت وانگر هيءَ زميندارن، شاهوڪارن ۽ غير ملڪي سامراجي پنن جي حڪومت، هارين ۽ مزورن جو خون جورن وانگر چوسيندي رهندي، هينئر هو نه رڳو سياسي ڳالهين کي سمجهڻ لڳي بلڪ انهن ۾ حصو وٺڻ به شروع ڪيائين، هن جو پيءُ هڪ ڏينهن کيس چيو:

”چنگ لان مان سوچي رهيو آهيان تہ اسانکي هتان نڪري اتر جي طرف هلڻ گهرجي، اتي ڪيترن ئي صوبن ۾ هارين ۽ مزورن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي آهي، پنهنجي فوج بنائي آهي ۽ هو هن رجعت پسند مرڪزي سرڪار جي فوجن جو بهادراڻو مقابلو ڪري رهيا آهن.“

هو اجا ڪينٽن ڇڏڻ جي تياري ئي ڪري رهيو هو تہ هڪ ڏينهن پوليس اچي گهر تي گهيرو ڪيو. ٻريسون بدليل هيون، وارنٽ مانچو مهاراجا جي بدران نئين حڪومت جاري ڪيل هئا. پوليس جي ٽولي کي گهر ۾ گهڙنديئي چنگ لان انسپيڪٽر کي سڃاڻي ورتو، اهو ساڳيوئي آفيمي اکين وارو جنهن چوڏنهن سال اڳ هن ساڳي جاء تي حملو ڪيو هو. ڊاڪٽر چنگ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ جڏهن کيس ٻاهر وٺي وڃي رهيا هئا، تڏهن هن فقط هڪ نظر ڏي ڏانهن ڏسندي چيو:

”چنگ لان گهٻرائج نہ“

چنگ لان انهي جو مطلب سمجهي ويئي، پٽس کيس حڪم ڏيئي رهيو هو تہ اتر جي انقلابي ساٿين سان وڃي ملي ۽ انهي رات ئي هو اتان غائب ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر چنگ کي غداريءَ جي ڏوهہ ۾ ٻين پنجويهہ ساٿين سان گڏ گولي هنئي وئي.

ماءَ جو موت، پيءُ جو قتل، گهر جو ڇنجڻ، ڪاليج جي پڙهائيءَ جو بند ٿيڻ، چنگ لان جي دل ۾ ڪيترا نوان ۽ پراڻا گهاو هئا. هن جو خيال هو تہ اتر ۾ پهچي ڪجهہ گهڙيون آرام سان گذاريان، پر جيئن اجا هن فوجي اسپتال ۾ هڪ نرس جو ڪم مس شروع ڪيو تہ مرڪزي حڪومت جي فوجن حملو ڪري ڏنو.

انقلابي چئني طرفان گهيرجي ويا. هاڻ هنن جي اڳيان فقط ٻہ رستا هئا، يا تہ شڪست قبول ڪن يا تہ راتورات اوچن پهاڙن تان لهي اتر طرف وڃي تمام گهٽو پري پهاڙن ۾ نئين سر پنهنجو هارين ۽ مزورن جو راڄ قائم ڪن. سندن فوج جي ڪمانڊر ڪوچ جو حڪم ڏنو ۽ اونداهي رات ۾ هي مختصر قافلو روانو ٿيو. هي ماڻهو خانابدوش ٿي نہ هئا، ۽ نہ فقط پنهنجا گهر ٻار ڪنڌن تي کنيو پهاڙن، ندين، ريگستانن، جهنگلن ۽ ميدانن کي پار ڪندا وڃي رهيا هئا. رستي ۾ مٿن ڇا ڪجهہ گذري، بک، اڃ، بيماريون، دشمن جي فوج جا حملن تي حملا! هوائي جهازن جي

بمبازي، ڪيترن ئي راهه ويندي پنهنجي نيڪ مقصد ۾ پياريون حياتيون ڪلنڌي قربان ڪيون. باقي جي ڪجهه بچيا سي تڪليفن کي سهندي سهندي ڪندا ٿي ويا. هينئر نرس جي حيثيت ۾ چنگ لان کي پنهنجي ڊاڪٽريءَ جو ٿيلهو هر وقت هٿ ۾ ئي ڪڻڻو پيو. هن جي اکين ايترو درد ۾ دک، بيماري ۾ لاچاري ڏٺي، جو سندس چهري تان ئي نه، بلڪ اکين مان هميشه مرڪ موڪلائيندي رهي. جوئڻن کان تنگ اچي هن پنهنجا ڪارا چمڪندڙ وار چوڪرن وانگر ننڍا ڪرائي ڇڏيا. جڏهن هن جا سڀ ڪپڙا ڦاٽي ويا، تڏهن هن به فوجي سپاهين واري ڊريس پاتي. سڄو سيارو هڪ ئي ڪپهه ڀريل ڪوٽ ۾ گذاريائين. انهي کي پائي سمهندي هئي. سفر جي دوران هن کي ڪڏهن به وهنجڻ جو موقعو نه مليو. آخر هڪ ڏينهن هو يينان پهچي ويا. هي جڳهه ايترو پري ۾ دشمنن جي وچ ۾ هئي جو دشمنن جي حملي کان بچيل هئي. آسپاس جي ڳوٺن وارا به انقلابين جا مددگار هئا. انقلابي فوجن لڏي لاهڻ جو فيصلو ڪيو. هتي رهڻ لاءِ جايون نه هيون انهي ڪري دفتر، اسپتال ۾ سمهڻ جا ڪمرا جبلن جي غارن ۾ کوٽي بنايا ويا. ڪيترن مهينن کان پوءِ چنگ لان هڪ ڏينهن آئينو ڏٺو، ڪنهن وقت لاءِ ته پنهنجو چهرو سڃاڻڻ هن لاءِ مشڪل ٿي ويو.

چنگ لان هيئر ڪم ڪرڻ جي هڪ مشين بنجي ويئي هئي. هن کي ائين معلوم ٿيندو هو ته هن ڏک ۾ ناانصافيءَ جي دنيا ۾ محبت، نزاڪت سينگار سير ۾ تفريح لاءِ نه وقت آهي نه جڳهه. ڏينهن، هفتا، مهينا، سال گذري ويا، ڏڪار پيا، دريائن ۾ سيلاب آيا، جپاني حملا ٿيا، اڌ کان وڌيڪ ملڪ تي جپاني سامراجين جو قبضو ٿي ويو. مرڪزي سرڪار کي مجبور ٿي انقلابين سان ناهه ڪرڻو پيو ته جيئن سارو ملڪ هڪ ٿي غير ملڪي دشمنن جو مقابلو ڪجي. گهمسان جي جنگ لڳي، انقلابي گوريلا دستن، ڪيترائي دشمن ماريا، جپانين کان ڪيتروئي جنگ جو سامان ڦري مٿن استعمال ڪيو ويو. هي جنگ شروع ٿي ويئي عوام جو گڏيل مورچو قائم ٿي ويو. ساري دنيا چيني ڪارنامن کان گونجي اٿي. چنگلان پنهنجي اسپتال ۾ انهن بهادرن جي مرهم پٽي ڪندي رهي، پر سندس چهري تي ڪڏهن به مرڪ نظر نه آئي.. پوڙهو ڊاڪٽر ڪڏهن ڪڏهن کيس کلي چوندو هو:

”چنگلان تون تہ جوانيءَ ۾ ئي پوڙهي ٿي وئي آهين.“ هو هميشہ خاموش رهندي هئي. سندس اکين جي اڳيان سندس ماءُ، پيءُ ۽ ٻين ڪيترن ساٿين جا مرده چهرا گهمندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن جئين هو ڪم تي ويئي تہ پوڙهي ڊاڪٽر فاهن جي جا تي، هڪ سانورو اڻواقف ڊاڪٽر ويٺو هو.

”ڊاڪٽر فاهن ڪٿي آهي؟“ چنگلان چيني زبان ۾ چيو.

اجنبي انگريزي ۾ جواب ڏنو: ” معاف ڪجو مان اڃا چيني سمجهي نٿو سگهان.“

چنگلان پنهنجو سوال انگريزي ۾ ڪيو.

”اوه! ڊاڪٽر فاهن“ نوجوان جواب ڏنو هو: ”ٻن سالن تائين رات ڏينهن ڪم ڪرڻ ۽ پيريءَ سبب ڪجهہ ڏينهن آرام وٺڻ گهري ٿو. مان هن جي جا تي ڪم ڪندس، جيڪڏهن اوهان کي ڪو اعتراض نہ هجي.“ چوندي هن مرڪي ڏنو سندس سانوري چهري تي موتين جهڙا سفيد ڏند چمڪڻ لڳا.

”مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو“ ائين چئي چنگلان پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي وئي.

ست سال لڳاتار ڪم ڪرڻ کان پوءِ چنگ نرسنگ جي ڪم ۾ ڏاڍي پڙ ٿي چڪي هئي. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ڪيس چوڻ لڳو:

”شاباس ڇوڪرا! تون تہ ڏاڍو هوشيار ٿو معلوم ٿين. ڀلا چيني ڇوڪريون نرسنگ جو ڪم ڪرڻ پسند نہ ٿيون ڪن؟“

”ڪن ٿيون... هڪ مان ئي اوهان جي اڳيان موجود آهيان“

”تون___ تون تہ ڇوڪرو آهين!“ ائين چوندي هن زور سان کلي ڏنو: ”ڀيڻ تون جي ڇوڪري آهين تہ مان وڏو بيوقوف آهيان. صبح کان وٺي مان توکي ڇوڪرو سمجهي رهيو آهيان. ڀلا هيءَ وار هيءَ ڪپڙا... چيني ڇوڪريون تہ اهڙا ڪپڙا ڪونہ پائينديون آهن.

”نہ ريشمي ڪوٽ بہ پائينديون آهن، اهي ڇوڪريون جن جا پيءُ ماءُ جپاني وحشين جا پنو آهن ۽ هو اڃا تائين بہ هانگ ڪانگ ۾ موجون ماڻي رهيا آهن.“

انهيءَ تي هن اجنبي ڊاڪٽر چيو: ”معاف ڪجو دراصل حقيقت

اها آهي تہ مان بلڪل نئون ماڻھو آهيان. هندستان کان هاڻي آيو آهيان. توهان ٻڌو هوندو تہ هندستان کان تازو هڪ ڊاڪٽرن جو وفد آيل آهي.“

**هندستان!**
**دنيا جي نقشي تي هڪ سرخ ٽڪو!**
**جاگرافي جي ڪتاب ۾ هڪ سبق!**

ڪينٽن ۽ هانگ ڪانگ ۾ ڏاڙهي وارا سک پوليس جا سپاهي... انهي زماني ۾ عام چيني هندستان جي باري ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا، ۽ نہ وري ڪا ٻي دلچسپي رکندا هئا. مگر چنگلان جڏهن بہ هندستان جو نالو ٻڌندي هئي تہ سندس ياد ۾ اٿل پٿل اچي ويندي هئي ۽ ايئن محسوس ٿيندو هو تہ هڪ ريشمي تار هن ۽ هندستان وچ ۾ ٻڌل آهي جا ڪوريئڙي جي ڄار وانگر نهايت سنهي ۽ نازڪ، جنهن کي ڪيترين ڪوششن باوجود بہ هو ٽوڙي نٿي سگهي.

هن پنهنجي پيءَ کان ٻڌو هو تہ سوين سال اڳ سندن وڏن مان هڪ هندستان ويو هو ۽ اتي هن هڪ هندستاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي. هن ”پارتي چنگوءَ“ جو ذڪر ڪيو هو ۽ هيءَ بہ ٻڌايو هيائين، تہ جي ڪنهن بہ وقت ڪو انقلاب آيو تہ ”پارتي چانورن“ واري زمين کي زميندارن جي قبضي مان ڦريو ويندو. تيرهن سون سالن ۾ محبت جي تار ڇڪبي ڇڪبي ايترو تہ باريڪ ٿي ويئي جو ڏسڻ ۾ نٿي آئي. چنگلان جي چيني خون ۾ شايد هڪ بوند کان بہ گهٽ هندستاني خون هوندو، انهي هوندي بہ هندستان جو نالو ٻڌندي، اها هڪ بوند اڄ بہ هن جي خون ۾ زلزلو مچائي ڏيندي هئي.

هندستاني ڊاڪٽرن جڏهن کيس ٻڌايو هو تہ آئون هندستان کان آيو آهيان، تہ انهي وقت ئي چنگلان جي رت ۾ هندستاني خون جي قطري ايترو جوش کاڌو جو سندس ڳلن تي هاڻ سرخي ڊوڙي ويئي.

”ڇو، هندستان جو نالو ٻڌندي تون حيرت ۾ اچي وئي آهين.“

”نہ نہ، مان سوچي رهي هيس تہ مان بہ هندستان کان آئي آهيان.“

”تون؟“ هن سمجهيو تہ شايد چيني ڇوڪري مذاق ٿي ڪري.

"هائو مان" ۽ نہ معلوم تہ ڪيترن سالن کان پوءِ چنگلان چاهيو تہ ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ۽ ان کي پنهنجي خاندان جي عجيب ڪهاڻي ٻڌائي. موقعو ملندي ئي هن اجنبي ڊاڪٽر کي پنهنجي پيءُ، پنهنجي ماءُ، ڊاڪٽر سن يات سين ۽ ان جي انقلابي ساٿين جي باري ۾ جو ڪجهہ ياد هو سو ٻڌايو ۽ پنهنجي بزرگ پارتي چنگوءَ جي باري ۾، پارتي چانورن جي زمين جي باري ۾...

انهيءَ تي هندستاني ڊاڪٽر چوڻ لڳو:

"تڏهن تہ تنهنجو ۽ منهنجو جهونو تعلق آهي. ملائي هٿ، منهجو نالو دوارڪا آهي."

"منهنجو نالو چنگلان آهي"

هٿ ملائيندي ئي چنگلان کي ائين محسوس ٿيو تہ هي ٻن هٿن جو ملڻ نہ آهي، بلڪ ٻن وچڙيل ملڪن جو ميلاپ آهي، جي هڪ ٻئي جي دک درد ۾ حصي ونڊ جو اعلان ڪري رهيا آهن. بہ پراڻيون تهذيبون ڳلي ملي رهيون تہ، رت رت کي سڃاڻي محبت جي آواز ۾ پڪاري رهيو آهي.

دوارڪا جي مرڪ ۾ اها روشني ۽ گرمي هئي جنهن ٿورن ئي مهينن ۾ چنگ جي شينهن جهڙي مظبوط دل کي پگهرائي وڌو هن سوچيو تہ 'جيڪڏهن هندستاني ڊاڪٽر ڏهن هزارن ميلن جو سفر ڪري پنهنجي چيني ڀائرن جي مدد ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ هيءَ منهنجا آزادي ۽ انقلاب جا خواب ڪين نہ سچا ٿيندا. انسانيت مئل نہ آهي. هو اڄ بہ زنده آهي.' ايئن سوچيندي سوچيندي، هن جي دل ۽ دماغ تان نااميدي ۽ لاچاريءَ جا ڪارا ڪڪر هميشہ لاءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. ڇئن سالن جي عمر کان ماءَ جي خوفناڪ موت سبب هميشہ لاءِ متجي ويل مرڪ سندس چپن تي وري ڀيهر ظاهر ٿي.

جنگ جي وقت ۾ ئي دوارڪا ۽ چنگلان جي شادي ٿي ويئي. نہ هندستاني شرنايون وڳيون نہ چيني باجا، نڪي گهوٽ جي مٿي تي موڙ ٻڌا ويا، نڪي ڪنوارئي ڏولي ۾ سوار ٿي. جپاني بمبارن جو شيطاني کيل، رات جي وقت ۾ ڦاٽندڙ گولن جي هيبتناڪ آتشبازي ۽ چنل قاتل ڊريس جو گندو ميرو ڪپڙن جو وڳو... ۽ پنهنجي ساٿين جي نيڪ تمنائن جا گل... اهڙي ريت دوارڪا ۽ چنگلان هميشہ لاءِ هڪٻئي جا ٿي ويا.

سال جي گذرنديئي سندس محبت ثمر آور ٿي.

چنگ، دوارڪا کي چوڻ لڳي:

"مان هن جو نالو "پارتي چنگو" رکنديس، پنهنجي انهي بزرگ جي ياد ۾، جو پندرنهن سو سال اڳي اوهان جي ملڪ ۾ پيدا ٿيو هو."

"پارتي چنگو" نهايت خوبصورت هو. رنگ ماءُ جهڙو هئس ۽ اکيون پيءُ جهڙيون، جن ۾ هندستان جي خوشي به هئي ۽ چين جي بردباري به. هو نه رڳو پيءُ ماءُ جي اکين جو تارو بلڪ سڄي انقلابي پارٽيءَ جو لاڏلو هو. جڏهن به ڪنهن وقت دشمن جو حملو ٿيندو هو ته هر هڪ آفيسر سپاهي کي پهريائين چنگوءَ جي بچائڻ جي ڳڻتي هوندي هئي. ڪجهه مهينن ۾ ئي هو اهڙو ته عقلمند ٿيو جو ڪنهن وقت رئندي کو چوندو هئس:

"چنگو! نه روءِ. دشمن جا هوائي جهاز اچي رهيا آهن ته هو هڪدم روئڻ ڇڏي ڏيندو هو."

جنهن ڏينهن چنگو پوري هڪ سال جو ٿيو ان ڏينهن هڪ زبردست هوائي حملو ٿي رهيو هو. دوارڪا کيس پيار ڪندي ئي ڊاڪٽر فاهن جي بيوه زال جي حوالي ڪندي، ٻئي ڄڻا ڪم تي هليا ويا. انهي ڏينهن سوين زخمي اسپتال وجي رهيا هئا، سڄي رات دورڪا ڪيترائي آپريشن ڪيا ۽ چنگلان ساڻس گڏوگڏ نرسنگ جو ڪم ڪندي رهي. صبح ٿيندي اهو ڪم ختم ڪري پنهنجي غار ڏانهن ايندي دورڪا چوڻ لڳو:

"چنگلان! هينئر ته سمهڻ کي دل ئي نه ٿي چوي، اچ ته پهاڙ جي چوٽيءَ تي نڪرندڙ سج کي ڏسون!"

چنگلان آسمان ڏانهن ڏٺو. آهستي آهستي اونده غائب ٿي رهي هئي. چنگ چوڻ لڳي:

"چڱو هل، هينئر ته حملي جو ڪوبه خوف ڪونهي."

پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي گاهه تي ويهي رهيا. پرسان هڪ پهاڙي آبشار هو جنهن جي وسيلي آواز سان گڏ جهنگلي گلن ۽ گاهه جي خوشبوءِ ڪان فضا معطر هئي. پهاڙن جي پٺيان ڏيکاريندڙ روشني سج جي ايرڻ جي خبر ڏيئي رهي هئي ۽ سامهون ڳوٺاڻن جي جهوپڙين مان دونهان نڪري

رهيا هئا.

چنگ جي مٽي کي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکندي دوارڪا چوڻ لڳو:

”زندگي ڪيڏيءَ نه خوبصورت آهي.“

چنگلان هڪ اهڙو ٿڌو ساهه کنيو جنهن ۾ حال جي سکن سان گڏوگڏ گذريل وقت جي ڏکن جي اداسي به شامل هئي، چوڻ لڳي:

”ها دوارڪا! زندگي نهايت خوبصورت آهي، جيڪڏهن جنگ نه هجي، ظلم نه هجي ۽ بي انصافي نه هجي...“

دوارڪا چنگلان جي اکين سان اکيون ملائيندي چوڻ لڳو:

”تون ڪيڏيءَ نه چڱي آهين چنگلان! ڄاڻين ٿي ته هن خوبصورت منظر ۾ تون مون کي ڪيتري خوبصورت ٿي لڳين؟ مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته توکان سواءِ هي قدرت جي خوبصورتي به بيڪار هجي ها، نه گلن ۾ خوشبوءِ هجي ها، نه منظر ۾ ڪشش! تون نه هجين ته جيڪر هي روشني ئي نه هجي...“

چنگلان دوارڪ جا منهن تان وارن کي هٽائيندي چيو:

”هڪ ڳالهئين واقعي اوهان جو چوڻ درست آهي... آئون جنهن جي اولاد آهيان اهو پندرنهن سو ورهيه اڳ اوهان جي ملڪ ۾ ويو هو نهايت اعليٰ درجي جو مصور هو. هڪ ڀيرت انهي جي زندگيءَ جا حالات لکيا آهن، جي ڪنهن وقت ضرور پڙهجو. انهي ۾ لکيل آهي ته چنگ لان چوندو هو ته ’قدرت جي خوبصورتي انسان کان سواءِ نه رڳو اڌوري آهي پر بيجان به آهي، انسان ئي آهي جو فطرت ۾ جان وجهي ٿو ۽ سندس ساري خوبصورتيءَ کي مڪمل ڪري ٿو.‘“

”تون ته ڪيتري نه سمجهدار آهين چنگلان! مون ته گهڻوئي تو وٽان پرايو آهي، ڄاڻين ٿي ته جڏهن آئون هت آيو هس، ته فقط هڪ رانديگر هس. جنگ، امن، آزادي، انقلاب، انهن چيزن کي جو هاڻ سمجهڻ لڳو آهيان سو به فقط تنهنجي ئي ڪري.“

”آئون به اوهان کان اڳ هڪ مشين وانگر هيس، جا ڪم ته ڪري سگهي ٿي پر سوچي نٿي سگهي. سچ ته مون کي توئي زنده ڪيو آهي دوارڪا!...“ ۽ ائين ئي چپ چاپ هو هڪٻئي کي نهارڻ لڳا. ڪائنات خاموش هئي. پرسان آبشارن جي ڪرندڙ پاڻيءَ جو دل

وندرائيندڙ آواز اچي رهيو هو سج جا ڪرڻا پهاڙ جي چوٽين کي چمي رهيا هئا. هيٺان وادي ۾ سرسبز کيت اکين کي سرور بخشي رهيا هئا. زندگي، جهوپڙين جي چلهن مان دونهون بنجي آسمان جي طرف اڏامي رهي هئي... دنيا خاموش هئي ۽ هنن ٻن محبت ڪندڙن کي ڏسي کلي رهي هئي.

جنگ جا ديوتا ٻن پريمن کي خوش ڏسي ڪٿي ٿا خاموش رهن!
پري کان هڪ ٻونءَ ٻونءَ جو آواز آيو جئين ڪو زهريلو مکو هجي. آواز جيئن پوءِ تئين ويجهو پوندو ويو. ان وقت چنگلان ۽ دوارڪا هڪٻئي جي محبت ۾ غرق هئا. گلن جي خوشبوءَ کان مست هئا. آبشارن جي سريلي آواز ۾ مگن ۽ موت کان بي خبر... موت جو ڪرندڙ بم جي صورت ۾ بجليءَ وانگر تيز رفتاري سان ڏانهن اچي رهيو هو...

موت جا ديوتا انهي ننڍڙي انساني چراغ کي اجهائي نه سگهيا جو دوارڪا ۽ چنگ جي محبت ۾ ٻاريو ويو هو. هن اٿاهه محبت جي جوڙيءَ جي آخري نشاني ”چنگو“ زندهه رهجي ويو. هو اڄ به زنده آهي، ۽ جيسيتائين هو زندهه آهي، تيستائين دوارڪا ۽ چنگ زندهه آهن. چانگ چنگ ۽ راڌان زندهه آهن. هنن جي محبت زنده آهي، چين ۽ هندستان جو تعلق زندهه آهي.

هن وقت جڏهن چيني عوام نه رڳو سامراجين کان بلڪ ظالم زميندارن، جاگيردارن، شاهوڪارن، ۽ آفيمي اکين ۽ زرد ڏندن وارن پوليس جي بيرحم آفيسرن کان، بک، بيروزگاري، مرض ۽ مصيبت کان هميشه لاءِ آزاد ٿي ويا آهن. سڀي زمينون هارين ۾ ورهايون ويون آهن. اتر اولهه چين جي هڪ ڳوٺڙي ۾ اهو ننڍڙو چنگو هڪ اجتماعي فارم تي پنهنجي سيني ڳوٺ وارن سان گڏجي ڪم ڪري ٿو. اڄ به اهي ”پارتي چانور“ نه رڳو پنهنجي ملڪ بلڪ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ لکها غريبن جو پيٽ ڀرين ٿا، جي اڄ کان پندرنهن سو سال اڳ چانگ چنگ مرڻ وقت پارت کان موڪليا هئا...

اڄ جڏهن هر روز شام جو ”پارتي چنگو بيو“ اسڪول ۾ پڙهڻ وڃي ٿو تڏهن جاگرافي جي سبق ۾ پارت جو ذڪر ايندي سندس چهري تي خوشيءَ جي لهر اچي وڃي ٿي ۽ بي اختيار سندس زبان مان هيءَ جملو

نڪريو وچي:

"منهنجي پيءَ جا ملڪ!"

هڪ ڏينهن اسڪول جي ريڊييي تي پارت جي ڏڪار جو ٻڌنديئي سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. انهي رات هن ماني بہ نہ کاڌي، ٻئي ڏينهن کيت تي کيس پنهنجي حصي جو ان مليو جو هن ڏار ڪري رکي ڇڏيو هو. شام جو پڙهائي ختم ٿينديئي سڌو استاد وٽ هليو ويو ۽ چوڻ لڳو:

"استاد صاحب! جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ بُک مري رهيو هجي تہ پٽ ڪهڙي ريت پيٽ ڀري کائي سگهي ٿو؟"

استاد جواب ۾ فقط ايترو چيس:

"هڪ دوست کي بکيو ڏسي ٻئي دوست کي ڪڏهن بہ آرام نہ ايندو. انهي ڪري ئي ڪيترا جهاز چانورن جا پارت کي موڪليا وڃن پيا."

ٻئي ڏينهن صبح جو سويرو هاري پنهنجي ڪلهن تي هر کنيو ٻنين ڏانهن وڃي رهيا هئا. هنن ڏٺو تہ "پارت چنگو ٻيو" مٿي تي هڪ ڳوڻ کنيو تڪڙو تڪڙو ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃي رهيو آهي.

"پارتي چنگو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟"

انهي ڇوڪري جنهن جو رنگ پنهنجي ماءَ وانگر درد ۾ اکيون پيءَ وانگر وڏيون ۽ ڪاريون هيون، چوڻ لڳو:

"مان پنهنجي پيءَ کي کاڌو کارائڻ وڃي رهيو آهيان."

اتي اچي، چيني داٽو چوڻ لڳو:

"دوستو! منهنجي ڪهاڻي پوري ٿي هاڻي روسي دوست جو وارو آهي."

(نوٽ: هيءَ آکاڻي فلم جي صورت ۾
"ڊاڪٽر ڪوٽنس ڪي امر ڪهاڻي" ۾ ڊيڪاريل آهي،
هي فلم نهايت معلومات خيز ۽ ڏسڻ جهڙي آهي.)

# کتاب

# ھیدروجن بم کانپوۓ

ناٹک

کرشن چندر

[**پردو** کڄي ٿو. اسٽيج جي وچ ۾، زمين پنهنجي محور جي چوڌير ڦرندي نظر اچي ٿي. پس منظر ۾ آسمان ڦهليل آهي، جنهن ۾ تارا ٽمڪي رهيا آهن. باهه جهڙيون جلائيندڙ گئسون ٻيڙيءَ جي سڙهه وانگر ڦڙڪي رهيون آهن. پري، تمام پري، هڪ منڊ ڪان ٻي منڊ تائين، ڪير جهڙن سفيد تارن جو ميڙ وڌندو وڃي ٿو. چئني طرف سانت ٺي سانت آهي. هلڪي هلڪي، ماٺي ماٺي روشني چوڌاري ڇانئيل آهي. اسٽيج جي ساڄي طرف، هڪ ماڻهو جنهن جو منهن زمين ڏانهن ۽ پٺ تماشائين ڏانهن آهي، اڏ اونداهي ۽ اڌ روشنيءَ ۾ چپ چاپ بت وانگ هڪ هنڌ بيٺو آهي. ڪجھ گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ، افق کان هڪ آواز خاموش فضا ۾ اچي گونجڻ لڳي ٿو]

ڪورس ــــــ
گهڻو وقت نه گذريو آهي،
هيءُ ماڻهو
هن زمين تي رهندو هو:
هو گلن وٽ ويو
گلن کيس خوشبو ڏني؛
ماڪيءَ جي مک وٽ ويو،
ماڪيءَ جي مک کيس ماکي ڏني؛
هو عورت وٽ ويو،
عورت کيس پريم ۽ پوترتا جا سج ۽ چنڊ ڏنا؛
پوءِ هو تمام وڏو ٿيو،
هن زمين جو ديوتا بڻيو،
گاهه سندس قدمن ۾ جهڪي،
بخمل جو غاليچو بڻجي ويندو هو.

وڻن پاڻهون وڌائي، ڪيس پنهنجا ثمر آڇيا،
جانورن پنهنجن ٻچن جا ڪير نذر ڪيا،
ننڍڙن ننڍڙن ڪيڙن توتن جا پن کائي،
هن لاءِ ريشم اوڳاريو.
هوا هن کي ساهه ڏنو، روشني طاقت، ۽ پاڻي حرڪت.
هو پوءِ تمام وڏو ٿيو.
هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ آسمان تي نگاهه جو ڪمند اڇليو
تارن تي قدم رکيا ۽ ڪتيءَ کي اورانگهيو.
هن پوءِ ڪڪرن کان رنگارنگي انڊلٺ ڦري،
۽ ان کي هر وانگر زمين ۾ ڪوڙيائين:
پوءِ ڌرتيءَ جي سُيني مان ڪٽڪ جو داڻو ٿيو:
هڪ ڏينهن، هو ائتم جي سيني ۾ گهڙي ويو.
اتان هڪ جلندڙ بم ڪڍي آيو
(حالانڪ هو موتي به آڻي ٿي سگهيو.)
اوچتو هوائن جا اثر بدلجي ويا.
فضا جو رنگ لهسجي ويو
زمين ڏڏڻ لڳي،
آسمان پريشان ٿي ويو
ڳئون پنهنجي ڦر ڏانهن نهاريو
گلن پنهنجي خوشبوءَ لاءِ دانهن ڪئي،
نغمن بلبلن لاءِ رُنو ۽ مستقبل مکڙي لاءِ
سندس ٻچي اڳتي وڌي سندس هٿ کان جهليو
ليڪن ماڻهو پنهنجي ٻچي جي هٿ کي مروڙيندي،
اڳتي وڌي، بم کي فضا ۾ اڇلايو:
۽ اوچتو ماءَ جي ڪک اولاد کان خالي ٿي ويئي!

[اسٽيج تي هڪ زور سان ڌڌڪو ٿئي ٿو. روشني بجلي وانگر جهٽڪو هڻيو. چوطرف ڌنڌ، غبار، باهه جهڙين هوائن جا ڦرڙاٽ، ٻچن ۽ عورتن جون دل ڏاريندڙ دانهون! اونده ۾ ماڻهو ٿڙندا، ڪِرندا، پاڇن وانگر

پڇندا نظر اچن ٿا. مڪمل اونده ڇانئجي وڃي ٿي. هاٿي کو به آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي، ڪٿي ڪا حرڪت ڪانهي، روشني ڪانهي____ فقط اونده ئي اونده آهي.]

پڙدي کڄندي، اسٽيج جي ساڄي طرف آخري ونگ جي ويجهو هڪ ننڍڙو ٽڪيٽ گهر نظر اچي ٿو جنهن جي مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل آهي:

## هاڻهن جو چڙيا گهر

ٽڪيٽ چار آنا

چڙيا گهر جي دري تي هڪ لنگور ٽڪيٽون ڪاٽيندو ڏيندو رهي ٿو. ٽڪيٽ گهر جي سامهون جانورن جي قطار آهي، جنهن ۾ شينهن، هاٿي، ٻڪريون، سها، ڳئون، گهيٽا، گينڊا ، گڏهه ۽ قسمين قسمين جانور ڏسجن ٿا، جي صاف پوشاڪ ۾ پنهنجن ٻارن ۽ زالن سان گڏ ٽڪيٽون خريد ڪري رهيا آهن. ٽڪيٽ گهر جي ويجهو چڙيا گهر جو دروازو آهي، جنهن جي لوهي دروازي تي اهي ساڳيا لفظ لکيل آهن:

## هاڻهن جو چڙيا گهر

[لوهي دروازي جي ٻاهران، هڪ لنگور گهنٽي وڄائيندو چوندو رهي ٿو:]

لنگور:

چئن آنن واري ٻن آنن ۾، زالن ۽ ٻارن لاءِ خاص رعايت، هڪ آني ۾ هڪ ٽڪيٽ، يوم آزاديءَ جي خوشيءَ ۾!

[اسٽيج جي وچ ۾ هڪ گڏهه پنهنجي ٻارن سان هلندو قطار ڏانهن وڌندو وڃي ٿو. سندس هڪ کودڙو ڪانئس پڇي ٿو:]

## ڪودڙو نمبر 1 :

بابا، هيءَ يوم آزادي ڇا آهي؟

## گڏهه :

پُٽ! اڄ کان ڏهه سال اڳ، اسان جانورن انسانن جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ماڻيو هو. انهي ڏينهن جي خوشيءَ ۾ اسين آزاديءَ جو ڏينهن ملهايون ٿا.

## ڪودڙو نمبر 2 :

اها آزادي ڪيئن حاصل ٿي؟

گڏهه: پٽ، ٻڌ! اڄ کان ڏهه سال اڳ، هن دنيا

تي انسانن جو راڄ هو. ان وقت هيءَ دنيا اڄ وانگر ويران ۽ برباد نه هئي. زمين جو تمام گهڻو حصو سرسبز ۽ شاداب هو. انسانن وڏي ترقي ڪئي هئي. هو دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا هئا. مطلب ته اسان جانورن جي مقابلي ۾ هر لحاظ سان خوبصورت زندگي گذاريندا هئا.

## ڪودڙو نمبر 1 :

پوءِ ڇا ٿيو؟

گڏهه:

پوءِ انسانن ۾ وڏي خونريز لڙائي ٿي. هڪٻئي کي تباهه ڪرڻ جا هٿيار استعمال ڪيا ويا. آخر ۾ هئڊروجن بم ڇوڙيائون، جنهن ساري دنيا جي انسانن کي تباهه ڪري ڇڏيو. انهي بم سان نه رڳو انسان تباهه ٿيا، پر جتي جتي جهنگ هئا، اهي به لهسجي ويا، ۽ انهن سان گڏ بم جون زهريلين گئسون ۽ شعاع جن جن هنڌن تي پهتا، اتان جا سمورا جانور مري ويا. مطلب ته بم جي ڪري ماڻهو، جانور، جهنگل، وڻن جا پن ويندي گاهه تائين سڀ ناس ٿي ويا!

## ڪودڙو نمبر 2:

پوءِ اسين ڪيئن بچياسين؟

گڏهہ:

اتفاق سان هماليا جبل جون ڪُجھ ننڍيون ننڍيون واديون هئڊروجن بم جي زهريلي اثر کان بچي ويون. اهو بہ اتفاق چئجي، جو اتي انسان نہ هو ۽ فقط ٿورا جانور هئا، جي زنده رهيا، جن جو اسين اولاد آهيون، ۽ هن وقت ڌرتيءَ تي انسانن جي جڳھہ حڪومت ڪري رهيا آهيون.

## ڪودڙو نمبر 3:

جڏهن سڀيئي ماڻهو مري ويا تہ پوءِ هي انسانن جو چڙيا گهر ڪٿان آيو؟

گڏهہ:

پنجن سالن تائين، انهن بمن جو اثر دنيا جي هوائن ۽ زمينن تي رهيو. جيئن جيئن فضا صاف ٿيڻ لڳي، تيئن تيئن جانورن يعني اسان، جي هن وقت اشرف المخلوقات سمجهيا وڃون ٿا، تن اڳتي وڌي دنيا جي جهنڊي کي پڪڙيو ۽ ان کي دنيا جي تختي تي ڦهلائڻ چاهيو. اسان جي انهن ڪوشش جي سلسلي ۾ اسان جا اسڪائوٽ دنيا جي مختلف حصن ۾ ويا. ڪٿان ڪٿان غارن مان، پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جا هيءَ آخري لڪل انسان نظر چڙهيا، جانورن جي ڪائونسل ٿي. ٺهراءَ پاس ٿيو تہ انهن لڪل انسانن کي ڳولي هٿ ڪري، هڪ چڙيا گهر ۾ بند ڪيو وڃي، تہ جيئن پنهنجي جانور پاڻرن ۽ پيڙهن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ انسانن جي نمائش ٿئي تہ آئينده نسل کين ڏسن، حيرت ۾ پون ۽ سندن وحشياڻين عادتن مان سبق سکن!

[قطار ۾ هلندي هلندي، گڏهہ ٽڪيٽ گهر جي بلڪل ويجهو پهچي ٿو ۽ ريزو ڪڍي، اڳتي وڌائي لنگور کي چوي ٿو:]

گڏهہ:

هڪ منهنجي ٽڪيٽ ۽ ٻارن لاءِ چار رعايتي ٽڪيٽون!

لنگور:

او_ ڪي، او_ ڪي! ٺيڪ آ، ٺيڪ آ!

[گڏهہ ٽڪيٽون وٺي، ٻارن سميت دروازي جي اندر داخل ٿئي ٿو. دروازي سان گڏوگڏ لوهي جهنگلي جي اندر هڪ سنهڙو ۽ ڪمزور ماڻهو نظر اچي ٿو. ڪيس خاڪي رنگ جي چڊي ۽ ڦاٽل گنجي پيل آهي. پنهنجي ڊگهي نڪ تي عينڪ ڪي هر گهڙي ٺاهيندي، پنهنجي گنجي ٽڪڻ ڪي کنهندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن جانورن جي طرف ڏسندي، مرڪي ٿو. جهنگلي جي اندر هڪ ننيڙو تلاءُ آهي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو آسانيءَ سان تري سگهي. اهو سنهڙو ۽ ڪمزور ماڻهو پنهنجا سڪل هٿ جانورن ڏانهن وڌائي، نڪ مان ڳالهائڻ لڳي ٿو:]

ماڻهو:

جلدي ڪريو جلدي ڪريو! اشرفي ڪڍو. مون وٽ فالتو وقت ڪونهي! مون کي بورڊ جي ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي!

## ڪودڙو نمبر 3:

بابا! هيءَ بورڊ جي ميٽنگ ڪهڙي بلا آهي؟

گڏهہ:

پٽ! هيءَ ماڻهو پنهنجي ملڪ جو بينڪر هو. پنهنجي ملڪ جي واپار جو وڏو حصو سندس هٿ ۾ هو. هر روز لکين اشرفين سان کيڏندو هو. ڪيس اشرفين سان گهڻي محبت هئي. انهي ڪري هن وڏيڪ اشرفين گڏ ڪرڻ لاءِ ٻين ملڪن تي بہ پنهنجو واپاري قبضو ڪرڻ گهريو پر جڏهن اتان جي ماڻهن ڪيس انهي حرڪت کان منع ڪئي، تڏهين هن هئڊروجن بم تيار ڪرڻ لاءِ هڪ بورڊ ٺاهيو جنهن جو صدر پاڻ ٿيو ۽ پنهنجي نظر

هيٺ هئڊروجن بم تيار ڪرائڻ لڳو. جڏهن گهڻا بم نهي تيار ٿيا، تڏهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ زمين جي اندر ڳجهي جاءِ جوڙايائين، ۽ پوءِ جنگ چالو ڪرائي پاڻ ان ۾ اندر گهڙي، لڪي ويهي رهيو. انساني آباديءَ کي ختم ڪرڻ ۾ هن ظالم جو وڏو هٿ آهي. جڏهن اسان جي اسڪائوٽن کيس پڪڙيو ان وقت اشرفين جي هڪ وڏي ڍير تي پستول کنيو ويٺو هو. اسان جا ٻه ٽي اسڪائوٽ هن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ۾ مارجي ويا. آخر اسان جي گينڊي کيس پڪڙيو. گينڊي کي ته توهان چڱي طرح سڃاڻيندا ته کيس اهڙن ننڍڙن ننڍڙن پستولن جي پرواهه ئي نه آهي.

## ڪودڙو نمبر 4:

(پنهنجي ڍگهن ڪنن جون تاڙيون وڄائيندي): ها ها ها!____ چڱو ٿيو جو گينڊي هن کي پڪڙيو.

بينڪر:

(عينڪ کي درست ڪندي، ۽ چپٽي وڄائيندي) جلدي ڪريو! اشرفي ڪڏو! مون وٽ وڌيڪ ٽائيم ڪونهي!

[بينڪر، عينڪ لاهي تلاءَ جي فرش تي هڪ پيل اشرفي کي هٿ ۾ کڻي ٻاهر اچي ٿو.]

بينڪر:

(اشرفي کي چمندي) اشرفي! ها ها ها! اشرفي! ها ها ها، هڪ سالم اشرفي! دنيا جي عظيم ترين خوبصورت شئي. . . ها ها ها!

[بينڪر خوشيءَ مان نچڻ لڳي ٿو.]

## ڪودڙو نمبر 1:

بابا، هيءَ ايترو خوش ڇو ٿو ٿئي؟

گڏھ:

پٽ، هيءَ بينڪر سون جو پوڄاري آهي. هن جو ڇوڙڻ هوندو هو تہ سون زندگيءَ لاءِ نہ آهي، زندگي سون لاءِ آهي. هن ساري زندگي سون گڏ ڪرڻ ۾ وڃائي، ۽ پڇاڙيءَ ۾ انسانذات کي بہ پنهنجي لالچ پٺيان قربان ڪيائين.

## ڪودڙو نمبر 2:

بابا، سون گڏ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ نہ ڪي تہ ان کي گاهہ وانگر کائي سگهجي ٿو نہ ئي پاڻي وانگر پيءُ سگهجي ٿو نڪي زمين ۾ پوکڻ سان ڪجھ پيدا ٿي سگهي ٿو سون جو ٽڪرو آخر اهوئي ساڳيو سون جو ٽڪرو رهندو. اهڙي شئي گڏ ڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟

[ايتري ۾ هڪڙو گهيٽو تلاءَ ۾ هڪ اشرفي اڇلي ٿو. بينڪر چشمي کي لاهيندي، تلاءَ ۾ گهڙي پوي ٿو. گڏھ جو ٻچو عينڪ کڻڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. گڏھ کيس روڪي ٿو.]

گڏھ:

نہ پٽ! هيءَ ويچارو انهيءَ کان سواءِ ڏسي نہ سگهندو.

## ڪودڙو نمبر 3:

ڇو نہ ڏسي سگهندو؟ جڏهين سڀئي جانور پنهجين اکين سان ڏسي سگهن ٿا، تڏهين هيءَ ڇو نہ عينڪ کان سواءِ ڏسي سگهندو؟

گڏھ:

انهيءَ ڪري جو انسان جانورن کان زياده مهذب آهي.

[ايتري ۾ ٻيو ڪودڙو تلاءَ ۾ گلاب جو گل اڇلي ٿو. بينڪر جهٽ ڏيئي گل کي ڪٽي وٺي ٿو. جڏهن گل کي پنهنجي عينڪ پيل اکين جي ويجهو آڻي ٿو تڏهين اشرفي بجاءِ گل کي ڏسي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڇلي ڇڏيس ٿو ۽ ڪاوڙ ۾ پرجي چوي ٿو:]

بينڪر:

او بلڊي سوائن! گڏهه جا بيقوف ڦر! اشرفي بجاءِ گل ٿو اڇلين؟ منهنجو وقت ٿو وڃائين! خبردار، وري حرڪت ڪئي اٿئي ته آئون ائتم سان اوهان سيني کي...

[بينڪر اڃان پنهنجو جملو پوروئي نٿو ڪري، ته ايتري ۾ گڏهه هڪ اشرفي تلاءَ ۾ اڇلي ٿو. بينڪر ٽپ ڏيئي تلاءَ ۾ گهڙي، اشرفي ڳولي ٿو.]

گڏهه:

هن کي گلاب جي گل کان سخت نفرت آهي.

## ڪودڙو نمبر 2:

بابا ڇو؟

گڏهه:

هن کي سون کان سواءِ ٻيءَ هر شئي کان نفرت آهي. انهي ڪري ئي اسان ڇڙيا گهر ۾ اهو تلاءَ ٺاهيو آهي ته جيئن سارو ڏينهن ٽپيون ڏيندو رهي ۽ اشرفيون ڪڍندو رهي. شام تائين هر روز وٽس پنجاهه سٺ اشرفيون گڏ ٿي وينديون آهن، ۽ رات جو انهن کي هر هر ڳڻيندو آهي. ساري رات اشرفيون ڳڻڻ ۾ پوري ڪندو آهي. جڏهن صبح ٿيندو آهي، تڏهن نگهبان کانئس اشرفيون ڦري وٺندو آهي.

## ڪودڙو نمبر 1 :
پوءِ هيءَ رُئندو ڪونهي؟

گڏهہ:

نہ، هن جو نگهبان هڪ جانور آهي جو تمام چالاڪ آهي. هو ڪيس اهو ڏٽو ڏيئي، ڦريندو آهي تہ، ”بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ تو وجان“ هو روز ڪيس هڪ ڪاغذ جي رسيد ڏيئي ڇڏيندو آهي. پريان ڪنڊ ۾ جيڪو ڪاغذن جو ڍير ڏسين ٿو سو انهن اشرفين جي رسيدن جو آهي، جن کي نهايت خبرداريءَ سان هو سانڍي رکندو آهي.

## ڪودڙو نمبر 1 :
انهن ڪاغذن گڏ ڪرڻ مان ڪيس ڇا حاصل ٿيندو؟

گڏهہ:

اهي ڪاغذن جا ٽڪرا سندس زندگيءَ جي موڙي آهن. هيءَ جڏهين مرندو، تڏهين تاريخ انهن ڪاغذن جي ٽڪرن کي ڏسي ڪلندي، رئندي ۽ چوندي: ’انسانن جي ساري آبادي انهن ڪاغذي ٽڪرن لاءِ لڙندي لڙندي مري ويئي!‘ هاڻي اچو تہ اڳيرو هلون.

[گڏهہ ۽ سندس ٻچا اڳيرو وڃن ٿا. بينڪر جي جهنگلي سان گڏ، صوف جي هڪ وڏي وڻ هيٺيان، هڪ ماڻهو جنهن جو منهن گول ۽ وڏيون اکيون آهن، پنهنجي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو کنيو بيٺو آهي. سندس هٿ ۾ پينسل آهي، جنهن سان بار بار ڪاغذ تي ڪجھ لکي، وري پينسل کي ڪن تي رکي ٿو. ٻہ منٽ خاموش ٿي، وري لکي ٿو. هن جي چوڌاري هڪ خوبصورت باغ آهي، جنهن ۾ رنگا رنگي گل آهن، مگر هو پنهنجي آسپاس کان بي نياز پنهنجي ۾ ئي مست آهي. اهڙي طرح هو هر لکي ٿو هر هر پينسل کي ڪن تي رکي ٿو. ساعت رکي، وڏي آواز ۾ پني تان ڪجھ پڙهي ٿو:]

دائم آ جام جي اجان عظمت،
ميڪدي جي زمين نہ بدلي!
جا تمنا هئي سندم دل ۾
مرضيءَ کان جائگزين، نہ بدلي آ!
صد مبارڪ اي حسن وارواج،
عشق جي سرزمين نہ بدلي آ!
تون بدلجي وئين اي دل، ورنہ
ڪائي صورت حسين نہ بدلي آ!

گڏهہ:
ساري دنيا بدلجي وئي، پر هن ۾ اجا ڪجه بہ نہ بدليو آهي.

## ڪودڙو نمبر 1:

هيءَ ڪير آهي؟
گڏهہ:
هيءَ شاعر آهي.

## ڪودڙو نمبر 2:

هيءَ ڇا پيو چوي؟

گڏهہ:
پنهنجي محبوب جي ساراهہ ۾ شعر تو پڙهي.

## ڪودڙو نمبر 3:

هن جو محبوب ڪٿي آهي.

گڏهہ:
هئڊروجن بم جي حملي ۾ مري ويو.

## ڪودڙو نمبر 4:

ان جي بچائڻ لاءِ ڪجه ڪيائين؟

گڏهه: نه!

جڏهن هئڊروجن بم تيار ٿيو تڏهين ڪن سمجهدار ماڻهن ــــ جو ته انسانن ۾ ڪي عقلمند به هئا ــــ هن وٽ هڪ درخواست ڪٽي آيا، جنهن ۾ سيني ماڻهن کي چيو ويو هو ته پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٽي سائنسدانن کي مجبور ڪن ته اها خطرناڪ جنگ بند ٿئي، ته جيئن انسانذات جنگ جي تباهيءَ کان بچي وڃي، انهي درخواست تي هن شاعر کي به صحيح ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو پر هن انڪار ڪيو.

## ڪودڙو نمبر 1:

ڇو؟

گڏهه:

هن چيو ته مان حسن ۽ عشق جو شاعر آهيان. منهنجو محبت سان ئي واسطو آهي، منهنجو سياست سان ڪوبه واسطو ڪونهي.

[شاعر وري ڳائڻ شروع ڪري ٿو.]

شايد اهائي آه محبت، اي دوستو!
سمجهي نٿو هو ڪجه ٻيي اشارن جي باوجود!
رئندو رهان ٿو مان ڪڏهن کلندو سمورو وقت،
دنيا سموري پنهنجي نظارن جي باوجود!

## ڪودڙو نمبر 1:

اهو ميڪدو ڪٿي اٿس؟

گڏهه:

سندس اهو ميڪدو ته ويو پر ساقي به ويو. هن انهن کي بچائڻ لاءِ ذري

جيتري ٻـ ڪوشش نـ ڪئي.

## ڪوڏڙو نمبر 1:

اها وري ڪيئن محبت ٿي!

گڏهہ:

معلوم نـ آهي، مگر پتا! اهو ماڻهو ڏاڍو ذهين هو هن جي لفظن ۾ جادو ۽ تخيل ۾ عقاب وارو پرواز هو. جيڪڏهن هو چاهي ها تہ پنهنجي شعر سان دنيا کي اچڻ واري تباهيءَ کان خبردار ڪري سگهي ها. جيڪڏهن چاهي ها تہ پنهنجي شعر کي ڍال بنائي، پنهنجي "ساقي ۽ جام" لاءِ سينو سپر ڪري لڙي ها. پر هن آسپاس جي دنيا کان اکيون پوري ڇڏيون. هو پنهنجي خوبصورت وهمن ۾ غرق ٿي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو سندس اکين اڳيان سندس ميڪدو پڃي پري تباهہ ٿي ويو محبوب جلي خاڪ ٿي ويو ۽ هي پنهنجي شاعريءَ جي انڌي عينڪ لڳائي مرندڙ محبوب کي ڏسي بہ نـ سگهيو انساني نسل جي آخري فرياد سڻي بہ نـ سگهيو____ اها فرياد جا جيڪڏهن هن جي ڪرامت جهڙن لبن مان نڪري ها تہ هوند صور اسرافيل جو ڪم ڏئي ها.

{شاعر وري ڳائي.]

حسن جي ساز تي هڪ راڳ ٻڌائي ويجان!
عشق کي هڪ نئين الجهن ۾ منجهائي ويجان!
بخت خوابيده کي منهنجي تون جڳائي ويجان!
پنهنجي مخمور اکين سان مون کي،
مدهوش بنائي ويجان!

گڏهہ:

جڏهن هيءَ مڏ پڙيل اکين جي حفاظت ڪري نـ سگهيو تڏهين شاعري انسان کان هميشہ لاءِ پنهنجو ناتو ٽوڙي زمين جي سيني ۾ هڪ

خوشبوءِ وانگر لڪي ويئي. هينئر جيڪي ڳائي پيو اها شاعري نہ آهي، هڪ مرده تخيل جي گونج آهي. اچو تہ اڳتي هلون!

[گڏهہ پنهنجي چٽني ٻچن کي ساڻ ڪيو ٻئي پيڙي ڏانهن وڃي ٿو جتي هڪ ٻڪري ۽ ان جو مڙس ٻکر اڳيئي تماشو ڏسي رهيا آهن. هن پيڙي ۾ هڪڙا بہ سفيد وارن وارا پوڙها ڪرسين تي ويٺل آهن، جي ڏاڍي اطمينان سان پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هو هڪ ٻئي جي ويجهو جهڪي، تمام رازداراڻي لهجي ۾ ڳالهيون ڪن ٿا، ۽ کلن ٿا.]

پهريون پوڙهو:

مون هڪ اهڙو شعاع ايجاد ڪيو آهي، جو جيڪڏهن ان کي هڪ بمباز هوائي جهاز ۾ فٽ ڪيو وڃي، يعني جهڙي طرح اسين اينٽي ايئر ڪرافٽ بيٽريءَ کي زمين تي فٽ ڪندا آهيون. اهڙي طرح اهي شعاع ڪنهن وڏي بمباز رستي جنهن بہ شهر تي اڇليا وڃن تہ ٻن منٽن جي اندر ڪوبہ ساهوارو بچي نہ سگهندو.

ٻيو پوڙهو:

انهي شعاع تي ڪيترو خرچ ايندو؟

پهريون پوڙهو:

لاڳت جا انگ اکر تہ هن وقت موجود ڪين آهن. باقي تخميني طور تي سو ڪروڙ خرچ ٿيندو.

ٻيو پوڙهو:

پوءِ اهي شعاع زمين جي ڪيتري حصي تي تباهي آڻي سگهن ٿا؟

پهريون پوڙهو:

25 چورس ميل جي ايراضيءَ ۾.

ٻيو پوڙهو:

25 چورس ميلن تي ٽي سو ڪروڙ لاڳت! تمام مهانگو پوندو. گهٽي ۾ گهٽا، ڏهين ڀ تيهه لک ماڻهو مري سگهندا. يعني في موت هڪ سو رپيا! (ڪنڌ کي ڏوٽيندي) هيءَ تمام مهانگو موت ٿيندو. مون هن کان سستو موت ايجاد ڪيو آهي.

پهريون پوڙهو:

ڪهڙو؟ ڪجهه آهستي ڳالهاءِ، جيئن ڪير ٻڌي نه وٺي. جيڪڏهن انهي ۾ ڪامياب ٿياسين ته پوءِ گڏجي پيٽنٽ ڪرائينداسين.

ٻيو پوڙهو:

مون هڪ اهڙو سفوف ايجاد ڪيو آهي، جنهن کي هوائي جهاز جي مدد سان (هن ۾ بمباز جي ب ضرورت نه آهي، معمولي هوائي جهاز ڪافي آهي) زمين جي ڀل ڪنهن ب حصي تي ڇٽڪاريو وڃي، اتان جا رهاڪو مڪڙن وانگر ناس ٿي ويندا. مڪڙن وانگر! مون اندازو لڳايو آهي ته چار سو چورس ميل زمين لاءِ ڏهه ٽن ڪافي ٿيندو.

پهريون پوڙهو:

اهو ته ٻڌاءِ ته ڏهن ٽنن تي خرچ ڪيترو ايندو؟

ٻيو پوڙهو:

ڪل اسي ڪروڙ. پر مون سوچيو آهي ته انهي ايجاد جي 15 سيڪڙو رايلٽي وٺان، هر ٽن تي 15 سيڪڙو رايلٽي!

پهريون پوڙهو:

هڪ ٽن سان ڪيترا ماڻهو مرندا؟

ٻيو پوڙهو:

اهو آباديءَ تي منحصر آهي: گوبي جي رڻ پٽ يا آفريڪا جي رڻ پٽ

۾ چار سو ميلن ۾ مشڪل سان 4 ماڻهو ملندا. ساڳئي وقت، دنيا جي جن علائقن ۾ گهڻا ماڻهو رهن ٿا، اتي آئون سمجهان ٿو ته، هن سفوف جو استعمال نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو. ايشيا ۽ يورپ جي آباد علائقن ۾ اوهان کي 4 سو چورس ميلن ۾ 4 ڪروڙ ماڻهو ملي سگهندا.

پهريون پوڙهو:
هڪ ڪروڙ مڪڙا!

ٻيو پوڙهو:
ها ها ها، واهه جو ٻڌايئي! ڪهڙي نه تشبيهه ڳولي ڪڍي اٿئي. ها، مون چيو ٿي ته، چار سو چورس ميلن لاءِ ڏهه ٽن! چاليهه چورس ميلن لاءِ هڪ ٽن! جيڪڏهن چار سو چورس ميلن ۾ ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهو رهندا هجن ته، چاليهه چورس ميلن ۾ چاليهه لک ماڻهو رهندا هوندا، جن لاءِ هڪ ٽن ڪافي ٿيندو. هڪ ٽن تي 8 ڪروڙ لاڳت ٿيندي، انهن ڪروڙن تي 15 سيڪڙو رايلٽي وٺندس. ان مان سمجهي وڃ ته، چاليهه لک موتن تي ڪيتري رايلٽي هٿ ايندي!

پهريون پوڙهو:
تنهنجو ته نصيب کُلي پيو!

ٻيو پوڙهو:
بدقسمتيءَ سان دشمن جي حملي مون کي انڌو ڪري ڇڏيو نه ته جيڪر هڪ ٻي ايجاد تي غور ڪريان ها.

پهريون پوڙهو:
ڪهڙي؟

ٻيو پوڙهو:
اها ايجاد ايتري خطرناڪ آهي جو فقط ڪن ۾ ٻڌائي سگهجي ٿي.

[ٻئي سائنسدان هڪ ٻئي جي ويجهو ويهي، ڪنن ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳن ٿا.]

ٻڪر:

انهن ٿي ٻنهي سائنسدانن وڏا هئڊروجن بم تيار ڪيا هئا، جن سان انساني دنيا تباهہ ٿي وئي.

ٻڪري:

هوڏانهن تہ ڏس! ڪهڙي نہ خوشيءَ مان انسانذات جي موت جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڇا انهن کي پنهنجو اولاد ڪونهي؟

ٻڪر:

هو تہ سهي، پر هنن پانيو ٿي ۽ ڪين ڪنهن نموني سان پورو پورو يقين هو تہ اهي بم هميشہ دشمن جي ئي گهر تي ڪرندا، ۽ سندن گهر محفوظ رهندا.

ٻڪري:

عجيب جاهل ماڻهو آهن.

گڏهہ:

جاهل نہ آهن، ميڊم! اهي ماڻهو دنيا جي بهترين ڄاڻن ۽ فطرت تي قبضي ڪرڻ وارن مان هئا. جيڪڏهن هيءَ چاهين ها تہ دنيا کي هزار باغن جو مٽ بنائي سگهن ها. ليڪن هنن موت جا شعاع ايجاد ڪيا، ۽ زندگيءَ جي شعاع جي پرواهہ نہ ڪئي. هيءَ موت جي سفوف ڳولڻ ۾ مشغول رهيا، ۽ حياتي پنهنجي بقا لاءِ ٻاڪاريندي رهي. جڏهين زمين، پاڻي ۽ ٻج لاءِ پڪاري رهي هئي، تڏهين هيءَ پنهنجي تجربيگاهہ ۾ سج جي گرميءَ جي درجي سان دنيا کي تباهہ ڪرڻ جي سوچي رهيا هئا.

پهريون سائنسدان:

(وڏي آواز) ها ها ها!

ٻيو:
سچ ٿو چوين!

پهريون:
هٽ ملاءِ!

[ٻئي زور سان هٿ هٿن تي هڻن ٿا.]

ٻيو:
ڪهڙي نہ شاندار ترڪيب آهي! داد ٿو ڏيان تنهنجي عقل جو. ڇا نہ سوچيو اٿئي! شاعري آهي، شاعري!

پهريون:
ٻڌايانءِ تہ ڪهڙي ڪامياب ايجاد ٿيندي، ۽ ڪيتري سستي! فقط هڪ ننڍڙو پلانٽ (اتي بيهي، جوش ۾ اچي چوي ٿو:) ڏهن ڪلاڪن ۾ ساري ايشيا کنڊ جي آڪسيجن کي ڪاربانڪ آڪسائڊ ۾ بدلائي ڇڏيندو، ۽ پنجن ڏينهن اندر ساري دنيا جي آڪسيجن ختم ٿي ويندي! ڀانئين ٿو تہ آڪسيجن کان سواءِ ڪو ساهوارو دنيا تي جيئرو رهي سگهندو؟ ها ها ها. ڪهڙي نہ ترڪيب آهي! وري خرچ تہ ٻڌ! فقط ڏهن هزارن ۾ ساري دنيا اجڙ ٿي سگهي ٿي. هن کان وڌيڪ سستي موت جي ڪهڙي ايجاد ٿيندي! اڄڪلهہ يائي زمانو اهڙو آهي جو لاڳت گهٽ ۾ گهٽ، ۽ نفعو زياده ۾ زياده! انهي حساب سان منهنجي ايجاد. . .

ٻيو:
هائو پر اهو ڪي سوچيو اٿئي تہ ڏهن هزارن ۾ پاڻ کي ڇا پلئہ پوندو؟

پهريون:
15 في سيڪڙو.

ٻيو:
ڏهن هزارن جو 15 سيڪڙو ڇا ٿيندو؟

پهريون:
(نفعي جو ٻڌندي هڪدم ڪرسيءَ تي ويهي وڃي ٿو) اڙي، هيءَ تہ بلڪل غير اقتصادي ايجاد آهي. هن مان پاڻ کي نفعو نہ ٿيندو.

ٻيو:
منهنجي خيال ۾ پاڻ کي اهوئي هئڊروجن بم ٺيڪ رهندو.

[ٻئي ميز تي سر رکي ڪجھ سوچين ٿا.]

{هڪ پڄري ۾ هڪ گول ميز پيل آهي، جنهن جي مٿان سائي رنگ جو ڪپڙو آهي. ميز جي چوڌاري ٽيھ ڪرسيون پيل آهن، جن تي مختلف ملڪن جا نمائندا ويٺل آهن. هر هڪ ملڪ جي نمائندي اڳيان هڪ تختي رکيل آهي، جنهن تي ملڪ جو نالو لکيل آهي. هڪ ننڍڙي ميز تي هڪ ماڻهو سيني کان جدا ويٺو آهي____ سامهن ٽيليفون اٿس. جڏهين جانور پڄري جي ويجهو پهچن ٿا، تڏهين ڏسن ٿا تہ بحث تمام زور شور سان چالو آهي.}

ملڪ ج جو نمائندو:
مون وٽ ائٽم بم آهي، اوهان جون هڏيون پڃي ڇڏيندس!

ملڪ چ جو نمائندو:
مون وٽ هئڊروجن بم آهي، پنهنجي بڪواس بند ڪر!

ملڪ ت جو نمائندو:
مون وٽ ڪوبالٽ بم آهي، جو سيني بمن جو پيءُ آهي!

چيئرمين:

آرڊر آرڊر حضرات! مان هن ڪانفرنس جي بنيادي مقصد تي اچان ٿو. عالمگير جنگ شروع ٿي چڪي آهي. ساري دنيا باهه جي لپيٽ ۾ ويڙهجي ويئي آهي. هن جنگ مان انساني تمدن کي خطرو آهي. اوهان جيڪڏهن جلد جنگ بند نه ڪئي ته ساري دنيا تباهه ٿي ويندي. اسان تي لازم آهي ته فوري طور تي دنيا ۾ امن قائم ڪريون. جو هن ڪانفرنس جو اولين مقصد آهي. جنگ ختم ڪريو!

ملڪ الف جو نمائندو:

مگر مسٽر چيئرمين، پهريائين هيءَ سوال آهي ته، هيءَ جنگ شروع ڪنهن ڪئي؟

ب:

تو شروع ڪئي.

الف:

نه، تو ____ خبيث!

ب:

نه، تو ____ دئوس!

الف:

(مڪ ڏيکاريندي) انسانيت جا دشمن!

ب:

(مڪ هڻندي) جمهوريت جا جاني دشمن!

[ٻئي نمائندا هٿين پٺجي وڃن ٿا. گهڻا سياستدان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.]

گڏهه:

انهن ماڻهن کي اسان جي اسڪائوٽن شهر ’ڪارواڪ‘ جي تهه خاني مان پڪڙيو هو هيءَ ڪانفرنس ڪري رهيا هئا. شهر ختم ٿي چڪو هو پر هنن جي اجا ڪانفرنس ختم نه ٿي هئي.

ڪودڙو نمبر 1:

بابا هيءَ ماڻهو ڇا پيا ڪن؟

گڏهه:

پٽ! انهن جي ڪانفرنس اجا تائين هلندڙ آهي!

[ايتري ۾ ڪجهه سياستدان پنهي نمائندن کي ڇڏائي وڃهن ٿا. ۽ ڪانفرنس وري چالو ٿئي ٿي.]

ملڪ س جو نمائندو:

حضرات! جنگ ختم ڪرائڻ کان اول، هيءَ ڄاڻڻ تمام ضرور آهي ته، پهريائين جنگ ڪنهن شروع ڪئي. منهنجي رٿ آهي ته، انهي لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي وڃي.

[ايتري ۾ هڪ ماڻهوءَ جو جدا ميز وٽ فون تي ڪن رکيو ويٺو آهي، هڪدم گهبرائجي اٿي بيهي ٿو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي چوي ٿو:]

ماڻهو:

شهر ’پراس ڊاڪ‘ ختم ٿي ويو.

س: ٽيڻ ڏيو!

ماڻهو:

حضور، اجهو هينئر خبر آئي آهي ته، آفريڪا جا 50 شهر خاڪ ٿي

ويا. يورپ جا ڀ سو شهر ناس، ايشيا جي سمورن تخت گاهن کي باهيون! حضور جلدي ڪريو. دنيا امن چاهي ٿي، فوري امن!

س: تون وچ ۾ ڳالهائڻ وارو ڪير آهين؟ ويهي رهه!

[ماڻهو مجبور ٿي ويهي رهي ٿو]

غ: حضرات! مان ڪنهن غير جانبدار ڪميشن جي حق ۾ ووٽ ڏيئي نٿو سگهان. خاص ڪري ج چ خ ح جا باشندا پوئتي پيل ۽ ڪريل آهن، ۽ سندن آدمشاري 80 سيڪڙي ڪان مٿي جاهل آهي.

[فون تي وينل ماڻهو وري گهبرائجي اٿي بيهي ٿو]

ماڻهو: حضور اسي سيڪڙو اڻ پڙهيل ۽ سئو سيڪڙو پڙهيل سڀ مري رهيا آهن. هئڊروجن بم پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن جو ڪوبه فرق نٿو ڪري. اجهو هينئر اطلاع آيو آهي ته، آفريڪا جي جهنگلن کي باهه لڳي وئي.

ع: مسٽر غ! هي ماڻهو ڪير آهي؟

غ: ڇو مسٽر! اوهين ڪهڙي ملڪ جا نمائندا آهيو؟

ماڻهو:
حضور، مان دنيا جو نمائندو آهيان.

غ: مسٽر چيئرمين، آئون پڇي سگهان ٿو ته، انهي نالي جو ڪو ملڪ موجود آهي؟

چيئرمين:
نه!

غ:تہ ويهي رهہ. وچ ۾ نہ ڳالهاءِ. هن وقت زندگي ۽ موت جو سوال آهي، جنگ ۽ امن جو سوال آهي. اسين ساري دنيا جا سياستدان امن چاهيون ٿا، انهي لاءِ هٿ ڳنڍ ٿيا آهيون. اسان کي انسانيت جي فلاح ۽ بهبوديءَ جو خيال آهي، اسين ئي ذميوار آهيون. انسانيت جو جيڪو اسان تي فرض آهي، ان کي چڱي ريت ڄاڻون ٿا. حاضرين آئون هن نازڪ موقعي تي اوهان جي اڳيان شيڪسپيئر جو هڪ قول پيش ڪيان ٿو "To be or not To be is the question! (حياتي يا موت____ اهو آهي سوال:)

[فون وارو ماڻهو وري گهٻرائجي اٿي بيهي ٿو]

ماڻهو: حضور، اوهان هٿ شيڪسپيئر ورجائي رهيا آهيو. هوڏانهن دنيا ختم ٿيندي پئي وڃي. خدا جي واسطي جلدي امن قائم ڪرڻ جو ڪو فيصلو ڪري وٺو. هڪدم جنگ بند ڪرڻ جو حڪم نہ تہ اجهو اجهو هينئر خبر آئي آهي تہ... تمام دير ٿي ويندي..

غ:(سخت غصي ۾ اچي) 'ٽو بي آر ناٽ ٽو بي.' (حياتي يا موت!)

ماڻهو: حضور، اتر قطب جي برف پگهرڻ شروع ٿي وئي.

غ:(وڏيڪ غصي ۾ اچي) ٽو بي آر ناٽ ٽو بي!

ماڻهو: آسٽريليا ۾ گرميءَ جو درجو بہ هزار سينٽي گريڊ تي پهچي ويو.

غ: ٽو بي آر ناٽ ٽو بي! مان هيملٽ جي ساري تقرير پيش ڪندس، اهو منهنجو پيدائشي حق آهي.

ماڻهو: هينئر ساري دنيا خاموش آهي، ڪٿان بہ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي.

[فون وارو ماڻهو مٿو ميز تي رکي پنهي ٻانهن ۾ مٿي کي لڪائي سڏڪا پري ٿو]

غ: تو بي آر...

[مسٽر غ جو آواز گڏهه جي ٻوليءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ گڏهه زور زور سان کلي ٿو.]

## کودڙو نمبر 1 :

بابا، تون کلئين؟

گڏهه:

کلڻ جي جاءِ آهي يا روئڻ جي، سمجه ۾ ئي نه ٿو اچي. دنيا ختم ٿي وئي، پر هنن جي تقرير اڃان ختم نٿي ٿئي.

{گڏهه پنهنجن پڇن سان اڳتي وڌي ٿو]

(هن پڇري ۾ هڪ ماءُ پنهنجي مٿي جا وار کوليو پنهنجي ٻچي کي لوڏيندي ڳائي ٿي:)

سمهه!
ايٽم بم جا ماريل سمهه!
راج دلارا!
سمهه!

[ٻار انتهائي بدشڪل آهي. هڪ اک مٿي تي ۽ هڪ کاڏيءَ تي. زبان وات جي بجاءِ ڪن کان ٻاهر. ٽي ٻانهون، هڪ ٽنگ ۽ ٻه مٿا اٿس. هڪ مٿي تي سنگ نڪتل، ۽ ٻئي مٿي جي اندر هڪ ٻانهن آهستي آهستي لڏي رهي آهي].

## ڪوڏڙو نمبر 1:

بابا! هيءَ انسان جو ٻچو آهي؟

گڏهہ:

نہ پٽ! هيءَ جهنم جو ٻچو آهي.

## ڪوڏڙو نمبر 1:

جهنم ڇا آهي؟ بابا!

گڏهہ:

پٽ! هر ڪا ساهواري شي ننڍڙن ننڍڙن ذرن مان ٺهي ٿي. هڪ خاص گرميءَ جو درجو مقرر هوندو آهي، جنهن جي اندر رهي هُو پنهنجي شڪل ۽ ڪيمياوي صفتون برقرار رکي ٿي. ليڪن انهي گرميءَ جي درجي کي بدلائڻ سان هو پنهنجي شڪل و صورت بدلايو وجي. انسانن سان بہ اهوئي ٿيو. ايٽمي ۽ هئڊروجن بمن جي جنگ کان پوءِ جيڪي هيءَ ٿورا انسان بچيا آهن، اهي يا تہ انڌا ٿي ويا آهن، يا پاڳل ٿي ويا آهن، يا سرطان جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهن. انهن مان ڪوبہ نہ بچندو. آهستي آهستي هن ڌرتيءَ جا سمورا انسان فنا ٿي ويندا. اسان جو خيال هو تہ هن ٿي عورت جي پيٽ مان اهو ٻار پيدا ٿيو آهي، ۽ شايد اهائي عورت انساني نسل ۾ واڌارو آڻي، پر اهو خيال بہ غلط نڪتو. هئڊروجن جي گرمي پيدائش جي ڪيمياوي عمل کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. هن عورت جي ڪک هاڻ انڌي ٿي چڪي آهي. هينئر هن عورت جي پيٽ مان شيڪسپيئر، ٽئگور، لطيف، گورڪي، رومن رولان، غالب، بو علي سينا، ليونا، اشوڪ، اڪبر، ڪنفيوشس ۽ مسيح پيدا ٿي نٿا سگهن: فقط جهنم جا ٻچا پيدا ٿي سگهن ٿا. انسان جي ٽريجڊي اها آهي تہ جڏهن سندس اڳيان زندگي ۽ موت جو سوال اٿي، تڏهين زندگيءَ کان موت کي ترجيح ڏئي، ڇو تہ ان کان سواءِ مستقبل ۾ سندس لاءِ ٻيو ڪي بہ ڪونهي!

**پڄاڻي:**

[جڏهين پردو کڄي ٿو تڏهين اهائي ساڳي زمين پنهنجي محور جي چوگرد ڦرندڙ..... اهوئي آسمان. سفيد ڪير وانگر تارن جو ميڙ. اهوئي ماڻهو..... هڪ ماڻهو جو پنهنجا ٻئي هٿ ڦهلايو___ زمين ڏانهن منهن ۾ تماشائين ڏانهن پٺ ڏيو بت وانگر ماٺ ٿي ماٺ ۾ آهي! ڪجھ گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ ساڳئي ڪورس جي صدا ڪائنات جي فضا ۾ گونجڻ لڳي ٿي!]

ڪورس:

ليڪن انسان مئو نہ آهي،
هو اڄ تائين زنده آهي:
هن ٿي زمين تي رهي ٿو،
اڄ بہ اهائي زمين آهي،
اهوئي آسمان،
اهائي ڌرتي،
اهائي خوشبو
اهائي ماڪيءَ جي مک،
اهي ئي گل،
اهي ئي توتن جا پن،
اهي ئي ريشم جون تندون:
۽ اڄ بہ بلبل نغما ڳائي ٿي،
پنهنجي مستقبل خاطر مُکڙي مُرڪي ٿي،
۽ ماءُ پنهنجي سمهيل ٻچي جي بدليل چهري ۾
اڇڻ واري جنت جو نظارو ڏسي ٿي:
وقت هڪ ماءُ آهي،
تاريخ پرورش آهي،
۽ ٻچو خواب آهي،
جنت جو جهنم جو
تنهنجو ڪهڙو خواب آهي؟

جنت جو؟ جهنم جو؟
اي انسان! منهنجا ياءَ!
منهنجا ساٿي!
منهنجا همدم، منهنجا دوست!
____ منهنجو ڪهڙو خواب آهي؟
هي فيصلو اڄ ٿيندو!

[ڪورس جي آخري آواز تي جيڪو ماڻهو تماشائين ڏانهن پٺ ڪيو بيٺو آهي، اهو تماشائين طرف گهمي ٿو ۽ آهستي آهستي اسٽيج جي مرڪز ڏانهن وڌي ٿو. ڪيس پيرن کان چوٽيءَ تائين نيري پوشاڪ پيل آهي، سندس منهن تي نيرو نقاب آهي جنهن تي سواليا نشان لڳل آهي. جڏهين اسٽيج جي مرڪز وٽ اچي ٿو تڏهين پنهنجا ٻئي هٿ تماشائين جي طرف وڌائي ٿو. تماشائي ڏسن ٿا تہ، سندس هڪ هٿ ۾ هائڊروجن بم آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ امن جو ڪبوتر!]

**[پورو ٿيو]**

# ڪتاب

## پارلاءِ

درسي سبق، مثالي شخصيتون، ننڍڙا ناٽڪ

شخصيت

# جارج برنارڊ شا

ويهين صديءَ جو جڳ مشهور ناٽڪ نويس، جارج برنارڊ شا، 26، جولاءِ 1856ع ۾ آئرلينڊ جي هڪ غريب ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو. هن جو والد عدالتي ڪاتي ۾ هڪ معمولي درجي جو ملازم هو. پڙس ڪي جڏهن نوڪريءَ جي معياد پوري ٿيڻ تي پينشن ملي، ته اها ٿي چار سئو ربين جي ساليانيءَ آمدنيءَ کان وڌيڪ ڪانه هئي. هن جو پنهنجو ذاتي خرچ به انهي آمدنيءَ کان وڌيڪ هو. چاڪاڻ ته هو بدقسمتيءَ سان پاڻ کي هميشه امير طبقي جو جو فرد تسليم ڪندو هو ۽ انهي اميراڻي نموني جي ناهه نوهه قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ ساري ڄمار مبتلا رهيو. پيءَ جي انهي ذهني خود فريبي برناڊشا جي زندگيءَ ۾ ننڍپڻ ۾ ئي وڏو اثر ڪيو.

پيءُ جي وفات بعد جڏهن روزگار جو ٿورو گهڻو وسيلو ختم ٿيو ۽ ڏاڏڻ بڪ موت جو روپ وٺي ڏيڇارڻ لڳي، تڏهن برنارڊشا روزگار جي تلاش ۾ اباڻي اَجهي کي موڪلاڻي ڇئي، لنڊن پهتو. هن جي ماءُ پنهنجي مڙس جي وفات کان اڳ ئي لنڊن ۾، ڇوڪرين جي هڪ اسڪول ۾ راڳ جي ماسترياڻي هئي. برنارڊ شا لنڊن ۾ پنهنجي شروعاتي زندگي نهايت ڏکڏائڪ غربت جي احساس ۾ گذاري. ڪيترين وڏين ڪوششن ۽ جدوجهد کان پوءِ به هن کي روزگار جو ذريعو ميسر نه ٿيو. ان ڪري ماءُ جي معمولي آمدنيءَ تي گذارو ڪرڻ نهايت مشڪل بنجي پيو. نو سال غربت ۽ بيروزگاريءَ جي صبر آزماءَ عرصي، منجهس زندگيءَ جي هر مسئلي کي خنده پيشانيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ وڏي همت ۽ حوصلو پيدا ڪيو. غربت واري عرصي ۾، زندگيءَ جي هرهڪ گهڙي ايتري ڏکي ۽ ايتري ڏکهي بنجي ويئي، جيڏيون لنڊن جون ڏگهيون سڙڪون، جن تي هزارين برنارڊشا، هر

سفيد پوش راهگير ڏانهن نهاري، انساني تهذيب ۽ تمدن تي دل ئي دل ۾ ملامت ڪندا تي رهيا. غربت ۽ مسڪينيءَ جا هيءَ نو سال، هن جي آئيندي ناهڻ ۾ نهايت ڪارائتا ۽ اهم ثابت ٿيا. هن انهي عرصي ۾ انساني زندگيءَ جو نهايت خوفناڪ صورتن ۾، تمام ويجهو مشاهدو ڪيو. هن ڪيترا دفعا انساني رحم، همدردي ۽ انصاف جا جنازا اکين سان نڪرندي ڏٺا. هن جي حساس فطرت پنهنجي سماج جي ظاهري توڙي لڪيل قدرن کي انهي روپ ۾ ڏٺو جنهن ۾ صدين کان انسانذات جي چيخ و پڪار هر حساس فطرت ۽ باشعو انسان کي بيچين ڪندي پئي رهي آهي.

ايتري جدوجهد ۽ درد سريءَ کان پوءِ هو بہ نا اميد ڪين هئو ___ نا اميدي هن جي تصور ۾ انسان جو بد ترين موت هو. ڇاڪاڻ تہ هن جاتو ٿي تہ اميد ۽ عمل، انسان جي مستقبل ناهڻ ۾ هميشہ وڏو پارٽ ادا ڪيو آهي ___ هينئر فطرت هن جي روشن مسستقبل لاءِ پيڙهہ جو پٿر رکڻ واري هئي. هڪ ڏينهن هن کي هڪ آمريڪن ٽيليفون ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي ويئي هئي تہ ماڻهن کي گهرن ۾ ٽيليفون لڳرائڻ جا فائدا ٻڌائي ۽ کين صلاحون ۽ مشورا ڏئي. پر مستقبل، هن جي انهي معمولي ڪاروبار کي ڏسي ٺهڪ ڏيندو ٿي رهيو. ڇاڪاڻ تہ هن جاتو ٿي تہ هن معمولي ڪلارڪ هٿان اڳتي هلي ادبي دنيا ۾ هڪ غير معمولي ڪارناموں سرانجام ٿيڻ وارو آهي. هڪ ڏينهن برنارڊشا کان سندس طبيعيت اهو فيصلو ڪرايو تہ هو ڪنهن بہ حالت ۾ روزانو پنج دفعا ضرور لکندو. انهي مضبوط فيصلي ۽ اٽل ارادي، برنارڊشا ۾ پنهنجو پاڻ تي وڏو اعتماد پيدا ڪيو ۽ هڪدم انهي ملازمت کي خيرآباد چئي تصنيف ۽ تاليف جي ڌنڌي ۾ لڳي ويو ___ پندرنهن سالن جي عرصي ۾ قلمي ذوق هن کان پنج ناول لکرايا. پر بدقسمتي چئجي جو انهن پنجن ئي ناولن جو لنڊن جي پبلشرن وٽ ڪوبہ قدر ڪونہ ٿيو ___ فقط ڇهہ پائونڊ معمولي اُجورو ڏنو ويو. هڪ ڪچي ذهن ۽ دماغ لاءِ هيءَ هڪ وڏي آزمائش هئي! پر برنارڊشا انهيءَ بيقدريءَ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪندي، پنهنجي مضبوط فيصلي جي سرانجاميءَ لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪندو رهيو. هڪ بامقصد دل ۽ روشن نگاهہ، ناسازگار حالتن کان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿي آهي؛ پر پاڻ

تنهان ٿي وڌيڪ انهي ڪوشش ۾ هوندي آهي تہ پنهنجي فرض کي ايمانداريءَ سان نڀائيندو رهجي ۽ نتيجي کي مستقبل تي ڇڏي ڏجي. ادب سان انهي بيپناهہ محبت، 45 سالن جي عمر ۾ برنارڊشا کي اهڙي دور ۾ پهچايو جتي مالي خوشحالي ۽ ذاتي شهرت، ٻئي سندس قدم چُمي رهيون هيون. بهرحال، آسودگيءَ توڙي ذاتي شهرت، هن جي عظيم مقصد ۾ ڪڏهن بہ دخل انداز ڪين ٿيون. هن جي دل توڙي دماغ، راحت ۽ سڪون جي حالت ۾ بہ پاري جيان بيقرار ۽ تڙپندا رهيا. انساني زندگيءَ جا دردناڪ واقعا ۽ انسانيت سوز مشاهدا ڪڏهن بہ هن جي ذهن کان الڳ ڪين ٿيا___ سماجي غربت، بک ۽ بيوسي، ڪيڙن ۽ ماڪوڙن جيان هن جي ذهن تي ڇهڻي، سندس ڪردار ۾ هڪ لافاني عمل کي وڌائيندڙ ۽ تيز ڪنديون رهيون.

برنارڊشا نہ فقط ناول نويس هو پر ساڳي وقت هڪ صحافي، تنقيد نگار، موسيقار ۽ مقرر پڻ هو. سماجي برائين کي دور ڪرڻ لاءِ هن ڪيترن ئي جلسن ۾ تقريرون ڪيون. هو سڄي جمار زندگيءَ جي هر ميدان ۾، انسانذات جي ڀلائي خاطر جدوجهد ڪندو رهيو. هن پنهنجي سموري زندگي بامقصد گذاري ۽ پنهنجي ادبي شهپارن ۾ بہ مقصدي ادب کي ترجيح ڏيندي "ادب برا ادب" جي نظريي تي سخت چوٽون ڪندو رهيو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ جارج برنارڊشا هڪ جلسي ۾ ويو جتي جارج هينري تقرير ڪري رهيو هو. هينري جي تقرير برنارڊشا کي انساني تهذيب ۽ تمدن ۾ اقتصاديات جي بنيادي اهميت جو پهريون ڀيرو احساس ڏياريو. هن واپس اچڻ تي جارج هينري جو اقتصاديات تي لکيل ڪتاب جو مطالعو ڪيو. انهي ڪتاب جي مطالعي ذهني اطمينان بجاءِ کيس تنهان ٿي وڌيڪ پنهنجي ذهني بي آراميءَ جو احساس ڏياريو. آخر انهي ذهني لوچ ۽ تڙپ کيس ڪارل مارڪس جي جڳ مشهور ڪتاب"داس ڪيپيٽل " پڙهڻ جو شوق جاڳايو. ان ڪتاب جي مطالعي برنارڊشا جي ذهن ۾ وڏو انقلا آندو ۽ پوءِ هو جلد ئي سوشلسٽ خيالن جو ٿي ويو.

ويهين صدي، يورپ جي تاريخ ۾ هڪ نئين دور جو آغاز ڪري رهي هئي___ سائنس جي ترقيءَ سببان نئون سامراجي دور، هڪ هيبتناڪ ديو جي صورت ۾، دنيا جي تباهيءَ جو خطرو پيدا ڪري چڪو هو. دنيا جي ڪمزور قومن مٿان هي نئين پيڙاءَ ۽ نئين مصيبت ڪنهن بہ باشعور انسان کان ڳجهي پالهي ڪانہ هئي. برنارڊشا، هڪ عظيم اديب جي حيثيت ۾ انهي ظلم ۽ ڦرلٽ کي پوري طرح ڏسي رهيو هو. هن سوچيو تہ مظلوم عوام کي ناولن جي ذريعي سجاڳ ڪرڻ کان بهتر ٿيندو تہ ڪين افسانن ۽ ڊرامن رستي سجاڳ ڪري، ظلم ۽ ڦرلٽ جي خلاف نفرت ڏياري وجي. ان ڪري، هن پوءِ دنيا جي اديبن کي ڊرامي ۽ افساني لکڻ جو عام احساس ڏياريو ۽ پاڻ بہ ناول جي صنف کي خير آباد چئي، پنهنجي سموري تخيل ۽ قلم جو زور افساني ۽ ناٽڪ تي ڏيڻ لڳو. هن ڄاتو ٿي تہ انساني ذهن جي تربيت ۽ شعور لاءِ، ناٽڪ کان وڌيڪ اثرائتي ٻي ڪا بہ صنف ٿي نہ ٿي سگهي___ اسٽيج کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ ڪارائتو درسگاهہ نہ آهي، جتي اخلاقيات جا منجهيل مسئلا، ۽ رسمن رواجن جي انڌي پوئلڳي، پورهئي جو نامناسب اجورو، طاقتور قومن جا ڪمزور قومن سان ڪلور، طبقاتي ڦرلٽ ۽ ٻيا اهڙا زندگيءَ جا سوين مسئلا، عوام کي آسانيءَ سان سمجهائي سگهجن ٿا. انهي طريقي، جڏهن انسان جي فطري زندگي صحيح روپ ۾ عام ماڻهن جي اڳيان ايندي، تڏهن هر فرد جي ذاتي صلاحيتن جون دٻيل چڻنگون دکي، پنهنجي ٿيڻ ۾ ڪا بہ دير ڪانہ ڪنديون.

برنارڊشا ڄاتو ٿي تہ مظلوم عوام کي زندگيءَ جي روشن راهہ ڏيکارڻ اديب جوئي فرض آهي. ان ڪري پاڻ بہ سچي جمار وڏي ديانتداريءَ سان زندگيءَ جي قدرن کي پرکيندو لڪل راز ظاهر ڪندو، جهالت ۽ بزدليءَ جي خلاف عام احساس ڏياريندو ٿي رهيو.

برنارڊشا اٽڪل 50 ڊراما لکيا، جيڪي دنيا جي ڪيترين زبانن ۾ ترجمون ٿيا ۽ اسٽيج تي آندا ويا. اڄ اهو ساڳيو برنارڊشا هو جنهن کي ڳچ عرصو اڳ سندس لکيل پنجن ناولن جا ڇهہ پائونڊ اجورو ڏيڻ وڏي قيمت ڄاتي ٿي وئي، پر هينئر ان ساڳي اديب کي لنڊن جي پبلشرن، سندس مرضيءَ مطابق

۽ احترام سان شايع ڪرڻ پنهنجي لاءِ فخر تي ڄاتو.

برنارڊشا سڄي حياتي شادي نہ ڪئي. هن جي ڪن همعصرن جي راءِ آهي تہ ڪيس شادي کان نفرت پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي بي جوڙ رشتي مان پيدا ٿي ــــ هن جي ماءُ، مڙس کان ويھہ سال ننڍي هئي، ۽ پڻس اهو رشتو پنهنجي ماتيجي ماءُ جي ظلمن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پري رهڻ خاطر قبول ڪيو هو. جنهن اڳتي هلي گهر جي اهڙي دکدائڪ فضا قائم ڪئي، جو آخر برنارڊشا کي سڄي حياتي شاديءَ جي خلاف فيصلو ڪرڻو پيو. هن مرد ۽ عورت جي رشتي کي آزاداڻي محبت جي بنيادن تي قائم ڪرڻ چاهيو ٿي، پر طبقاتي سماج ۽ سرمائيداراڻي نظام ۾ ائين ٿيڻ ناممڪن هو. برنارڊشا ان موضوع تي پنهنجن ناولن ۾، ڪن هنڌن تي بلڪل بيباڪيءَ سان قلم کنيو آهي.

تاريخ 2، نومبر 1950ع، دنيا جو هيءُ عظيم ناٽڪ نويس، جنهن 94 سالن جي عمر تائين پنهنجي حساس دل، روشن نگاھہ ۽ اعليٰ تخيل جي ذريعي مظلوم عوام جي خوشحالي ۽ امن لاءِ جدوجهد ڪئي، اهو ساڳيو عظيم انسان، ان ڏينهن جذبات کان بيوس ۽ زندگيءَ جي حرڪت کان مجبور هوندي بہ موت کي شڪست ڏيڻ لاءِ آخري لڙائي لڙي رهيو هو ــــ هو سڄي رات جدوجهد ڪندو رهيو، پر پوءِ جڏهن صبح جو پهرين باک ڦٽي، تڏهن هن اعليٰ ڪردار ۽ عمل جي مثالي انسان، بيوس بڻجي، موت جي خنده پيشانيءَ سان آجيان ڪندي، دنيا کان هميشہ لاءِ موڪلاڻي ڪئي.

ــ اشاعت: رسالو ”گل ڦل“،
جولاءِ آگسٽ 1964ع ــ ٻين اشاعت: ”هيمون“، اپريل ــ 1968ع.

# ابن خلدون

27، مئي_ 1336ع، برابر 1، رمضان 732هه، تاريخ جي فلسفي جو بنياد رکندڙ دنيا جو مشهور عالم ۽ فلسفي، عبدالرحمان بن محمد، تيونس جي شهر ۾ پيدا ٿيو. عبدالرحمان جا وڏا عرب جا رهاڪو هئا، جتان خلدون نالي هڪ شخص پنهنجي عيال سميت، عيسوي ڏهين صدي ڌاري لڏي، تيونس ۾ اچي رهيو. ان جي وفات کان پوءِ سندس پويان ابن خلدون جي نالي سان سڏبا رهيا. عبدالرحمان به ان سببان علمي دنيا ۾ ابن خلدون جي نالي سان مشهور ٿيو. هن جو والد پاڻ به وڏو عالم هو. پٽ جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ ڪري ابن خلدون ننڍي عمر ۾ ئي قرآن، حديث، فقهه، فلسفو منطق، ادب ۽ تاريخ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي.

سترهن سالن جي عمر ۾ ابن خلدون کي نهايت وڏو دلي صدمو پهتو___ تيونس ۾ ان وقت وبا جي منحوس بيماري پيئي، جنهن سبب سندس پيءُ ۽ ماءُ ٻئي وفات ڪري ويا. هيءُ زخم اڃان تازوئي هو ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس مهربان ۽ شفيق استادن مان به ڪي ان بيماريءَ جو شڪار ٿيا ۽ ٻيا تيونس مان موٽي پنهنجي وطن ڏانهن وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. هن صدمي ابن خلدون کي تنهان ئي وڌيڪ پريشان ڪري وڌو. هن جو خيال هو ته آئون به ساٿن گڏجي وڃان، پر سندس ڀاءُ کيس اجازت نه ڏني.

جلد ئي ملڪ ۾ اهڙيون سياسي حالتون پيدا ٿيون، جو هو تيونس کان موڪلائي ڪري اولهه ڏانهن روانو ٿيو. تلسمان جي سلطان ابو عنان، ابن خلدون جي علمي شهرت کان اڳيئي واقف هو ان ڪري کيس پاڻ وٽ ڪاتب جي عهدي تي مقرر ڪيو. علامه هن عهدي کي پنهنجي خانداني عزت جي لائق ڪين ڄاتو. ٿورن ڏينهن بعد سلطان، هڪ امير تي چڙهائي

ڪري، ان کي پاڻ وٽ نظربند رکيو. ابن خلدون جا ان امير سان تعلقات هئا ۽ هن امير کي جيل مان ڇڏائڻ لاءِ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو. سازش جي ڪامياب ٿيڻ کان اڳ ئي راز کلي پيو ۽ ابن خلدون کي سازش جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو. ٻن سالن بعد جڏهن سلطان وفات ڪئي، تڏهن حسن بن عمر نالي هڪ وزير، ابن خلدون کي آزاد ڪيو. ٿوري عرصي گذرڻ بعد ابو سالم نالي بادشاهي خاندان جي هڪ فرد حڪومت جي خلاف بغاوت ڪئي. ابن خلدون ان باغي کي بغاوت ڪرڻ ۾ وڏي همت ڏياري ۽ آخر هو ڪامياب ٿيو.

ابو سالم تخت نشيني بعد جلدئي علامہ کي پنهنجو خاص سيڪريٽري مقرر ڪيو. ابن خلدون وڏي آرام ۽ سڪون سان زندگي گذاري رهيو هو تہ ٻن سالن بعد اوچتو سياسي حالتن پلٽو کاڌو. ابو سالم مارجي ويو ۽ عمر بن عبدالله نالي هڪ نئين وزير، شاهي خاندان جي هڪ نابالغ ٻار کي تخت تي ويهاري پاڻ حڪومت ڪرڻ لڳو. ابن خلدون نئين حڪومت کان راضي نہ رهيو. هن کي عبدالله ۾ وڏيون اميدون هيون: ڇاڪاڻ تہ هن سان گهڻي وقت کان دوستي هئس ۽ اها ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گهري ٿي چڪي هئي. پر پوءِ اقتدار ۾ اچڻ بعد وزير اڳوڻن لاڳاپن ۽ قرب جي ناتن جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي. علامہ کي پنهنجي هن دوست جي بي رخيءَ جو وڏو افسوس ٿيو ۽ تلسمان مان وڃڻ لاءِ وزير کان اجازت گهري. وزير کي خوف هو تہ هتان وڃڻ کان پوءِ متان هو ڪنهن مخالف ڌر سان ملي وڃي، ان ڪري موڪل ڏيڻ کان گهٻرائي رهيو هو. آخر ڪن ماڻهن جي پروسي ڏيارڻ تي، هن شرط تي آزادي ڏني ويئي تہ هو ڪڏهن بہ تلسمان ۾ ٻيهر پير نہ رکندو. علامہ وڏي بيوسيءَ جي حالت ۾ پنهنجي ٻارن ٻچن کي قسطنطنيہ ڏانهن روانو ڪري، پاڻ اندلس ڏانهن رخ رکيو.

ابن خلدون جا غرناطہ جي سلطان ۽ وزير سان اڳيئي تعلقات هئا ۽ کيس اميد هئي تہ اتي پهچڻ بعد سندس چڱي مرحبا ڪئي ويندي، ٿيو بہ ائين ئي. علامہ خود پنهنجي سوانح ۾ ڄاڻايو آهي تہ:

"…. سلطان مون کي وڏي مرتبي وارن اميرن جي ڪچهريءَ ۾ ويهاريندو هو ـــ پاڻ سان گڏ ڪارائيندو هو. رازداريءَ جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ سواريءَ تي به پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو…."

ٻئي سال علامه کي قشتاله (اسپانيا) ڏانهن سفير جي حيثيت ۾ روانو ڪيو ته جيئن اتي پهچي صلح لاءِ ڳالهيون ڪري. قشتاله جو بادشاهه ابن خلدون جي اعليٰ ۽ علمي صلحيتن کان اڳيئي واقف هو ۽ هن صلح جي پيغام کي وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيو. ابن خلدون جڏهن واپس موٽي آيو تڏهن سلطان جي طرفان کيس وڏن انعامن سان نوازيو ويو ۽ سندس ٻارن کي به قسطنطنيه مان گهرايو ويو. مگر افسوس، جو هن خوشي ۽ آرام واري زندگي به ساڻس وفا نه ڪئي. اجا ڪجهه مهينا ئي ڪين گذريا ته اندلس کي ڇڏي بجايه وڃڻ تي مجبور ٿيو. ان فيصلي جو بنيادي سبب هيءَ هو ته هن محسوس ڪيو ته چغلخورن ۽ دشمنن جي سازشن سببان وزير لسان الدين جي دل مون کان گهٽو ڦِري ويئي آهي ۽ هُن کي ڊپ آهي ته متان علامه جو سلطان وٽ وڌندڙ اثر ۽ رسوخ، هن جي پنهنجي اثر ۽ رسوخ ۾ نقصانڪار ثابت ٿئي. ان ڪري ابن خلدون کي انديشو ٿيو ته متان ڪنهن ڏينهن وزير ۽ منهنجي دوستي ۾ ڪا ڪڙاڻ پيدا ٿي پوي، تنهن کان اندلس ڇڏي وڃڻ بهتر آهي.

آخر اندلس مان موڪلائي بجايه پهتو ته اتي به هن جي چڱي آجيان ٿي. سلطان ابو عبدالله، علامه جي وڏي مرحبا ڪئي ۽ کيس پنهنجو خاص صلاحڪار مقرر ڪيو. علامه پنهنجي سوانح ۾ ڄاڻائي ٿو ته:

"…. سلطان جو حڪم هو ته شهر جا دولتمند روز فجر جو منهنجي دروازي تي حاضري ڏين. مون حڪومت جو ڪاروبار پنهنجن هٿن ۾ ورتو ۽ ملڪي معاملن ۾ سموريون ڪوششون ڪيون…. آئون حڪومت جي ڪمن کان فارغ ٿي جامع قصبه ۾ وڃي ويهندو هئس…."

پر، هيءَ راحت ۽ خوشيءَ جي زندگي بہ هڪ سال جي وڏيڪ عرصي ڪان راس نہ آئي. سلطان لڙائي ۾ مارجي ويو ۽ ملڪي انتظام جو شيرازو ڇڙوڇڙ ٿي ويو. حقيقت هن ريت هئي تہ سلطان جي سئوٽ، ابوالعباس، قسطنطنيہ مان وڏي فوج وٺي حملو ڪيو ۽ لڙائي هلندي سلطان کي سندس خيمي ۾ قتل ڪري، بجايہ تي گهيرو ڪيو ويو. هن وحشتناڪ صورتحال ماڻهن جا حوصلا منجهائي ڇڏيا___ ڇا ڪرڻ گهرجي، ڇا نہ ڪرڻ گهرجي؟ عام زندگيءَ کي موت ۽ حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڏسندي، ابن خلدون مناسب ڄاتو تہ هن وقت پيش پوڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ آهي. ابوالعباس نهايت خرش ٿيو پر ٻين اميرن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ ابوالعباس کي بدظن ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ابن خلدون هيئنئر بہ پنهنجي دستوري فيصلي ڪان ڪم ورتو ۽ ان نتيجي تي پهتو تہ هاڻ هتان ڪنهن بہ صورت ۾ جان ڇڏائڻ مناسب آهي. آخر بجايہ کي الوداع چئي، بيسڪره ڏانهن روانو ٿيو.

ابن خلدون، بيسڪره ۾ زندگيءَ جا پريا ڇهہ سال گذاريا ۽ هتي پهچڻ بعد جلد ئي هن جي زندگي هڪ نئون رخ اختيار ڪيو. شاهي منصب ۽ عهدن وغيره ڪان دل بنهہ بيزار ٿي چڪي هئس ۽ هاڻ هن قبائلي زندگي ڏانهن وڌيڪ ڏيان ڏيڻ ۽ هموار ڪرڻ ضروري ڄاتو. ظاهري طرح تہ هن پاڻ کي سياست ڪان غير جانبدار ڏيکاريو پر ٻي طرح جڏهن بہ ڪنهن حڪومت جي خلاف يا فائدي ۾ ساٿ ڏيڻ مناسب ٿي ڄاتو تڏهن، مختلف قبيلن ۽ بدوي زندگيءَ کي يڪجاءَ ڪرڻ ۾ ڪابہ دقت نہ ٿيندي هئس. ڇهن سالن جي عرصي ۾ بدوي زندگيءَ جو هر پهلوءَ ڪان جائزو وٺڻ ۽ سندس خوبين ۽ خامين کي سمجهڻ ۾ کيس وڏي مهارت حاصل ٿي. بيسڪره ڇڏڻ ڪان پوءِ، زندگيءَ جا پورا ٻہ سال سخت انقلابي ۽ جوشيلي حالت ۾ گذاريا. هيءَ اهو دور هو جنهن ۾ ابن خلدون جي سياسي زندگي پونين پساهن تي هئي، ۽ پوءِ جلد ئي سياست جي ميدان ڪان هميشہ لاءِ منهن موڙي، علمي ۽ ادبي دنيا ڏانهن توجه ڏنو.

هڪ دفعي ابن خلدون ڪنهن قافلي سان گڏ فارس ڏانهن وڃي

رهيو هو تہ ڪن قبيلن، ابو حموءَ جي اشاري تي حملو ڪيو. ان حملي متعلق ابن خلدون جا پنهنجا لفظ هي آهن، تہ:

"..... مان بہ انهن ۾ هئس ۽ مون بہ ڏينهن سانده ڪپڙن کان سواءِ اگهاڙي حالت ۾ گذاريا. ۽ پو آخر هڪ ڳوٺ ۾ وڃي پهتس....."

انهن تڪليفن کان پوءِ، ابن خلدون پنهنجي زندگيءَ جو مختصر عرصو ابن سلاهہ جي قلعي ۾ گذاريو. چار سال ذهني آرام ۽ سڪون جي حالت ۾ پنهنجي مشهور تصنيف "مقدمہ" نالي، لکي پوري ڪئي. هن ڪتاب متعلق پنهنجي سوانح ۾ ڄاڻائي ٿو تہ:

"..... مون سڄي دنيا جي هل هنگامي کان پاڻ کي پرانهون رکي، هن ڪتاب لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ اهو منهنجي گوشي نشيني واري زندگيءَ جو هڪ يادگار آهي."

"مقدمي" پوري ڪرڻ کان پوءِ ابن خلدون عرب، بربر ۽ ٻين قومن جا حالات قلمبند ڪرڻ لاءِ قلم کنيو. هيسيتائين جيڪي ڪجهہ لکيو ويو هو ان جو حافظي جي ذخيري تي ئي بنياد هو. پر پوءِ جڏهن قومن جي تاريخ مرتب ڪرڻ جو مسئلو سامهون آيو تڏهن کيس مختلف ڪتابن ڏانهن رجوع ٿيڻو پيو. ان خيال سان جلدئي کيس تيونس ۽ مصر ڏانهن روانو ٿيڻو پيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا آخري چوويهہ سال اتي ئي گذاري پورا ڪيائين.

ابن خلدون مصر ۾ ڪجهہ وقت رهڻ بعد پنهنجي اهل عيال کي بہ پاڻ وٽ گهرائڻ جو فيصلو ڪيو. پر افسوس، جو اهو جهاز جنهن ۾ علامہ جا ٻار ٻچا هئا، اهو مصر پهچڻ بجاءِ واٽ تي ئي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو. علامہ کي هن واقعي جو زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين دل تي وڏو صدمو رهيو

ابن خلدون جو زمانو مسلمانن جي زوال جو دور هو. جنهن کان علامہ موصوف متاثر ٿي مسلمانن جي ڪمال ۽ زوال جي مڪمل تاريخ

لکڻ گهري ٿي. قومن جي عروج ۽ زوال تي غور ۽ فکر، ڪيس اجتماعي زندگيءَ جي عام اصولن ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ترقيءَ جي اصولن مرتب ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني. هن، ان دوران مختلف تاريخن کي سامهون رکندي، پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو ته 'تاريخ جو مطالعو هن روشني ۾ ڪرڻ گهرجي؟' آخر تاريخي ڪتابن جي زياده مطالعي بعد علامه جا پنهنجا لفظ آهن ته، "نااهلن، من گهڙت قصا ۽ بي بنياد ڳالهيون تاريخ ۾ شامل ڪيون آهن، ۽ بعد ۾ اچڻ وارن، جي اڪثر لڪير جا فقير هوندا آهن، سي انهن ڳالهين تي قدم به قدم هليا ۽ ٻڌل سُٽيل ڳالهيون اسان تائين پهچايون. هنن نڪي انهن ڳالهين جي سببن تي نظر ڪئي، نڪي خاص حالتن جو لحاظ رکيو ۽ نه وري انهن کي ڪڏهن تاريخ جي دامن تان هٽائڻ جو خيال آيو. اهڙي ريت، اڪثر تاريخون، حقيقت ۽ سچائيءَ جي نگاهه کان بنهه خالي آهن: ڇاڪاڻ ته ماڻهن ۾ نقل ڪرڻ جو گهڻو مادو هوندو آهي ۽ بدقسمتيءَ سان نا اهلن جو علم ۽ فن تي هميشه قبضو ۽ اقتدار رهيو آهي."
ان نتيجي تي پڄڻ بعد، علامه محسوس ڪيو ته اجتماعي ۽ تاريخي تبديلين ۾ ڪنهن به فرد جي ذاتي خواهشن ۽ ارادن جو ڪوبه دخل نه آهي: مختلف ملڪن ۽ مختلف دورن ۾ اجتماعي حالات مختلف پئي رهيا آهن. نسلي خصوصيتون ۽ جسماني اڏاوت به دائمي ۽ ابدي نه آهن، پر آبهوا، ڪاڌي، پاڻي ۽ زمين جي تبديلين سان گڏوگڏ انهن ۾ به تبديلي ايندي رهي ٿي___ قومن جون عادتون ۽ اخلاق، محبت ۽ نفرت، همت ۽ بهادري به طبعي حالتن جون فطري تقاضائون آهن. بين لفظن ۾ تهذيبي ۽ تاريخي ترقيءَ ۾ فقط جاگرافيائي حالتن جو ئي تمام وڏو اثر دخل آهي ۽ جيسيتائين انهن ۾ ڪا ڦير ڦار نٿي اچي، تيسيتائين اجتماعي زندگي ۽ انساني تاريخ ۾ ڪابه رد بدل نٿي اچي.

ابن خلدون کان اڳ تاريخ جا اڪثر مورخ، فقط سياسي واقعا بيان ڪرڻ کي ئي پنهنجو ڪمال سمجهندا هئا. هنن تاريخ جي حرڪت ۽ تبديلي جو يا ته منڍ کان ئي انڪار ڪري ٿي ڇڏيو يا انهن تبديلين کي خدا جي مرضي تصور ٿي ڪيو.

ڪافي عرصي تائين دنيا جا مورخ، ابن خلدون جي تاريخي

نظريي يا ان جي ارد گرد قياس آرائيون ڪندا رهيا، ۽ پنهنجي تحقيق ۾ ڪابہ نئين روشني ۽ نئين نگاهہ پيدا نہ ڪري سگهيا. آخر ارڙهين ۽ اٽويهين صديءَ ۾ يورپ جي ڪن مفڪرن تاريخي نظريي کي سائنسي بنائڻ لاءِ وڏيڪ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ اٽلي، فرانس، انگلينڊ ۽ جرمنيءَ جي مفڪرن پنهنجي پنهنجي نقطہ نظر سان سوچڻ شروع ڪيو. آخر اٽويهين صديءَ جي پوئين حصي ۾، هڪ يورپي مفڪر (ڪارل مارڪس) ثابت ڪيو تہ تاريخ جو نظريو فقط "نظريو" نہ آهي، پر هو بہ ٻين سائنسن وانگر خود هڪ "تاريخي سائنس" آهي، جنهن جا بنيادي اسباب ئي تاريخ کي اڳتي وڌائڻ يا پوئتي هٽائڻ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪن ٿا. بنيادي سببن جو اظهار ڪندي، ٻڌايو ويو تہ تاريخ ۾ فقط جاگرافيائي حالات کي بنيادي تسليم ڪرڻ، بلڪل غلط آهي_____ جاگرافيءَ جون تبديليون يعني جبل، سمنڊ، نديون ۽ زمين جا متاچرا هزارن سالن، بلڪ لکن سالن کان پوءِ تبديل ٿين ٿا، ۽ انسان جي اجتماعي زندگيءَ جي تاريخ، هزارن سالن بلڪ ڪٿي تہ سون سالن جي عرصي ۾ ئي تبديل ٿي چڪي آهي. مثال طور، يورپ توڙي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ انساني تاريخ ڪيتريون تبديليون ڪري چڪي آهي ۽ جاگرافيائي حالات اڄ بہ اهي ئي آهن، جيئن شروع ۾ هئا: انساني تاريخ قبائلي دور کان تبديل ٿي غلاميءَ جي، دور ۾ آئي؛ ان بعد جاگيرداري دور ۽ سرمائيداري دور ۾ گهڙي، ۽ اڄ تہ ڪن ملڪن ۾ سرمائيداري دور مان تبديل ٿي سوشلسٽ دور تي پهتي آهي. اسان جي پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ بہ اها حقيقت بلڪل چٽي طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تہ اسان جي ملڪ جون جاگرافيائي حالتون_____ اڄ کان فقط بہ سو ورهيہ اڳ، اجتماعي زندگي ۽ انساني تاريخ جو جيڪو دور هو سو هينئر نہ آهي.

هن مشهور عالم ۽ فلسفي، عيسوي سن 1406 ۾، مصر ۾ وفات ڪئي. مصر وارن علامہ جي زندگيءَ جي آثارن ۽ نشانن کي پنهنجي ياد کان وساريو نہ آهي؛ حالانڪ قاهره ۾ اڄ هن جي قبر جا نشان بہ مشهور نہ آهن. تيونس وارا علامہ جي يادگيريءَ ۾ سيني کان اڳتي آهن. هنن، جنهن گهر ۾ علامہ پيدا ٿيو هو ۽ وڏي وڏو ٿيو هو ان جي دروازي تي، هن مفڪر

جي ياد ۾ هڪ سنگ مرمر جي تختي لڳائي ڇڏي آهي، ۽ ان جي پر ۾ هڪ خوبصورت مقبري سان لاڳو "سيد القبہ" جي نالي سان هڪ ننڍڙو درسگاهہ پڻ قائم ڪيو آهي؛ جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ علامہ مرحوم انهي هنڌ تعليم ڏيندو هو. ابن سلاهہ جو قلعو جتي علامہ پنهنجو مشهور ڪتاب "مقدمہ" تصنيف ڪيو ان ۾ سندن رهائش جي جاءِ ۽ وقت سيني کي معلوم آهي. موجوده شهر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي، انهي قلعي جا کنڊر اڄ بہ اهل نظر کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ هن فلسفي جي ياد کي تازو ڪندا رهن ٿا.

_ آگسٽ: 1964ع
_ اشاعت: ماهوار "گل ڦل"، سيپٽمبر_ آڪٽوبر :1964ع

[ڪهاڻي]

# داڻو

هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ جي ٻارن هڪ ماٿريءَ تي، هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙون پاتيون ۽ راند روند ڪئي. اتفاق سان منجهائن هڪ ڇوڪر جي ڊوڙندي، هڪ ڪڪڙ جي آني جيڏي گول شيءِ تي وڃي نظر پيئي. جهٽ ڏيئي کڻي ڪنيائينس. پهريان تہ ڏسندي وائڙو ٿي ويو ۽ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ اچيس! آخر ڊوڙي اچي ٻين سنگتين کي ڏيکاريائين هوءَ بہ ڏسندي ئي منجهي پيا. ڪو ڪيئن چوي تہ ڪو ڪيئن. هيءَ اچا انهن ئي ڳالهين ۾ هئا تہ اوڏي مهل هڪ ماڻهو سندن پر وٽان اچي لنگهيو ڇوڪرن هن ماڻهو کي ڏسندي، پاڻ ۾ فيصلو ڪيو تہ. شايد انهيءَ وٽان هن عجيب شيءِ جو ڪو پتو پوي. سو سڏ ڪري چيائونس:

"او چاچا، اِتي تہ بيهجئين!"

واٽهڙو سڏ ٻڌي جان کڻي ڪنڌ ڦيريو تہ. ڏسي تہ ڊنب ڇوڪرن جو ڏانهنس ڊوڙندو پيو اچي.

"چئو بابا، ڪهڙو ڪم آهي اوهان جو؟" واٽهڙو ڇوڪرن کي چيو.

"هيءَ تہ ڏس چاچا، ڪهڙي شيءِ آهي؟" ڇوڪرن اها گول ڪڪڙ جي آني جيڏي شيءِ واٽهڙوءَ کي هٿ ۾ ڏيئي چيو.

واٽهڙو اهو گول داڻو هٿ ۾ وٺي، چپ چاپ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندو ڏسندو رهيو.

"آهي ڪو پتر نڪر، چا ڪندئو اوهين، مون کي نہ ڏيو تہ. بہ چار ڏوڪڙ بہ ڏيانو. اوهين تہ اُهينئن پيچي ڇڏيندئو بابا." واٽهڙو ايئن چئي، ڪجهہ دل ۾ سوچڻ لڳو.

”چڱو وٽ چاچا.“ ڇوڪرا اهو داٽو واٺڙو جي حوالي ڪري، وري بہ وڃي اڳئين جيان ماڙيءَ تي ڊوڙڻ ۽ ڪيڏڻ ڪڏڻ لڳا.

واٺڙو داٽو وٺي، اڳتي هلڻ لڳو. هلندي هلندي، هن کي هڪ عجيب ڳالهہ دل ۾ سُجهي آئي:

’ڇونہ هن کي بادشاهہ جي دربار ۾ کڻي وڃان ههڙي عجيب شي جو اتيئي قدر ٿيندو.‘

پوءِ ڏينهن غريب واٺڙو اهو داٽو کڻي بادشاهہ جي دربار ۾ وڃي حاضر ٿيو.

دربار ۾ ڪيترائي امير امرا ۽ ڏاها ماڻهو ويٺا هئا. داٽو ڏسي سڀ حيرت ۾ پئجي ويا.

سياڻن گهڻوئي سوچيو ويچاريو ۽ پنهنجا پستڪ کوليا. پر ڳالهہ بنهہ سمجهہ ڪين آين. آخر منجهائن هڪڙي، جيڪو سڀنيءَ کان وڏيڪ ڏاهو هو ۽ جنهن جي راءِ جي بادشاهہ وٽ وڏي ساک پت هئي، تنهن هٿ ادب جا ٻڌي بادشاهہ کي عرض ڪيو:

”جيئندا قبلا! هيءَ داٽو اسان جي سمجهہ کان مٿيرو آهي، اسان جي پستڪن ۾ ههڙي عجيب داڻي جي وجود لاءِ ئي ڪو اشارو ڪونهي. ڪڻڪ جي داڻي جيان وچ ۾ کپ بہ اٿس، پر هيڏو وڏو سا ڳالهہ ذرا سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. منهنجو عرض آهي تہ حضور جن ملڪ جي بنهہ وڏي عمر وارن ڪڙمين کي گهرائي پڇن، متان منجهن ڪو اهڙو لِيي پوي، جنهن پنهنجي وڏن کان هن قسم جي داڻي بابت ڪو احوال ٻڌو سُڻيو هجي.“

پوءِ ڏينهن بادشاهہ طرفان فرمان جاري ڪيو ويو تہ ”ملڪ ۾ جتي بہ ڪو وڏي عمر وارو ڪڙمي هجي، تہ انهيءَ کي اسان جي دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي.“

فرمان پهچندي، حڪومت جي ڪارندن هر هنڌ ڳولا ڪرڻ شروع ڪري ڏني.

ٿورا ڏينهن ئي مس گذريا تہ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، وڏي عمر وارا ڪڙمي دربار ۾ اچڻ شروع ٿيا. جيڪو بہ داڻي کي ڏسي، سو پاڻ حيرت ۾ پئجيو وڃي؛ چي ”جيئندا قبلا، ههڙو داٽو اسان اکيين تہ ڪين ڏٺو پر ڳنين بہ ڪين سُئو. اسان جي وقت ۾ ڪڻڪ جو داٽو هوندو هو

جهڙو هينئر آهي.“

اهڙي ريت جيڪو به هن داڻي کي ڏسي، سو ڪي ٻڌائڻ ته ٻڌائڻ جي ماڳ، اُلٽو پاڻ حيرت ۾ پئجي ٿي ويو. روزانو صبح کان شام تائين درٻار ۾ ماڻهن جو ميڙو متو پيو هوندو هو.

هڪ ڏينهن ملڪ جي ٻنهه پرانهين هنڌان، هڪڙي جهور پوڙهي کي درٻار ۾ آڻي حاضر ڪيائون. بدن ۾ رت ست ڪو نه هئس. ڏند ڪائي اچي ڇپن کي لڳو هو. ٽنگون ڏڪيس پئي ۽ اکين کان ٻنهه ويهي ويو هو. هن تمام وڏي آواز ڪو اکر ٿي ٻڌو.

بادشاهه جي حڪم موجب پيرمرد کي اهو داڻو هٿ ۾ ڏنو ويو. ڏڪندڙ هٿن ۾ داڻي کي ڦيرائي ڦيرائي جاچڻ لڳو. بادشاهه پڇيس ته ” آيئه سمجهه ۾؟ ڪيئن ٿو ڀانئين؟ اهڙو داڻو پنهنجي جمار ۾ پوکيو. ڪاڌو يا خريد ڪيو اٿئي؟ “ پير مرد ڪنن کان گهرو هو، سو آهستي آهستي جواب ڏنائين، ” مالڪ! اهڙو داڻو نڪي مون پوکيو نڪي ڪاڌو. باقي خريد ڪرڻ، سو اسان جي ڏينهن ۾ واپار ۾ پئسي جي ڏي وٺ جي ته ڳالهه ئي ڪا نه هئي ـــــ هرڪو پنهنجو ماني ٽڪر پنهنجي مان پيدا ڪندو هو ۽ ٻين ضروري شين جي هڪٻئي سان مٽا سٽا ڪئي ويندي هئي. ان جا داڻا اڄ کان ڪي قدر وڏيرڙا ٿيندا هئا. ههڙو داڻو مون ته اکئين ڪين ڏٺو باقي بابو چوندو آهي ته، سندس وقت ۾ انّ تمام سٺو ۽ وڏو ٿيندو هو. ان کي گهرائي ڏسو شايد هو هن داڻي کي ڏسي ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي سگهي.“

حڪم ملندي بادشاهه جي ڪارندن پير مرد جي پيءُ کي آڻي درٻار ۾ حاضر ڪيو. هو پٽ کان وڌيڪ همت ڀريو هو. نظر چٽي هيس ۽ ڪنن کان به چڱي ريت ٻڌي ٿي سگهيو. داڻي کي ڏسڻ شرط منهن ٻهڪڻ لڳس، ۽ رڪندي ئي زبان تي رڙ ڪيائين:

”سائين ساڳيو! ٻنهه ساڳيو! سال ٿيا جو هيءُ انّ منهنجي هٿن مان نڪتو ـــــ انهيءَ زماني ۾ هر هنڌ اهو پوکبو هو. انهيءَ انّ تي مان پاڻ پليس، ۽ پنهنجي سڄي ڪٽنب کي به پاليم. قبلا، ساڳيو انّ مون پاڻ پوکيو لٽيو ۽ پيتو ڪاڌو.“

بادشاهه پڇيس، ”اڳي اوهان انّ خريد ڪندا هئا، يا پاڻ پوکيندا هئا؟“

پيير مرد مرڪندي وراڻي ڏني، "جيئندا قبلا، منهنجي زماني ۾ ڪنهن بہ شخص کي انّ وٺڻ يا وڪڻڻ جهڙي وڏي گناهہ جو دل ۾ بہ خيال ڪو نہ ايندو هو. ناڻي جي تہ ڪنهن کي ڪل بہ ڪا نہ هئي. هر ڪنهن کي جيترو انّ گهربو هو اوترو موجود هو."

بادشاهہ وري پڇيس، "اها ڪنهن جي زمين هوندي هئي، جنهن تي تون پوک ڪندو هئين؟"

پيير مرد جواب ڏنو "خدا جي زمين منهنجي زمين هئي، جتي بہ مان پوک ڪندو هئس اُها منهنجي زمين هوندي هئي. زمين مفت هئي ۽ ڪو بہ ان کي پنهنجي ملڪيت نہ سمجهندو هو. جيڪو پوکي اُهوئي کڻي."

بادشاهہ چيس تہ 'باقي هڪ سوال جو جواب ڏي' اُهو هيءُ آهي تہ "اڳي اهڙو انّ پئدا ٿيندو هو ۽ هاڻ ڇو نہ ٿو پئدا ٿئي؟"

پيير مرد اهو سوال ٻڌي ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو ۽ بہ چار منٽ خاموشي کان پو، ٽڏو ساهہ کڻي ورندي ڏنائين،

"سائين، ماڻهن پنهنجي پورهئي تي گذران ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ٻين جي پورهئي ۾ اکيون وڌيون اٿن. اڳي ايئن نہ هو هر ڪو پنهنجي پورهئي جو پاڻ مالڪ هو ٻين جو رَتُ چُور جيان ڪير بہ ڪو نہ پيئندو هو."

_ اشاعت:"باکون"ڪابي سلسلو
2، نومبر_ ڊسمبر 1963ع. اداره آواز ادب. مرتب: جمال رند.

[ڪهاڻي]

# پٿر

شهر ۾ هڪ سڙڪ هئي، جا سموري پٿرن مان ٺهيل هئي. هڪ بيل گاڏي انهيءَ سڙڪ تان لنگهندي، هڪ پٿر کي رستي تان اُکيڙي، پري ٽيڙي ڇڏيو. پٿر پنهنجي ٻين ڏانهن نهاري چوڻ لڳو:

"مان هتي ٻين پٿرن ۾ ڇا لاءِ دٻجي رهان؟ مان آزاد رهڻ چاهيان ٿو!"

اوڏيءَ مهل هڪ ڇوڪر، سڙڪ تان گذرندي انهيءَ پٿر کي کنيو.

پٿر دل ۾ سوچيو.

'مون سير ڪرڻ چاهيو ٿي، منهنجي خواهش پوري ٿي!'

"دنيا ۾ فقط ارادي جي ضرورت آهي____ مضبوط ارادي جي!"

ڇوڪري پٿر کي زور سان هڪ محل ڏانهن اُڇلايو. پٿر وري سوچيو:

'مون اُڏامڻ گهريو ٿي، ۽ انهيءَ ڪري هوا ۾ اُڏامي رهيو آهيان____

"وڏي آسان ڳالهه آهي____ رڳو ارادي ڪرڻ جي دير...!"

پٿر 'ٺا' وڃي هڪ شيشي جي دريءَ سان ڪيو شيشو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ۽ هن پڇڻ وقت رڙ ڪري چيو:

"بدمعاش، ڏسين نہ ٿو! هي ڇا ڪيو تو...؟"

پٿر ٺهه پهه ورندي ڏني:

"تنهنجي لاءِ بهتر هو تہ، منهنجي رستي ۾ رڪاوٽ نہ ٿين ها! آئون پنهنجي معاملي ۾ ڪنهن جو بہ دخل ڏيڻ پسند نہ ٿو ڪريان____ هر چيز منهنجي آرام لاءِ هئڻ گهرجي،____ اهو ئي آهي منهنجي زندگيءَ جو اصول!"

پٽر دريءَ کي پڃي، هڪ ريشمي بستري تي وڃي ڪريو ۽ انهي پنهنجي پاڻ کي چوڻ لڳو:

”...چڱوئي اُڏاڻو آهيان ___ چو نہ هتي ٿوري دير آرام ڪريان!“

ايتري ۾ هڪ نوڪر انهي ڪمري ۾ گهڙي آيو. هن ايندي شرط پٽر کي بستري تان ڪڍي، دريءَ مان ٻاهر اُڇلي ڇڏيو پٽر وري اچي انهيءَ ساڳي سڙڪ تي ڪريو.

پٽر رستي تي ڪرڻ شرط ساٿين ڏانهن نهاريو ۽ ڪين وڏي آواز چوڻ لڳو:

ساٿيو! آئون هڪ وڏي محل جو سير ڪرڻ ويو هئس، پر اُتان ٺيلهجي، وري اچي اوهان وٽ حاضر ٿيو آهيان ___ مون اُتي ڏٺو تہ سارو محل اسان جي ئي وجود تي اڏيل هو!“

_اشاعت:”باکون“ڪتابي سلسلو
2، نومبر_ڊسمبر: 1963ع
. اداره آواز ادب..

[اسپيني ڪهاڻي]

# الحمراءَ جو خزانو

اسپين ۾ عرب حڪمرانن جي زماني جون ڪيتريون خوبصورت عمارتون آهن، جن ۾ الحمراءَ جو شاهي محل گهڻو مشهور آهي. هن محلات جي اڳيان هڪ وڏو صحن آهي، جنهن کي ”حوضن وارو صحن“ ڪوٺيو وڃي ٿو. هن صحن ۾ بيشمار حوض ٺهيل آهن، جن ۾ پاڻي گڏ ڪيو ويندو هو. هن جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ کوهه به هو جيڪو ٽڪر جي چوٽيءَ تي کوٽي ٺاهيو ويو هو. گرميءَ جي مند ۾ پخالي، پاڻي جا وڏا وڏا مٽ ڀري، گڏهن تي لڏي، شهر ڏانهن کڻي ويندا هئا ۽ اهڙي ريت سندن اچ وڃ جو سلسلو ڪافي رات تائين هلندو رهندو هو. انهن پخالين ۾ برخيل نالي هڪ شخص هو جو نهايت کلمک، زنده دل ۽ شيرين زبان ماڻهو هو.

برخيل پاڻيءَ جا مٽ ڀري، انجير جي پنن سان ڍڪي ڇڏيندو هو ته جيئن گرم هوائن کان بچيل رهن. جڏهن برخيل پاڻيءَ جي مٽن سان لڏيل گڏهن کي هَڪليندو غرناطہ شهر جي رستن تان گذرندو هو. تڏهن نهايت وڻندڙ آواز ۾ چوندو هو:

اچو الحمراءَ جي کوهہ جو پاڻي پيءَ، ڏٺو ڪريو جيڪو بلور وانگر شفاف آهي.

_ الحمراءَ جو پاڻي، جنهن مان ملي زندگاني.

برخيل جڏهن بلوري گلاس ۾ پاڻي وجهي ڪنهن گراهڪ کي پيش ڪندو هو ته، گڏوگڏ ڪا نہ ڪا کل ڀوڳ جي ڳالهہ بہ ڇيڙيندو هو جيڪا ٻڌي گراهڪ کلڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو هو. مطلب تہ برخيل

غرناطہ جي شهر ۾ گهڻو مشهور هو. هن پنهنجي ڏک ڀري زندگي ۾ غريبيءَ کي خوش مزاجيءَ جي پڙدن ۾ لڪائي رکيو هو. شام جو جڏهن گهر موٽندو هو تہ هن جا ننڍڙا ٻچا ڪيس چمڙن وانگر چهٽي، عجيب عجيب فرمائشون ڪندا هئا، هو ڪانئس نموني نموني جون مٺايون گهرندا هئا. پر برخيل ڪين ڪو نہ ڪو سچو ڪوڙو بهانو ڏيئي، وندرائي ڇڏيندو هو. هن جي زال ڪيس گهڻو پريشان ڪندي هئي، هو پاڻ جيترو خوش طبع هو سندس زال اوتريئي چيڙاڪ ۽ جهيڙاڪ هئي. ڇَني ۽ فضول خرچيءَ سان گڏ هن ۾ ٻارن جي پرورش جو ڍنگ بہ ڪين هو. انهيءَ ڪان سواءِ هُوهار سينگار جي شوقين ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي عادي هئي. ميلن ملاکڙن جي ڏينهن ۾ برخيل جي گڏهہ تي سوار ٿي، پرانهن هنڌن ڏانهن نڪري ويندي هئي. ۽ ويچارو برخيل گهر ۾ ٻارن جي نگهباني ڪندو هو. هو وڏيءَ محنت ۽ تڪليف سان انهن کي پاليندو رهندو هو. جڏهن بہ هن کي ڪا فرصت ملندي هئي تہ هُو اُنهن کي باغ جي سير ڪرڻ لاءِ وٺي ويندو هو.

گرمين جي هڪ رات جي ڳالهہ آهي____ چانڊوڪي رات هئي. برخيل کي ويٺي ويٺي خيال آيو تہ گهڻن ڏينهن کان ٻارن کي سير ڪرائڻ لاءِ وٺي نہ ويو آهيان، ڇو نہ هڪ چڪر پاڻيءَ جو ڏيئي، آچر جي ڏينهن لاءِ تفريح جو خرچ ڪيان. اهو سوچي برخيل اٿيو ۽ سڌو الحمراءَ جي ڪوهہ تي پهتو. ان وقت چئني طرفين خاموشي پکڙيل هئي. ڪوهہ جي پٿر جي بينچ تي هڪ پوڙهي عرب مسافر نهايت جهيڻي آواز ۾ هن کي پنهنجي طرف سڏ ڪري چيو:

"مان ڏاڍو بيمار آهيان، پر هن وقت شهر پهچڻ گهران ٿو. تون جيڪڏهن مون کي پنهنجي گڏهہ تي چاڙهي شهر پهچائين تہ آئون تو کي پاڻي کڻي وڃڻ جي مزوريءَ کان ٻيڻي ڏيندس."

برخيل جي دل بيمار عرب کي ڏسي رحم سان ڀرجي آئي. هن نهايت همدرديءَ سان جواب ڏنس، "خدا نہ ڪري جو آئون تو جهڙي هڪ بيمار ۽ ڪمزور کان مزوري وٺان. اُٿ، منهنجي گڏهہ تي چڙهہ."

برخيل پوڙهي مسافر کي گڏهہ تي ويهاري، شهر ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي، برخيل پڇيس، "اوهان شهر ۾ ڪنهن وٽ ويندئو؟"

"اهوئي سوچي رهيو آهيان. افسوس تہ منهنجو ڪو بہ ٺڪاڻو

ڪونهي. آئون بلڪل اجنبي آهيان. جيڪڏهن تون هڪ رات لاءِ پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏين تہ آئون ساري عمر تنهنجو احسانمند رهندس، خدا تنهنجي هن نيڪيءَ جو بدلو ڏيندو!“

نيڪدل برخيل راضي ٿي ويو ۽ هُو عرب کي پنهنجي گهر وٺي آيو. اڌ رات گذري چڪي هئي. چئني طرف خاموشي هئي، مگر جيئن ئي برخيل، پوڙهي عرب کي وٺي گهر ۾ گهڙيو تہ هن جي زال تپي باهہ ٿي وئي:

”اڌي رات جو ڪهڙي ڏاڙهي مرد کي وٺي آيو آهين؟“

”صبر ڪر. هيءَ هڪ بيمار پرديسي آهي. خدا اسان کي هن نيڪيءَ جو بدلو ڏيندو. وڃ، وڃي تڏو ڪڍي اچ.“ برخيل نهايت نرميءَ سان زال کي جواب ڏنو ۽ عرب کي سهارو ڏيئي، اچا تڏي تي ليٽايائين مس تہ هن تي بيهوشيءَ جو دورو پئجي ويو. آخر جڏهن هن کي هوش آيو تہ هن نهايت ضعف جي حالت ۾ ورندي ڏني، ”منهنجو آخري وقت اچي پهتو آهي. خدا توکي خوش رکي. وٺ، هيءَ نندڙي دبي؛ هن کي سنڀال سان رکجان. مون وٽ بس اها ئي موڙي آهي، جيڪا آئون تنهنجي محنت جي بدلي ۾ ڏيئي رهيو آهيان. هن کي سنڀالي رکجان.“ ايترو چئي، پوڙهي عرب دم ڏنو.

برخيل جلدي ڪري، پوڙهي جي لاش کي تڏي ۾ ويڙهي، گڏهہ تي رکي، دريا ڏانهن روانو ٿيو. عين انهيءَ وقت سندس هڪ پاڙيسري حجم جاڳي رهيو هو. هو نهايت شرير ۽ برخيل جي خلاف ڪا نہ ڪا ڪوڙي ڳالهہ يا افواهہ اٿارڻ جو عادتي هو. جنهن وقت برخيل جي زال گوڙ ڪري رهي هئي، ان وقت هو پنهنجي گهر جي دري مان ڪن ڏيئي، سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو هو. هن پوڙهي عرب کي بہ اندر ويندي ڏٺو هو ۽ جڏهن برخيل، مسافر جو لاش کڻي روانو ٿيو تہ هو بہ آهستي آهستي پٺيانئس هلڻ لڳو.

برخيل درياءَ جي ڪناري تي پهچي، عرب جي لاش کي گڏهہ تان لاٿو ۽ اتي وڻن جي جهڳٽي ۾ کڏ کوٽي، دفن ڪري ڇڏيو. حجام پري کان سڀڪجهہ لڪي ڏسندو رهيو. جڏهن برخيل واپس گهر ڏانهن موٽيو تڏهن حجام بہ پٺيانئس اچي رهيو هو. هو ساري رات پنهنجي ذهن ۾ نمونا نمونا جا خيالي گهوڙا ڊوڙائيندو رهيو. هن سوچيو تہ ضرور برخيل انهي شخص کي ڦري پو قتل ڪيو هوندو، انهيءَ ڪري ئي سندس زال ڪيس

گهڻ وڏ ڳالهائي رهي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته اهو مسافر ڪو وڏو واپاري هو. هن اهو سوچي سارو قصو شهر جي قاضيءَ کي اچي ڪري ٻڌايو. شهر جو قاضي وڏو لالچي هو. هن حجام کي چيو ته هڪدم برخيل کي وٺي منهنجي جاءِ تي اچ. حجام جلدي برخيل جي گهر ويو ۽ هن سان سلام دعا ڪرڻ کان پوءِ چيائين: "تو کي شهر جي قاضي ضروري ڪم لاءِ گهرايو آهي." برخيل سوچيو شايد قاضيءَ کي الحمراءَ جي کوهه جي پاڻيءَ جي ضرورت هوندي. انهيءَ ڪري وڏي دلجاءِ سان هن جي جاءِ تي پهتو. قاضي وڏي نرميءَ سان پڇيس: "اهو مسافر ڪير هو؟" برخيل سارو قصو بيان ڪيو ۽ ٻڌايائين ته "انهيءَ عرب مسافر مرڻ وقت دٻلي ڏني___ هن وٽ نڪي ته ڪو پائي پئسو هو ۽ نه وري ٻي ڪا قيمتي شي." قاضي دٻلي وٺي، ان کي کوليو ته ان ۾ هڪ سڙيل ميڻ بتي جو ٽڪرو هڪ ميڻ واري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ڏٺو. قاضيءَ کي اهي شيون ڏسي ڏاڍي مايوسي ٿي، ۽ هن اها دٻلي برخيل کي موٽائي ڏني، پر هن، برخيل جو گڏهه ڏنڊ جي عيوض سرڪار جي ملڪيت ۾ ورتو.

هينئر ويچارو برخيل گڏهه کان سواءِ الحمراءَ جي کوهه مان پاڻيءَ جا مٽ ڪلهن تي کڻي وڪڻندو هو پر گڏهه نه هئڻ سببان هن جي ڪمائي تمام گهٽجي ويئي. ڇاڪاڻ ته هو ساري ڏينهن ۾ فقط ٻه چڪر پاڻيءَ جا مس آڻي سگهندو هو. آمدني گهٽجڻ سبب ان برخيل تي وڏي مصيبت پئجي چڪي هئي، هو نڪي ته ٻارن جي ضرورت کي پورو ڪري گهيو ٿي ۽ نڪي پنهنجو ۽ زال جو پورائو ڪري سگهيو ٿي. آخر هڪ ڏينهن خيال آيس ته پوڙهي عرب جيڪا دٻلي ڏني آهي، ان ۾ ضرور ڪو راز هوندو. هن دٻلي کولي ميڻ وارو ڪپڙو ڪڍيو جنهن تي ڪي عربي اکر لکيل هئا، پر هو انهيءَ جو مطلب سمجهي نٿي سگهيو. سو هو شهر جي هڪ عطر وڪڻندڙ شخص وٽ لنگهي ويو. هو عرب هو ۽ عربي زبان جو ڄاڻو هو. عطار جڏهن انهيءَ ڪپڙي تي لکيل اکر پڙهيا، تڏهن مرڪندي وراڻي ڏنائين: "برخيل، هاڻي جلدي تنهنجي مصيبتن جا ڏينهن ڦري ويندا."

"سو وري ڪيئن؟" برخيل وڏيءَ حيرت مان کانئس پڇيو.

"هن ڪپڙي تي الحمراءَ جي خزاني جو راز لکيل آهي"، عطار

جواب ڏنو "جيڪڏهن تون هن باري ۾ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائين تہ نهايت چڱو آهي. بهتر آهي تہ اسين ٻئي گڏجي انهي خزاني جو پتو لهون. جيڪڏهن ملي ويو تہ، ٻئي پاڻ ۾ اڌو اڌ ڪري ورهائيندا سين. پر جيڪڏهن شهر جي قاضيءَ کي هن راز جي ڪُڙڪ پيئي تہ، خزانو تہ ڦُرجي ويندو پر مورڳو ٻنهيءَ کي قيد خاني جي هوا کائڻي پوندي."

برخيل، عطار سان واعدو ڪيو ۽ پڇيائين: "ڀلا انهيءَ خزاني تائين ڪيئن پهچي سگهبو؟"

عطار وراڻي ڏنيس: "هن دہلي واري ميڻ بتيءَ جي وسيلي. اڄ رات اسين ٻئي الحمراءَ ڏانهن روانا ٿينداسين، ۽ جيئن مان توکي اتي چوان، بس، ائين ڪج."

برخيل، ميڻ بتي ۽ ميڻ وارو ڪپڙو دہليءَ ۾ وجهي گهر ڏانهن موٽيو ۽ انهيءَ رات جو ٻئي ڄڻا گڏجي الحمراءَ ڏانهن روانا ٿيا. چئني طرفين خوفناڪ خاموشي ڇانئيل هئي. عطار محلات جي ويران برج هيٺان پهچي برخيل کان ميڻ وٺي باري ۽ جيئن ئي دروازي جي سامهون پهتو تہ، برج جي ڏاڪڻ جو دروازو پاڻمرادو کُلي پيو. هو ٻئي روشني جي مدد سان ڪيترائي ڏاڪا لهي ويا تہ، سامهون هڪ دروازو ڏسڻ ۾ آين. هنن جي پيرن جي آواز ٿيڻ تي هڪدم اهو کُلي پيو. اهڙيءَ طرح چئن ئي دروازن مان لنگهي، هو هڪ تهہ خاني ۾ پهتا. اتي پهچندي هو خوف وچان ڪنبڻ لڳا! چئني طرفين هيرن جواهرن جا ڍير لڳا پيا هئا. هڪ طرف صندل جي ڪاٺ جي پيٽي پيئي هئي، جنهن جي ٻنهي طرفين لوهہ جا بہ پهريدار بيهاريل هئا. هنن ٻنهي جلدي جلدي جواهرن سان پنهنجا کِيسا پريا ۽ سڀ دروازا خود بخود بند ٿي ويا. برخيل ۽ عطار وڏي خوشيءَ ۾ جواهر ورهائي، چپ چاپ گهر موٽي آيا.

هن واقعي کي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. برخيل ۽ سندس زال ۽ ٻار ٻچا نهايت آرام سان زندگي گذاري رهيا هئا. هاڻ هو زيادهہ محنت ۽ مزوري بہ ڪين ڪندو هو. هن پنهنجي ڏنڊي کي انهيءَ ڪري ڪين ڇڏيو تہ، متان ڪنهن کي ڪو شڪ پوي ۽ پاڻ ظالم قاضيءَ جي چنبي ۾ نہ اَڙجي پوي. ڪجهہ عرصي بعد بد قسمتي هيءُ ٿي، جو هيءَ راز سانڍجي ڪين سگهيو. برخيل جي زال وڏي شوقين عورت هئي. هن کي جڏهن هيرا

۽ جواهر مليا تہ خوشيءَ ۾ نٿي سمائي. پنهنجي دل کي خوش ڪرڻ جي لاءِ سٺا سٺا قيمتي زيور پائي، گهڻي دير پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن هو زيور پهري، آرسي ڏسي رهي هئي تہ، سامهون حجام پنهنجي گهر جي دريءَ مان نهاريو هن جڏهن برخيل جي زال کي جواهر پهريل ڏٺا، تڏهن هن کي حيرت وٺي ويئي. هن هڪدم قاضيءَ کي وڃي اطلاع ڏنو تہ، برخيل وٽ عرب سوداگر جي دولت ۾ هيرا جواهر آهن، جي مون پنهنجي اکين سان برخيل جي زال کي پهريل ڏٺا آهن. حريص قاضي هڪدم سپاهي موڪلي برخيل کي پاڻ وٽ گهرايو. نڪدل برخيل سزا جي خوف کان قاضيءَ کي الحمراءَ جي خزاني جو راز ٻڌايو. قاضي عطار کي گهرايو. هن بہ اقرار ڪيو. آخر فيصلو ٿيو تہ قاضي ٻنهيءَ کي هن شرط تي معاف ڪندو تہ، هو ٻيئي ساٿس گڏجي تهخاني ۾ هلن ۽ خزانو سندس حوالي ڪن. رات جو برخيل ۽ عطار ۽ حجام کي وٺي، قاضي اتي انهيءَ برج تي آيو. قاضي تهخانو ڏسي حيران ٿي ويو! هن چاهيو ٿي تہ، سمورو خزانو کڻي وڃي، پر خزانو ايترو گهڻو هو جو اتان کڻي وڃڻ ناممڪن هو. برخيل ۽ عطار وري بہ اڳيئن وانگر پنهنجا کيسا ڀريا، ۽ قاضي ۽ سندس ساٿين کي اتي ڇڏي موم بتي کڻي روانا ٿيا. قاضي ۽ سندس ساٿي دولت جي نشي ۾ خزاني کڻڻ جي ڌن ۾ محو رهيا. هوڏانهن برخيل ۽ عطار جيئن ئي برج تي مٿي پهتا تہ، هنن ميڻ بتيءَ کي وسائي ڇڏيو. ميڻ بتي وسامڻ شرط هڪدم سمورا دروازا بند ٿي ويا. اهڙي ريت لالچي حجام، قاضي ۽ سندس همراه هميشہ لاءِ تهخاني ۾ پورجي ويا. هاڻ نيڪدل برخيل ۽ عطار جا ڏينهن بدلجي ويا، هو ٻيئي نهايت مزي سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻ لڳا.

_اشاعت:"باکون"ڪابي سلسلو
2, نومبر_ڊسمبر 1963ع.
اداره آواز ادب..

[ڪهاڻي]

# سونهري دريا جو راجا

(1)

هيءَ گهڻو آڳاٽي وقت جي ڳالهه آهي ته، ڪنهن هنڌ جبلن جي وچ ۾ هڪ نهايت ئي وڏو ۽ سرسبز ميدان هو جنهن ۾ قسمين قسمين ميون جا وڻ هئا. انهن وڻن ۾ ڳاڙهن صوفن جا وڻ ۽ انگورن جون وليون جام هونديون هيون. انگور ايترا سٺا هوندا هئا ۽ ماڪي ايتري زياده هوندي هئي جو ماڻهو ان ميدان کي ”دولت جي ماٽري“ سڏيندا هئا.

”دولت جي ماٽريءَ“ جا گل ۽ ميوا ڏاڍا خوبصورت ۽ مزيدار هوندا هئا. انهيءَ جو سبب هيءُ هو جو انهيءَ ميدان جي وچ مان، هڪ عجيب نموني جو دريا وهندو هو جنهن جي پاڻيءَ سببان سمورا ٻوٽا سرسبز هوندا هئا.

هن دريا جو نالو ”سونهري دريا“ هو ۽ هن ”دولت جي ماٽريءَ“ جا مالڪ به ڀائر هئا_ هڪڙي جو نالو ”شوار“ ۽ ٻئي ڀاءَ جو ”هينس“ هو. هيءَ ٻئي ڀائر وڏا نالائق ۽ ڪنجوس هئا. هنن کي فقط هڪڙو ئي ڪم هوندو هو. سارو ڏينهن وينا اشرفيون ۽ رپيا ڳڻيندا هئا. ٻاويهه، ٽيويهه، چوويهه، هزار، ٻه هزار، پنج هزار.

هنن جو هڪ ننڍو ڀاءُ به هو، جنهن جو نالو ”گلڪ“ هو. گلڪ نهايت چڱو ۽ نيڪ ڇوڪرو هو.

هڪ ڏينهن ٻئي ڀائر، پنهنجي اڳيان رپين ۽ اشرفين جو ڍير ڪيو وينا هئا ته، گلڪ اتي اچي نڪتو. هو سمجهي ويا ته، ضرور ڪنهن ڪم سان آيو آهي. اهو سوچي هن کي چيائون ته:

”ڪيئن ميان؟ وري اسان کي پريشان ڪرڻ لاءِ اچي وئين! ڪهڙو ڪم اٿئي اسان ۾؟“

گلڪ جواب ڏنو "هڪ غريب پوڙهو گهر جي پٺئين دروازي تي اچي بيٺو آهي، هو بُکيو آهي ۽ خيرات گهري رهيو آهي. ٻه_چار پئسا ڏيو ته هو ڪاڏو وني ڪائي."

هڪ ياءَ ورندي ڏني: "فقير کي دروازي تان ڀوڙائي ڪڍ!"

ٻئي ياءَ وراڻيو " فقير کي چئو ته اسان کي پنهنجي دولت ورهائڻي ڪانهي. اسين ته سارو ڏينهن ان کي ڳٽيندا ۽ سنڀاليندا آهيون."

ويچارو گلڪ ڇا ڪري! ياڻرن جو جواب ٻڌي دروازي تي ويو ۽ فقير کي چيائين ته " معاف ڪر، ياءَ! مون وٽ ڪجهه هجي ها ته، تنهنجي ضرور مدد ڪريان ها. ڇا ڪريان جو مون وٽ ڪي به ڪينهي."

پوڙهي فقير ورندي ڏني، "مان ڄاڻان ٿو پُٽ، تنهنجا ياڻر تو کي ڏين ها ته، تون منهنجي مدد ضرور ڪرين ها،____ پر ڳڻتي نه ڪر، تنهنجا به ڇڱا ڏينهن ايندا." ايئن چئي، پوڙهو اتان کان روانو ٿي ويو.

(2)

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻنهي ياڻرن پنهنجي دولت وڌائڻ جي تجويز سوچي، ۽ گلڪ کي گهرائي ان کي چيائون ته، "اسين وڌيڪ پئسا ڪمائڻ لاءِ ٻاهر وڃي رهيا آهيون، تون گهر ٻار جي ڇڱي طرح سنڀال ڪجانـ ڏس، متان ڪنهن کي به گهر ۾ اندر اچڻ ڏين. يا پائي پئسو خيرات ڏين، هُو ڏس، چُلهه تي گوشت رڌجي رهيو آهي، ان جو به خيال رکجان. شام جو ڪاڏو ڪائين ته، ديڳڙيءَ مان هڪ ٻوٽي ڪڍجان، اسانجي خيال ۾ اها تنهنجي لاءِ ڪافي ٿيندي."

ويچارو گلڪ چُلهه جي ڀر ۾ ٻوڙ جي سنڀال لاءِ ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو: 'هيءَ ڪيتري نه خراب ڳالهه آهي، جو منهنجا وڏا ياڻر ڪنهن کي به ڪجهه ڪائڻ لاءِ نه ٿا ڏين، ۽ پاڻ هيترو سارو گوشت ڪائي چَٽ ڪري ڇڏين ٿا. ڪيترن غريبن کي ته رڳو رکي ماني به نه ٿي ملي.' هو اڃا انهيءَ ويچار ۾ هو ته دروازي تي زور سان ٺڪ ٺڪ ٿي. گلڪ دل ۾ سوچيو ته، 'هن وقت ڀلا ڪير هوندو؟'

گلڪ ڦهريائين ته دريءَ مان منهن ڪڍي ٻاهر ڏٺو. هن کي ڏسندي ئي حيرت وني ويئي، ڏٺائين ته، هڪ نئين شڪل صورت ۽ ننڍڙي قد وارو

ماڻهو دروازي تي بيٺو هو. ايتري ننڍي قد وارو ماڻهو گلڪ اڳي ڪڏهن بہ ڪين ڏٺو هو.

گلڪ وڏي عزت سان هن کان پڇيو "جناب، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. ڇا گهر جي اوهان کي؟"

اجنبي ورندي ڏني، "اندر اچڻ چاهيان ٿو ٻاهر ڏاڍي تيز برسات پيئي پوي."

گلڪ سوچيو 'جيڪڏهن هن کي اندر اچڻ ڏنم تہ منهنجا ڀائر ڏاڍو ناراض ٿيندا. پر پوءِ جلد ئي خيال آيس تہ، ويچارو ڪيترو برسات ۾ پچي ويو آهي. جيستائين ڀائر اچن تيستر ڇو نہ هن کي باهہ تي ويهاريان تہ ڪپڙا سُڪي وڃنس.'

اهو سوچي گلڪ گهر جو دروازو کوليو. دروازي کلندي، برسات ۽ هوا جي تيز جهوٽي سان گڏ ننڍڙي قد وارو ماڻهو بہ ڏڪجي اندر اچي ويو.

گلڪ چيس، "جناب، اوهين ٿوري دير لاءِ باهہ تي پاڻ سيڪي وٺو." ننڍڙو ماڻهو گلڪ جو شڪريو ادا ڪري، باهہ جي ڀر ۾ ويهي رهيو. هن جي مٿي تي هڪ اهڙي ڊگهي ٽوپي هئي، جنهن جي مٿين ڪنڊ ڇا ڇت سان لڳي رهي هئي. جڏهن هو آرام سان باهہ جي ڀر ۾ ويٺو، تڏهن چوڻ لڳو:

"واه واه، ڪيڏي نہ زوردار باهہ ٻري رهي آهي، ۽ هيءَ گوشت جو چلهہ تي رجهي رهيو آهي، ڪيترو نہ مزيدار هوندو___ ذرو مون کي نہ چکائين بابا! تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي."

گلڪ چيس، "بابا! مون کي افسوس آهي جو آئون تو کي ذرو بہ ٻوڙ جو ڏيئي نٿو سگهان_ هيءَ سڀ گوشت منهنجا وڏا ڀائر، رات جو موٽي اچي کائيندا."

ننڍڙي قد واري، گلڪ جي وڏي خوشامد ڪئي، ۽ چوڻ لڳس تہ، "يلا هڪ ٻوٽي کاراءِ پٽ. تنهنجو شل ڀلو ٿئي!"

گلڪ وراڻيو: "چڱو منهنجن ڀائرن مون کي هڪ ٻوٽي کائڻ جي موڪل ڏني هئي، اها آئون تو کي خوشيءَ سان ڏيئي سگهان ٿو."

اجا هن ٻوٽي ڪڍي، فقير جي هٿ ۾ ڏني تہ، ٻئي ڀائر اوچتو اندر گهر ۾ لنگهي آيا. هنن جو هيءَ معاملو ڏٺو سو ٻئي باهہ تي ويا.

هڪڙي ياءَ رڙ ڪري چيو:
"گلڪ! هيءَ ڇا ڪيو اٿئي؟"
ٻئي دانهن ڪئي تہ "هيءَ عجب جهڙو پوڙهو ڪير آهي؟ اسان تو کي چيو هو نہ تہ ڪنهن کي بہ گهر ۾ اچڻ نہ ڏجان!"
گلڪ ورندي ڏني: " پر ياءُ، هيءَ ويچارو ايترو تہ پڄي ويو هو ۽ ٻُکيو هو. . . "
گلڪ جي ٻنهي يائرن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، هنن چيس تہ "ڪڏهن بد معاش کي." ائين چئي، ٻنهي يائرن وڃي پوڙهي کي ڳچيءَ کان جهليو. جيئن ئي هنن ٻنهي بدبخت يائرن پوڙهي کي ڳچيءَ کان جهليو تيئن ٻيئي هڪدم تيڙ کائي، اونڌي منهن وڃي پٽ تي ڪريا. هنن ٻنهيءَ جي ڪرڻ شرط، پوڙهو اٿي ٻيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: "هينس ۽ شوان اوهان ٻيئي وڏا خود غرض آهيو اوهان جي هيءَ ٻڇڙي عادت، اوهان کي برباد ڪري ڇڏيندي. گلڪ مون تي وڏي مهرباني ڪئي آهي، آئون ان کي هميشہ ياد ڪندو رهندس."
ائين چئي، پوڙهو سخت برسات ۽ تيز هوا ۾، گهر کان ٻاهر نڪري غائب ٿي ويو.

(3)

بدبخت يائرن جو جڏهن هوش جاءِ آيو تڏهن ڪپڙا ڇنڊي اٿي بيٺا، ۽ پنهنجي سموري ڪاوڙ ويچاري ننڍي ياءَ تي ڇنڊيائون.
"گلڪ تون ڏاڍو بيوقوف ۽ نڪمو ڇوڪرو آهين. تنهنجي سزا هيءَ آهي تہ اڄ تو کي ڪاڌو هرگز نہ ڏنو وڃي. هاڻي وڃ ۽ وڃي هنڌ تي ڪِرَ!"
پوءِ ٻيئي يائر اچي ڪاڌي تي ويٺا، ۽ سمورو پڳل گوشت کائي، ديڳڙو صاف ڪري ڇڏيائون. ڪاڌي کائڻ وقت پوڙهي جي باري ۾ بہ ڳالهيون ڪندا ٿي رهيا:
"يلا، اسان کي پوڙهي کان ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هو وري اسان وٽ اچڻ جي ڪڏهن بہ همت ساري نہ سگهندو."
خوب کائي پيءَ، پنهنجن پلنگن تي وڃي سمهيا. ٿڪل اڳيئي

هئا، تنهنڪري جلد ئي گهري ننڊ ڪٽي وين.

اجا هنن کي سمهندي ٿوري رات مس گذري ته، هڪ زوردار ڏماڪو ٿيو. هو هڪدم گهبرائجي اُٿي ويهي رهيا. هڪ ياءَ ٻئي کان پڇيو: "ڇا ٿيو؟____ڇا ٿيو؟"

ايتري ۾ ڇا ٿا ڏسن ته، اهو ننڍڙي قد وارو پوڙهو سندن سامهون بيٺو هو.

پوڙهي ٻنهيءَ ڀائرن نهاريندي رڙ ڪري چيو:

"اوهان ٻئي ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو. آئون هينئر انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته اوهان جي گهر جي ڇت ۽ سموري دولت پاڻ سان کڻي وڃان."

پوڙهي جي ايئن چوڻ شرط جاءِ جي ڇتَ زور سان لڏڻ لڳي، ۽ هڪدم ٽڪرا ٽي گُم ٿي ويئي.

ٻيئي ڀائر ڏاڍيون زوردار رڙيون ڪرڻ لڳا، "اڙي بچايو، بچايو! ڇت کي سنڀاليو. دولت کي جهليو جهليو. . ."

اجا ڪو مدد لاءِ اچي ئي اچي، تنهن کان اڳ پوڙهي زوردار آواز سان چيو "مون اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو ته، اوهان جي بداخلاقي ڪڏهن ڪين وساري سگهندس، هيءَ وٺو منهنجو ڪارڊ. هن سان توهان کي معلوم ٿيندو ته، آئون ڪير آهيان."

ائين چئي، پوڙهو گهر کان ٻاهر نڪري غائب ٿي ويو. هنن ڀائرن جڏهن اهو ڪارڊ کڻي پڙهيو ته، ان تي سونهري اکرن ۾ لکيل هو: "سونهري درياءَ جو راجا".

(4)

آخر اهڙيءَ ريت، هنن ٻنهي ڪنجوس ڀائرن جو سارو گهر برباد ٿي ويو ۽ ساري دولت به غائب ٿي ويئي.

هو ٻيئي ڀائر اجا پنهنجي تباهيءَ تي روئي رهيا هئا ته، اوچتو ٻاهران گلڪ جي روئڻ جو آواز آيو:

"اڙي هُو ڏسو! دولت جي ماڻهيءَ مان سونهري دريا گم ٿي ويو____ ها، ها! هيءَ ماٿري به ويران ٿي ويئي."

هينس ۽ شوار گهر کان ٻاهر نڪري ڏٺو ته، گلڪ جي ڳالهه برابر

سچي هئي. ساري سرسبز ماٿري ويران ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ميويدار وڻ، پوکون ۽ جانور سمورا رات جي طوفان ۾ گم ٿي چڪا هئا. پري پري تائين ويران رڻ پٽ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نظر نٿي آيو.

ٻيئي ڪنجوس ڀائر متي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيا. گهڻي دير کان پوءِ هڪ ڀاءُ چوڻ لڳو.

"هاڻي هن هنڌ اسان لاءِ ڇا رکيو آهي؟ هاڻي هتي رهي ڇا ڪنداسين، هلو تہ هاڻي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي رهون."

اهو فيصلو ڪري، ٽيئي ڀائر هينس، شوار ۽ گلڪ ڪنهن ويجهي شهر ۾ وڃي رهيا.

اتي پهچي، هنن بدبخت ڀائرن سونارڪو ڪم شروع ڪيو ۽ بازار ۾ هڪ دڪان مسواڙ تي ورتي، هڪ پڳل ٽنل بورڊ لڳاياٺون، جنهن تي لکيل هو:

"هينس ۽ شوار
سون ۽ چانديءَ جا خاص واپاري"

(5)

هن نئين ڏنڌي، هنن ٻنهي ڀائرن کي اڳئين کان بہ وڌيڪ لالچي بنائي ڇڏيو ۽ انهيءَ ڪري هو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پڪا مکي چوس ڪنجوس ٿيندا ويا.

هڪ ڏينهن اهڙو ٿيو جو سندن دڪان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ذرو بہ سون جو ڪو نہ هو. ان وقت هنن کي خيال آيو تہ گلڪ جي کيڏڻ لاءِ ننڍي لاءِ خالص سون جو هڪ ڪٽورو نهرايو هوسين، اهو اجا تائين موجود آهي. هنن فيصلو ڪيو تہ، ڇو نہ ان کي ڳاري ڪم آندو وڃي.

گلڪ کي ڪٽوري لاءِ ڏاو پيار هو. هن پنهنجي ڀائرن کي ڏاڍيون منٿون ڪيون تہ، مهرباني ڪري هن ڪٽوري کي نہ ڳاريو مگر هنن بدبخت ڀائرن پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي هڪ بہ نہ ٻڌي.

هنن ننڍي ڀاءُ کي ڇڙٻ ڏيئي چيو "بيوقوف نہ ٿي، اسان کي اهو ضرور ڳارڻو پوندو. انهيءَ کان سواءِ ڪم روڪيو پيو آهي."

اٹين چئي، ڪنوري کي پيچي ڪوٺاري ۾ وجهي، تيز باھ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ گلڪ کي چيائون، ”اسين ڪم سان ٻاهر وڃي رهيا آهيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ موٽي ايندا سين، تيستائين تون هن کي ڏسندو رهجان.“

غريب گلڪ جي دل پيچي پيئي پر ڇا ڪري جو مجبور هو. تيز باھ ۾ پنهنجي رانديڪي کي ڳرندو ڏسي رهيو هو.

اوچتو هن هڪ آواز ٻڌو جيئن ڪو نالو وٺي ڪيس سڏي رهيو هجي، ’گلڪ! گلڪ!‘ هُو حيران ٿي ويو ته هيءَ آواز آخر ڪٿان اچي رهيو آهي. هن ڪمري ۾ مون کان سواءِ ٻيو ڪو به موجود ڪونهي. انهيءَ دم وري آواز آيو ’اڙي مان هتي آهيان، هن ڪوٺاري ۾... مون کي ٻاهر ڪڍ، مان ڏاڍو گرم ٿي ويو آهيان.‘

گلڪ جي سمجھ ۾ ڦيرائين ته ڪجھ به نٿي آيو ۽ هو ٻنهي وائڙو ٿيو ٻڌندو ٿي رهيو. اوچتو هن ڏٺو ته باھ تي رکيل ڪوٺاري مان آواز آيو.

’اڙي آئون سڙي رهيو آهيان، مون کي ڪڍ. جلدي ڪر، جلدي!“

گلڪ هي آواز ٻڌي ڏاڍو حيران ٿي ويو. آخر هن فيصلو ڪيو ته هن ڪوٺاري ۾ ڪجھ به هجي، هن کي اونڌو ڪرڻ گهرجي.

اهو سوچي، ڪوٺاري کي هيٺ لاهي اونڌو ڪري ڇڏيو.

ڳريل سونَ جيئن ئي زمين تي ھاريو، ھڪ عجيب شڪل ۾ اچي ويو. گلڪ کي ڦيرائين ان مان ماٺهو جا ٻه پير ٻاهر نڪرندا نظر آيا، ۽ پوءِ آهستي آهستي سينو ڳچي جنهن ۾ هڪ سهڻو رومال ٻڌل هو. هن شڪل ٻاهر نڪرڻ شرط گلڪ کي جهڪي سلام ڪيو. گلڪ هن کي سڃاڻي ورتو.

هيءَ اهو ئي ساڳيو ’سونهري درياءَ جو راجا‘ هو.

گلڪ نهايت ئي ادب سان سلام جو جواب ڏنو ۽ وراڻيو ته ”اوهان منهنجي هن ڪنوري ۾ ڇا ڪري رهيا هئا؟“

سونهري درياءَ جي راجا جواب ڏنو:

”پيارا ڇوڪرا! آئون چاهيان ٿو ته آئون تنهنجي سنڀال لاءِ تو سان گڏ رهان، ۽ انهيءَ ڪري مون ٻاڻ کي هن صورت ۾ آندو آهي. مون کي معلوم آهي ته تون هتي ٻنهي خوش نه آهين. تو کي دولت واري ماٺري ۽

سونهري دريا پسند آهن. انهيءَ ڪري آئون توکي ٻڌائڻ آيو آهيان ته، تون کهڙي ريت درياءَ کي حاصل ڪري سگهندين. هُو ڏس، سامهون جيڪا ٽڪري آهي ان تي هليو وڃ. اتي توکي هڪ وهندڙ دريا نظر ايندو تون ان ۾ پاڻيءَ جا ٽي ڦُڙا وجهجان. پوءِ تماشو ڏسجان.“

”اهو دريا تنهنجي لاءِ سون جو وهندڙ دريا بنجي ويندو.“

ائين چئي سونهري درياءَ جو راجا اکيين وانگر غائب ٿي ويو. وڃڻ وقت گلڪ کي سونهري درياءَ جي راجا جا هيءَ لفظ ٻڌڻ ۾ آيا:

”چڱو گلڪ اميد آهي ته، اسين وري جلد هڪٻئي سان ملنداسين.“

(6)

ٿوريءَ دير مس گذري ته، هو ٻئي بد بخت ڀائر، هينس ۽ شوار موٽي آيا، هنن ايندي شرط گلڪ کان پڇيو:

”گلڪ، سون جو ڪٽورو رجي ويو؟“

گلڪ اجا جواب ڏئي ئي ڏئي تنهن کان اڳ هنن جي نظر وڃي ڪوناري تي پيئي، جنهن ۾ ذرو به سون جو ڏسڻ ۾ ڪين ٿي آيو.

هنن نهايت غضبناڪ نگاهن سان گلڪ کي ڏٺو ۽ ائين ٿي پاسيو ته اجهو ٿا کيس ڪچو ئي چٻاڙي ڪائي ڇڏين.

ويچاري گلڪ پنهنجي بي ڏوهي هجڻ جو يقين ڏياريو ۽ سارو قصو بيان ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي طرح ڪٽوري وارو سون رجي، سونهري درياءَ جي راجا جي شڪل ۾ اچي ويو.

پهريائين ته هنن ٻنهي ڀائرن کي هن جي ڳالهه تي يقين ئي ڪين آيو. هو ايڏا ته بدبخت هئا، جو ڪنهن به ماڻهوءَ جي ڳالهه تي اعتبار ڪين ڪندا هئا. پر پوءِ هنن کي پاڻان خيال آيو ته، اها ڳالهه سچي هوندي، ڇاڪاڻ ته گلڪ اهڙو چالاڪ نه آهي جو اهڙا قصا پاڻ گهڙي ٻڌائي.

ائين سوچيندي، هنن بد بخت ڀائرن کي دل ۾ خيال آيو ته، ڇو نه اسين ئي سونهري درياءَ جي راجا جي چوڻ تي عمل ڪريون، ۽ درياءَ جي اڻ ڪٿ سون جا مالڪ بنجي وڃون.

اهو سوچي، هڪ ياءَ پاڻيءَ جي ڀريل بوتل ڪنئي، ۽ گلڪ جي

چوڻ موجب ٽڪري ڏانهن روانو ٿيو. اجا هن ٻه چار قدم ئي مس کنيا ته، ٻئي لالچي ياءَ ڊوڙي وچي ٻانهن کان جهليس، ”ترس، تون جيڪڏهن اڪيلو وئين ته سارو سون هضم ڪري ڇڏيندين.“ ٻئي ياءَ ورندي ڏني، ”...۽ جيڪڏهن تون اڪيلو وئين ته سموري سون جو مالڪ ڪين بڻجي ويندين؟“

آخر هن ’تون تون، ۽ مان مان‘ کان پوءِ ٻنهي ياٽرن فيصلو ڪيو ته، ٻيئي ياٽر گڏجي ٽڪريءَ تي گڏجي وڃن، ڇاڪاڻ ته هنن لالچي ۽ بد بخت ياٽرن کي هڪٻئي تي اعتبار ئي ڪين هو.

(7)

ٻيئي ياٽر، پاڻيءَ جون بوتلون کڻي، تيز تيز قدمن سان ٽڪريءَ ڏانهن هلڻ لڳا. ٽڪريءَ وٽ پهچي ڏٺائون ته، متي چڙهڻ آسان ڪم نه آهي.

سون جي لالچ ۾ هنن نيٺ متي چڙهڻ شروع ڪيو. ٽڪريءَ تي چڙهائي ڏاڍي مشڪل واري هئي. هو جيئن جيئن متي چڙهندا ٿي ويا، تيئن وڌيڪ ٿڪجڻ تي لڳا.

آخر شوار هڪ هنڌ ٿڪجي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، ”هيڏي مشڪل چڙهائي تي آئون ڪڏهن ڪين چڙهيو آهيان. هن ته مون کي ماري وڌو آهي. مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي، ڇو نه آئون پنهنجي بوتل مان ڪجهه پاڻي پيءَ وٺان.“

ٻئي مکي چوس ياءَ چيس:

”اهڙو ناحق نه ڪجئين، جيڪڏهن تو ايئن پاڻي پيءَ ختم ڪري ڇڏيو ته پوءِ درياءَ ۾ ڊوڙ وجهندين!“

اجا ٿوري دير مس گذري ته، خود انهيءَ ياءَ کي ڏاڍي اُڃ لڳي ته چوڻ لڳو ته:

”مون کي تمام سخت اڃ لڳي آهي. مون کي پنهنجي بوتل مان پاڻي ضرور پيئڻو پوندو.“ ايئن چئي هن اجا پاڻي پيئڻ شروع ڪيو ته، سندس پير ۾ هڪ ڪتي جو گلر ويٺل نظر آيو. هن ويچاري گلر جي زبان بہ اُڃ جي ڪري خشڪ ٿي ويئي هئي. هن کي نه معلوم ته ڪيتري وقت کان

پاڻيءَ جو هڪ ڦُڙو بہ نصيب نہ ٿيو هو ۽ هن جو اُڃ سببان اهڙو تہ خراب حال هو جو ڪانئس آواز ئي نٿي نڪري سگهيو.

هن نهايت قياس ڏياريندڙ نگاهن سان شوار ڏانهن نهاريو ۽ چڻ ڪيس نگاهن ئي نگاهن ۾ چئي رهيو هجي:

’اي انسان، ذرو پاڻيءَ جو ڏُڪ مون کي بہ ڏيار. ڏاڍو اڃايل آهيان!‘

پر هن بد نصيب کي ذري جيترو بہ ترس نہ آيو ۽ ويچاري گلر کي مرڻينگ حال ۾ ڇڏي مٿي چڙهڻ شروع ڪيو.

هو جيئن جيئن مٿي چڙهندا ٿي ويا، رستو تهان ئي وڌيڪ مشڪل ٿيندو ٿي ويو ۽ ان سان گڏوگڏ آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجڻ شروع ٿيا.

(8)

آخر وڏيءَ ڪوشش کان پوءِ بيئي پائر ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچي ويا، ۽ جلدي جلدي پنهنجو پاڻي دريا ۾ پلٽي وڌائون.

پر، جيئن ئي هنن دريا ۾ پاڻي وڌو، هڪدم هڪ تيز هوا جو جهوٽو آيو ۽ اتيئي هڪ وڄ چمڪاٽ ڪري، مٿانئن اچي ڪري. هينس ۽ شوار بجليءَ جي ڪرڻ سان ئي جلي خاڪ ٿي ويا.

هوڏانهن غريب گلڪ پائرن جي نہ موٽڻ سببان ڏاڍو بي چين هو. هن هڪ وڏي ڪاري ڪڪر کي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پکڙجندي ڏٺو تڏهن سندس دل ڏاڍي تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. هو دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو ’شل منهنجا پائر هينس ۽ شوار خير سان هجن ــــ ٽڪريءَ جي مٿان ڏاڍي خوفناڪ فضا معلوم ٿي ٿئي!‘

آخر هن سوچيو تہ، ’چو نہ آئون پاڻ وڃي کين ڳوليان، ۽ کين جيڪڏهن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي سگهيس تہ، مان بہ دريا ۾ پاڻي وجهي، ان کي سوني بنائڻ جي ڪوشش ڪندس.

جيڪڏهن مون کي ايترو سون هٿ اچي ويو تہ پوءِ آئون جيڪي چاهيندس سو آساني سان ڪري سگهندس.‘ ان کان پوءِ، هن کي پنهنجي ويران ماڙيءَ جو خيال آيو. هن سوچيو تہ، ’جيڪڏهن مون کي واقعي دولت ملي ويئي تہ، آئون اتان جي غريب رهاڪن جي دل ۽ جان سان وڏي مدد

ڪندس.‘

اهو فيصلو ڪري، گلڪ بہ پاڻيءَ جي هڪ بوتل پاڻ سان کنئي ۽ پنهنجن پائرن جي پٺيان ٽڪريءَ ڏانهن روانو ٿي ويو.

هو انهي مشڪل چڙهائي تي چڙهندو ويو. ڳچ پنڌ چڙهڻ کان پوءِ هن کي آرام ڪرڻ جي خواهش ٿي ۽ هو آرام جي خيال کان گهڙي پل اتي ويهي رهيو. اتي ويٺي هن جي نظر پنهنجي پراڻي ماتري تي پئي، جا هڪ ريگستان وانگر نظر ٿي آئي.

هن دل ۾ سوچيو ’افسوس! آئون هن ماتريءَ کي جيڪر ٻيهر سرسبز ماتريءَ ۾ بدلائي سگهان!‘

ٿوري دير آرام ڪرڻ کان پوءِ هن وري مٿي چڙهڻ شروع ڪيو ۽ هينئر هن کي بہ اڃ ڏاڍو اچي پريشان ڪيو. هن سوچيو تہ ’پاڻي پيئان يا نہ؟___مون کي هيءَ پاڻي پيئڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ پوءِ درياءَ ۾ ڇا وجهندس.‘

ايتري ۾ گلڪ کي بہ اهو ڪتي جو ننڍڙو گلر نظر آيو. هن جون اداس نگاهون ۽ ٻاهر نڪتل خشڪ زبان ٻڌائي رهي هئي تہ هو ڪيترو اڃايل آهي.

گلڪ ٿوري دير سوچيو ۽ آخر هن فيصلي تي پهتو تہ، هن ويچاري ڪتي جي گلر کي پاڻيءَ جي ايتري ضرورت آهي جيتري مون کي سون جي آهي.

اهو فيصلو ڪري هن پنهنجي پاڻيءَ جي بوتل گلر جي وات ۾ وڌي ۽ کِلي چوڻ لڳو ”وٺ، ننڍڙا گلر پاڻي پيءَ، پر ڪجهہ ڦڙا پاڻيءَ جا ضرور بچائجئين جيئن آئون درياءَ ۾ وجهان.“

گلر ايترو تہ اڃايل هو جو بوتل خالي ٿي ويئي ۽ هڪ ڦڙو بہ پاڻيءَ جو بچي نہ سگهيو.

(9)

گلڪ، گلر جي وات مان بوتل ڪڍي ڏٺي تہ، اها سڄي خالي ٿي چڪي هئي. خالي بوتل ڏسي هن کي ڏک تہ ٿيو پر ڇا ٿي ڪري سگهيو. هڪ ٿڌو ساهہ کڻي ماٺ ٿي ويو. اوچتو هن جي نگاهن ۾ چمڪ اچي

ويئي، ڇو ته هن جي سامهون ڪتي جي گلر بجاءِ سونهري درياءَ جو راجا بيٺو هو.

گلڪ ان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو: "اوهان هتي ڪيئن؟ مون کي اوهان کي هتي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي."

سونهري درياءَ جي راجا جواب ڏنو:

"تنهنجي وڏي مهرباني گلڪ! مان به توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مون اوهان ٽنهي ڀائرن جو آخري امتحان وٺڻ لاءِ ڪُتي جي گلر جو روپ ورتو پر مون کي تنهنجي ڀائرن پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڏنو.

آئون تنهنجو اڳ ۾ ئي هتي انتظار ڪري رهيو هوس، پر تنهنجا وڏا ڀائر تو کان اول اچي ويا."

گلڪ جواب ڏنو "تڏهن چئبو ته اوهان منهنجن ڀائرن سان ملي چڪا آهيو. مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو ته آئون انهن کي ڪٿي ڳوليان؟"

سونهري درياءَ جي راجا جواب ڏنو:

"هو هاڻي توکي ڪٿي به ڪين ملي سگهندا. مون انهن کي پنهنجي دريا ۾ وجهڻ کان اڳ ئي ختم ڪري ڇڏيو. ڇو ته هو وڏا بد بخت ۽ لالچي هئا."

گلڪ کي هن جو جواب ٻڌندي وڏو افسوس ٿيو. پر راجا هن کي ٻانهن کان جهلي اڳتي وٺي هليو. ڪجهه اڳيرو هلي هن ڏنو ته دريا هيٺان وهي رهيو هو.

راجا، گلڪ کي چيو ته، " گلڪ! هيءَ آهي تنهنجو دريا. هاڻ تون هن کي سڄو ئي سڄو سون بنائي سگهين ٿو."

گلڪ جواب ڏنو ته، "مون وٽ ته پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به ڪين بچيو آهي."

راجا کلندي جواب ڏنو ته، "گهبراءِ نه. هيءَ گل ڪٽي وڄ. هن ۾ ماڪ جا ٽي ڦڙا موجود آهن. تون هن کي درياءَ ۾ وجهي ڇڏجان ۽ هو تنهنجي لاءِ سڄي جو سڄو سون بنجي ويندو." ائين چئي راجا اتي جو اتي غائب ٿي ويو.

هن جا آخري لفظ گلڪ کي ٻُڌجڻ ۾ آيا:

”گلڪ، خدا حافظ!“

گلڪ نهايت ئي ادب سان راجا کي ’خدا حافظ‘ چوندي، سندس شڪريو ادا ڪيو.

راجا جي گهر تيڻ ڪان پوءِ، گلڪ اهو گل ڪٽي دريا ڏانهن هليو ۽ ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏيو.

(10)

راجا جي چوڻ موجب گلڪ کي يقين هو ته، گُل کي درياءَ ۾ وجهڻ سان، سمورو دريا چمڪندڙ سون ۾ بدلجي ويندو. پر ائين ڪين ٿيو.

گلڪ دل ۾ سوچيو ته، مون کان ضرور ڪا غلطي ٿي ويئي آهي.

’ڀلا درياءَ جو پاڻي، سون ۾ چو نه بدلي سگهيو!‘

ايتري ۾، اوچتو هن جي نظر ’دولت جي ماتريءَ‘ تي وڃي پئي. هن ڏٺو ته، سونهري دريا جو پاڻي، ماتري ۾ وهي رهيو آهي ۽ انهي ڪري اهو خشڪ ۽ ويران رڻ پٽ سندس اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي سرسبز باغن ۽ کيتن ۾ بدلجي ويو.

هن خوشيءَ وچان رڙ ڪئي:

”ها ها، سونهري دريا، دولت جي ماتريءَ کي ٻيهر دولتمند بنائي رهيو آهي. هيءَ ماتري وري ساڳي طرح خوبصورت بنجي ويئي، جيئن ڪڏهن اڳي هئي.“

گلڪ هينئر وڏي خوشيءَ مان ماتري طرف هلڻ لڳو. اتي پهچي، هن کي اهي پراڻا پيارا پيارا نشان نظر آيا ــــ اهائي زرخيز زمين ــــ اهي ئي تازا تازا گاهه، خوبصورت گل ۽ مزيدار ميوا.

ان ڏينهن کان وٺي گلڪ وڏي خوشيءَ سان پنهنجي ماتريءَ ۾ رهڻ لڳو.

هن پوءِ پنهنجي دولت ۾ اتان جي ٻين غريب ماڻهن کي ڀاڱي ڀائيوار سان شريڪ ڪيو. چو ته هاڻ هن جي لاءِ اهو دريا سچ پچ ته سون سان ڀريل دريا بنجي ويو هو.

ــ اشاعت: ”چاندوڪي“ ڪتابي سلسلو
سيپٽمبر ــ آڪٽوبر: 1963ع.
اداره آواز ادب. مرتب: جمال رند.

[درسي سبق_1]

# مزدور ۽ سيٺ

صبح جو سوير، ڪارخاني جي دروازي تي مزدور اچي ڳاهٽ ٿيا، چي، ”اسين ڪم تي ٻنهه ڪو نـ چڙهنداسين____ ههڙو انڌير! اسان جو ڏينهون ڏينهن رت سڪندو وڃي ۽ سيٺ آهي جو ٻ مهيني نئين موٽر گهرايو رات ڏينهن عيشن ۾ مزن ۾! جيسين اسان جون پگهارون نـ وڌنديون، تيسين ڏسون تـ ڪيئن ٿو ڪارخانو هلي ۽ روزانو اسان جي رت مان ڦُر ڪيل سوين هزارين رپيا بئنڪ ۾ گڏ ٿين!“

اج مزدورن کي ٻڌي ڪندي ۽ ڪم کان جواب ڏيندي، پنجون ڏينهن هو. مزدورن جو چوڻ هو تـ گهڻا سال سيٺ اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي، قسمت ۽ نصيب جون ڳالهيون ٻڌائي، گمراهه ڪري پئي ڦريو آهي. هاڻي اسين پاڻ نـ ڦرائيندا سين، هاڻي ٻڌي نـ ڪنداسين تـ ڀلي ڀُکي مري وينداسين.

منجهند جو وقت هو ڪانءُ جي اک تي نڪتي. مزدور ننهن کان چوٽيءَ تائين پگهر ۾ شل هوندي بـ جبل جيان مضبوط انهن ئي پيرن تي ڏرٽو ماريو بيٺا رهيا. هنن کي دلجاءِ هئي تـ ڪارخاني جو مالڪ، اسان جي اسٽرائيڪ سببان روزانو هزارين رپين جو نقصان سهي ڪين سگهندو. اج نـ تـ سڀاڻي لالچ ڪيس اسان جي پيرن تي ضرور جهڪائي وجهندي، اسان کي رڳو صبر سان پنهنجي ڳالهه تي مڙس ٿي بيهڻو آهي.

پنج ڏينهن ساندهه روزگار نـ هئڻ ڪري، ڪيترن مزدورن جي گهرن ۾ لولو ڪين پچندو هو ۽ معصوم ٻار خالي پيٽ، پيءُ ماءَ جي ٿلهي دلاسي تي واجهائي، واجهائي، سمهي تي رهيا. مزدورن جي اڳواڻن کي جڏهن پنهنجي مزدور ساٿين جي اهڙي حال جي خبر پيئي، تڏهن منجهائن هڪڙي، ڪارخاني جي ديوار تي چڙهي، سيني مزدورن کي اپيل ڪئي، تـ ”جنهن بـ مزور ڀاءُ وٽ هڪ ويلي کان وڌيڪ کاڌو گهر ۾ رکيل آهي، اهو پنهنجي ضرورتمند ڀاءُ جي ٻچن کي

پهچائي.                جيسيتائين اسين هڪبئي جي ٻچن کي پنهنجا ٻچا نہ سمجھنداسين، تيسيتائين سيٺ کان پنهنجا حق نہ وٺي سگھنداسين.“

مزدورن جي اسٽرائيڪ سيٺ جا لاھہ ڪڍي ڇڏيا. هن پنجن ڏينهن اندران ئي اندران، مزدورن جي اڳواڻن توڙي ڪيترن ٻين مزدورن کي رشوت ڏيئي، پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪي ئي سازشون ڪيون ۽ اٽڪلون هلايون، پر وريو ڪي بہ ڪين. هو هينئر بيوس ۽ مزدورن جي رحم وهيڻو بڻجي چڪو هو. سيٺ جي پلائي انهيءَ ۾ هئي تہ مزدورن جا مطالبا مڃي، ساڻن ٺاھہ ڪري ۽ ڪارخانو هلارائي.

سج لڙڻ تي هو تہ سيٺ جي مئنيجر، ڪارخاني جي دروازي تي اچي، وڏي آواز سان مزدورن جي ميڙ کي چيو تہ ”اوهان مهرباني ڪري، سڀاڻي ڪم تي چڙهو. اوهان جا مطالبا سيٺ قبول ڪيا.“

مئنيجر جا اهي لفظ ٻڌندي، مزدورن جا ڪومائل چهرا خوشيءَ سببان ٽڙي پيا ۽ هو پنهنجي ڪاميابيءَ ۽ سوڀ جي اظهار ۾، وڏي جوش ۽ جذبي وچان ”مزدور اتحاد زنده باد!“، ”پورهيت اتحاد زنده باد!“ جا نعرا هڻندا، گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

<u>مشق:</u>

مزدور ڪم تي ڇا جي ڪري نٿي چڙهيا؟

مزدورن پنهنجن پگهارن وڌائڻ لاءِ ڪهڙو قدم کنيو؟

مزدور اڳواڻ، مزدور ڀائرن کي ڪهڙي اپيل ڪئي؟

سيٺ مزدورن جي ٻڌيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ڪهڙيو اٽڪلون ڪيون؟

مئنيجر سيٺ جي پاران مزدورن کي ڇا چيو؟

مزدورن پنهنجي سوڀ جي اظهار ۾ ڪهڙا نعرا هنيا؟

هيٺيان جملا اوهان پاڻ ڇئي ٻڌايو:

**الف:** هھڙو انڌيرا سان جو ڏينهون ڏينهن رت سڪندو وڃي.

**ب:** جبل جيان مضبوط انهن ئي پيرن تي ڏرٽو ماريو بيٺا رهيا.

**ج:** سيٺ هينئر بيوس ۽ مزدورن جي رحم وهيڻو بڻجي چڪو هو.

[درسي سبق_2]

# روس جا هاري

روس جي ملڪ جا هاري، اڄ کان اٽڪل اڍ مني صدي اڳ جاگيردارن، نوابن، وڏن زميندارن، پادرين ۽ فوجي جرنيلن جا ملھہ ڳڌا غلام هئا. هنن کي ڪو بہ حق ۽ اختيار مليل نہ هو. ڪين رڳو اهو حق حاصل هو تہ پاڻ کي ڪھڙيءَ بہ ريت جيئرو رکي، پنھنجن آقائن (مالڪن) جي سک ۽ آرام لاءِ هر ڪا شئي موجود ڪري، ڏيندا رهن.

جيڪڏهن جاگيردار، نواب يا ڪو ٻيو پنھنجي زمين ڪنھن ٻئي جاگيردار يا نواب کي وڪرو ڪندو هو تہ انھيءَ زمين کي آباد ڪندڙ هاري بہ غلام جي حيثيت ۾ نئين مالڪ جي حوالي ٿيندا هئا. جيڪڏهن ڪنھن هاريءَ وٽ پنھنجون پليل ڪڪڙيون يا ڪو ٻيو ڍور ڍڳو هوندو هو تہ انھن ۾ بہ سندن آقا جو حصو هوندو هو. هاريءَ کي مالڪ وٽان اجازت وٺڻ کان سواءِ شادي ڪرڻ جو پڻ حق نہ هو. هاري وٽ جڏهن ڪو شادي غميءَ جو موقعو ٿيندو هو يا سندن آقا وٽ، تہ ٻنهي حالتن ۾ هاريءَ کي مقرر رقم پنھنجي آقا کي ڏيڻي پوندي هئي. هاريءَ تي اها بندش پيل هئي تہ هو پنھنجي اولاد کي ڪنھن اسڪول ۾ پڙهائي يا لڪ ڇپ ۾ تعليم ڏياري.

اها ساڳي حالت مزدورن جي بہ هئي. هو ارڙهن، ويھہ ويھہ ڪلاڪ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ ڪارخانيدار جيترو بہ اُجورو ڏيندو مزدورن کي اهو وٺڻو پوندو هو. گھٽي پورهئي ۽ پوري ڪاڏي نہ هئڻ ڪري، سوين

هزارين مزدور جوانيءَ جي عمر ۾ ئي سلهه ۽ ٻين خطرناڪ بيمارين ۾ وڪوڙجي، مري ويندا هئا. مطلب ته روس جا هاري توڙي مزدور بکن ۽ فاقن سان گڏ جهالت، ظلم ۽ ڏاڍ جي لوهن ۽ زنجيرن ۾ ايترو جڪڙيل ۽ سوگها ٿيل هئا، جن مان سندن جان آجي ٿيڻ ڏاڍي مشڪل ڳالهه هئي.

آخر آهستي آهستي مزدورن ۽ هارين جي دلين ۾ ظالمن جي خلاف نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. هنن لڪ چوري پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ ۽ جماعتون ناهڻ شروع ڪيون. حڪومت کي جڏهن به اهڙن ڏوهارين جو ڪو نشان پتو ملندو هو ته کين ملڪ نيڪالي ڏيئي، برف وارن علائقن ۾ موڪليندا هئا، جتي هو گهٽي ٿڌ سببان ٿورن ئي ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندا هئا.

حڪومت جيئن جيئن وڌيڪ ظلم تي زور رکيو، تيئن مزدورن ۽ هارين ۾ به ٻڌيءَ سان گڏ نفرت جي باهه وڌيڪ ڌکندي ويئي. آخر اهو ڏينهن آيو جو روس جي مزدورن ۽ هارين گڏجي، لينن نالي، هڪ شخص جي اڳواڻيءَ ۾ سينا تاڻي حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. حڪومت ڇتي ٿي پيئي، فوج ۽ پوليس جي هٿان مزدورن ۽ هارين تي گوليون هلائڻ لڳي. لکين ڪروڙين عوام جي طاقت، فوج ۽ پوليس هٿان ناس ٿيڻ بدران، اٽلو جاگيردارن، نوابن، وڏن زميندارن ۽ ڪارخانيدارن جو وجود ۽ سندن حڪومت هميشه لاءِ ناس ٿي ويئي.

اڄ روس ۾ نڪي ٻٽئي ونندڙ آهي، نڪي وياج خور واپاري آهي ۽ نڪي مزدور جو رت چوسيندڙ ڪارخانيدار. هينئر مزدورن ۽ هارين جي پنهنجي عوامي حڪومت آهي. دولت جي پيدائش جا سمورا وسيلا حڪومت جي هٿ ۾ آهن. حڪومت جو فرض آهي ته ملڪي دولت کي هر هڪ ماڻهو جي صحت، تعليم، روزگار ونڊر ۽ ذهني ۽ دماغي صلاحيتن جي واڌاري آڻڻ تي خرچ ڪندي رهي.

اڄڪلهه روس جي ڪنهن به ماڻهو کي اها ڳڻتي نه آهي ته هو

بيماري، جڏائي يا پيريءَ ۾ پنهنجو گذران ڪيئن ڪندو؟ عوامي حڪومت اهڙن ماڻهن لاءِ به پورو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.

مشق:

1. اڻويهين صدي اڳ روس جي ملڪ جي هارين جي ڪهڙي حالت هئي؟

2. هارين کي ڪهڙو حق مليل هو؟
3. روس جي مزدورن جي تن ڏينهين ڪهڙي حالت هئي؟
4. مزدورن ۽ هارين گهڻي ظلم سهڻ کان پوءِ ڇا ڪيو؟
5. هاري پنهنجن آقائن کي ڪهڙا ڪهڙا ٽئڪس ڏيندا هئا؟
6. مزدورن ۽ هارين ڪنهن جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو؟
7. روس ۾ هينئر ڪنهن جي حڪومت آهي ۽ انهي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ڪهڙو بندوبست ڪيو آهي؟

هيٺيان جملا چٽي پڙهايو:

الف: اڄ روس ۾ نڪي بٺئي ڪندڙ آهي، نڪي وياج خور واپاري آهي ۽ نڪي مزور جو رت چوسيندڙ ڪارخانيدار.

ب : اڄڪلهه روس جي ڪنهن به ماڻهو کي اها ڳڻتي نه آهي ته هو بيماريءَ ۾، جڏائيءَ يا پيريءَ ۾ پنهنجو گذران ڪيئن ڪندو!

هينئر اوهان کي هيءَ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي هوندي تہ اڪيلو ماڻهو تيسين ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي، جيسين ٻين جي مدد حاصل نہ ڪري. جڳ جهان جا سمورا ڌنڌا ۽ ڪم هاج هڪٻئي جي مدد سان ٿين ٿا. پر وري هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ سگهڻين هٿين هڪٻئي جي مدد ڪنهن بہ ڪار جي نہ آهي. هاري وٽ هر، ڪوڏر ۽ ٻيا اوزار نہ هجن تہ هو ڪجهہ بہ ڪري ڪين سگهندو. موچي وٽ پنهنجا اوزار نہ هجن تہ ٺلها هٿ ڪنهن بہ هاج جا ڪين ٿيندا. انهي حقيقت مان هيءَ نتيجو نڪتو تہ دنيا جي سموري ڌنڌي ۽ ڪاروبار جو دارومدار اوزارن تي آهي. اوزار نہ هجن تہ ڪا بہ شئي تيار نہ ٿي سگهي ۽ ماڻهن جون گهرجون ڪڏهن بہ پوريون ڪين ٿين.

سچ پچ تہ انسانذات اج تائين پنهنجي سک ۽ آرام لاءِ جيڪي شيون ٺاهيون آهن ۽ هن جيڪي بہ واڌارو ۽ سڌارو ڪيو آهي، انهيءَ ۾ اوزارن کان پوءِ انهن ماڻهن جي ڪاريگريءَ ۽ ڏاهپ جو بہ وڏو هٿ آهي، جنهن سان اهي اوزار ٺهيا ۽ انهن کي ڪتب آڻڻ جو ڍنگ ڄاتو.

مشق:

1. هاريءَ کي ڪهڙين شين لاءِ ڊکڻ جي مدد جي گهرج آهي؟
2. ڊکڻ کي ڪهڙين شين لاءِ لوهر جي مدد جي گهرج آهي؟
3. دنيا جا ڌنڌا ۽ ڪاروبار ڪيئن ٿا هلن؟

هيٺيان جملا چٽو:

الف: اڪيلو ماڻهو ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي.

ب : جڳ جهان جا ڌنڌا هڪٻئي جي مدد سان ٿين ٿا.

ج: اوزارن کان پوءِ ماڻهن جي ڪاريگري ۽ ڏاهپ جو هٿ آهي.

نوان لفظ:

حاصل، هاج، اوزار، سراهي، حقيقت، ڪاريگري، انسانذات، ڪتب.

[درسي سبق_4]

# ڏنار

آئون ڏهاڙي پنيرڪي جو اُتي، مينهن جو وڳ پهرائي، ٻيلي ۾ ويندو آهيان. پهر سوا سج ڏاري موتائي وڻن تي ڪاهي ايندو آهيان. جيسين ڏوپ ٿئي، تيسين ماني ٽڪر کائي، وري مينهون ۾ آئون، ساڳي تنوار سان هونگاريندو ٻيلي ۾ گهڙندو آهيان.

انهن مينهن سان منهنجو واسطو پندرهن سالن کان آهي. اٺ نو سال مس ڄمار هونديم جو آئون ڏنارپ جي پورهئي سان لڳو آهيان. اوائل ۾ ٽڪون هيون. جيڪي وڏي ويجهي چاليهاري ڪن تي پهتيون آهن. انهن کان سواءِ ڪي ٽڪون تہ رئيس وڪيون آهن ۽ ڪي پٺاريون تہ مري بہ ويون آهن.

آئون سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ مينهن جي پٺيان: جيڏانهن انهن جو منهن، اوڏانهن هلندو ويندو آهيان. ٻنپهرن جو ڪنهن ڍوري يا واهڙ ۾ مينهون داسوڪن تہ آئون بہ پرپاسي ڪان ويهي، ساڳي پٽيندو آهيان. اوڏي مهل ڪي ٻيا ڏنار بہ مال ڪاهي اچي ڍوري پيڙا ٿيندا آهن. پوءِ تہ اسان ڏنارن جي پاڻ ۾ رهاڻ شروع ٿي ويندي آهي. هتان هتان جون خبرون ۽ راڄن ڀاڳن جا قصا ڪٿندا ئي نہ آهن.

ڪڏهن تہ وري پاڻ ۾ توليون ناهي، نڙ تي بيت شروع ڪري ڏيندا آهيون. اوڏي مهل سڄو ٻيلو اسان جي آواز سان ٻرڻ لڳندو آهي. ڪيڏي مهل ڪٿان، ٻيلي مان ويندڙ ڪنهن ماڻهوءَ جي اها تنوار ڪن تي پوندي آهي: "يلو! يار يلو!" ۽ پوءِ جڻ تہ اسان مڙني جي جان ۾ نئون ساهہ پئجي ويندو آهي.

ڪنهن هاري ياءَ وٽان لسيءَ جو لوٽو پرايو. ڏينهن رات ٻچن جي پورت ڪيو وينو هوندو آهيان.

ڏينهن رات جي محنت ۾ جاڪوڙ ڪان پوءِ بہ پرپاسي ۾ ڪٿي ڪنهن ميلي ملاڪڙي، راند روند يا نڙ ٻيت جي رهاڻ جو پتو پويم تہ ننڊ ڦٽيو وجي. ڪيڏي ٿڪ هوندي بہ ٻن چئن ميلن پنڌ تي اهڙي وندر ۾ رهاڻ ڪي هٿان وڃڻ ٿي ڪين ڏيان.

منهنجي اها زندگيءَ ڪا اڄ ڪان نہ آهي، پر منهنجا وڏا بہ زمانن ڪان مون جيان حياتي گذاري، وارو وڃائي ويا. ڪڏهن ڪڏهن دل تي اهو خيال ايندو آهي تہ شايد اسان پورهيتن جو جيئڻ پاڻ لاءِ نہ، پر ٻين لاءِ آهي.

**مشق:**

تنهنجو پيءُ ڪهڙو پورهيو ڪندو آهي؟

ساهوارن جي پيٽ ڀرڻ ۾ سُکي رهڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي؟

هاري، گهر ناهڻ لاءِ ڪهڙيون شيون ڪتب آڻي ٿو؟

هاريءَ جي محنت سان ڪهڙيون شيون پيدا ٿين ٿيون؟

هاريءَ جي ڪاڏي ۾ پوشاڪ جو بيان ڪريو!

**هيٺيان جملا چٽي ٻڌايو:**

الف: سڄو جڳ جهان ننڊ ۾ هجي تہ آئون اُٿيو پورهئي ڪي لڳان.

ب: وڏيرو يا زميندار ڪاوڙجي پوي تہ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ اڃهي ناهڻ ۾ نيڻ ۾ ويرم ٿي ڪا نہ لڳيم.

ج: اهي ٿي آڳڙيون ڏويو پويو ٻت تي پهريو وڃيو پائرن سان پاءَ ٿيان.

**نوان لفظ:**

محنت، جڳ جهان، تڪليف، زميندار عيد براد، رهاڻ، زندگي ۾ زمانن

[درسي سبق_6]

# نوجوان هاري____

سوڍو: "چاچا، هيل ٻنيءَ ۾ جيڪي وڌو اٿئون، ذرو بہ زيان نہ ٿيو آهي. ٻن چئن ڏينهن ۾ سلن جي اهڙيءَ تہ اوپڙ ٿي آهي، جو ڪٿي بہ ڪو ڪَڙو ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿو اچي. هن سال مڙيوئي چار ڪوڏيون قرض جون لهي پونديون."

علڻ: "اڳين سال بہ ايئن هو. ٻني پتاريءَ تہ پنهنجي پيٽ ۾ ڳڪَ بہ ڪيئن سانديون. جيڪي هو اوڳاري ٻاهر ڪيائين. پر ابا، سڀ نصيب جي ڳالهہ آهي. جيڪي ڀاڳ ۾ آهي. سو ئي پلئہ پوي ٿو. پورهيت ويچارو تہ پنهنجي وسان ڪڏهن بہ ڪين ٿو گهٽائي!"

اهو جواب ٻڌي، سوڍو ماٺ ٿي ويو ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ، 'اسان جي نصيب ۾ ايئن ڇو آهي؟ آڌي مانجهي، تتي ٿڌي رت ولوڙيون، پوءِ بہ پانديون پوري نہ آهي____ نڪي ٻچن کي انگ تي اڳڙي، نڪي پيٽ پورائي. ٻارهوئي قرضي، جڏهن بہ حساب ڪر تہ، چار ڪوڏيون چڙهنديون وڃن.' سوڍو اجان انهن ئي خيالن ۾ محو هو تہ، چاچس هڪل ڪيس:

"ابا سوڍا! ڪالهہ پاڙي وارا زور ڀري ويا آهن تہ جلسي ۾ ضرور اچجو. نہ هلبو تہ ڪاوڙجي پوندا." سوڍي خيالن جي وهڪري مان ڇرڪ ڀريندي وراڻي ڏني، "پوءِ ڀلا."

علڻ، "پوءِ ڀلا!' سُجهيئي ڪانہ ٿي؟ صبح جو هلبو الائي ڪيڏي مهل موٽجي. ڍڳي ۾ جوڙي لاءِ تہ ڪو ڪک پن ڳنو ڪيون هل."

سوڍو اٿي کڙو ٿيو. ڏاتو هٿ ۾ ۽ چادر ڪلهي تي رکي، روانو ٿيو. ٻنيءَ ڏانهن ويندي، ڳاهہ ڪرڻ وقت توڙي رات جو جيسين اک لڳيس، تيسين سوچيندو رهيو تہ 'اسان جي نصيب ۾ ايئن ڇو آهي؟ ڇا جي ڪري

آهي؟' صبح جو اٺڻ مهل بہ سوڍي جي شڪل مان ايئن ٿي وسهڻ ۾ آيو. جڻ تہ سڄي رات ننڊ بجاءِ ڪنهن وڏي ذهني لوچ پوچ ۾ ورتل هو.

سج. ڪانو سوا بہ مس چڙهيو تہ ٻئي چاچو ڀاٽيئو لسيءَ لپ سان بہ پور پيٽ ۾ وجهي روانا ٿيا. جلسي ۾ پهتا تہ. سوين هزارين ماڻهو ڳاهٽ هئا. وچ جلسي ۾ هڪ ٿلهي تي ڪيترا ماڻهو ــــ نوجوان، وچولي عمر جا توڙي پڪا پوڙها. وڏي آواز ڳالهائيندا. تقريرون ڪندا. ويهندا ٿي ويا. سوڍو دل جي وڏي سچيتائيءَ سان لفظ لفظ ٻڌندو ٿي رهيو سندس دل تي ڪالهہ کان جيڪو جبل جيڏو بار پيل هو آهستي آهستي هلڪو ٿيندو ويو.

جلسو پورو ٿيو تہ ٻئي اچي گهر پيڙا ٿيا. سوڍو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش هو. جڏهن هٽ منهن ڌوئي، ٽڪ پيچي وينا. تڏهن سوڍي چاچي کان پڇيو:

"چاچا، ڪجهہ ٻڌئي سٽيئي؟"

علڻ: "ابا، هن عمر تائين الائي ڪيترا جلسا ڏٺا اٿم. ماڻهن جا انبوهہ ڏسيو اچرج وٺيو وڃي!"

سوڍو: "ڪا ڳالهہ ٻڌيئہ چاچا؟"

علڻ: "ڪهڙي؟"

سوڍو: "ساڳي تو واري ڪالهوڪي!"

علڻ: "مون واري ڪهڙي؟"

سوڍو: "جيڪي نصيب ۾ آهي، سوئي پلئہ پوي ٿو!"

علڻ: "ڇا ٿي چيئون، انهيءَ لاءِ؟"

سوڍو: "مون کان ٿو پڇين تہ 'ڇا ٿي چيئون؟'"

علڻ: "اڙي پر مون نہ ٻڌي تہ ڇا ٿي پيو؟"

سوڍو: "چاچا، بنهہ سيني ائين ٿي چيو تہ 'نصيب بصيب ڪجهہ بہ نہ آهي ــــ ڏاڍو هيٺي کي ڪائي ٿو!'"

علڻ: "ڏاڍو هيٺي کي ڪائي ٿو." سوڍي جا ساڳيا لفظ ورجائيندي، وڏيڪ پڇيو "تہ پوءِ؟"

سوڍو: "تہ پوءِ؟ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ جيڪو پوکي، سوئي ڪائي!"

علڻ: "جيڪو پوکي، سوئي ڪائي!" اهي لفظ وڏي حيرت مان چوندي، علڻ ماٺ ٿي ويو.

**مشق:**

علڻ جي کھڙي ڳالھہ سوڍي کي اچرج ۾ وڌو؟

هيٺيان جملا کنهنجا کنهنجا چيل آهن:

الف: چار کوڏيون قرض جون لهي وينديون.

ب : ٻني ٻٽاريءَ تہ پنهنجي پيٽ ۾ کک بہ کين سانچيو.

ج : سوڍي جي دل تان بار کهڙي ڳالھہ ٻڌڻ کان پوءِ لهي ويو؟

ح : علڻ چو ماٺ ٿي ويو. انهي باري ۾ اوهان پنهنجا رايا ٻڌايو؟

ننڍڙو درسي ناٽڪ

# جاڳڻ

**ويس ڏاري:** جاڳڻ ۽ سندس زال (صحت)، رمون (جاڳڻ جو پٽ)، ولو ڪمدار ۽ ٻيا همراهه (هاري).

**جاءِ:** لانڍي ۽ جاڳڻ جي ڀني.

(صحت گهر جي آڳر ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ڪاٺيءَ سان زمين کي کوٽيندي، ڪنهن وڏي ويچار ۾ آهي. گهڙي ساعت گذرندي، جاڳڻ در جي ڪَڙهه وٺان ڏسي ٿو. مڙس جي منهن ۾ نهاريندي پروڙي وٺي ٿي ۽ هڪدم مڙس کان پڇي ٿي):

"ياٺيان ٿي ته مُئي کي قياس ڪونه پيو شل ڪا معصوم ٻچن جي آهه پويس!"

جاڳڻ: "اهڙيون ڪيئي آهُون ڪنيو وتي، قبر ۾ پير اچي پيا اٿس، پر پوءِ به اڳئين کان اڳرو. ٻلينگهه بينو پٽائي."

صحت: "هيڏي خدا جي جڳ ۾ ڪيس ڪو چوڻ وارو ئي ڪونهي" (ائين چئي، ٻيئي هٿ زور سان پنهنجي پيٽ تي هڻي، آسمان ڏانهن نهاري پڙ پڙ ڪري ٿي).

جاڳڻ: "پٽ پاراتي مان ڪجهه ڪين ورندو اجايو ٿي پاڻ آزارين". ائين چئي، وڏي اُونهيءَ سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو. ٿوري ويرم کان پوءِ پُٽ کي چوي ٿو:

"رمون لانڍيءَ ۾ ڏس ڪي همراهه ويٺل آهن."

صحت: "چا ڪندين لانڍيءَ ۾ ويٺل همراهن کي. اڳ به اهوئي ناٽڪ اڪئين ويني ڏٺوَا ڪنهن کان ڪو اکر به اُڪليو؟" اوڏيءَ مهل رمون موٽي اچي پيءُ کي ٻڌائي ٿو ته "پنج ست همراهه ويٺا آهن"

جاڳڻ لانڍيءَ ڏانهن روانو ٿئي ٿو. لانڍيءَ ۾ ٿي چار ڪٺولا ۽ پَٽَ تي

پاڻيءَ جا بہ مٽ رکيل آهن. جاڳڻ "سلاماليڪم" چئي، کٽولي تي ويٺو ٿي مس تہ هڪ همراهہ پڇيس ٿو:

"جاڳڻ! ڪو ناهہ ٿيو ڪي نہ؟"

جاڳڻ: "ڇا جو ناهہ؟ ڀنيءَ کَسي وَرتئين." (ايئن چئي، سموري حقيقت ٻڌائي ٿو).

ٻيو همراهہ: "يرَ ڏسو تہ صحيح، هيڏي راڄ هوندي سمورا وات ۾ مُڱ وجهيو ويٺا آهن. جاڳڻ اهو ناحق توسان نہ آهي، سچ پڇ تہ اسان مڙني سان آهي. اسان جي غيرت الائي ڪٿي پيئي نگهوسار ٿئي؟ (اهي لفظ ٻڌندي، سيني ويٺل همراهن کان جڻ چرڪ نڪري وڃي ٿو.)

سمورا همراهہ: (گڏجي، هڪ آواز سان): "ادا، جيڪا ياٺرن جي مرضي، اسان جو سر بہ جاڳڻ تان قربان آهي. گڏجي جيڪا بہ صلاح ڪريو، حاظر آهيون."

ڦهريون همراهہ: "صلاح وري ڪهڙي؟ هُو بيٺو ٻيلنگهہ پٽائي! اجان بہ صلاحون ڪبيون؟ اُٿو! اڄ ڪمدار سان فيصلو ڪبو يا گهرن ڏانهن واپس موٽي نہ اچبو." ائين چئي، ٽپ ڏيئي جاڳڻ جي ڀنيءَ ڏانهن روانا ٿيا.

ڪمدار رڍ جيڏي وڏي پٽڪي سان ٻيلنگهہ پٽائڻ ۾ مشغول آهي. جاڳڻ جي همراهن مان هڪڙي همراهہ پري کان هڪل ڪئي:

"متان هٿ لاتو اٿئي، پڇي پري ٿي!" ۽ پوءِ سيني گڏجي لُوه ڪئي. پرسان اچي منجهائن هڪڙي همراهہ ڪمدار کي ٻي هڪل ڪئي:

"غريب سان ناحق پيو ڪرين! پڇي وڃ هتان تہ آنڊا نہ ڪڍي وجهون ٿي."

(ڪمدار هڪل ٻڌندي ۽ جاڳڻ جي ساٿين جي نگاهن ۾ رت ۽ باهہ جا اُلا ڏسندي، ڪکو وکو ٿي ويو. ٻيلنگهہ پٽيندڙ بہ همراهہ هٿ ڪڍي، پريرو ٿي بيهي رهيا.) اوڏي مهل هڪڙي ٻئي جٽي، ڪمدار جي همراهن کي ملامت ڪندي چيو:

"ادا، اوهان کي بہ پنهنجي هِيٺي ياءَ جي لڄ نہ آئي؟ چڱو هاڻي ڪمدار سان گڏ اوهان کي بہ ڏکهو رَسو آهي، جيڪا گهل چاڙهٽي هجيو هينئر ئي وڃي چاڙهيو!"

**مشق:**

1. هن ناٽڪ ۾ ڪھڙيون شيون گھرجن؟
2. صحت ڇا جيڪري مٽي کي هٿ ڏيو زمين کوٽيندي ٿي رهي؟
3. جاڳڻ کان خبرون ٻڌندي، ڇا ڪيائن؟
4. آسمان ڏانهن نهاري ۽ پڙ پڙ ڪندي، ڇا چيو هونداڻين؟
5. اسان سان هر هڪ پنهنجو پنهنجو خيال ٻڌائي!

هيٺيان جملا ڪنهن جا چيل آهن:

الف: اسان جي غيرت نہ جاڻ ڪٿي پيئي نگهوسار ٿئي؟
ب: اٿو! اڄ ڪمدار سان فيصلو ڪبو!
ج: پڇي وڃ هتان تہ آنڊا نہ ڪڍي وجهونئين!
د: "ادا، اوهان کي بہ پنهنجي هيٺي ياءَ جي لڄ نہ آئي؟"

## استاد___

ويس ڏاري: ماستر، سڄڻ (شاگرد)، بهادر ۽ سياڳي (سڄڻ جو پيءُ ماءُ)، ٻه ننڍڙا ٻار.

جاءِ:_______ سڄڻ جو گهر.

(سڄڻ ڪيترن ڏينهن کان اسڪول ڪو نه ٿو وڃي. هڪ ڏينهن ماستر، سڄڻ کي وٺڻ لاءِ سندس گهر وڃي ٿو.)

ماستر: "سڄڻ! او سڄڻ!" (گهر جي لوڙهي کان ويهه پنجويهه قدم پريرو بيهي، سڏ ڪري ٿو.)

سياڳي: "ادا ڪهڙو آهين؟" (مٽي تي رکيل ٻار جي چولي سان، گهر جي ڪڙهه وٽ اچي، سامهون اچڻ ڪپڙن سان هڪ ماٺهو تي نگاهه پوندي، هڪدم پوئتي هٽي، مڙس کي اچي ٻڌائي ٿي. بهادر لٺ جي ٽيڪ سان رڙهندو، ڪنگهندو ٻاهر اچي ٿو.)

بهادر: (ادب سان هٿ ڏيئي) "ماستر صاحب اوهان وڏي تڪليف ڪئي آهي. معاف ڪجو! منهنجا هيءَ حال آهن، لاچار سڄڻ کي روڪيو اٿم."

ماستر: "ڇوڪرو ڪيترن ڏينهن کان اسڪول ڪو نه ٿو اچي. ڏهين پندرهين ڏينهن امتحان ٿيڻو آهي. اڄ انهيءَ ڪري پنڌ پيو آهيان ته ڇوڪري جو سال اجايو ويندو. هينئر ئي سڏي وٺينس ته وٺيو وڃانس."

بهادر: "ڇڱو ڇوڪري کي ته پڇي ٿا پئون، پر اوهان جو هيتري تڪليف ڪئي آهي، گهڙيءَ ساعت ويهي ڪا لَسيءَ لَپ ته پيئو" (ايئن چئي، ماستر کي ٻانهن کان جهلي ٿو).

ماستر: "ٻاءَ، تنهنجي مهرباني! حجاب ڪونهي. اسڪول ۾ ڇوڪرا واندا ويٺا هوندا. انهن جو خيال ڪرڻو آهي. پنهنجا ٻچا آهن___ غريبن جا، چئن اکرن وارا ٿي پيا ته منهنجي، تنهنجي، اسان سيني غريب پورهيتن جي ڀلائي آهي." (بهادر کان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر بهادر حجت ڪري، ماستر کي ٻانهن کان ڇڪي گهر وٺي اچي ٿو. گهر

جي آڳر ۾ چنل کتولو ۽ هڪ گابي ڪلي سان ٻڌي بيٺي آهي. ڪنڌائين ڇپر واري گهر ۾ ٽي کٽولا، جن مان هڪ تي پنج ست رليون ۽ هڪ اڌ سوڙ پيل کٽولي جي هيٺان ڪاٺ جي ننڍي پيتي، ٻه ـ ٽي ٺڪر جا پيلهڙا ۽ ٿانون جو ننڍو ڪارو رکيل آهي. هڪ کٽولي تي ٻه ٻار تپ ۾ ورتل ۽ مٿانئن هڪ اڌوراٽي ميري رلي پيل آهي. ٽئين کٽولي تي چنل رلي ۽ گپ جهڙو وهاڻو رکيل آهي. ماستر کي گهر ڏانهن ايندي ڏسي، سياڻي، ماستر کي "ادا، يلي ڪري آئين!" چئي، ڪيڪاري ٿي).

ماستر: (ٻارن تي نگاهه پوندي) "ڪيترن ڏينهن کان بيمار آهن؟"

بهادر: "انهن جو ٻه انن ڏهن ڏينهن کان اهو حال آهي."

ماستر: "دوا ڪو نه ٿو ڪرائين؟"

بهادر: "ماستر صاحب، ڪهڙو حال ڪجي!"

ماستر: "ادا، مان ٻه هڪ هاريءَ جو پٽ آهيان. پاڻ جو هڪبئي کان ڪهڙو پيٽ ڳجهو آهي. آٽيون ۽ چاڙهيون. ٻارهوئي ورءُ لاءِ چادر ڪلهي تي ۽ وڏيري جي در تي."

بهادر: "ته پوءِ باقي ڇا ٻڌايان. ٽن مهينن کان ڦٽين جي هڪ پائي ٻه نه ملي آهي. جڏهن وڃ اهوئي جواب، ته 'اڄ نه، سياڻي، ڪارخاني وارن اڃا اگهه ئي نه پاڙيو آهي'."

ماستر: "سينيءَ سان اهوئي ويل آهي. پهرين ته پورو حق نه ملي، وري جيڪي ملي سو ٻه مهل تي ڪم نه اچي. پر ياءَ، اهو اسان جو ڏوهه آهي. پنهنجي ٻڌيءَ هُجي ته ڇا وس آهي وڏيري يا زميندار جو! اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ هرهنڌ پورهيت (هاري ۽ مزدور) طبقي، صدين جا پراڻا حساب ___ مُورَ سان گڏ وياج سميت وٺڻ شروع ڪيا آهن. اسان جي اِنهيءَ مان ڪا اڪ ڪُلي، سا ته ماڳ، مورڳو اسان جا هٿ اڃا ته پنهنجن ئي ڄُنڊن ۾ آهن."

بهادر: "سچ ٿا چئو ماستر صاحب! اسان پورهيتن ۾ الائي ڪڏهن سجاڳي ايندي؟" (اوڏي مهل سياڻي، مانيءَ تي مکڻ ذرو ۽ لَسيءَ جو وٽو کڻي آئي. ماستر ٻه چار گرنهن کائي، لَسي پيءُ اُٿڻ تي هو ته، سامهون ڪڙهه وٽان سڄڻ مٽي تي گاهه جي موڙيءَ سان اچي نڪتو. گابي کي گاهه جي مٺ وجهي، استاد کي وڏي ادب سان ملي ٿو).

ماستر: "سڄڻ، بابا! هاڻي هڪ ڏينهن ٻه نه گُسائيندين. رڳو ڏهاڙي ٻه

ڪلاڪ بہ اسڪول ۾ آئين تہ سال نہ ويندو.“

سچڻ: ”سائين آئون تہ بابا کي ڏاڙي اھوئي عرض ڪندو آھيان. ھاڻي جيئن اوھان حڪم ڪريو.“

بھادر (ماستر کي): ”بس، ھاڻي اوھان کي تڪليف نہ ڏبي. سڀاڻي سچڻ اسڪول ۾ ڏسندئو. يقين ڪريو.“

ماستر: ”اسان استاد پاڻ غريب پورھيتن جو اولاد! پنھنجن ٻچن کي پڙھائڻ ۾ تڪليف سمجھون، يا ڪنھن تي پنھنجي مھرباني سمجھون، تہ پوءِ استادن جي انھي ڪان وڏيڪ ٻي ڪھڙي بدنصيبي چئبي؟ مزورن ۽ ھارين جي اولاد کي پڙھائڻ، اسان جي پنھنجو پاڻ سان ڀلائي آھي. اھا حقيقت بہ اسان استادن نہ ڄاتي تہ، پوءِ اسان جي استادي ڇا جي؟ ۽ اسان جو علم ڪھڙي ڪم جو؟“ (ايئن چئي، ماستر موڪلائي، روانو ٿئي ٿو.)

<u>مشق:</u>

ھن ناٽڪ ڪرڻ لاءِ جيڪي شيون گھرجن، انھن جي لسٽ ناھيو!

گھربل سامان مان ڪھڙيون ڪھڙيون شيون اوھان آڻي ڪري ڏيندو؟

ھيٺيان جملا ڪنھن جا ڪنھن جا چيل آھن. اوھان پاڻ چئي ٻڌايو:

الف: چادر ڪلھي تي ۽ وڏيري جي در تي.

ب: اسان پورھيتن ۾ الائي ڪڏھن سجاڳي ايندي.

ج: صدين جا پراڻا حساب ____ مُور سان گڏ وياج سميت وٺڻ شروع ڪيا آھن.

د: اسان جا ھٿ تہ اڃا پنھنجن ئي ڄُنڊن ۾ آھن.

ھہ: تہ پوءِ اسان جي استادي ڇا جي؟ ۽ اسان جو علم ڪھڙي ڪم جو؟

**ابن** حيات، ساڳئي وقت تي وقت جو ابو حيات بہ آهي. سندس ڇهري جي سنجيدگيءَ سنڌ جي صدين جي سچ جو نچوڙ لڳندي آهي. هن يار پنهنجي سڄي موڙي ديس تي داءُ ۾ لڳائي آهي.

**رشيد ڀٽي**

**محترم** ابن حيات پنهور 'سنڌي ادبي سنگت' جي ان وقت وارن شروعاتي شخصن مان آهي، جڏهن 1947ع واري ورهاڱي جي وراڪي ۾ اچي ڪراچي جي سنگت منتشر ٿي چڪي هئي ۽ حيدرآباد جي سنگت، 1950ع ۾ ، اچا "سنڌي ادبي انجمن" جي نالي سان ڪم ڪري رهي هئي. اتي جون سموريون سرگرميون انهيءَ اڻ ورچ انسان جي مسلسل محنتن جو نتيجو آهن. جيڪو اڪيلي سر پٿر ڪي پاڻي بڻائي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حفاظت لاءِ نوجوانن جو مرڪز بڻجي ويو.

**شمشير الحيدري**

**سِنڌ** ۾ اسان ٻہ سنت هئاسون: آءٌ ۽ ابن حيات. جن اجتماعي معاملي ۾ ڪوبہ گناهہ ڪابہ غداري نہ ڪئي.

**ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي**

**ٿَتي** ۾ هن موچيءَ کي بہ اشتراڪيت سيکاري۔ ماڪيءَ کان بہ مٺڙو ماڻهو ڳالهائي تہ سارو علم اوتي ڇڏي.

**علي بابا**

**نئون نياپو**

kaptan abro

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔